الفُيُوضَاتُ المُصطَفَوِيَّةُ
شَرحُ
الشَّمَائِلِ المُحَمَّدِيَّةِ

تأليف

شيخ التفسير و الحديث

حضرت علامہ الحاج مفتي محمد ادريس

الداهري النقشبندي الطاهري و القادري

جلد پهريون

ناشر

ادارۂ خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهنيان ضلع شهيد بينظير آباد سنڌ

اَلْفُيُوْضَاتُ الْمُصْطَفَوِيَّةُ
شَرْحُ
الشَّمَائِلِ الْمُحَمَّدِيَةِ

تاليف

شيخ التفسير و الحديث

حضرت علامہ الحاج مفتي محمد ادريس

الداهري النقشبندي الطاهري و القادري

جلد پهريون

الناشر

ادارة خدمة القرآن و السنة شاهپور جهانيان

المدرسة الجامعة المحمديه الواقعة شاهپور جهانيان

ضلع شهيد بينظير آباد (نوابشاه) سنڌ

ڪتاب جو نالو....................	الفيوضاتُ المصطفوية شرح الشمائل المحمدية AL-FUYOOZATIL MUSTAFWIYAH SHARH SHAMAIL MUHAMMADIYAH
شارح....................	خادم العلوم الشرعية حضرت علامہ مفتي محمد ادريس ڏاهري مدظله
جلد....................	پهريون
ڪمپوزنگ....................	علي حسن ايم. مغيري
باهتمام....................	صاحبزاده قاري حافظ اسد الله ڏاهري مدظله العالي
ڇاپو....................	پهريون
تعداد....................	1000
قيمت مڪمل سيٽ....................	1500 رُپيا
ڇپائي جو سال....................	2012
ڇاپيندڙ....................	عريبہ پبليڪيشن، ڪراچي. 0300 2152634
ناشر....................	اداره، خدمة القرآن والسنة، شاهپور جهانيان

Phone No. 0244314244
E-mail :info@bulbulemadina.com
URL:http://www.bulbulemadina.com

انتساب

آءُ پنهنجي ڪتاب "الفيوضاتِ المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" کي محسنِ انسانيت، فخرِ موجودات ﷺ ڏانهن منسوب ڪيان ٿو جن جي اخلاقِ ڪامل ۽ اوصافِ جميل جو تذڪرو اهلِ ايمان جي روح جي تازگي ۽ دل جو سُرور آهي

سند الحدیث

رقم الاجراء ٢٥-٤-٩   رقم السلسلة ٩٧

رکن الاسلام الجامعة المجددیه
حیدرآباد باکستان

الشهادة العالیه لمن اکتمل العلوم الدراسیة

بسم الله الرحمن الرحیم

الحمد لله الذی خلق آدم من طین و فضله بالعلم ففاق الملائکة المقربین والصلواة والسلام علی من اوتی علوم الاولین والآخرین وعلی آله و اصحابه و اولیاء امة الذین قاموا بنصرة الدین لاسیما علی سراج الحق والیقین خواجه محمد رکن الدین النقشبندی المجددی القادری الجشتی صاحب الولایة القاهره و منبع الفیوض الباطنه و الظاهره الذی ینتمی الیه مدرسة رکن الاسلام الجامعة المجددیه وهی معهد فذ لعلوم شتی من العلم التفسیر والحدیث والفقه والادب یلتحق به التلامیذ من کافة انحاء البلاد.

امابعد فان اخانا فی الدین مولوی محمد ادریس ابن حاجی محبوب ملک المتوطن ... التحق به و اشتغل بتعلم العلوم الدینیة فلما فرغ عن دراسته شرفناه بالشهادة العالیة بمشهد العلماء العظام وکرمناه بالعمامة بایدی الفضلاء الکرام فعلیه شکر هذه النعمة کما قال الله تعالی و اما بنعمة ربك فحدث و نوصیه بتقوی الله فی السر و العلانیه و ان یتواصل بنشر العلوم الدینیه و یتمسك باهداب الدین و ان یتخلق باخلاق العلماء الربانیین و بتزیاء بزیهم و ان لاینسانا فی خلواته و جلواته و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العلمین و العاقبة للمتقین.

وستاتی اسماء الکتب التی قرأها علینا

مشکوٰة شریف، مسلم شریف، ترمذی شریف، ابوداؤد شریف
ابن ماجه شریف، نسائی شریف

حرر فی ... من الهجریه الموافق ... من المیلادیه

امضاء   امضاء

رئیس الجامعه [signature] ٨-٤-٧٥

امین الجامعه

عمید الجامعه

من شهد من العلماء البارزین

[handwritten signatures]

8-4-75

فهرست مضامين

پنهنجي پاران

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوۡلَانَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الۡكَرِيۡمِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحۡبِهِ الَّذِيۡنَ فَازُوۡا مِنۡهُ بِحَظٍّ جَسِيۡمٍ اَمَّا بَعۡدُ!

قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض آهي تہ: دنيا جا بادشاهہ پنهنجي رعيت کان صرف ميرائڻ جا طلبگار هوندا آهن. محبت جا نہ هوندا آهن. پر بادشاهن جي بادشاهہ رب العزت جل جلاله جو شان ائين ناهي اهو پنهنجي ٻانهن کان اطاعت سان گڏ ٻنهنجي ۽ پنهنجي محبوب عليه الصلوٰة والسلام جي محبت جو بہ فرمان ڪندڙ آهي ۽ اها محبت بہ ايتري گهڻي جنهن جي اڳيان والدين، اولاد، عزيزن ۽ قريبن، دنيا، دولت، مڪانن، محلاتن سيني جي محبت ڪجهہ بہ حيثيت نہ رکي جيئن هن شعر مان واضح آهي.

محمد (عليه الصلوٰة والسلام) ہے متاع عالم و ایجاد سے پیارا
پدر، مادر، برادر، جان اور اولاد سے پیارا

سورة توبه جي آيت 24 "قُلۡ اِنۡ كَانَ اٰبَآؤُكُمۡ وَاَبۡنَآؤُكُمۡ وَاِخۡوَانُكُمۡ وَاَزۡوَاجُكُمۡ وَعَشِيۡرَتُكُمۡ وَاَمۡوَالُ اقۡتَرَفۡتُمُوۡهَا وَتِجَارَةٌ تَخۡشَوۡنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرۡضَوۡنَهَاۤ اَحَبَّ اِلَيۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَجِهَادٍ فِيۡ سَبِيۡلِهٖ فَتَرَبَّصُوۡا حَتّٰى يَاۡتِيَ اللّٰهُ بِاَمۡرِهٖ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ" ان فيصلي جي فرضيت ثابت ڪري رهي آهي ۽ محبت ۾ ڪمال تڏهن ثابت ٿيندو جڏهن پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهي الله جل جلاله جي بندگي ۽ ان جي سچي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم جي دل سان غلامي اختيار ڪئي ويندي اغيار جو ڳوجهہ نہ رهي. دل ۾ صرف دلدار هجي جيئن ظهوري نالي شاعر فارسي شعر ۾ چيو آهي:

شد است سینہ ظہوری پراز محبت یار
برائے کینہء اغیار در دلم جا نیست

يعني اي ظهوري! منهنجو سينو يار جي محبت سان اهڙو ڀريل آهي، جو ٻين جي دشمنيءَ جي ان ۾ ڪا بہ جاءِ ناهي. ٻئي شاعر فارسي شعر ۾ ان حقيقت جو هن طرح اظهار ڪيو آهي.

بے حجابانہ در اندر کاشانہ ما
کہ کسے نیست بجز درد تو درخانہ ما

يعني اسان جي ڪاشانہ ۾ حجاب کان سواءِ هليو آ جو تنهنجي درد کان سواءِ اسان جي گهر ۾ ڪير بہ ناهي. جيستائين محبت ۾ ڪمال پيدا نہ ٿو ٿئي تيستائين حقيقي زندگي حاصل نہ ٿي ٿئي. ان جي ڪري چيو ويو تہ "جنهن کي محبت ناهي ان جو ايمان ڪامل ناهي." نقشبندي سلسلي جي ڪامل ۽ مشهور ولي حضرت خواجہ مظهر جان جانان رحمة الله عليه جي والد محترم خواجہ مرزا جان عليه الرحمة والغفران جو فرمانِ عاليشان آهي تہ: "جنهن جي دل عشق جي سوز سان جڙيل ناهي تہ ان جي طبيعت

واري زمين انهيءَ محبت جي ٻج لاءِ صلاحيت نہ ٿي رکي. رب العزت جل جلاله جي رضا ۽ ان جي محبوب ﷺ جي نظرِ عنايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون بہ مالڪ مٺي ڪان سندس حبيب ﷺ جي وسيلي سان دعا گهري تہ : "الشمائل المحمدية" جو سنڌي زبان ۾ شرح لکان جيڪو خميس جي ڏينهن 2009ع تي شروع ڪري ۽ ان جو نالو" الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" رکيو اٿم.

فلله الحمد وله الشكر الوافى والصّلٰوة والسّلام علىٰ حبيبهِ الكريم الذى فيضه الشافى وللامة الجارى والسارى والكافى

وانا الفقير الى رحمة الله المغيث **محمد ادريس الداهرى**
السنّى مسلكا الحنفى مذهبا النقشبندى القادرى
الغفارى البخشى مشربا

تقريظ

ولي ابن ولي عالم ابن عالم ڪامل ابن ڪامل سيدي
حضرت مرشدي قبلہ محمد طاهر المعروف بہ سچڻ سائين دامت برڪاتهم

پسوءِ پروڙيو

نحمدهٗ و نصلي علىٰ رسوله الكريم امابعد!

اڄڪلهه ديني ڪتابن پڙهڻ جو شوق بنهه گهٽجي ويو آهي، چند فيصد خوش قسمت ماڻهو آهن جيڪي ديني ڪتابن پڙهڻ جو ذوق رکن ٿا، تن ۾ بہ اڪثريت انهن جي آهي، جيڪي روزاني اخبار جيان سرسري نموني ڪتاب پڙهي پنهنجي ديني مطالعي ۽ معلومات ۾ اضافي کي ڪافي سمجهن ٿا. حالانڪ ديني ڪتاب پڙهڻ مان اصل مقصد ڪي سمجهي ان کي عملي زندگي جو حصو بنائڻ گهرجي. خاص ڪري پيش نظر ڪتاب "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" تہ آهي ئي عمل ڪرڻ جو ڪتاب. مذڪور ڪتاب ۾ علامہ مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري زيد عمره وعلمہ محدث ترمذي جي لکيل عربي ڪتاب، الشمائل حضور نبي ڪريم ﷺ جي اسوءِ حسنه ھ کي سهڻي طرح سنڌي ٻولي جو ويس پهرائي بيان ڪيو آهي. شال الله ﷻ سندس تحريري توڙي تقريري خدمتون قبول ڪرڻ فرمائي ۽ کيس صحتِ ڪاملہ سان نوازيندي سندس اولاد کي بہ اهو شوق ۽ ديني خدمت جو جذبو عطا ڪري. آمين! قارئين ڪرام کي گذارش آهي تہ هن ڪتاب کي غور سان پڙهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اٿڻ، ويهڻ، ڏيڻ وٺڻ، پائڻ کائڻ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي حياتِ طيبہ جي سمورن معمولات مبارڪ مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪن، اهوئي اسان اهل اسلام لاءِ دين ۽ دنيا جو سرمايو آهي.

وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى حَبِيْبِهٖ سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ○

محمد طاهر بخشي

12 جمادي الاول 1432 ھ

تقريظ

از : پيرِ روشن ضمير حضرت علامہ و مولانا پير محمد كرم الله زيد مجدهم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى اَشْرَفِ الْمُرْسَلِيْنَ وَسَيِّدِ الْخَلْقِ اَجْمَعِيْنَ مُحَمَّدٍ رَّسُوْلِ اللّٰهِ الْهَادِي الْاَمِيْنِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَتَابِعِيْهِمْ بِاِحْسَانٍ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ اَمَّا بَعْدُ!

علامة الدهر، وحيد العصر، حضرت علامہ محمد ادريس ڏاهري مدظلہ العالي جو شمار عصر حاضر جي صفِ اول جي مصنفن ۾ ٿئي ٿو. جن سنڌ جي ٻهراڙي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ (مقيم ڏاهري) ۾ ويهي گهڻا علمي، فڪري ۽ اصلاحي ڪتاب لکيا آهن. سندن سڀ کان وڏو ڪارنامو قرآن ڪريم جو مڪمل تفسير لکڻ آهي ۽ ان کان پوءِ سندن وڏي علمي خدمت هي تازو ڪتاب "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" آهي. جيڪو مٺي محمد ڪريم صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي حسن و جمال حسين صورت ۽ بيمثال سيرت تي مشتمل هڪ شهره آفاق ڪتاب "شمائل ترمذي" جو علمي، فڪري، عشقي ۽ روحاني تشريحي ڪتاب آهي. فقير کي هن ڪتاب جي بالاستيعاب پڙهڻ جي سعادت تہ نصيب نہ ٿي سگهي آهي مگر طائرانہ نظر سان جي بہ سِڪ پريون سٽون پڙهيم تن جي سٽاءُ ۽ سُياءُ مان موصوف جي علمِ تفسير سان گڏ حديث شريف ۾ بہ علمي ۽ تحقيقي گهرائي نظر آئي. ڪتاب جي آغاز ۾ پاڻ امام ترمذي رحمة الله عليه جي زندگي مبارڪ جو مختصر مگر جامع جائزو ورتو اٿن. فنِ حديث ۾ سندن مقام بابت اعيان ۽ اعلام جا اقوال آندا اٿن. جيڪي قاري کي ان محدث سان قلبي لڳاءُ پيدا ڪن ٿا ۽ ان جي عزت ۽ عظمت کي دلين ۾ اجاگر ڪن ٿا ان کان پوءِ پاڻ اصل ڪتاب جي اهميت افاديت ۽ ان موضوع جي ٻين ڪتابن ۾ هن ڪتاب جي انفراديت بابت تمام علمي بحث ڪيو اٿن. ان ڪتاب جا ڪهڙين ٻولين ۾ ڪهڙن نالن سان شرح شايع ٿيا آهن تن کي نشانبر ۽ نروار ڪيو اٿن جنهن جي پڙهڻ سان ان ڪتاب جي اهميت دلين ۾ راسخ ٿئي ٿي ان ڪتاب ۽ ڪتاب لکڻ واري سان الفت ۽ ڪتاب پڙهڻ جي چاهت من ۾ پيدا ٿئي ٿي. ان کان پوءِ پاڻ هڪ مڪمل بحث "حجيتِ حديث" بابت آندو اٿن. جنهن ۾ "احاديثِ نبويہ" على قائلها الصلواة والسلام جي منڪرن جي چڱي طرح لاک لاٿي اٿن. معاندين ۽ منڪرين ۽ معترضين جي اڏنگن اعتراضن واري شيشي کي تحقيق واري قلم سان چڪنا چور ڪري ڇڏيو اٿن. بلڪ سندن زوردار قلم جي چوٽ سان انهن منڪرن جا واهي تباهي اعتراض هباءً منثور بنجي اُڏي وڃن ٿا. پوءِ پاڻ تدوين حديث جي موضوع تي هڪ مختصر مگر معلوماتي ۽ دلائل سان ڀرپور بحث آندو اٿن. عهد رسالت مآب صلى الله عليه وسلم ۾ جيڪي صحابہ ڪرام حديثن جا مجموعا جمع ڪيا هئا انهن بابت تمام ناياب معلومات فراهم فرمائي اٿن. مثلا : صحيفهء ابنِ عباس رضي الله عنهما بابت لکن ٿا تہ : طبقات ابنِ سعد ۾ ڪريب بن ابي مسلم کان روايت

آهي تہ حضرت ابنِ عباس جي لکيل ڪتابن مان اڻ جي ڪٽڻ جيترو ذخيرو مليو هو. ان کان پوءِ پاڻ ڪتب احاديث جي اقسام بابت مفصل مدلل ۽ بهترين مواد جمع ڪيو اٿن جيڪو خواص سان گڏ عوام لاءِ بہ مفيد ثابت ٿيندو. مدرسن جي طالب علمن ۽ حديث جي شائقن لاءِ هي معلومات ڪافي ۽ شافي آهي. فقير جي راءِ آهي تہ اگر ان مقدمہ کي هڪ جدا رسالي جي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي تہ تمام بهترين ٿيندو. پوءِ ڪتاب مبارڪ جي متن مان اصل حديث آڻڻ بعد ان جو بامحاوره سنڌي ترجمو ان جي سمجهاڻي حديث مان حاصل ٿيندڙ مسائل ۽ حديث جي راوين جو تعارف ان تي علماءِ جرح و تعديل جا رايا ۽ اقوال آڻي حديث پاڪ جي مڪمل سمجهاڻي ڏني اٿن. ان سان گڏ مفردات جو بہ بامحاوره شرح آندو اٿن. ان جي ڪري هي ڪتاب علماءِ ڪرام ۽ حديث جي طالبن لاءِ ۽ عوام لاءِ يڪسان مفيد آهي. هن ڪتاب مان هر مسلڪ ۽ هر مڪتبہءِ فڪر وارو استفادو ڪري سگهي ٿو. آءُ چوان ٿو تہ هي ڪتاب هر عاشقِ رسول جي گهر ۾ هجڻ ضروري آهي. هن جي پڙهڻ سان حبيب ڪريم ﷺ جي حسنِ بي مثال جو جلوو سامهون اچي وڃي ٿو. ذوق ۽ وجدان چوي ٿو تہ جيڪو بہ هن ڪتاب کي عشق ۽ محبت سان پڙهندو اميد آهي تہ ان کي ضرور حبيبن ڪريمن ﷺ جو ديدار نصيب ٿيندو. (باذن الله تعاليٰ) هن عظيم ڪارنامي تي آءُ کين هڪ نہ لک بار مبارڪ پيش ڪيان ٿو سندن هي خدمت صدين تائين ياد رکي ويندي. ساري سنڌ کين هڪ سُريلي مقرر طور سڃاڻي ٿي پر سندن زندگي مبارڪ ۽ خدمات جا گهڻا اهڙا گوشا آهن جيڪي عوام کان تہ اوجهل رهيا آهن پر خواص مان بہ ڪي ڪي سندن صلاحيتن کي سمجهي سگهيا آهن. علم حديث تي سندن هي ڪتاب، سندن حديث جي فن ۾ مهارت جو چٽو ثبوت آهي. ويهہ سال اڳ ۾ لاڙ جي پاسي سندن تقرير ٻڌي تقريبًا هڪ سؤ گهر مسلمان ٿيا هئا. علمِ مناظره ۾ سندن قابليت جو پتو ان وقت پيو جڏهن هڪ اهم موضوع تي هڪ مولوي صاحب گاڏي ڪتابن جي پري ساڻن مناظري لاءِ آيو. پاڻ صرف هڪ ڪتاب هٿ ۾ کڻي مقامِ مناظره تي پهتا. جڏهن گفتگو شروع ٿي تہ پاڻ چند جملن ۾ فريقِ ثاني کي لاجواب ڪري ڇڏيائون ۽ هڪ پيري غيبي ديري چاندين سردارن جي ڳوٺ ڏانهن قاديانين بہ ساڻن مناظره ڪيو پر الحمدلله ﷻ هڪ ڪلاڪ بہ نہ هلي سگهيا ۽ پنهنجي غلط عقيده کان تائب ٿي مسلمان ٿيا هئا، سندن ديني، روحاني ۽ علمي خدمات جي پيشِ نظر آءُ کين **"مخدومِ اهل سنت"** جو لقب ڏيان ٿو ۽ عوام اهلسنت کي گذارش ڪيان ٿو تہ کين "مخدوم" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي. ۽ هي ڪتاب ذوق ۽ شوق سان خريد ڪري پڙهيو وڃي. دعا آهي تہ الله ڪريم هن رباني عالم کي صحت سان گڏوگڏ وڏي ڄمار عطا ڪري جيئن اسان جهڙا طالبِ علم سندن علم ۽ قلم مان فيض پرائيندا رهن.

اٰمِيۡن يَا رَبَّ الۡعٰلَمِيۡن

فقير ناچيز

ڪرم الله الاهي قادري نقشبندي

دربار عاليه فضل آباد شريف ماتلي

تقريظ

حضرت علامه و مولانا مفتي عبدالرحيم سڪندري مدظله العالي

(مهتمم مدرسه صبغة الهديٰ شاهه پور چاڪر)

بِسۡمِ اللهِ ، وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ رُسُلِ اللهِ امابعد!

سيني رستن مان پلو رستو رسول الله ﷺ جي سنت وارو رستو آهي. سيني کان پلا اخلاق، صاحبِ خُلقِ عظيم جا اخلاق آهن. جيڪي الله جل جلاله تائين پهچائڻ جو بهترين ذريعو آهن. الله جل جلاله سندن خوبين، وصفن ۽ سنت پاڪ ڏانهن رغبت ڏياريندي فرمايو آهي:

"لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِىۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنۡ كَانَ يَرۡجُوا اللّٰهَ وَالۡيَوۡمَ الۡاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيۡرًا" (سورة الاحزاب آيت 21)

بيشڪ توهان لاءِ رسول الله (ﷺ) جي زندگي ۾ سهڻو نمونو (موجود) آهي. هر ان شخص لاءِ جيڪو الله جل جلاله جي (رضاجوئي) ۽ قيامت جي (بهتري جي) اميد رکي ٿو ۽ ڪثرت سان، الله جو يادگيرو ڪري ٿو.

باري تعاليٰ، ان فرمان مبارڪ ۾ رسول الله ﷺ جي بلند رتبي واري سنت پاڪ تي هلڻ ۽ سندن سيرت پاڪ کي ڄاڻڻ جي رغبت ڏياري ٿو ان ڪري رباني عالمن سندن سيرت پاڪ تي بي انداز ڪتاب لکيا. ڪن مختصر ته ڪن طويل، ڪن مجمل ته ڪن مفصل دفتر لکي ڇڏيا. سيرت پاڪ جي بحر بي ڪنار جو هڪ حصو شمائل شريف آهي. جنهن تي گهڻن عالمن بهترين ڪتاب لکيا آهن. انهن مان ڪتاب "شمائل ترمذي"، ڪثير الفوائد، ڪثير النفع ۽ حجم جي لحاظ سان ننڍڙو مگر ڪثير العلم دفتر آهي. جنهن کي الله جل جلاله اهڙي مقبوليت عطا فرمائي، جو اڄ تائين ان جا ڪئين شرح لکجي چڪا آهن، ان جو اندازِ بيان منڙو ۽ ايمان کي وڌائيندڙ مئل دلين کي جيارينڌڙ آهي. جيئن غير آباد زمين کي نفع بخش برسات جيارينڌي آهي. ان ڪتاب ۾ ان ڪامل انسان جي عادات، اخلاق ۽ اوصاف جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو سيني انسانن کان تمام سهڻو اخلاق جي لحاظ سان سيني کان وڌيڪ ڪامل، ۽ حسين اهڙو جو يوسف عليه السلام جهڙي جڳ مشهور حَسين کي به ان جي حُسن مبارڪ مان خيرات ملي، پر کين سمورو حُسن عطا ٿيو. جنهن کي الله جل جلاله هيبت ۽ جلال جي پوشاڪ پهرائي مزيد حسين بنايو. کين ڏسڻ وارو ڏسي چوندو هو:

"لَمۡ اَرَ قَبۡلَهٗ وَلَا بَعۡدَهٗ مِثۡلَهٗ" (الانوار في شمائل النبي المختار ص 11)

يعني مون سندن جهڙو نه اڳ ڏٺو نه بعد ۾ ڏٺو.

بي مثل ذات: جنهن پنهنجي پوري حياتي ۾ ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو. نه ڪنهن سان ڌوڪو ڪيو. نه ڪنهن سان بخل ڪيو نه ڪڏهن مال ميڙي رکيو. ڪنهن به ڪائڻ سوال ڪيو ته ان کي هرگز مايوس نه فرمايائون. اهڙو محبوب، جيڪو ساري زندگي ڪنهن کان مخفي نه رهيو ۽ ڪنهن جي به

شڪايت يا غيبت نہ فرمايائين. پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن سان بہ نہ ڪاوڙيا، نہ وري ڪنهن کان ذاتي بدلو ورتائون. ڪڏهن بہ شراب کي هٿ نہ لاتائون، نہ حرام کي ويجهو ويا. پوري حياتيءَ واري عرصي ۾ ڪنهن سان بہ ظلم نہ ڪيائون، نہ ڪنهن ڪمزور تي تڪبر ڪيائون. اهڙو شفيق ، جنهن ساري زندگي ڪنهن ننڍي توڙي وڏي يا غلام يا ٻانهي کي نہ ايذائيو. سيني انسانن کان وڌيڪ متواضع، دنيا ۾ سيني کان وڌيڪ ، دولت ۽ مال گڏ ڪرڻ کان بي رغبت ، سيني کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ مهربان، جو سندن رحمت ۽ مهرباني مان پکي پکڻ، جيت، جانور، وڻ، پٿر مطلب تہ الله جل جلالہ جي سڀ مخلوق حصو وٺندي رهندي هئي.

سيني کان وڌيڪ سچار : پاڻ خوش طبعي بہ فرمائيندا هئا. مگر سچ ڳالهائيندا هئا. هڪ ڀيري وٽن هڪ ڪراڙي عورت اچي عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ ! مون لاءِ دعا فرمايو تہ الله جل جلالہ مون کي جنت ۾ داخل فرمائي. پاڻ ڪريمن ﷺ ڪراڙيءَ کي فرمايو: " اِنَّ الْجَنَّةَ لَايَدْخُلُهَا عَجُوْزٌ" (الانوار في شمائل النبي المختار ص 133) يعني جنت ۾ ڪراڙا نہ ويندا.

سندن پاڪ زبان مان اها ڳالهہ ٻڌي ڪراڙي روئي پيئي ۽ روئندي واپس وڃڻ لڳي. پاڻ ڪريمن ﷺ کيس سڏي فرمايو: "تون جنت ۾ جوان ٿي داخل ٿينديئن." اها ڳالهہ ٻڌي ڪراڙي خوش ٿي کلندي وئي.

سيني کان ڪامل :جيترا بہ نيڪ ڳڻ ۽ يلا اخلاق الله جل جلالہ وٽ پسنديده آهن، اهي سڀ سندن ذات ۾ علي الوجه الاتم موجود هئا ۽ کين سمورا ڪمالات عطا ڪيا ويا ۽ هر اهو برو اوڳڻ جيڪو انسانيت لاءِ بدنما داغ سمجهيو وڃي ٿو الله جل جلالہ کين ان کان مڪمل طرح پاڪ ۽ صاف رکيو. سندن اخلاق قرآن هيو. گويا پاڻ هلندڙ گهمندڙ قرآن جي تصوير هيا. سندن بعثت کان پهريان ماڻهو دين ۽ پنهنجي رب کان بي خبر هيا، تن کي صحيح راهہ ۽ پنهنجي رب جو ڏس پتو ڏنائون. بعثت کان اول ماڻهن جي اها حالت هئي جو هر قوي شخص، ضعيف تي ظلم ڪندي فخر محسوس ڪندو هو. پاڻ ان ڪُڌي رسم کي ختم فرمائي، عدل ۽ انصاف جي ميزان کي قائم فرمايائون. تمام ٿوري عرصي ۾ پوري دنيا اندر امن، سلامتي، عدل، نيڪي ۽ هڪٻئي سان همدردي جو لازوال نظام قائم فرمائي، قيامت تائين ان تي ڪاربند رهڻ جو درس ڏنائون ۽ عملي طرح ڪري بہ ڏيکاريائون. سندس شخصيت تاريخ جي فرسوده ورقن کي هڪدم بدلائي ڏيکاريو.

بي مثل هادي ۽ معلم: پوري انسانيت جيڪا راهہ کان ڀٽڪيل هئي، ان کي سعادت واري زندگي گذارڻ جو سبق ڏنائون. جيئن ماڻهو چاهن تہ الله جل جلالہ جو تقرب ڪيئن حاصل ڪجي؟ ۽ ڪهڙي طرح دنيا ۽ آخرت سنوارجي. پاڻ اچي حاڪمن کي تعليم ڏنائون، تہ حڪومت ڪيئن هلائجي، ماڻهن کي جنگ ڪرڻ جا آداب ۽ ضابطا سيکاريائون. مالدارن کي سيکاريائون تہ پنهنجي مالن کي ڪيئن ۽ ڪٿي خرچ ڪجي، ۽ مال ڪيئن ڪمائجي؟ فقيرن کي تعليم ڏنائون تہ قناعت ڪيئن ڪجي؟ ۽ الله جل جلالہ تي ڀروسو ڪري، غنا جو اظهار ڪيئن ڪجي؟ طاقتور ماڻهن کي ضعيفن اڳيان تواضع سان پيش اچڻ جو درس ڏنائون، ۽ ضعيفن کي سيکاريائون تہ الله جل جلالہ کي ئي پنهنجي مرادن ۽ حاجتن جو حاجت روا ڄاڻجي. پاڻ اچي سيکاريائون تہ وڏا ڄاڻن تہ ننڍن تي رحم ڪيئن ڪجي؟ ۽ ننڍا سکن تہ وڏن جي تعظيم ڪيئن ڪجي؟ مڙس ڄاڻي تہ پنهنجي اهل و عيال لاءِ خير خواهہ ڪيئن هجڻ

گهرجي ۽ عورت ڇاڻي، تہ مڙس جي گهر ۾ امانتن جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟ پاڻ اڇي والدين کي تعليم ڏنائون تہ اولاد جي تربيت ڪيئن ڪرڻ گهرجي ۽ اولاد کي سبق ڏنائون تہ والدين سان ڀلائي ۽ احسان ڪيئن ڪجي؟ حضرت نبي ڪريم ﷺ سيني سان محبت ۽ نيڪي ڪرڻ ۽ رحمت سيکارڻ آيا. جو جهان انهن ڳالهين جي ڄاڻ کان اڳ ۾ اڻ واقف هيو.

عظمت واري ذات : عظيم ذات، جنهن جي تائيد فرمائيندڙ الله جل جلاله آهي. باري تعاليٰ ان سان نصرت فرمائڻ جو وعدو ڪيو آهي ان ڪري بادشاهہ، وڏا جابر ۽ سرڪش، متڪبر ماڻهون بہ سندن آڏو سر جهڪائيندا هيا. سندن خدمت ۽ غلامي ۾ ملائڪ سڀ گورا پيش پيش هوندا هئا. ساري دنيا مٿن عاشق ۽ فدا هئي. سندن عظمت واري اها ذات جنهن کي الله جل جلاله اهو سڀ ڪجهہ عطا فرمايو جيڪو نہ اڳين کي مليو نہ آئنده ڪنهن کي ملڻو آهي. جبل بہ سندن تابع هيا. فرمايو اٿن.

"لَوْ اَشَاءُ لَصَارتْ مَعِيَ الْجِبَالُ ذَهَبًا" (شفا شريف)

(جيڪڏهن آءُ گهران تہ جبل بہ مون سان سون جا ٿي پون). مگر ان جي باوجود، تواضع، انڪساري جو هي عالم هيو. جو سندن وڇاڻو چم جو هوندو هيو. جنهن جي اندر کجيءَ جو ڪاٻر ڀريل هو. پاڻ شهنشاهي شان هوندي، ٻاروٽي ماني ۽ سادين ڪارڪن تي قناعت فرمائيندا هيا. سندن سادگي باوجود، پوري دنيا سندن تابع ٿي وئي ۽ دولت سندن قدمن مبارڪن ۾ اچي پيش پئي. دولت کي پاڻ غريبن ۽ محتاجن ۾ تقسيم ڪيائون ايتريقدر جو وڏا وڏا بادشاهہ سندن سخا ڏسي شرمندا ٿيندا هيا. اعرابي ماڻهو پنهنجي برادري وارن کي چوندا هيا. "اَسْلِمُوْا فَاِنَّ مُحَمَّدًا يُعْطِي عَطَاءَ رَجُلٍ مَا يَخَافُ فَاقَةً" (مسلم شريف)

يعني اسان جي قوم وارؤ! اچو! مسلمان ٿيو جو حضرت محمد ﷺ جنهن شخص کي بہ عطا فرمائي ٿو (ان کي ايترو تہ عطا ڪري ٿو) جو اهو بک کان نہ ٿو ڊڄي.

ان عظمت واري ذات، دنيا کي تہ سچائي ۽ سخا جو درس ڏنو پر پاڻ لاءِ دنيا مان ڪجهہ بہ گڏ نہ ڪيائون. سندن وصال مبارڪ وقت، سندن زره مبارڪ، ٽيهن ٽوين جون جي عيوض ۾ هڪ يهودي وٽ گروي رکيل هئي، جو ان کان پنهنجي اهل و عيال لاءِ جو ورتا هيائون.

سندن اوصاف جميلہ جي ذڪر مبارڪ کي لکندي، ڪاتبن ڪيئي دفتر لکي، پنهنجيون عمريون پوريون ڪري ڇڏيون، مگر ڪير بہ سندن واکاڻ جو حق ادا نہ ڪري سگهيو آهي. جيتري بہ سندن وصف بيان ڪئي وڃي، اها ائين سمجهڻ گهرجي جيئن بحر بي پايا مان هڪ قطرو ڪنيو ويو آهي.

سندن آمد مبارڪ جي بشارت حضرت سيدنا عيسيٰ عليہ السلام ۽ ٻين نبين سڀني عليهم الصلواة والسلام ڏني. پاڻ اهڙا نور آهن، جنهن ظلمتن کي روشن ڪيو الله جل جلاله جي طرفان سراپا رحمت ۽ امت لاءِ عظيم نعمت بڻجي آيا. طٰهٰ، يٰس، رؤف رحيم ۽ حبيب المحبوب آهن. سندن وجود مبارڪ نبين جو خاتم آهي جن جي پاڪ سيرت پوري انسانيت جي لاءِ بهترين نمونو آهي. سندن وصف ۽ واکاڻ بيان ڪرڻ، لکڻ، ٻڌڻ، ايمان وارن لاءِ عين سعادت آهي. ان ڪارِ خير کي ڪيترن ئي عالمن، پنهنجي وس آهر ڪتابن جي صورت ۾ لکي سعادتون حاصل ڪيون آهن. زير نظر ڪتاب بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جنهن جا مترجم ۽ شارح اسان جي سرزمين سنڌ جا ناميارا، محقق، مفسر، محدث، مصنف، خطيب، عالم باعمل ۽ شيخ طريقت، پير روشن ضمير، حضرت علامہ الحاج

محمد ادريس ڏاهري نقشبندي ادام الله فيضه جن ڪنهن تعارف جا محتاج نه آهن. انهن ڪتاب "شمائل ترمذي" جو هي ترجمو ۽ تشريح لکي، جنهن ۾ مفردات جي تشريح، بامحاوره ترجمو سمجهاڻيءَ سان گڏوگڏ هر هڪ حديث کي بين ڪتابن جي حوالن سان ثابت ڪري ۽ حجيت حديث تي انتهائي محققانه انداز ۾ مقدمه ه لکيو آهي جنهن مان سنڌن حديث جي علم ۾ بهترين ڄاڻ واضح ٿئي ٿي. پاڻ اسان اهل السنة والجماعة تي وڏو احسان فرمايو اٿن.

اميد ڪجي ٿي، ته هي ڪتاب سنڌي پڙهندڙ حضرات لاءِ انتهائي مفيد ثابت ٿيندو ۽ عاشقن جون دليون ٺاريندو ۽ اهي گهڻي مقدار ۾ خريد ڪري پڙهندا. دعا آهي ته شال رب ڪريم جل مجده اسان جي هن عالم باعمل، اکڙين جي ٺار، قلب جي قرار کي خضري حياتي عطا فرمائي ۽ سندن قلم ۾ اجان وڌيڪ طاقت رکي، جو هميشه عاشقن جون دليون ٺاريندا رهن، ۽ دين جي دشمنن کي ڳاريندا رهن.

اٰمِيۡن بِجَاهِ حَبِيۡبِهِ الۡكَرِيۡم ﷺ

الراقم الاثيم فقير عبدالرحيم سڪندري

مهتمم مدرسه صبغة الهديٰ شاهه پور چاڪر

9 جماديٰ الثاني 1432 هه بمطابق 13 مئي 2011

تقريظ

حضرت علامہ فاضلِ جليل، عالمِ نبيل، مفتي ابنِ مفتي

علامہ ابنِ علامہ قبله مفتي محمد جان نعيمي مدظله العالي

(امير مرڪزي جماعت اهلسنة والجماعة صوبہ سنڌ و مهتمم مدرسہ مجدديه نعيميه صاحبداد گوٺ ملير ڪراچي)

اَلْحَمْدُلِلّٰه حمد معترف له بالفضل والانعام و افضل الصّلوٰة واتم السّلام على المبعوث رحمة للانام سيّدنا محمّد وعلى اٰله وصحبه البررة الكرام وعلى التابعين وتابع التابعين لهم باحسان امابعد قال الله سبحانهٗ و تعالٰى "لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللهَ كَثِيْرًا". (الآية 21)

حافظ الحديث حضرت امام ترمذي رحمۃ اللہ علیہ جو ڪتاب "شمائل نبويہ" اهو جليل القدر ۽ شهره آفاق ڪتاب آهي. جنهن کي ڪنهن تعارف يا مدح و توصيف جي ضرورت ناهي، ان جي لاءِ تاثرات ۽ عقيدت جو اظهار خوش مذاقي جي مترادف چئبو.

مادح خورشيد مداح خود است

حضرت شيخ الاسلام شيخ عبدالرؤف مناوي رحمۃ اللہ علیہ (١٠٣١هـ) پنهنجي ڪتاب "شرح الشمائل" ۾ انهيءَ ڪتاب جي باري ۾ لکن ٿا. "ڪتاب وحيد فی بابه، فريد فی ترتيبه واستيعابه لم يات له احد مماثل ولا مشابه حتی عُدَّ ذالك الكتاب من المواهب" الخ

يعني اهو ڪتاب پنهنجي موضوع جي اعتبار سان منفرد آهي ۽ ترتيب و استيعاب جي اعتبار سان بي مثال آهي، (اڄ تائين) انجي برابري جو ڪنهن بہ ڪتاب پيش نہ ڪيو بلڪ اهو ڪتاب (الله جل جلاله جي طرفان) تحفو آهي. حضرت امام ترمذي رحمۃ اللہ علیہ انهيءَ ڪتاب کي (56) بابن تي مرتب ڪيو جنهن ۾ تقريبن 400 کان زياده حديثون مبارڪ جمع ڪيائين، جنهن ۾ پاڪ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جي صورتِ مبارڪ، سيرتِ طيبہ، اخلاق، عادات و عبادات، ڪردار و گفتار، رحمت، شفقت، سخاء، حياء، تواضع، خوفِ خدا وغيره شامل آهي. يقينن اهي ماڻهو خوش نصيب آهن جيڪي عرفانِ محمدي صلی اللہ علیہ وسلم جي ڪري سعادتِ ابدي حاصل ڪن، ليڪن عرفانِ محمدي صلی اللہ علیہ وسلم جو حصول انوارِ نبويه ھ جي مطالعہ ۽ مشاهده تي مبني آهي. جيئن تہ حضرت شيخ احمد عبد الجواد الدومي رحمۃ اللہ علیہ (١٣٨١هـ) پنهنجي ڪتاب "الاتحافات الربانية بشرح الشمائل المحمدية" جي مقدمہ ۾ لکن ٿا تہ: پاڪ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جي صفاتِ جليلہ جي معرفت سندن عرفان عظمت جو وسيلو آهي ۽ سندن عظمت تعظيمِ شريعت جو وسيلو آهي ۽ تعظيمِ شريعت عمل جو وسيلو آهي ۽ عمل سعادت ابدي جو وسيلو آهي. "شمائل ترمذي" تي گهڻن عالمن سڳورن شرحَ لکيا جيڪي عربي، فارسي، اردو، ترڪي، انگريزي زبان سان تعلق رکن ٿا پر سنڌي زبان ۾ اهڙو جامع شرح فقير جي نظر مان نہ گذريو. حضرت مخدوم دين و ملت عاشق رسول، پاسبان مسلڪ اهلسنت و جماعت، پيرِ طريقت حضرت علامہ الحاج محمد ادريس لازالت شمس فيوضه بازغہ جن هن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ شرح لکيو آهي ۽ مون کي سندن شرح تي چند ڪلمات لکڻ جو حڪم فرمايو اهو سندن ڪرم ۽ حسن اخلاق آهي جو فقير کي هن جي لائق سمجهيائون ورنہ انهيءَ

ڪامل ڪتاب تي ڪلمات لکڻ متبحر عالم ۽ عارف ڪامل جو ڪم آهي. حضرت موصوف حفظہ الله تعالیٰ هم جهت شخصيت آهي جنهن پنهنجي پوري زندگي امتِ مصطفيٰ ﷺ جي اصلاح و رشد و هدايت جي لاءِ وقف ڪئي آهي. جنهن جون دين اسلام ۽ مسلڪ حق اهل سنت و جماعت جي لاءِ گرانقدر خدمات آهن. گهڻن ڪتابن جا مصنف ﺑﻪ آهن هر ڪتاب لاجواب آهي ليڪن پاڻ موجود ڪتاب "شمائل محمدية" جو شرح سنڌي زبان ۾ "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" جي نالي سان لکي ڪري مسلمانن تي هڪ عظيم احسان فرمايائون. هن ڪتاب جي مطالعہ ۽ پڙهڻ سان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي تہ اهو حضرت شارح حفظ الله جي خون جگر، نالہ شب، آه سحرگاهي جو نتيجو آهي ۽ مون انهيءَ ڪتاب کي پنهنجي ناقص علم جي روشنيءَ ۾ تمام خوبين سان پريل ڏٺو مثلًا هي ڪتاب مڪمل طور تي سلف صالحين جي طرز تي لکيو ويو آهي جنهن جي ترتيب بہ تمام سهڻي نموني ڏني وئي آهي هر حديث جو ترجمو ۽ تشريح، بامحاوره ۽ آسان لکيو ويو آهي، مشڪل عربي لغات کي حل ڪيو ويو آهي. مختلف مستند عربي شروح جي روشني ۾ اهو شرح لکيو ويو آهي جيڪو صرف عالمانہ نہ بلڪ عارفانہ بہ آهي. تمام راوين جي باري ۾ مستند حالات بہ لکيا ويا آهن، هر باب جو خلاصو مقصد ۽ فوائد ڪثيره بيان ڪيا ويا آهن. شرح ۾ اهل سنت وجماعت جي عقائد تي پرپور روشني وڌي ويئي آهي. مختلف احاديث جي ضمن ۾ فقهي مسائل بہ بيان ڪيا ويا آهن. ڪتاب "الشمائل" جي مصنف امام ترمذي جي پوري سوانح عمري، حديث ۾ سندن مقام بيان ڪيو ويو آهي ۽ هن فتني جي دور ۾ حديث تي مختلف قسمن جا اعتراض جيڪي اڄ ٿائين اٿاريا ويا آهن ان کي سامهون رکندي حضرت علامہ صاحب انهن اعتراضن جا جامع جواب تحرير ڪيا آهن. وغيره وغيره.

آخر ۾ رب تعاليٰ مجده جي بارگاهہ ۾ دعا آهي تہ بطفيل سرورِ ڪائنات ﷺ سندن هن عظيم ڪاوش کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي ۽ شارح حفظ الله جي لاءِ صدقہ جاريہ بنائي ۽ ان ڪتاب جي نفع کي عام ڪري ۽ هن ڪتاب مستطاب کي سندس فلاح و نجات ۽ رفع درجات جو ذريعو بنائي ۽ حضرت علامہ صاحب کي دارين ۾ انجو صلہ جميلہ ۽ اجر جزيل عطا فرمائي ۽ حضرت صاحب جي علم ۽ ديني خدمت ۾ روز بروز اضافو فرمائي ۽ سندن سايو اهل سنت وجماعت تي تادير قائم دائم رکي.

آمين يا رب العٰلمين بحرمة سيّد المرسلين ﷺ

ڪتبه ابو عبيدالله محمد جان النعيمي عفي عنه

17 رجب المرجب 1332 ھ

تقريظ

استاذ العلماء، شيخ الحديث والتفسير، فاضل جليل،
عالمِ نبيل حضرت علامہ مولانا مفتي قبله
سيد فهيم احمد شاهہ راشدي دامت بركاتهم العاليه ه
(مدرس و صدر دار الافتاء مدرسه جيلانيه قادريه لاڙڪاڻو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ○ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ ○ اَمَّا بَعْدُ.

الحمدلله جَلَّ جَلَالُهٗ دنيا ۾ مشهور ۽ معروف ڪتاب "شمائل ترمذي" جنهن جي سهيڙڻ، تزيين و آرائش ۾ ان جي مصنف ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي طور تي ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي. انصاف جي تقاضا کي مدِ نظر رکندي هر روايت کي محتاط انداز ۾ پيش ڪرڻ جي سندن سعي قابلِ تحسين آهي. الله جَلَّ جَلَالُهٗ کين انهيءَ نهايت اهم ڪم کي احسن انداز ۾ پيش ڪرڻ تي اجرِ عظيم عطا فرمائي. (آمين) يقينن ان ڪان پوءِ "شمائل" تي لکيل شرحن ۾ مختلف شارح حضرات ڪي بہ جَسُ هجي جن حتي المقدور تحريري حق ادا ڪندي انصاف ۽ مروت ڪان ڪم ورتو. جنهن دور ۾ جن ڪتابن غير معمولي شهرت ماڻي انهن ۾ "شرح الاتحافات السنية شرح الشمائل المحمديه"، "المواهب اللدينه شرح الشمائل المحمدية"، "زهر الحمائل شرح الشمائل"، "اشرف الوسائل في شرح الشمائل"، "جمع الوسائل في شرح الشمائل" وغيره نمايان آهن

سنڌي زبان ۾ بہ ڪنهن وسان ڪين گهٽايو هوندو پر هن تاليفِ لاجواب "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" ڪان اڳ صرف بہ ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا آهن. هڪ "الشمائل النبوية" جيڪو برادرِ محترم ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب مرتب ڪيو ليڪن ان ۾ بہ روايتن جو صرف ترجمو پيش ڪيو ويو ڪٿي بريڪيٽ ۾ ڪن ڪن لفظن جو مفهوم ڏنو ويو. بيو "شمائل النبي" مولوي عبدالڪريم قريشي بيرواري صاحب لکيو جنهن ۾ ترجمي سان گڏوگڏ مختصر طور تي شرح بہ بيان ڪيو ويو هو. "شمائل" جيڪو طبيعت، ڪردار، مزاج، بيهڪ، گڻ، اوصاف، ڪيفيت ۽ انداز جو مجموعو آهي ان جو مرجع صرف ۽ صرف ادب هجڻ گهرجي ورنہ داد جي بجاءِ تنقيد کي منهن ڏيڻو پوندو. تنهن ڪري علم سان گڏوگڏ ادب کي ملحوظ رکيو وڃي تہ بهتر ٿيندو.

ڏٺو وڃي تہ هر دور ۾ هر فن جا ماهر موجود رهيا جن پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا آهن. پر اصولن جي عين موافق صرف اهو ئي فن محمود هوندو جنهن ۾ نقص ۽ بي ادبي نظر نہ اچي، جيڪڏهن فن ۾ نقص رهجي ويو ۽ سِڌي طرح يا اڻ سِڌيءَ طرح، ڄاڻائي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ بي ادبي رونما ٿي وئي تہ اهو فن مذموم چورائبو ۽ اهو مذمت ۽ عتاب جي ور چڙهي ويندو. تقرير، تحرير ۽

تدريس بہ يقينن هڪ فن آهي جنهن جي ابتدا تہ سولي آهي پر احسن طريقي سان سهل انداز ۾ سرانجام ڏيڻ يعني توڙ نڀائڻ ناممڪن نہ سهي ليڪن مشڪل ضرور آهي. مُعاشري ۾ اوهان کي گفتار جا گوهر گهڻا ئي ملندا پر ڪردار جا غازي تمام گهٽ نظر ايندا. دورِ حاظر ۾ مقرر تہ ڪافي آهن پر انهن مان اڪثر جو بيان تنازعي کان خالي ناهي رهيو. تڏهن ئي تہ تفرقو وڌندو اچي پيو. چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيستائين ڪنهن فن ۾ باقاعده مهارت نہ هجي تيستائين ان ۾ ڪرتب ڏيکارڻ يا داد وصول ڪرڻ لاءِ ان کي منظرِ عام تي آڻڻ کان سؤ سيڪڙو گريز ڪجي ڇوتہ آڳريون ڪجڻ کان پوءِ دفاع ڪرڻ ۾ بہ غلطيون سرزد ٿيڻ جو قوي انديشو هوندو آهي. ماڻهون اُبتيون سُبتيون تاويلون پيش ڪرڻ ۾ خاطي ٿي ويندو آهي. ڏنو وڃي تہ تقرير کان وڌيڪ تحرير تمام وڌيڪ اهم آهي ڇوتہ تحرير ۾ ارادتًا تحريري غلطي جيڪڏهن سرزد ٿي ؒوئي ۽ ان مان ڪفر عيان ٿي وڃي تہ ڪڏهن ڪڏهن ان جي تاويل انا جو مسئلو بڻجي ويندو آهي، تنهن ڪري هر وقت محتاط رهڻ جي اشد ضرورت آهي.

فتويٰ نويسي ۽ تدريسي عمل سان ڪافي سالن کان وابستہ رهندي مون کي پڙهڻ لاءِ ڪافي ڪتاب ميسر ٿين ٿا جن جو مطالعو ڪرڻ سان ڪجهہ تحرير تي ڪڏهن تہ دل رت جا ڳوڙها روئندي آهي، ان جي برعڪس ڪڏهن تہ ڪا سٺي تحرير ڏسي دل باغ بهار بلڪ باغِ مدينه بڻجي ويندي آهي ۽ انهن ڪتابن جي مصنفن لاءِ دل مان نيڪ دعائون نڪرنديون آهن. جهڙي طرح ڪتابِ هذا جي مصنف لاءِ. خدا ﷻ سندن قلم ۾ اڃان وڌيڪ تاثير پيدا فرمائي ۽ ڪين هن ڪتابِ لاجواب جي تصنيف جي اجر ۾ بهشت ۾ عظيم منصب عطا فرمائي ۽ دنيا ۾ بہ سندن فيض کي تا قيامت جاري ۽ ساري فرمائي. (آمين)

نج شرعي ۽ مذهبي مواد کي منظرِ عام تي آڻڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪجهہ عالمن جي تحرير انتهائي ناياب رهي آهي جن حق کان سواءِ ڪجهہ نہ لکيو انهن کان هن وقت تائين منهنجو ضمير متاثر ۽ مطمئن رهيو آهي. انهن مان شيخ الحديث والتفسير بلبلِ مدينه قبله مفتي محمد ادريس ڏاهري مدظله پڻ هڪ آهن. سنڌي زبان ۾ اصلاحي تحرير جي واڌ ويجهہ لاءِ مفتي محمد ادريس ڏاهري صاحب پنهنجي مذهبي سفر ۾ پنهنجي وسان ڪين گهٽايو ڪين منهنجي عمر کان وڌيڪ تقريري ۽ تحريري تجربو رهيو آهي. سندن هر تصنيف تصنيفِ لطيف هوندي آهي. ڪين جسُ هجي جو سنڌي زبان ۾ قرآن شريف جو شاهڪار تفسير "احسن البيان في تفسير القرآن" ۽ مختلف موضوئن تي ڪيترا ننڍا وڏا ڪتاب تحرير ڪري منظرِ عام تي آندائون. جن جي پڙهڻ سان ڪافي مسلمانن جي اصلاح ٿي رهي آهي جنهن تي ڪين مڃتا طور داد ۽ تحسين ڏيان ٿو. الله ﷻ بہ ڪين اجرِ عظيم عطا فرمائي. (آمين) قرآن شريف جي تفسير کان پوءِ سندن لاجواب تحرير هي ڪتاب "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" آهي جيڪو ضخيم ڪتاب پڻ آهي ۽ ٻن جلدن تي مشتمل آهي. انهيءَ قلمي ڪاوش مان سندن مهارت جو اهو اندازو نهايت آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ هر روايت جو سهل ۽ سليس انداز ۾ بامحاوره ترجمو ڪيائون. مون کي ڪٿي بہ سندن ڪا غلطي يا غفلت نظر نہ آئي بلڪ عشق ۽ ادب جون ڇوليون ڇُلڪندي ڏٺم. ڪافي جاين تي ترجمي ۾ ئي مشڪل لفظن کي واضح ڪري بيان ڪرڻ وارو انداز بہ من موهيندڙ لڳو.

"راوين جي تعارف" ۾ سندن تحقيق بہ مستند ڏسڻ ۾ آئي ان ۾ ڪافي ڪتابن ۾ واضح ٿيل نظريات ۽ تاثرات کي سامهون رکندي انهن جي حالات کي بيان ڪرڻ مروّت جي عين موافق آهي. هر راوي جي ثقه يا غير ثقه هجڻ، حافظي ۾ قوي يا ضعيف هجڻ، نسب، خاندان ۽ قبيلي جي وضاحت لاءِ تحقيق بہ نرالي انداز ۾ ڪيائون. جنهن جاءِ تي راوي جي ثقه هجڻ تي اختلاف نظر آيو تہ اختلاف جا وجوهات بيان ڪندي چنڊڇاڻ ڪري ضعيف ۽ قوي قول جو تذڪرو بہ نهايت اهميت جو حامل نظر اچي پيو. انهن راوين جي عمر، ڪارناما مطلب تہ حالاتِ زندگي تي گهري نظر ٻوڙائڻ بہ ڪنهن محنت کان خالي ناهي، انهيءَ ڪارنامي تي سندن لاءِ اهو چئجي تہ مفتي صاحب علم ۽ هنر جي هر فن ۾ خوش اسلوبيءَ سان حق ادا ڪري ڏيکاريو تہ ڪو مبالغو ۽ مغالطو نہ ٿيندو.

"شمائل ترمذي" جي هن سنڌي شرح "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" ۾ شارح هڪ وڏي جاکوڙ ڪئي جيڪا قابلِ تحسين ۽ قابلِ داد آهي اها هي تہ جن ٻين محدثن جنهن حديث کي جنهن ڪتاب ۾ بيان ڪيو ان کي پرکي ۽ پروڙي ان جو صفحو نمبر، حديث نمبر ۽ جلد نمبر کي قلمبند ڪرڻ سندن اعليٰ قابليت جو دليل آهي. جنهن کي مفتي صاحب هر حديث ۽ روايت جي آخر ۾ پيش ڪيو اميد تہ ان جي پڙهڻ سان عوامِ اهلسنت کي سرهائي تہ ٿيندي پر ان سان گڏوگڏ انهن جي علم ۽ عمل ۾ اضافو بہ ٿيندو ۽ تحقيقي سوچ وڌندي رهندي.

ڪافي جاين تي سندن طرفان "مسئلا"، "فائدا"، "اعتراض" ۽ سمجهائڻ خاطر اعتراضن جا جواب سهٽي ۽ سليقي واري انداز ۾ بيان ڪرڻ بہ متاثر ڪرڻ سان گڏوگڏ من کي موهي وڌو. خاص طور تي مفردات جي شرح کي عربي ۽ سنڌي ادب کي يڪسر سامهون رکي بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ ۾ اصلاح امت جي نيت سان پنهنجي دلربا انداز کي اپنائيندي روايت ۾ بيان ٿيل هر شيءِ کي سليس انداز ۾ سمجهائڻ بہ سندن ئي خاصو نظر اچي پيو. آخر ۾ الله ﷻ کان محبوب ڪريم ﷺ جي وسيلي سان سندن لاءِ عاجزانہ دعا آهي تہ ڪين الله ﷻ صحت ۽ سلامتيءَ سان اڻ ڳڻيا ڏينهن عطا فرمائي جو دين جي اشاعت ۾ اهڙي طرح زور ۽ شور سان ٻهرو وننداڙ رهن. اميد تہ "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" جي شايع ٿيڻ سان عوامِ اهلسنت ۾ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو شوق ۽ ذوق وڌندو ۽ انهن جي علم ۽ عمل ۾ ترقي ٿيندي رهندي ۽ انهن ۾ خوشيءَ جي لهر ٻوڙندي ۽ علماءِ اهلسنت کي بلخصوص بلبلِ مدينہ مفتي محمد ادريس ڏاهري صاحب کي اڃان بہ گهڻو ڪجهہ لکڻ لاءِ اتساهہ ملندو. سندن حق ۾ الله ﷻ منهنجو هي لکڻ ۽ قارئين ڪرام کي ترغيب ڏيڻ قبول ۽ مقبول فرمائي ۽ جيڪو ڪجهہ ڪتاب ۾ لکيو ويو ان مان مون ناچيز کي سکڻ ۽ ان تي عمل جي توفيق بہ مرحمت فرمائي.

آمين بجاه النبی الامین ﷺ

وما توفیقی الا باللہ

علیہ توکلت والیہ انیب

فقير سيد فهيم احمد غفرله الاحد

جولاءِ 2011 لاڙڪاڻو

تقريظ

حضرت علامہ مولانا حبيب الرحمان گبول طاهري مدظله

(درگاهہ الله آباد شريف کنديارو)

"اِنَّ اللهَ اصْطَفَاهُ" حَامِدًا و مصليًا و مسلما اَمَا بَعْدُ!

"شمائل ترمذي" حضور ڪريم، رؤف رحيم عليہ الصلواة والتسليمات جي ذات با برڪات ۽ سندن جامع اوصاف و ڪمالات جي باري ۾ لکيل هزارين ڪتابن کان وڌيڪ مستند ۽ مقبول ڪتاب آهي. شمائل شريف جي موضوع تي عالم اسلام ۾ وڏ ۾ وڏ پڙهجندڙ ڪتاب امام محمد بن عيسيٰ ترمذي قدس سره جو "شمائل ترمذي" ئي آهي نہ معلوم دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۽ ڪيترين ٻولين ۾ ان جا ترجما ۽ شرح شايع ٿيا ۽ اڳتي بہ شايع ٿيندا رهندا. انشآءَ الله جَلَّ جَلَالُهٗ. سنڌي ٻولي ۾ بہ هن کان اڳ "شمائل ترمذي" جا ڪجھ ترجما ۽ شرح شايع ٿيا آهن پر منهنجي معلومات جي حد تائين ايترو معياري، مستند، مفصل شرح سنڌي توڙي اردو ٻولي ۾ هن کان اڳ ڪڏهن شايع ڪونہ ٿيو آهي جهڙو مفسر قرآن، خطيب اهلِ سنت، عالمِ باعمل، فاضل بي بدل حضرت علامہ و مولانا الحاج مفتي محمد ادريس ڏاهري دامت برڪاتهم العاليہ "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" لکيو ۽ اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هي حقيقت ڪنهن کان لڪل ڪين آهي تہ هلندڙ دور ۾ علامہ صاحب علمي توڙي عملي ميدان ۾ سنڌ ڌرتي جي محقق علماء جي پهرين صف ۾ نمايان نظر اچن ٿا ۽ اهو سڀ صدقو آهي ان حقيقي عشق، نسبت ۽ محبت جو جيڪو کين الله تبارڪ و تعاليٰ سان ۽ ان جي حبيب ڪريم ﷺ ۽ ڪامل مرشد حضرت سڄڻ سائين مدظل العالي جن سان حاصل آهي.

پاڻ پڪا مُوَحد، سچا سني، عاشق رسول ۽ مرشد ڪامل جا مقرب ايترا جو مون پاڻ ڪيترائي دفعا مرشد ڪامل حضرت پير سهڻا سائين نور الله مرقده ۽ سندن نورِ نظر لختِ جگر پير سڄڻ سائين دامت برڪاتهم العاليہ ھکان مولانا محمد ادريس مدظله جي تعريف ۽ توصيف ٻڌي آهي ۽ جڏهن پاڻ درگاهہ شريف تي ايندا آهن تہ حضرت صاحب جن خصوصي شفقت، محبت ۽ نيڪ دعائن سان کين نوازيندا آهن.

الله سائين هن اهل السنة والجماعت جي عالم باعمل کي علم و عمل، فهم و عقل سان گڏ خوب صورت، خوب سيرت، سروقد، سماٽ جسم و جان ۽ مردانہ وجاهت، رعب وتاب ۾ بہ پنهنجي هم عصر اڪثر علماء کان مٿانهون مقام عطا فرمايو آهي. ساڳي وقت انهن خوبين سان ڀرپور استفاده جي توفيق پڻ بخشي جو سندن ديني خدمتون بہ جهجهيون همہ جهت مقبول خاص و عام آهن. برابر هن دور ۾ بہ اهل علم درس و تدريس، تصنيف و تاليف توڙي وعظ و تقرير جي ذريعي سهڻي نموني ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. الله جَلَّ جَلَالُهٗ اهل سنة جي اهڙن عالمن کي اجان وڌائي پر جنهن جامع انداز ۾ علامہ صاحب ڪم ڪيو آهي، آگرين سان ڳڻڻ جيترا مس ملندا، جن هر ميدان ملهايو هجي،

موصوف جي خدمات جو مختصر جائزو.

وعظ و تقرير :

علامہ صاحب جي زياده شهرت هڪ واعظ ۽ مقرر جـــي حوالي سان آهي. برابر خوش الحاني، شيرين زباني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، فصاحت بلاغت، حاضر جوابي جهڙيون خوبيون پڻ منجهس موجود آهن پر سندن اصل سرمايو حضرت حبيب ڪريم ﷺ، سندس آل، اصحاب ۽ اولياءُ الله سان والهانہ عشق و محبت، ادب، علم ۽ عمل آهي. " الله سائين اهل سنة جي اهڙن عالمن کي اجان وڏائي آمين" سندن پنجيتاليهہ پنجاهہ سالن جي خطابات جو اڀياس ڪجي ٿو تہ سندن هر وعظ جو آخري نتيجو ۽ منتها، مقصد خوفِ خدا، عشقِ مصطفيٰ ﷺ ۽ شريعت ۽ سنت تي عمل ڪـان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي سندن ڪلام ۾ مثالي تاثير جو سبب هي بہ آهي تہ پاڻ فقط قول ۽ گفتار جا غازي نہ آهن پر عمل ۽ ڪردار جا بہ غازي آهن نيڪي، تقويٰ، شب خيزي ۽ ذڪر اذڪار ۾ بہ مستقل مشغول رهن ٿا.

تصنيف و تاليف:

علامہ صاحب هن وقت تائين ڪيترا مفيد ۽ معياري ڪتاب، لکيا آهن. وعظ و تقرير جيان علامہ صاحب جي تصنيف و تاليف جو موضوع بہ قرآن، سنت، ادب ۽ محبت رهيو آهي. سندن مشهور چند ڪتابن جا نالا (1) "الدولة الڪبريٰ شرح اسماء الله الحسنيٰ" هن ڪتاب ۾ الله سائين جي 99 نالن سان هر هڪ اسم جي معنيٰ ۽ تفصيلي شرح وضاحت سان بيان ٿيل آهي. هي ڪتاب علامہ صاحب جي ابتدائي تصنيفات مان هڪ آهي، جنهن جي سٽ، اکر، اکر مان الاهي عشق و محبت محسوس ٿي رهي آهي. (2) "احسن التشريح لبردة المديح" : رسول الله ﷺ جي عشق و محبت سان پرپور عالم اسلام ۾ مشهور و معروف قصيده برده شريف جو سلوٽي سنڌي ۾ ترجمو ۽ تشريح (3) ترجمہ وشرح قصيده امام ابو حنيفہ ﷺ (4) ترجمہ و شرح قصيده غوثِ اعظم، محبوب سبحاني سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره (5) احسن التحقيق في سيرة الصديق ﷺ (6) تحفة الطلاب في سيرة عمر بن خطاب ﷺ (7) اوضح البيان في سيرة عثمان بن عفان ﷺ (8) فتح القوي الغالب في سيرة علي بن ابي طالب ﷺ (9) سيرة سيده عائشہ صديقہ ﷺ (10) التحرير المقبول في اخبار اولاد الرسول رضي الله عنهم : جنهن ۾ پاڻ دليلن سان ثابت ڪيو اٿن تہ رسول الله ﷺ جون پاڪ صلبي ۽ سڳيون نياڻيون چار آهن. (11) سيرة الحسنين امام حسن، امام حسين ﷺ جا فضائل ۽ زندگيءَ جا احوال (12) سيرة بادشاهہ بغدادي ﷺ (13) ڪرامات امام رباني ﷺ (14) محبوب ڪريم جون محبوب دعائون. (15) ثبوت ختم النبوة من القرآن والسنة" (16) "مجموعة الاشعار" بہ حصہ : هي ڪتاب علامہ صاحب جي شاعري جو شاهڪار ڪتاب آهي جنهن ۾ علامہ موصوف حمدِ باري تعاليٰ، نعت رسولِ مقبول ﷺ، مدح حضرات خلفاءِ راشدين و اهل بيت عظام ۽ ٻين صحابہ ڪرام رضي الله عنهم، بزرگانِ دين خاص ڪري غوثِ اعظم ۽ پنهنجي پير و مرشد سچڻ سائين مدظلہ، پنهنجي استاد مولانا الحاج محمد اڪنڙائي ﷺ ۽ اڳئين زماني جي ڪامل بزرگن جي تعريف ۾ پڻ عاشقانہ انداز ۾ شاعري ڪئي آهي. (17) "احسن البيان في تفسير القرآن" 9 ضخيم جلدن تي مشتمل قرآن شريف جو هي تفسير جنهن جا ٽي چار ايڊيشن هن وقت تائين ڇپجي چڪا آهن. 80 جي لڳ ڀڳ تفسيرن

جو مطالعو ڪري وڏي محنت ڪري علامہ صاحب لکيو آهي هيترو جامع ۽ عام فهم تفسير سنڌي ٻولي ۾ پهريون پيرو شايع ٿيو آهي ان حوالي سان سنڌي علم و ادب ۾ پڻ هن تفسير جو مٿانهون مقام آهي. سنڌ واسين اهل علم کي گهرجي تہ ضرور هي تفسير خريد ڪري مطالعو ڪن ۽ پنهنجي لائبريرين ۾ رکن جيئن ٻيا بہ ان مان لاڀ حاصل ڪن فقط هڪ اهل علم ئي نہ هڪ معمولي لکيو پڙهيو ماڻهو بہ هن تفسير مان فيضياب ٿي سگهي ٿو ڇوتہ سندن انداز تحرير انتهائي آسان ۽ عام فهم آهي.

حجية حديث:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جا فرمودات بہ حقيقت ۾ الله ﷻ جا ارشادات آهن جو الله ﷻ "اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡیٌ یُّوۡحٰی" فرمائي سندن هر لفظ لفظ کي وحي الاهي چئي ان جي قطعي ۽ يقيني هجڻ تي مهر تصديق فرمائي آ ۽ ائين ڇوتہ هجي جو قرآن حديث کان بعد جنهن نموني رسول ڪريم ﷺ جي ارشادات کي اصحاب ڪرام عليهم الرضوان ياد ڪيو ,لکيو ورجائي هڪٻئي کان پڇي ڪري روايت ڪري ٻين کي ٻڌايو. ترقي جي هن جديد دور ۾ بہ ڪنهن شخصيت جو قول يا علم نہ اهڙي نموني محفوظ ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کان بعد تابعين , تبع تابعين , فقہ جي امامن ۽ حديث جي امامن جنهن انداز ۾ حديث شريف جي لفظن جي نشاندهي بہ ڪئي ۽ هڪ هڪ راوي جي حيثيت جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ اسماء الرجال جي عنوان سان انهن جو ذڪر ڪيو. راوي جي معمولي کان معمولي ڪمزوري جي وضاحت ڪئي. حديث شريف جي معياري هجڻ ۽ ان جي مستند ۽ مستقل حجت هجڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. علامہ صاحب حجية حديث جي ان موضوع کي بہ اڻ پورو رهڻ نہ ڏنو مقدمہ جي صورت ۾ "فيوضاتِ مصطفويہ" جي منڍ ۾ پڻ ان جو مفيد اضافو ڪري خاص ڪري اهلِ علم تي احسان عظيم ڪيو آهي, سندن "محققانہ بلڪ محدثانہ" تحقيق ڏسي دل ٺري پئي, بعض متعصب ماڻهو جن جو مقصد دينِ اسلام ۾ وِگوڙ وجهڻ کان سواءِ ڪجهہ ناهي ۽ ڪي وري ڪم علم ۽ ساده ماڻهو انهن جي اثر هيٺ اچي حجية حديث جا انڪاري آهن يا گهٽ اهميت ڏين ٿا اميد تہ اهي ٿڌي دل سان حق جا متلاشي ٿي هن مختصر ۽ جامع مقدمہ جو مطالعو ڪندا تہ پنهنجي غلط نظريي کان باز اچي ويندا. "یَهۡدِیۡ بِهٖ مَنۡ یَّشَآءُ" شال الله ﷻ حضرت علامہ الحاج محمد ادريس صاحب جي هن مفيد ڪتاب کي بہ اڳين ڪتابن جيان مقبوليت عطا فرمائي ۽ اهل سنڌ کي ان مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق بخشي.

اٰمِیۡن یَا رَبَّ الۡعٰلَمِیۡنَ بِحُرۡمَةِ الۡحَبِیۡبِ الۡاَمِیۡنِ عَلَیۡهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ اِلٰی یَوۡمِ الدِّیۡن

الفقير حبيب الرحمٰن گبول طاهري عفي عنه

14 جمادي الاولىٰ 1432 هہ

تقريظ

از : حضرت علامہ مولانا ڈاڪٽر عبدالرسول قادري مدظله

(سڪرنڊ نوابشاھ)

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله...وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحَابِكَ يَا حَبِيْبَ الله

رحمة للعالمين جو فيض جاري آ حديث
گلشنِ اسلام جي تي سبز تاري آ حديث

الله جَلَّ جَلَالُهُ قرآن شريف ۾ رسول الله ﷺ جي اطاعت ۽ تابعداري جو حڪم فرمايو آهي. اسان مسلمانن لاءِ قرآن ڪريم سان گڏ صاحبِ قرآن جي حديثِ نبوي بہ حجت دليل ۽ قابل عمل نمونو آهي، برصغير ۾ حديث جا منڪر اعتراض ڪندا رهيا آهن. پاڪستان ۾ پرويزي فڪر جو فتنو مشهور آهي، خاص ڪري هن وقت سنڌ ۾ عزيز الله بوهيو"فتنہ انڪار حديث" جو سرغنو آهي. عجب آهي جنهن پاڪ هستيءَ جي مڃان ڪلمو پڙهن ٿا، انهيءَ جي قول ڪلام جو انڪار ڪري، خبر ناهي دين اسلام جي ڪهڙي خدمت ڪري رهيا آهن؟ ان ڪري هن ڳالهہ جي وڏي ضرورت هئي تہ "حجيت حديث" بابت ڪو مجاهد محدث عالم سنڌي زبان ۾ قلم هلائي حق ظاهر ڪري ۽ "فتنہ انڪار حديث" جو تحقيقي دليلن سان رد لکي.

الحمدلله جَلَّ جَلَالُهُ ! اها سعادت سنڌ جي مايہ ناز عالم، ليکڪ، مقرر ۽ مشهور مفسر قرآن علامہ مولانا مفتي محمد ادريس ڏاهري"بلبلِ مدينه" جي ڪُڇي ۾ آئي، جو هن عشقِ رسول ﷺ جي تقاضا ڪي سامهون رکي، حضور ڪريم ﷺ جي سهڻي صورت ۽ دلپذير سيرت ۽ عملي زندگيءَ بابت مشهور ڪتاب "شمائل ترمذي" جو سنڌي ترجمو ۽ تفصيلي شرح لکيو آهي، خاص ڪري هن بهترين ڪتاب جي منڍ ۾ "حجيت حديث" شاندار تحقيقي مقدمو لکيو آهي تہ مسلمانن لاءِ قرآن ڪريم سان گڏ صاحبِ قرآن جي حديث ۽ سنت بہ حجت ۽ قابلِ عمل دليل آهي.

علامہ ڏاهري صاحب هن مقدمي ۾ حديثِ نبويءَ جي اهميت عظمت ۽ قابلِ عمل هجڻ بابت هيٺين عنوانن تي ڀرپور جامع مستند ۽ تحقيقي حوالن سان قلم هلايو آهي. "وحي متلو وحي غير متلو حديث پاڪ جي ضرورت . حديث جي هجڻ جا منڪر هندستان ۾ سر سيد احمد خان، مصر ۾ ڊاڪٽر طٰه حسين، ترڪيءَ ۾ ضياء گوڪ الپ رهيا آهن. حديث جي منڪرن جا ٽي نظريا ۽ انهن ٽنهي نظرين جو زبردست تحقيقي رد. حديث جي منڪرن جا سوال ۽ انهن جا جامع جواب. حديث جي ترتيب ۽ تدوين، حديث جي پهرئين ڪتاب "الصحيفه ھ الصادقة" کان "صحيفه همام بن منبہ" تائين چوڏهن ڪتابن جو احوال، خلفاءِ راشدين جي دور ۾ حديث جي خدمت، عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ علمِ حديث جون خدمتون، پهرين صدي هجريءَ کان ٽين صدي هجري تائين مرتب ٿيل

حديث جي ڪتابن جو تفصيل, حديث جي موضوع تي لکيل الجوامع کان المسلسلات تائين مختلف ڀتيھ ڪتابن جو ذڪر انهن لفظن جي مواد ۽ مفهوم جي سمجهاڻي ۽ تاريخ شامل آهي."

مقصد تہ حجيت بابت مقدمي ۾ وڏو علمي خزانو سمايل آهي، جنهن مان مصنف جي علمِ حديث ۾ ڄاڻ ۽ مهارت بہ معلوم ٿي رهي آهي. علمِ حديث بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو تفصيلي ۽ تحقيقي مواد اڳ ۾ نہ لکيو ويو آهي. اها الله جل جلاله علامہ ڏاهري صاحب جي قلم ڪي ڏات ڏني آهي، جو هن تحقيقي مقدمي پڙهڻ کان پوءِ ڪنهن ڪي بہ حديث جي انڪار جي گنجائش نہ ٿي رهي. شال الله جل جلاله مسلمانن کي قرآن شريف سان گڏ حديثِ نبوي ۽ سنتِ رسول تي عمل ڪرڻ جي توفيق رفيق فرمائي!

الله جل جلاله علامہ ڏاهري صاحب کي قرآن مجيد جي تفسير لکڻ جي سعادت کان پوءِ حديث پاڪ ۽ حجيت حديث بابت خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آهي. دعا آهي تہ الله جل جلاله سندس عمر خضري ڪري ۽ پاڻ علم، ادب، قرآن ۽ حديث جي قلمي خدمت ڪندو رهي!

وڏي ڄام ڄمار، جنهن مياڻيون موڪيون! (شاهہ)

فقير عبدالرسول قادري

25 جمادي الثانيه 1432 ھ سڪرنڊ

مقدمه

حجيّت حديث

فخرِ موجودات حضور پر نور ﷺ جي پاڪ شمائل تي محدث ترمذي رحمه الله جي لکيل ڪتاب"شمائل ترمذي" جو سنڌي زبان ۾ "الفيوضاتِ المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" نالي شرح لکي پورو ڪرڻ ڪان پوءِ خيال آيو تہ هن وقت سنڌ ۾ حديث پاڪ جي حجت هجڻ جي انڪار جو فتنو وڌي رهيو آهي ۽ سنڌي سچن ۽ پڪن مسلمانن جي حديث ڪان پري رکڻ, حديث ڪان نفرت ڏيارڻ جي وڏي مهم هلائي پئي وڃي ۽ ڪين چيو ٿو وڃي تہ دليل صرف قرآن ڪريم آهي ۽ اهوئي صحيح وَحۡيُ مَتۡلُوٌّ (تلاوت ڪيل) آهي جيڪو جبريل امين لوح محفوظ ڪان آڻي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن وٽ تلاوت ڪيو هو. حديث نبوي جنهن کي حضور ڪريم ﷺ جي پاڪ ظاهري زندگي ڪان وٺي صحابہ, تابعين ۽ تبع تابعين ۽ جمهور مسلمان حجت ۽ دليل سمجهندا ان تي عمل ڪندا آيا آهن ۽ ان کي اصطلاح ۾ "وَحۡيُ غَيۡرُمَتۡلُوٌّ" سڏيندا آيا آهن. اها نہ حجت آهي ۽ نہ دليل اها بعد ۾ ايجاد ڪئي وئي آهي پر اهو فڪر ۽ ذهن سراسر بي ديني ۽ الحاد آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ "نبوي حديث" هميشہ حجت هئي, آهي ۽ رهندي. حديث ۽ سنت هڪ شيءِ آهي انهن جا روايت جي لحاظ سان مختلف القاب آهن انهن جي سنڌُن جي ڇنڊ, ڇاڻ ۽ تحقيق تي محدثن پلارن وڏي محنت ڪئي آهي حديث ۽ سنت ڪان سواءِ نہ قرآن مجيد جي مفهوم ۽ مراد سمجهہ ۾ ايندي ۽ نہ ان تي عمل تي سگهندو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن ڪان حضور ڪريم ﷺ جن رسالت ۽ نبوت جو اظهار فرمايو ۽ سندن مٿان نازل ٿيندڙ قرآن ڪريم بہ پاڻ ماڻهن کي پڙهي ٻڌايائون تڏهن ڪان قرآن ڪريم سان گڏ ڪين ان جو تفسير ۽ تشريح بيان ڪرڻ جو بہ علم ڏنو ويو بلڪ قرآن ڪريم سمجهائڻ ۽ ان جي حقيقي مراد ٻڌائڻ سندن رسالت ۽ نبوت جو بنيادي نڪتو هو. مسلمانن جي لاءِ دين جو سرمايو ۽ انهن جي لاءِ موڪليل شريعت جو متاع ڪل محبوب ڪريم ﷺ جن جي حياتي جا حالات آهن سندن اقوال, احوال, رات ڏينهن جا معمولات ئي امت جي لاءِ هدايت جو سرچشمو آهن. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حضور ڪريم ﷺ جي زندگي جي ڪتاب جي هر ورق کي ياد ڪيو سفر ۽ حضر, خلوت ۽ جلوت ۽ نجي حالات ڪان وٺي عام سياسي معاملات تائين رسول الله ﷺ جن جي پاڪ زندگي جو ڪو واقعو نہ هو جيڪو انهن محفوظ نہ رکيو هجي, اهي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث جو ذڪر ڪندا هئا ۽ سينن ڪان وٺي صحيفن تائين انهن کي ياد ۽ محفوظ رکندا هئا انهن ڪان پوءِ تابعي ۽ تبع تابعي بہ حفظ ۽ لکڻ ۾ پوئتي. پيا تانجو هلندي هلندي حديث جي فن کي باقاعده ترتيب ڏئي ڪتاب لکيا ويا ۽ ان طريقي سان سندن جامع سيرت ۽ دين اسلام جي مڪمل تصوير پهچائڻ جو انتظام ڪيو ويو اسلامي ملت جي اڪابر علماءِ ۽ محمدي شريعت جي وڏن رهبرن حديث جي علم حاصل ڪرڻ

جي لاءِ پنهنجون حياتيون وقف ڪري ڇڏيون ۽ صرف هڪ حديث پاڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن ڪئين ڀيرا سوين ميلن جا سفر به ڪيا هئا ۽ حديث شريف جي طلب ۾ سندن راهه ۾ ڪابه شيءِ رڪاوٽ نه بنجندي هئي ۽ اهي حديث پاڪ جا ايترا ته محب هئا جو پنهنجن شاگرن کان به حديث روايت ڪندا هئا ۽ ان کي عيب نه سمجهندا هئا. نبوي احاديث (على قائلها الصلواة والسلام) کي اول پنهنجي سيني ۾ جاءِ ڏيندا هئا پوءِ ڪتابن ۾ لکندا هئا. حديث جي راوين جي باقاعده چڱي طرح جاچ ڪندا هئا ۽ ان لاءِ انهن خاص "علم الرجال" جو فن تيار ڪيو هو ۽ هن ميدان ۾ انهن حيرت ناڪ ڪارناما سرانجام ڏنا هئا. پر حديث جي هن عظيم ڪارنامن جو صحيح قدر ۽ ان جي قيمت جو اندازو ان وقت ٿئي ٿو جڏهن هي معلوم ٿئي ته علم حديث جي اسلام ۾ ڪهڙي اهميت آهي ۽ جيڪڏهن هن مسلم امت وٽ حديثن جو سرمايو نه هجي ها ته دين اسلام جي ڪهڙي شڪل ۽ صورت هجي ها انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي مون هن مقدمي ۾ حديث جي ضرورت ۽ ان جي حجت هجڻ جي متعلق عرض ڪيو آهي ۽ اهو به ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته حديث جو انڪار ڇو ڪرايو ويو ۽ ڪنهن ڪيو.

حديث جي ضرورت :

سمجهڻ گهرجي ته قرآن ڪريم ۾ انسان کي زندگي گذارڻ جي لاءِ اصول ۽ قاعدا اجمالي طور بيان ڪيل آهن جن جو سمجهائڻ نبوي احاديث کان سواءِ ممڪن ناهي ۽ احڪام جي عملي صورت بيان ڪرڻ جي سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جن جي "اسوه حسنه" جي ضرورت آهي سندن حديثون اسان کي قرآني احڪام جي عملي تصوير مهيا ڪن ٿيون ان کان سواءِ مثال طور صلواة، زڪواة، تيمم، حج ۽ عمره هي اهڙا الفاظ آهن جو عربي لغت انهن جون اهي معنائون نه ٿي ٻڌائي جيڪي شريعت ۾ مطلوب آهن انهن سيني جون شرعي مطلوب معنائون ۽ مرادون ٻڌائڻ صرف حديث جو ڪم آهي. ٻيو ڪوبه ذريعو ناهي اهيئي مرادون ڪروڙين امتي حديث مان حاصل ڪري ان تي عمل ڪندا ۽ حديث کي حبيب ڪريم ﷺ جو حقيقي ۽ سچو فرمان سمجهي پڙهندا، پڙهائيندا ۽ ياد ڪندا رهيا. جيڪڏهن ان جي ڪا اهميت نه هجي ها ته ڪروڙين امتي ان تي عمل نه ڪن ها. محمدي امت جو هن ڳالهه تي اجماع آهي ته قرآن ڪريم کان پوءِ ديني احڪام جي لاءِ دليل ۽ اهم ماخذ حديث آهي.

حديث جي حجت جو انڪار ڪنهن ڪرايو ۽ ڪيو؟

ويهين صديءَ جي آغاز ۾ جڏهن مغربي قومن (عيسائين ۽ يهودين) جو مسلمانن تي سياسي ۽ نظرياتي تسلط وڌيو ته گهڻ علم رکڻ وارن مان هڪ اهڙو طبقو وجود ۾ آيو جيڪو انهن عيسائين ۽ يهودين جي فڪر کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ ائين سمجهڻ لڳو ته دنيا ۾ انهن جي پيروي ڪرڻ کان سواءِ ترقي حاصل نه ٿيندي پر جڏهن ته اسلامي ڪيترا احڪام انهن جي رستي ۾ رڪاوٽ بنيل هئا ته انهن اسلام ۾ تحريف ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو تانت انکي عيسائين ۽ يهودين جي فڪر سان مطابق بنايو وڃي. (ان طبقي کي جدت پسند سڏيو وڃي ٿو) هندستان ۾ سر سيد احمد خان، مصر ۾ ڊاڪٽر طٰه حسين ۽ ترڪيءَ ۾ ضياء گوڪ الپ هن طبقي جا رهنما ٿيا پر جڏهن ته هن طبقي جا

مقصد نبوي احاديث کي رستي کان هٽائڻ کان سواءِ حاصل ٿي نہ ٿي سگهيا ڇوتہ حديث پاڪ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي جي متعلق تفصيلي هدايتون موجود آهن جيڪي عيسائين ۽ يهودين جي فڪر سان ڪليل ٽڪر کائيندڙ آهن ان جي ڪري انهن مان هڪڙن حديث پاڪ جي حجت هجڻ جو انڪار ڪيو. ۽ اهو آواز هندستان ۾ پهريان پهريان سر سيد احمد خان ۽ ان جي ساٿي چراغ علي بلند ڪيو ۽ انهن حديث جي انڪار کي کلي پيش ڪرڻ جي بجاءِ هي طريقو اختيار ڪيو تہ جتي ڪا حديث ڪين سندن مدعا جي خلاف نظر آئي تہ ان جي صحيح هجڻ جو انڪار ڪيائون ڀلي ان جي سندَ ڪيتري بہ قوي هجي ۽ ان سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن اهو اظهار ڪيو ويو تہ هي حديثون موجوده دور ۾ حجت هجڻ نہ ڪپن پر ڪٿي ڪٿي پنهنجي مطلب سان موافق ملندڙ حديث کي دليل بہ بنائيندا رهيا. اهڙي طريقي سان انهن واپار ۾ وياج کي حلال ڪيو ۽ حضرات انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي معجزن جو انڪار ڪيو. پردي کي تسليم نہ ڪيو ۽ ڪيترن عيسائين ۽ يهودين جي نظرين کي جواز جي سندَ ڏني. آهستي آهستي اِنڪارِ حديث جي نظريي کي ترقي ڏيندا رهيا. ۽ عبدالله چڪڙالوي جي اڳواڻيءَ ۾ هن نظريہ کي وڏيڪ منظم ڪيو ويو ۽ ان نظريہ وارن پاڻ کي اهلِ قرآن سڏائڻ شروع ڪيو سندن اصل مقصد حديث جو کلي انڪار هو. ان کان بعد جيراج پوريءَ هن فتني کي مضبوط ڪيو ۽ هلندي هلندي هن جي واڳ پرويز غلام احمد سنيالي هن کي هڪ منظم نظريہ ۽ مڪتب فڪر جي شڪل ڏني. پرويز صاحب جڏهن تہ لکڻ جو قابل هو تہ ان جي لکت نوجوانن جا ذهن پاڻ ڏانهن ڇڪيا ۽ هي فتنو وڌڻ شروع ٿيو. انهن جا بنيادي نظريا هي آهن جيڪي هتي لکي انهن جو رد بہ لکجي ٿو.

حديث جي منڪرن جا ٽي نظريا : حديث جي منڪرن جي طرفان هن وقت تائين پيش اچڻ وارا نظريا ٽي آهن.

[1] هڪ تہ نبي ڪريم ﷺ جي ذات پاڪ جو فرض صرف قرآن پهچائڻ هو ۽ اطاعت صرف قرآن ڪريم جي فرض آهي. محبوب ڪريم ﷺ جي اطاعت نہ صحابہ ڪرام تي فرض هئي نہ اسان تي لازم آهي ۽ وحي صرف متلو (تلاوت ڪيل قرآن ڪريم) آهي وَحيُ غَيرُ مَتلُوّ (حديث) ڪجهہ بہ ناهي ۽ نہ قرآن ڪريم جي سمجهڻ جي لاءِ حديث جي ضرورت آهي.

[2] ٻين جو نظريو هي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جا ارشادات صرف سندن اصحابن لاءِ واجب العمل هئا اسان لاءِ اهي نہ حجت آهن ۽ نہ اسان کي انهن تي عمل ڪرڻ لازم آهي.

[3] ٽين جو نظريو هي آهي تہ سندن ارشادات حجت تہ آهن پر اهي اسان تائين معتبر ذريعن سان پهتل ناهن ان جي ڪري اسين انهن جي مڃڻ جا ذميدار ناهيون ۽ منڪرن جو تعلق کهڙي گروپ سان بہ هجي پر سندن لکت انهن نظرين مان ڪنهن هڪ سان ضرور هوندي هتي انهن ٽنهي نظرين جي ترديد ڪجي ٿي.

پهرئين نظريي جي ترديد

ڪروڙين مسلمانن جو عقيدو هوءِ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي ذات جي اطاعت واجب هئي ۽ آهي ۽ رهندي هر مسلمان ان جو ذميوار هو آهي ۽ رهندو ۽ سندن مٿان جيئن قرآن ڪريم نازل ٿيو ۽ اهو وحي متلو آهي تيئن سندن ذات پاڪ جي مٿان حديث بہ نازل ٿي جيڪو وحي غير متلو آهي.

"وَحیُ غَیرُ مَتلُوٌّ" جا دليل

پهريون دليل : رب العزت جل وعلا شانہ جو فرمان آهي "وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ ﴿٥١﴾" (سورة شورىٰ آيت51) (۽ نہ ٿيڻو آهي ڪنهن ماڻهو جي لاءِ جو ان سان ڳالهائي الله اشاري ڪان سواءِ يا پردي ڪان پويان يا قاصد موڪلڻ سان)

سمجهاڻي : هن آيت ۾ "اِلَّا وَحْيًا" مان مراد ملائڪ موڪلي وحي ڪرڻ آهي ۽ اهو قرآن ڪريم (وحي متلو) آهي. پر "اِلَّا وَحْيًا يا مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ" مان مراد "وحي غير متلو" آهي جنهن کي حديث سڏيون ٿا.

ٻيو دليل : الله جل جلاله جو فرمانِ عاليشان آهي "وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ" (سورة البقره آيت 143) (۽ نہ مقرر ڪيوسون قبلو جو هيئو اوهان ان تي مگر هن لاءِ تہ (ظاهر ۾) ڄاڻون اسين (جدا ڪيون) ان کي جو رسول جي تابعداري ڪري ٿو. ان ڪان جو پنهنجين ڪڙين تي موٽي ٿو.)

سمجهاڻي : هن آيت ۾ آيل لفظ "اَلْقِبْلَةَ" مان مراد بيت المقدس آهي ان کي قبلہ بنائڻ جي نسبت "جَعَلْنَا" جي لفظ سان الله جل جلاله پاڻ ڏانهن ڪئي آهي حالانڪ پوري قرآن ڪريم ۾ ڪٿي بہ بيت المقدس ڏانهن منهن ڪرڻ جو حڪم مذڪور ناهي. تنهنجي ڪري ضرور مڃڻو پوندو تہ اهو حڪم "وَحیُ غَیرُ مَتلُوٌّ" سان ڪيل هو. ان ڪي الله جل جلاله پاڻ ڏانهن نسبت ڪري ثابت ڪيو تہ "وَحیُ غَیرُ مَتلُوٌّ" جو حڪم بہ "وَحیُ مَتلُوٌّ" وانگر آهي.

ٽيون دليل : مالڪ منڍ جو فرمان مبارڪ آهي "عَلِمَ اللهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ" (سورة البقره آيت 187) (الله جل جلاله ڄاتو تہ بيشڪ اوهان پنهنجن نفسن کي خيانت ۾ ٿي وڌو)

سمجهاڻي : هن آيت ۾ رمضان شريف جي راتين ۾ بہ زالن سان جماع ڪرڻ کي خيانت سڏيو ويو آهي جيڪو شروعات ۾ منع ڪيل ۽ حرام هو حالانڪ اهو حڪم قرآن ڪريم ۾ ڪٿي مذڪور ناهي. ثابت ٿيو تہ اهو ضرور وحي غير متلو سان ٿيو هوندو. جنهن جي مخالفت کي قرآن ڪريم خيانت سڏيو آهي, اهو ان جي ڪري جو "وَحیُ غَیرُ مَتلُوٌّ" بہ واجب العمل آهي ۽ هي حديث جي حجت هجڻ جو دليل آهي.

چوٿون دليل: قرآن شريف ۾ ارشاد آهي : "وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ (الى قوله) وَمَا جَعَلَهُ اللهُ اِلَّا بُشْرٰى لَكُمْ" (سورة آل عمران آيت 123, 126) (۽ البت تحقيق مدد ڪئي اوهان جي الله بدر ۾ ۽ اوهان بي سرو سامان هيئو (تائين) ۽ نہ بنايو ان کي الله مگر بشارت اوهان جي لاءِ.)

سمجهاڻي : هيءَ آيت احد جي جنگ جي موقعي تي نازل ٿي. هن مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ الله جل جلاله جنگ ۾ ملائڪن جي نزول جي خبر پهريائين ئي ٻڌائي هئي حالانڪ اها خبر قرآن ڪريم ۾ ڪٿي بہ مذڪور ناهي تہ يقينن اها ''وَحُيٌ غَيْرُمَتْلُوٌّ'' سان هوندي.

پنجون دليل : مالڪ الملڪ جل مجده جو فرمان آهي ''وَاِذْيَعِدُكُمُ اللهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ '' (سورة الانفال آيت 7) ۽ (ياد ڪيو) (جڏهن الله اوهان سان ٻن جماعتن مان هڪ جو وعدو ڪيو تہ اها اوهان جي لاءِ هوندي)

سمجهاڻي : هن آيت ۾ بہ جنهن وعدي جو ذڪر آهي اهو ''وَحُيٌ غَيْرُمَتْلُوٌّ'' جي ذريعي ٿيل هو ڇوتہ ان جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ ڪٿي بہ ڪيل ناهي.

ڇهون دليل: فرمان رباني آهي ''اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا'' (سورة التوبة آيت 36) (بلاشڪ مهينن جو تعداد الله وٽ ٻارهن مهينا آهي) اڳتي فرمان آهي '' مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ '' (الآية) (انهن مان چار عزت وارا آهن)

سمجهاڻي : هن آيت پاڪ مان هي ڳالهيو ذهن ۾ اچن ٿيون. (1) هڪ تہ سال جي مهينن جو تعداد ٻارهن آهي. (2) ٻيو تہ انهن مان چار عزت وارا آهن. (3) ٽيون تہ انهن ۾ پاڻ تي ظلم نہ ڪيو پر پورو قرآن ڪريم پڙهي وري پڙهو تہ ڪٿي بہ اوهان کي انهن ٻارهن مهينن جا ۽ چئن عزت وارن مهينن جا نالا نظر نہ ايندا ۽ جڏهن نالن جي ئي خبر نہ هوندي تہ پوءِ انهن ۾ پاڻ تي ظلم ڪرڻ کان ڪيئن بچبو ۽ انهن جي عزت ۽ احترام ڪيئن ذهن ۾ ايندا پر ان منجهيل صورتحال جو حل نبوي حديث کي حجت ۽ شرعي دليل مڃڻ سان ملندو ۽ اهو بہ مڃڻو پوندو تہ جيئن قرآن ڪريم وحي آهي تيئن حديث بہ وحي آهي. قرآن ڪريم وحي متلو آهي ۽ حديث وحي غير متلو آهي.

نبوي حديث على قائله الصلوٰة والسلام مان عزت وارن مهينن جي وضاحت

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حديث جي ڪتابن ۾ مستند ۽ معتبر ڪتاب ''صحيح بخاري'' ۽ ''صحيح مسلم'' آهن جن کي اڪابرين امت ۽ سابقين ملت بالاتفاق صحيح قرار ڏيندي فرمايو آهي تہ انهن ۾ ڪابہ روايت موضوع ناهي. انهن ٻنهي مستند معتبر ۽ معتمد ڪتابن ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو اهو فرمان موجود آهي جيڪو پاڻ حجة الوداع جي موقعي تي ارشاد فرمايو هيائون: اَلسَّنَةُ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا مِّنْهَا اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ثَلَاثٌ مُتَوَالِيَاتٌ ذُو الْقَعْدَةِ وَ ذُو الْحِجَّةِ وَالْمُحَرَّمُ وَ رَجَبُ'' الحديث (سال ٻارهن مهينا آهي انهن مان چار عزت وارا آهن (1) ذوالقعدة (2) ذوالحجه (3) محرم (4) رجب. ۽ عزت وارن مهينن جو تَعَيُّن حديث مان ملڻ جي ڪري ثابت ٿيو تہ حديث حجت ۽ شرعي دليل آهي.

ستون دليل : ارشاد آهي تہ ''مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَةً عَلٰٓى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللهِ'' (سورة الحشر آيت 5) (جيڪي اوهان (کجين جا) وڻ وڍيا يا انهن کي سندن پاڙن تي ڇڏيوَ سو الله جي حڪم سان هو)

سمجهاڻي : هيءَ آيت مبارڪ مدينہ منوره ۾ رهندڙن يهودين جي وڏي بهادر قبيلي بنو نضير جي باري ۾ نازل ٿي هئي جيڪو مدينہ منوره کان ڪجهہ پنڌ تي هو. انهن جي ڳوٺ جي آس پاس کجين جا گهڻا وڻ هوندا هئا هڪ ڀيري انهن ڌوکي سان حبيب ڪريم ﷺ جن تي ڀت تان وڏو پٿر ڪيرائي کين شهيد ڪرڻ جو منصوبو ناهيو پر الله جل جلاله پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن کي ان جو

علم ڏنو ۽ پاڻ اتاهين فورًا اتي محمد بن مسلمہ ﷺ کي انهن ڏانهن روانو ڪري حڪم فرمايائون تہ : اوهان ڏهن ڏينهن ۾ مدينہ منوره خالي ڪيو جيڪڏهن ڏهن ڏينهن کان پوءِ اوهان مان ڪو هتي نظر آيو تہ ان کي قتل ڪيو ويندو. پر جڏهن تہ انهن جا منافقن جي سردار عبدالله بن ابي سان گهاٽا تعلقات هئا تہ ان جي دلاسن تي لڳي ضد ۾ اچي حضرت نبي ڪريم ﷺ کي چورائي موڪليائون تہ اسين پنهنجا علائقا خالي نہ ڪنداسون اوهان کي جيڪو ڪرڻو آهي پلي ڪيو. اهو جواب ملنديئي حضور ڪريم ﷺ جن ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سندن ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا ۽ ويندي انهن جو گهيراءُ ڪيائون. بنو نضير وارن پنهنجن قلعن ۽ ڪوٺيلن ڪڏن ۾ پناهہ ورتي مسلمانن تي تير وسائڻ شروع ڪيا جڏهن تہ اتي کجين جا باغ گهڻا هئا ۽ اهي انهن جي لاءِ ڍال هئا تہ حضور ڪريم ﷺ جن انهن وڻن جي لاءِ جيڪي مسلمانن کي ويجها هئا وڍڻ جو حڪم ڏنو ۽ جيڪي پري هئا انهن کي ساڙڻ جو حڪم صادر فرمايو ۽ جن مان نقصان نہ هو انهن کي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڪيو ان طريقي سان مسلمانن کي دشمنن جو دفاع ۽ انهن تي حملو ڪرڻ آسان ٿيو. هاڻي غور ڪرڻ جو مقام آهي تہ هن آيت ۾ ارشاد ٿيو تہ اوهان اهو وڻن وڍڻ وارو ڪم الله ﷻ جي اذن سان ڪيو صرف پنهنجي طور تي نہ ڪيو پر ان اذن جو ذڪر پهريان ڪنهن بہ قرآن ڪريم جي آيت ۾ آيل ناهي. ۽ جڏهن ناهي تہ يقينن اهو ”وَحیُ غَيرُمَتلُوٌّ“ سان ٿيو هوندو جنهن مان ثابت ٿيو تہ ”وَحیُ غَيرُ مَتلُوٌّ“ حديث حجت ۽ شرعي دليل آهي.

اٺون دليل : رب العزة ﷻ فرمايو ”سَيَقُولُ الْمُخَلَّفُونَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللهِ قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللهُ مِنْ قَبْلُ“ (سورة الفتح آيت 15) (جلد چوندا پوئتي رهيل جڏهن اوهان غنيمتن ڏانهن ويندؤ تانت اهي ونو ڇڏيو اسان کي تہ اوهان جي پويان هلون. ارادا ڪن ٿا تہ الله ﷻ جي ڪلام کي تبديل ڪن. فرماءِ تہ هرگز نہ پويان هلندؤ اسان جي اوهان اهڙي طرح فرمايو الله اڳ ۾)

سمجهاڻي : هن آيت ۾ مذڪور آهي تہ منافقن جي خيبر جي جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ جي اڳيئي الله ﷻ خبر ڏئي ڇڏي هئي ۽ ظاهر آهي تہ اها بہ وحي غير متلو سان ٿي هوندي ڇوتہ قرآن ڪريم ۾ ان جو ڪٿي بہ ذڪر ناهي.

نائون دليل : قرآن ڪريم ۾ الله ﷻ جو فرمان آهي :”وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ“ (سورة آل عمران آيت 163) (۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت پڙهائي ٿو)

سمجهاڻي: ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم ۽ حڪمت مان مراد حضور ڪريم ﷺ جن جي حديث آهي.

ڏهون دليل : الله ﷻ جو ارشاد آهي:” وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ“ (سورة النحل آيت 44) (۽ اسان اوهان تي ذڪر (يعني قرآن) نازل ڪيو تانت اوهان ماڻهن جي لاءِ اهو بيان ڪيو جيڪو انهن ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي.

سمجهاڻي : هن آيت مان صاف واضح آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي بعثت جو مقصد صرف قرآن ڪريم پهچائڻ نہ هو نہ سندن منصب عام ٽپال پهچائڻ وارو هو پر سندن ذمي ان نازل ڪيل

ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم، تشريح ۽ تفسير ڪرڻ بہ هو هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن سنڌن ارشادات حجت ناهن تہ قرآن ڪريم جي سمجهاڻي ڪيئن ممڪن ٿيندي ڇا رب العزة جل شانہ جي ڪتاب سمجهائڻ جي لاءِ ڪين پنهنجي طرفان ڪجهہ چوڻ جي اجازت نہ هئي؟. ظاهر آهي تہ ان ڪان سواءِ تعليم ممڪن ئي ناهي ۽ جيستائين سنڌن فرمان حجت تسليم نہ ڪيو ويندو تيستائين سنڌن تعليم مان ڪوبہ فائدو نہ ملندو.

يارهون دليل: خداوندي ڪلام قرآن ڪريم ۾ بار بار "اَطِيْعُوا اللّٰهَ "سان گڏ "وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ" جا الفاظ مذڪور آهن جيڪي صراحتًا حديث جي حجت هجڻ تي دلالت ڪن ٿا.

سوال: اها اطاعت شريعت ۾ حجت هجڻ جي حيثيت سان ناهي بلڪ ملت جي مرڪز يا حاڪم هجڻ جي حيثيت سان آهي، يعني سنڌن حڪم هڪ حڪمران جي حيثيت سان سنڌن زماني جي ماڻهن جي لاءِ واجب العمل هو سنڌن ڪان پوءِ جيڪو بہ حاڪم ايندو صرف ان جي اطاعت ڪئي ويندي.

جواب: ان سوال جي متعلق بہ عرض پيش خدمت آهن. (1) هڪ تہ حاڪم جي اطاعت جو ذڪر مستقل طور اڳتي" وَاُولِي الْاَمْرِمِنْكُمْ" ۾ آيو آهي. رسول الله ﷺ جي اطاعت لاءِ جدا امر آهي. اها هن ۾ داخل ناهي. (2) ٻيو تہ هتي "اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ" جو جملو استعمال ڪيو ويو آهي ۽ هي تسليم ٿيل قاعدو آهي تہ جڏهن ڪنهن اسم مشتق تي ڪو حڪم لڳايو ويندو تہ اشتقاق جو مادو ان حڪم جي علت ۽ مدار هوندو آهي جيئن چئبو آهي "اَكْرِمِ الْعَالِمَ" عالم جي عزت ڪر. جيئن هن ۾ علم جو هجڻ اڪرام، عزت ڪرڻ جي علت آهي تيئن "اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ" ۾ رسالت اطاعت جي علت آهي نہ حاڪميت.

ٻارهون دليل: باري تعالىٰ جل جلالہ جو فرمان آهي " فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ۝" (سورة النساء آيت 65) (پوءِ تنهنجي رب جو قسم آهي تہ اهي مومن ناهن جيستائين پنهنجن جهيڙن ۾ اوهان کي حاڪم ڪري نہ وٺن ان ڪان پوءِ نہ لهن پنهنجين دلين ۾ حرج جيڪر اوهان جو فيصلو ٿيو ان ۾ تنگي محسوس نہ ڪن ۽ تسليم ڪن تسليم ڪرڻ)

سمجهاڻي: هن آيت مان صاف واضح آهي تہ سنڌن ارشادات جي اطاعت نہ صرف واجب پر ان تي ايمان جو مدار آهي نہ تسليم ڪندڙ قرآن ڪريم جي نص مطابق مومن ناهي ڪافر آهي.

تيرهون دليل: خداوندي ڪلام قرآن ڪريم ۾ ڪيترين جاين تي اڳين نبين (على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) جي ارشادات کي واجب العمل قرار ڏنو ويو آهي ۽ نہ مڃڻ وارن تي عذاب نازل ٿيڻ جو ذڪر آهي حالانڪ انهن مان ڪيترا انبياء عليهم الصلوٰة والسلام اهڙا هئا جن تي ڪو ڪتاب (وحي متلو) نازل نہ ٿيو هو انهن جا فرمان سڀ وحي غير متلو هئا جيڪي حجت هئا.

چوڏهون دليل: قرآن ڪريم ۾ حضرت ابراهيم على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي خواب جو واقعو مذڪور آهي جنهن ۾ ڪيس سندس فرزند حضرت اسماعيل على نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام جي ذبح جو حڪم ڏنو ويو هو ۽ پاڻ ان تي عمل ڪري ڏيکاريو هيائون. اهو خواب وارو حڪم بہ "وَحْيٌ غَيْرُ مَتْلُوٍّ" هو. جنهن مان ثابت ٿيو تہ "وَحْيٌ غَيْرُ مَتْلُوٍّ" حجت آهي.

ڪجھ عقلي دليل

پهريون دليل : قرآن ڪريم ۾ زندگي جي هر شعبي جي متعلق جيڪي هدايتون ڏنل آهن اهي عام طور بنيادي احڪام تي مشتمل آهن ۽ انهن جو تفصيل ۽ انهن تي عمل جو طريقو سڀ حديثن ٻڌايو آهي مثال طور نماز جو حڪم قرآن ڪريم ۾ آهي پر ان جي پڙهڻ جو طريقو ان جا اوقات، ۽ رڪعتن جو تعداد قرآن ڪريم ۾ مذڪور ناهي. جيڪڏهن حديثن کي حجت نه مڃبو ته " اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ" تي عمل تي نه سگهندو. مجبورًا مڃڻو پوندو ته حديثون حجت آهن.

ٻيون دليل : عرب جي مشرڪن جي خواهش هئي ته : قرآن ڪريم حضور ڪريم ﷺ جي واسطي کان سواءِ سڌو سنئون انهن تي نازل ٿئي ها. جيئن ارشاد آهي "حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيۡنَا كِتٰبًا نَّقۡرَؤُهٗ" (القرآن) (تانجو اسان تي ڪتاب لاهين جو اسين ان کي پڙهون) هن صورت ۾ معجزو به ظاهر ٿئي ها ۽ مشرڪن جي ايمان آڻڻ جي اميد به ظاهر هئي پر الله ﷻ اهو طريقو پسند نه فرمايو. سوال هي آهي ته جيڪڏهن حديثون حجت نه هيون ته رسول الله ﷺ جي موڪلڻ تي اصرار ڇو ڪيو ويو؟ حقيقت هي آهي ته رسول الله ﷺ جي موڪلڻ ۾ حڪمت اها هئي ته صرف ڪتاب ڪنهن قوم جي اصلاح جي لاءِ ڪافي نه ٿو ٿي سگهي جيستائين ڪو اهڙو معلم، ان جون معنائون ۽ مرادون سمجهائيندڙ نه هجي ۽ اهو ان جو عملي نمونو بڻجي ڏيکاري ۽ هي تيستائين ممڪن ناهي جيستائين ان جو ارشاد ۽ تفهيم واجب الاطاعت ۽ واجب الاتباع نه هجي.

ٽيون دليل : پوري امت ڪنهن استثناء کان سواءِ حديث کي حجت تسليم ڪندي انهن تي عمل ڪندي آئي آهي جيڪڏهن اهي سڀئي گمراه هئا ۽ چوڏهن سؤ سالن ۾ حديث جي منڪرن کان سواءِ اسلام جي سمجهڻ وارو ڪير به پيدا نه ٿيو ته پوءِ اهو دين ڪيئن قابل ٿي سگهندو جنهن کي سوين سالن تائين ڪير سمجهي نه سگهيو.

حديثن جي منڪرن جا سوال ۽ انهن جا جواب

سوال [1] : قرآن ڪريم ۾ رب العزة جل جلاله جو ارشاد آهي :" وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ۝" (سورة القمر آيت 17) (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي نصيحت جي لاءِ آسان ڪيو ڇا پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي) هن آيت مان واضح ٿيو ته قرآن ڪريم کي سمجهڻ ۽ ان مان نصيحت حاصل ڪرڻ ڪنهن جي سمجهائڻ جو محتاج ناهي ۽ نه ان جي تشريح ۽ تعليم جي لاءِ ڪنهن جي ضرورت آهي.

جواب : قرآن ڪريم جا مضمون ٻه قسم آهن (1) هڪڙا الله ﷻ جي خوف، آخرت جي فڪر الله ﷻ ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ عام نصيحت جي ڳالهين تي مشتمل آهن. (2) ٻيا شرعي احڪام ۽ انهن جي اصول جي متعلق آهن. مذڪوره آيت پهرئين قسم جي مضمونن جي متعلق آهي ٻئي قسم جي مضمونن جي متعلق ناهي ڇو ته هن ۾ "لِلذِّكۡرِ" جو قيد لڳايل آهي. جيڪڏهن احڪام ۽ اصولِ احڪام سمجهڻ به آسان هجن ها ته اهو قيد لڳايل نه هجي. ۽ هن ۾ "فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ (پوءِ ڪو نصيحت وٺندڙ آهي؟) آيل آهي. " فهل من مستنبط"، "يا هل من مجتهد" نه آهي. قرآن ڪريم جي

ڪيترين آيتن ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ قرآن ڪريم حضور ڪريم ﷺ جي سمجهائڻ سان ئي سمجهہ ۾ ايندو.

سوال [2] : قرآن ڪريم ڪيترين جاين تي پنهنجي آيتن کي "بينات" (چٽا دليل) سڏيو آهي جنهن مان واضح ٿئي ٿو روشن آهي تہ حديث سان ان جي وضاحت جي ضرورت ناهي.

جواب : "بينات" مان مراد توحيد، رسالت ۽ قيامت جي قائم ٿيڻ جا واضح دليل آهن جيڪي ٿورڙي توجهہ سان دل ۾ لهي وڃن ٿا ۽ صاف سمجهہ ۾ اچن ٿا. عيسائين جي ٽن معبودن چوڻ واري عقيدي وانگر ناهن جو سچي دنيا ملي بہ ان کي چڱي طرح سمجهي نہ سگهي آهي. مذڪور لفظ مبارڪ مان اها مراد ناهي تہ شرعي احڪام ۽ اصول جي سمجهڻ جي لاءِ ڪنهن سمجهائيندڙ جي ضرورت ناهي.

سوال [3] : قرآن ڪريم ۾ فرمان خداوندي آهي تہ "اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ" (مان اوهان جهڙو بشر آهيان) هن مان معلوم ٿيو تہ پاڻ (معاذالله) عام ماڻهن جهڙا ماڻهو آهن اسان تي سندن مٿان نازل ٿيل وَحۡيٌ مَتۡلُوٌّ (يعني قرآن ڪريم) جي اطاعت لازم آهي سندن حديث جي اتباع يا اطاعت اسان تي لازم ناهي.

جواب : هي دليل آيت کي ان جي سياق کان جدا ڪري پوءِ ورتو ويو آهي حقيقت ۾ هيءَ آيت انهن مشرڪن جي جواب ۾ نازل ٿي هئي جيڪي هر هر حبيب ڪريم ﷺ کان معجزا گهرندا هئا. انهن جي جواب ۾ هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ ڪين چيو ويو تہ "مان هر هر معجزا نہ ڏيکاريندس مان نبي هجڻ سان گڏ بشر بہ آهيان. معجزا الله جل جلاله جي اذن سان ۽ مهرباني سان ڏيکاريندو آهيان. "مِثْلُكُمْ" ۾ تشبيہ هر لحاظ سان ناهي. هن آيت ۾ "يُوْحٰٓى اِلَيَّ" (مون ڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي) سان عام ماڻهن ۽ حضور ڪريم ﷺ ۾ فرق ڪيل آهي. "يُوْحٰٓى اِلَيَّ" ۾ وحي متلو ۽ وحي غير متلو ٻئي داخل آهن. ٻنهي جي اتباع ڪرڻ ضروري آهي.

سوال [4] : ڪيترا اهڙا واقعا سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل آهن جن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کي سندن ڪن فيصلن تي عتاب ۽ ميار مليل آهي مثال طور بدر جي جنگ جي موقعي تي قيدين کان فديو (جان بها) وٺي ڇڏي ڏيڻ. هن جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ صراحت آهي تہ سندن اهو فيصلو خداوند ڪريم جي رضا مطابق نہ هيو. ۽ هن مان ثابت ٿيو تہ سندن اقوال ۽ افعال مطلق طور حجت ۽ شرعي دليل ناهن.

جواب : اهو استدلال جهالت تي مبني آهي. اهڙن واقعن ۾ سندن فيصلا اجتهادي هئا. ۽ امت جي اڪثريت جو هن ڳالهہ تي اجماع آهي: مجتهد اجتهاد سان جيڪو فيصلو ڪري ٿو جيڪڏهن اهو صحيح نہ بيٺو تہ بہ ڪيس اجتهاد ۽ حق جي طلب ۾ ڪوشش ڪرڻ جو اجر ملندو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي اهڙن فيصلن تي ڪين اجر ڏيڻ سان گڏ الله جل جلاله سندن رهنمائي بہ ڪري حق واضح ڪيو آهي ۽ جن فيصلن ۾ اجتهادي نہ هو تہ اهي برقرار رکيا ويا جنهن مان معلوم ٿيو تہ سندن اهي فرمان بہ حجت ۽ دليل هئا ۽ اهڙن فيصلن کي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جو تسليم ڪرڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ هي حضور ڪريم ﷺ جي احڪام ۽ ارشادات کي شرعي حجت ۽ دليل سمجهندا ۽ مڃيندا هئا. اهڙن واقعن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کي محبوبانہ انداز ۾ ڏوراپو تہ ڏنو ويو پر سندن انهن فيصلن کي تسليم ڪندڙ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي ڪو ڏوراپو يا عتاب نہ ڪيو ويو.

سوال [5]: عرب پنهنجين ڪجين ڪجين جي باغن ۾ ڪجين ڪي نر ڏيندا هئا تہ پوءِ ڪجي ڏينديون هيون. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن انهن کي ان ڪان روڪيو. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ان تي عمل ڪيو تہ ڪجين جي وڻن ڪجور ٿوري ڏني ۽ جڏهن ڪين ٻڌايو ويو تہ پاڻ فرمايائون "اَنْتُمْ اَعْلَمُ بِاُمُوْرِ دُنْيَاكُمْ" (اوهان پنهنجي دنيا جي ڪمن ڪي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيو) جيڪڏهن سندن هر حڪم وحي هجي ها تہ اها صورت حال پيش نہ اچي ها.

جواب: سندن اصلي حيثيت شانِ رسالت واري آهي ان جي ڪري سندن ارشاد دليل ۽ شرعي حجت آهي پر جيڪڏهن ڪو قرينو يا دليل ملي جنهن مان معلوم ٿئي تہ هي سندن ارشاد شخصي شوري جي حيثيت رکي ٿو تہ ان کي شخصي مشورو سمجهيو ويندو. ۽ حديث جي ذخيره ۾ سندن اهڙا شخصي مشورا موجود آهن ۽ اتي ان ڳالهہ جي وضاحت بہ ڪيل آهي ۽ انهن چند مقامات کان سواءِ سندن سمورا فرمان الله ﷻ جي رسول هجڻ جي حيثيت سان صادر ٿيا آهن جيڪي امت جي لاءِ حجت ۽ شرعي دليل آهن.

ٻئي نظريہ جي ترديد

هن نظريي جي مطابق حديثون صرف صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي لاءِ حجت ۽ دليل هيون اسان جي لاءِ ناهن. هي نظريہ تہ اهڙو بديهي البطلان (ڪليل باطل) آهي جنهن جي ترديد جي لاءِ تڪليف ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي ڇوتہ ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ پاڻ صرف صحابہ جا نبي هيا ۽ سندن رسالت بہ صرف ان دور سان مخصوص هئي. حالانڪ قرآن ڪريم ۾ صاف واضح بيان ٿيل آهي تہ پاڻ قيامت تائين اچڻ وارن انسانن جا رسول آهن. وضاحت لاءِ هتي ڪجهہ آيتون لکجن ٿيون.

آيت نمبر [1] "يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا" (سورة الاعراف آيت 158)

(ترجمو: اي انسانو! بيشڪ مان اوهان سيني ڏانهن الله ﷻ جو رسول آهيان) هن ۾ سندن رسالت سيني انسانن جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي ۽ اها قيامت تائين اچڻ وارن انسانن جي لاءِ عام آهي.

آيت نمبر [2]: "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا" (سورة السبا آيت 28)

(۽ اسان اوهان کي سيني ماڻهن جي لاءِ بشير ۽ نذير بڻائي موڪليو آهي)

آيت نمبر [3]: "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾" (سورة الانبياء آيت 107)

(ترجمو: ۽ اسان اوهان کي سيني جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي)

آيت نمبر [4]: "تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرًا ﴿١﴾" (سورة الفرقان آيت 1)

(ترجمو: برڪت وارو آهي اهو الله جنهن پنهنجي ٻانهي تي فرقان نازل ڪيو تانتہ جهانن جي لاءِ ڊيڄاريندڙ هجي)

هنن آيتن ۾ سندن عام ۽ قيامت تائين اچڻ وارن انسانن جي لاءِ رسالت ۽ نبوت جو ثبوت آهي. سندن بعثت کي صرف صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي لاءِ چوڻ بي حيائي ۽ بي شرمي کان سواءِ ڪجهہ ناهي.

حديث جي منڪرن ڪان هڪ اهم ۽ بنيادي سوال

حديث جي منڪرن ڪان پڇيو وڃي ته قرآن ڪريم جي سمجهڻ لاءِ حضور ڪريم ﷺ جي تعليم ضروري آهي يا نه؟ جيڪڏهن ناهي ته پوءِ سندن بعثت جو مقصد ڇا؟ جيڪڏهن آهي ته تعجب جي ڳالهه آهي صحابه ڪرام عليهم الرضوان ته قرآن ڪريم جي نزول وقت موجود ۽ حبيب ڪريم ﷺ جو ديدار ڪندڙ هئا انهن کي قرآن ڪريم جي نزول جا اسباب چڱي طرح ذهن نشين هئا قرآن پاڪ جي نزول جو ماحول سندن سامهون هو. اسين ته انهن سيني ڳالهين کان خالي آهيون ته اسان کي ته حضور ڪريم ﷺ جي تعليم، تفهيم ۽ سندن حديثن جي وڌيڪ محتاجي ۽ ضرورت آهي.

ٽئين نظريي جي ترديد

هي نظريو به بلڪل باطل آهي ته حديثون اول حجت هيون هاڻي ناهن ڇو ته اهي اسان تائين قابلِ اعتماد ذريعن سان نه پهتيون آهن. هن نظريي وارن کي سمجهڻ گهرجي ته اسان وٽ حديثون انتهائي معتبر ذريعن سان پهتل آهن جيئن هتي لکجي ٿو.

حديثن جي معتبر ۽ باوثوق ذرائع سان پهچڻ جا دلائل

جن ذريعن سان اسان وٽ قرآن ڪريم پهتو آهي انهن ئي ذريعن سان حديث به پهتي آهي جيڪڏهن اهي واسطا اعتقاد جي قابل نه ڄڻبا ته پوءِ ته قرآن ڪريم تان به هٿ کڻڻو پوندو.

سوال : قرآن ڪريم جي حفاظت جو ذمو ته الله ﷻ پاڻ کنيو آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي "وَاِنَّا لَه لَحٰفِظُوْنَ" (ترجمو : ۽ بلاشڪ اسين ئي ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون) پر حديث جي باري ۾ اهڙي ڪا به ان جي حفاظت جي ذميداري ذڪر ڪيل ناهي؟

جواب : ان اعتراض جي متعلق علماء به جواب لکيا آهن. هڪ ته اها حفاظت جي ذميداريءَ واري آيت به اسان وٽ انهن ذريعن سان پهتي آهي جيڪي اوهان جي بقول اعتقاد جي قابل ناهن ۽ نعوذ بالله . اوهان جي بقول ممڪن آهي ته ڪو ان آيت جي لاءِ ائين چوي جيئن اوهان حديث جي لاءِ چئو ٿا بيو ته قرآن ڪريم اصولين جي اتفاق سان نظم (لفظن) ۽ معنيٰ ٻنهي جو نالو آهي. هيءَ آيت ان لحاظ سان صرف نظم جي حفاظت جي ذميداري بيان نه ٿي ڪري پر معنيٰ جي حفاظت جي ذميداري به بيان ڪري ٿي ۽ معنيٰ جي تعليم حديث سان ئي آهي ان جي ڪري هن آيت مان حديث جي حفاظت به ثابت ٿي رهي آهي.

سوال : قرآن ڪريم جو اسان تائين پهچڻ انهن واسطن سان ناهي پر ان جو ڪلام الله هجڻ ۽ اسان تائين پهچڻ ان جي اعجاز ۽ بلاغت جي ڪري آهي جيڪو حديث ۾ ناهي.

جواب : ان جا به جواب آهن:

[1] هڪ هي ته قرآن ڪريم جو اعجاز ماڻهن جي لاءِ ان ۾ بيان ٿيل تحدي (مقابلي جي چئلينج) وارين آيتن سان آهي ۽ اهي به اسان وٽ انهن ئي ذريعن سان پهتيون آهن جن سان حديث پهتي آهي.

[2] قرآن ڪريم جو اعجاز تڏهن ثابت ٿيو جڏهن ان جو چئلينج قبول ڪري ڪو ماڻهو مقابلي ۾ نه

آيو ۽ ڪنهن ماڻهو جو نہ اچڻ بہ حديثن کان سواءِ ڪٿان ثابت ٿيو معلوم ٿيو تہ حديثن کان سواءِ ڪا واهہ ۽ ڳلي ناهي. ۽ جڏهن حديثن کان سواءِ ڪا واهہ ناهي تہ ثابت ٿيو تہ اهي واجب العمل آهن ۽ جيئن قرآن ڪريم جي حفاظت الله ﷻ ڪئي آهي تيئن حديثن جي حفاظت جو بہ ان ئي انتظام ڪيو آهي.

سوال : محدثن پاڻ بہ لکيو آهي تہ : حديثن مان ڪي حديثون آحاد ظني دليل آهن ۽ ظن جي اتباع ڪرڻ قرآن ڪريم جي صراحت موجب منع آهي. الله ﷻ جو فرمان آهي "اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَاِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِىۡ مِنَ الۡحَـقِّ شَيۡـئًا ۚ" (سورة النجم آيت 28) (نہ ٿا تابعداري ڪن مگر گمان جي ۽ بيشڪ گمان حق جو ڪو فائدو نہ ٿو ڏي)

جواب : هيءُ چوڻ بہ خالص ڏوڪو ۽ فريب آهي تحقيق هي آهي تہ "ظن" لفظ عربي لغت ۾ ٽن معنائن جي لاءِ ايندو آهي. هڪ اٽڪل ۽ اندازو ٻيو غالب گمان ٽيون يقيني, استدلالي علم. جيئن قرآن ڪريم جي هنن آيتن ۾ "ظن" لفظ يقين جي معنيٰ ۾ آيو آهي.

[1] "اَلَّذِيۡنَ يَظُنُّوۡنَ اَنَّهُمۡ مُّلٰقُوۡا رَبِّهِمۡ" (ترجمو: جيڪي يقين ٿا ڪن تہ بلاشڪ اهي پنهنجي رب سان ملندڙ آهن)

[2] "قَالَ الَّذِيۡنَ يَظُنُّوۡنَ اَنَّهُمۡ مُّلٰقُوا اللّٰهِ " (سورة البقره) (ترجمو : انهن چيو جيڪي يقين ٿا رکن تہ اهي الله سان ملندڙ آهن)

[3] "وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ"(سورة ص آيت 24) (ترجمو : ۽ داؤد يقين ڪيو تہ بلاشڪ اسان ان کي آزمائش ۾ وڌو)

جيئن هنن آيتن ۾ ظن يقين جي معنيٰ سان آهي تيئن حديثن کي ظني چوڻ بہ يقين جي معنيٰ سان آهي ڪٿي غالب گمان بہ مراد ورتو ويو آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ جنهن ظن جي اتباع کان روڪيو ويو آهي اهو اٽڪل ۽ اندازي جي معنيٰ سان آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ جيتري قدر غالب گمان جو تعلق آهي گهڻن مسئلن ۾ ان کي حجت قرار ڏنو ويو آهي ۽ ان کي حجت مڃڻ کان سواءِ انسان هلي نہ سگهندو ڇو تہ ساري دنيا ان غالب گمان تي قائم آهي. محدثن پلارن لکيو آهي تہ خبر واحد ان لحاظ سان ظني آهي پر ڪي واحد خبرون يقين جو فائدو ڏينديون آهن. مثال طور اهي حديثون جيڪي فن حديث جي امامن ۽ حافظن کان بار بار ۽ مسلسل بيان ٿينديون آهن. باقي اهو چوڻ تہ حديثون جن واسطن سان اسان وٽ پهتيون آهن اهي واسطا اعتماد جي قابل ناهن اهو بي خبر هجڻ جو دليل آهي. حديث جي حفاظت جو جيڪو انتظام ٿيل هو ۽ آهي اهو بي مثال آهي جنهن جو تفصيل ۽ تحقيق حديث جي ترتيب ۽ تدوين جي تاريخ مان ئي معلوم ٿئي ٿو.

حديث جي ترتيب ۽ تدوين

حديث جا منڪر چون ٿا تہ حديثون ٽئين صدي هجري ۾ ترتيب ڏنيون ويون آهن ان جي ڪري اهي اعتقاد جي قابل ناهن ڇو تہ ممڪن آهي تہ اهي اصلي صورت تي باقي نہ رهيون هجن مگر اهو چوڻ بلڪل بي بنياد ۽ اجايو آهي ڏسڻو اهو آهي تہ حبيب ڪريم ﷺ جن جي پاڪ دور کان وٺي اڄ تائين حديث جي حفاظت جو ڇا اهتمام ڪيو ويو؟ ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ حديث جي حفاظت

جو رستو صرف لکڻ ناهي پيا بہ ڪيترا اعتماد جوڳا ذريعا آهن . حضور ڪريم ﷺ ۽ صحابن سڳورن عليهم الرضوان جي دور ۾ حديث پاڪ جي حفاظت لاءِ ٽي طريقا استعمال ڪيا ويا هئا. [1] هڪ ياد ڪرڻ ۽ اهو طريقو ان دور جي لحاظ سان انتهائي اعتماد جي قابل هو. اهل عرب کي الله جل جلاله زبردست حافظي ۽ يادگيري جي قوت سان نوازيو هو. اهي هر ڳالهہ کي ياد ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هڪ هڪ شخص کي هزارين شعر ياد هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري جيڪا ڳالهہ هڪ ڀيرو ٻڌائون اها سڄي عمر انهن کي ياد رهندي هئي. وسرندي نہ هئي. انهن جا اهڙا ڪيترا واقعا تاريخ ۾ مذڪور آهن. جڏهن انهن جو بين ڳالهين ۾ ايترو مضبوط حافظو هوندو هو تہ حديث پاڪ تہ سندن قلبن جو قرار ۽ روح جي راحت هئي ان ۾ سندن حافظي جا ڇا جوهر نہ ڏيکاريا هوندا. بلاشڪ سندن حافظا ۽ يادگيريون ائين قابلِ اعتقاد هئا جيئن لکڻ آهي. [2] حديث جي حفاظت جو ٻيو طريقو تعامل هو. يعني اصحابن ڀلارن جو حضور ڪريم ﷺ جي اقوال ۽ افعال تي عمل ڪري انهن کي ياد رکڻ جيئن ڪيترن اصحابن رضي الله عنهم کان روايت ڪيل آهي تہ اهي ڪو ڪم ڪري پوءِ چوندا هئا تہ اسان رسول الله ﷺ جن کي ائين ڪندي ڏٺو هو. ۽ هي طريقو بہ اعتماد ۾ افضل آهي ڇوتہ جنهن ڳالهہ تي انسان عمل ڪري ٿو اها ائين آهي جيئن لوهہ تي ليڪو. [3] ٽيون طريقو آهي لکڻ : تاريخي طور تي حديث جو لکڻ چئن مرحلن ۾ ٿيو آهي. هڪ متفرق طور حديثن کي قلم بند ڪرڻ . ٻيو ڪنهن هڪ شخصي دفتر ۾ حديثُن جو جمع ڪرڻ جنهن جي حيثيت ذاتي ياد داشت جي هجي. ٽيون حديثن کي ڪتابي صورت ۾ بابن جي ترتيب کان سواءِ گڏ ڪرڻ. چوٿون حديثن کي ڪتابي صورت ۾ بابن جي ترتيب سان گڏ ڪرڻ. نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ ظاهري زندگي ۾ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي دور ۾ پهريان بہ قسم تہ چڱيءَ طرح رائج ٿي چڪا هئا باقي قسم بہ آهستي آهستي رائج ٿيندا ويا.

سوال : صحيح مسلم ج 2 ص 414 باب التثبت وحكم كتابة العلم) ۾ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ : رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "لَا تَكْتُبُوا عَنِّي وَمَنْ كَتَبَ عَنِّي غَيْرَ الْقُرانِ فَلْيَمْحُهُ" (مون کان (حديث) نہ لکو ۽ جنهن مون کان قرآن کان سواءِ (ڪجهہ) لکيو ان کي گهرجي تہ اهو ميٽي ڇڏي)

هيءَ روايت ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي دور ۾ حديثون لکيون نہ وينديون هيون. بلڪ پاڻ لکڻ کان روڪيو هيائون.

جواب : حديث جي لکڻ کان هيءَ منع اسلام جي ابتداء ۾ هئي جو ان وقت تائين قرآن ڪريم هڪ نسخي ۾ جمع ٿيل نہ هو. متفرق طور صحابہ ڪرام عليهم الرضوان وٽ موجود هو ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان بہ اڃان قرآن ڪريم جي اسلوب کان پوري طرح مانوس نہ هئا. ماٺهو قرآن ڪريم ۽ حديث ۾ پهرين نظر سان فرق ڪري نہ سگهن ها. پر جڏهن صحابي سڳورا قرآن ڪريم جي اسلوب کان چڱي طرح مانوس ٿيا تہ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن حديث جي لکڻ جي اجازت ڏني. جنهن جا بہ ٽي واقعا حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن. ملاحظہ فرمايو.

[1] محدث ترمذي پنهنجي ڪتاب جامع ترمذي جي ڪتاب العلم ۾ هڪ مستقل باب رکيو آهي "بَابُ مَاجَاءَ فِي الرُّخْصَةِ فِيهِ" هن ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان هڪ روايت آندي اٿس تہ "انصارن مان

هڪ مرد حضرت نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ويهندو هو ۽ سندن حديثون ٻڌندو هو ۽ ڪيس گهڻو وڻنديون هيون پر ياد ڪري نہ سگهندو هو حضور ڪريم ﷺ جن سان اها شڪايت ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ مان اوهان کان حديث ٻڌان ٿو مون کي وڻي ٿي پر ياد ڪري نہ ٿو سگهان" نبي ڪريم ﷺ جن کيس فرمايو تہ "سڄي هٿ سان مدد وٺ" ۽ کيس لکڻ جي لاءِ اشارو ڏنائون. (جامع ترمذي ج 2 ص 106, 107)

[2] ابو داؤد السنن ۾ ۽ حاڪم المستدرڪ ج 1 ص 104 ڪتاب العلم الامر بڪتابة الحديث" ۾ حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص ﷺ کان روايت آندي آهي تہ مان جيڪو ڪجھ حضور ڪريم ﷺ جن کان ٻڌندو هوس اهو لکندو هوس, ان مان منهنجو مقصد حديث کي ياد ڪرڻ هو. پوءِ مون کي قريشن منع ڪيو ۽ چيائون تہ تون جيڪو ڪجھ حضور ڪريم ﷺ جن کڏهن ڪاوڙ ۾ تہ ڪڏهن خوشي ۾ ڪجھ ڳالهائين ٿا. اهو ڇو ٿو لکين؟ (انهن جي ان چوڻ کان) پوءِ مون لکڻ بند ڪيو ۽ اها ڳالھ حضور ڪريم ﷺ جن کي ٻڌائي تہ پاڻ فرمايائون "لک" ان ذات جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساھ آهي تہ هن (سندن وات مبارڪ) مان صرف حق ئي نڪرندو آهي. (ابو داؤد ج 2 ص 513, 514 ڪتاب العلم؟)

[3] المستدرڪ للحاڪم ۾ حضرت عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون "علم کي قيد (قابو) ڪيو" مون عرض ڪيو تہ علم کي قيد ڪرڻ ڇا آهي؟" پاڻ فرمايائون تہ "لکڻ" (المستدرڪ للحاڪم ج 1 ص 106 ڪتاب العلم "قيدو العلم بالڪتابة)

[4] حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن خطاب فرمايو ۽ هڪ قصو بيان ڪيو تہ اتي موجود ابو شاھ نالي هڪ شخص ڪين عرض ڪيو تہ "هي مون کي لکي ڏيو" تہ پاڻ فرمايائون "ابو شاھ کي لکي ڏيو" (ترمذي ج 2 باب ماجاء في الرخصة فيه ورواه البخاري في ڪتاب العلم تحت باب ڪتابة العلم ج 1 ص 21, 23) هن مان بہ حضور ڪريم ﷺ جن جي امر سان سندن حديث لکڻ جو ثبوت ملي رهيو آهي ۽ اهڙيون بيون حديثون بہ آهن جن مان ثابت ٿئي ٿو حديث جي لکڻ کان منع عارضي ۽ مصلحت جي تحت هئي. ۽ جڏهن اهو عارض دفع ٿي ويو تہ منع جو حڪم بہ رفع ٿي ويو بلڪ حديث لکڻ جو امر عام ٿي ويو. محدث نووي رحمه الله حديث جي لکڻ کان منع جو ٻيو سبب هي بہ بيان ڪيو آهي تہ مطلقًا لکڻ جي منع ڪنهن بہ زماني ۾ نہ هئي پر ڪي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم قرآن ڪريم جي آيتن لکڻ سان گڏ تفسير ۽ تشريح بہ لکندا هئا ۽ ان صورت ۾ ان جو قرآن ڪريم جي آيتن سان ملي وڃڻ جو خطرو هو ۽ فرق نہ ٿي سگهي ها تڏهن انهن اصحابن کي ان لکڻ کان روڪيو ويو هو. علامہ نووي رحمه الله جو بيان ڪيل هي سبب دل کي لڳندڙ ۽ تمام سهڻو آهي ۽ هن جي تائيد امام نسائي رحمه الله جي هن روايت سان بہ ٿئي ٿي جيڪا ان "ڪتاب الصَّلوٰة باب الصَّلوٰة الوُسطىٰ" ۾ آندي آهي تہ "ام المومنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها وعن ابيها) پنهنجي هڪ غلام کي قرآن ڪريم جي لکڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ جڏهن اهو هن آيت "حَافِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلوٰةِ الْوُسْطىٰ" تي پهتو تہ پاڻ ان کي "الْوُسْطىٰ" جو تفسير "العصر" سان لکرايائين ۽ ظاهر آهي تہ اهو لفظ ان جاءِ تي قرآن ڪريم جي حيثيت سان نہ پر تفسير جي حيثيت سان لکيو ويو هو ۽ ان دور ۾ جڏهن تہ متن ۽ شرح ۾ امتياز جون هاڻي واريون نشانيون مروج نہ هيون تہ شرح کي متن سان گڏ لکڻ کان روڪيو ويو. باقي حديثن کي جدا لکڻ کان

منع ڪيل نہ هئي. ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي دور ۾ حديثن جا ڪيترا مجموعہ تيار ٿي چڪا هئا. جن مان ڪن جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

[1] **الصحيفة الصادقة** : امام احمد المسند ۾ روايت آندي آهي تہ حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص ﷫ حديثن جو مجموعو تيار ڪري ان جو نالو "الصحيفة الصادقہ" رکيو هو. ان ۾ ڪيترييون حديثون هيون انهن جو تعداد ڪيترو هو پر صحيح بخاري ج 2 ص 22 ڪتاب العلم باب ڪتابة العلم ۾ هڪ روايت آندي آهي جنهن مان ان تي ڪجهہ روشني پوي ٿي. ان ۾ حضرت ابو هريره ﷛ جو بيان آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي اصحابن مان ڪوبہ مون کان حديث بيان ڪرڻ ۾ گهٽ نہ هو پر عبدالله بن عمرو ﷫ وڌيڪ هو ڇوتہ اهو حديثون لکندو هو. ۽ مان لکندو نہ هوس " هن مان معلوم ٿيو تہ حضرت عبدالله بن عمرو ﷛ جون روايت ڪيل حديثون حضرت ابو هريره ﷛ جي روايت ڪيل حديثن کان گهٽيون هيون ۽ حضرت ابو هريره ﷛ جي روايت ڪيل حديثن جو تعداد 5314 يا 5374 هو ۽ وڌيڪ صحيح قول ٻيو آهي هن مان عبدالله بن عمرو ﷛ جي مرويات جو تعداد اڃان بہ گهٽ ٿو معلوم ٿئي.

سوال : حضرت عبدالله بن عمرو ﷛ کان روايت ڪيل حديثون جيڪي اسان تائين پهتيون آهن انهن جو تعداد تہ حضرت ابو هريره ﷛ جي مرويات کان گهٽ آهي پوءِ حضرت ابو هريره ﷛ ڪيئن فرمايو تہ ان وٽ مون کان وڌيڪ حديثون آهن؟

جواب : حديثن جو ياد ڪرڻ جدا ڳالهہ آهي ٻين تائين پهچائڻ جدا ڳالهہ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ حضرت ابو هريره ﷛ مدينہ منوره ۾ رهندو هو جيڪو علم جي طالبن جو مرڪز هو ان ڪي اتي حديث جي روايت ڪرڻ جا گهڻا موقعا ميسر هئا پر حضرت عبدالله بن عمرو شام ۾ رهيو جتي ان جون روايت ڪيل حديثون ٻين تائين پهچائڻ وارا گهٽ هئا ان جي ڪري ان جون روايت ڪيل حديثون ٻين تائين گهٽ پهتيون آهن. بهرڪيف "الصحيفة الصادقة" ان دور ۾ حديث جو وڏو مجموعو هيو ۽ حضرت عبدالله بن عمرو ﷛ ان کي نهايت حفاظت سان رکندو هو سندس وفات کان پوءِ اهو مجموعو سندس پوٽي عمرو بن شعيب ﷛ وٽ آيو جنهن جي روايت اڪثر ڪري " عن ابيہ عن جده" جي الفاظ سان ايندي آهي. حافظ ابن حجر ﷫ " تهذيب التهذيب" ۾ يحيىٰ بن معين ۽ علي المديني جو قول آندو آهي تہ جيڪا حديث "عن عمرو بن شعيب عن جده" جي سند سان اچي سمجهڻ گهرجي تہ اها "الصحيفة الصادقة" کان آندل آهي.

[2] **صحيفة علي** : ابو داؤد ج 1 ص 278 ڪتاب المناسڪ باب في تحريم المدينة جي تحت حضرت علي ﷛ جو هي قول نقل ڪيل آهي تہ " ماڪتبناعن رسول الله ﷺ الا القرآن ومافی هذه الصحيفة" اسان رسول الله ﷺ جن کان صرف قرآن ۽ (ٻيو) جيڪو هن صحيفه ۾ لکيو آهي. هيءَ روايت صحيح بخاري ۾ ڇئن مقامن ۽ صحيح مسلم ۾ ٻن مقامن تي آيل آهي. هيءَ روايت نسائي ۽ ترمذي بہ تخريج ڪئي آهي ۽ حضرت علي ﷛ جو اهو لکيل صحيفہ ساڻن گڏ هوندو هو ۽ هن روايت جي متعدد الفاظ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان ۾ ديتن، معاقل، فديو، قصاص، اهل ذمہ جي احڪام، زڪواة جي نصاب ۽ مدينہ طيبہ جي حرم هجڻ جي متعلق نبوي ارشاد هئا.

[3] **ڪتاب الصدقة** : هي احاديثِ مبارڪ جو اهو مجموعو آهي جيڪو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پاڻ املاء ڪرڻ فرمايو هو. هن ۾ زڪواة، صدقات، عشر وغيره جي احڪام جو ذڪر هو ۽ سنن ابي داؤد مان معلوم ٿئي ٿو تہ: اهو ڪتاب حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي طرفان زڪواة وصول ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيلن ملازمن جي چاڻ لاءِ لکرايو هو پر اهو اجان انهن ڏانهن موڪليو نہ هيائون تہ سندن ظاهري زندگي پوري ٿي ۽ پاڻ واصل الي الله ٿيا. سندن رحلت ڪان پوءِ اهو حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه وٽ رهيو ان ڪان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه وٽ رهيو. حضرت عمر رضي الله عنه جي شهادت ڪان بعد سندس فرزندن حضرت عبدالله رضي الله عنه ۽ حضرت عبيدالله رضي الله عنه ان ڪي سنڀاليو ۽ انهن ڪان حضرت عمر بن عبدالعزيز وٽ نقل ڪرايو پوءِ اهو مواد حضرت سالم بن عبدالله رضي الله عنه وٽ آيو. حضرت سالم رضي الله عنه ڪان شهاب الدين زهري رحمه الله اهو مواد وٺي ياد ڪيو ۽ ٻين ڪي پڙهايو.

[4] **صحف انس بن مالڪ** : (انس بن مالڪ جا لکيل دفتر) حضرت سعيد بن هلال رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ: اسين جڏهن حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان حديثون گهڻيون پڇندا هئاسون تہ اهو پاڻ وٽ موجود دفتر ڪڍي اسان جي اڳيان رکندو هو ۽ چوندو هو تہ : هي اهي حديثون آهن جيڪي مون رسول الله ﷺ جن ڪان ٻڌي لکيون هيون ۽ سندن اڳيان پڙهي پيش ڪيون هيون. (المستدرک للحاكم ج 3 ص 573، 574 ذكر انس بن مالك كتاب معرفه الصحابة) هن مان معلوم ٿيو تہ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه وٽ بہ حديثن جا لکيل مجموعا هيا.

[5] **صحيفة عمر بن حزم**: جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن عمر بن حزم ڪي نجران جو عامل بنائي موڪليو تہ هڪ صحيفه هن جي حوالي ڪرڻ فرمايو هيائون جيڪو سندن حديثن تي مشتمل هو. ان کي حضرت ابي لکيو هو ابو داؤد وغيره ۾ ان جا جيڪي اقتباسات آيا آهن انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان ۾ پاڪائي، نماز، زڪواة، حج، عمره، جهاد، سير ۽ مغانم وغيره جي متعلق حديثون هيون.

[6] **صحيفة ابنِ عباس** رضي الله عنهما : طبقات ابنِ سعد ۾ ڪريب بن ابي مسلم حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما جي آزاد ڪيل غلام ڪان هي واقعو نقل ڪيو آهي تہ ڪيس حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما جي لکيل ڪتابن مان اٺ جي ڪٽڻ جيترو ذخيرو مليو هو.

[7] **صحيفة ابنِ مسعود** رضي الله عنه : علامہ ابنِ عبدالبر پنهنجي ڪتاب "جامع بيان العلم و فضله" ۾ لکيو آهي تہ عبدالرحمان بن مسعود رضي الله عنه هڪ ڪتاب ڪڍي فرمايو تہ : مان قسم کڻي چوان ٿو تہ : هي عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جو لکيل آهي.

[8] **صحيفة جابر بن عبدالله** رضي الله عنهما : محدث امام مسلم روايت آندي آهي تہ "حضرت جابر بن عبدالله حج جي مسئلن تي هڪ "رسالو" تصنيف ڪيو هو. ان جو ذڪر امام المحدثين امام بخاري رحمه الله پنهنجي ڪتاب "التاريخ الڪبير ج 7 ص 186 ۾ آندو آهي.

[9] **صحيفة سمرة بن جندب** : حافظ ابنِ حجر رحمه الله "تهذيب التهذيب" ۾ نقل ڪيو آهي تہ سليمان بن سمره بن جندب رضي الله عنه پنهنجي والد سمرة بن جندب رضي الله عنه ڪان هڪ وڏو نسخو روايت ڪيو آهي جنهن جي متعلق محمد بن سيرين رحمه الله فرمايو: "ان الرسالة التى كتبها سمرة بن جندب لاولاده يوجد فيها علم كثير" (حضرت سمرة بن جندب رضي الله عنه جيڪو رسالو پنهنجي اولاد جي لاءِ لکيو هو ان ۾ گهڻو علم لڌو وڃي ٿو.

[10] **صحيفة سعد بن عبادة** : ابنِ سعد طبقات ۾ آندو آهي تہ : سعد بن عبادة ﷺ هڪ دفتر ترتيب ڏنو هو جنهن ۾ حديثون جمع ڪيون هيائين.

[11] **صحف ابي هريره** ﷺ : الحاڪم، المستدرڪ ۾ علامہ ابن عبدالبر پنهنجي ڪتاب "جامع بيان العلم وفضله" ۾ آهي تہ ڪنهن شخص چيو تہ مون حضرت ابو هريره ﷺ جي اڳيان هڪ حديث بيان ڪئي تہ پاڻ ان حديث کان ناواقفي بيان ڪيائون. مون کيس عرض ڪيو تہ مون اها حديث اوهان کان ئي ٻڌي آهي. پاڻ فرمايائين تہ جيڪڏهن هيءَ حديث مون بيان ڪئي هوندي تہ مون وٽ لکيل هوندي پوءِ پنهنجو لکيل ڪتاب ڪڍي آيو جنهن ۾ حديثون لکيل هيون. جڏهن انهن ۾ اها مون واري پيش ڪيل حديث ڳولي وئي تہ لڀي وئي. (المستدرڪ للحاڪم وجامع بيان العلم وفضله) معلوم ٿيو تہ حضرت ابو هريره ﷺ وٽ ان جون روايت ڪيل حديثون لکيل هيون هن مان سندس روايت ڪيل پنج هزار ٽي سؤ چوهٺ 5364 حديثن جو لکيل هجڻ ثابت ٿئي ٿو.

سوال : حضرت ابو هريره ﷺ پاڻ فرمايو آهي تہ مان حديث لکندو ناهيان؟

جواب : پاڻ حبيب ڪريم ﷺ ۽ خلفاء راشدين عليهم الرضوان جي خلافت جي دور ۾ حديثون نہ لکندو هو پر آخري عمر ۾ ان ڏپ کان تہ حافظي جي ڪمزور ٿيڻ جي ڪري وسري نہ وڃن پنهنجون روايت ڪيل حديثون لکرايون هيائين. ٻنهي ڳالهين ۾ ڪو تضاد ۽ تعارض ناهي. حضرت ابو هريره ﷺ جا ڪيئي صحيفا لکرايل هيا. ابنِ سعد الطبقات ۾ آندو آهي تہ عمر بن عبدالعزيز ﷺ جو پيءُ جڏهن مصر جو گورنر هو تہ ان زماني ۾ ان ڪثير بن مره کي خط لکيو هو تہ تو وٽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جون روايت ڪيل جيتريون بہ حديثون هجن اهي مون ڏانهن موڪلي ڏي پر حضرت ابو هريره ﷺ جون روايت ڪيل حديثون نہ موڪلجان اهي اسان وٽ اڳيئي موجود آهن.

[12] **مؤلَّف بشير بن نهيڪ** : بشير بن نهيڪ کان دارمي نقل ڪيو آهي تہ مان جيڪا حديث حضرت ابو هريره ﷺ کان ٻڌندو هوس لکندو ويندو هوس ۽ مون جيڪو مجموعو لکي تيار ڪيو هو اهو سندس خدمت ۾ پيش ڪندي کيس ٻڌايو هوم تہ هي اوهان جي روايت ڪيل حديث جو مجموعو آهي پاڻ فرمايائون "ها" (درس ترمذي ج 1 ص 41)

[13] **صحيفه عبدالملڪ بن مروان** : هن ۾ اهي روايتون لکرايون ويون هيون جيڪي امتحان طور عبدالملڪ بن مروان حضرت ابي هريره ﷺ کان پڇيون هيون.

[14] **صحيفه همام بن منبه** : هي بہ حضرت ابو هريره ﷺ جي مشهور شاگردن مان هو هن بہ حضرت ابو هريره ﷺ جي روايت ڪيل حديثن جو مجموعو تيار ڪيو هو. ڪتاب ڪشف الظنون جي مصنف حاجي خليفہ ان جو نالو "الصحيفة الصحيحة" لکيو آهي. جيڪو سڄو امام احمد المسند ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جي روايتن کي هنن لفظن ۾ آڻيندو آهي. عن همام بن منبه قال هذا ماحدثنا به ابو هريرة ﷺ عن رسول الله ﷺ فذكر احاديث منها وقال قال رسول الله ﷺ

فائدو : حسن اتفاق سان ان صحيفہ جو لکيل نسخو ملي ويو آهي هڪ نسخو جرمني ۾ برلن جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي ٻيو دمشق جي ڪتب خاني "مجمع علمي" ۾ موجود آهي سيرت ۽ تاريخ جي مشهور محقق ڊاڪٽر محمد حميد الله صاحب انهن ٻنهي نسخن کي پيٽي هي صحيفہ شايع

ڪرايو آهي هن ۾ هڪ سؤ اٺٽيهه حديثون آهن ۽ ان کي جڏهن مسند امام احمد بن حنبل ۾ ذڪر ڪيل روايتن سان ڀيٽيو ويو ته ڪٿي هڪ حرف يا ٽٻڪي جو به فرق نظر نه آيو. (درس ترمذي ج 1 ص 42)
الغرض حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ۽ صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي دور ۾ حديث لکڻ جو طريقو چڱيءَ طرح رائج ٿي چڪو هو. ڪيترا مجموعا لکجي چڪا هئا جن مان مون هتي ڪجهه ذڪر ڪيا آهن. محبوب ڪريم ﷺ جن جا جيڪي انفرادي خط لکيا ويا ۽ موڪليا ويا يا ڪنهن ڏانهن خاص هدايت ناما لکي موڪليائون يا ڪي فرمان جاري ڪيائون اهي جدا آهن. جن جو تفصيل حديث جي وڏن ڪتابن ۾ موجود آهي.

سوال : خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي دور ۾ حديث جي تدوين، ترتيب ۽ اشاعت جو اهڙو وڏو اهتمام ڇونه ڪيو ويو جهڙو قرآن ڪريم جي جمع ڪرڻ جي لاءِ ڪيو ويو؟

جواب : خلفاءِ راشدين مان حضرت ابوبڪر صديق ﷺ ۽ حضرت عمر فاروق ﷺ پنهنجي پنهنجي دور ۾ اهو ارادو ڪرڻ فرمايو هو ته قرآن ڪريم وانگر احاديث جو هڪ مجموعو سندن نگراني ۾ تيار ڪرايو وڃي پر جڏهن ته اڃان قرآن ڪريم جي گڏ ڪرڻ جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو هو ته اول ان کي ترجيح ڏئي ان جي جمع ڪرائڻ ۾ مصروف رهيا ۽ جيڪڏهن ان وقت حديث مبارڪ جي جمع ڪرائڻ ڏانهن توجهه ڪري، حديث جو مجموعو تيار ڪرائي رکن ها ته ممڪن هو مسلمان ان کي قرآن ڪريم جهڙو سمجهن ها ۽ صرف ان ڏانهن متوجهه رهن ها ۽ ان خطري جو اظهار حضرت عمر ﷺ هڪ ڀيري هنن لفظن سان ڪيو هو. "اِنِّي كُنْتُ اَرَدْتُ اَنْ اَكْتُبَ السُّنَنَ وَاِنِّي ذَكَرْتُ قَوْمًا كَانُوْا قَبْلَكُمْ كَتَبُوْا كُتُبًا فَاَكَبُّوْا عَلَيْهَا وَتَرَكُوْا كِتَابَ اللهِ" (مقدمه فتح الملهم ص 231 بحواله المدخل للبيهقي) يعني مون ارادو ڪيو هو ته حديثون لکان پر مون کي ياد آيو ته اوهان کان اڳي هڪ قوم وارا هئا جن ڪتاب لکيا پوءِ انهن تي اونڌا رهيا ۽ الله جل جلاله جي ڪتاب کي ڇڏي ڏنائون.

تنبيه : حديث جا منڪر حضرت عمر ﷺ جي هن ڳالهه کي پنهنجي حجت بنائي خوشي جو اظهار ڪندا آهن ۽ هن کي حديث جي حجت نه هجڻ جو دليل بنائيندا آهن مگر اهو سندن دليل نه ٿو ٿي. ڇوته حضرت عمر ﷺ پاڻ ان جو اهتمام ڪٿي مذڪور سبب جي ڪري نه ڪيو هو پر ڪنهن کي انفرادي طور جمع ڪرڻ کان منع به نه ڪيو هو. سندس دور ۾ ڪيترن صحابن رضي الله عنهم حديثون جمع ڪيون هيون.

سوال : روايت ۾ آهي ته حضرت عمر ﷺ صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي گڏ ڪيلن، حديث جي مجموعن کي ساڙائي ڇڏيو هو ۽ صحابه ڪرام عليهم الرضوان کي حديثون گهٽيون روايت ڪرڻ کان روڪيو هيائين؟

جواب : حديث جا منڪر روايت کي مڃيندا ناهن ته پوءِ هن روايت کي حجت طور ڇو ٿا پيش ڪن؟ حقيقت هي آهي ته مذڪور روايت صحيح قوي ۽ مستند ناهي. علامه ابنِ عبدالبر پنهنجي ڪتاب "جامع بيان العلم وفضله" ۾ ان روايت تي وڏو تحقيقي ۽ تفصيلي بحث ڪندي لکيو آهي ته اها روايت ضعيف آهي حجت جي قابل ناهي. علامه ابنِ حزم به پنهنجي ڪتاب "الاحڪام" ۾ اهڙين سيني روايتن مان هر هڪ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري انهن جي راوين جي تحقيق ڪندي انهن کي ناقابل

حجت ثابت ڪيو آهي پر جيڪڏهن هرويرو ڪو ضد ڪري چوي ته ”نه اهي صحيح آهن ته انهن کي پوءِ به سمجهڻ گهرجي ته حضرت عمر ﷺ جي قول ۽ فعل جو مقصد روايت ڪرڻ ۾ احتياط ڪرڻ آهي ۽ اهو تڏهن ممڪن هو جڏهن روايت ڪندڙن تي نظر رکي وڃي. نه ته جيتري قدر روايت ڪرڻ جو تعلق آهي حضرت عمر ﷺ ان جو مخالف ته نه پر داعي هو. پاڻ فتح ڪيل اسلامي ملڪن جي هر صوبه ۾ معلم موڪلي انهن تي اهو ڪم رکيو هيائين ته اهي ماڻهن کي فرائض ۽ سنتن جي تعليم ڏين. حضرت عمر ﷺ جي قول کي ڪلهي تي ڪٽي بيان ڪندي، حجيت حديث جو انڪار ڪندڙان طرف چونه تا ڏسن ته حضرت عمر ﷺ پاڻ به سوين حديثن جو راوي آهي. سندس روايت ڪيل حديثن جو تعداد ستن سون (700) کان به زياده آهي. ان کانسواءِ شاه ولي الله ”ازالة الخفاء“ ۾ حضرت عمر ﷺ جو هي خطاب به نقل ڪيو آهي ته ”سَيَاتِيْ اَقْوَامٌ يُّنْكِرُوْنَ بِالرَّجْمِ وَبِالدَّجَالِ وَبِالشَّفَاعَةِ وَبِعَذَابِ الْقَبْرِ وَ بِقَوْمٍ يَّخْرُجُوْنَ مِنَ النَّارِ“ (جلد اهڙيون قومون اينديون جيڪي سنگسار ڪرڻ دجال شفاعت قبر جي عذاب ۽ اهڙي قوم جو انڪار ڪندا جيڪي جهنم کان (ان ۾ سڙڻ) کان پوءِ باهر نڪرندا. ۽ ظاهر آهي ته انهن شين جو ذڪر به حديثن ۾ آهي جن کي پاڻ مڃي ۽ منڪرن جو ذڪر ڪيو اٿس. ان جي ڪري حضرت عمر ﷺ کي حديث جو منڪر چوڻ بيوقوفي ۽ ڪم علمي آهي حضرت عثمان غني ﷺ جي دور ۾ به حديث جي تدوين ۽ ترتيب ڏيڻ جو ڪم ٿڌو رهيو رهيو ڇو ته ان دور ۾ اختلاف گهڻا رهيا مگر پاڻ ڪيترين حديثن جو راوي آهي.

حضرت علي ﷺ جي دور ۾ حديث جون خدمتون

جيستائين قرآن ڪريم جي جمع ڪرڻ جو انتظام هو تيستائين حضرت علي ﷺ به حديث روايت ڪرڻ کان ڪنارو ڪندو رهيو ۽ پنهنجي طرفان لکيل حديثن جو مجموعو ماڻهن کان لڪائي رکيو هيائين پر جڏهن سندس دور ۾ عبدالله بن سبا يهودي (عليه اللعنة) پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪري مسلمانن کي ويڙهائي اسلام کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان مقصد ماڻڻ جي لاءِ ان به ڪم گڏ شروع ڪيا. (1) هڪ ته ماڻهن کي صحابه ڪرام عليهم الرضوان کان (جن دين جي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون) نفرت ڏياري وڃي. (رضي الله تعالىٰ عنه) ٻيو ته جڙتو حديثون ناهي عقائد ۾ هڪ نئون نظام آندو وڃي جنهن ۾ حضرت علي ﷺ کي (معاذالله ثم معاذ الله) الله جي مقام تي پهچايو وڃي ۽ ٻين صحابن سڳورن جي ايمان ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ڪيا وڃن. حضرت علي ﷺ ان فتني جي تباهي کي محسوس ڪندي ۽ انهن افراد کي مسلمانن ۾ گهسي وڃڻ کي ڏسي هي ارشاد فرمايو: ”قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ اَىَّ عَصَابَةٍ بَيْضَاءَ سَوَّدُوْا وَ اَىَّ حَدِيْثٍ مِّنْ اَحَادِيْثِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَفْسَدُوْا“ (طبقات ابن سعد) (الله انهن تي لعنت ڪري کهڙي چمڪندڙ جماعت کي ڪارو ڪرڻ لڳا ۽ رسول الله ﷺ جن جي احاديث مان کهڙي نه (سچي ۽ صحيح) حديث کي فاسد چوڻ لڳا.) ان کان پوءِ ان فتني کي روڪڻ جي لاءِ هڪ طرف صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي شان ۽ فضائل جي اشاعت ڪرڻ لڳا ته ٻئي طرف حديث جي سلسلي ڏانهن توجهه فرمايائون پوءِ سندن دور ۾ حديث کي گڏ ڪرڻ جي بجاءِ گهٽائي ٿي. ۽ پاڻ صحيح احاديث کي روايت ڪري سبائي عليهم اللعنة جي ڪوڙين روايتن جو مقابلو ڪيائون. ۽ سندن ڪيترن شاگردن وٽ سندن روايت ڪيل حديثن جا مجموعا هوندا هئا.

حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷫ جو دور

هن عادل حاڪم جي دور تائين حديث جو لکڻ پنهنجن ٻن پهرين مرحلن ۾ رهيو پر پوءِ اها ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ حديثن جي باقاعده تدوين ڪئي وڃي ڇوتہ هاڻي قرآن ڪريم سان انهن جي منجهي پوڻ جو خطرو نہ رهيو هو۽ صحيح بخاري باب كيف يقبض العلم ج 1 ص 20 ۾ معلق روايت آهي تہ : عمر بن عبدالعزيز پنهنجي امير هجڻ جي دور ۾ مدينہ منوره جي قاضي ابوبڪر بن حزم ڏانهن خط لکي حڪم ڏنو هو تہ : اُنْظُرْ مَا كَانَ مِنْ حَدِيْثِ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ فَاِنِّي خِفْتُ دُرُوْسَ الْعِلْمِ وَذِهَابَ الْعُلَمَاءِ" (رسول الله ﷺ جن جي حديث ڏس ۽ لک جو مون کي علم جي ميٽجڻ ۽ علماء جي وڃڻ جو ڊپ ٿو ٿئي) ۽ پاڻ قاضي ابوبڪر بن حزم کي حضور ڪريم ﷺ جن جي حديث سان گڏ خلفاء راشدين عليهم الرضوان جي سنت لکڻ جو بہ حڪم ڏنو هيائون. ابنِ حجر عسقلاني ﷫ لکيو آهي تہ اهو حڪم نہ صرف مدينہ منوره جي قاضين کي هو پر هر صوبي جي قاضي لاءِ هو. مقصد تہ حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷫ پنهنجي هر اداري ۾ وڏي پيماني تي حديث جي گڏ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو۽ سندس حڪم جي تحت حديث جا هي ڪتاب وجود ۾ آيا.

[1] **ڪتب ابي بكر** : (قاضي ابوبڪر جا ڪتاب) علامہ ابن عبدالبر ﷫ پنهنجي ڪتاب "التمهيد" ۾ امام مالڪ ﷫ کان نقل ڪيو آهي تہ : مذڪور قاضي حديث جا ڪيترا ڪتاب لکيا هئا پر عمر بن عبدالعزيز کي موڪلي نہ سگهيو۽ سندس وفات ٿي وئي.

[2] **رسالة سالم بن عبدالله في الصدقات** : علامہ جلال الدين سيوطي ﷫ تاريخ الخلفاء ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ هي رسالو عمر بن عبدالعزيز ﷫ جي فرمائش تي لکيو ويو هو.

[3] **دَفَاتُرُ الزهْرِيُ** (زهري جا دفتر) : علامہ ابنِ عبدالبر ﷫ ڪتاب "جامع بيان العلم و فضلہ" ۾ امام زهري ﷫ جو قول آندو آهي تہ اسان کي عمر بن عبدالعزيز ﷫ حديث ۽ سنن جي تدوين جو حڪم ڪيو تہ اسان دفترن جا دفتر لکي ورتا ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ ان زماني ۾ زهري ﷫ کان زياده حديث جي تدوين جي ڪنهن بہ خدمت نہ ڪئي هئي) پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز ان وقت جي اسلامي مملڪت جي هر صوبي ۾ انهن دفترن مان هڪ دفتر موڪليو هو.

[4] **ڪتاب السنن لمكحول**: هي ڪتاب محدث مڪحول لکيو هو۽ هن ڪتاب جي تاليف سان حديث جو سلسلو چوٿين مرحلي ۾ داخل ٿيو هو. علامہ ابن النديم پنهنجي ڪتاب "الفهرست" ۾ ان ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي بظاهر هي ڪتاب عمر بن عبدالعزيز ﷫ جي فرمان جي تعميل ۾ لکيو ويو هو ڇوتہ "مڪحول" ان دور ۾ قاضي هو.

[5] **ابواب الشعبي** : هي عامر بن شرحبيل ﷫ جو لکيل آهي سيوطي "تدريب الراوي" ۾ ابن حجر عسقلاني ﷫ جي حوالي سان نقل ڪيو آهي تہ : هي حديث جي علم ۾ بابن سان ترتيب ڏنل پهريون ڪتاب هو. شعبي جڏهن تہ ڪوفي ۾ رهندو هو۽ اتي عمر بن عبدالعزيز ﷫ جي طرفان قاضي هو. ظاهر آهي تہ هي ڪتاب بہ ان جي ارشاد تي لکيو ويو آهي. حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷫ جي وفات 101 هہ ۾ ٿي هئي ۽ هي سڀ ڪتاب ان کان پهريان لکجي چڪا هئا.

ٻي صدي هجري

پهرين صدي هہ ۾ بابن تي ترتيب ڏنل ڪتاب جي صرف ابتداء ٿي چڪي هئي ۽ ٻي صدي هہ ۾ حديث جي تدوين جو ڪم زياده ٿي رهيو هو ۽ هن دور ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا انهن جو تعداد ويهن کان وڌيڪ آهي. جن مان ڪجھ مشهور ڪتاب هي آهن.

[1] **ڪتاب الآثار لابي حنيفہ** : هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو حديثن کي فقهي ترتيب تي مرتب ڪيو ويو علمِ حديث ۾ هن جو مقام گهڻو بلند آهي. امام ابو حنيفہ ؒ هن ڪتاب کي چاليهہ هزار حديثن مان منتخب ڪيو هو (ذڪره الموفق في مناقب الامام ابي حنيفہ) هن ڪتاب جا ڪيترا نسخا آهن. [1] امام ابو يوسف ؒ جي روايت سان [2]امام احمد ؒ جي روايت سان [3] امام زفر ؒ جي روايت سان. هي ڪتاب زماني جي لحاظ سان امام مالڪ جي موطا کان بہ اڳي آهي ۽ هيءَ ڳالھ بہ ثابت آهي تہ : امام مالڪ امام ابي حنيفه ؒ جي لکيل ڪتابن مان فائدو ورتو آهي ان جي ڪري هي ڪتاب پنهنجي تدوين جي طرز ۾ امام مالڪ ؒ جي موطا جي اصل جي حيثيت رکي ٿو. ڪيترن عالمن هن ڪتاب جا شرح لکيا آهن جن ۾ علامہ ابنِ حجر ؒ بہ شامل آهي.

ضروري وضاحت : ياد رکڻ گهرجي تہ : علمِ حديث ۾ امام اعظم ؒ جو ترتيب ڏنل ڪتاب اهو ئي "ڪتاب الآثار" آهي ان کان علاوه "مسند ابي حنيفہ" جي نالي سان جيڪي تيار ڪيل مختلف نسخا ملن ٿا اهي خود امام صاحب جي تاليف ناهن ڪانئن پوءِ ڪيترن محدثن سندن روايت ڪيل حديثن کي ترتيب ڏئي مسند تيار ڪيا جن ۾ حافظ ابن عقده، حافظ ابو نعيم اصبهاني، حافظ ابن عدي ۽ حافظ ابنِ عساڪر مشهور آهن. بعد ۾ علامہ خوارزمي انهن سڀني مسندن کي گڏ ڪري "جامع مسانيد الامام الاعظم" نالي سان انهن کي ترتيب ڏئي تيار ڪيو. (درس ترمذي)

[2] **موطا الامام مالڪ** : هن ڪتاب کي شروع ۾ "اصح الڪتب بعد ڪتاب الله" سڏيو ويندو هو ان کان پوءِ اهو لقب صحيح بخاري کي مليو ڇوتہ هن ۾ موطا امام مالڪ ؒ جي تقريبًا سمورين حديثن سان گڏ ٻيون بہ صحيح حديثون آهن.

[3] **جامع معمر بن راشد** : هي بزرگ بہ امام مالڪ ؒ جو همعصر هو ۽ سندس دور ۾ سندس ڪتاب بہ گهڻو مقبول ۽ مشهور رهيو پر هاڻي ناياب آهي.

[4] **جامع سفيان ثوري** : حضرت امام شافعي ؒ هن ڪتاب مان استفادو ڪيو آهي.

[5] **السنن لابن جريج** : هن کي "سنن ابي الوليد" بہ چوندا آهن.

[6] **السنن لوڪيع بن جراح** :

[7] **ڪتاب الزهد لابن المبارڪ** :

ٽئين صدي هجري ۾ تدوين حديث

هن هجري صديءَ ۾ حديث جي تدوين جو ڪم پنهنجي جواني کي پهتو هو. حديث جي راوين جون سندون ڏگهيون ٿي ويون هڪ هڪ حديث ڪيترن ڪيترن طريقن سان روايت ڪئي

وئي ۽ علم جي پکڙجڻ جي ڪري حديث جي فن تي لکيل ڪتاب نئين نئين ترتيب سان ۽ بابن ناهڻ سان وجود ۾ اچڻ لڳا ۽ حديث جي ڪتابن جا ويهن کان وڌيڪ قسم ٿي ويا. اسماء الرجال جي علم باقاعده هڪ صورت اختيار ڪئي ۽ ان تي بہ متعدد ڪتاب لکيا ويا انهن سڀني جو ذڪر هتي ڪونہ ٿو ڪجي صرف ﭘﭤن معروف ۽ مشهور حديث جي ڪتابن جو هتي ذڪر ڪجي ٿو.

[1] **مسند ابي داؤد الطيالسي**: هي ابو داؤد الطيالسي ان ابو داؤد کان اڳي هو جنهن جو شمار صحاح سته ۾ ڪيو وڃي ٿو. بعض حضرات جو چوڻ آهي تہ: هي "مسانيد" ۾ پهريون مسند آهي پر صحيح قول مطابق سڀ کان پهريون مسند "عبيدالله بن موسيٰ" آهي ۽ ابو داؤد الطيالسي جو سر جيتوڻيڪ ان کان مقدم آهي پر سندس "مسند" سندس وفات کان پوءِ خراسان جي بعض علماء ترتيب ڏئي تيار ڪيو هو ۽ "مسند عبيدالله بن موسيٰ" هن کان اڳي ترتيب سان تيار ڪيل هو.

[2] **مسند احمد**: هن کي وڌيڪ جامع مسند قرار ڏنو ويو آهي هن ۾ تقريبًا چاليهہ هزار حديثون آهن جن کي امام احمد بن حنبل رحمه الله ستن لکن حديثن مان منتخب ڪيو هو. امام احمد رحمه الله پنهنجي حياتيءَ ۾ انهن حديثن کي جمع تہ ڪيو هو پر اجان انهن جي ترتيب ۽ تدوين ڪري نہ سگهيو هو تہ سندس جليل القدر پٽ عبدالله بن احمد عليهما الرحمة ان جي ترتيب ۽ تدوين ڪئي ۽ ان ۾ تقريبن ڏهن هزارن حديثن جو اضافو ڪيو ان کان پوءِ حافظ الحديث ابو بڪر قطيعي رحمه الله بہ ان ۾ ڪجهہ اضافو ڪيو جنهن کي "زيادات المسند" سڏيو وڃي ٿو. مسند امام احمد ۾ صحيح، حسن، ضعيف الغرض تہ هر قسم جون حديثون آهن ۽ ان ۾ اختلاف آهي تہ مسند ۾ ڪا موضوع حديث بہ آهي يا نہ؟ گهڻي عرصي کان پوءِ بعض حضرات "مسند امام احمد" کي فقهي ابواب تي ترتيب جي مطابق مرتب ڪيو آهي ۽ متقدمين جي اها ڪوشش ناياب آهي، پر "الفتح الرباني" جي نالي سان "مسند احمد" بابن تي مرتب هاڻي بہ موجود آهي.

[3] **مصنف عبدالرزاق**: پهرئين زماني ۾ "المصنف" لفظ ان ئي اصطلاحي مفهوم تي ڳالهايو ويندو آهي جنهن تي هاڻي "السنن" لفظ ڳالهايو وڃي ٿو. مذڪور مصنف محدث عبدالرزاق بن الهمام يماني جو مرتب ڪيل آهي ۽ ڪيترن لحاظن سان نهايت وڏو ۽ جليل القدر ڪتاب آهي هڪ ان جي ڪري جو عبدالرزاق امام ابو حنيفہ ۽ معمر بن راشد جهڙن امامن جو شاگرد ۽ احمد بن حنبل رحمه الله جهڙن بزرگن جو استاد آهي ان جي ڪري هن ڪتاب ۾ اڪثر ڪري "ثلاثي" حديثون آهن ٻيو ان جي ڪري جو محدث بخاري جي تصريح مطابق هن مصنف ۾ سڀ حديثون صحيح آهن. هن جا قلمي نسخا استنبول، صنعاء حيدرآباد دکن، حيدرآباد سنڌ ۽ ٽونڪ (هند) ۾ موجود آهن.

[4] **مصنف ابي بڪر بن ابي شيبہ**: هي پلارو امام بخاري ۽ امام مسلم جو استاد آهي ۽ هن جي مصنف جي پهرين خصوصيت هيءَ آهي تہ: هن ۾ صرف احڪام تي مشتمل احاديث کي ترتيب ڏني وئي آهي ۽ ٻي خصوصيت هي آهي تہ هن ۾ مرفوع حديثن سان گڏ صحابہ ڪرام ۽ تابعين عظام جون فتوائون بہ گهڻيون جمع ڪيون ويون آهن. ان جي مطابق حنفي حضرات جي اصول کي سمجهڻ آسان ٿئي ٿو. ٽين خصوصيت هيءَ آهي تہ: هن ۾ هر مذهب جي دلائل کي جانبداري کان سواءِ جمع ڪيو ويو آهي. چوٿين خصوصيت هي آهي تہ ابنِ شيبہ پاڻ بہ ڪوفي

جو رهاڪو هو ان جي ڪري ان اهلِ عراق جي مسلڪ کي چڱيءَ طرح سمجهي بيان ڪيو آهي اهو ئي سبب آهي جو حنفي حضرات جا دليل هن ڪتاب ۾ گهڻا ملن ٿا ۽ ان جي ڪري ئي علامہ زاهد الڪوثري ﷫ لکيو آهي تہ "احوج مايكون الفقيه اليه كتاب ابن ابی شيبه" فقيه جنهن ڪتاب ڏانهن سڀ کان وڌيڪ محتاج آهي اهو ابن ابي شيبہ جو ڪتاب آهي.

[5] **المستدرک للحاڪم**: هي ڪتاب "مستدرک علي الصحيحين" آهي پر حديث جي تنقيدي معاملي ۾ محدث حاڪم گهڻو متساهل آهي ان جي ڪري ان ڪيترين حديثن کي "علیٰ شرط الشيخين" يا علیٰ شرط احدهما" چئي پنهنجي ڪتاب ۾ داخل ڪيو آهي جيڪي حقيقت ۾ گهٽيون ضعيف آهن حافظ ذهبي ﷫ هن ڪتاب تي هڪ حاشيہ لکيو آهي جنهن ۾ "مستدرڪ" جي تلخيص بہ آهي ۽ محدث حاڪم جي تساهل تي تنبيهہ بہ آهي. محدث حاڪم جي باري ۾ بعض ماڻهن جو خيال تہ اهو شيعو هو محققن وٽ صحيح ناهي اجايو الزام آهي. (درس ترمذي ص 48)

[6] **المعاجم للطبراني**: محدث طبراني جا ٽي معجم آهن[1] المعجم الڪبير [2] المعجم الاوسط [3] المعجم الصغير. المعجم الڪبير حقيقت ۾ مسند آهي يعني ان ۾ صحابہ جي ترتيب جي مطابق روايتون جمع ڪيل آهن ۽ معجم اوسط ۾ امام طبراني پنهنجن استادن جي ترتيب سان حديثون جمع ڪيون آهن ۽ ان ۾ صرف پنهنجن استادن جي غرائب ۽ تفردات کي ئي جمع ڪيو آهي ۽ المعجم الصغير ۾ پنهنجي هر استاد جي هڪ هڪ روايت آندي اٿس. ۽ هن ۾ زياده انهن سندس استادن جون روايتون آهن جن کان محدث طبراني صرف هڪ حديث روايت ڪئي آهي.

[7] **مسند البزار** : هن کي "المسند الڪبير" بہ چوندا آهن . هي محدث ابوبڪر بزار جي تصنيف آهي ۽ معلل آهي. يعني هن ۾ مصنف روايات ۾ نقص پيدا ڪندڙ اسباب بہ بيان ڪيا آهن ۽ جيڪي ڪتاب معلل آهن انهن جو اصول هي آهي تہ جنهن حديث کان اهي خاموشي سان لنگهي وڃن اها انهن وٽ صحيح ۽ قابلِ عمل آهي.

[8] **مسند ابو يعليٰ** : هي ڪتاب مسند جي نالي سان مشهور ٿي ويو حالانڪ هي " معجم" آهي.

[9] **مسند الدارمي** : هن ڪتاب کي بہ محدثن جي اصلاح جي خلاف مسند سڏيو ويو آهي حالانڪ هي حقيقت ۾ "السنن" آهي.

[10] **السنن الڪبريٰ للبيهقي**: هي ڪتاب امام بيهقي فقه شافعي جي مشهور متن "مختصر المزني" جي ترتيب تي جمع ڪيو آهي.

[11] **سنن الدارقطني** : هن محدث جي ولادت سن 306 هہ ۾ ۽ وفات 385 هہ ۾ ٿي هئي. هي ڪتاب فقهي بابن تي مشتمل آهي جنهن ۾ هر حديث جون سنَدون نهايت تفصيل سان بيان ڪيل آهن.

سوال: حديث جي موضوع تي لکيل ڪتاب مختلف نالن ۽ قسمن سان سڏيل آهن. [1] **الجوامع** [2] **السنن** [3] **المسانيد** [4] **المعاجم** [5] **المستدرک** [6] **المستخرج** [7] **الجزء** [8] **المشيخة** [9] **الافرادو الغرائب** [10] **التجريد** [11] **التخريج** [12] **كتب الجمع** [13] **الفهارس** [14] **الاطراف** [15] **الاربيعانات** [16] **الموضوعات** [17] **كتب الاحاديث المشتهرة** [18] **غريب الحديث** [19] **مشكل الحديث** [20] **اسباب الحديث** [21] **الترتيب** [22] **الزوائد** [23] **العلل** [24] **الامالي** [25] **التراجم** [26]

الثلاثيات [27] الوحدان [28] شروح الحديث [29] الاذكار [30] الترغيب والترهيب [31] كتب المصاحف [32] المسلسلات. انهن جي وضاحت ڪندا.

جواب: حديث جو علم انتهائي مخدوم علم آهي ۽ هن ۾ مختلف حيثيتن سان ڪتاب لکيا ويا آهن ان جي ڪري حديث جي ڪتابن جا پنهنجي موضوع ۽ ترتيب جي لحاظ سان گهڻا قسم آهن جن مان هر هڪ قسم جو هڪ خاص اصطلاحي نالو آهي. حديث مبارڪ سان محبت رکندڙ کي حديث جي ڪتابن ڏانهن مراجعت ۽ مطالعه لاءِ انهن قسمن کي به تفصيل سان سمجهڻ گهرجي.

[1] **الجوامع**: هي جامع جو جمع آهي جامع ان ڪتاب کي سڏيو ويندو آهي جنهن ۾ انن مضمونن تي مشتمل حديثون گڏ ڪيون ويون هجن انهن مضمونن کي هڪ مضمون ۾ جمع ڪري بيان ڪيو ويو آهي.

سِير آداب تفسير و عقائد. فتن. اشراط و احڪام و مناقب "سير" سيرت جو جمع آهي يعني اهي مضمون جيڪي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ زندگي جي واقعات تي مشتمل هجن. "آداب" ادب جو جمع آهي هن مان مراد معاشرت (زندگي گذارڻ) جا آداب آهن مثال طور کائڻ، پيئڻ وغيره جا آداب. "تفسير" يعني اهي حديثون جن ۾ قرآن ڪريم جي آيتن جي سمجهاڻي ڏنل هجي. "عقائد" اهي حديثون يا مضمون جن جو تعلق عقيدن سان هجي. "فتن" فتني جو جمع آهي اهي وڏا وڏا واقعا جن جي پيشن گوئي سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمائي. "اشراط" قيامت جون نشانيون. "احڪام" اهي عملي احڪام جن تي فقه مشتمل آهي انهن کي "السنن" به چيو ويندو آهي. "مناقب" منقبت جو جمع آهي يعني صحابه ۽ صحابيات ۽ مختلف قبائل ۽ طبقات جا فضائل. الغرض ته جنهن ڪتاب ۾ اهي اٺ مضمون هجن ان کي جامع سڏيو ويندو آهي. سڀ کان پهريون جامع "جامع معمر بن راشد" آهي جيڪو امام زهري رحمه الله جي مشهور ۽ معروف شاگرد معمر جي تاليف آهي افسوس ته هاڻي ناياب ٿي ويو آهي. ٻيو "جامع" حضرت سفيان ثوري رحمه الله جو آهي هن کان امام شافعي به استفادو ڪيو آهي. هي ڪتاب به ناياب آهي. ٽيون "جامع عبدالرزاق" آهي جيڪو محدث عبدالرزاق بن همام صنعاني رحمه الله جي تاليف آهي ۽ هي ٻئي صدي هجري ۾ معروف ٿي چڪو هو. هي "مصنف عبدالرزاق" جي نالي سان مشهور آهي ۽ هاڻي شايع ٿي چڪو آهي. چوٿون "جامع دارمي" هي به مشهور جوامع مان آهي. (لامع الدراري ج 1 ص 44) پر سيني کان وڌيڪ مقبوليت امام بخاري جي جامع کي ملي آهي ۽ ان کان پوءِ "جامع ترمذي" آهي. حديث جي مشهور ڪتابن "صحاح ستہ" ۾ بخاري ۽ ترمذي جي جامع هجڻ تي اتفاق آهي البت صحيح مسلم جي جامع هجڻ جي باري ۾ اختلاف آهي. بعض علماء ان کي جامع چون ٿا چوته ان ۾ اٺ ئي مضمون موجود آهن پر بعض علماء ان جي جامع هجڻ جو ان بناء تي انڪار ڪيو آهي ته ان ۾ ڪتاب التفسير نهايت مختصر آهي صحيح قول هي آهي ته صحيح مسلم به جامع آهي چوته جامع هجڻ جي لاءِ ڪنهن مضمون جو مفصل هجڻ ضروري ناهي. ان جو وجود ئي ڪافي آهي ۽ صحيح مسلم جي ڪتاب التفسير ۾ جيتوڻيڪ حديثون گهٽ آهن پر ڪتاب التفسير آهي ته صحيح. ۽ تفسير جون گهڻيون حديثون امام مسلم ٻين بابن ۾ نقل ڪيون آهن ان جي ڪري علامه مجد الدين فيروزآبادي، القاموس جي صاحب ان کي جامع قرار ڏنو آهي ۽ "ڪشف الظنون" ڪتاب جي مصنف به صحيح مسلم کي جوامع ۾ شمار ڪيو آهي.

[2] **السنن:** هي ان ڪتاب جو لقب آهي جنهن ۾ حديثن کي فقهي بابن تي ترتيب ڏئي لکيو ويو هجي هن قسم کي ابتداء ۾ بلڪل "ابواب" سڏيندا هئا بعد ۾ ان جو نالو تبديل ٿي "مصنف" ٿيو ۽ آخر ۾ ان کي "السنن" سڏيو ويو آهي. هن قسم جو سڀ کان پهريان ڪتاب امام ابو حنيفہ جي استاد عامر بن شراحيل الشعبي لکيو جيڪو "ابواب الشعبي" جي نالي سان مشهور ٿيو. صحاح سته مان نسائي، ابو داؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه سنن آهن. "سنن اربعه" جو لفظ ڳالهائي اهيئي چار ڪتاب مراد ورتا ويندا آهن ۽ انهن چئن کان سواءِ سنن بيهقي، سنن دارمي، سنن دار قطني ۽ سنن سعيد بن منصور بہ ان قسم جا ڪتاب آهن ۽ انهن کان علاوه سنن ابنِ جريج ۽ سنن وڪيع بن الجراح هن قسم جا قديم ڪتاب آهن. مصنف عبدالرزاق، مصنف ابن ابي شيبہ وغيره بہ ان قسم جا قديم ڪتاب آهن ۽ بعض حضرات مڪحول جي ڪتاب السنن کي بہ ان ۾ شمار ڪيو آهي.

[3] **المسانيد** : مسند جو جمع آهي ۽ مسند حديث جي ان ڪتاب کي سڏيندا آهن جنهن ۾ حديثن کي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي ترتيب سان جمع ڪيو وڃي. يعني هڪ صحابي جون سموريون روايت ڪيل حديثون هڪ ئي ڀيري هڪ جاءِ تي ترتيب سان ذڪر ڪيون وڃن ڀلي اهي ڪنهن بہ باب سان متعلق هجن. وري ٻئي صحابي جون روايت ڪيل حديثون بہ ان نموني سان ۽ ڪڏهن انهن ۾ حروف تهجي جو لحاظ رکي ترتيب ڏني ويندي آهي بعض وقتن ۾ ان جو اسلام ۾ اڳي داخل ٿيڻ جو اعتبار ڪري هڪ صحابي جي روايت کي اڳي آندو ويندو آهي ۽ بعض اوقات ۾ فضيلت جو اعتبار ڪيو ويندو آهي ۽ مهاجرين ۽ انصار جي طبقات جي لحاظ سان بہ مسندن کي ترتيب ڏني ويندي آهي. سڀ کان پهريان مسند نعيم بن حماد لکيو ان کان پوءِ تمام گهڻا مسند لکيا ويا ايتري قدر جو ان وقت ۾ هي مشهور ٿي ويو هو تہ ڪو وڏو محدث اهڙو نہ هو جنهن مسند نہ لکيو هجي. امام بخاري جا ڪيترا استاد " مسانيد" جا صاحب هئا ۽ عثمان بن ابي شيبہ اسحاق بن راهويہ ۽ ابو بڪر بن ابي شيبہ بہ مسند لکيا هئا ۽ مسندن مان مسند اسد بن موسيٰ، مسند عبد بن حميد، مسند البزار ۽ مسند ابي يعليٰ معروف آهن ۽ هن وقت تي مسند ڇپيل ملن ٿا ۽ مشهور آهن. [1] مسند ابي داؤد الطيالسي جيڪو "دائرة المعارف" حيدر آباد دکن کان شايع ٿيو آهي [2] "مسند حميدي" هي مجلس علمي شايع ڪيو آهي هن جو مصنف محدث بخاري جو استاد آهي. [3] مسند امام احمد بن حنبل، جيڪو نهايت جامع مسند آهي ۽ سڀ کان زياده آهي ۽ سڀ کان زياده مشهور ۽ متداول آهي. علامہ ابن الساعاتي ان جي بابن کي ترتيب سان شايع ڪيو جيڪو "الفتح الرباني في ترتيب مسند الامام احمد بن حنبل الشيباني" جي نالي سان مشهور آهي.

[4] "**المعجم**" عام طور مشهور هي آهي تہ "معجم" ان ڪتاب کي چوندا آهن. جنهن ۾ ڪنهن محدث پنهنجي استادن ۽ شيوخ جي ترتيب سان حديثون جمع ڪيون هجن يعني هڪ استاد جون روايت ڪيل حديثون هڪ جاءِ تي ٻئي استاد جون روايت ڪيل حديثون ٻئي جاءِ تي ائين هلندو رهي بعض علماء هن ڳالهہ کي رد ڪندي چيو تہ معجم اهو آهي جنهن ۾ حروف تهجي جي ترتيب سان حديثون جمع ڪيون وڃن. خواهہ اها ترتيب صحابہ ڪرام ۾ هجي يا استادن ۾ هن قسم جا بہ متعدد ڪتاب مشهور آهن. مثال طور معجم اسماعيلي، معجم ابن الغوطي. پر سڀني کان مشهور امام طبراني جا

معاجم آهن. ان تي معجم لکيا هئا. 1. المعجم الکبير جنهن ۾ صحابہ ڪرام جي ترتيب سان حديثون لکيل آهن. 2. المعجم الاوسط : هن ۾ استادن جي ترتيب سان حديثون لکيل آهن. 3. المعجم الصغير : هن ۾ ان بزرگ پنهنجي استادن مان هر هڪ جي هڪ هڪ حديث آندي آهي. (کما مر)

[5] **المستدرک**: المستدرک ان کي چوندا آهن جنهن ۾ ڪنهن ڪتاب مان رهيل حديثون گڏ ڪيون ويون هجن. ۽ اهي مذڪور ڪتاب جي مصنف جي شرط جي مطابق هجن. امام بخاري ۽ امام مسلم جي نہ ذڪر ڪيل حديثن تي متعدد علماء مستدرک لکيا آهن جن مان المستدرک علي الصحيحين "للحافظ ابي ذر عبده" مشهور آهي. (الرسالہ المستطرفہ ص 22) پر مشهور ڪتاب محدث ابو عبدالله حاڪم نيشاپوري جو "المستدرک علي الصحيحين" آهي. جيڪو سپ کان وڌيڪ هلندڙ آهي هن ڪتاب ۾ ان اهي حديثون آنديون آهن جيڪي صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ ناهن ان جي خيال ۾ اهي بخاري ۽ مسلم جي شرطن تي پوريون اچن ٿيون پر محققن جي قول مطابق محدث حاڪم کان تساهل گهڻو ٿيو آهي ان جي ڪري حافظ ذهبي رحمه الله ان جي تلخيص ڪري امام حاڪم جي غلطين تي روشني وڌي آهي.

[6] **المستخرج**: هي ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ ڪنهن ٻئي ڪتاب جي حديثن کي پنهنجي اهڙي سند سان بيان ڪيو وڃي جنهن سان ان ڪتاب جي مصنف جو واسطو نہ هجي جيئن "مستخرج ابي عوانة علي صحيح مسلم" آهي جنهن ۾ ان صحيح مسلم جون روايتون اهڙي سنَد سان آنديون آهن جن سان مصنف جو واسطو ناهي. اهڙي طرح "مستخرج ابي نعيم علي صحيح مسلم"

[7] **الجز** : الجزء ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ ڪنهن هڪ جزوي مسئلہ جي متعلق سموريون حديثون هڪ جاءِ ڪيون ويون هجن. جيئن "جزء رفع اليدين للبخاري" ۽ "جزء الجهر بہ بسم الله للخطيب البغدادي" بعض حضرات حديث جي ڪتابن جو هڪ ٻيو قسم "الرسالة" بہ بيان ڪيو آهي ۽ ان جي تعريف هي ڪئي اٿن تہ اهو حديث جو ڪتاب جنهن ۾ صرف ڪنهن هڪ شيخ الحديث جون حديثون جمع ڪيل آهن. پر صحيح ڳالهہ هي آهي تہ اهو ڪو جدا مستقل قسم ناهي اهو "الجزء" جو مترادف آهي.

[8] **المشيخة** : المشيخة ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ ڪنهن هڪ يا ٻن ٽن حديث جي شيوخ جون روايت ڪيل حديثون جمع ڪيون ويون هجن. جيئن "مشيخة ابن البخاري وعليها ذيل للحافظ المزي" ۽ "مشيخة ابن شاذان الکبريٰ" ۽ مشيخة ابن القاري وغيره (لامع الدراري ص 150, 151)

[9] "**الافراد والغرائب**" : ان حديث جي ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ ڪنهن هڪ شخص جي تفردات کي جمع ڪيو ويو هجي." جيئن " ڪتاب الافراد للدارقطني"

[10] "**التجريد**" : ڪنهن حديث جي ڪتاب جون سندون ۽ ان ۾ ورائي ورائي آندل روايتن کي حذف ڪري صرف صحابي جو نالو ۽ حديث جو متن بيان ڪيو وڃي. ان کي "التجريد" سڏيندا آهن. جيئن "تجريد البخاری للزبيدی" ۽ "تجريد المسلم للقرطبی ۽ "تجريد الصحيحين" وغيره

[11] "**التخريج**" اهو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن ٻئي ڪتاب جي معلق يا " بي حوالہ" حديثن جي سند ۽ ان جو حوالو بيان ڪيو وڃي. مثال طور فقہ حنفي جي ڪتاب "هدايه" ۾ سموريون حديثون حوالن کي

تحقيق ڪري ثابت ڪرڻ جي لاءِ جيڪي ڪتاب لکيا ويا آهن انهن کي "تخريج" سڏيو ويو آهي. مثال طور "نصب الراية في تخريج احاديث الهداية للديلمي" ۽ حافظ ابن حجر رحمه الله جو ڪتاب "الدراية في تخريج احاديث الهداية" ۽ ان جو ئي "التلخيص الجبير في تخريج احاديث الرافعي الكبير" جي نالي سان هڪ مفصل ڪتاب آهي جنهن ۾ ان شافعي فقہ جي مشهور متن "الرافعي" ۾ آندل حديثن جي تخريج ڪئي آهي ۽ ابنِ حجر رحمه الله جو هي ڪتاب احڪام جي متعلق حديثن جو جامع ترين ذخيرو سمجهيو ويندو آهي. اهڙي طرح ان جو ڪتاب آهي "الكاف الشاف في تخريج احاديث الكشاف" امام حافظ زين العابدين العراقي "تخريج احاديث احياء العلوم الدين" هڪ وڏو مفيد ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ ان احياءُ العلوم امام غزالي رحمه الله جي ڪتاب ۾ آندل حديثن جي تخريج ڪئي آهي.

[12] **"ڪتب الجمع"** انهن ڪتابن کي چئبو آهي جن ۾ هڪ کان وڌيڪ حديث جي ڪتابن جون ورائي ورائي آندل حديثون حذف ڪري جمع ڪيون وينديون آهن. هن قسم جو پهريون ڪتاب امام حميدي جو "الجامع بين الصحيحين" آهي ان کان پوءِ حافظ زرين بن معاويه "تجريد الصحاح السته" لکيو جنهن ۾ صحاح سته جون سموريون حديثون جمع ڪيون ويون آهن البت ان وٽ "ابنِ ماجه" جي بجاءِ "موطا امام مالڪ" صحاح سته ۾ شامل آهي تنهنڪري ان پنهنجي ڪتاب ۾ ابنِ ماجه جي بجاءِ "موطا امام مالڪ" جون روايت ڪيل حديثون آنديون آهن. ان کان پوءِ حافظ ابن اثير جزري "جامع الاصول" نالي سان هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ صحاح سته جون روايت ڪيل حديثون جمع ڪيون اٿس. پر ان جي اصطلاح ۾ "موطا امام مالڪ" صحاح سته ۾ شامل آهي. ابنِ ماجه صحاح سته ۾ شامل ناهي. انهن کان پوءِ علامہ نور الدين هيثمي "مجمع الزوائد و منبع الفوائد" نالي هڪ وڏو ڪتاب لکيو ۽ ان ۾ "مسند امام احمد" "مسند بزار" مسند ابي يعليٰ ۽ امام طبراني جي روايت ڪيل، انهن زياده حديثن کي گڏ ڪيو اٿس جيڪي "صحاح سته" ۾ ناهن پر علامہ هيثمي مڪي وٽ ابنِ ماجه صحاح سته ۾ شامل آهي. "موطا امام مالڪ" ناهي. ان کان پوءِ علامہ محمد بن محمد سليمان "جمع الفوائد" نالي سان ڪتاب لکيو جنهن ۾ هڪ طرف "جامع الاصول" ۽ "مجمع الزوائد" جون سموريون حديثون سندن جي حذف ڪرڻ سان جمع ڪيون اٿس تہ ٻئي طرف ابنِ ماجه جون حديثون بہ آنديون اٿس جيڪي جامع الاصول ۽ مجمع الزوائد جي مصنفن بزرگن کان رهجي ويون هيون بلڪ ان کان سواءِ "سنن دارمي" ۾ روايت ڪيل حديثون بہ جمع ڪيون اٿس. اهڙي طرح هي ڪتاب چوڏهن حديث جي ڪتابن جون مجموعہ بنجي ويو. ان ڳالهہ ۾ ڪوشڪ ناهي تہ ان ۾ ڪيتريون حديثون رهجي ويون آهن. ان جي ڪري ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ جيڪا حديث ان ۾ نہ آهي سا ٻين ڪتابن ۾ بہ ناهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ مذڪور ڪتاب سڀ ابواب جي ترتيب سان لکيل آهن ۽ بعض حضرات حديثن کي حروف تهجي جي ترتيب سان لکيو آهي ان قسم جو پهريون ڪتاب" فردوس الديلمي" آهي ان کان بعد علامہ جلال الدين سيوطي رحمه الله "جمع الجوامع" نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ ان سيني حديثن جي ذخيره کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هن ۾ ان قولي حديثن کي حروفِ تهجي جي ترتيب سان جمع ڪيو آهي ۽ فعلي حديثن کي صحابہ ڪرام جي ترتيب سان آندو آهي. وري پاڻ ئي ان جي تلخيص ڪري ان جو نالو "الجامع الصغير في

احاديث البشير النذير" (ﷺ) ركيو. هن ڪتاب ۾ ان سيني موجود حديث جي ڪتابن مان قولي حديثن کي حروفِ تهجي جي ترتيب سان جمع ڪيو اٿس. "الجامع الصغير" ۾ هر حديث سان گڏ ان جي حوالي کان سواءِ ان جي اسنادي حيثيت بہ اهڙي طرح متعين ڪئي وئي آهي جو صحيح حديث جي لاءِ "ص" ضعيف جي لاءِ "ض" ۽ حسن جي لاءِ "ح" لکيو ويو آهي پر علامہ عبدالحي اللکنوي رحمه الله لکيو آهي تہ اهي نشانيون علامہ سيوطي رحمه الله نہ لکيون آهن بعد ۾ ڪنهن لکيون آهن. (الاجوبة الفاضلة ص 127) الجامع الصغير جا متعدد شرح بہ لکيا ويا آهن جن مان علامہ مناوي رحمه الله جو "فيض القدير" ۽ علامہ عزيزي جو "السراج المنير" مشهور معروف شرح آهن. علامہ مناوي رحمه الله تصحيح حديث جي معاملي ۾ زياده احتياط ڪندڙ آهي ۽ علامہ عزيزي رحمه الله ايترو محتاط ناهي هن سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ قابلِ قدر ۽ جامع ڪم "علامہ علي المتقي" ڪيو جنهن ڪتاب "كنزالعمال في سنن الاقوال والافعال" لکيو آهي جنهن کي شڪ ۽ شبهي کان سواءِ نبوي احاديث جو جامع ترين ڪتاب چيو وڃي. ان پنهنجي هن ڪتاب کي علامہ سيوطي رحمه الله جي ڪتاب "جمع الجوامع" تي مبني ڪيو آهي يعني ان سڀ کان پهريان هر باب جون اهي قولي حديثون جمع ڪيون آهن جيڪي "جمع الجوامع" ۾ موجود آهن. ان کان ان پوءِ اهي قولي حديثون آنديون آهن جيڪي علامہ سيوطي رحمه الله کان رهجي ويون آهن ۽ ان جو نالو "الاکمال في سنن الاقوال" رکيو. ان کان پوءِ "جمع الجوامع" ۾ آندل فعلي حديثون جيڪي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي ترتيب سان مرتب ڪيل آهن آنديون آهن ۽ ان جو نالو "كنزالعمال" رکيو آهي. هن ۾ هر حديث سان گڏ ان جي ماخذ جو حوالو رموز ۾ ڏنل آهي جيئن بخاري جي لاءِ "خ" ۽ مستدرک" حاڪم جي لاءِ "ک" وغيره. علامہ علي المتقي رحمه الله پنهنجي هن ڪتاب ۾ تقريبن حديث جي ٽيهن ڪتابن مان حديثون جمع ڪيون آهن ان طرح هي ڪتاب ڪنهن حديث جي تحقيق لاءِ بي مثال رهنما جي حيثيت رکي ٿو.

[13] "**الفهارس**" : اهي حديث جا ڪتاب جن ۾ هڪ کان وڌيڪ حديثن جي فهرست جمع ڪيل هوندي آهي تانت حديثن جي ڳولھ ۾ آساني ٿئي. مثال طور علامہ زاهد الکوثري" جي هڪ شاگرد "فهارس البخاري" جي نالي سان هڪ وڏو مفيد ڪتاب لکيو آهي. جنهن جي ذريعي بخاري مان حديث ڪيڻ آسان ٿي وئي آهي ان سلسلي جو هڪ جامع ۽ مفيد ڪم الله جل جلاله مستشرقين کان ورتو آهي. ڊاڪٽر وينسنک" جي سربراهي ۾ ستن ٺلهن جلدن ۾ هڪ مفصل ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي جنهن جو نالو "المعجم المفهرس للاحاديث النبوية" آهي جنهن ۾ ان صحاح ستہ موطا امام مالک. سنن دارمي ۽ مسند احمد ۾ آيل احاديث جي فهرست مرتب ڪئي آهي ۽ ان جو طريقو هي آهي تہ "حروفِ تهجي" جي لحاظ سان انهن هر لفظ جي هيٺان بيان ڪيو آهي تہ هي لفظ ڪهڙي ڪهڙي حديث ۾ آيو آهي ۽ اها حديث ڪٿي ڪٿي بيان ڪيل آهي پر هن ڪتاب ۾ اهي سمورين حديثن جي سميٽڻ تي قادر ٿي نہ سگهيا آهن انهن کان ڪيتريون حديثون رهجي ويون آهن وري ان ڪتاب جي تلخيص "وينسنگ" پاڻ ڪئي ان ڪري ان جو نالو "مفتاح كنوز السنة" رکيو آهي جيڪو مختصر هجڻ جي لحاظ سان انتهائي مفيد آهي ۽ هر طالب العلم جي لاءِ نهايت ضروري آهي.

[14] **الاطراف**: اهي حديث جا ڪتاب جن ۾ صرف پهريون ۽ پويون حرف ذڪر ڪيو ويو آهي جن سان

پوري حديث سجاتي ويندي آهي ۽ آخر ۾ ان حديث جو حوالو ذڪر ڪيل هوندو آهي تہ فلاڻي، فلاڻي حديث جي ڪتاب مان هي حديثون ورتل آهن ان جو فائدو هي هوندو آهي تہ گهڻا وقت ڪنهن شخص کي حديث جا پهريان ۽ پويان الفاظ تہ ياد هوندا آهن پر نہ پوري حديث ذهن ۾ هوندي آهي ۽ نہ ان جي اسناد جي حيثيت جو علم هوندو آهي اهڙي موقعي تي "اطراف" جا ڪتاب بيحد مفيد هوندا آهن. هن موضوع تي سڀ کان پهريان حافظ ابن عساڪر دمشقي بن جلدن تي مشتمل ڪتاب لکيو ۽ ان جو نالو "الاشراف في معرفة الاطراف" آهي جنهن ۾ ان ابو داؤد, ابنِ عساڪر ۽ ترمذي جا اطراف ذڪر ڪيا آهن ڪتاب کي ان حروفِ معجم تي ترتيب ڏنو آهي پر هي ڪتاب ناياب آهي ان کان پوءِ حافظ عبدالغني المقدسي " اطراف الكتب الستة " لکيو. اج ڪلهہ ان قسم جو سڀ کان متداول ڪتاب حافظ مُزي جو آهي. "تحفة الاشراف في معرفة الاطراف" الفهارس جي ذيل ۾ بيان ڪيل "المعجم المفهرس للاحاديث النبوية" ۽ ان جي تلخيص "مفتاح كنوز السنة" بہ ان قسم جي هينئان ٿا اچن.

[15]"**الاربعينات**": هي الاربعين جو جمع آهي (چاليهہ حديثون) يعني جنهن ۾ چاليهہ حديثون ڪنهن هڪ باب ۽ موضوع جون يا مختلف ابواب جون جمع ڪيل هجن. هن باب ۾ ڪيترن محدثن ڪتاب لکيا آهن ۽ سندن مقصد محدث بيهقي رحمة الله عليه جي ان روايت ڪيل حديث تي عمل ڪرڻ آهي جيڪا ان شعب الايمان ۾ آندي آهي تہ "سُئِلَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَاحَدُّ الْعِلْمِ الَّذِیْ اِذَا بَلَغَه الرَّجُلُ كَانَ فَقِيهًا؟ فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَنْ حَفِظَ عَلٰى اُمَّتِی اَرْبَعِیْنَ حَدِیْثًا فِیْ اَمْرِ دِیْنِهَا بَعْثَهُ اللهُ فَقِيْهًا وَ كُنْتُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ شَافِعًا وَّ شَهِيْدًا" (مشكواة المصابيح كتاب العلم فصل ثالث ص 36 جلد ثالث) (حضور ڪريم ﷺ جن کان عرض ڪري پڇيو ويو تہ علم جي حد ڪهڙي آهي جو ان کي ڪو شخص پهچي تہ فقيہ ٿي وڃي تہ رسول الله ﷺ فرمايو "جنهن منهنجي امت تي سندن ديني امر ۾ چاليهہ حديثون ياد ڪيون الله جل جلاله ان کي قيامت جي ڏينهن فقيہ ڪري اٿاريندو ۽ مان ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندڙ ۽ شاهد هوندس." هيءَ روايت ماڻهن ۾ مشهور ٿي وئي آهي, امام نووي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "الاربعين" جي شروع ۾ هن مذڪور حديث جي باري ۾ لکيو آهي تہ "اتفق الحفاظ على انه حديث ضعيف وان كثرت طرقه" حديث جي حافظن جو هن تي اتفاق آهي تہ هن حديث جي روايت جا طريقا جيتوڻيڪ گهڻا آهن پر ان هوندي بہ ضعيف آهي پر روايت جي گهڻن طريقن هجڻ جي ڪري حسن لغيره آهي ان بناء تي امت جي گهڻن عالمن ۽ محدثن هن تي عمل ڪيو آهي ۽ "الاربعين" نالي سان ڪتاب لکيا آهن ان سلسلي ۾ پهريون "الاربعين" نالي ڪتاب عبدالله بن المبارڪ لکيو, ان کان پوءِ محمد بن طوسي انهن کان پوءِ بيشمار اهل علم مختلف موضوعن تي " الاربعين" نالي سان ڪتاب لکيا آهن مثال طور امام دار قطني, حاڪم, ابو نعيم, ابو عبدالرحمان سلمي ۽ ابو بڪر, بيهقي وغيره.

[16] "**الموضوعات**" : يعني اهي ڪتاب جن ۾ موضوع روايتون گڏ ڪيون ويون آهن يا موضوع جي تهمت لڳايل حديثن تي تحقيق ڪيو ويو آهي شروع ۾ "موضوعات" تي ڪتاب اهڙي انداز ۾ لکيا ويندا هئا. جو ضعيف راوين جو تذڪرو ڪيو ويندو هو ۽ انهن کان جيڪي موضوع يا ضعيف حديثون روايت ڪيل هونديون آهن انهن جو بہ ذڪر ڪيو ويندو آهي. حافظ ابنِ عدي " الڪامل" ۾ العقيلي "الضعفاء" ۾ ۽ جوزقاني "الاباطيل" ۾ اهو انداز رکيو آهي بعد ۾ موضوعات جو طريقو هي

رکيو ويو موضوع يا وضع سان تهمت هنيل حديث جو بابن جي ترتيب سان تهجي جي حروف سان ذڪر ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ هن ڪيٓ ڪنهن روايت ڪيو آهي ۽ ان ۾ سند جي لحاظ سان ڪهڙو نقص آهي هن موضوع تي سڀ کان پهريان علامہ ابن الجوزي رحمة الله عليه قلم کنيو ان جا ٻہ ڪتاب آهن هڪ "العلل المتناهية في الاخبار الواهية" ٻيو "الموضاعات الڪبرىٰ" هي ٻيو ڪتاب عام ملندو آهي پر اهلِ علم جو هن تي اتفاق آهي تہ علامہ ابن الجوزي رحمة الله عليه حديثن کي موضوع چوڻ ۾ متشدد آهي ۽ ان ڪيترين صحيح حديثن کي موضوع قرار ڏنو آهي ان جي ڪري بعد واري محققن عالمن ان جي ڪتاب تي تنقيد ڪئي آهي. جيئن علامہ ابنِ حجر رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول المسدد في الذب عن مسند احمد" ۾ ان جي گهڻي ترديد ڪئي آهي هن ڪتاب ۾ حافظ مسند امام احمد جي انهن حديثن جي تحقيق ڪئي آهي جن کي ابن الجوزي موضوع هجڻ جو حڪم لڳايو آهي انهن مان هڪ حديث مسلم شريف ۾ موجود آهي ۽ هڪ حديث بخاري شريف جي احمد شاڪر واري نسخي ۾ بہ آهي ۽ ڪيتريون اهي روايتون بہ شامل آهن جن کي امام بخاري تعليقًا آندو آهي ۽ علامہ سيوطي رحمة الله عليه بہ ابن الجوزي جي موضوع چيل حديثن تي هڪ تفصيلي تنقيد لکي آهي جنهن جو نالو "النكت البديعات على الموضوعات" رکيو آهي بعد ۾ ان جي تلخيص ڪري ڪن ڳالهين جو ان ۾ اضافو ڪري ان جو نالو "اللآلي المصنوعة في الاحاديث الموضوعة" رکيو ۽ اهو ڪيترا ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي. علامہ سيوطي رحمة الله عليه جي لاءِ بہ محققن چيو آهي تہ حديث جي تحقيق ۾ متساهل هو ان جي ڪري بعض ضعيف يا منڪر حديثن کي بہ صحيح چوندو آهي. علامہ ابن الجوزي رحمة الله عليه کان پوءِ حافظ صنعاني رحمة الله عليه جو لکيل ڪتاب. موضاعات" بہ گهڻو مقبول ٿيو. علامہ ابن الجوزي رحمة الله عليه ۽ علامہ سيوطي رحمة الله عليه کان پوءِ گهڻن ئي بزرگن "موضاعات" تي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ علامہ علي القاري رحمة الله عليه جو "الموضوعات الكبير" نهايت مقبول ۽ معروف آهي آخري دور ۾ قاضي شوڪاني جو ڪتاب "الفوائد المجموعه في الاحاديث الموضوعة" ۽ علامہ طاهر پٽني جو "تذكرة الموضوعات" مختصر مگر مفيد ڪتاب آهي. هن قسم جو جامع ترين ڪم علامہ ابنِ عراقي رحمة الله عليه ڪيو آهي ان پنهنجي ڪتاب "تنزيه الشريعة المرفوعة عن الاحاديث الشنيعة الموضوعة" ۾ ابن جوزي، جوزقاني، عقيلي، ابن عدي، حافظ ابن حجر، علامہ سيوطي ۽ علامہ علي القاري جي سيني ڪتابن کي جمع ڪيو آهي. ۽ هر حديث جي خوب تحقيق ڪئي آهي. اهڙي طرح ان جو ڪتاب جامع ترين ڪتاب آهي ۽ گهڻي تحقيق وارو بہ جيڪو گهڻا وقت اڳ ۾ لکيل سيني ڪتابن کان مستغني ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ علامہ ابنِ عراقي ابنِ جوزي، جوزقاني ۽ سيوطي جي بيان ڪيل حديثن مان صرف انهن حديثن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي في الواقع موضوع آهن.

[17] **ڪتب الاحاديث المشتهرة** : (مشهور حديثن جا ڪتاب) مطلب تہ اهي ڪتاب جن ۾ مشهور حديثن جي تحقيق ڪئي وئي آهي جيڪي عام طور مشهور ۽ عوام جي زبان تي هونديون آهن پر انهن جي سندَ جو علم عام طور نہ هوندو آهي. هن موضوع تي سڀ کان پهريان علامہ زرڪشي، "التذكرة في الاحاديث المشتهرة" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو ان کان پوءِ حافظ ابن حجر "اللآلي المنثورة في الاحاديث المشهورة" لکيو آهي ان کان پوءِ علامہ سيوطي، الدرر المنتثره في الاحاديث المشتهره"

لکيو. علامہ ابنِ درويش جو ڪتاب "اثناء المطالب في احاديث مختلف المراتب" بہ پنھنجي اختصار جي باوجود ڪافي مشھور آهي پر ان قسم جي ڪتابن ۾ سڀني کان زياده مشھور ۽ متداول ڪتاب حافظ شمس الدين سخاوي رحمۃ اللہ علیہ جو "المقاصد الحسنة في الاحاديث المشتهرة على الالسنة" آهي جنھن کي ان حروفِ تھجي جي ترتيب تي مرتب ڪيو آهي ۽ هر حديث جي خوب تحقيق ڪئي آهي.

[18] **غريب الحديث**: يعني اهي ڪتاب جن ۾ حديثن ۾ وارد ٿيڻ وارن ڪلمن جي لغوي ۽ اصطلاحي تحقيق ۽ تشريح ڪيل هوندي آهي. هن موضوع تي سڀ کان پھريون ڪتاب محدث نضر بن شميل ۽ ابو عبيده معمر بن المثنيٰ جو آهي بعد ۾ علامہ اصمعي ۽ علامہ ابن قتيبة الدينوري هن موضوع تي قلم کنيو ان کان پوءِ علامہ خطابي انھن سڀني کي گڏي ڪتاب لکيو. پر ان موضوع تي سڀ کان پھريون جامع ۽ مفصل ڪتاب علامہ ابو عبيد قاسم بن سلام جو "غريب الحديث" آهي ان ۾ حروفِ تھجي تي ترتيب نہ هجڻ جي ڪري الفاظ ڳولڻ ڏکيا لڳندا آهن. ان کان پوءِ علامہ زمخشري "الفائق" نالي ڪتاب لکيو جيڪو حسنِ ترتيب جي لحاظ سان سڀني ڪتابن تي فوقيت رکي ٿو. پر هن قسم ۾ سڀني کان جامع ڪم علامہ مجد الدين ابنِ اثير الجزري ڪيو جنھن جو ڪتاب "النهاية في غريب الحديث والاثر" نھايت جامع بہ آهي ۽ مرتب بہ آهي هن کي ان حروف تھجي تي ترتيب ڏئي تيار ڪيو آهي ان جي ڪري هن موضوع تي ان جو فائدو عام آهي ۽ اهو ڪتاب پين ڪتابن جي ماخذ آهي. هن موضوع تي ٻيا بہ نھايت گھڻو فائدو ڏيندڙ ڪتاب لکيل آهن جيئن عبدالقادر فارسي جو ڪتاب "مجمع الغرائب" قاسم سرقسطي جو ڪتاب "غريب الحديث" وغيرهم. آخري دور ۾ علامہ طاهر پٽني "مجمع بحار الانوار في غرائب التنزيل ولطائف الاخبار" تاليف ڪيو جو هن قسم جو مقبول، مستند ۽ متداول ڪتاب آهي ڇوتہ هن ۾ صرف الفاظ جي تشريح ناهي بلڪ هر لفظ جنھن حديث ۾ آيو آهي ان جي حديث جي بہ مختصر ۽ ملخص تشريح ان ۾ موجود آهي ۽ هن بزرگ الفاظ جي تشريح ڪندي لغت جي ڪتابن کان سواءِ حديث جي گھڻن شرحن کي بہ سامهون رکيو آهي.

[19] **مشڪل الحديث** : هن قسم کي "شرح الآثار" ۽ "مختلف الحديث" بہ چوندا آهن ۽ هن مان مراد اهي حديث جا ڪتاب آهن جن ۾ متعارض حديثن جي تطبيق ۽ مشڪل المراد حديثن جي مراد مقرر ڪئي ويندي آهي انھن ۾ خاص ڪا ترتيب ناهي بلڪ مؤلف حديثون ذڪر ڪري انھن جي تشريح ڪندو آهي هن قسم جا بہ مختلف ڪتاب لکيا ويا آهن چيو ويو آهي تہ ان قسم جي تصنيف ۾ سڀ کان پھريون مصنف امام شافعي رحمۃ اللہ علیہ آهي جنھن پنھنجي ڪتاب "الام" جي بعض حصن ۾ اهو ڪم ڪيو آهي پر باقاعده طور هن موضوع تي سڀ کان پھريون قلم امام ابن جريح رحمۃ اللہ علیہ کنيو هو ۽ ابو محمد ابن قتيبہ ۽ امام ابن عبد البر رحمۃ اللہ علیہ بہ ڪتاب لکيا آهن پر اهي ڪتاب ناياب آهن موجوده دور ۾ هن موضوع تي بہ ڪتاب معروف ۽ متداول آهن. هڪ امام ابو جعفر طحاوي جو "مشڪل الآثار" چئن جلدن ۾ ٻيو علامہ ابوبڪر بن الفورڪ جو "مشڪل الحديث" هي ٻئي ڪتاب حيدرآباد دکن کان شايع ٿيا هئا.

[20] **اسباب الحديث** : حديث ۾ هن قسم جي اها حيثيت آهي جيڪا تفسير ۾ اسباب النزول جي آهي يعني هن ۾ قولي حديث جي وارد ٿيڻ جا اسباب بيان ڪيل آهن تہ حضور ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم ڪھڙو ارشاد ڪھڙي حالت ۾ بيان فرمايو. هن قسم تي نھايت گھٽ ڪتاب لکيا ويا آهن هن ۾ سڀ کان

پھرين تصنيف امام ابو حفص العقبري جي آهي ان کان پوءِ حامد بن کزني ۽ علامہ سيوطي بہ هن قسم تي قلم کنيو آهي. کشف الظنون جي صاحب لکيو آهي تہ اسان جي دور ۾ ان قسم جو صرف هڪ ڪتاب باقي رهيو آهي جنهن جو نالو "البيان والتعريف في اسباب الحديث الشريف" آهي ۽ اهو علامہ ابراهيم بن حمزة الحسيني الدمشقي الحنفي جي تاليف آهي جيڪو شايع ٿي چڪو آهي.

[21] **الترتيب** : يعني اهو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن ٻئي نمبر مرتب ڪتاب جون حديثون ڪنهن خاص ترتيب سان جمع ڪيون ويون هجن. مثال طور ترتيب مسند احمد علي الحروف لابن ڪثير" ۽ "ترتيب مسند علي الحروف لابن المجيب" وغيره.

[22] **الزوائد** : جنهن ۾ ڪنهن ٻئي ڪتاب جون صرف اهي حديثون جمع ڪيون وڃن جيڪي صحيحين ۾ نہ هجن. مثال طور علامہ نور الدين هيتمي رحمه الله جو "موارد الظمآن الي زوائد ابن حبان" جنهن ۾ صحيح ابن حبان جون صرف اهي حديثون جمع ڪيون ويون آهن جيڪي صحيحين ۾ موجود ناهن. اهڙي طرح "زوائد ابنِ حبان" علي الصحيحين" "للحافظ مغلطائي" ڪڏهن ڪڏهن زوائد جو لفظ "مستدرک" جو مترادف سمجهيو ويندو آهي. جيئن زوائد مسند احمد لعبدالله بن احمد انهيءَ معنيٰ ۾ آهي.

[23] **العِلل** : يعني حديث جا اهي ڪتاب جن ۾ اهڙيون حديثون ذکر ڪيون وڃن جن جي سند تي اعتراض هجي جيئن کتاب العلل" للبخاري ۽ "ڪتاب العلل" لمسلم ۽ "ڪتاب العلل الصغير والڪبير" للترمذي. اهڙي طرح محدث دارقطني ۽ ابن ابي حاتم جا "ڪتاب العلل" بہ مشهور آهن.

[24] **الامالي**: پهرئين زماني ۾ پڙهائي جو هي طريقو هو تہ استاد پنهنجون ياد ڪيل حديثون شاگردن کي املاء ڪندو هو اهڙي طرح شاگرد وٽ جيڪو مجموعہ تيار ٿيندو هو ان کي استاد جي "امالي" چوندا هئا. جيئن حافظ ابنِ حجر مڪر هيتمي رحمه الله جي امالي مشهور آهي هاڻي جڏهن ڇپائي جو رواج عام ٿي ويو آهي تہ "امالي" جي ضرورت نہ رهي آهي پر حديث جي تشريح ۽ ان سان متعلقات کي جڏهن استاد تقرير ڪندي بيان ڪندو آهي تہ ان کي لکڻ جو دستور اڃان باقي آهي ۽ هن وقت انهن تقريرن کي "امالي" سڏيو ويندو آهي.

[25] **التراجم**: حديث جي انهن ڪتابن کي چوندا آهن جن ۾ هڪ ئي طريقِ سندَ جون سڀ حديثون هڪ باب ۾ جمع ڪيون ويندڍيون آهن مثال طور ان ۾ باب هن طرح قائم ڪيو وڃي ٿو. "ذڪر ما روى مالك عن نافع عن ابن عمر" ۽ ان جي هيٺان اهي سيئي حديثون جمع ڪيون وڃن ٿيون جيڪي ان سندَ سان روايت ڪيل آهن ان قسم ۾ اهي ڪتاب بہ داخل آهن جيڪي "من روى عن ابيه عن جده" چورائيندا آهن.

[26] **الثلاثيات** : يعني حديث جا اهي ڪتاب جن ۾ صرف اهي حديثون ذکر ڪيل هجن جيڪي مصنف تائين ٽن واسطن سان پهتيون هجن يعني جن جي سند ۾ حضور ڪريم ﷺ تائين ٽي واسطا هجن جيئن "ثلاثيات البخاري"، "ثلاثيات الدارمي" ۽ "ثلاثيات عبد بن حميد" وغيره.

[27] **الوحدان** : يعني انهن راوين جي حديثن جو مجموعو جن کان صرف هڪ هڪ حديث روايت ڪيل آهي.

[28] **شروح الحديث** : يعني اهي ڪتاب جن ۾ حديث جي ڪنهن ڪتاب جو شرح ڪيل هجي. مثال طور فتح الباري, عمدة القاري وغيره.

[29] **الاذكار** : هي حديث جا اهي ڪتاب آهن جن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن كان منقول دعائون جمع ڪيل هجن جيئن امام نووي رحمه الله جو ڪتاب "الاذڪار" ۽ علامه ابن الجوزي رحمه الله جو "الحصن الحصين من كلام سيد المرسلين " ﷺ ۽ مون مسڪين محمد ادريس ڏاهري جو ڪتاب" محبوب ﷺ جون محبوب دعائون".

[30] **الترغيب والترهيب** : هي حديث جا اهي ڪتاب آهن جن ۾ صرف رغبت ڏيارڻ ۽ ڊپ ڏيارڻ واريون حديثون جمع ڪيل هونديون آهن هن موضوع تي سڀ كان زياده ڪتاب حافظ منذري جو "الترغيب والترهيب" آهي.

[31] **ڪتب المصاحف** : انهن ڪتابن کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ قرآن ڪريم جي جمع ۽ ترتيب قراءتن جي اختلاف ۽ اختلاف جي تاريخ جو بيان هوندو آهي مثال طور ابن عامر جو ڪتاب "ڪتاب المصاحف" ان كان سواءِ به گهڻن ماڻهن " ڪتاب المصاحف" جي نالي سان ڪتاب لکيا آهن جن ۾ "ڪتاب المصاحف لابن ابي داؤد", "ڪتاب المصاحف لابن الانباري" زياده مشهور آهن پر هن وقت انهن مان صرف هڪ ڪتاب موجود آهي ۽ اهو آهي "ڪتاب المصاحف لابن ابي داؤد" جيڪو محدث ابو داؤد, السنن جي صاحب, جي فرزند جو لکيل آهي ۽ ڪجهه وقت پهريان هڪ انگريز مستشرق ان کي شايع ڪيو آهي.

[32] **المسلسلات** : انهن ڪتابن کي چيو ويندو آهي جن ۾ اهڙيون حديثون هونديون آهن جن جي روايت ۾ سمورا راوي ڪنهن هڪ صفت يا خاص لفظ يا خاص فعل تي متفق هوندا آهن. مثال طور ڪنهن حديث جا سڀ راوي فقيه يا محدث هجن يا ان جي هر راوي حديث جي روايت وقت ڪو خاص ڪم ڪيو هجي. مثال طور هر راوي روايت جي وقت مصافحه ڪيو هجي وغيره . (كذا في مختلف كتب الحديث و شروحها)

وهذا اما اردت ايرادهٗ "فى مقدمة" "الفيوضات المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" باذن الله تعالىٰ وعونه فله الحمد وله الشكر علىٰ ذالك وعلى حبيبهٖ وعلىٰ اٰلهٖ واصحابهٖ الصّلوٰة والسّلام الىٰ قيام القيام وانا المتلجى الى الله العزيز الكريم ذى الجلال والاكرام الفقير محمد ادريس الداهرى نسبا الحنفى مذهبا السنى مسلكا النقشبندى الطاهرى البخشى الغفارى مشربا غفر الله لى ولوالدى ولاساتذتى ولمشائخى ولجميع من له حق علىَّ بوسيلة حبيبهٖ ونبيهٖ سيّدنا محمد واٰلهٖ وصحبهٖ عليه وعليهم التسليات والتكريمات الى يوم الدين اٰمين يا ربّ العٰلمين

ليلة الاربعاء بوقت عشر الا الربع

بمورخه 2 جمادى الاولى 1432هـ

5 ابريل الموافق 2011

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

ترجمو : الله جي نالي سان شروع جيڪو گهڻو مهربان، نهايت ٻاجهارو آهي.

شرح : هتي "ب" کان اڳيان "اَبۡتَدِاُ" مُقَدَّر ڇئبو. مطلب تہ مان الله ﷻ جي نالي سان شروع ڪيان ٿو ۽ ان ذات کان مدد ونان ٿو جنهن جي ذات جو هي پاڪ اسم آهي اهو ئي وڏيون ۽ دقيق قسم جون نعمتون عطا ڪندڙ آهي. هتي برڪت طور استعانت جي "ب" شروع ۾ آيل آهي. علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ هتي "ب" متعدي ڪرڻ جي لاءِ آهي. اَیۡ أُقَدِّمُ اِسۡمَ اللهِ. (الله جي نالي کي اڳ ۾ ذکر ڪيان ٿو) علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ مراد آهي تہ بالحق، واجب الوجود، جهان جي مُبدِعَ سان مدد ونان ٿو.

"اَللهُ": حق جو اسم ذات ۽ ان سان خاص آهي صفات سان موصوف هجڻ يا نہ هجڻ جو ضرور ناهي ۽ جڏهن ان جو وجود اڳ ۾ آهي تہ ذکر ۽ فکر ۾ بہ اهو اڳي آهي ان جي ڪري ڪجهہ محققن جو قول آهي تہ" مون هر شيءِ کان اڳ ۾ الله ﷻ ڏٺو آهي" الله جل شانہ هو ۽ ٻي شيءِ نہ هئي ۽ هينئر بہ ائين آهي جيئن اڳي هو. صوفياءِ ڪرام فرمايو تہ "هر اسم تخلق لاءِ آهي پر اسم ذات تعلق لاءِ آهي ۽ صحيح قول مطابق "الله" ئي اسم ذات آهي پر ان جي اثر ڪرڻ جي لاءِ شرط آهي تہ جڏهن "الله" چوين تہ تنهنجي دل غير کان بلڪل خالي هجي.

"اَلرَّحۡمٰنِ": نهايت مهربان. يعني پنهنجي حڪمت جي تقاضائن موجب هر ڪنهن کي وجود ۽ ڪمال ڏيندڙ.

"اَلرَّحِيۡمِ" : خصوصي مهربان. جيڪو انساني نوع کي مخصوص معنوي ڪمال سان نوازي، ۽ هتي "ب" کان پوءِ "اسم" لفظ ان جي ڪري آندو ويو تہ خلق پنهنجي هيئت تي برقرار رهي. جيڪڏهن اتندي ئي "بالله" آندو وڃي ها تہ خلق حق جي حقيقي جلون سان برف وانگر ڳري وڃي ها ۽ جڏهن اسم ذات"الله" اڳ ۾ آندو ويو تہ ان جي عظمت جي ابتدا ۾ عقل گم ٿي ويا ۽ ان جي الوهيت جي بحرن جي اڳيان ارواح بيهوش ٿي ويا ان جي ڪري پنيان "اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" آندائين تہ رب ڪريم ﷻ کي هڪ مجڻ وارن جا قلب تسلي وارا ٿين ۽ مؤمنن جا سينا شفاء حاصل ڪن.

(المواهب ص 8، جمع الوسائل ج 1 ص 2، شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 2)

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ جا فضائل

امام، فقيہ ابراهيم بن محمد باجوري شافعي (1198–1277 هـ) شرح الشمائل ۾ هي فضائل لکيا آهن.

[1] حضرت سيدنا ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو:

" خَيۡرُ النَّاسِ وَخَيۡرُ مَنۡ يَّمۡشِيۡ عَلٰى وَجۡهِ الۡاَرۡضِ الۡمُعَلِّمُوۡنَ فَاِنَّهُمۡ كُلَّمَا خَلُقَ الدِّيۡنُ جَدَّ دُوۡهُ اَعۡطُوۡهُمۡ وَلَا تَسۡتَاجِرُوۡهُمۡ فَاِنَّ الۡمُعَلِّمَ اِذَا قَالَ لِلصَّبِيِّ قُلۡ " بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ " فَقَالَهَا كَتَبَ اللهُ بَرَآءَةً لِّلصَّبِيِّ وَبَرَآءَةً لِّلۡمُعَلِّمِ وَبَرَآءَةً لِّاَبَوَيۡهِ مِنَ النَّارِ. "

يعني ماڻهن ۾ ڀلا ۽ جيڪي زمين ۾ هلن ٿا انهن ۾ ڀلا (دين) پڙهائيندڙ آهن اهي جڏهن بہ

دين پراٽو ٿيندو (ان تي عمل نہ رهندو) تہ ان کي نئون ڪندا. انهن کي (مال) ڏيندا ڪيو انهن کي مزدور ٻٽائي نہ رکو. بلاشڪ پڙهائيندڙ جڏهن ٻار کي "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" پڙهائي ٿو ۽ اهو پڙهي ٿو تہ الله ﷻ ان ٻار ۽ پڙهائيندڙ ۽ (ٻار جي) ماءُ ۽ پيءُ جي لاءِ (جهنم کان) آزادي لکي ڇڏيندو آهي."

[2] حضرت سيدنا ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ "مؤمن سان گڏ هلندڙ شيطان ۽ ڪافر سان گڏ هلندڙ شيطان پاڻ ۾ مليا. ڪافر سان گڏ هلندڙ شيطان سگهو، ٿلهو ۽ ڍڪيل هو ۽ مؤمن سان گڏ هلندڙ شيطان ڏٻرو، ڪمزور ۽ ڪپڙن کان خالي هو پوءِ ڪافر واري شيطان مؤمن سان گڏ هلندڙ شيطان کان پڇيو تہ "توکي ڇا ٿيو آهي جو هن حالت ۾ آهين؟ ان جواب ڏنو تہ "مان اهڙي شخص سان گڏ آهيان جو کاڌو ٿو کائي تہ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" پڙهي ٿو ۽ مان بُک تي هوندو آهيان ۽ جنهن وقت پاڻي ٿو پيئي تہ بہ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" پڙهي ٿو ۽ مان اُڃ ۾ هوندو آهيان ۽ جنهن وقت تيل مکي ٿو تہ بہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ٿو ۽ مان گهنجيل وارن سان هوندو آهيان ۽ جنهن وقت ڪپڙا ڍڪي ٿو تہ بہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ٿو ۽ مان ڪپڙن کان خالي هوندو آهيان پوءِ ڪافر واري شيطان چيو تہ " مان جنهن سان گڏ آهيان اهو ائين ڪونہ ٿو ڪري پوءِ مان ان سان کاڌي، پاڻي، تيل هڻڻ ۽ ڪپڙن پائڻ ۾ شريڪ هوندو آهيان."

[3] حضرت سيدنا ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ :"جيڪو شخص ارادو ڪري ٿو تہ الله ﷻ ان کي جهنم جي اڻويهن (19) ملائڪن کان ڇڏائي تہ اهو"بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" پڙهي. بلاشڪ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۾ اڻويهہ (19) حرف آهن ۽ جهنم تي مقرر ٿيل ملائڪ بہ اڻويهہ (19) آهن جيئن الله ﷻ فرمايو آهي "عَلَيۡهَا تِسۡعَةَ عَشَرَ" (سورة مدثر آيت 30.) (ان تي اڻويهہ (ملائڪ) آهن) پوءِ الله ﷻ ان مان هر حرف کي هر ملائڪ کان ڍال ٿو بنائي ۽ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" جي برڪت سان انهن ملائڪن کي ان تي مسلط ٿيڻ نہ ٿو ڏي"

[4] حضرت سيدنا عڪرمة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون حضرت علي رضي الله عنه کان ٻڌو ان فرمايو تہ "الله ﷻ جڏهن بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ کي نازل فرمايو تہ دنيا جي سيني جبلن دانهن ڪئي ۽ اسان اها دانهن ٻڌي ۽ (ڪافرن) چيو تہ" (حضرت) محمد ﷺ جبلن کي بہ جادو ڪري ڇڏيو آهي." پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "ڪوبہ مؤمن اها پڙهندو تہ جبل بہ ان سان گڏ سبحان الله پڙهندا پر انهن جو اهو پڙهڻ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو."

[5] نبي ڪريم ﷺ جن کان روايت آهي تہ "جنهن تعظيم ڪندي زمين تان اهو ڪاغذ کنيو جنهن ۾ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" لکيل آهي تہ اهو الله ﷻ وٽ صديقن مان لکيو ويندو ۽ ان جي والدين تان پوءِ اهي ڪٿي مشرڪ هجن تہ بہ عذاب هلڪو ڪيو ويندو."

[6] حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو:"اي ابا هريره ! جنهن وقت وضو ڪرين تہ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ "چئو. پوءِ بيشڪ تنهنجي مٿان مقرر ٿيل ملائڪ تيستائين تولاءِ نيڪيون لکندا رهندا جيستائين تون وضو مان واندو ٿين. ۽ جنهن وقت پنهنجي گهرواريءَ سان جماع ڪرڻ جو ارادو ڪرين تہ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ "چئو تہ توتي مقرر ٿيل ملائڪ تيستائين تنهنجون نيڪيون لکندا رهندا جيستائين جنابت واري غسل کان فارغ ٿين پوءِ جيڪڏهن توکي ان جماع ڪرڻ سان ٻچو ٿيو تہ تولاءِ ان ٻچي ۽ ان جي پيڙهيءَ ۾ اچڻ واري اولاد جي پساهن جيترا ثواب

لکجندا رهندا تان جو انهن مان ڪو هڪ بہ باقي نہ رهي اي ابا هريرة! جڏهن سواريءَ تي سوار ٿين تہ "بِسۡمِ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ" پڙهہ تہ تنهنجي لاءِ ان سواري جي هر هڪ وک جي بدلي ۾ نيڪي لکي ويندي ۽ جڏهن ٻيڙيءَ تي سوار ٿين تہ "بِسۡمِ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ" پڙهہ تہ جيستائين ان مان لهندين تيستائين تنهنجي لاءِ نيڪيون لکيون وينديون."

بہ واقعا : [1] روم جي بادشاهہ قيصر سيدنا حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي خط لکيو تہ "مون کي مٿي ۾ سور نہ ٿو ڇڏي سو مون ڏانهن ڪا سُني دوا موڪليو. سيدنا حضرت عمر رضي الله عنه ان ڏانهن هڪ ٽوپي موڪلي اهو جڏهن اها مٿي تي رکندو هو تہ کيس سور نہ رهندو هو ۽ جڏهن لاهيندو هو تہ سور ٿيندو هوس. اهو ان ڳالهہ کي ڏسي عجب ۾ پيو ۽ حڪم ڪيائين تہ ٽوپي کوليو جڏهن اها کوليائون تہ ان ۾ هڪ ننڍڙو ڪاغذ هو جنهن ۾ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" لکيل هئي جڏهن اها پڙهيائين تہ چيائين "هي دين ڪهڙو نہ پلو ۽ عزت وارو آهي."

[2] مشهور ۽ معروف بزرگ حضرت بشر حافي رحمة الله عليه (جڏهن اڃان ديندار نہ ٿيو هو) تہ واٽ سان ويندي هڪ ڪاغذ ڏٺائين جنهن تي "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" لکيل هئي. سندس قول آهي تہ پوءِ منهنجي دل پڙڪو کاڌو ۽ اهو ڪاغذ مون کڻي ورتو. کڻڻ کان پوءِ هڪدم منهنجي اڳيان حجاب هٽي ويا ۽ لکل محبوب جا جلوا ظاهر ٿيا ان وقت مون وٽ بہ درهم هئا. جيڪي ڏئي مون خوشبوءِ خريد ڪئي ۽ اها ان ڪاغذ کي لڳائي جڏهن ماٺهن کان لڪائي رکيم تہ مون کي غيبي هاتف سڏي چيو "اي بشر! تو منهنجي اسم کي خوشبوءِ لڳائي رکيو آهي مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي تہ مان تنهنجي اسم کي دنيا ۽ آخرت ۾ خوشبودار بنائي ڇڏيندس."

فائدو : حضرت ابنِ عراق رحمة الله عليه فرمايو تہ : "جيڪو شخص محرم شريف جي پهرين ڏينهن هڪ سؤ تيرهن (113) ڀيرا "بِسۡمِ اللهِ" ڪاغذ تي لکي پاڻ سان کڻندو تہ سڄي زندگي ان کي ۽ ان جي اهل عيال کي ڪو ڏک نہ پهچندو ۽ جيڪو شخص "اَلرَّحۡمٰنُ" اسم کي پنجاهہ (50) ڀيرا لکي پاڻ سان کڻي ڪنهن ظالم حاڪم وٽ ويندو تہ ان جي شر کان امن ۾ رهندو.

(المواهب اللدنية شرح الشمائل المحمديہ ص 8، 10)

"قَالَ" : فرمايائين ، چيو.

سمجهاڻي : قال ماضيءَ جو صيغو آهي ۽ هتي ماضيءَ جو صيغو آڻڻ مان معلوم ٿيو تہ هي خطبہ ڪتاب جي لکڻ کان پوءِ آندل آهي ۽ اهو حمد ۽ سلام" کان پوءِ ان جي ڪري آندو ويو آهي تہ انهن جو جيڪو اڳي آڻڻ جو حق هو اهو ادا ڪيو وڃي "الشيخ الحافظ" هي الفاظ مصنف جا آهن ۽ پاڻ کي ائين چوڻ کان ڪو مانع ناهي ڇوتہ محدث ترمذي رحمة الله عليه انهن لفظن سان پنهنجي توصيف ان جي ڪري ڪئي آهي تہ ان کي ثقہ سمجهي ان جي قول تي اعتماد ڪيو وڃي ان پنهنجو پاڻ کي پاڪ صاف ڪري پيش ڪرڻ ۽ غرور جي لاءِ اهي الفاظ نہ آندا آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 12)

الشيخُ يا شَاخَ يَشِيخُ شَيخا جي مصدر آهي جنهن سان ائين وصف ڪئي وئي آهي جيئن "زيد عدل" ۾ عدل مصدر سان وصف ڪئي ويندي آهي يا شَيِّخٌ سَيِّدٌ وانگر آهي پوءِ ان ۾ تخفيف ڪري شيخ چيو ويو.

شيخ ڪنهن کي چئجي؟ : شيخ ان کي سڏيو ويندو آهي جيڪو ڪنهن فن ۾ ايتريون صلاحيتون

رکي جو بيا ان فن ۾ ان جي اقتداء ڪرڻ ۽ سندس پويان هلڻ جي خواهش ڪن. بعض جو قول آهي تہ "شيخ پنجاهہ سال کان متي 80 سال جي عمر واري جي لاءِ ڳالهايو ويندو آهي. پر هتي اها مراد ناهي. حديث جي فن جو ماهر پلي 15 سالن جي عمر جو ڇو نہ هجي تہ بہ ان کي شيخ سڏيو ويندو آهي. جيئن امام بخاري ﷫ کي اجان ڏاڙهي جو هڪ وار بہ منهن تي نہ لٿو هو تہ حديث روايت ڪئي هئائين. (شرح الشمائل للعلامة المناوي علي هامش جمع الوسائل ج 1 ص 6) علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ: شيخ هر فن ۾ ان ڪمال رکندڙ کي چيو ويندو آهي جنهن جي ان ۾ اقتداء ڪئي وڃي پلي ڪٽي نوجوان هجي. پنجاهہ کان اسي سال عمر هجڻ ضروري ناهي. ڪيترن نوجوان صحابن ۽ تابعن حديث روايت ڪئي ۽ سيني محدثن اها قبول ڪئي آهي. محدث اسحاق بن راهويہ پنهنجي متعلقن کي امام بخاري ﷫ جي لاءِ فرمايو تہ "اي حديث بيان ڪندڙ بزرگو! هن نوجوان ڏانهن نهاريو ۽ ان کان حديث لکو بيشڪ اهو جيڪڏهن امام حسن بصري ﷫ جي دؤر ۾ هجي ها تہ اهو بہ حديث جي معرفت ۾ هن جو محتاج ٿئي ها" ۽ اها ڳالهہ بہ ثابت آهي تہ امام بخاري ﷫ يارهن سالن جي عمر جو هو تہ پنهنجي بعض مشائخ جون سند ۾ غلطيون پڪڙي انهن کي درست ڪرڻ لاءِ چيو هيائين ۽ امام مالڪ سترهن يا ويهن سالن جو هو تہ حديث روايت ڪئي هئائين. امام شافعي ﷫ نوجوان هو تہ ڪيترا علماء ان جا حديث ۾ شاگرد ٿيا هئا. (جمع الوسائل ج 1 ص 6)

الحَافِظُ : هتي حافظ مان مراد حديث جو حافظ آهي. قرآن ڪريم جو حافظ مراد ناهي ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ قرآن ۽ سنت ٻنهي جو حافظ هجي. محدثن جي اصطلاح ۾ حافظ اهو آهي جنهن کي هڪ لک حديثون متن ۽ سند سميت ياد هجن. ياد رکڻ گهرجي تہ حديث بيان ڪندڙن جا پنج مرتبا آهن. [1] طالب : جيڪو نئون شروع ٿئي. [2] محدث : جيڪو حديث روايت بہ ڪري تہ ان جي سمجهڻ جي درايت بہ رکي. [3] الحافظ : جنهن کي هڪ لک حديثون متن ۽ سند سان حرف بہ حرف ياد هجن. [4] الحجة : جنهن کي ٽي لک حديثون ياد هجن. [5] الحاڪم : جيڪو سيني روايتن کي احاطو ڪري. جزري ﷫ فرمايو تہ راوي ان کي چئبو آهي جيڪو صرف حديث نقل ڪري.

(المواهب شرح الشمائل ص 13 جمع الوسائل ج 1 ص 6)

فائدو : ابن ابي حاتم ﷫ "ڪتاب الجرح والتعديل" ۾ محدث زهري ﷫ کان روايت آندي آهي تہ : حديث جو حافظ هر چاليهہ سالن کان پوءِ پيدا ٿيندو.

ابُو عِيسَىٰ : عيسيٰ جو پيءُ.

مسئلو : شرعة الاسلام جي شرح ۾ آهي تہ جنهن جي پُٽ جو نالو عيسيٰ هجي تہ ان کي ابو عيسيٰ نہ سڏيو وڃي ڇوتہ ان ۾ اهو وهم ٿو پيدا ٿئي تہ شايد حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ڪو پيءُ هو. جيئن هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ "هڪ شخص جو ابا عيسيٰ نالو رکيو ويو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: "عيسيٰ جو پيءُ نہ هو." ۽ ان کي ناپسند فرمايائون. پر ان مان مراد ابتداءً اهو نالو رکڻ آهي پر جيڪڏهن هونئن ئي ابو عيسيٰ مشهور ٿي ويو تہ مڪروهہ ناهي جيئن علماء ۽ مصنفين اجماع سان امام ترمذي ﷫ کي ابو عيسيٰ سان ياد ڪيو آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 6)

مُحَمَّدُ بن عِيسَىٰ بِن سُورةَ التِرمِذِي :يعني محمد عيسيٰ جو پٽ اهو سورة نالي شخص جو پٽ ـ ترمذي شهر جو رهڻ وارو

(خطبة الكتاب)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى

سڀ تعريف الله جي لاءِ ثابت آهي ۽ ان جي برگزيدن ٻانهن تي سلام آهي.

سمجهاڻي : اختيار ڪيل سُهڻي ڪم تي سهڻي وصف کي حمد سڏيو ويندو آهي جيتوڻيڪ اهو حڪمًا هجي. حمد جو حقيقي مستحق الله جَلَّ جَلَالُهُ آهي، ان جي لاءِ ان جي ذات ۽ صفات تي حمد ڪيو ويندو آهي. ٻئي لاءِ حمد ۽ ساراهه عاريةً هوندي آهي ڇوته هر حمد ان جوئي آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽي ٿو. هن ڪتاب جي "بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" کان پوءِ حمد سان شروعات ڪرڻ الله جَلَّ جَلَالُهُ جي قرآن ڪريم جي اقتداء ۽ ان فرمان جي اطاعت آهي جيڪو صدرِ نبوت کان ظاهر ٿيو ته "كُلُّ اَمۡرٍ ذِىۡ بَالٍ لَايُبۡدَءُ فِيۡهِ بِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ (وَفِىۡ رِوَايَةٍ بِحَمۡدِ اللّٰهِ) فَهُوَ اَقۡطَعُ وَفِىۡ رِوَايَةٍ فهو اَبۡتَرُ وَفِىۡ رِوَايَةٍ اَجۡذَمُ." يعني جيڪو به شاندار امر بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان ۽ هڪ روايت مطابق حمد سان شروع نه ٿو ڪيو وڃي ته اهو (برڪت کان) ڪٽيل آهي." مطلب ته نهايت ناقص ۽ گهٽ برڪت وارو آهي. محدث امام ترمذي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ حمد ۽ سلام جي صيغن مان اهو اختيار ڪيو آهي جيڪو الله جَلَّ جَلَالُهُ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ کي سيکاريو آهي "قُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى." "سَلَامٌ" هن ۾ تنوين يا تعظيم جي لاءِ آهي جيئن قرآن ڪريم جي آيت " هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۝" جي لفظ "هُدًى" ۾ آيل آهي. يعني نهايت وڏو سلام جيڪو عظيم مبلغ ۽ جسيم قد وارو هجي نه ان جي اونهائي جو ادراڪ ٿي سگهي ۽ نه ان جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي يا تنوين تَعمِيمَ (عام ڪرڻ) جي آهي جيئن عربي مقولو آهي: "تَمۡرَةٌ خَيۡرٌ مِّنۡ جَرَادَةٍ" ۽ حمد کي معرفه ۽ سلام کي نڪره ان جي ڪري آندو ويو آهي ته الله جَلَّ جَلَالُهُ ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي وچ ۾ امتياز ظاهر هجي، اَللّٰهُ اَللّٰهُ آهي ۽ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام ان جا ٻانها آهن ٻانهو ڪيترو به اعليٰ ۽ عظيم مرتبي تي فائز ٿئي تڏهن به ٻانهو آهي ۽ الله جَلَّ جَلَالُهُ جو محتاج آهي. جيئن علامه بوصيري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمايو آهي.

دَعۡ مَا ادَّعَتۡهُ النَّصَارٰى فِىۡ نَبِيِّهِمۡ   وَاحۡكُمۡ بِمَا شِئۡتَ مَدۡحًا فِيۡهِ وَاحۡتَكِمۡ

يعني جيڪا نصارن پنهنجي نبي عيسيٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي متعلق خدا هجڻ جي دعويٰ ڪئي اها ڇڏي ڏي باقي تعريف ڪرڻ ۾ جيڪو وڻئي سو حڪم منسوب ڪر.

سوال : مصنف صرف "سَلَامٌ" جو لفظ آندو آهي "صلوٰة" جو لفظ ڇو نه آندو؟

جواب : علامه ابنِ حجر مڪي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ ۽ شيخ جزري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ لکيو آهي ته سلام سان گڏ صلواة جو ذڪر ضروري ناهي ۽ نه ان جو حڪم آهي. مصنف هتي قرآن ڪريم جي مٿي مذڪوره آيت جي اقتداء ڪئي آهي. (المواهب اللدنيه شرح الشمائل المحمديه ص11، 12)

علامه علي قاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ لکيو آهي ته "سلام" جيڪڏهن الله جَلَّ جَلَالُهُ جي طرفان آهي ته ان مان مراد آهي "مهربان رب جَلَّ جَلَالُهُ جي طرفان وڏو سلام" ۽ جيڪڏهن اسان جي طرفان آهي ته گهڻو سلام يا اسان جي طرفان سهڻي ثناء آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 4)

"عِبَادِهٖ" هتي "عباد" مان مراد الله ﷻ جا برگزيده ٻانها آهن ۽ اڪثر علماء وٽ ان مان مراد انبياء عليهم السلام آهن. جيڪي عبادت ۽ عبوديت جي شرف سان مخصوص ۽ رب جي احڪام مطابق عبديت جي وظائف تي قائم ۽ اعليٰ مراتب تي واصل آهن پر پنهنجي طرفان نه بلڪ الله ﷻ جي طرفان عطا ڪيل صفات اصطفائيه سان "اصطفيٰ" (برگزيدا بنايائين) يعني اهي ٻانها جن کي الله ﷻ مصطفيٰ، مجتبيٰ، مرتضيٰ بنايو انهن جي قلبن کي غير جي محبت ۽ ڪدورت کان صاف رکيو. ان ۾ حضور ڪريم ﷺ جن ۽ سندن آل پاڪ ۽ اصحاب سڳورا عليهم الرضوان شامل ۽ داخل آهن ۽ ملائڪن مان نبين ڏانهن موڪليل قاصد ۽ باقي انبياء عليهم الصلوٰة السلام پاڻ ۽ سندن تابعدار علماء، اولياء، اصفياء به ان ۾ داخل آهن. (جمع الوسائل ج 1 ص 4)

سوال: مناسب هو ته محدث امام ترمذي رحمه الله جي هن ڪتاب ۾ **"اَشهَدُ"** ڪلمو به آندو وڃي ها جيئن هڪ روايت ۾ آهي ته "كُلُّ خُطْبَةٍ لَيْسَ فِيْهَا تَشَهُّدٌ فَهِيَ كَالْيَدِ الْجَذْمَاءِ" (جنهن خطبي ۾ شهادت وارو ڪلمو ناهي اهو جذام جي بيماريءَ ۾ ڦاٿل هٿ وانگر آهي)

جواب: ان جا ٻه جواب آهن : هڪ ته ان روايت ۾ شهادت جي ڪلمي جو لکڻ ذڪر ڪيل ناهي ممڪن آهي محدث ترمذي زبان سان چيو هجي لکيو نه هجي. ٻيو هي ته اها روايت نڪاح واري خطبي جي لاءِ آهي ڪتابن ۽ رسالن جي منڍ ۾ لکڻ جي لاءِ ناهي. (المواهب ص 12)

سوال: هتي ڪهڙي نعمت تي حمد ڪيو ويو آهي؟

جواب: الله ﷻ جي انعامات مان علم به هڪ وڏي نعمت آهي تصنيف ۽ تاليف به علم جي نعمت سان متعلق آهي ان جي ڪري محدث ترمذي رحمه الله هتي الله ﷻ جو حمد ان نعمت تي ڪيو آهي.

سوال: برگزيدن ٻانهن تي سلام ڇو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

جواب: الله ﷻ جن ٻانهن جي ذريعي دين پهچايو اهي انبياء عليهم السلام آهن. انهن کان پوءِ علماء سندن تابعداري ڪري دين سيکاريندا آهن انهن لاءِ به سلام جي ذريعي سلامتيءَ واري دعا ڪئي وئي آهي. حضرت علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته :"جڏهن صالحن جي ذڪر وقت رحمت نازل ٿيندي آهي ۽ برڪت گهڻي هوندي آهي ۽ هي ڪتاب پنهنجي ڪمال سان حضور ڪريم ﷺ جي جمال ۽ ڪمال جي صفتن سان مخصوص آهي ته ان ۾ الله ﷻ جي مخصوص ٻانهن تي سلام ان لاءِ ذڪر ڪيو ويو آهي جو ان جون برڪتون اسان سڀني کي قيامت تائين شامل رهن. (آمين) ۽ هن ۾ مصطفوي شمائل (علي صاحبها الصلوٰة والسلام) سان موصوف ٿيندڙن ڏانهن لطيف اشارو آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 6,5)

مطلب ته مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي صفات ۽ شمائل کي پاڻ ۾ پيدا ڪندڙن ٻانهن تي سلام آهي.

محدث ترمذي ﷫ جي سوانح حيات

اسم گرامي : محمد

پيءُ جو نالو ۽ نسب : سندن والد مڪرم جو نالو مبارڪ عيسيٰ ۽ اڳتي سلسلو هن طرح آهي. عيسيٰ بن سورة بن موسيٰ بن ضحاڪ. سلمي. بوغي. ترمذي. سلمي بني سليم قبيلي ڏانهن نسبت آهي جيڪو قيس بن غيلان جي اولاد مان هو. البوغي "با" جي پيش "و" جي جزم ۽ "غين" سان هڪ ڳوٺ ڏانهن نسبت آهي جيڪو جيحون درياء جي ڪناري تي ترمذ شهر کي ويجهو آهي ان کي "مدينة الرجال" سڏيندا هئا. (وفيات الاعيان ج 4 ص 228 حاشيه شمائل ترمذي ص 5)

ولادت : هي ڀلارو سن 209 هه مطابق 824ع ۾ بوغ مقام تي ڄائو هو. (الحطة ص 250)

علامہ ذهبي ﷫ هن بزرگ جي ولادت 210 هه جي وچ تي لکي آهي. (سير اعلام النبلاء ج 13 ص 271)

نسبت : پاڻ ﷫ "ترمذ" شهر ڏانهن منسوب هجڻ جي ڪري ترمذي سڏيو ويندو آهي ۽ هن نسبت ۾ "تا" جي پڙهڻ ۾ ٽي قول آهن. (1) "تا" جي پيش سان (2) **"تا" جي زبر سان (3) "تا" جي زير سان. مگر** گهڻو ڪري پراڻي دؤر کان "تا" ۽ "ميم" جي زير سان **استعمال ٿيندو آيو آهي.** (وفيات الاعيان ج 4 ص 228)

ڇا ڄمندي ئي نابينا هو؟ : ان ۾ به اختلاف آهي پر جنهن قول کي علامہ ذهبي ﷫، **علامہ حافظ ابنِ** حجر ﷫، علامہ ابنِ ڪثير ﷫ وغيره ترجيح ڏني آهي اهو هي آهي تہ هي بزرگ ڄمڻ وقت نابينا نہ هو آخري عمر ۾ نابينا ٿيو هو. (تذڪرة الحفاظ جزء 2 ص 634، سير اعلام النبلاء ج 13 ص 270)

حديث حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر : هن حضرت حديث پاڪ حاصل ڪرڻ لاءِ خراسان، عراق ۽ حجاز جا سفر ڪيا هئا ۽ اتاهين ڪيترين حديث جي راوين کان حديثون حاصل ڪيون هئائين. (تهذيب التهذيب ج 9 ص 387)

حديث جي فن ۾ سندس استاد : پاڻ هنن بزرگن کان حديث روايت ڪئي هئائين. [1] امام بخاري ﷫ [2] امام مسلم ﷫ [3] ابو زرعة رازي ﷫ [4] ابو داؤد ﷫ [5] دارمي ﷫ ۽ ٻين وقت جي ڪيترن عظيم محدثن کان پر ڪيس وڌو فائدو حديث جي راوين جي امام محمد بن اسماعيل بخاري کان مليو ۽ پاڻ گهڻو عرصو ان سان گڏ رهيو. (حاشيہ شمائل ترمذي ص 7)

محدث ترمذي جا شاگرد : حافظ ابنِ حجر عسقلاني ﷫ لکيو آهي تہ محدث ترمذي ﷫ کان هنن ڀلارن حديثون روايت ڪيون آهن. [1] ابو حامد مروزي ﷫ [2] احمد بن يوسف نسفي ﷫ [3] اسد بن حمدويہ ﷫ [4] داؤد بن نصر بزدوي ﷫ [5] هيثم بن ڪليب شامي ﷫ [6] محمد بن محبوب ابو العباس محبوبي ﷫ [7] عبد بن محمد بن محمود نسفي ﷫ [8] محمود بن نمير ﷫ [9] محمد بن محمود [10] محمد بن محمود بن فرج [11] ابو جعفر محمد بن سفيان نسفي [12] محمد بن منذر هروي ۽ ٻيا. امام بخاري ﷫ پاڻ بہ ان کان حديث ياد ڪئي هئي. (تهذيب التهذيب ج9 ص387)

محدث هجڻ سان گڏ فقيہ : محدث ترمذي حديث جي علم ۽ روايت سان گڏ ان جي معنيٰ ۽ مراد حاصل ڪرڻ ۾ تمام اونهو ويندو هو. ۽ ان ۾ فقه جي سوچ گهڻي رکندو هو. ان سان متعلق علماء جي

مذهبن کي گهڻو چاهيندو هو. ۽ پنهنجي دور ۾ مشهور مذهبن جو جامع هو. سندس ڪتاب سندس فقيه هجڻ، ان ۾ عميق وجڻ ۽ ان تي اطلاع رکڻ جي لاءِ ڪافي دليل آهي. پاڻ هر باب جي حديث جي پويان علماء جا اقوال آڻي انهن مان ڪن کي ترجيح ڏني اٿس جنهن مان ان جي علمي وسعت ۽ فقهي امامت اٿين واضح آهي جيئن فن حديث ۾ سندس امامت مسلّم آهي. (مقدمہ حاشيہ شمائل ترمذي ص 7)

تصنيفات: سندس لکيل ڪتاب هي آهن. [1] السنن [2] الشمائل [3] العلل الڪبير ۽ هي ان العلل کان جدا آهي جيڪو السنن جي آخر ۾ آيل آهي. [4] الزهد هن جو ذڪر علامہ ابنِ حجر ؒ آندو آهي. (تهذيب التهذيب ج9 ص389) [5] الاسماء والڪنيٰ [6] اسماء الصحابة [7] التاريخ [8] الآثار الموقوفة [9] العلل الصغير

محدث ترمذي ؒ جي ثناء ۽ فضيلت جي متعلق علماء جا اقوال

محدث ترمذي ؒ هڪ اهڙو علمي نشان هو جنهن جي اقتدا ڪئي ويندي هئي. علم جو اهڙو امام هو جنهن جي علم ۽ ڪتاب مان فائدو ورتو ويندو هو علماء جو ان جي وڏي هجڻ ۽ سندس ثناء ڪرڻ تي اجماع آهي. ۽ سيني ان جي علم ۽ علم جي حافظ هجڻ ۽ علم ۾ مضبوط هجڻ جي شاهدي ڏني آهي. ان جي ڪمال کي تسليم ڪندڙن مان ڪجهه هي نالا آهن. (1) علامہ ادريسي ؒ فرمايو تہ محدث ترمذي ؒ انهن امامن مان هڪ آهي. جن جي حديث جي علم ۾ اقتداء ڪئي ويندي آهي ۽ ان جو حديث پاڪ ياد ڪرڻ ۾ مثال ڏنو ويندو آهي. (2) علامہ ابن الاثير بہ ساڳيا الفاظ آندا آهن. (3) حافظ مُزي ؒ فرمايو: محدث ترمذي ؒ انهن امامن مان هڪ آهي جن حديث کي ياد ڪري ظاهر ڪيو ۽ الله ﷻ ان سان مسلمانن کي نفعو ڏنو. (4) علامہ ذهبي ؒ فرمايو تہ امام ترمذي ؒ علم جو حافظ، ڪليل امام هو. (5) محدث ابن حبان ؒ فرمايو: "محدث ترمذي انهن هستين مان هو جن حديث جمع ڪري تصنيف ڪئي، ياد ڪئي ۽ حديثن جو ذڪر ڪيو. (6) محدث جليلي ؒ فرمايو: " محدث ترمذي ؒ ثقة ۽ متفق عليه هو. (مقدمہ حاشية شمائل ترمذي ص 9) (7) امام بخاري ؒ کيس فرمايو: "مون اوهان مان ان کان گهڻو نفعو پرايو آهي جيڪو اوهان مون مان حاصل ڪيو آهي. (تهذيب التهذيب ج9 ص389) **محدث حاڪم** ؒ فرمايو تہ: "امام بخاري ؒ کان پوءِ خراسان ۾ محدث ترمذي ؒ جهڙو علم، تقويٰ ۽ زهد ۾ ٻيو ڪونہ هو.

انتقال پرملال: اڪثر علماء جو قول آهي تہ "هن پلاري بزرگ سومر جي رات تيرهين تاريخ رجب المرجب سنہ 279 هہ ۾ ترمذ ۾ وفات ڪئي. (تذكرة الحفاظ ج 2 ص 635) ۽ ڪجهه علماء فرمايو تہ سندس وفات سنہ 275 هہ ۾ ٿي. (تهذيب التهذيب ج 9 ص 389 الحطة ص 250, سير اعلام النبلاء ج 13 ص 277)

هن ڪتاب جو تعارف: نالو مبارڪ: هن ڪتاب جو نالو " الشمائل المحمدية" آهي. شمائل. شمال (شين جي زير سان) **جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ طبيعت آهي.** (مرقاة المفاتيح ج ص64)

مفتي احمد يار خان نعيمي ؒ لکيو آهي تہ **"شمائل"** انسان جي پيدائشي عادت کي سڏيو ويندو آهي. (مراه المناجيح ج 5 ص 386)

علامہ نبهاني ﷫ لکيو آهي تہ "الشمائل" اصل ۾ اخلاق ۽ طبيعتن کي چيو ويندو آهي. قاموس ۾ لکيو اٿس تہ : الشمال جي معنيٰ طبيعت ۽ لسان العرب ۾ لکيو اٿس تہ : شمائل جو مفرد شمال آهي. شين جي زير سان ۽ حديث جا علماء هن لفظ کي اصلي معنيٰ جي لحاظ سان حضور ڪريم ﷺ جي سُهڻي اخلاق کي چوندا آهن ۽ مجازًا سندن صورت جي ظاهري اوصاف تي ڳالهائيندا آهن. (وسائل الوصول ص 39، 40)

هن موضوع تي لکيل ٻيا ڪتاب : هن موضوع تي دنيا ۾ ڪيترا ٻيا ڪتاب لکيا ويا جن مان ڪجھ هي آهن. [1] شمائل النبي ﷺ . مصنف : علامہ جعفر بن محمد مستغفري المتوفي 432ھ [2] الشمائل : مصنف :علي بن محمد بن ابراهيم المعروف بابن المقري غرناطي المتوفي 552ھ بمطابق 1157ع [3] شمائل محمديہ مصنف : علامہ عبدالرسول بن عبدالصمد]4[الشمائل الکبريٰ مصنف : حضرت علامہ نشتر جالندري.

شمائل ترمذي جي اهميت : شمائل جي موضوع تي لکيل ڪتابن ۾ جيڪا هن ڪتاب کي دائمي شهرت، اهميت ۽ مقبوليت ملي آهي اها ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب کي نہ ملي آهي. محدث علي القاري ﷫ لکيو آهي : الشمائل محدث ترمذي ﷫ جو لکيل ڪتاب آهي جيڪو مختصر مگر نهايت جامع، سيرت پاڪ تي "علي الوجه الاتم" مشتمل آهي. (جمع الوسائل ص 2)

دل سان هن ڪتاب کي مطالع ڪندڙ ائين ٿو محسوس ڪري جڻ تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو ديدار ڪري رهيو آهي. ۽ هر باب ۾ سندن پاڪ سيرت ملاحظ ڪري رهيو آهي. (جمع الوسائل ص 2) ڪتاب جي محبوبيت ۽ مقبوليت جي ڪري هن ڪتاب جا عربي، فارسي، ترڪي ۽ اردو زبانن ۾ ڪيترا شرح ۽ ترجما لکيا ويا آهن. عربي ۾ هي شرح آهن.

[1] المواهب اللدنيه على الشمائل المحمدية" علامہ ابراهيم بيجوري [2] اشرف الوسائل في شرح الشمائل" علامہ ابن حجر مڪي. [3] الاتحافات السنية علي الشمائل المحمدية" علامہ عبد الجواد الدؤمي. [4] شرح الشمائل المحمدية" علامہ عبدالرؤف مناوي [5] جمع الوسائل في شرح الشمائل" علامہ علي قاري [6] زهر الحمائل علي الشمائل " علامہ جلال الدين سيوطي. [7] در الفضائل في شرح الشمائل" علامہ شيخ عليم الدين قريشي. [8] المواهب المحمدية علامہ سليمان جمل جو [9] الوفا شرح شمائل المصطفيٰ علامہ حلبي. صديق حسن قنوجي لکيو آهي تہ علامہ قسطلاني ﷫ بہ هن ڪتاب جو شرح لکيو آهي. (الحطه ص 253) هن ڪتاب جا اردو ۾ بہ شرح لکيل آهن. جن مان بہ شرح مون وٽ موجود آهن.

[1] "الانوار الغوثية" : علامہ سيد امير شاهہ گيلانيءَ جو. [2] "خصائلِ نبوي" محدث زڪريا ڪاندلوي جو ۽ هن ڪتاب جا سنڌي زبان ۾ بہ ترجما آهن. [1] علامہ عبدالڪريم قريشي ٻيرويءَ جو مختصر شرح سان گڏ. [2] علامہ عبدالرسول قادري جو.

ضروري گذارش : موجوده دؤر ۾ ڪجھ ماڻهن جو خيال هوندو آهي تہ نبوي حديثن جي صرف بامحاوره معنيٰ ۽ مختصر سمجهاڻي لکجي جو ماڻهن کي وڏن ڪتابن جي پڙهڻ سان دلچسپي ناهي يا انهن کي وقت گهٽ ٿو ملي پر مون مسڪين جو خيال آهي تہ نبوي حديث شريف جا مفصل شرح

جيئن شروع ڪان هلندا پيا اچن اهو سلسلو بہ جاري هجي. ان خيال تي عمل ڪندي شمائل جي شرح ۾ مون سلف صالحين جي طريقي تي عمل ڪندي بفضله تعاليٰ مقدمہ اڳ ۾ ۽ باقي، مفردات جو شرح، بامحاوره ترجمو ۽ سمجهاڻي آخر ۾ ۽ راوين جو تعارف بہ لکيو آهي. تان تہ جنهن ڪي جيترو وقت ملي ۽ جنهن جي جيتري دلچسپي هجي ان جي لاءِ اها ڳالهہ موجود هجي. علماء ڪرام ۽ طلباء حديث جي لاءِ راوين جو تعارف ۽ مفردات جو شرح اهم آهن. باقي عام مسلمانن جي لاءِ بامحاوره ترجمو ۽ سمجهاڻي لکيل آهن. رب العزة جل شانه جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ عاجزانہ التجا آهي تہ مون عاصيءَ، دائر دائرة المعاصي جي هيءَ نبوي حديث جي ٽورڙي خدمت پنهنجي دربار ۾ مقبول ڪري، ان جي صدقي آخرت ۾ سجاڳيءَ ۾ ۽ دنيا ۾ خواب ۾ پنهنجو ديدار نصيب ڪري ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ سجاڳيءَ يا خواب ۾ پنهنجي حبيب ﷺ جي ديدار جي دولت عطا فرمائي.

آمين يا رب العٰلمين بجاه النبى الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصّلوٰت والتسليمات الىٰ يوم الدين

حرره الفقير محمد ادريس عفى عنه

باب پھريون

بَابُ مَا جَاءَ فِي خَلْقِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي سهڻي صورت جو بيان

هي باب انهن (حديثن) جي باري ۾ آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي صورت (پاڪ) جي متعلق آيل آهن.

سمجهاڻي : لغت ۾ باب ان کي چيو ويندو آهي جنهن جي ذريعي مقصود کي پهچجي. جيئن هڪ شاعر چيو آهي:

(وَأَنْتَ بَابُ اللهِ أَيُّ امْرَىءٍ   أَتَاهُ مِنْ غَيْرِكَ لَا يَدْخُلُ)

يعني : "(اي محبوب ﷺ) هڪ اوهان ئي الله جَلَّ جَلَالُهُ جو (اهو) دروازو آهيو جو جيڪو ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي ذريعي سان ايندو ته داخل نه ٿيندو."

۽ اصطلاح ۾ باب انهن مخصوص لفظن کي چئبو آهي جيڪي مخصوص معنائن تي دلالت ڪندا آهن. هي "بَابُ" جو لفظ "مَاجَاء" ڏانهن مضاف آهي يعني هن ۾ اهي حديثون آهن جيڪي سندن پاڪ سهڻي صورت جي متعلق آيل آهن ۽ اهي مرفوع حديث جو هڪ قسم آهن جيتوڻيڪ اهو نبي ڪريم ﷺ جو قول يا عمل يا تقرير ناهي.

علم الحديث سان متعلق اهم ڳالهيون

هتي هي ڳالهيون ذهن ۾ ويهارڻ اهم آهن.

[1] **علم الحديث رواية** : ان کي چئبو آهي جيڪو نبي ڪريم ﷺ يا صحابي يا تابعي کان نقل ڪيو ويندو آهي. قولاً يا فعلاً يا تقريرًا يا صفةً.

[2] **حديث جي علم جو موضوع** : ان جو موضوع نبي پاڪ ﷺ جي ذات آهي ان لحاظ سان ته پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي آهن. ان حيثيت سان نه ته پاڻ هڪ عام انسان آهن.

[3] **حديث جي علم جو واضع** : هن علم جا واضع نبي ڪريم ﷺ جا اصحاب سڳورا عليهم الرضوان آهن جيڪي سندن اقوال، افعال، تقريرات ۽ صفات جي ياد ڪرڻ جي لاءِ همه تن مصروف رهيا.

[4] **حديث جي علم جي غايت** : ٻنهي جهانن جي سعادت سان ڪامياب ٿيڻ آهي.

[5] **ان جا مسائل** : اهي ڳالهيون آهن جيڪي ان ۾ ضمنًا بيان ٿينديون آهن.

[6] **ان جي اهميت** : هي شرعي علوم ۾ نهايت اهم علم آهي جو قرآن ڪريم به ان جي روشنيءَ ۾ سمجهيو ويندو آهي.

[7] **هن علم جي فضيلت** : هن علم جو شرف وڏو آهي ڇوته سيدنا رسول الله ﷺ جن جي اقتداء ۽ اتباع جي ڪيفيت ان سان ڄاڻبي آهي.

[8] **هن جو حڪم** : منفرد لاءِ هن جي ڄاڻ عين واجب آهي بڻ تن لاءِ ان جي ڄاڻ واجب علىٰ وجه الكفاية آهي.

[9] **هن سان مدد وٺڻ** : هن سان حضور ڪريم ﷺ جي اقوال، افعال، تقرير ۽ خلقت واري اوصاف معلوم ڪرڻ ۾ مدد ورتي ويندي آهي.

[10] **هن جو نالو**: علم الحديث روايةً آهي (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) پر مطلقًا علم الحديث درايةً ڳالهائڻ مهل بہ اهو ئي مراد هوندو آهي. ٻيو اهو اهڙو علم آهي جنهن سان روايت ڪندڙ ۽ روايت ڪيل ۽ ان جي تابع جو قبول ڪرڻ ۽ رد ڪرڻ جي لحاظ سان حال معلوم ڪيو ويندو آهي.

حديث جي علم جو موضوع : هن جو موضوع مذڪوره حيثيت سان راوي ۽ روايت ڪيل حديث آهي. ۽ علم الحديث درايةً جي غايت اها سڃاڻ حاصل ڪرڻ آهي تہ ڪهڙي ڳالهہ مقبول آهي ۽ ڪهڙي مقبول ناهي.

حديث جا مسائل : حديث جا مسائل اهي آهن جيڪي ان فن جي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل آهن جيئن چيو وڃي ٿو تہ " هر صحيح حديث قبول ڪئي ويندي "

واضع : علم الحديث درايةً جو واضع ابن شهاب زهري رحمه الله آهي ، جنهن حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رحمه الله جي دؤر ۾ ان جي امر سان ان جا قاعدا ۽ قانون وضع ڪيا هئا. ڇوتہ حديث جي معرفت ۽ ڄاڻ رکندڙ ڪيترا علماء هن جهان مان رحلت ڪري ويا هئا. جيڪڏهن اهو انتظام نہ ڪيو وڃي ها تہ احاديثِ مبارڪ ضايع ٿي وڃن ها. (المواهب شرح المشائل ص 16،15)

خَلق : خ جي زبر ۽ لام جي جزم سان. معنيٰ وجود ڏيڻ. اهو لفظ مخلوق لاءِ بہ ڳالهايو ويندو آهي ۽ هتي ان مان مراد ظاهري صورت آهي. ۽ خُلُق. (خ جي پيش ۽ لام جي جزم سان) انهن هيئتن ۽ صورتن تي ڳالهائبو آهي جيڪي بصر (يعني اک) سان پروڙبيون ويندیون آهن. جيئن اڇو هجڻ يا ڏگهو هجڻ وغيره. خلق انسان جي باطني صورت کي چيو ويندو آهي. راغب اصفهاني ان جي ڪري لکيو آهي تہ خُلُق خا ۽ لام جي پيش سان انهن قوتن تي ڳالهائبو آهي جيڪي بصيرت سان پروڙبيون آهن. (مفردات راغب اصفهاني ص)

سوال : امام ترمذي رحمه الله هن ڪتاب ۾ ظاهري اوصاف (خَلق) کي باطني اوصاف (خُلق) کان اڳ چو ذڪر ڪيو آهي حالانڪ باطني اوصاف وڌيڪ شرف وارا ۽ اهم آهن.

جواب : ٻن سببن جي ڪري (1) هڪ تہ ڪمال واريون ظاهري صفتون اڳ ۾ ڏسڻ ۾ اينديون آهن ۽ اهي باطني صفتن لاءِ دليل آهن. ظاهر باطن جو عنوان هوندو آهي. (2) ٻيو هي تہ گهٽ شرف واري کان وڌيڪ شرف واري ڏانهن علىٰ سبيل الترقي انتقال ٿئي ۽ وجود جي ترتيب بحال رهي ڇوتہ ظاهر وجود ۾ باطن کان مقدم آهي.

فائدو : هن ڪتاب ۾ چار سؤ پندرهن (415) حديثون ذڪر ڪيل آهن ۽ ان ۾ ڇاونجاهہ (56) باب آهن پهريون باب انهن حديثن تي مشتمل آهي جيڪي حضور ڪريم ﷺ جي خَلقَ (ظاهري صورت) سان متعلق آهن ۽ هتي چوڏهن حديثون آيل آهن.

سمجهاڻي : علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ حقيقت هي آهي تہ "الله جل جلاله جي پياري رسول معظم،

نبي ڪريم ﷺ جي صورت مبارڪ جي متعلق جيڪي گھڻيون حديثون وارد ٿيون آهن اهي سندن تخليق ۾ ڪمال کي بيان ڪري رهيون آهن ان جي ڪري اهو قول آهي تہ حضور ڪريم ﷺ تي ايمان آڻڻ جو ڪمال ان عقيدي رکڻ تي آهي تہ باطني محاسن تي دلالت ڪندڙ ظاهري محاسن جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ جسم ۾ گڏ آهن اهي ٻئي ڪنهن بہ انسان ۾ ناهن.

سوال: حضور ﷺ جو حسن ظاهر ڇو نہ ڪيو ويو؟

جواب: قُرطبي ڪجھ راوين کان نقل ڪيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو پورو حسن ان جي ڪري ظاهر نہ ٿيو هو جو اصحاب سڳورن عليهم الرضوان جون بہ اکيون مبارڪ سندن ذات ڏانهن نهارڻ جي طاقت نہ رکن ها. باقي ڪافر، سو انهن لاءِ الله جَلَّ جَلَالُهُ فرمايو: "وَتَرٰىهُمۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَيۡكَ وَهُمۡ لَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿١٩٨﴾ (سورة اعراف. آيت 198)

(اوهان انهن کي ڏسندؤ تہ اوهان ڏانهن نهارين پيا حالانڪ اهي اوهان کي ڏسن ڪو نہ ٿا.) ۽ ڪجھ صوفياءِ ڪرام فرمايو آهي تہ "اڪثر ماڻهن الله تعالىٰ کي سڃاتو پر رسول الله ﷺ جن کي نہ سڃاتو ڇو تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي مٿان بشريت واري حجاب انهن جي اکين کي ڍڪي ڇڏيو."

فائدو: امام ترمذي رحمه الله هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي صورت پاڪ جي متعلق حديثون لکيون آهن تہ جيڪي سندن ظاهري ديدار جي دولت کان محروم آهن سي سندن اخلاق، عادات، اطوار سان گڏ ظاهري صورت پاڪ جو احوال پڙهي مغموم دل کي مسرور رکن ڇو تہ جڏهن ڪو عاشق معشوق سان ملي نہ سگهندو آهي تہ محبوب جي گهر، در، خدوخال کي ياد ڪري تسلي حاصل ڪندو آهي. جيئن هڪ شاعر جو عربي شعر آهي.

اَخِلَّايَ اِنۡ شَطَّ الۡحَبِيۡبُ وَدَارُهٗ ۔ وَعَزَّتَلَاقِيۡهِ وَنَآءَتۡ مَنَازِلُهٗ

وَفَاتَكُمۡ اَنۡ تَبۡصُرُوۡهُ بِعَيۡنِكُمۡ ۔ فَمَا فَاتَكُمۡ مِنۡهُ فَهٰذِهٖ شَمَائِلُهٗ

ترجمو: اي منهنجا دوست! جيڪڏهن حبيب ﷺ پاڻ ۽ سندس مُلڪ دور آهي ۽ سندس ملاقات بہ مشڪل آهي ۽ ان جا گهر پري آهن ۽ اوهان ان کي پنهنجي اکين سان ڏسوا ها ڳالھ بہ اوهان کان فوت ٿي وئي آهي تہ پوءِ هت جو ڪجھ بيان ٿيل آهي اهي سندن اخلاق ۽ سهڻيون ڳالهيون آهن. (انهن سان تسلي ڪري سگهو ٿا.)

[1] اَخۡبَرَنَا أَبُو رَجَاءٍ قُتَيۡبَةُ بۡنُ سَعِيدٍ، عَنۡ مَالِكِ بۡنِ أَنَسٍ، عَنۡ رَبِيعَةَ بۡنِ أَبِي عَبۡدِ الرَّحۡمٰنِ، عَنۡ أَنَسِ بۡنِ مَالِكٍ، أَنَّهُ سَمِعَهُ يَقُولُ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ لَيۡسَ بِالطَّوِيلِ الۡبَائِنِ، وَلَا بِالۡقَصِيرِ، وَلَا بِالۡأَبۡيَضِ الۡأَمۡهَقِ، وَلَا بِالۡآدَمِ، وَلَا بِالۡجَعۡدِ الۡقَطَطِ، وَلَا بِالسَّبِطِ، بَعَثَهُ اللهُ تَعَالَى عَلَى رَأۡسِ أَرۡبَعِينَ سَنَةً، فَأَقَامَ بِمَكَّةَ عَشۡرَ سِنِينَ، وَبِالۡمَدِينَةِ عَشۡرَ سِنِينَ، وَتَوَفَّاهُ اللهُ تَعَالَى عَلَى رَأۡسِ سِتِّينَ سَنَةً، وَلَيۡسَ فِي رَأۡسِهِ وَلِحۡيَتِهِ عِشۡرُونَ شَعۡرَةً بَيۡضَاءَ

با محاوره ترجمو: حضور ﷺ جن جو اصحابي حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه چوي ٿو تہ رسول الله ﷺ جن نہ تمام ڊگها هئا ۽ نہ بندري قد وارا پر وچولي قد وارا هئا. پاڻ سڳورا نہ صفا سفيد هئا ۽ نہ ڪڻڪ رنگا پر وٽندڙ اڇاڻ ۾ ڳاڙهاڻ بہ مليل هُيَن تمام سهڻا حسين هئا سندن وار مبارڪ بہ نہ تمام گهنڊيدار هئا ۽ نہ بلڪل سڌا يعني ڪجھ گهنڊيدار سهڻا هئا. الله جَلَّ جَلَالُهُ پاڻ سڳورن ﷺ کي چاليھ سالن جي عمر ۾ نبوت جي اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان کان پوءِ پاڻ ڏھ سال مڪي شريف ۾ ۽ ڏھ سال مدينہ

منوره ۾ رهيا. سٺ سالن جي چمار ۾ سندن وصال ٿيو. سندن مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ويهه وار به اڇا نه هئا متفق روايتن مطابق حضور ﷺ جن جي عمر مبارڪ ٽيهٺ سال آهي گهڻو ڪري عربن جي رواج موجب گهٽ عدد کي ڇڏي رڳو ڏهن ڏهاڪن يعني سٺ سالن جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهڙي ريت مڪي شريف ۾ به اعلان نبوت کان پوءِ سندن رهائش تيرهن سال آهي.

راوين جو تعارف : (هن روايت ۾ موجود راوين جو تعارف آخر ۾ ڏسندا)

مفردات جو شرح : طَوِيل : ڊگهي قد وارو. "اَلْبَائِنُ": بي ڊولو. القَصِيْرُ: گهڻو بندرو. "اَبْيَضُ": سفيد. اَمْهَق : سيڙهيءَ (چوني) وانگر. آدَمْ : ڪٽڪ رنگو. اهو لفظ اُدْمَة کان ورتل آهي. "الجَعْد": ٿورن ورن وڪڙن وارا وار. "اَلْقِطط" : گهڻن وارن وارو. "السَّبِط" : سِڌا وار. "بعث" : بعثت کان ورتل آهي نبوت جي اظهار سان نوازڻ. رَاسُ : مٿو. ابتداء "اَرْبَعِيْنَ" : چاليهه. "اَقَامَ" : رهيا. "عَشْرَ" : ڏهه "سِنِيْن" : سال . سَنَةُ جو جمع آهي. "تَوَفَّا" : وصال فرمايائون. توفّي کان ورتل آهي يعني عمر جا سال پورا ڪرڻ. "لِحْيَة": ڏاڙهي. "عِشْرُوْنَ" : ويهه. "شِعْر" : وار. "بَيْضَاءَ": سفيد (اڇا).

سمجهاڻي : امام ترمذي رحمه الله هن حديث کي "اَخبَرنَا" جي لفظ سان شروع ڪيو آهي، جيڪو اِخْبَارٌ کان ورتل آهي. محدثينِ ڪرام جي اصطلاح ۾ امام بخاري، ابن عيينه ۽ ڪجهه بين وٽ اَخْبَرنَا، اَنْبَانَا، حَدَّثَنَا، سَمِعْنَا يا سَمِعْتُ" ۾ ڪوبه فرق ناهي. پر جمهور محدثن وٽ انهن ۾ هن طرح تفاوت آهي. اعليٰ درجي ۾ سماع (يعني ٻڌڻ) آهي ڇوته صحابه ڪرام عليهم الرضوان حضور ڪريم ﷺ جن کان ٻڌندا هئا. ۽ اهڙيءَ طرح تابعين عظام صحابه ڪرام عليهم الرضوان کان ۽ تبع تابعين، تابعين کان ٻڌندا هئا. پر اهو متقدمين وٽ هو ڇوته انهن ۾ اها ڪامل صلاحيت هئي ۽ انهن جو حافظو به ايترو تيز ۽ قوي هو. اهي ٻڌڻ شرط فورًا مڪمل الفاظ ياد ڪندا ۽ ياد رکندا هئا. متاخرين ۾ اهڙو استعداد ۽ ادراڪ نه هوندو هو ان جي ڪري متاخرين کي پنهنجي استادن وٽ پڙهڻ ضروري هو تان ته جيڪڏهن غلطي ڪري وجهن ته استاد انهن کي درست ڪري، ۽ حديث جي لکندڙن لکڻ ۾ اشاري تي به اڪتفا ڪئي آهي "اَخْبَرنَا" جي بدلي ۾ اَنَا، رَنَا ۽ اَنبَانَا جي بدلي ۾ اَنَا لکندا آهن. علامه قسطلاني اهو ذڪر ڪري فرمايو آهي ته"اهو بيان ڪن ٿورن ٻُڌايو آهي ۽ ڪن لکندڙن "قال" جي بدران صرف "ق" لکيو آهي پر علماءِ ڪرام ان کي ناپسند ڪيو آهي. (المواهب ص 18) ۽ جنهن راوي اڪيلو استاد کان حديث ٻُڌي يا پڙهي آهي ته ان "حَدَّثَنِيْ" چيو ۽ جن گهڻن گڏجي ٻڌي ته انهن "حَدَّثَنَا" چيو آهي ۽ اِنْبَاء کان ورتل لفظ اَنْبَانِيْ ان سان مخصوص آهي جتي روايت جي اجازت ڏيندڙ استاد اجازت وٺندڙ شاگرد کي روبرو اجازت ڏي.

فائدو : مذڪوره روايت مان معلوم ٿيو ته محبوب ڪريم ﷺ جن جو قد وچولو هو نه ته بي ڊولا گهڻو ڊگها هئا ۽ نه گهڻو بندرا هئا جيڪڏهن پاڻ ڪنهن جماعت ۾ بيهندا هئا ته سيني کان مٿي نظر ايندا هئا بيو ڪو ڪانئن مٿي نظر نه ايندو هو. جيئن پاڻ معنوي لحاظ سان به سيني کان بلند هئا ۽ اهو سندن معجزو هو. (انوار غوثيه ص 4) ۽ پاڻ اهڙا سفيد به نه هئا جو سندن اندر ڳاڙهاڻ محسوس نه ٿئي بلڪ پورا ۽ ڳاڙهاڻ تي مائل سهڻا هئا ۽ جن روايتن ۾ آيو آهي ته "گهڻو سفيد" هئا انهن مان مراد سندن منهن مبارڪ جي چمڪار ۽ تجلي آهي جيئن هڪ حديث ۾ آيو ته "جڻ سج سندن چهري پاڪ ۾ هلي رهيو

هو." سندن وار مبارڪ نہ حبشين وانگر گهڻو گهنڊيدار هئا ۽ نہ صفا سِڌا هئا بلڪ وچٿرا هئا. الله ﷻ کين ظاهري زندگيءَ جا چاليهہ سال پوري ٿيڻ کان پوءِ نبوت جي اظهار جو حڪم فرمايو.

سومر جي ڏينهن کي شرف : علماء ڪرام لکيو آهي تہ: نبي ڪريم ﷺ جن سومر جي ڏينهن تولد ٿيا ۽ متن وحي جي نزول جي شروعات بہ سومر جي ڏينهن ٿي تہ سندن دنيا تان رحلت بہ سومر جي ڏينهن ٿي هئي. پاڻ نبوت جي اظهار کان پوءِ هن روايت موجب ڏهہ سال مڪ مڪرمہ ۾ ۽ ڏهہ سال مدينہ منوره ۾ رهيا مگر صحيح قول مطابق پاڻ تيرهن (13) سال مڪ مڪرمہ ۾ رهيا ۽ 10 سال مدينہ منوره ۾. هن روايت مطابق پاڻ 60 سال جي ظاهري عمر ۾ رحلت فرمايائون پر جمهور جي قول مطابق 63 سال جي عمر ۾ رحلت فرمايائون. (المواهب شرح الشمائل ص 26) دنيا تان رحلت ڪرڻ وقت سندن مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ويهہ وار بہ اڇا نہ هئا. ۽ اڇا وار گهٽ هجڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ اهي عورتن جي نظر ۾ خصوصي طور عيب هوندا آهن.

مسئلو : "حبيب ڪريم ﷺ جن ڏي جيڪڏهن ڪو نهاري اڇن وارن کي عيب سمجهي تہ ڪافر ٿي ويندو." (انوارِ غوثيه ص 6)

ربيعة جو قول آهي تہ "مون رسول الله ﷺ جن جي هڪ وار مبارڪ جي زيارت ڪئي تہ اهو ڳاڙهو هوان جو سبب پڇڻ تي خبر پئي تہ گهڻي خوشبوءِ لڳائڻ جي ڪري ائين ٿي ويو آهي."

هيءَ روايت ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] بخاري انهن ئي لفظن سان ڪتاب المناقب, باب صفة النبي ﷺ ۾ حديث 3548 ۽ ڪتاب اللباس باب 68 الجعد حديث 5900. ۾ [2] مسلم : ڪتاب الفضائل باب 31 في صفة النبي ﷺ ومبعثه و سنه حديث 2347 ۾ [3] ترمذي سنن جي ڪتاب المناقب باب 4 في مبعث النبي ﷺ وَابْنُ كَمْ كَانَ حِيْنَ بُعِثَ؟ حديث 3623 ۾ [4] النسائي سنن ڪبريٰ جي ڪتاب الزينة ۾ حديث 9310, عن قتيبة عن مالڪ بہ مختصرًا [5] امام مالڪ الموطا جي ڪتاب صفة النبي ﷺ ۾ حديث 1 [6] امام احمد المسند ۾ ج 3 ص 240, [7] امام بخاري التاريخ الصغير ۾ ج 1 ص 56. [8] البغوي شرح السنة ۾ برقم 3635. {9} ابن حبان صحيح ۾ حديث 6387 وغيرهم

[2] حَدَّثَنَا حُمَيْدُ بْنُ مَسْعَدَةَ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْوَهَّابِ الثَّقَفِيُّ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَبْعَةً، لَيْسَ بِالطَّوِيلِ وَلاَ بِالْقَصِيرِ، حَسَنَ الْجِسْمِ، وَكَانَ شَعْرُهُ لَيْسَ بِجَعْدٍ وَلاَ سَبْطٍ أَسْمَرَ اللَّوْنِ، إِذَا مَشَى يَتَكَفَّأُ

بامحاوره ترجمو : حضرت (سيدنا) انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي هو چوي ٿو تہ رسول الله ﷺ جو قد نہ ڊگهو هو ۽ نہ بندرو پر پاڻ سڳورن ﷺ جو قد وچولو هو پاڻ سهڻي هاٺي ۽ سهڻي جسم وارا هئا. سندن وار مبارڪ نہ گهنڊيدار ۽ نہ سڌا هئا. سندن رنگ سون ورنو سهڻو هو. جڏهن پاڻ هلندا هئا تہ تڪڙا نوڙت سان هلندا هئا.

مفردات جو شرح :"رَبْعَةً": وچٿرو نہ گهڻو ڊگهو نہ گهڻو بندرو. "حَسَن": سهڻو. "أَسمَرَ": اهو رنگ جنهن ۾ ڳاڙهاڻ ۽ سفيدي مليل هجي."يَتَكَفَّا": اڳتي جهڪي هلي.

سمجهاڻي : مذڪوره روايت جي لفظ "حَسَنَ الْجِسْمِ" مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن جو صرف

منهن مبارڪ نہ پر پورو جسم حسن وارو هو. علامہ باجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ حُسن ان تازگيءَ کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ ڏسندڙ کي حسي طرح يا عقلي طرح رغبت پيدا ٿيندي آهي، حضور ڪريم ﷺ جن حسًا بہ سهڻا آهن تہ عقلاً بہ سهڻا آهن. محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ :" حضور ڪريم ﷺ جن جو حسن پورو ظاهر نہ ڪيو ويو نہ تہ انسان سندن ڏسڻ جي طاقت نہ رکي سگهن ها "

آنچه خوبان ہمه دارند تو تنہا داری

صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جو امت تي وڏو احسان آهي جو انهن حضور ڪريم ﷺ جي معنوي ڪمالات علوم ۽ معارف سان گڏ سندن ظاهري ڪمالات حسن ۽ جمال کي بہ امت تائين پهچايو. جنهن عاشق کي يار جو وصال نہ ٿيندو آهي تہ اهو محبوب جي گهر، خط ۽ خال کي ياد ڪري پنهنجي دل کي تسلي ڏيندو آهي ۽ ان جي عادات، اخلاق ۽ حالات بيان ڪرڻ سان دل وندرائيندو آهي. (خصائل نبوي ص 7) سندن رنگ مبارڪ ۾ ڳاڙهاڻ ۽ اڇاڻ مليل محسوس ٿيندي هئي. هن روايت ۾ "اَسمَرَ اللّونِ" آيو آهي ۽ هڪ روايت ۾ "اَسْمَرَاللَّوْنِ" (چمڪندڙ رنگ وارو) آيو آهي . تقريبن 15 صحابن کين "اَبْيَضَ اللَّوْنِ" سان ذڪر ڪيو آهي. ۽ محدثين ڪرام خصوصًا علامہ احمد عبدالجواد الدومي فرمايو آهي تہ مقصد هي آهي تہ سندن رنگ ڳاڙهاڻ سان مليل سفيد ۽ سونهري طرح چمڪندڙ هو. (الاتحافات الربانيه ص 31 مطبوعه مصر) سندن هلڻ ۾ نہ تہ غرور ۽ تڪبر جو شائبو هو ۽ نہ عام حسينن وانگر ناز ۽ نخرو هو ۽ نہ پاڻ عورتن وانگر پير گهلي هلندا هئا. بلڪ پير مبارڪ چنبي ڪڍندا هئا ۽ ٿورو اڳتي جهُڪي هلندا هئا.

المطلب تہ پاڻ نهايت بي مثل حسن وارا ۽ محبوب مزاج هئا. مون گنهگار (يعني راقم الحروف) هڪ شعر ۾ عرض ڪيو آهي

نہ ٿيو آهي نہ ڪو ٿيندو منهنجا منٺار تو جهڙو
ساري دنيا جي سهڻن ۾ نہ آ سردار تو جهڙو
سوا لک انبيائن ۾ نرالي ذات تنهنجي
پيارا سڀ بلاشڪ پر نہ آ پڳدار تو جهڙو

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي : [1] ابو يعلي في مسنده حديث رقم 3729 ج 6ص 385 [2] والنسائي في كتاب الزينة من سننه الكبرى حديث رقم 938 ج 5 ص 409.

[3] حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ قَالَ سَمِعْتُ الْبَرَاءَ بْنَ عَازِبٍ يَقُولُ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَجُلاً مَرْبُوعًا بَعِيدَ مَا بَيْنَ الْمَنْكِبَيْنِ، عَظِيمَ الْجُمَّةِ إِلَى شَحْمَةِ أُذُنَيْهِ، عَلَيْهِ حُلَّةٌ حَمْرَاءُ، مَا رَأَيْتُ شَيْئًا قَطُّ أَحْسَنَ مِنْهُ

بامحاوره ترجمو : حضرت ابو اسحاق رحمة الله عليه چوي ٿو مون حضرت براء بن عازب رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو تہ رسول الله ﷺ جن وچولي قد وارا هئا. سندن وار مبارڪ ڪنن جي پاپڙين تائين هئا، سندن بدن مبارڪ تي (ليڪن وارو) ڳاڙهو وڳو پهريل هو. مون پاڻ سڳورن ﷺ کي سڀ شيءِ کان وڌيڪ سهڻو ڏٺو.

مفردات جو شرح : "مربوعًا": وچولو قد. "بَعِيْدُ": پري هوندڙ. "مَنْكِبَيْنِ": منڪب جو تثنيو ڪلها ۽

ڪلهن جو هڏ. "اَلْجُمَّةُ": ڪنڌ تي لٽڪيل وار. جيڪڏهن ڪفن جي پاپڙين تائين لٽڪيل آهن ته انهن کي "لِمَّةُ" چيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن "اَلْجُمَّةُ" کان گهٽ آهن ته انهن کي "وَفْرَةُ" سڏيندا آهن. "شَحْمَةُ" ڪنن جون پاپڙيون "حُلَّةُ" ڪپڙن جو جوڙو. "حَمْرَاءُ" ڳاڙهو. "قَطُّ" ڪڏهن. "سَوَاءُ" ظرف زمان آهي ماضيءَ جي استغراق لاءِ ايندو آهي ۽ نفيءَ سان خاص آهي. "مَارَئِيتُ شَيْئًا قَطُّ اَحْسَنَ مِنْهُ" عام معنيٰ تو رکي يعني پاڻ هر شيءِ کان وڌيڪ سهڻا هئا. مون انهن کان وڌيڪ سهڻي ڪا به شيءِ ڪڏهن به نه ڏٺي.

سمجهاڻي : حضرت براء بن عازب ﷜ فرمايو ته محبوب ڪريم ﷺ جن جي ٻن ڪلهن پاڪن جي وچ ۾ فاصلو هوندو هو. سندن سينو مبارڪ ڪشادو هوندو هو. ڪلهي تي ڪلهو چڙهيل نه هوندو هو جو ڪپڙا نظر اچن. ۽ حضرت براء بن عازب ﷜ اهو به فرمايو ته سندن مٿي جا وار مبارڪ ٻنهي ڪنن پاڪن جي پاپڙين تائين پهچندڙ ڏگها هئا. جيتوڻيڪ "الجمة" جي معنيٰ ڪنڌ تائين پهچندڙ وار آهن پر "اِلىٰ شَحْمَةِ اُذُنَيهِ" جي قريني سان مٿيون ترجمو ڪيو ويو آهي. حضرت براء ﷜ فرمايو ته "سندن مٿان ڳاڙهو وڳو پاتل هو" هن حديث جا شارح لکن ٿا ته "اهو خالص ڳاڙهو نه هو پر ان ۾ ڳاڙها ۽ ڪارا ليڪا هئا. ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو مرد پائي سگهي ٿو يا نه ان ۾ گهڻو بحث آهي. فقيهن ان کي مڪروه لکيو آهي پر اهو به لکيو اٿن ته جيڪڏهن ڳاڙهو ڪپڙو ليڪن وارو آهي ته جائز آهي. لغات الحديث جي صاحب لکيو آهي ته : حديث ۾ مذڪور ڪپڙو خالص ڳاڙهو نه هو ان ۾ ڳاڙها ۽ ڪارا ڏاڍا پيل هئا. (لغات الحديث ج 1 ص 126، انوارِ غوثيه ص 9) حضرت براء ﷜ فرمايو "مون ڪڏهن به ڪا شيءِ به ڪائنات وڌيڪ سهڻي نه ڏٺي." سبحان الله. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن سان صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي محبت، عشق ۽ الفت ڪيتريقدر هئي جو خداوندي ڪائنات ۾ جيڪڏهن ڪو حسن سندن اکين ۾ سمائجي سگهيو ٿي ته اهو صرف ئي صرف ذات اقدس مجسمه حسن و جمال، صاحبِ قاب قوسين او ادنيٰ، عالم ما ڪان وما يڪون، خاتم النبيين، صاحب شفاعتِ ڪبريٰ، رحمة للعالمين، بالمؤمنين رؤف رحيم، احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ ﷺ جي نوراني وجود جو حسن هو. علامه سليمان بن عمر بن منصور العجيلي الازهري، الشافعي المعروف بالجمل (المتوفي 1204 ھ) لکيو آهي ته : صحابي سڳوري "شَيْئًا" لفظ آندو انسان لفظ نه آندو "ليشمل غيرالبشر كالشمس والقمر وعبربه "قط" اشارة الى انه كان كذالك من المهد الى اللحد وقد صرحوا بان كمال الايمان اعتقاد انه لم يجتمع فى بدن انسان من المحاسن الظاهرة ما اجتمع فى بدنه ﷺ والمحاسن الظاهرة آيات الباطنة ولا اجمل منه بل ولا اجمل منه بل ولا مساوى ولذا نقل القرطبى انه لم يظهر تمام حسنه والالما اطاقت الاعين رؤيته " (تانت انسان ڪان سواءِ ٻين کي به شامل ٿئي، جيئن سج ۽ چنڊ ۽ "قط" لفظ آڻي هن طرف اشارو ڪيائين ته پاڻ دنيا ۾ اچڻ کان وٺي دنيا تان رحلت ڪرڻ تائين حسين رهيا ۽ علماء صراحت ڪئي آهي ته ايمان جو ڪمال هن عقيدي رکڻ ۾ آهي ته ڪنهن به انسان (وغيره) ۾ اهي ظاهري محاسن گڏ نه ٿيا جيڪي حضور ڪريم ﷺ جي بدن پاڪ ۾ هيا ۽ ظاهري محاسن باطني محاسن جون نشانيون آهن ۽ ڪائنات وڌيڪ نه ڪو سهڻو هو نه سندن ڪو برابر هو. (المواهب المحمدية شرح الشمائل الترمذي ج 1 ص 45) ۽ قرطبي لکيو آهي ته سندن حسن سمورو ظاهر نه ڪيو ويو نه ته اکيون کين ڏسي نه سگهن ها.

سوال : مذڪور حديث جي مفهوم مان ظاهر ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جا وار مبارڪ سندن ڪنن مبارڪن جي پاپڙين تائين پهتل هئا ۽ هڪ حديث ۾ آهي تہ سندن وار مبارڪ سندن ڪنن مبارڪن جي پاپڙين کان وڌي سندن ڪلهن مبارڪن تائين پهتل هئا ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ سندن وار مبارڪ سندن مبارڪ ڪنن تائين هئا ۽ صحيحين ۾ آيل آهي تہ اڌ ڪنن تائين پهتل هئا پوءِ انهن روايتن ۾ مطابقت ۽ موافقت ڪيئن ٿيندي؟

جواب : اهو روايتن جو اختلاف حالات ۽ اوقات جي اختلاف جي ڪري هو. ڪڏهن حضور ڪريم ﷺ جن وار مبارڪ ڪترائيندا هئا تہ ڪنن يا انهن جي اڌ يا پاپڙين تائين هوندا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪجھ وقت وار نہ ڪتائيندا هئا تہ اهي ڪلهن تائين اچي ويندا هئا. پوءِ جنهن صحابي جنهن حد تائين ڏٺا ان اها بيان ڪئي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] البخاري في كتاب المناقب باب 23 صفة النبي ﷺ حديث رقم 3551 ج 6 ص 565 [2] مسلم في كتاب الفضائل باب 25 في صفة النبي ﷺ حديث رقم 2337 ج 4 ص 1818 [3] ابو داؤد في كتاب اللباس باب الرخصة في ذالک اي الحمرة حديث رقم 4072 ج 4 ص 54.

[4] حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ عَازِبٍ قَالَ: مَا رَأَيْتُ مِنْ ذِي لِمَّةٍ فِي حُلَّةٍ حَمْرَاءَ أَحْسَنَ مِنْ رَسُولِ اللهِ، لَهُ شَعْرٌ يَضْرِبُ مَنْكِبَيْهِ، بَعِيدُ مَا بَيْنَ الْمَنْكِبَيْنِ، لَمْ يَكُنْ بِالْقَصِيرِ وَلَا بِالطَّوِيلِ.

بامحاوره ترجمو : حضرت براء بن عازب ﷺ چيو تہ مون رسول الله ﷺ کان وڌيڪ ڳاڙهي وڳي ۾ سهڻن وارن وارو ڪونہ ڏٺو سندن وار مبارڪ ڪلهن تي پوندا هئا ۽ سندن ڪلها مبارڪ ويڪرا هئا يعني سينو ڪشادو هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ نہ بندرا هئا نہ بلڪل ڊگها پر وچترا قداور هئا.

مفردات جو شرح : "لِمَّة" ڪنن جي پاپڙين تائين لٽڪيل وار.

نوٽ : باقي مفرد لفظن جو شرح حديث نمبر 3 ۾ اچي چڪو آهي.

سمجهاڻي : حضرت براء بن عازب ﷺ جي قول تہ "مون ڪوبہ وڌن وارن جو صاحب، ڳاڙهن ڪپڙن ۾ رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ سهڻو نہ ڏٺو" مان ثابت ٿيو تہ الله ﷻ حضور پرنور ﷺ جن کي هر شيءِ کان وڌيڪ حسن ۽ خوبصورتي عطا ڪئي هئي. ۽ ان حسن کي وڌن وارن ۽ ڳاڙهن پٽن وارن ڪپڙن وڌيڪ "نُورٌ عَلىٰ نُورٌ" ڪري ڇڏيو هو.

هيءَ روايت ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] هن حديث کي بخاري ۽ نسائي صحيح چيو آهي. (حاشيه ابو عبدالله السيد بن احمد حموده ص 48) [2] ابو داود في كتاب الترجل باب [3] باب ماجاء في الشعر حديث رقم 4183 ج 4 ص 81 [4] النسائي في كتاب الزينة باب (59) اتخاذ الجمة ج 8 ص 183 [5] البيهقي في الدلائل ج 1 ص 223

[5] حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو نُعَيْمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا الْمَسْعُودِيُّ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ مُسْلِمِ بْنِ هُرْمُزَ، عَنْ نَافِعِ بْنِ جُبَيْرِ بْنِ مُطْعِمٍ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ قَالَ: لَمْ يَكُنِ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِالطَّوِيلِ وَلَا

بِالْقَصِيرِ، شَثْنُ الْكَفَّيْنِ وَالْقَدَمَيْنِ، ضَخْمُ الرَّأْسِ، ضَخْمُ الْكَرَادِيسِ، طَوِيلُ الْمَسْرُبَةِ، إِذَا مَشٰى تَكَفَّأَ تَكَفُّؤًا كَأَنَّمَا يَنْحَطُّ مِنْ صَبَبٍ، لَمْ أَرَ قَبْلَهُ وَلَا بَعْدَهُ مِثْلَهُ، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ.

با محاوره ترجمو: حضرت (سيدنا) علي بن ابي طالب ﷺ فرمايو تہ نبي ڪريم ﷺ نہ ڊگهي قد وارا ۽ نہ بندرا هئا. سندن هٿن مبارڪن جون ترِيون گوشت سان ڀريل هُيون ۽ سندن پير مبارڪ بہ گوشت سان ڀريل هئا. سندن مٿو مبارڪ وڏو هو. سندن عضون جا سنڌَ بہ سگهارا مضبوط هئا. سيني ڪان وٺي دُنَ تائين وارن جي سنهي ليڪ هئي. پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن هلندا هئا تہ نوڙت سان جُهڪي هلندا هئا. ڄڻ تہ مٿانهين ڪان هيٺ تا لهن. مون نبي پاڪ ﷺ جهڙو سهڻو سندن ڪان اڳ يا پوءِ نہ ڏٺو.

مفردات جو شرح: "شَثْنُ": گوشت سان ڀريل. "اَلْكَفَّيْنِ": هٿن جون بہ ترِيون. "اَلْقَدَمَيْنِ": بہ پير. پر هتي ٻن پيرن جو اندريو حصو مراد آهي. "ضَخْمٌ": ٿلهو برابر، موزون. "كَرَادِيْسُ": هڏن جا جوڙ هر هڏي جنهن تي گوشت هجي. "كَرَادِيْسُ": كردوس جو جمع آهي، ڪرادس بہ ايندو آهي. "مَسْرُبَةٌ": سرب مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي واٽ. هتي طَوِيلُ الْمَسرُبَةِ مان مراد سيني مبارڪ ڪان دُن مبارڪ تائين وارن جي سنهڙي لڪير آهي" هي الشعر الدقيق الذي يبدء من الصدر وينتهي بالسرة". "يَنْحَطُّ": قدم مبارڪ ڪٽي هلندا هئا گهلي نہ هلندا هئا. "يَنْحَطُّ": هي حط مان ورتل آهي. ان جي معنيٰ آهي مٿان ڪان هيٺ لهڻ، معاف ڪرڻ، چڏي ڏيڻ. پر هن جي معنيٰ قريني جي مطابق ڪئي ويندي جيڪا معنيٰ جتي مناسب هوندي اتي اها مراد هوندي. "صَبَبٍ": هيٺانهين. "مِنْ": هتي في جي معنيٰ ۾ آيل آهي.

(المواهب شرح الشمائل ص 36. جمع الوسائل ج 1 ص 21. انوارِ غوثيه ص 16، 17)

سمجهاڻي: حضرت علي المرتضيٰ ﷺ ارشاد فرمايو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن پاڪ هٿن ۽ پاڪ پيرن جا ڀريل ۽ نرم هئا مگر ڪڏهن سخت لڳندا هئا. اندريان حصا گوشت سان ڀريل هئا ۽ اها صفت مردن جي لاءِ ڀلي ۽ ساراهہ جوڳي آهي. ڪجهہ علماء فرمايو تہ "شَثْنُ" مان مراد آهي تہ سڀ آڱريون ٿلهيون ۽ مضبوط هجن پر ننڍيون نہ هجن جو انهن هٿن مان ڪنهن کي مضبوطيءَ سان وٺي سگهبو آهي پر عورتن ۾ اها صفت سٺي نہ آهي. حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ "مَا مَسَسْتُ خَزًّا وَلَا حَرِيْرًا اَلْيَنَ مِنْ كَفِّ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ (يعني مون ڪنهن بہ پٽ ۽ ريشم کي هٿ نہ لڳايو جيڪو رسول الله ﷺ جن جي هٿ مبارڪ کان وڌيڪ نرم هجي) علماءِ عظام فرمايو آهي تہ هيءَ حديث شريف پهرين حديث مبارڪ جي خلاف ناهي ڇوتہ جيڪڏهن آڱريون ۽ هٿن جون ترِيون گوشت سان ڀريل هونديون تہ نرم هونديون. ڪجهہ علماء سڳورن فرمايو تہ "نرمي سندن پاڪ هٿن جي ڪل ۾ هئي ۽ سختي ۽ ٿولهہ هڏن پاڪن ۾ هئي. الله جلاله پنهنجي نبي ڪريم ﷺ ۾ اهي ٻئي خوبيون رکيون هيون. يعني جسم شريف نرم، ملائم ۽ هڏ مبارڪ مضبوط هو علامہ علي قاري رحمه الله محدث اصمعي جو قول نقل ڪندي لکيو آهي تہ "فكان اذا عمل في الجهاد او مهنة اهله صار كفه خشنا للعارض المذكور واذا ترك ذالك صار كفه الى اصل جبلته من النعومة " (جمع الوسائل ج 1 ص 22)

يعني: محبوب نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن جهاد ۾ (تلوار وغيره ڪٽي) مصروف ٿيندا هئا يا پنهنجي گهر ۾ محنت ڪندا هئا تہ ان محنت ڪرڻ جي ڪري سندن هٿ مبارڪ سخت ٿي ويندا هئا ۽ جڏهن فارغ ٿيندا هئا تہ سندن هٿن مبارڪن جي ڪيفيت ساڳي نرم رهندي هئي. حضرت علي ﷺ

جو فرمان تہ "سندن مٿو (مبارڪ) وڏو هوندو هو." اهو سندن دماغ جي قوي ۽ ڪامل هجڻ جو سبب، سندن فراست ۽ فهم جي اعليٰ هجڻ جو دليل آهي. ان ۾ گهڻا فائدا هئا. علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "وهو آية النجابة" يعني اهو اعليٰ دماغ هجڻ جي نشاني آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 37) ۽ سندن پاڪ سيني کان وٺي دُن مبارڪ تائين وارن جي سنهي ليڪ هوندي هئي، جيئن هڪ سنهو لڪڻ هوندو آهي. حضرت علي رضي الله عنه جو چوڻ تہ "مون ڪانئن اڳي ۽ ڪانئن پوءِ سندن ذات جهڙو نہ ڏٺو" اهو عربن جي محاوري جي مطابق آهي ۽ ان مان مراد آهي تہ "مون سڄي عمر اهڙو سهڻو نہ ڏٺو."

فائدو : حضرت علي رضي الله عنه جي هن فرمان مان واضح ٿيو تہ حضور پُرنور ﷺ جي برابر ڪير بہ نہ آهي نہ سندن ڪو مَٽُ ۽ مثال آهي پاڻ حسينن ۽ سهڻن جا سردار آهن. حضرت علامہ جامي قدس سره السامي جو فرمان آهي :

حسن يوسف، دم عيسى ، يد بيضا دارى
آنچه خوبان ہمه دارنــد تو تنـها دارى

يعني اي حبيب! عليك الصلوٰة والسلام اوهان حضرت يوسف وارو حسن، حضرت عيسيٰ وارو دم ۽ (حضرت موسيٰ وارو) سفيد هٿ رکو ٿا ۽ جيڪو دنيا جا (سڀ) سهڻا رکن ٿا اوهان اڪيلا اهو سڀ ڪجهہ رکو ٿا."

ضروري ڳالهہ : علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "هر شخص کي هي اعتقاد رکڻ ضروري آهي تہ جن سهڻين صفتن سان نبي ڪريم ﷺ موصوف آهي ٻيو ڪير بہ انهن صفتن ۾ سندن ذات جهڙو ناهي ۽ هي صرف اعتقادي شيءِ ناهي پر حقيقت آهي. سيرت، حديث ۽ تاريخ جا ڪتاب ان سان ڀريل آهن تہ الله جل جلاله باطني ڪمالات سان گڏ ڪين ظاهري (حُسن ۽) جمال بہ علي الوجه الاتم عطا فرمايو هو.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] صحيح ابنِ حبان رقم الحديث 6311 ج 14 ص 216، 217. [2] الحاڪم في المستدرڪ ج 2 ص 605، 606. [3] طبقات ابن سعد ج 1 ص 411. [4] ابو الشيخ ص 84، 85. [5] شرح السنة حديث 3641 جزء 13 ص 221. [6] دلائل النبوة للبيهقي ج 1 ص 244. [7] البغوي في الشمائل حديث رقم 156 ج 1 ص 142، 143

[6] حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنِ الْمَسْعُودِيِّ، بِهَذَا الإِسْنَادِ نَحْوَهُ بِمَعْنَاهُ.

بامحاوره ترجمو : اسان کي سفيان بن وڪيع حديث ٻڌائي. (ان چيو تہ) اسان کي منهنجي پيءُ وڪيع مسعوديءَ کان هن اسناد سان ان ئي معنيٰ سان ان جهڙي روايت ٻڌائي.

[7] حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ عَبْدَةَ الضَّبِّيُّ الْبَصْرِيُّ، وَعَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ، وَأَبُو جَعْفَرٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْحُسَيْنِ وَهُوَ ابْنُ أَبِي حَلِيمَةَ، وَالْمَعْنَى وَاحِدٌ، قَالُوا: حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ يُونُسَ، عَنْ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ اللهِ مَوْلَى غُفْرَةَ قَالَ: حَدَّثَنِي إِبْرَاهِيمُ بْنُ مُحَمَّدٍ مِنْ وَلَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ قَالَ: كَانَ عَلِيٌّ إِذَا وَصَفَ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: لَمْ يَكُنْ رَسُولُ اللهِ بِالطَّوِيلِ الْمُمَّغِطِ، وَلاَ بِالْقَصِيرِ الْمُتَرَدِّدِ، وَكَانَ رَبْعَةً مِنَ الْقَوْمِ، لَمْ يَكُنْ بِالْجَعْدِ الْقَطَطِ، وَلاَ بِالسَّبْطِ، كَانَ جَعْدًا رَجِلاً، وَلَمْ يَكُنْ بِالْمُطَهَّمِ وَلاَ بِالْمُكَلْثَمِ، وَكَانَ فِي وَجْهِهِ تَدْوِيرٌ أَبْيَضُ مُشْرَبٌ، أَدْعَجُ الْعَيْنَيْنِ، أَهْدَبُ الأَشْفَارِ،

جَلِيلُ الْمُشَاشِ وَالْكَتَدِ، أَجْرَدُ ذُو مَسْرُبَةٍ، شَثْنُ الْكَفَّيْنِ وَالْقَدَمَيْنِ، إِذَا مَشَى تَقَلَّعَ كَأَنَّمَا يَنْحَطُّ فِي صَبَبٍ، وَإِذَا الْتَفَتَ الْتَفَتَ مَعًا، بَيْنَ كَتِفَيْهِ خَاتَمُ النُّبُوَّةِ، وَهُوَ خَاتَمُ النَّبِيِّينَ، أَجْوَدُ النَّاسِ صَدْرًا، وَأَصْدَقُ النَّاسِ لَهْجَةً، وَأَلْيَنُهُمْ عَرِيكَةً، وَأَكْرَمُهُمْ عِشْرَةً، مَنْ رَآهُ بَدِيهَةً هَابَهُ، وَمَنْ خَالَطَهُ مَعْرِفَةً أَحَبَّهُ، يَقُولُ نَاعِتُهُ: لَمْ أَرَ قَبْلَهُ وَلاَ بَعْدَهُ مِثْلَهُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ. قَالَ أَبُو عِيسَى: سَمِعْتُ أَبَا جَعْفَرٍ مُحَمَّدَ بْنَ الْحُسَيْنِ يَقُولُ: سَمِعْتُ الأَصْمَعِيَّ يَقُولُ فِي تَفْسِيرِ صِفَةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: الْمُمَّغِطُ: الذَّاهِبُ طُولاً. وَقَالَ: سَمِعْتُ أَعْرَابِيًّا يَقُولُ فِي كَلاَمِهِ: تَمَغَّطَ فِي نَشَّابَتِهِ أَيْ مَدَّهَا مَدًّا شَدِيدًا. وَالْمُتَرَدِّدُ: الدَّاخِلُ بَعْضُهُ فِي بَعْضٍ قِصَرًا. وَأَمَّا الْقَطَطُ: فَالشَّدِيدُ الْجُعُودَةِ وَالرَّجِلُ الَّذِي فِي شَعْرِهِ حُجُونَةٌ: أَيْ تَثَنٍّ قَلِيلٌ. وَأَمَّا الْمُطَهَّمُ فَالْبَادِنُ الْكَثِيرُ اللَّحْمِ. وَالْمُكَلْثَمُ: الْمُدَوَّرُ الْوَجْهِ. وَالْمُشْرَبُ: الَّذِي فِي بَيَاضِهِ حُمْرَةٌ. وَالأَدْعَجُ: الشَّدِيدُ سَوَادِ الْعَيْنِ. وَالأَهْدَبُ: الطَّوِيلُ الأَشْفَارِ. وَالْكَتَدُ: مُجْتَمَعُ الْكَتِفَيْنِ وَهُوَ الْكَاهِلُ. وَالْمَسْرُبَةُ: هُوَ الشَّعْرُ الدَّقِيقُ الَّذِي كَأَنَّهُ قَضِيبٌ مِنَ الصَّدْرِ إِلَى السُّرَّةِ وَالشَّثْنُ: الْغَلِيظُ الأَصَابِعِ مِنَ الْكَفَّيْنِ وَالْقَدَمَيْنِ. وَالتَّقَلُّعُ: أَنْ يَمْشِيَ بِقُوَّةٍ. وَالصَّبَبُ الْحُدُورُ، نَقُولُ: انْحَدَرْنَا فِي صَبُوبٍ وَصَبَبٍ. وَقَوْلُهُ جَلِيلُ الْمُشَاشِ يُرِيدُ رُءُوسَ الْمَنَاكِبِ. وَالْعِشْرَةُ: الصُّحْبَةُ، وَالْعَشِيرُ الصَّاحِبُ. وَالْبَدِيهَةُ: الْمُفَاجَأَةُ، يُقَالُ: بَدَهْتُهُ بِأَمْرٍ أَيْ فَجَأْتُهُ بِهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابراهيم بن محمد حضرت علي ﷺ جو پوٽو کانئس روايت ڪري ٿو ته جڏهن حضرت علي ﷺ رسول الله ﷺ جن جي سهڻي صورت ۽ سيرت بڌائيندو هو ته چوندو هو: رسول الله ﷺ نه تمام ڊگها هوا ۽ نه بندرا پر وچولي قد وارا مڙس هئا. سندن وار نه تمام گهنبيدار هئا ۽ نه بلڪل سڌا، پر سهڻا وٽندڙ وار مبارڪ هئا. سندن جسم گوشت سان ڀريل نه هو ۽ سندن منهن مبارڪ صفا گول نه هو پر سندن منهن مبارڪ ۾ ٿوري گولائي هئي. سندن منهن مبارڪ سفيد سُرخي مائل ۽ اکيون تمام ڪاريون ڪجليون هيون. سندن پنبڻيون وڏيون، عضوا ۽ ڪلها مضبوط هئا. سندن بدن مبارڪ تي گهڻا وار نه هئا. مگر وارن جي هڪ سنهي ليڪ سيني کان دُن تائين هئي. سندن هٿ مبارڪ ۽ پير مبارڪ گوشت سان ڀريل هئا. جڏهن هلندا هئا ته پير چنبڙي ڪڍندا هئا. ڄڻ ته هيٺ ٿا لهن جڏهن ڪنهن طرف ڏسندا هئا، ته توجهه سان ڏسندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ "مهر نبوت" هئي. پاڻ "خاتم النبيين" يعني آخري نبي هئا. پاڻ دل جا ڪشادا سخي هئا. زبان جا سچار، نرم طبيعت ۽ شاندار شريف خاندان وارا هئا. جيڪو ڪين اوچتو ڏسندو هو ته دهلجي ويندو هو ۽ جيڪو ڪين سُڃاڻي ملندو هو ته حضور ﷺ جن سان محبت ڪندو هو. پاڻ سڳورن ﷺ جو حُليو مبارڪ بيان ڪندڙ چوي ٿو ته مون پاڻ سڳورن ﷺ جهڙو سهڻو نه اڳ ۾ ڏٺو ۽ نه پوءِ ڏٺو.

مفردات جو شرح: هن حديث ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ محدث ترمذي خود بيان ڪئي پر اها عربي ۾ آهي ان جي ڪري مان ان کي سنڌي زبان ۾ لکان ٿو:

وصف: تعريف ڪرڻ، صفت بيان ڪرڻ، حُليو بيان ڪرڻ. "اَلْمُمَّغِطُ": هن جي مصدر "تَمْغِيْطُ" آهي، معنيٰ زور سان ڇڪڻ، ڇڪي ڊگهو ڪرڻ. "اَلْمُمَّغِطُ": جي معنيٰ ڇڪيل. "اَلطَّوِيْلُ": گهڻو ڊگهو. "اَلْقَصِيْرُ الْمُتَرَدِّدُ": اهڙو بندرو جنهن جا عضوا هڪٻئي ۾ داخل هجن. "اَلْمُطَهَّمُ": تطهيم کان ورتل اسم مفعول آهي. ٿلهو. "اَلْمُكَلْثَمُ": گول منهن وارو. هي ڪلثمة کان ورتل اسم مفعول آهي. "تَدْوِيْرُ" گول ۽ ڊگهي جي وچ تي هجڻ. نه گهڻو گول ۽ نه گهڻو ڊگهو. ڪتاب جي صورت "اَدْعَجَ": هن جي

مصدر دَعْجُ آهي نهايت ڪارو. "عَيْنَيْنِ" : ٻه اکيون. "اَهْدَبَ الْاَشْفَارِ" : اهدب هدب کان ورتل آهي. اشفار شفر جو جمع آهي معنيٰ ڊگها پرون. جَلِيْلُ : قوي، مضبوط "اَلْمَشَاشِ": جوڙن جي ملڻ واريون هڏيون، مراد آهي ته هڏين جا پاسا مضبوط هئا. "اَلْكَتَدُ": ٻن ڪلهن جي وچ واري جاءِ ان جو جمع اکتاد ۽ کتود آهي. "اَجْرَدُ" : وارن کان خالي. "تَقَلُّعُ" : مضبوطيءَ سان پير چمائي کڻڻ. "معًا": پورا، چڱيءَ طرح. "اَجْوَدُ" :سيني کان وڏيڪ سخي. "لَهْجَةٌ" : جنهن ٻولي ڳالهائڻ جي عادت هجي. "اَلْيَنُ" : لِيْن کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي زياده نرم. "عَرِيْكَةٌ" :طبيعت، نرم عادت. "عَشِيْرَةٌ" : قبيلو. "بَدِيْهَةٌ" : اوچتو. "هابه ": هيبت ۾ پيو ان کان. "خَالَطَ" : خلط کان ورتل آهي گڏ رهڻ، مليل هجڻ. "نَاعِتُهٗ": ان جو حُليو بيان ڪندڙ، مصباح اللغات واري بزرگ لکيو آهي ته نعتِ جو لفظ گهڻو ڪري سهڻين صفتن بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ڪتاب لغات الحديث جي صاحب ج 6 ڪتاب ص 98 تي لکيو آهي ته نعت جي مقابلي ۾ "وصف" لفظ آهي جيڪو يلي ۽ مذموم ٻنهي صفتن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

سمجهاڻي : هن روايت کي غور سان پڙهندڙ جي اڳيان اها ڳالهه واضح ٿيندي ته نبي ڪريم ﷺ جيئن معنوي، روحاني طور بي مثل آهن تيئن ظاهري خِلقت، حُسن، جمال ۽ سونهن ۾ به سندن مَٽُ ۽ مِثال ناهي، ڪين ڪير جيڪڏهن اوچتو ڏسندو هو ته اهو هيبت جي ڪري دهلجي ويندو هو. اهو رعب به سندن مخصوص صفتن مان هو جيئن سندن فرمان مبارڪ آهي:"نُصِرْتُ بِالرُّعْبِ مَسِيْرَةَ شَهْرٍ" پر جيڪو ڪين سُڃاڻي ملاقات ڪندو هو ته سندن محبوبيت کان گهايل ٿي مٿن عاشق ٿي پوندو هو. سندن حليو بيان ڪندڙ اهو ئي چوندو ته " مون ڪين جهڙو نه اڳي ڏٺو نه پوءِ."

محمد جو ناهي ڪو انسان ثاني
نه جهڙس ڪو ثالث نه جهڙس ڪو ثاني

سوال : حضرت علي رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جن کان ڇمار ۾ ننڍو هو پوءِ سندس ان قول جو مطلب ڇا ٿيندو ته "مون ڪائنن اڳي به اهڙو نه ڏٺو"؟

جواب : هتي مراد آهي ته سندن دنيا تان رحلت ڪرڻ کان اڳي ۽ رحلت ڪرڻ کان پوءِ مون اهڙو نه ڏٺو. (فضائل النبي شرح شمائل ترمذي ص 16) سندن ڪلهن مبارڪن جي وچ ۾ نبوت جي مُهرَ لڳل هئي. ۽ خاتم جي نبوت ڏانهن اضافت ان جي ڪري آهي جو سندن ذات سان نبوت جي گهر تي مهر هنئي وئي آهي. هاڻي ان ۾ ڪير به داخل ٿي نه سگهندو نه ڪنهن کي نبوت ملي سگهندي ۽ هڪ قول آهي ته اها مُهرَ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي پڇاڙيءَ جي نشاني هئي. "خَاتَمُ" ۾ جيڪڏهن تا کي زير پڙهي ويندي ته پوءِ معنيٰ ٿيندي نبين عليهم الصلواة والسلام ۾ آخري نبي جنهن کان بعد ڪنهن کي به نبوت نه ملندي

سوال : پوءِ حضرت عيسيٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) ڪيئن لهي ايندو؟

جواب : لهي اچڻ جدا شيءِ آهي ان کي نبوت اڳي عطا ٿيل آهي هتي مراد آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ کان پوءِ ڪنهن کي نبوت نه ملندي، حضرت عيسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام حضور ڪريم ﷺ جي شريعت جو تابعدار ۽ قرآن ڪريم ۽ سنتِ مصطفيٰ ﷺ تي عمل ڪندو ۽ ڪرائيندو ۽ جيڪڏهن "خاتم" ۾ تا کي زبر پڙهي ويندي ته پوءِ معنيٰ آهي سندن اچڻ سان نبي ختم ٿيا انهن جي

ختم ٽيڻ جي مُهر پاڻ هنيائون. (جمع الوسائل ج 1 ص 27) (محبوب ڪريم ﷺ تي نبوت ختم ٿيڻ جا دلائل مون (يعني راقم الحروف) پنهنجي ڪتاب "ثبوت ختم النبوة حصہ اول" ۾ قرآن ڪريم جي 99 آيتن ۽ حصہ ٻيو ۾ ڪيترين حديثن مان لکيا آهن ان ۾ ڏسو) پاڻ سيني (دل) جا وڏا سخي هئا دل جي سخاوت جو بيان ان جي ڪري ويو جو سندن سخاوت قلبي انبساط ۽ انتهائي خوشيءَ سان هئي. پاڻ گفتگو ۾ نهايت سچا ۽ صاف هئا. ڪافر بہ کين "الصادق الامين" چوندا هئا. ڪلام جي ادائيگي ۽ مخارج مان الفاظ کي صحيح ڪڍڻ ۾ نهايت موزون لهجو رکندا هئا. سندن جهڙو پاڪ، صاف ۽ مناسب لهجو ڪنهن ٻئي جو نہ هو ان جي ڪري پاڻ سيني کان وڌيڪ فصيح هئا. جيئن سندن فرمان عاليشان آهي تہ "مان عرب ۾ وڌيڪ فصيح آهيان." ۽ جنت وارا بہ سندن ٻولي ڳالهائيندا. پاڻ جنهن قبيلي ۾ آيا اهو ٻين قبيلن کان وڌيڪ محترم ۽ پلارو آهي. عرب جي قبيلن ۾ سندن قبيلي جهڙو ڪنهن جو قبيلو ناهي. علامہ قاضي عياض رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "شفا شريف" ۾ لکيو آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن جو خانداني شرف ۽ شان هن حديث سان ثابت آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله جن ارشاد فرمايو تہ "الله جل جلاله مخلوق کي ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪري مون کي اعليٰ قسم ۾ رکيو ۽ ان جو دليل هيءَ آيت آهي. اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ اَصْحٰبُ الشِّمَالُ. ساڄي طرف وارا. کاٻي طرف وارا. پوءِ مان سڄي طرف وارن مان آهيان ۽ انهن ساڄي طرف وارن کان پلو آهيان. پوءِ الله جل جلاله ان مان قومون بڻايون ۽ مون کي سڀ کان پلي قوم مان بڻايائين ان جو دليل هيءَ آيت آهي.

"وَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ مَآ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۝ وَاَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ مَآ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۝ وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۝ اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ۝ (سورة الواقعة آيت 8، 9، 10، 11)

(ترجمو: ۽ ساڄي طرف وارا ۽ ڪهڙا آهن ساڄي طرف وارا ۽ کاٻي طرف وارا ۽ ڪهڙا آهن کاٻي طرف وارا ۽ اڳرائي ڪندڙ اڳرائي ڪندڙ اهي ئي مقرب آهن) پوءِ مان اڳرائي ڪندڙن ۾ پلو هوس جيڪي سيني کان پلا هئا ۽ پوءِ قوم جي سيني فردن کان پلو آهيان. ۽ الله جل جلاله انهن مان قبيلا بڻايا ۽ مون کي ان قبيلي ۾ رکيائين جيڪو سيني کان پلو هو. ۽ ان جو دليل هيءَ آيت آهي:

"وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَآئِلَ" (سورة الحجرات) (ترجمو: ۽ اسان اوهان کي پاڙا ۽ قبيلا بڻايو)

(مقصد تہ پاڻ اولاد آدم عليه السلام ۾ سيني کان زياده پاڪ صاف آهن.) ۽ مان الله جل جلاله جي بارگاهہ ۾ زياده مڪرم آهيان. (ڪو فخر ناهي) ان جو دليل هيءَ آيت آهي:

"اِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ۝

(ترجمو: الله ارادو فرمايو تہ اي اهلبيتو! اوهان کان پليدي کي پري رکي ۽ اوهان کي پاڪ ڪري) سيدنا علي رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ جيڪو سڃاڻپ سان گڏ ساڻن ميل جول رکندو هو تہ اهو سندن ذات سان محبت رکندو." مطلب تہ سندن حُسنِ معاشرت، اخلاقِ حسنہ، پيار ۽ محبت سان ملڻ ان شخص تي ايترو اثر ڪندو هو جو اهو سندن مٿان قربان پيو ٿيندو هو ۽ سندن توجهات عاليہ ۽ صحبت مبارڪ جي ڪري الاهي نور سان منور ٿي الاهي تجليات ۽ انوار جو مرڪز ٿي ويندو هو اهو ئي سبب هو جو جيڪو بہ سندن خدمت اقدس ۾ ايندو هو تہ اهو سندن خدمت کان پري رهڻ جو نالو بہ نہ وٺندو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ ان کي انسانيتِ ڪاملہ جو معراج نصيب ٿيندو هو.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] خود ترمذي كتاب المناقب من سننه باب 8 باب ماجاء في صفة النبي ﷺ [2] ابو يعليٰ في مسنده رقم حديث (370) ج 1 ص 304 [3] والبيهقي في الشعب ج 2 ص 149، 150. والدلائل ج 1 ص 269، 270 [4] ابن سعد في الطبقات بتمامه ج 1 ص 411، 412. [5] البغوي في الشمائل رقم الحديث 460 ج 1 ص 350، 351. [6] شرح السنة رقم الحديث 3650 ج 13 ص 226،227.

[8] حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ : حَدَّثَنَا جُمَيْعُ بْنُ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْعِجْلِيُّ إِمْلاَءً عَلَيْنَا مِنْ كِتَابِهِ قَالَ : أَخْبَرَنِي رَجُلٌ مِنْ بَنِي تَمِيمٍ مِنْ وَلَدِ أَبِي هَالَةَ زَوْجِ خَدِيجَةَ ، يُكْنَى أَبَا عَبْدِ اللهِ ، عَنِ ابْنٍ لِأَبِي هَالَةَ ، عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ قَالَ : سَأَلْتُ خَالِي هِنْدَ بْنَ أَبِي هَالَةَ ، وَكَانَ وَصَّافًا ، عَنْ حِلْيَةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، وَأَنَا أَشْتَهِي أَنْ يَصِفَ لِي مِنْهَا شَيْئًا أَتَعَلَّقُ بِهِ ، فَقَالَ : كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَخْمًا مُفَخَّمًا ، يَتَلَأْلَأُ وَجْهُهُ تَلَأْلُؤَ الْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ ، أَطْوَلَ مِنَ الْمَرْبُوعِ ، وَأَقْصَرَ مِنَ الْمُشَذَّبِ ، عَظِيمَ الْهَامَةِ ، رَجِلَ الشَّعْرِ ، إِنِ انْفَرَقَتْ عَقِيقَتُهُ فَرَقَهَا ، وَإِلَّا فَلاَ يُجَاوِزُ شَعْرُهُ شَحْمَةَ أُذُنَيْهِ إِذَا هُوَ وَفَّرَهُ ، أَزْهَرَ اللَّوْنِ ، وَاسِعَ الْجَبِينِ ، أَزَجَّ الْحَوَاجِبِ سَوَابِغَ فِي غَيْرِ قَرَنٍ ، بَيْنَهُمَا عِرْقٌ يُدِرُّهُ الْغَضَبُ ، أَقْنَى الْعِرْنَيْنِ ، لَهُ نُورٌ يَعْلُوهُ ، يَحْسَبُهُ مَنْ لَمْ يَتَأَمَّلْهُ أَشَمَّ ، كَثَّ اللِّحْيَةِ ، سَهْلَ الْخَدَّيْنِ ، ضَلِيعَ الْفَمِ ، مُفْلَّجَ الأَسْنَانِ ، دَقِيقَ الْمَسْرُبَةِ ، كَأَنَّ عُنُقَهُ جِيدُ دُمْيَةٍ فِي صَفَاءِ الْفِضَّةِ ، مُعْتَدِلُ الْخَلْقِ ، بَادِنٌ مُتَمَاسِكٌ ، سَوَاءُ الْبَطْنِ وَالصَّدْرِ ، عَرِيضُ الصَّدْرِ ، بَعِيدُ مَا بَيْنَ الْمَنْكِبَيْنِ ، ضَخْمُ الْكَرَادِيسِ ، أَنْوَرُ الْمُتَجَرَّدِ ، مَوْصُولُ مَا بَيْنَ اللَّبَّةِ وَالسُّرَّةِ بِشَعْرٍ يَجْرِي كَالْخَطِّ ، عَارِي الثَّدْيَيْنِ وَالْبَطْنِ مِمَّا سِوَى ذٰلِكَ ، أَشْعَرُ الذِّرَاعَيْنِ وَالْمَنْكِبَيْنِ وَأَعَالِي الصَّدْرِ ، طَوِيلُ الزَّنْدَيْنِ ، رَحْبُ الرَّاحَةِ ، شَثْنُ الْكَفَّيْنِ وَالْقَدَمَيْنِ ، سَائِلُ الأَطْرَافِ ـ أَوْ قَالَ شَائِلُ الأَطْرَافِ ـ خُمْصَانُ الأَخْمَصَيْنِ ، مَسِيحُ الْقَدَمَيْنِ ، يَنْبُو عَنْهُمَا الْمَاءُ ، إِذَا زَالَ زَالَ قَلْعًا ، يَخْطُو تَكَفِّيًا ، وَيَمْشِي هَوْنًا ، ذَرِيعُ الْمِشْيَةِ ، إِذَا مَشَى كَأَنَّمَا يَنْحَطُّ مِنْ صَبَبٍ ، وَإِذَا الْتَفَتَ الْتَفَتَ جَمِيعًا ، خَافِضُ الطَّرْفِ ، نَظَرُهُ إِلَى الأَرْضِ أَطْوَلُ مِنْ نَظَرِهِ إِلَى السَّمَاءِ ، جُلُّ نَظَرِهِ الْمُلاَحَظَةُ ، يَسُوقُ أَصْحَابَهُ وَيَبْدَرُ مَنْ لَقِيَ بِالسَّلاَمِ.

بامحاوره ترجمو : (حضرت سيدنا) امام حسن بن علي ﷺ چوي ٿو تہ مون پنهنجي مامي هند پٽ ابوهالہ کان پڇيو ۽ اهو پاڻ سڳورن ﷺ جو تمام گهڻو حليو (مبارڪ) بيان ڪندو هو ۽ مون کي ڏاڍو شوق هو تہ اهو مون کي حضور ﷺ جن جو حُليو (مبارڪ) بيان ڪري ٻڌائي ۽ آئون ياد ڪري عمل ڪيان پوءِ ان (يعني هند بن هالہ) ٻڌايو تہ رسول الله ﷺ نهايت شاندار ۽ عزت وارا هئا. سندن منهن مبارڪ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندڙ تجليون ڏيندو هو. سندن قد (مبارڪ) وچولو هو. سندن مٿو مبارڪ وڏو هو جيڪڏهن سينڌ پاڻ نہ نڪرندي هئي تہ پاڻ سڌاري ڇڏيندا هئا. سندن وار سنوان ڪندا هئا تہ ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندا هئا.

سندن رنگ مبارڪ چمڪندڙ هو. پيشاني مبارڪ ڪشادي، سندن ڀرون سهڻا ۽ ٿلهڙا هئا. انهن ڀرن جي وچ ۾ رڳ هئي جيڪا ڪاوڙ مهل ڳاڙهي ٿي اُڀري بيهندي هئي. سندن نڪ مبارڪ ڊگهو سهڻو هو. ان جي مٿان نُور چمڪندو هو جيڪو تمام گهڻو خيال ڪري ڏسندو هو تہ کين ڊگهي نڪ وارو سمجهندو هو.

سندن ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي هئي. سندن منهن مبارڪ سُهڻو ڏند ڇڊا ۽ وات مبارڪ ڪشادو هو. کين سيني مبارڪ کان دن تائين وارن جي سهڻي (۽ سنهي) ليڪ هئي. سندن ڪنڌ مبارڪ تمام سهڻو ۽ چانديءَ وانگر صاف چمڪندڙ هو. سندن جسم مبارڪ جو هر عضوو سهڻو شاناٺتو هو. سندن جسم لڪدار

۾ مضبوط هائيءَ وارو هو. سندن سينو مبارڪ ۽ پيٽ مبارڪ برابر هو. البت سينو مبارڪ ڪشادو هو. سندن ڪلها بہ ويڪرا هئا. سندن جسم سگهارو مضبوط هو. سندن جسم نور عليٰ نور هو. سيني کان دن تائين وارن جي سهڻي ليڪ هئي. سندن ڇاتي ۽ پيٽ تي ٻيا وار نہ هئا. سندن ٻانهن، ڪلهن ۽ سيني جي مٿئين حصي تي ٿورا وار هئا. سندن ٻانهون ڊگهيون، هٿ موڪرا، هٿ ۽ پير گوشت سان ڀريل هئا. هٿن پيرن جون آڱريون مُناسب نموني ڊگهيون هيون يا راوي چيو تہ تمام سهڻيون ڊگهيون هيون. سندن پيرن جون ترِيون لڪدار ۽ پير مبارڪ بہ سڌا سنوان سهڻا هئا. جڏهن انهن تي پاڻي وجهبو هو تہ وَهي ويندو هو. زور سان هلندا هئا. قدم مبارڪ نرميءَ سان رکندا هئا ۽ زور سان ڪڍندا هئا. پاڻ هلڻ جا تکا هئا. جڏهن هلندا هئا تہ ڄڻ مٿانهين کان لهي رهيا آهن. جڏهن ڪنهن کي ڏسندا هئا تہ مڪمل طور ڏسندا هئا پاڻ نظر هيٺ جهڪائي هلندا هئا. گهڻو ڪري زمين تي ڏسي هلندا هئا. ۽ ڪنهن وقت آسمان ڏي بہ نهاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تيڏي اک سان ڏسندا هئا. هلڻ ۾ اصحابن سڳورن (عليهم الرضوان) کي اڳ ۾ ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جنهن سان بہ ملندا هئا تہ ان تي پهريان پاڻ سلام چوندا هئا.

مفردات جو شرح: "وَصَّافًا": گهڻي وضاحت سان بيان ڪندڙ. وَصَفَ، يَصِفُ، وَصفًا "وَصِفَةً": بيان ڪرڻ، تعريف ڪرڻ. "اَشْتَهِيْ": مان گهڻي خواهش رکان ٿو. اَتَعَلَّقُ: مان تعلق رکان ٿو. "فَخْمًا": بزرگ، وڏو شاندار، فخم، عاليشان، عالي مرتبت "عَظِيْمًا فِيْ نَفْسِه"، "مُفَخَّمًا": ٻين جي نظر ۾ بہ وڏي مرتبي وارو مُعَظَّمًا فِيْ صُدُوْرِ الصُّدُوْرِ وَعَيْنِ الْعُيُوْنِ، "يَتَلَأْلَاءُ" التلالؤ کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي چمڪڻ ۽ روشن ٿيڻ "اَطْوَلَ": ڊگهائي ڏانهن مائل. "اَلْمَرْبُوْعُ": وچولو: "اَلْمُشَذَّبُ": گهڻو ڊگهو اصل ۾ مُشَذَّبُ کجيءَ جو اهو وڻ آهي جنهن جون ٽاريون (يعني شاخون) ڪٽيون ويون هجن. ان جي مصدر شَذْبُ آهي جنهن جي معنيٰ ڇانگهڻ ۽ ڪٽڻ آهي "الْمُشَذَّبُ": جي مصدر تشذيب آهي گهڻي ڊگهائي. "الْهَامَةَ": مناسب وڏو مٿو "رَجِلُ": جنهن جا وار نہ گهڻا سِڌا هجن نہ گهڻا گهنڊيدار هجن "انْفَلَقَتْ": جدا ٿيا. "عَقِيْقَةُ": وارن جي سينڌ. "اَزْهَرَاللَّوْنِ": سفيد ۽ چمڪندڙ رنگ. ان جو اصل زهرة آهي يعني سفيدي، خوبصورتي، تازگي، حسن ۽ روشني. "اَزَجَّ": ڪمان وانگر وريل. زَجَجُ کان نڪتل آهي معنيٰ نفيس ۽ سنهڙائپ. "الْحَوَاجِبُ": ڀرون هي حجب جو جمع آهي. "سَوابِغَ": ڀريل، پورا پورا. "عِرقُ": رڳ. "يُدِرُّه": ان کي اڀاري جو سُڄي وڃي. "اَقْنَى": بلند، اوچو. "عِرْنِيْن": نڪ "اَقْنَى الْعِرْنِيْنِ": ان جي معنيٰ سندن نڪ مبارڪ بلند، اوچو هو. "اَشَمَّ": بلند نڪ وارو "كَثُّ": گهاٽي ڏاڙهي وارو. "اَلْخَدَّيْنِ": ڳل. "ضَلِيْعُ": ڪشادو. "مُفَلَّجُ": فلج کان نڪتل، وٿين وارو. "دَقِيْقُ": سنهو. "اَلْمَسْرُبَةِ": دُنُ. "جِيْدُ": ڪنڌ يا ڪنڌ جو اهو مقام جتي هار پارايو ويندو آهي. "دُمْيَةً": اها گُڏي جيڪا سينگاريل سُهڻي هجي جنهن ۾ ڳاڙهاڻ محسوس ٿئي. "اَلْخَلْق": عضوا. خِلْقَتَ "بَادِنُ": مضبوط عضون وارو. "مُتَمَاسِكُ" قوي: سندن پاڪ عضوا مضبوط ۽ هڪ ٻئي سان جڪڙيل هئا، ڍلا ۽ اڪڙيل نہ هئا. "سَوَاءُ": برابر. هڪجهڙو "اَللَّبَّةُ": کهڙ جي جاءِ. "عَادِیُ": صفا خالي. "اَلثَّدْيَيْنَ": ٻہ ٿڻ. "رَحبَ": ڪشادو. "الرَّاحَةَ": هٿ. "اَطْرَافُ": آڱرين جون پاڙون. خَمْصَانُ: خالي. اَلاخْمَصَيْنِ اَخْمَصُ جو تثنيو آهي اَخْمَصُ پير جو اهو حصو آهي جيڪو ڪُڙيءَ ۽ چنبي جي وچ ۾ هوندو آهي. هتي مراد پير مبارڪ جي ترين جو گوشت کان خالي هجڻ آهي. "مُسَيَّحُ الْقَدَمَيْنِ": قدمن (پاڪن) جو هموار يعني چمڪندڙ. "يَنْبُوْ": وهي ٿو. "زَالَ":

هليو. "قَلعًا" : زور سان پير کڻڻ. "ذَرِيْعٌ" : جلدي، تيز رفتار. "خَافِضُ" : نظر کي هيٺ جهڪائيندڙ. "جُلُّ" : اک جي ڪُنڊ سان ڏسڻ. "يَسُوْقُ" : اڳيان هلائي. "يَبْدءُ" : شروع ڪري.

سمجهاڻي : حضرت امام حسن ﷛ جي مذڪور بيان مان واضح ٿيو ته ڪين حضور ڪريم ﷺ جن سان بيحد محبت. هئي سندن فرمان ته "منهنجي خواهش هئي ته مون کي نبي پاڪ ﷺ جن جو حُليو مبارڪ ٻڌائي ته مان ان سان تعلق پيدا ڪيان." جو مطلب بيان ڪندي علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي ته ان جي مراد هي آهي ته :"مان اها وصف پاڻ ۾ پيدا ڪيان ۽ ان کي پنهنجي خيال جي خزاني ۾ محفوظ رکان." (جمع الوسائل ج 1 ص 33) ان نوراني حُليي کي پنهنجو بنايان ۽ ان انوار ۽ تجليات جي مرڪز مبارڪ سان رابطو پيدا ڪري نبوت جي فيوضات ۽ برڪات سان مستفيض ٿيان. حضرت سيدنا امام حسن ﷛ جو ان ننڍي عمر ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ سان والهانہ عشق ۽ محبت جو تعلق سندس ڪمال جو دليل آهي.

سوال : حضرت امام حسن ﷛ پاڻ بہ حضور ڪريم ﷺ جن جو ديدار ڪيو هو ته پوءِ ٻئي کان ٻڌڻ جي خواهش ڇو ٿي رکيائين؟

جواب : نبي پاڪ ﷺ جن جي دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ وقت حضرت سيدنا حسن جي عمر ستن سالن جي قريب هئي ۽ پاڻ اهي ڪيفيتون پوري طرح ياد ڪري نہ سگهيو هو ان جي ڪري پنهنجي مامي کان ٻڌڻ جو شوق رکيو هيائين.

سوال : نبي ڪريم ﷺ جي منهن مبارڪ جي چمڪار کي چوڏهين جي چنڊ سان تشبيهہ ڏني وئي. سج سان ڇو نہ ڏني وئي؟

جواب : ان جي ڪري جو هيءَ ڳالهہ مشهور آهي ته چنڊ سج کان روشني حاصل ڪندو آهي ۽ جيئن اهو سج کان روشني حاصل ڪندو آهي تيئن حضور ڪريم ﷺ جو نور الله ﷻ جي نور کان حاصل ڪيل آهي. گويا سندن پاڪ منهن مبارڪ الاهي انوار ۽ تجليات جو مظهر آهي ۽ ٻيو ان جي ڪري بہ جو سج ڏي نهارڻ سان اکيون تنگ ٿينديون آهن ۽ گهڻو نهاري نہ سگهبو آهي پر چنڊ ڏانهن نهارڻ سان راحت ملندي آهي. حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن نهارڻ سان بہ سڪون ، لذت ۽ قرار حاصل ٿيندو آهي. جيئن جيئن پرين پسن، تيئن تيئن نشا نيهن جا.

ڪنڌ مبارڪ : امام حسن ﷛ جو فرمان آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن جو ڪنڌ مبارڪ نهايت سهڻو چمڪدار هو سنهو، صاف ۽ سفيد هو. عرب چوندا آهن ته "احسن من الدمية" گُڏيءَ کان بہ وڌيڪ سهڻي ڪنڌ وارو.

وار مبارڪ : سندن وار مبارڪ جڏهن ڊگها هوندا هئا ته ڪنن کان بہ هيٺ پاپڙين تائين هوندا هئا. سيد العرب والعجم ﷺ جي وارن مبارڪن جي متعلق حديثن ۾ ٽي قسم لفظ آيل آهن. (1) وَفره (2) جُمه (3) لُمه علماءِ ڪرام فرمايو آهي ته جڏهن وار ڪجهه وڌن ٿا ته اهي "وفر" آهي يعني ڪنن مبارڪن يا پاپڙين کان وڌيل ۽ اجان وڌيل آهن ته اهي "جمه" ۽ اجان گهڻو وڌيل آهن ته اهي "لُمه" آهن . ۽ ان ڪيفيتن مان ثابت ٿيو ته ٽئي نمونا وار رکڻ سنت آهن. ۽ ڪي ڪي مرد عورتن وانگر بالڪل وار ڇڏي ڏين ٿا جو ڪلهن کان بہ هيٺ لنگهي ٿا وڃن اهو عمل سنت جي خلاف آهي ۽

انگريزي ڪٽ وار رکڻ منع آهن. اصحابن کي پنهنجي اڳيان هلڻ لاءِ امر ڪندا هئا. هي سندن تواضع جو ڪمال هو دارمي صحيح اسناد سان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن اصحابن سڳورن عليهم الرضوان کي فرمائيندا هئا تہ "خَلُّوا ظَهْرِيْ لِلْمَلَائِكَةِ" منهنجي پويان زمين ملائڪن جي لاءِ خالي ڇڏيو. امام احمد حضرت جابر ﷺ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن جا اصحاب (سندن ئي امر سان) اڳيان هلندا هئا ۽ سندن پويان ملائڪن جي هلڻ لاءِ جاءِ ڇڏيندا هئا.

سندن نظر گهڻو ڪري هيٺ هوندي هئي : يعني آسمان ڏانهن مٿي ڪڏهن ڪڏهن نظر ڪٽي نهاريندا هئا نہ تہ سندن عادتِ مبارڪ هيٺ نهارڻ جي هوندي هئي ۽ سندن ڪابہ عادت حڪمت کان خالي نہ هوندي هئي. ابو داؤد ۾ جيڪا حديث آئي آهي تہ :" پاڻ جڏهن ويهي گفتگو ڪندا هئا تہ اڪثر آسمان ڏانهن نظر ڪٽي نهاريندا رهندا هئا." ان جي جواب ۾ علامہ علي قاري ﷺ فرمايو آهي تہ :"ائين وحي جي نزول جي انتظار ۾ ڪندا هئا."

جسماني حقيقتون

اک مبارڪ جي ڪُنڊ سان نہ ريندا هئا : يعني پاڻ شرم ۽ حياء جا پيڪر هئا ان جي ڪري سڄي اک کٽي نہ نهاريندا. علامہ مناوي لکيو آهي تہ سندن دنيا سان محبت ۽ حرص گهڻو نہ هو ان جي ڪري بقدر ضرورت ان ڏانهن نهاريندا هئا. علامہ بيجوري ﷺ لکيو آهي تہ هن روايت کي غور ڪري پڙهڻ سان امت جي لاءِ هدايتون آهن. (1) تہ ڪهڙي طرح هلن (2) تہ ڪهڙي طرح ڪنهن ڏي نهارين (3) تہ سلام ۾ اڳرائي ڪن. (انوار غوثيہ ص 27,25)

سوال : ڪنن کان هيٺ لڙڪندڙن وارن کي "لمه" چئبو آهي. "وَفرَ" ناهي چئبو؟

جواب : ڪڏهن وفره کي لمه يا جمه جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. (فضائل شرح الشمائل ص 18)

علماءِ ڪرام حضور ڪريم ﷺ جن جي پويان هلڻ لاءِ مذڪور وجه بيان ڪيا آهن ۽ علماء ان کي تواضع ۽ انڪساري تي محمول ڪيو آهي. بعض علماء فرمايو تہ وڌيڪ مناسب هي آهي تہ پاڻ سفر ۾ پوئتي رهجي وڃڻ وارن ضعيفن ۽ ڪمزورن جي سنڀال ڪرڻ لاءِ پويان هلندا هئا.

فائدو : مذڪور حديث امام ترمذي مناسبتن جي سبب سان ڪيترن بابن ۾ ذڪر ڪئي آهي. ان جو ڪجهہ حصو نبي ڪريم ﷺ جي گفتگو جي باب ۾ ۽ ڪجهہ حصو سندن تواضح جي باب ۾ ذڪر ٿيندو.

سندن ڪاوڙ : پاڻ الله ﷻ جي بي فرمانن تي بي فرماني ڪرڻ جي ڪري ناراض ٿيندا هئا.

نڪ مبارڪ جي ڪيفيت : سندن نڪ مبارڪ بلند هوندو هو ۽ ان تي نور جي اهڙي چمڪ هوندي هئي جو غور نہ ڪندڙ سمجهندو هو تہ سندن نڪ مبارڪ تمام گهڻو وڏو آهي پر غور ڪري ڏسندڙ سمجهندو هو تہ نڪ مبارڪ مناسب بلند آهي مگر نور جي چمڪار جي ڪري ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو.

ڏاڙهي مبارڪ : سندن ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي ۽ وڏي هوندي هئي.

ڳل مبارڪ : نہ مٿي ابريل هئا نہ هيٺ وينل جو هڏا پيا نظر اچن. علامہ بيجوري لکيو تہ "اها ڪيفيت عربن وٽ تمام سٺي ۽ اعليٰ آهي". (المواهب شرح المشائل ص 58)

وات مبارڪ جو ڪشادو هجڻ : ان مان مراد بہ سهڻو ۽ مناسب آهي. عرب ان کي سهڻو سمجهندا آهن

ڇوته ان سان ڳالهائڻ ۾ فصاحت هوندي آهي.

ڏندن پاڪن جو ڪشادو هجڻ: هن مان مراد به اها ناهي ته سندن ڏند وڏا هئا پر سهڻا ۽ وچان ٿورا ٿورا کُليل هئا، جن مان ڳالهائڻ وقت نور نڪرندو هو.

جسم مبارڪ جو وارن کان خالي حصو: گهڻو روشن هوندو هو ان مان اها مراد به ٿي سگهي ٿي ته پاڻ ﷺ جڏهن جسم پاڪ جي مٿان ڪپڙا لاهيندا هئا ته بدن جي ان حصي مان نور نڪرندي، نظر ايندو هو ۽ اهو حسن ۽ جمال جو ڪمال آهي. هڪ قول مطابق سندن بغل مبارڪ وارن کان خالي هئا. ٻيو قول آهي ته سندن بغلن مبارڪن جا وار هوندا هئا جيڪي پاڻ نچڪٽي وغيره سان چونڊي ڪيندا هئا سندن پير مبارڪن جون به آڱريون ٻين کان وڏيون هيون پاڻ اطمينان، وقار ۽ سڪون سان هلندا هئا.

سوال: هن روايت ۾ آهي ته پاڻ ﷺ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان کي اڳيان هلائيندا هئا پر پاڻ جڏهن حضرت سيدنا جابر ﷺ جي دعوت تي ويا ٿي ته اڳيان هلي رهيا هئا پوءِ انهن روايتن ۾ موافقت ڪيئن ٿيندي؟

جواب: حضرت جابر ﷺ جي دعوت ٻين اصحابن رضي الله عنهم کي پاڻ ڏني هئائون. پاڻ ئي صاحبِ طعام هئا تڏهن اڳيان هلي انهن کي اڳتي وني تي ويا.

سلام ۾ اڳرائي: سندن اهو به معمول هو ته جنهن سان به ملندا هئا پلي اهي ڇوڪرا هجن ته انهن تي اڳ ۾ سلام پاڻ چوندا هئا.

سوال: سلام ڪرڻ سنت آهي ۽ ان جو جواب ڏيڻ فرض آهي جواب ڏيڻ جو ثواب وڌيڪ آهي. ڇا حضور ڪريم ﷺ جن اهو ايثار ۽ سخاوت ڪري رهيا هئا ته پلي ٻين کي گهڻو ثواب ملي؟

جواب: نه ائين ناهي. عبادات ۾ ايثار مڪروهه آهي ۽ اهو به ڏسڻو آهي ته ڇا فرض نفل کان پلو آهي؟ ۽ اهو اڪثريتي قاعدو آهي. جنهن مان ڪجهه مسائل استثناء ڪيل آهن. (1) تنگدست کي قرض معاف ڪري ڇڏڻ سنت آهي جيڪو ان کي مهلت ڏيڻ کان پلو آهي جيڪو فرض آهي. (2) وقت کان اڳي وضو ڪرڻ سنت آهي پر نماز جي وقت ۾ وضو ڪرڻ کان پلو آهي جيڪو واجب آهي. (3) سلام سان ابتدا ڪرڻ سنت آهي پر ان جي جواب ڏيڻ کان پلو آهي جيڪو فرض آهي.

(المواهب شرح الشمائل ص 61، 66)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: [1] ابو نعيم في الدلائل ج 3 ص 227 [2] البيهقي في شعب الايمان رقم الحديث 1430 ج 2 ص 154، 157 وفي الدلائل ص 214 [3] البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3705 ج 13 ص 269 [4] الطبراني مطولا في المعجم الكبير رقم الحديث 414 ج 22 ص 155، 159 [5] البداية والنهاية لابن كثير ج 6 ص 31 [6] الوفا لابن الجوزي ج 1 ص 385.

[9] حَدَّثَنَا أَبُو مُوسَى مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى، حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، قَالَ حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ قَالَ سَمِعْتُ جَابِرَ بْنَ سَمُرَةَ يَقُولُ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ضَلِيعَ الْفَمِ، أَشْكَلَ الْعَيْنِ، مَنْهُوسَ الْعَقِبِ قَالَ شُعْبَةُ قُلْتُ لِسِمَاكٍ مَا ضَلِيعُ الْفَمِ؟ قَالَ عَظِيمُ الْفَمِ، قُلْتُ مَا أَشْكَلُ الْعَيْنِ؟ قَالَ طَوِيلُ شِقِّ الْعَيْنِ، قُلْتُ مَا مَنْهُوسُ الْعَقِبِ؟ قَالَ قَلِيلُ لَحْمِ الْعَقِبِ

بامحاوره ترجمو : سماڪ پٽ حرب ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت سيدنا جابر بن سمرة ﷺ کان ٻڌم. چوي پيو تہ رسول الله ﷺ جن جو وات مبارڪ ڪشادو، اکيون مبارڪ وڪريون هيون ۽ پاڻ هلڪين کُڙين وارا هئا.

مفردات جو شرح : "ضَلِيْعُ" : ڪشادو. " فَمُ " : وات. "اَشْكَلُ الْعَيْنِ": ينهي اکين جي اڇاڻ ۾ ڳاڙهيون ليڪون مليل "مَنْهُوْسُ الْعَقْبِ": کُڙي جو هلڪو جنهن جي کُڙيءَ ۾ گوشت گهٽ هجي.

سمجهاڻي : عربن ۾ ڪشادي وات ۽ قوي چهري وارو شخص محترم، بزرگ ۽ ساراهيل سمجهيو ويندو آهي ان جي ڪري الله ﷻ پنهنجي محبوب ﷺ کي اها صفت بہ عطا فرمائي. حضرت جابر بن سمرة ﷺ فرمايو تہ "سندن اکين جي اڇاڻ ۾ ڳاڙهيون ليڪون بہ مليل هيون ان سهڻي صفت سان سندن اکيون سينگاريل هيون." بيهقيءَ ۾ حضرت علي المرتضيٰ ﷺ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن جي اکين مبارڪن ۾ ڳاڙها ليڪا هئا. پرون ڏگها هئا اڇاڻ ۽ ڳاڙهاڻ سان مليل سهڻو منهن مبارڪ هو. (المواهب شرح الشمائل ص66، 67، انوارِ غوثيه ص28) ڪجهہ علماء وات مبارڪ جي ڪشادي هجڻ مان مراد فصاحت ۽ بلاغت ورتي آهي. (خصائل نبويه ص240)

هيءَ روايت ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] مسلم ڪتاب الفضائل باب 27 في صفة النبي ﷺ وعينيہ وعقبيہ حديث رقم 2339 ج 4 ص 620 [2] ترمذي ڪتاب المناقب باب 2 في صفة النبي ﷺ حديث رقم 3643 ج 5 ص 603 [3] امام احمد مسند ۾ ج 5 ص 88,86,97,103. [4] ابن حبان پنهنجي صحيح ۾ حديث نمبر 6289,6288، ج 14 ص 111، 220 الطبراني في المعجم الكبير حديث 1903 ج 2 ص 219، 220. البيهقي في الدلائل ج 1 ص 210، 211، 245.

[10] حَدَّثَنَا هَنَّادُ بْنُ السَّرِيِّ قَالَ حَدَّثَنَا عَبْثَرُ بْنُ الْقَاسِمِ، عَنْ أَشْعَثَ، يَعْنِي ابْنَ سَوَّارٍ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي لَيْلَةٍ إِضْحِيَانٍ، وَعَلَيْهِ حُلَّةٌ حَمْرَاءُ، فَجَعَلْتُ أَنْظُرُ إِلَيْهِ وَإِلَى الْقَمَرِ، فَلَهُوَ عِنْدِي أَحْسَنُ مِنَ الْقَمَرِ

بامحاوره ترجمو : حضرت (سيدنا) جابر بن سمرة ﷺ چوي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ کي چانڊوڪي رات ۾ ڳاڙهو (ليڪن وارو) يمني وڳو پهريل ڏٺو. پوءِ مون ڪنهن مهل چنڊ کي چتائي ٿي ڏٺو تہ ڪنهن مهل (مديني جي چنڊ) حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ کي ٿي ڏٺو. يقينن حضور ﷺ جن مون کي چنڊ کان سهڻا ڏسڻ ۾ آيا.

مفردات جو شرح : "اِضْحَيَانِ" : (الف جي زير سان). گهڻو روشن رات جيڪا اول کان آخر تائين چنڊ سان روشن رهي. "حُلَّةُ": وڳو. "حمراءُ" ڳاڙهو. "اَحْسَنُ": تمام سهڻو.

سمجهاڻي : حضور ڪريم ﷺ جن چنڊ کان وڌيڪ سهڻا هئا ان ۾ ڪو شڪ ناهي ڇوتہ چنڊ جو حسن هڪ جنس جو آهي ۽ محبوب ﷺ ۾ سمورا حسن گڏيل هئا.

ديرو حرم ۾ روشني شمس و قمر جي ٿي تہ ڇا
مون کي تہ تون آهين وڻيل شمس و قمر کي ڇا ڪيان؟

گھٽي روشني واري رات ۾ حضرت جابر بن سمره ﷺ حضور پُرنور ﷺ جن ڏانهن بہ نهاريو ۽ چنڊ ڏانهن بہ نهاريو. فيصلو ڏيندي فرمايائين تہ :"حضور ڪريم ﷺ جن مون وٽ يا منهنجي نظر ۾ چنڊ کان وڌيڪ سهڻا هئا.

چنڊ کان وڌيڪ سهڻو : "عِنْدِيْ" (مون وٽ) هي واقعي جو بيان آهيءِ ان جوان تي فخر ڪرڻ لاءِ آهي. تخصيص ۽ ٻئي کان احترازجي لاءِ ناهي ڇوتہ جنهن بہ ڪين نبي سمجهي ان نور سان سندن ديدار ڪيو ان وٽ پاڻ چنڊ ڇا سج کان بہ وڌيڪ سهڻا آهن. باقي جيڪي انڌا تعصب جي عينڪ اکين تي رکي نهاريندا اهي ڇا ڏسندا؟ رب العزة ﷻ ارشاد فرمايو آهي تہ "تَرَاهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَايُبْصِرُوْنَ (سورة الاعراف آيت) (انهن کي ڏسندؤ تہ اوهان ڏانهن نهارين پيا پر اهي ڏسن ڪونہ ٿا) يعني پنهنجي نظر جي قصور جي ڪري اوهان جو جمال ۽ ڪمال ڪونہ ٿا ڏسن. جيئن سج جو ڪو قصور نہ هوندو آهي پر چمڙو پنهنجي اکين ۾ نور نہ هجڻ ڪري ان کي نہ ڏسندو آهي ۽ حبيب ڪريم ﷺ جو نور صوري ۽ معنوي ڪمالات جي زيادتي سان گڏ آفاق ۽ انفس ۾ ظاهر آهي بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ هر نور سندن نور مان پيدا ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي طرح الله ﷻ جي قول"اَللهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ مَثَلُ نُوْرِهٖ (سورة النور آيت 35) ۾ مَثَلُ نُوْرِهٖ مان مراد حضور ڪريم ﷺ جي نور جو مثال آهي. پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن جي منهن مبارڪ جو نور ذاتي آهي جيڪو رات ڏينهن ڪانئن جدا نہ ٿوٿئي ۽ چنڊ جو نور سج کان اوڌارو ورتل آهي، گهٽ وڌ ٿيندو آهي. ۽ ڪڏهن چنڊ گرهڻ بہ ٿيندي آهي. ۽ هن ۾ اها تنبيه آهي تہ ڪيترين گهڻين جمال ۽ ڪمال جي صفتن کان چنڊ خالي آهي (جمع الوسائل ج 1 ص 46، 47) علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ "دارمي ربيع بنت معوذ کان روايت آندي آهي تہ :"نبي ڪريم ﷺ جن اهڙا سهڻا هئا جو ڪين ڏسين ها تہ چئہ سج ايريو بيٺو آهي ۽ هڪ روايت ۾ ابن المبارڪ ۽ ابن الجوزي حضرت ابن عباس ﷺ کان آندو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جو پاڇو نہ هوندو هو ۽ پاڻ سج جي روشنيءَ ۾ بيهندا هئا تہ ان کان وڌيڪ روشن هوندا هئا. ۽ ڏئي جي روشنيءَ ۾ ايندا هئا تہ ان کان وڌيڪ روشن هوندا هئا. (شرح المناوي مع شرح الوسائل ج 1 47 المواهب شرح شمائل ص 70)

هيءَ روايت ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] النسائي في كتاب الزينة من سننه الكبرىٰ باب 89 لبس الحلل رقم الحديث 9639 ج 5 ص 476 [2] الدارمي في المقدمة من سننه ص 10 في حسن النبي ﷺ رقم الحديث 57 ج 1 ص 44 [3] ابو يعلىٰ في مسنده حديث رقم 7477 ج 13 ص 464 [4] الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 1842 ج 2 ص 206. [5] البغوي في شمائله رقم الحديث 161 ج 1 ص 145 [6] البيهقي في الدلائل ج 1 ص 196 و في الشعب ج 2 ص 151 [7] الحاكم في المستدرک ج 4 ص 186.

[11] حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ ، قَالَ حَدَّثَنَا حُمَيْدُ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الرُّؤَاسِيُّ ، عَنْ زُهَيْرٍ ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ قَالَ : سَأَلَ رَجُلُ الْبَرَاءَ بْنَ عَازِبٍ أَكَانَ وَجْهُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِثْلَ السَّيْفِ ؟ قَالَ لاَ ، بَلْ مِثْلَ الْقَمَرِ

با محاوره ترجمو : ابو اسحاق چيو تہ هڪ شخص براء بن عازب ﷺ کان پڇيو تہ ڇا رسول الله ﷺ جو منهن مبارڪ جهلڪ ۾ تلوار وانگر هو؟ ان چيو تہ نہ. پر چنڊ وانگر چمڪندڙ هو.

مفردات جو شرح : "وَجْهُ" : منهن مبارڪ "اَلسَّيْفُ" : تلوار. "اَلْقَمَرُ" : چنڊ.

سمجهاڻي : هن روايت ۾ حضرت براء کان سوال ڪيو ويو ته ڇا حضور ڪريم ﷺ جن جو منهن مبارڪ روشن هجڻ ۾ ڏکهي هجڻ ۾ تلوار وانگر هو؟ ته پاڻ ان جي نفي ڪندي فرمايائون ته :" نه تلوار وانگر ڏيگهه هئي نه صرف سفيدي" سندن منهن مبارڪ صرف گول به نه هو بلڪ گهڻو سهڻو. انتهائي حسن ۽ جمال وارو هو. صحيح مسلم ۾ آهي ته "لَا بَلْ مِثْلَ الشَّمْسِ وَالْقَمَرِ" يعني چمڪائڻ ۽ روشن ڪرڻ ۾ سج جي مشابه هو ۽ حسن ۽ ملاحت ۾ چنڊ وانگر. (جمع الوسائل ج 1 ص 18) **علماء ڪرام** فرمايو آهي ته اهي سڀ تشبيهون سمجهائڻ لاءِ ۽ تقريبي آهن نه ته هڪ چنڊ ڇا هزارين چنڊ به سندن پاڪ پير جي هڪ ننهن مبارڪ جي برابر به نه آهن.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] **البخاري في كتاب المناقب باب 23 صفه النبي** ﷺ رقم **الحديث** 3552 ج 6 ص 565 [2] **احمد في المسند** ج 4 ص 281 [3] **الدارمي في المقدمة من سننه باب** (10) **في حسن النبي** ﷺ رقم الحديث 64 ج 1 ص 45 [4] **الطيالسي في مسنده** رقم الحديث 727 ص 99 [5] **ابن حبان في صحيحه** رقم الحديث 6287 ج 14 ص 198 [6] **البيهقي في الدلائل** ج 1 ص 195 و **في الشعب** ج 2 ص 150.

[12] حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الْمَصَاحِفِيُّ سُلَيْمَانُ بْنُ سَلْمٍ قَالَ حَدَّثَنَا النَّضْرُ بْنُ شُمَيْلٍ، عَنْ صَالِحِ بْنِ أَبِي الْأَخْضَرِ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَبْيَضَ كَأَنَّمَا صِيغَ مِنْ فِضَّةٍ، رَجِلَ الشَّعْرِ

با محاوره ترجمو : حضرت سيدنا ابو هريره ﷺ کان روايت آهي. هو چوي ٿو ته رسول الله ﷺ جن تمام سهڻا هئا، ڄڻ ته چانديءَ مان جڙيل آهن. سندن وار مبارڪ ڪجهه گهنڊيدار هئا.

مفردات جو شرح : "اَبْيَضَ": سفيد. "صِيْغَ" ٺاهيو ويو. "فِضَّةٍ" چاندي

سمجهاڻي : حضرت ابو هريره ﷺ جي ارشاد جي روشنيءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن اهڙا سفيد (چمڪدار) هئا ڄڻ چانديءَ مان ٺاهيا ويا هئا. هي مشابهت نرمي، چمڪ ۽ ملائم هجڻ جي ڪري آهي. پاڻ خالص سفيد نه هئا. جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي ۽ هن ۾ اهو اشارو به آهي ته سندن سمورا عضوا مضبوط ۽ مناسب هئا. سندن پاڪ منهن مبارڪ ۽ وجود مقدس جي نورانيت پنهنجي پوري شان سان جلوه گر هئي. ۽ سندن پاڪ بدن جي سفيدي ۾ ڳاڙهاڻ مليل محسوس ٿيندي هئي. (خصائل نبوي ص 25)

علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته: نبي پاڪ ﷺ جن سيڙهيءَ (چوني) وانگر سفيد نه هئا ۽ سندن پاڪ رت جي ڳاڙهاڻ سندن سفيدي ۾ مليل هجڻ جي ڪري ڳاڙها پورا نظر ايندا هئا. سندن رنگ مبارڪ جو سفيد هجڻ صحيح حديثن ۽ صريح آثار سان ثابت آهي ۽ اهو رنگ سيني وٽ پسند ڪيل آهي. جيئن جنت وارن جي لاءِ آيو آهي. "يَوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ" (ان ڏينهن منهن سفيد ٿيندا) ۽ جنت جي حورن جي لاءِ آيو "كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ" ڄڻ ته اهي ڍڪيل آنا آهن. يعني سفيد هونديون.

تنبيهه : علماء فرمايو آهي ته جنهن چيو ته آقا ﷺ جن (رنگ جا) ڪارا هئا. ته اهو ڪافر ٿي ويندو

ڇوته ان حضور ڪريم ﷺ جي لاءِ تواتر سان ثابت صفت جو انڪار ڪيو. " (جمع الوسائل ج 1 ص 69)
هيءَ روايت ٻين هنن محدثن آندي آهي: [1] تاريخ ابنِ عساڪر مختصر ج 2 ص 69 و تهذيب ج 1 ص 320. [2] البغوي پنهنجي لکيل شمائل ۾ حديث نمبر 195، ج 1 ص 147.

[13] حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: أَخْبَرَنِي اللَّيْثُ بْنُ سَعْدٍ، عَنْ أَبِي الزُّبَيْرِ، عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: عُرِضَ عَلَيَّ الأَنْبِيَاءُ، فَإِذَا مُوسَى عَلَيْهِ السَّلاَمُ ضَرْبٌ مِنَ الرِّجَالِ، كَأَنَّهُ مِنْ رِجَالِ شَنُوءَةَ، وَرَأَيْتُ عِيسَى ابْنَ مَرْيَمَ عَلَيْهِ السَّلاَمُ، فَإِذَا أَقْرَبُ مَنْ رَأَيْتُ بِهِ شَبَهًا عُرْوَةُ بْنُ مَسْعُودٍ، وَرَأَيْتُ إِبْرَاهِيمَ عَلَيْهِ السَّلاَمُ، فَإِذَا أَقْرَبُ مَنْ رَأَيْتُ بِهِ شَبَهًا صَاحِبُكُمْ، يَعْنِي نَفْسَهُ، وَرَأَيْتُ جِبْرِيلَ عَلَيْهِ السَّلاَمُ فَإِذَا أَقْرَبُ مَنْ رَأَيْتُ بِهِ شَبَهًا دِحْيَةُ.

با محاوره ترجمو: حضرت جابر بن عبدالله ﷺ کان روايت آهي هو بيان ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو مون کي نبي سڀورا ڏيکاريا ويا. جڏهن مون موسيٰ عليه السلام کي ڏٺو ته اهو شنوءة قبيلي جي مردن وانگر (وچولي قد وارو) هو. حضرت عيسيٰ بن مريم عليه السلام کي ڏٺم جو منهنجي ڏٺل ماڻهن مان عروة بن مسعود وانگر هو ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام کي ڏٺم ته منهنجي ڏٺل ماڻهن مان توهان جي رفيق يعني رسول الله ﷺ جهڙو هو. جبرائيل عليه السلام (ملائڪ) کي ڏٺم، جو منهنجي ڏٺل ماڻهن مان دحية الكلبي (اصحابي) جهڙو هو.

نُڪتو: حضرت با يزيد بِسطامي رحمة الله عليه کي چيو ويو ته "تون ڇا ٿو ارادو فرمائين؟ عرض ڪيائين ته "مان ارادو ڪيان ٿو ته ڪوبه ارادو نه ڪيان. " جنهن ۾ خدا راضي رهي ان تي راضي رهان. علامه علي قاري رحمة الله عليه اها ڳالهه لکي پوءِ لکيو آهي ته حضرت عبدالله انصاري ﷺ جو مذڪور قول حضرت سيدنا بايزيد جي قول کان مرتبي ۾ بلند آهي ۽ سعادتمندن مان ڪجهه ساداتن فرمايو ته هي به ارادو آهي. اهو قول ڪهڙو نه ڀلو آهي جيڪو ڪنهن محبت واري فرمايو:

"أُرِيْدُ وِصَالَهُ وَيُرِيْدُ هَجْرِيْ
فَاَتْرُكُ مَا أُرِيْدُ لِمَا يُرِيْد.

(يعني مان محبوب جي ملڻ جو ارادو ڪيان ٿو ۽ اهو مون کان جدائي جو ارادو ڪري ٿو ته پوءِ مان ان جي ارادي کي اهميت ڏيندي پنهنجو ارادو ڇڏي ٿو ڏيان.) ان جي ارادي تي راضي ٿو رهان اهو ان قدسي حديث سان تمام سهڻوءَ مناسب آهي جنهن ۾ آيو آهي ته اي ٻانها! "تون به ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪرين ٿو ۽ مان به ارادو فرمايان ٿو ۽ ٿيندو اهو جيڪو مان ارادو ڪيان ٿو" ۽ انهن (سالڪن) مان بعض جو قول ته :"منهنجي لاءِ توڪا نسواءِ ڪوبه حصو ناهي پوءِ جيئن وڻئي تيئن مون کي آزماءِ. " اها وڏي جرأت آهي پوءِ اهو آزمائش ۾ وڌو ويو پر صبر ڪري نه سگهيو. دعويٰ ڪرڻ آسان آهي ۽ ميدان ملهائڻ ڏکيو آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 39)

مفردات جو شرح: "عُرِضَ" : ماضيءَ جو صيغو ان جي مصدر عَرْضُ آهي. ان جون مختلف معنائون آهن. پيش ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، ڏيکارڻ، سامهون اچڻ وغيره. "ضَرْبٌ مِّنَ الرِّجَالِ" : ڏٻرا، بدن ۾ گهٽ گوشت وارا، جڏهن ضَربُ رِجَالُ سان گڏ ذڪر ڪيو وڃي ته پوءِ ان مان مُراد آهن، بدن جا ضعيف ۽

ڪمزور. "شَنُوْءَةُ" : هڪ قبيلي جو نالو آهي جنهن جا ماڻهو ڪمزور هلڪا هوندا هئا. هي عبدالله بن ڪعب جو قبيلو آهي. هن قبيلي جا ماڻهو نهايت پاڪ, صاف, حسن ۾ يلنِ ڪمن جي ڪري مشهور هئا. "صَاحِبُكُمْ" : اوهان جو آقا. ان مان مراد حضور ڪريم ﷺ جن آهن. "شَبَهًا" : حُليي جي لحاظ سان مُشابهت رکندڙ. "دَحْيَةُ" : هڪ صحابي جو نالو آهي. (2) ڪلب قبيلي مان هجڻ جي ڪري ڪلبي سڏيو ويندو آهي.

سمجهاڻي : هن حديث ۾ رسول الله ﷺ جن جي فرمان تہ :"منهنجي اڳيان نبي آندا ويا" مان ثابت ٿيو تہ پاڻ سيني نبين عليهم الصلوٰة والسلام کان افضل آهن. ڇوتہ ائين نہ فرمايائون تہ "مان انهن وٽ پيش ڪيو ويس بلڪ اهي سندن خدمت ۾ پيش ڪيا ويا." اهي سندن لاءِ لشڪر وانگر آهن ۽ پاڻ انهن جا سلطان آهن لشڪر, بادشاهہ جي اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي. بادشاهہ لشڪر جي اڳيان پيش نہ ڪيو ويندو آهي ان ڪري بعض عارفن فرمايو تہ : نبي ڪريم ﷺ جن انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة السلام جي لشڪر ۾ بمنزل قلب آهن. انبياء ان لشڪر جا اڳيان لشڪريءَ اولياء ان جا پويان لشڪري ۽ ملائڪ انهن جي ساڄي ۽ کابي طرف کان آهن جيڪي سندس مددگار ۽ معاون هوندا آهن. جيئن الله جَلَّهُ جو فرمان آهي. "وَالْمَلَائِكَةُ بَعْدَ ذَالِكَ ظَهِيْرٌ" (۽ ان کان پوءِ ملائڪ مددگار آهن) ۽ شيطان دين جي رستي ۾ ڌاڙيل آهن ۽ هن حديث ۾ جيڪو بيان ٿيو تہ :"مون وٽ انبياء پيش ڪيا ويا." انهن مان مراد عام آهي. انبياء سان رسول سڳورا عليهم الصلوٰة السلام بہ شامل آهن. ۽ اهو واقعو معراج واري رات جو آهي جيئن ٻين روايتن ۾ آيو آهي مثلًا ابو العاليہ جي حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه کان روايت ۽ ابن المسيب جي حضرت علي ۽ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان آيل روايتن ۾ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي اڳيان انهن جو اصلي صورتون روشن ڪيون ويون هيون. ۽ هڪ روايت مطابق اهي ڪين ننڊ ۾ ملايا ويا ۽ انهن جي تائيد انهن بعض روايتن سان ٿئي ٿي جنهن ۾ آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو :"مون ننڊ ۾ ڏٺو تہ مان ڪعبہ جو طواف ڪري رهيو آهيان." الحديث . محدثن جو قول آهي تہ ان ٻي (خواب واري) صورت ۾ انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جا ارواح مثالي صورتن ۾ پيش ڪيا ويا هئا ۽ پهرئين قول تي چيو ويو آهي تہ سندن اهي صورتون پيش ڪيون ويون هيون جن تي دنياوي حياتيءَ ۾ هئا. ان جي ڪري ان روايت ۾ جيڪا محدث مسلم حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه کان آندي آهي. سندن فرمان آهي تہ :"ڄڻ تہ مان موسيٰ ڏي پيو نهاريان, ڄڻ تہ مان عيسيٰ ڏي پيو نهاريان" ۽ اهو سندن ڏسڻ سندن معجزن مان آهي ۽ اهي آسمانن ۾ بہ انهن مثالي صورتن سان حقيقي طور موجود آهن. هڪ قول آهي تہ هن شڪ ۾ پوڻ جو ڪو سبب ناهي بلڪ صحيح قول اهو آهي تہ انهن جو ڏسڻ جيڪڏهن ننڊ ۾ هوندو تہ سندن اڳيان انهن جون حياتيءَ واريون صورتون مثالي طور پيش ڪيون ويون ۽ جيڪڏهن سجاڳيءَ جو واقعو آهي تہ پاڻ ڪين دنياوي حقيقي صورتن ۾ ڏٺائون ڇوتہ اها ڳالهہ ثابت آهي تہ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام زندهہ آهن ۽ هڪ قول آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ سندن ڏانهن وحي ڪري ٻڌايو ويو هو ۽ ا ن جي ڪري تشبيہ جو حرف "كَاَنَّ" آندو ويو.

فائدو : هن روايت مان اهو فائدو حاصل ٿئي ٿو تہ وڏن (بزرگن) جون صورتون انهن تائين پهچائڻ گهرجن جن انهن کي نہ ڏٺو آهي. پوءِ جيئن انهن وڏن جي ملاقات ۾ برڪت آهي تيئن انهن جي

صورتن ڏسڻ ۾ برڪت آهي ۽ هن روايت ۾ وڌيڪ حرص ڏياريو ويو آهي ته حضور پاڪ ﷺ جن جي خِلقت پاڪ کي چڱيءَ طرح ياد ڪرڻ گهرجي. (جمع الوسائل ج 1 ص 50، 51)

انبياءِ ۽ ملائڪ جي حضور وٽ حاضري

"فَإِذَا مُوسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ" پوءِ اوچتو ئي مون موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ڏٺو ته اهو مَردن مان هلڪي جسم وارو آهي ڄڻ ته اهو شنوءَة قبيلي جي مَردن مان آهي. هن قبيلي جا ماڻهو نه صفا ضعيف هوندا هئا. ۽ نه گهڻا ٿلها هوندا هئا. نه صفا جڏڙا هوندا هئا. بلڪ وچٿرا هوندا هئا. سيدنا موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي صورت مبارڪ انهن سان ملندڙ جُلندڙ هئي. علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي ته: موسيٰ موشيٰ جو معرب آهي حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو اهو نالو فرعون جي گهرواريءَ حضرت بيبي آسيہ بنت مزاحم ان وقت رکيو هو جڏهن کيس صندوق ۾ پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍيو هئائون ۽ اهو ان حال جي مناسب به هو ڇوته حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام پاڻي ۽ وڻن مان لڌو هو ۽ موشيٰ قبطي ٻوليءَ ۾ وڻن ۾ موجود پاڻيءَ کي چيو ويندو آهي. پوءِ موشيٰ مان معرب ڪري موسيٰ سڏيو ويو.

"وَرَأَيْتُ عِيْسىٰ بِنْ مَرْيَمَ" ۽ مون عيسيٰ بن مريم (عليه وعلي امه السلام) کي ڏٺو. هيءَ مريم عمران جي نياڻي، قرآن ڪريم جي نص سان "صِدِيقَة" آهي ۽ اها حضرت سليمان (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي اولاد منجهان آهي. حضرت سليمان عليہ السلام ۽ ان جي وچ ۾ چوويهہ 24 ابا آهن حضرت عيسيٰ عليه السلام جي آسمان تي کڄي وڃڻ مهل ان جي عمر ٽيونجاهہ سال هئي. ۽ حضرت عيسيٰ جي مٽي کڄڻ کان پوءِ به پنج سال زندهہ رهي. ۽ حضرت عيسيٰ حضرت عروة بن مسعود رضي الله عنه سان مشابہ هو. هي حضرت ثقفي قبيلي جو هو. حديبيہ جي صلح وقت حاضر ٿيو هو ۽ سن 9 هہ ۾ ان وقت مسلمان ٿيو هو جڏهن سيدنا رسول الله ﷺ جن طائف کان واپس ٿيا هئا. حضرت عروه اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ رسول الله ﷺ جن کان واپس ٿيڻ جي موڪل گهري، نبي ڪريم ﷺ جن ان کي موڪل ڏني ۽ ان پنهنجي قوم کي اسلام جي دعوت ڏني پر انهن مڃڻ جي بجاءِ کيس شهيد ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ان جي شهادت جي خبر رسول الله ﷺ جن کي پهتي ته پاڻ فرمايائون ته "عروه جو مثال سورة يٰسين ۾ ذڪر ڪيل (ٻلاري حبيب نجار) جهڙو آهي جنهن پنهنجي قوم کي الله جل جلاله ڏانهن سڏيو ته انهن ان کي شهيد ڪري ڇڏيو." ۽ حضرت عروة جو حُليو محفوظ نه ڪيو ويو آهي پر مسلم شريف جي روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو وچولي قد وارو ۽ رنگ جو ڳاڙهو هو. (وَاللهُ تَعَالىٰ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمْ) "۽ مون ابراهيم کي ڏٺو ته اهو اوهان جي صاحب (حضور ڪريم ﷺ سان مشابهت ۾ وڌيڪ ويجهو هو) ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته: "مان ابراهيم جي اولاد مان ان سان وڌيڪ مشابه آهيان." مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي ته: "ابراهيم جي معنيٰ سرياني زبان ۾ ابُ رحيمُ" مهربان پيءُ آهي.

"وَرَأَيْتُ جِبْرَئِيْلَ" ۽ مون جبريل کي ڏٺو. هتي انبياء عظام عليهم السلام جي ڏسڻ سان جبريل کي گڏي ان جي ڪري آندو ويو آهي جو انهن ڏانهن وحي آڻڻ جي ڪري ان جي نبين سڳورن عليهم السلام سان ميل جول گهڻي ٿيندي هئي. مناوي رحمة الله عليه وڌيڪ لکيو آهي ته جبريل فعليل جي وزن تي سرياني ٻوليءَ جو لفظ آهي ان جي معنيٰ آهي عبدالرحمان يا عبدالعزيز ۽ اِيل جمهور وٽ الله جو نالو آهي ۽ اهو قصي

کي قصي تي عطف ڪيو ويو آهي. ”پوءِ ان سان انهن مان وڌيڪ مشابہ جيڪو مون ڏٺو دِحية ڪلبي آهي. ”دِحية“ (دال جي زير ۽ ح جي جزم سان) هن حضرت جي والد جو نالو خليفہ هو. وڏن صحابن مان هو بدر جي جنگ ۾ حاضر نہ هو ان کان پوءِ سيني جنگين ۾ موجود هو. صلح حديبيہ ۾ جيڪا وڻ جي هيٺان بيعت ٿي هئي. ان ۾ هي بہ شريڪ هو ۽ اهڙو حسين هو جو حُسن ۽ جمال ۾ ان جو مثال ڏنو ويندو هو. پڇاڙيءَ ۾ شام ملڪ ۾ وڃي رهيو هو. حضرت امير معاويہ ﷛ جي ڏينهن تائين زنده هو. صحيحين ۾ آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ جبريل غالبًا ان جي صورت ۾ ايندو هو. هن حضرت کان ٽي حديثون روايت ڪيل آهن. حضرت دحية ڪلبي جڏهن ڪنهن شهر ۾ ويندو هو تہ اتي جون پرديدار عورتون بہ کيس ڏسڻ لاءِ نڪري ايندڙيون هيون. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ دِحيه ڪلبي ﷛ جي صورت ۾ اچڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ قرآن عربي آهي، عربي، چٽي ۽ صاف زبان ۾ نازل ٿيل هو. ۽ عربن جي عادت هئي تہ اهي ڪنهن بادشاهہ ڏانهن قاصد موڪليندا هئا تہ حضرت دِحيه ڪلبي ﷛ کي موڪليندا هئا. ۽ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن تہ بادشاهن کان بہ بلند شان وارا آهن ان جي ڪري الله ﷻ جبريل امين کي سندن خدمت ۾ بہ حضرت دِحيہ ڪلبي ﷛ جي صورت ۾ موڪليندو هو ۽ روم جي بادشاهہ قيصر ڏانهن بہ رسول الله جن دِحيه کي قاصد ڪري موڪيلو هو جيڪو ان سان حمص ۾ مليو هو. علامہ مناوي ﷬ لکيو آهي تہ :”هن حديث مان ملائڪن کي غير سان تشبيه ڏيڻ جو جواز ملي ٿو.“

هڪ عجيب واقعو : العارف مڪين الدين ﷬ فرمايو تہ :”مان اسڪندريہ شهر جي ديملس محلي ۾ هڪ دفن ڪيل نبي عليہ السلام جي مسجد ۾ داخل ٿيس تہ اتي دفن ٿيل نبي عليہ السلام کي بيٺي نماز پڙهندي ڏٺم ۽ ان کي لِيڪُن واري چادر پاتل هئي ان مون کي فرمايو تہ ”اڳيان بيهي نماز پڙهہ“ مون ان کي عرض ڪيو تہ” اوهان اڳيان ٿيو“ ان فرمايو تہ ”اوهان اهڙي نبي (عليہ السلام) جا امتي آهيو جو اسان کي مناسب ئي نہ ٿو لڳي تہ اوهان کان اڳي ٿيون.“ مون کيس عرض ڪيو تہ (اسان جي) ان نبي جي صدقي اوهان اڳيان ٿيو. عارف مڪين الدين ﷬ فرمايو تہ ”مون ائين چيو تہ ان نبي سڳوري عليہ السلام هڪدم مون واري لفظ جي تعظيم ڪرڻ لاءِ پنهنجو وات (مبارڪ) منهنجي وات تي رکيو تہ متان اهو هواءِ ۾ اڏامي وڃي. (مناوي حاشية علىٰ جمع الوسائل ج 1 ص 52)

فائدا

فائدو [1] : حضور ڪريم ﷺ جن جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام سان اها ملاقات هڪ ڀيرو خواب ۾ ۽ ٻيو ڀيرو معراج واري رات ٿي هئي. (فضائل النبي شرح الشمائل ص 21)

فائدو [2] : هتي صرف ٽن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جو ذڪر شايد ان جي ڪري ڪيو ويو جو حضرت ابراهيم عليہ السلام عربن جو ڏاڏو هو ۽ سيني وٽ مقبول آهي. ۽ حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل مان يهودين ۽ نصارن جا رسول آهن. (جمع الوسائل ج 1 ص 53، خصائل نبوي شرح شمائل ترمذي ص 26)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] مسلم في ڪتاب الايمان باب 74 الاسراء برسول الله

ﷺ الي السموات و فرض الصلواة حديث رقم 167 ج 1 ص 153 [2] احمد في مسنده ج 3 ص 334. [3] ابنِ عساكر ج 17 ص 155 [4] ابو يعلي في مسنده حديث رقم 6122 ج 4 ص 179

[14] حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ، وَمُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، الْمَعْنَى وَاحِدٌ، قَالاَ: أَخْبَرَنَا يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ، عَنْ سَعِيدٍ الْجُرَيْرِيِّ قَالَ: سَمِعْتُ أَبَا الطُّفَيْلِ يَقُولُ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَا بَقِيَ عَلَى وَجْهِ الأَرْضِ أَحَدٌ رَآهُ غَيْرِي، قُلْتُ: صِفْهُ لِي، قَالَ: كَانَ أَبْيَضَ مَلِيحًا مُقَصَّدًا

با محاوره ترجمو: حضرت سعيد الجريري روايت ڪري ٿو تہ ابو الطفيل ﷺ چوڻ پيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي چڱي طرح ڏٺو آهي ۽ هن وقت مون کان سواءِ روءِ زمين تي ڪيس ڏسڻ وارن مان ڪوبہ موجود نہ آهي مون ابو الطفيل کي چيو تہ مون کي پاڻ سڳورن ﷺ جو حُليو مبارڪ ٻڌاءِ ان چيو تہ رسول الله ﷺ جن تمام خوبصورت سُهڻا ۽ وچولي قد وارا هئا.

مفردات جو شرح: "مَابَقِيَ": ڪو باقي نہ رهيو آهي، ڪوئي موجود ناهي ڪوئي زندهہ ناهي. "وَجْهِ الْأَرْضِ": روءِ زمين تي، زماني ۾ "مَلِيْحًا": ملاحت وارو نمڪين. "مُقَصَّدًا": وچولي قدوارو "قَصْدٌ": مصدر آهي جنهن جي معنيٰ وچٿرائي ڪرڻ، عدل ڪرڻ وغيره. "مُقَصَّدٌ": اهڙي وجود واري کي چوندا آهن جو نہ ڊگهو هجي نہ بندرو هجي نہ ٿلهو هجي نہ ڏٻرو.

سمجهاڻي: حضرت ابو الطفيل ﷺ جي فرمان تہ (مون نبي ڪريم ﷺ جن کي ڏٺو ۽ هن وقت مون کان سواءِ روءِ زمين تي ڪوبہ زندهہ نہ رهيو آهي جنهن ان کي ڏٺو هجي) مان مراد آهي تہ انسانن مان ڪير بہ نہ رهيو آهي. ان قول ۾ ملائڪ ۽ جن داخل ناهن ۽ سندس قول تہ (زمين جي منهن تي) سان حضرت عيسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جن خارج ٿي ويا ڇوتہ اهي زمين تي ناهن آسمانن تي آهن ۽ حضرت خضر بہ ان مان خارج ٿي ويو ڇوتہ اهو زمين تي نہ هو سمنڊ جي پاڻيءَ جي مٿان هو.

سوال: ڪن جو قول آهي تہ معمر مغربي ۽ رتن هندي صحابي هئا جيڪي ستين صدي هجري جي قريب هجڻ تائين زندهہ رهيا هئا؟

جواب: وڏن محدثن وٽ اهو قول صحيح ناهي. غير معتبر آهي. سعيد جُريري ﷺ فرمايو تہ مون حضرت ابو الطفيل ﷺ کي عرض ڪيو تہ مون کي رسول الله جن جي حليو بيان ڪري ٻڌاءِ ان فرمايو تہ وچولي قد وارا، نہ ڊگها، نہ بندرا، نہ ٿلها، نہ گهڻو ڪمزور ۽ ڏٻرا. سندن رنگ سفيد ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هو. "مَلِيْحًا" ڪشش رکندڙ حُسن وارا هئا. سندن هر ادا نرالي هئي.

فائدو: هن روايت ۾ غور ڪرڻ سان هي ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون.

[1] صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي نبي ڪريم ﷺ سان ايتري محبت هئي جو سندن حُليو مبارڪ هر لحاظ سان ياد رکندا هئا ۽ تابعي سڳورا بہ اهڙا عاشق هئا جو محبوب عليه السلام جي حُليي جو هر پهلو پُڇي ياد ڪندا هئا ۽ پنهنجي قلب ۽ دماغ تي ان جو نقش وهاريندا هئا.

[2] هن حديث جي شرحن مان ثابت ٿيو تہ "محدثن وٽ حضرت خضر عليه السلام زندهہ آهي."

[3] حضرت نبي ڪريم ﷺ ظاهري زندگي جي آخري مهيني ۾ ۽ هڪ روايت موجب زندگيءَ جي آخري عشاء نماز پڙهائي اٿي بيهي فرمايو هو تہ:" مان اوهان کي هن رات ۾ هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو تہ اج

کان سؤ سال پوءِ دنيا تي هن وقت موجود ماڻهن مان کوبہ زندهہ نہ هوندو.“ ۽ حضرت ابو الطفيل اهو آخري انسان هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 54, المناوي ص 54 المواهب ص 77)

[4] هن حديث سان حضرت خضر جي زندهہ هجڻ تي اعتراض نہ ٿو ٿئي ڇوتہ اهو نبي ڪريم ﷺ جي ظاهري دور کان اڳي حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دور ۾ بہ هو ۽ اهو حضرت عيسيٰ عليہ السلام وانگر مستثنيٰ آهي. حضور ڪريم ﷺ جي ارشاد وقت سمنڊ جي مٿان هو زمين تي نہ هو. (ايضًا)

هيءَ روايت ٻين هنن محدثن آندي آهي : [1] مسلم في ڪتاب الفضائل باب 28 رقم الحديث 2240 ج 4 ص 1820 [2] ابو داؤد في ڪتاب الادب باب في هدي الرجل رقم الحديث 4863 ج 4 ص 266 [3] احمد في المسند ج 5 ص 454. ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 86

[15] حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ : حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ الْمُنْذِرِ الْحِزَامِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبْدُ الْعَزِيزِ بْنُ أَبِي ثَابِتٍ الزُّهْرِيُّ قَالَ : حَدَّثَنِي إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ ابْنُ أَخِي مُوسَى بْنِ عُقْبَةَ ، عَنْ مُوسَى بْنِ عُقْبَةَ ، عَنْ كُرَيْبٍ ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ : كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَفْلَجَ الثَّنِيَّتَيْنِ ، إِذَا تَكَلَّمَ رُئِيَ كَالنُّورِ يَخْرُجُ مِنْ بَيْنِ ثَنَايَاهُ

بامحاوره ترجمو : حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما چوي ٿو تہ رسول الله ﷺ جا اڳيان ڏند مبارڪ ڪجهہ وٿين سان جدا هئا ۽ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهائيندا هئا تہ اڳين ڏندن مبارڪن مان نور وانگر تجلي نڪرندي ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

مفردات جو شرح : "اَفْلَجَ" : ڪشادو هتي فلج فرقُ جي معنيٰ ۾ آيل آهي. "اَلثَّنِيَّتَيْنِ" : سامهون وارا ٻہ ڏند مبارڪ. "ثَنَايَا" : سامهون وارا ڏند مبارڪ.

سمجهاڻي : حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن جا ڏند مبارڪ جدا, کُليل هوندا هئا جڏهن گفتگو فرمائيندا هئا تہ ڏندن مبارڪن مان نور وانگر چمڪار نظر ايندا هئا.

حسي نور : علامہ ابراهيم بن محمد البيجوري المتوفي سن 1276 ھ لکيو آهي تہ "ويكون الخارج حينئذ نوراحسيا معجزة له" يعني اهو نڪرندڙ نور حسي اکين سان ڏسڻ ۾ اچڻ وارو هوندو هو ۽ اهو سندن معجزو هو. اهو نور اندر کان اچي ڏندن مبارڪن کان ظاهر ٿيندو هو. ۽ جنهن جو گمان آهي تہ ان مان مراد معنوي نور آهي سندن گفتگو کي نور سڏيو ويو آهي سو اهو ان جو بي سمجهہ هجڻ جي ڪري وهم آهي. ۽ ان حديث جي لفظ "رُءِيَ" کي سمجهيو ئي ناهي. حضرت علامہ علي قاري رحمه الله هي قول آندو آهي تہ "ڪالنور" ۾ "ڪ" زائده آهي. ڏسڻ ۾ ايندڙ نور وانگر نہ پر خود نور هو. ۽ علامہ مناوي رحمه الله بہ لکيو آهي تہ نور حسي هو معنوي چوڻ وارو "رءى" جي معنيٰ نہ سمجهيو آهي. ۽ شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ هن روايت جي هن سنَد ۾ جيڪا ترمذي هتي آندي آهي. قيل وقال آهي پر اها ساڳي حديث دارمي, طبراني ۽ ٻين بہ صحيح سند سان آندي آهي.

جانب جو جمال : مذڪوره احاديث جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو حسن ۽ جمال ڪائنات جي هر شيءِ کان نرالو هو جيئن پاڻ ذات ۾ هر مخلوق کان نرالا آهن تيئن صفات ۾ بہ نرالا آهن. علامہ نبهاني رحمه الله سيده حليمہ سعديہ رضي الله عنها حضور ڪريم ﷺ جي کير پيارڻ واري امان رضي الله عنها جو بيان لکيو آهي ان فرمايو تہ :" حضور ڪريم ﷺ جن کي کير پيارڻ جي لاءِ جڏهن

مان سيده آمنه رضي الله عنها (رسول الله ﷺ جي والده ماجده) جن جي گهر مبارڪ ۾ داخل ٿيس ته پاڻ ان وقت ننڍ ۾ هئا سندن حسن ۽ جمال جي ڪري مون ۾ جراءت نه ٿي ته مان کين سجاڳ ڪيان پر ان هوندي به سندن ڪشش جي ڪري مان ويجهو وڃي پنهنجو هٿ سندن سيني مبارڪ تي رکيو ته پاڻ کلي اکيون مبارڪ کولي مون ڏانهن نهاريائون ته سندن اکين پاڪن مان نور نڪتو جيڪو آسمان تائين پهتو. (الانوار المحمديه ص 19) حضرت ام سعيد ۽ حضرت حليمه سعديه رضي الله عنها فرمايو آهي ته "جيڪڏهن پاڻ خاموش هوندا هئا ته سندن وقار جي بلندي نظر ايندي هئي ۽ جيڪڏهن ڳالهائيندا هئا ته سندن ڪلام جو اعليٰ هجڻ محسوس ٿيندو هو پاڻ پري کان به نهايت سهڻا ۽ تازا نظر ايندا هئا. ۽ ويجهي پنڌ کان به گهڻو حسين ۽ جميل محسوس ٿيندا هئا. (المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 9)

علامه سمهودي رحمة الله عليه حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "مون رسول الله جن تي سلام چيو (۽ ڏٺم) ته سندن چهرو مبارڪ خوشيءَ مان چمڪي رهيو هو. ۽ پاڻ جڏهن به خوش ٿيندا هئا ته سندن منهن مبارڪ ائين چمڪندو هو جڻ ته اهو چنڊ جو ٽڪرو آهي."

ام المؤمنين سيده عائشه بنت الصديق رضي الله عنها فرمايو ته: رسول الله ﷺ جن سيني ماٿهن کان نهايت حسين ۽ نوراني رنگ وارا هئا. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه فرمايو ته: "رسول الله ﷺ جن جو پاڪ منهن مبارڪ (چوڏهين جي) چنڊ جي دائره وانگر نظر ايندو هو. حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه فرمايو ته: " رسول الله جن جو پاڇو نه هوندو هو. پاڻ جڏهن سج جي روشني ۾ بيهندا هئا ته سندن نور ۽ روشني سج جي روشنيءَ کان غالب هوندي هئي ۽ جيڪڏهن ڏيي جي روشنيءَ ۾ بيهندا هئا ته سندن روشني ان کان به غالب هوندي هئي." (الوفا ج 2 ص 406) ام المؤمنين سيده عائشه بنت الصديق رضي الله عنها فرمايو ته: "سندن پاڪ منهن تي پگهر ايندو هو ته اهي قطرا جڻ تازا موتي هوندا هئا ۽ سندن پگهر جي خوشبوءِ مشڪ وانگر هوندي هئي." اهڙيءَ طرح حضرت علي رضي الله عنه جو به فرمان آهي ته سندن هر ادا حُسن ۽ جمال جو پيڪر هوندي هئي. علامه احمد قسطلاني رحمة الله عليه لکيو آهي ته: "هيءَ ڳالهه قطعي ۽ يقيني آهي ته ايمان ڪامل رکڻ جي لاءِ هي عقيدو ضروري آهي ته سندن وجود اطهر کان وڌيڪ رب العزة جل وعلا ڪنهن کي سهڻو نه بڻايو آهي." (المواهب اللدنيه ج 1 ص 248)

مسلمانن تي واجب عقيدو: علامه ابنِ حجر مڪي رحمة الله عليه فرمايوته "اي مسلمان! تو تي واجب آهي ته تون هن اعتقاد کي حضور ڪريم ﷺ تي ايمان آڻڻ جي لاءِ لازم سمجهه ته الله جل جلاله جهڙو رسول الله ﷺ جن جي جسم مبارڪ کي حسين، جميل ۽ ڪامل بڻايو آهي اهڙو سندن تشريف آوري کان اڳي يا پوءِ ڪنهن کي به نه بڻايو آهي." (جواهر البحار ج 2 ص 79)

قرآن ڪريم جي مشهور مفسر علامه قُرطبي رحمة الله عليه فرمايو: اسان جي اڳيان حضور ڪريم ﷺ جو حسن ۽ جمال ڪامل طور ظاهر نه ڪيو ويو آهي جيڪڏهن سندن حسن ۽ جمال ڪامل طور ظاهر ڪيو وڃي ها ته اسان جون اکيون سندن ديدار جي طاقت نه رکن ها." (زرقاني علي المواهب ج 4 ص 71)

حضرت علامه شيخ محقق عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه لکيو آهي: "حضور ڪريم ﷺ جي حقيقي جمال باڪمال کي ڏسي اکيون انڌيون ٿي وڃن ها سندن جسم پاڪ چنڊ ۽ سج وانگر روشن هو جيڪڏهن پاڻ بشري لباس ۾ نه هجن ها ته سندن طرف نهارڻ ۽ سندن ڪامل حُسن جو ادراڪ

ممڪن نہ هو.“ (مدارج النبوة ج 1 ص 129) حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه فرمايو :”منهنجي والد شاهہ عبدالرحيم رحمة الله عليه کي خواب ۾ حضور ڪريم ﷺ جي زيارت ٿي ان کين عرض ڪيو تہ ”يا رسول الله! مصر جي عورتن حضرت يوسف (على نبينا وعليه والصلوٰة والسلام) کي ڏسي بيهوش ٿي هٿ وڍيا هئا. پر ڇا سبب جو اوهان جي ديدار ڪندڙن جي اها ڪيفيت نہ ٿي رهي..! ان جي جواب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :” منهنجي رب غيرت جي سببان (تہ ٻيو ڪو حقيقي ديدار نہ ڪري) منهنجو حسن ۽ جمال ماڻهن کان مخفي رکيو آهي جيڪڏهن اهو ڪما حقه ظاهر ٿئي ها تہ ماڻهن تي محويت، بيخودي ۽ بيهوشيءَ جو عالم ان کان وڌيڪ طاري ٿئي ها. جيڪو حضرت يوسف (على نبينا وعليه والصلوٰة والسلام) تي طاري ٿيو هو. (الدر الثمين ص 70)

شيخ ابو محمد عبدالجليل القصري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلواة والسلام ۽ ٻين حسينن جو حسن سندن حسن جي خيرات آهي. جيڪڏهن الله جل جلاله سندن حسن ۽ جمال کي هيبت ۽ وقار جي پردن سان ڍڪي نہ ڇڏي ها تہ هي دنياوي اکيون سندن مشاهدو نہ ڪري سگهن ها. (مطالع المسرات ص 394) حضرت علامہ يوسف نبهاني رحمة الله عليه لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جي وصال کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه حضرت اويس قرني رضي الله عنه سان ملاقات جي لاءِ ان جي ڳوٺ ”قرن“ پهتا ۽ ان کي حضور ڪريم ﷺ جو فرمان ٻڌايائون. گفتگو جي دؤران حضرت اويس قرني رضي الله عنه حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه کان پڇيو تہ ڇا اوهان ڪڏهن رسول الله ﷺ جو حقيقي ديدار ڪيو آهي؟ انهن فرمايو تہ ها. حضرت اويس رضي الله عنه کين مرڪندي چيو: اوهان تہ حضور ڪريم ﷺ جي حسن جي صرف هڪ جهلڪ ڏٺي آهي. (جواهر البحار ج 3 ص 15) حضرت شيخ عبدالعزيز دباغ رحمة الله عليه فرمايو تہ جيڪڏهن سندن ڪامل نور کي عرش عظيم تي ظاهر ڪيو وڃي ها تہ اهو ڳـهرجي وڃي ها اهڙيءَ طرح جيڪڏهن سموري مخلوقات کي گڏ ڪري انهن تي سندن نور اقدس ظاهر ڪيو وڃي ها تہ اهي حيرت ۾ اچي عقل وڃائي ويهن ها. (الابريز ص 272)

سوال : آخر ائين ڇو ٿيو؟

جواب : حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه ان جي متعلق نشاندهي ڪندي فرمايو تہ ”اڳيان سمورا انبياء عليهم السلام الله جل جلاله جي ذاتي اسماء جي فيض جو جلوو آهن ۽ اولياءِ ڪرام صفاتي اسماء جو ۽ ٻي سموري مخلوقات صفاتِ فعليہ جو جلوو آهن. ۽ سيد الانبياء عليهم الصلوٰة والسلام جن بلا واسطہ حق جي ذات جي فيض جو جلوو آهن ۽ صرف سندن ئي ذات ۾ الله جل جلاله جي شان جو بذات ظهور آهي. (مدارج النبوة ج 2 ص 209) علامہ قسطلاني رحمة الله عليه فرمايو : جڏهن الله جل جلاله حضور ڪريم ﷺ جي ذات اقدس ۽ سندن اعليٰ شان جي پيدا ڪرڻ جو ارادو فرمايو تہ ان ذات اقدس جي انوار صمديت مان ڪنهن واسطي کان سواءِ محمدي حقيقت کي ظاهر فرمايو ۽ پوءِ ان جي فيض مان سمورن هيٺين ۽ مٿين جهانن جا علوم پيدا فرمايا. (المواهب اللدنيہ ج 1 ص 5) علامہ فاسي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي مخاطب ٿي فرمايو: ” يَا اَبَا بَكْرٍ وَالَّذِیْ بَعَثَنِیْ بِالْحَقِّ لَمْ يَعْرِفْنِیْ حَقِيْقَةً غَيْرُ رَبِّیْ.“ يعني اي ابا بڪر! ان ذات جو قسم آهي جنهن مون کي حق سان موڪليو آهي تہ منهنجي رب کان سواءِ ڪير بہ منهن جي حقيقت کي نہ ٿو سڃاڻي.“ (مطالع المسرات ص 129)

صحابہ جو عقيدو

حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه سيدنا رسول الله ﷺ جي حسن کي بيان ڪندي هيئن فرمايو آهي:

وَاَحْسَنُ مِنْکَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيْنِيْ
وَاَجْمَلُ مِنْکَ لَمْ تَلِدِ النِّسَآءَ

يعني: اوهان کان وڌيڪ سهڻو منهنجي اک ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي ۽ اوهان کان وڌيڪ جمال وارو عورتن ڄڻيو ئي ناهي.

خُلِقْتَ مُبَرَّاً مِنْ کُلِّ عَيْبٍ
کَاَنَّکَ قَدْ خُلِقْتَ کَمَا تَشَآءَ

يعني اوهان هر عيب کان پاڪ ڪري پيدا ڪيا ويا آهيو ڄڻ تہ اوهان جيئن گهريو ٿي تيئن پيدا ڪيا ويا آهيو. (ديوان حسان بن ثابت ص10) سيدنا رسول الله ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضي الله عنه فرمايو:

وَاَنْتَ لَمَّا وُلِدْتَ اَشْرَقَتِ الْاَرْضُ
بِنُوْرِکَ وَضَاءَتِ الْاُفُقُ

يعني اوهان جڏهن ڄاوا هئا تہ زمين اوهان جي نور سان چمڪي ۽ دنيا جا پاسا روشن ٿيا هئا. (نشر الطيب ص 10 ارشاد القاري ص 173)

سوال: حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو حسن ايترو دلين کي ڇڪيندڙ هو جو ان کي ڏسي ان تي عورتون مست ٿي پونديون هيون ان جي ڪري پاڻ برقعہ ڍڪي هلندو هو. حضور ڪريم ﷺ جي حسن جي ڪيفيت اهڙي نقل ڪيل ناهي؟

جواب: حُسن جا ٻہ قسم آهن. [1] هڪ اهو جو ڏسڻ واري کي هڪدم گرويده بنائي ڇڏي پر ان جي ملڻ جلڻ سان آهستي آهستي ان جو اثر گهٽجڻ لڳي. حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو حسن ان قسم جو هو. چنانچہ جن عورتن جي نظر مٿن اوچتو پئي انهن تہ پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا پر بيبي زليخا پنهنجا هٿ نہ وڍيا هئا ڇوتہ اها ميل جول جي ڪري ان جلون کي برداشت ڪري چڪي هئي. [2] ٻيو قسم حسن جو هي آهي تہ ڪنهن عارض جي ڪري اهو ڏسندڙن تي هڪدم ظاهر نہ ٿيندو آهي مگر جيئن جيئن ميل جول وڌندو آهي تيئن اهو ظاهر ٿيندو ويندو آهي. جيئن عربي ۾ هڪ شعر آهي.

"يَزِيْدُکَ وَجْهُه حُسْنًا اِذَا مَازِدْتَه نَظَرًا "

(توکي ان جو منهن حسن ۾ وڌندو نظر ايندو جڏهن تون ان ڏانهن نظر وڌائيندو رهندين.)

حضور ڪريم ﷺ جن جي حسن سان گڏ رعب بہ هوندو هو جو ڪير. سندن چهري پاڪ ڏانهن چتائي نهاري نہ سگهندو هو. ان جي ڪري سندن حسن فورًا ظاهر نہ ٿيندو هو. (ارشاد القاري ص 171)

حضرت ڪعب بن زهير رضي الله عنه فرمايو:

اِنَّ الرَّسُوْلَ لَنُوْرٌ يُّسْتَضَاءُ بِه
مُهَنَّدٌ مِّنْ سُيُوْفِ اللهِ مَسْلُوْلُ (قصيده بانت سعاد ص .....)

يعني بيشڪ رسول ﷺ الله جو نور آهي جنهن مان روشني حاصل ڪئي وڃي ٿي الله جي تلوارن مان ظاهر ڪيل چمڪندڙ تلوار آهي.)

حضرت ابوهريره ﷛ فرمايو ته "مَا رَاَيْتُ شَيْئًا اَحْسَنَ مِنَ رَّسُوْلِ اللهِ" ﷺ. مون ڪابه شيءِ رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ سهڻي نه ڏٺي. حضرت ابو هريره ﷛ جي فرمان ۾ "ڪابه شيءِ" آهي ڪو انسان يا مرد مذڪور ناهي جنهن مان ثابت ٿيو ته سندن حسن ۽ سونهن هر شيءِ کان مٿي آهي ۽ هڪ روايت ۾ ان فرمايو ته: سندن چهرو مبارڪ اهڙو چمڪندڙ ۽ روشن هو گويا سج سندن منهن مبارڪ ۾ هلي رهيو آهي." بيهقي ابو اسحاق ﷬ کان روايت آندي آهي ته "همدان قبيلي جي هڪ عورت مون کي ٻڌايو ته مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ حج ڪيو آهي. "مون ان کي چيو ته"سندن منهن مبارڪ جي ڪيفيت ته مون کي ٻڌاءِ؟ ان چيو ته"چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر هئا مون ان جهڙو نه اڳي ڏٺو نه پوءِ." (مدارج النبوة ج 1 ص 12.11) علامه شرف الدين بوصيري ﷬ سرڪار دو عالم ﷺ جن جي ظاهري ۽ باطني ڪمال کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

فَهُوَ الَّذِیْ تَمَّ مَعْنَاهُ وَصُوْرَتُهٗ
ثُمَّ اصْطَفَاهُ حَبِيْبًا بَارِئُ النَّسَمِ

يعني حضور ڪريم ﷺ جن اهڙا شاندار نبي آهن جنهن جي سيرت ۽ صورت اهڙي ڪامل ٿي جو ان کان پوءِ ڪين هر شيءِ جي پيدا ڪندڙ پنهنجو حبيب ڪيو آهي.

مُنَزَّهٌ عَنْ شَرِيْكٍ فِیْ مَحَاسِنِهٖ
فَجَوْهَرُ الْحُسْنِ فِيْهِ غَيْرُ مُنْقَسِمٖ

يعني حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي خوبين ۾ شريڪ کان پاڪ آهن. جيڪو سندن حسن جو جوهر آهي. اهو تقسيم ٿيندڙ ناهي. مطلب ته پاڻ حسن ۾ بي مثال آهن. علامه ذوالفقار علي ديوبندي هن شعر جي شرح ۾ لکيو آهي ته :"حضور ڪريم ﷺ جن ان عيب کان پاڪ آهن جو سندن خوبين ۾ ڪو بالذات سندن شريڪ هجي بلڪ ٻين جون سڀ خوبيون سندن خوبين جو پاڇو آهن ڇو ته اهي ڪائنات ئي مستفاد آهن. هي ان حديث ڏانهن اشارو آهي جيڪا حضرت جابر ﷛ کان روايت ڪيل آهي. ان حضور ڪريم ﷺ کان پڇيو هو ته پهرين مخلوق ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "الله تعالیٰ پهريان تنهنجي نبي (ﷺ) جي نور کي پنهنجي نور پيدا فرمايو پوءِ ان کي وسعت ڏني ۽ ان (جي فيض) مان لوح، قلم، عرش، ڪرسي، ملڪ ۽ ملڪوت، عالم ۽ آدم (علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام) کي پيدا فرمايو." ۽ جوهر لفظ آڻڻ ۾ هن طرف هي لطيف اشارو آهي ته "سندن جي حقيقت نه ورهائجڻ ۾ جوهر فرد وانگر آهي. ورهائجڻ کي قبول ڪندڙ ناهي ڇو ته جيڪا حسن جي حقيقت ڪين حاصل آهي ان جا حصا ۽ بعض نه ڪيا ويا بلڪ اها پوري جي پوري ۽ ڪامل اولاً بالذات سندن ئي ذات شريف ۾ منحصر آهي ۽ ٻين تي ان جو پاڇو صرف هڪ جهلڪ آهي.

(عطر الورده ص 24)

عارف باالله سيد عبداللطيف ڀٽائي ﷬ حضور ڪريم ﷺ جي حسن کي بيان ڪندي فرمايو:

ساهـڙ جـا سينگار اڻ لکيا اڳـي هـئا
نـڪا "كُنْ فَيَكُوْنُ" هئي نڪا ٻـي پـچار
مَـلَكِنِئَا مهد هئي توڏي جـي تنوار
محبت ساڻ ميهار, لايائين لطيف چئي

—

چوڏهين چنڊ اپرين سهسين ڪرين سينگار
پلڪ پريان جي نـ پڙين جي حيلا ڪرين هزار
جهڙو تـون سڀ ڄمار تهڙو دم دوست جو

—

سهسين سِجن اُبري, چَوراسي چَـنڊن
باالله ريءَ پـريـن, سڀ اونداهي پانـئيـان

—

چنڊ تنهنجي ذات, پاڙيان نـ پرين سان
تـون اڇـو م رات, سڄڻ نت سوجهرو

—

چنڊ چـوان حق جي وڙهين جـي وچرين
ٻـ اکيون ٽيون نڪ, تو م ناهِ پرين جِهو

—

ڪٽي نيڻ خمار سان, جان ڪيائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون ڪوماڻو قـمر
تـارا ڪتيون تائب ٿيا ديکيندي دلـبر
جهڪو ٿيو جوهر, جانب جي جمال سين

—

اونـداهي اڌ رات م پـريـن پسايـو پاڻ
چـنـڊ ڪـتـيـن سـاڻ, پـيـهـي ويـو پـڙلاءِ م

(شاهه جو رسالو سر ڪنيات وغيره)

اهل السنة والجماعت جي برگزيده عالم, اعليٰ حضرت مجددِ دين و ملت الشاهه امام احمد رضا خان محدث بريلوي رحمه الله فرمايو:

تیرے ہی ماتھے رہا اے جان سہرا نور کا
بخت جاگا نور کا چمکا ستارا نور کا

—

بنی پر نور پر چمکا، رخشاں نور کا
ہے لواء الحمد پر اڑتا پھریرا نور کا

—

تُو ہے سایہ نور کا ہر عضو ٹکڑا نور کا
سایہ کا سایہ نہ ہوتا ہے نہ سایہ نور کا

—

تیری نسل پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا
تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانہ نور کا

(حدائقِ بخشش)

سنڌ سھڻيءَ جي نامور شخصيت علامہ مخدوم عبدالغفور هُمايوني رحمه الله سرڪارِ دوعالم ﷺ جي شان ۾ هي سھڻو شعر چيو آهي.

تنھنجي زُلف جي بَند ڪمند وِڌا، زندان هزارين مان نہ رُڳو
ڇا جِنَ ملائڪ حُور پَري، غِلمان هزارين مان نہ رُڳو

—

تنھنجي جَلوه جمال جي عِشوه گري، ڪيا ملڪ مطيع وسيع وري
ڪئين ابرو تيغ شھيد ڪيا، ڪئين ناز مَزيد مُريد ڪيا
رِي ناٽي ديد خريد ڪيا، سلطان هزارين مان نہ رُڳو

—

اي ماهِ لقا محبوب مِنا، تنھنجي ناز وادا تان جان فِدا
ٿيا دامن گير اِمير، گدا، حيران هزارين مان نہ رُڳو

—

ڪئين گھايل تنھنجي گُھور سَندا، مَخمور غَفور سُرور سَندا
تنھنجي نُور همئور ظھور سَندا، نگران هزارين مان نہ رُڳو

(سيفِ هُمايوني ص 14)

عاجز الفقير الي الله المغيث محمد ادريس الداهري شمائل جي سنڌي زبان ۾ شارح سرڪارِ دوعالم ﷺ جن جي خدمت ۾ هن طرح عرض ڪيو آهي.

نعت شريف (1)

ٿلهہ : نہ ٿيو آهي نہ ڪو ٿيندو منھنجا منٺار تو جھڙو
ساري دنيا جي سھڻن ۾ نہ آ سردار تو جھڙو

—

بنايو بي مثل محبوب توکي آ متي مالڪ
تون آهين نور نرمل ڪونہ آ ننگدار تو جهڙو

—

جنين ڪئي تي بُرائي تن سان تو بيحد ڀلائي ڪئي
گُهرين دشمن جي لئہ دعائـون نہ آ دلدار تـو جهڙو

—

سـوا لک انبيائن ۾ نـرالـي ذات تنهنجـي آ
پيارا سـڀ بلاشڪ پـر نہ آ پڳدار تـو جـهڙو

—

سخي آهين، نہ سائل کي ڪڏهن محبوب موٽائين
نہ تـي سگهندو سخـي حاتم يتيمن يار تـو جهڙو

—

جهلي جهولي اچـي "ادريس" دلبر تنهنجـي در بينو
تون لاهج "ڏاهريءَ" جـا ڏک نہ آ غمخوار تو جهڙو

نعت شريف (2)

ٽلهہ: منهنجي محبوب جو مَٿُ مِثل ڪونہ آ جي نہ ٿئي پڪ پلا
پيش ڪر پيش ڪر
سهڻي ننگدار نرمل نبي الهديٰ جهڙو بيو مصطفيٰ پيش ڪر پيش ڪر

—

شان سهڻي جو ڏِس کولي قرآن ۾، هر سورة لٿل آ سندس شان ۾
ڪنهن جي چهري مبارڪ جي تعريف ۾ آ لٿي والضحيٰ
پيش ڪر پيش ڪر

اهڙو دنيا تي بيو ڪونہ انسان آ، ٿي جنهن جي حُسن تي خلق حيران آ
پُڄي يوسف نہ سگهندو منهنجي پرينءَ سان، اهڙو ماهِ لقا
پيش ڪر پيش ڪر

ٿي جُهڪي وڻن سجدا ڪيا جنهن اڳيان ٿي پڄي جانور سار پيا جنهن اڳيان
جنهن جي صدقي ٿين مُعاف مشڪل منا، اهڙو مُشڪل ڪشا
پيش ڪر پيش ڪر

هي سوا لک نبين جو سرتاج آ، ماڻيو محبوب جيئن ڪنهن نہ معراج آ

آسجي خلق مان جنهن کي خالق گُھريو اهڙو خير الوريٰ
پيش ڪر پيش ڪر

جي گھري دعا تہ بادل پيا پرجي اچن، جنهن جي صدقي عذابن کان عاصي بچن
جي چوين ٿو تہ تو جھڙو آهي نبي، تون بہ اهڙي دعا
پيش ڪر پيش ڪر

ڪري جنهن جو ذڪر عرش تي خود خدا، تيون حُورون فرشتا جنهين تان فِدا
جنهن جي نظرِ ڪرم ساڻ امت مٿان، ٿي دفع هر بلا،
پيش ڪر پيش ڪر

جڏهن سائل ٿي سرڪار جي در اڳيان، سهڻي محبوب ماهِ منور اڳيان
تو ڪيان عرض "ادريس"، چئي تو پرين، ڇا ڪپئي اي گدا
پيش ڪر پيش ڪر

هيءَ حديث بين محدثن آندي آهي : [1] الدارمي في سننه في المقدمة باب 10 في حسن النبي ﷺ رقم الحديث 58 ج 1 ص 44 [2] البيهقي في الدلائل ج 1 ص 215 الطبراني في الاوسط كما في مجمع الزوائد ج 8 ص 279

باب ٻيو

بَابُ مَا جَاءَ فِي خَاتِمِ النُّبُوَّةِ

مُهرِ نبوة جو بيان

سمجهاڻي : "خاتَم" (ت جي زبر ۽ زير سان ۽ زير سان پڙهڻ گهڻو مشهور ۽ وڌيڪ فصيح آهي ۽ ان جي "النبوة" ڏي اضافت ان جي ڪري ڪئي وئي آهي جو اها سندن نبوت جي نشانين مان آهي محدث ترمذي رحمہ اللہ ان کي جدا باب ۾ ٻن سببن جي ڪري ذڪر ڪيو آهي. حالانڪ اها بہ نبي ڪريم ﷺ جي خِلقت مبارڪ جو حصو آهي. هڪ ان جي شان جي اهتمام جي ڪري ۽ ٻيو ان جي ڪري جو اها معجزه هجڻ جي ڪري ممتاز حيثيت رکي ٿي ۽ اها ان ڳالهہ جو بہ دليل آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ئي اهي نبي آهن جن جو آخري زماني ۾ اچڻ جو وعدو ڪيل هو. هن باب ۾ اٺ حديثون مذڪور آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 80)

علامہ علي قاري رحمہ اللہ لکيو آهي تہ "هن باب ۾ نبوت جي مُهر جو رنگ، مقدار، ان جي جاءِ جو تعين تہ ڪهڙي جاءِ تي هئي بيان ڪيل آهي ۽ اها محبوب ﷺ جي نبوت جي انهن نشانين مان آهي جنهن کي اهلِ ڪتاب بہ سڃاڻندا هئا ۽ خاتم ان ٺپي جو نالو آهي جنهن سان مهر هنئي ويندي آهي ۽ مراد اهو نشان ۽ اثر آهي جيڪو ٺپي هڻڻ سان حاصل ٿيندو آهي ۽ ٻيو لفظ "الختام" بہ استعمال ٿيندو آهي جيئن قرآن مجيد ۾ آيو آهي "خِتَامُه مِسۡكٌ" ۽ هڪ قول مطابق ان مان مُراد پڇاڙي آهي چوتہ ان جي آخر ۾ مشڪ جي خوشبوءِ محسوس ڪندا هئا ۽ اها ان جي ڪري هنئي وئي آهي جو خبر پوي تہ حضور ڪريم ﷺ جن تي نبوت ختم ٿي ان کان پوءِ ڪنهن لاءِ بہ ان جي دعويٰ ڪرڻ جائز ناهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 56) محدث ڪانڌلوي صاحب لکيو آهي تہ هي مضمون حضور ڪريم ﷺ جي حليہ شريف جي اندر هجڻ جي ڪري پهرئين باب جوجزء هجڻ گهرجي پر شدت اهتمام ۽ نبوت جي نشاني هجڻ جي ڪري جدا ذڪر ڪيو ويو آهي. نبوت جي مُهر حضور ڪريم ﷺ جن جي مٿان ڄمڻ وقت ئي هئي. جيئن فتح الباري ۾ يعقوب بن حسن جي روايت سان ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي اللہ عنها کان روايت آندل آهي ۽ جڏهن حضور ڪريم ﷺ جي ظاهري وفات ۾ ڪجهہ اصحابن رضي الله عنهم کي شڪ ٿيو تہ حضرت بيبي اسماء رضي اللہ عنها مُهر نبوت جي لڪي وڃڻ سان سندن وصال تي دليل ورتو. ان وقت اها مخفي ٿي وئي هئي. (خصائل نبوي ص 21, فضائل النبي شرح الشمائل ص 23)

{16} حَدَّثَنَا أَبُو رَجَاءٍ قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ حَدَّثَنَا حَاتِمُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ ، عَنِ الْجَعْدِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ سَمِعْتُ السَّائِبَ بْنَ يَزِيدَ يَقُولُ ذَهَبَتْ بِي خَالَتِي إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَتْ يَا رَسُولَ اللهِ ، إِنَّ ابْنَ أُخْتِي وَجِعٌ فَمَسَحَ رَأْسِي وَدَعَا لِي بِالْبَرَكَةِ ، وَتَوَضَّأَ ، فَشَرِبْتُ مِنْ وَضُوئِهِ ، وَقُمْتُ خَلْفَ ظَهْرِهِ ، فَنَظَرْتُ إِلَى الْخَاتَمِ

بَيْنَ كَتِفَيْهِ، فَإِذَا هُوَ مِثْلُ زِرِّ الْحَجَلَةِ

بامحاوره ترجمو: حضرت سائب بن يزيد ﷺ چوي ٿو منهنجي ماسي مون کي رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ وٺي وئي ۽ عرض ڪيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! هي منهنجو ڀاڻيجو بيمار آهي. ان تي رسول الله ﷺ منهنجي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ مون لاءِ برڪت جي دعا ڪئي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وضو ڪيو ۽ مون سندن وضوءَ جي پاڻيءَ مان پيتو ۽ نبي ڪريم ﷺ جي پُٺيان ٽي بيٺس پوءِ "مُهر نبوت" ڏٺم. جيڪا ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ هئي. اها مهاري يا مڇرداني جي ڳنڍ وانگر هئي.

مفردات جو شرح: "ذَهَبَتْ بِيْ خَالَتِيْ: هن ۾ آيل "ب" حرف متعدي ڪرڻ جي لاءِ آيل آهي. "خالتِي": خالة جي معنيٰ ماسي. والده جي ڀيڻ. ابنِ حجر عسقلاني رحمه الله فرمايو تہ ان جي ماسيءَ جي نالي ڪان مان واقف نہ ٿي سگهيو آهيان. باقي ان جي والده جو نالو عُلَيَة بنت شريح آهي. "وَجِعٌ": (واو جي زبر ۽ جيم جي زير سان) هي لفظ هر مرض جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. اها بيماري ان جي پيرن ۾ هئي. پر رسول الله ﷺ جن جي طرفان ان جي مٿي کي هٿ مبارڪ لڳائڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ اها بيماري ان جي مٿي ۾ هئي ۽ ان ڪان ڪو مانع ناهي تہ اها بيماري ان جي مٿي ۽ پيرن ٻنهي ۾ هجي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن هٿ لڳائڻ لاءِ مٿي کي ان جي ڪري اختيار فرمايو جو اهو اهم هو. ڇوتہ مٿي ۽ دماغ تي ئي بقاء ۽ صحت ۽ بدن جي ميزان جو مدار آهي ۽ پيرن جو معاملو اهڙي طرح ناهي. "وَضُوئِهِ": (واو جي زبر سان) اهو پاڻي جنهن مان وضو ڪيو ويندو آهي. علامہ ابن حجر رحمه الله فرمايو تہ "ان مان مراد يا وضو لاءِ تيار ڪيل پاڻي آهي، يا ان مان بچيل پاڻي يا استعمال ڪيل پاڻي. ۽ مناسب آهي تہ "بچيل پاڻي مراد وٺجي ۽ وضوءَ لاءِ تيار ڪيل پاڻيءَ مراد وٺڻ صحيح ناهي جو ان ۾ بي ادبي آهي ۽ تعقيب واري فا "فَشَرِبْتُ مِنْ وَّضُوئِهِ" ۾ آيل بہ ان مراد ڪان پري ٿي رکيءَ وضو ڪرڻ مهل عضون تان ڪرندڙ پاڻي مراد وٺڻ ظاهر آهي. ميرڪ ۽ بيضاوي جو اهو قول آهي ڇوتہ ان ۾ برڪت وٺڻ ۽ برڪت حاصل ڪرڻ وڌيڪ ظاهر آهي. "زِرِّ الْحُجَلَةِ": ("زر" ز جي زبر ۽ ر جي شد سان) هن جو جمع اَزرَارُ آهي زِر ان ڳنڍ کي چئبو آهي جيڪا ٽنبن جي رسين ۾ ڏني ويندي آهي. "الحَجَلَةُ": (حا ۽ جيم جي زبر سان) هي ان ننڍي تنبوءَ کي چيو ويندو آهي جيڪو تخت جي مٿان لڳايو ويندو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 81، 83) ۽ علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "زِرِّ الحُجَلَةِ " جي معنيٰ آهي بدڪ جو آنو. ۽ ڪجهہ علماء لکيو آهي تہ "حجلَةُ" ان گهر کي بہ چوندا آهن جيڪو ڪنوار جي لاءِ شادي وقت ناهيو ويندو آهي ۽ ان جي مٿان پردا لٽڪايا ويندا آهن. (جمع الوسائل ج 1 ص 59، انوار غوثيہ ص 38) ۽ ڪجهہ شارحن "زِرِّ الحُجَلَةِ " مان مراد مڇردانيءَ جي ڳنڍ ورتي آهي. (فضائل النبي ص 23)

سمجهاڻي: حضرت سيدنا سائب ﷺ کي سندس والده جي ڀيڻ (يعني ماسي) حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ وٺي وڃي عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ! هي منهنجو ڀاڻيجو بيمار آهي ان تي نظر ڪرم فرمايو ۽ ان لاءِ دعا فرمايو تہ الله ﷻ ان کي صحت عطا فرمائي." حضور ڪريم ﷺ جن ان جي مٿي تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيرايو تہ شفاياب ٿي ويو. بيهقي روايت ڪئي آهي تہ حضرت سائب ﷺ تي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي هٿ ڦيرائڻ جو اهڙو اثر پيو جو "لَمْ يَزَلْ اَسْوَدَ مَعَ شَيْبِ مَا سِوَىٰ رَاسِه" يعني ان جي مٿي جا اهي وار ڪارا رهيا حالانڪ ٻيا سندس وار اڇا ٿي ويا هئا.

فائدو: هن روايت مان معلوم ٿيو ته سنت آهي ته مريض جي درد واري جاءِ تي هٿ رکي دعا ڪجي يا پڙهجي ۽ ٻين حديثن ۾ به آيو آهي ته "صحابه ڪرام عليهم الرضوان حضور ڪريم ﷺ جن کي درد واري جاءِ ٻڌائيندا هئا ته پاڻ اتي هٿ رکي دعا ڪندا هئا ۽ اهي صحتياب ٿي ويندا هئا. سائب ﷛ جو قول ته "حضور ڪريم ﷺ جن مون لاءِ برڪت جي دعا فرمائي." هن مان ثابت ٿيو ته مريض جي لاءِ برڪت جي دعا ڪرڻ به سنت آهي ۽ برڪت مان مراد آهي ڪنهن شيءِ ۾ الاهي خير ۽ ڀلائيءَ جو ثبوت ۽ هتي برڪت مان مراد اقرب قول مطابق عمر ۽ صحت ۾ برڪت آهي ان جو اثر اهو هو جو حضرت سائب 94 سالن جي عمر کي پهتو هو تڏهن به قوي ۽ سڌي قد وارو هو. راوي روايت ڪري ٿو ته "مون کي حضرت سائب ﷛ فرمايو ته "مون کي يقين آهي ته مون جيڪو اکين کان ڏسڻ جو ۽ ڪنن کان ٻڌڻ جو فائدو ورتو آهي اهو رسول الله ﷺ جي دعا جي برڪت جو اثر آهي ۽ هن روايت مان اهو به معلوم ٿيو ته حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي امت تي نهايت شفيق هئا خاص ڪري ننڍن، نوجوانن تي ۽ پاڻ وڏائي ۽ غرور کان پاڪ هئا. حضرت سائب ﷛ کان اها به روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن مون لاءِ فرمايو "بَارَكَ اللّٰهُ فِيكَ" (الله ﷻ تو ۾ برڪتون وجهي) حضور ڪريم ﷺ جن وضو فرمايو. ان مان مراد يا وضو وارا عضوا ڌوئڻ آهي يا ان مان مراد هميشه وانگر معمول وارو وضو هو يا خاص ان جي فائدي وٺڻ ۽ حاجت پوري ڪرڻ جي لاءِ وضو فرمايو هئائون.

فائدو: هن روايت مان معلوم ٿيو ته جيئن حضور ڪريم ﷺ جا فضلات پيشاب وغيره پليد نه هئا پاڪ هئا تيئن سندن وضو ۾ استعمال ڪيل پاڻي به پاڪ آهي تڏهن حضرت سائب ﷛ کي پيئڻ ڏنائون. منع نه ڪيائون بلڪ وضو ڪيو ئي ان جي پيئڻ جي لاءِ هيائون. (جمع الوسائل وشرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 57، 58، المواهب شرح الشمائل ص 82، خصائل نبويه ص 23) "مان سندن پٺيءَ جي پويان بيٺس" اهو بيهڻ يا اتفاقي طور هو ياخاص نبوت جي مُهر ڏسڻ لاءِ. ان ۾ به قول آهن. "پوءِ مون سندن ٻن ڪلهن پاڪن جي وچ تي نبوت جي مُهر ڏانهن نهاريو اهي يا ته پاڻهي کُلي پيا هئا يا خاص حضرت سيدنا سائب جي ڏسڻ جي لاءِ کوليائون. ڪين اهو ڪشف ٿيو ته حضرت سائب ﷛ نبوت جي مُهر ڏسڻ گهري ٿو. علامه مناوي ﷫ قُرطبي ﷫ جي حوالي سان لکيو آهي ته اهو متفق قول آهي ته نبوت جي مهر حضور ڪريم ﷺ جن جي کاٻي ڪلهي مبارڪ جي پر ۾ هئي جيڪا ڪلهي پاڪ کُلڻ وقت ظاهر نظر ايندي هئي. ڳاڙهي رنگ جي هوندي هئي، ۽ کاٻي پاسي ڏانهن ان جي ڪري هئي جو دل به کاٻي پاسي هوندي آهي.

سوال : مُهر ڪڏهن لڳائي وئي؟ : ان ۾ چار قول آهن.. (1) مُهر لڳل ئي ڄاوا هئا. (2) ڄمڻ وقت لڳائي وئي. (3) ننڍي عمر ۾ جڏهن سندن پاڪ سينو چيريو ويو هو. (4) جڏهن نبوت جي اظهار ۽ اعلان جو حڪم ٿيو هو. ۽ المستدرڪ ۾ حاڪم حضرت وهب ﷛ کان روايت آندي آهي ته الله ﷻ حضور ڪريم ﷺ جن کان سواءِ ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي نبوت جو شان انهن جي ساڄي هٿ ۾ رکيو هو. پر اسان جي نبي ﷺ جن جي نبوت جي مُهر سندن ٻن ڪلهن جي وچ ۾ قلب جي سامهون رکي وئي. اها سندن خصوصيت آهي ۽ علامه جلال الدين سيوطي ﷫ "خصائص ڪبريٰ" ۾ به ان کي پڪي ڳالهه قرار ڏنو آهي. (المناوي شرح الشمائل علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 58) علامه علي قاري لکيو آهي ته "نبوت

جي مهر جي مٿان ٽورڙا وار هوندا هئا. ۽ حڪيم ترمذي آندو آهي تہ "ان جي اندرئين حصي ۾ لکيل هو "اَللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ" ۽ ظاهر ۾ لکيل هو "تَوَجَّهْ حَيْثُ كُنْتَ فَاِنَّكَ مَنْصُوْرٌ" (جنهن طرف متوجهہ ٿيو هليا وڃو اوهان کٿي بہ هوندؤ مدد ڪيل آهيو) ۽ ابنِ عابد رحمۃ اللہ علیہ فرمايو تہ اها مُهر نور هئي چمڪندي هئي.
(جمع الوسائل ج 1 ص 59)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: (1) البخاري في كتاب الدعوات باب 31 الدعاء للصبيان بالبركة ومسح رؤسهم رقم الحديث 6352 ج 11 ص 150 و في كتاب الوضوء باب 40 استعمال فضل وضوء الناس رقم الحديث 190 ج 1 ص 296 (2) النسائي في سننه الكبرىٰ في كتاب الطب باب 26 الذهاب بالصبي المريض فيدعوله رقم الحديث 7518 ج 4 ص 361 (3) الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 6680, 6682 ج 7 ص 185, 186 (4) البيهقي في الدلائل رقم الحديث 178 ج 1 ص 154 (5) وفي شرح السنة رقم الحديث 3632.

{17} حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ يَعْقُوبَ الطَّالْقَانِيُّ قَالَ حَدَّثَنَا أَيُّوبُ بْنُ جَابِرٍ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ، عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ رَأَيْتُ الْخَاتَمَ بَيْنَ كَتِفَيْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ غُدَّةً حَمْرَاءَ مِثْلَ بَيْضَةِ الْحَمَامَةِ

بامحاوره ترجمو : حضرت جابر بن سمره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ "مُهر نبوت" ڏٺي جو گوشت جو ٽڪرو مٿي اپريل ڪبوتر جي آني وانگر هو.

مفردات جو شرح : "غُدَّةٌ" : ٻگوڙهي. "حَمْرَاءُ" : ڳاڙهي. "بَيْضَةٌ" : آنو "اَلْحَمَامَةُ" : ڪبوتر.

سمجهاڻي : هن روايت ۾ حضرت سيدنا جابر بن سمره رضي الله عنه حضرت نبي ڪريم ﷺ جي نبوت واري مُهر جو وزن ۽ رنگ بيان ڪيو آهي تہ اها سندن مبارڪ ۽ مقدس جسم جي مٿان ٻگوڙهي، گوشت جو اپريل ۽ پڪو ٽڪرو هئي جو هلائڻ سان هلي ۽ چڏي ڏيڻ سان بيهي رهي ۽ ڪبوتر جي آني جيتري هئي.

مهر نبوت جو مقدار ۽ رنگ : علماء ڪرام فرمايو تہ نبوت جي مهر جي مقدار ۽ رنگ جي متعلق روايتون مختلف آهن ۽ هن طرح تطبيق ڏني آهي تہ اها مُهر گهٽ وڌ ٿيندي رهندي هئي ۽ ان جا رنگ بہ مختلف ٿيندا رهندا هئا. ان جي ٻي تطبيق هن طرح بہ آهي تہ "حقيقت ۾ اهي سڀ تشبيهات آهن ۽ هر شخص جي تشبيہ ان جي ذهن جي موافق هوندي آهي جيڪا تقريبي چئي ويندي آهي ۽ تقريبي حالات ۾ اختلاف جي ڪري ڪومشڪل پيدا نہ ٿيندو آهي. ڪجهہ علماء وٽ هي تطبيق زياده مناسب آهي. (خصائل نبوي ص 23) علامہ قاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ ڳاڙهي مان ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هجڻ آهي چوتہ مسلم شريف جي روايت ۾ آهي تہ "مُهر نبوت" سندن جسم مبارڪ جي رنگ جهڙي هئي ۽ سندن پاڪ جسم جو رنگ سفيد، ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هو. علامہ مناوي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ. ان ۾ ان روايت جي ترديد اچي وئي جنهن ۾ آيو آهي تہ ان مُهرِ نبوت جو رنگ ڪارو يا سائو هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 60, شرح مناوي علي حاشيه جمع الوسائل ج 1 ص 60) علامہ بيجوري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "حاصل ڪلام هي آهي تہ صحيح، ثابت حديثون ان ڳالهہ تي دلالت ڪن ٿيون تہ" نبوت جي مُهر ثابت، ڪُليل ۽ ظاهر هئي. باقي ان جون حالتون تبديل ٿينديون رهنديون هيون ۽ ڏسندڙن جون ڪيفيتون بہ مختلف هيون ڪنهن ويجهي کان ڏٺي ڪنهن پري کان. قرطبي فرمايو تہ اها ننڍي، وڏي ٿيندي رهندي هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 74, 75)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : (1) الطيالسي في مسنده حديث رقم 759 ص 104 (2) ابن حبان في صحيحه حديث رقم 6297, 6298 ج 14 ص 206 (3) ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 425 (4) الطبراني في الكبير حديث رقم 1908 (5) البيهقي في الدلائل ج 1 ص 262, 263. (5) البغوي في الشمائل حديث رقم 179 ج 1 ص 154 (7) احمد في المسند ج 5 ص 90.

{18} حَدَّثَنَا أَبُو مُصْعَبٍ الْمَدَنِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يُوسُفُ بْنُ الْمَاجِشُونِ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَاصِمِ بْنِ عُمَرَ بْنِ قَتَادَةَ، عَنْ جَدَّتِهِ رُمَيْثَةَ قَالَتْ: سَمِعْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَلَوْ أَشَاءُ أَنْ أُقَبِّلَ الْخَاتَمَ الَّذِي بَيْنَ كَتِفَيْهِ مِنْ قُرْبِهِ لَفَعَلْتُ، يَقُولُ لِسَعْدِ بْنِ مُعَاذٍ يَوْمَ مَاتَ "اهْتَزَّ لَهُ عَرْشُ الرَّحْمٰنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عاصم بن عمر بن قتاده ﷺ پنهنجي ڏاڏي رميثه ﷺ کان روايت ڪري ٿو ان حضرت رميثه چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو. سعد بن معاذ ﷺ لاءِ فرمايائون ٿي، جنهن ڏينهن فوت ٿيو تہ ان لاءِ خدا جو عرش ڏڪي ويو. ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ مون کي ايترا ويجها هئا، جو مان مُهر نبوت کي جا سندن ٻن ڪلهن جي وچ ۾ هئي، جيڪڏهن چُمي ڏيان ها تہ ڏئي سگهان ها.

مفردات جو شرح : "أُقَبِّلُ" : مان چُمي ڏيان. تقبيل کان ورتل واحد متڪلم جو صيغو آهي. "اِهْتَزَّ" : اهتزاز کان ورتل ماضي جو صيغو آهي ان جي معنيٰ چُرڻ، خوشيءَ ۾ جهومڻ آهي.

سمجهاڻي: حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن جي بارگاهِ سيادت پناه ۾ جيئن مَردن کي خصوصي قرب حاصل هو تيئن ئي سندن رحمة للعالمين واري شان جي ڪري عورتن تي بہ مهرباني هوندي هئي. جيئن حضرت بيبي رُميثه ﷺ فرمايو تہ "جيڪڏهن مان گُهران ها تہ نبوت جي مُهر کي چُمي وٺان ها" اهو ان جي مثان محبوب ڪريم ﷺ جي نهايت مهرباني ۽ شفقت جو دليل آهي.

حضرت سعد بن معاذ ﷺ جو مختصر احوال : حضرت سعد بن معاذ حضرت مصعب بن عمير ﷺ جي هٿ تي مدينہ منوره ۾ اسلام قبول ڪيو هو. جڏهن تہ پاڻ پنهنجي قبيلي جو وڏو هو. ان جي ڪري سندس خاندان مدينہ منوره ۾ سڀني کان اول اسلام قبول ڪيو هو. نهايت جليل القدر ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو جانثار صحابي هو. خندق واري جنگ ۾ ڪيس تير لڳو ۽ رت بند نہ ٿيو ۽ هڪ مهيني کان پوءِ وفات ڪيائين ان وقت سندس عمر 37 سال هئي. جڏهن جنازه کنيو ويو تہ صفا هلڪو محسوس ٿي رهيو هو جڻ تہ ڪلهن تي ڪا شيءِ آهي ئي ڪانہ. سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو:" اِنَّ الْمَلَائِكَةَ تَحْمِلُهُ" (بلاشڪ ان کي ملائڪ کنيو پيا هلن. سندس جنازي ۾ ستر هزار ملائڪ شامل هئا ۽ جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ"سعد بن معاذ ﷺ جي وفات تي عرش حرڪت ۾ آيو، يعني ان جي وفات ڪرڻ وقت عرش عظيم ان جي روح جي تشريف آوري جي خوشيءَ ۾ جهوميو. علامہ بيجوري ﷺ شمائل جي شارح لکيو آهي تہ"اي استبشارا وسرورا بقدوم روحہ" جنهن وقت انتهائي سُرور، لطف ۽ وجداني ڪيفيت ۾ جسم ۽ روح جهومندا آهن تہ ان جهومڻ کي "اهتزاز" چوندا آهن. جيئن هڪ روايت ۾ آيو آهي. "اِهْتَزُّوا فِي ذِكْرِ اللهِ" (الله ﷻ جي ذڪر ۾ جهومي خوشي ڪيو) حضرت سعد رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ ريشمي وڳو هديي طور پيش ڪيو هو ۽ ان جي نرم هجڻ کي ڏسي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان عجب ۾ پيا تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو:

"لَمَنَادِيْلُ سَعْدٍ فِي الْجَنَّةِ خَيْرٌ مِّنْهَا وَاَلْيَنُ" يعني سعد جي لاءِ جنت ۾ جيڪي رومال تيار ڪيل آهن اهي ان ريشمي وڳي کان وڌيڪ ڀلا ۽ نرم آهن. ۽ جڏهن اهي صفائيءَ جي لاءِ تيار ڪيل رومال بہ ان وڳي کان ڀلا آهن تہ حضرت سعد جي لاءِ تيار ڪيل وڳا ڇا هوندا؟ حضرت سعد انصارن جو سردار ۽ پنهنجي قوم ۾ مجيل بزرگ هو. حضرت سعد کان حضرت عبدالله بن مسعود ﷛، حضرت عائشہ صديقہ ﷞ ۽ ٻين حديثون روايت ڪيون آهن. عرش جي ڇرڻ مان ڪجهہ علماء اها مراد ورتي آهي تہ عرش جي کڻڻ وارا ملائڪ جهوميا هئا. عرش جي جهومڻ واري حديث بخاري ۽ مسلم بہ روايت ڪئي آهي ۽ هڪ قول آهي تہ . عرش جي جهومڻ مان مراد ان جي روح جي اتي پهچڻ جي نهايت خوشي ڪرڻ آهي يا ان جي فراق جي غم ۾ ڇرڻ آهي.

سوال: عرش کي روح ناهي تہ پوءِ ان کي خوشي يا غم ڪيئن محسوس ٿيو؟

جواب : اها ڳالهہ ناممڪن يا نہ ٿيڻ واري ناهي جيئن حضرت سيدنا رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ ٻي ساهہ شيون تسبيح پڙهنديون هيون ۽ ڪجيءَ جي ٿُڙ رنو هو ڇوتہ اهي امور خرق عادت، دستور کي ٽوڙڻ وارا آهن ۽ الله ﷻ جبلن جي متعلق فرمايو آهي : "وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ" (سورة بقرة آيت 74) (يعني انهن پٿرن مان ڪي الله جي خوف کان ڪري ٿا پون) ۽ ان معنيٰ تي اها حديث بہ دلالت ڪري ٿي جيڪا حاڪم حضرت سيدنا ابن عمر ﷠ کان روايت ڪئي آهي تہ "اِهْتَزَّ الْعَرْشُ فَرَحًا" (يعني عرش خوشيءَ جي ڪري جهوميو هو) ۽ ان جو اهو تاويل ڪيو اٿس تہ" عرش کي اها خوشي ٿي جو ان حضرت سعد بن معاذ ﷛ جي ديدار جو شرف حاصل ڪيو. علامہ ابن حجر عسقلاني ﷫ ان کي اختيار ڪيو آهي. ۽ محدث نووي ﷫ فرمايو تہ . هي قول حديث جي ظاهر مان واضح آهي ۽ اهو مختار قول آهي ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ "عرش جي جهومڻ مان مراد ان جي کڻندڙ ملائڪن جو جهومڻ آهي. "عَرْشُ الرَّحْمٰنِ" لفظ جي اڳيان مضاف محذوف ڪڍبو يا ڇيو ويندو تہ محل ڳالهائي ان مان حال (رهندڙ) مراد ورتو ويو آهي. جيئن قرآن ڪريم جي آيت" وَاسْئَلِ الْقَرْيَةَ " (سورة يوسف آيہ 82) (۽ ڳوٺ کان پڇ) ۾ مراد آهي تہ ڳوٺ ۾ رهندڙن کان پڇ. ۽ ان قول جي تائيد ان حديث سان ٿئي ٿي جيڪا حاڪم روايت ڪئي آهي تہ (حضرت سعد بن معاذ ﷛ جي وفات وقت) جبريل عليہ السلام چيو تہ هي ڪهڙو ميت آهي جنهن جي(روح جي آمد) لاءِ آسمانن جا دروازا کوليا ويا آهن ۽ آسمانن جا رهاڪو خوش ٿيا آهن؟ ۽ انهن ملائڪن جو جهومڻ يا مذڪور وجهہ جي ڪري هو يا ان جي جنازي ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ ۽ ان جي تائيد ان روايت سان ٿئي ٿي جيڪا نسائي حضرت ابنِ عمر ﷠ کان روايت ڪئي آهي تہ هي اهو آهي جنهن لاءِ عرش جهوميو آهي ۽ ان جي لاءِ آسمانن جا دروازا کوليا ويا آهن ۽ ان جي جنازي ۾ ستر هزار ملائڪ حاضر ٿيا ۽ قبر ان کي سخت ڀيڙو ڏنو ان کان پوءِ ان کي ڪشادگي ملي ۽ هن جي تائيد ان حديث سان ٿئي ٿي جيڪا ترمذي حضرت انس ﷛ کان روايت ڪئي آهي تہ "جڏهن حضرت سعد بن معاذ ﷛ جو جنازو کنيو ويو ۽ اهو گهڻو هلڪو لڳو تہ منافقن (طعنو هڻي) چيو تہ "هن جو جنازو ڪيترو نہ هلڪو آهي؟ تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ ان کي ملائڪ کنيو پيا هلن." ۽ هڪ قول اهو آهي تہ "جهوميو عرش هيو پر ان جو اهو جهومڻ ان جي وفات ڪري وڃڻ جي نشاني هئي. ان جي شان بلند هجڻ ۽ مرتبي مٿانهين هجڻ جي

ڪري ۽ سندس وفات جي شان ۽ تعظيم جو ڪنايو هو. ۽ عربن جو رواج هو تہ اهي معظم شيءِ ڪي شين مان اعظم ڏانهن نسبت ڪندا آهن. پوءِ چوندا آهن تہ "فلاڻي جي موت جي ڪري زمين اونده ٿي وئي آهي" ۽ "فلاڻي جي مرڻ جي ڪري قيامت قائم ٿي وئي آهي" پر حضور ڪريم ﷺ جن اهوارادو ڪن اهو سندن شان ڪان پري آهي. پر عرش جي حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه سان محبت هئي جيئن حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "احد جبل آهي جيڪو اسان سان محبت رکي ٿو ۽ اسين ان سان محبت ڪيون ٿا." ۽ حضرت سعد لاءِ عرش جي جهومڻ واري حديث ڏهن اصحابن سڳورن عليهم الرضوان روايت ڪئي آهي. محدث حاڪم فرمايو تہ "عرش جي جهومڻ لاءِ صريح حديثون صحيحين ۾ آهن ۽ ان جي خلاف ڪابہ حديث صحيحين ۾ آيل ناهي. ۽ ان بعض علماء جو قول صحيح ناهي جن چيو تہ "حضرت سعد ڪي جنهن کٽوليءَ تي کنيو ٿي ويا اهو جهوميو هو." ڇو تہ نبوي حديث ۾ "عَرْشُ الرَّحْمٰن" لفظ آيو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 87. جمع الوسائل و شرح المناوي علي حاشيته ج 1 ص 61، 62) الغرض مذڪور حديث جو نتيجو اهو نڪتو تہ "سندن ٻن ڪلهن جي وچ ۾ نبوت جي مُهر لڳل هئي. (انوار غوثيه ص 43)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : (1) مسند ۾ امام احمد ج 6 ص 329. (2) الڪبير ۾ الطبراني رقم الحديث 703 ج 24 ص 276 (3) ابن سعد طبقات ۾ ج 3 ص 332 (4) ڪتاب الآحادوالمثاني ص 3394 ۽ هن جو لفظ "عرش الرحمان" بخاري، مسلم ۾ آهي.

{19} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ عَبْدَةَ الضَّبِّيُّ، وَعَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ، قَالُوا: حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ يُونُسَ، عَنْ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ اللهِ مَوْلَى غُفْرَةَ قَالَ: حَدَّثَنِي إِبْرَاهِيمُ بْنُ مُحَمَّدٍ، مِنْ وَلَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ قَالَ: كَانَ عَلِيٌّ، إِذَا وَصَفَ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ - فَذَكَرَ الْحَدِيثَ بِطُولِهِ - وَقَالَ: بَيْنَ كَتِفَيْهِ خَاتَمُ النُّبُوَّةِ، وَهُوَ خَاتَمُ النَّبِيِّينَ.

بامحاوره ترجمو : حضرت (سيدنا) ابراهيم بن محمد جيڪو علي بن ابو طالب رضي الله عنه جو پوٽو آهي. ان چيو تہ جڏهن حضرت (سيدنا) علي المرتضيٰ رضي الله عنه رسول الله ﷺ جن جي وصف بيان ڪندو هو تہ ڊگهي حديث ٻڌائيندي چوندو هو تہ پاڻ ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوت هئي ۽ پاڻ سڳورا ﷺ جن آخري نبي آهن.

مفردات جو شرح : جدا ذڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

سمجهاڻي : هيءَ حديث باب خلق رسول الله ﷺ ۾ ذڪر ڪيل آهي ان جي گهڻي سمجهاڻي تہ اتي ذڪر ڪيل آهي. محدث ترمذي هن ڪي هتي ان جي ڪري ذڪر ڪيو آهي جو ان ۾ نبوت جي مُهر جو ذڪر ڪيل آهي. حضرت علي رضي الله عنه جو فرمان "وَهُوَ خَاتَمُ النَّبِيِّينَ" (حضور ڪريم ﷺ نبين ۾ آخري نبي آهي) سندن مٿان نبوت جي ختم ٿيڻ جو دليل آهي. خاتم النبيين حضور ڪريم ﷺ جو اهو لقب آهي جيڪو قرآن ڪريم ۾ مذڪور آهي . جيئن فرمانِ خداوندي آهي: "وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ" (سورة الاحزاب آيت 40) (پر الله جو رسول ۽ سڀني نبين ۾ آخري نبي آهي)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 7 جي شرح ۾ اڳي ڇڪو آهي.

{20} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو عَاصِمٍ قَالَ : حَدَّثَنَا عَزْرَةُ بْنُ ثَابِتٍ قَالَ : حَدَّثَنِي عِلْبَاءُ بْنُ أَحْمَرَ الْيَشْكُرِيُّ قَالَ : حَدَّثَنِي أَبُو زَيْدٍ عَمْرُو بْنُ أَخْطَبَ الْأَنْصَارِيُّ قَالَ : قَالَ لِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : يَا أَبَا زَيْدٍ ، أُدْنُ مِنِّي فَامْسَحْ ظَهْرِي ، فَمَسَحْتُ ظَهْرَهُ ، فَوَقَعَتْ أَصَابِعِي عَلَى الْخَاتَمِ قُلْتُ : وَمَا الْخَاتَمُ ؟ قَالَ : شَعَرَاتٌ مُجْتَمِعَاتٌ

بامحاوره ترجمو : حضرت (سيدنا) عمرو بن اخطب انصاري ﷛ چوي ٿو تہ مون کي رسول الله ﷺ فرمايو تہ : اي ابوزيد (يعني زيدجا پيءَ) مون کي ويجهو ٿي ۽ منهنجي پٺي مهٽ. مون پاڻ ڪريمن ﷺ جي پُٺي مبارڪ تي هٿ گهمايو تہ منهنجون آڱريون مهر نبوت کي وڃي لڳيون. مون (يعني عمرو بن اخطب جي شاگرد) پڇيو تہ : مُهر نبوت ڪيئن هئي؟ ان چيو تہ اُڀريل وارن جي چَڳ يا گڏ ٿيل وارا هئا.

مفردات جو شرح :"أُدْنُ" : دُنُو کان ورتل امر جو صيغو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ويجهو ٿيءُ. "وَقَعَتْ" : وقع کان ورتل واحد مؤنث جو صيغو آهي جنهن جي معنيٰ آهي اوچتو هٿ لڳڻ. "شَعَرَاتٌ" : شعر جو جمع معنيٰ وار "مُجْتَمِعَاتٌ" : گڏ ٿيندڙ.

سمجهاڻي : حضرت ابو زيد ﷛ فرمايو تہ مون کي رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ : اي ابا زيد! مون کي ويجهو ٿيءُ. منهنجي پاڪ پٺيءَ کي هٿ لڳاءِ مهٽ." علامہ بيجوري ﷬ لکيو آهي تہ هي حڪم ڪرڻ هي احتمال ٿو رکي تہ بلاشڪ رسول الله ﷺ جن نبوت جي نور سان ڄاتو هو تہ ابو زيد نبوت جي مُهر جي ڪيفيت سمجهڻ جو ارادو رکي ٿو پوءِ ان کي امر ڪيائون تہ سندن پاڪ پُٺيءَ کي مَهٽي. ان تي لطف ڪرڻ ۽ نبوت جي مُهر جي شان ۽ اهميت جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن پاڪ پٺيءَ تان ڪپڙو مٿي ڪرايو. هن مان ثابت ٿيو تہ مرد ٻئي مرد کان پٺيءَ کي مهٽرائي يا ٿڌڙا ڪيرائي يا زور ڏياري سگهي ٿو. اهو جائز آهي. حضرت ابو زيد ﷛ فرمايو تہ پوءِ مون ويجهو ٿي سندن پاڪ پٺيءَ کي مَهٽيو تہ اوچتو منهن جي هٿ جون آڱريون سندن نبوت واري مُهر تي لڳيون. عِلباء ﷬ فرمايو تہ مون کانئس پُڇيو تہ "مُهر ڪيئن هئي؟ " ان جواب ڏنو تہ "گڏ ٿيندڙ وار هئا." محدث ترمذي ﷬ پنهنجي ڪتاب "جامع الترمذي" ۾ آندو آهي تہ پوءِ رسول الله ﷺ جن ابو زيد ﷛ جي لاءِ دعا فرمائي : "اَللّٰهُمَّ جَمِّلْهُ" يا الله ﷻ! هن کي سهڻو بناءِ) ان جي عمر هڪ سؤ ويهہ 120 سال ٿي ۽ سندس مٿي ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ڪي ٿورا اڇا وار هئا نہ تہ سمورا وار ڪارا هئا. بيهقي جي روايت آهي تہ ايڏي وڏي عمر هوندي ان جي منهن مبارڪ ۾ گُهنجُ نہ هو. ان جو منهن مبارڪ نوجوانن جهڙو هو. علامہ علي قاري ﷬ لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جو ان کي پُٺي مهٽڻ لاءِ امر ڪرڻ ان تي خصوصي لطف ۽ عنايت هئي. جو پاڻ ان کي هن بلند شرف سان مشرف فرمايائون.

فائدو نمبر {1} : هيءَ حديث هن طرح امام ترمذي آندي آهي ۽ ابن سعد ﷛ ان ئي سَند سان ابو رِمثه کان روايت آندي آهي. ابو رمثہ ﷛ فرمايو تہ "مون کي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "ويجهو ٿي." الحديث الخ پر محدث ترمذي ﷬ جي هيءَ روايت وڌيڪ ترجيح واري آهي.

فائدو نمبر {2} : حضرت علامہ مناوي ۽ بيجوري عليهما الرحمة لکيو آهي تہ " پُٺيءَ واري پاسي ٻوڙهيءَ جي شڪل ۾ ٿيل گوشت ۽ ان جي مٿان ٿورن وارن جو هجڻ (الشامة) ۾ گفتگو ڪئي وئي آهي تہ "جنهن جي پُٺيءَ تي اها هوندي آهي اهو ۽ ان جو خاندان تڪليفون ۾ ڏک گهٽا ڏسندو ۽ ان جي عمر

وڏي نہ ٽيندي ان جي وفات زهر ذريعي ٿيندي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪي ۽ سندن قريبن رشتيدارن بني هاشم کي بہ ڏک پهتا. ڪيترائي شهيد ڪيا ويا ۽ اهي تڪليفون طبعي طور ناپسنديده آهن جيتوڻيڪ الله ﷻ انهن تي اجر ڏيندو ۽ زهر سان وفات. سو حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "خيبر ۾ يهوديائيءَ جي ڏنل زهر جو اثر اجان ٻينو آهي ۽ هي منهنجي (پاڪ) ساهہ واري رڳ جي ڪٽجڻ جو وقت اچي ويو آهي."

(جمع الوسائل شرح المناوي علي حاشيه جمع الوسائل ج 1 ص 63, 64, المواهب شرح الشمائل ص 91, انوار غوثيه ص 45)

هيءَ روايت ٻين روايتن جي پڻ خلاف ناهي ڇوتہ نبوت جي مُهر جي پاسن ۾ بہ ٿورا وار هئا.

(خصائلِ نبوي ص 25)

فائدو نمبر {3} : حضور ڪريم ﷺ جن تي نبوت جي مُهر مان صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سندن ذات تي نبوت جي ختم هجڻ جو دليل ورتو آهي ۽ قرآن ڪريم جي نوانوي 99 آيتن ۽ بہ سؤ 200 احاديث مان اهو عقيدو ثابت آهي ان لاءِ منهنجي (يعني راقم الحروف) جي لکيل ڪتاب "ثبوت ختم النبوة من القرآن والسنة" کي مطالعو ڪرڻ گهرجي. ختم نبوت جي مُهر لڳڻ کان پوءِ ٻئي ڪنهن بہ نبي ظلي، بروزي وغيره جي اچڻ جي ضرورت نہ رهي. جيڪو بہ حضرت خاتم النبيين ﷺ جن کان پوءِ ڪنهن کي ڪنهن بہ قسم جو نبي مڃيندو اهو ڪافر، مرتد آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: (1) الامام احمد في المسند ج 5 ص 77, 340, 341 (2) ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 426 (3) ابنِ حبان حديث رقم 6300 ج 14, ص 209 (4) الحاكم في المستدرڪ ج 2 ص 606 (5) ابو يعليٰ في مسنده حديث رقم 6846 ج 12 ص 240 (6) الطبراني حديث رقم 44, 48 ج 17 ص 27, 28 (7) البغوي في شمائله حديث 180 ص 155.

{21} حَدَّثَنَا أَبُوعَمَّارٍ الْحُسَيْنُ بْنُ حُرَيْثٍ الْخُزَاعِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُسَيْنِ بْنِ وَاقِدٍ ، قَالَ حَدَّثَنِي أَبِي قَالَ : حَدَّثَنِي عَبْدُ اللهِ بْنُ بُرَيْدَةَ قَالَ : سَمِعْتُ أَبِي بُرَيْدَةَ ، يَقُولُ : جَاءَ سَلْمَانُ الْفَارِسِيُّ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حِينَ قَدِمَ الْمَدِينَةَ بِمَائِدَةٍ عَلَيْهَا رُطَبٌ فَوَضَعَهَا بَيْنَ يَدَيْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، فَقَالَ : يَا سَلْمَانُ مَا هٰذَا ؟ فَقَالَ : صَدَقَةٌ عَلَيْكَ وَعَلَى أَصْحَابِكَ ، فَقَالَ : اِرْفَعْهَا ، فَإِنَّا لاَ نَأْكُلُ الصَّدَقَةَ قَالَ : فَرَفَعَهَا ، فَجَاءَ الْغَدَ بِمِثْلِهِ ، فَوَضَعَهُ بَيْنَ يَدَيْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، فَقَالَ : مَا هٰذَا يَا سَلْمَانُ ؟ فَقَالَ : هَدِيَّةٌ لَكَ ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِأَصْحَابِهِ : اُبْسُطُوا ثُمَّ نَظَرَ إِلَى الْخَاتَمِ عَلَى ظَهْرِ رَسُولِ اللهِ صلى الله عليه وسلم فَآمَنَ بِهِ وَكَانَ لِلْيَهُودِ فَاشْتَرَاهُ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم بِكَذَا وَكَذَا دِرْهَمًا عَلَى أَنْ يَغْرِسَ لَهُمْ نَخْلًا فَيَعْمَلَ سَلْمَانُ فِيهِ حَتَّى تُطْعِمَ فَغَرَسَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم النَّخْلَ إِلَّا نَخْلَةً وَاحِدَةً غَرَسَهَا عُمَرُ فَحَمَلَتِ النَّخْلُ مِنْ عَامِهَا وَلَمْ تَحْمِلْ نَخْلَةٌ فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم مَا شَأْنُ هٰذِهِ النَّخْلَةِ فَقَالَ عُمَرُ يَا رَسُولَ اللهِ أَنَا غَرَسْتُهَا فَنَزَعَهَا رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم فَغَرَسَهَا فَحَمَلَتْ مِنْ عَامِهَا.

با محاوره ترجمو : حضرت عبدالله بن بريده رضي الله عنه چوي ٿو مون پنهنجي پيءُ بريده سڳوري رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو تہ جڏهن حضرت رسول الله ﷺ جن مديني شريف ۾ تشريف فرما ٿيا تہ (سيدنا) سلمان فارسي رضي الله عنه دستر خوان آندو. ان تي تازي کارڪ رکيل هئي. ان تي حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو:" اي

سلمان! هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو ته هي اوهان ۽ اوهان جي اصحابن لاءِ صدقو آهي. رسول الله ﷺ فرمايو ته:" هي کڻي وڃ، اسان صدقو نه کائيندا آهيون. راوي چوي ٿو ته سلمان فارسي ﷛ ان کي کڻي ويو ۽ وري ٻي ڏينهن ساڳي طرح کارڪ کڻي، حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ ﷺ جن پڇيو اي سلمان! هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو ته سائين هي اوهان لاءِ سوکڙي آهي. تنهن تي حضور ﷺ پنهنجن اصحابن سڳورن کي فرمايو:" هٿ وڌايو يعني کڻي کائو."

پوءِ سلمان فارسي ﷛ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پُٺيءَ تي مُهر نبوت کي ڏٺو ۽ ايمان آندو. حضرت سلمان فارسي ﷛ هڪ يهودي جو غلام هو. رسول الله ﷺ ان کي ڪجھ درهم ڏيئي خريد ڪيو. تنهن سان گڏ يهوديءَ هي شرط به رکيو ته سلمان انهن لاءِ کجين جا وڻ پوکي لڳائيندو ۽ انهن جي سار سنڀال ڪندو رهندو، جيستائين ڦر ڏين. پوءِ حضور ﷺ سڀ کجين جون چڪيون پنهنجن هٿن مبارڪن سان پوکيون رڳو هڪ چڪي حضرت عمر فاروق ﷛ پوکي. ان هڪ کانسواءِ باقي سيني کجيءَ جي وڻن انهي ئي سال ڦر ڏيڻ شروع ڪيا. ان تي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته هن کجيءَ جي وڻ کي ڇا ٿيو؟ حضرت عمر فاروق ﷛ عرض ڪيو يا رسول الله ﷺ! اها مون پوکي هئي. ان تي حضور ڪريم ﷺ اهو کجيءَ جو ٻوٽو پٽي وري پاڻ ٻيهر لڳايو ته کجي انهي ئي سال ڦر ڏنو.

فائدو نمبر {1}: محدث ابن خُزيمه ﷫ فرمايو ته "مون ان کي نند ۾ ڏٺو ته حضور ڪريم ﷺ جي منبر تي ساوا ڪپڙا ڍڪيو وينو آهي، پوءِ هيءَ آيت پڙهيائين: اَمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّا لَا نَسۡمَعُ سِرَّهُمۡ وَ نَجۡوٰىهُمۡ (سورة زخرف آيت 80) (ترجمو : ڇا ائين ٿا سمجهن ته اسين انهن جي راز ۽ آهستي ڳالهائڻ کي نه ٿا ٻُڌون؟) ته حضور ڪريم ﷺ جي مزارِ پُرانوار مان جواب ڏنو ويو"حَقًّا حَقًّا" (يعني حق آهي حق آهي) (المواهب شرح الشمائل ص 92 شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 64)

فائدو نمبر {2}: هنن محدثن جي مذڪور لکت مان معلوم ٿيو ته محبوب ڪريم ﷺ جن مزارِ پُرانوار ۾ زنده آهن ۽ جواب به ڏين ٿا جيڪو باهر ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. اهڙا ٻيا به واقعا علماءِ ڪرام لکيا آهن.

مفردات جو شرح : "حِيۡنَ" : جنهن وقت "قَدِمَ" : تشريف فرما ٿيو "مَائِدَةٌ" : دسترخوان "رُطَبٌ" : تازي کجور (ڏوڪا، ڏنگ) "غَدِ" : سڀاڻي "اُبۡسُطُوا" : هٿ وڌايو "يَغۡرِسُ" :ٻوٽا پوکي، هن جي مصدر غرس آهي. "نَخِيۡلٌ" : کجيءَ جو وڻ "نَزَعَهَا" : ڪڍي ڇڏيائين نزع کان ورتل آهي، پاڙان پٽڻ، لاهي ڇڏڻ، مارڻ، ڇڪڻ، مرڻ جي ويجهو وڃڻ. انهن سيني معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي.

فائدو : **حضرت سلمان فارسي** ﷛ :هن سائينءَ جي والده ۽ والد جي نالي جي خبر ناهي. هي حضرت فارس ۾ رهڻ وارو هو. فارس اصفهان جو علائقو آهي جيڪو هاڻي ايران جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ باهه جو پوڄاري مجوسي مذهب جو هو. ابتداء کان ئي دنيا کان بي رغبت، زاهد ۽ راهبن وارو ذهن رکندڙ هو. مذهبن جي تحقيق تي ڪافي محنت ڪيائين. علم جي صاحب هجڻ جي ڪري تحقيق ۾ مشغول هو. باهه جي پوڄا ڇڏي عيسائيت قبول ڪيائين. ايران کان عراق ۾ آيو ۽ عيسائي مذهبي اڳواڻن ۽ راهبن کان ڪافي علم پرايو هئائين. بغداد کان موصل، موصل کان نصيبين، نصيبين کان غموريا ۾ مختلف عيسائي عالمن ۽ راهبن جي خدمت ڪيائين. غموريا ۾ هڪ عيسائي مذهب جو اڳواڻ نهايت خدا ترس، نرم دل ۽ آسماني ڪتابن جو بهترين عالم هو. جڏهن اهو مرڻ جي

ويجهو ٿيو تہ حضرت سلمان فارسي ﷺ ان کان پڇيو تہ "هاڻي مان ڪنهن وٽ وڃان؟" ان جواب ڏنس تہ "عيسائي علماء ختم ٿي چڪا آهن. عربن ۾ ابراهيمي دين ڏانهن سڏيندڙ آخري نبي پيدا ٿيندو پوءِ مديني جون سڀ نشانيون ان کي ٻڌايائين ۽ چيائين تہ ان پيغمبر جون جيڪي نشانيون آهن. انهن مان هڪ هيءَ آهي تہ اهو صدقو نہ کائيندو ۽ هديو قبول ڪندو. ۽ ٻي هيءَ آهي ان جي ٻن ڪلهن جي وچ تي نبوت جي مُهر هوندي. اهو ٻڌي حضرت سلمان ﷺ غموريا کان نڪتو. سفر جي دوران ڪجھ واپارين سان گڏيو تہ انهن مڪ مڪرمہ ۾ ان کي غلام ڪري مديني منوره جي بني قريظہ قبيلي جي هڪ يهودي زميندار جي هٿ تي وڪڻي ڇڏيو ۽ پاڻ ان يهوديءَ سان گڏ مدينہ منوره ۾ پهتو. (حضرت) سلمان فارسي ﷺ فرمايو تہ مديني شريف جون جيڪي نشانيون غموريا جي عيسائي عالم ٻڌايون هيون. مدينہ منوره ۾ پهچڻ تي مون ڏٺو تہ اهي سڀ اتي موجود هيون. هاڻي منهنجي دل ۾ اهو ئي حق واري مذهب جي تلاش وارو جذبو اڀريو ۽ مان پڇندو رهيس تہ ڇا هتي ڪو اهڙو ماڻهو آهي جيڪو حق جي معرفت عطا ڪري ۽ ان نشانين واري شخصيت مون کي ملي وڃي جيڪا ان عيسائي عالم مون کي ٻڌائي هئي. ان تلاش دوران پتو پيو تہ "قبا ۾ هڪ صاحب مڪ مڪرمہ کان هجرت ڪري آيو آهي ۽ دعويٰ ڪئي اٿس تہ اهو الله ﷻ جي طرفان نبي آهي. اهو ٻڌي مون اهو شرط جيڪو عيسائي عالم ٻڌايو هو ڏسڻ جي لاءِ هڪ ٿانوَ ۾ تازي ڪارڪ وجهي حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ ڪارڪ پيش ڪري عرض ڪيم تہ "هي صدقو آهي اوهان ونو" پاڻ فرمايائون تہ "اهو کڻي وڃو اسين صدقو نہ کائيندا آهيون." مان ٻئي ڏينهن وري اهڙي طرح کجور کڻي سندن خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم تہ "هي تحفو آهي اوهان قبول فرمايو" تہ پاڻ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان کي فرمايائون تہ "هٿ وڌايو" يعني کائو ۽ سيني ۾ ورهايائون. حضرت سلمان فارسي ﷺ ٻئي نشانيون ڏٺيون جو حضور ڪريم ﷺ صدقو نہ ورتو ۽ تحفو قبول فرمايائون. رهي ٽين نشاني، نبوت جي مُهر جي تلاش تہ ان جي زيارت کان مشرف ٿئي. ۽ اجان ان جي تلاش ۾ هيو تہ هڪ ڏينهن حضور ڪريم ﷺ جن بقيع جي قبرستان ۾ هڪ جنازي لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ اتي ئي ويٺا هئا تہ حضرت سلمان فارسي ﷺ سندن پاڪ پُٺيءَ ڏانهن اچي وڃي پيو. حضور ڪريم ﷺ جن نبوت جي نور سان حضرت سلمان فارسي ﷺ جي قلبي ارادي کي سمجهي ويا ۽ لطف ۽ ڪرم ڪري پنهنجي پاڪ پُٺيءَ تان ڪپڙو مٿي ڪنيائون پوءِ ڇا ٿيو؟ حضرت سلمان فارسيءَ جي قلبي ڪيفيت بدلجي وئي ۽ محبت جي جوش ۾ هوندي هوش سان نبوت جي مُهر کي چُمي روئي رهيو هو. جڏهن ڪيس تسلي ٿي تہ پوءِ ايمان آندائين. ۽ ڪجھ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن ڪيس فرمايو تہ "پنهنجي خريدار کي چئو تہ ڪجھ وٺي توکي آزاد ڪري ڇڏي" حضرت سلمان ان سان ڳالهايو تہ ان ٻن شرطن تي ڪيس آزاد ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو. پهريون شرط هي هو تہ سلمان ڪيس چاليھ اوقيون سون ڏي ۽ ٻيو شرط هي هو تہ ان جي باغ ۾ ٽي سؤ کجيون نيون لڳائي تان جو اهي کجور ڏين ٻئي شرط پورا ٿيندا تہ پوءِ سلمان آزاد ٿيندو. حضرت سلمان اهي ٻئي شرط حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيا تہ حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ بنفسِ نفيس اچي کجيون پاڻ لڳايون، مگر هڪ کجي حضرت عمر ﷺ لڳائي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جو اهو معجزو هو جو ان سال ئي انهن

کجين تيار ٿي ڪارڪون ڏنيون پر ان هڪ کجيءَ ڪارڪ نہ ڏني. جيڪا حضور ڪريم ﷺ نہ لڳائي هئي. هي حضور پاڪ ﷺ جو معجزو هو جنهن ان وقت مدينہ منوره وارن کي حيران ڪري ڇڏيو هو. پوءِ پاڻ ان ڦر نہ ڏيندڙ کجيءَ کي پاڙان ڪيڙائي ان جي جاءِ تي ٻي لڳايائون ۽ ان بہ ان سال ئي کجور ڏني. رهيو سون جو معاملو سو هيئن ٿيو جو سندن خدمت اقدس ۾ ٿورو سون آيو پاڻ اهو سون حضرت سلمان فارسي کي ڏئي فرمايائون تہ هن مان چاليهہ اوقيون يهودي کي ڏئي اچ." ان عرض ڪيو تہ "هي ناڪافي آهي" پاڻ فرمائيون تہ "الله جل جلاله ان کي پورو ڪندو." حضرت سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه فرمايو تہ پوءِ مان اهو کڻي يهوديءَ وٽ آيس ۽ ان کي چيم تہ هن مان چاليهہ اوقيون سون کڻ." ان جا ٻئي شرط پورا ٿيا ۽ حضرت سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه آزاد ٿيو.

فائدو : اوقيہ ان دؤر ۾ چاليهہ درهم هئا ۽ هڪ درهم چار ماسا هو. (انوارِ غوثيہ ص 48) **بعض علماء لکيو** آهي تہ "حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي عمر اڍائي سؤ سال هئي. رامهرمز شهر جو وينڻل هو جيڪو فارس جي بادشاهہ جي قبضي ۾ هو. ان جي ڪري ڪيس فارسي سڏيو ويو. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ جڏهن قرآن شريف جي آيت "وَاِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُوْنُوْٓا اَمْثَالَكُمْ ﴿۳۸﴾" (سورة محمد آيت 38) (۽ جيڪڏهن اوهان (ايمان کان) ڦرندؤ تہ (الله جل جلاله) اوهان جي بدلي ۾ اوهان کانسواءِ ٻي قوم آڻيندو ۽ پوءِ اهي اوهان وانگر نہ هوندا.) نازل ٿي تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حضور ڪريم ﷺ جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! ﷺ اها ڪهڙي قوم آهي جيڪا اسان جي جاءِ تي ايندي؟ پاڻ حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي ڪلهي تي هٿ هڻي فرمايائون تہ "اهي هي ۽ سندس قوم آهي "ٻي روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ جيڪڏهن ايمان ثُريا (ڪتين) تي لٽڪيل هوندو تہ فارس جا ڪي ماڻهو اتي بہ پهچي اهو حاصل ڪندا." اڪثر علماء جو خيال آهي تہ "ان حديث ۾ حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمه الله جي اچڻ جي بہ خوشخبري ڏنل آهي."

مٿي مذڪور حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي حضور ڪريم ﷺ سان ملاقات اها پهرين ملاقات هئي. حضرت سلمان رضي الله عنه جڏهن سامهون اچي رهيو هو تہ حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ موجود هڪ صحابي رضي الله عنه عرض ڪيو تہ "هي سلمان فارسي رضي الله عنه اچي رهيو آهي." حضور ڪريم ﷺ جن سان جڏهن حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه مليو تہ پاڻ ان کي فرمايائون "سلمان هي ڇا آندو اٿئي؟" تڏهن مذڪور نشانين وارو معاملو هليو. (فضائل النبي ص 28) **ڪجهہ علماء لکيو آهي** تہ حضرت سلمان فارسي پاڻ پنهنجي اسلام آڻڻ جو بيان هن طرح ڪيو آهي تہ "مان اصفهان صوبي ۾ رامهرمز شهر جي هڪ سردار جو پٽ آهيان. پيءُ جي مون سان تمام گهڻي محبت هئي. مون کي پاڻ کان پري ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندو هو انهيءَ ڪري ٻاهر زمين جي سنڀال لاءِ بہ پاڻ ويندو هو. هڪڙي ڏينهن اتفاق اهڙو ٿيو جو پاڻ جاءِ ٺهرائڻ ۾ مشغول ٿيو ۽ مون کي چيائين تہ تون هارين جي سنڀال ڪري اچ. سان شهر کان ٻاهر نڪري زمين ڏانهن وڃي رهيو هوس تہ رستي ۾ مون کي عيسائين جي هڪ گرجا نظر آئي جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو عبادت ڪندي نظر آيا ۽ ڪيترن اندر انجيل ويٺي پڙهيو ۽ مان اتي وڃي ڏٺو ۽ انجيل ٻڌو. پوءِ انهن کان سندن ديني مرڪز جي پڇا ڪيم. انهن ٻڌايو تہ اسان جو ديني

مرڪز شام ملڪ ۾ آهي. پوءِ گهر موٽي آيس ۽ جڏهن ته مون کي گهڻي دير ٿي وئي هئي ته منهنجي پيءُ مون کان دير جو سبب پڇيو. مون کيس ٻڌايو ته اڄ عيسائين جي مڙهئي ۾ ويو هوس، اتي ويهڻ جي ڪري مون کي دير ٿي وئي هئي. اها ڳالهه ٻڌي اهو گهبرائجي ويو ۽ مون کي چوڻ لڳو ته "اهو مذهب سُٺو ناهي. تون پنهنجي وڏن ابن ڏاڏن جي دين تي پڪو رهه جيڪي مجوسي هئا ان ۾ ڀلائي آهي." مون چيو "هرگز نه" دين اهو ئي ڀلو آهي جيڪو مان اڄ ڏسي آيو آهيان. منهنجي اها ڳالهه ٻُڌي منهنجو پيءُ ڊڄي ويو ۽ مون کي پيرن ۾ ڏنڊا بيڙي هٽي سوگهو ڪري ٻڌي ڇڏيائين ۽ منهنجي پيڻ کي منهنجي مٿان سنڀال جي لاءِ ويهاريائين ته مٿان پاڻ چوڙائي پڇي وڃي. ان دوران ڪنهن طريقي سان مون عيسائين ڏانهن نياپو موڪليو ته شام جي ملڪ مان آيل سوداگرن مان جڏهن ڪو واپس وڃي ته مون کي ڪنهن طريقي سان اطلاع ڏجو. جڏهن اهي سوداگر واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ته انهن مون کي اطلاع ڏنو ۽ مون پنهنجي پيڻ کي چيو ته "ادي! مون کي هنن زنجيرن ود ڪري وڌا آهن. مان ڏاڍو تنگ ٿيو آهيان. مون کي ٿوري دير تائين ڇوڙي نه ڇڏيندينءَ؟ پيڻ کي رحم پيو جنهن مون کي ڇوڙي ڇڏيو. مون کي جو ٿورڙي فرصت ملي ته گهران نڪري سِڌو انهن عيسائين وٽ پهتس جن مون کي چيو ته " تون اسان وٽ رهي نه سگهندين اسين تنهنجي پيءُ کان ڊڄون ٿا. اهو هتي جو امير آهي اسان کي تڪليف ڏيندو." پوءِ انهن سوداگرن سان گڏجي شام ملڪ ڏانهن هليو ويس ۽ اتي گرجا گهر ۾ هڪ عيسائي پادريءَ وٽ رهيس ۽ ان وٽ پڙهڻ لڳس پر اتي رهڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ معلوم ٿيو ته وڏو لالچي هو. ماڻهن کي غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ حرص ۽ شوق ڏياري انهن کان ملڻ وارو پيسو غريبن کي ڏيڻ جي بجاءِ پاڻ هضم ڪندو هو. ٿوري عرصي کان پوءِ اهو مري ويو ۽ ان جي بجاءِ ٻيو عيسائي عالم مقرر ٿيو. اهو لالچي نه هو. مان ان جي خدمت ۾ رهي ان کان معلومات حاصل ڪرڻ لڳس ان سان منهنجي محبت ٿي وئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو به آخرت جي سفر جا سانباها ڪرڻ لڳو ته مون ان کي چيو ته " مون کي ڪنهن وٽ رهڻ جي وصيت ڪيو ٿا؟ ان چيو ته منهنجي طريقي تي هن وقت صرف هڪ ماڻهو آهي جيڪو موصل شهر ۾ رهي ٿو. ان وٽ وڃجانءِ. ان جي وفات کان پوءِ مان موصل شهر ۾ آيس اتي پهچي ان شخص سان ملاقات ڪري ان سان سمورو احوال ڪيم. ان مون تي شفقت جو هٿ رکي مون کي پنهنجي خدمت ۾ رهايو. ڏاڍو طبيعت جو سُٺو هو جڏهن ان جي وفات جي ڪيفيت محسوس ڪيم ته ان کان به پڇيم ته " توکان پوءِ مان ڪنهن وٽ وڃان؟ ان چيو ته "نصيبين شهر ۾ هڪ شخص آهي ان ڏانهن وڃ" پوءِ مان ان وٽ پهتس ۽ ان کي سمورو احوال ٻڌايم ته ان به پاڻ وٽ رهڻ جي لاءِ چيو رهڻ کان پوءِ ڏٺم ته اهو به طبيعت جو سٺو لڳو. ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ اهو به موت جي تيارين ۾ نظر آيو ۽ مون کي چيائين ته هاڻي غموريا شهر ۾ فلاڻي ماڻهو وٽ وڃ مون اتي ان وٽ پهچي پوءِ ڪجهه ڌنڌو شروع ڪيو. جنهن مان سُٺي آمدني ٿي. ڪجهه ڳئون ۽ ٻڪريون به گڏ ٿيون. جنهن مان وڏو مالدار بڻجي ويس. جڏهن ان جي به وفات جو وقت ٿيو ته ان کان به پڇيم ته هاڻي ڪنهن وٽ وڃان؟ ان مون کي سمجهايو ته ملڪ ۾ گهڻو رولو اچي ويو عيسائي دين ۾ گهڻي ڦيرڦار ڪئي وئي آهي. ان ۾ حق پر ڪڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويو آهي. خدا جو قسم کڻي ٿو چوان ته هاڻي سچو ماڻهو ملڻ مشڪل آهي ڪجهه عرصو صبر ڪر! جلد آخري نبي (ﷺ) پيدا

ٿيڻ وارو آهي. جيڪو ابراهيمي دين تي عرب جي سرزمين تي ايندو ۽ اهڙي شهر ڏانهن هجرت ڪندو جتي کجيءَ جا وڻ گهڻا هوندا ۽ ان شهر جي پاسن کان پٿريلي زمين هوندي اهو الله ﷻ جو نبي (ﷺ) صدقو نہ کائيندو پر هديو قبول ڪندو. ان جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ نبوت جي مُهر هوندي ڪوشش ڪري اتي پهچجانءِ. (مذڪور نشانين سان ئي حضرت سلمان فارسي ﷺ حضور ڪريم ﷺ جن کي سُڃاڻي مسلمان ٿيو هو.) حضرت سلمان ﷺ فرمايو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ عرب جي قبيلي بني ڪلب جي سوداگرن جو اتاهون گذر ٿيو. مون انهن کي چيو تہ مان اوهان سان گڏجي عرب جي سرزمين ڏانهن هلان؟ انهن ان شرط تي قبول ڪيو تہ مان هي سمورو مال ملڪيت، ڳئون ۽ ٻڪريون سندن حوالي ڪيان. ان کان پوءِ اهي مون کي پاڻ سان وٺي هليا جڏهن عرب جي شهر مڪ مڪرمہ ۾ پهتاسون تہ مون کان سڀ مال وٺي پوءِ بہ ظلم ڪرڻ کان نہ مُڙيا ۽ مون کي پنهنجو غلام مشهور ڪري بني قُريظه قبيلي جي هڪ يهودي کي وڪڻي ڏنائون. جڏهن ان مون کي پاڻ سان گڏ مدينہ منوره ۾ آندو تہ مدينہ منوره کي ڏسندي ئي دل بهار ٿي وئي. غموريا شهر جي عيسائي عالم واريون ٻڌايل نشانيون سموريون اکين جي سامهون آيون. پوءِ ان مون کي پاڻ وٽ رهايو. شمائل جي ڪن شارحن لکيو آهي تہ حضرت سلمان فارسي ﷺ تقريبًا ڏهن ماڻهن وٽ وڪامندو رهيو. هڪ اهڙي مالڪ وٽ بہ آيو جيڪو نهايت ظالم هو. معمولي ڳالهہ تان بہ ڪيس ڏاڍو ماريندو ۽ ايذائيندو هو. پاڻ برداشت ڪري وقت گذاريندو هو. فارسيءَ ۾ هڪ شاعر جو شعر آهي تہ

يا تن رسد بجانان يا جان ز تن بر آيد

(يا منهنجو جسم محبوب وٽ پهچي يا جسم کان ساهہ ٻاهر نڪري اچي. هڪڙو ڪم ٿئي)

حضرت سلمان فارسي ﷺ سان ملڪ بدر، خاڪ بسر، اميري ڇڏڻ، وطن کان نڪرڻ ، غلاميءَ جي زندگي بسر ڪرڻ ۽ سخت جفاڪشيءَ ۾ گذارڻ وارو حال درپيش هو. اهو سڀ حق جي دين حاصل ڪرڻ ۽ الله ﷻ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ٿي ڪيائين. نيٺ دلبر جي ديدار جو دؤر آيو. حضور ڪريم ﷺ جن مڪ مڪرمہ مان هجرت ڪري مدينہء منوره ۾ تشريف فرما ٿيا. هڪڙي ڏينهن حضرت سلمان ﷺ ڪم ڪيني ڪيو تہ ان يهوديءَ جي پُٽ اچي پيءُ سان ڳالهہ ڪئي تہ "مديني منوره ۾ هڪ شخصيت تشريف فرما ٿي آهي جنهن جو چوڻ آهي تہ

ختم نبوت جو اعلان: "مان الله ﷻ جو آخري نبي آهيان." اها ڳالهہ جو منهنجي ڪنن تائين پهتي تہ مان ڪم ڇڏي انهن وٽ ٻيهي سمورو احوال ٻڌو. يهودي مون تي ناراض ٿيو پر مون اهو برداشت ڪيو. هڪ ڏينهن ٻاهر نڪري ماڻهن کان حضور ڪريم ﷺ جي متعلق معلومات ورتم. انهن چيو تہ واقعي اها شخصيت تشريف فرما ٿي آهي. جنهن جو چوڻ آهي تہ "**مان آخري نبي آهيان. مون تي نبوت ختم آهي**" پوءِ مون جيڪي نشانيون عيسائي عالم کان ٻڌيون هيون اهي ڏسڻ جو ارادو ڪري ڪجهہ طعام ۽ ان سان گڏ ڪجور هڪ ٿانوَ ۾ وجهي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڏانهن ڪڻي ويس. تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن اجان قُبا شريف ۾ رهندا هئا. جڏهن اهو طعام ۽ ڪجور سندن خدمتِ بابرڪت ۾ پيش ڪيم. پاڻ پڇيائون تہ "ڇا آهي؟" عرض ڪيم تہ "صدقو آهي" فرمايائون تہ "اسين صدقو نہ کائيندا آهيون. مجلس ۾ موجود ٻين کي پلي ڏئي ڇڏ." مون دل ۾ چيو تہ هڪ نشاني تہ صحيح ثابت

تي. واپس اچي وري ڪجهه گڏ ڪرڻ شروع ڪيم. ان دؤران پاڻ قُبا شريف کان نڪري موجوده حرم واري شهر ڏانهن آيا. پوءِ وري ساڳي طرح ڪاڏو ۽ ڪارڪ سندن خدمت ۾ پيش ڪيم ته پاڻ وري پڇيائون ۽ مون عرض ڪيو ته "هديو آهي" پاڻ قبول ڪري پاڻ به کاڌائون ۽ ٻين کي به کارايائون. مون دل ۾ چيو ته "ٻي نشاني به صحيح ثابت ٿي...الخ" (باقي واقعو مذڪور آهي) حضرت سلمان فارسي ﷛ لاءِ جڏهن سون ڏئي ڪجيون لڳايون ويون ۽ انهن ڦر به جهليو ته حضرت سلمان ان يهودي کي چيو ته توکي سون به مليو ۽ تنهنجي لاءِ لڳايل ڪجين ڪجور به جهلي آهي ته ان حيران ٿي پڇيو ته اهو ڪيئن تو ٿي سگهي جو هڪ ئي سال جي اندر ڪجيون ڪجور جهلي بيهن؟ حضرت سلمان فارسي ﷛ ڪيس فرمايو ته "تون پاڻ هلي ڏس" ان ڏٺو ته حيرت ۾ پئجي ويو ۽ هڪ هڪ ڪجي چيڪ ڪرڻ لڳو. سيني ۾ ڪجور هئي پر هڪ ۾ ڪجور نه هئي. يهودي چيو ته اجان هيءَ رهيل آهي. ان ڦُر نه ڏنو آهي جڏهن اها ڪجور ڏيندي تڏهن تون آزاد آهين. جڏهن مون اها ڳالهه حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان ڪئي ته پاڻ به باغ ۾ تشريف فرما ٿي ڏٺائون ته هڪ ڪجيءَ واقعي ڪجور نه ڏني آهي پاڻ ان جي سبب لاءِ سوچڻ لڳا ته حضرت عمر فاروق اعظم ﷛ ڪين عرض ڪيو ته "اها مون لڳائي هئي." پاڻ فرمايائون ته اهو ئي سبب آهي." پوءِ ان کي پٽي وري پاڻ لڳايائون ته ان به ڦَر جهليو ۽ حضرت سلمان فارسي ﷛ آزاد ٿي ويو. (فضائل النبي ﷺ . شرح الشمائل ص 34)

فارسي سڏجڻ جو سبب : ان ۾ مختلف قول آهن. {1} ته اهو فارس جي هڪ شهر ڏانهن منسوب آهي جيڪو رامهرمز جي ايريا ۾ تستر ۽ شيراز جي وچ ۾ فارس جي پسگردائيءَ ۾ هو ۽ فارس ان جي ڪري سڏيندا هئا جو ان جا رهاڪو گهوڙن جي سواريءَ جا ماهر هئا.

{2} ته اهو فارس بن ڪيومرث ڏانهن نسبت ڪيل آهي.

{3} ته اهو بارس لفظ مان عربيءَ ۾ فارس چيو ويو آهي ۽ حضرت سلمان ﷛ اصفهان جو هو ان جو فارس سان تعلق نه هو پر عرب جا جيڪي به علائقا عجمي بادشاهن جي قبضي ۾ هئا انهن کي فارس سڏيندا هئا ۽ اصفهان به انهن علائقن مان هو.

حضرت سلمان فارسي ﷛ جي والدين جو نالو : علماء لکيو آهي ته حضرت سلمان ﷛ جي والد (۽ والده) جو نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي ۽ ڪانئس سوال ڪيو ويو هو ته اوهان جي پيءُ جو نالو ڇا آهي ته پاڻ فرمايائين. "مان مسلمان اسلام جو پٽ آهيان." نالو نه ٻڌايائين.

نقشبندي سلسلي جو سرواڻ حضرت سلمان فارسي ﷛

حضرت سلمان فارسي ﷛ حضرت رسول الله ﷺ جن سان محبت جي شرف سان مشرف هوندي ۽ سندن شفقت ۽ عنايت جي صدقي سندن اهلبيت ۾ شامل هجڻ جي باوجود باطني علم ۾ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ کان مُجازُ آهي جيئن اڳتي بيان ٿيندو. ڪيس حضرت علي ﷛ سان به صحبتون حاصل هيون. منقول آهي ته سندس مالڪن حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته اسان کي سلمان آزاد ڪري ڏيو. پاڻ حضرت سلمان فارسي ﷛ کي اختيار ڏنائون (ڀليس نه واپس وڃي وڃيس ته سندن خدمت ۾ رهي) پر ان حضور ڪريم ﷺ جن وٽ رهڻ پسند

ڪري مائٽن سان وڃڻ کان انڪار ڪيو. نبي ڪريم ﷺ جن حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي قوم کي ٻه دعائون ڪرڻ فرمايون هيون.

تفسير "ابو القاسم" ۾ مذڪور آهي ته "جڏهن قرآن ڪريم جو گهڻو حصو نازل ٿي چڪو هو ته رسول الله ﷺ جن ان حصي کي ڪيترين ئي جاين تي موڪليو جڏهن اهو حصو فارس ۾ (ڪجهه ماڻهن وٽ) پهتو ته انهن ان کي پيار سان پنهنجي سيني سان لڳايو. (اهو پهچائڻ وارو حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه هو) ۽ جڏهن ڪجهه حصو ڪجهه ترڪين کي پهتو ته انهن ٻه ادب سان قبول ڪيو. اهو حال جڏهن سيدنا رسول الله ﷺ جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو ويو ته پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو" فارس وارا دل جا مقبول ۽ سچي سيني وارا هوندا ۽ ترڪي سردار بنجندا."

الحاصل حضرت سلمان رضي الله عنه جي محبت ۽ اخلاص ان کي نبوي بارگاهه ۾ ايتري مقبوليت عطا ڪئي جو سيدنا رسول الله ﷺ جن کيس اهلبيت ۾ شامل ڪرڻ فرمايو. شيخ الموحدين محي الدين ابنِ عربي قدس سره **مذڪور حديث سان حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي لاءِ** قرآن ڪريم جي آيت :"اِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿٣٣﴾" (سورة الاحزاب آيت 33) ۾ مذڪور پاڪائي تي دليل ورتو آهي ته **اها پاڪائي حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي لاءِ ٻه آهي. ڇوته جيڪڏهن** ان ۾ اها پاڪائي نه هجي ها ته اهلبيت ۾ ڪيئن شامل هجي ها. حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه خندق واري جنگ ۾ حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ موجود ۽ سندن مُشير رهيو. پاڻ اصحاب صفه ۾ داخل ۽ انهن اصحابن مان آهي جن جي لاءِ جنت مشتاق آهي. حضرت عمر فاروقِ اعظم رضي الله عنه کيس مدائن جو والي مقرر ڪيو هو ۽ پنج هزار 5000 درهم سندس سالياني وظيفو مقرر ڪيو هو. پر پاڻ اهي پنج هزار درهم بيت المال مان وٺي فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ محنت ڪري، ڪمائي ان مان پنهنجو خرچ هلائيندو هو. ان وٽ اُٺ جي اُن مان ٺهيل هڪ ڪمبل هوندو هو. ڏينهن جو اهو وڇائيندو هو ۽ رات جو اهو ويڙهيندو هو. جهاد ۾ شوق سان شامل ٿيندو هو. ٻڪرين جي وارن کي صاف ڪري ان مان رسيون ٺاهيندو ۽ ڪلون گڏ ڪندو هو. جيڪڏهن جهنگل ۾ ڪنهن کي ٻه رسي يا ٻوڪي جي ضرورت پوندي هئي ته ان کي ڏيندو هو.

هڪ واقعو : مدائن جي امير هجڻ جي دوران هڪ ڀيري حضرت سلمان رضي الله عنه ڪمبل ۾ ويڙهيل بازار ۾ وڃي رهيو هو ۽ هڪ شخص صوف خريد ڪري گهر کڻي پهچائڻ جي لاءِ مزدور جي تلاش ۾ هو. ان حضرت سلمان رضي الله عنه کي ڪمبل ۾ ويڙهيل ڏسي مزدور سمجهي سڏ ڪري چيو ته "هي صوف کڻي گهر پهچاءِ." حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه اهي صوف کڻي ان سان گڏ هليو ۽ ان کي نه ٻڌايائين ته مان مدائن جو امير آهيان. ٿورو اڳتي هليا ته واٽ ۾ ڪين ٻيو ماڻهو مِليو ۽ ان چيو ته "الله جل جلاله امير کي خوش رکي ڇا سبب آهي جو هيترو وزن کنيو وڃو ٿا؟ پوءِ ان سمجهيو ته هي مدائن جو امير آهي. ان قدم بوسي ڪري عرض ڪيو ته "مون کي معاف ڪيو." پاڻ فرمايائونس ته"تو چيو هو ته مون کي گهر تائين پهچائي ڏيو سو گهر تائين پهچائڻ کان پهريان مان هي بار نه لاهيندس."

حضرت سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه جي شادي : روايت ۾ آهي ته حضرت سلمان رضي الله عنه بني ڪنده جي هڪ عورت سان شادي ڪئي هئي. جنهن مان کيس ٻه پُٽ ڄاوا هئا ۽ انهن مان گهڻو نسل هليو ۽ ان

ملڪ مدائن ۾ اچا تائين ان جو نسل موجود آهي ۽ سڀ اهل علم ۽ اهل فضل آهن ۽ هي جو مشهور آهي ته پاڻ مرداني عضوي جا وڏيل ۽ بي اولاد هئا. شادي نه ڪئي هئائين اهو سراسر غلط آهي. جڏهن وفات جي قريب بيمار ٿي پيو هو ته جيڪي ڪائنس پُڇڻ ٿي آيا انهن ڏٺو ته پاڻ زاروقطار روئي رهيا هئا. انهن کيس عرض ڪري روئڻ جو سبب پڇيو ته فرمايائين "مان نه موت جي خوف کان ٿو روئان ۽ نه دنيا جي خواهشات جي ڪري. بلڪ سبب هي آهي ته رسول الله ﷺ جن مون سان عهد ڪيو هو ته "جيڪڏهن تون قيامت ۾ مون سان ملڻ ۽ مون کي ڏسڻ گهرين ٿو ته دنيا کان دور رهجان ۽ اهڙي طرح وڃجانءِ جيئن مان وڃي رهيو آهيان." ۽ "مان هاڻي ان حال ۾ وڃي رهيو آهيان جو مون وٽ ڪجهه مال ۽ اسباب آهن. ائين نه ٿئي جو سندن ديدار کان محروم رهجي وڃان." حالانڪ ان وقت ان وٽ هڪ چانديءَ جي ٿانوَ ۽ هڪ وضو ڪرڻ واري ٿانوَ ۽ هڪ اُٺ جي پلاڻ ۽ هڪ ٻڪريءَ جي کل ۽ هڪ ڪمبل کان سواءِ ڪجهه نه هو.

بهرحال سن 32 هجري ۾ مدائن ۾ وفات ڪئي هئائين ۽ اطلاع ملڻ تي حضرت علي رضي الله عنه راتئون رات مديني شريف کان مدائن پهچي کيس غسل ڏياري، نمازِ جنازه وغيره کان فارغ ٿي واپس مدينهء منوره موٽي آيو هو. (حضرات القدس ص 557)

حضرت سلمان رضي الله عنه نقشبندي سلسلي وارن جو حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کان پوءِ شيخ طريقت آهي. ان کان حضرت قاسم بن محمد بن ابي بڪر صديق رضي الله عنه فيض ورتو ۽ ان حضرت قاسم رضي الله عنه کان امام جعفر صادق، ان کان حضرت با يزيد بسطامي رحمه الله.

حضرت سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه جو مقام: حضرت سلمان رضي الله عنه نهايت شاندار صحابي آهي. سيدنا رسول الله ﷺ جن سندس حق ۾ فرمايو :"سَلْمَانُ مِنَّا اَهْلِ الْبَيْتِ " سلمان اسان جي اهل بيت مان آهي کيس "سلمان الحبر" سڏيندا آهن ۽ اهو انهن صحابن مان هڪ آهي جن لاءِ جنت مشتاق آهي. جليل القدر صحابي آهي. کيس حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام سان يا ان جي حواري سان (ٻه قول آهن) ملاقات جو موقعو مليو هو. ۽ ٻه ڪتاب توراة ۽ انجيل پڙهيا هئائين کيس بيت المال مان پنج هزار درهم وظيفو مقرر ٿيل ملندو هو. جيڪو مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پنهنجي هٿ جي ڪمائيءَ مان کائيندو هو. وڏو زاهد هو وڏي عمر ۾ انسان ۾ حرص وڌندو آهي پر حضرت سلمان رضي الله عنه ۾ زهد وڌيو دنيا جي محبت نه رهي. حضرت علي رضي الله عنه کان سندس متعلق پڇيو ويو ته فرمايائين "علمِ اول ۽ علمِ آخر ڄاڻندو هو. بي ڪنار بحر هو ۽ اهو اسان اهلبيت مان آهي." حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهرئين سن هجري ۾ حاضر ٿي مذڪور نشانيون ڏسي مسلمان ٿيو هو سندس عمر اڍائي سؤ يا ساڍا ٽي سؤ سال هئي.

فائدو : رسول الله ﷺ جن جو فرمان ته "اسين صدقو نه کائيندا آهيون" ان مان واضح ٿيو ته پاڻ ان کي حرام سمجهيائون. ۽ علماءِ ڪرام لکيو آهي ته صدقو حضور ڪريم ﷺ ۽ ان جي آل تي ٻن سببن جي ڪري حرام آهي. (1) ته اهو ماڻهن جي مال جي ميرنهه آهي جيڪا سندن جي شان جي لائق ناهي. (2) ته جيڪڏهن پاڻ ۽ سندن آل صدقو کائين ها ته اها تهمت لڳي ٿي سگهي ته پاڻ نبوت جي دعويٰ ئي پنهنجي ۽ پنهنجي اولادجي لاءِ ملڪيت گڏ ڪرڻ خاطر ڪئي اٿن. (3) ته صدقو ڏيندڙ

اعليٰ هوندو آهي ۽ ونندڙ ادنيٰ هوندو آهي. حضور ڪريم ﷺ اعليٰ آهي ۽ سندن آل به سندن صدقي شاندار آهي. انهن تي صدقو حرام ڪري انهن جي مقام ۽ شان جو تحفظ ڪيو ويو آهي ۽ هديو هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن سان هديو ونندڙ جو تقرب حاصل ڪيو ويندو آهي ۽ ان ڏانهن محبوب بنجڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضور ڪريم ﷺ جن جي لاءِ فرضي ۽ نفلي صدقا ٻئي حرام هئا. سندن آل جي لاءِ به اهو ساڳيو ئي حڪم آهي. ٻوءِ جن عالمن ان جي علت ۽ سبب اهو چيو آهي ته صدقو مال جي ميرنهه آهي انهن جي بقول صدقو حضور ڪريم ﷺ جي آل تي هميشه جي لاءِ حرام آهي. جن جو قول آهي ته صدقو حضور ڪريم ﷺ جن کان تهمت کي دفع ڪرڻ جي لاءِ حرام ڪيو ويو آهي انهن جي بقول حضور ڪريم ﷺ جن جي ظاهري رحلت کان پوءِ سندن آل تي صدقو حرام ناهي ۽ شافعي ۽ حنفي متاخر علماء جي هڪ جماعت جو به اهو قول آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 66) علامه مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي ان صدقي مان کائڻ جي لاءِ حضور ڪريم ﷺ جن صحابه کي اختيار ڏنو ته کائو يا نه کائو." پر صحابه ڪرام عليهم الرضوان ان مان نه کاڌو هو تڏهن حضرت سلمان رضي الله عنه کي فرمايائون ته "ڪٺي وڃ". (شرح المناوي للشمائل ج 1 ص 66)

سمجهاڻي : هن حديث مان ثابت ٿيو ته نبوت جي مُهر حضور ڪريم ﷺ جن جي ٻن پاڪ ڪلهن جي وچ ۾ هئي جيڪا حضرت سلمان رضي الله عنه ڏٺي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته نبي ڪريم ﷺ جن صدقو ۽ زڪواة جو مال نه کائيندا هئا ۽ ان مجلس ۾ موجود ٻين کي فرمايائون ته "کائو". اهو ان ڪري جو اهي ان کائڻ جا مستحق هئا. انهن لاءِ اها کائڻ جائز هئي. ۽ اهو به ثابت ٿيو ته حضور ڪريم ﷺ جن ٻئي جي مال ۾ تصرف ڪرڻ جو حق رکن ٿا ۽ ان جي ڪري حضرت سلمان رضي الله عنه کان بغير پڇڻ جي پاڻ مجلس ۾ موجود صحابن رضي الله عنهم کي فرمايائون ته "کائو."

سوال : اهو طعام جيڪو حضرت سلمان رضي الله عنه آندو هو ڇا هو؟

جواب : ان ۾ مختلف روايتون آهن. (1) امام احمد ۽ بزار جيد سند سان حضرت سلمان رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "مون ڪاٺيون ڪري, وڪٽي ان مان طعام ناهي نبي ڪريم ﷺ جن کي پيش ڪيو هو." پر هن ۾ اها وضاحت ناهي ته اهو طعام ڇا هو؟ (2) طبراني جيد سنَد سان آندو آهي, حضرت سلمان رضي الله عنه فرمايو ته "مون هڪ درهم جو اٽ جو گوشت وٺي رڌي ان کي پيالي ۾ وجهي ثريد (گوشت ۽ ماني مليل) ناهي اهو ڪنڌ تي کڻي رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو. محدثن فرمايو ته اهي روايتون صحيح آهن ائين به ٿي پيرا ٿيو هوندو يا هڪ ئي ڀيري اهو طعام ۽ کجور گڏ کڻي ويو هوندو ۽ اهو ثريد, گوشت ۽ تازي کجور (ڏوڏن) تي مشتمل هو پر هن شمائل جي روايت ۾ صرف تازي کجور جو ذڪر ان جي ڪري ڪيل آهي جو اها وڏيڪ معظم هئي.

سوال : حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه کي نالو وٺي سڏيو حالانڪ ان جي اڳ ۾ ساڻن ملاقات ٿيل نه هئي پوءِ ڪين نالي جي خبر ڪيئن پئي؟

جواب : ان ۾ هڪ قول هي آهي ته "لعلمه ﷺ اسمه بنورالنبوة" يعني پاڻ سڳورن ﷺ اهو نبوت جي نور سان علم رکيو هو. (المواهب شرح الشمائل ص 94)

سوال : نبي پاڪ ﷺ جن جمع متڪلم جو صيغو "فَاِنَّا لَانَاكُلُ الصَّدَقَةَ" (اسين صدقو نه ٿا کائون) ڇو

ارشاد فرمايو حالانڪ پاڻ اڪيلا نہ پيا کائن؟

جواب : اهو سندن مقام ۽ تعظيم جي اظهار لاءِ هو. يا پاڻ سان گڏ ٻيا انبياء عليهم السلام بہ ارادي ۾ ڪيا هوندائون. ان بناء تي تہ اهي بہ صدقي جي حرام هجڻ ۾ ساڻن شريڪ هوندا. پر ان قول ۾ گهڻو اختلاف آهي.

فائدو : حضور ڪريم ﷺ جن جو ان مان صحابہ ڪرام سان گڏجي کائڻ سندن اعليٰ اخلاق جو ثبوت آهي پاڻ پنهنجن صحابن سان رَليل مليل رهندا هئا. ۽ ان مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ مستحب آهي تہ جنهن کي ڪو هديو ملي تہ اهو محفل ۾ موجود ٻين ماڻهن کي بہ ان مان ڪجهہ ڏي ۽ ان قول جي تائيد ان حديث سان بہ ٿئي ٿي. "مَنْ أُهْدِيَ لَهُ هَدِيَّةٌ فَجُلَسَاؤُهُ شُرَكَاؤُهُ" (جنهن کي ڪو هديو ڏنو وڃي تہ ان جا گڏ وهندڙ بہ ان ۾ ان جا شريڪ آهن) ۽ مجلس ۾ ويهندڙن مان مُراد هميشہ گڏ رهندڙ آهن اهي ناهن جيڪي ان مهل گهڙي ڪن جي لاءِ آيا هجن. ۽ الله ﷻ جي پيارن بعض ولين کان منقول آهي تہ "ان کي درهم ۽ دينار هديي ۾ ڏنا ويا تہ سندس خدمت ۾ موجود بعض مجلس وارن عرض ڪيو تہ سائين هديا شرڪت ڪيل آهن" تہ ان جواب ۾ فرمايو"اسين ٻائيواري ۽ شراڪت کي پسند نہ ٿا ڪيون." پوءِ ان چوندڙ جي ڪيفيت متغير ٿي تہ شايد سائين سمجهيو تہ مان اڪيلو اهو وٺڻ ٿو گهران. الله ﷻ جي ولي ان کي فرمايو تہ " تون اڪيلو اهو هديو کڻ" ان وٺي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر کڻي نہ سگهيو الله ﷻ جي ولي پنهنجن ڪجهہ شاگردن کي فرمايو تہ "هن کي کڻايو پوءِ انهن ان جي مدد ڪئي." ۽ حضرت امام ابو يوسف رحمه الله کي درهم ۽ دينار هديي ۾ مليا تہ سندس مجلس وارن مان هڪڙي ڪنهن چيو تہ "يَا مَوْلَانَا اَلْهَدَايَا مُشْتَرِكَةٌ " (اي اسان جا سائين! هديا شراڪت ڪيل آهن) تہ فرمايائون. الهدايا ۾ "ال" عهد جو آهي ۽ معهود طعام جو هديو آهي. يعني طعام هديي ۾ ملي تہ اهو گڏجي کائبو ۽ باقي درهم ۽ دينار مشترڪ ناهن.

علامہ بيجوري رحمه الله هي ٻئي واقعا ذڪر ڪري لکيو آهي تہ "ڏسو اولياء ڪرام ۽ فقهاءِ عظام ۾ ڪيترو فرق آهي محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ "هڪ زاهد صوفي جي لاءِ اهو ٺي مناسب هو جيڪو ان ڪيو ۽ هڪ فقيہ امام ابو يوسف لاءِ اهو مناسب هو ۽ هي سچ آهي امام ابو يوسف رحمه الله فقه جو مشهور امام آهي اهو جيڪڏهن ائين نہ ڪري ها تہ هر هديہ مان مجلس ۾ موجود ماڻهن کي حصو ڏيڻ شرعي مسئلو ٿي وڃي ها ۽ امت جي لاءِ دِقت ٿئي ها. حضرت شاهہ ولي الله دهلوي رحمه الله هڪ ڪتاب "المبشرات"(ننڊ ۾ ملندڙن بشارتن) جي بيان ۾ لکيو آهي جنهن ۾ گهڻا عجيب واقعا ذڪر فرمايا اٿس. انهن مان هڪ هي واقعو پنهنجي والد مرحوم جو آندو اٿس. سندس والد فرمايو تہ "هڪ ڀيري مون کي ابتدائي زماني ۾ شوق ٿيو تہ هميشہ روزا رکندو ڪيان ان کان پوءِ ان ۾ علماء جي اختلاف جي ڪري مون کي ان ۾ ترديد ٿي. خواب ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي زيارت ٿي ۽ پاڻ مون کي هڪ ماني عطا فرمايائون. سندن خدمت ۾ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه بہ موجود هيو. ان فرمايو تہ "اَلْهَدَايَا مُشْتَرِكَةٌ" (يعني هديا شراڪت ڪيل آهن) مون اها ماني ان جي اڳيان رکي ۽ ان انهيءَ مان هڪ ٽڪر ڪنيو. حضرت عمر فاروقِ اعظم رضي الله عنه بہ ان مجلس ۾ موجود هيو ان بہ فرمايو تہ "اَلْهَدَايَا مُشْتَرِكَةٌ " مون اها ماني ان جي اڳيان رکي ان بہ هڪ ٽڪر ڪنيو. حضرت عثمان غني رضي الله عنه بہ محفل ۾ موجود هيو

ان بہ فرمايو "اَلْهَدَايَا مُشْتَرَكَةٌ" مون ان کي عرض ڪيو تہ "جيڪڏهن هن مانيءَ کي اوهان سيني ٽڪر، ٽڪر ڪري ڪنيو تہ مون لاءِ ڇا بچندو؟ (خصائل نبوي ص 28)

سوال : جيڪا ڪجي حضرت عمر ﷺ لڳائي هئي ان ڪجور ڇو نہ ڏني؟

جواب : حضور ڪريم ﷺ ۽ حضرت عمر ﷺ جي شان ۾ فرق ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڇوتہ ڪجين جي ڪارڪ ڏيڻ رسول الله ﷺ جو معجزو هو.

فائدو : حضرت عمر ﷺ جي لڳايل ڪجيءَ جو ڦر نہ ڏيڻ ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان ان کي پنهي وري لڳائڻ ۾ سندن بہ معجزا ظاهر ٿيا هئا هڪ اڻ منداٺتي چڪي لڳل جو وڌو ٿيڻ ٻيو ان ئي سال ان جو ڦر بہ ڏيڻ.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن روايت ڪئي آهي : هن حديث جي سند حسن آهي هنن محدثن بہ اها آندي آهي. {1} الامام احمد في المسند ج 5 ص 354 {2} البزار في ڪتاب المناقب باب مناقب سلمان حديث رقم 2726 ڪشف الاستار ج 3 ص 268، 269 {3} الطبراني في المعجم الڪبير حديث رقم 6070 ج 6 ص 228 {4} احمد {5} البغوي في الشمائل حديث رقم 143 ج 1 ص 133 {6} البيهقي في الدلائل ج 6 ص 97.

{22} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ الْوَضَّاحِ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو عَقِيلٍ الدَّوْرَقِيُّ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ الْعَوَقِيِّ قَالَ: سَأَلْتُ أَبَا سَعِيدٍ الْخُدْرِيَّ عَنْ خَاتَمِ رَسُولِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ - يَعْنِي خَاتَمَ النُّبُوَّةِ - فَقَالَ: كَانَ فِي ظَهْرِهِ بَضْعَةٌ نَاشِزَةٌ.

با محاوره ترجمو : حضرت ابونصرة ﷺ چوي ٿو تہ مون حضرت ابو سعيد خدري ﷺ کان رسول الله ﷺ جن جي مهر نبوت بابت پڇيو. تنهن تي ان چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پُٺي مبارڪ تي گوشت جو اُپريل ٽڪرو هو.

مفردات جو شرح : "خاتم النبوّةِ" : هن مان مُراد نبوت جي مُهر مُراد آهي هٿ ۾ پائڻ واري مُنڊي مراد ناهي. "كَانَ" : نَا قصه آهي هن جو اسم هن ۾ ضمير مستتر آهي جيڪو الخاتم لفظ ڏانهن وري ٿو. ان جي ڪري "بَضْعَةُ نَاشِزَةُ" يعني ٽڪرو ناشزة. مٿي ايرندڙب کي زبر زير پڙهي وينديءَ ۽ اهو "كَانَ" جي خبر آهي. "بَضْعَة" : گوشت جو ٽڪرو. "نَاشزَةٌ" مٿي ٿيندڙ.

سمجهاڻي : حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي مٿان نبوت جي مُهر جو هجڻ معروف ۽ مشهور هو ان جي ڪري صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کان تابعين ڪرام پڇندا رهندا هئا. هن روايت ۾ حضرت ابو سعيد خدري ﷺ کان ابي نضرة بہ اهو سوال ڪري مُهر جي ڪيفيت معلوم ڪرڻ تي گهري ۽ ان ٻڌايو تہ اهو هڪ گوشت جو اپريل ٽڪرو هو ۽ ان ۾ "خاتم النبوة" لفظ آڻي وضاحت ڪيائين تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي مُنڊي مبارڪ واري مُهر مراد ناهي. ٻن ڪلهن جي وچ ۾ موجود هجڻ واري مُهر مُراد آهي.

فائدو : علامہ علي قاري ﷺ لکيو آهي تہ مشڪواة المصابيح ۾ ابي رمثة کان روايت آهي تہ مان پنهنجي پيءُ سان گڏ رسول الله ﷺ جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس تہ منهنجي پيءُ حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ "مون کي اجازت ڏيو تہ مان اوهان جي پاڪ پُٺيءَ (۾ موجود ايرندڙ گوشت)

جو علاج ڪيان. مان طبيب آهيان" حضور ڪريم ﷺ جن ان ڪي ارشاد فرمايو تہ تون رفيق (يعني نرمي ڪندڙ) آهين ۽ طبيب الله جل جلاله آهي." مشڪواة شريف جي شارح الطيبي هن جي وضاحت ۾ فرمايو تہ "ابي رمثة جي پيءُ سمجهيو تہ شايد اهو اڀرندڙ گوشت جو ٽڪرو جسم جي ڪنهن بيماريءَ جي ڪري آهي. بدن جي فضلات جو مجموعو آهي پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن ان ڪي فرمايو تہ "اهو علاج ڪرڻ جي شيءِ ناهي. بلڪ تنهنجا الفاظ علاج جي قابل آهن جو تو پاڻ ڪي طبيب سڏيو آهي ۽ طبيب تہ الله جل جلاله آهي جيڪو حقيقي دوا ڪندڙ سڄي جهان جو شافي. بيماريءَ ۽ دوا ٻنهي جي حقيقتن کي ڄاڻندڙ صحت ۽ بقا تي قادر آهي. تون ماڻهن جو علاج ڪرڻ جي ڪري انهن تي نرمي ڪندڙ آهين. (جمع الوسائل ج 1 ص 71)

هن حديث کي ٻين هنن محدثن روايت ڪيو آهي: {1} البغوي في شمائله رقم الحديث 182. ج 1 ص 156 بسند حسن {2} احمد بنحوه في المسند ج 3 ص 69 {3} البيهقي في الدلائل ج 1 ص 265 {4} رواه البخاري في التاريخ ج 4 ص 44 {5} تاريخ الطبري ج 2 ص 222

{23} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ الْمِقْدَامِ أَبُو الْأَشْعَثِ الْعِجْلِيُّ الْبَصْرِيُّ قَالَ: أَخْبَرَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ عَاصِمٍ الْأَحْوَلِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ سَرْجِسَ قَالَ: أَتَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ فِي نَاسٍ مِنْ أَصْحَابِهِ، فَدُرْتُ هَكَذَا مِنْ خَلْفِهِ، فَعَرَفَ الَّذِي أُرِيدُ، فَأَلْقَى الرِّدَاءَ عَنْ ظَهْرِهِ، فَرَأَيْتُ مَوْضِعَ الْخَاتَمِ عَلَى كَتِفَيْهِ مِثْلَ الْجُمْعِ حَوْلَهَا خِيلَانٌ كَأَنَّهَا ثَآلِيلُ، فَرَجَعْتُ حَتَّى اسْتَقْبَلْتُهُ، فَقُلْتُ غَفَرَ اللهُ لَكَ يَا رَسُولَ اللهِ، فَقَالَ: وَلَكَ فَقَالَ الْقَوْمُ أَسْتَغْفَرَ لَكَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ فَقَالَ: نَعَمْ، وَلَكُمْ، ثُمَّ تَلَا هَذِهِ الْآيَةَ { وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ } [سورة محمد آيت 19].

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن سرجس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ آئون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيس ۽ پاڻ سڳورا ﷺ اصحابن سونهارن سان گڏ ويٺا هئا پوءِ سندس پٺي مبارڪ ڏي ڦري آيس تہ پاڻ ﷺ جن منهنجي (مهر نبوت ڏسڻ) جي ارادي کي سمجهي ويا ۽ پنهنجي پُٺيءَ تان چادر پري ڪيائون مون سندن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مُهر نبوت ڏٺي جو هٿ جي مُٺ وانگر گوشت اڀريل هو. ان جي چوڌاري ڦڙن وانگر تِرَ هئا. مون مُهر نبوت کي چُميو پوءِ حضور ﷺ جن جي سامهون اچي وينس ۽ دعا ڪيم تہ اي الله جا رسول! ﷺ الله جل جلاله اوهان جي مغفرت فرمائي! پاڻ سڳورن بہ فرمايو تہ توکي بہ الله جل جلاله بخشي! ان تي اصحابن چيو تہ رسول الله ﷺ تنهنجي لاءِ بخشش گهري ڇا؟

مون چيو تہ هاؤ ۽ توهان لاءِ بہ بخشش گهريائون. پوءِ هي آيت پڙهيائين: ترجمو :(اي محبوب) پنهنجي خاص مسلمان امتين مومنن ۽ مومنياڻين جي لاءِ بخشش طلب ڪريو.)

مفردات جو شرح : "نَاسٍ" : ماڻهو هتي مراد اصحاب سڳورا عليهم الرضوان آهن. "دُرتُ" : ڦرڻ لڳس يعني حضور ڪريم ﷺ جن جي اردگرد ڦرڻ شروع ڪيم. "اَلْجُمْع" : بند ٿيل مُٺ "خِيلَانٌ" : تِرَ خال جو جمع آهي. "ثاليل" : ڦُڙها. ننڍا ننڍا داڻا.

سمجهاڻي: حضرت عبدالله بن جرجس صحابي رضي الله عنه کي حضور ڪريم ﷺ جن جي نبوت واري مُهر ڏسڻ جو شوق هو. پاڻ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان گڏ ويٺا هئا تہ حضرت عبدالله بن سرجس رضي الله عنه

اڇي سندن پويان ڦرڻ لڳو. نبي ڪريم ﷺ جن راز ڄاڻندڙ هئا. سندس دل جي خواهش کي سمجهي ويا ته اهو نبوت واري مهر کي ڏسڻ گهري ٿو. ان جي ڪري ان تي شفقت ڪندي پنهنجي پاڪ پُٺيءَ تان ڪپڙو مٿي کنيائون ۽ حضرت عبدالله بن جرجس رضي الله عنه نبوت جي مُهر جي زيارت ڪري ورتي. حضرت عبدالله بن جرجس رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جي ان احسان جو شڪريو هن طرح ادا ڪيو جو محبوب آقا ﷺ جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪيائين (حالانڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن گناهه ڪرڻ ته ڇا پر گناهه جي تصور ۽ سوچ کان به پاڪ آهن) محبوب ڪريم ﷺ جن ان کي ڏکيو نه سمجهيو پر صحابي جي محبت ڀريل لفظن جو جواب "هَلْ جَزَاءُ الْإِحْسَانِ إِلَّا الْإِحْسَانُ" (احسان جو بدلو به احسان آهي) جي مطابق ڏيندي ان جي لاءِ مغفرت جي دعا فرمايائون. اها دعا ٻڌي صحابه ڪرام عليهم الرضوان حضرت عبدالله بن جرجس رضي الله عنه کي فرمايو ته ڇا تو لاءِ رسول الله ﷺ جن مغفرت جي دعا فرمائي. (مطلب ته تنهنجا ڀاڳ ڀلا آهن جو توتي اهڙي مهرباني ٿي آهي) ان فرمايو ته هائو. ۽ اوهان جي لاءِ به." حضور ڪريم ﷺ مغفرت جي دعا ڪندا آهن. يا حضور ڪريم ﷺ جن صحابه ڪرام عليهم الرضوان کي فرمايو ته اوهان لاءِ به مغفرت جي دعا آهي ان کان پوءِ هيءَ آيت "وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ" حضرت عبدالله بن سرجس رضي الله عنه پڙهي يا حضور ڪريم ﷺ جن. به قول آهن. حضرت علامه علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي ته "روايت ۾ آيل لفظ "هذا" مان واضح ٿيو ته حضرت عبدالله بن سرجس رضي الله عنه ٻين کي ائين ڪري ڏيکاريو جيئن پاڻ حضرت رسول الله ﷺ جن جي پويان ڦريو هو. ۽ هن روايت ۾ آيو آهي "عَلٰى كَتِفَيْهِ" سندن ٻاڪ ڪلهن تي. ان مان مراد اها ناهي ته اها مُهر ڪلهن تي لڳل هئي. پر اها ائين بلند محسوس ٿيندي هئي. جڻ ڪلهن تي لڳل آهي ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت سيدنا عبدالله بن جرجس رضي الله عنه کان هيئن روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن جو ديدار ڪيو ۽ سندن (پاڪ ذات عالي صفات) سان گڏجي گوشت ۽ ماني يا چيائين "ثريد" کاڌو ۽ کائڻ کان پوءِ سندن پويان مُهر ڏسڻ جي لاءِ ڦرڻ لڳو هوس. علامه موصوف رحمة الله عليه ٿورو اڳتي لکيو آهي ته علامه قسطلاني رحمة الله عليه لکيو آهي ته "نبوت جي مُهر جو کاٻي ڪلهي واري پاسي هجڻ ۾ اهو راز هو جو دل به کاٻي پاسي آهي ۽ هڪ منقطع روايت ۾ آيو آهي ته هڪ شخص الله جل جلاله کان دعا گهري ته "مون کي بدن ۾ شيطان واري جاءِ ڏيکار." پوءِ ان کي ننڊ ۾ شيشي وانگر جسم ڏيکاريو ويو جنهن جو اندر ٻاهران ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. ۽ ان ۾ اندر شيطان ڏيڏر جي صورت ۾ کاٻي ڪلهي جي قريب قلب "دل" کي ويجهو وينو هو. ان کي مڇر وانگر سونڊ هئي. جنهن کي ان جي دل ۾ داخل ڪري وسوسا وجهي ٿو. ٻانهو جڏهن الله جل جلاله کي ياد ڪندو آهي ته اهو پري ٿي ويندو آهي. اها روايت ابن عبدالبر قوي سند سان ميمون بن مهران تائين عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه کان آندي آهي ۽ اها روايت الفائق جي صاحب به آندي آهي ۽ سعيد بن منصور عروة بن رديم جي سند سان آندو آهي ته حضرت عيسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام الله جل جلاله کي عرض ڪيو ته "ڪيس انسان ۾ شيطان جي جاءِ ڏيکاري" پوءِ الله جل جلاله ان کي ڏيکاري ۽ ڏنائين ته شيطان جو مٿو نانگ جي مٿي وانگر هو جيڪو قلب جي مٿان رکيل هو. پوءِ جڏهن ٻانهو رب کي ياد ڪري ٿو ته اهو پري ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن انسان غافل ٿو ٿئي ته اهو وسوسا وجهڻ شروع ڪري ٿو ۽ سهيلي رحمة الله عليه فرمايو ته "نبوت جي مُهر جو کاٻي پاسي هجڻ ۾ اها به حڪمت آهي ته رسول الله ﷺ جن جو قلب مبارڪ حڪمت ۽

يقين سان پريل آهي هي جڏهن ان جي مٿان مُهر لڳل آهي جيئن مُشڪ وغيره سان پريل ٿانوَ تي مٿان مُهر هڻي ڇڏبي آهي پر سندن ڪابي ڪلهي جي ويجهو رکڻ ۾ اها حڪمت هئي جو پاڻ شيطان جي وسوسن وجهڻ کان پاڪ آهن. ۽ شيطان جي به اها جاءِ هوندي آهي ته اها بند ڪئي وئي.

حضرت علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته حضرت عبدالله بن جرجس رضي الله عنه جي حضور ڪريم ﷺ لاءِ مغفرت جي دعا ائين آهي. جيئن قرآن ڪريم جي آيت ۾ "لِيَغْفِرَ لَكَ اللهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَ مَا تَأَخَّرَ" (سورة الفتح آيت 2) ۾ آيل آهي ۽ ان مان مراد امت جي مغفرت آهي. يا ان مغفرت جو اثبات ۽ دوام آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو ان کي فرمان ته "وَلَكَ" (۽ توکي به) اها ان جي لاءِ خصوصي دعا آهي جو ان ايمان آڻي. حضور ڪريم ﷺ تي يقين رکي سندن نبوت واري مُهر جي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته "حضرت عبدالله بن سرجس رضي الله عنه جو قول ته "فَعَرَفَ الَّذِىْ أُرِيْدُ" پوءِ رسول الله ﷺ جن منهنجي مراد کي سُڃاتو." ان مان مراد اها آهي ته رسول الله ﷺ جن نبوت جي نور سان سڃاتو هو.

فائدو : الله جل جلاله جي ولي شيخ الاسلام الحافظ ابوزرعة عراقي رحمه الله **کان پڇيو ويو ته "نبوت جي مُهر مصطفيٰ ﷺ جي خصائص مان آهي ۽ ڇا اها ڄمڻ جي وقت کان هئي؟ ۽ ڇا ان سان گڏ دفن ڪيا ويا هئا؟ ته پاڻ فرمايائين اها مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي خصائص مان آهي ٻين نبين** عليهم السلام **تي لڳل نه هئي ۽ اها روايت ثابت ناهي ته ڄمڻ وقت به هئي. اها پوءِ جبريل سندن ٻن ڪلهن جي وچ تي هڻي** هئي. پر اها ڪين دفن ڪرڻ مهل به هئي ساڻن گڏ دفن تي ڇوته سندن جسم جو ٽڪرو هئي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 72، 74)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} مسلم بنحوه في كتاب الفضائل باب 30. اثبات خاتم النبوة وصفته و محله من جسده ﷺ رقم الحديث 2346 ج 4 ص 1823، 1824 {2} النسائي في كتاب التفسير من سننه الكبريٰ باب 333 قوله تعاليٰ "وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ" رقم الحديث 1496 ج 6 ص 460 {3} النسائي في عمل اليوم والليلة له رقم الحديث 422 ص 318 {4} احمد في المسند ج 5 ص 82، 83 {5} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 426 {6} الطبري في تفسيره ج 11 ص 318 {8} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 1513، ج 3 ص 131 {9} البيهقي في الدلائل ج 1 ص 263، 264.

باب ٽيون

بَابُ مَا جَاءَ فِي شَعْرِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي وارن (مبارڪن) جو بيان

سمجهاڻي: هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن جو تعلق رسول الله ﷺ جي پاڪ وارن سان آهي. جن ۾ سندن وارن جي مقدار، ڊيگهه ۽ ڪثرت وغيره جي متعلق بيان آهي. ۽ الشعر :(عين جي سڪون ۽ زبر سان آيل آهي) ان جو واحد شعرة (عين جي سڪون سان) آهي ۽ ڪڏهن ان کي زبر پڙهي ويندي آهي. ابن العربي رحمه الله فرمايو آهي ته "وار مٿي جو سينگار آهن ۽ وار رکڻ سنت آهن نوڙهه ڪرڻ بدعت آهي. شرح المصابيح ۾ آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن هجرت کان پوءِ حديبيه واري سال، عمرة القضاء ۽ حجة الوداع ۾ وار ڪوڙايا هئا. باقي هڪ ڀيري کان سواءِ وار نه ڪوڙايا هئا. پاڻ سراپا حسن و جمال هئا. سندن وار مبارڪ به انتهائي سهڻا هئا جنهن صحابي اهي جهڙي ڪيفيت ۾ ڏٺا ان اها بيان ڪئي. پاڻ وار مبارڪ ڪوڙايا اٿن جيئن ذڪر ڪيو ويو باقي وار ڪترائي ننڍا ڪرڻ ڪٿي به ثابت ناهي. علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته عام طور تي مٿو ڪوڙائڻ حضور ڪريم ﷺ خارجن جي نشاني فرمائي آهي. جيئن الصحيح ۾ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ذڪر ڪيو ته سندن امت مان هڪ فرقو نڪرندو انهن جي نشاني مٿو ڪوڙائڻ هوندو.

(المواهب شرح شمائل ص 105 شرح المناوي علي حاشيه جمع الوسائل ج 1 ص 74)

{24} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ : أَخْبَرَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ ، عَنْ حُمَيْدٍ ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ : كَانَ شَعْرُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى نِصْفِ أُذُنَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ ڪنن مبارڪن جي اڌ تائين پهچندا هئا

مفردات جو شرح: "شعر" : وار مبارڪ "اذنيه" : سندن ڪن مبارڪ.

سمجهاڻي: حضرت انس رضي الله عنه جي هن ارشاد مان معلوم ٿيو ته رسول الله ﷺ جن جا وار مبارڪ ڪنن مبارڪن جي اڌ تائين هئا. هن کان پهريان به لکي آيا آهيون ته سندن وارن بابت کي جنهن صحابيءَ جنهن حد تائين ڏٺوان هو بيان ڪيو آهي.

هيءَ حديث هيٺين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 26 صفه شعر النبي ﷺ حديث الكتاب رقم 96 ج 4 ص 1819 {2} ابو داؤد في كتاب الترجل باب ماجاء في الشعر حديث رقم 4186 ج 4 ص 81 {3} النسائي في كتاب الزينه باب 57 اتحاذ الجمه ج 8 ص 183 {4} احمد في المسند ج 3 ص 113 {5} البغوي في شرح السنه حديث رقم 3638 ج 13 ص 219 {6} ابو يعلي في مسنده حديث

رقم 3743 ج 6 ص 395 {7} البيهقي في الدلائل ج ا ص 321 {8} البخاري في كتاب اللباس باب 8 الجعد حديث رقم 5903 ج 10 ص 356 {9} عبدالرزاق في المصنف حديث رقم 20519 ج 11 ص 271

{25} حَدَّثَنَا هَنَّادُ بْنُ السَّرِيِّ قَالَ: أَخْبَرَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ أَبِي الزِّنَادِ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كُنْتُ أَغْتَسِلُ أَنَا وَرَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ إِنَاءٍ وَاحِدٍ، وَكَانَ لَهُ شَعْرٌ فَوْقَ الْجُمَّةِ وَدُونَ الْوَفْرَةِ

بامحاوره ترجمو : حضرت سيده عائشه صديقه ﷺ فرمايو آهي ته آئون ۽ رسول الله ﷺ جن هڪ ٿانوَ مان وهنجندا هئاسون. (وچ ۾ پردو هوندو هو) سندن وار مبارڪ ڪلهن کان مٿي هوندا هئا ۽ ڪڏهن ڪنن جي پاپڙين کان هيٺ پهچندا هئا.

مفردات جو شرح : "اَلْجُمَّة" : ڪلهن تائين پهچندڙ وار مبارڪ. "اَلْوَفْرَةُ" : الجمه کان ٿورا گهٽ ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندڙ وار. "اَللِّمَّة" : ڪنن جي مٿئين حصي تائين پهچندڙ وار مبارڪ.

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷺ فرمايو ته:" مان ۽ رسول الله ﷺ جن هڪ ئي ٿانوَ مان غسل ڪندا هئاسون" كُنْتُ اَغْتَسِلُ انا و رسول الله ﷺ. ۾ " كُنْتُ اَغْتَسِلُ" ماضي استمراري واحد متڪلم جو صيغو آهي يعني اهو دستور رهيو هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن اڳ ۾ غسل ڪندا هئا پوءِ سندن بچيل پاڻيءَ مان امان عائشه ﷺ غسل ڪندي هئي. ٿانءُ هڪڙو هوندو هو. ادب ۽ حياء جي تقاضا به اها آهي. علامه علي قاري ﷺ لکيو آهي ته هن مان ثابت ٿيو ته "ٿوري پاڻيءَ مان چرون پري وهنجڻ سان اهو پاڻي مستعمل نه ٿو ٿئي.

سوال : ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته غسل هڪ وقت گڏ ٿيو ۽ هڪ ٻئي جي جسم کي به ڏٺو ويو ڇا اهو درست آهي؟

جواب : اهو چوڻ قابلِ قبول ناهي ڇوته اهو سيدنا رسول الله ﷺ جن جي حياء جي مطابق ناهي ۽ صحيح حديث ۾ سيده عائشه صديقه ﷺ کان روايت آهي ته "نه ڪڏهن مون رسول الله ﷺ جن جي اُگهڙ ڏٺي هئي ۽ نه ڪڏهن پاڻ منهنجي اُگهڙ ڏٺائون."

مسئلو : علماء فرمايو ته مرد عورت جي بچيل پاڻيءَ مان وهنجي يا عورت مرد جي بچيل پاڻيءَ مان وهنجي ته جائز آهي. جمهور علماء جو اهو قول آهي. امان سائڻ فرمايو ته "سندن وار مبارڪ نه تمام وڏا هئا نه تمام ننڍا هئا." هيءَ ڪيفيت امان ڏٺي ۽ ٻڌائي. جن سندن وار مبارڪ ٻي ڪيفيت ۾ ڏٺا ته انهن اها بيان ڪئي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج ا ص 76,75)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو داؤد في كتاب الترجل، باب ماجاء في الشعر رقم الحديث 4187 ج 4 ص 81، 82 بقصة الشعر {2} ابنِ ماجه في كتاب اللباس باب 36 اتخاذ الجمة والذوائب رقم الحديث 3635 {3} احمد في المسند ج 6 ص 108 {4} ابنِ سعد في الطبقات ج ا ص 428 {5} البيهقي في الدلائل ج ا ص 224 {6} البغوي في الشمائل رقم الحديث 7168 ج ص 149.

{26} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو قَطَنٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ عَازِبٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَرْبُوعًا، بَعِيدَ مَا بَيْنَ الْمَنْكِبَيْنِ، وَكَانَتْ جُمَّتُهُ تَضْرِبُ شَحْمَةَ أُذُنَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت براء بن عازب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن وچولي قد وارا هئا سندن سينو مبارڪ ڪشادو هو ۽ سندن وار ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندا هئا.

باقي حديث جي مفردات جو شرح ۽ سمجهاڻي باب اول ۾ لکيل آهي. هتي هن روايت کي آڻڻ مان خاص مقصد ان جو قول "وَكَانَتْ جُمَّتُه تَضْرِبُ شَحْمَةَ أُذُنَيْهِ" آهي يعني مقصد تہ گهاٽا وار ڪنن مبارڪن جي پاپڙين تائين ۽ باقي ڪلهن پاڪن تائين پهچندا هئا ۽ ان جو تفصيل اڳ ۾ بہ اچي چڪو آهي تہ اهو اوقات يا جهات جي اختلاف جي ڪري هوندو هو. هن حديث ۾ ترجمة الباب سرڪارِ دوعالم ﷺ جي پاڪ وارن جو ذڪرِ خير آهي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر بہ باب اول ۾ لکيل آهي. اتان ڏسي مطالعو ڪندا.

{27} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا وَهْبُ بْنُ جَرِيرِبْنِ حَازِمٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ قَالَ قُلْتُ لِأَنَسٍ: كَيْفَ كَانَ شَعْرُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَ: لَمْ يَكُنْ بِالْجَعْدِ وَلاَ بِالسَّبْطِ، كَانَ يَبْلُغُ شَعْرُهُ شَحْمَةَ أُذُنَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت قتاده ﷺ کان روايت آهي تہ مون حضرت انس ﷺ کان پڇيو تہ رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ ڪيئن هئا؟ ان چيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جا وار مبارڪ نہ گهڻو گُهنڊيدار هئا ۽ نہ وري تمام سِڌا هئا پر سندن وار مبارڪ ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندا هئا.

هن حديث کي ٻين ڪهڙن محدثن آندو آهي اهو اڳ ۾ لکي آيا آهيون.

{28} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَحْيٰى بْنِ أَبِي عُمَرَ الْمَكِّيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنِ ابْنِ أَبِي نَجِيحٍ، عَنْ مُجَاهِدٍ، عَنْ أُمِّ هَانِئٍ بِنْتِ أَبِي طَالِبٍ، قَالَتْ: قَدِمَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَكَّةَ قَدْمَةً وَلَهُ أَرْبَعُ غَدَائِرَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ام هاني ﷺ ابو طالب جي نياڻي چيو تہ هڪ دفعي رسول الله ﷺ مڪي شريف ۾ اسان وٽ گهر تشريف فرما ٿيا. مون ڏٺو تہ سندن وار مبارڪ چار حصا يا سندن وارن جون چار ڳُتون يا چڳون هيون.

مفردات جو شرح: "قَدِمَ": قدم رنج فرمايو آيو تشريف فرما ٿيو. "قَدْمَةً": (قاف جي زبر ۽ دال جي جزم سان) هڪ ڀيري. هي لفظ قدوم مان ورتل آهي (اهو هڪ ڀيرو فتح مڪ واري ڏينهن هو.) هجرت کان پوءِ مڪ مڪرمہ ۾ سندن تشريف آوري چار ڀيرا ٿي هئي. 1. عمرة القضاء ۾. 2. فتح مڪ وقت. 3. عمرة الجعرانة ۾ 4. حجه الوداع وقت غدائر: غديرة جو جمع آهي. وارن جي چڳ جڏهن هيٺ چڏيل هوندي آهي.

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن مڪ مڪرمہ جي فتح واري وقت سيده ام هانيءَ جي گهر ۾ آيا هئا. ان وقت سندن وار مبارڪ چئن حصن ۾ ورهايل هئا. ام هانيء ﷺ سائڻ اهي ڏسي بيان فرمايو. (جمع الوسائل وحاشيه المناوي ج 1 ص 78. المواهب شرح الشمائل ص 110)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد رقم الحديث 4391 {2} ابن ماجه رقم الحديث

3631 {3} ابنِ ابي شيبه ج 14، ص 493 {4} ابنِ سعد ج 1 ص 330 {5} اخبار مڪة ص 1921 {6} البيهقي في الدلائل ج 1 ص 224 {7} الطبراني في الڪبير ج 24 ص 429 {8} ابو نعيم في اخبار اصبهان ج 2 ص 15 {9} الخطيب في التاريخ ج 10 ص 439

{29} حَدَّثَنَا سُوَيْدُ بْنُ نَصْرٍ قَالَ حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنْ ثَابِتٍ الْبُنَانِيِّ، عَنْ أَنَسٍ أَنَّ شَعْرَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِلَى أَنْصَافِ أُذُنَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جا وار مبارڪ ڪنن جي اڌ تائين پهچندا هئا.

مفردات جو شرح: "اَنْصَافُ": اڌ. نصف جو جمع آهي "أُذُنَيْهِ": اذن جو تثنيو آهي ڪن. جمع کي مثني ڏانهن مضاف ڪيو ويو آهي.

سمجهاڻي: حضرت انس ﷛ جنهن نموني تي رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ ڏنا اهو بيان ڪيائين ورنہ تہ سندن پاڪ وار مختلف نمونن سان روايت ڪيل آهن. علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ هن روايت کي ثابت بناني جي روايت سان حضرت انس ﷛ کان آڻڻ حالانڪ اها روايت حُميد کان اول باب ۾ آندل آهي. روايت جي ٻي سند سان تقويت آهي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 24 جي تخريج ۾ ذڪر ڪيل آهي.

{30} حَدَّثَنَا سُوَيْدُ بْنُ نَصْرٍ، حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ، عَنْ يُونُسَ بْنِ يَزِيدَ، عَنِ الزُّهْرِيِّ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُتْبَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُسْدِلُ شَعْرَهُ، وَكَانَ الْمُشْرِكُونَ يَفْرِقُونَ رُءُوسَهُمْ، وَكَانَ أَهْلُ الْكِتَابِ يُسْدِلُونَ رُءُوسَهُمْ، وَكَانَ يُحِبُّ مُوَافَقَةَ أَهْلِ الْكِتَابِ فِيمَا لَمْ يُؤْمَرْ فِيهِ بِشَيْءٍ، ثُمَّ فَرَقَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَأْسَهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن شروع شروع ۾ پنهنجن وارن مبارڪ کي سينڌ ڪڍڻ کان سواءِ چڏي ڏيندا هئا مشرڪ مٿي ۾ سينڌ ڪڍندا هئا ۽ اهل ڪتاب پنهنجن وارن کي بنا سينڌ جي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ نبي ڪريم ﷺ جن انهن ڳالهين ۾ اهل ڪتاب جي موافقت کي پسند ڪندا هئا. جن ۾ الله تعاليٰ طرفان ڪو حڪم آيل نہ هوندو هو ان کان پوءِ حضور ﷺ جن مٿي جي وارن جي سينڌ ڪڍڻ لڳا.

مفردات جو شرح: "يسدِلُ": (يا جي زبر سين جي جزم دال جي زير سان) سدل کان ورتل آهي. واحد مذڪر مضارع جو صيغو آهي [illegible] ڪڍڻ. "يُفَرِّقُونَ": تفريق يا فرق کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي [illegible] ۾ ورهائڻ. "اَهْلُ الْكِتَابِ": ڪتاب وارا. مراد يهودي ۽ عيسائي آهن. "لَمْ يُؤْمَرْ": يؤمر امر کان ورتل حڪم ڪرڻ. لَم جي اچڻ سان نفي جي معنيٰ ٿيندي امر نہ ڪيا ويا.

سمجهاڻي: سيد المرسلين ﷺ جن ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو جيستائين حڪم الاهي ﷻ نازل نہ ٿيندو هو. ان ڳالهہ کي سُنو سمجهندا هئا تہ ان ۾ اهلِ ڪتاب جي موافقت ڪئي وڃي ڇوتہ انهن وٽ ان ڪم ڪرڻ جي لاءِ انهن جي نبي سڳوري جي ڪا سند تہ هوندي برخلاف مشرڪن جي

جو انهن وٽ تہ ڪابہ سند نہ هوندي هئي، پوءِ جڏهن حڪمِ الاهي ﷻ ايندو هو تہ پاڻ ڪريم ﷺ ان تي عمل ڪندا هئا. هن حديث ۾ بہ اهو بيان ٿيل آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن وارن پاڪن کي سينڌ ڪڍڻ کان سواءِ ڇڏيندا هئا ۽ مشرڪ سينڌ ڪڍندا هئا. ۽ اهل ڪتاب سينڌ نہ ڪڍندا هئا، تہ پاڻ اول اهل ڪتاب جي موافقت ڪرڻ پسند ڪندا هئا پر وري سينڌ ڪڍندا هئا. ڇوتہ اهو وڌيڪ صفائي وارو ۽ غسل ۾ اسراف کان پري رهڻ جو ذريعو آهي ۽ ان ۾ عورتن سان مشابهت کان بچاءُ بہ آهي. ۽ هن حديث ۾ ٻنهي طريقن جي جواز جو دليل آهي. امر ۾ وسعت آهي پر سينڌ ڪڍڻ افضل آهي ڇوتہ رسول الله ﷺ جن جو پويون عمل اهو آهي پر واجب ناهي ڇوتہ ڪجهہ صحابہ رضي الله عنهم پوءِ بہ وار ڳنڍيل، سينڌ ڪڍڻ کان سواءِ رکندا هئا. جيڪڏهن سينڌ ڪڍڻ واجب هجي ها تہ اهي ضرور عمل ڪن ها.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البخاري في كتاب مناقب الانصار باب 752 اتيان اليهود للنبي ﷺ حين قدم المدينة رقم الحديث 3944 ج 7 ص 274, 275 {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 24 في سدل النبي ﷺ شعره و فرقہ رقم الحديث 2336 ج 4 ص 1817 {3} ابو داؤد في كتاب الترجل باب 10 ما جاء في الفرق رقم الحديث 4188 ج 4 ص 82 {4} النسائي في كتاب الزينة باب 59 فرق الشعر ج 8 ص 184 {5} ابنِ ماجه في كتاب اللباس باب 36 اتخاذ الجمة والذوائب رقم الحديث 3632 {6} احمد في المسند ج 1 ص 261, 278, 320 {7} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 2377 ج 4 ص 264 {8} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 5485 ج 12 ص 296 {9} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 429, 430

علامہ فواز احمد زمزلي شمائل جي حاشيہ ۾ لکيو آهي تہ . ڪجهہ علماء هن حديث سان دليل ورتو آهي تہ اڳين نبين على نبينا وعليهم الصلوة والسلام جون شريعتون اسان جي لاءِ واجب العمل ٿيستائين آهن جيستائين اسان جي نبي ﷺ جي شريعت ۾ انهن جي مخالف حڪم نہ آيو آهي ۽ بعض علماء فرمايو تہ انهن جي شريعت تي عمل ڪرڻ اسان جي لاءِ واجب ناهي ڇوتہ هن حديث ۾ لفظ "يُحِبُّ" آيو آهي يعني پسند ڪندا هئا. پر وجوب جو ذڪر ناهي ۽ حق هي آهي تہ هن حديث ۾ ان جو ڪو دليل ناهي، ۽ حق هي بہ آهي تہ اسان جي شريعت انهن لاءِ بہ شريعت آهي ڇوتہ انهن جي شريعت اسان تائين صحيح نقل سان نہ پهتي آهي. (بلڪہ انهن پنهنجي خيال تي خداوندي ڪتابن ۽ احڪام ۾ تحريف ڪئي هئي جنهن کي قرآن ڪريم "يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ" جي بيان ڪيو. آهي علامہ نووي رحمه الله لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي اهل ڪتاب سان انهن احڪامن ۾ موافقت جن جي متعلق مٿن حڪم نازل نہ ٿيو هو. ڇا جي ڪري هئي؟ جواب هي آهي تہ ٻن سببن جي ڪري هڪ تہ اهل ڪتاب جي دلين کي محبت ۾ آڻڻ جي لاءِ ائين ڪندا هئا. ٻيو تہ بُت پرستي جي مخالفت ڪرڻ جي اهميت ظاهر ٿئي. پوءِ جڏهن الله ﷻ کين انهن کان غني بنايو ۽ اسلام غالب ٿيو تہ پاڻ اهل ڪتاب جي سمورن امرن ۾ ڪُلي مخالفت ڪيائون. (حاشيہ الشمائل للزمزلي ص 69)

{31} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ بْنِ نَافِعٍ الْمَكِّيِّ ، عَنِ ابْنِ أَبِي

نَجِيحٍ، عَنْ مُجَاهِدٍ، عَنْ أُمِّ هَانِئٍ، قَالَتْ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَا ضَفَائِرَ أَرْبَعٍ

بامحاوره ترجمو : حضرت ام هاني ﷝ چوي ٿي تہ رسول الله ﷺ جن جا وار مبارڪ چار حصا ٿيل ڏٺم.

مفردات جو شرح : "رَءَيْتُ" : مون ڏٺو. رؤية کان ورتل واحد متڪلم جو صيغو آهي. "ذَا": صاحب "ضَفَائِرَ" : چڳون، حصا ضفيره جو جمع آهي. جيئن غدائر غديرة جو جمع آهي. ٻئي هڪ معنيٰ سان ايندا آهن.

سمجهاڻي : هن حديث مان بہ اهو ئي معلوم ٿي رهيو آهي جيڪو اڳين حديثن مان معلوم ٿيو. ۽ هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ مردن جي لاءِ بہ وار ڪولي چڳڻ جائز آهن جئن عورتن جي لاءِ جيتوڻيڪ هن دؤر ۾ اڪثر شهرن ۾ اهو عورتن جو معمول آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 113)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي انهن جو ذڪر **حديث نمبر** 28 جي تخريج ۾ ڏسو.

باب چوٿون

بَابُ مَا جَاءَ فِي تَرَجُّلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي ڦڻي ڏيڻ جو بيان

سمجهاڻي : هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي وارن کي ڦڻي ڏيڻ ۽ سينگارڻ رنگ ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ اها نظافت ۽ صفائي آهي جنهن جي لاءِ سيدنا رسول الله ﷺ جن جو فرمانِ عاليشان آهي. "اَلنِّظَافَةُ مِنَ الْإِيْمَانِ" (يعني صفائي ايمان جو حصو آهي) ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ آهي "مَنْ كَانَ لَه شَعْرٌ فَلْيُكْرِمْهُ" (جنهن کي وار هجن اهو انهن جي عزت (يعني صفائي) ڪري) هن باب ۾ پنج حديثون آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 114) علامه علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي ته دينِ اسلام ۾ نظافت ۽ صفائي لاءِ ترغيب ڏياريل آهي. الله جل جلاله جو فرمانِ عاليشان آهي ته: "خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ" (سورة اعراف آيت 31) ۽ ظاهر جي صفائي باطن جي صفائيءَ جو عنوان آهي. المؤطا ۾ حضرت زيد بن اسلم کان ان عطاء بن يسار کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن هڪ شخص کي ڏٺو ته ان جا مٿي جا وار ۽ ڏاڙهي ڪِنڊريل هئا. پاڻ ان کي مٿي جي وارن ۽ ڏاڙهي جي وارن جي ٺاهڻ جو اشارو فرمايائون. " هيءَ حديث صحيح سند سان آهي ان جو شاهد حضرت جابر رضي الله عنه جي روايت آهي جيڪا ابو داود ۽ النسائي حسن، سند سان آندي آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 82) ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته "اِنَّ اللهَ تَعَالٰى نَظِيْفٌ يُحِبُّ النِّظَافَةَ" الله جل جلاله پاڪ، صاف آهي صفائيءَ کي پسند ٿو فرمائي. (انوارِ غوثيه ص 59) اَلتَّرَجُّلُ جي بجاءِ اَلتَّرْجِيْلُ وارن جي سهڻي رکڻ ۽ ٺاهڻ کي چيو ويندو آهي ۽ هتي محدث ترمذي رحمة الله عليه اَلتَّرْجِيْلُ جي بجاءِ اَلتَّرَجُّلُ کي اختيار ڪيو آهي ڇوته حديثن ۾ اهو لفظ گهڻو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 115) هن باب ۾ پنج حديثون آهن.

{32} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسٰى الْأَنْصَارِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنُ بْنُ عِيسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكُ بْنُ أَنَسٍ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كُنْتُ أُرَجِّلُ رَأْسَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنَا حَائِضٌ

بامحاوره ترجمو : حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها چوي ٿي ته آئون رسول الله ﷺ جي مٿي مبارڪ کي ماهواري جي ڏينهن ۾ ڦڻي ڏيندي هيس.

مفردات جو شرح : "كُنْتُ أُرَجِّلُ" : (الف جي پيش را جي زبر جيم جي زير ۽ شد سان) ڦڻي ٿي ڏنم. "رَاسَ" : هتي مضاف محذوف آهي. اي شعر راس رسول الله ﷺ يعني رسول الله ﷺ جي مٿي جي وارن کي "وَاَنَا حَائِضَ" : جمله حاليه آهي حيض واري.

سمجهاڻي : هن حديث مان هي مسئلا معلوم ٿين ٿا : (1) مٿي جي وارن کي ڦڻي ڏيڻ مستحب آهي ۽ اهڙي طرح ڏاڙهيءَ جي وارن کي. جيئن صراحت سان اڳتي روايت اچي رهي آهي. (2) حيض واري

عورت جو بدن ، پگهر ۽ هٿ پاڪ آهن جيستائين انهن کي رت لڳل ناهي ۽ ان تي اجماع آهي. (3) حيض واري عورت جو رڌل ۽ پچايل کاڌو به پاڪ آهي. ان سان گڏ اٿڻ، ويهڻ ۽ ان جي رضا سان ان کان خدمت وٺڻ جائز آهي. ۽ عورت جي لاءِ مناسب آهي ته حيض جي حالت ۾ جماع کان سواءِ مڙس جي خدمت پاڻ ڪري. (4) حيض واري مسجد ۾ داخل نه ٿيندي.

(جمع الوسائل شرح المناوي علي حاشيته ج 1 ص 83)

هيءَ حديث هين هنن محدثن آندي آهي : {1} البخاري في كتاب الحيض باب غسل الحائض راس زوجها و ترجيله رقم الحديث 295 ج 1 ص 401 {2} احمد في المسند ج 6 ص 50، 100، 204، 208. {3} مالك في المؤطا، كتاب الطهارة باب 28 جامع الحيضة رقم الحديث 102 ج 1 ص 60 {4} الدارمي في كتاب الوضوء باب 108 {5} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 1359 ج 4 ص 193 {6} البيهقي في سننه الكبرىٰ ج 1 ص 186 {7} ابن عوانة في مستخرجه ج 1 ص 312.

{33} حَدَّثَنَا يُوسُفُ بْنُ عِيسَىٰ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا الرَّبِيعُ بْنُ صَبِيحٍ ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبَانَ هُوَ الرَّقَاشِيُّ ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُكْثِرُ دَهْنَ رَأْسِهِ وَتَسْرِيحَ لِحْيَتِهِ ، وَيُكْثِرُ الْقِنَاعَ حَتَّى كَأَنَّ ثَوْبَهُ ثَوْبُ زَيَّاتٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷛ چوي ٿو ته رسول ڪريم ، رؤف رحيم ﷺ پنهنجي مٿي مبارڪ ۾ تيل گهڻو مکيندا هئا ۽ ڏاڙهي مبارڪ کي ڦڻي به گهڻي ڏيندا هئا ۽ پنهنجي پڳ مبارڪ هيٺان رومال به رکندا هئا، ۽ اهو رومال تيل سان سٽيو ٿي پوندو هو.

مفردات جو شرح : "يُكْثِرُ" : ڪثرت ڪان ورتل ، گهڻا وقت "دهن" : تيل هڻڻ، دُهن تيل "تَسْرِيْحُ" : هن لفظ جون مختلف معنائون آهن. ڇڏي ڏيڻ، موڪل ڪرڻ، طلاق ڏيڻ، آسان ڪرڻ ، کولي ڇڏڻ، هي لفظ جڏهن وارن جي ذڪر ۾ اچي ته ان مان مراد وارن کي ڪنگو ڏيڻ هوندو. "قِنَاع" : نقاب، گهونگهٽ، قِناع جو جمع اَقناعُ ۽ اقنعة آهي "ثَوْبُ" : ڪپڙو "زَيْتُ" : تيل "زَيَّاتِ" : تيل وارو.

سمجهاڻي : حضرت انس بن مالڪ ﷛ جي هن ارشاد مان واضح ٿيو ته رسول الله ﷺ جن گهڻو تيل هڻڻ سان گڏ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ کي ڦڻي به گهڻي ڏئي ان جا وار سڌا ۽ سهڻا بيهاريندا هئا. ابن الجوزي ﷫ ڪتاب "الوفا" ۾ حضرت انس ﷛ کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن جڏهن رات جو آرام ڪرڻ جي لاءِ بستري تي تشريف فرمائيندا هئا. ته سندن جي لاءِ ڏندڻ ، وضوءَ جو پاڻي ۽ سندن ڦڻي رکي ويندي هئي. پوءِ جڏهن الله ﷻ (کين تهجد جي نماز لاءِ) سجاڳي ڏيندو هو ته ڏندڻ ڏئي وضو ڪري ڦڻي ڏيندا هئا. ۽ خطيب بغدادي الڪفايه (ڪتاب) ۾ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷝ کان روايت آندي آهي ته پنج شيون سيدنا رسول الله ﷺ جن سفر ۾ توڙي حضر ۾ نه ڇڏيندا هئا. (1) آئينو (2) سرميداڻي (3) ڦڻي (4) ڏندڻ (5) المدراء (وارن کي سڌو ڪرڻ واري ڪاني)

هڪ روايت ۾ آهي ته تيل جي رکڻ واري شيشي ۽ طبراني اوسط ۾ بي سَنَد سان حضرت ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷝ کان روايت آندي آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجو ڏندڻ ۽ پنهنجي ڦڻي سدائين گڏ رکندا هئا. ڏاڙهي مبارڪ کي ڦڻي ڏئي آئيني ۾ ڏسندا هئا ۽ ٻي روايت ۾

سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان آيو آهي تہ "ست شيون اهڙيون هيون جن کي رسول الله ﷺ جن هميشہ پاڻ سان گڏ رکندا هئا. (1) تيل جي شيشي (2) ڦڻي (3) آئينو (4) سرميداڻي (5) ڏندڻ (6) ڪينچي ۽ (7) المدراء (حديث جو راوي حسين بن علوان جو قول آهي تہ) مون هشام کان پڇيو تہ "المِدراءُ" (ميم جي زير سان) ڇا آهي؟ ان چيو تہ ڪانئي آ جيڪا عورت پنهنجي مٿي جي وارن جي چڳن کي جدا رکڻ لاءِ وارن ۾ داخل ڪندي آهي ۽ مذڪور حديث ۾ القناع جو ذڪر آهي. ان مان مراد اهو ڪپڙو آهي جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن پڳ مبارڪ جي هيٺان رکي مٿان پڳ ٻڌندا هئا تہ پڳ مبارڪ سٺيي نہ رهي. ان ۾ نظافت ۽ صفائي آهي ۽ هن روايت ۾ جو آيو آهي تہ سندن ڪپڙو اهڙو هو جيئن تيل جي گهاڻي واري جو هوندو آهي.

علامہ علي قاري رحمه الله ان قول کي رد ڪندي فرمايو تہ اهو قول انڪار ڪيل آهي ڇوتہ حديث جو راوي الربيع بن صبيح عابد، زاهد تہ هو پر حديث جو فن ان کان مٿي هو. سيدنا رسول الله ﷺ جن نهايت نظافت وارا ڪپڙا پائيندا هئا. ۽ هر لحاظ سان تمام گهڻا سهڻا هئا ۽ اها ڳالهہ ثابت آهي تہ پاڻ هڪ شخص کي ميرا ڪپڙا ڏسي فرمايائون تہ "ڇا هن کي ڪپڙن ڌوئڻ وارو ڪونہ ٿو لڀي؟ ۽ پاڻ ائين فرمايائون تہ. پنهنجن ڪپڙن کي ڌوئي پايو." ۽ ڪجهہ علماء هن قول کي صحيح قرار ڏنو آهي ۽ لکيو آهي تہ " اهو بين سندن سان بہ ثابت آهي. وَاللهُ تَعَالىٰ اَعۡلَمُ

(جمع الوسائل و شرح المناوي علي حاشيته ج 1 ص 84, 85)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 149 {2} البيهقي في الشعب ج 5 ص 226 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 1073,1074 ج 2 ص 186

{34} حَدَّثَنَا هَنَّادُ بۡنُ السَّرِيِّ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو الأَحۡوَصِ ، عَنۡ أَشۡعَثَ بۡنِ أَبِي الشَّعۡثَاءِ ، عَنۡ أَبِيهِ ، عَنۡ مَسۡرُوقٍ ، عَنۡ عَائِشَةَ قَالَتۡ : إِنۡ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ لَيُحِبُّ التَّيَمُّنَ فِي طُهُورِهِ إِذَا تَطَهَّرَ ، وَفِي تَرَجُّلِهِ إِذَا تَرَجَّلَ ، وَفِي انۡتِعَالِهِ إِذَا انۡتَعَلَ

بامحاوره ترجمو : حضرت عائشہ رضي الله عنها چيو تہ رسول الله ﷺ پاڪائي ڪرڻ ۽ ڦڻي ڏيڻ ۽ جُتي پائڻ ۾ ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند ڪندا هئا.

مفردات جو شرح : "التَّيَمُّنُ" سڄي کان شروع ڪرڻ "التَّرَجُّلُ" ڦڻي ڏيڻ. "انۡتِعَال" جُتي پائڻ.

سمجهاڻي: سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي هن فرمان مان واضح ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن پاڪائي ڪرڻ، وضو وغيره ۾ ڦڻي ڏيڻ ۽ جُتي مبارڪ پائڻ ۾ ساڄي پاسي کان شروعات ڪرڻ سان محبت رکندا هئا. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ پاڻ ان جي ڪري اهو پسند ڪندا هئا جو ان سان سهڻي فال وٺندا هئا. ۽ ان جي ڪري بہ جو ساڄي هٿ ۾ اعمالنامو ملڻ وارا جنتي هوندا. ۽ "فِي طُهُورِهٖ" کان پوءِ "إِذَا تَطَهَّرَ" وري ان جي ڪري آندائين تہ ان سان سندن محبت جو اظهار ٿئي. ۽ محبت تي دلالت ڪري ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جڏهن مٿي جي وارن مبارڪن ۽ ڏاڙهي پاڪ کي تيل هڻندا هئا. يا ڦڻي ڏيندا هئا تہ بہ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا. جُتي مبارڪ پائڻ وقت بہ اول ساڄو پير مبارڪ جُتيءَ ۾ داخل فرمائيندا هئا. ۽ هن حديث جي اندر ڪجهہ روايتن ۾ "فِي شَأۡنِهٖ كُلِّهٖ" (پنهنجي هر

ڪم ۾) بہ آيو آهي. مطلب تہ صرف مذڪوره ٽن ڪمن ۾ نہ بلڪ حضور ڪريم ﷺ جن هر ڪم ڪي ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا. ۽ هن ۾ اصل قاعدو هي آهي تہ "جنهن شيءِ جو وجود زينت ۽ شرافت آهي ان جي پائڻ ۾ ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ اوليٰ ۽ افضل آهي جيئن جوتا پائڻ ۽ ڪپڙا ڍڪڻ وغيره ۽ جنهن شيءِ جو وجود زينت ۽ شرافت ناهي ان ۾ کابي سان شروعات ڪئي ويندي. جيئن پائخاني ۾ وڃڻ وقت کابو پير اندر داخل ڪبو ۽ ان مان نڪرڻ وقت ساڄو پير اڳ ۾ ٻاهر ڪڍبو پر ان جي برخلاف مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ساڄو پير داخل ڪبو ۽ نڪرڻ وقت اول کابو پير ٻاهر رکبو پوءِ ساڄو. (خصائل نبوي ص 37)

علامہ بيجوري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهـــي تہ "امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ جي روايت ۾ "مَا اسْتَطَاعَ" لفظ وڌيڪ آهي. ان جو مطلب تہ جيتري قدر ٿي سگهندو تہ ان عمل تي هميشگي ڪندا هئا. علامہ نووي رحمۃ اللہ علیہ مٿيون اصل قاعدو بيان ڪيو آهي ۽ محدث بيجوري رحمۃ اللہ علیہ ابو داؤد جي حوالي سان ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ "سيدنا رسول الله ﷺ جن جو ساڄو هٿ مبارڪ وضو وغيره پاڪائي ۽ کائڻ جي لاءِ هو ۽ کابو هٿ بيت الخلاء ۾ ۽ ٻيءِ صفائي ڪرڻ لاءِ هو. (المواهب شرح الشمائل ص 119) پاڻ ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيڻ، ڪنهن کان ڪا شيءِ وٺڻ، مٿي مبارڪ ۽ چپن پاڪن جا وار ڪٽڻ، ڏندڻ ڏيڻ، سرمو پائڻ، ننهن ڪٽڻ، الغرض تہ سڀ امورِ حسنه ۾ ساڄي کان شروعات ڪندا هئا.

ننهن ڪٽڻ جو مسنون طريقو : ننهن ڪٽڻ جو مسنون طريقو هي آهي تہ "پهريان اشهد آڱر کان شروع ڪري پوءِ وچين آڱر پوءِ ان جي پرواري آڱر پوءِ آڱوٺي جا ننهن لاهي، پوءِ وري کابي هٿ جي چيچ (ننڍي آڱر) کان شروع ڪري ان کان پوءِ وچ واري آڱر ان کان پوءِ شهادت واري آڱر ان کان پوءِ آڱوٺي جا ننهن لاهي ۽ پيرن جا ننهن ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ۽ ترتيب سان کابي پير جي چيچ تي ختم ڪري. ((انوارِ غوثيه ص 62) علامہ علي قاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ: اهو حڪم تيمم ۽ موزن ڍڪڻ ۽ سمهڻ، کائڻ، پيئڻ کي بہ شامل آهي. علماء جو اجماع آهي تہ "وضو ۾ ساڄي هٿ سان شروعات ڪرڻ سنت آهي جيڪڏهن ڪنهن کابي هٿ سان شروعات ڪئي تہ ان کي سنت تي عمل جي پلائي نہ ملندي پر وضو ٿي ويندو ۽ علماء مان مراد علماء اهل السنة والجماعة آهن. علامہ ابن دقيق العبد فرمايو تہ "فِيْ شَانِهِ كُلِّهِ" وارو جملو مخصوص منه البعض آهي ڇو تہ بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ ۽ مسجد مان ٻاهر نڪرڻ ۾ کابو پير اڳ ۾ رکبو آهي. (جمع الوسائل ص 86)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البخاري في كتاب الوضوء باب (31) التيمن في الوضوء والغسل رقم الحديث 168 ج 1 ص 269 {2} مسلم في كتاب الطهارة باب 19 التيمن في الطهور وغيره رقم الحديث 268 ج 1 ص 226 {3} ابو داؤد في كتاب اللباس باب 43 الانتعال حديث رقم 4140 ج 4 ص 70 عن حفص بن عمر {4} النسائي في كتاب الطهارة باب 90 باي الرجلين يبدءُ الغسلَ ج 1 ص 78 {5} ابن ماجه في كتاب الطهارة وسننها باب 42 التيمن في الوضوء رقم الحديث 401 {6} ابن خزيمة في صحيحه رقم الحديث 179 ج 1 ص 91 {7} البيهقي في سننه ج 1 ص 86، 216 و في شعب الايمان ج 5 ص 179، 180 {8} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 219، 220.

{35} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ هِشَامِ بْنِ حَسَّانَ، عَنِ الْحَسَنِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مُغَفَّلٍ، قَالَ: نَهَى رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنِ التَّرَجُّلِ إِلَّا غِبًّا

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن مغفل رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ جن روزانو ڦڻي ڏيڻ کان منع ڪئي مگر دير سان (هڪ نہ ٻئي ڏينهن ڦڻي ڏيو.)

مفردات جو شرح : "غِبًّا" دير، دير سان.

سمجهاڻي: حضرت عبدالله بن مغفل رضي الله عنه جي روايت مان معلوم ٿيو تہ ڦڻي هر هر نہ ڏجي دير دير سان ڏجي. علامہ قاضي عياض رحمة الله عليه فرمايو تہ ان مان مراد ان تي مداومت ۽ ان جو گهڻو اهتمام ڪرڻ آهي جڏهن تہ عورتن جي عادت هوندي آهي تہ اهي هر هر ڦڻي وغيره ڪنديون آهن تڏهن مردن کي ان کان روڪيو ويو آهي . ۽ ڪجھ علماء فرمايو آهي تہ "هر هر ڦڻي ڏيڻ ڪراهت تنزيهي آهي. علامہ ابن العربي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "مُوَالَاتُه تَصَنُّعٌ وَتَرْكُه تَدَنُّسٌ وَاِغْبَابُه سُنَّةٌ" ڦڻي هر هر ڏيڻ رياء ۽ وڏائي آهي. ۽ ان جو ڇڏي ڏيڻ گدلائپ آهي ۽ دير سان ڏيڻ سنت آهي. (انوار غوثيہ ص 63) ۽ دير سان ڏيڻ هي آهي جو هڪ ڏينهن ڦڻي ڏئي هڪ ڏينهن نہ ڏي ۽ حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان نقل آهي تہ اهو هفتي ۾ هڪ ڀيرو ڦڻي ڏيندو هو. " (جمع الوسائل ج 1 ص 87)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الترجل في فاتحته رقم الحديث 4149 ج 4 ص 75 {2} الترمذي في ڪتاب اللباس باب 22 باب ماجاء في الترجل الاغبا رقم الحديث 1756 ج 4 ص 234 {3} النسائي في ڪتاب الزينة باب 7 الترجل غبا ج 8 ص 132 {4} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 5484 ج 12 ص295 {5} احمد في المسند ج 4 ص 86 {5} ابو نعيم في الحُلية ج 6 ص 276 {6}. البيهقي في الشعب ج 5 ص 226 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3165 ج 12 ص 83.

{36} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ عَرَفَةَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ السَّلَامِ بْنُ حَرْبٍ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبِي خَالِدٍ، عَنْ أَبِي الْعَلَاءِ الْأَوْدِيِّ، عَنْ حُمَيْدِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمَنِ، عَنْ رَجُلٍ مِنْ أَصْحَابِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَرَجَّلُ غِبًّا

بامحاوره ترجمو : حميد بن عبدالرحمان حضور ڪريم ﷺ جي اصحابن سڳورن مان هڪ اصحابي سڳوري کان روايت ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن ڪڏهن ڪڏهن يا هڪ نہ ٻئي ڏينهن ڦڻي ڏيندا هئا.

مفردات جو شرح نئون نا هي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ڪڏهن ڪنگي يا ڦڻي ڏيڻ جو ذڪر آيو آهي. اهڙي طرح نسائي حُميد بن عبدالرحمان کان روايت آندي آهي تہ مان هڪ شخص سان مليس جنهن حضرت ابو هريره رضي الله عنه وانگر چار سال حضور ڪريم ﷺ جي صحبت ڪئي هئي. ان چيو تہ اسان کي رسول الله ﷺ جن هر روز ڦڻي ڏيڻ کان روڪيو هو. علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ حديث جو مطلب هي آهي تہ هڪ ڏينهن ڦڻي ڏيندا هئا هڪ ڏينهن نہ ڏيندا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البغوي في الشمائل رقم الحديث 1082 ج 2 ص 685.

باب پنجون

بَابُ مَا جَاءَ فِي شَيْبِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي اڇن وارن جو بيان

سمجهاڻي: هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ رسول الله ﷺ جن جي اڇن (يعني سفيد) وارن جو ذڪر آهي ۽ هن ڪان اڳي ڦڻي ڏيڻ جي ذڪر وارو باب ان جي ڪري آندائين جو اهو هڪ عمل آهي جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن جي اقتدا ڪئي ويندي ۽ وارن مبارڪن جو باب بہ ان جي ڪري اڳي آندو ويو جو ڦڻي ڏيڻ يا اڇو هجڻ وارن جا عوارض آهن. اصل شيءِ وار آهن. ۽ "شَيْبُ" جي معنيٰ آهي وارن جو اڇو ٿيڻ ۽ خود اڇي وار کي بہ شيب چيو ويندو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 122) هن باب ۾ اٺ (8) حديثون آهن. شَيْبُ پوڙهائپ ۽ وارن جي سفيدي آهي. شَيْبَة ۽ مُشيب بہ ان معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن شين جي زير سان استعمال ڪيو وڃي شِيبُ تہ پوءِ ان جي معنيٰ ٿيندي بگهڙ جو ٻچو. شَيبَانُ عرب جو هڪ قبيلو آهي. انهن مان حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمه الله جو شاگرد محمد بن حسن شيباني هو. (عليهما الرحمة والرضوان) حضور ڪريم ﷺ جن جي مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ڪهڙي ڪهڙي جاءِ تي سفيد وار هئا. ڪيترا هئا؟ ۽ ڇا حضور ڪريم ﷺ جن انهن کي خِضابُ ڪيو هو؟ ۽ ڇا انهن وارن جي سفيدي الله جل جلاله جي خوف ڪان هئي. هن باب ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر آهي. حضور ڪريم ﷺ جي وارن پاڪن کي تبرڪ طور ۽ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ مؤمنن جون مائرون، حضور ڪريم ﷺ جون گهرواريون ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان پاڻ وٽ رکندا هئا. ۽ ان وار مبارڪ جي واسطي سان شفا حاصل ڪندا هئا.

"بخاري شريف" ۽ "مشڪواة شريف" ۾ آهي حضرت عثمان بن عبدالله رضي الله عنه فرمايو تہ "منهنجي گهرواري مون کي پاڻيءَ جو پيالو ڏئي ام المؤمنين امِ سلمہ رضي الله عنها ڏانهن موڪليو ۽ منهنجي گهرواريءَ جي هيءَ عادت هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي نظر لڳندي هئي يا ڪو بيمار ٿيندو هو تہ اها ٿانوَ ۾ پاڻي وجهي ام المؤمنين امِ سلمہ رضي الله عنها ڏانهن موڪليندي هئي ڇو تہ ان وٽ حضور نبي ڪريم ﷺ جن جو وار مبارڪ هوندو هو. (حضرت عثمان بن عبدالله رضي الله عنه فرمايو تہ جڏهن مان پاڻيءَ جو پيالو کڻي ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها وٽ پهتس تہ) ان رسول الله ﷺ جن جو وار مبارڪ جيڪو چانديءَ جي دٻيءَ ۾ پيل هو. ڪڍي پاڻيءَ ۾ وجهي مون کي ڏنائين تہ مون پي ڇڏيو. "مسلم شريف" ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله جن کي ڏٺو حجام سندن مٿي (مبارڪ) جا وار ڪوڙي رهيو هو ۽ سندن چوڌاري صحابي ڦري رهيا هئا. پوءِ سندن هر وار ڪنهن نہ ڪنهن صحابي جي هٿ ۾ ڪري رهيو هو. (بخاري شريف جزء اول ص 29 مطبوعہ نور محمد اصح المطابع دهلي) ابن سيرين رحمه الله جو قول آهي تہ مون عبيده کي چيو تہ" اسان وٽ نبي ڪريم ﷺ جو وار مبارڪ آهي جيڪو اسان کي حضرت انس رضي الله عنه يا ان جي اهل

ڪان مليو آهي. تہ عبيده ﷺ فرمايو مون وٽ حضور ڪريم ﷺ جن جي وار مبارڪ جو هجڻ دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي ان ڪان وڌيڪ پيارو آهي. (انوارِ غوثيہ ص 65, 66)

{37} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: أَخْبَرَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: أَخْبَرَنَا هَمَّامٌ، عَنْ قَتَادَةَ قَالَ: قُلْتُ لِأَنَسِ بْنِ مَالِكٍ هَلْ خَضَبَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ؟ قَالَ: لَمْ يَبْلُغْ ذَلِكَ، إِنَّمَا كَانَ شَيْبًا فِي صُدْغَيْهِ وَلَكِنْ أَبُو بَكْرٍ، خَضَبَ بِالْحِنَّاءِ وَالْكَتَمِ

بامحاوره ترجمو: حضرت قتاده ﷺ چيو تہ مون حضرت انس بن مالڪ ﷺ ڪان پڇيو تہ رسول الله ﷺ جن وارن کي خضاب يا رنگ ڪندا هئا؟ ان چيو تہ پاڻ سڳورا رنگ ڪرڻ جي حد کي نہ پهتا هئا. ڪين رڳو ٿورا اڇا وار لونڊڙين مبارڪن ۾ هئا. پر حضرت ابو بڪر صديق ﷺ مهنديءَ ۽ ڪتم يا وسمہ سان رنگ ڪيو هو.

مفردات جو شرح : "خَضَبَ" : ماضيءَ جو صيغو خضاب ڪان ورتل . رنگ ڪيائون. "شَيبُ" : ٻيڙائپ, اڇن (يعني سفيد) وارن جو اچڻ. "صُدغيهِ" : لونڊڙيون . اها جاءِ جيڪا اکين ۽ ڪنن جي وچ تي هوندي آهي. "الحِناءُ" : مهندي "اَلكَتمُ" : هڪ قسم جو گاهہ آهي جيڪو ڪارو رنگ پيدا ڪندو آهي.

سمجهاڻي : خضاب ڪرڻ جو شرعي حڪم ڇا آهي اهو تہ اڳيان "باب ماجاء في خضاب رسول الله ﷺ "۾ بيان ٿيندو. هتي حضرت انس ﷺ ڪان سوال ڪيو ويو تہ ڇا رسول الله ﷺ جن رنگ ڪيو هو؟ تہ ان ارشاد فرمايو تہ " رسول الله ﷺ جن ان عمر کي نہ پهتا هئا جو رنگ ڪن. مسلم محمد بن سيرين جي روايت سان آندو آهي تہ "مون حضرت سيدنا انس بن مالڪ ﷺ ڪان پڇيو تہ ڇا رسول الله ﷺ جن رنگ ڪيو هو؟ ان جواب ۾ فرمايو تہ "پاڻ سڳورا ﷺ ان حد کي نہ پهتا هئا. سندن وار مبارڪ ٿوري تعداد ۾ اڇا هئا. جيڪي سندن پاڪ لونڊڙين ۾ نظر ٿي آيا. ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جيڪو سيدنا رسول الله ﷺ جن کي نهايت ويجهو هو. اهو مهندي ۽ ڪتم گاهہ مِلائي ان سان رنگ ڪندو هو. رسول الله ﷺ جن جي مٿي پاڪ جي پيشانيءَ سان سامهون وارن ۾ لونڊڙين ۾ چپن مبارڪن جي هيٺان ڪاڏي مبارڪ تي ٿورا اڇا وار هئا. علامہ زرقاني مواهب لدنيہ جي شارح ﷺ فرمايو آهي تہ بعض روايتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سندن مٿي پاڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ سڀ سترهن يا ارڙهن وار اڇا هئا. (انوارِ غوثيہ ص 67)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البخاري في كتاب المناقب باب 23 صفة النبي ﷺ حديث رقم 3550 ج 6 ص 564 {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 29 شيبہ 5 حديث الكتاب رقم 104 ج 4 ص 1821, 1822 {3} النسائي في كتاب الزينة باب 17 الخضاب بالصفرة ج 8 ص 140, 141 {4} ابو يعلي في مسنده حديث رقم 2893 ج 5 ص 275 {5} البغوي في الشمائل حديث رقم 171 ج 1 ص 150 وفي شرح السنة حديث رقم 3652 ج 13 ص 227, 228.

{38} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ، وَيَحْيَى بْنُ مُوسَى، قَالَا: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ: مَا عَدَدْتُ فِي رَأْسِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلِحْيَتِهِ إِلَّا أَرْبَعَ عَشْرَةَ شَعْرَةً بَيْضَاءَ.

بامحاوره ترجمو : حضرت انس ﷛ چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن جي مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ رڳو چوڏهن (14) اڇا وار ڳڻيا هئا.

مفردات جو شرح : "مَاعددتُ" واحد متڪلم جو صيغو مون نہ ڳڻيا. "رَاسُ" مٿو مبارڪ. "لِحيَتِهٖ" سندن ڏاڙهي مبارڪ. "اَرْبَعَ عَشْرَةَ" 14 "شَعرَة" وار. "بَيْضَاء" اڇا, سفيد.

سمجهاڻي : سيدنا رسول الله ﷺ جي اڇن وارن مبارڪن جي تعداد ۾ مختلف روايتون آهن. حضرت سيدنا انس ﷛ جي هن روايت ۾ چوڏهن جو ذڪر آهي ۽ ٻي حديث ۾ سترهن سفيد وارن جو ذڪر آهي. "مسلم شريف" جي هڪ روايت ۾ ڏهن سفيد وارن جو ذڪر آهي. هڪ روايت ۾ يارهن سفيد وارن جو ذڪر آهي. پر هن آخري روايت کي محدثن شاذ ۽ منڪر چيو آهي. بهرحال سندن پاڪ مٿي ۾ اڇا (يعني سفيد) وار مبارڪ ارڙهن تائين هئا. (انوارِ غوثيه ص 68)

هي اهڙو وڏو اختلاف ناهي مختلف وقتن تي محمول ٿي سگهي ٿو ۽ ڳڻڻ ۾ فرق بہ ممڪن آهي, جيئن جيئن عمر وڌندي وئي تيئن تيئن اڇا وار بہ وڌندا ويا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} احمد في المسند ج 3 ص 165 {2} البزار في مسنده رقم الحديث 2365, كشف الاستار ج 3 ص 125.

{39} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ : أَخْبَرَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ : حَدَّثَنَا شُعْبَةُ ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ قَالَ : سَمِعْتُ جَابِرَ بْنَ سَمُرَةَ ، وَقَدْ سُئِلَ عَنْ شَيْبِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، فَقَالَ : كَانَ إِذَا دَهَنَ رَأْسَهُ لَمْ يُرَ مِنْهُ شَيْبٌ ، وَإِذَا لَمْ يَدْهِنْ رُئِيَ مِنْهُ

بامحاوره ترجمو : حضرت سماڪ بن حرب چيو تہ حضرت جابر بن سمرة ﷛ کان رسول الله ﷺ جي اڇن وارن جي باري ۾ پڇيو ويو. ان چيو تہ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مٿي مبارڪ ۾ تيل هڻندا هئا تہ اڇا وار نظر نہ ايندا هئا ۽ جڏهن پاڻ تيل نہ مکيندا هئا تہ ڪجهہ اڇا وار ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

مفردات جو شرح : "يَسْئَلُ" : سوال ڪان ورتل پڇي, سوال ڪري "دَهَنَ" : تيل مکيائون. "لَمْ يُرَ" : ڏسڻ ۾ نہ آيو نہ ڏٺو ويو. "مِنهُ" : ان کان, ان مان. "رُئِيَ" : ڏٺو ويو.

سمجهاڻي : حضرت جابر بن سمرة ﷛ جي هن ارشاد مان واضح ٿيو تہ "جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن تيل مکيندا هئا. تہ سندن وار مبارڪ تيل سان سٽيي ٿيڻ جي ڪري چمڪندا هئا ۽ اهي سفيد وار بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندا هئا. يا ڪنگي ۽ ڦڻي ڏيڻ جي ڪري سندن ٻين وارن جي هينان اچي وڃڻ جي ڪري بہ نظر کان غائب ٿي ويندا هئا. ان جي ڪري جو تمام ٿورا هئا. مسلم ۽ نسائي بہ حضرت جابر ﷛ کان روايت آندي تہ پاڻ پنهنجي مٿي مبارڪ جي اڳئين حصي ۽ ڏاڙهي مبارڪ کي ڦڻي ڏيندا ۽ تيل هڻندا هئا تہ اڇا وار ظاهر نہ ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن وار مبارڪ تيل کان سواءِ اٿين ئي کُليل هوندا هئا تہ سفيد وار ظاهر ٿيندا هئا. (جمع الوسائل وشرح المناوي للشمائل ج 1 ص 91,92)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 29 شيبه 5, رقم الحديث 2344 ج 4 ص 1822 {2} النسائي في كتاب الزينة باب 28 الدهن ج 8 ص 150 {3} البيهقي في الدلائل ج 1 ص 234 {4} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 1916 ج 2 ص 222 البغوي

في شرح السنة رقم الحديث 3654 ج 13 ص 228، 229.

{40} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَمْرِو بْنِ الْوَلِيدِ الْكِنْدِيُّ الْكُوفِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ آدَمَ، عَنْ شَرِيكٍ، عَنْ عُبَيْدِ اللهِ بْنِ عُمَرَ، عَنْ نَافِعٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُمَرَ قَالَ: إِنَّمَا كَانَ شَيْبُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَحْوًا مِنْ عِشْرِينَ شَعْرَةً بَيْضَاءَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عمر رضي الله عنهما چيو تہ رسول الله ﷺ جن کي اڇا وار ويهارو کن هئا.

مفردات جو شرح: "إِنَّمَا" : حصر جو حرف "نَحْوًا" : قريب "عِشْرِينَ" : ويهہ

سمجهاڻي: اهڙيءَ طرح جي حديث حضرت انس رضي الله عنه کان بہ آيل آهي جنهن ۾ ان جو قول آهي تہ "وَلَيْسَ فِي رَأْسِهِ وَلِحْيَتِهِ عِشْرُونَ شَعْرَةً بَيْضَاءَ" (۽ سندن مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ويهہ وار بہ اڇا نہ هئا.)

اڇن وارن جي گهٽ هجڻ ۾ حڪمت: شمائل جي شارح علامہ قاضي محمد عاقل لکيو آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جي سفيد وارن جي گهٽ هجڻ ۾ اها حڪمت بہ هئي جو عورتن کي سفيد وار گهٽ وڻندا آهن ۽ حضور ڪريم ﷺ جي ڪنهن بہ شيءِ کي ناپسنديدگي جي نظر سان ڏسڻ ڪفر آهي، نعوذبالله. الله جل جلاله ان جي ڪري سندن گهڻن وارن کي سفيد ٿيڻ کان بچايو تہ نہ انهن کي ڪو ناپسند ڪري ۽ نہ ڪفر کي قريب ٿئي. والله اعلم (انوارِ غوثيہ ص 69)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجہ في ڪتاب اللباس باب 35 من ترڪ الخضاب رقم الحديث 3630 {2} احمد في المسند ج 2 ص 90 {3} ابن ڪثير في الشمائل ص 27.

{41} حَدَّثَنَا أَبُو كُرَيْبٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ هِشَامٍ، عَنْ شَيْبَانَ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: قَالَ أَبُو بَكْرٍ: يَا رَسُولَ اللهِ، قَدْ شِبْتَ، قَالَ: شَيَّبَتْنِي هُودُ، وَالْوَاقِعَةُ، وَالْمُرْسَلَاتُ، وَعَمَّ يَتَسَاءَلُونَ، وَإِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما چيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ اوهان پوڙها ٿي ويا آهيو! پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ مون کي سورة هود، سورة واقعة، سورة مرسلات، عم يتساءلون ۽ اذا الشمس ڪورت (سورة تڪوير جي تلاوت) پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي.

مفردات جو شرح: "شِبْتَ" : واحد مذڪر، مخاطب جو صيغو. اوهان پوڙها ٿي ويا آهيو. "شَيَّبَتْنِي" : واحد مؤنث، غائب جو صيغو مون کي پوڙهو ڪيائون. "هُودُ" : کان "كُوِّرَتْ" : تائين قرآن ڪريم جي سورتن جا نالا آهن.

سمجهاڻي: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت ڪيل حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جي هن قول جو مقصد آهي تہ "مذڪوره سورتن ۾ جيڪو ڪجهہ ذڪر ڪيل آهي اهو ٻڌڻ کان پوءِ منهنجا اهي وار (مبارڪ) سفيد ٿي ويا آهن." جيئن هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ "پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پاڪ گهر کان ٻاهر اچي رهيا هئا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رضي الله عنه اڳئي مسجد شريف ۾ ويٺا هئا. اتي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڪين عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان! اوهان پوڙها ٿي ويا آهيو! ائين چئي روئڻ لڳو." تہ پاڻ ڪيس مٿيون

جواب ارشاد فرمايائون. روايتن ۾ مٿي ذڪر ڪيل سورتن کان سواءِ سورة "الحاقة، القارعة ۽ الغاشية جي لاءِ بہ ائين فرمايو اٿن. انهن سيني سورتن ۾ مذڪور گهڻو ڪري هڪڙو آهي يعني دوزخ جو ذڪر، صور ۾ ڦوڪ ڏيڻ جو ذڪر، مجرمن کي سزائن جو بيان قومن جا عذاب ۽ انهن تي آيل سختين جو ذڪر. هڪ پيري پاڻ فرمايائون تہ جيڪو مان ڄاڻان ٿو جيڪڏهن اهو اوهان ڄاڻو تہ روئندا رهو. ۽ کلڻ ۽ عورتن جي صحبت بہ ڇڏي ڏيو." شرح السنة واري لکيو آهي تہ هڪ بزرگ سيدنا رسول الله ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ کين عرض ڪيو تہ "اوهان جو فرمان تہ مون کي سورة هود پوڙهو ڪيو آهي ان جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ ان کي جواب ڏنائون تہ "ان ۾ هڪ آيت آهي. "فَاسْتَقِمْ كَمَآ أُمِرْتَ" (سورة هود آيت 112) (جيئن امر ڪيا ويا آهيو ائين استقامت ڪيو) انهيءَ جي خوف کان آءُ پوڙهو ٿي ويو آهيان. ڇاڪاڻ تہ اهو تمام مشڪل آهي اولياء ڪرام چوندا آهن تہ "استقامت ڪرامت کان مٿي آهي" دين تي پورو رهڻ ۽ الله ﷻ جي هر رضا تي نفس کي راضي رکڻ اهڙي پلائي آهي جنهن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي. ماڻهو ڪڏهن ڪنهن بي دين کان بہ استدراج (ڍر ڏئي پڪڙڻ) طور ڪا ڳالهہ ڏسندا آهن تہ ان کي بہ ڪرامت سمجهندا آهن. حالانڪ ڪرامت صالحن، عابدن، زاهدن ۽انهن کان صادر ٿيندي آهي. حضرت علامہ زمخشري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "هڪ ڪتاب ۾ ڏٺو اٿم تہ "هڪڙو شخص ڪارن وارن وارو نوجوان، نهايت صحتمند هو. مگر هڪ ئي رات ۾ ان جا سمورا وار اڇا ٿي ويا. صبح جو جڏهن ان کان ان جو سبب پڇيو ويو تہ ان چيو تہ مون رات خواب ۾ ڏٺو تہ ماڻهن کي زنجيرن سان ٻڌي قابو ڪري جهنم ۾ اڇلايو پيو وڃي ان خوف کان منهنجا هي وار اڇا ٿي ويا آهن."

(فضائل النبي 5 شرح شمائل ترمذي ص 41)

سوال : وار اڇا تڏهن ٿيندا آهن جڏهن انسان جي اندر چئن طبيعتن جي نظام ۾ تبديلي ايندي آهي. حضور ڪريم ﷺ جن جي طبيعت مبارڪ ۾ تہ اها ڳالهہ ناممڪن آهي. پوءِ سندن وار اڇا ڇو ٿيا؟

جواب : علامہ بيجوري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ ان جي جواب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن اهو ارشاد فرمايو هو تہ "قرآن مجيد جي سورتن ۾ مذڪور ڳالهہ جي ڪري ائين ٿيو آهي.

فائدو : بعض روايتن ۾ "اَلْحَاقَّةُ" "هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ"" اَلْقَارِعَةُ""سَالَ سَآئِلٌ"، "اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ" سورتن جو بہ ذڪر آيل آهي ۽ هن حديث ۾ هي الفاظ تہ "مون کي هن سورتن پوڙهو ڪيو آهي" اها سبب ڏانهن نسبت آهي. حقيقي مُسببُ الله ﷻ آهي ۽ هي سورتون سندن پيرسن هجڻ جو سبب ان جي ڪري ٿيون جو انهن ۾ نيڪ بختن ۽ بدبختن ۽ قيامت جي سختين جو احوال ۽ انهن ڳالهين جو ذڪر آهي جيڪي قدسية نفوس جي لاءِ ڏکوئيندڙ آهن. ۽ اهو استقامت جو امر آهي جيئن اڳ ۾ بيان ٿيو ۽ بيون خوف واريون ڳالهيون بہ. خاص ڪري سندن امت تي ڇوتہ پاڻ پنهنجي امت تي رؤف رحيم آهن ۽ انهن جي غم تي غمگين ٿين ٿا. جيئن ڪجهہ روايتن ۾ آهي تہ "شَيَّبَتْنِىْ هُوْدٌ وَاَخَوَاتُهَا وَمَا فُعِلَ بِالْاُمَمِ قَبْلِىْ" يعني مون کي (سورة) هود ۽ ان جي ڀينر (سورتن) ۽ جيڪو مون کان اڳي امتن سان ڪيو ويو ان پوڙهو ڪيو آهي." ۽ اهي سموريون ڳالهيون ضعيف هجڻ کي لازم ڪري وٺن ٿيون ۽ جلدي پوڙهو بڻائن ٿيون. جيئن متنبي عرب شاعر جو شعر آهي:

وَالْهَمُّ يَخْتَرِمُ الْجَسِيْمَ نِحَافَةً   وَيُشِيْبُ نَاصِيَةَ الصَّبِيِّ وَيُهْرِمُ

(۽ هم، فڪر ٿلهيَ ماڻهوءَ کي بہ نحيف ڪمزور بڻائي ٿو ۽ بار جي پيشانيءَ کي پوڙهو بڻائي ۽ ڪمزور ڪري ٿو)

پر جڏهن تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن وٽ شرح صدر ۽ سندن پاڪ قلب تي يقين جا انوار تسلي ڏيندڙ هئا تہ سندن مٿان ٿورو اثر ٿيو جو سندن وار مبارڪ بہ ٿورا سفيد ٿيا هئا تان تہ جلال ۽ جمال جو مظهر رهن. ۽ سورة" هود" جو اڳي بيين سورتن کان ذڪر ڪيو ويو ڇوتہ حضور ڪريم ﷺ جن کي استقامت جي موقف ۾ ثابت رهڻ جو امر ڪيل آهي جنهن استقامت جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لاءِ ڪوبہ قوت نہ ٿو رکي مگر جنهن کي الله ﷻ اهو سلامتيءَ جي وڳن وارو شرف عطا فرمائي.

سوال : جنهن استقامت جو حضور ڪريم ﷺ جن کي سورة " هود" ۾ امر ڪيو ويو آهي اهو ساڳيو امر سورة "الشوريٰ" ۾ بہ آهي پوءِ پوڙهي ڪرڻ جي نسبت صرف سورة "هود" ڏانهن ڇو ڪئي وئي آهي؟

جواب : هڪ ان جي ڪري جو پاڻ اهو امر پهريان سورة"هود" ۾ ٻڌو هيائون. ۽ بيو تہ ڪين جيڪو سورة "الشوريٰ" ۾ امر ٿيل آهي اهو صرف سندن ذات سان مخصوص آهي ۽ سورة هود وارو امر سندن ذات سان گڏ سندن امت جي لاءِ بہ آهي. جڏهن ڪين علم هو تہ سندن امتي ان امر جي اطاعت نہ ڪري سگهندا تہ انهن جي حال ۽ انهن جي امر جي عاقبت جي فڪر ۾ ائين ٿيو هو. (المواهب شرح الشمائل ص 129)

هيءَ حديث بيين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 435 {2} الحاكم في المستدرڪ ج 2 ص 343، 486 {3} ابو نعيم في الحلية ج 4 ص 350 {4} الضياء في المختارة ج 1 ص 66، 75 {5} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 107، 108 {6} الدار قطني في العلل ج 1 ص 193 {7} البيهقي في شعب الايمان ج 1 ص 282 و في الدلائل ج 1 ص 357، 358.

{42} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بِشْرٍ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ صَالِحٍ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ أَبِي جُحَيْفَةَ قَالَ: قَالُوا يَا رَسُولَ اللهِ، نَرَاكَ قَدْ شِبْتَ، قَالَ: قَدْ شَيَّبَتْنِي هُودٌ وَأَخَوَاتُهَا

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو جحيفه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ اسان اوهان کي پوڙهو ٿا ڏسون. پاڻ سڳورن ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ سورة هود ۽ ان جهڙين سورتن مون کي پوڙهو ڪيو آهي

مفردات جو شرح : "قَالُوا" : جمع جو صيغو آهي جنهن جي معنيٰ آهي چيائون.

سوال : اهو جمع جو صيغو ڇو آندو ويو حالانڪ عرض ڪندڙ تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه هڪ هو؟

جواب : ان جا ٽي سبب آهن هڪ تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه انهن جو وڏو ۽ رئيس هو ان جي تعظيم جي لاءِ جمع جو صيغو آندو ويو. بيو تہ جڏهن ڪا جماعت ڪنهن ڳالهہ تي متفق هوندي آهي تہ انهن مان هڪ جي قول کي جماعت جو قول قرار ڏئي جمع جو صيغو آندو ويندو آهي. ٽيون تہ جيڪي صحابہ موجود هئا انهن سيني چيو تہ "يا رسول الله ﷺ ! "نَرَاكَ قَدْ شِبْتَ" صحابہ ڪرام جو ڳالهائڻ جو اهو انداز هو. نراڪ جمع متڪلم جو صيغو رؤيت کان ورتل آهي اسين اوهان کي ڏسون ٿا. " قَدْ شِبْتَ " زبر جي محل ۾ نَرَي" جو ثاني مفعول آهي. يا "نَرَاكَ" جي بئي مفعول کان حال آهي ۽ اهو قول وڌيڪ ظاهر آهي. پوءِ "نَرَاكَ" مان محسوس ٿيندڙ رؤية، علم جي معنيٰ ۾ آهي. "اَخواتُها" اخت جو جمع معنيٰ ڀينرون

پر هتي مراد ان جي مشابهه سورتون آهن جن ۾ قيامت ۽ ان جي عذابن جو ذڪر آهي.
سمجهاڻي : سيدنا رسول الله ﷺ جن کان صحابہ ڪرام عليهم الرضوان اهو سوال ان جي ڪري ڪيو هو جو پاڻ ﷺ گهڻي رياضت ڪندا هئا جيڪا سندن پوڙهائپ جو سبب بڻي هئي. صحابن کين اها گهڻائڻ جي درخواست ڪرڻ تي گهري پر پاڻ ان جو سبب اهو بيان ڪيائون تہ "قرآن ڪريم جي سورتن نازل ٿيڻ ۽ انهن ۾ بيان ڪيل عذابن جي ڪري اها پوڙهائپ آئي آهي." ابن سعد ؓ حضرت انس ؓ کان حديث آندي آهي تہ حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم ؓ منبر پاڪ وٽ ويٺا هئا. تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي ڪجهہ گهرواين وٽان نڪتا ۽ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ کي هٿ لڳائي، مٿي ڪٽي ان ڏانهن نهاريندا ٽي آيا. حضرت انس ؓ فرمايو تہ حضرت ابو بڪر صديق ؓ دل جو نرم هو ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم ؓ سخت مزس هو. حضرت ابو بڪر صديق ؓ کين عرض ڪيو تہ "منهنجو پيءُ ماءُ اوهان تان قربان اوهان جلد پوڙها ٿي ويا آهيو پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏاڙهي مبارڪ مٿي ڪنيائون ۽ حضرت ابو بڪر صديق ؓ ڏسي روئي ڏنو. پوءِ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :"مون کي (سورة) "هود" ۽ ان جي ڀينرن پوڙهو ڪيو آهي. حضرت ابو بڪر صديق پڇيو تہ "ان جون ڀينرون ڪهڙيون آهن؟ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "الواقعة، القارعة، سَال سائل، اذا الشمس كورت" (جمع الوسائل و شرح المناوي ج 1 ص 94)
هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 880 ج 2 ص 184 {2} الدارقطني في العلل ج 1 ص 206 ، 207. {3} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 318 ج 22 ص 123 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4176 ج 14 ص 382، 374

{43} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ : أَنْبَأَنَا شُعَيْبُ بْنُ صَفْوَانَ ، عَنْ عَبْدِ الْمَلِكِ بْنِ عُمَيْرٍ ، عَنْ إِيَادِ بْنِ لَقِيطٍ الْعِجْلِيِّ ، عَنْ أَبِي رِمْثَةَ التَّيْمِيِّ ، تَيْمِ الرَّبَابِ قَالَ : أَتَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَعِي ابْنٌ لِي ، قَالَ : فَأُرِيتُهُ ، فَقُلْتُ لَمَّا رَأَيْتُهُ : هَذَا نَبِيُّ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلَيْهِ ثَوْبَانِ أَخْضَرَانِ ، وَلَهُ شَعْرٌ قَدْ عَلَاهُ الشَّيْبُ ، وَشَيْبُهُ أَحْمَرُ

بامحاوره ترجمو : حضرت ابو رمثه تيمي (تيم الرباب قبيلي وارو) چوي ٿو تہ آءُ پنهنجو پٽ گڏ وٺي نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ آيس. مون کي حضور ﷺ جن جي سڃاڻپ ڪرائي وئي. پوءِ مون نبي ﷺ جن کي ڏٺو ۽ چيو تہ هي الله جو نبي آهي. کين ٻہ ساوا ڪپڙا پاتل هئا. سندن ڪجهہ وارن تي پوڙهائپ جا آثار هئا ۽ پورا وار مبارڪ ڳاڙها هئا.
مفردات جو شرح : "وَمَعِي" : هي واو حال جو آهي ۽ جملہ حاليہ آهي يعني (حالانڪ مون سان گڏ) "فأُرِيتُه" مجهول جي صيغي سان. پوءِ مون کي ڏيکاريا ويا "وَعَلَيه" : واو حال جو جمله حاليہ آهي. (حالانڪ سندن مٿان) "ثَوبَانِ اَخضَرَانِ" : تثنيو آهي. ٻہ ساوا ڪپڙا. انهن مان مراد گوڏ ۽ چادر آهن جيڪي سبز رنگ سان رڱيل هئا. "وَلَه شَعرٌ" : شعر ۾ تنوين تقليل جي آهي. ٿورڙا وار. "قَد عَلاهُ الشيبُ" : انهن جي مٿان سفيدي اچي وئي هئي. "وَشَيبُه اَحمَرُ" : ۽ سندن سفيد وار ڳاڙها هئا. هن جي وضاحت ۾ ٻہ قول آهن. هڪ تہ پاڻ انهن ٿورڙن وارن کي مهندي لڳائي هئائون جيڪڏهن مهندي لڳائڻ ثابت آهي؟. ٻيو تہ ڪنهن ڪنهن جا وار سفيد ٿيڻ کان اڳي ڳاڙها ٿيندا آهن.

سمجهاڻي :حضرت ابو رمثه ﷺ جو ارشاد آهي تہ "مون سان گڏ منهنجو پُٽ بہ هو مان حضور كريم ﷺ جن جي خدمتِ بابركت ۾ حاضر ٿيس تہ مون كي سندن تعارف كرايو ويو. هن مان معلوم ٿيو تہ ان اڳ ۾ حضور كريم ﷺ جن جو ديدار نہ كيو هو. هاڻي جڏهن ان رسول الله ﷺ جن جو عظمت ۽ شان وارو نوراني چهرو ڏٺو تہ فورًا چوڻ لڳو" هي الله ﷻ جو نبي آهي" حضرت علامہ علي قاري ﷺ لكيو تہ ان جو مطلب آهي تہ: "عَلِمْتُ يَقِيْنًا اِنَّهٗ نَبِيُّ اللّٰهُ مِنْ نُّوْرِ جَمَالِهِ الْعَلِيِ وَظُهُوْرِ كَمَالِهِ الْجَلِيِّ حَيْثُ لَايَحْتَاجُ اِلٰى اِظْهَارِ مُعْجِزَةٍ وَاتِيَانِ بُرْهَانٍ وَحُجَّةٍ" يعني سندن بلند جمال جي نور ۽ روشن كمال جي ظهور مان مون كي يقين ٿيو آهي تہ پاڻ الله ﷻ جا نبي آهن ۽ اهو يقين ان حد تائين آهي جو معجزي ۽ ٻئي برهان ۽ حجة آڻڻ جي محتاجي نہ رهي آهي. ان وقت كين بہ ساوا كپڙا پاتل هئا. هڪ گوڏ ٻي چادر.

شمائل جي شارح علامہ بيجوري ﷺ لكيو آهي تہ "واللباس الاخضر هو لباس اهل الجنة كما في الخبر." (يعني سائي رنگ وارو لباس جنت جو لباس آهي جيئن حديث ۾ آيو آهي) ۽ الله ﷻ جو فرمان آهي : وَيَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا خُضْرًا . (۽ سائو لباس پائيندا.) صحابي فرمايو تہ (سيدنا) رسول الله ﷺ جن كي ٿورڙا اڇا وار هئا ۽ اهي ڳاڙها هئا." جمهور جو قول آهي تہ اڇي ٿيڻ جي شروعات ۾ وار ڳاڙها ٿيندا آهن هتي ان جو ذكر آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 95, انوارِ غوثيه ص 72)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو داؤد في كتاب اللباس باب 18 في الخضرة رقم الحديث 4065 ج 4 ص 52 {2} الترمذي في كتاب الادب باب 48 باب ماجاء في الثوب الاخضر رقم الحديث 2812 ج 5 ص 119, بقصة البردين فقط {3} النسائي في ابواب العيدين باب الزينة للخطبة للعيدين ج 3 ص 185 {4} الامام الاحمد في المسند ج 2 ص 226, 228 و ج 4 ص 163 {5} ابنِ حبان في صحيحة رقم الحديث 5995 ج 13 ص 337

{44} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ :حَدَّثَنَا سُرَيْجُ بْنُ النُّعْمَانِ قَالَ :حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ قَالَ :قِيلَ لِجَابِرِبْنِ سَمُرَةَ :أَكَانَ فِي رَأْسِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَيْبٌ؟ قَالَ :لَمْ يَكُنْ فِي رَأْسِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَيْبٌ إِلَّا شَعَرَاتٌ فِي مَفْرِقِهِ ، إِذَا ادَّهَنَ وَارَاهُنَّ الدُّهْنُ

مفردات جو شرح : "اَكَانَ": همزه استفهام جو آهي "چا هئا" "شَعَرَاتٌ" :هن ۾ تنوين تقليل جي آهي. جنهن جي معني آهي ٿورا وار. "مَفْرِقُ" :(را جي زبر ۽ زبر ٻنهي سان آيل آهي) مٿي جو وچ. اها جاءِ جتان وار جدا ٿين ٿا. "اِدهَنَ" :تيل هنيائين. "وَارَاهنَ" : مُوَارَاةُ كان ورتل ماضيءَ جو صيغو آهي. "مُوَارَاةُ" معني ڍكڻ, غائب كرڻ.

سمجهاڻي : جڏهن تہ حضور كريم ﷺ جن جي مٿي مبارك ۾ اڇا وار گهڻو گهٽ هئا ان جي كري تيل هڻڻ كان پوءِ جڏهن ڦڻي ڏيندا هئا تہ اهي ٿورا اڇا وار ٻين ۾ ڍكجي ويندا هئا. ڏسڻ ۾ نہ ايندا هئا. ۽ هن حديث ۾ جڏهن تہ سوال صرف سندن مٿي مبارك جي اڇن وارن جي متعلق هو تہ حضرت سيدنا جابر بن سمرة جواب ۾ بہ صرف مٿي مبارك جي وارن جو ذكر كيو. سندن ڏاڙهي مبارك جي وارن جو ذكر نہ كيو.

تنبيه : مٿي يا ڏاڙهيءَ مان اڇا وار چونبڙ كري پٽڻ يا قينچيءَ سان كتي چڱڻ منع آهي. اكثر

علماء جو اهو قول آهي ان جي ڪري مرفوع حديث ۾ آيو آهي: "لَاتَنْتِفُوا الشَّيْبَ فَإِنَّه نُوْرُ الْمُسْلِمِ" (رواه الاربعة وقالواحسن) (اڇا وار چونڊي نہ ڪڍو. بلاشڪ اهي مسلمان جو نور آهن.) (المواهب شرح الشمائل ص 133)

فائدو : هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي اهي اڳئين حديث وارا ساڳيا آهن.

باب ڇهون

باب ماجاء في خضاب رسول الله ﷺ

رسول الله ﷺ جي خضاب ڪرڻ جو بيان

سمجهاڻي: هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ نبي پاڪ ﷺ جي رنگ ڪرڻ جي متعلق بيان آهي. خضاب ۽ خضب مصدر آهن معنيٰ وارن کي ميندي وغيره سان رنگ ڪرڻ ۽ هن جي باري ۾ مختلف روايتون آهن. محدث ترمذي رحمه الله انهن مان هتي چار حديثون آنديون آهن، ۽ ان مختلف روايتن جي ڪري ئي علماء ۾ بہ هن مسئلي تي اختلاف رهيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن خضاب ڪيو آهي يا نہ. اڪثر حضرات وٽ امام ترمذي رحمه الله جو لاڙو رنگ نہ ڪرڻ جي طرف آهي حنفي حضرات بہ ان طرف آهن. درمختار ۾ آهي تہ زياده صحيح قول اهو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن خضاب نہ ڪيو آهي ۽ علامہ شامي ان جو سبب هي ٻڌايو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن جي ڏاڙهي ۽ مٿي مبارڪ ۾ بخاري وغيره جي روايت مطابق سترهن وار مبارڪ سفيد هئا (۽ ايترن وارن کي خضاب ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي) ۽ شمائل جو شارح علامہ بيجوري رحمه الله ان طرف ويو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڪڏهن ڪڏهن خضاب ڪيو آهي اڪثر نہ ڪيو آهي، ۽ حنفيہ علماء وٽ خضاب مستحب آهي پر مشهور قول مطابق خضاب مڪروه آهي ۽ شافعي علماء وٽ خضاب سنت آهي پر ڪارو خضاب حرام آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 134، خصائلِ نبوي اردو شرح الشمائل ص 42) **سيد امير شاهہ قادري گيلاني لکيو آهي** تہ "حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان، حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهم خضاب ڪيو آهي. ميندي لڳائڻ جي متعلق حنفي علماء جو اتفاق آهي تہ جائز بلڪ مستحب آهي پر ڪارو رنگ جهاد جي موقعي کانسواءِ مڪروهہ آهي "الخضاب بالسواد قال عامة المشائخ مڪروه" (محيط) علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ ڪاري رنگ کانسواءِ ٻئي رنگ ڪرڻ لاءِ اسان وٽ دليل صحيح بخاري ۽ مسلم جي اها روايت آهي جنهن ۾ آيو آهي تہ "جڏهن (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي پيءُ) ابو قحافہ رضي الله عنه کي مڪه مڪرمہ جي فتح ڪرڻ واري ڏينهن حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آندو ويو ۽ ان جي مٿي جا وار ۽ ڏاڙهيءَ جا وار صفا اڇا هئا، حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو هن جي وارن کي ڪاري رنگ کانسواءِ ڪنهن ٻئي رنگ سان رنگ ڪيو." (انوارِ غوثيہ ص 74)

{45} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا هُشَيْمٌ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْمَلِكِ بْنُ عُمَيْرٍ، عَنْ إِيَادِ بْنِ لَقِيطٍ قَالَ: أَخْبَرَنِي أَبُو رِمْثَةَ قَالَ: أَتَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَعَ ابْنٍ لِي، فَقَالَ: ابْنُكَ هَذَا؟ فَقُلْتُ: نَعَمْ أَشْهَدُ بِهِ، قَالَ: لَا يَجْنِي عَلَيْكَ، وَلَا تَجْنِي عَلَيْهِ قَالَ: وَرَأَيْتُ الشَّيْبَ أَحْمَرَ قَالَ أَبُو عِيسَى: هَذَا أَحْسَنُ شَيْءٍ رُوِيَ فِي هَذَا الْبَابِ، وَأَفْسَرُ؛ لِأَنَّ الرِّوَايَاتِ الصَّحِيحَةَ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمْ يَبْلُغِ الشَّيْبَ. وَأَبُو رِمْثَةَ اسْمُهُ: رِفَاعَةُ بْنُ يَثْرِبِيٍّ التَّيْمِيُّ

با محاوره ترجمو : حضرت ابو رمثہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مان پنهنجي پُٽ کي ساڻ ڪري رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ هي تنهنجو پُٽ آهي؟ مون عرض ڪيو تہ هائو. اوهان بہ هن جا شاهد هجو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تنهنجي پُٽ جي ڏوهہ جو توکان ۽ تنهنجي ڏوهہ جو تنهنجي پُٽ کان پڇاڻو نہ ٿيندو." ابو رمثہ چوي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جا ڪجهہ اڇا وار ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل پورا ڏٺا.

امام ابو عيسيٰ ترمذي رحمه الله چوي ٿو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي خضاب جي باري ۾ هن حديث کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ صحيح روايت ناهي. صحيح روايتون آهن تہ رسول الله ﷺ جن جا اڇا وار خضاب جي حد کي ڪونہ پهتا هئا يعني پاڻ پوڙهائپ کي نہ رسيا هئا.

مفردات جو شرح : "مع ابن لِي" حال جي معنيٰ ۾ آهي يعني ان حال ۾ جو منهنجو پٽ مون سان گڏ هو. " اِبْنُكَ هٰذا؟ " هتي استفهام جو همزه محذوف آهي. "هٰذا" مبتدا مؤخر ۽ "اِبْنُكَ" خبر مقدم آهي موجود سياق جي شاهدي جي ڪري جو ان کان سوال هن پٽ جي متعلق هو. پوءِ اصل عبارت هن طرح آهي. "اَهٰذا اِبْنُكَ؟" نَعَمْ. هي جواب جو حرف آهي "اِشْهَدْ بِهٖ" هن لفظ ۾ ٻہ احتمال آهن. (1) اهو امر جو صيغو آهي. يعني اوهان منهنجي اقرار تي تہ هي منهنجو پُٽ آهي شاهد رهو. (2) تہ اهو فعل مضارع جو صيغو آهي يعني مان اعتراف ڪيان ٿو تہ اهو منهنجو پُٽ آهي ۽ هي جملہ ان جي قول "نعم" کي ثابت رکندڙ آهي. ان جي ڪري چيائين تہ خبر پوي تہ انهن ٻنهي پيءُ پُٽ مان هر هڪ ٻئي جي ڏِتي ۾ نقصان نہ پريندو. "لَايَجْنِيَ" جناية کان ورتل آهي, ان جي معنيٰ قصور ڪرڻ يا جرم ڪرڻ آهي.

سجهاڻي : ارشاد تہ "ڇا هي تنهنجو پُٽ آهي؟ ۽ حضرت ابو رمثہ رضي الله عنه جو عرض ڪرڻ تہ "اوهان شاهد رهو تہ هي منهنجو پُٽ آهي" ان جي وضاحت هي آهي تہ اسلام کان اڳي جاهليت واري دؤر ۾ عربن ۾ عام طريقو هو تہ جيڪڏهن پيءُ کان ڪو قصور يا جرم ٿيندو هو تہ ان جو پُٽ ان جي بدلي ۾ پڪڙيو ويندو هو ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن پُٽ کان ڪو جرم ٿيندو هو تہ ان جي پيءُ کي ان جي بدلي ۾ سوگهو ڪندا هئا. ابو رمثہ رضي الله عنه اها ڳالهہ ان جي ڪري عرض ڪئي تہ هي منهنجو پُٽ آهي. جيڪڏهن مون کان ڪو جرم يا قصور سرزد ٿئي تہ هن کان ان جو بدلو ورتو وڃي. سيد المرسلين ﷺ امت تي شفيق, عدل ۽ انصاف جا صاحب هئا. پاڻ عربن جي ان جاهليت واري طريقي کي مڪمل طرح رد ڪندي فرمايائون تہ "تنهنجي پُٽ جو قصور تو تي ۽ تنهنجو قصور ان تي نہ پوندو. اسلام جيڪو دينِ فطرت آهي ان جي هوندي جاهليت جي دؤر وارو ظلم نہ هلندو ۽ ڪنهن بہ قسم جي زيادتيءَ جو طريقو جاري ٿيڻ نہ ڏنو ويندو. اهڙو ارشاد ٻي حديث ۾ بہ آيو آهي جيڪا علامہ علي قاري رحمه الله شرح شمائل ۾ آندي آهي. حضرت ابو رمثہ رضي الله عنه فرمايو تہ "مون سفيد ٽيل وار (مبارڪ) ڳاڙها ڏٺا هئا. محدث ترمذي رحمه الله فرمايو تہ خضاب جي باب ۾ هيءَ روايت سندَ جي لحاظ سان تمام سهڻي ۽ واضح آهي. ڇوتہ صحيح روايتون اهي آهن تہ حضور ڪريم ﷺ جن ۾ ايترا گهڻا سفيد وار نہ هئا جو رنگ يا ميندي هڻڻ جي ضرورت پوي. هن روايت جي راوي جي متعلق محدث ترمذي رحمه الله پاڻ لکي ٿو تہ ابو رمثہ جو نالو رفاعة بن يثربي التيمي آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 136)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو داؤد في ڪتاب الديات باب 2 حديث رقم 4495 ج

4 ص 168 {2} احمد في المسند ج 4 ص 221. {3} الحاكم في المستدرک ج 2 ص 425

{46} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنْ شَرِيكٍ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ مَوْهَبٍ قَالَ: سُئِلَ أَبُو هُرَيْرَةَ: هَلْ خَضَبَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَ: نَعَمْ قَالَ أَبُو عِيسَى: وَرَوَى أَبُو عَوَانَةَ هَذَا الْحَدِيثَ عَنْ عُثْمَانَ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ مَوْهَبٍ، فَقَالَ: عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ

با محاوره ترجمو: حضرت عثمان بن موهب ﷺ کان روايت آهي تہ ابو هريره ﷺ کان پڇيو ويو تہ رسول الله ﷺ خضاب ڪيو هو يا نہ؟ ان چيو تہ هائو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪڏهن ڪڏهن مٿي جي سور کان ميندي هڻندا هئا. جنهن کي هتي خضاب سان تعبير ڪيو ويو.

مفردات جو شرح: "هَلْ" استفهام جو حرف "ڇا" خَضَبَ" رنگ ڪيائين. اڇن وارن جي رنگ کي تبديل ڪيائين. "نَعَمْ" ايجاب جو حرف. جيڪو ان کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل نفي يا اثبات کي ثابت ڪندو آهي.

سمجهاڻي: شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ هيءَ حديث بظاهر اڳ ۾ ذڪر ڪيل قتاده ﷺ جي روايت جي خلاف نظر اچي ٿي جنهن ۾ خضاب نہ ڪرڻ جو ذڪر آهي. تنهنڪري بعض علماء ڪرام فرمايو تہ بعض وقتن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن مٿي مبارڪ ۾ سور هجڻ جي ڪري ميندي هڻندا هئا. پوءِ سندن وار مبارڪ رنگيل نظر ايندا هئا ۽ هي احتمال بہ آهي تہ نفي ۽ اثبات مختلف وقتن تي محمول هجي ڪڏهن ڪڏهن مينديءَ سان رنگ ڪيو هجين گهڻا وقت نہ ڪيو هجين. پوءِ جنهن جهڙي ڪيفيت ڏٺي ان اها بيان ڪئي. وَاللهُ تَعَالَىٰ أَعْلَمُ (انوارِ غوثيہ ص 78)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب اللباس باب 66 ما يذڪر في الشيب حديث رقم 5896 ج 10 ص 352 {2} ابن ماجہ في ڪتاب اللباس باب 32 الخضاب بالحناء رقم الحديث 3623 {3} البيهقي في سننه ج 7 ص 310 وفي الدلائل ج 1 ص 236.

{47} حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ هَارُونَ قَالَ: أَنْبَأَنَا النَّضْرُ بْنُ زُرَارَةَ، عَنْ أَبِي جَنَابٍ، عَنْ إِيَادِ بْنِ لَقِيطٍ، عَنِ الْجَهْدَمَةِ، امْرَأَةِ بِشْرِ ابْنِ الْخَصَاصِيَةِ، قَالَتْ: أَنَا رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَخْرُجُ مِنْ بَيْتِهِ يَنْفُضُ رَأْسَهُ وَقَدِ اغْتَسَلَ، وَبِرَأْسِهِ رَدْعٌ مِنْ حِنَّاءٍ أَوْ قَالَ: رَدْعٌ شَكَّ فِي هَذَا الشَّيْخُ

بامحاوره ترجمو: بيبي جهذمہ. بشير بن الخصاصية جي زال چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ پاڻ سڳورا ﷺ مٿي جا وار مبارڪ ڇنڊيندا گهر کان نڪتا ٿي آيا جو غسل ڪيو هيائون ۽ مٿي مبارڪ تي ميندي يا خوشبوءِ جو اثر هو. هن ۾ راوي جي استاد کي شڪ آهي.

مفردات جو شرح: "ينفض" مضارع جو صيغو آهي ان جي ماضي "نَفَضَ" آهي. مصدر نَفْضٌ آهي. نفض جي معنيٰ ڇنڊڻ، هلائڻ ۽ ڏڪڻ آهي هتي ڇنڊڻ مراد آهي. "رَدْعٌ" اصل ۾ زعفران کي چوندا آهن، جيڪو ڪپڙن سان پرجي ويندو آهي ان کي "رَدْعٌ" چوندا آهن. "رَدْعٌ" ڪچرو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ صحابياڻي سڳوريءَ ﷺ "انا" مسند اليہ کي ان جي لاءِ اڳ ۾ آندو آهي تہ خبر پوي تہ هن روايت ۾ اها اڪيلي آهي ان سانئڻ حضور ڪريم ﷺ جن کي ان حال ۾ ڏٺو تہ پنهنجي گهر مبارڪ مان مٿي مبارڪ جي وارن کي ڇنڊيندي نڪتا سندن مٿي مبارڪ جي وارن ۾

زعفران جي رنگ يا ميندي جا نشان هئا. لغت جي عالمن جو اتفاق آهي تہ "ردع" صحيح آهي. "ردغ" غير مناسب آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي وارن مبارڪن کي ڇنڊڻ مان بعض علماء مستعمل پاڻيءَ جي لڳڻ کي مڪروہ نہ چوڻ تي دليل ورتو آهي. "ردع يا ردغ" ۾ راوي شڪ ڏيکاريو آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 99 جزء ا, المواهب شرح الشمائل ص 139)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن حجر الاصابہ ج 4 ص 256 ۾ هيءَ روايت ابن منده ڏي نسبت ڪئي آهي.

{48} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ : حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ عَاصِمٍ قَالَ : حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ قَالَ : حَدَّثَنَا حُمَيْدٌ ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ : رَأَيْتُ شَعْرَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَخْضُوبًا. قَالَ حَمَّادٌ : وَأَخْبَرَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ مُحَمَّدِ بْنِ عَقِيلٍ قَالَ : رَأَيْتُ شَعْرَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عِنْدَ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ مَخْضُوبًا

بامحاوره ترجمو: حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ خضاب لڳل ڏٺا. حضرت حماد ﷺ چوي ٿو تہ مون کي حضرت محمد بن عقيل جي صاحبزادي حضرت عبدالله ﷺ ٻڌايو تہ مون حضرت انس بن مالڪ ﷺ وٽ رسول الله ﷺ جو خضاب لڳل وار مبارڪ ڏٺو.

مفردات جو شرح : "رَأَيْتُ" رؤية کان ورتل, ڏسڻ, مشاهدو ڪرڻ. "مَخْضُوبًا" اسم مفعول جو صيغو رنگ ڪيل, شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ " هن روايت ۾ شذوذ آهي."

سمجهاڻي : علامہ علي قاري ﷺ لکيو آهي تہ حضرت ام المؤمنين ام سلمة ﷺ وٽ حضور ڪريم ﷺ جن جو رنگ ڪيل وار مبارڪ هو جيڪو زيارت ڪندڙن کي ڏيکاريو هيائين ۽ ابن ماجہ آندو آهي تہ اهو ميندي يا ڪتم گاهہ سان رنگ ڪيل هو. محدث اسماعيلي فرمايو تہ ان ۾ اها صراحت ناهي تہ ان وار کي حضور ڪريم ﷺ جن رنگ ڏنو هو. بلڪ ممڪن آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي (ظاهري) رحلت کان پوءِ خوشبوءِ لڳائڻ جي ڪري رنگين محسوس ٿيو هجي. ۽ حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي (ظاهري) رحلت کان پوءِ سندن وار مبارڪن کي انهن جي تحفظ جي لاءِ رنگ ڪيو ويو هو.

فائدو: سلف ۽ خلف مان اهل علم جو هن ۾ اختلاف آهي تہ "خضاب ڪرڻ وڌيڪ پيارو آهي يا نہ ڪرڻ وڌيڪ آهي؟" هڪ جماعت پهرئين قول کي ترجيح ڏني آهي انهن جو هڪ دليل حضرت ابو هريره ﷺ جي روايت ڪيل هڪ مرفوع حديث آهي. تہ "يهودي ۽ نصاريٰ وارن کي رنگ نہ ٿا ڪن اوهان انهن جي مخالفت ڪيو." اها حديث بخاري, مسلم, نسائي وغيرهم آندي آهي. ۽ ٻيو دليل حضرت ابو امامة ﷺ جي روايت آهي تہ"حضور ڪريم ﷺ جن انصارن مان وڏن جي جماعت ۾ تشريف وٺي ويا تہ انهن جون ڏاڙهيون اڇيون هيون پاڻ انهن کي فرمايائون تہ "اي انصارؤ! (وار) ڳاڙها ڪيو يا سونهري رنگ تي) ڦڪا (يعني پيلا) ڪيو. ۽ اهلِ ڪتاب (يعني يهودين ۽ نصارن جي) مخالفت ڪيو. هيءَ حديث امام احمد ﷺ حسن سندَ سان آندي آهي ۽ ان جي ڪري حضرت امام حسن ۽ حسين ۽ وڏن صحابن مان گهڻن رنگ ڪيو هو. ۽ گهڻا علماء هن طرف مائل آهن تہ رنگ نہ ڪرڻ ڀلو آهي, عمرو بن شعيب ﷺ کان مرفوع روايت آهي تہ "جيڪو پوڙهو ٿيو ان جا اڇا وار ان جي

لاءِ نور آهن مگر جيڪڏهن اهي چونڊ ڪري ڪيندو يا رنگ ڪندو" (ته پوءِ اهي نور نه رهندا) عسقلاني رحمه الله فرمايو ته " هيءَ حديث ترمذي آڻي ان کي حسنُ قرار ڏنو آهي پر ان ۾ مذڪور استثناء نه آهي ترمذي ۽ ابن ماجه ڪعب بن مره رحمه الله کان روايت آندي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :"جيڪو مسلمان اڇن وارن وارو ٿيو ان جي لاءِ اهي اڇا وار قيامت جي ڏينهن نور هوندا." ۽ ترمذي عمرو بن عبسه کان به اهڙي روايت آڻي ان کي صحيح چيو آهي. ۽ طبراني رحمه الله حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان اهڙي روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن اڇن وارن جي رنگ ڪري ڦيرائڻ کي پسند نه ڪندا هئا. ان جي ڪري حضرت سلمة بن اڪوع، ابي بن ڪعب ۽ صحابن رضي الله عنهم جي وڏي جماعت رنگ نه ڪيو ۽ طبري هنن هڪبئي سان مختلف روايتن ۾ هن طرح فيصلو ڏنو آهي. ته "جيڪڏهن اڇا وار گهٽا ٿي وڃن ۽ ڏسندڙن کي سٺا نه لڳن ته رنگ ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن نه ته نه. باقي مطلقًا رنگ ڪرڻ مستحب آهي. ڇوته ان ۾ اهل ڪتاب سان مخالفت ڪرڻ واري امر جي اطاعت ٿي ويندي ۽ وارن جو غبار وغيره لڳڻ جي ڪري ميري ٿيڻ کان به بچاءُ ٿيندو. پر جيڪڏهن ڪنهن جي شهر ۾ رنگ نه ڪرڻ جو رواج آهي ته رنگ نه ڪرڻ اوليٰ ۽ افضل آهي. علامه علي قاري رحمه الله طبري جي هن قول کي احسن سڏيو آهي. ۽ محدث نووي رحمه الله لکيو آهي ته رنگ ڪرڻ جي جواز يا استحباب جي قائلن جو اختلاف آهي ته رنگ ڪهڙو ڪجي ۽ ڪهڙو نه ڪجي؟ اڪثر علماء ڪاري رنگ کي مڪروه چيو آهي ۽ علامه نووي رحمه الله پاڻ ڪاري رنگ ڪرڻ کي مڪروه تحريمي هجڻ ڏي مائل آهي ۽ بعض علماء جهاد ۾ مجاهدن کي ڪاري رنگ ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي بغير جهاد جي موڪل نه ڏني آهي باقي ڳاڙهو يا ڦڪو (سونهري) رنگ ڪرڻ مستحب آهي. ڪاري رنگ کان منع ڪرڻ جي لاءِ هيءَ حديث مبارڪ به آهي جيڪا حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان مرفوع روايت آهي ته :"آخر زماني ۾ اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي ڪارو رنگ استعمال ڪندا جيئن ڪبوترن جون گجيون هونديون آهن، اهي جنت جي خوشبوءِ نه لهندا." اها حديث ابو داؤد ۽ نسائي آندي آهي ۽ حضرت ابو الدرداء رضي الله عنه کان مرفوع روايت آهي ته "رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :"جنهن وارن کي ڪارو رنگ ڪيو الله جل جلاله قيامت جي ڏينهن ان جي منهن کي ڪارو ڪندو." اها حديث طبراني ۽ ابن ابي عاصم آندي آهي. ۽ بعض علماء مرد ۽ عورت ۾ فرق ڪيو آهي ته عورت لاءِ اجازت آهي مرد لاءِ اجازت ناهي. هٿن ۽ پيرن کي مينڊي هڻڻ، رنگ ڪرڻ عورتن جي لاءِ جائز آهي مرد جي لاءِ حرام آهي. اڇا وار چونڊ ڪري ڪيڻ اڪثر علماء وٽ مڪروه آهن. جيئن حديث پاڪ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته "اڇا وار چونڊ ڪري نه ڪيو بلاشڪ اهي مسلمان جي لاءِ نور آهن." اها حديث ترمذي، ابو داؤد، نسائي ۽ ابن ماجه آندي آهي. ۽ ترمذي چيو ته اها حسن آهي ۽ مسلم قتاده رضي الله عنه جي سند سان حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "مٿي ۽ ڏاڙهي مان اڇا وار چونڊ ڪري ڪيڻ مڪروه آهي."

فائدو : علامه بيجوري رحمه الله ۽ علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته "ڦڪو (سونهري) رنگ ڪرڻ محبوب آهي ڇوته الله جل جلاله ان جي مدح ڏانهن قرآن ڪريم جي آيت " اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ

ترجمو : بلاشڪ اها ڦڪي رنگ واري ڍڳي آهي ان جو رنگ چمڪندڙ آهي جيڪو ڏسندڙن کي خوشي

بخشي ٿو) اشارو ڪيو آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته ”جيڪو ڦڪي رنگ واري جُتي پائي حاجت طلبي ڪندو ته ان جي ڪري ان جي اها حاجت پوري ٿيندي ڇوته بني اسرائيل جي حاجت به ان ڦڪي رنگ واري ڪل سان پوري ٿي هئي. حضرت علي رضي الله عنه ڦڪي رنگ وارين جتين جي پائڻ جي ترغيب ان جي ڪري ڏيندو هو.“ جو قرآن ڪريم جي آيت جي روشنيءَ ۾ ڦڪو رنگ خوشي بخشيندڙ آهي.“ جيئن ان ڏانهن جمهور مفسرن اشارو ڪيو آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته ”ڦڪو رنگ نفس کي خوش ٿو ڪري ۽ فڪر کي دور ٿو ڪري ۽ حضرت ابنِ زبير و يحييٰ بن ابي ڪثير ڪارن جوتن پائڻ کان روڪيو آهي جو اهي فڪر وڌائن ٿا ۽ ابن حجر ”الفتاوي“ ۾ لکيو آهي ته (حديث ۾) آيو آهي ”اي انصارن جي جماعت! (جوتا) ڳاڙها پايو يا ڦڪا پايو ۽ اهل ڪتاب جي مخالفت ڪيو.“ ۽ حضرت عثمان رضي الله عنه ڦڪا جوتا پائيندو هو.“ (المواهب شرح الشمائل ص 142)

شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 101)

فائدو: محدثن فرمايو آهي ته هن سنَد جا راوي سب ثقه آهن.

باب ستون

بَابُ مَا جَاءَ فِي كُحْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي سرمي پائڻ جو بيان

سمجهاڻي: سُرمو پائڻ مستحب آهي ثواب جي نيت سان پائجي. سرمو خواه ڪهڙو بہ هجي سنت ادا ٿي ويندي اکين جي فائدي سان گڏ حضور ڪريم ﷺ جي تابعداريءَ جو ثواب بہ ملندو. (فضائل النبي ﷺ ص 44) **محدث ترمذي** رحمه الله هتي اهي حديثون آنديون آهن جن جو تعلق نبي پاڪ ﷺ جن جي سرمي پائڻ سان آهي ۽ هن باب کي خضاب جي باب کان پوءِ آندائين ڇوتہ سرمو خضاب سان سينگار جي لحاظ سان مشابہ آهي ۽ "الكُحلُ" (ڪاف جي پيش سان) هر ان شيءِ کي چيو ويندو آهي جيڪو اک ۾ شفاء حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڌو ويندو آهي ۽ الكَحل (ڪاف جي زبر سان) **سرمي پائڻ** کي سڏيو ويندو آهي. القسطلاني فرمايو تہ راوين کان بدل الكحلُ (ڪاف جي پيش سان) آهي. جيتوڻيڪ معنيٰ جي لحاظ سان ڪاف جي زبر بہ ٿي سگهي ٿي. هن باب ۾ ڪابہ ان ڳالهہ جي تصريح ناهي تہ "رسول الله ﷺ جن ڪهڙو سُرمو پائيندا هئا. صرف ٻي حديث ۾ وضاحت آهي ۽ سُرمو شافعين وٽ سنت آهي ڇوتہ ان متعلق حديثون آيل آهن. ابن العربي رحمه الله فرمايو تہ سرمي ۾ بہ نفعا آهن. هڪ تہ سينگار آهي جيڪڏهن ان نيت سان استعمال ڪيو ويو تہ پوءِ اهو ان ڏيکاءُ ۾ ناهي جنهن کان منع آيل آهي. ٻيو تہ خوشبوءِ جي ارادي سان پوءِ جيڪڏهن ان نيت سان استعمال ڪيو ويندو تہ اکين جي نور کي قوت ڏيندو ۽ اکين جي پاپڙن جي وارن کي بہ وڌائيندو. (سونهن پيدا ڪندو) ۽ سونهن جي لاءِ پاتل سُرمي جي شرعي طور ڪا حد مقرر ناهي. ضرورت آهي پائجي ۽ اکين کي نفعي ڏيڻ جي نيت سان سرمي پائڻ جي شرعي حد آهي تہ هر رات پائجي. هن باب ۾ سَنَدُن جي لحاظ سان ڇهہ ۽ حقيقت ۾ چار حديثون آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 142)

{49} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ حُمَيْدٍ الرَّازِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الطَّيَالِسِيُّ، عَنْ عَبَّادِ بْنِ مَنْصُورٍ، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: اكْتَحِلُوا بِالإِثْمِدِ فَإِنَّهُ يَجْلُو الْبَصَرَ، وَيُنْبِتُ الشَّعْرَ وَزَعَمَ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَتْ لَهُ مُكْحُلَةٌ يَكْتَحِلُ مِنْهَا كُلَّ لَيْلَةٍ ثَلاثَةً فِي هَذِهِ، وَثَلاثَةً فِي هَذِهِ

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هر رات سُمهڻ کان اڳ ۾ اثمد سُرمي مان ٽي ٽي سرايون هر هڪ اک ۾ پائيندا هئا. ۽ نبي ڪريم ﷺ وٽ سرميداڻي هئي. ننڊ ڪرڻ مهل هر هڪ اک ۾ سُرمي جون ٽي ٽي سرايون پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "اِكْتَحِلُوا" الاكتحال کان ورتل آهي يعني اوهان سرمو وجهو. اوهان سرمو پايو. استعمال ڪريو. "اَلإِثْمِدِ" ڪاري سرمي جو پٿر، چيو وڃي ٿو تہ هي پٿر اصفهان ۾ ٿيندو آهي. الاثمد

(الف جي زير سان) هتي ان سرمي پائڻ جو انهن لاءِ ارشاد آهي جن جون اکيون صحيح آهن. بيمار اکين لاءِ نقصانڪار آهي. ان جي ڪاڻ علامہ بيجوري جي بقول مشرق ۾ آهي اهو ڪارو ڳاڙهائيءَ ڏانهن مائل آهي. ۽ ٿورڙي پاڻيءَ کي "ثمد" بہ چيو ويندو آهي جيئن حديث مبارڪ ۾ آهي "وَاَفْجَرَلَهُمُ الثَّمَدَ" ۽ حضور ڪريم ﷺ جن انهن جي لاءِ ٿورو پاڻي روان ڪري ڇڏيو. "يَجْلُوْ" روشن ڪري "اَلْبَصَرَ" نظر جو نور. "يُنْبِتُ" انبات ڪان ورتل جمائي. "زَعَمَ" هي اضداد ۾ استعمال ٿيندڙ لغت مان آهي جنهن جي معنيٰ گمان، يا خيال ڪرڻ آهي اهڙي طرح ان جي معنيٰ سچي ڳالهہ ڪرڻ بہ آهي. ان جي ڪري هتي شارحن ان جي معنيٰ "القول المحقق" ڪئي آهي. "مُكْحَلَةٌ" سرميداڻي.

سمجهاڻي : هن حديث ۾ ارشاد آهي تہ "اثمد" سُرمو پايو" هن سُرمي جي استعمال جي فضيلت لاءِ هي ڪافي آهي جو هي سُرمو رسول الله ﷺ جن پاڻ استعمال ڪيو آهي ۽ ٻين کي بہ ان جي استعمال جو حڪم ڪيو آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن تہ پلائي جو امر ڪندا آهن. ترمذي جي روايت ۾ آهي تہ "اِكْتَحِلُوْا بِالْاِثْمِدِ الْمُرَوَّحِ" اکين ۾ راحت بخشيندڙ اثمد سرمو پايو." ۽ سنن ابو داؤد ۾ روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن (اکين کي) راحت ڏيندڙ اثمد سُرمي جي استعمال ڪرڻ جو امر فرمايو. هي سرمو اکين جي نور کي وڌائي ٿو ۽ دماغ مان جيڪو خراب مادو اکين ۾ اچي ٿو ان کي زائل ڪري ٿو. اکين کي صاف ۽ شفاف رکي ٿو. ابن ماجہ ۾ روايت آهي تہ "سيني سرمن مان پلو سرمو اثمد آهي جو اکين کي روشن ٿو ڪري ۽ (پنبڻين جي) وارن کي ڄمائي ٿو." (انوارِ غوثيہ ص 82)

اثمند سرمي جي استعمال تي هميشگي ڪيو : علامہ علي القاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "اِكْتَحِلُوْا" امر جو صيغو آهي ان جي مراد آهي تہ اثمد جي استعمال تي دوام ۽ هميشگي ڪيو." اهو اکين مان پاڻي وهڻ کي روڪي ٿو ۽ اکين جي زخمن کي ڇڏائي ٿو ۽ اکين جي صحت ۾ قوت پيدا ڪري ٿو ۽ اکين جي اعصاب کي طاقت بخشي ٿو خاص ڪري پوڙهن ۽ ٻارن جي اکين کي. ۽ ابو الشيخ ڪتاب اخلاق النبي ﷺ ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ (رضي الله عنها وعن ابيها) کان روايت آندي آهي تہ "رسول الله ﷺ جن رات جو سمهڻ وقت اثمد سرمي جون ٽي سرايون هر هڪ اک ۾ وجهندا هئا ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما يا حميد (اختلاف آهي) جي خيال مطابق حضور ڪريم ﷺ جن جي هڪ سرميداڻي هئي ان مان هر رات ٽي سرايون سڄيءَ اک مبارڪ ۾ تہ ٽي کٻي اک ۾ مبارڪ ۾ وجهندا هئا. علامہ مناوي رحمۃ اللہ علیہ لکيو تہ "رات جو سرمي پائڻ ۾ اها حڪمت هئي جو ان جو اثر تا دير رهندو آهي ۽ اکين جي اندرين حصن ڏانهن لهي ويندو آهي ۽ ٽن پيرن وجهڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ نہ گهٽ هجي نہ گهڻو هجي. ۽ هن روايت ۾ تہ صرف ٽي، ٽي پيرا مذڪور آهي پر الطبراني، الڪبير ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ اک ۾ ٽي ۽ ٻي اک ۾ بہ سرايون اکيءَ جو عدد ڪندا هئا. ۽ الڪامل ۾ ابن عدي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ساڄي اک ۾ بہ ۽ کاٻي اک ۾ بہ سرايون سرمو وجهي هڪڙي وري ٻنهي ۾ وجهندا هئا. ابن سيرين فرمايو تہ "حديث هيئن آهي ۽ مان هي ٿو پسند ڪيان تہ "هڪ هڪ اک ۾ ٽي پيرا سرمو وجهي پوءِ هڪ سرائي پري ٻنهي اکين ۾ اڌواڌ ڪري وجهي ڇڏجي. ۽ ان جي ڪري ان حديث جي متعلق جنهن ۾ آهي تہ "جيڪو سرمو پائي اهو اکي عدد ڪري" بہ قول آهن. هڪ تہ هر هڪ اک ۾ اکي ڪري ٻيو تہ ٻنهي ۾ اکي جو عدد

بيهاري علامہ ابن حجر رحمه الله فرمايو تہ "پهريون قول وڌيڪ ترجيح وارو آهي." ۽ حديث جي فن جي بعض امامن جو قول آهي تہ "رسول الله ﷺ جن سرمي پائڻ ۾ شروعات بہ ساڄي اک کان ڪندا هئا تہ پڄاڻي بہ ان تي ڪندا هئا. ۽ ساڄي جي فضيلت کي ظاهر ڪندا هئا ۽ ان جي ظاهر مفهوم اها آهي تہ "ساڄي اک مبارڪ ۾ بہ سرايون وجهي وري کاٻي اک ۾ بہ بہ سرايون وجهي هڪڙي وري ساڄي ۾ وجهندا هئا. ۽ حافظ عراقي رحمه الله فرمايو تہ هن باب جي حديث ۾ ساڄي اک کان شروعات ڪرڻ جو اشارو آهي ۽ اهو مستحب آهي، ڇوتہ (حضرت محمد) مصطفيٰ ﷺ جن ساڄي کان شروع ڪرڻ کي پسند ڪندا هئا.

سوال: هن طريقي سان ساڄي کان شروع ڪرڻ واري سنت حاصل ٿيندي جو هڪ سرائي ساڄي اک ۾ وجهي ٻي کاٻي ۾ ۽ وري هڪ ساڄي ۾ ۽ ٻي کاٻي ۾ ۽ وري هڪ ساڄي ۾ ۽ ٻي کاٻي ۾ وجهي؟ يا پهريان ٽئي سرايون ساڄي ۾ ۽ پوءِ ٽئي کاٻي ۾ وجهي؟

جواب: ظاهر هي آهي تہ ٽئي گڏ وجهي. جيئن وضو جي عضون ۾ هوندو آهي. " (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 104)

فائدو: عرب وارا سرائي ۽ سرميداڻي ٺهڻي کي گڏي "مکحلة" چوندا آهن. (فضائل النبي ﷺ ص 144) ۽ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ هڪ اسڪندرانيه وڏي ڏٻي هوندي هئي جنهن ۾ آئينو ڦڻي، سرميداڻي، قينچي ۽ ڏندڻ هوندو هو ۽ سندن آئيني جو نالو "المدلة" هو. (انوارِ غوثيه ص 81)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2681, ص 339 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3201 ج 2 ص 116 {3} ابو نعيم في الحلية ج 3 ص 343 باوله فقط {4} ابن ابي شيبه في المصنف ج 8 ص 599, 600 {5} ابن ماجہ في ڪتاب الطب باب 26 من اڪتحل وترا رقم الحديث 3499 {6} احمد في المسند ج 1 ص 354 {7} البزار رقم الحديث 3032 ڪشف الاستار ج 3 ص 392, 393 {8} الحاڪم في المستدرڪ ج 4 ص 408

{50} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الصَّبَّاحِ الْهَاشِمِيُّ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدُ اللهِ بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْرَائِيلُ، عَنْ عَبَّادِ بْنِ مَنْصُورٍ، (ح) وَحَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبَّادُ بْنُ مَنْصُورٍ، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَكْتَحِلُ قَبْلَ أَنْ يَنَامَ بِالإِثْمِدِ ثَلَاثًا فِي كُلِّ عَيْنٍ وَقَالَ يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ، فِي حَدِيثِهِ: إِنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَتْ لَهُ مُكْحُلَةٌ يَكْتَحِلُ مِنْهَا عِنْدَ النَّوْمِ ثَلَاثًا فِي كُلِّ عَيْنٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ پاڪ ڪريم ﷺ جن هر رات سمهڻ کان اڳ ۾ اثمدسرمي مان ٽي ٽي سرايون هر هڪ اک ۾ پائيندا هئا.

يزيد بن هارون رضي الله عنه پنهنجي حديث ۾ چيو تہ پاڪ سڳورن ﷺ وٽ سرميداڻي هئي. ننڊ ڪرڻ مهل هر هڪ اک ۾ سرمي جون ٽي ٽي سرايون پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "ح" هي لفظ هڪ اسناد کان ٻي اسناد ڏانهن ڦرڻ جو اشارو آهي. ڇوتہ حديث جي فن وارن جي عادت رهي آهي تہ جڏهن هڪ حديث جون ٻہ يا گهڻيون سندون گڏ بيان ڪندا آهن تہ اختصار کي نظر ۾ رکندي "حا" مفرد ذڪر ڪندا آهن ۽ اها متقدمين جي ڪتابن کان متاخرين جي

ڪتابن ۾ گھٽي آهي. ۽ اها صحيح مسلم ۾ صحيح بخاري کان گھٽي آهي ۽ اها "حا" تحويل يا حائل يا صح الحديث کان اختصار آهي ۽ حديث پڙهندڙ پڙهڻ دوران صرف "حا" چوندو يا جنهن جو اختصار آهي اهو لفظ چوندو؟ يا مطلقًا ڪجهه نه چوندو؟ ابن الصلاح جو پڪو خيال آهي ته جيئن مفرد لکيل آهي تيئن چوندو. ۽ چيائين ته سلف صالحن مان جمهور جو قول اهو آهي ۽ انهن کان خلف اهو ورتو آهي ۽ هڪ قول آهي ته حديث جو لفظ چوندو. ۽ ٻيو قول آهي ته ڪجهه نه چوندو. (المواهب شرح الشمائل ص 146) ۽ اها "حا" مد سان پڙهي ويندي. ۽ ابن حجر جو قول آهي ته مقصور پڙهي ويندي پر ان جو اصل ۾ ڪو سبب ناهي ۽ قصر صرف وقف جي حالت ۾ ڪيو ويندو. بعض علماء جو اهو قول آهي يا ته اها "حا" صحيح هجڻ جي علامت آهي ته خبر پوي ته مذڪور اسناد اڃان منتها کي نه پهتي آهي ۽ تان ته اهو وهم نه ٿئي ته هن اسناد جي حديث ڪري پئي آهي ۽ تان ته ٻي اسناد پهرين اسناد تي چڙهي نه پوي پوءِ هڪ اسناد ٿي وڃي. علامه جزري ﷫ فرمايو ته جڏهن حديثن جون ٻه يا زياده سنَدُون هجن ته "حا" لکجي ۽ جڏهن محدث ان وٽ پهچي ته "ح" مد سان چوي ۽ ان تي اسان جي ساٿين جو عمل رهيو آهي. ۽ هڪ قول اهو به آهي ته "ح" حيلولة کان ورتل آهي ڇوته ان سان ٻن سندن ۾ جدائي وڌي وڃي ٿي ۽ اهو لفظ حديث مان ناهي ان جي ڪري ان جي جاءِ تي ٻيو لفظ نه آندو ويندو. ۽ الحديث مان ورتل هجڻ وارن جي قول تي هلندي مغربي ملڪن وارا "ح" وٽ الحديث جو لفظ پڙهندا آهن ۽ بعض علماء ان کي "خا" ٽٻڪي سان پڙهن ٿا ۽ اها ڳالهائين ٿا ۽ ان مان انهن جي مراد"اسناد آخر" ٻي سند آهي. ۽ ظاهر هي آهي ته اهو متاخرين جو اجتهاد آهي جو انهن جي لاءِ متقدمين جي ڪلام مان ڪجهه ظاهر نه ٿيو هو. وَاللهُ تَعالىٰ اَعْلَمُ ۽ ميرڪ جو قول آهي ته مصنف ۽ عباد بن منصور جي وچ ۾ پهرين اسناد ۾ ٻه واسطا آهن ۽ ٻي اسناد ۾ ٽي واسطا آهن پوءِ اها اسناد اڳئين اسناد جي لحاظ کان عدد جي اعتبار سان لهندڙ آهي پر ترمذي جي هن حديث ۾ پهرئين استاد حميد رازي کان بخاري ۽ مسلم حديث روايت نه ڪئي آهي. پر عبدالله بن الصباح انهن جي شرط مطابق راوي آهي ان کان ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪئي آهي. پوءِ ٻي اسناد پهرئين کان معنوي طور بلند آهي يعني ضبط ۽ اتقان جي لحاظ سان. پوءِ ان کي عدد جي ڪثرت نقصان نه ڏيندي ۽ سنَد ۾ مذڪور نزول جي لحاظ سان ابن الصباح جي سنَد کان علي بن حجر جي سند ڏانهن آيو جو ان ۾ مصنف عباد جي وچ ۾ ٻه واسطا آهن. (جمع الوسائل شرح الشمائل ج 1 ص 104) اِنَّ النَّبِيَّ ﷺ . هتي "اِنّ" ۾ الف کي زير پڙهبي يا زبر؟ جيڪڏهن ان کي "قالَ" جو مقولو ڇيو ويندو ته زير پڙهي ويندي ۽ جيڪڏهن حديث ۽ روايت کي ذهن ۾ رکي پڙهبو ته الف کي زبر ڏني ويندي.

سمجهاڻي : ارشاد آهي ته "حضور ڪريم ﷺ جن هر اک مبارڪ ۾ ٽي ٽيرا سرمو وجهندا هئا." هيءَ حديث محدث ترمذي ٻن سنَدُن سان آندي آهي. سرمي وجهڻ جي طور طريقن جا قسم هن کان اڳئين حديث جي سمجهاڻي ۾ تفصيل سان لکيل آهن هتي وري لکڻ جي ضرورت ناهي.

هيءَ حديث انهن ساڳين محدثن آندي آهي جن هن کان اڳئين حديث آندي آهي.

{51} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَزِيدَ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِسْحَاقَ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ الْمُنْكَدِرِ، عَنْ

جَابِرٍ هُوَ ابْنُ عَبْدِ اللهِ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: عَلَيْكُمْ بِالإِثْمِدِ عِنْدَ النَّوْمِ، فَإِنَّهُ يَجْلُو الْبَصَرَ، وَيُنْبِتُ الشَّعْرَ

بامحاوره ترجمو: جابر بن عبدالله ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ رات جو سمھڻ وقت اثمد سُرمو ضرور پائيندا ڪريو جو سُرمو اکين جي روشني وڌائيندو ۽ پنبڙيون ڄمائيندو آهي.

مفردات جو شرح : "عَلَيْكُمْ" هي اسم فعل خُذُوهُ جي معنيٰ ۾ آهي جنھن مان مراد آهي تہ اَلْاِثْمِد" سرمو پائيندا ڪيو. "يَجْلُوْ" روشن ڪري. "يُنْبِتُ" ڄمائي.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ ارشاد آهي تہ "بلاشڪ اهو اثمد سرمو اکين کي روشن ڪري ٿو ۽ اکين جي وارن کي ڄمائي ٿو. هن ۾ ان جي پائڻ جي علت دنياوي نفعو ٻڌائڻ سان ان جي سنت هجڻ تي ڪو اثر نہ ٿو پوي خصوصًا ان جي ڪري جو حضور ڪريم ﷺ جن ان تي هميشگي ڪرڻ سان گڏ ان جي لاءِ ارشاد بہ فرمايو آهي ۽ اهي دنيوي نفعا اخروي نفعا حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن. جيئن پاڪ شين جي سڃاڻپ ۽ قبلي ڏانهن صحيح رخ رکڻ بہ نظر سان معلوم ٿيندو آهي. نظر ايتري اهم آهي جو بعض علماء ان کي ٻڌڻ کان بہ اهم قرار ڏنو آهي. "شال! الله ﷻ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي ٻنهي قوتن سان اسان کي نفعو عطا ڪري" ان جي ڪري ان جي قول ڏانهن توجهہ نہ ڪيو ويندو جنهن چيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان تہ "اهو اکين کي روشن ٿو ڪري وار ڄمائي ٿو." هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ ان ۾ ديني مصلحتون ناهن دنيوي مصلحتون آهن. ان سان ثواب ۽ عذاب جو ڪو تعلق ناهي پر هي نقطو غير معتبر آهي. شافعي علماء تہ " اثمد سرمو پائڻ کي سنت قرار ڏنو آهي ان ۾ اکي جو عدد مستحب آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جو بدن جي مصلحت لاءِ ڪو حڪم ڪرڻ ان جي سنت يا فرض هجڻ جي خلاف ناهي. ڪڏهن ڪڏهن کاڌي جي لاءِ حڪم ڪرڻ فرض هوندو آهي ۽ روزي رکڻ جي لاءِ سحري وارو کاڌو کائڻ سنت آهي ان جي ڪري علماء فرمايو آهي تہ " جيڪڏهن ڪو ماڻهو کاڌي جي لاءِ مجبور آهي پوءِ بہ نہ ٿو کائي يا ڪنهن کان کاڌو نہ ٿو گهري تان جو بک ۾ مري ٿو پوي تہ گنهگار ٿي مرندو. ۽ سڪل مٽي يا آلي مٽي کائڻ جي حرام هجڻ تي علماء جو اتفاق آهي ڇوتہ اها بدن جو نقصان آهي ۽ عقل ۾ خلل پيدا ڪرڻ جي ڪري شراب حرام ڪيو ويو. ها اهو آهي تہ "سرمو پائيندڙ جڏهن سنت جي ادا ڪرڻ جي نيت سان پائي تہ ان مان اکين جي علاج ۽ دوا جو ارادو بہ پلي ڪري عورتن وانگر صرف سينگار جي نيت نہ ڪري. (جمع الوسائل جزء 1 ص 105)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابن جرير في تهذيب الآثار ج 2ص 79 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3202 ج 12 ص 117,116 {3} ابن عدي من ثلاث طرق عن ابن المنكدر كما في الفتح ج 10 ص 157 {4} ابن ماجہ في كتاب الطب باب 25 الكحل بالاثمد رقم الحديث 3496

{52} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ الْمُفَضَّلِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُثْمَانَ بْنِ خُثَيْمٍ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ جُبَيْرٍ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ خَيْرَ أَكْحَالِكُمُ الإِثْمِدُ، يَجْلُو الْبَصَرَ، وَيُنْبِتُ الشَّعْرَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس ؓ کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ فرمايو تہ ”بيشڪ اوهان لاءِ ڀلو اثمد سرمو آهي. اهو نظر وڌائي ٿو ۽ پنبڙين جا گهاٽا وار ڄمائيندو آهي.“
مفردات جو شرح : بعينه اهو آهي جيڪو اڳئين حديث ۾ لکي آيا آهيون.
سمجهاڻي : هن جي سمجهاڻي ساڳي آهي.
هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الطب باب 14 في الامر بالڪحل رقم الحديث 3878 ج 4 ص 8 {2} النسائي في ڪتاب الزينة باب 28 الڪحل ج 9 ص 149 {3} ابن ماجه في ڪتاب الجنائز باب 18 ما يستحب من الاڪفان رقم الحديث 1482 ج 1 ص 473 {4} احمد في المسند ج 1 ص 247 {5} البيهقي في سننه ج 3 ص 245 {6} ابن حبان في ڪتاب اللباس باب 2 في الثياب البيض رقم الحديث 1439، 1440، 1441 ص 348 (موارد)

{53} حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ الْمُسْتَمِرِّ الْبَصْرِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو عَاصِمٍ ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ عَبْدِ الْمَلِكِ ، عَنْ سَالِمٍ ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : عَلَيْكُمْ بِالإِثْمِدِ ، فَإِنَّهُ يَجْلُو الْبَصَرَ ، وَيُنْبِتُ الشَّعْرَ

با محاوره ترجمو : حضرت ابن عمر ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ اثمد سرمو پائيندا ڪريو جو هو نظر وڌائي ٿو ۽ پنبڙين جا گهاٽا وار ڄمائي ٿو.
مفردات جو شرح : ساڳيو آهي.
سمجهاڻي : شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ اها ڳالهہ واضح آهي تہ هن باب جون روايت ڪيل حديثون هڪ ئي مقصد ڏي رجوع ڪن ٿيون ۽ قسطلاني ؒ فرمايو تہ حضرت ابنِ عمر واري هيءَ حديث گذريل حديثن جي معنيٰ ۾ آهي پر محدث ترمذي هن حديث کي اصل حديث جي تقويت لاءِ مختلف سندن سان آندو آهي ۽ ان سان مضمون جي تقويت بہ ٿئي ٿي. عباد بن منصور ضعيف راوي هو ان جي روايت جي هنن ٻين سندن سان تقويت ڪيائين. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 106)
هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابن ماجه في ڪتاب الطب باب 25 الڪحل بالاثمد حديث رقم 3495 {2} الحاڪم في المستدرڪ ج 4 ص 207 {3} ابن جرير في تهذيب الآثار ج 2 ص 102 {4} البخاري في التاريخ الڪبير ج 3 ص 242.

باب اٺون

بَابُ مَا جَاءَ فِي لِبَاسِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي پوشاڪ جو بيان

سمجهاڻي: هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ حضور ڪريم ﷺ جي لباس جو بيان آهي ۽ اڳين بابن کان پوءِ هي باب آندائين جو هي انهن سان زينت جي لحاظ سان مناسب آهي. الصحاح وغيره لغت جي ڪتابن ۾ آهي ته لباس ڪتاب وانگر ان شيءِ کي چيو ويندو آهي جيڪا ڍڪي وجي. ۽ اهڙي طرح مَلبَس مذهب جي وزن تي ۽ اللبس حمل جي وزن تي ۽ اللبوس صبور وانگر. لباس سان پنج حڪم وابسته آهن. {1} **واجب:** جنهن سان اوگهڙ ڍڪجي. {2} **مستحب:** جيئن عيدين لاءِ سهڻو ڪپڙو ۽ جمعي لاءِ سفيد ڪپڙو. {3} **حرام:** جيئن مردن جي لاءِ خالص ريشم پائڻ. {4} **مڪروه:** جيئن غني، مالدار ڪي هميشه پراڻا ڪپڙا پائڻ. {5} **مباح:** جيڪو ان ڪان علاوه آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 150) مرد لاءِ پيرڻ ڪان هيٺ گوڏ يا شلوار. ڪانچ پائڻ ناجائز آهي ۽ عورتن کي اهڙو سنهو ڪپڙو پائڻ حرام آهي. جنهن مان جسم نظر اچي يا ڄنگهن يا ٻانهن جا حصا ڪليل رهن. ساڳي ريت ڪپڙا پائي ڦونڊ ڪرڻ ۽ تڪبر ڪرڻ به حرام آهي. هن باب ۾ حضور سيد المرسلين على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام **جي ڪپڙن** جو ذڪر آهي. سفيد لباس ۽ قميص پسند ڪرڻ، قميص جي هيئت، چادر مبارڪ ڍڪڻ، نئين ڪپڙي پائڻ وقت دعا ۽ مختلف رنگن جو استعمال جو ذڪر آهي. علامه احمد عبدالجواد الدومي لکيو آهي ته "حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي قوم جو لباس ڍڪڻ پسند فرمائيندا هئا ۽ لباس ۾ ٻين ڪان جدا رهڻ کي پسند نه ڪندا هئا. (الاتحافات الربانية بشرح الشمائل المحمدية ص 93)

{54} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ حُمَيْدٍ الرَّازِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا الْفَضْلُ بْنُ مُوسَى، وَأَبُو تُمَيْلَةَ، وَزَيْدُ بْنُ حُبَابٍ، عَنْ عَبْدِ الْمُؤْمِنِ بْنِ خَالِدٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ بُرَيْدَةَ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ، قَالَتْ: كَانَ أَحَبَّ الثِّيَابِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْقَمِيصَ

بامحاوره ترجمو: بيبي ام سلمة رضي الله عنها ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کي سيني ڪپڙن مان قميص وڌيڪ وڻندي هئي.

مفردات جو شرح : "احب" اسم تفضيل جو صيغو گهڻو پيارو "الثياب" ثوب جو جمع. (ڪپڙا) "القميص" ان پائڻ واري ڪپڙي جو نالو جنهن کي به ٻاهوڙيون ۽ جيب (يعني کيسو) هوندو آهي.

سمجهاڻي : هن حديث کي مصنف ٽن سندن سان ذڪر ڪيو آهي. هن ۾ قميص جو ذڪر آهي ته اها رسول الله ﷺ جن کي گهڻو پياري هئي. ڇوته ٻين ڪپڙن جي بنسبت هن ۾ پردو وڌيڪ آهي ۽ اها بدن تي وڌيڪ هلڪي آهي ۽ ان کي پائيندڙ گهٽ تڪبر ڪندو آهي. هن حديث ۾ ان مان مراد

ڪپهہ يا ڪاڏيءَ جو ڪپڙو آهي اُنَ جو ناهي. ڇوتہ اها بدن کي ايذائي ٿي ۽ پگهر پيدا ڪري ٿي جنهن جي بوءِ ساٿين کي تنگ ڪري ٿي. ۽ حديث ۾ وارد آهي تہ "مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن کي هڪ قميص هوندي هئي. جيئن ڪتاب"الوفا" ۾ ام المؤمنين عائشة ﷺ کان روايت آهي تہ "ڪڏهن بہ رسول الله ﷺ جن صبح جو ڪاڏو رات لاءِ نہ رکندا هئا ۽ نہ رات وارو صبح لاءِ رکندا هئا ۽ ڪنهن بہ شيءِ مان بہ شيون نہ رکندا هئا. نہ بہ قميصون نہ بہ چادرون نہ بہ گوڏيون ۽ نہ جتين جا بہ جوڙا.

(المواهب شرح الشمائل ص 152)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 3 ماجاء في القميص حديث رقم 4025 ج 4 ص 43 {2} النسائي في ڪتاب الزينة من سننه الڪبريٰ باب 97 لبس القميص حديث رقم 9668 ج 5 ص 482 {3} ابو يعليٰ في مسنده حديث رقم 7014 ج 12 ص 445 {4} عبد بن حميد في المنتخب حديث رقم 1540 ص 444 {5} البيهقي في سننه ج 2 ص 239.

{55} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا الْفَضْلُ بْنُ مُوسَى، عَنْ عَبْدِ الْمُؤْمِنِ بْنِ خَالِدٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ بُرَيْدَةَ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ، قَالَتْ: كَانَ أَحَبُّ الثِّيَابِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْقَمِيصَ

بامحاوره ترجمو: هيءَ بہ بيبي ام سلمة ﷺ کان ٻي روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو وڏيڪ وڻندڙ لباس (جيڪو پاڻ پائيندا هئا) قميص هو.

مفردات جو شرح : متن ساڳيو آهي پر سندَ جي اختلاف جي ڪري ان کي ٻهريءَ روايت جي تاڪيد لاءِ آندو اٿس.

سمجهاڻي: هن حديث جي سمجهاڻي بہ ساڳي آهي.

ڪتاب اللباس واريون شمائل ۾ آندل ٻهريون ٽي روايتون ٻين هنن محدثن بہ آنديون آهن: {1} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 3 ماجاء في القميص رقم الحديث 4025 ج 4 ص 73 {2} النسائي في ڪتاب الزينة من سننه الڪبريٰ باب 97 لبس القميص رقم الحديث 9668 ج 5 ص 482 {3} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 7014 ج 12 ص 445 {4} البيهقي في سننه ج 2 ص 239. {5} عبد بن حُميد في المنتخب رقم الحديث 1540 ص 444. {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3068 ج 12 ص 4.

{56} حَدَّثَنَا زِيَادُ بْنُ أَيُّوبَ الْبَغْدَادِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو تُمَيْلَةَ، عَنْ عَبْدِ الْمُؤْمِنِ بْنِ خَالِدٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ بُرَيْدَةَ، عَنْ أُمِّهِ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ، قَالَتْ: كَانَ أَحَبُّ الثِّيَابِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَلْبَسُهُ الْقَمِيصَ قَالَ: هَكَذَا قَالَ زِيَادُ بْنُ أَيُّوبَ، فِي حَدِيثِهِ: عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ بُرَيْدَةَ، عَنْ أُمِّهِ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ، وَهَكَذَا رَوَى غَيْرُ وَاحِدٍ، عَنْ أَبِي تُمَيْلَةَ مِثْلَ رِوَايَةِ زِيَادِ بْنِ أَيُّوبَ، وَأَبُو تُمَيْلَةَ يَزِيدُ فِي هَذَا الْحَدِيثِ عَنْ أُمِّهِ وَهُوَ أَصَحُّ

بامحاوره ترجمو: سيده ام سلمہ کان روايت آهي تہ انهن ڪپڙن مان جيڪي رسول الله ﷺ جن پائيندا هئا ڪين وڏيڪ پياري قميص هوندي هئي.

مفردات جو شرح : ساڳيو آهي.

سمجهاڻي: محدث ترمذي جي روايت ڪيل هنن ٽنهي روايتن جو متن هڪ آهي پر جڏهن تہ انهن

جي سندن ۾ ڪجهه اختلاف هو ان جي ڪري ٽئي سنَدون آڻي تي حديثون آنديون اٿس جن مان معلوم ٿيو تہ سرڪارِ دو عالم ﷺ جن کي قميص پائڻ پسند هئي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي اهي اڳئين حديث جي تخريج ۾ مذڪور آهن.

{57} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ مُحَمَّدِ بْنِ الْحَجَّاجِ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاذُ بْنُ هِشَامٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ بُدَيْلٍ يَعْنِي ابْنَ مَيْسَرَةَ الْعُقَيْلِيَّ، عَنْ شَهْرِ بْنِ حَوْشَبٍ، عَنْ أَسْمَاءَ بِنْتِ يَزِيدَ قَالَتْ: كَانَ كُمُّ قَمِيصِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى الرُّسْغِ

بامحاوره ترجمو: اسماء بنت يزيد رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي قميص جون ٻانهون ڪارائين تائين هيون.

مفردات جو شرح: "ڪُم" ٻانهن جو ڪپڙو ٻانهوڙي "الرسغ" (قُفل وانگر) ابن حجر رحمه الله جو قول آهي تہ " ابو داؤد ۽ مصنف وٽ الرصغ صاد سان آهي ۽ ٻين وٽ سين سان آهي، ۽ ميرڪ جو قول آهي تہ "الرسغ"(را جي پيش ۽ سين جي جزم سان آهي) ۽ هڪ لغت ۾ سين جي بجاءِ صاد آيو آهي. رسغ ڪارائي ۽ هٿ جي چنبي جي وچ واري جاءِ آهي. "اَلْكُمّ": ٻاهوڙي "الرُّسُغِ" ڪارائي.

سمجهاڻي: محدثن پلارن لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي قميص مبارڪ تمام ڊگهي نہ هئي. ۽ ان جون ٻانهون ڪارائين کان هيٺ چنبي ڏانهن لتل نہ هيون ۽ هٿن کان ٿورو مٿي ٻانهون رکڻ ۾ اهو راز هو تہ " ٻانهن سردي ۽ گرمي کان محفوظ رهي پر هٿ کان هيٺ لڙڪائڻ واري حالت ۾ هٿ کي ڪم ۾ آڻڻ ڏکيو ٿيندو آهي. حضور ڪريم ﷺ جي ٻانهن جي ويڪر هڪ گرانٽ ۽ ٻہ آڱر هئي. بعض روايتن ۾ اچي ٿو تہ سندن ٻانهن هٿن مبارڪن جي آڱرين تائين پهچندي هئي. سو ممڪن آهي تہ ڪنهن وقت ڪين اهڙي قميص بہ پاتل هجي. (فضائل النبي ﷺ ص 46) ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن قميص پائيندا هئا جيڪا ڊيگهہ ۾ سندن پاڪ پيرن جي پيڏين کان مٿي هوندي هئي. ۽ ان جون ٻانهون سندن هٿن پاڪن جي آڱرين جي پاسن کي ڍڪي بيهنديون هيون. ابن الجوزي ڪتاب "الوفاء" ۾ اهڙي طرح آندو آهي. (جمع الوسائل شرح الشمائل ج 1 ص 110)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه ابو داؤد في كتاب اللباس باب 3 ماجاء في القميص حديث رقم 4027 ج 4 ص 43 {2} النسائي في كتاب الزينة من سننه الكبرى باب 97 لبس القميص حديث رقم 1765 ج 24 ص 238 {3} الطبراني في المعجم الكبير حديث رقم 416 ج 4 ص 163 {4} البغوي في شرح السنة رقم 3082 ج 12 ص 70.

{58} حَدَّثَنَا أَبُو عَمَّارٍ الْحُسَيْنُ بْنُ حُرَيْثٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو نُعَيْمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا زُهَيْرٌ، عَنْ عُرْوَةَ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ قُشَيْرٍ، عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ قُرَّةَ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: أَتَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي رَهْطٍ مِنْ مُزَيْنَةَ لِنُبَايِعَهُ، وَإِنَّ قَمِيصَهُ لَمُطْلَقٌ، أَوْ قَالَ: زِرُّ قَمِيصِهِ مُطْلَقٌ، قَالَ: فَأَدْخَلْتُ يَدِي فِي جَيْبِ قَمِيصِهِ فَمَسَسْتُ الْخَاتَمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت معاويہ بن قرہ رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو (هو چوي ٿو تہ آءُ رسول

الله ﷺ جن وٽ قبيلي مزينة جي هڪ جماعت سان بيعت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيس، مون ڏٺو تہ) ان وقت رسول الله ﷺ جن جي قميص کليل هئي يا چيائين تہ قميص جا بٽڻ کليل هئا. سو مون سندن قميص جي ڳچيءَ کان اندران هٿ ڪري (برڪت خاطر) سندن مهر نبوت کي هٿ لاٿو.

مفردات جو شرح: "رهط" قوم ۽ قبيلو. ٽن کان وٺي ستن يا ڏهن يا چاليهن ماڻهن تائين جماعت کي چوندا آهن. ۽ اها هڪ اهڙي جماعت هوندي آهي جنهن ۾ عورتون شامل نہ هونديون آهن. "رهط" جي معنيٰ وڏا وڏا گره ڪاڻ بہ آهي. "مزينة" مضر جو هڪ قبيلو. اصل ۾ هڪ عورت جو نالو هو. "لِنُبايِعَ" تان تہ بيعت ڪيون. جمع متڪلم جو صيغو مبايعة کان ورتل آهي. "مُطْلَقٌ": کليل. طلق کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي رسي جو نڪرڻ، قيد کان ڇٽڻ. "زِرٌ" بٽڻ، ٻيڙي. هن جو جمع ازرار آهي.

سمجهاڻي: ارشاد آهي تہ "مان مزينه قبيلي جي هڪ جماعت سان سيد المرسلين، خاتم النبيين ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيس. تان تہ اسين سندن هٿ مبارڪ تي بيعت ڪيون. علامہ عبدالرؤف مناوي، المتوفي سن 1003هـ لکيو آهي تہ "اها بيعت اسلام قبول ڪرڻ تي هئي. مزينہ مضر قبيلي جو هڪ حصو آهي انهن مان هڪ جماعت اسلام جي لاءِ آئي ۽ حضرت قرة بن اياس بہ انهن سان گڏ آيو ۽ اسلام جي لاءِ بيعت ڪرڻ سان مشرف ٿيو هو. ان جو ارشاد آهي تہ "ان وقت حضور ڪريم ﷺ جي قميص مبارڪ جو گريبان وارو بٽڻ کُليل هو. جڏهن تہ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جو دستور هو تہ جنهن طرح اهي حضور ڪريم ﷺ کي ڏسندا هئا پاڻ بہ اهو دستور، طور ۽ طريقو استعمال ڪندا هئا. اهو لباس جو نمونو ڏسڻ کان پوءِ معاويہ ۽ ان جي والد قرة دستور ڪري ڇڏيو هو تہ سيارو هجي يا اونهارو پنهنجي قميصن جا گريبان کليل ڇڏيندا هئا. بٽڻ يا ٻيڙي نہ هڻندا هئا. اهو ئي اطاعت ، فرمانبرداري ۽ محبت جو پاڪ جذبو هو. جنهن جي بدولت اڄ محمدي امت (علىٰ صاحبها الصلوٰة والسلام) وٽ پنهنجي نبي جي هر سنت، هر عمل ۽ هر ادا محفوظ آهي. صحابي فرمايو تہ "مون پنهنجو هٿ سندن گريبان مبارڪ کان اندر ڪري سندن نبوت جي مُهر کي لڳايو. "جَيبُ" هوندن تہ ان ڪپڙي (يعني کيسي) کي چئبو آهي جيڪو گريبان جي مٿان رکيو ويندو آهي تان تہ ان ۾ ڪا شيءِ رکجي. پر علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ هتي ان مان مراد ڳچيءَ کي چوڌاري ڦرڻ واري پٽي آهي. هڪ صحابي رضي الله عنه کي پنهنجي آقا ﷺ سان ايترو والهانہ عشق ۽ نهايت درجي جي محبت هئي جو ان جڏهن سندن قميص مبارڪ جو ڳلو کليل ڏٺو تہ بي اختيار بنجي بي صبري ۽ بيوسي جي عالم ۾ هر قسم جي آداب جي پرواهہ نہ ڪندي سندن کليل ڳلي مبارڪ جي اندران هٿ داخل ڪري نبوت جي مُهر کي هٿ لڳائڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ ان جي برڪت ۽ نورانيت سان پنهنجي وجود کي بابرڪت ۽ منور بنايو ۽ ٻئي طرف حضور ڪريم ﷺ جن جي انهن تي شفقت، رافت، عنايت ۽ مهرباني جو ڪمال ڏسو جو انهن کي ائين ڪرڻ کان منع نہ ڪيائون. صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي عقيدت ۽ انتهائي محبت بہ هن مان ظاهر آهي نہ تہ ڪنهن کي مجال آهي جو ائين ڪري، علامہ ابراهيم بن محمد البيجوري رحمة الله عليه المتوفي سن 1276هـ لکيو آهي تہ "اِنَّمَا قَصَدَ التَّبَرُّكَ ." (يعني ان برڪت جو ارادو ڪيو هو) (المواهب شرح الشمائل ص 157)

قميص جو ڳلو ساموهن رکڻ: هن حديث مان ثابت ٿيو تہ سندن قميص جو ڳلو اڳيان سيني جي

سامهون هو. جيئن هلندڙ دور ۾ معمول آهي. علامہ جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه فرمايو تہ جيکي ماڻهو چون ٿا تہ اڳيان رکڻ بدعت آهي اهي بي علم آهن ۽ هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضرت قرة رضي الله عنه کي نبوت جي مُهر جي خبر هئي ۽ هن حديث مان هي ڳالهيون بہ ثابت ٿيون. (1) قميص پائڻ جائز آهي. (2) ان ۾ بيڙي يا بٽڻ هڻڻ (3) ڳلو کولي ڇڏڻ (4) اهڙي نموني ڳلي جي مٿان کنڊ واري پٽي رکرائڻ جو ان مان هٿ اندر داخل ٿي سگهي. (5) کنهن جو ان جي اندران هٿ داخل ڪرڻ ان ارادي سان تہ ان جي هينان جيڪڏهن ڪا برکت واري شيءِ آهي تہ ان مان برکت حاصل ڪجي جائز آهي. ۽ هن حديث مان حضور ڪريم ﷺ جن جي تواضع ۽ شفقت جو ڪمال بہ ظاهر آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 158) علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن صحابي جي هن فعل کي جيڪو سندن وڏي منصب جي جلالت ۽ ادب جي رعايت جي منافي هو معاف ڪيو هو. خصوصًا ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ائين ڪرڻ وڏي ڳالھ آهي ۽ بعض علماء جو قول آهي تہ " ممکن آهي جو صحابي اجازت ورتي هجي. (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 111 . فضائل النبي ﷺ ص 46)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب اللباس باب 25 في حل الازار رقم الحديث 4082 ج 4 ص 55 {2} ابن ماجه في كتاب اللباس باب 11 حل الازار رقم الحديث 3578 {3} احمد في المسند ج 3 ص 434 {4} الطبراني في الكبير رقم الحديث 49 ص 19، 21 {5} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5452 ج 12 ج 266، ص 267 {6} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 92 {7} البيهقي في الشعب ج 5 ص 171.

{59} حَدَّثَنَا عَبْدُ بْنُ حُمَيْدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْفَضْلِ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ حَبِيبِ بْنِ الشَّهِيدِ، عَنِ الْحَسَنِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَرَجَ وَهُوَ يَتَّكِئُ عَلَى أُسَامَةَ بْنِ زَيْدٍ عَلَيْهِ ثَوْبٌ قِطْرِيٌّ قَدْ تَوَشَّحَ بِهِ، فَصَلَّى بِهِمْ وَقَالَ عَبْدُ بْنُ حُمَيْدٍ: قَالَ مُحَمَّدُ بْنُ الْفَضْلِ: سَأَلَنِي يَحْيَى بْنُ مَعِينٍ عَنْ هَذَا الْحَدِيثِ أَوَّلَ مَا جَلَسَ إِلَيَّ، فَقُلْتُ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، فَقَالَ: لَوْ كَانَ مِنْ كِتَابِكَ، فَقُمْتُ لِأُخْرِجَ كِتَابِي فَقَبَضَ عَلَى ثَوْبِي ثُمَّ قَالَ: أَمْلِهُ عَلَيَّ؛ فَإِنِّي أَخَافُ أَنْ لَا أَلْقَاكَ، قَالَ: فَأَمْلَيْتُهُ عَلَيْهِ، ثُمَّ أَخْرَجْتُ كِتَابِي فَقَرَأْتُ عَلَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان روايت آهي تہ بيشڪ نبي ڪريم ﷺ اسامہ بن زيد رضي الله عنه تي ٽيڪ ڏئي گهر کان ٻاهر نڪري آيا. مٿن يمني چادر هئي، جا ويڙهي آيا ۽ اچي (مسجد نبوي شريف ۾) اصحابن سڳورن عليهم الرضوان کي نماز پڙهايائون.

مفردات جو شرح: "متکيء" ٽيڪ ڏئي ويهندڙ. "قطری" يمني چادر. ڪپهہ جو ٿلهو ڪپڙو بحرين جي پاسي واري شهر کان آندو ويندو آهي جنهن جو نالو " قطر" آهي پر قاف کي زير ۽ طا جي جزم خلافِ قياس آهي. "تَوَشَّحَ بِهِ" ان سان ويڙهجي ويٺا هئا. " اَمْلِهُ" ان کي لکراءِ. املاء ڪر.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ بيان ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي گهر مبارک کان ان حال ۾ ٻاهر تشريف فرما ٿيا جو اسامہ بن زيد رضي الله عنه تي ٽيڪ ڏيندڙ هئا ۽ اهو يا ان بيماريءَ جي دوران هو جنهن ۾ پاڻ (ظاهري) انتقال فرمايو هيائون. يا ڪنهن ٻئي وقت طبيعت مبارک ناساز هئي. پر علي قاري رحمة الله عليه

جو قول آهي تہ هي وصال شريف واري وقت طبيعت جي ناساز هجڻ جي دور جو واقعو آهي. اهو قول ترجيح وارو آهي.

اسامہ بن زيد جو احوال: اسامہ بن زيد ؓ مشهور صحابي آهي. رسول الله ﷺ جو آزاد ڪيل غلام جو پٽ هو. حضور ڪريم ﷺ جن جي آزاد ڪيل ٻانهي ام ايمن جو فرزند هو. حضور ڪريم ﷺ جو پيارو ۽ سندن پياري زيد جو پيارو هو. حضور ڪريم ﷺ جن ڪيس هڪ لشڪر جو امير بنايو هو جنهن ۾ حضرت عمر ؓ جهڙو جليل القدر صحابي بہ امارت جي ماتحت هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 111) ۽ ان امير ٿيڻ وقت سندس عمر ويهہ سال هئي. 75 سال جي عمر ۾ سن 54 هہ ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هئائين. (شرح المناوي علي جمع الوسائل ج 1 ص 111) ۽ ترجيح هن قول کي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جو اهو ٽيڪ ڏئي نڪرڻ سندن دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ وقت هو. جيئن دار قطني جي روايت ۾ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن اسامہ بن زيد ؓ ۽ فضل بن عباس ؓ جي وچ ۾ نڪتا هئا ان بيماريءَ جي حالت ۾ جنهن ۾ (ظاهري) وفات ڪئي هيائون ۽ پنهنجن اصحابن رضی اللہ عنہم سان گڏجي نماز پڙهي هيائون. ۽ هن قول جي تائيد امام بخاري رحمہ اللہ جي ان روايت سان بہ ٿئي ٿي جيڪا حضرت ابن عباس ؓ کان آندي اٿس تہ جنهن بيماريءَ جي حالت ۾ حضور ڪريم ﷺ جن (ظاهري) رحلت فرمائي هئي ان ۾ ٻاهر نڪتا هئا. تہ سندن مٿان ڪپڙو ڍڪيل هو. ان سان ويڙهيل هئا. ۽ هتي ويڙهڻ مان مراد آهي تہ هڪڙي ساڄي هٿ جي هيٺان آڻي کاٻي ڪلهي تي رکيو هيائون جيئن احرام وارو ڪندو آهي. ابن سعد ابي ضمرة الليثي جي طريقي سان حميد کان ان حضرت انس ؓ کان روايت آندي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جيڪا صحابن کي آخري نماز پڙهائي اها سندن ظاهري رحلت ڪرڻ واري بيماريءَ ۾ هئي ۽ پاڻ ان وقت ڪپڙي ۾ ويڙهيل هئا. هن حديث جي راوي عبد بن حُميد چيو تہ محمد بن الفضل چيو تہ يحيىٰ بن معين (يحيىٰ بن معين ميم جي زبر سان) وڏو بزرگ هو. جنهن جي جلالت شان، ثقہ هجڻ، هن شان ۾ اڳي هجڻ تي علماء جو اجماع آهي، ايتريقدر جو امام احمد بن حنبل رحمہ اللہ فرمايو تہ "يحيىٰ بن معين کان حديث ٻڌڻ سينن جي شفاء آهي ۽ هن کي اهو شرف حاصل ٿيو هو جو جنهن کٽ تي حضور ڪريم ﷺ جن کي غسل ڏنو ويو هو ان تي هن کي غسل ڏنو ويو ۽ جنهن کٽ تي حضور ڪريم ﷺ جن جي جسم اطهر کي کنيو ويو هو ان تي هن کي بہ کنيو ويو هو. علامہ مناوي رحمہ اللہ لکيو آهي تہ يحيىٰ بن معين رحمہ اللہ المدني، الغطفاني، البغدادي آهي. مشهور مناقب جو صاحب، جرح ۽ تعديل جو امام. اهو امام جنهن هٿ سان ڏهہ هزار حديثون لکيون هيون ۽ قديم ۽ جديد دور وارن ان جي امامت تي اتفاق ڪيو آهي ۽ ان لاءِ امام احمد رحمہ اللہ جو اهو قول ئي ڪافي آهي تہ "جيڪا حديث يحيىٰ بن معين رحمہ اللہ نہ ٿو ٻڌائي اها حديث ئي ناهي. سن 149 هہ ۾ ڄائو هو ۽ سن 283 هہ ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هئائين. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 112) محمد بن فضل رحمہ اللہ چيو تہ يحيىٰ بن معين رحمہ اللہ جيئن مون وٽ ويٺو تہ مون کان هن حديث جي متعلق پڇيائين. مون حديث پڙهڻ شروع ڪئي تہ فرمايائين "اها جيڪڏهن تنهنجي ڪتاب مان هجي ها تہ ڀلو هو. پوءِ ڪتاب کڻڻ لاءِ اٿيس تہ يحيىٰ بن معين مون کي ڪپڙي کان ورتي اٿڻ کان روڪيو ان ڊپ کان تہ متان حديث ٻڌڻ کان پهريان ئي اجل اچي وڃي، ان کان پوءِ فرمايائين تہ "اها مون کي املاء (يعني

بيان) ڪري ٻڌاءِ .مان ڏڃان ٿو تہ متان تو سان وري ملاقات نہ ٿئي. مون ان جي اڳيان اها بيان ڪري ان ڪان پوءِ پنهنجو ڪتاب ڪڍي ان مان بہ ڪيس پڙهي ٻڌايم. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 112)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 2335 ج 6 ص 104 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ص 101 {3} احمد في المسند ج 3 ص 262. {4} ابو يعلىٰ في مسنده رقم الحديث 2785 ج 5 ص 170 {5} الطحاوي في شرح المعاني ج 1 ص 381 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3092. ج 12 ص 23.

{60} حَدَّثَنَا سُوَيْدُ بْنُ نَصْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ إِيَاسٍ الْجُرَيْرِيِّ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ، عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا اسْتَجَدَّ ثَوْبًا سَمَّاهُ بِاسْمِهِ عِمَامَةً أَوْ قَمِيصًا أَوْ رِدَاءً، ثُمَّ يَقُولُ: اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كَمَا كَسَوْتَنِيهِ، أَسْأَلُكَ خَيْرَهُ وَخَيْرَ مَا صُنِعَ لَهُ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهِ وَشَرِّ مَا صُنِعَ لَهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ ان جو خاص نالو رکندا هئا. جيئن پٽڪو پهرياڻ يا چادر ان کان پوءِ (هي) دعا گهرندا هئا:" اي الله ! هن ڪپڙي ڍڪائڻ تي تنهنجو حمد آهي. آءُ توکان هن جي ۽ جنهن جي لاءِ ناهيو ويو آهي , ان جي ڀلائي گهران ٿو ۽ توکان هن جي شر ۽ جنهن لاءِ هي ناهيو ويو ان جي شر کان پناهہ گهران ٿو."

مفردات جو شرح: "اِسْتَجَدَّ" جنهن وقت نئون ڪپڙو پاتائون. "سَمَّاهُ" سما تسمية کان ورتل ماضيءَ جو صيغو. ان جو نالو رکيائين. "كَسَوْتَنِيْهِ" کسوت واحد مخاطب جو صيغو "نِيْهِ" بہ مفعول آهن. تو اهو مون کي ڍڪايو. پارايو. "صُنِعَ" ناهيو ويو.

سمجهاڻي: مطلب تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ ان کي نالي سان ياد ڪرڻ فرمائيندا هئا. جيئن پڳ يا قميص يا چادر وغيره. جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي. " كَانَ لَهُ عِمَامَةٌ تُسَمَّى السَّحَابَ" سندن پڳ (مبارڪ) هئي جنهن کي سحاب سڏيندا هئا.

نئون ڪپڙو پائڻ وقت دعائون: محدثن ڀلارن عليهم الرحمة هيءَ مراد بہ لکي آهي تہ " جنهن وقت پاڻ ڪريم ﷺ کو نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ حمد جي اظهار ۽ تحديث نعمت جي طور هن طرح فرمائيندا هئا. "رَزَقَنِيَ اللهُ هٰذِهِ الْعِمَامَةَ" هيءَ پڳ مون کي الله جل جلاله عطا فرمائي آهي. يا هيءَ قميص يا چادر عنايت ڪئي آهي, ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهندا هئا. " اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كَمَا كَسَوْتَنِيْهِ اَسْأَلُكَ خَيْرَهُ وَ خَيْرَ مَا صُنِعَ لَهُ وَ اَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّهِ وَ شَرِّ مَا صُنِعَ لَهُ" صرف هيءَ دعا نہ پر اهڙيون مختلف موقعن تي ٻيون دعائون بہ منقول آهن. حضرت عمر فاروقِ اعظم رضي الله عنه کان مرفوع روايت آهي جنهن کي ابن حبان ۽ الحاڪم آندو آهي تہ "جنهن نئون ڪپڙو پائي پوءِ چيو " اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ مَا اُوَارِيْ بِهٖ عَوْرَتِيْ وَاَتَجَمَّلُ بِهٖ فِيْ حَيَاتِيْ" ان کان پوءِ پراڻو ڪپڙو في سبيل الله صدقو ڪيائين تہ جيئري ۽ مرڻ کان پوءِ الله جي حفظ, پناهہ ۽ پردي ۾ هوندو. حضرت معاذ بن انس رضي الله عنه کان مرفوع روايت آهي جيڪا امام احمد آندي آهي تہ . جنهن نئون ڪپڙو پائي هيءَ دعا پڙهي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَ رَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ وَّلَا قُوَّةٍ " تہ الله جل جلاله

ان جا اڳيان گناھ بخش ڪرڻ فرمائيندو.“ ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ ”وَمَا تَأَخَّرَ“ ۽ پويان گناھ آيو آهي مگر هر دعا کان پهريان بسم الله پڙهڻ سنت آهي. (انوارِ غوثيه ص 96)

هيءَ حديث ڀين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب اللباس في ترجمته رقم الحديث 4020، 4021 ج 4 ص 41، 42 {2} النسائي في عمل اليوم والليلة رقم الحديث 309 ص 274. {3} الحاكم في المستدرك ج 4 ص 192 {5} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 5396، 5397 ج 7 ص 392. {6} موارد الظمآن ص 348.

{61} حَدَّثَنَا هِشَامُ بْنُ يُونُسَ الْكُوفِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا الْقَاسِمُ بْنُ مَالِكٍ الْمُزَنِيُّ، عَنِ الْجُرَيْرِيِّ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ، عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَحْوَهُ

مفردات جو شرح خاص نا هي.

سمجهاڻي: ”نحوه“ چيائين ”مثله“ نہ چيائين ڇوتہ ”مثله“ چوي ها تہ پوءِ ساڳيا الفاظ مراد هجن ها.

هيءَ حديث جن ڀين محدثن آندي آهي انهن جو ذڪر هن کان اڳئين حديث جي تخريج ۾ ڪري آيا آهيون.

{62} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاذُ بْنُ هِشَامٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ أَحَبَّ الثِّيَابِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَلْبَسُهُ الْحِبَرَةُ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جيڪي ڪپڙا پائيندا هئا تن مان (سائي رنگ واري) يمني چادر کي پسند فرمائيندا هئا.

مفردات جو شرح: ”أَحَبَّ“ گهڻو پسند ۽ صحيح نسخي ۾ ”يَلْبَسُهَا“ آيل آهي جنهن ڪپڙي کي پائيندا هئا. ان چوڻ سان زمين تي وڇائڻ وارو ڪپڙو نڪري ويو ۽ ”يَلْبَسُهَا“ ۾ ها منصوب ضمير ”الثِّيَابَ“ ڏانهن وري ٿو. يا احب ڏانهن وري ٿو پوءِ ها تانيث جو ضمير معنيٰ جي لحاظ سان آهي. ”اَلْحِبَرَةُ“ (پيش سان) ان جي ڪري جو اهو ”كَانَ“ جو اسم مؤخر آهي ۽ احب ان جي خبر مقدم آهي. هي ان روايت مطابق آهي جيڪا تصحيح المصابيح ۾ الجزري لکي آهي ۽ ان جي برعڪس يعني ”احب“ کي پيش ۽ الحبرة “ کي زبر بہ جائز آهي. ۽ ”الشمائل“ جي اڪثر نسخن ۾ هن کي صحيح قرار ڏنو ويو آهي. ”اَلْحِبَرَةُ“ (عنبة وانگر) يماني چادر ڪپھ مان نهيل سهڻي سينگاريل هئي. التحبير جي معنيٰ تحسين آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ ڪائنات جي آقا ، اسان جي موليٰ محبوب ڪريم ﷺ جن کي پائڻ وارن ڪپڙن مان ” الحبرة“ يماني چادر گهڻو پسند هئي. الحبرة چادر جا مختلف نمونا هئا. ڳاڙهن ليڪن سان هوندي هئي ۽ چمڪندڙ نموني سان بہ هئي ۽ اها ڪپڙن ۾ جيڪي يمن ۾ ناهيا ويندا هئا اهميت واري ۽ شرف واري هئي. ۽ وڏيڪ پسند ڇو هئي ان جي لاءِ علماء ٽي سبب لکيا آهن. (1) اها سبز رنگ جي هئي ۽ سائي رنگ وارو ڪپڙو اهل الجنة جو لباس آهي. (2) اها اٽت جي لحاظ سان سهڻي هئي. (3) اها سرڪارِ دو عالم ﷺ جن جي جسم اطهر سان مناسب ۽ گهڻو نرم

هئي. ۽ سرڪارِ دو عالم ﷺ جن جو جسم اطهر به گهڻو نرم هوندو هو. هي سندن طبيعت موافق هئي سخت ڪپڙو ڪين تڪليف ڏيندو هو. قرطبي رحمة الله عليه فرمايو ته "الحبرة" ان جي ڪري سڏي وئي جو اها سينگاريل هئي. التحبير تحسين کي چيو ويندو آهي. قرآن ڪريم جي آيت "فَهُمۡ فِيۡ رَوۡضَةٍ يُّحۡبَرُوۡنَ" ۾ يُحبرونَ سينگاريو ويندو. جي معنيٰ ۾ آهي. جزري فرمايو ته هن ۾ دليل آهي ته حبره چادر ڍڪڻ مستحب آهي ۽ ڳاڙهن پٽن واري چادر ڍڪڻ جائز آهي. علامه مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن سبيلن ڪپڙن ۾ قميص کي پسند ڪندا هئا ۽ اڻ سبيلن ۾ چادر کي پسند ڪندا هئا. ۽ گهر ۾ گهروارين سان رهندي قميص پائڻ پسند ڪندا هئا. ۽ ٻاهر صحابه ڪرام سان ويهندي چادر پسند ڪندا هئا. محدث الزين العراقي رحمة الله عليه فرمايو ته " جيڪڏهن ترجيح ڏانهن ڏسبو ته حضرت انس رضي الله عنه جي هيءَ حديث سيده ام سلمه رضي الله عنها جي روايت ڪيل اڳئين حديث کان وڌيڪ آهي ڇوته بخاري ۽ مسلم جي متفق عليه آهي ۽ باب جي اول ۾ آيل ام سلمة رضي الله عنها واري روايت به هن سان سُڄاتي وڃي ٿي. ۽ علامه علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي ته " قميص جو وڌيڪ پيارو هجڻ صفت جي لحاظ سان آهي. مطلب ته اها به پسند ڪيل ڪپڙن مان هئي جيئن حبره چادر. جيئن گهڻين شين جي باري ۾ آيو آهي ته "اها افضل العبادات آهي" يا چيو وڃي ته ڪين قميص ٺاهڻ جي لحاظ سان پياري هئي ۽ چادر رنگ جي لحاظ سان پياري. (جمع الوسائل مع شرح المناوي عليٰ حاشية ج 1 ص 115)

فائدو: محبوب آقا، ڪائنات جي دلبر ﷺ جن جي جسمِ اطهر کي رحلت کان پوءِ حبره چادر سان ڍڪيو ويو هو. يعني سندن مٿان اها چادر وجهي ڇڏي هيائون. (انوارِ غوثيه ص 97)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب اللباس باب 18 البرود والحبر والشملة حديث رقم 5813 ج 10 ص 276 {2} مسلم في كتاب اللباس والزينة باب 5 فضل لباس ثياب الحبرة حديث رقم 2079 حديث الكتاب 33 ج 3 ص 1648 {3} النسائي في كتاب الزينة باب 92 لبس الحبرة ج 8 ص 203 {4} احمد في المسند ج 3 ص 291 {5} ابو يعليٰ في مسنده حديث رقم 3012 ج 5 ص 366 {6} البيهقي في شعب الايمان ج 5 ص 170 {7} البغوي في شرح السنة. حديث رقم 3066 ج 12 ص 3.

{63} حَدَّثَنَا مَحۡمُوۡدُ بۡنُ غَيۡلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبۡدُ الرَّزَّاقِ قَالَ : حَدَّثَنَا سُفۡيَانُ ، عَنۡ عَوۡنِ بۡنِ أَبِي جُحَيۡفَةَ ، عَنۡ أَبِيهِ قَالَ : رَأَيۡتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ وَعَلَيۡهِ حُلَّةٌ حَمۡرَاءُ كَأَنِّي أَنۡظُرُ إِلَى بَرِيقِ سَاقَيۡهِ قَالَ سُفۡيَانُ : أُرَاهَا حِبَرَةً

بامحاوره ترجمو: حضرت عون رضي الله عنه پنهنجي پيءُ ابو جحيفة رضي الله عنه کان روايت ٿو ڪري ته مون نبي ڪريم ﷺ جن کي ڳاڙهو وڳو پهريل ڏٺو. ڄڻ ته مان هينئر به پاڻ سڳورن ﷺ جي پنين مبارڪن جي چمڪ يا اجاڻ کي ڏسي رهيو آهيان. حضرت سفيان رضي الله عنه چيو ته اها ڳاڙهين ليڪن واري يمني چادر هئي.

مفردات جو شرح : "وَعَلَيۡهِ" حال آهي "حلية" هڪ قسم جا به ڪپڙا. هڪ گوڏ ۽ هڪ چادر. "بريق" چمڪار، نورانيت. "ساق" پني مبارڪ.

سمجهاڻي: حضور ڪريم ﷺ جن جي مشهور صحابي حضرت ابي جُحيفة جو بيان آهي ته مون (سيدنا) رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو. ۽ ان کي اهو ديدار حجة الوداع جي موقعي تي بطحاء مڪ ۾ ٿيو هو. جيئن اها صراحت بخاري جي روايت ۾ آيل آهي. ۽ بطحاء مڪ مڪرمه کان ٻاهر آهي ۽ ان کي

ابطح بہ چوندا آهن ۽ امام بخاري رحمه الله جي روايت ۾ هيئن بہ آهي تہ "مون ڏٺو تہ" ماڻهو سندن وضو ڪرڻ کان پوءِ سندن پاڪ عضون تي رهيل آلاڻ کي هٿن سان ڪٺي پنهنجي منهن کي مکي رهيا هئا. ۽ جن کي جسم جي آلاڻ ڪٺڻ جو موقعو نہ مليو تہ اهو پنهنجي ساٿيءَ جي ڪنيل آلاڻ تي هٿ لڳائي پوءِ پنهنجي منهن وغيره کي مکي رهيو هو. ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ اهو سندن وضوءِ کان بچيل پاڻي هو. ۽ امام بخاري رحمه الله جي روايت ۾ هي بہ آهي تہ "ماڻهو سندن هٿن پيارن کي وٺي پنهنجن منهن تي گهمائي رهيا هئا ۽ ابو جحيفه فرمايو تہ" مون بہ سندن هٿ مبارڪ کي وٺي منهن تي گهمايو تہ اهو برف کان ٿڌو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار هو. ۽ اهو مڪ مڪرمہ مان نڪرڻ کان پوءِ هو. پاڻ اتاهين نڪري بہ رڪعتون شڪراني جو نفل پڙهي روانا ٿي مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. ۽ پاڻ حجة الوداع جي دوران مڪ مڪرمہ ۾ رهڻ جي نيت نہ ڪئي هيائون.

ڳاڙهو وڳو : هن مان مراد بہ يمني چادرون آهن جن ۾ ڪارن سان گڏ ڳاڙها ليڪا بہ هئا جيئن يمني چادرن ۾ عام هوندو آهي. خالص ڳاڙهو ڪپڙو پائڻ مڪروهہ ۽ منع ڪيل آهي. جيئن ابو داؤد حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "هڪ شخص نبي ڪريم ﷺ جن وٽان لنگهيو ۽ ان کي بہ ڳاڙها ڪپڙا پاتل هئا. ان حضور ڪريم ﷺ جن تي سلام ڪيو تہ پاڻ ان کي جواب نہ ڏنائون." علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "ڳاڙهو ڪپڙو شيطان جو سينگار آهي ۽ ان سان غرور ۽ سرڪشي پيدا ٿيندي آهي. حضرت امام حسن بصري رضي الله عنه نبي ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن کان روايت آندي آهي پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "اِنَّ الْحُمْرَةَ مِنْ زِيْنَةِ الشَّيْطَانِ" (بلاشڪ ڳاڙهورنگ شيطان جي زينت آهي.)

پنيءَ مبارڪ جي چمڪار : حديث پاڪ ۾ "بريق" لفظ آيو آهي، ان مان مراد چمڪار آهي. بريق لفظ خود مصدر آهي. صحابي رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جن جي پني مبارڪ ڏانهن نهاريو. هن مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن جي پنيءَ ڏانهن نهارڻ جائز آهي. ان شرط سان تہ فتني جو سبب نہ بنجي اهو اجماع آهي ۽ مستحب آهي. تہ "ڪپڙو اڌ پنين تائين هجي ۽ مصنف (ترمذي) روايت آندي آهي تہ "پنهنجي گوڏ (پيڏين کان) مٿي رک. اهو وڌيڪ صاف ۽ وڌيڪ تقويٰ وارو آهي." ۽ طبراني جي روايت آهي تہ "جيڪو ڪپڙو (ڊگهو رکڻ جي ڪري) زمين سان لڳي جهنم ۾ آهي."

مسئلو : مردن جي لاءِ سنت آهي تہ قميص پنين تائين ڊگهي رکن ۽ پيڏين تائين ڊگهي رکڻ بہ جائز آهي. ۽ پيڏين کان هيٺ تڪبر جي نيت سان حرام آهي ۽ ان نيت کان سواءِ مڪروه آهي ۽ عورتن کي پيڏيون ڍڪڻ بہ جائز آهن پر مردن وانگر انهن کي بہ تڪبر ڪرڻ حرام آهي. "اُرَاهَا" مضارع مجهول جو صيغو. يعني منهنجو گمان آهي تہ اها ڳاڙهن (پٽن) واري هئي. علامہ زمزلي رحمه الله شمائل جي حاشيہ ۾ لکيو آهي تہ "هيءَ هڪ ڊگهي حديث جو حصو آهي. سڄي هن طرح آهي تہ مان نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ مڪ مڪرمہ ۾ آيس تہ پاڻ "ابطح" نالي ميدان ۾ ڳاڙهي رنگ جي چمڙي مان ٺهيل خيمي ۾ تشريف فرما هئا. حضرت بلال حبشي رضي الله عنه سندن خدمت ۾ وضوءِ جو پاڻي کڻي آيو تہ پوءِ ڪي (سندن هٿن پاڪن تائين) پهچي رهيا هئا. تہ ڪي وضو واري پاڻيءَ جا ڇنڊا حاصل ڪري رهيا هئا. نبي ڪريم ﷺ جن ڳاڙهي (پٽن) واري وڳي سان ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ مان سندن پنين جي چمڪار ڏانهن ڏسي رهيو هوس پوءِ بلال اذان ڏني. ۽ مان ان جي بانگ وقت ان جي وات ڏانهن

هتان هُتان ڏسي رهيو هوس ۽ سجي طرف"حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ" ۽ کبي طرف"حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ"چئي رهيو هو. سندن اڳيان (ستره جي لاءِ) نيزو کوڙيو ويو پاڻ اڳيان اچي ظهر جو فرض ٻه رڪعتون پڙهيائون. ان وقت سندن اڳيان اٺي جا گڏهه ۽ ڪُتا لنگهي رهيا هئا. پر انهن جي اڳيان لنگهڻ کان منع نه ڪئي هيائون. ان کان پوءِ عصر (يعني ٽيپهري) نماز به ٻه رڪعتون پڙهيائون. ۽ مدينه منوره ۾ اچڻ تائين هر چئن رڪعتن وارو فرض ٻه ٻه رڪعتون پڙهندا آيا.

(رواه البخاري في كتاب الاذان باب 19 رقم الحديث 634, ج 2 ص 114)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الصلواة باب 47 سترة المصلي رقم الحديث 503 ج 1 ص 360 {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 34 في المؤذن يستدير في اذانه رقم الحديث 520 ج 1 ص 143. {3} النسائي في كتاب الاذان باب 13 كيف يصنع المؤذن في اذانه ج 2 ص 12 {4} احمد في المسند ج 4 ص 308, 309 {5} الدارمي في كتاب الصلواة باب 8 في الاستدارة في الاذان رقم الحديث 1198 ج 1 ص 292 {6} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 2314 ج 2 ص 17 بقصة الصلواة فقط {7} ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 887 ج 2 ص 188.

{64} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ خَشْرَمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عِيسٰى بْنُ يُونُسَ، عَنْ إِسْرَائِيلَ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ عَازِبٍ قَالَ: مَا رَأَيْتُ أَحَدًا مِنَ النَّاسِ أَحْسَنَ فِي حُلَّةٍ حَمْرَاءَ مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، إِنْ كَانَتْ جُمَّتُهُ لَتَضْرِبُ قَرِيبًا مِنْ مَنْكِبَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت براء بن عازب ﷺ چوي ٿو ته مون (ليڪن واري) ڳاڙهي وڳي ۾ رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ سهڻو ڪنهن به ماڻهو کي نه ڏٺو. پاڻ سڳورن ﷺ جا وار مبارڪ ڪلهن کي ويجها هئا.

مفردات جو شرح: "مِنَ النَّاسِ" ۾ من بياني آهي. "اَحْسَنَ" گهڻو سهڻو "فِي حُلَّةٍ حَمْرَآءَ" واقع کي بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي قيد جي لاءِ ناهي. "مِنْ رَّسُوْلِ اللهِ ﷺ" احسن سان متعلق آهي. "جُمَّةِ" (جيم جي پيش ۽ ميم جي شد سان) مٿي جا وار. "لَتَضْرِبُ" ملن پيا. "مَنْكِبَيْهِ" سندن ڪلهن سان.

سمجهاڻي: حضرت براء بن عازب ﷺ هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي ڳاڙهن پٽن واري وڳي ۽ وارن جي چوٽيءَ جو بيان ڪيو آهي جيڪو حضور ڪريم ﷺ جي ڪلهن پاڪن تي پهتل هو. ۽ ابو داؤد هلال بن عامر ﷺ کان ان پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي مِنيٰ جي ميدان ۾ پنهنجي اُٺ تي خطبو پڙهندي ڏٺو ۽ سندن مٿان ڳاڙهي چادر ڍڪيل هئي. هن روايت جي سندَ حسن آهي ۽ حسنُ اسناد سان طارق المحاربي کان طبراني به اهڙي روايت آندي آهي. هنن حديثن مان بظاهر ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ جو جواز ملي ٿو.

علماء جو اختلاف: ڳاڙهو ڪپڙو پائڻ ۾ علماء جا مختلف قول آهن. (1) مطلقًا جائز آهي. هنن حديثن جي ڪري (2) مطلقًا منع آهي. جيئن حضرت عبدالله بن عمر ﷺ کان روايت آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن مون کي به معصفر رنگ سان رنگيل ڪپڙا ڏنا هئا. جيڪي ڳاڙها نظر ايندا آهن اهڙي معنيٰ واري حديث حضرت ابن عمر ﷺ کان بيهقي ۽ ابن ماجه به آندي آهي ۽ بيهقي رافع الثقفي کان مرفوع روايت آندي آهي ته "شيطان ڳاڙهي رنگ کي پسند ڪندو آهي ان کان ۽ شهرت واري ڪپڙي

ڪان بچندا ڪيو.“ ۽ ابو داؤد ۽ ترمذي پنهنجي جامع ۾ حسن چوندي حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما کان ۽ بزار بہ بني اسد جي هڪ عورت کان روايت آندي آهي تہ مان ام المؤمنين سيده زينب رضي الله عنها جي خدمت ۾ حاضر هيس، ۽ اسين ان جي ڪپڙن کي ”مغرة“ رنگ ڏئي رهيا هياسون تہ اوچتو نبي پاڪ ﷺ جن تشريف فرما ٿيا ۽ ”مغرة“ رنگ ڏسي واپس هليا ويا ۽ سيده زينب رضي الله عنها اهو ڏسي ڪپڙا ڌوئي ڳاڙهي رنگ کي ختم ڪري ڇڏيو تہ پوءِ پاڻ موٽي اچي تشريف فرما ٿيا. هن جي سند ۾ راوي ضعيف آهي. (3) قول هي آهي تہ هلڪي ڳاڙهي رنگ وارو ڪپڙو بہ مڪروه آهي. ان جي حجت حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما جي مذڪور روايت آهي. (4) قول هي آهي تہ ”ڳاڙهو ڪپڙو زينت ۽ شهرت جي خيال سان مطلق مڪروه آهي باقي گهر ۾ يا محنت ڪرڻ جي دوران پائڻ مڪروه ناهي. (5) اهو ڳاڙهو ڪپڙو جيڪو اُڻڻ کان پوءِ رنگ ڪيو ويو هجي. اهو منع ناهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 117) هيءَ حديث اڳ ۾ مذڪور آهي هتي ڳاڙهي وڳي جي ذڪر جي لحاظ سان وري آندي وئي آهي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: اهي هن کان پهريان حديث جي تخريج ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

{65} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدُ اللهِ بْنُ إِيَادٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ أَبِي رِمْثَةَ قَالَ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلَيْهِ بُرْدَانِ أَخْضَرَانِ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو رمثه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ ڪين ٻہ ساياون چادرون ڍڪيل هيون.

مفردات جو شرح: ”اَلْبُرْدَانِ“ البرد جو تثنيو آهي. النهاية ۾ آهي تہ اهو ليڪن واري معروف ڪپڙي جو قسم آهي، ٻہ چادرون. ”اَخْضَرَانِ“ سائي رنگ جون. علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ ”انهن ۾ ساوا ليڪا هئا.

سمجهاڻي: هيءَ حديث هن باب جي حديث 8 واري ساڳي آهي علامہ علي قاري رحمه الله ابن بطال جو قول آندو آهي تہ ”ساوا ڪپڙا جنت وارن جو لباس آهي ۽ اهو شرف ڪافي آهي ان جي ڪري اهو شرفاء (آل رسول ﷺ) جو لباس رهيو آهي پر ان سان ساون ڪپڙن جو اچن ڪپڙن کان پلو هجڻ ثابت نہ ٿيندو جيئن اڳتي اچي رهيو آهي ۽ مشڪواة ۾ حضرت يعلي بن اميہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن سائي چادر سان بيت الله شريف جو طواف ڪيو هو. (رواه الترمذي وابو داؤد وابن ماجہ والدارمي)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث 43 جي بحث ۾ لکيل آهي.

{66} حَدَّثَنَا عَبْدُ بْنُ حُمَيْدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَفَّانُ بْنُ مُسْلِمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ حَسَّانَ الْعَنْبَرِيُّ، عَنْ جَدَّتَيْهِ، دُحَيْبَةَ وَعُلَيْبَةَ، عَنْ قَيْلَةَ بِنْتِ مَخْرَمَةَ قَالَتْ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلَيْهِ أَسْمَالُ مُلَيَّتَيْنِ كَانَتَا بِزَعْفَرَانٍ وَقَدْ نَفَضَتْهُ. وَفِي الْحَدِيثِ قِصَّةٌ طَوِيلَةٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت قيله بنت مخرمة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون پاڻ ڪريمن ﷺ کي ڏٺو تہ مٿن ٻہ پراڻيون زعفراني چادرون ڍڪيل هيون. جن جو رنگ ڇڻي ويو هو. ان حديث ۾ وڏو قصو آهي.

مفردات جو شرح: ”اسمال“ سمل جو جمع آهي. سمال ۽ سمول بہ ان جو جمع ايندو آهي جنهن جي معنيٰ پراڻو ڪپڙو آهي چيو ويندو آهي. سمل الثوب“ يا ” ثوب سميل“ ڪپڙو پراڻو ٿي ويو يا پراڻو

ڪپڙو. "مَلِيَّتَيْنِ" هي ملية جو تثنيو آهي. ملية مصغر آهي. "مَلِيَّتَيْنِ" جي معنيٰ ٻه چادرون. "مهذب" جي صاحب فرمايو آ تہ ملاءة چادر جي معنيٰ ۾ آهي ۽ اسمال هڪ ڪان مٿي جي لاءِ هوندو آهي ۽ اسمال جي مليتين ڏانهن اضافت بيانيه آهي. يعني حضور ڪريم ﷺ ڪي ٻہ اسمال چادرون ڏڪيل هيون. "قَدْ نَفَضَ" هٽي ويا. پري ٿي ويا. اثر زائل ٿي ويو. (انوارِ غوثيہ ص 100)

سمجهاڻي: هن حديث ۾ آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن ڪي ٻہ چادرون زعفران سان رنگ ڏنل ڏڪيل هيون پر پاڻ انهن کي چنبڻي اهو رنگ ڪڍي يا گهٽ ڪري ڇڏيو هيائون ۽ هڪ حديث ۾ آهي تہ "نَهَىٰ عَنِ التَّزَعْفُرِ لِلرِّجَالِ" حضور ڪريم ﷺ جن مردن کي زعفراني رنگ کان منع فرمايو." يعني هٽ، پير يا ڪپڙا زعفران سان رنگڻ کان امام بغوي فرمايو تہ " زعفران جو گهڻو رنگ ڪرڻ مردن لاءِ منع آهي باقي ٿوري زعفران جي استعمال ڪرڻ جي اجازت حضرت عبدالرحمان بن عوف ﷛ جي روايت مان ثابت آهي. علماء فرمايو آهي تہ حديث ۾ زعفران سان ڪپڙي کي رنگ ڪرڻ کان منع آيل آهي پر حضور ڪريم ﷺ جن جي چنبڻ جي ڪري جڏهن چادرن ۾ اثر نہ رهيو هو. تڏهن استعمال فرمايون هيائون.

پراڻا سادا ڪپڙا پائڻ: هن حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان پراڻيون چادرون پائڻ مذڪور آهن. سلف صالحين ۽ جمهور صوفين ان جي تابعداري ڪئي آهي ۽ جن نقشبندي قاعدين ۽ شاذلي سادات ڀلا ڪپڙا ۽ ڀليون سواريون اختيار فرمايون آهن سو ان جي ڪري تہ سلف صالحن هوا پرستن خواهشات جي پوڄارين کي ڏنو تہ اهي زيب، زينت ۽ ڀلي لباس تي فخر ڪن ٿا تہ انهن ڀلارن وري پراڻا ۽ سادا ڪپڙا اختيار ڪيا ان کي حقير سمجهڻ جي لاءِ جنهن کي حق حقير قرار ڏنو آهي ۽ غافلن ان کي عظيم سمجهيو آهي ۽ هاڻي قلب ڪنجي ويا ۽ اها معنيٰ وساري وئي ۽ هاڻي غافلن، بي دينن صوفي سڏائيندڙن ماڻهن کي ڏوڪي ڏيڻ جي لاءِ پراڻا ۽ سادا ڪپڙا ڍڪي دنيا جي حاصل ڪرڻ جو حيلو ۽ مال ڪسڻ جو وسيلو بنايو آهي ان جي ڪري ڪم ابتو ٿيو ۽ انهن جي لِله مخالفت ڪندڙ سنت جو متبع ٿيو ان جي ڪري عارف بالله ابو الحسن شاذلي قدس الله سره پراڻن ڪپڙن پائيندڙ کي جنهن سندس ڀلن ڪپڙن تي اعتراض ڪيو هو فرمايو تہ "اي فلاڻا! منهنجي هيءَ هيئت الحمدالله ٿي چوي ۽ تنهنجي هيئت "مون کي لله ڪجهه ڏيو ٿي چوي" ۽ پر نقشبندي حضرات جو خاص غرض پنهنجي بدن کي ڍڪڻ ۽ پنهنجن ڪمن ۾ ٻين کي ٻڌائڻ ۽ ڏيکاءَ کان پري رهڻ آهي. ۽ الله ﷻ جو فرمان آهي تہ: "قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِينَةَ اللهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ (سورة اعراف آيت 32) (فرماءِ تہ الله ﷻ جنهن زينت کي پنهنجن ٻانهن لاءِ ڪڍيو آهي ۽ رزق مان پاڪ شين کي ڪنهن حرام ڪيو آهي؟")

ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن کان ڀلا ڪپڙا پائڻ ۽ لذيذ پاڪ، صاف کاڌا کائڻ بہ ثابت آهي ۽ پراڻا ۽ سادا ڪپڙا غالبًا تواضع اختيار ڪرڻ ۽ هن ڳالهه تي نظر رکڻ لاءِ اختيار ڪيائون تہ هي طريقو هر طبقي لاءِ وڌيڪ سلامتيءَ وارو آهي ۽ صحيح حديث آهي تہ "اِنَّ اللهَ جَمِيْلٌ يُحِبُّ الْجَمَالَ" (بيشڪ الله سُهڻو آهي سونهن کي محبت رکندو آهي) ۽ هڪ روايت ۾ " اَللّٰهُ نَظِيْفٌ يُحِبُّ النِّظَافَةَ" الله نظيف آهي نظافت سان محبت رکندو آهي." ۽ السنن جي صاحبن روايت آندي آهي تہ "نبي ڪريم ﷺ جن هڪ شخص کي ڏٺو جنهن کي سنو ڪپڙو پاتل نہ هو. پاڻ ان کي فرمايائون تہ

”ڇا تو وٽ مال آهي؟ ان عرض ڪيو تہ ”هائو“ پاڻ فرمايائونس تہ ”ڪهڙي مال مان“؟ عرض ڪيائين تہ ”هر قسم جي مال اٺن ۽ ٻڪرين مان الله ﷻ ڏنو آهي.“ پوءِ پاڻ ان کي فرمايائون تہ ”پاڻ تي ان جي نعمت ۽ ڪرم کي ظاهر ڪر“ قال ۽ حال جي زبان سان ان جو شڪر ۽ حمد ڪر تان تہ اهو تنهنجي لاءِ حال ۽ مال ۾ واڌاري جو سبب بنجي. الله ﷻ فرمايو آهي ”وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ“ (سورة الضحيٰ آيت11) (۽ پر پنهنجي رب جي نعمت کي پوءِ کولي کولي بيان ڪر) ۽ السنن ۾ هيئن بہ حديثون آيل آهن تہ ”اِنَّ اللهَ يُحِبُّ اَن يَّرٰى اَثَرَ نِعْمَتِه عَلٰى عَبْدِه“ (بلاشڪ الله هي ڳالهہ پسند ڪري ٿو تہ پنهنجي ٻانهي تي پنهنجي نعمت جو اثر ڏسي) ڇوتہ ان سان باطني جمال جي خبر پوندي آهي جو الله ﷻ جي نعمت جو شڪر ڪيو ويندو آهي ۽ هتي فعل ۽ ترڪ جي لحاظ سان ڪي ڪري پوندا آهن تہ ڪي چڙهي ويندا آهن. سڄو مدار نيت تي آهي نہ فخر جي لاءِ پلا ڪپڙا ڪجن نہ بخيلي ۽ حقير سمجهڻ جي ڪري نہ پائجن. بلاشڪ هيءُ بہ حديث آهي تہ ”سادا (۽ پراڻا) ڪپڙا پائڻ ايمان مان آهي.“ ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ٻاهران ملڻ لاءِ آيلن وفدن لاءِ سينگارجي ايندا هئا ۽ حقيقت ۾ ظاهري جمال ڪي اعتبار ناهي جيئن الله ﷻ فرمايو ”وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ.“ (سورة المنافقون آيت 4) (۽ جڏهن انهن کي ڏسندؤ تہ اوهان کي انهن جا جسم وڻندا) پر غالبًا باطن ظاهر جو عنوان هوندو آهي ۽ مدار دلين جي پاڪائي ۽ غيبن جي ڄاڻندڙ الله ﷻ جي معرفت تي آهي. ان جي ڪري حديث ۾ آهي تہ ”اِنَّ اللهَ لَايَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَ اَمْوَالِكُمْ وَلٰكِن يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ“ (بلاشڪ الله ﷻ اوهان جي صورتن ۽ مالن ڏانهن نہ ٿو نهاري پر اوهان جي دلين ۽ اوهان جي اعمال ڏانهن ٿو نهاري (جمع الوسائل ج 1 ص 118، 119) هن حديث ۾ لفظ وفي الحديث ”قصہ طويلہ“ ان قصي جي تشريح تہ وڏي آهي پر هتي مختصر لکجي ٿي ۽ اها هي آهي تہ ”هڪ شخص حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ يَا رَسُوْلَ اللهِ! پاڻ ان کي جواب ۾ فرمايائون ”عَلَيْكَ السَّلَامُ وَ رَحْمَةُ اللهِ“ ان وقت پاڻ بہ پراڻيون چادرون جن کي زعفران لڳل هو پر ان جو اثر نہ رهيو هو. ڍڪيو وينا هئا. ۽ سندن هٿ مبارڪ ۾ کجيءَ جي ڇڙي هئي ۽ پاڻ پنهنجن پيرن تي هئا يعني ٻنهي رانن کي پنين سان ملائي ڇڏيو هيائون. (اهو ويهڻ جو فقيراڻو انداز آهي) ٻيبي قيلہ فرمايو تہ حضور ڪريم ﷺ جي ان هيئت ۾ اهڙو رعب ۽ جلال هو جو مون تي سندن هيبت ۽ خوف طاري ٿي ويو. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي مجلس ۾ هڪ ويٺل عرض ڪيو تہ ”مسڪين ڏڄي وئي آهي“ پوءِ پاڻ مون ڏانهن نهاري فرمايائون تہ ”سڪون سان ويهہ“ پوءِ مون کان اهو ڏپ لٿو. ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ”مان سندن پويان هُيس پاڻ مون ڏانهن ڪونہ نهاريائون پر فرمايائون تہ ”اي مسڪين! سڪون سان ويهہ!“ جڏهن ائين فرمايائون تہ مونکي جيڪو خوف ٿيو هو اهو الله ﷻ لاهي ڇڏيو. (المواهب شرح الشمائل ص 170) محدثن فرمايو تہ ”جڏهن هن ڳالهہ جو حديث جي متن سان تعلق نہ هو تڏهن محدث ترمذي رحمه الله اهو قصو بيان نہ ڪيو صرف اشارو ڪري ڇڏيو. (انوارِ غوثيہ ص 101)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} الطبراني رقم الحديث 1 ج 25 ص 7، 12 {2} مجمع الزوائد ج 6 ص 12 {3} ابن السعد في الطبقات ج 1 ص 317، 320 {4} ابن منده كما في الاصابة ج 4 ص 380، 381.

{67} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ الْمُفَضَّلِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُثْمَانَ بْنِ خُثَيْمٍ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ جُبَيْرٍ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَيْكُمْ بِالْبَيَاضِ مِنَ الثِّيَابِ لِيَلْبِسْهَا أَحْيَاؤُكُمْ، وَكَفِّنُوا فِيهَا مَوْتَاكُمْ، فَإِنَّهَا مِنْ خَيْرِ ثِيَابِكُمْ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو :"اوهان اڇا ڪپڙا پائيندا ڪريو ۽ اوهان مان جيئرا به اهي اڇا ڪپڙا ڍڪين ۽ پنهنجن مئلن کي به انهن اڇن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏيو. هن ڪري جو اڇو ڪپڙو تمام پاڪ صاف سٺو ڪپڙو آهي.

مفردات جو شرح : "عَلَيْكُمْ" اسم فعل "الزموا" جي معنيٰ ۾ آهي يعني اي امتي لازم ڪري وٺو. "البياض" اڇا . هن مان مراد اڇا ڪپڙا آهن انهن ۾ مبالغو ڪندي،" زيد" ، عدل وانگر چيو ويو آهي جڻ ته اهو سفيد هجڻ جو عين آهي. **"ليلبس"** امر غائب جو صيغو جڳائي ته پائنِ "أَحْيَاءُكُمْ" حي جو جمع. اوهان جا جيئرا. **"كفنوا"** ڪفن پارايو. تڪفين کان ورتل امر جمع حاضر جو صيغو. "امواتكم" ميت جو جمع. اوهان مان مري وڃڻ وارن کي "خير" ڀلو.

سمجهاڻي :هن حديث ۾ سيد المرسلين ﷺ جن اڇن ڪپڙن جي فضيلت ارشاد فرمائي آهي ته اهي ڀلن ڪپڙن مان آهن. پر ائين نه فرمايائون ته"اهي ڀلا آهن. ڇوته ڀلي هجڻ جي لاءِ صرف اڇو رنگ هجڻ ڪافي ناهي. بلڪه ان ۾ وڳي جو ناهڻ، پاڪ هجڻ، تڪبر، وڏائي، ٻڏائڻ ۽ ڏيکاءُ کان آزاد هجڻ به ضروري آهي ۽ يا "من" تبعيض جي ان جي ڪري آندي وئي آهي ته سائي ڪپڙي کان ان جي برتري ثابت نه ٿئي جو اهو اهل جنت جو لباس آهي ۽ ان حيثيت سان اڇي کان ڀلو آهي يا حيثيت ۾ برابر آهن.

اڇو ڪپڙو پائڻ سنت آهي: علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته اڇو ڪپڙو پائڻ سنت آهي جو حضور ڪريم ﷺ جن ان جي پائڻ جو حڪم ڪيو آهي. خصوصي طور محافل ۾ اڇو ڪپڙو پائي وڃجي. جيئن جمعه جي نماز ۾ وڃڻ. مسجد ۾ حاضري ڏيڻ ۽ انهن محفلن ۾ وڃڻ جتي ملائڪن جي آمد ٿيندي آهي جيئن قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ ذڪر جا اجتماع ۽ سنت آهي ته "عيد جي ڏينهن ڀلي کان ڀلو ڪپڙو پائجي ڀلي اڇو نه هجي. ڇوته ان ڏينهن زينت جو اظهار ۽ نعمت جو ارفاع مقصود آهي ۽ ٻئي رفعت واري ڪپڙي سان مناسب آهن. علامه موصوف لکيو آهي ته اول اڇو ڪپڙو آهي پوءِ سائو پوءِ ڦڪو (سونهري) رنگ وارو. ۽ هن ۽ هن کان پويان اچڻ وارين روايتن کي هن باب ۾ آڻڻ جو سبب واضح ناهي ڇوته انهن ٻنهي ۾ اها صراحت ناهي ته حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ اڇا ڪپڙا پاتا آهن پر اڇن ڪپڙن جي پائڻ جي امر ڪرڻ ۽ شوق ڏيارڻ مان ثابت آهي ته پاڻ به اڇا ڪپڙا پائيندا هئا. ۽ صراحتًا به آيو آهي ته پاڻ اڇا ڪپڙا پائيندا هئا. جيئن بخاري ۽ مسلم حضرت ابو ذر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "مان حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته ڪين اڇا ڪپڙا پاتل هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 171)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث 52 جي وضاحت ۾ لکي آيا آهيون.

{68} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ حَبِيبِ بْنِ أَبِي ثَابِتٍ، عَنْ مَيْمُونِ بْنِ أَبِي شَبِيبٍ، عَنْ سَمُرَةَ بْنِ جُنْدُبٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اِلْبَسُوا

الْبَيَاضَ؛ فَإِنَّهَا أَطْهَرُ وَأَطْيَبُ، وَكَفِّنُوا فِيهَا مَوْتَاكُمْ

بامحاوره ترجمو: حضرت سمرة بن جندب ڪان روايت آهي . رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ :" اوهان پاڻ بہ اڇا ڪپڙا پايو ڇوتہ اهي نهايت پاڪ ۽ سٺا آهن ۽ پنهنجن ميتن کي بہ انهن اڇن ڪپڙن سان ڪفن ڏيڪايو."

مفردات جو شرح: "اِلْبَسُوا" ڏڪيو جمع امر جو صيغو آهي. "اَطْهَرُ" يعني نظيف آهي. علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ "لادنس فيه ولاوسخ" نہ ان ۾ ميرنهہ آهي نہ گدلاڻپ.

سمجهاڻي: هن حديث جو شرح ڪندي علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ وڌ ۾ وڌ اڇا ڪپڙا جن جي اڇائي وڌيڪ هجي پايو. اهي وڌيڪ پاڪ آهن جو انهن ۾ ڪوبہ نشان ٿيندو تہ نظر ايندو۽ ٻين رنگين ڪپڙن ۾ اهو ناهي ۽ جيڪڏهن اڇي ڪپڙي تي پليدي لڳندي تہ ظاهر ٿي پوندي ۽ اڇا ڪپڙا جلد جلد ڌوتا ويندا آهن ان جي ڪري بہ اهي پاڪ صاف گهڻو رهندا آهن ۽ علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ جڏهن اڇي ڪپڙي کي رنگ ڪيو ويندو آهي تہ ممڪن آهي تہ ان سان گڏ پليد ڪپڙو بہ رنگ جي لاءِ شامل ڪيو ويو هجي پوءِ رنگ ئي پليد ٿي ويو هجي. "اطيب" وڌيڪ پاڪ. صاف . هي طيب ڪان ورتل آهي ان ۾ غالبًا تواضع ۽ انڪساري هوندي آهي. تڪبر ۽ وڏائي ڪان خالي هوندو آهي ۽ سهڻو بہ لڳندو آهي ڇوتہ ان هيئت تي هوندو آهي جنهن تي الله جل جلاله ان کي پيدا ڪيو آهي. الله جل جلاله جو ارشاد آهي " فِطْرَتَ اللهِ الَّتِي فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا " (سورة روم آيت 30) (ترجمو :الله جي طرفان پيدا ڪرڻ جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيو اٿس الله جي خلقت ۾ ڪا تبديلي ناهي) ۽ الله جل جلاله جي خلقت ۾ تبديل ۽ تغير نہ ڪرڻ سهڻي شيءِ آهي. مگر جڏهن غير جي مستحب هجڻ لاءِ ڪو نص اچي تہ پوءِ ان تي عمل ڪيو ويندو. جيئن عورت جي لاءِ هٿن جي ميندي هڻڻ يا ڪو مباح غرض يا ضرورت هجي. جيئن بعض صوفين گيڙو ڪپڙو پسند ڪيو آهي جو ان ۾ هر هر ڌوئڻ جي تڪليف ناهي. ۽ ان جي ڪري بہ اڇو ڪپڙو پلو آهي جو ڌوئڻ جي ڪري ان جي رنگ ڦٽڻ يا لهڻ جو خطرو ناهي ۽ وڌيڪ لذت وارو آهي ڇوتہ مؤمن کي لذت پاڪ ڪپڙي جي صفائي ۽ ٿوري تي راضي رهڻ ۾ آهي." ۽ ابو نعيم جي هيءَ روايت بہ آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ ميرن ڪپڙن واري شخص کي ڏٺو تہ فرمايائون "هي ايترو بہ ڪونہ ٿو لهي جنهن سان پنهنجن ڪپڙن کي صاف رکي " ۽ اڇي ڪپڙي جي وڌيڪ هجڻ ۾ اهو بہ راز آهي جو اهو جيئن ڌوپندو ويندو تيئن وڌيڪ اجرو ۽ سهڻو لڳندو. "وَكَفِّنُوا فِيْهَا مَوْتَاكُمْ" ۽ انهن اڇن ڪپڙن ۾ پنهنجي مري ويلن کي ڪفن ڏيو." ۽ شايد هن ۾ اهو خفي اشارو آهي تہ دنيا ۾ اڇن ڪپڙن جو ڏڪڻ ان جي ڪري پلو آهي جو اهو آخرت جو لباس ياد ڏياري ٿو ۽ اهو بہ اشارو ڏي ٿو تہ نيٺ هر شيءِ فنا آهي ان جي ڪري عقل واري لاءِ مناسب آهي تہ ان جي حصول لاءِ گهڻيون مصيبتون برداشت نہ ڪري ابن ماجہ حضرت ابو الدرداء رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ :"بلاشڪ وڌيڪ سهڻو جنهن سان اوهان الله جو پنهنجين قبرن ۽ مسجدن ۾ ديدار ڪيو ٿا اڇا ڪپڙا آهن." ان ۾ اشارو آهي تہ "ٻانهن لاءِ لائق آهي تہ اهي جيئري يا مرڻ کان پوءِ الله جل جلاله ڏانهن اصلي فطرت م رجوع ڪن جيڪو اڇي ڪپڙي سان مشابهہ آهي يعني فطرتي توحيد واري عقيدي سان. اهڙي طرح جو جيڪڏهن اهو ٻانهو ۽ ان جي طبيعت اڪيلا ڇڏيا وڃن تہ

عقلي ۽ نقلي دليل کان سواءِ ئي توحيد جو عقيدو اختيار ڪن. ۽ پوءِ ان کي عوارض قيرائن ٿا جن ڏانهن حديث ۾ اشارو ڪيل آهي تہ "پوءِ ان جا پيءُ ماءُ ان کي يهودي يا نصارو يا مجوسي بنائن ٿا" ۽ اڇي ڪپڙي پائڻ ۾ اندر کي نڳي، ڏوڪي، دشمني ۽ برن اخلاقن کان (جيڪي حقيقي يا حڪمي نجاست سان مشابهہ آهن) پاڪ رکڻ ڏانهن بہ اشارو آهي. جيئن الله ﷻ جو فرمان آهي: "اِلَّا مَنْ اَتَى اللهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝" (سورة شعراء آيت 89) (مگر جنهن الله وٽ سلامتيءَ واري دل آندي) حاصل هي آهي تہ ظاهر جي نظافت. پاڪ رکڻ ۽ سينگارڻ ۾ باطن جي امر تي گهڻو اثر هوندو آهي ۽ حديث مان دليل ملي ٿو تہ "اطيب" جي معنيٰ احسن ونجي ۽ ڄاڻڻ گهرجي تہ اڇو ڪپڙو ڪفن ۾ ان جي ڪري افضل آهي جو ميت ملائڪن سان ملي ٿو. پوءِ جيئن محفلن ۾ ماڻهن سان ملڻ مهل اڇا ڪپڙا پائڻ ڀلا آهن تيئن ملائڪن سان ملڻ مهل بہ اڇا ڪپڙا پائڻ ڀلا آهن. بهرصورت جيڪڏهن ديني مصلحت جي تقاضا آهي مثال طور ڪنهن هديي ڏيڻ واري مخلص جي دلجوئي مقصود هجي يا ٻئي ڪنهن قسم جو نفعو ان تي مترتب هجي تہ پلو لباس پائڻ افضل ۽ پسند ڪيل آهي نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ڀيري ستاويهن ڏاچين جي بدلي ۾ هڪ وڳو خريد ڪري پاتو هو. پر اها هڪ وقتي ۽ عارضي شيءِ هئي ورنہ تہ آقا ﷺ جو عام طور لباس سادو هوندو هو. (خصائل نبوي ص 54، 55)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **النسائي في كتاب الزينة من سننه الكبرىٰ باب 90** الامر بلبس الثياب البيض رقم الحديث 9642 ج 5 ص 477 {2} **ابن ماجه في كتاب اللباس باب 5** البياض من الثياب رقم الحديث 3567 {3} **احمد في المسند** ج 5 ص 13، 17، 18، 19 {4} **الحاكم في المستدرک** ج 1 ص 354، 355 {5} **عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 6199** ج 3 ص 429 {6} **البيهقي في سننه** ج 3 ص 402 {7} **البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3087** ج 12 ص 18

{69} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ، قَالَ حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ زَكَرِيَّا بْنِ أَبِي زَائِدَةَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنْ مُصْعَبِ بْنِ شَيْبَةَ، عَنْ صَفِيَّةَ بِنْتِ شَيْبَةَ، عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ: خَرَجَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ غَدَاةٍ وَعَلَيْهِ مِرْطٌ مِنْ شَعَرٍ أَسْوَدَ

با محاوره ترجمو: حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن صبح جو ٻاهر نڪتا. تہ مٿن ڪارن وارن (ڏاس يا اُن) جي چادر ويڙهيل هئي.

مفردات جو شرح : "ذَاتَ غَدَاةٍ" عرب ذات يوم. ذات ليلة الفاظ استعمال ڪندا آهن جنهن ۾ بہ ذات لفظ مضاف هوندو آهي ان مان سندن مراد صبح، يا ڏينهن يا رات هوندا آهن. مضاف جي معنيٰ ذهن ۾ نہ هوندي آهي "ذَاتَ" لفظ معنيٰ کان سواءِ تاڪيد جي لاءِ آڻيندا آهن. "مِرْطٌ" (ميم جي زير را جي جزم سان) سگهي، ويڪري چادر جيڪا ريشم يا اُنَ يا وارن يا ٿلهي ڪپڙي مان ٺاهي ويندي آهي ان سان گوڏ ٻڌي ويندي آهي. "أَسْوَدَ" ڪارا.

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها و عن ابيها هن حديث ۾ سرڪارِ دو عالم ﷺ جي ٻاهر تشريف فرما ٿيڻ کي ذڪر ڪندي فرمايو تہ "پاڻ هڪ ڀيري صبح جو ٻاهر ان حال ۾ تشريف فرما ٿيا جو سندن مٿان ڪارن وارن (اٺ جي ڏاس) جي چادر ويڙهيل هئي. اهو شايد ڪمبل هو جيڪو غالبًا صبح جي وقت استعمال ڪيو ويندو آهي. ۽ ٻين حديثن مان بہ حضور ڪريم ﷺ جن

جي چادر ويڙهڻ ثابت آهي. ان ڪري اڪثر صالح فقراء چادر ويڙهي پنهنجي محبوب ﷺ جي سنت مطهره کي زنده رکندا آهن جيئن ڪنهن شاعر ڏاڍو سهڻو چيو آهي.

شهنشاه عالم کا بستر تو دیکھو　چٹائی کھجوروں کی کالی کملیا

هيءَ روايت بين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم ڪتاب اللباس والزينة باب 6 رقم الحديث 2081 ج 3 ص 1649 {2} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 6 في لبس الصوف والشعر رقم الحديث 4032 ج 4 ص 44.

{70} حَدَّثَنَا يُوسُفُ بْنُ عِيسىٰ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا يُونُسُ بْنُ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ بْنِ الْمُغِيرَةِ بْنِ شُعْبَةَ، عَنْ أَبِيهِ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَبِسَ جُبَّةً رُومِيَّةً ضَيِّقَةَ الْكُمَّيْنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عروة رضي الله عنه پنهنجي پيءُ مغيرة بن شعبة رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو حضرت مغيرة رضي الله عنه چيو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن رومي جُبو پاتو هو. ان جُبي جون ٻانهون سوڙهيون هيون.

مفردات جو شرح: "جُبَّةً" جُبو مبارڪ. "رُومِيَّةً" رومي "ضَيِّقَةَ" تنگ، سوڙهو.

سمجهاڻي: حضرت مغيرة هن روايت ۾ ٻه ڳالهيون بيان ڪيون آهن. هڪ ته رسول الله ﷺ جن رومي جبو ڍڪيو هو ٻيو ته ان جون ٻانهون سوڙهيون هيون. علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته پاڻ اهو غزوه تبوڪ واري سفر ۾ پاتو هيائون ۽ "جُبَّة" معروف لباس مان آهي ۽ رومي روم ڏانهن نسبت آهي ۽ گهڻين روايتن ۾ هڪ ٻئي جي مخالفت ناهي ڇوته ان دور ۾ شام ملڪ ۾ روم وارن جي رهائش هوندي هئي. ۽ روم ڏانهن ان جي نسبت ان جي ڪري ڪيل آهي جو ان جا ناهڻ وارا رومي هئا. علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته اهو ٻه ممڪن آهي ته ڪپڙو هڪڙن ناهيو هجي سلائي ٻين ڪئي هجي. ۽ اهو سندن سفر جي دوران هو. جيئن امام بخاري زڪريا بن ابي زائدة جي طريقي سان شعبي کان سندَ سان آندو آهي. حضرت مغيرة رضي الله عنه فرمايو ته "مان رسول الله ﷺ جن سان سفر ۾ گڏ هيس پوءِ پاڻ مون کي فرمايائون ته توسان پاڻي گڏ آهي؟" مون عرض ڪيو ته "هائو" پوءِ پاڻ پنهنجي سواريءَ تان هيٺ لٿا ۽ پنڌ ڪري رات جي انڌيري ۾ مون کان غائب ٿي ويا. وري موٽي آيا پوءِ مون سندن اڳيان ڪليءَ مان پاڻي وهايو ۽ پاڻ پنهنجو منهن مبارڪ ۽ هٿ مبارڪ ڌوتائون. ان وقت ڪين صوف جو جبو مبارڪ پاتل هيو. ان جون ٻانهون اهڙيون سوڙهيون هيون جو پنهنجا پاڪ هٿ ان مان ٻاهر ڪڍي نه سگهيا ۽ ٻانهن کي اندران ڪڍيائون. ڌوئي پوءِ مٿي پاڪ جي مک ڪيائون ۽ موزن جي به مک ڪيائون. ۽ موطا ۽ مسند ابو داؤد ۾ آهي ته اهو صبح جي نماز جو وقت هو. مغيره رضي الله عنه فرمايو ته پوءِ مان ساڻن گڏ آيس ته جماعت اڳ ۾ شروع ٿي چڪي هئي. حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه امامت ڪري رهيو هو. نبي پاڪ ﷺ جن ان نماز جي آخري رڪعت ۾ پهتا جڏهن حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه سلام ورايو ته پاڻ اٿي رهيل نماز پوري ڪيائون ۽ ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا. حضرت مغيره رضي الله عنه فرمايو ته مون ارادو ڪيو ته عبدالرحمان رضي الله عنه کي پوئتي هٽايان پر رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته "ڇڏيس". (جمع الوسائل ج 1 ص 123)

فائدا: هن حديث مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا (1) ته ڪافرن جا استعمال ڪيل ڪپڙا جيستائين انهن جي پليد هجڻ جو يقين نه ٿئي. ڌوئڻ کان سواءِ به پاڻ جائز آهن ڇوته رسول الله ﷺ جن تفصيل پڇڻ کان

سواءِ رومي جُبو زيب تن فرمايو هو. (2) صوف جو ڪپڙو ڍڪڻ جائز آهي ۽ امام مالڪ رضي الله عنه فرمايو تہ جيڪڏهن ٻيو ڪپڙو لڀي تہ صوف جو ڪپڙو پائڻ مڪروه آهي. ڇوتہ ان ۾ زهد جي مشهوري آهي زهد جو لڪ ۾ رکڻ وڌيڪ آهي. (3) ٻانهن جي ٻانهوڙيءَ سفر ۾ تنگ ۽ سوڙهي رکڻ مستحب آهي. سفر کان سواءِ ٻانهوڙي ڪشادي هجي ڇوتہ صحابن جون ٻانهوڙيون ڪشاده هونديون هيون. ابن حجر فرمايو تہ اهو تڏهن جڏهن ثبوت ملي تہ حضور ڪريم ﷺ جن خصوصي طور سفر ۾ اهي سوڙهيون رکيون هيون. نہ تہ ممڪن آهي تہ سرديءَ کان بچاءَ جي لاءِ ائين ڪيو ويو هجي. (4) اسان جي فقه جي ڪتابن ۾ آهي تہ ٻانهوڙي جو ڪپڙو هڪ گرانٺ جيترو ويڪرو هجي. (جمع الوسائل ج 1 ص 123) (5) محدثن جي هن باب ۾ گفتگو ۽ روايتن مان معلوم ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن سادو لباس پائڻ پسند ڪندا هئا. گهڻو ڪري سندن ڪپڙو سخت هوندو هو. ۽ صوف جو ڪپڙو بہ پائيندا هئا. ۽ ڪنهن بہ هڪ قسم جي ڪپڙي تي بند نہ رهندا هئا. ۽ نہ ڪو ان ۾ غلو ڪندا هئا. بلڪ ضرورت آهر استعمال ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اعليٰ قسم جا ڪپڙا بہ پائيندا هئا. سندن خدمت ۾ ٿيتيهہ اٺن ۽ هڪ ڏاچيءَ جي عيوض ورتل وڳو پيش ڪيو ويو تہ اهو پاڻ پاتائون. (6) ڪانچ نبي ڪريم ﷺ جن جي (ظاهري رحلت کان پوءِ) سندن سامان مان ملي هئي. پر راجح قول مطابق پاڻ پاتي نہ هيائون. ۽ ڪانچ پهريان پهريان حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام پاتي هئي ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان مرفوع حديث ۾ آيو آهي تہ"حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جڏهن الله جل جلاله سان ڳالهايو هو تہ ان کي صوف جي چادر ۽ صوف جي ٽوپي ۽ صوف جو جبو ۽ ڪانچ پاتل هئي. ۽ سلف صالحين نبي ڪريم ﷺ جن جي سادن ڪپڙن پائڻ ۾ اتباع ڪندا هئا. جو دنياوي زيب، زينت کي حقير سمجهندا هئا پر هاڻي ان سادي لباس کي جار بنائي پاڻ کي درويش ظاهر ڪري ماڻهن کي ڦرڻ، لٽڻ سان گڏ گمراهہ ڪندا ٽا وتن. فيصلو ڪندڙ قول اهو آهي تہ ڪڏهن پلا ڪپڙا پائڻ سنو ڪم آهي جيڪي اطاعت تي مدد ڪن ۽ حضور ڪريم ﷺ جن بہ ان جي ڪري ٻاهران اچڻ وارن وفدن سان پلا ڪپڙا پائي ملندا هئا. ۽ ڪڏهن اهي ناپسند ڪيل آهن جيڪڏهن دنيا ۽ تڪبر جي لاءِ استعمال ڪيا وڃن. (المواهب شرح الشمائل ص 175) علماء لکيو آهي تہ سفيد ڪپڙي جي مؤمن سان مشابهت آهي جيئن سفيد ڪپڙي تي داغ نظر ايندو آهي ۽ بُرو لڳندو آهي تيئن مؤمن جي روشن قلب تي بہ گناهہ جو داغ نظر ايندو آهي ۽ برو لڳندو آهي.

مسئلو: ڪفن ۾ اڇو ڪپڙو استعمال ڪرڻ گهرجي پر ان ۾ رنگين ڪپڙو بہ جائز آهي. بعض علماء جو قول آهي تہ "ڪافرن جي ملڪ جو نئون ٺهيل ڪپڙو ڌوئڻ کان سواءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو باقي انهن جو استعمال ٿيل ڪپڙو ضرور ڌوئڻ گهرجي. (فضائل النبي ﷺ ص 50)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البغوي في الشمائل رقم الحديث 755 ج 2 ص 517، {2} البخاري في كتاب الوضوء باب 35 الرجل يوضي صاحبه رقم الحديث 182 ج 1 ص 285، 286 {3} مسلم في كتاب الطهارة باب 22 المسح علي الخفين رقم الحديث 274 حديث الكتاب 79، 80 ج 1 ص 230 {4} ابو داؤد في كتاب الطهارة باب 59 المسح علي الخفين رقم الحديث 149 ج 1 ص 37، 38 {5} احمد في المسند ج 4 ص 249 {6} مالك في الموطا كتاب الطهارة باب 8 ماجاء في المسح علي الخفين حديث رقم 713 ج 1 ص 194.

باب نائون

بَابُ مَا جَاءَ فِي عَيْشِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

انهن حديث جو بيان جيڪي رسول الله ﷺ جي گذران جي بيان ۾ آيون آهن

سمجهاڻي: هن باب جهڙو باب اڳيان بہ اچي پيو پر ان باب ۾ سندن ان گذران جو بيان آهي جيڪو پين سان گڏ گذاريندا هئا. ۽ هن ۾ سندن انهيءَ گذران جو بيان آهي جيڪو گهر ۾ ازواج مطهرات (گهروارين) سان گڏ گذاريندا هئا. يا هتي صرف سندن تنگيءَ جو بيان آهي ۽ اڳتي تنگيءَ ۾ استعمال ڪيل شيءِ جو بيان آهي ان جي ڪري هتي صرف بہ حديثون بيان ڪيون ويون ۽ اڳتي وڌيڪ آنديون ويون آهن. يا هن طرف اشارو آهي تہ گذريل لباس واري باب ۾ پراڻن ڪپڙن ۽ سوڙهين ٻانهوڙين جو ذڪر آهي جيڪو عام معمول جي خلاف هو. هي ان وقت جي تنگي واري حال جي ڪري هو. علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ الله ﷻ سندن لاءِ اها ڪيفيت فقر، صبر، شڪر ۽ رضا جي اجر عطا ڪرڻ لاءِ اختيار فرمائي آهي. ڇوتہ حقيقي خوشي آخرت جي آهي ۽ اها ئي قرار جي جاءِ آهي ۽ جڏهن تہ باب جي پهرين حديث بعض اصحابن جي وسيع گذران جي متعلق آهي. تان جو حضرت ابو هريره ﷛ ڪتڙ جا بہ ڪپڙا پاتا هئا. تہ مناسب هو جو هن باب کي لباس کان پهريان ذڪر ڪيو وڃي. (جمع الوسائل ج 1 ص 124)

{71} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ سِيرِينَ قَالَ: كُنَّا عِنْدَ أَبِي هُرَيْرَةَ، وَعَلَيْهِ ثَوْبَانِ مُمَشَّقَانِ مِنْ كَتَّانٍ فَتَمَخَّطَ فِي أَحَدِهِمَا، فَقَالَ: بَخٍ بَخٍ يَتَمَخَّطُ أَبُو هُرَيْرَةَ فِي الْكَتَّانِ، لَقَدْ رَأَيْتُنِي وَإِنِّي لَأَخِرُّ فِيمَا بَيْنَ مِنْبَرِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَحُجْرَةِ عَائِشَةَ مَغْشِيًّا عَلَيَّ فَيَجِيءُ الْجَائِي فَيَضَعُ رِجْلَهُ عَلَى عُنُقِي يَرَى أَنَّ بِي جُنُونًا، وَمَا بِي جُنُونٌ، وَمَا هُوَ إِلَّا الْجُوعُ

با محاوره ترجمو: حضرت محمد بن سيرين تابعي ﷫ چوي ٿو تہ اسان حضرت ابو هريره ﷛ وٽ ويٺا هياسين. ان کي گلڪاري وارا سلڪ جا ڪپڙا پاتل هئا. اتي ابو هريره ﷛ هڪ ڪپڙي سان نڪ صاف ڪري چوڻ لڳو تہ واهہ واهہ! اڄ تہ ابو هريره ريشم سان نڪ صاف ٿو ڪري! اڳ ۾ پاڻ کي ڏٺو هوم تہ رسول الله ﷺ جي منبر ۽ حضرت بيبي عائشہ ﵂ جي حجري مبارڪ جي وچ تي بيهوش ٿي ڪريو پيو هوندو هوس. پوءِ اتان ڪو گذرندڙ اچي منهنجي ڪنڌ تي پنهنجو پير رکندو هو. سمجهندو هو تہ مون کي مرگهي آهي. هوڏانهن مون کي مرگهي ڪانہ هئي، پر بُک جي ڪري بيحال هوندو هوس.

مفردات جو شرح: "وَعَلَيْهِ ثَوْبَانِ" (۽ ان تي بہ ڪپڙا هئا) گوڏ چادر يا ڪپڙا، "ممشقان" (شين جي زبر ۽ شد سان) "مُمَشَّق" ڳاڙهي مٽي سان رنگ ڪيل. "ڪتان" سِڻي. "تمخط" سنگهہ ڪيديائين. "بَخٍ بَخٍ" واهہ

واهه. خوشي ۽ ڪنهن شيءِ تي راضي ٿيڻ مهل اهي الفاظ چيا ويندا آهن ۽ هتي مراد عجب ونڻ ۽ حيرت ۾ پوڻ آهي. "لَقَدْ" هن لام کان اڳيان قسم مقدر آهي، اي الله جو قسم آهي. "رَأَيْتُنِي" مون پاڻ کي ڏٺو. "وَاِنِّيْ" هي "رَاَيْتُ" جي مفعول کان حال آهي. "لَاَخِرُّ" واحد متڪلم جو صيغو خرور کان ورتل آهي، ڪران پيو. "منبر" (ميم جي زير سان) مٿي هجڻ جي ڪري منبر سڏيو ويو. عربي ۾ جيڪا شيءِ مٿي هوندي آهي ان جي لاءِ چوندا آهن. "نَبَرَ" "اَلحجرة" گهر ان جو جمع حجر ۽ حجرات ايندو آهي جيئن عرف ۽ عرفات" "مَغْشِيًّاعَلَيَّ" مون تي غشي طاري ٿيل هوندي هئي. الغشي کان ورتل بک، درد يا ڪنهن بي شيءِ جي ڪري قلب ضعيف ٿيندو آهي ۽ ان جي ضعيف ٿيڻ سان حساس قوتون ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏينديون آهن. ان کي غشي سڏيو ويندو آهي. "الجائي" ايندڙ "جنونا" چريائپ. "اَلْجُوعُ" بک.

سمجهاڻي: مٿي ذڪر ڪيل حديث ۾ حضرت ابوهريره ﷺ پنهنجي تڪليف ۽ رزق جي تنگي جي زماني جو ذڪر ڪيو آهي ۽ وري ڪيس ملڻ واري رزق جي ڪشادگي ۽ خوشحالي جو ذڪر به ڪيو اٿس ته مون تي بک جي شدت جي ڪري بيهوشي ۽ بي حسي جي اهڙي حالت طاري ٿيندي هئي جو سيدنا رسول الله ﷺ جن جي منبر ۽ ام المؤمنين عائشه صديقه ﷺ جي حُجري جي وچ تي ڪري پوندو هوس. اتان اچڻ وارو سمجهندو هو ته هن کي بيماري تي آهي متان زمين تي مٿو هڻي مٿو ڦاڙهي وجهي اهو منهنجي ڪنڌ تي لت ڏئي مون کي جهليندو هو. ان کي ڪهڙي خبر ته منهنجو اهو حال بک جي ڪري ٿيو آهي. شمائل جي شارح هي مطلب بيان ڪيو آهي ته "منبر ۽ حجره جو وچ اهڙي جاءِ آهي جتان حضور ڪريم ﷺ جن جو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. ان جاءِ تي حضرت ابو هريره ﷺ بک جي ڪري بيهوش ٿي ڪري ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان کي بک ۾ ڏسي ڪجهه نه ڪن. اهو سندن رافت ۽ رحمت جي تقاضاجي خلاف هو. پر جڏهن ته پاڻ به ڪاڏي کان خالي هئا ته بيا به ان حال ۾ رهندا هئا. ۽ اها سندن تنگدستي سندن اختيار سان هئي. پاڻ اهڙي حال کي پسند ڪيو هيائون ۽ فرمايائون ته "اي منهنجا مولا! مون کي مسڪين ڪري زنده رک ۽ مسڪين ڪري دنيا تان گهراءِ ته الله ﷻ امت تي ڪشادگي ڪري. مطلب هو ته "اوهان وٽ ڪشادگي هجي جواب مان ائين ئي سمجهه ۾ اچي ٿو. پاڻ فرمايائون ته "مون لاءِ اهو حال بهتر آهي ڇالاءِ ته؟ هڪڙي ڏينهن ڪائي شڪر ڪندس ٻئي ڏينهن ڪاڏي کان سواءِ رهي ذڪر ڪندس. ڪسري ۽ قيصر (ايران ۽ روم جا بادشاهه) کي رڳو دنيا ڏني وئي آهي. پر اسان جي لاءِ آخرت جون نعمتون رکيل آهن. (فضائل النبي ﷺ ص 50، 51)

حضور ﷺ سيني جا سردار آهن: علامه مناوي ﷫ لکيو آهي ته الله ﷻ پنهنجي حبيب ﷺ جي لاءِ فقير، صابر، غني، شاڪر جو مقام علي اتم الوجوه رکيو آهي. پاڻ فقيرن، صابرن، ۽ غنين شاڪرن جا سردار آهن ۽ اهو به فرمايو اٿس ته "پوءِ ڪين مسڪيني تي صبر ڪرڻ جي ڪري اهو حاصل ٿيو جيڪو ٻئي ڪنهن کي حاصل نه ٿيو. ۽ خوشحالي تي شڪر ڪرڻ جي ڪري جو مليو ٻئي ڪنهن کي نه مليو." ۽ هن حديث ۾ ان جي لاءِ دليل ناهي جيڪو مسڪينيءَ کي خوشحاليءَ کان پلو چوي ٿو. چوته هي رسول الله ﷺ جن جو اختيار ڪيل رستو هو. علامه علي قاري ﷫ لکيو آهي ته حضرت ابو هريره ﷺ سان اهڙي ڪيفيت متعدد ڀيرا ٿي هئي. امام بخاري ﷫ ابي حازم جي سند سان حضرت ابو هريره ﷺ کان آندو آهي ته "مان حضرت عمر ﷺ سان مليس ۽ ان کان مون قرآن ڪريم جي

هڪ آيت ٻڌڻ جي طلب ڪئي ان اها مون لاءِ بيان ڪئي مان ٿورو هليس ته بک ۽ تڪليف جي ڪري منهن ڀر وجي ڪريس. ۽ ڏٺم ته رسول الله ﷺ جن منهنجي مٿان بيٺل هئا ۽ حضرت ابو هريره ﷺ کان هي به روايت آهي ته "مان جڏهن جعفر بن ابي طالب کان ڪجهه پڇندو هوس ته مون کي جواب نه ڏيندو هو پنهنجي گهر وٺي ايندو هو ۽ پنهنجي گهرواري اسماء کي سڏي فرمائيندو هو اي اسماء! اسان کي کاڌو کاراءِ" پوءِ جڏهن اها اسان کي کاڌو کارائيندي هئي ته پوءِ منهنجي سوال جو جواب ڏيندو هو. ۽ حضرت جعفر ﷺ مسڪينن سان محبت رکندو هو انهن وٽ ويهندو هو. انهن سان ڳالهيون ڪندو هو. ۽ انهن جون ڳالهيون ٻڌندو هو. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان کي "مسڪينن جو پيءُ" سڏيندا هئا.

حضرت ابو هريره ﷺ کي ڏؤ ڪرائڻ: ابن حبان حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آندي آهي ته منهنجا ٽي ڏينهن اهڙا گذريا جو ڪجهه چکيم به ڪونه. پوءِ اصحاب صفه جي ٿلهي ڏانهن آيس ته ڪِري پيس ۽ ڇوڪرا چوڻ لڳا ته ابو هريره چريو ٿي پيو آهي، مان صفه وٽ پهتس، ڏٺم ته رسول الله ﷺ جن ثريد (گوشت ۽ ماني ملايل کاڌو) جو ٿانءُ کڻي آيا ۽ صفه وارن کي سڏي کائڻ لاءِ ڏنائون. ۽ اهي کائڻ ۾ شروع ٿي ويا. مان وري ڪنڌ ڌگهو ڪري نهاريان پيو ته متان مون کي به سڏ ڪن. اهي کائي اٿي ويا ۽ ان ٿانوَ ۾ ٿوري ذري کان سواءِ جيڪو ان جي پاسي ۾ هو. ڪجهه به نه بچيو. نبي پاڪ ﷺ جن اهو گڏ ڪيو ته هڪ لقمو بڻيو. اهو پنهنجي هٿ مبارڪ جي آڱرين تي رکيائون ۽ فرمايائون ته "بسم الله پڙهي کاءُ"مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهه آهي ته مان کائيندو رهيس تان جو ڍؤ ڪيم." هن روايت جو هن باب ۾ آڻڻ جو سبب هي آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن به ان مسڪين حال ۾ هيا. ڇوته جيڪڏهن پاڻ ظاهري خوشحاليءَ ۾ هجن ها ته اصحاب صفه ان حال ۾ نه رهن ها. جو اهي سندن مهمان هئا. (جمع الوسائل ج 1 ص 125)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب الاعتصام باب 16 ما ذڪر النبي ﷺ وحض علي اتفاق اهل العلم رقم الحديث 7324 ج 13 ص 303 {2} البيهقي في الشعب ج 7 ص 319 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4083 ج 14 ص 228.

{72} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا جَعْفَرُ بْنُ سُلَيْمَانَ الضُّبَعِيُّ، عَنْ مَالِكِ بْنِ دِينَارٍ قَالَ: مَا شَبِعَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ خُبْزٍ قَطُّ وَلَا لَحْمٍ، إِلَّا عَلَى ضَفَفٍ قَالَ مَالِكٌ: سَأَلْتُ رَجُلًا مِنْ أَهْلِ الْبَادِيَةِ: مَا الضَّفَفُ؟ قَالَ: أَنْ يَتَنَاوَلَ مَعَ النَّاسِ

بامحاوره ترجمو: حضرت مالڪ بن دينار ﷺ کان روايت آهي ته "رسول الله ﷺ جن ڪڏهن به ماني ۽ گوشت پيٽ ڀري نه کاڌو، مگر مهمانن سان گڏ."

مفردات جو شرح: "مَا شَبِعَ" نه ڍؤ ڪيائين. "خُبْزٌ" هن ۾ تنوين تنڪير جي آهي ان جي ڪري جَوَن ۽ ڪڻڪ جي مانين ٻنهي کي شامل آهي. "قَطّ" (قاف جي زبر ۽ طا جي شد سان) ۽ هتي ان جي معنيٰ آهي ڪنهن به وقت، ڪڏهن به. "ضَفَفٍ" مهمانن سان، ماڻهن سان گڏجي کائڻ دوران. حضرت مالڪ ﷺ چوي ٿو ته مون هڪ ٻهراڙيءَ جي ماڻهو کان پڇيو ته "ضفف" جي معنيٰ ڇا آهي؟ ان چيو ته ماڻهن

(يعني مهمانن) سان گڏجي کائڻ.

سمجهاڻي: هن حديث جو مطلب هي آهي تہ رسول الله ﷺ جن جيڪڏهن اڪيلو کائيندا هئا تہ ڪڏهن بہ ماني ۽ گوشت ڍؤ ڪري نہ کاڌو هيائون. پر جيڪڏهن ٻين سان پوءِ اهي مهمان هجن يا سندن خاندان جا فرد هجن گڏ کائيندا هئا تہ ڍؤ ڪري کائيندا هئا. پر ان جي مراد بہ آهي تہ پنهنجي پيٽ مبارڪ جا ٽي حصا پري کائيندا هئا. هڪ حصو خالي رکندا هئا سڄو پاڪ پيٽ پري نہ کائيندا هئا. پر مهمانن کان سواءِ جيڪڏهن کاڌو هوندو هو تہ اهو صفہ وارن اصحابن عليهم الرضوان کي کارائيندا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في الزهد حديث رقم 44 ص 23.

باب ڏهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي خُفِّ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

انهن حديثن جو باب جيڪي رسول الله ﷺ جي موزن پائڻ جي باري ۾ آيون آهن

سمجهاڻي: بعض سيرت نگارن لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جا ڪافي تعداد ۾ موزا هئا. انهن مان چار اهي هئا جيڪي ڪين خيبر مان مليا هئا.

معجزو: الطبراني الاوسط ۾ الحبر کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن جو معمول هو جو قضا حاجت جي لاءِ پري نڪري ويندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ پري نڪري ويا ۽ موتي وضو ڪري (۽ موزا جيڪي اڳ ۾ پيرن مان ڪڍي ڇڏيا هئائون) انهن مان هڪ پنهنجي پاڪ پيرن ۾ پائي بس ڪيائون تہ هڪ سائو پکي آيو جنهن ٻيو موزو مٿي کڻي مٿان اڇلايو تہ ان مان وڏو ڪارو نانگ هيٺ ڪريو. اهو ڏسي پاڻ فرمايائون تہ " هي ڪرامت (معجزه) آهي جنهن سان الله ﷻ مون کي عزت بخشي آهي. اي منهنجا الله!مان توکان ان شيءِ جي شر کان پناهہ ٿو گهران جيڪا پنهنجي پيٽ تي هلي ٿي ۽ جيڪا ٻن پيرن تي هلي ٿي ۽ جيڪا چئن پيرن تي هلي ٿي." ۽ حضرت ابي امامة ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٻہ موزا گهرايا هڪ پاتائون تہ ڪانءُ آيو ۽ ٻيو موزو کڻي (مٿان) ڇڏيائين تہ ان مان نانگ نڪتو پوءِ پاڻ فرمايائون تہ " جيڪو الله ﷻ تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو اهو تيستائين موزا نہ پائي جيستائين اهي نہ ڇنڊي. " (المواهب شرح الشمائل ص 108)

{73} حَدَّثَنَا هَنَّادُ بْنُ السَّرِيِّ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ دَلْهَمِ بْنِ صَالِحٍ، عَنْ حُجَيْرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ، عَنِ ابْنِ بُرَيْدَةَ، عَنْ أَبِيهِ، أَنَّ النَّجَاشِيَّ أَهْدَى لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خُفَّيْنِ أَسْوَدَيْنِ سَاذَجَيْنِ، فَلَبِسَهُمَا ثُمَّ تَوَضَّأَ وَمَسَحَ عَلَيْهِمَا

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو بريده ﷺ پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ (حبش جي بادشاهہ) نجاشي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ ٻہ لسا ڪارا، موزا سوکڙي ڪري موڪليا. پاڻ سڳورن ﷺ اهي موزا پائي وضو ڪيو ۽ انهن تي مک ڪيائون.

مفردات جو شرح: "أَهْدَى" الاهداء کان ورتل ماضيءَ جو صيغو آهي. هديہ طور موڪليائين. "خُفَّيْنِ" ٻہ موزا. "أَسْوَدَيْن" ڪاري رنگ جا. "سَاذَجَيْنِ" (ذال جي زبر سان) سادا جن ۾ چٽ وغيره نہ هجي. "فَلَبِسَهُمَا" پوءِ اهي ٻئي پاڻ پائڻ فرمايائون. "مَسَحَ" مک ڪرڻ فرمايائون.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ انهن ڪارن، سادن ٻن موزن جو ذڪر آهي جيڪي نجاشي بادشاهہ سندن خدمت ۾ موڪليا هئا. ابنِ حبان هيشم بن عدي کان ان دلهم کان هن اسناد سان روايت آندي آهي تہ

"نجاشي حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن خط لکيو هو تہ مون اوهان جو اوهان جي دين تي رهندڙ هڪ عورت ابو سفيان جي نياڻي ام حبيبه رضي الله عنها سان نڪاح ڪرايو آهي ۽ جامع هديا، قميص، ڪانچ، ٽوپي ۽ بہ سادا موزا موڪلي رهيو آهيان." اهي جيئن پهتا تہ پاڻ وضو ڪري انهن موزن تي مک ڪيائون.

فائدو: هن حديث مان هي مسئلا معلوم ٿيا (1) هديو قبول ڪري ان ۾ فورًا تصرف ڪرڻ، جو ان ۾ ان جي قبول ڪرڻ جو اظهار ۽ هديو ونندڙ ۽ هديو ڏيندڙ جي وچ ۾ محبت واري ڳانڍاپي جو اشارو آهي. (2) تہ اهل ڪتاب کان هديو قبول ڪرڻ جائز آهي ڇوتہ هديو ڏيڻ وقت اهو اڃان مسلمان نہ ٿيو هو. ابن العربي رحمه الله ائين چيو آهي ۽ زين عراقي ان کي ثابت چيو آهي. (3) موزن تي مک ڪرڻ جو جواز ثابت ٿيو ۽ ان جي جواز تي انهن جو اجماع آهي جن تي اعتماد آهي ۽ موزن تي مک ڪرڻ اسي 80 صحابن عليهم الرضوان کان روايت ڪيل آهي ۽ موزن تي مک ڪرڻ جي ذڪر واريون حديثون متواتر آهن، ان جي ڪري حنفي علماء مان بعض جو قول آهي تہ "موزن جي مسح جي انڪار ڪندڙ تي مون کي ڪافر هجڻ جو ڊپ ٿيندو هو." (المواهب شرح الشمائل ص 181، 182 جمع الوسائل ج 1 ص 127)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الطهارة باب 6 المسح علي الخفين رقم الحديث 155 ج 1 ص 39 {2} ابنِ ماجه في ڪتاب الطهارة باب 184 المسح علي الخفين رقم الحديث 549 {3} احمد في المسند ج 5 ص 352 {4} البيهقي في سننه ج 1 ص 282 {5} ابن السعد في الطبقات ج 1 ص 482 {6} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 116، 117.

{74} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ زَكَرِيَّا بْنِ أَبِي زَائِدَةَ، عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَيَّاشٍ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنِ الشَّعْبِيِّ قَالَ: قَالَ الْمُغِيرَةُ بْنُ شُعْبَةَ أَهْدَى دِحْيَةُ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خُفَّيْنِ، فَلَبِسَهُمَا وَقَالَ إِسْرَائِيلُ: عَنْ جَابِرٍ، عَنْ عَامِرٍ وَجُبَّةً فَلَبِسَهُمَا حَتَّى تَخَرَّقَا لاَ يَدْرِي النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَذَكِيٌّ هُمَا أَمْ لاَ قَالَ أَبُو عِيسَى: وَأَبُو إِسْحَاقَ هَذَا هُوَ أَبُو إِسْحَاقَ الشَّيْبَانِيُّ، وَاسْمُهُ سُلَيْمَانُ

بامحاوره ترجمو: حضرت مغيره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت دحية (ڪلبي اصحابي) رضي الله عنه نبي ڪريم ﷺ جن کي بہ موزا سوکڙي طور ڏنا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ اهي موزا پاتا. اسرائيل حضرت جابر رضي الله عنه جي واسطي سان حضرت عامر رضي الله عنه کان روايت ڪئي تہ دحية هڪ جُبو بہ تحفو ڏنو هو. پاڻ سڳورن ﷺ موزا پاتا ۽ جُبو ڍڪيائون نيٺ اهي پراڻا ٿي ڦاٽي ويا.

نبي ڪريم ﷺ جن کي اهو ڪونہ ٻڌايو ويو يا پاڻ ڪونہ پڇيائون تہ اهي موزا ذبح ڪيل جانور جي کل جا هئا يا اڻ ڪُٺل جانور جي کل جا هئا.

مفردات جو شرح: "أَهْدَى" الاهداء کان ورتل هديہ ڪري ڏنائين. "دحية" جليل القدر صحابي آهي (رضي الله عنه) تمام گهڻو سهڻو هوندو هو تان جو گهڻو ڪري جبريل بہ نبي ڪريم ﷺ جي خدمتِ اقدس ۾ ان جي صورت ۾ ايندو هو. "فَلَبِسَهُمَا" پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن اهي پاتا.

سمجهاڻي: حضرت دِحية رضي الله عنه مشهور صحابي آهي بدر جي جنگ کان سواءِ ٻين سيني جنگين ۾ شريڪ ٿيو هو. هن روايت ۾ آهي تہ "اسرائيل جابر کان، ان عامر کان روايت آندي آهي تہ حضرت دحية حضور ڪريم ﷺ جن کي هڪ جبو بہ هديي طور ڏنو هو. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن اهي موزا

پائيندا رهيا تان جو پراڻا ٿي ڦاٽي ويا هئا. اهو جُبو مبارڪ نهايت عمدو ۽ نفيس هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان موزن جي متعلق تحقيق نہ ڪئي ۽ نہ پڇيو تہ "اهي ڪُتل جانور جي چمڙي جا آهن يا اڻ ڪُتل جانور جا." چوتہ ان پڇا ڪرڻ جي ضرورت ناهي ۽ موزن تي مسح ڪرڻ سفر ۽ حضر ۾ اهل السنة وت متواتر حديثن سان ثابت آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 128) ۽ علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو موزن کي ايترو استعمال ڪرڻ جو ڦاٽي پيا مان ثابت ٿيو تہ ڪپڙن کي بہ ڦاٽڻ تائين استعمال ڪجي چوتہ ان ۾ تواضع آهي ۽ محدث ترمذي پنهنجي "الجامع" ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان کي فرمايو تہ "ڪپڙي کي تيستائين پراڻو نہ سمجھہ جيستائين ان کي چَتي هڻين." (المواهب شرح الشمائل ص 183)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 116 {2} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 991, 992 ج 20 ص 413, 414. {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3151 ج 12 ص 72.

باب يارهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي نَعْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

اُهي حديثن جو باب جنهن ۾ رسول الله ﷺ جي جُتي مبارڪ جو بيان آهي.

سمجهاڻي: هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جي جُتي مبارڪ جو ذڪر آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن پاڪ پيرن ۾ جتي پائڻ کان سواءِ پيرين اگهاڙا بہ هلندا هئا خاص ڪري بيمارن کان پڇڻ وقت، چوتہ ان ۾ تواضع سان گڏ اجر بہ وڌيڪ آهي. سندن جُتي مبارڪ چمڙي مان ٺهيل ، ڏگهي چنهب سان پويان ڪڙيءَ واري هوندي هئي. چوتہ سندن پاڪ پيرن ۾ آڱوٺي جي پر واري آڱر ڏگهي هوندي هئي. ۽ ان آڱر جي ڊيگهہ مطابق جتيءَ جي چهنب بہ ڏگهي هوندي هئي. حافظ عراقي رحمه الله پنهنجن شعرن ۾ جُتي مبارڪ جي صفت ۽ مقدار هن طرح بيان ڪيو آهي.

وَنَعْلُهُ الْكَرِيْمَةُ الْمُصَوَّنَه ، طُوبٰى لِمَنْ مَسَّ بِهَا جَبِيْنَه
لَهَا قِبَالَانِ بِسَيْرٍ وَّهُمَا ، سِبْتِيَّانِ سَبَّتُوْا شَعْرَهُمَا
وَطُوْلُهَا شِبْرٌ وَّ اِصْبَعَانِ ، وَعَرْضُهَا مِمَّا يَلِي الْكَعْبَانِ
سَبْعُ أَصَابِعَ وَبَطْنُ الْقَدَمِ ، خَمْسٌ وَّ فَوْقَ ذَاسِتٌّ فَاعْلَمِ
وَرَاسُهَا مُحَدَّدٌ وَعَرْضُ مَا ، بَيْنَ الْقِبَالَيْنِ اصْبَعَانِ اضْبِطْهُمَا

يعني آقا ﷺ جي جُتي پلاري ، محفوظ هئي. جنهن اها پنهنجي پيشانيءَ تي لڳائي ان جي لاءِ بشارت آهي. ان جُتي (پاڪ) جون بہ سبتي وڌهيون هيون جن سان پيرن پاڪن جا وار محفوظ رهندا هئا. ان جتي (مبارڪ) جي ڊيگهہ هڪ گرانٺ ۽ ٻہ آڱر هئي ۽ ويڪر پيڏين تائين پهچڻ واري ست آڱر هئي. ۽ سندن پاڪ پير جو پيٽ اندريون حصو پنج آڱر ۽ مٿيون حصو 6 آڱر هو ۽ پيرن جو منڍ محدود ۽ ويڪر ٻن وڌين جي وچ ۾ ٻہ آڱر هئي. اهي مضبوط طرح ياد ڪر. هن باب ۾ يارهن حديثون آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 184)

جتي پائڻ جي اهميت: جُتي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي پيرن پاڪن جو لباس آهي ۽ نعل جو لفظ شايد الله جل جلاله جي طرفان حضرت موسيٰ (على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) کي حڪم "فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ" (پنهنجي جُتي لاهہ) کان ورتل آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کان بہ جُتي پائڻ ثابت آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 129)

[75] حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الطَّيَالِسِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا هَمَّامٌ، عَنْ قَتَادَةَ قَالَ: قُلْتُ لِأَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: كَيْفَ كَانَ نَعْلُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَ: لَهُمَا قِبَالَانِ

بامحاوره ترجمو: حضرت قتاده ﷺ کان روايت آهي تہ مون انس بن مالک ﷺ کان پڇيو تہ رسول الله ﷺ جن جي جُتي مبارک ڪهڙي نموني جي هئي؟ ان چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي هر هڪ جُتيءَ مبارک ۾ ٻہ ٻہ وڌيون هيون.

مفردات جو شرح: "نَعْلُ" جُتي. ماوقيت به القدم عن الارض" اها شيءِ جنهن سان پير کي زمين تي لڳڻ کان بچايو وڃي. "النعل" لفظ ڪڏهن مصدر تي ايندو آهي تہ ڪڏهن اسم تي ۽ اهو عربي لغت ۾ مؤنث آهي. "قِبَالاَنِ" ٻہ وڌهيون. جيڪي پير جي وچين آڱر ۽ ان جي پرواريءَ جي وچ ۾ هونديون هيون ۽ هاٿي آڱوٺي ۽ ان جي پرواري آڱر جي وچ ۾ وڌهي هوندي آهي. "قبال" کي شسع بہ چوندا آهن."

سمجهاڻي: حضرت قتاده ﷺ جو حضرت انس ﷺ کان پڇڻ تہ رسول الله ﷺ جي جُتي ڪهڙي نموني هئي؟ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان ۽ تابعين ڪرام جي حضور ڪريم ﷺ سان والهانہ محبت ۽ عشق جو ثبوت ۽ اظهار آهي ۽ اهي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ انهن ۾ سرخروئي جو راز ان ۾ سمجهندا هئا ۽ هن ڳالهہ تي ڪامل يقين رکندا هئا تہ حضور ڪريم ﷺ جي قدوم ميمنت لزوم سان ۽ سندن مقدس جُتي جي صدقي ئي نجات ۽ بخشش آهي. حضور ڪريم ﷺ جن جُتي پائڻ جو حڪم بہ ڪيو آهي. جيئن مسلم حضرت جابر ﷺ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "جُتي گهڻي قدر پائيندا ڪيو. بلاشڪ مڙس جيستائين جُتي پير ۾ اٿس (جڻ تہ) سوار آهي." حضرت ابن مسعود ﷺ حضور ڪريم ﷺ جن جي جُتي مبارڪ. وهاڻو ڏنڊڻ ۽ پاڪائي جي لاءِ پاڻي پاڻ سان گڏ کڻندو هو. ۽ پاڻ جڏهن (مجلس مان) اٿندا هئا تہ اهو کين جُتي (مبارڪ) پارائيندو هو ۽ جڏهن ويهندا هئا تہ اها پنهنجن ٻانهن سان قابو ڪري رکندو هو تان جو پاڻ اٿاهين اٿن. (جمع الوسائل ج 1 ص 129)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب اللباس باب 41 قبالان في نعل رقم الحديث 5857 ج 10 ص 312 {2} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 41 في الانتعال رقم الحديث 4134 ج 4 ص 69 {3} النسائي في ڪتاب الزينة باب 115 صفة نعل رسول الله ﷺ ج 8 ص 217 {4} ابن ماجه في ڪتاب اللباس باب 27 صفة النعال رقم الحديث 3615 {5} احمد في المسند ج 3 ص 122 {6} عبد بن حُميد في المنتخب رقم الحديث 1176 ص 355.

{76} حَدَّثَنَا أَبُو كُرَيْبٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنْ خَالِدٍ الْحَذَّاءِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الْحَارِثِ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَ لِنَعْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قِبَالَانِ مُثَنًّى شِرَاكُهُمَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي جتيءَ مبارک ۾ ٻہ ڪهيون هيون ۽ اهي ٻٽيون هيون.

مفردات جو شرح: "مُثَنًّى" (ميم جي پيش ثا جي زبر سان) جعل الشيء اثنين . ڪنهن شيءِ کي ٻٽو ڪرڻ. "التثني کان ورتل آهي "شِرَاكُهُمَا" هي مثني جو نائب فاعل آهي شراڪ شين جي زير سان اهي وڌهيون جيڪي جُتيءَ جي مٿان هونديون آهن .

سمجهاڻي: صحابي سڳوري ﷺ فرمايو تہ "اهي وڌهيون جيڪي پير مبارک جي پُني تي هونديون آهن ٻٽيون هيون. يعني نهايت مضبوط ۽ چڪيل هيون تان تہ پيرن مبارڪن کي مضبوطيءَ سان وٺي

جهلين. پيرن کي قابو رکڻ ۽ پيرن مبارکن مان هلڻ جي دوران نکري نہ وڃن. (انوارِ غوثيه ص 118)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابن ماجه في كتاب اللباس باب 27 صفة النعال رقم الحديث 3614 {2} البيهقي في شعب الايمان ج 5 ص 178 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3154 ج 12 ص 74 {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 177.

{77} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ الزُّبَيْرِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ طَهْمَانَ قَالَ : أَخْرَجَ إِلَيْنَا أَنَسُ بْنُ مَالِكٍ نَعْلَيْنِ جَرْدَاوَيْنِ لَهُمَا قِبَالاَنِ. " قَالَ : فَحَدَّثَنِي ثَابِتٌ بَعْدُ عَنْ أَنَسٍ أَنَّهُمَا كَانَتَا نَعْلَيِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عيسيٰ بن طهمان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ انس بن مالک رضي الله عنه اسان کي ٻہ جوتا جن جي چمڙي تي وار نہ هئا ڪڍي ڏيکاريا.

راوي چوي ٿو تہ مون کي حضرت ثابت رضي الله عنه بيان ڪري ٻڌايو ۽ ان کي حضرت انس بن مالک رضي الله عنه ٻڌايو تہ اهي ٻئي نعلين (جوتا) مبارک رسول الله ﷺ جن جا آهن.

مفردات جو شرح: "اَخْرَجَ" ڪڍيائين. "نَعْلَيْنِ" ٻہ جُتيون (مبارک) "جَرْدَاوَيْنِ" "الجرداءُ" جيم سان "الاجرد" جو مؤنث آهي اها جُتي جنهن جي مٿان وار نہ هجن ان زمين کي جرد چوندا آهن جنهن ۾ سلا نہ هجن. يا "جرداوين" جي معنيٰ آهي پراڻا استعمال ڪيل.

سمجهاڻي: هن حديث مان ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم **حضور پُرنور** ﷺ **جي استعمال** ڪرڻ وارن ڪپڙن ، موزن، جُتي مبارک کي ساهہ سان سانديندا هئا. هڪٻئي کي ان جي زيارت ڪرائيندا ۽ ان سان پلائي ۽ برکت شفا حاصل ڪندا هئا. انهن وٽ سندن ڪجهہ استعمال ڪيل ڪپڙا وغيره هوندا هئا. بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت ابو برده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها اسان کي هڪ گهٽيون چتيون لڳل ڪمبل ۽ هڪ ٿلهي ڪپڙي جي چادر ڪڍي ڏيکاري ۽ فرمايائين تہ حضور ڪريم ﷺ جن هنن ٻن ۾ وفات ڪئي هئي. بخاري شريف ۾ آهي تہ هڪ عورت حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ چادر ڪڻي حاضر ٿي ۽ عرض ڪيائين تہ "هيءَ مون پنهنجي هٿن سان ٺاهي آهي اوهان پاڻ اها پايو." رسول الله! ﷺ جن اها وٺي ۽ گوڏ ڪري ٻڌي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان وٽ آيا. انهن مان هڪڙي ڏسي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلى الله عليك وسلم اها مون کي ڏيو. پاڻ فرمايائون "هائو" پاڻ ڪجهہ وقت مجلس ۾ ويهي اٿي گهر ويا ۽ اها چادر لاهي ويڙهي ڪڻي آيا ۽ ان صحابي کي موڪليائون جنهن اها گهري هئي ٻين اصحابن رضي الله عنهم چادر گهرڻ واري صحابي کي چيو تہ تو اهو سنو ڪم نہ ڪيو تو کي خبر آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڪنهن سائل جو سوال رد نہ ڪندا آهن. ان صحابي رضي الله عنه انهن کي جواب ڏنو تہ "وَاللهِ مَاسَاَلْتُهَا اِلَّا لِيَكُوْنَ كَفَنِي يَوْمَ اَمُوْتُ." (الله جو قسم مون اها ان لاءِ گهري تہ جڏهن مان مران تہ اها منهنجو ڪفن ٿئي.

حضور ﷺ **جي استعمال ڪيل شين سان تبرک حاصل ڪرڻ :** جناب سهل رضي الله عنه فرمايو تہ پوءِ اها ئي چادر ان جو ڪفن ٿي هئي. حضرت امام مالک رضي الله عنه کي حضور ڪريم ﷺ جا ٽي وار مبارک مليا هئا. جڏهن سندس وفات جو وقت قريب آيو تہ وصيت ڪئي هيائين تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ هڪ وار

مبارڪ منهنجي ساڄي اک تي ۽ هڪ وار مبارڪ منهنجي کابي اک تي ۽ هڪ وار مبارڪ منهنجي وات ۾ وجهي ڇڏجو. حضرت ابو هريره ﷺ حضرت امام حسن ﷺ کي چيو ته "مون کي پنهنجي جسم جو اهو حصو ڏيکاريو جنهن کي حضور ڪريم ﷺ جن چميو هو. حضرت امام حسن ﷺ ان کي پنهنجو ڏن ڏيکاريو ته حضرت ابو هريره ﷺ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي چُمي ڏني." حضرت ثابت بناني حضرت ابو هريره ﷺ جي هٿ کي تيستائين نه ڇڏيندو هو جيستائين ان کي چُمي نه ڏيندو هو. ۽ ڪيس چوندو هو"ته هي هٿ حضور ڪريم ﷺ جن کي لڳو هو. حضرت ابو عبدالله ﷺ فرمايو ته "منهنجي ڏاڏي وٽ رسول الله ﷺ جن جو ڪپڙو هو جڏهن عمر بن عبدالعزيز ﷺ خليفو ٿيو ته ان منهنجي والد کي چوّرائي موڪليو ته "مون کي ان ڪپڙي جو ديدار ڪرايو. پوءِ منهنجو ڏاڏو ان ڪپڙي مبارڪ کي چمڙي ۾ ويڙهي ان وٽ کڻي آيو ته عمر بن عبدالعزيز ﷺ اهو ڪپڙو وٺي ان سان پنهنجي منهن کي گهڻي وقت تائين مهٽيندو رهيو. حضرت بيبي اسماء بنت ابي بڪر صديق ﷺ وٽ سهڻي نبي پاڪ ﷺ جو جُبو مبارڪ هو. مسلم شريف ۾ آهي ان فرمايو"اهو جُبو مبارڪ آقا ﷺ جن پائيندا هئا اسين ان کي بيمارن جي لاءِ ڌوئندا آهيون(يعني ان کي ڌوئي ان جو پاڻي بيمارن کي پياريندا آهيون.) ان سان شفا حاصل ڪئي ويندي آهي." شفا شريف ۾ آهي امام ابن مامون فرمايو ته "رسول الله جن جي استعمال ڪرڻ وارن پيالن مان هڪ پيالو اسان وٽ هو. اسين بيمارن جي لاءِ ان ۾ پاڻي وجهندا هئاسون ته اهو پاڻي پيئڻ وارا شفاياب ٿيندا هئا." (انوارِ غوثيہ ص 120)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب فرض الخمس باب 5 ما ذكر في درع النبي ﷺ رقم الحديث 3107 ج 6 ص 212 {2} البيهقي في شعب الايمان ج 5 ص 177 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 821 ج 2 ص 547 {4} وفي شرح السنة رقم الحديث 3152 ج 12 ص 73 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 119

{78} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى الْأَنْصَارِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ : حَدَّثَنَا مَالِكٌ قَالَ : حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ أَبِي سَعِيدٍ الْمَقْبُرِيُّ ، عَنْ عُبَيْدِ بْنِ جُرَيْجٍ ، أَنَّهُ قَالَ لِابْنِ عُمَرَ : رَأَيْتُكَ تَلْبَسُ النِّعَالَ السِّبْتِيَّةَ ، قَالَ : إِنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَلْبَسُ النِّعَالَ الَّتِي لَيْسَ فِيهَا شَعَرٌ، وَيَتَوَضَّأُ فِيهَا ، فَأَنَا أُحِبُّ أَنْ أَلْبَسَهَا.

با محاوره ترجمو: حضرت عبيد بن جريج ﷺ کان روايت آهي ته مون حضرت ابن عمر ﷺ کان پڇيو ته"آءُ توکي (هميشه) وارن کان صاف ٿيل چمڙي جي جتي پائيندي ڏسان ٿو."

ان چيو ته مون رسول الله ﷺ جن کي اهڙي جتي پائيندي ڏٺو جنهن ۾ وار ڪونه هئا. پاڻ ان ۾ وضو به ڪندا هئا. دل گهرندي آهي، ته آءُ به اهڙي جتي پايان."

مفردات جو شرح : "رَأَيْتُكَ" رايت واحد متڪلم جو صيغو رؤيت کان ورتل آهي مون توکي ڏٺو آهي. "تلبس" پائين ٿو. "اَلنِعَالَ" نعل جو جمع، جُتيون. "السِّبْتِيَّةَ" (سين جي زير با جي جزم سان) السبت ڏانهن نسبت آهي اها رنگ ڪيل آهي. لغات الحديث جي صاحب لکيو آهي ته "السِّبْتِيَّةَ " سين جي زير سان ان جي معنيٰ آهي. ڳئون جي رڱيل کل. جنهن مان جوتا ناهيا ويندا آهن. ۽ بعض جو قول آهي ته "ان مان مراد اها کل آهي جنهن جا وار ڪوڙي ختم ڪيا وڃن." ۽ هيءَ معنيٰ مناسب آهي.

سمجهاڻي: حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما کان عبيد بن جريح ڳئون جي رڱيل کل مان ناهيل جُتي پائڻ جي متعلق سوال ان جي ڪري ڪيو هو جو اهي جُتيون مالدار پائيندا هئا. انهن جي موافقت ڇو ٿو ڪرين؟ ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ ان جي ڪري گهڻا صحابي رضي الله عنهم اهي نه پائيندا هئا. حضرت ابن عمر رضي الله عنهما ان کي جواب ڏنو ته مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو هو ته" اها جُتي پائيندا هئا جنهن ۾ وار نه هئا ۽ ان ۾ وضو به ڪندا هئا." مطلب ته وضوءِ کان پوءِ پائيندا هئا. ان ۾ جيڪا آلاڻ ٿيندي هئي رڱڻ کان پوءِ چمڙي جي پاڪ هجڻ جي ڪري ان کان پرهيز نه ڪندا هئا. حضرت ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته مان ان جي ڪري اها پسند به ڪيان ٿو. سبحان الله

صحابه جي محبت: قارئين ڪرام! ڏسو ته اصحابن ڀلارن رضي الله عنهم جي اطاعت، اتباع ۽ نبين جي نبي عليهم الصلوٰة والسلام سان محبت جو ڇا جهان آهي جنهن صحابي پنهنجي آقا ﷺ کي جنهن لباس ۾ ڏٺو ان اهو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هن حديث مان هر حال ۾ جُتي پائڻ جي جواز جو دليل ورتو ويو آهي. ۽ حضرت امام احمد رحمه الله فرمايو ته قبرستان ۾ جُتي پائڻ مڪروهه آهي. بشير بن الخصاصية رضي الله عنه جي حديث جي ڪري جو ان فرمايو ته "مان جُتي سوڙو قبرستان ۾ هليس پئي ته مون کي پويان کنهن سڏ ڪري چيو ته"اي جُتيءَ جا صاحب! قبرستان ۾ هجين ته جُتي لاهي ڇڏ." اها حديث احمد ۽ ابو داؤد آندي آهي ۽ حاڪم ان کي صحيح چيو آهي ۽ طحاوي فرمايو ته" ممڪن آهي ته ان جُتيءَ ۾ ڪا گندگي هجي، نه ته ان جي ڪري حديث آهي ته جڏهن ماڻهو ڪنهن ميت کي دفن ڪري موٽن ٿا ته اهو انهن جي جُتين جا چيڪٽ ٻڌي ٿو." اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن دفن ڪرڻ وارا قبرستان ۾ جُتين سان هوندا. هن مان قبرستان ۾ جُتي پائي وڃڻ جو جواز ملي ٿو. ۽ حضرت انس رضي الله عنه کان صحيح حديث آهي ته رسول الله ﷺ جن جُتي پاڪ سان نماز پڙهي آهي پوءِ جڏهن مسجد ۾ جُتي سان وڃڻ جائز آهي ته قبرستان ۾ به جائز آهي، عسقلاني رحمه الله فرمايو ته هي احتمال به آهي ته ميت جي عزت ڪرڻ جي ڪري جُتي پائڻ کان روڪيو ويو هجي جيئن قبر جي مٿان ويهڻ کان روڪيل آهي. ۽ قبرستان ۾ سبتي جُتين سان هلڻ کان منع تخصيص لاءِ ناهي اتفاقي طور آهي اصل منع قبرستان ۾ جُتين سان هلڻ کان آهي. هن حديث ۾ ذڪر ڪيو ويو ته حضور ڪريم ﷺ جن ان جُتي ۾ وضو به ڪندا هئا. اهو ان جي ڪري جو سندن جُتي مبارڪ جو اڳيون حصو پير ڍڪي ويهڻ وارو نه هو ان ۾ چپل وانگر به وڏيون هونديون هيون انهن ۾ وضو ڪرڻ آسان هوندو هو. پير چڱي طرح ڌوپي ويندا هئا. يا وضوءِ کان پوءِ هڪدم جُتي پائڻ مراد آهي پيرن جي سُڪڻ جو انتظار نه ڪندا هئا. تان ته معلوم ٿئي ته آلا پير جُتيءَ ۾ وجهڻ سان وضو ۾ ڪو فرق نه پوندو ۽ آلو پير جُتيءَ ۾ ان وقت داخل ڪبو جڏهن اها پاڪ هوندي نه ته داخل نه ڪبو.

(جمع الوسائل ج 1 ص 130، خصائل نبوي ص 63، فضائل النبي ﷺ ص 53)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه البخاري في كتاب الطهارة باب 30 غسل الرجلين في النعلين رقم الحديث 166 ج 1 ص 267 {2} مسلم في كتاب الحج باب 5 الاهلال من حيث تنبعث الراحلة رقم الحديث 1187 ج 2 ص 844. {3} ابو داؤد في كتاب المناسك باب 21 في وقت الاحرام رقم الحديث 1772 ج 2 ص 150، 151 {4} النسائي في كتاب الطهارة باب 95 الوضوء في النعل ج 1 ص

80. 81. {5} ابن ماجه في كتاب اللباس باب 34 الخضاب بالصفرة رقم الحديث 3626 {6} احمد في المسند ج 2 ص 17 {7} مالك في الموطا في كتاب الحج باب 9 العمل في الهلال حديث رقم 31 ج 1 ص 333 {8} البيهقي في سننه ج 5 ص 37 {9} الطحاوي في شرح المعاني ج 2 ص 122

{79} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنِ ابْنِ أَبِي ذِئْبٍ، عَنْ صَالِحٍ مَوْلَى التَّوْأَمَةِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: كَانَ لِنَعْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قِبَالَانِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي جُتي مبارڪ کي ٻہ ڪهيون هونديون هيون.

مفردات جو شرح: هن روايت ۾ ساڳيا الفاظ آهن ڪو نئون لفظ ناهي جو اهو سمجهايو وڃي.

سمجهاڻي: هن باب جي حديث نمبر 1 واري ساڳي سمجهاڻي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} الطبراني في المعجم الصغير ج 1 ص 92 {2} البزار في مسنده رقم الحديث 2961 ج 3 ص 367.

{80} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنِ السُّدِّيِّ قَالَ: حَدَّثَنِي مَنْ سَمِعَ عَمْرَو بْنَ حُرَيْثٍ يَقُولُ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي فِي نَعْلَيْنِ مَخْصُوفَتَيْنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عمرو بن حريث ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي چَتي لڳل جُتيءَ ۾ نماز پڙهندي ڏٺو.

مفردات جو شرح: "يُصَلِّي" نماز پڙهي. "نَعْلَيْنِ" ٻہ جُتيون "مَخْصُوْفَتَيْنِ" ٻن ترن سبيلن واريون. ٻئو ترو، چتيون لڳل.

سمجهاڻي: هن روايت جي سندَ جيتوڻيڪ مجهول آهي پر ان جي تائيد ٻين روايتن سان ٿئي ٿي. (1) ابن حبان ﷫ حضرت ابو ذر ﷺ کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ ڍڳي جي کل مان ٺهيل جُتيءَ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا." (2) نسائي بہ اهڙي روايت آندي آهي (جمع الوسائل ج 1 ص 132) عروه ﷺ کان روايت آهي تہ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ فرمايو "رسول الله ﷺ جن پنهنجا ڪپڙا سبندا هئا ۽ جُتي مبارڪ کي چتيون هڻندا هئا. اخرجہ ابن حبان و الحاڪم "جتيءَ ۾ نماز پڙهندا هئا." ان نماز مان مراد جنازي جي نماز آهي يا ٻي ڪا نماز هئي. حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجن ڪپڙن ۽ جُتي مبارڪ کي پاڻ ڳنڍيندا ۽ پاڻيءَ جو دلو بہ پاڻ ڀري ڪڍندا هئا. (اهو سڀ ڪجهہ امت کي تعليم ڏيڻ ۽ انهن ۾ محنت جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ هو ان کي عيب نہ سمجهيو وڃي.) (جمع الوسائل ج 1 ص 133) "مخصوفين" جو مطلب اهو بہ آهي تہ ان جو ترو ڊبل هو يا هي مطلب آهي تہ جُتي مبارڪ چنل هجڻ جي ڪري چتيون لڳل هيس.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب الزينة من سننه الڪبريٰ باب 111 الامر بالاستكثار من النعال رقم الحديث 9804 ج 5 ص 506. {2} ابوالشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 118 {3} احمد في المسند ج 4 ص 307.

{81} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى الْأَنْصَارِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ أَبِي الزِّنَادِ، عَنِ الْأَعْرَجِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: لَا يَمْشِيَنَّ أَحَدُكُمْ فِي نَعْلٍ وَاحِدَةٍ، لِيُنْعِلْهُمَا جَمِيعًا أَوْ لِيُحْفِهِمَا جَمِيعًا.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ "ڪوبہ هڪ پير ۾ جتي پائي نہ گهمي، بلڪ ٻئي جتيون پائي يا ٻئي لاهي ڇڏي"

مفردات جو شرح: "لَا يَمْشِيَنَّ" هي صورت ۾ نفي ۽ معنيٰ ۾ نهي آهي ۽ اهو صريح نهي کان بہ وڌيڪ مبالغي وارو آهي. هرگز پنڌ نہ ڪري. "فِي نَعْلٍ وَاحِدَةٍ" (هڪ جُتيءَ ۾) ياد رکڻ گهرجي تہ نعل جو لفظ مؤنث آهي ۽ ان جي واحد لفظ سان صفت. حالانڪ اهو مذڪر آهي ان جي ڪري ڪئي وئي جو نعل جي تانيث غير حقيقي آهي، ۽ وڌيڪ صحيح قول هي آهي تہ نعل جو لفظ هتي ملبوس ڊڪيل جي معنيٰ ۾ آهي. "لِيُنْعِلْهُمَا" (يا جي پيش ۽ عين جي زير سان) مناسب آهي تہ ٻنهي پيرن ۾ جُتي پائي. "لِيُحْفِهِمَا" ٻنهي کي اگهاڙو رکي. **"هُمَا"** جو ضمير پيرن ڏانهن وري ٿو. **"جَمِيعًا"** اي ٻنهي پيرن کي گڏ. هتي "القدمين" (پيرن) جو ذڪر آيل ناهي پر سياق جي دلالت مان معلوم ٿئي ٿو. (جمع الوسائل ج 1 ص 134, المواهب شرح الشمائل ص 191)

سمجهاڻي: هن حديث شريف مان معلوم ٿيو تہ "سرورِ ڪونين، جد الحسنين ﷺ جن پنهنجي امت کي جُتي پائڻ جو طريقو بہ سيکاريو. ارشاد فرمايائون تہ"هڪ پير اگهاڙو، هڪ ۾ جوتو پائي نہ هلو اها ڳالهہ وقار جي منافي، ماڻهن جي طرفان کلون ۽ چٿرون ڪرڻ جو باعث، پير جي مچ ۾ سور پوڻ يا ان جي مُڙي پوڻ جو سبب آهي پير ترڪڻ جو خطرو هوندو آهي. وڏي ڳالهہ هي آهي تہ اها بدتميزي آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن عذر جي سبب ائين ڪري ٿو تہ پوءِ منع ناهي." (انوارِ غوثيہ 124) اهڙي طرح پيراهڻ جي هڪ ٻانهن پائي هلڻ، ۽ هڪ پير ۾ جورابو پائڻ کان بہ پرهيز ڪرڻ گهرجي ڇوتہ اها عادت تميز کان خالي آهي. (خصائل نبوي ص 64)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب اللباس باب 40 لايمشي في نعل واحدة رقم الحديث 5855 ج 10 ص 309 {2} مسلم في ڪتاب اللباس والزينة باب 9 استحباب لبس النعل في اليمنيٰ اولا رقم الحديث 2097. حديث الڪتاب 68 ج 3 ص 1660 {3} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 43 في الانتعال رقم الحديث 4136 ج 4 ص 69.

{82} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، عَنْ أَبِي الزِّنَادِ نَحْوَهُ.

هيءَ حديث اڳئين حديث وانگر آهي ان جي مفردات جو شرح، بامحاوره ترجمو، سمجهاڻي ۽ تخريج ساڳي آهي.

{83} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ أَبِي الزُّبَيْرِ، عَنْ جَابِرٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى أَنْ يَأْكُلَ، يَعْنِي الرَّجُلَ، بِشِمَالِهِ، أَوْ يَمْشِيَ فِي نَعْلٍ وَاحِدَةٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر ﷺ كان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن کابي هٿ سان کائڻ کان

منع ڪندا هئا ۽ هڪ پير ۾ جُتي پائي هلڻ ڪان بہ روڪيندا هئا.

مفردات جو شرح: "نَهَى" نهي ڪان ورتل منع ڪرڻ "يَعْنِي الرَّجُلَ" يعني هي لفظ حضرت جابر ﷛ جو آهي يا راوي جو مطلب تہ "ياڪل" مان حضور ڪريم ﷺ جي مراد مرد آهي ۽ عورت احڪام ۾ مرد جي تابع آهي اها بہ ان ۾ داخل آهي تہ "ياڪل" جو تفسير ان جي ڪري ڪيائين تہ متان ڪنهن کي وهم ٿئي تہ ان مان مراد جابر ﷛ آهي. "بِشِمَالِهِ" (شين جي زير سان) "ياڪل" سان متعلق آهي.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ کابي هٿ سان کائڻ ۽ هڪ پير ۾ جُتي پائڻ کان منع آيل آهي. مسلم شريف ۾ ذڪر آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ شخص کي ڏٺو تہ کابي هٿ سان کائي رهيو هو. تہ پاڻ ان کي فرمايائون "ساڄي هٿ سان کاءُ." ان هرويرو چيو تہ "مان ساڄي هٿ سان کائڻ جي طاقت ڪونہ ٿو رکان." پاڻ ان کي فرمايائون تہ "طاقت رکندين بہ ڪونہ" ان کان پوءِ ان جو ساڄو هٿ ڪڏهن بہ ان جي وات تائين پهچي نہ سگهيو. هن حديث ۾ "الرجل" مرد لفظ آيو آهي ۽ اهو مرد جي شرافت ۽ عزت جي ڪري آهي عورتون بہ ان حڪم ۾ شامل آهن ۽ هن حديث ۾ "او"لفظ تقسيم جي لاءِ آهي. شڪ جي لاءِ ناهي. (انوارِ غوثيہ ص 125) علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ عذر کان سواءِ کابي هٿ سان کائڻ شافعين وٽ مڪروه تنزيهي آهي ۽ گهڻن مالڪين ۽ حنبلين وٽ مڪروه تحريمي آهي." محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ "جمهور علماء وٽ هي ارشاد استحبابي آهي يعني حرام ناهي پر بعض اصحابِ ظاهر هن کي ناجائز قرار ڏنو آهي. (خصائلِ نبوي ص 65) بهرصورت آقاءِ نامدار ﷺ جا هي ارشاد امت کي اعليٰ اخلاق سيکارڻ جي لاءِ آهن انهن تي عمل ڪرڻ سان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب اللباس والزينة باب 20 النهي عن اشتمال الصماء والاحتباء في ثوب واحد حديث رقم 2099 ج 3 ص 1661 {2} مالڪ في المؤطا ڪتاب صفة النبي ﷺ باب 4 النهي عن الاڪل بالشمال رقم الحديث 5 ج 2 ص 922 وفيه الزيادة {3} احمد في المسند ج 3 ص 325 بقصة النعل فقط {4} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 43 في الانتعال رقم الحديث 4137 ج 4 ص 70 {5} النسائي في ڪتاب الزينة من سننه الڪبريٰ باب 110 ڪراهية المشي في نعل واحد رقم الحديث 9798 ج 5 ص 505.

{84} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ، عَنْ مَالِكٍ، ح وَحَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ أَبِي الزِّنَادِ، عَنِ الْأَعْرَجِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: إِذَا انْتَعَلَ أَحَدُكُمْ فَلْيَبْدَأْ بِالْيَمِينِ، وَإِذَا نَزَعَ فَلْيَبْدَأْ بِالشِّمَالِ، فَلْتَكُنِ الْيَمِينُ أَوَّلَهُمَا تُنْعَلُ وَآخِرَهُمَا تُنْزَعُ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ضرور ساڄي پاسي کان شروعات ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي کان شروع ڪري جيئن پائڻ وقت ٻنهي کان ساڄو اڳ ۾ ۽ لاهڻ وقت ٻنهي کان کابو اول هجي.

مفردات جو شرح: "فليبدء" امر غائب جو صيغو آهي گهرجي تہ شروعات ڪري، ابتداء ڪري اول پائي. نَزَعَ نزع کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي لاهي. پير مان ڪڍي "اليمنٰى" سڄو

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ ساڄي کان شروعات ڪرڻ جو امر آهي. جيترا ڪم بہ عزت ۽

تڪريم سان متعلق آهن انهن جي شرف ۽ شان جي ڪري محمدي طريقي جي آداب مان آهي تہ اهي ساڄي ڪان شروع ڪيا وڃن. ان جي ڪري محبوب ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو"جڏهن اوهان مان ڪو هڪ جُتي پائي تہ ساڄي ڪان شروع ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کاٻي ڪان شروع ڪري، ڇوتہ هي سينگار جو ڪم آهي ۽ ان جي شرافت جي تقاضا آهي تہ ان جي آداب جو لحاظ رکيو وڃي ۽ سيني شان ۽ شرف وارن ڪمن ۾ حضور ڪريم ﷺ جي ارشاد تي عمل ڪيو وڃي. حڪيم ترمذي رحمة الله عليه فرمايو تہ ساڄو پاسو الله جل جلاله ۽ ان جي محبوب ﷺ جو پسند ڪيل آهي. قيامت جي ڏينهن اعمالناما ساڄن هٿن ۾ ڏنا ويندا. نيڪيون لکڻ وارو ملائڪ ساڄي ڪلهي تي ويٺل آهي. قيامت جي ڏينهن عمل تورڻ واري ساهميءَ جي ساڄي پُڙ ۾ نيڪيون وڌيون وينديون. ان جي ڪري هر پلي ڪم ۾ ساڄي کي مقدم رکڻو آهي ۽ جڏهن تقديم ۾ ان جو حق آهي تہ جُتي لاهڻ ۾ ان کي پوئتي رکيو ويو تہ ان جو حق کاٻي کان وڌيڪ رهي. (المواهب شرح الشمائل ص 194) ۽ اهو حڪم ان جي لاءِ آهي جيڪو ڪري سگهي پر جيڪڏهن ڪا مجبوري آهي تہ پوءِ کاٻي کان شروع ڪري سگهي ٿو ۽ قميص، ڪانئچ ۽ ٻئي ڪپڙي جي استعمال ڪرڻ ۾ بہ اهو حڪم آهي. علامہ نووي فرمايو تہ "جيڪي ڪم تڪريم ۽ شرف جي باب کان ناهن انهن ۾ کاٻي کان شروعات ڪرڻ گهرجي. جيئن بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ، جُتي لاهڻ، پيرن مان موزو ڪڍڻ، مسجد مان نڪرڻ، پيٽ خالي ڪرڻ کان پوءِ پٿر يا پٿر استعمال ڪرڻ وغيره ۾. (فتح الباري ج 10 ص 312,311)

هيءَ حديث هِين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب اللباس باب 39 ينزع نعلها اليسرى رقم الحديث 5856 ج 1 ص 311 {2} مالك في المؤطا في كتاب اللباس باب 7 ماجاء في صفة الانتعال رقم الحديث 15 ج 2 ص 916 {3} الطبراني في الصغير رقم الحديث 48 ج 1 ص 51 {4} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 20215 ج 11 ص 166.

{85} حَدَّثَنَا أَبُو مُوسَى مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا أَشْعَثُ هُوَ ابْنُ أَبِي الشَّعْثَاءِ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ مَسْرُوقٍ، عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُحِبُّ التَّيَمُّنَ مَا اسْتَطَاعَ فِي تَرَجُّلِهِ وَتَنَعُّلِهِ وَطُهُورِهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڦڻي ڏيڻ، جُتي پائڻ ۽ پاڪائي يا وضو ڪرڻ ۾ ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "يُحِبُّ" پسند فرمائيندا هئا. "التَّيَمُّنَ" ساڄي کان شروع ڪرڻ "اِسْتَطَاعَ" يعني طاقت آهر ۽ اهو ساڄي کي اختيار ڪرڻ جي لاءِ تاڪيد آهي. "تَرَجُّلِ" مٿي کي ڦڻي ڏيڻ. وارن کي سڌو ڪرڻ "طُهُورِهِ" (طا جي پيش ۽ زبر) ٻنهي سان آيو آهي. "تَنَعُّلِهِ" جُتي پائڻ ۾.

سمجهاڻي: هن حديث شريف مان معلوم ٿيو تہ وس آهر جيستائين ڪا ضرورت مانع نہ هجي تہ بغير عذر ۽ ڪنهن سبب جي ساڄي کان شروع ڪرڻ کي نہ ڇڏجي پر جيڪڏهن ڪو عذر يا مجبوري درپيش آهي تہ پوءِ کاٻي کان شروعات ڪرڻ منع ناهي. حضرت علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ هن حديث ۾ ٽي ڪم مذڪور آهن. ڦڻي ڏيڻ، جُتي پائڻ ۽ پاڪائي ڪرڻ پر انهن سان تخصيص مراد

ناهي، ۽ اهو بہ آيو آهي تہ بيٺي جُتي پائڻ مڪروه آهي ان مان مراد اها جُتي آهي جنهن ۾ هٿ جي مدد جي ضرورت پوي، مطلق منع نہ آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 195)

علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ تن جي ذڪر سان تخصيص مراد ناهي بلڪ انهن جي ذڪر سان هن طرف اشارو آهي تہ پاڻ وارن مبارڪن کان قدمن مبارڪن تائين ۽ ساري بدن جي استعمال ڪرڻ ۾ ساڄي کان شروعات کي پسند ڪندا هئا. ۽ موزا ۽ ڪانچ بيهي پائڻ بہ منع آهي ۽ مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ وقت ۽ اتي جُتي لاهڻ ۽ پائڻ وقت بہ ساڄي ۽ کابي کي شرعي مسنون طور استعمال ڪرڻ جو خيال رکڻو آهي. اڪثر ماڻهو اهو خيال نہ ٿا ڪن ۽ ان مراعات کان غافل ۽ سنت کان جاهل ۽ ثواب حاصل ڪرڻ کان محروم آهن. مٿي جي قطيءَ کي اڳ ۾ ذڪر ڪرڻ ۽ جُتي پائڻ کي ان کان پوءِ ذڪر ڪرڻ پوءِ پاڪائي بيان ڪرڻ ۾ اهو ئي اشارو آهي جيڪو مذڪور ٿيو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 136)

هيءَ حديث ٻين جن محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 34 جي تخريج ۾ مذڪور آهي.

{86} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ مَرْزُوقٍ أَبُو عَبْدِ اللهِ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ قَيْسٍ أَبُو مُعَاوِيَةَ قَالَ: حَدَّثَنَا هِشَامٌ، عَنْ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: كَانَ لِنَعْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قِبَالَانِ وَأَبِي بَكْرٍ وَعُمَرَ، وَأَوَّلُ مَنْ عَقَدَ عَقْدًا وَاحِدًا عُثْمَانُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي نعلين شريفين (يعني جُتين) ۾ بہ بہ گهيون هونديون هيون ۽ هڪ گهي جي شروعات حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه ڪئي.

مفردات جو شرح: "قبالان" بہ ودهيون. هي "ڪان" جو معمول آهي ان جي اهم هجڻ ڏانهن اشارو آهي ۽ اهو ئي خبر ڏيڻ ۾ مقصود آهي. "عقد" ناهيائين.

سمجهاڻي: هن حديث مان هڪ ودهي واري جُتي پائڻ جو جواز ثابت ٿي رهيو آهي. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ: حضرت عثمان رضي الله عنه جي هڪ ودهي واري جُتي پائڻ ان جي جواز ڏانهن اشارو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو ڏڪڻ، پائڻ سندن عادت مبارڪ طور هو عبادت طور نہ هو. اصول ۾ اهو ثابت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جا ڪم چار قسم آهن. (1) مُباح (2) مستحب (3) سنت (4) فرض سندن جُتي پائڻ وارو طريقو فرض يا واجب يا سنت مؤڪده نہ هو ۽ جيڪڏهن حضرت عثمان رضي الله عنه ائين نہ ڪري ها تہ هڪ ودهي واري جتي پائڻ جي ڪراهت جو خيال پيدا ٿئي ها يا ان کي خلاف سمجهيو وڃي ها. ڇوتہ اهو حضور ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي عمل جي خلاف هجي ها ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جُتي نہ پائڻ ۽ ان کان سواءِ پيو ڪجهہ پائڻ مڪروهہ ناهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 137)

حضور ڪريم ﷺ جي پاڪ جتيءَ جي نقش پاڪ جون برڪتون ۽ پلايون

حضرت نبي ڪريم ﷺ جي نعلين شريفين جي نقش مبارڪ جون پلايون ۽ برڪتون بيان ڪندي محدثن ۽ سيرت نگارن جيڪو ڪجھ لکيو آهي ۽ مون کي مليو آهي اهو ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

{1} دلائل الخيرات جي شرح ۾ علامہ محمد بن احمد بن علي الفاسي رحمه الله لکيو آهي " ان يزور المثال من لم يتكن من زيارة الروضة" ..... وشاهده مشتاقا ويلثمه ويزداد فيه حبا وشوقا" الخ...

يعني جنهن کي مدينہ منوره ۾ پهچي روضہ پاڪ جي زيارت ڪرڻ ميسر نہ ٿي اهو روضہ پاڪ جي نقش جي مشتاقانہ انداز ۾ زيارت ڪري ۽ ان کي چمي چنبڙي ۽ ان ۾ شوق ۽ محبت ۾ وڌي ۽ زياده ٿئي ۽ ان شرح ۾ ئي آهي "وقد استنابوا مثال النعل عن النعل وجعلوا له من الاكرام والاحترام ماللمنوب عنه وذكروا له خواصا و بركات وقد جربت وقالوا فيه اشعارا كثيرة والفوا في صورته ورووه بالاسانيد"

يعني علماءِ ڪرام نعلين مقدسين جي نقش کي ان جو نائب ۽ قائم مقام بڻايو ۽ ان جي لاءِ اهو ئي اڪرام ۽ احترام ڪيو جيڪو اصل جي لاءِ ثابت هو. ۽ ان جا خواص ۽ برڪتون ذڪر ڪندي ان جي باري ۾ گهڻا شعر چيائون ۽ ان نقش جي باري ۾ ڪتاب ٺاهيائون. وقد قال القائل

اَذَا مَا الشَّوْقُ اَقْلَقَنِي اِلَـيْهَا وَلَمْ اَظْفَرْ بِمَطْلُوبِي لَدَيْهَا
نَقَشْتُ مِثَالَهَا فِي الْكَفِّ نَقْشًا وَقُلْتُ لِنَاظِرِيْ قَصْرًا عَلَيْهَا

يعني شاعر هي شعر چيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي: جڏهن ان جي (ديدار) جي شوق مون کي پريشان ڪيو ۽ مان پنهنجي مطلوب حاصل ڪرڻ جي لاءِ اتي ڪامياب نہ ٿيس تہ مون پنهنجي ترين تي ان جي مثال جو نقش ڪڍي پنهنجي اک کي چيو تہ ان (ديدار) تي اڪتفا ڪر. (مطالع المسرات ص 144 مطبوعہ لاهور)

{2} علامہ فاڪهاني رحمه الله لکيو آهي تہ: من لم يمكنه زيارة الروضة فليبرز مثالها وليلثمه مشتاقا لانه ناب الاصل كما قد ناب مثال نعله الشريفة مناب عينها في المنافع والخواص بشهادة التجربة الصحيحة ولذا جعلواله من الاكرام والاحترام مايجعلون للمنوب عنه الخ (شفاء الوالہ ص 26 بحوالو الفجر المنبر)

يعني جنهن کي اصلي روضہ مبارڪ جي زيارت ممڪن نہ ٿئي اهو ان جي تصوير ٺاهي شوق سان ان کي چُمي، ڇاڪاڻ ته اها ان اصل جي قائم مقام آهي جيئن سندن جتي مبارڪ جي نقش جا نفعا ۽ خواص صحيح تجربہ سان ثابت آهن ۽ ان جو احترام ۽ عزت ايتري ڪئي وئي آهي جيتري اصل جي آهي. صحيح بخاري جهڙي اهم ڪتاب جي شارح علامہ احمد بن محمد القسطلاني رحمه الله سيرت جي لکيل پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "المواهب اللدنيه بالمنح المحمدية" ۾ لکيو آهي تہ: ابو اليمن ابن عساڪر حضور ڪريم ﷺ جن جي جتي مبارڪ جي نقش جو هڪ ننڍي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي جنهن کي مون پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان روايت ڪيو آهي ۽ اهڙي طرح ان موضوع تي ابو اسحاق ابراهيم بن محمد بن خلف المسلمي المشهور بابن الحاج اندلسي هڪ جدا ڪتاب تاليف ڪيو

آهي ۽ اهڙيءَ طرح بين الخ. ۽ نقش پاڪ جي بعض فضيلتن مان ۽ ان جي نفعي ۽ برڪت جي تجربي مان اهو بہ آهي جيڪو ابو جعفر احمد بن عبدالمجيد (جيڪو صالح بزرگ هو) ذڪر ڪيو آهي تہ "مون اهو نقش پاڪ بعض طالبن کي ڏنو پوءِ اهو طالب هڪ ڏينهن مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ مون رات هن نقش پاڪ جي عجيب برڪت ڏٺي آهي منهنجي گهرواريءَ کي اهڙو سخت سور پيو جو مرڻ کي ويجهي ٿي وئي پوءِ مون جتي مبارڪ جو نقش سور جي جاءِ تي رکي دعا گهري تہ يا الله ﷻ! مون کي جتي مبارڪ جي پائڻ واري صاحب جي برڪت ڏيکار تہ الله ﷻ ان کي ان ئي وقت شفا عطا فرمائي ۽ هن جي برڪت مان هي بہ آهي تہ: جنهن اهو (نقش مبارڪ) ان مان برڪت وٺڻ لاءِ پاڻ وٽ رکيو تہ اهو بغاوت ڪندڙن جي بغاوت دشمنن جي غلبي ۽ هر سرڪش شيطان ۽ حسد ڪندڙ اک کان امن ۾ هوندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن حامله عورت کي ٻار ڄڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي تہ اها اهو نقش مبارڪ هٿ ۾ جهلي تہ الله ﷻ جي عنايت ۽ قوت سان ان جي لاءِ آساني ٿيندي هن ڪان پوءِ علامہ قسطلاني رحمه الله ابنِ عساکر جا عربي شعر آندا آهن جن مان ڪجهہ شعرن جو هي ترجمو آهي تہ: حضور ڪريم ﷺ جي نشانن کي چُمڻ ۽ چَٽڻ انهن کي دل سان لڳاءِ. اهي پنهنجي ڳلن تي لڳاءِ. هڪڙو هي شعر بہ آهي:

يَا شِبهَ نَعْلِ الْمُصْطَفٰى رُوْحِى الْفِدَآء
لِمَحَلِّكَ الْاَسْنٰى الشَّرِيْفِ الْعَالِ

يعني اي مصطفيٰ (ﷺ) جي (پاڪ) جُتيءَ جا مثال (نقش) منهنجو روح تنهنجي بلند، مٿاهين ۽ شريف مقام تان قربان آهي.

هن مان نعلين پاڪ جي نقش جي علماء جي دل ۾ اهميت ۽ وقار واضح آهي. هڪ هي شعر بہ آندو اٿس:

"مِثَالُ لِنَعْلَىْ مَنْ اُحِبَّ هَوَيْتُهُ
فَهَا اَنَا فِيْ يَوْمِيْ وَلَيْلِى اُلَاثِمُهُ"

يعني ان ذات پاڪ (ﷺ) جي جتي پاڪ جو مثال (نقش) جنهن سان مان محبت رکان ٿو. (مان چاهيان ٿو) پوءِ خبردار مان ان کي پنهنجي ڏينهن ۽ رات ۾ چمان. چٽيان ٿو. حضرت قسطلاني آخر ۾ اسلامي دنيا جي مشهور قاري، علم تجويد جي ماهر، فقيہ، محدث، ضابط، نحو جي ماهر، اديب، ڪاتب. دين ۾ مضبوط، پرهيزگاريءَ ۾ سچي، دنيا کان منهن موڙيندڙ جنهن پنهنجي شهر ۾ قراءت ۽ فقہ جا درس ڏنا سن ڇهہ سؤ ٻاونجاهہ ۾ وفات ڪئي. (سندس ولادت سن 607 هہ ۾ ٿي هئي (شرح الزرقاني علي المواهب ج 5 ص 50 ڇاپو دارالمعرفہ بيروت)

علامہ ابي بڪرر احمد بن الامام ابي محمد عبدالله بن الحسين القرطبي جا شعر آندا آهن جن مان هي بہ آهن:

وَنَعْلُ خَفَعْنَا هَيْبَةً لِبَهَائِهَا
وَاَنَّا مَتٰى نَخْضَعُ لَهَا اَبَدًا نَعْلُوْا

(يعني :اها جُتي مبارڪ جنهن جي عزت جي ڪري اسين ان جي اڳيان هيٺاهين ڪيون ٿا ۽ اسان جنهن وقت بہ ان جي لاءِ هيٺاهين ڪنداسون تہ هميشہ بلند ٿيندا رهنداسون.)

هڪ شعر هي بہ آهي :

شِـــفَاءُ لِذِیْ سُقمٍ رَجَاءُ لِبَائِسٍ
اَمَانٌ لِذِیْ خَوْفٍ كَذَا يُحْسَبُ الْفَضْلُ

يعني بيمار جي لاءِ شفا مايوس لاءِ اميد, خوف واري جي لاءِ امن جو باعث آهي اهڙي طرح ٿئي فضيلت حساب ڪئي ويندي آهي. (المواهب اللدنيہ للقسطلاني ص 466, 470 ڇاپو المكتب الاسلامي بيروت)

مذڪور علامہ جو وڏيڪ تعارف: علامہ ابي بڪر احمد بن الامام ابي محمد عبدالله بن الحسين القرطبي گهڻو روئندڙ, مرڪڻ کان سواءِ ٿهڪ ڏئي نہ کلندڙ روڪڻ کان پوءِ وري روئندڙ الله ﷻ کان مغفرت گهرندڙ, ڪاڏي ۽ لباس ۾ وچٿرائي ڪندڙ حديث پڙهائيندڙ عربي ادب پڙهائيندڙ انهن جي طرفان تائيد ڪيل مصر ۾ حج جي سفر دوران بيمار ٿي پيو سڄي مصر ۾ سندس ذڪر خير جو آواز بلند ٿي ويو. بادشاهہ ڪيس زيارت لاءِ طلب ڪيو تہ انڪار ڪيائين جڏهن ان ڪيس گهڻو ستايو ۽ عرض ڪيا. تڏهن ملڻ جي موڪل ڏنائيس ان قيمتي انعام پيش ڪيو تہ قبول نہ ڪيائين ۽ وفات ڪيائين تہ جنازه نماز ۾ بادشاهہ سان گڏ ڪٿڻ کان متي ماڻهون شامل ٿيا هئا.

ديوبندي مڪتبہ فڪر جي وڏي عالم, علامہ اشرف علي ٿانوي جو ننڍڙو مقالو جيڪو درودن تي سندس لکيل ننڍڙي ڪتاب زاد السعيد (مطبوعہ مڪتبہ ٿانوي دفتر الابقاء مسافر خانہ بندر روڊ ڪراچي) جي آخر ۾ "نيل الشفا بنعل المصطفيٰ" (ﷺ) جي نالي سان شايع ٿيو. ان ۾ لکيو اٿس تہ هي ناچيز اشرف علي عرض ٿو ڪري تہ هنن ڏينهن ۾ اسان ماڻهن جي گهڻن گناهن جي ڪري صوري ۽ معنوي مصيبتن جو جيڪو هجوم آهي اهو ظاهر آهي ان جو علاج اصلاح اعمال توبهہ ۽ استغفار کان سواءِ ڪجهہ ناهي پر ان هوندي بہ اسان ماڻهن جي قلب ۽ زبان جي جيڪا ڪيفيت آهي اها معلوم آهي ها جيڪڏهن ڪو وسيلو قوي آهي تہ ان جي برڪت سان قلب جو حضور ميسر ٿي سگهي ٿو ۽ قبول ٿيڻ جي اميد بہ قريب آهي انهن وسيلن مان بزرگانِ دين جي تجربي سان حضور ڪريم ﷺ جي جُتي مبارڪ جو نقش نهايت قوي البرڪت ۽ سريع الاثر ثابت ٿيو آهي ان جي ڪري اسلامي خيرخواهي ان جو باعث ٿي تہ سندن نعل پاڪ جي تصوير (نقش) گهٽي کان گهٽي (امام زين العابدين عراقي محدث عراقي جي حسب روايت) مسلمانن جي لاءِ مهيا ڪئي وڃي تہ پاڻ وٽ رکي برڪتون حاصل ڪن ۽ ان جي توسل سان پنهنجون حاجتون ۽ معروضات الله ﷻ جي دربار ۾ قبول ڪرائن هن نقش مبارڪ جي آثار, خواص ۽ فضائل کي ڪير ٿو شمار ڪري سگهي. پر هن مقام تي نهايت اختصار سان محدثين ۽ محققين علماء جي معتبر ڪتابن مان ڪجهہ برڪتون ۽ ڪجهہ ابيات شوق ۽ ذوق تي مشتمل نقل ڪيا وڃن ٿا. جو انهن جي پڙهڻ سان حضور ﷺ جي ذات سان عشق ۽ محبت پيدا ٿئي ۽ محبت جي غلبي سبب تڪليف کان سواءِ سندن اتباع نصيب ٿئي جيڪو اصل مقصود ۽ دنياوي ۽ اخروي نجات جو سرمايو آهي.

وسيلي وٺڻ جو طريقو

بهتر هي آهي تہ رات جي پوئين حصي ۾ اٿي وضو ڪري جيتريقدر ٿي سگهي تهجد پڙهي. ان کان پوءِ يارهن ڀيرا درود شريف يارهن ڀيرا ڪلمہ طيبہ ۽ يارهن ڀيرا استغفار پڙهي. هن نقش کي با ادب پنهنجي مٿي تي رکي ۽ پوري زاريءَ سان باري تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري تہ اي منهنجا الله ! مون جنهن پاڪ پيغمبر ﷺ جي جُتي پاڪ جو نقش پنهنجي مٿي تي رکيو آهي ان جو ادنيٰ درجي جو غلام آهيان. يا الله ! ان غلاميءَ جي نسبت تي نظر ڪرڻ فرماءِ (پر اها حاجت شريعت جي خلاف نہ هجي) ان کان پوءِ ان نقش پاڪ کي مٿي تان لاهي پنهنجي منهن تي ملي ۽ ان کي محبت سان چمي ۽ نبي پاڪ ﷺ جي عشق ۽ محبت ۾ ڪين ياد ڪري ذوق ۽ شوق وارا شعر پڙهي انشاءَ الله جل جلاله عجيب ڪيفيت لهندو.

جتي پاڪ جي نقش جا ڪجهہ آثار ۽ خواص

علامہ محدث تلمساني رحمۃ الله عليہ ڪتاب "فتح المتعال في مدح خير النعال" ۾ فرمايو تہ هن نقش مبارڪ جا نفعا اهڙا ڪليل آهن جو بيان جي ضرورت ئي ناهي. (پوءِ ان مواهب لدنيه وارا مذڪور واقعا لکيا آهن) اڳتي لکي ٿو تہ " شيخ ابن حبيب النبي ﷺ بيان ڪيو آهي تہ ڪيس بدن ۾ هڪ اهڙو ڳوڙهو نڪتو جيڪو ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو ان ۾ نهايت سخت درد هو. ڪنهن طبيب جي سمجهہ ۾ ان جي دوا نہ آئي. پوءِ ان هي جُتي مبارڪ جو نقش ان درد واري جاءِ تي رکيو تہ ڪيس هڪدم اهڙو سڪون ٿيو جو ڄڻ سور ٿيو ئي ڪونہ هيس. هڪ اثر خود ڪتاب "فتح المتعال" جي صاحب جو مشاهدو ڪيل هو. بيان ڪري ٿو تہ : هڪ ڀيري ڪاري سمنڊ ۾ سفر جو اتفاق ٿيو ۽ ان ۾ هڪ ڀيرو اهڙي حالت ٿي جو سڀئي هلاڪت جي قريب ٿي وياسين ۽ ڪنهن کي بہ بچڻ جي اميد نہ رهي. مون هي نقشو ٻيڙي هلائيندڙ ملاح ڏانهن موڪليو تہ هن سان وسيلو وٺو. (ان وسيلو ورتو تہ) ان وقت الله جل جلاله مهرباني ڪري انهن سڀني کي بچايو.

علامہ محمد الجزري رحمۃ الله عليہ کان منقول آهي تہ : جيڪو شخص هن نقش پاڪ کي پاڻ وٽ رکندو خلقِ خدا ۾ مقبول ٿيندو ۽ پيغمبر ڪريم ﷺ جي زيارت سان خواب ۾ مشرف ٿيندو ۽ هي نقش مبارڪ جنهن لشڪر ۾ هوندو اهو شڪست نہ کائيندو ۽ هي جنهن قافلي ۾ هوندو اهو لٽ مار کان محفوظ رهندو. جنهن سامان ۾ هوندو ان تي چورن جو هٿ نہ پهچندو. جنهن ٻيڙيءَ ۾ هوندو اها غرق ٿيڻ کان بچيل رهندي ۽ جنهن حاجت جي حصول جي لاءِ هن جي وسيلي سان عرض ڪيو ويندو اها پوري ٿيندي.

علامہ ٿانوي لکيو آهي تہ : هي سمورو مضمون ڪتاب " القول السديد في ثبوت الاستبراك بنعل سيد الاحرار والعبيد" تان نقل ڪيا ويا آهن ۽ ڪتاب "المرتجيٰ بالقبول في خدمة قدم الرسول" (ﷺ) ۾ محقق ۽ معتبر علماء کان گهڻا آثار، خواص ۽ حڪايات نقل ڪيل آهن. جنهن کي شوق هجي ڏسي وٺي. هاڻي ڪجهہ شوقيہ اشعار ترجمي سان گڏ لکيا وڃن ٿا تانتہ انهن کي پڙهندڙ ۽ سمجهندڙ جي شوق ۽ محبت ۾ اضافو ٿئي. الامام ابو الخير محمد بن محمد الجزري رحمۃ الله عليہ فرمايو :

''يَـــا طَالِبًا تِمْثَالَ نَعْلِ نَبِيِّهٖ
هَا قَدْ وَجَدْتَّ اِلَى اللِّقَاءِ سَبِيْلًا''

(اي پنهنجي نبي (ﷺ) جي جتي جي نقش جي طلب ڪندڙ خبردار ٿي. تحقيق تو (ان جي) ديدار جو رستو لڌو آ.)

''فَاجْعَلْهُ فَوْقَ الرَّاسِ وَاخْفَعَنَّ لَهٗ
وَتَغَالَ فِيْهِ وَوَالِهِ التَّقْبِيْلَا''.

(پوءِ ان کي مٿي جي مٿان رک ۽ ان جي لاءِ هيٺانهين ڪر ۽ ان ۾ مبالغو ڪر ۽ ان کي لاڳيتو چمڻ (جي سعادت حاصل ڪر)

مَنْ يَّدَّعِي الْحُبَّ الصَّحِيْحَ فَاِنَّهٗ
يُثْبِتُ عَلٰى مَايَدَّعِيْهِ دَلِيْلًا

(جيڪو صحيح محبت جي دعويٰ ڪري ٿو اهو ان دعويٰ تي دليل پيش ڪندو آهي.)

سيد محمد الحجازي الحسيني المالڪي رحمه الله فرمايو:

''لَمَّا رَاَيْتُ مِثَالَ نَعْلِ الْمُصْطَفٰى
الْمُسْنَدِ الْوَضْعِ الصَّحِيْحِ مُعَرَّفًا''

(جڏهن مصطفيٰ (ﷺ) جي جُتي (پاڪ) جو نقش ڏٺم جو صحيح سند سان ان جي رکڻ جي تعريف ڪيل آهي.

''فَمَسَحْتُ وَجْهِي بِالْمِثَالِ تَبَرُّكًا
فَشُفِيْتُ مِنْ وَّقْتِي وَكُنْتُ عَلَى الشِّفَا''

(پوءِ مون اهو نقش (مبارڪ) برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ منهن کي لڳائي مهٽيو تہ اتي جو اتي تندرست ٿي ويس ۽ شفا جو صاحب بڻيس.

وَظَفَرْتُ بِالْمَطْلُوْبِ مِن بَرَكَاتِهٖ
وَوَجدتُّ فِيْهِ مَا اُرِيْدُهٗ مِنَ الصَّفَا

(۽ ان جي برڪت سان مان مطلب حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس ۽ ان مان جنهن صفائي حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو هوم اها لڌيم)

فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "تحفہ رسوليہ" جي مصنف فرمايو:

"هرکہ بقرطاس مثالش کشد .... تاج وش آنرا بسر خودنهد"


(جيڪو ان جتي مبارڪ جو ڪاغذ تي نقش ٺاهي ان کي تاج وانگر پنهنجي مٿي تي رکي)

"فتح وظفر يا بدو گ دد عزيز ..... نور دل افزايدو عقل و تميز"

(فتح ۽ ڪاميابي لهي ۽ عزت وارو ٿئي، دل جو نور ۽ عقل ۽ سمجھ بہ وڌائي ٿو)

"آتش سوزنده نسوزد ورا..... سوزن سيلاب نہ دوزد ورا"

(نہ ان کي ساڙيندڙ باھہ ساڙيندي، ۽ نہ ان کي سيلاب جي سٽي سبندي)
”از همہ آفات سلامت بود ..... روز قيامت بکر امت بود“
(سيني آفتن کان سلامت هوندو.... قيامت جي ڏينهن عزت سان هوندو)
”وانکہ بخانہ نهدش باادب ..... غم رو داز خانہ آيد طرب“
(۽ اهو جوان کي ادب سان گهر ۾ رکندو، تہ گهر مان غم ويندو ۽ خوشي ايندي)
”هرکہ بہ بيند بہ دلش برنهد... شجره اميد ور ابرد هد“
(جيکو بہ ان کي ڏسي دل تي رکندو تہ ان جي اميد جو وڻ ان کي ميوو ڏيندو.)
”مي کشم اين جا بہ تبرک مثال ..... تاشود اين نسخه گرامي مقال“
(مان هن جاءِ تي ان جو نقش تبرک حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيان ٿو تانت هي عزت وارو نسخو پورو ٿئي)



ضروري گذارش

هن نقش مبارڪ کي ادب ۽ احتياط سان رکجي پر اهڙو غُلو نہ ڪجي جو ڪا ڳالهہ شريعت جي خلاف ٿي وڃي ۽ هن نقش کي برڪت ۽ محبت جو وسيلو سمجهيو وڃي، ائين نہ ٿئي جو دين جا سيئي احڪام ۽ خير جا اعمال ڇڏي صرف هن تي اڪتفا ڪئي وڃي. ”والسلام على من اتبع الهدىٰ“ (زاد السعيد ص 45، 50)

۽ هن ڪتاب ۾ نقش پاڪ آندل آهي ان جي مٿان ”هٰذَا مِثَالُ نِعَالِهِ صَلُّوا عَلَيْهِ وَآلِهِ“ لکيل آهي ۽ هڪ پاسي هي بيت لکيل آهي ”بمقا ميکه نشان کف پاء بود“ ۽ ٻئي پاسي ”سالها سجده صاحب نظران خواهد بود“ فارسي ۾ لکيل شعر آهي.

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي (مدارج النبوة ج 1 ص 810) ۾ ۽ الشيخ العالم العلامة المحدث يوسف بن اسماعيل النبهاني رحمہ اللہ بہ ائين لکيو آهي.. (وسائل الوصول الي شمائل الرسول ص 130 ڇاپو دار منهاج جده العربيہ السعودية)

باب ٻارهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي ذِكْرِ خَاتَمِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ انهن حديثن جو ذڪر آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي مُنڊيءَ جي باري ۾ آهن

سمجهاڻي: هن جي شرح ۾ علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ هن باب ۾ "ذکر" لفظ آندو ويو آهي. باقي بابن ۾ اهو لفظ نہ آندو ويو آهي تان تہ "خاتم النبوة" ۽ خاتم النبي ﷺ ۾ امتياز رهي، ۽ ڪتاب جو پڙهندڙ ڄاڻي تہ جنهن ۾ "ذکر" لفظ آيل آهي، اها نبي ڪريم ﷺ جي اها مُنڊي آهي جنهن سان مُهر هڻندا هئا ۽ جتي "ذکر" لفظ آيل نہ آهي اتي نبوت واري مُهر مراد آهي جيڪا سندن مڪن لڳل هئي. ابن عربي رحمه الله فرمايو تہ "مُهر امتن ۾ جاري رهندڙ عادت آهي ۽ اسلام ۾ قائم رهندڙ سنت آهي ۽ ابن جماعة رحمه الله وغيره فرمايو تہ "ماڻهو اڳين دور وارا ۽ پوئين دور وارا ڪنهن انڪار ڪرڻ کان سواءِ مهرواريون منڊيون رکندا هئا. ۽ مُنڊي پائڻ سان سنت ادا ٿي ويندي ڀلي اوڌاري هجي يا ڪرايي تي ورتل هجي ۽ اتباع جي لاءِ وڌيڪ موافق آهي تہ مُنڊي پنهنجي ملڪيت ۾ هجي. علامہ الزين العراقي فرمايو تہ "نبي پاڪ ﷺ جن جي مُنڊي مبارڪ جي صفت نقل ڪيل ناهي تہ ڪيئن هئي ، چؤڪنڊياري هئي يا ٽڪندي هئي يا گول هئي ۽ ماڻهن جو بہ ان ۾ عمل مختلف هو. ۽ "خاتم" ان کي چئبو آهي جنهن ۾ گول ڪڙي سان گڏ ٻڙو يا ٽِڪ بہ هجي. جيڪڏهن ان ۾ ٽڪ يا ٻڙو نہ هوندو تہ ان کي ڇلو سڏيو ويندو آهي. هن باب ۾ اَٺ حديثون آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 197)

{87} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ وَهْبٍ ، عَنْ يُونُسَ ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ خَاتَمُ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ وَرِقٍ ، وَكَانَ فَصُّهُ حَبَشِيًّا.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله جن جي مُنڊي مبارڪ چانديءَ جي ٺهيل هئي ۽ مُنڊيءَ جي ٽڪ حبش ملڪ جي هئي.

مفردات جو شرح: "خَاتَمُ النَّبِيِّ" ﷺ (نبي ﷺ جي مُنڊي) "وَرِقٍ" (را جي زير سان) چاندي "فَصٌّ" ٻڙو جنهن ۾ ان جي پائيندڙ يا غير جو نالو لکيو ويندو آهي. حضرت امام قسطلاني رحمه الله فرمايو تہ "فص" فا جي زير سان آهي پر عام ماڻهو ان کي فا جي زير سان پڙهندا آهن. "حَبَشِيًّا" حبش ڏانهن نسبت آهي ڇو تہ ان جي ڪاڻ اتي هئي.

سمجهاڻي: نبي ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن جي مُنڊي چانديءَ جي هئي. مرد جي لاءِ سون، لوهہ، پتل وغيره زيورن جي قسم جون شيون استعمال ڪرڻ منع آهي ها مُهر جي لاءِ چانديءَ جي مُنڊي جنهن جي تور ساڍن چئن ماسن کان گهٽ هجي ان شخص جي لاءِ جائز آهي جنهن کي مهر جي

ضرورت آهي ۽ ضرورت کان سواءِ ان وزن واري مُنڊي پائڻ مڪروهِ تنزيهي آهي يعني ان جي پائڻ کان بچڻ ۽ حنفي علماء جو منڊيءَ جي لاءِ قول آهي تہ ان مُنڊيءَ جي هيئت عورتن جي مُنڊي وانگر نہ هجي جيئن هڪ ٻڙي کان ان ۾ وڌيڪ ٻڙا نہ هجن جو اهو عورتن جي زينت آهي. ارشاد آهي تہ اها مُنڊي حبش جي هئي. مطلب تہ حبشي رنگ جي هئي يا حبش ملڪ کان آيل هئي. يا مراد آهي تہ اها مُنڊي ٺاهيندڙ حبشي هو. (انوارِ غوثيہ ص 129) حضرت علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ عقيق جي مُنڊي پائڻ متعلق جيڪي روايت ڪيو ويو تہ مسڪيني دور ٿو ڪري ۽ بلاشڪ اهو برڪت وارو آهي ۽ اها مُنڊي پائڻ وارو خير ۽ برڪت سان هوندو. اهي روايتون حديث جي حافظن وٽ غير ثابت آهن. ۽ ضعيف حديث ۾ آيو آهي تہ "ڦڪي رنگ جي ياقوت واري مُنڊي پائڻ وبا جي مرض کي دفع ڪري ٿي. ۽ علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ جنهن مُنڊيءَ جو ٻڙو زمرد جو سائي رنگ ڏانهن مائل هوندو آهي اها نظرِبد کي دفع ڪري ٿي ۽ اکين کي روشن ڪري ٿي. الزين العراقي رحمه الله فرمايو تہ مستحب آهي تہ جنهن شيءِ مان منڊي ٺهيل هجي ان جو اکرن لکڻ وارو حصو بہ ان مان هجي ٻئي ڪنهن مان نہ هجي ۽ ٻيءَ شيءِ مان هجڻ جي ڪراهت لاءِ غريب سندَ واري حديث آيل آهي جيئن علي بن زيد حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ان مُنڊي پائڻ کي پسند نہ فرمايو جنهن ۾ ٻڙو ڪنهن ٻي شيءِ جو هجي." (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 137، 138) علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ "مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن جو مُنڊي لاءِ چاندي کي اختيار ڪرڻ مان بعض شافعي علماء دليل ورتو آهي تہ "لوح يا ٽامي يا ڪُٽ وغيره مان ٺهيل مُنڊي وغيره پائڻ مڪروه آهي. علامہ نووي رحمه الله جو قول آهي تہ چانديءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن شيءِ لوهہ وغيره مان مُنڊي ٺهرائڻ مڪروه ناهي. جيئن بخاري ۽ مسلم جي روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "مُنڊي طلب ڪر ڀلي لوهہ جي ڇونہ هجي." ۽ جيڪڏهن اها مڪروهہ هجي ها تہ پاڻ اجازت نہ ڏين ها ۽ ابو داؤد جي روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن جي مُنڊي لوهہ جي هئي جنهن تي چاندي ويڙهيل هو." علامہ نووي رحمه الله فرمايو تہ لوهہ وغيره جي مُنڊي کان منع واري روايت ضعيف آهي ۽ حديث مان دليل ملي ٿو تہ منڊي مهر واري ٺهرائڻ سنت آهي ڀلي مهر هڻڻ جي ضرورت نہ بہ هجي ۽ حديث ۾ ان جي تور جي وزن جو ذڪر نہ هجڻ ان جي تور جي وزن کي مثقال وغيره جي وزن سان خاص ڪرڻ کان منع ٿو ڪري. حضرت علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ "پر مثقال جي وزن کان هڪ حسن حديث ۾ منع آيل آهي جنهن کي مسلم شريف جي شرح ۾ علامہ نووي رحمه الله ضعيف لکيو آهي پر ابنِ حبان رحمه الله وغيره ان جي تصحيح ڪئي آهي ۽ بعض علماء ان کي ورتو آهي ۽ مرد هڪ کان وڌيڪ مُنڊيون پائي سگهي ٿو پر ٻن کان گهٽيون پائڻ مڪروهہ آهن.

نبي پاڪ ﷺ جن جون منڊيون ڪيتريون هيون: ان ۾ علماء جو اختلاف آهي بيهقي جو قول آهي تہ ٻہ هيون. هڪ جو ٻڙو حبشي هو ۽ ٻيءَ جو ٻڙو جدا نہ هو. جنهن مان مُنڊي هئي ان مان ئي اهڙو حصو ٺهيل هو جنهن تي سندن اسم گرامي نقش ٿيل هو. حضرت علامہ ابن سيد الناس رحمه الله جو پڪو قول آهي تہ سيد المرسلين ﷺ جن سن 7 هجري ۾ مهر واري مُنڊي ٺهرائي هئي. ۽ ٻين بزرگن فرمايو تہ سن 6هہ ۾ ٺهرائي هيائون ۽ ان ۾ تطبيق هن طرح آهي پاڻ اهو ارادو ان وقت فرمايو هيائون. جڏهن

بادشاهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ خط موڪلڻ جو پروگرام ڪيو هيائون. ۽ اهو ذوالقعده مهيني سن 6 هه ۾ ڪري المحرم الحرام مهيني ۾ خط موڪليائون ۽ علامه ابن العربي رحمه الله فرمايو ته ان کان اڳي جيڪو خط موڪليندا هئا ان تي پنهنجي ننهن مبارڪ سان مُهر جو نشان لڳائيندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 198، 199) ۽ شمائل جي بعض شارحن لکيو آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن جي مُنڊي مبارڪ چانديءَ مان ٺهيل هئي جنهن جي ٽِڪَ لاءِ عقيق جو پٿر حبش مُلڪ مان گهرايل هو ان تي "مُحَمَّدُ رَسُولُ اللهِ" ﷺ جو نقش اڪريل هو سندن اها مُنڊي گهڻو ڪري "معيقيب" نالي ٻانهي جي سنڀال هيٺ رهنديَ هئي. پاڻ ڪريم ﷺ گهڻو ڪري اها نه پائيندا هئا. هڪ ڀيري نماز پڙهندي ڪين اها منڊي هٿ مبارڪ ۾ پاتل هئي ته پاڻ هٿ مان ڪڍي ڇڏيائون ۽ فرمايائون ته "نماز ۾ ان ڏانهن توجهه ٿي ويو." ساڳي طرح "منقش" چٽ ڪمري ڪپڙي جي لاءِ پڻ ائين فرمايو اٿن. سبحان الله دنيا ۽ ان جي اسباب کان ڪيتري پرهيز ڪندا هئا. (فضائل النبي ﷺ شرح الشمائل ص 55) الغرض ته چانديءَ جي منڊي جمهور وٽ جائز آهي. پر لوهه، پتل وغيره جي مُنڊي حنفيه حضرات وٽ ناجائز آهي حضور ڪريم ﷺ جن ابتداء ۾ مُنڊي نه ٺهرائي هئي مگر جڏهن ڪين عرض ڪيو ويو ته عجمي بادشاهه مُهر کان سواءِ خطن کي توجهه جي قابل نه ٿا سمجهن ۽ سندن پروگرام انهن ڏانهن اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ خطن موڪلڻ جو هو. تڏهن منڊي ٺهرايئون.

مُنڊي پائڻ جو حڪم: ان ۾ علماء جو اختلاف رهيو آهي. بعض علماء ان کي مطلق سنت چيو آهي ۽ بعض علماء غير بادشاهه ۽ غير قاضي لاءِ مڪروهه چيو آهي. حنفي علماء (ڪثرالله تعالي جمعهم و شڪرسعيهم) جي تحقيق شامي جي قول موافق هيءَ آهي ته بادشاهه، قاضي، متولي وغيره غرض ته جن کي مُهر جي ضرورت پوي ٿي انهن جي لاءِ ته سنت آهي ۽ انهن کان سواءِ ٻين لاءِ جائز آهي پر ڇڏڻ افضل آهي ۽ ان جو سبب ظاهر آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن به بادشاهن ڏانهن خطن موڪلڻ وقت ضرورت سمجهي پوءِ مُنڊي ٺهرائي هيائون. جيئن اڳتي روايت ۾ اچي رهيو آهي ۽ ابو داؤد شريف وغيره ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کان بادشاهه کان سواءِ ٻئي کي مُنڊي پائڻ کان ممانعت آئي آهي مگر جڏهن حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي اڳيان اڪثر صحابه ڪرام عليهم الرضوان کان مُنڊيون پائڻ ثابت آهن ۽ ٻين حديثن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کان اجازت به آهي ته ان جي ڪري ان ممانعت کي خلافِ اوليٰ هجڻ تي حمل ڪيو ويو آهي. (خصائل نبوي شرح شمائل ترمذي ص 66، 67)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البخاري في ڪتاب اللباس باب 47 رقم الحديث 5868 ج 10 ص 318 نحوه {2} ابو داؤد في ڪتاب الخاتم باب 1 ماجاء في اتخاذ الخاتم رقم الحديث 4216 ج 4 ص 88 {3} مسلم في ڪتاب اللباس باب 15 في خاتم الورق فصه حبشي. رقم الحديث 2094 ج 3 ص 1658 {4} النسائي في ڪتاب الزينة باب 45 صفة خاتم النبي ﷺ ج 8 ص 172، 173 {5} ابن ماجه في ڪتاب الزينة باب 39 نقش الخاتم رقم الحديث 3641 و فيه زيادة و نقشه "محمد رسول الله" {6} احمد في المسند ج 3 ص 209، 225 {7} البيهقي في سننه ج 4 ص 142.

{88} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو عَوَانَةَ، عَنْ أَبِي بِشْرٍ، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

اتَّخَذَ خَاتَمًا مِنْ فِضَّةٍ ، فَكَانَ يَخْتِمُ بِهِ وَلَا يَلْبَسُهُ قَالَ أَبُوعِيسٰى : أَبُوبِشْرٍ اسْمُهُ جَعْفَرُ بْنُ أَبِي وَحْشِيَّةَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن چانديءَ جي منڊي ٺهرائي، ان منڊيءَ سان مهر هڻندا هئا ۽ هٿ مبارڪ ۾ نہ پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "اتَّخَذَ" اي امر بصياغته اووجده مصوغا فاتخذه. يعني ان ٺهرائڻ جو امر ڪيائون يا ٺهيل ڏنائون پوءِ ورتائون . "كَانَ يَخْتِمُ بِهِ" ماضي استمراري جو صيغو آهي ان سان مُهر هڻندا هئا. "وَلاَ يَلْبَسُهُ" اظهر قول مطابق هي حال آهي يعني مُهر هڻڻ وقت نہ پائيندا هئا.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ بيان ٿيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن مُهر واري مُنڊيءَ سان مُهر هڻندا هئا. هٿ مبارڪ ۾ پائيندا نہ هئا. هن روايت ۽ پائڻ تي دلالت ڪندڙ روايتن ۾ تطبيق جو ذڪر ڪندي حضرت علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "منڊي مهر هڻڻ وقت نہ پائيندا هئا ۽ ان مهل نہ پائڻ ۾ شايد اهو راز هو تہ رياءُ ڏيکاءُ کان بچندي تواضع جو اظهار ٿئي. ڇوتہ مُهر هڻڻ مهل بہ ان جو پاتل هجڻ تڪبر ۽ غرور جو باعث ٿي سگهي ٿو ۽ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ "پاڻ هميشہ نہ پائيندا هئا ضرورت وقت استعمال ڪندا هئا. جيئن بعض حديثن ۾ اهو صراحت سان آيل آهي ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ هن عبارت مان مراد اهو بيان ڪرڻ آهي تہ اها مهر هڻڻ جي لاءِ ٺهرائي وئي هئي پائڻ جي لاءِ نہ . جيئن ان جي ٺهرائڻ جي سبب ۾ ٻڌايو ويو آهي ۽ پاڻ اها مُنڊي بيت الخلاء ڏانهن وڃڻ وقت لاهي رکندا هئا. سيد امير شاہ قادري گيلاني "شمائل" جي شارح لکيو آهي تہ : "حضور ڪريم ﷺ جي ذات گرامي امت جي لاءِ مڪمل نمونو آهن. مردن جي لاءِ مُنڊيون يا ان قسم جي ڪابہ شيءِ سون ۽ چانديءَ جي پائڻ تڪبر . رياء، رعونت ۽ فخر جو سبب آهن تنهن ڪري ان سبب کان بچڻ جي لاءِ انهن جي استعمال ڪرڻ کان منع فرمايائون. "شرح وقاية باب الكراهة " ۾ آهي تہ "مردن کي سون ۽ چانديءَ جو زيور پائڻ حرام آهي." ابو داؤد ۾ آهي تہ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جن ارشاد فرمايو تہ "نبي ڪريم ﷺ جن ساڄي هٿ ۾ سون ۽ کاٻي هٿ ۾ ريشم کڻي فرمايو تہ "منهنجي امت جي مردن تي هي ٻئي حرام آهن." علامہ محمد يوسف بن اسماعيل النبهاني المتوفي سن 1350 ھ لکيو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن وٽ هڪ شخص آيو ۽ ان جي هٿ ۾ ٽامي جي ٺهيل مُنڊي پاتل هئي تہ پاڻ ان کي فرمايائون "ڇا ٿيو آهي جو مون کي تو مان بُتن جي بوءِ اچي رهي آهي." (مشرڪ ٽامي مان بُت ٺاهيندا هئا) پوءِ ان اها اڇلائي ڇڏي اهو وري ٻيو ڀيرو آيو تہ ان جي هٿ ۾ لوهہ جي مُنڊي هئي. پاڻ ڏسي فرمايائون تہ "ڇا ٿيو آهي جو مان تو تي جهنم وارن جو لباس ڏسي رهيو آهيان ؟" پوءِ ان اها بہ اڇلائي ڇڏي ۽ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ ! ڇا مان مُنڊي ٺهرايان؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ "چانديءَ مان ۽ اها مثقال جي وزن تي نہ هجي." ان کان گهٽ هجي . (وسائل الوصول الي شمائل الرسول ﷺ ص 127، انوارِ غوثيه ص 130) مثقال اسلامي دينار جو وزن هو. (وسائل الوصول الي شمائل الرسول ﷺ ص 127، انوارِ غوثيه ص 130)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} النسائي في كتاب الزينة باب 79 طرح الخاتم وترك لبسہ ج 8 ص 195 {2} احمد في المسند ج 2 ص 68 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 114 {4} الطحاوي في شرح المعاني ج 4 ص 262 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3135 ج 12 ص 63، 92.

{89} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا حَفْصُ بْنُ عُمَرَبْنِ عُبَيْدٍ هُوَ الطَّنَافِسِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا زُهَيْرٌ أَبُو خَيْثَمَةَ ، عَنْ حُمَيْدٍ ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ : كَانَ خَاتَمُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ فِضَّةٍ فَصُّهُ مِنْهُ.

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي مُنڊي (مبارڪ) ۽ ان جي ٽِڪ ٻئي چانديءَ جون هيون.

مفردات جو شرح: "فَصّهِ" ان جي ٽڪ. "منه" هيءَ من تبعيض جي آهي ۽ "ہ" ضمير "الخاتم" ڏانهن وري ٿو.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ آيو تہ "ان جي ٽڪ بہ ان مان هئي. مقصد تہ ان جي ٽڪ ان کان جدا پٿر جي نہ هئي. ۽ ابو داؤد ۾ زهير جي هن سندَ سان آيو آهي تہ "مِن فِضَّةٍ کله" پوري جي پوري مُنڊي چانديءَ جي ٺهيل هئي. علماء اعلام جو اهو بہ قول آهي تہ رسول الله ﷺ جون بہ مُنڊيون هيون . هڪ حبشي ٽِڪ واري جنهن تي سندن اسم مبارڪ چٽيل ۽ لکيل هو ان کان مُهر جو ڪم وٺندا هئا. ٻي خالص چانديءَ جي هئي پاڻ اها بہ ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪندا هئا. جنهن مُنڊيءَ ۾ حبشي ٽڪ هئي ۽ ان تي محبوب ڪريم ﷺ جن جو اسم مبارڪ لکيل هو. ابو داؤد ۽ نسائي معيقيب جي روايت آندي آهي تہ ان جي حفاظت اهو ڪندو هو ۽ ان جو شاهد ابن سعد بہ مرسل روايتون آنديون آهن. هڪ مڪحول کان ٻي ابراهيم نخعي کان ۽ ٽين روايت سندَ سان خالد بن سعيد جي ڀاءَ عمرو بن سعيد کان آندي اٿس ان جا الفاظ هي آهن تہ عمرو بن سعيد بن العاص جڏهن حبش کان آيو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ ان جي هٿ ۾ اها مُنڊي هئي، پاڻ ڏسي ان کان پڇيائون تہ اي عمرو! هيءَ مُنڊي ڪهڙي آهي؟ جيڪا تنهنجي هٿ ۾ آهي؟" عرض ڪيائين تہ هي مُنڊي آهي. پاڻ فرمايائون تہ "ان تي لکيل ڇا آهي؟" عرض ڪيائين " مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ " پوءِ پاڻ اها ان کان ورتائون ۽ اها سندن هٿ ۾ رهي تان جو دنيا تان (ظاهري) رحلت فرمايائون. پوءِ اها (حضرت) ابو بڪر رضي الله عنه جي هٿ ۾ رهي. تان جو ان وفات ڪئي پوءِ اها حضرت عمر رضي الله عنه جي هٿ ۾ رهي تان جو اهو شهيد ڪيو ويو پوءِ اها حضرت عثمان رضي الله عنه جي هٿ ۾ رهي پوءِ ان جڏهن مدينہ منوره وارن جي لاءِ اريس کوهہ تي کوٽايو ۽ پاڻ ان جي ڪناري تي وينو هو (اها مُنڊي مبارڪ ڪڏهن لاهيندو هو ڪڏهن پائيندو ان جي ڪري ڪشادي تي وئي هئي) تہ اها سندس هٿ مبارڪ مان ان ۾ ڪري پئي. گهڻي ڳولا ڪيائون پر نہ لڌي احتمال آهي تہ اها ئي ٽڪ واري حبشي مُنڊي هئي جنهن تي "مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" ﷺ لکيل هو ۽ اها ئي لوهہ مان ٺهيل مُنڊي هئي جنهن جي مٿان چاندي ويڙهيل هو ۽ ان سان ئي حضور ڪريم ﷺ جن مُهر هڻندا هئا ۽ پر جيڪا چانديءَ مان ٺهيل هئي ۽ ان جي ٽڪ بہ ان مان هئي ان جي ٺاهڻ جو پاڻ حڪم فرمايو هيائون. جيئن دار قطني الافراد ۾ يعلي بن مره کان روايت آندي آهي تہ "مون رسول الله ﷺ جي لاءِ مُنڊي ٺاهي هئي ان ۾ مون سان ٻيو ڪوبہ شريڪ نہ هو ان ۾ محمد رسول الله" ﷺ لکيو هوم. ۽ اها خالد يا عمرو کان مُنڊي وٺڻ کان پهريان ٺهي هئي. (جمع الوسائل ج 1 ص 140) ۽ هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ "رسول الله ﷺ جن پنهنجي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پاتي ۽ پاڻ نماز تي پڙهيائون تہ قعده (التحيات پڙهڻ وقت) ۾ سندن نظر ان تي پئي ان وقت سندن هٿ مبارڪ سندن ران مبارڪ تي رکيل هئا. (نماز پوري ڪري) پوءِ اها لاهي ڇڏيائون وري نہ پاتائون" (انوارِ غوثيہ ص 131) ۽ هڪ مُنڊي حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ ٺهرائي هئي پوءِ اها هڪ خادم کي عنايت ڪئي هيائون. (خصائل نبوي ص 68)

هيءَ حديث ڀين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الخاتم باب 1 ماجاء في اتخاذ الخاتم رقم الحديث 4217 ج 4 ص 88 {2} النسائي في كتاب الزينة باب 45 صفة خاتم النبي ﷺ ج 8 ص 174 {3} احمد في المسند ج 3 ص 266 {4} الطحاوي في شرح المعاني ج 4 ص 262 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 114 {6} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 472 {7} البغوي في الشمائل رقم الحديث 805 ج 2 ص 541 {8} وفي شرح السنة رقم الحديث 3139 ج 12 ص 65.

{90} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاذُ بْنُ هِشَامٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: لَمَّا أَرَادَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ يَكْتُبَ إِلَى الْعَجَمِ قِيلَ لَهُ: إِنَّ الْعَجَمَ لَا يَقْبَلُونَ إِلَّا كِتَابًا عَلَيْهِ خَاتَمٌ، فَاصْطَنَعَ خَاتَمًا فَكَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَى بَيَاضِهِ فِي كَفِّهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن عجمي بادشاهن ڏانهن خطن لکڻ جو ارادو فرمايو تہ ماڻهن کين عرض ڪيو تہ عجم وارا بادشاهہ مُهر کان سواءِ ڪو خط قبول نہ ڪندا آهن. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ مُندي ٺهرائي. (راوي چوي ٿو) ڄڻ تہ آءُ ان مُنديءَ (مبارڪ) جي چمڪ ۽ اڇاڻ جي جهلڪ سندن هٿ مبارڪ ۾ هينئر بہ ڏسي رهيو آهيان.

مفردات جو شرح: "أَرَادَ" ارادو فرمايائون. "أَنْ يَكْتُبَ" خط لکن. "اَلْعَجَمِ" مان مراد انهن جا بادشاهہ ۽ وڏا اڳواڻ آهن. "كِتَابًا "خط ."عَلَيْهِ خَاتَمٌ" جنهن تي مُهر لڳل آهي خاتم (تا جي زبر ۽ زير ٻنهي سان آيل آهي) "فَاصْطَنَعَ" پوءِ ٺهرايائون.

سمجهاڻي: جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن حديبيہ کان واپس ٿيا ۽ عجم جي بادشاهن ۽ رئيسن ڏانهن اسلام جي دعوت جا خط لکرائڻ جو ارادو فرمايائون تہ کين عرض ڪيو ويو تہ اهي مُهر کان سواءِ خط کي اهميت نہ ٿا ڏين ۽ سندن مُهر واري مُندي تيار ڪرائي وئي. صحابي ﷺ فرمايو تہ ان مُندي پائڻ جي ڪيفيت مون کي ايتري ذهن نشين آهي جو مان ڄڻ سندن هٿ مبارڪ جي تري واري چمڪ هينئر بہ ڏسي رهيو آهيان. هي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي محبت ۽ پنهنجي آقا ﷺ سان پيار جو ثبوت آهي جو هر وقت سندن هر انداز ذهن ۾ رکندا هئا ۽ هن حديث مان خطن جي ذريعي پيغام موڪلڻ جو ثبوت ۽ جواز ملي ٿو ۽ الله ﷻ پنهنجي ٻانهن ۾ اهو طريقو جاري رکيو آهي ۽ ان مان پهريون فائدو وٺندڙ حضرت سليمان (على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) هو جو بلقيس ڏانهن هد هد جي ذريعي خط موڪليو هيائين. ۽ هن حديث مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ (جائز حد ۽ وسعت اندر) ماڻهن سان اهڙو رويو هلجي جيڪو اهي پسند ڪن ۽ اهڙو نہ رکجي جنهن مان اهي نفرت ڪن. (المواهب شرح الشمائل ص 201)

هيءَ حديث ڀين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب اللباس باب 13 في اتخاذ النبي ﷺ خاتما رقم الحديث 2092 حديث الكتاب 57 ج 3 ص 1657 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3132 ج 12 ص 60، 61. {3} البخاري في كتاب العلم باب ما يذكر في المناولة رقم الحديث 65 ج 1 ص 155. {4} النسائي في كتاب الزينة باب 45 صفة خاتم النبي ﷺ ج 8 ص 174 {5} احمد في المسند ج 3 ص 169 {6} الطحاوي في شرح المعاني ج 4 ص 264 {7} ابو داؤد في كتاب الخاتم باب 1 ماجاء في اتخاذ الخاتم رقم الحديث 4214، 4215. ج 4 ص 88

{91} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَحْيٰى قَالَ : حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ الْأَنْصَارِيّ قَالَ : حَدَّثَنِي أَبِي ، عَنْ ثُمَامَةَ ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ : كَانَ نَقْشُ خَاتَمِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُحَمَّدٌ سَطْرٌ ، وَرَسُولٌ سَطْرٌ ، وَاللهِ سَطْرٌ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي مُنڊي مبارڪ جو نقش ٽن سٽن ۾ هو. هڪ سٽ ۾ محمد، ٻي سٽ ۾ رسول ۽ ٽين سِٽ ۾ الله لکيل هو. يعني "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ."

مفردات جو شرح: "كَانَ " هو. هن لفظ جي خبر محذوف آهي. اي ثلاثة اسطر. ٽي سٽون. "نَقْشُ" چٽ. ٽپو هڻڻ کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ اکر. "سَطْرٌ" هڪ سِٽ. تنوين کان سواءِ. **علي سبيل الحكاية**. تنوين بہ جائز آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي مُهر مبارڪ واري مُنڊي جي مٿان نقش ٿيل "مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ " ﷺ جو نمونو بيان ڪيل آهي. علامہ بيجوري ﷫ لکيو آهي تہ مُنڊين تي لکت جو مقصد يا ٽپو هڻڻ آهي يا غير. جيڪڏهن ان ٽپو هڻڻ کان سواءِ صرف سونهن پيدا ڪرڻ جو غرض آهي تہ بہ جائز آهي بشرطيڪ ان کي ناجائز بڻائيندڙ ڪا شيءِ شامل نہ ڪئي وڃي جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي تصوير وغيره ۽ جيڪڏهن لکت آهي پوءِ ڪڏهن اهڙا حڪمت ڀريا الفاظ لکيا ويندا آهن جن سان موت ياد اچي ۽ الله ﷻ جو خوف پيدا ٿئي. جيئن روايت ۾ آهي تہ "حضرت عمر ﷛ جي مُهر جو نقش "كَفٰى بِالْموات وَاعِظًا" هو ۽ ڪڏهن مُنڊيءَ جي صاحب جو نالو لکيو ويندو آهي جيئن هن حديث ۾ آيو آهي ۽ حضرت علي ﷛ جي مُهر واري مُنڊيءَ تي لکيل هو "لِلّٰهِ الْمُلْكُ" ۽ حضرت حذيفہ ۽ ابن الجراح ﷛ جي منڊين تي لکيل هو"اَلْحَمْدُ لِلّٰه" ۽ حضرت امام محمد باقر ﷛ جي مُنڊيءَ تي لکيل هو. "اَلْعِزَّةُ لِلّٰه" ۽ ابراهيم النخعي ﷫ جي مُنڊيءَ تي لکيل هو. "اَلثِّقَةُ بِالله" ۽ مسروق ﷫ جي مُنڊيءَ تي لکيل هو"**بِسمِ الله**" ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "حضرت آدم عليہ السلام مُنڊي نهرائي هئي ۽ ان ۾ لکيو هيائين "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" ۽ نوادر الاصول ۾ آهي تہ موسيٰ عليہ السلام جي مُنڊيءَ جو نقش "لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ" هو ۽ معجم طبرانيءَ ۾ مرفوعًا روايت آهي تہ "حضرت سليمان بن داؤد (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي مُنڊيءَ جي ٽڪ آسمان کان لاٿي وئي هئي پاڻ اها وٺي پنهنجي منڊيءَ ۾ هڻائي هيائين. ان جو نقش " اَنَا اللهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنَا مُحَمَّدٌ عَبْدِیْ وَرَسُوْلِیْ" هو. مذڪور روايت ۾ آهي تہ "مُحَمَّدٌ" هڪ سٽ هو ۽ "رَسُوْلُ" ٻي سٽ هو ۽ "اللهِ" ٽين سٽ هو.

ضروري وضاحت : علماء جو هن ڳالهہ ۾ اختلاف رهيو آهي تہ سرورِ ڪائنات ﷺ جي مُهر ۾ مٿين مذڪور لفظن جي لکت ڪيئن هئي؟ هڪڙن لکيو آهي تہ هيٺان سيدنا رسول الله ﷺ جن جو اسم گرامي محمد (ﷺ) لکيل هو ۽ ان جي مٿان "رسول" لفظ لکيل هو ۽ ان جي مٿان "الله" اسم ذات لکيل هو. هن طرح ۽ ان طريقي سان مُهر نهرائڻ ۾ الله اسم ذات جو ادب ملحوظ هو. (فضائل النبي ﷺ ص 56)

۽ علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ "محمد" جو لفظ هيٺان، ان جي مٿان "رسول" جو لفظ ان جي مٿان "الله" اسم ذات لکڻ جي ڪابہ صراحت روايتن ۾ آيل ناهي بلڪ محدث اسماعيليءَ جي روايت ان جي خلاف آهي ڇوتہ ان روايت ۾ آهي تہ " محمد" هڪ سٽ ۽ "رسول" ٻي سٽ ۽ "الله" ٽي سٽ هئي. محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ "محقق علماء وٽ صحيح قول هي آهي ڇوتہ ڪنهن بہ حديث ۾ ٻهرين ترتيب آيل ناهي. (خصائل نبوي ص 69) ۽ علامہ ابراهيم البيجوري ﷫ لکيو آهي تہ

بخاري جي راويت مان بہ اهو ظاهر آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 202، جمع الوسائل ج 1 ص 142) ۽ ابن ڪثير جي تاريخ ۾ آهي تہ "مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" سڌو لکيل هو جيئن قرآن ڪريم ۾ لکيل آهي ۽ ان سان مُهر بہ سڌي سنئين هنئي ويندي هئي. ۽ هيءَ روايت مرسل سندَ سان ابن سعيد ۽ ابن سيرين رحمهما الله ڪان آندي آهي. ان ۾ "بِسْمِ اللهِ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" (ﷺ) لکيل هو. (شرح المناوي علىٰ حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 142)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في كتاب اللباس باب 55 هل يجعل نقش الخاتم ثلاثة اسطر رقم الحديث 5878 ج 10 ص 328 بنحوه** {2} **الطحاوي في شرح المعاني ج 4 ص 264** {3} **ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 476، 477** {4} **البغوي في الشمائل رقم الحديث 808 ج 2 ص 542** {5} **شرح السنة رقم الحديث 3136 ج 12 ص 64.**

{92} حَدَّثَنَا نَصْرُ بْنُ عَلِيٍّ الْجَهْضَمِيُّ أَبُوعَمْرٍو قَالَ: حَدَّثَنَا نُوحُ بْنُ قَيْسٍ، عَنْ خَالِدِ بْنِ قَيْسٍ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَتَبَ إِلَى كِسْرَىٰ وَقَيْصَرَ وَالنَّجَاشِيِّ، فَقِيلَ لَهُ: إِنَّهُمْ لَا يَقْبَلُونَ كِتَابًا إِلَّا بِخَاتَمٍ فَصَاغَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَاتَمًا حَلْقَتُهُ فِضَّةٌ، وَنُقِشَ فِيهِ: مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪسريٰ (فارس، ايران جي بادشاهہ خسرو پرويز) قيصر (روم جي بادشاه) ۽ نجاشي (حبش جي بادشاهہ) کي اسلام جي دعوت جي پيغام جا خط مبارڪ لکيا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ اهي (عجمي بادشاهہ) مُهر کان سواءِ خط قبول نہ ڪندا آهن. ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ مُنڊي ٺهرائي جنهن جو ڇلو چانديءَ جو هو. ان ۾ "محمد رسول الله" اُڪريل هو.

مفردات جو شرح: "صَاغَ" هن جي مصدر "صَوغَ" آهي. هن جي معنيٰ آهي ٺاهڻ. هضم ٿي وڃڻ. زمين ۾ جذب ٿيڻ. "حَلَقَتُهُ" لام جي زبر سان. ڪڏهن لام کي جزم بہ پڙهي ويندي آهي. ڪڙو. "نُقِشَ" صحيح نسخن مطابق مجهول جو صيغو پڙهيو ويندو ۽ صحيح بخاري جي روايت ۾ معلوم جو صيغو پڙهيو ويو آهي. مراد آهي تہ رسول الله ﷺ جن ان ۾ لکڻ جو امر ڪيو هو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي انهن مبارڪ خطن تي مُهر هڻڻ جو بيان آهي جيڪي پاڻ ان دور جي بادشاهن ڏانهن لکيا هيائون. هڪ ڪسريٰ (ڪاف جي زير سان) هي فارس (موجوده ايران) جي هر بادشاهہ جو لقب هو. (اصل ۾ "خسرو" (خا جي پيش، سين جي جزم را جي زبر سان آهي) ۽ قيصر روم جي بادشاهہ جو لقب هو ۽ نجاشي حبش جي بادشاهہ جو لقب هو. فارس جي بادشاهہ ڪسريٰ ڏانهن حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجو خط عبدالله بن حذافه سهمي جي هٿ روانو ڪيو هو جڏهن اهو خط ڪسريٰ کي مليو تہ ان حضور ڪريم ﷺ جي خط کي شهيد ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اها خبر ٻڌي ڪسريٰ جي لاءِ بد دعا ڪئي تہ "الله جل جلاله ان جي ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري. پوءِ ائين ئي ٿيو. روم جي بادشاهہ وٽ حضرت دحية ڪلبي رضي الله عنه خط کڻي آيو. ان حضور ڪريم ﷺ جي نبوت تي يقين رکڻ جي باوجود ايمان نہ آندو. ۽ نجاشي ڏانهن عمرو بن اميه ضمري جي هٿان خط موڪليو ويو هو. جيئن مواهب اللدنيہ وغيره مان معلوم ٿئي ٿو. هي اهو نجاشي ناهي جنهن جو پهريان ذڪر ٿيو آهي. ۽ جنهن تي حضور ڪريم ﷺ جن غائبانہ

جنازي جي نماز پڙهائي هئي. هي ٻيو نجاشي هو. حضرت علامه علي قاري ﷫ لکيو آهي ته ان جي اسلام آڻڻ جو حال معلوم ناهي.

حضور ڪريم ﷺ جا خطوط : نبي ڪريم ﷺ جن جا خطوط ته متعدد آهن جيڪي سيرت ۽ حديث جي ڪتابن ۾ مفصل مذڪور آهن ۽ بعض علماء انهن تي مستقل ڪتاب لکيا آهن. پر حديث مذڪور ۾ ٽن خطن جو ذڪر آهي ان جي ڪري مناسب آهي ته انهن جو هتي مختصر ذڪر ڪجي.

{1} **هڪ ڪسريٰ ڏانهن :** جنهن ڪسريٰ ڏانهن نبي ڪريم ﷺ جو خط مبارڪ ويو هو ان جو نالو پرويز هو. جيڪو نوشيروان بادشاهه جو پوٽو هو. ان ڏانهن موڪليل خط هي هو.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط مِنْ مُّحَمَّدٍ رَّسُوْلِ اللهِ اِلٰى كِسْرٰى عَظِيْمِ فَارِسَ سَلَامٌ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى وَاٰمَنَ بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ وَشَهِدَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ اَدْعُوْكَ بِدِعَايَةِ الْاِسْلَامِ فَاِنِّيْ اَنَا رَسُوْلُ اللهِ اِلَى النَّاسِ كَافَّةً لِيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكَافِرِيْنَ اَسْلِمْ تَسْلَمْ فَاِنْ تَوَلَّيْتَ فَاِنَّ عَلَيْكَ اِثْمَ الْمَجُوْسِ.

ترجمو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط. الله جي رسول محمد (ﷺ) جي طرف کان ڪسريٰ ڏانهن جيڪو فارس جو وڏو آهي. سلامتي ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو هدايت اختيار ڪري ۽ الله تي ۽ ان جي رسول (ﷺ) تي ايمان آڻي. ۽ شاهدي ڏي ته هڪ الله کان سواءِ ڪوبه عبادت جو حقدار ناهي اهو هڪ آهي ان جو ڪوبه شريڪ ناهي. بلاشڪ (حضرت) محمد (ﷺ) ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي. مان توکي الله ﷻ جي سڏ (ڪلمه) جي دعوت ڏيان ٿو. ڇوته مان بلاشڪ سڀني ماڻهن جي لاءِ الله جو رسول آهيان. تان ته انهن ماڻهن کي ڊيڄاري جيڪي زنده آهن (يعني) انهن ۾ ڪجهه عقل آهي ڇوته ٻي عقل ماڻهو مُردي جي بجاءِ آهن ۽ تان ته ڪافرن تي الله جي حجت پوري ٿئي. اسلام قبول ڪر ته سلامت رهين ۽ جيڪڏهن تو منهن موڙيو ته تنهنجي (تابعن) مجوسين جو وبال به تو تي پوندو (جو اهي تنهنجي اقتداء ۾ گمراهه ٿي رهيا آهن.)

نبي ڪريم ﷺ جن (حضرت) عبدالله بن حذافه ﷛ کي هي خط ڏئي روانو ڪيو ۽ ڪيس فرمايائون ته ڪسريٰ جو گورنر جيڪو بحرين ۾ رهي ٿو ان جي ذريعي هي ڪسريٰ تائين پهچايو. ۽ اهو ان ذريعي خط کڻي اتي پهتو. ڪسريٰ اهو خط پڙهائي ٻڌو ۽ ان کي چيري ڦاڙي اڇلائي ڇڏيائين. حضور ڪريم ﷺ جن اهو احوال ٻڌو ته پاڻ ان جي لاءِ بددعا ڪيائون ۽ ان جي پُٽ شيرويه ان کي بري طرح قتل ڪيو. جنهن جو تفصيل سان قصو تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي.

(2) **ٻيو خط قيصر جي نالي هو جيڪو روم جو بادشاهه هو.** تاريخدانن وٽ ان جو نالو هرقل هو. اهو خط مبارڪ حضرت دحية ڪلبي ﷛ کڻي ويو هو. مسلمان ته قيصر به ڪونه ٿيو هو. پر حضور ڪريم ﷺ جن جي خط مبارڪ کي نهايت عزت ۽ احترام سان رکيو. نبي پاڪ ﷺ جن کي جڏهن اهو علم ٿيو ته پاڻ فرمايائون ”ڪسريٰ پنهنجي ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ قيصر پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪئي.“ قيصر ڏانهن لکيل خط هي هيو.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط مِنْ مُّحَمَّدٍ عَبْدِ اللهِ وَرَسُوْلِهٖ اِلٰى هِرَقْلَ عَظِيْمِ الرُّوْمِ سَلَامٌ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى اَمَّا بَعْدُ

فَاِنِّيْ اَدْعُوْكَ بِدِعَايَةِ الْاِسْلَامِ اَسْلِمْ تَسْلَمْ يُؤْتِكَ اللهُ اَجْرَكَ مَرَّتَيْنِ فَاِنْ تَوَلَّيْتَ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ اِثْمُ الْيَرِيْسِيِّيْنَ وَيَاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَاءٍ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ اَنْ لَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْئًا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِنْ دُوْنِ اللهِ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ.

ترجمو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط محمد (ﷺ) جي طرف کان جيڪو الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي روم جي وڏي هرقل ڏانهن. سلامتي ان شخص جي لاءِ آهي جنهن هدايت اختيار ڪئي. حمد ۽ صلواة کان پوءِ مان توکي اسلام جي دعوت (ڪلمہ) ڏانهن سڏيان ٿو. اسلام قبول ڪر تہ سلامت رهندين الله ﷻ توکي تنهنجو اجر ٻہ ڀيرا ڏيندو پوءِ جيڪڏهن تو منهن موڙيو تہ بلاشڪ تو تي تنهنجي ماتحت رهندڙن هارين جو بہ گناهہ هوندو. اي اهل ڪتاب! اهڙي ڪلمي ڏانهن اچو جيڪو اسان ۽ اوهان ۾ برابر آهي (۽ اهو توحيد آهي) تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪيون ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بڻايون. ۽ اسان مان ڪوبہ هڪٻئي کي الله کان سواءِ معبود نہ بڻائي. جيڪڏهن ان کان بہ منهن موڙين تہ اوهان فرمايو" شاهد رهو تہ يقينن اسين مسلمان آهيون."

جڏهن حضرت دحية ڪلبي رضي الله عنه اهو خط کڻي پهتو ۽ اهو قيصر جي سامهون پڙهيو ويو تہ ان جو ڀائٽيو بہ اتي موجود هو اهو نهايت ڪاوڙ ۾ پيرجي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اهو خط مون کي ڏيو. سندس چاچي کيس چيو تہ تون هن کي ڇا ڪندي؟ ان چيو تہ هي خط پڙهڻ جي قابل ناهي ان ۾ اوهان جي نالي سان شروعات ڪيل ناهي. پنهنجي نالي سان شروعات ڪئي اٿس ۽ اوهان کي بادشاهہ جي بجاءِ روم جو وڏو لکيو اٿس. وغير وغيره . قيصر چيس تہ تون بي وقوف آهين تون چاهين ٿو تہ مان اهڙي شخصيت جو خط اڇلايان جنهن وٽ (ناموسِ اڪبر) جبريل اچي ٿو جيڪڏهن اهو نبي آهي تہ ان کي اهڙي طرح لکڻ گهرجي. ان کان پوءِ حضرت دحية رضي الله عنه کي وڏي اعزاز ۽ عزت سان رهاياءِين. قيصر ان وقت سفر ۾ هو واپس اچي ان پنهنجي حڪومت جا وزراء، امراء ۽ اراڪين گڏ ڪيا. ۽ گڏ ڪري انهن کي چيائين تہ مان اوهان کي هڪ اهڙي ڳالهہ ڏانهن متوجهہ ٿو ڪيان جيڪا سراسر خير ۽ فلاح آهي ۽ هميشہ جي لاءِ اوهان جي ملڪ جي بقاء جو ذريعو آهي. بيشڪ هي نبي آهي ان جي اتباع ڪيو ۽ ان جي بيعت قبول ڪيو. ان هڪ بند جاءِ ۾ جنهن جا چؤطرف دروازا بند هئا ان مضمون تي هڪ وڏي تقرير ڪئي. اهي ماڻهو اهو ٻڌي ايترو تهڻ لڳا جو هڪدم شور ۽ گوڙ تي ويو ۽ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا پر دروازو بند هجڻ جي ڪري ٻاهر نڪري نہ سگهيا. ان کان پوءِ ان سيني کي ماٺ ڪرائي وري تقرير ڪيائين تہ "حقيقت ۾ هڪ نبوت جي دعويٰ ڪندڙ پيدا ٿيو آهي مون اوهان جو امتحان ونڻ تي گهريو تہ اوهان پنهنجي دين ۾ ڪيترا پڪا آهيو. هاڻي مون کي ان جو اندازو لڳي ويو." اهو ٻڌي اهي ماڻهو پنهنجي عادت موافق سجدي ۾ ڪري پيا. ان کان پوءِ انهن کي شاباس چوندي رخصت ڏنائين ۽ بعض روايتن ۾ آهي تہ ان خط مبارڪ پڙهي چمي مٿي تي رکيو ۽ ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکيو هو. ۽ (پنهنجي مذهبي اڳواڻ) پوپ کي گهرائي ان سان مشورو ڪيو تہ ان کيس چيو "بيشڪ هي نبي آخرالزمان آهي جنهن جون بشارتون اسان جي ڪتابن ۾ موجود آهن." قيصر چيو تہ مون کي ان جو يقين آهي مگر مشڪل هي آهي تہ جيڪڏهن مان مسلمان ٿيان تہ هي ماڻهو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا ۽ بادشاهي بہ هلي ويندي. هي خط مبارڪ جڏهن قيصر کي مليو هو تہ اهو

ان وقت پنهنجي مذهبي ضرورت جي لاءِ بيت المقدس آيل هو. ۽ اتي مڪ مڪرم ڪان هڪ تجارتي قافلو ٻه آيل هو. ان حالات جي تحقيق لاءِ ان قافلي جي سردارن کي پاڻ وٽ گهرايو هيائين جنهن جو تفصيل سان قصو بخاري شريف ۾ موجود آهي. هي ان وقت جو قصو آهي جڏهن عمره جي لاءِ ويندي حديبيه جي ميدان ۾ مڪ مڪرم جي رهاڪو مشرڪن ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي وچ ۾ ڏهن سالن جي لاءِ هڪ عهدنامو ۽ صلحنامو تيار ٿيو هو ته پاڻ ۾ جنگ نه ڪئي ويندي. ابو سفيان جيڪو ان وقت تائين مسلمان نه ٿيو هو چوي ٿو ته مان ان صلح جي وقت ملڪ شام ڏانهن ويل هوس ته ان دوران (حضرت) دحية ڪلبي ﷺ رسول الله ﷺ جن جو خط مبارڪ کڻي هرقل وٽ پهچايو هو. جڏهن خط مليس ته ان پنهنجن ماڻهن کان پڇيو ته هن شهر ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آهي جيڪو هن نبوت جي دعويٰ ڪندڙ کي سڃاڻي؟ انهن کيس عرض ڪيو ته "هائو ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن." ان تي اسان جي طلب ٿي ۽ مان ڪجهه قريشي پاڻ سان وٺي اتي پهتس ته ان اسان سڀني کي پاڻ وٽ ويهاريو ۽ پڇيائين ته هن نبوت جي دعويٰ ڪندڙ جو اوهان مان وڌيڪ ڪير قرابتدار آهي؟ مون چيو ته ان جو سڀ کان وڌيڪ ويجهو مان آهيان." ان مون کي پنهنجي ويجهو ويهاريو ۽ باقي ساٿين کي منهنجي پويان ويهاري انهن کي چيائين ته "مان هن کان ڪجهه سوال ڪيان ٿو اوهان سڀئي غور سان ٻڌجو. ۽ جنهن سوال جي جواب ۾ ڪوڙ هڻي ته مون کي ٻڌائجو." ابو سفيان ان وقت تائين مسلمان نه ٿيو هو ۽ سخت ترين دشمن هو. چوي ٿو ته الله جو قسم! جيڪڏهن مون کي بدنامي جو خطرو نه هجي ها ته پويان ويٺل ماڻهو مون کي ڪوڙو سڏيندا ته مان ضرور ڪوڙ هڻان ها. پر بدنامي جي خوف مون کي سچ ڳالهائڻ تي مجبور ڪيو. ان کان پوءِ ان پنهنجي ترجمان جي ذريعي مون کان هي سوال ڪيا.

سوال {1} : نبوت جي دعويٰ ڪندڙ اوهان ۾ نسب جي اعتبار سان ڪيئن تصور ڪيو وڃي ٿو؟

جواب : اسان ۾ وڏو عالي نسب آهي.

سوال {2} : ان جي وڏن مان ڪو شخص بادشاهه ٿي گذريو آهي؟

جواب : ڪير به نه.

سوال {3} : نبوت جي دعويٰ کان اڳي ڪڏهن اوهان ان تي ڪوڙ هڻڻ جو الزام ڏنو آهي؟

جواب : ڪڏهن به نه.

سوال {4} : ان جا تابعدار قوم جا وڏا ماڻهو آهن يا معمولي درجي جا؟

جواب : معمولي درجي وارا.

سوال {5} : ان جي تابعدارن جو ٽولو وڌندو وڃي ٿو يا گهٽجي ٿو؟

جواب : وڌندو وڃي ٿو.

سوال {6} : ان جي دين ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪو ماڻهو بد دل ٿي ان کي ڇڏي به وڃي ٿو يا نه؟

جواب : نه.

سوال {7} : اوهان جي ان سان ڪڏهن جنگ به ٿي آهي يا نه؟

جواب : ٿي آهي.

سوال {8} : پوءِ جنگ ۾ ڪامياب ڪير ٿيو؟

جواب: ڪڏهن اهو غالب ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن اسين.“

سوال {9} : ان ڪڏهن عهد ٽوڙيو آهي؟“

جواب: نہ. پر اڄڪلهہ اسان ۽ ان جو هڪ معاهدو ٿيو آهي معلوم ناهي تہ اهو پورو ڪندو يا نہ. ابوسفيان چيو تہ ”هن هڪ ڪلمہ کان سواءِ مون کي ڪوبہ موقعو نہ مليو جو ڪجهہ پنهنجي طرفان ان ۾ ملايان.

سوال {10} : هن کان اڳي اوهان مان ڪنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي؟

جواب : نہ.

بعض روايتن ۾ هي بہ آهي تہ هرقل چيو بدعهدي جو خوف ڇو اٿو؟ تہ ابوسفيان چيو تہ منهنجي ساٿين پنهنجن ماڻهن جي ان جي ساٿين جي خلاف مدد ڪئي آهي. ان تي هرقل چيو تہ ”جڏهن ابتداء اوهان ڪئي آهي تہ اوهان وڌيڪ بدعهد آهيو.“ ان کان پوءِ هرقل ڳالهہ جي منڍ کان سلسلو شروع ڪيو ۽ چيو تہ ”مون اوهان کان ان جي نسب جي باري ۾ سوال ڪيو تہ اوهان ٻڌايو تہ ”عالي نسب آهي“ ۽ انبياء (عليهم السلام) عالي نسب مان ئي ايندا آهن. مون اوهان کان پڇيو تہ ان جي وڏن مان ڪو بادشاهہ گذريو آهي؟ اوهان چيو تہ نہ. مون کي اهو خيال ٿيو تہ شايد ان بهاني سان اها بادشاهي واپس آڻڻ گهري ٿو.“ مون ان جي پوئلڳن جي باري ۾ سوال ڪيو تہ ان جا پوئلڳ وڏا ماڻهو آهن يا ڪمزور؟ اوهان جواب ڏنو تہ ڪمزور. هميشہ انبياء ڪرام عليهم السلام جي اتباع ڪرڻ وارا اهڙا ئي ماڻهو هوندا آهن ڇوتہ وڏن ماڻهن کي پنهنجي وڏائي هئي جي تابعداري کان روڪيندي آهي. مون اوهان کان سوال ڪيو تہ هن دعويٰ کان اڳي ڪڏهن اوهان ان تي ڪوڙ هڻڻ جو الزام هنيو هو يا نہ؟ اوهان انڪار ڪيو تہ نہ. مون سمجهيو هو تہ شايد ماڻهن تي ڪوڙ هڻندي هڻندي الله جل جلاله تي بہ ڪوڙ هڻڻ شروع ڪيو هجيس مگر جيڪو شخص ماڻهن تي ڪوڙ نہ ٿو هڻي اهو الله جل جلاله تي ڪوڙ ڪيئن هڻندو؟ مون سوال ڪيو هو تہ ان جي دين ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪو ماڻهو ان کان ناراض ٿي ان کي ڇڏي بہ وڃي ٿو يا نہ؟ اوهان چيو تہ نہ. ايمان جي اها ئي خاصيت آهي جو جڏهن ان جي بشاشت دلين ۾ داخل ٿيندي آهي تہ نڪرندي ناهي. مون اوهان کان پڇيو تہ ان جي تابعدارن جو ٽولو وڌندو وڃي ٿو يا گهٽجي ٿو؟ اوهان چيو تہ وڌندا ٿا وڃن. ايمان جو خاصو اهو ئي آهي تان جو تڪميل کي پهچي. مون اوهان کان ان سان جنگ جي باري ۾ سوال ڪيو اوهان چيو تہ ڪڏهن اسين غالب رهون ٿا ڪڏهن اهو غالب رهي ٿو. انبياء (عليهم السلام) سان هميشہ اهڙو برتاءُ رهيو آهي پر بهترين انجام انهن لاءِ هوندو آهي مون بدعهدي (يعني وعدي برخلافي) جي متعلق سوال ڪيو اوهان انڪار ڪيو. اها ئي انبياء (عليهم السلام) جي صفت هوندي آهي تہ اهي بدعهد نہ هوندا آهن. مون سوال ڪيو تہ ڇا انهن مان پهريان بہ ڪنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي اوهان انڪار ڪيو مون خيال ڪيو هو تہ جيڪڏهن انهن مان پهريان ڪنهن اهڙي دعويٰ ڪئي هوندي تہ مان سمجهان ها تہ هيءُ ان جي تقليد ڪري رهيو آهي. ان کان پوءِ هرقل انهن ماڻهن کان پڇيو تہ اهو تعليم ڪهڙي ٿو ڏي؟ انهن چيو تہ نماز پڙهڻ، صدقي ڪرڻ، مائٽي ڳنڍڻ، عفت ۽ پاڪدامنيءَ جو امر ڪري ٿو. هرقل چيو تہ جيڪڏهن هي سڀ ڪجهہ سچ آهي جيڪو اوهان بيان ڪيو تہ پوءِ اهو بلاشڪ نبي آهي مون کي يقين هو تہ اهو عنقريب پيدا ٿيڻ وارو آهي مگر اهو يقين نہ هو تہ اهو اوهان مان پيدا ٿيندو. جيڪڏهن مون کي يقين هجي ها تہ مان ان تائين پهچي سگهندس تہ ان سان ملڻ جي خواهش رکان ها. (مگر پنهنجي قتل ۽

بادشاهي وڃڻ جي ڊپ کان نه ٿو وڃان) ۽ جيڪڏهن مان اتي پهچان ها ته ان جا قدم پاڪ ڌوئان ها. بلاشڪ ان جي حڪومت اتي پهچڻ واري آهي جتي مان آهيان." هرقل جا ٻيا به ڪيترا قصا حديث جي ڪتابن ۾ مذڪور آهن هي ڪتاب جو به ڄاڻو هو ۽ علمِ نجوم جو به ماهر هو ان جي ڪري ان کي پهريان کان اهي ڳالهيون سوچ ۾ اچي رهيون هيون ۽ تحقيقات ڪري رهيو هو. بعض روايات ۾ هي به آيو آهي ته هرقل حضور ڪريم ﷺ جي خط مبارڪ کي نهايت احتياط ۽ احترام سان سون جي هڪ نلڪيءَ ۾ وجهي صندوق ۾ رکيو هو. جيڪو ان جي نسل درنسل پيڙهين ۾ هلندو آيو.

(3) ٽيون خط مبارڪ جيڪو هن روايت ۾ مذڪور آهي اهو حبش جي بادشاهه نجاشي ڏانهن لکيل هو. هي پهريان ذڪر ٿي چڪو آهي ته حبش جي بادشاهه جو لقب نجاشي هو. حضرت نبي پاڪ ﷺ جي دور ۾ حبش جا به بادشاهه گذريا هئا. پهرئين جو نالو "اصحمه" هو. هي مسلمان ٿيو هو. اسلام جي ابتدا ۾ صحابه ڪرام عليهم الرضوان ان جي سلطنت جي دوران حبش ڏانهن هجرت ڪئي هئي. جڏهن اهو اجان مسلمان نه ٿيو هو. حضور ڪريم ﷺ جن عمرو بن اميه ضمري رضي الله عنه جي هٿان ان ڏانهن به خط موڪليو هو جنهن ۾ هيٺين لکيل هو.

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط مِنۡ مُحَمَّدٍ رَّسُوۡلِ اللهِ (ﷺ) اِلَى النَّجَاشِيِّ مَلِكِ الۡحَبَشَةِ اَسۡلِمۡ اَنۡتَ فَاِنِّيۡ اَحۡمَدُ اِلَيۡكَ اللهَ الَّذِيۡ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الۡمَلِكُ ، الۡقُدُّوۡسُ، السَّلَامُ ، الۡمُؤۡمِنُ ، الۡمُهَيۡمِنُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ عِيۡسَى بۡنَ مَرۡيَمَ رُوۡحُ اللهِ وَكَلِمَتُهٗ اَلۡقٰهَا اِلٰى مَرۡيَمَ الۡبَتُوۡلِ، الطَّيِّبَةِ ، الۡحَصِيۡنَةِ فَحَمَلَتۡ بِهٖ فَخَلَقَهٗ مِنۡ رُّوۡحِهٖ وَنَفۡخِهٖ كَمَا خَلَقَ اٰدَمَ بِيَدِهٖ وَاِنِّيۡ اَدۡعُوۡكَ اِلَى اللهِ وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡكَ لَهٗ ط وَالۡمُوَالَاةِ عَلٰى طَاعَتِهٖ وَاَنۡ تَتَّبِعَنِيۡ وَتُؤۡمِنَ بِالَّذِيۡ جَآءَنِيۡ رَسُوۡلُ اللهِ وَاِنِّيۡ اَدۡعُوۡكَ وَجُنُوۡدَكَ اِلَى اللهِ عَزَّوَجَلَّ وَقَدۡ بَلَّغۡتُ وَنَصَحۡتُ فَاقۡبَلُوۡا نَصِيۡحَتِيۡ وَالسَّلَامُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الۡهُدٰى.

ترجمو: بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط **الله جي رسول (حضرت) محمد (ﷺ) جي طرفان حبش جي بادشاهه** نجاشي ڏانهن. تون اسلام قبول ڪر مان ان الله جو حمد تو تائين پهچايان ٿو جنهن کان سواءِ ڪو معبود بالحق ناهي بادشاهه پاڪ سلامتي وارو امن ڏيندڙ نگهباني ڪندڙ آهي ۽ مان شاهدي ڏيان ٿو ته عيسيٰ بن مريم الله جو روح ۽ ڪلمه آهي جنهن کي مريم بتول ڏانهن القاء فرمايو هيائين جيڪا پاڪ محفوظ هئي. پوءِ ان سان حمل واري ٿي پوءِ ان کي پنهنجي روح ۽ ڦوڪ سان پيدا ڪيائين جيئن آدم کي پنهنجي هٿ سان پيدا ڪيائين ۽ بيشڪ مان توکي الله وحده لاشريڪ له ۽ ان جي اطاعت تي هميشگي ڪرڻ ڏانهن سڏيان ٿو ۽ منهنجي اتباع ڪر ۽ جيڪو پيغام الله جل جلاله جي طرفان مون وٽ آيو آهي ان تي ايمان آڻ. بلاشڪ مان الله جو رسول آهيان ۽ توکي ۽ تنهنجي لشڪرن کي الله جل جلاله ڏانهن سڏيان ٿو. مون سچ ۽ حق اوهان تائين پهچايو ۽ اوهان جي خيرخواهي ڪئي پوءِ منهنجي نصيحت قبول ڪيو ۽ سلام ان تي آهي جنهن هدايت جي اتباع ڪئي." محدثن جي هڪ جماعت جي تحقيق هي آهي ته هي نجاشي پهريان کان ئي مسلمان ٿي چڪو هو ۽ هن خط مبارڪ ملڻ سان ان سلام جو اظهار ڪيو هو ۽ بعض علماء جو قول آهي ته اهو خط ملڻ وقت مسلمان ٿيو هو. بهرحال ان حضور ڪريم ﷺ جن جي خط جي جواب ۾ هڪ عريضو لکيو هو جنهن ۾ ان پنهنجي ايمان جي اقرار سان گڏ اهو به اقرار ڪيو هو ته اوهان جيڪو حضرت عيسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة

والسلام جي متعلق لکيو آهي اهو بلڪل صحيح آهي ۽ پنهنجي پُٽ سان گڏ سَٺ ماڻهن جو وفد سندن خدمت ۾ موڪليائين مگر افسوس جو سمنڊ جي سفر دوران اها ٻيڙي ٻڏي وئي ۽ انهن مان ڪو هڪ بہ نہ بچيو. خود ان نجاشي جو انتقال بہ نبي ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ دور ۾ ٿيو هو ۽ پاڻ ان جي غائبانہ جنازي جي نماز پڙهي هيائون. (غائبانہ جنازي جي نماز هڪ فقهي مسئلو آهي جنهن جي وضاحت ڪرڻ جي هتي ضرورت ناهي حنفي حضرات وٽ ڪيترا سبب آهن جن جي ڪري غائبانہ نماز ان سان مخصوص هئي.) ان کان پوءِ ٻيو نجاشي ٿيو ان ڏانهن بہ رسول الله ﷺ جن هي خط مبارڪ موڪليو هو.

هٰذَا كِتَابٌ مِنَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى النَّجَاشِيِّ عَظِيمِ الْحَبَشَةِ وَالسَّلَامُ عَلَى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى وَ اٰمَنَ بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ وَشَهِدَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَمْ يَتَّخِذْ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ وَاَدْعُوْكَ بِدِعَايَةِ اللهِ فَاِنِّيْ اَنَا رَسُوْلُهٗ فَاَسْلِمْ تَسْلَمْ يَا اَهْلَ الْكِتَابِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَاءٍ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَنْ لَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْئًا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللهِ ، فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ فَاِنْ اَبَيْتَ فَعَلَيْكَ اِثْمُ النَّصَارٰى.

ترجمو: هي خط الله جي نبي ﷺ جي طرفان حبش جي وڏي نجاشي ڏانهن آهي ان تي سلام آهي جنهن هدايت جي اتباع ڪئي ۽ الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) تي ايمان آندائين ۽ شاهدي ڏنائين تہ هڪ الله، معبود بالحق کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي. اهو هڪ آهي ان جو ڪوبہ شريڪ ناهي ۽ نہ زال رکيائين ۽ نہ اولاد ۽ بيشڪ (حضرت) محمد (ﷺ) ان جو ٻانهو ان جو رسول آهي ۽ مان توکي الله جي سڏ (ڪلمہ) ڏانهن سڏيان ٿو بلاشڪ مان ان جو رسول آهيان. اسلام قبول ڪر تہ سلامت رهندين. اي اهل ڪتاب! ان ڪلمي ڏانهن اچو جيڪو اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ برابر آهي تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيون ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنايون. ۽ اسان مان هڪڙا ٻين کي الله کان سواءِ رب نہ بنائين. پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين تہ پوءِ اوهان انهن کي فرمايو. شاهد رهو تہ يقينًا اسين مسلمان آهيون. (اي نجاشي!) جيڪڏهن تو انڪار ڪيو تہ تنهنجي پوءِ لڳن) نصارن جو گناهہ بہ تو تي هوندو.“

هن خط ۾ بہ معمول جي مطابق غالبًا بسم الله لکيل هوندي پر جتان هي خط نقل ڪيو ويو آهي. ان ۾ ناهي. ۽ هن نجاشي جي متعلق واضح ٿي نہ سگهيو آهي تہ ان ايمان آندو يا نہ. ان جو نالو ڇا هو؟ اڪثر محدثن جي راءِ هيءَ آهي تہ حديث مذڪور ۾ جنهن نجاشي ڏانهن خط جو ذڪر آهي اهو هي نجاشي آهي ۽ بعض روايتن ۾ هي وضاحت آهي تہ هي اهو نجاشي ناهي جنهن جي جنازي جي نماز حضور ڪريم ﷺ جن پڙهي هئي. ۽ اهو ئي صحيح آهي جيتوڻيڪ بعض محدثن صرف پهرئين نجاشي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ بعض صرف ٻئي جو. (خصائل نبوي ص 69, 78)

علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ”اصحمة“ نالي نجاشي ڏانهن ٻيو خط ام المؤمنين ام حبيبہ رضي الله عنها سان سندن نڪاح ڪرائڻ جي لاءِ لکيو هو. ان نجاشي سن 6 هجري ۾ ايمان آندو ۽ سن 9 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. پر ان کان پوءِ اچڻ واري نجاشي ڏانهن جو حضور ڪريم ﷺ جن خط موڪليو هو نہ ان جي نالي جي خبر آهي نہ ان جي اسلام قبول ڪرڻ جي خبر آهي ۽ نہ ان جي طرفان خط جي جواب لکڻ جي خبر آهي.

منڊيءَ تي اکر لکڻ: علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ مُنڊيءَ جي ٽِڪ تي ڪڏهن اکر لکيا ويندا آهن ڪڏهن نہ. جيڪڏهن اکرن لکڻ کان سواءِ سونهن جي لاءِ ڪنهن مُنڊي نهرائي استعمال ڪئي تہ بہ جائز آهي. بشرطيڪ ان ۾ ڪا منع ڪيل شيءِ نہ هجي جيئن تصوير وغيره ۽ بعضي روايتن ۾ جيڪو آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جي مُنڊي مبارڪ تي ساهہ وارين شين جون تصويرون هيون وغيره وغيره اهي روايتون غير معتبر آهن. آقاءِ نامدار ﷺ جي ذات عالي صفات جي شان کان اها ڳالهہ پري آهي. علامہ ابن سيد الناس رحمه الله فرمايو تہ حضور ڪريم ﷺ جن مُهر واري مُنڊي سن 7 هجري ۾ نهرائي ۽ ٻين محدثن فرمايو تہ سن 6 هجري ۾ نهرائي هيائون. پر ٻنهي قولن ۾ تطبيق هن طرح آندي وئي. تہ سن 6 هجري جي آخر ۽ سن 7 هجري جي اول ۾ اهو سلسلو هليو هو ڇوتہ پاڻ اهو ارادو بادشاهن ڏانهن خطن لکڻ وقت فرمايو هيائون. ۽ اهو ذوالقعده مهيني سن 6 هجري ۾ عمره وقت ڪيو هيائون ۽ پاڻ ذوالحجه مهيني ۾ مدينہ منوره ڏانهن موٽي آيا هئا ۽ محرم سن 7 هجري ۾ بادشاهن ڏانهن قاصد موڪليا هيائون. علامہ ابراهيم بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ جنهن ماڻهو اهو خيال رکيو تہ حضرت رسول الله ﷺ جن جي مُنڊي مبارڪ ۾ ڪنهن شخص جي تصوير هئي ۽ ان جي متعلق حديث مرسل يا معضل ۽ آثارِ موقوفہ آيا آهن. سو اهي معتبر ناهن. ڇوتہ اهي تصوير جي منع لاءِ آيل صحيح حديثن جي مقابلي ۾ ڪا اهميت نہ ٿا رکن."

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 144 المواهب شرح الشمائل ص 204)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 90 جي تخريج ۾ ڏسو.

{93} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ عَامِرٍ، وَالْحَجَّاجُ بْنُ مِنْهَالٍ، عَنْ هَمَّامٍ، عَنِ ابْنِ جُرَيْجٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ أَنَسٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا دَخَلَ الْخَلَاءَ نَزَعَ خَاتَمَهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جنهن وقت بيت الخلاء (يعني استنجا خاني) ۾ ويندا هئا تہ اڳ ۾ مُنڊي لاهي رکندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَانَ إِذَا دَخَلَ" : ماضي استمراري جو صيغو آهي. جڏهن داخل ٿيڻ جو ارادو ڪندا هئا. "اَلْخَلَاءَ" اصل ۾ خالي جاءِ کي چيو ويندو آهي ان کان پوءِ قضاء حاجت جي لاءِ تيار ڪيل جاءِ کي چيو ويو آهي. "نَزَعَ" لاهي رکيائون.

سمجهاڻي: هن حديث شريف مان واضح ٿيو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن جي مُنڊي مبارڪ تي الله جل جلاله جو نالو لکيل هوندو هو. تڏهن ان جي تعظيم، توقير، احترام ۽ عزت جو خيال ڪندي بيت الخلا ۾ وڃڻ وقت مُنڊي مبارڪ لاهي رکندا هئا. ان جي ڪري بعض علماء فرمايو تہ "اهڙي مُنڊي جنهن تي متبرڪ اکر لکيل هجن بيت الخلا ۾ پائي وڃڻ مڪروهہ آهي. ان ۾ اختلاف آهي تہ اهو مڪروه تنزيهي آهي يا تحريمي. علامہ عصام رحمه الله جو قول آهي تہ جنهن مُنڊيءَ جي ٽڪ تي قرآن ڪريم جا الفاظ يا نبين عليهم السلام مان ڪنهن نبي جو نالو يا انهن جي صفات حسنہ مان ڪا صفت لکيل هجي تہ بيت الخلاء ۾ وڃڻ وقت اها لاهي پوءِ اندر گهڙجي. (جمع الوسائل ج 1 ص 144)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الطهارة باب 10 الخاتم يكون فيه

ذکر الله يدخل بہ الخلاء رقم الحديث 19 ج 1 ص 5 {2} النسائي في كتاب الزينة باب 51 الخاتم عند دخول الخلاء ج 8 ص 178 {3} ابن ماجه في كتاب الطهارة باب 16 ذكر الله ﷻ علي الخلاء والخاتم في الخلاء رقم الحديث 303

{94} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ نُمَيْرٍ قَالَ : حَدَّثَنَا عُبَيْدُ اللهِ بْنُ عُمَرَ ، عَنْ نَافِعٍ ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ : اتَّخَذَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَاتَمًا مِنْ وَرِقٍ ، فَكَانَ فِي يَدِهِ ثُمَّ كَانَ فِي يَدِ أَبِي بَكْرٍ ، وَيَدِ عُمَرَ ، ثُمَّ كَانَ فِي يَدِ عُثْمَانَ ، حَتَّى وَقَعَ فِي بِئْرِ أَرِيسٍ نَقْشُهُ : مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عمر ﷠ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن چانديءَ جي مُنڊي ٺهرائي پوءِ اها مُنڊي سندن هٿ مبارڪ ۾ پاتل هوندي هئي. پوءِ ابو بڪر صديق ﷛ ۽ عمر فاروق ﷛ جي هٿن مبارڪن ۾ پاتل هوندي هئي. انهن کان پوءِ حضرت عثمان غني ﷛ جي هٿ ۾ پاتل رهي. نيٺ ان کان **"اريس جي کوھ"** ۾ ڪِري پئي. ان مُنڊيءَ تي "مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ ﷺ" اُڪريل هو.

مفردات جو شرح: "فَكَانَ فِي يَدِهِ" (هتي هٿ مان مراد وچين آڱر جي پرواري آڱر ۾ آهي. "بِئْرِ" : کوھ. "أَرِيس" : کوھ جو نالو "أَرِيسٍ" امير جي وزن تي، منصرف ۽ غير منصرف ٻئي پڙهيو ويندو آهي. هي مسجد قبا جي ويجهو هڪ باغيچي جي پر ۾ هو. اريس نالي هڪ يهودي ڏانهن منسوب آهي. شام جي ٻولي ۾ فلاح، ڪاميابي جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 206)

سمجهاڻي: حضرت ابن عمر ﷠ بيان فرمايو تہ حضور ڪريم ﷺ جن چانديءَ مان ٺهيل مُنڊي هٿ مبارڪ ۾ رکندا هئا. ان کان پوءِ اها حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جي خلافت واري زماني ۾ تقريبًا ٻہ سال ۽ ڪجھ مهينا ان جي قبضي ۾ رهي ان کان پوءِ حضرت عمر وٽ ان کان پوءِ حضرت امير المؤمنين عثمان غني ﷛ جي خلافت جي ٻارهن سالن مان ڇهن سالن تائين ان جي قبضي ۾ رهي. اها مُنڊي انهن پيارن پاڻ وٽ مهر هڻڻ ۽ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ رکي هئي.

صالحن جي آثار سان تبرڪ حاصل ڪرڻ: محدث نووي ﷫ فرمايو " في الحديث التبرك بآثار الصالحين ولبس ملابسهم والتيمن بها" يعني هن حديث مان صالحن جي آثار سان برڪت حاصل ڪرڻ ثابت آهي ۽ انهن جون پاتل شيون ڍڪڻ ۽ انهن سان ڀلائي حاصل ڪرڻ بہ ثابت آهي. اڳتي مذڪور آهي تہ تان جو اها مُنڊي اريس نالي کوھ ۾ ڪري پئي. اهو کوھ قبا شريف جي پر ۾ هو. جڏهن حضرت سيدنا عثمان غني ﷛ خلافت جا ڇھ سال گذاريا ۽ پوءِ فتنا ۽ فساد شروع ٿيا تہ پاڻ انهن ڏينهن ۾ مسجد قبا ڏانهن ويا ۽ اتي اريس نالي کوھ تي وڃي وينا ۽ خط لکي ان تي مُنڊي پاڪ سان مُهر هڻڻ لا معيقيب نالي غلام کان اها گهريائون. جنهن وٽ حضور ڪريم ﷺ جن جي دور کان اها هوندي هئي. ۽ مهر هڻڻ کان پوءِ حضرت عثمان ﷛ اها معيقيب کي واپس ٿي ڏني تہ اها هٿن مان وچان کسڪي کوھ ۾ ڪري پئي. ۽ حضرت عثمان غني ﷛ ٿي ڏينهن ان کوھ مان پاڻي سان گڏ تري جي مٽي بہ ڪيرائي پر اها منڊي نہ لڌي ان کان پوءِ وڌيڪ فتنا ۽ فساد پکڙجي ويا. ۽ نيٺ حضرت عثمان ﷛ شهيد ٿي ويو. ۽ مسلمانن ۾ جيڪو اتحاد ۽ يڪجهتي هئي سا ختم ٿي وئي. علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ خلافت جو امر ان منڊي مبارڪ جي موجود هجڻ سان وابستہ هو بعض علماء فرمايو تہ مصطفيٰ ﷺ جي منڊي

مبارڪ ۾ ائين اسرار رکيل هئا. جيئن حضرت سليمان على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي مُنڊيءَ ۾ هئا ۽ جڏهن حضرت سليمان على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي مُنڊي گم ٿي وئي ته ان جي حڪومت هلي وئي ۽ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جي مُنڊي مبارڪ حضرت عثمان رضي الله عنه کان کوهہ ۾ ڪري پئي ۽ ڳولڻ سان بہ نہ ملي ته ان جي لاءِ سخت اختلاف برپا ٿيا تان جو شهيد ٿي ويو. حضرت علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ "مذڪور روايتن مان واضح ٿيو تہ مُنڊيءَ جي ٽڪ تي ڪجهہ لکڻ نبي ڪريم ﷺ جي خصائص مان ناهي. زيد بن رفيع رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت آدم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي مُنڊيءَ تي "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ" لکيل هو. ۽ نوادر الاصول ۾ آهي تہ "حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي مُنڊيءَ تي "لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ" لکيل هو." ۽ معجم طبراني ۾ حضرت عبادة رضي الله عنه کان مرفوعًا روايت آهي تہ "حضرت سليمان على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي مُنڊيءَ جي ٽِڪ آسمان کان اڇلائي وئي هئي اها ونڊي مُنڊيءَ ۾ وڌي هيائين. ان جو نقش "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنَا مُحَمَّدٌ عَبْدِيْ وَرَسُوْلِيْ" هو. (شرح المناوي علىٰ حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 147) ۽ هن باب جي حديثن مان معلوم ٿيو تہ الله جو اسم مُنڊيءَ تي لکرائڻ جائز آهي. ۽ ان جي متعلق صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۽ سلف صالحين جي گهڻي جماعت کان آثار روايت ڪيل آهن ۽ حسنين ڪريمين رضي الله عنهما کان بہ صحيح سند سان ثابت آهي تہ الله جو اسم مُنڊيءَ تي لکرائڻ منع ناهي ۽ محدث نووي رحمه الله فرمايو تہ جمهور جو قول اهو آهي. ۽ عسقلاني رحمه الله ابن سيرين رحمه الله کان آندو آهي تہ ان مُنڊيءَ تي "حَسْبِيَ اللهُ" لکرائڻ کان منع نہ ڪئي آهي ۽ جڏهن الله جو نالو لکرائڻ منع ناهي تہ پنهنجو يا پنهنجي پيءُ جو نالو لکرائڻ بہ منع ناهي بلڪ ضرورت وقت لکرائڻ مستحب آهي. ابن ابي شيبہ رحمه الله حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ ان پنهنجي مُنڊيءَ جي ٽِڪ تي "عبدالله بن عمر" لکرايو هو. اهڙي طرح حضرت ابن عمر رضي الله عنهما جي پُٽ سالم ۽ قاسم بن محمد رضي الله عنهما بہ پنهنجا نالا لکرايا هئا ۽ امام مالڪ رحمه الله فرمائيندو هو تہ بادشاهن ۽ قاضين کي پنهنجا نالا مُنڊين تي لکائڻ گهرجن ۽ اسان حنفين جي عالم، قاضي خان لکيو آهي تہ مرد صرف چانديءَ جي منڊي پائي، سون جي نہ پائي ۽ لوهہ جي بہ نہ پائي ڇوتہ اها جهنم وارن جي مُنڊي آهي ۽ اهڙي طرح ٽامي جي مُنڊي بہ نہ پائي. (جمع الوسائل ج 1 ص 148)

تنبيه: هن حديث ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما حضور ڪريم ﷺ جي هٿ مبارڪ ۾ مُنڊي جي موجود هجڻ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ هن باب جي ٻي حديث ۾ خود حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما مُنڊي پائڻ جي نفي ڪري چڪو آهي. هن تعارض جو جواب هي آهي تہ "هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جي هٿ ۾ هجڻ جو مطلب آهي تہ سندن تصرف ۾ هوندي هئي ان سان مُهر هڻندا هئا. ان سان ان جو پائڻ لازم نہ ٿو رهي. جيئن ايندڙ باب ۾ اچي ٿو تہ " اها مُعيقيبَ وٽ هوندي هئي. (خصائل نبوي ص 79)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب اللباس باب 50 نقش الخاتم رقم الحديث 5883 ج 10 ص 323، 324 {2} مسلم في ڪتاب اللباس والزينة باب 12 لبس النبي ﷺ خاتما من ورق نقشه "محمد رسول الله" ﷺ رقم الحديث 2091، حديث الڪتاب 54 ج 3 ص 1656. {3} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 472، 473 {4} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5499 ج 12 ص 310 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3134 ج 12 ص 62.

باب تيرهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ

هي باب انهن روايتن ۾ آهي جيڪي نبي اڪرم ﷺ جي ساڄي هٿ مبارڪ ۾ مُنڊي پائڻ جي باري ۾ آهن.

مناسبت: اڳئين باب ۾ مُنڊي مبارڪ جي نقش ۽ اهو ڇا مان هو ۽ اها مُنڊي ڇا مان هئي ان جو بيان هو ۽ هن باب ۾ ان جي ڪيفيت جو بيان آهي. بعض نسخن ۾ "بَابٌ فِي أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ" ۽ بعض نسخن ۾ بَابُ مَا جَاءَ فِي أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ" جا الفاظ آهن. ۽ هن باب ۾ "فِي يَمِينِهِ" آڻي محدث ترمذي رحمه الله اظهار فرمايو ته "ان وٽ اهي روايتون ترجيح واريون آهن جن ۾ ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ جو ذڪر آهي. بلڪ جامع ترمذي ۾ آندو اٿس ته حضرت انس رضي الله عنه کان جيڪا روايت آئي آهي ته "پاڻ کابي هٿ ۾ مُنڊي پائيندا هئا." اها روايت صحيح ناهي. (المواهب شرح الشمائل ص 207)

علامه علي قاري رحمه الله بين محدثن کان ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ جي متعلق حديثون آنديون آهن ۽ اهو به لکيو اٿس ته اسان حنفين وٽ به ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ افضل آهي ڇوته اها زينت آهي ۽ ساڄو هٿ وڌيڪ شرف وارو آهي ۽ زينت ۽ عزت جي لاءِ وڌيڪ خاص آهي.

{95} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ سَهْلِ بْنِ عَسْكَرٍ الْبَغْدَادِيُّ، وَعَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، قَالاَ: أَخْبَرَنَا يَحْيَى بْنُ حَسَّانَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُلَيْمَانُ بْنُ بِلاَلٍ، عَنْ شَرِيكِ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ أَبِي نَمِرٍ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ حُنَيْنٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَلْبَسُ خَاتَمَهُ فِي يَمِينِهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن مُنڊي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: يَمِينِهِ: ساڄو هٿ. "خَاتَمَ" مُنڊي

سمجهاڻي: هن حديث ۾ مذڪور آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندا هئا ۽ اهو ان جي ڪري جو اهو عزت ۽ احترام جي قابل آهي ۽ بعض روايات ۾ جيڪو آيو آهي ته پاڻ کابي هٿ ۾ مُنڊي پاتي اٿن اهو ان بيان ڪرڻ لاءِ ته اهو به جائز آهي. امام نووي رحمه الله فرمايو ته "مُنڊي پائڻ ٻنهي هٿن ۾ جائز آهي اختلاف صرف افضليت ۾ آهي سو صحيح قول اهو آهي ته ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ افضل آهي . امام بخاري جي روايت ۾ آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن ساڄي هٿ جي ننڍي آڱر ۾ مُنڊي پائيندا هئا. مردن کي اشهد جي آڱر ۾ ۽ وچين آڱر ۾ مُنڊي پائڻ مڪروهه آهي. ۽ ننڍي آڱر ۾ مُنڊي پائڻ سنت آهي. ۽ عورتن کي سيني آڱرين ۾ مُنڊي پائڻ ڪراهت کان سواءِ جائز آهي. (انوارِ غوثيه ص 141)

علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ شيعن جو شعار آهي ان جو ڪو اصل نہ آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 208) هڪ روايت ۾ آهي تہ "مُنڊي ساڄي هٿ ۾ سونهين ٿي. ابن حجر عسقلاني رحمه الله لکيو آهي تہ "زينت جي خيال سان مُنڊي ساڄي هٿ ۾ هجڻ کپي ۽ مُهر هڻڻ جي ارادي سان کابي هٿ ۾، جيئن مُهر هڻڻ وقت ساڄي هٿ سان کابي مان لاهي مُهر هڻجي. (فضائل النبي ﷺ ص 63)

حنفي علماء وٽ بہ اختلاف آهي هڪڙن کابي هٿ ۾ پائڻ کي پلو چيو آهي بين ساڄي هٿ ۾ پائڻ کي پلو چيو آهي. علامہ شامي اهي بہ قول لکيا آهن. (خصائل نبوي ص 80)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الخاتم باب ماجاء في التختم في اليمين اواليسار رقم الحديث 4226 ج 4 ص 91 {2} النسائي في كتاب الزينة باب 48 موضع الخاتم في اليد ج 8 ص 174، 175 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ص 110 {4} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5501 ج 12 ص 311 {5} البيهقي في الشعب ج 5 ص 205

{96} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَحْيٰى قَالَ: حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ صَالِحٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ وَهْبٍ، عَنْ سُلَيْمَانَ بْنِ بِلَالٍ، عَنْ شَرِيكِ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ أَبِي نَمِرٍ، نَحْوَهُ

سمجهاڻي: هيءَ روايت حديث 95 جهڙي آهي هن جي معلومات ان جي معلومات جهڙي آهي.

{97} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ، عَنْ حَمَّادِ بْنِ سَلَمَةَ قَالَ: رَأَيْتُ ابْنَ أَبِي رَافِعٍ، يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ فَسَأَلْتُهُ عَنْ ذٰلِكَ فَقَالَ: رَأَيْتُ عَبْدَ اللهِ بْنَ جَعْفَرٍ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ، وَقَالَ عَبْدُ اللهِ بْنُ جَعْفَرٍ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ

با محاوره ترجمو: حضرت حماد بن سلمہ رحمه الله کان روايت آهي تہ مون (عبد الرحمن) بن ابو رافع رحمه الله کي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندي ڏٺو. ان بابت مون کانئس پڇيو. چيائين تہ عبدالله بن جعفر کي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندي ڏٺم ۽ عبدالله بن جعفر چيو تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "يَتَخَتَّمُ" مُنڊي پائيندو هو. "فَسَأَلْتُهُ" ان کان پڇيم. سوال کان ورتل واحد متكلم جو صيغو "عبدالله بن جعفر" هي حضرت جعفر طيار رضي الله عنه جو فرزند، هاشمي حضرت هو. حديث جي روايت ۾ جيد راوين مان هڪ هو. پنهنجي والد وانگر صحابي هو ۽ اهو پهريون ٻارهو جيڪو حبش جي هجرت دوران حبش ۾ ڄائو هو. مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هيائين . هن کان صحاح سته وارن حديثون روايت ڪيون آهن. ابو الشيخ جي روايت ۾ آهي تہ هن جي وفات وقت بہ مُنڊي سندس ساڄي هٿ ۾ پاتل هئي.

سمجهاڻي: صحيحين مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس منڊي ننڍي آڱر ۾ پاتل هئي. تنهن ڪري سنت آهي تہ ننڍي آڱر ۾ مُنڊي پائجي. (انوارِ غوثيہ ص 141)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الزينة باب 48 موضع الخاتم في

اليد ج 8 ص 175 {2} البغوي في الشمائل رقم الحديث 809 ج 2 ص 543 {3} احمد في المسند ج 1 ص 204 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3142 ج 12 ص 66.

{98} حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ مُوسَى قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ نُمَيْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ الْفَضْلِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ عَقِيلٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ جَعْفَرٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ.

با محاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن جعفر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: جدا ناهي ساڳيو مذڪور آهي ۽ سمجهاڻي بہ ساڳي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجه في ڪتاب اللباس باب 42 التختم باليمين رقم الحديث 3647 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 108.

{99} حَدَّثَنَا أَبُو الْخَطَّابِ زِيَادُ بْنُ يَحْيَى قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ مَيْمُونٍ، عَنْ جَعْفَرِ بْنِ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر بن عبدالله کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مُنڊي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: ساڳيو مذڪور آهي.

سمجهاڻي: شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ "ابن حجر عسقلاني فرمايو "هن حديث جي سند ۾ قوت ناهي ڇوتہ هن جو راوي عبدالله بن ميمون مستند ۽ سيني وٽ معتبر ناهي. پر هن حديث کي ٻين روايتن سان قوت ملي ٿي ان جي ڪري منڪر ناهي. علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ هن حديث ۽ هن کان اڳين حديثن ۾ صراحت آيل ناهي تہ رسول الله ﷺ جن هٿ مبارڪ جي ڪهڙي آڱر ۾ مُنڊي پائيندا هئا. پر صحيحين ۾ صراحت آهي تہ پاڻ ڇيچ ۾ مُنڊي پائيندا هئا. بلڪ مسلم، ابي داؤد ۽ ترمذي ۾ اشهد ۽ وچين آڱر ۾ مُنڊي پائڻ کان منع آيل آهي ۽ آڱوٺي ۽ وچين آڱر ۾ مُنڊي پائڻ ثابت ناهي. ان جي ڪري مستحب آهي تہ ڇيچ ۾ مُنڊي پائجي. نووي ﷫ فرمايو تہ ڇيچ مرد جي لاءِ ڏيڻ وٺڻ ۾ ڪنهن سان پرچڻ ۽ لڳڻ کان محفوظ رهي ٿي." (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 151)

فائدو: علامہ ابن حجر ﷫ فرمايو تہ جيڪڏهن سينگار جي لحاظ سان ڪو مُنڊي پائڻ گهري تہ ساڄي هٿ ۾ پائي. احاديث جي مطالعي مان مون وٽ اهو ثابت آهي. (خصائل نبوي ص 81)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3144 ج 12 ص 67 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 107، 108.

{100} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ حُمَيْدٍ الرَّازِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا جَرِيرٌ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِسْحَاقَ، عَنِ الصَّلْتِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ: كَانَ ابْنُ عَبَّاسٍ، يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ وَلَا إِخَالُهُ إِلَّا قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَتَخَتَّمُ فِي يَمِينِهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو الصلت بن عبدالله ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت ابن عباس ﷺ

پنهنجي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندو هو. منهنجو ئي خيال آهي تہ ابن عباس ﷺ چيو تہ رسول الله ﷺ ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "اِخَال" ۽ اَخَالُ " (همزه جي زير ۽ زبر سان ايندو آهي) پر زير سان اڪثر پڙهيو ويندو آهي. ۽ اهو پڙهڻ وڌيڪ فصيح آهي . مان گمان ٿو ڪيان، مان خيال ٿو ڪيان، مون کي ياد اچي ٿو. تنهي معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ آيل الفاظ "مان گمان ڪيان ٿو" مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي جملو صلت بن عبدالله جو آهي ۽ علامہ علي قاري ﷺ فرمايو تہ "اهو جملو بعض الاصول ۾ ڪونہ ٿو ملي ۽ ابو داؤد هن کي هن نموني آندو آهي "محمد بن اسحاق چيو تہ "مون الصلت بن عبدالله کي سڄي هٿ جي چيچ ۾ مُنڊي پاتل ڏٺي. ان چيو تہ "مون حضرت عبدالله بن عباس ﷺ کي هن طرح ڏٺو ان نبي ڪريم ﷺ جن کي اهڙي طرح ڏٺو. (جمع الوسائل ج 1 ص 102)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} رواه بنحوه ابو داؤد في كتاب الخاتم باب ماجاء في التختم في اليمين اواليسار رقم الحديث 4229ج 4 ص 91 {2} **ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ** ص 108.

{101} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ أَبِي عُمَرَقَالَ : حَدَّثَنَا سُفْيَانُ ، عَنْ أَيُّوبَ بْنِ مُوسَى ، عَنْ نَافِعٍ ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اتَّخَذَ خَاتَمًا مِنْ فِضَّةٍ ، وَجَعَلَ فَصَّهُ مِمَّا يَلِي كَفَّهُ ، وَنَقَشَ فِيهِ "مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ"، وَنَهَى أَنْ يَنْقُشَ أَحَدٌ عَلَيْهِ وَهُوَ الَّذِي سَقَطَ مِنْ مُعَيْقِيبٍ فِي بِئْرِ أَرِيسٍ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن چانديءَ جي مُنڊي ٺهرائي. جنهن جي ٽِڪ هٿ جي ترِيءَ ڏي هئي. ان ۾ "محمد رسول الله" اُڪريل هو. ۽ ٻين کي اهڙي نقش کان منع فرمايائون. هي مُنڊي اها هئي جا حضرت معيقيب ﷺ کان **"اريس جي کوھ"** ۾ ڪِري پئي هئي.

مفردات جو شرح: "خَاتَمًا" اي كله : سڄي منڊي. "كَفَّهُ" ان جي هٿ جي تري) " سَقَطَ" : سقط کان ورتل، ڪري پئي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ مذڪور آهي تہ ان مُنڊي جي ٽڪ تي **"محمد رسول الله" ﷺ** نقش ٿيل هو. ۽ اها ٽڪ ترِيءَ واري پاسي هٿ جي اندرئين حصي ڏانهن ڪري ڇڏي هيائون. مسلم شريف جي روايت مان بہ ائين واضح آهي پر ابو داؤد جي روايت ۾ هٿ جي پٺيءَ ڏانهن ظاهر ٿيل جو ذڪر آهي انهن ٻنهي روايتن مان ثابت ٿيو تہ مُنڊيءَ جي ٽِڪ ترِيءَ واري پاسي ڏانهن ڪندا هئا پر اندرئين حصي ڏانهن ڪرڻ افضل ۽ اعليٰ آهي. امام نووي ﷺ فرمايو اندرئين حصي ڏانهن ڪرڻ سان تڪبر غُرور ۽ وڏائي کان بچاءُ ٿئي ٿو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ٻين کي هن نقش کان منع فرمايو. تان تہ هر هڪ اهو نہ لکي ۽ مُهر هڻڻ ۾ شڪ پيدا ٿئي تہ اها مهر حضور ڪريم ﷺ جي آهي يا ڪنهن ٻئي جي؟ (انوارِ غوثيہ ص 145) ۽ اها ئي مُنڊي هئي جيڪا مُعيقيب کان اريس نالي کوھ ۾ ڪري پئي هئي ۽ ان ڳالھ تي خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم عمل ڪيو اهڙي ٻي منڊي نہ ٺهرايائون تان جو اها کوھ ۾ ڪري پئي. معيقيب (ميم جي پيش ۽ عين جي زبر ۽ قاف جي زير سان) ابن ابي فاطمه الدوسي بدري صحابي هو. جذام جي بيماري ٿي هيس پوءِ حضرت عمر ﷺ جي امر سان ان جو علاج ٿوھ سان

ڪرايو ويو هو تہ ان جو جذام (يعني ڪوڙهہ) ختم ٿي ويو اسلام آڻڻ ۾ آڳاٽو هو. حبش ڏانهن ٻي هجرت ۾ مهاجر هو ۽ اتيئي رهيل هو تان جو نبي ڪريم ﷺ جن مدينہ منوره ۾ آيا. تہ پوءِ هي بہ اتي آيو حضور ڪريم ﷺ جي مُنڊي سنڀاليندو هو. حضرت ابو بڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رضي الله عنهم ان کي بيت المال جو عامل ڪري رکيو هو. ۽ ابن حجر جو قول تہ "معيقيب حضرت عثمان ؓ جو غلام هو. صحيح ناهي ۽ بعض حديثن ۾ آيو آهي تہ "حضرت معاذ بن جبل جي مُنڊيءَ تي "مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" نقش ٿيل هو. اهو حضور ڪريم ﷺ جن جي منع ڪرڻ کان پهريان هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 153)

هيءَ حديث ٻين جن محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث 94 جي تخريج ۾ مذڪور آهي.

{102} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَاتِمُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ، عَنْ جَعْفَرِ بْنِ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: كَانَ الْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ يَتَخَتَّمَانِ فِي يَسَارِهِمَا

با محاوره ترجمو: حضرت جعفر بن محمد ؓ پنهنجي پيءُ (محمد باقر ؓ) کان روايت ڪئي آهي تہ حضرت امام حسن ؓ ۽ حضرت امام حسين ؓ مُنڊي کاٻي هٿ ۾ پائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "يَتَخَتَّمَانِ" تثنيه جو مشهور صيغو. مُنڊي پائيندا هئا. "يَسَارِ" کاٻو هٿ.

مسئلو: ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ افضليت لاءِ آهي ۽ هن روايت ۾ کاٻي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ جو ذڪر جواز بيان ڪرڻ واسطي آهي.

سمجهاڻي: هيءَ روايت امام باقر رحمه الله جي مرسل آهي امام سڳوري ڪنهن ٻئي کان ٻڌي آهي ڇوتہ حسنين ڪريمين مان حضرت امام حسن سان تہ سندس ملاقات ثابت ناهي باقي حضرت حسين کي ان جو ڏسڻ ممڪن آهي ڇوتہ ڪربلا جي جنگ وقت امام محمد باقر رحمه الله چئن سالن جو هو ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ ان پنهنجي والد حضرت امام زين العابدين رحمه الله کان ٻڌو هجي. پوءِ هيءَ روايت ٻنهي لحاظن سان مرسل آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 213) ۽ علامہ الزين العراقي رحمه الله فرمايو آهي "شمائل جي مؤلف کاٻي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ جي لاءِ هن اثر کان سواءِ ڪجهہ بہ نقل نہ ڪيو آهي ۽ بعض سنَدُن سان هن روايت جو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تائين مرفوع هجڻ ثابت آهي جنهن ۾ حضرت ابو بڪر، حضرت عمر ۽ حضرت علي رضي الله عنهم جو بہ ذڪر آيل آهي. اها روايت ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ۾ ۽ البيهقي الادب ۾ آندي آهي. ۽ ان جا الفاظ هي آهن تہ رسول الله ﷺ ۽ (حضرت) ابو بڪر ۽ (حضرت) عمر ۽ (حضرت) علي ۽ (حضرت) حسن ۽ (حضرت) حسين (رضی الله عنهم) کاٻي هٿ ۾ مُنڊي پائيندا هئا ۽ مصنف جو هن روايت کي هن باب ۾ آڻڻ جو مقصد حالانڪ اهو ترجمة الباب جي ضد ۾ آهي هن ڳالهہ تي متنبہ ڪرڻ آهي تہ "هن روايت مان حجت نہ ورتي ويندي جيتوڻيڪ ان جون روايتون صحت جي درجي کي پهتل آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 213)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البيهقي في شعب الايمان ج 5 ص 203 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 111.

{103} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عِيسَى وَهُوَ ابْنُ الطَّبَّاعِ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبَّادُ بْنُ

الْعَوَّامِ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ أَبِى عَرُوبَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: أَنَّهُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَخَتَّمُ فِى يَمِينِهِ وَقَالَ أَبُو عِيسٰى: هٰذَا حَدِيثٌ غَرِيبٌ لاَ نَعْرِفُهُ مِنْ حَدِيثِ سَعِيدِ بْنِ أَبِى عَرُوبَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسٍ، عَنِ النَّبِىِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَحْوَهٰذَا إِلَّا مِنْ هٰذَا الْوَجْهِ. وَرَوٰى بَعْضُ أَصْحَابِ قَتَادَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، عَنِ النَّبِىِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَّهُ كَانَ يَتَخَتَّمُ فِى يَسَارِهِ وَهُوَحَدِيثٌ لاَيَصِحُّ أَيْضًا.

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ مُنڊي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.

مفردات جو شرح : اڳ ۾ مذڪور ساڳيو آهي.

سمجهاڻي: جدا ڪانہ آهي ساڳي مذڪور آهي. پر شمائل جي بعض نسخن ۾ ڪجھ وڌيڪ الفاظ آيل آهن جن جو ترجمو هي آهي. "ابو عيسيٰ ﷫ (ترمذي) فرمايو تہ هيءَ حديث غريب آهي ان کي سعيد بن ابي عروبہ کان ان جي سند سان قتاده کان حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان هيءَ روايت هن وجہ کان سواءِ اسين نہ ٿا سڃاڻون. ۽ قتاده ﷺ جي بعض شاگردن قتاده کان, حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن کابي هٿ ۾ مُنڊي پاتي هئي ۽ اها حديث بہ صحيح ناهي. محدث ڪانڌلوي صاحب لکيو آهي تہ امام ترمذي جي تحقيق هيءَ آهي تہ" هي ٻئي روايتون صحيح ناهن جنهن جو مطلب آهي تہ حضرت انس ﷺ جي حديث ۾ هٿ جو تعيّن ناهي. هي محدثن جي احتياط جي نهايت آهي تہ اهي حديث جي ٽڪري ۽ حصي تي بہ اونهي نظر رکندا هئا تہ ڪهڙي حديث ۾ ڪهڙو مضمون صحيح آهي ۽ ڪهڙو مضمون صحيح ناهي اها ئي شيءِ آهي جنهن جي بدولت حديث شريف جو فن اڄ تائين نهايت مضبوطي, نورانيت ۽ چمڪ سان پکڙيل آهي. رسول الله ﷺ جن جي طرفان ٻنهي هٿن ۾ منڊي پائڻ ثابت آهي ساڄي هٿ ۾ مُنڊي پائڻ جون روايتون هن باب ۾ مذڪور آهن ۽ کابي هٿ ۾ پائڻ جون روايتون ابو داؤد, مسلم وغيره ۾ موجود آهن. محدث نووي ﷫ انهن ٻنهي قسمن جي روايتن کي صحيح قرار ڏنو آهي پر محدثن جو اهو قاعدو رهيو آهي تہ "حديث جي متن صحيح هجڻ جي باوجود اگر ڪنهن خاص سبب جي ڪري اها محدثن جي قاعدي جي موافق ناهي تہ ان خاص طريقي تي بحث ڪن ٿا. ان جي ڪري محدث ترمذي هتي بحث ڪيو آهي. (خصائل نبوي ص 84)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الزينة باب 77 موضع الخاتم ج 8 ص 193 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 109 {3} ابن الجوزي في العلل المتناهية ج 2 ص 693.

{104} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عُبَيْدِ اللهِ الْمُحَارِبِىُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْعَزِيزِبْنُ أَبِى حَازِمٍ، عَنْ مُوسَى بْنِ عُقْبَةَ، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَقَالَ: اتَّخَذَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَاتَمًا مِنْ ذَهَبٍ، فَكَانَ يَلْبَسُهُ فِى يَمِينِهِ، فَاتَّخَذَ النَّاسُ خَوَاتِيمَ مِنْ ذَهَبٍ فَطَرَحَهُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَقَالَ: لاَأَلْبَسُهُ أَبَدًا فَطَرَحَ النَّاسُ خَوَاتِيمَهُمْ

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن سوني مُنڊي ٺهرائي ۽ ان کي پنهنجي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا (پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسي) ٻين اصحابن سڳورن بہ سونيون منڊيون ٺهرايون. رسول الله ﷺ ان سوني مُنڊيءَ کي لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ "هاڻي آءُ هن سوني مُنڊي کي ڪڏهن بہ نہ پائيندس." پوءِ ماڻهن (اصحابن سڳورن) بہ پنهنجون (سونيون) مُنڊيون

لاهي اڇلائي ڇڏيون.

مفردات جو شرح: "ذَهَبٍ" سون. "فَاتَّخَذَ النَّاسُ" پوءِ ماڻهن بہ سيني يا صرف مردن) اهڙيون منڊيون ٺهرايون. "خَوَاتِيمَ" خاتم جو جمع آهي. مُنڊيون. "طَرَحَ" اڇلايائون. لاهي ڇڏيائون. طرحُ کان ورتل آهي. ڪڍي رکڻ, حمل جو ڪِري پوڻ. خواتيم ۾ "تا" اشباع جي آهي. (انوارِ غوثيه ص 145)

سمجهاڻي: هن حديث ۾ ارشاد آهي تہ رسول الله ﷺ جن سوني مُنڊي ٺهرائي هئي. ۽ هيءَ ساڳي ڳالهہ امام بخاري رحمہ اللہ بہ آندي آهي پر ان ۾ آهي تہ ان جي ٽڪ هٿ جي اندرئين طرف ڪري ڇڏي هيائون. ۽ ان ۾ "محمد رسول الله" ﷺ لکيل هو. پر اهو مردن جي لاءِ سون جي پائڻ جي حرام ٿيڻ کان پهريان هو ۽ ان ۾ عورتون داخل ناهن ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان ان جي لاهڻ کان پوءِ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان بہ اهي لاهي ڇڏيون. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان تہ "مان اها هاڻي هميشہ نہ پائيندس" مردن ڪي سون جي استعمال ڪرڻ کان منع لاءِ آهي ۽ چئن ئي مذهبن جي امامن مردن جي لاءِ سون جي استعمال کي حرام چيو آهي. بلڪ حضور ڪريم ﷺ جن جڏهن ڏٺو تہ ماڻهو تڪبر ۽ غرور جي لحاظ سان منڊيون پائن ٿا تہ پاڻ چانديءَ جي منڊي بہ لاهي رکي هيائون. (جمع الوسائل ج 1 ص 214) علامہ بيجوري رحمہ اللہ لکيو آهي تہ اها منڊي اها هئي جنهن جي ٽڪ حبشي هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 215) ۽ هڪ بي حديث ۾ آيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ هٿ ۾ سون ۽ هڪ هٿ ۾ خالص ريشم کڻي فرمايو تہ "هي ٻئي منهنجي امت جي مردن تي حرام آهن ۽ عورتن جي لاءِ حلال آهن. (انوارِ غوثيہ ص 146)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} مسلم في كتاب اللباس والزينة باب 11 تحريم خاتم الذهب علي الرجال رقم الحديث 2091 ج 3 ص 1655 {2} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 470 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 800 ج 2 ص 539.

باب چوڏهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ سَيْفِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جون اهي حديثون آهن جن ۾ سندن تلوار جي صفت جو ذڪر آهي

مناسبت جو سبب: هن باب جو اڳئين باب سان مناسبت جو سبب اهو آهي ته اڳئين باب ۾ بادشاهن ڏانهن موڪلڻ جي لاءِ مُهر هڻڻ جي ضرورت هئي تان ته انهن کي اسلام ڏانهن سڏيو وڃي ۽ هتي تلوار جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته اسلام قبول نه ڪندڙن ۽ ان جي خلاف ڪم ڪندڙن جي لاءِ تلوار جو استعمال ٿيندو. ۽ جهاد ۾ ڪم ايندڙ اوزارن مان تلوار جي ذڪر سان شروعات ان جي ڪري ڪئي وئي جو اها وڌيڪ نفعي واري ۽ آسان آهي ۽ تلوار جي صفت مان مراد ان جي اها حالت بيان ڪرڻ آهي جنهن تي اها ٺهيل آهي

حضور ﷺ جي تلوارن جو تعداد: سيدنا رسول الله ﷺ جن جون تلوارون ٻارهن هيون. (1) هڪ تلوار کي "الماثور" چوندا هئا ۽ اها پهرين تلوار هئي جيڪا کين سندن والد ڪريم کان ورثي ۾ ملي هئي. (2) ٻيءَ کي "القضيب" چوندا هئا. (3) ٽين سندن تلوار هئي جنهن کي "القلعي" قاف جي پيش لام جي زبر سان سڏيندا هئا. قلع ڏانهن نسبت آهي. (4) چوٿين سندن تلوار هئي جنهن کي "بتار" چوندا هئا. (با جي زبر ۽ تا جي شد سان) (5) پنجين سندن تلوار هئي جنهن کي "الحتف (حا جي زبر ۽ تا جي جزم سان) سڏيندا هئا. (6) ڇهين سندن تلوار هئي جنهن کي "المخذم"(ميم جي زير خا جي جزم ۽ ذال جي زبر سان) سڏيندا هئا. (7) ستين سندن تلوار کي "الرسوب" سڏيندا هئا. (8) اٺين سندن تلوار هئي جنهن کي "الصمصامة" سڏيندا هئا. (9) نائين سندن تلوار هئي جنهن کي "اللحيف" سڏيندا هئا. (10) ڏهين سندن تلوار هئي جنهن کي ذوالفقار (فا جي زبر ۽ زير ٻنهي سان) آيل آهي. سڏيندا هئا. جيئن ابن القيم بيان ڪيو آهي ان نالي سان ان جي ڪري سڏي وئي جو فقر سَندَ ۽ حصي کي سڏبو آهي. (11) سندن معجزي سان ڪاٺيءَ مان تلوار ٿي هئي. ۽ اها هن طرح ته پاڻ ﷺ جن بدر جي جنگ دوران "عڪاشہ" نالي صحابي ﷺ جي جڏهن تلوار ڀڄي پئي ته پاڻ ان کي ڪاٺي ڏناٺون ۽ فرماياٺون ته "اها دشمن کي هڻ." ته اها ان جي هٿ ۾ تلوار ٿي پئي. جيڪا وهڻ ۾ تيز، رنگ ۾ سفيد، لوهه جي حصي جهڙي مضبوط ٿي پئي پوءِ ان سان اتي جنگ ڪيائين ان کان پوءِ اها ان وٽ رهي ۽ شهيد ٿيڻ تائين ان سان جنگين ۾ جهاد ڪندو رهيو. (12) سندن اها تلوار جيڪا اصل ۾ ڪجيءَ جي ٽاري هئي پر پاڻ حضرت عبدالله بن جحش ﷺ کي اُحد جي جنگ واري ڏينهن ڏني هيائون ۽ ان جي هٿ ۾ پهچڻ سان تلوار ٿي پئي هئي. هن باب ۾ چار حديثون آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 21) هنن پونين ٻن تلوارن مان پهرينءَ جو نالو "العون" ۽ ٻيءَ جو نالو " العرجون" هو. مڪ مڪرمہ

جي فتح ٿيڻ وقت حضور ڪريم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ ۾ "ذوالفقار" تلوار هئي. (انوارِ غوثيه ص 148)

{105} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا وَهْبُ بْنُ جَرِيرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ: كَانَتْ قَبِيعَةُ سَيْفِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ فِضَّةٍ.

با محاوره ترجمو: حضرت انس ﷜ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جي تلوار جو مُنيو چانديءَ جو هو. يا مُنيي تي چانديءَ جو پَٽ چڙهيل هو.

مفردات جو شرح: "قَبِيعَةُ" تلوار جي مُنيي تي چڙهيل چاندي يا لوهه. طيبي فرمايو ته "قَبِيعَةُ" هٿ وجهڻ وارو حصو آهي جنهن تي چاندي يا لوهه چڙهيل هجي.

سمجهاڻي: هن حديث جي تشريح ڪندي علامه علي قاري ﷫ لکيو آهي ته هن حديث مان تلوار يا ٻين جنگ جي هٿيارن جي هٿ وجهڻ واري جاءِ تي چاندي لڳرائڻ جي جواز جو دليل ملي ٿو. پر سون لڳائڻ حرام آهي ۽ سواريءَ جي لغام ۽ وهڻ واري هني يا پاکڙي ۾ چاندي لڳائڻ کي بعض علماء حرام ۽ بعض مباح، جائز چيو آهي. ابن سعد عامر ﷜ کان روايت آندي آهي ته اسان کي حضرت علي بن الحسين (امام زين العابدين ﷜) رسول الله ﷺ جن جي تلوار ڪڍي ڏيکاري جنهن جي هٿ وجهڻ واري جاءِ تي چاندي لڳل هو. ۽ جنهن حمائل مان جڏهن اها ٻاهر ڇِڪي ڪڍي ته اها تلوار هئي جيڪا منبه بن حجاج سهمي جي هئي. ڪيس بدر جي ڏينهن ملي هئي. حنفي فقه جي ڪتاب "**قاضي خان**" ۾ آهي ته "سون ۽ چاندي جي ٿانو ۾ کائڻ، پيئڻ، تيل وجهي رکڻ مڪروه آهي اهڙي طرح خوشبوء ڪرڻ وارو ٿانءُ ۽ سرميداڻي به سون ۽ چانديءَ جي منع آهي سون ۽ چانديءَ جي سرائيءَ سان سرمو به منع آهي. اهڙي طرح چاندي ۽ سون سان ڪرسيون، کٽون ۽ تخت سجائڻ به جائز ناهي. رڪيب، لغام ۽ هنا به سون ۽ چانديءَ مان نهرائڻ يا سينگارڻ جائز ناهن، پر قرآن ڪريم کي سون يا چانديءَ سان سينگارڻ ، لکڻ وغيره منع ناهي باقي هٿيارن کي چانديءَ جا مُنيا وغيره هڻائڻ جائز آهن. ۽ سون ۽ چانديءَ جا ڪوڪا هڻڻ منع ناهن. (جمع الوسائل ج 1 ص 157) هن روايت ۾ جنهن تلوار جو ذڪر آهي اها ذوالفقار هئي. (خصائل نبوي ص 85)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في **ڪتاب الجهاد باب 71 في السيف يحلي رقم الحديث** 2583 ج 3 ص 30 {2} **النسائي في ڪتاب الزينة باب 118 حلية السنن** ج 8 ص 219 {3} **الدارمي في** ڪتاب السير باب 21 في قبيعة سيف رسول الله ﷺ **رقم الحديث** 2457 ج 2 ص 292 {4} **البيهقي في سننه** ج 4 ص 143 {5} **ابو الشيخ في اخلاق النبي** ﷺ 123 {6} **التمام في فوائده رقم الحديث** 1049 ج 3 ص 272 {7} **الطحاوي في المشڪل** ج 2 ص 166.

{106} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاذُ بْنُ هِشَامٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ أَبِي الْحَسَنِ قَالَ: كَانَتْ قَبِيعَةُ سَيْفِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ فِضَّةٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سعيد بن ابو الحسن ﷜ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جي تلوار جو مُنيو چانديءَ جو هو.

مفردات جو شرح: مفردات جو شرح اڳين حديث وارو ساڳيو آهي.
سمجهاڻي: هن جي سمجهاڻي ساڳي آهي.
هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: اهي بہ اڳين حديث وارا آهن.

{107} حَدَّثَنَا أَبُو جَعْفَرٍ مُحَمَّدُ بْنُ صُدْرَانَ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا طَالِبُ بْنُ حُجَيْرٍ، عَنْ هُودٍ وَهُوَ ابْنُ عَبْدِ اللهِ بْنِ سَعْدٍ، عَنْ جَدِّهِ قَالَ: دَخَلَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَكَّةَ يَوْمَ الْفَتْحِ وَعَلَى سَيْفِهِ ذَهَبٌ وَفِضَّةٌ. قَالَ طَالِبٌ فَسَأَلْتُهُ عَنِ الْفِضَّةِ فَقَالَ: كَانَتْ قَبِيعَةُ السَّيْفِ فِضَّةً.

با محاوره ترجمو: حضرت هود بن عبدالله بن سعد ﷺ پنهنجي ڏاڏي (سعد) کان روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ فتح مڪي جي ڏينهن جڏهن مڪي شريف شهر ۾ داخل ٿيا، تہ سندن تلوار تي سون ۽ چاندي جڙيل هئا. راوي طالب بن جحير ﷺ چيو تہ مون ان کان چاندي جي باري ۾ پڇيو؟ ان چيو تہ، تلوار جو مُنيو چانديءَ جو هو.
مفردات جو شرح : "دَخَلَ" تشريف فرما ٿيا. "مڪة" مشهور ۽ معروف شاندار شهر "يَوْمَ الْفَتْحِ" مڪہ مڪرمہ فتح ڪرڻ واري ڏينهن.
سمجهاڻي: ارشاد آهي "جڏهن مڪہ مڪرمہ ۾ داخل ٿيا. يعني مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪري هڪ فاتح جي حيثيت سان ان ۾ داخل ٿيا. هي واقعو رمضان المبارڪ مهيني سن 9هہ ۾ ٿيو هو. ان وقت بيت الله شريف ۾ 360 بت پيل هئا. سيد المرسلين ﷺ جي هٿ مبارڪ ۾ ڪجيءَ جي ڇڙي هئي ۽ هر هڪ بُت جي مٿان آيت : "جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا" (بني اسرائيل آيت 81) پڙهي ان ڇڙي سان اشارو ٿي ڏنائون تہ بت ڪري ٿي پيا. اڪثر محدثن هن حديث کي ضعيف چيو آهي. علامہ تور پشتي ﷫ فرمايو تہ "هيءَ حديث تلوار ۾ سون استعمال ڪرڻ جي جواز لاءِ حجت ۽ دليل ناهي ڇوتہ هن جي سندَ اعتماد جوڳي ناهي. علامہ ابن عبدالبر "الاستيعاب" ۾ فرمايو تہ "هيءَ حديث قوي ناهي ان جي ڪري هن سان سون جي استعمال ڪرڻ جو دليل نہ ٿو وٺي سگهجي. علامہ ابن حجر ﷫ بہ لکيو آهي تہ "هيءَ حديث ضعيف آهي ان سان سون جو استعمال ڪرڻ ثابت نہ ٿو ٿئي. ان جي ڪري حديث جي راويءَ بہ سوال صرف چانديءَ جي باري ۾ ڪيو آهي. (انوارِ غوثيه ص 150، خصائل نبوي ص 86)
هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 122 {2} البغوي في الشمائل رقم الحديث 878 ج 2 ص 582، 583.

{108} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ شُجَاعٍ الْبَغْدَادِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو عُبَيْدَةَ الْحَدَّادُ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ سَعْدٍ، عَنِ ابْنِ سِيرِينَ قَالَ: صَنَعْتُ سَيْفِي عَلَى سَيْفِ سَمُرَةَ بْنِ جُنْدُبٍ، وَزَعَمَ سَمُرَةُ أَنَّهُ صَنَعَ سَيْفَهُ عَلَى سَيْفِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَكَانَ حَنَفِيًّا.

با محاوره ترجمو: حضرت ابنِ سيرين ﷺ کان روايت آهي تہ مون پنهنجي تلوار سمرة بن جندب ﷺ جي تلوار جهڙي ٺهرائي. چاڪاڻ تہ سمرة چيو تہ مون پنهنجي تلوار رسول الله ﷺ جن جي تلوار جهڙي ٺهرائي هئي ۽ اها تلوار بنو حنيف قبيلي جي ٺهيل هئي.

مفردات جو شرح: "صَنَعْتُ" مون ٺهرائي. ۽ شمائل جي بعض نسخن ۾ "صُنِعَتْ" جو لفظ آيو آهي. پهرئين لفظ تي معنيٰ ٿيندي مون امر ڪيو تہ ٺاهي وڃي. ٻئي نسخي مطابق معنيٰ ٿيندي تہ ٺاهي وڃي. علي سيف سمرة بن جندب" سمرة بن جندب جي تلوار جي شڪل ۽ صورت ۽ ڪيفيت جي نموني تي "صَنَعَ سَيْفَهُ" ماضي معروف جو صيغو "سيف" مفعول به جي لحاظ سان منصوب آهي ۽ جيڪڏهن "صنع" ماضي مجهول جو صيغو چونڊؤ تہ "سَيْفُهُ" نائب فاعل جي حيثيت سان مرفوع رهندو. "حَنَفِيًّا" بني حنفيه ڏانهن نسبت آهي، اهو مسيلمہ ڪذاب وارو قبيلو هو. اهي سنيون تلوارون ٺاهڻ ۾ مشهور هئا. ان ۾ بہ احتمال آهن (1) هڪ تہ ان جو ٺاهيندڙ انهن مان هو (2) ٻيو تہ اها اتان آيل هئي، ۽ هي ظاهر ۾ سمرة بن جندب جو ڪلام لڳي ٿو. ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ اهو مرسل طور ابن سيرين رحمہ الله جو ڪلام هجي.

سمجهاڻي: هن روايت مان واضح ٿيو تہ سرڪارِ دو عالم ﷺ جي تلوار مبارڪ بني حنيفه قبيلي جي تلوارن وانگر سهڻي ٺهيل هئي. ۽ صحابہ ڪرام ۾ پنهنجي آقا ﷺ جي هر ادا کي پنهنجو بنائڻ جو ايترو شوق هو جو پنهنجون تلوارون بہ محبوب ڪريم ﷺ جي تلوار جي نموني تي ٺهرائيندا هئا. ۽ حضرت ابن سيرين بہ ان محبت کي برقرار رکندي اهڙي تلوار ٺهرائي هئي. محدث ترمذي هن روايت جي لاءِ پنهنجي لکيل "جامع ترمذي" ۾ فرمايو آهي تہ هيءَ حديث سندَ جي لحاظ سان غريب آهي. هن ٿي سبب سان هن کي سچاڻون ٿا. عثمان بن سعد راوي جي لاءِ القطان فرمايو آهي تہ "حافظي جو ڪمزور هو."

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 5 ص 20 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 123 {3} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 486.

{109} حَدَّثَنَا عُقْبَةُ بْنُ مُكْرَمٍ الْبَصْرِيُّ قَالَ حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَكْرٍ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ سَعْدٍ، بِهَذَا الإِسْنَادِ نَحْوَهُ

فائدو: علامہ مناوي رحمہ الله لکيو آهي تہ سرڪار ﷺ جي تلوارن مان ذوالفقار معروف ۽ مشهور آهي. اها بدر جي جنگ ۾ کين ملي هئي ۽ ان جي باري ۾ اُحد جي جنگ ۾ خواب ڏٺو هيائون. حجاج بن عڪاظ کان پوءِ اها عباسي خليفن وٽ هئي. هڪ قول اهو آهي تہ اها اصل ان لوهہ مان ٺهرائي وئي هئي جيڪو ڪعبہ وٽ دفن ٿيل هو. تلوارن کي چمڪائيندڙ، صاف ڪندڙ مرزوق جو قول آهي تہ مون ان کي صاف ڪري چمڪايو هو ان جو مُٺيو چانديءَ جو هو. (شرح المناوي علي جمع الوسائل ج 1 ص 158)

هي حديث انهن ٿي ٻين محدثن آندي آهي جن هن کان اڳين حديث آندي آهي.

باب پندرهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ دِرْعِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب انهن حديثن تي مشتمل آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي زره جي متعلق آهن

سمجهاڻي: هتي درع جي لحاظ کان اول "لبس" جو لفظ مقدر ڪڍيو ويندو يعني سندن زره ڍڪڻ ۽ پائڻ جي متعلق. تان تہ هن باب ۾ مذڪور ٻن حديثن سان مطابق رهي. "الدرع" دال جي زير سان. لوهہ مان ٺهيل جُبو جيڪو ڪڙا، ڪڙا ڪري ٺاهيو ويندو آهي ۽ اها زرهہ جنگين ۾ ڍڪي ويندي آهي.

زرهن جو تعداد: حضور ڪريم ﷺ جون زرهون ست هيون انهن جا نالا هن طرح آهن. (1) هڪ ذات الفضول : ڊگهي هجڻ جي ڪري ان نالي سان سڏي وئي ۽ اها ئي اها زره هئي جيڪا ابو شحم يهودي وٽ گروي رکيل هئي. (2) ٻي ذات الوشاح (3) ٽين ذات الحواشي (4) چوٿين الفضہ (5) پنجين السغدية (سين جي پيش غين جي جزم سان) هڪ قول مطابق غين جي بجاءِ عين سان آيل آهي ۽ هڪ قول مطابق سين جي بجاءِ صاد بہ پڙهيو ويو آهي. هن زرهہ جي لاءِ هڪ قول آهي تہ اها حضرت داؤد (على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) پائي جالوت جو مقابلو ڪيو هو. (6) ڇهين البتراء (7) ستين الخرنق. (المواهب شرح الشمائل ص 221) ذات الفضول زرهہ حضور ڪريم ﷺ جن جي بدر ڏانهن وڃڻ وقت سندن خدمت ۾ سعد بن عباده موڪلي هئي. السغدية ۽ الفضة ڪين بني قينقاع مان هٿ آيون هيون. ابن سعد طبقات ۾ پنهنجي سندَ سان عامر کان روايت آندي آهي تہ اسان کي علي بن الحسين (امام زين العابدين رضي الله عنه) سيدنا رسول الله ﷺ جي زره مبارڪ ڪڍي ڏيکاري تہ اها يماني سنهي ۽ تمام ڊگهي نہ هئي، لڙڪائي رکڻ سان زمين تي نہ ٿي لڳي ان ۾ ٻيڙا لڳل هئا جيڪڏهن اهي کولي ڇڏجن ته لڙڪائي ويندي هئي تہ زمين تائين پهچندي هئي. ۽ ابن سعد رضي الله عنه حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ محبوب ڪريم ﷺ جي زرهہ کي سيني جي برابر ٻہ ٻيڙا لڳل هئا ۽ اهڙي طرح پٺين طرف بہ ٻہ ٻيڙا لڳل هيس. حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه فرمايو تہ "اها مون پائي ڏٺي تہ زمين تائين پهتي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 159)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: اهي مذڪور حديث جي تخريج ۾ ڏسندا.

{110} حَدَّثَنَا أَبُو سَعِيدٍ عَبْدُ اللهِ بْنُ سَعِيدٍ الأَشَجُّ قَالَ : حَدَّثَنَا يُونُسُ بْنُ بُكَيْرٍ ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِسْحَاقَ ، عَنْ يَحْيَى بْنِ عَبَّادِ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ الزُّبَيْرِ ، عَنْ أَبِيهِ ، عَنْ جَدِّهِ عَبْدِ اللهِ بْنِ الزُّبَيْرِ ، عَنِ الزُّبَيْرِ بْنِ الْعَوَّامِ قَالَ : كَانَ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمَ أُحُدٍ دِرْعَانِ ، فَنَهَضَ إِلَى الصَّخْرَةِ فَلَمْ يَسْتَطِعْ ، فَأَقْعَدَ طَلْحَةَ تَحْتَهُ ، وَصَعِدَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتَّى اسْتَوَى عَلَى الصَّخْرَةِ قَالَ : سَمِعْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ : أَوْجَبَ طَلْحَةُ

با محاوره ترجمو: حضرت زبير بن العوام کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي بدن پاڪ تي جنگ احد جي ڏينهن ٻہ زرهون پيل هيون. پوءِ پاڻ سگورا وڏي جبل تي چڙهڻ لڳا. پر (زخمن جي گهڻائي ۽ تڪليف جي ڪري) پاڻ چڙهي نہ سگهيا. پوءِ حضرت طلحہ ﷛ کي پنهنجي هيٺان ويهاري پاڻ مٿس چڙهي، جبل تي چڙهي ويا. راوي (زبير بن العوام) چوي ٿو تہ پوءِ مون نبي ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو، جو فرمايائون تہ طلحه ﷛ پنهنجي لاءِ (شفاعت يا بهشت) واجب ڪري ڇڏيو.

مفردات جو شرح: "دِرْعَانِ" ٻہ زرهون. "فَنَهَضَ" پوءِ چڙهڻ لڳا. "فَأَقْعَدَ" پوءِ وهاريائون. "وَجَبَ" واجب ڪري ورتائين.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن اُحد جي جنگ ۾ ٻہ زرهون پاتيون هيون. (1) ذات الفضول (2) فضہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ زرهہ ڍڪڻ يا ٻيو ڪو بہ حفاظتي انتظام ڪرڻ الله ﷻ تي توڪل ڪرڻ جي خلاف ناهي. توڪل جي معنيٰ آهي "الله تي ڀروسو ڪرڻ" ان جا درجا جدا جدا آهن. (1) اعتقادي: هي اسباب تان نظر هٽائي مسبب الاسباب الله ﷻ ڏانهن توجهہ ڪرڻ ۽ ان تي ڀروسو رکڻ آهي ۽ هي هر مسلمان تي فرض آهي. مطلب تہ اسباب هجن يا نہ هجن هر حالت ۾ الله ﷻ کي حقيقي ڪارساز سمجهڻ، مجڻ ۽ اهو يقين رکڻ گهرجي. (2) عملي : يعني عملي طرح اسباب کي ڇڏڻ پر ان ۾ ڪجهہ تفصيل آهي ڇاڪاڻ تہ هي جهانُ اسباب سان واسطو رکي ٿو. پر انهن ۾ هڪڙا اهڙا اسباب آهن جن جي اختيار ڪرڻ سان مقصود جو حاصل ڪرڻ يقيني آهي پوءِ انهن مان ڪن سببن جو آخرت ۾ ڪاميابي سان تعلق آهي. جيئن بهشت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ صحيح عقيدا ۽ نيڪ اعمال اسباب آهن . شريعت ۾ اهڙي قسم جا اسباب ڇڏي سڪٽي توڪل ڪرڻ حرام آهي ۽ ٻين ڪيترن سببن جو دنيا جي ڪمن سان واسطو آهي جيئن کائڻ، پيئڻ، ڍڪ ڪرڻ جا اسباب آهن جن سان حياتيءَ جي بقا آهي اهڙن سببن کي ڇڏڻ بہ ناجائز آهي انهن کان سواءِ ڪي اهڙا اسباب آهن جن سان مقصود جو حاصل ٿيڻ يقيني ناهي جيئن ڪنهن کي پنهنجي جائز ڪم جي لاءِ سفارش ڪرڻ يا امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي لاءِ ستائڻ. اهڙي قسم جي سبب کي الله ﷻ تي توڪل ڪري ڇڏي ڏيڻ وڏي درجي وارن ماڻهن جي لاءِ بهتر آهي باقي عام ماڻهن کي اهڙن سببن سان اطمينان حاصل ٿئي ٿو ان جي ڪري اهڙن ماڻهن کي اهڙن سببن کي اختيار ڪرڻ جي تيستائين اجازت آهي جيستائين ان جي ڪري ديني نقصان نہ ٿئي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جنگ جي لاءِ عسڪري قوت ۽ حفاظت جي اسباب هوندي بہ فتح يقيني نہ هوندي آهي پر شرعي حڪم آهي تہ اسباب ۽ قوت مڪمل طرح گڏ ڪرڻ گهرجن، ڇو تہ ان سان عام ماڻهو کي تسلي ٿئي ٿي ۽ اهي قرار سان جنگ ۾ شموليت اختيار ڪن ٿا. پر جيڪي توڪل ۽ يقين جي اعليٰ مقام تي فائز هوندا آهن انهن جي نظر مسبب الاسباب الله ﷻ تي هوندي آهي اسباب تي نظر گهٽ رکندا آهن. حضرت خالد بن وليد ﷛ چاليهن ماڻهن کي رسول الله ﷺ جن جي طرفان امير چونڊجڻ جي ڪري پاڻ سان وٺي سٺ هزار لشڪر سان وڙهي جنگ ڪري انهن کي شڪست ڏني هئي. اهڙين هستين جي صرف حقيقي ڪارساز رب العزت جل شانه جي قوت ۽ قدرت تي نظر هوندي آهي. عام ماڻهن جي نظر اسباب تائين محدود هوندي آهي انهن جي تسلي لاءِ حضور ڪريم ﷺ جن اسباب اختيار فرمايا هئا.

حالانڪ سندن جي لاءِ اهي ضروري ۽ لازم نہ هئا. سندن اهي ڪيفيتون امت جي تعليم لاءِ هيون. الله ﷻ جو بہ فرمان آهي "يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِانْفِرُوْا جَمِيْعًا" (سورة النساء آيت 71) ترجمو: (اي ايمان وارؤ! پنهنجو بچاء ونو (هٿيارن وغيره سان پوءِ جنگ جي لاءِ جماعتون جماعتون ٿي نڪرو يا گڏجي نڪرو) جهڙي حالت هجي اهڙي صورت اختيار ڪيو) الله ﷻ جي فرمانبرداري حضور پُرنور ﷺ جن کان وڌيڪ ڪير ڪري سگهندو. ان آيت جي حڪم موجب بہ پاڻ اهي اسباب اختيار ڪيا هيائون. ان جي ڪري زره ۽ مٿي تي لوهي ٽوپلو پائڻ وغيره کي توڪل جي خلاف سمجهڻ نہ گهرجي. ڪڏهن تہ جنگ جي اسباب جي ڪثرت ۽ هٿيارن جي مضبوطيءَ کي ڏسي ڪافرن دشمنن تي رعب طاري ٿيندو آهي جيئن رب العزة جل شانہ جو قرآن ڪريم ۾ فرمان آهي. "وَاَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللهِ وَعَدُوَّكُمْ" (سورة الانفال آيت 60) (ترجمو: ۽ مطلب تہ اوهان دشمنن جي مقابلي لاءِ قوت ۽ گهوڙن جي پالڻ سان تيار رهو ان سان الله ۽ پنهنجي دشمن کي ڊيڄاريو ٿا) ۽ هن روايت ۾ مذڪور آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن مٿي ڪنهن پٿر تي چڙهڻ جي لاءِ ڪوشش ڪئي هئي پر زرهن جي ڳري وزن جي ڪري مٿي چڙهي نہ سگهيا. اصل ڳالهہ هيئن هئي تہ ڪين پاڪ مٿي ۽ پيشاني مبارڪ ۾ جيڪي دشمنن جي هٿان ڌڪ لڳا هئا انهن جي ڪري سندن جسم پاڪ جو رت مبارڪ ڪافي نڪري ويو هو ۽ ڪين جسماني ڪمزوري ٿي پئي هئي. ٻيو تہ شيطان اعلان ڪيو هو تہ پاڻ شهيد ٿي ويا آهن. ان جي ڪري پاڻ مٿي تي چڙهيا تہ ماڻهو سندن ديدار ڪري مطمئن ٿين. پوءِ پاڻ حضرت طلحه ﷺ کي ويهاري ان جي مٿان قدم مبارڪ رکي مٿي چڙهيا حضرت طلحه ﷺ سندن جي لاءِ چڻ هڪ ڏاڪڻ ٿي پيو. ان کان پوءِ پٿر تي چڙهيا حضرت زبير بن العوام ﷺ فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمائي رهيا هئا" طلحة (جنت کي) واجب ڪري ورتو." يعني ان اهڙو ڪم ڪيو جنهن جي ڪري ان لاءِ جنت لازم ٿي وئي آهي اهو عمل آقا عليه الصلوٰة والسلام جي هيٺان ويهي ڪين ڪٽي پٿر تي پهچائڻ هو. جنهن تي ٽڙيل پکڙيل مسلمان هڪ هنڌ گڏ ٿيا ۽ انهن کي سُرور ۽ خوشي حاصل ٿي ۽ اهو عمل ان ڏينهن حضرت طلحه ﷺ حضور ڪريم ﷺ جن تان پنهنجو پاڻ فدا ڪرڻ آهي تان جو ان کي اسي کان وڌيڪ تير لڳا هئا. ۽ انهن تيرن کي حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن وڃڻ کان هٿ سان روڪيو هيائين. حضرت طلحہ ﷺ انهن اٺن ڄڻن مان هڪ هو جن اول ايمان آندو هو ۽ انهن ڏهن جنت جي بشارت ڏنلن مان بہ هڪ هو. هڪ بدر جي جنگ کان سواءِ باقي سمورين جنگين ۾ شريڪ هو. بدر جي جنگ وقت حضور ڪريم ﷺ جي حڪم مطابق شام ملڪ ڏانهن مسلمانن جي ڪم سان ويل هو. وڏو حصو زمين جو خريد ڪري اها مدينہ منوره جي مسلمانن ۾ وقف ڪئي هيائين. حديث جي شارحن هي قول بہ آندو آهي تہ "طلحه واجب ڪري ورتي, مان مراد حضور ڪريم ﷺ جن جي شفاعت کي لازم ڪري ونڻ آهي." حضرت طلحة جي لاءِ حضور ڪريم ﷺ جن هيئن بہ فرمايو" تہ پيلو شهيد جيڪو زمين تي هلي ٿو." ۽ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ حضرت طلحة ﷺ جي ان ڏينهن واري همٿ, جرئت, استقامت ۽ دليريءَ کي ڏسي فرمايو هو" ذَالِكَ يَوْمٌ كُلُّهٗ لِطَلْحَةَ اهو اُحد جي جنگ وارو سڄو ڏينهن طلحة جي لاءِ هو. جمل واري جنگ ۾ شهيد ٿيو ۽ بصره ۾ دفن ڪيو ويو. (جمع الوسائل ج 1 ص 160, فضائل النبي ﷺ ص 66, المواهب شرح الشمائل ص 223, انوارِ غوثيہ ص 154)

هيءَ حديث ھين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 1 ص 165 {2} البيهقي في سننه ج 6 ص 370 {3} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6979 ج 15 ص 436 {4} ابن ابي عاصم في السنة ص 1387، 1398 {5} ابو يعلي رقم الحديث 670 ج 2 ص 33، 34 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3915 ج 14 ص 119، 120 {7} الحاكم ج 3 ص 25.

{111} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ : حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ خُصَيْفَةَ ، عَنِ السَّائِبِ بْنِ يَزِيدَ ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ عَلَيْهِ يَوْمَ أُحُدٍ دِرْعَانِ ، قَدْ ظَاهَرَ بَيْنَهُمَا.

با محاوره ترجمو: حضرت سائب بن يزيد ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي احد جي جنگ واري ڏينهن ٻہ زرهون هڪٻئي جي مٿان پاتل هيون.

مفردات جو شرح: ساڳيو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن اُحد جي جنگ واري ڏينهن ٻہ زرهون پاتيون هيون. اهي هڪٻئي جي مٿان ڍڪيون هيائون. هيءَ حديث مرسل سندَ سان آهي ڇوتہ حضرت سائب ﷺ احد جي جنگ ۾ پاڻ موجود نہ هو. اهو حجة الوداع جي موقعي تي پنهنجي پيءُ سان گڏ سيدنا رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هو ۽ ان وقت ان جي عمر صرف ست سال هئي. ابو داؤد ۾ آهي تہ سائب هيءَ روايت ٻئي کان آندي آهي. پوءِ تہ هيءَ مرسل بہ ناهي ۽ غالب خيال هي آهي تہ "اهو شخص جنهن کان "السائب" روايت ڪري ٿو حضرت زبير بن عوام ﷺ آهي. جنهن کان هن کان پهرين مذڪور حديث بہ روايت ڪيل آهي. حضور پرنور ﷺ جن ڪڏهن بہ هٿيار کان خالي سڪٽي توڪل ڪري جنگ جي لاءِ نہ نڪتا هئا. سندن ئي ارشاد آهي." ڏانوڻ بہ ڏي توڪل بہ ڪر" راوي فرمايو تہ اهي زرهون ڊبل ڪيل هيون. ائين نہ هو تہ هڪ جسم پاڪ جي هيٺئين حصي جي لاءِ ڍڪي هيائون ٻي جسم پاڪ جي مٿئين حصي تي ڍڪي هيائون. جيئن ڪائنچ ۽ قميص پائيندا آهن ائين نہ هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 161)

هيءَ حديث ھين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب السير من سننه الڪبريٰ كما في التحفة ج 3 ص 66 {2} ابن ماجه في ڪتاب الجهاد باب 18 السلاح رقم الحديث 2806 {3} احمد في المسند ج 3 ص 449 {4} البيهقي في سننه ج 9 ص 49 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 124 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2659 ج 10 ص 399.

باب سورهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ مِغْفَرِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي روايتون آهن جيڪي رسول الله ﷺ جن جي لوھ واري ٽوپ پائڻ جي متعلق آهن

سمجهاڻي: مغفر (منبر وانگر) الغفر کان ورتل آهي الغفر جي معنيٰ ڍڪڻ ۽ هتي ان مان مراد اهو لوھ جو ٽوپ آهي جيڪو مٿي جي ماپ تي مٿي جي حفاظت جي لاءِ ٺاهيو ويندو آهي اهو ٽوپيءَ جي هيٺان پائبو آهي ۽ اهو به هٿيارن جي قسم مان شمار ڪيو ويندو آهي. ڇوته هٿيار ان کي چئبو آهي جنهن سان قتل ڪيو وڃي يا جنهن سان دفاع ڪيو وڃي. (المواهب شرح الشمائل ص 224) سيد امير شاه قادري گيلاني لکيو آهي ته "هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو مڪ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ واري ڏينهن مٿي مبارڪ تي لوهي ٽوپ ڍڪي داخل ٿيڻ جو ذڪر آهي. محدث ترمذي رحمه الله نبي ڪريم ﷺ جي جنگ ۾ استعمال ٿيندڙن ٻين هٿيارن جو ذڪر نه ڪيو آهي پر "الاتحافات الربانية" جي مصنف ص 153، 154 تي هنن هٿيارن جو ذڪر ڪيو آهي.

حضور ڪريم ﷺ جن هٿيارن ۽ گهوڙن ۽ ڏاچين جو ذڪر : "الاتحافات الربانية" جي مصنف لکيو آهي ته رسول الله ﷺ جن جون پنج تير ڪمانيون هيون. (1) النزوراء (2) الروما (3) الصفراء (4) سوحط (5) السداد تيرن رکڻ واري ٿيلهي جو نالو الڪافور هو. هڪ ڍال جو نالو "الذلوق" هو. ٻئي جو نالو "القنق" هو. هڪ ڍال سندن خدمت ۾ تحفي طور پيش ڪئي وئي هئي. جنهن تي عقاب يا دنبي جي تصوير ٺهيل هئي. رسول الله ﷺ جن ان تي هٿ مبارڪ رکيو ته اها تصوير ميٽجي وئي. سندن ست گهوڙا هئا. (1) المرتجز (2) السڪب (3) الضرب (4) اللزاز (6) الورء (7) السبحة. سندن تير جو نالو المثوي هو. سندن هڪ ڏگهو نيزو هو. جنهن جو نالو البيضاء هو. سندن خيمي (تنبو) جو نالو الڪن هو. هڪ مٿي کان ورتل هڪ گز يا ان کان ڪجھ وڌي لٺ هئي ان جو نالو محجن هو ۽ سندن ٻي لٺ هئي جنهن جو نالو مخصر هو. سندن جهنڊي جو نالو عقاب هو ان جو رنگ ڪارو هو. هڪ جهنڊو ڦڪي رنگ جو هو هڪ جهنڊو اڇو هو جنهن ۾ ڪاريون پٽيون هيون. سندن ڪليءَ جو نالو صادر هو گهوڙي جي زين جو نالو داج هو. هڪ ڏاچيءَ جو نالو قصويٰ ته ٻيءِ جو نالو عضباء هو. سندن خچر جو نالو "دلدل" هو. گڏھ جو نالو يعفور هو. جنهن ٻڪريءَ جو پاڻ کير پيئندا هئا. ان جو نالو عنيه هو. (انوارِ غوثيه ص 158)

{112} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكُ بْنُ أَنَسٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَخَلَ مَكَّةَ وَعَلَيْهِ مِغْفَرٌ، فَقِيلَ لَهُ: هَذَا ابْنُ خَطَلٍ مُتَعَلِّقٌ بِأَسْتَارِ الْكَعْبَةِ، فَقَالَ "اقْتُلُوهُ".

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فتح مڪي جي ڏينهن جڏهن مڪي شريف ۾ داخل ٿيا تنهن وقت پاڻ سڳورن ﷺ کي خود (لوهہ جو ٽوپ) پاتل هو. پاڻ ڪريمن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ هي ابن خطل (يعني اسلام کان ڦري ويل مرتد) ڪعبي شريف جي غلاف کي چنبڙيو پيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ" ان (مرتد) کي ماري وجهو."

مفردات جو شرح: "مِغْفَرُ" لوهہ مان ٺهيل ٽوپ. خَودُ "ابنُ خَطَل" هڪ ڪافر جي ڪنيت. "استار" پردا.

سمجهاڻي: خطل جمل جي وزن تي. هن جو نالو عبدالعزيٰ هو مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ان جو نالو عبدالله رکيو ويو. پوءِ اسلام کان ڦِري مرتد ٿيو هو. ۽ هڪ مسلمان سندس خدمت ڪندو هو ان کي شهيد ڪري ڇڏيو هيائين ۽ ڳائڻ واريون عورتون رکيون هيائين. جيڪي رسول الله ﷺ جي گستاخيءَ ۾ شعر ڳائينديون هيون. سيدنا رسول الله ﷺ جن جڏهن مڪ مڪرمہ ۾ فتح ڪرڻ واري ڏينهن داخل ٿيا هئا تہ سندن مٿي مبارڪ تي لوهي ٽوپ پاتل هو. ۽ ڪين عرض ڪري ٻڌايو ويو تہ "هي ابن خطل مرتد پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ بيت الله شريف جي غلاف کي هٿ وجهيو چنبڙيو پيو آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن حڪم ڏنو تہ "ان کي قتل ڪري ڇڏيو." ۽ ان کي جلدي قتل ڪرڻ جي لاءِ حضرت عمار بن ياسر ۽ سعيد بن حريث قتل ڪرڻ جي لاءِ وڌيا پر سعيد اڳ ۾ پهچي ان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هڪ قول آهي تہ ان کي ابو برزة قتل ڪيو هو ۽ انهن قولن کي هن طرح گڏ ڪيو ويو آهي تہ " ان کي اول ڌڪ ابو برزة هنيو ۽ پوءِ ان جي قتل ۾ ان سان شريڪ سعيد بہ ٿيو هو ۽ ان کي زمزم جي کوهہ ۽ مقامِ ابراهيم جي وچ تي قتل ڪيو هيائون.

سوال : رسول الله ﷺ جا فرمان آهن. (1) "مَنْ دَخَلَ الْمَسْجِدَ فَهُوَ اٰمِنٌ" جيڪو مسجد (حرام) ۾ داخل ٿيو اهو امن وارو آهي. (2) "مَنْ دَخَلَ دَارَ اَبِيْ سُفْيَانَ فَهُوَ اٰمِنٌ"جيڪو ابي سفيان جي گهر ۾ داخل ٿيو اهو امن وارو آهي. (3) "مَنْ اَغْلَقَ عَلَيْهِ بَابَهٗ فَهُوَ اٰمِنٌ." جنهن پنهنجي گهر جو دروازو بند ڪيو (۽ اندر ويهي رهيو سامهون مقابلي جي لاءِ نہ آيو) اهو امن وارو آهي. تہ پوءِ ابن خطل کي ڇو قتل ڪيو ويو؟

جواب: ابنِ خطل کي قتل ڪرڻ جو حڪم بہ ان محبوب ﷺ فرمايو هو جنهن جا فرمان سائل آندا آهن ۽ ابن خطل سان گڏ ٽي ٻيا بہ اهڙا هئا جن لاءِ سرڪارِ دو عالم ﷺ جن اهڙو حڪم ڏنو هو. ابن خطل مرتد هو. قاتل هو. رسول الله ﷺ جو گستاخ هو. اهڙي بي ادب جي لاءِ ڪٿي بہ معافي ناهي. رسول الله ﷺ جن انهن چئن شخصن جي لاءِ فرمايو هو تہ "لَا اٰمَنُهُمْ فِيْ حِلٍّ وَلَا فِيْ حَرَمٍ" مان انهن کي حِل ۽ حَرَم ٻنهي ۾ امن نہ ٿو ڏيان. بلڪِ انهن جي لاءِ فرمائي ڇڏيو هيائون تہ "انهن کي ڪعبہ جي غلاف سان چنبڙيل ڏسو تہ بہ قتل ڪري ڇڏيونِ." ۽ هن مان مالڪي مذهب وارن بہ دليل ورتو آهي تہ رسول الله ﷺ جو گستاخ ڪٿي ڪعبہ جي غلافن ۾ چنبڙيل هجي ان کي قتل ڪري ڇڏيو. ۽ اهو تڏهن جڏهن زبان تي اسلام آڻي ۽ پوءِ بي ادبي ڪري ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ "ابنِ خطل کي ان مسلمان جي قصاص ۾ قتل ڪيو ويو هو جنهن کي شهيد ڪيو هيائين ۽ هن مان مالڪين دليل ورتو آهي تہ" جيڪڏهن مسجد جي پليد ٿيڻ جو خطرو ناهي تہ مسجد ۾ بہ شرعي حدون جاري ڪري سگهجن ٿيون پر حنفي حضرات ان کان منع ڪيو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 225) ۽ علامہ علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ دار قطني ۽ حاڪم جي روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن چئن جي لاءِ امن نہ ڏيڻ جو ارشاد فرمايو هو

"اهي هي هئا (1) الحويرث بن النقيد (2) هلال بن خطل (3) مقيس بن صبابہ (4) عبدالله بن ابي سرح ۽ اهڙي ٻي روايت بزار، حاڪم ۽ بيهقي بہ آندي آهي پر بيهقيءَ فرمايو تہ "چئن مردن سان گڏ ٻن عورتن جي لاءِ بہ اهڙو حڪم هو. ۽ اهو حڪم علي الڪفاية هو. جيڪو هڪ کي قتل ڪرڻ سان پورو ٿي ويو. (جمع الوسائل ص 162 ج 1) ابن شهاب رحمة الله عليه فرمايو تہ "مون تائين اها ڳالهہ پهتي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان ڏينهن احرام سان نہ هئا. بلڪ پاڻ ان ڏينهن لوهہ وارو ٽوپ لاهي ڪارو پٽڪو ٻڌو هيائون. " خَطَبَ النَّاسَ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ سَوْدَاءُ" پاڻ سڳورن ﷺ مڪ مڪرمہ جي ماڻهن کي خطاب فرمايو تہ سندن سر مبارڪ تي ڪارو پٽڪو ٻڌل هو. امام شافعي رحمة الله عليه جن هن حديث جي مدار تي فتويٰ ڏني آهي تہ مڪ مڪرمہ ۾ احرام کان سواءِ داخل ٿيڻ جائز آهي ۽ حنفيہ حضرات وٽ جائز ناهي حنفيہ وٽ هيءَ حديث ان جي ڪري دليل ناهي جو رسول الله ﷺ جن جي لاءِ مڪ مڪرمہ کي فتح جي غرض سان داخل ٿيڻ جي اجازت هئي. بخاري وغيره ۾ اها صراحت آيل آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "منهنجي لاءِ اڄوڪي ڏينهن ۾ هي حلال آهي ٻئي ڪنهن جي لاءِ ناهي." (انوارِ غوثيہ ص 160)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب جزاء الصيد باب 18 دخول الحرم و مكة بغير احرام رقم الحديث 1846 ج 4 ص 59 {2} مسلم في ڪتاب الحج باب 84 جواز دخول مكة بغير احرام رقم الحديث 1357 ج 2 ص 989، 990 {3} ابو داؤد في ڪتاب الجهاد باب 128 قتل الاسير ولا يعرض عليه الاسلام رقم الحديث 2685 ج 3 ص 60 {4} ابنِ ماجه في ڪتاب الجهاد باب 18 السلاح رقم الحديث 2805 {5} مالڪ في المؤطا في ڪتاب الحج باب 81 جامع الحج رقم الحديث 247 ج 1 ص 423.

{113} حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ أَحْمَدَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ وَهْبٍ قَالَ حَدَّثَنِي مَالِكُ بْنُ أَنَسٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَخَلَ مَكَّةَ عَامَ الْفَتْحِ، وَعَلَى رَأْسِهِ الْمِغْفَرُ قَالَ: فَلَمَّا نَزَعَهُ جَاءَهُ رَجُلٌ، فَقَالَ لَهُ: ابْنُ خَطَلٍ مُتَعَلِّقٌ بِأَسْتَارِ الْكَعْبَةِ فَقَالَ: اقْتُلُوهُ. قَالَ ابْنُ شِهَابٍ: وَبَلَغَنِي أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمْ يَكُنْ يَوْمَئِذٍ مُحْرِمًا

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان هيءُ بہ روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن فتح مڪي جي سال خود (لوهو ٽوپ) پائي مڪي شريف ۾ آيا. راوي چيو تہ جڏهن لوهو ٽوپ لاٿائون، تہ هڪ ماڻهو ڪين ٻڌايو تہ خطل جو پُٽ (مرتد) ڪعبي جي غلاف کي چنبڙيو پيو آهي پاڻ فرمايائون تہ ان کي قتل ڪري ڇڏيو. ابنِ شهاب رضي الله عنه چيو تہ مون کي خبر پئي تہ ان ڏينهن نبي پاڪ ﷺ جن کي احرام ٻڌل ڪونہ هو.

مفردات جو شرح : "اَلْمِغْفَرُ" سيني صحيح ڪيل ۽ اعتماد وارن نسخن ۾ الف، لام سان آيل آهي. "قالَ" اي انس . هتي قال لفظ آندائين چوتہ اهو ان کان آخر وقت ۾ ٻڌو هيائين. "نَزَعَهٗ" اى اَلْمغفر" لوهہ وارو ٽوپ لاٿائين. "جاءَهٗ رَجُلٌ" ان وٽ هڪ مرد آيو. ان مان مراد ابو برزة آهي ۽ ٻيو قول آهي تہ ان مان مراد سعيد بن حريث آهي.

سمجهاڻي: سيدنا رسول الله ﷺ جن جڏهن سن 8 هہ ۾ مڪ مڪرمہ کي فتح ڪيو تہ سندن مٿي

مبارڪ تي لوهہ جو ٽوپ پاتل هو پاڻ اهو لاهي مٿي مبارڪ تي ڪارو پٽڪو ٻڌي پوءِ ماڻهن کي خطاب فرمايو هيائون. ۽ اهو خطاب بيت الله شريف جي دروازي وٽ ڪيو هيائون. ۽ علامہ علي القاري رحمة الله عليه مٿين ڳالھ لکڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ هڪ قول هي آهي تہ اها پڳ جيڪا پاڻ ٻڌي هيائون اصل ۾ ڪاري نہ هئي پر سندن مٿي مبارڪ تي پاتل لوهہ واري ٽوپ سان لڳڻ جي ڪري ڪاري محسوس ٿي رهي هئي. ۽ اهو قول روايتن کي گڏڻ ۾ وڌيڪ ظاهر آهي." والله اعلم. علامہ موصوف ٿورو اڳتي لکيو آهي تہ "والمحفوظ في سائر الطرق انه دخل مكة وعليه عمامة سوداء" سيني روايتن ۾ محفوظ هي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن مڪہ مڪرمہ ۾ داخل ٿيا تہ سندن ذات جي پڳ مبارڪ ڪاري هئي. جڏهن پاڻ اهو "مغفر" لوهہ وارو ٽوپ لاٿائون تہ ان وقت ابو برزه يا سعيد بن حريث کين عرض ڪيو هو تہ ابن خطل بيت الله شريف جي غلافن ۾ چنبڙيو پيو آهي. پوءِ پاڻ امر فرمايائون تہ "ان کي قتل ڪيو" جمع جو صيغو هو. يعني تون ۽ تنهنجا ساٿي گڏجي ان کي قتل ڪيو. ابن شهاب رحمة الله عليه فرمايو تہ ان ڏينهن رسول الله ﷺ جن احرام سان نہ هئا. ۽ مسلم حضرت جابر رضي الله عنه جو قول آندو آهي تہ سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جن کي ان ڏينهن ڪارو پٽڪو ٻڌل هو ۽ احرام بہ ٻڌل نہ هو. ۽ علماء جو ان ۾ اختلاف آهي تہ حج ۽ عمره جي ارادي کان سواءِ جيڪو مڪه مڪرمہ ۾ داخل ٿيڻ گهري تہ ان تي احرام ٻڌڻ واجب آهي يا نہ. بعض علماء واجب چيو آهي بعض واجب نہ چيو آهي. (والتفصيل في جمع الوسائل ج 1 ص 264) علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان ڏينهن ڪارو پٽڪو ان جي ڪري پسند فرمايو جو ان ۾ سرداري ڏانهن اشارو هو جيڪا سندن ذات کان اڳي ڪنهن بہ نبي عليه السلام کي حاصل نہ ٿي هئي. ۽ ان ۾ اسلام جي غلبي ۽ ظهور ڏانهن اشاري سان گڏ اهو بہ فائدو هو جو ڪارو پٽڪو نہ ميرو ٿيندو نہ ميٽجندو."

مڪہ مڪرمہ ۾ احرام کان سواءِ داخل ٿيڻ جو حڪم: شمائل جي بعض شارحن لکيو آهي تہ "مڪہ مڪرمہ ۾ احرام کان سواءِ داخل ٿيڻ منع آهي ۽ اتي جنگ ڪرڻ بہ منع آهي پر جنهن مالڪ مٿي اها منع ڪئي آهي ان پنهنجي حبيب، نبي ڪريم ﷺ جي لاءِ ٿورڙو وقت اجازت ڏني هئي ۽ اهو وقت انهن جي لاءِ جنگ ڪرڻ ۽ احرام کان سواءِ داخل ٿيڻ حلال ۽ جائز هو. "جيئن سندن فرمان مبارڪ آهي تہ " اها جنگ مون کان اڳ ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ حلال نہ هئي. ۽ مون لاءِ ٿورڙو وقت حلال ٿي ۽ مون کان پوءِ بہ ڪنهن جي لاءِ حلال نہ ٿيندي" (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 264، فضائل النبي ﷺ ص 69) ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان ڏينهن ٻارهن مردن ۽ ڇهن عورتن جي لاءِ قتل ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو هو ڇوتہ انهن جا جرم معاف ڪرڻ جي قابل نہ هئا. ۽ معافي جي عام اعلان کان انهن کي ڌار رکيو ويو هو پر انهن مان ست مرد ۽ بہ عورتون دل سان مسلمان ۽ توبهہ تائب ٿي پيش پيا هئا تہ انهن کي معاف ڪيو ويو هو ۽ باقي ٻين کي قتل ڪيو ويو. (خصائل نبوي ص 90)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر اڳئين حديث جي تخريج ۾ مذڪور آهي.

باب سترهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي عِمَامَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ رسول الله ﷺ جي پڳ مبارڪ جي صفت جو بيان آهي

سمجهاڻي: علامه بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي ته "پڳ ٻڌڻ سنت آهي خاص ڪري نماز ۾ ۽ سينگار ڪرڻ جي نيت سان. ان باري ۾ گهڻيون حديثون آيل آهن ۽ اها سنت ٽوپيءَ جي مٿان ۽ ٽوپيءَ کان سواءِ ٻڌڻ سان به حاصل ٿيندي آهي. حديث ۾ آيو آهي "فَرَقُ مَا بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْمُشْرِكِيْنَ العَمَائِمُ عَلَى الْقَلَانِسِ" يعني اسان ۽ مشرڪن ۾ فرق ٽوپين جي مٿان پڳون ٻڌڻ آهن. مقصد ته اسين ٽوپين جي مٿان پڳون ٻڌون ٿا ۽ سڪٽيون ٽوپيون پائڻ مشرڪن جو طريقو آهي. ابن القيم فرمايو ته "سيدنا رسول الله ﷺ جن جي پڳ مبارڪ ايتري گهڻو وڏي نه هئي جو مٿي مبارڪ تي بار بنجي، ڪين ايذاء، تڪليف ڏي ۽ ايتري ننڍي به نه هئي جو مٿي مبارڪ کي ڍڪي نه بيهي ۽ سردي ۽ گرميءَ کان تحفظ به نه ملي. بلڪ وچولي درجي تي هئي ۽ پلو امر وچترو آهي ۽ علامه ابن حجر هيتمي رحمة الله عليه لکيو آهي ته "سيدنا رسول الله ﷺ جن جي پڳ مبارڪ جي ڊيگهه ۽ ويڪر جي متعلق صحيح حديثن مان ڪجهه به ثابت ناهي. ۽ جيڪو طبراني ۾ آيو آهي ته "ان جي ڊيگهه ست هٿ هئي ۽ بعض جو قول آهي ته "ان جي ڊيگهه ست هٿ ۽ ويڪر هڪ هٿ هئي." ان جو اصلي ثبوت ناهي. پر نووي رحمة الله عليه کان نقل ڪيل آهي ته سندن هڪ پڳ مبارڪ ننڍي ڇهه هٿ هئي ۽ ٻي پڳ گهڻي ڊگهي ٻارهن هٿ هئي. ۽ پڳ سان جاڙيءَ جي هيٺان ور ڏيڻ شافعين وٽ سنت ناهي ۽ حديث جي بعض حافظن وٽ ۽ اهو اڪثر جو اختيار ڪيل قول آهي. اهو سنت آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 227) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان پٽڪي جي باري ۾ پڇيو ويو ته فرمايائين "پٽڪو سنت آهي" حديث شريف ۾ اچي ٿو ته "پٽڪو ٻڌندا ڪيو اهو حلم ۽ بردباري وڌائي ٿو." پٽڪو ٻڌڻ سنت مستمره (هميشه واري) آهي ۽ هڪ حديث ۾ آيو آهي ته "پٽڪو ٻڌندا ڪريو. اهو اسلام جو نشان ۽ مسلمان ۽ ڪافر ۾ فرق ڪرڻ وارو آهي." (فضائل النبي ﷺ ص 70، خصائل نبوي ص 91) علامه علي قاري رحمة الله عليه مشڪواة المصابيح جي شرح ۾ لکيو آهي ته "لم يرو انه ﷺ لبس القلنسوه بغير العمامة فيتعين ان يكون هذا زى المشركين" يعني اها روايت ناهي ته رسول الله ﷺ جن پڳ کان سواءِ ٽوپي پاتي هجي. پوءِ مقرر ٿيو ته صرف ٽوپي پائڻ مشرڪن جي عادت هئي. علامه موصوف پڳ جي فضيلت جون حديثون لکي پوءِ لکيو آهي ته "هنن سيني مان پڳ جي فضيلت مطلقًا ثابت آهي ۽ ٽوپيءَ کان سواءِ پڳ ٻڌڻ سنت جي خلاف آهي ۽ ٽوپي سان گڏ افضل آهي. صرف ٽوپي ڪافرن ۽ بعض شهرن ۾ بدعتي ماڻهن جو معمول آهي. اعلىٰ حضرت مولانا شاهه امام احمد رضا خان محدث بريلوي رحمة الله عليه فتاويٰ رضويه ۾ 19 حديثن ۽ ڪيترن فقه جي ڪتابن جون

عبارتون نقل ڪري لکيو آهي تہ "پڳ ٻڌڻ حضور ڪريم ﷺ جي سنت متواتره آهي. جنهن جو تواتر يقينًا دين جي ضروري حدن تائين پهچائي ٿو. ٿورو اڳتي هلي لکيو اٿس تہ "پڳ ٻڌڻ سنت لازمہ دائمہ آهي ايتريقدر جو علماء خالي ٽوپي پائڻ کي مشرڪن جي وضع قرار ڏنو آهي. افسوس آهي جو اڄ ڪالهہ مسجدن جا امام ان سنت مبارڪ کي ڇڏي صرف ٽوپي سان نماز پڙهائيندا آهن ۽ افضليت جو اجر ضايع ڪندي سنت جي ڇڏڻ جا مرتڪب ٿيندا آهن. علامہ نبهاني رحمه الله لکيو آهي تہ "رسول الله ﷺ جن ڪنهن شخص کي ڪنهن شهر جو تيستائين حاڪم مقرر نہ ڪندا هئا جيستائين ان کي پڳ نہ ٻڌائيندا هئا. (انوارِ غوثيہ ص 161، 163)

{114} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمَنِ بْنُ مَهْدِيٍّ، عَنْ حَمَّادِ بْنِ سَلَمَةَ، ح وَحَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ حَمَّادِ بْنِ سَلَمَةَ، عَنْ أَبِي الزُّبَيْرِ، عَنْ جَابِرٍ قَالَ: دَخَلَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَكَّةَ يَوْمَ الْفَتْحِ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ سَوْدَاءُ

با محاوره ترجمو: حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ فتح مڪي جي ڏينهن مڪي شريف ۾ داخل ٿيا تہ سندن مٿي مبارڪ تي ڪاري پڳ مبارڪ ٻڌل هئي.

مفردات جو شرح: "سوداءُ" ڪاري پڳ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آيو تہ "رسول الله ﷺ جن مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ واري ڏينهن داخل ٿيا تہ سندن مٿي مبارڪ تي ڪاري رنگ جي پڳ هئي. ۽ "باب ماجاء في صفة مغفر رسول الله ﷺ" ۾ روايت هئي تہ سندن مٿي مبارڪ تي لوهي ٽوپ هو. محدثين ڪرام فرمايو تہ "انهن ٻنهي روايتن ۾ ڪو تضاد ناهي پاڻ ڪريم ﷺ جن ان لوهي ٽوپ جي هينان ڪاري پڳ ٻڌي هئي جيڪا مٿي مبارڪ جو ان لوهي ٽوپ جي تڪليف ڏيڻ کان بچاءُ هئي ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پاڻ اهو لوهي ٽوپ لاهي رکيو هيائون ڪين صرف ڪاري پڳ مبارڪ مٿي مبارڪ تي پاتل هئي. ان جو ذڪر حضرت جابر رضي الله عنه ڪري رهيو آهي. ان جي ڪري احاديث مبارڪہ جا ٻئي حصا صحيح آهن انهن ۾ ڪوبہ تعارض ناهي. (انوارِ غوثيہ ص 228) علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ "رسول الله ﷺ جي ڪاري پڳ ٻڌڻ ۽ ملائڪن جو بدر واري جنگ ۾ ڦڪا پٽڪا ٻڌي اچڻ صحيح حديثن سان ثابت آهي ۽ جن حديثن ۾ سفيد ڪپڙن پائڻ جي لاءِ ارشاد ٿيل آهي، ڪو تعارض ناهي ڇوتہ هر ڪم ان جي مقام جي خصوصي تقاضا مطابق ڪيو ويو هو. (المواهب شرح الشمائل ص 228)

ڪارو ڪپڙو پائڻ جو حڪم: "بعض علماء هن حديث سان ڪاري ڪپڙي پائڻ جي جواز تي دليل ورتو آهي جيتوڻيڪ اڇو ڪپڙو پائڻ افضل آهي جيئن اڳ ۾ ذڪر تي چڪو آهي تہ "اوهان جي ڪپڙن مان ڀلا ڪپڙا اڇا آهن." ۽ اسان حنفين جي علماء مان زيلعي آندو آهي تہ "ڪارو ڪپڙو پائڻ سنت آهي" ۽ محدث سيوطي ڪاري ڪپڙي پائڻ جي لاءِ هڪ جزء (ننڍو ڪتاب) لکيو آهي ۽ ان ۾ حديثون ۽ آثار ذڪر ڪيا اٿس. طبراني، ابو الشيخ ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان حديث آندي آهي تہ "رسول الله ﷺ جن جي ٽوپي مبارڪ کي ڪن هئا." مطلب تہ ڪنن کي ڍڪي بيهندي هئي اها سفر ۾ پائيندا هئا ۽ نماز ۾ اڳيان رکندا هئا. علامہ مناوي رحمه الله الزين العراقي رحمه الله کان

آندو آهي تہ پٽڪو گھڻو ڊگھو رکڻ منع آهي. ابو داؤد جي روايت ۾ آهي تہ "ان پڳ جو ڦُرو حضور ڪريم ﷺ جي ٻن ڪلهن مبارڪن جي وچ ۾ ڇڏيل هوندو هو." (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 165)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب اللباس باب (23) في العمائم رقم الحديث 4076 ج 4 ص 54 {2} النسائي في كتاب الزينة من سننه الكبريٰ باب 108 العمائم رقم الحديث 9757 ج 5 ص 498 {3} ابن ماجه في كتاب اللباس باب 14 العمامة السوداء رقم الحديث 3585 {4} احمد في المسند ج 3 ص 363 {5} البيهقي في سننہ ج 3 ص 246 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 3722 ج 9 ص 37، 38.

{115} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مُسَاوِرٍ الْوَرَّاقِ، عَنْ جَعْفَرِ بْنِ عَمْرِو بْنِ حُرَيْثٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: رَأَيْتُ عَلَى رَاسَ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عِمَامَةً سَوْدَاءَ

با محاوره ترجمو: حضرت جعفر رضي الله عنه پنهنجي پيءُ عمرو بن حريث رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي، ان چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن جي مٿي مبارڪ تي ڪاري پڳ مبارڪ ڏٺي.

مفردات جو شرح: جدا ناهي تنهن ڪري مٿئين ذڪر ڪيل شرح جو مطالعو ڪيو وڃي.

سمجھاڻي: هن حديث جو راوي مذڪور حديث واري ڳالھ ڪري ٿو تہ "مون رسول الله ﷺ جن تي ڪاري پڳ ڏٺي هئي. تي سگھي ٿو تہ مڪہ مڪرمہ جي فتح واري ڏينهن ڏٺائين يا ڪنهن ٻئي موقعي تي ڏٺائين، جمعي جي خطبي پڙهندي ڏٺائين يا ڪنهن ٻئي خطاب ۾ ڏٺائين. شمائل جي شارح سيد امير گيلاني لکيو آهي تہ ڪي صحابہ سڳورا رضي الله عنهم ڪارا پٽڪا ٻڌند اهئا. جيئن محدثن فرمايو آهي تہ "حضرت علي رضي الله عنه ڪارو پٽڪو ٻڌو هو. ۽ حضرت امام حسن رضي الله عنه ڪاري پڳ سان ڪارن ڪپڙن ۾ خطبو ارشاد فرمايو هو. حضرت ابن الزبير، حضرت انس، حضرت عمار وغيرهم رضوان الله عليهم اجمعين بہ ڪارو پٽڪو ٻڌندا هئا. ۽ خطبہ ارشاد فرمائيندا هئا. سعيد بن المسيب عيدن جي موقعي تي ڪاري پڳ ٻڌندو هو. ان جي باوجود علماء جمعہ يا عيدين وغيره ۾ ڪارو پٽڪو ٻڌڻ ضروري قرار نہ ڏنو آهي، علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ " ڪاري پڳ سان مڪہ مڪرمہ ۾ داخل ٿيڻ مقصود نہ هو." امام اوزاعي رحمه الله کان پڇيو ويو تہ "اوهان ڪارو رنگ ڇو نہ ٿا پايو؟ تہ پاڻ فرمايائون "ان جي ڪري جو ان ۾ نہ گھوٽ کي چمڪايو ويندو آهي نہ احرام ۾ ان سان لبيڪ پڙهي ويندي آهي نہ ميت کي ڪفن ڏنو ويندو آهي." ۽ هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ "صرف مڪہ مڪرمہ ۾ نہ پر ان کان سواءِ بہ رسول الله ﷺ جن ڪاري رنگ جي پڳ پائيندا هئا. علامہ بيجوري رحمه الله فرمايو تہ "لبس البياض افضل" اڇو ڪپڙو پائڻ پلو آهي. ان جي ڪري اسان جا علماء ۽ مشائخ اڇو لباس ئي پائيندا ۽ پسند ڪندا آهن. (انوارِ غوثيه ص 165، 166)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} الحميدي في المسند ج 1 ص 257 {2} مسلم في كتاب الحج باب 84 جواز دخول مكة بغير احرام رقم الحديث 1359 ج 2 ص 990 {3} احمد في المسند ج 4 ص 307 {4} البيهقي في سننه ج 3 ص 246 {5} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 455 {6} ابو الشيخ ص 102 {7} ابو داؤد في كتاب اللباس باب 23 في العمائم رقم الحديث 4077 ج 4 ص 54.

{116} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلاَنَ، وَيُوسُفُ بْنُ عِيسَى، قَالاَ حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ مُسَاوِرٍ الْوَرَّاقِ، عَنْ جَعْفَرِ بْنِ عَمْرِو بْنِ حُرَيْثٍ، عَنْ أَبِيهِ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَطَبَ النَّاسَ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ سَوْدَاءُ

با محاوره ترجمو: حضرت جعفر بن عمرو بن حريث ﷺ پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن ماڻهن کي خطبو ارشاد فرمايو ۽ سندن مٿي مبارڪ تي ڪاري پڳ ٻڌل هئي.

مفردات جو شرح : "خَطَبَ"، خطبة، خطبا و خطابة : وعظ ڪرڻ، تقرير ڪرڻ، حاضرين جي سامهون خطاب ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ڪاري پڳ سان گڏ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي خطاب جو ذڪر آهي. بعض محدثن فرمايو تہ ان خطاب مان مراد مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ واري ڏينهن جو خطاب آهي جيڪو پاڻ بيت الله شريف جي چائنٺ تي بيهي فرمايو هيائون. ۽ بعض محدثن اهو خطاب مراد نہ ورتو آهي ڇوتہ انهن کان ئي ٻي روايت ۾ آيو آهي جيڪا مسلم آندي آهي تہ" گويا ڪہ مان هاڻي رسول الله ﷺ جن ڏانهن نهاري رهيو آهيان پاڻ منبر تي تشريف فرما آهن ۽ ڪين ڪاري پڳ آهي پاڻ ان پڳ جو ڇُڙو ٻن ڪلهن جي وچ تي ڇڏيو اٿن. هن روايت ۾ " منبر" جو لفظ موجود آهي ۽ جڏهن تہ مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ وقت منبر نہ هو. ان جي ڪري اهو خطاب مدينہ منوره ۾ ڪنهن جمعي تي ٿيو هوندو. المصابيح جي صاحب هن حديث کي"باب خطبة الجمعة" ۾ آندو آهي. (انوارِ غوثيه ص 229) ۽ علامہ بيجوري لکيو آهي تہ "جنهن حديث ۾ منبر جو لفظ آيو آهي ان مان بہ فتح مڪہ وارو خطاب مراد ٿي سگهي ٿو ڇوتہ اتي منبر مان مراد ان جي لغوي معنيٰ "مڪان مرتفع" بلند جاءِ آهي ۽ هن مان جمعي جي خطاب ۾ ڪاري پٽڪي جي ٻڌڻ جو جواز ثابت آهي پر افضل اڇو پٽڪو ٻڌڻ آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 229) بعض حديثن ۾ هن قصي ۾ جمعي جو لفظ بہ موجود آهي. علامہ علي القاري مشڪواة المصابيح جي شرح ۾ آندو آهي تہ "هي خطبہ رسول الله ﷺ جن جي وصال واري جمعي جو آهي." والله اعلم (خصائل نبوي ص 93) علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ الخطبة، المخاطبة، التخاطب، تنهي جي معنيٰ آهي ڪنهن کي ڪلام، گفتگو ۽ ڳالهائڻ سان سامهون ٿيڻ. ۽ ان ساڳئي محاوره ۾ "الخِطبَة" (خا جي زير سان) بہ ايندو آهي. پهرين لفظن مان خصوصي مراد وعظ هوندو آهي ۽ خطبة مان مراد ڪنهن عورت جي طلب ڪرڻ هوندو آهي. (شرح المناوي عليٰ حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 166)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر اڳئين حديث ۾ لکيل آهي.

{117} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ الْهَمْدَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ مُحَمَّدٍ الْمَدَنِيُّ، عَنْ عَبْدِ الْعَزِيزِ بْنِ مُحَمَّدٍ، عَنْ عُبَيْدِ اللهِ بْنِ عُمَرَ، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا اعْتَمَّ سَدَلَ عِمَامَتَهُ بَيْنَ كَتِفَيْهِ قَالَ نَافِعٌ: وَكَانَ ابْنُ عُمَرَ، يَفْعَلُ ذَلِكَ. قَالَ عُبَيْدُ اللهِ: وَرَأَيْتُ الْقَاسِمَ بْنَ مُحَمَّدٍ، وَسَالِمًا يَفْعَلاَنِ ذَلِكَ

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن پڳ ٻڌندا هئا، تہ ڇُڙو ٻنهي ڪلهن جي وچ تي لڙڪائي ڇڏيندا هئا.

حضرت نافع ﷺ چوي ٿو تہ حضرت ابن عمر ﷺ بہ ائين ڪندو هو.

حضرت عبيدالله رضي الله عنه چيو تہ قاسم بن محمد رضي الله عنه ۽ حضرت سالم رضي الله عنه بہ ائين ڪندا هئا يعني طرو ڪلهن جي وچ تي ڇڏيندا هئا.

مفردات جو شرح: "اِعْتَمَّ" اعتماد ڪان ورتل آهي (اعتم ميم جي شد سان) اي لف عمامته على راسه. پنهنجي پڳ مٿي کي ويڙهيائين. پڳ ٻڌائين. "سَدَلَ" لڙڪايائين. ڇڏي ڏنائين. "كَتَفَيْهِ" ڪتف جو تثنيو بہ ڪلها. ڦُري کي العلاقة سڏيندا آهن ۽ پٽڪي جو ننڍو ڦُرو جيڪو مٿان ظاهر ڪندا آهن ان کي "العذبة" سڏيو ويندو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ "رسول الله ﷺ جن پڳ مبارڪ ٻڌندا هئا تہ ان جو ٽُرو ٻن ڪلهن جي وچ تي ڇڏيندا هئا."

پڳ جي ڦُري ڇڏڻ جو طريقو: نبي ڪريم ﷺ جن جي ڦُري ڇڏڻ جي متعلق عادت مختلف رهي آهي. اڪثر ڪري پاڻ ڦُرو ڇڏيندا هئا ڪڏهن سيني مبارڪ جي ساڄي طرف ڪڏهن کابي طرف ڪڏهن پويان ٻن ڪلهن جي وچ تي ڇڏيندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن پڳ مبارڪ جي ٻنهي پاسن هيٺئين ۽ مٿئين کان ڦُرو ڇڏيندا هئا. علامہ نووي رحمه الله فرمايو تہ "حضور ڪريم ﷺ جن کان ڦُري ڇڏڻ جون سڀ صورتون ثابت آهن. افضل صورت هي آهي تہ ڦُرو ٻن ڪلهن جي وچ تي پويان ڇيلهہ تائين لٽڪيل هجي." علامہ نبهاني رحمه الله حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "مون کي رسول الله ﷺ جن پڳ ٻَڌائي تہ ان جو هڪ حصو منهنجي ڪلهي تي رکي فرمايائون تہ "الله جل جلاله بدر ۽ حُنين (جنگين واري) ڏينهن جن ملائڪن جي ذريعي منهنجي مدد ڪئي هئي انهن کي هن طرح پٽڪا ٻَڌل هئا" ۽ فرمايائون تہ "پٽڪو مسلمان ۽ ڪافر جي وچ ۾ هڪ امتيازي فرق آهي." پاڻ ڪنهن کي بہ ڪنهن شهر جو حاڪم مقرر ڪندا هئا تہ ان کي پٽڪو ٻَڌرائيندا هئا. پٽڪي ٻڌڻ جو طريقو هي آهي تہ ان جو هڪڙو پاسو ساڄي ڪلهي جي ڪن جي طرف رکجي." (انوارِ غوثيه ص 168) **نبي پاڪ ﷺ** جو معمول هميشہ ڦُرو ڇڏڻ هو پر ڪڏهن ڪڏهن ڦُري ڇڏڻ کان سواءِ بہ پڳ مبارڪ ٻڌندا هئا. (خصائل نبوي ص 92) علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ "حديث مان ثابت ٿيو تہ ڦُرو ڇڏڻ سنت آهي ان سان هيئت جي سونهن پيدا ٿئي ٿي. ۽ افضل ٻن ڪلهن جي وچ تي پويان ڦُرو ڇڏڻ آهي پر جيڪڏهن اڳيان طرو ڇڏجي جيئن صوفياء ڪرام ڇڏين ٿا تہ ساڄي پاسي ڇڏڻ پلو آهي يا کابي پاسي؟ جيئن معمول ۽ معتاد آهي؟ طبراني ابي امامة رضي الله عنه کان جيڪا روايت آندي آهي ان ۾ ساڄو پاسو مقرر آهي ۽ صوفياءِ ڪرام کابي پاسي ڦُري ڇڏڻ کي سهڻو سمجهيو آهي. ڇوتہ ان پاسي قلب آهي ان جي مٿان ڦُرو ڇڏي ان کي غير کان ڍڪي خالص خدا جي حوالي ڪرڻ آهي. بعض شافعي علماء فرمايو تہ "جيڪڏهن ڦُري ڇڏڻ ۾ وڏائي ۽ غُرور جو ڊپ محسوس ڪري ٿو تہ بہ ڦُرو ضرور ڇڏي تڪبر ۽ وڏائي کي دفع ڪرڻ لاءِ پنهنجي نفس سان جهاد ڪري. ڦُرو گهٽ ۾ گهٽ چار آڱر هجي ۽ وڌ ۾ وڌ هڪ هٿ ڊگهو ۽ وچ تي هڪ گرانٺ جيترو هجي ۽ ان کي تڪبر جي نيت سان وڌو ڪرڻ حرام آهي. عبيدالله جي چوڻ تہ مون "قاسم ۽ سالم کي بہ ائين ڏٺو" مان ثابت ٿئي ٿو تہ "ڦُرو ڇڏڻ سنت مؤڪده محفوظ آهي جنهن کي صالحن ڪڏهن بہ ڇڏيو ناهي. الغرض تہ ڦُري ڇڏڻ جي متعلق صحيح حسن حديثون گهڻيون آيل آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 230, 231) علامہ ابن

الجوزي رحمه الله "الوفا" ڪتاب ۾ روايت آندي آهي تہ "حضرت ابنِ عمر رضي الله عنه کان پڇيو ويو تہ رسول الله ﷺ جن پڳ مبارڪ ڪيئن ٻڌندا هئا؟ ان ٻڌايو تہ پڳ جو ور مٿي تي رکي ان کي پويان ڦيرائي هلائي پورو ڪندا هئا. ۽ ان دوران ٻن ڪلهن جي وچ تي ڪُڙو ڇڏيندا هئا. ۽ علامہ علي القاري المدخل جي حوالي سان آندو آهي تہ "ڪائنچ ويهي پائجي ۽ پٽڪو بيهي ٻڌجي."

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 163, 164)

هيءَ حديث هين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 103 {2} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 456 {3} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6397 ج 14 ص 307 {4} العقيلي في الضعفاء ج 3 ص 21 {5} البغوي في الشمائل رقم الحديث 793 ج 2 ص 235.

{118} حَدَّثَنَا يُوسُفُ بْنُ عِيسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو سُلَيْمَانَ وَهُوَ عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ الْغَسِيلِ، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَطَبَ النَّاسَ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ دَسْمَاءُ

با محاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن خطبو ڏنو. ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ کي تيل سان سٽيو پٽڪو ٻڌل هو.

مفردات جو شرح: "خَطَبَ النَّاسَ" ماڻهن کي خطاب فرمايائون. "وَعَلَيْهِ" ۽ ان جي مٿان يعني مٿي مبارڪ جي مٿان "عِمَامَةٌ" عين جي زير سان. "دَسْمَاءُ" هي لفظ ڪاري جي معنيٰ ۾ بہ ايندو آهي ۽ تيل سان سٽيي ٿيل جي معنيٰ ۾ ايندو آهي.

سمجهاڻي: محدثن ڀلارن فرمايو تہ "رسول الله ﷺ جن اهو خطاب دنيا تان رحلت جي وقت فرمايو هو. بعض روايتن ۾ "عمامة" جي بجاءِ "عمامة دسماء" آيو آهي. ان جي ڪري هن جي هيءَ معنيٰ بہ ڪئي وئي آهي تہ سندن مٿي مبارڪ تي تيل جي سٽيي اڳڙي (رومال، پٽي) ٻڌل هئي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان کان پوءِ منبر تي تشريف فرما نہ ٿيا هئا. حضرت عبدالله بن حازم وٽ هڪ ڪاري پڳ هوندي هئي جنهن کي اهو جمعي ۽ عيدن ۽ جڏهن جنگ لڳندي هئي تہ تبرڪ طور ٻڌندو هو.

(انوارِ غوثيہ ص 168)

غسيل الملائڪة جو ذڪر: علامہ علي قاري رحمه الله مذڪور راوي سليمان جي متعلق لکيو آهي تہ عبدالرحمان بن سليمان بن عبدالله بن حنظلہ بن ابي عامر المدني الانصاري المعروف بابن الغسيل. الغسيل سندس ڏاڏي جو پيءُ حضرت حنظلہ هو. جڏهن احد جي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو تہ ان کي ملائڪن غسل ڏياريو هو. تڏهن "غسيل الملائڪة" سڏيو ويو. ۽ علامہ موصوف لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان خطاب ۾ انصار جو شان بيان فرمايو هو. جيئن بخاري پنهنجي صحيح ۾ احمد بن يعقوب کان ان ابن الغسيل کان هن اسناد سان آندو آهي تہ "رسول الله ﷺ جن (پنهنجي گهر مبارڪ مان ان حال ۾ نڪتا جو مٿن ڪپڙو ويڙهيل هو جيڪو سندن ڪلهن (مبارڪن) تي ڇڏيل هو ۽ مٿي مبارڪ تي تيل سان سٽيو رومال بہ هو. پاڻ منبر تي وينا پوءِ الله جو حمد ۽ ثنا ڪندي فرمايائون تہ "اي انسانو! ماڻهو وڌندا وڃن ٿا ۽ انصار ٿورا ٿيندا وڃن ٿا تان جو اٽي ۾ لوڻ جي برابر ٿي ويا آهن پوءِ اوهان مان جيڪو بہ ڪنهن امر جو والي ٿئي جنهن سان ڪنهن کي نفعو يا نقصان ڏياري سگهي ٿو تہ

انصارن جي نيڪن کان تہ نيڪي قبول ڪري پر انهن جي غلطي ڪندڙن کان درگذر ڪري ۽ حضرت عثمان غني ﷺ کان روايت آهي تہ ان هڪ چوڪري کي ڏٺو جيڪو سهڻو هو پاڻ فرمايائون تہ "هن جي ڄاڙيءَ کي ڪاري رنگ سان ڪارو ڪري ڇڏيو تہ نظر نہ لڳيس. (جمع الوسائل ص 169، 170 ج 1 ص 170)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي : {1} **البخاري في كتاب الجمعة باب** 28 من قال في الخطبة بعد الثناء اما بعد رقم الحديث 927 ج 2 ص 404 {2} **احمد في المسند** ج 1 ص 233 {3} ابوالشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 122 {4} **البغوي** في شرح السنة رقم الحديث 1076 ج 4 ص 239.

باب ارڙهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ إِزَارِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن
جن ۾ رسول الله ﷺ جي گوڏ جو بيان آهي

سمجهاڻي: علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "هتي گوڏ سان گڏ چادر بہ مراد آهي. گوڏ ان کي چئبو آهي جنهن سان بدن جو هيٺيون حصو ڍڪبو آهي ۽ چادر مان مراد اهو ڪپڙو آهي جنهن سان بدن جو مٿيون حصو ڍڪبو آهي ۽ ابن الجوزي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "الوفا" ۾ آندو آهي تہ "رسول الله ﷺ جي چادر جي ڊيگهہ چار هٿ هئي ۽ ويڪر اڍائي هٿ هئي. ۽ ابنِ القيم واقدي رحمة الله عليه کان نقل ڪيو آهي تہ "چادر جي ڊيگهہ ڇهہ هٿ ۽ ويڪر ٽي هٿ ۽ هڪ گرانٺ هئي ۽ سندن گوڏ جي ڊيگهہ چار هٿ ۽ هڪ گرانٺ ۽ ويڪر بہ هٿ هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 232) محدثين ڪرام وٽ راجح قول هي آهي تہ رسول الله ﷺ جن کان ڪائنچ پائڻ ثابت ناهي پر اهو ثابت آهي تہ سندن وٽ ڪائنچ موجود هئي ۽ صحابہ ڪرام کي ان جي پائڻ جو ارشاد بہ فرمايو هيائون حضرت ابو امامة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ "مون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اهل ڪتاب گوڏ نہ ٿا ٻڌن ڪائنچ پائن ٿا تہ پاڻ فرمايائون "اوهان ڪائنچ بہ پايو تہ گوڏ بہ ٻڌو انهن جي مخالفت ڪيو." گوڏ ۽ ڪائنچ پيڏين کان هيٺ ڪرڻ حرام آهي. گوڏ غرور ۽ تڪبر جي نيت سان پيڏين کان هيٺ لڙڪائڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن ڪو معقول عذر هجي تہ بہ مڪروه تنزيهي آهي. بخاري شريف ۾ آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ! منهنجي گوڏ (پيڏين کان هيٺ) لڙڪي ٿي پئي جيستائين ان جو خاص خيال نہ ڪيان" نبي پاڪ ﷺ جن ڪيس فرمايو تہ " اَنْتَ لَسْتَ مِمَّنْ يَصْنَعُه خُيَلَاءَ" تون انهن مان ناهين جيڪي اهو وڏائيءَ جي ڪري ڪن ٿا. "فتاويِٰ عالمگيري" ۾ آهي تہ تڪبر جي لحاظ سان گوڏ کي پيڏين کان هيٺ لڙڪائڻ مڪروهہ تنزيهي آهي." (انوارِ غوثيه ص 170) محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن جي رحلت کان پوءِ سندن سامان ۾ ڪائنچ بہ هئي. ابن القيم جو قول آهي تہ "حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪائنچ خريد ڪئي هئي ۽ ظاهر آهي تہ پائڻ جي لاءِ ئي خريد ڪئي هيائون." ان کان علاوه متعدد حديثن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو پائڻ بہ وارد آهي ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اجازت سان پائيندا هئا. (زاد المعاد ج ص) حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان هڪ ڊگهي حديث ۾ آيو آهي تہ " رسول الله ﷺ جن کان پڇيو ويو تہ "اوهان ڪڏهن ڪائنچ پائيندا آهيو؟ تہ پاڻ فرمايائون تہ "مان پائيندو آهيان مون کي بدن جي ڍڪڻ جو حڪم آهي هن کان وڌيڪ ٻين شين ۾ پردو ناهي." پر محدثن هن حديث کي ضعيف چيو

آهي. نبي ڪريم ﷺ جو اڪثر معمول گوڏ ٻڌڻ ۽ چادر ڍڪڻ هو. (خصائل نبوي ص 95)

{119} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَيُّوبُ، عَنْ حُمَيْدِ بْنِ هِلَالٍ، عَنْ أَبِي بُرْدَةَ قَالَ: أَخْرَجَتْ إِلَيْنَا عَائِشَةُ، كِسَاءً مُلَبَّدًا وَإِزَارًا غَلِيظًا، فَقَالَتْ: قُبِضَ رُوحُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي هٰذَيْنِ

با محاوره ترجمو: حضرت ابو برده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها اسان کي هڪ اڳڙين سان چتين لڳل چادر ۽ ٿلهي ڪپڙي جي گوڏ ڪڍي ڏيکاري ۽ چيو تہ رسول الله ﷺ جن هنن ٻنهي ڪپڙن ۾ وصال فرمايو هو.

مفردات جو شرح: "كِسَاءً" چادر. "مُلَبَّدًا" چتيون لڳل. عرب چوندا آهن " لبدت القميص اللبده يا لبدته" مون قميص کي چتيون هنيون يا هڻان ٿو. جنهن چتي سان قميص جي سامهون واري حصي کي ڳنڍيو وڃي ٿو ان کي "لبدة" چوندا آهن. "غَلِيْظًا"، "غلظة" کان ورتل آهي. ان جي معنيٰ آهي سخت هجڻ، ٿلهو هجڻ.

سمجهاڻي: حضرت ابو موسيٰ الاشعري رضي الله عنه جن کي ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها چتيون لڳل چادر ۽ سخت ڪپڙي واري گوڏ جي زيارت ڪرائي جن ۾ رسول الله ﷺ جن دنيا تان (ظاهري) رحلت فرمائي هئي. جن کي ام المؤمنين رضي الله عنها پاڻ وٽ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ محفوظ رکيو هو ۽ امان سائڻ وٽ حضور ڪريم ﷺ جن جو طيالسي جبو مبارڪ بہ رکيل هو. جيڪو پاڻ سڳورا ﷺ پائيندا هئا پوءِ جڏهن ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها وفات ڪئي تہ اهو جُبو مبارڪ سندس ڀيڻ اسماء رضي الله عنها پاڻ وٽ ڪڍي رکيو.

جبي پاڪ سان شفا حاصل ڪرڻ: ماڻهو ان کي ڌوئي ان جو پاڻيءَ پيئڻ سان شفاء حاصل ڪندا هئا. اسماء جي اها ڳالهہ صحيح مسلم ۾ موجود آهي هن روايت مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن گهڻو سادگي پسند هوندا هئا . دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ تائين پاڻ ائين گذاريائون. بادشاهن جي طرفان ڪين ڪيتريون سوکڙيون ۽ تحفا بہ ملندا هئا پر پاڻ اهي ٻين کي ڏئي ڇڏيندا هئا پنهنجي سادگي برقرار رکيو ايندا هئا. ۽ نيٺ ان ئي حال ۾ دارالبقاء ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ هن حديث مان هيءَ ڳالهہ بہ ملي ٿي تہ " انسان کي گهرجي تہ آخري عمر ۾ سينگار ۽ زينت ڏانهن توجهہ نہ ڪري ۽ صوفين صوف جو لباس لازم سمجهي ڍڪي ان تي فخر ڪيو تہ رستي کان ٿڙي ويا. (المواهب شرح الشمائل ص 233) علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "هن حديث مان ثابت ٿيو تہ صالحين جي آثار جي حفاظت پلو ڪم آهي ۽ انهن جي ڪپڙن ۽ سامان سان برڪت حاصل ڪجي. علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ " هن حديث ۾ اهو بہ دليل آهي تہ فقير، صابر، غني، شاڪر کان پلو آهي ۽ هن ۾ انهن جي ترديد آهي جيڪي چون ٿا تہ رسول الله ﷺ جن آخري عمر ۾ غني ٿي ويا هئا (ان جي ڪري غني پلو آهي) ان امر جي نهايت اها آهي تہ "هائو حضور ڪريم ﷺ جن جي لاءِ بادشاهي ۽ غنا ظاهر ٿيا هئا. پر پاڻ مسڪيني ۽ فقيري پسند فرمايائون تان تہ جمهور نبين عليهم السلام سان موافق رهن ۽ خالص اولياء ۽ اصفياء جا اڳواڻ رهن.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 170، 171)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الخمس باب 5 ما ذكر من درع النبي ﷺ وعصاه وسيفه وقدحه وخاتمه رقم الحديث 3108 ج 6 ص 212 {2} مسلم في كتاب اللباس باب 6 التواضع في اللباس رقم الحديث 2080 ج 6 ص 1649 بنحوه {3} ابو داؤد في كتاب اللباس باب 7 لباس الغليظ رقم الحديث 4036 ج 4 ص 45 بنحوه {4} احمد في المسند ج 6 ص 32 {5} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6623، 6624 ج 14 ص 593 {6} الحاكم في المستدرك ج 2 ص 602 {7} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 95 {8} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 453.

{120} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ، عَنْ شُعْبَةَ، عَنِ الْأَشْعَثِ بْنِ سُلَيْمٍ قَالَ: سَمِعْتُ عَمَّتِي، تُحَدِّثُ عَنْ عَمِّهَا قَالَ: بَيْنَا أَنَا أَمْشِي بِالْمَدِينَةِ، إِذَا إِنْسَانٌ خَلْفِي يَقُولُ: ارْفَعْ إِزَارَكَ، فَإِنَّهُ أَتْقَى وَأَبْقَى فَإِذَا هُوَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ إِنَّمَا هِيَ بُرْدَةٌ مَلْحَاءُ قَالَ: أَمَا لَكَ فِيَّ أُسْوَةٌ؟ فَنَظَرْتُ فَإِذَا إِزَارُهُ إِلَى نِصْفِ سَاقَيْهِ

با محاوره ترجمو: حضرت اشعث بن سُليم ﷺ کان روايت آهي تہ پنهنجي ڦُڦي کان ٻُڌم جنهن پنهنجي چاچي کان روايت ڪئي، ان عبيد بن خالد چيو تہ آءُ هڪ ڀيري مديني شريف جي شهر ۾ گهمي رهيو هوس. اوچتو پُٺيان هڪ ماڻهو چوڻ لڳو تہ. پنهنجي گوڏ مٿي ڪر، جو اها پرهيزگاري آهي ۽ ڪپڙي جو جٽاءُ بہ آهي. نهاريم تہ رسول الله ﷺ جن آهن. عرض ڪيم تہ يا رسول الله ﷺ هي سادي سودي رنگيل چادر آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ڇا توکي منهنجي پيروي ڪرڻي نہ آهي؟ پوءِ ڏٺم تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي گوڏ مبارڪ اڌ پنين تائين آهي.

مفردات جو شرح : "أَنَا أَمْشِيْ" مان وڃان پيو. ماضيءَ جي ڳالهہ مضارع، حال جي صيغي سان بيان ڪرڻ جو مقصد ان کي حاضر سمجهي ڳالهہ ڪرڻ آهي. "بَيْنَا" ميم جي حذف ڪرڻ سان . ۽ ان جو اصل "بَيْنَ" آهي وچ جي معنيٰ سان، ۽ ڪڏهن نون جي زبر کي اشباع طور الف آڻي "بينا" ڪري پڙهيو ويندو آهي تہ ڪڏهن ان ۾ ميم وڌائي بينما ڪري پڙهيو ويندو آهي ۽ اهو ما بعد ڏانهن مضاف آهي ۽ هڪ قول آهي تہ بين کان پويان ميم ۽ الف مضاف اليه جو عوض آهي ۽ المغرب ڪتاب واري آندو آهي تہ "بَيْنَ" انهن اسماء ظرف مان آهي جن ۾ اضافت لازم هوندي آهي ۽ ٻن يا انهن کان زياده ڏانهن مضاف ڪيو ويندو آهي يا جيڪو ان جي قائم مقام هوندو آهي. جيئن الله ﷻ جو فرمان آهي "عَوَانٌ بَيْنَ ذَالِكَ" ۽ ڪڏهن مضاف اليہ حذف ڪري ان جي عيوض ميم يا الف وڌايو ويندو آهي ۽ النهايه ۾ آهي تہ "اهي مفاجاة جي معنيٰ ۾ ظرف زمان آهن ۽ فعل ۽ فاعل مان ٺهنديڙ يا مبتداء ۽ خبر مان ٺهنديڙ جملہ ڏانهن مضاف ڪيا ويندا آهن ۽ ان جي جواب ڏانهن محتاج هوندا آهن جنهن سان معنيٰ پوري ٿئي. ۽ انهن جي جواب ۾ وڌيڪ فصيح هي آهي تہ اذ ۽ اذا نہ اچي. پر اهي جواب ۾ آيل گهڻيون آهن. اذا (الف سان) اوچتو جي معنيٰ ۾ هتي "انا" مسند اليه تخصيص جي لاءِ مقدم آندو ويو آهي. "بِالْمَدِيْنَةِ" هتي با في جي معنيٰ ۾ آهي. "ملحاءُ" اڇا ۽ ڪارا پٽا رکندڙ.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن ماڻهو کي غلط ڪم ڪندي ڏسجي تہ ان کي منع ڪجي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪائنچ يا گوڏ کي پيڏين کان هيٺ ڪرڻ منع آهي ۽ ائين ڪندڙن

جي لاءِ احاديث مبارڪ ۾ سخت سزائن جو ذڪر آيل آهي. رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي تہ "جيتري قدر گوڏ پيڏين کان هيٺ لڙڪايل هوندي اوتري قدر جسم جو اهو حصو ڪٽي جهنم ۾ وڌو ويندو." الله جل جلاله انهن هنيلن جا گناهہ بخش نہ ڪندو ۽ نہ انهن تي رحم ڪندو." محدثن ڀلارن لکيو آهي تہ "پيڏين (ڳرين) کان گوڏ يا ڪانچ هيٺ لڙڪائيندڙ عورتن سان مشابهت رکي ٿو. ڇوتہ پيڏين کان هيٺ ڪپڙو رکڻ جو حڪم عورتن جي لاءِ آهي. حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ "لَعَنَ اللهُ رَجُلًا تَأَنَّثَ وَامْرَأَةً تَذَكَّرَتْ" (عورتن سان مشابهت ڪندڙ مرد ۽ مرد سان مشابهت ڪندڙ عورت تي الله جل جلاله لعنت ڪئي آهي) جيئن عورتن وانگر هٿن کي ميندي لائڻ، عورتن وارا ڪپڙا ۽ زيور پائڻ، پاڻ کي عورتن وانگر بنائڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ عورتن واري شڪل بنائڻ. اهي سڀ صورتون ان ۾ داخل آهن اهڙي امام جي پويان نماز بہ نہ پڙهجي پر جيڪڏهن ڪنهن پڙهي آهي تہ موٽائي پڙهي. اهڙي طرح عورت کي مردن وانگر مٿو اگهاڙو ڪرڻ، بدن جا اڪثر حصا اگهاڙا ڪرڻ، بي پرده، خوشبو لڳائي ٻاهر نڪرڻ، ڏاڍي آواز سان ڳالهائڻ، مردن جي صلاح مشوري ۾ هروڀرو دخل ڏيڻ وغيره اهي سڀ صورتون الله جل جلاله جي طرفان لعنت وسڻ جو سبب آهن. رب العزت جل شانه شال سيني کي مصطفيٰ ﷺ جي صدقي اهڙن ڪمن کان محفوظ رکي. (فضائل النبي ﷺ ص 73)

گوڏ ۽ ڪانچ جي هيٺ بيهارڻ جي ڪيتري حد آهي؟: عبدالرحمان فرمايو تہ : مون حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان گوڏ جي باري ۾ پڇيو تہ ان چيو "تو وڏي ڄاڻ رکندڙ کان پڇيو آهي رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "مسلمان جي گوڏ اڌ ٻڪي تائين هجڻ گهرجي ۽ ان کان هيٺ پيڏين تائين بہ ڪا منع ڪانهي پر پيڏين کان هيٺ جيتري حصي تي بہ گوڏ هوندي اهو حصو باهہ ۾ ساڙيو ويندو ۽ جيڪو شخص متڪبرانہ طور ڪپڙي کي هيٺ لڙڪائيندو قيامت جي ڏينهن الله جل جلاله ان ڏانهن (رحم جي نظر سان) نہ نهاريندو." (خصائل نبوي ص 97) ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن ان جي لاءِ فرمايو تہ "ڪپڙو مٿي رکڻ وڏيڪ تقويٰ ۽ حفاظت وارو آهي." ان سان غرور کان دل پاڪ ٿئي ٿي ۽ ڪپڙو ميري ٿيڻ ۽ پليد ٿيڻ ۽ جلد ڦاٽڻ کان محفوظ رهي ٿو. صحابي رضي الله عنه ڪين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! اها سادي چادر آهي. پاڻ فرمايائون تہ "ڇا مون ۾ تنهنجي لاءِ اڳواٽي ناهي؟" صحابي رضي الله عنه مٿيون عرض ڪري آقا ﷺ کي ٻڌائڻ گهريو تہ مون ۾ تڪبر ۽ غرور جي نيت ناهي پر پاڻ ان کي پنهنجي اقتداء، اتباع ۽ اطاعت ڏي متوجهہ ڪيائون ۽ صحابي رضي الله عنه ڏٺو تہ سندن گوڏ مبارڪ اڌ پنين تائين هئي ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي مٿئين قول ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ "ڪامل جي لاءِ حڪم آهي تہ اهو قول ۽ عمل ۾ جامع هجي. علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ محفلن ۽ مجلسن ۾ گوڏ جي بجاءِ ڪانچ پائجي ڇوتہ ان ۾ پردو آهي ۽ گوڏ مهنة جو ڪپڙو آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 173)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب الزينة من سننه الڪبريٰ باب 101 موضع الازار رقم الحديث 9682، 9683 ج 5 ص 484 {2} احمد في المسند ج 5 ص 364 {3} **البغوي** في شرح السنه رقم الحديث 3079 ج 12 ص 11.

{121} حَدَّثَنَا سُوَيْدُ بْنُ نَصْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ، عَنْ مُوسَى بْنِ عُبَيْدَةَ، عَنْ إِيَاسِ بْنِ سَلَمَةَ بْنِ

الأَكْوَعِ ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ : كَانَ عُثْمَانُ بْنُ عَفَّانَ ، يَأْتَزِرُ إِلَى أَنْصَافِ سَاقَيْهِ ، وَقَالَ : هَكَذَا كَانَتْ إِزْرَةُ صَاحِبِي ، يَعْنِي النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

با محاوره ترجمو: حضرت اياس بن سلمة بن اكوع ﷺ پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي آهي, تہ حضرت عثمان ﷺ پنهنجي گوڏ پِنين جي اڌ تائين ٻَڌندو هو ۽ چيائين تہ منهنجي سردار پياري نبي ﷺ جن جو بہ اهو ئي طريقو هو.

مفردات جو شرح: "اَنْصَافَ" اڌ "سَاقَ" پنيون, بڪيون. "مَابَيْنَ الرُّكْبَةِ وَالْقَدَمِ" گوڏي ۽ پير جي وچ وارو حصو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت عثمان غني ﷺ جي گوڏ ٻڌڻ جو بيان آهي ۽ ان ۾ محدثن جي هڪ سوچ اها آهي تہ صحابہ ڪرام خصوصًا خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي اقتداء ڪرڻ گهرجي ۽ پيو تہ انهن جيڪو عمل ڪيو تي سيدنا رسول الله ﷺ جي اتباع ۾ ڪيو تي ۽ آقا ﷺ جي هر ڪم ۽ هر فعل ۽ هر هيئت تي عمل ڪري پين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريندا هئا. ان نموني سان اهو عمل اڄ تائين اولياءِ ڪرام, محدثين عظام ۽ علماءِ فخام جي ذريعي هلندو اچي ٿو ۽ انشاءَ الله ﷻ قيامت تائين قائم رهندو. امام نووي ﷫ فرمايو تہ "اڌ پنين تائين گوڏ جو رکڻ مستحب آهي پيڏين تائين رکڻ ڪراهيت کان سواءِ جائز آهي ۽ انهن کان هيٺ جيڪڏهن تڪبر جي لاءِ هوندو تہ حرام آهي نہ تہ مڪروه آهي. ۽ "صاحبي" مان مُراد رسول الله ﷺ جن آهن جيئن روايت ۾ مذڪور آهي. "اِزْرَةُ" همزه جي زبر سان. مان مراد گوڏ ٻڌڻ جي ڪيفيت. آهي علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي. "سلمة بن الاكوع کي خبر هئي تہ حضور ڪريم ﷺ جن گوڏ ٻڌندا هئا پوءِ بہ حضرت عثمان غني ﷺ جي گوڏ ٻڌڻ جو ذڪر ان جي لاءِ ڪيائين تہ خبر پوي تہ اها سنت, محفوظ معموله به هئي جنهن تي رسول الله ﷺ جن جي خليفي عمل ڪيو ۽ پين کي بہ عمل ڪرڻ گهرجي. رسول ڪريم ﷺ جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ "عَلَيْكُمْ بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِيْنَ مِنْ بَعْدِيْ" منهنجي سنت ۽ مون کان پوءِ راشد خليفن جي سنت کي لازم ڪري وٺو." (جمع الوسائل ج 1 ص 173)

هيءَ حديث پين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 96 {1} البزار حديث 2948 ج 3 ص 363 {1} تهذيب التهذيب ج 10 ص 356 {1} مجمع الزوائد ج 5 ص 122.

{122} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو الأَحْوَصِ ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ ، عَنْ مُسْلِمِ بْنِ نَذِيرٍ ، عَنْ حُذَيْفَةَ بْنِ الْيَمَانِ قَالَ : أَخَذَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِعَضَلَةِ سَاقِي أَوْ سَاقِهِ فَقَالَ : هَذَا مَوْضِعُ الإِزَارِ ، فَإِنْ أَبَيْتَ فَأَسْفَلَ ، فَإِنْ أَبَيْتَ فَلاَ حَقَّ لِلإِزَارِ فِي الْكَعْبَيْنِ

با محاوره ترجمو: حضرت حذيفہ بن اليمان ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن منهنجي يا پنهنجي پنيءَ جي گوشت ۾ هٿ وجهي ڏيکاريو ۽ فرمايو تہ گوڏ پيهارڻ جي هي جاءِ اٿئي, جي نہ مڃين تہ پوءِ ٿورو هيٺ پرو. جي اڃان نہ مُڃين تہ پوءِ گوڏ کي پيڏين تائين لڙڪائڻ جو ڪو بہ حق ناهي.

مفردات جو شرح: "عَضَلَةَ" (عين ۽ ضاد جي زبر سان) هر اهو پنو جيڪو گوشت سان پريل هجي. هتي مراد پنيءَ جو گوشت آهي "اَبَيْتَ" واحد مذڪر مخاطب جو صيغو. جيڪڏهن تو انڪار ڪيو.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي طرفان وضاحت سان بيان ٿيل آهي. تہ گوڏ وڏ ۾ وڏ ڪيتري لٽڪيل هجي. ڪائنچ جو بہ اهو حڪم آهي. ها جيڪڏهن ڪو معقول عذر هجي تہ پوءِ منع ناهي. جيئن ڪو زخم يا ڪا ٻي تڪليف هجي تہ پوءِ ان کي ڍڪڻ يا زخم کي گند، مٽيءَ وغيره کان بچائڻ جي لاءِ گوڏ يا ڪائنچ سان ڍڪي سگهجي ٿو. نبي پاڪ ﷺ جن جي نظافت، نفاست، پاڪيزگي ۽ صاف رهڻ جو اثر هو. جو سندن ڪپڙو ميرو نہ ٿيندو هو.

محبوب پاڪ ﷺ جي پاڪ جسم ۾ جون نہ هوندي هئي: شمائل جي شارح علامہ عبدالرؤف مناوي رحمة الله عليه المتوفي 1003هـ لکيو آهي تہ "ان ثَوْبَهٗ لَايَقْمُلُ" سندن ڪپڙن ۾ جون نہ پونديون هيون. ۽ علامہ فخر الدين رازي کان نقل ڪيو اٿس تہ"ان الذباب لم يقع على ثوبه ولا يمص دمه البعوض" يقينًا ڪڏهن بہ سندن ڪپڙي تي نہ مک ويٺي ۽ نہ سندن رت مبارڪ کي ڪڏهن مڇر پيتو. ۽ علامہ علي قاري رحمة الله عليه بہ لکيو تہ "و من خواصہ ان ثوبہ لم يقمل" حضور ڪريم ﷺ جن جي خصائص مان آهي تہ سندن ڪپڙن ۾ جون نہ پئي هئي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 175) **الحاصل** تہ گوڏ، قميص، ڪائنچ پيڏين کان هيٺ نہ هجي. دمياطي آندر آهي تہ رسول الله ﷺ جن جيڪا چادر ڍڪي ٻاهران اچڻ وارن وفدن سان ملندا هئا. اها سائي رنگ جي چار هٿ ڊگهي ۽ بہ هٿ ۽ هڪ گرانٺ ويڪري هئي. عذر جي ڪري پاڻ ڪريمن ﷺ جن عبدالرحمان بن عوف ۽ الزبير بن العوام رضي الله عنهما کي خالص ريشم (حرير) جي قميص پائڻ جي موڪل ڏني هئي. ڇوتہ اهي بدن ۾ خارش هجڻ جي ڪري ٻيو ڪپڙو پائي برداشت ڪري نہ سگهندا هئا. ۽ قاضي عياض رحمة الله عليه هن ڳالهہ تي علماء جو اجماع نقل ڪيو آهي تہ "پيڏين کان هيٺ ڪپڙو رکڻ مردن جي لاءِ منع آهي. عورتن جي لاءِ جائز آهي. سنن نسائي ۽ جامع ترمذي ۾ ۽ ان کي ترمذي صحيح چيو آهي، ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ "ان جڏهن رسول الله ﷺ جن کان پيڏين کان هيٺ ڪپڙو رکندڙ جي عذاب جو ذڪر ٻڌو تہ عرض ڪيائين تہ "عورتون پنهنجي چولن جون دامنون ڪيتريون رکن؟ پاڻ فرمايائون تہ" (پيڏين کان) هڪ گرانٺ هيٺ رکن . ان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! ان سان پير کونہ ٿا ڍڪجن. پاڻ فرمايائون تہ "هڪ هٿ ڊگهو رکن ان کان وڌيڪ نہ رکن." مقصد پردو رکڻ آهي. پر عورت بہ جيڪڏهن موزو پاتو آهي جنهن سان پير ڍڪجي وڃي ٿو تہ چولي جي دامن اها بہ ڊگهي نہ رکي. قاضي عِياض رحمة الله عليه فرمايو تہ" ڪپڙي ۾ هرويرو ڊيگهہ يا ويڪر ڪرڻ مڪروهہ آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 175) ۽ هن حديث مان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي تعليم سان گڏ تربيت جو رحمت ۽ رافت وارو طريقو بہ معلوم ٿيو جو پنهنجي پني مبارڪ يا صحابي رضي الله عنه جي پنيءَ ۾ هٿ وجهي ان کي سمجهايائون تہ هن حد تائين ڊگهو رکو. وڌيڪ رکڻ وارو حصو جهنم ۾ وڃڻ ويندو. حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه فرمايو تہ "رسول الله ﷺ جن جي هڪ ديدار ڪرڻ سان مسلمان جي دل کي اهڙو تزڪيو ۽ صفائي ملي ٿي جو ڪنهن ٻئي کي اها چاليهہ سالن جي رياضت کان پوءِ بہ حاصل نہ ٿيندي." ان جي ڪري ان آقا ﷺ جي اقتداء ڪرڻ نهايت اهم فرض آهي ان جي ڪري صحابن رضي الله عنهم کي پنهنجي اقتداء، اطاعت ۽ اتباع ڏانهن متوجهہ ڪرڻ فرمائيندا هئا. مسلمان تي لازم آهي تہ اهو سندن حڪم کي سندن حڪم سمجهي اطاعت ڪري، باقي ان جون حڪمتون ڳولي پوءِ اتباع ڪرڻ حڪمت جي اطاعت چئبي

حڪم جي اطاعت نہ ڇئي ويندي ڪيترا اسلامي احڪام اهڙا آهن جو اسين انهن جي رازن ۽ حڪمتن کي سمجهي نہ ٿا سگهون اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن انهن حڪمتن کي تابعداريءَ لاءِ مدار بنايو ويندو تہ ڪيترن حڪمن جي اطاعت رهجي ويندي ۽ اهو ذهن غلط ۽ سراسر گمراهي آهي. دنياوي بادشاهن جي احڪام تي حڪمت معلوم ڪرڻ کان سواءِ عمل ڪيو ويندو آهي. ۽ عمل نہ ڪندڙ کي سزا ملندي آهي الله جل جلاله تہ احڪم الحاڪمين آهي ان جي حڪم تي عمل نہ ڪندڙ ۽ حڪمتن جي تلاش ڪندڙ بہ سخت سزا جو مستحق ٿيندو.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **النسائي في ڪتاب الزينة باب** 100 **موضع الازار ج** 8 ص 206, 207 {2} **ابن ماجہ في ڪتاب اللباس باب** 7 **موضع الازار اين هو؟ رقم الحديث** 3572 {3} **احمد في المسند ج** 5 **ص** 382 {4} **الطبراني في الصغير ج** 1 **ص** 97 {5} **ابن حبان في صحيحہ رقم الحديث** 5445 **ج** 12 **ص** 262 {6} **البغوي في شرح السنة رقم الحديث** 3078 **ج** 12 **ص** 10, 11. {7} **الطيالسي في مسنده رقم الحديث** 425 **ص** 57.

باب اڻويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي مِشْيَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ رسول الله ﷺ جي هلڻ (جي صفت) جو بيان آهي

سمجهاڻي: هن باب ۾ "مِشْيَةِ" لفظ آيل آهي "مِشْيَةِ " سِدرَةُ" وانگر. اها هيئت آهي جيڪا انسان هلڻ ۾ اختيار ڪندو آهي. هن باب ۾ محبوب ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جي هلڻ ۽ رفتار جي حسن ۽ خوبي جو ذڪر ڪيل آهي. هن باب ۾ محدث ترمذي تي (3) حديثون آنديون آهن.

{123} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ : حَدَّثَنَا ابْنُ لَهِيعَةَ ، عَنْ أَبِي يُونُسَ ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ : وَلاَ رَأَيْتُ شَيْئًا أَحْسَنَ مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَأَنَّ الشَّمْسَ تَجْرِي فِي وَجْهِهِ ، وَمَا رَأَيْتُ أَحَدًا أَسْرَعَ فِي مِشْيَتِهِ مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَأَنَّمَا الأَرْضُ تُطْوَى لَهُ إِنَّا لَنُجْهِدُ أَنْفُسَنَا وَإِنَّهُ لَغَيْرُ مُكْتَرِثٍ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ مون ڪوبه سهڻو ڪونه ڏٺو. ڄڻ ته سندن منهن مبارڪ ۾ سج چمڪي رهيو آهي. هلڻ ۽ رفتار ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کان ڪوبه تکڙو هلندڙ ڪونه ڏٺم. ڄڻ ته سندن لاءِ زمين ويڙهجي ٿي وڃي. اسان پاڻ کي هلڻ ۾ تڪليف ڏئي ڪين مس پُڄندا هئاسون ۽ پاڻ سگورا مزي مزي سان پوري رفتار سان هلندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَأَنَّ" گويا ڪ "تَجْرِيْ" هلي پيو "أَسْرَعَ" گهڻو تکڙو. "تُطْوَى" ويڙهي ٿي وڃي، سميٽي يا ليٽائي ٿي وڃي. " لَنُجْهِدُ" پوري محنت ۽ مشقت ڪيون پيا. پورو زور لڳايون پيا.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ سيدنا رسول الله ﷺ جن جو حُسن ۽ سندن هلڻ جو انداز بيان ٿيل آهي. حضرت ابو هريره ﷺ جو فرمان ته "مون رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ سهڻو نه ڏٺو" هتي ڏسڻ مان مراد يا اک جو ڏسڻ آهي يا ڄاڻڻ آهي مطلب ته اهڙو سهڻو مون ڏٺو ته نه پر منهن جي علم ۾ به ناهي ۽ علامه بيجوري رحمه الله علم واري معنيٰ کي وڌيڪ بليغ قرار ڏنو آهي "ڄڻ ته سندن منهن مبارڪ ۾ سج هلي رهيو آهي." مطلب ته سندن منهن مبارڪ جا جلوا ۽ چمڪارا سج جي چمڪارن وانگر هئا. ۽ هتي تشبيه ڏنَلُ جنهن سان تشبيه ڏنو ويو آهي ان کان وڌيڪ آهي ۽ صحابي ﷺ جو ان مان مقصود سندن حسن جو اعليٰ هجڻ ۽ سج کان به وڌيڪ هجڻ آهي ۽ منهن مبارڪ کي خاص طور ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو ان ۾ جلوه گر ٿيندڙ محاسن ظاهر ٿيندا آهن ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪين ڏسين ها ته سج کي ايرندڙ ڏسين ها ۽ هي به تقريبًا آهي ورنه ته" پاڻ سج کان بلڪ هر شيءِ کان وڌيڪ سهڻا هئا."

محبوب ﷺ جو پاڇو نه هوندو هو: حضرت ابنِ عباس ﷺ جي حديث مبارڪ ۾ آهي ته رسول الله ﷺ

جن جو پاڇو نہ هوندو هو ۽ پاڻ سج جي روشني ۾ بيهندا هئا تہ ان جي روشني کان سندن روشني وڌيڪ هوندي هئي. ۽ جيڪڏهن گهر ۾ رکيل ڏيي جي پر ۾ هوندا هئا. تہ سندن روشني ان کان بہ وڌيڪ هوندي هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 238 جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 176)

هن مضمون کي حضرت شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ هن طرح ڪيو آهي.

اے چہرہ زیبائے تو رشک بتان آذری ـــ ہر چند وصفت می کنم لیکن ازان بالاتری

يعني اي محبوب ﷺ اوهان جو منهن مبارڪ اهڙو سهڻو آهي جو آذر جا سهڻا نهيل بُت بہ ان سان رشڪ ڪن ٿا. مان اوهان جي جيتري وصف بيان ڪيان اوهان ان کان بہ بالا ۽ بلند آهيو.

آفاقہا گردیدہ ام، مہر بتان ورزیدہ ام، بسیار خوبان دیدہ ام لیکن تو چیزے دیگری

دنيا جا پاسا گهميو ڦريو آهيان. پلا جسم ڳوليا اٿم. گهڻا سهڻا ڏٺا اٿم پر اوهان ڪا بي شيءِ آهيو.

ہرگز نیاید در نظر، صورت زرویت خوبتر، شمسی ندانم یا قمر یا زہرہ یا مشتری۔

ڪڏهن بہ نظر ۾ اوهان جي صورت کان پلي صورت نظر ۾ نہ آئي آهي نہ ڪو سج تو ڄاڻان نہ چنڊ نہ زهره نہ مشتري(ستارا) محترم عبدالقيوم ضياء سليمي (شاعر) مذڪور مضمون کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

کھڑے ہوئے نہ کبھی آفتاب رخشاں میں
مگر جمال جبین آفتاب پر رہا غالب
دیے کے پاس کھڑا آپ کو نہیں دیکھا
چراغ رخ تھا مگر ماہتاب پر غالب (انوار غوثیہ ص ۱۷۹)

۽ هن حديث ۾ ٻيو ذڪر محبوب ڪريم ﷺ جي هلڻ جي طريقي جو آهي. (هلڻ جو ذڪر تہ سندن حُليي مبارڪ جي ذڪر ۾ تبعًا اڳي چڪو آهي) سندن هلڻ جي ڪيفيت حيران ڪندڙ هئي. هلندا هئا تہ ڄڻ زمين سندن قدمن جي هيٺان ويڙهجندي ويندي هئي. صحابي رضي اللہ عنہ فرمايو تہ"اسين پاڻ کي تڪليف ڏئي مس مس کين پهچندا هئاسون ۽ پاڻ معمولي رفتار سان هلندا هئا ۽ جيڪو فاصلو اسين تڪليف سان طئي ڪندا هئاسون اهو پاڻ بغير تڪليف جي طئي ڪندا هئا ۽ اهو کين الله جل جلالہ جي طرفان عطا ڪيل قوت جو ڪرشمو هو. پاڻ پنهنجي طور تي آرام سان هلندا هئا سندن لحاظ سان "يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا" (الله جا ٻانها زمين تي نرميءَ سان هلن ٿا) ۽ "وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ" (پنهنجي هلڻ ۾ وچٿرو رهہ) تي پورو عمل هوان ۾ ڪا تڪليف يا مشقت نہ ڪندا هئا. ۽ اهو سندن معمول هو جيئن سندن حُسن هميشہ حُسن هو. حالات جي تبديليءَ سان تبديل نہ ٿيندو هو ۽ تيز رفتار هلڻ مان سندن مقصد ساٿين کي ٿڪائڻ نہ هو پر سندن مزاج مبارڪ ائين هئي.

(جمع الوسائل ج 1 ص 176)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 2 ص 350 {2} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 379, 380 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 211.

{124} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ يُونُسَ، عَنْ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ اللهِ مَوْلَى غُفْرَةَ قَالَ أَخْبَرَنِي إِبْرَاهِيمُ بْنُ مُحَمَّدٍ، مِنْ وَلَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ قَالَ: كَانَ عَلِيٌّ إِذَا وَصَفَ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ كَانَ إِذَا مَشَى تَقَلَّعَ كَأَنَّمَا يَنْحَطُّ مِنْ صَبَبٍ

با محاوره ترجمو: حضرت ابراهيم بن محمد ﷺ (حضرت علي ﷺ جو پوٽو) چوي ٿو تہ حضرت علي ﷺ نبي پاڪ جن جون سهڻيون صفتون بيان ڪندي چوندو هو تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن هلندا هئا تہ پير مبارڪ زور سان کڻندا هئا، ڄڻ تہ ڪنهن لاهي ۾ ٿا لهن.

مفردات جو شرح: "وَصَفَ" وصف کان ورتل . تعريف ڪرڻ، صفت بيان ڪرڻ، حليو بيان ڪرڻ. "تَقَلَّعَ" مضبوطيءَ سان قدم کڻڻ. "يَنْحَطَّ" انحطاط کان ورتل، لهڻ ۽ ان جي اصل معنيٰ آهي مٿانهين کان هيٺ اچڻ. "صَبَبِ" هيٺانهين. "صب" هيٺ لهڻ.

{125} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنِ الْمَسْعُودِيِّ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ مُسْلِمِ بْنِ هُرْمُزَ، عَنْ نَافِعِ بْنِ جُبَيْرِ بْنِ مُطْعِمٍ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا مَشَى تَكَفَّأَ تَكَفُّؤًا كَأَنَّمَا يَنْحَطُّ مِنْ صَبَبٍ

با محاوره ترجمو: حضرت علي بن ابو طالب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن هلندا هئا تہ ٿورو اڳتي جهڪي هلندا هئا، ڄڻ تہ مٿانهين کان هيٺ ٿا لهن.

مفردات جو شرح: "تَكَفُّأ" رڪاوٽ کان سواءِ اڳتي جُهڪيل قدم بہ قدم هلڻ.

سمجهاڻي: هنن ٻنهي مذڪور روايتن جي سمجهاڻي باب ماجاء في خلق رسول الله ﷺ جي حديث 3 واري ساڳي آهي اتي ڏسڻ گهرجي. هي ٻئي حديثون بہ ٻين انهن محدثن آنديون آهن جن جو ذڪر حديث نمبر 7 ۽ حديث نمبر 5 ۽ 6 ۾ لکي آيا آهيون.

باب ويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي تَقَنُّعِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ رسول الله ﷺ جي ان ڪپڙي جو ذڪر آهي جيڪو تيل ۾ سٽيي ٿيڻ ڪا بچاءَ جي لاءِ پڳ مبارڪ جي هيٺان ڏيندا هئا

سمجهاڻي: "التقنع" جي معنيٰ القاء القناع على الراس ليقي نحو العمامة عما بها من الدهن. تقنع جي معنيٰ مٿي تي ڪپڙو رکڻ تان تہ ان سان پڳ وغيره کي مٿي تي لڳل تيل جي سٽيپ کان بچائجي. ۽ هتي اهو مراد آهي. جيتوڻيڪ اهو ان کان عام آهي، ورنہ تہ مٿي ۽ اڪثر منهن کي ان سان ڍڪڻ پڳ کان مٿان چادر پائڻ سان بہ ٿيندو آهي. جنهن سان ٿڌ يا گرميءَ کان بچاءُ بہ حاصل ڪيو ويندو آهي. ۽ حضرت ابنِ مسعود ﷺ کان صحيح روايت ۾ آيو آهي جنهن جو حڪم مرفوع حديث وارو آهي تہ "تقنع نبين (عليهم الصلوٰة والسلام)جي اخلاق مان آهي. ۽ هڪ حديث ۾ آهي تہ "تقنع اهو ڪندو جنهن قول ۽ فعل ۾ ڪامل حڪمت حاصل ڪئي هوندي" ۽ هن مان اهو مسئلو ورتو ويو آهي تہ علماء جي لاءِ خصوصي شعار هجي. تان تہ ان سان سڃاتا وڃن ۽ انهن کان مسئلا پڇي انهن جي تابعداري ڪئي وڃي.

چادر ڍڪڻ جا فائدا: چادر پائڻ ۾ اهو اصل آهي ۽ ان جا وڏا فائدا آهن. مثلاً الله ﷻ کان حياء رکڻ ۽ ان جو خوف ڪرڻ وغيره ۽ ان سان مٿي کي ڍڪڻ واري جو فڪر جامع هوندو آهي ان جو قلب پنهنجي رب سان حاضر هوندو آهي. شهود ۽ ذڪر سان ڀريل هوندو آهي ان جا عضوا شرعي مخالفت کان محفوظ رهندا آهن ۽ ان جو نفس شهوتنَ کان بچندو آهي، ان جي ڪري بعض صوفين جو قول آهي تہ "چادر ننڍي خلوت آهي." (المواهب شرح الشمائل ص 240) علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ "التقنع معروف آهي ۽ مٿي کي چادر جي پلاند سان يا چادر سان پڳ جي مٿان يا هيٺان ڍڪڻ کي چيو ويندو آهي. جيئن بخاري شريف ۾ روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هجرت واري دور ۾ منجهند جو حضرت ابو بڪر صديق ﷛ جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ پاڻ ان وقت چادر ۾ ويڙهيل هئا ۽ ظاهر آهي تہ اها چادر سندن پڳ مبارڪ جي مٿان هوندي. پڳ جي هيٺان نہ هوندي ڇوتہ پاڻ مڪ مڪرمہ وارن کان لڪ ۾ مدينہ منوره ڏانهن وڃڻ جي تيارين ۾ هئا. علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ جڏهن تہ پنڌ ڪندڙ گرمي يا سردي کان بچڻ جي لاءِ تقنع جو محتاج هوندو آهي ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جي هلڻ جي ڪيفيت بيان ڪرڻ کان پوءِ تقنع جو ذڪر آندو ويو آهي.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 177)

{126} حَدَّثَنَا يُوسُفُ بْنُ عِيسَى قَالَ حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ حَدَّثَنَا الرَّبِيعُ بْنُ صَبِيحٍ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبَانَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُكْثِرُ الْقِنَاعَ كَأَنَّ ثَوْبَهُ ثَوْبُ زَيَّاتٍ

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن گهڻو ڪري پڳ مبارڪ جي هيٺان رومال ڏيندا هئا. اهو ننڍو رومال تيل لڳڻ ڪري تمام سٽيو هوندو هو. ڄڻ تہ اهو تيليءَ جو ڪپڙو آهي.

مفردات جو شرح: "القِناع" چادر، رومال تيل کان بچاءَ جي لاءِ مٿي تي رکيل ڪپڙو. "زَيَّاتٍ" تيل وارو، تيلي.

سمجهاڻي: سيدنا رسول الله ﷺ جن انتهائي نفاست پسند، نظافت پسند ۽ صاف طبيعت رکندڙ هئا. جڏهن مٿي مبارڪ تي تيل هڻندا هئا تہ ان جي لاءِ هڪ جدا ڪپڙو رکيو هيائون، جنهن مان مٿي مبارڪ کي ڍڪيندا هئا تان تہ پڳ مبارڪ يا ٽوپي مبارڪ تيل جي سٽڻ کان محفوظ رهي. ان سڀ ڪجهہ هوندي بہ سندن ڪپڙا ميرا نہ ٿيندا هئا نہ سندن ڪپڙن ۾ جوِن پونديون هيون ۽ نہ مڇر سندن جسم اطهر کي ويجهو ايندو هو. (خصائل نبوي ص 100)

هيءَ حديث باب ماجاء في ترجل رسول الله ﷺ ۾ ذڪر ڪيل آهي ان کي جن بين محدثن آندو آهي اهي بہ اتي مذڪور آهن.

باب ايڪيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي جِلْسَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ رسول الله ﷺ جي ويهڻ (جي صفت) جو بيان آهي

سمجهاڻي: جِلسة (جيم جي زير سان) هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جي ويهڻ، تشريف فرما ٿيڻ جي مختلف هيئتن ۽ ڪيفيتن جو ذڪر آهي. هر اهڙي طريقي ۽ نموني تي ويهڻ جنهن سان غرور، تڪبر ، وڏائي ظاهر نہ ٿئي ۽ عاجزي ، انڪساري، تواضع نمايان ٿئي جائز آهي. پر اهڙي طريقي سان ويهڻ جنهن سان اوگهڙ ظاهر ٿئي منع آهي ۽ هتي ويهڻ مان مراد بيهڻ جي مقابلي ۾ آهي. ان ۾ ليٽڻ بہ داخل آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 178) هن باب ۾ ٽي حديثون آيل آهن.

{127} حَدَّثَنَا عَبْدُ بْنُ حُمَيْدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَفَّانُ بْنُ مُسْلِمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ حَسَّانَ ، عَنْ جَدَّتَيْهِ ، عَنْ قَيْلَةَ بِنْتِ مَخْرَمَةَ ، أَنَّهَا رَأَتْ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْمَسْجِدِ وَهُوَ قَاعِدٌ الْقُرْفُصَاءَ قَالَتْ فَلَمَّا رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْمُتَخَشِّعَ فِي الْجِلْسَةِ أُرْعِدْتُ مِنَ الْفَرَقِ

با محاوره ترجمو: حضرت قيلة بنت مخرمة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي مسجد ۾ اوڪڙويا ڪاني ٻڌڻ وانگر ويٺل ڏٺويعني پاڻ سڳورا ﷺ ٻنهي گوڏن کي اُڀو ڪري، انهن تي منهن رکي ، هٿ مبارڪ ڪچن ۾ ڏئي، نماڻائي سان غور فڪر ۾ مُراقبي وانگر مستغرق ويٺا هئا. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي اهڙي نماڻي حال ۾ ويٺل ڏسي. آءُ خوف کان ڏڪي ويس.

مفردات جو شرح: "اَلْقُرْفَصَاءُ" ٻئي رانون ڪڙيون ڪري انهن کي ٻنهي هٿن جي ڪاراين سان وٺي چيلڙن تي اوڪڙو ويهڻ. "أُرْعِدتُّ" ڏڪي ويس. "اَلْفَرَقُ" ڊپ. خوف.

سمجهاڻي: هن حديث جي روايت ڪندڙ صحابيہ رضي الله عنها فرمايو تہ حضور ڪريم ﷺ مسجد ۾ "القرفصاء" طريقي سان ويٺا هئا. القرفصاء (قاف جي پيش. فا جي پيش ، را جي جزم سان) هن مان مراد ٻانهن سان ڪاني ٻڌي اوڪڙو ويهڻ آهي ۽ پاڻ ويهڻ ۾ نهايت خشوع. نياز. نوڙت واري اهڙي انداز ۾ هئا جو مان ڊپ کان ڏڪي ويس. صحابيہ رضي الله عنها ان جي ڪري ڏڪي وئي جو ڪيس آقاءِ نامدار ﷺ جو رعب. هيبت ۽ جلال نظر آيو. پاڻ ان وقت قلب مبارڪ تي ڪامل توجهہ ڏئي، ماسوي الله کان قطع نظر ڪيو ويٺا هئا.. سندن وجود اقدس. انوار الاهي جو مهبط. رباني تجليات جو مرڪز بڻيل هو. التخشع التفعل جي وزن تي تڪليف جي لاءِ نہ پر خشوع ۾ مبالغي جي زيادتي لاءِ آهي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 66 جي تخريج ۾ آيل آهي.

{128} حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْمَخْزُومِيُّ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عَبَّادِ بْنِ تَمِيمٍ، عَنْ عَمِّهِ، أَنَّهُ رَأَى النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُسْتَلْقِيًا فِي الْمَسْجِدِ وَاضِعًا إِحْدَى رِجْلَيْهِ عَلَى الْأُخْرَى

با محاوره ترجمو: حضرت عباد بن تميم ﷺ پنهنجي چاچي (عبدالله بن يزيد ﷺ) کان روايت ڪئي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي مسجد ۾ سنئون سڌو پير تي پير چاڙهي سُتل ڏٺو.

مفردات جو شرح: "مُسْتَلْقِيًا" ڪياڙي پر ليٽندڙ استلقاء کان ورتل آهي. "وَاضِعًا" رکندڙ "إِحْدَى" هڪ. "رِجْلَيْهِ" رِجل جو تثنيہ آهي. "پير".

سمجهاڻي: هن حديث ۾ بيان ٿيو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن مسجد شريف ۾ سُتا پيا هئا. ۽ ان دوران هڪ پير مبارڪ ٻئي تي رکيائون. هن مان معلوم ٿيو تہ اهڙي طرح سُمهڻ منع ناهي جوتہ اهڙي طرح ڪرڻ سان جسم جو منع ڪيل حصو ظاهر نہ ٿو ٿئي. ها هڪ گوڏي کي ايو ڪري ٻيو پير ان تي نہ رکجي جوتہ ان ۾ اوگهڙ ظاهر ٿيڻ جو خطرو آهي، پر اهو تڏهن جڏهن گوڏ ٻڌل هجي. پر جيڪڏهن ڪانچ پاتل آهي ۽ اوگهڙ ظاهر ٿيڻ جو خطرو ناهي تہ پوءِ اها صورت بہ منع ناهي. علامہ ابن حجر ﷫ فرمايو تہ" هن باب سان هيءَ حديث پوري مناسبت رکي ٿي جوتہ هن ۾ سيني ڪيفيتن سان ويهڻ جي جواز جو دليل ملي ٿو. ڪياڙي تي ليٽڻ، ويهڻ کان هيٺ آهي جڏهن ڪياڙيءَ پر ليٽڻ جائز آهي تہ سيني ڪيفيتن سان ويهڻ بہ جائز آهي. (انوارِ غوثيہ ص 186) علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ "هڪ پير ٻئي تي رکڻ جا ٻہ نمونا آهن. (1) ٻئي ٽنگون ڊگهيون ڪري هڪ پير ٻئي تي رکجي. (2) هڪ گوڏو ايو ڪري پوءِ ٻيو پير ان تي رکجي. هن باب واري حديث مان مراد پهريون نمونو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ کان پوءِ بعض صحابہ رضي الله عنهم بہ ائين ڪندا هئا ۽ ڪنهن بہ انهن تي انڪار نہ ڪيو ۽ هن مان مسجد ۾ ٽيڪ ڏئي ويهڻ، ليٽڻ ۽ راحت وٺڻ جو جواز ثابت آهي ۽ ممڪن آهي تہ ان کي اعتڪاف جي حالت سان مقيد ڪجي. جوتہ حضور ڪريم ﷺ جو ماڻهن جي مجمع ۾ وقار ۽ تواضع سان ويهڻ هوندو هو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 179)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب الصلواة باب 85 الاستلقاء في المسجد و مدالرجل رقم الحديث 475 ج 1 ص 563 {2} مسلم في ڪتاب اللباس باب 22 في اباحة الاستلقاء ووضع احدي الرجلين علي الاخري رقم الحديث 2100 ج 3 ص 1662 {3} النسائي في ڪتاب المساجد باب 149 الاستلقاء في المسجد ج 2 ص 50 {4} احمد في المسند ج 4 ص 38، 39 {5} مالڪ في المؤطا ڪتاب قصر الصلواة في السفر باب 24 جامع الصلواة رقم الحديث 87 ج 1 ص 172.

{129} حَدَّثَنَا سَلَمَةُ بْنُ شَبِيبٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ إِبْرَاهِيمَ الْمَدَنِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُحَمَّدٍ الْأَنْصَارِيُّ، عَنْ رُبَيْحِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ أَبِي سَعِيدٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ جَدِّهِ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا جَلَسَ فِي الْمَسْجِدِ احْتَبَى بِيَدَيْهِ.

با محاوره ترجمو: حضرت رُبيح بن عبد الرحمن ٻن واسطن سان پنهنجي ڏاڏي ابو سعيد خدري رضي الله عنهم کان روايت ڪئي، تہ رسول الله ﷺ جن مسجد ۾ ويهندا هئا تہ گوڏن جي چوڌاري هٿ ٻڌي ڪانپ ڪڍي ويهندا هئا.

مفردات جو شرح: "اِحْتَبٰى بِيَدَيْهِ" ٻنهي هٿن سان ڪانپ ٻڌي وينا.

سمجهاڻي: مطلب تہ پاڻ مسجد ۾ ڪانپ ٻڌي ويهندا هئا. ائين ويهڻ جو رواج آهي. حبيب اڪرم ﷺ جن بہ ائين ويهندا هئا. ان ۾ تواضع آهي ڪڏهن هٿن جي بجاءِ ڪپڙو ويڙهبو آهي. ابو داؤد ۾ روايت آهي تہ پاڻ فجر جي نماز کان پوءِ سج جي صاف ٿي ايرڻ تائين پلٿ هڻي ويهندا هئا. سندن ويهڻ جي اها بہ هڪ صورت هئي. ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جمعہ جي خطبہ دوران ان هيئت تي ويهڻ کان منع فرمايو آهي ۽ ان جو وجہ هي آهي تہ ان حالت ۾ ننڊ اچڻ جو امڪان آهي پوءِ ان کان خطبہ ٻڌڻ رهجي ويندو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن وضو بہ ڀڄي پوندو آهي ۽ نماز فوت ٿي ويندي آهي. حضرت جابر بن سمرة ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فجر جي نماز پڙهي سج ايرڻ تائين پلٿ ڀڃي ويهندا هئا." هيءَ حديث نووي ﷫ "رياض الصالحين" ۾ آڻي فرمايو تہ "صحيح آهي. هن کي ابو داؤد صحيح سندَ سان آندو آهي. پوءِ هڪ قول آهي تہ هيءَ حديث مخصص آهي ۽ ميرڪ شاهہ محدث ﷫ فرمايو تہ " احوال جي اختلاف تي محمول آهي . پاڻ ڪڏهن پلٿ ڀڃي ويهندا هئا تہ ڪڏهن ڪانپ ٻڌي ويهندا هئا. ڪڏهن ڪياڙي ڀر ليٽندا هئا تہ ڪڏهن پير مبارڪ ٻيڻا ڪري سمهندا هئا. اهو سڀ ڪجهہ رحمت ڪيل امت جي لاءِ ڪشادگي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪرڻ فرمائيندا هئا. (جمع الوسائل ج 1 ص 80)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الادب باب 25 في جلوس الرجل رقم الحديث 4846 ج 4 ص 262 {2} البيهقي في سننه ج 3 ص 236 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 210 {4} احمد في المسند ج 5 ص 63.

باب ٻاويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي تَكَأَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جن ۾ رسول الله ﷺ جي ٽيڪ ڏئي ويهڻ جو بيان آهي

سمجهاڻي: "تَكَأَةُ" لُمَزَةٌ جي وزن تي. اها شيءِ جنهن تي ٽيڪ ڏئي ويهجي. ان ۾ وهاڻو ءِ هر اها شيءِ داخل آهي جيڪا ٽيڪ ڏئي ويهڻ جي لاءِ تيار ڪئي وڃي پر ان ۾ انسان داخل ناهي پلي ان تي ٽيڪ ڏني وڃي ڇو ته اهو ٽيڪ ڏئي ويهڻ جي لاءِ تيار ڪيل ناهي. هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جي ڪاڏي ڪائڻ وقت ٽيڪ ڏيڻ يا نه ڏيڻ جي هيئت بيان ڪيل آهي. هن باب ۾ چار حديثون آهن.

{130} حَدَّثَنَا عَبَّاسُ بْنُ مُحَمَّدٍ الدُّورِيُّ الْبَغْدَادِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ، عَنْ إِسْرَائِيلَ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ، عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُتَّكِئًا عَلَى وِسَادَةٍ عَلَى يَسَارِهِ

با محاوره ترجمو: حضرت جابر بن سمره ﷺ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي وهاڻي تي ٽيڪ ڏيندي ڏٺو اهو وهاڻو سندن کاٻي پاسي کان رکيل هو.

مفردات جو شرح: "مُتَّكِئًا" حال آهي، ٽيڪ ڏيندڙ. "وِسَادَةٌ" وهاڻو "يَسَارِ" کاٻو پاسو.

سمجهاڻي: مذڪور حديث ۾ حضرت جابر ﷺ جو فرمان ته "مون نبي ڪريم ﷺ کي کاٻي پاسي تي ٽيڪ ڏيندڙ ڏٺو" اتفاقي امر آهي تخصيص نه آهي. کاٻي يا ساڄي پاسي ٻنهي طرفن ڏانهن ٽيڪ ڏيڻ جائز آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 5 ص 86، 87 {2} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 13343 ج 7 ص 324 {3} ابو داؤد في ڪتاب اللباس باب 44 في الفرش رقم الحديث 4143 ج 4 ص 71 {4} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 589 ج 2 ص 350 (الاحسان) {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 210، 211. {6} البيهقي في سننہ ج 8 ص 226، 227.

{131} حَدَّثَنَا حُمَيْدُ بْنُ مَسْعَدَةَ قَالَ: حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ الْمُفَضَّلِ قَالَ: حَدَّثَنَا الْجُرَيْرِيُّ، عَنْ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ أَبِي بَكْرَةَ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: أَلَا أُحَدِّثُكُمْ بِأَكْبَرِ الْكَبَائِرِ؟ قَالُوا: بَلَى يَا رَسُولَ اللهِ قَالَ: الْإِشْرَاكُ بِاللهِ، وَعُقُوقُ الْوَالِدَيْنِ. قَالَ: وَجَلَسَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَكَانَ مُتَّكِئًا قَالَ: وَشَهَادَةُ الزُّورِ، أَوْ قَوْلُ الزُّورِ قَالَ: فَمَا زَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُهَا حَتَّى قُلْنَا لَيْتَهُ سَكَتَ

با محاوره ترجمو: حضرت عبدالرحمان بن ابو بڪره ﷺ پنهنجي پيءُ کان روايت بيان ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو:" توهان کي وڏن گناهن مان ڪبيره گناهه جي خبر نه ڏيان؟ اصحابن

سڳورن عليهم الرضوان عرض ڪيو تہ هائو يا رسول الله ﷺ . پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "الله ﷻ سان شرڪ ڪرڻ ۽ پيءُ ماءُ جو بي فرمان ٿيڻ" (ڪبيره گناه آهن)

راوي چيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان وقت ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا ۽ فرمايائون تہ ڪوڙي شاهدي يا ڪوڙ ڳالهائڻ بہ وڏا گناه آهن.

راوي چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن ائين وري وري پي فرمايو. تانجو اسان عرض ڪيو تہ من ماٺ فرمائن (۽ وري وري چوڻ جي تڪليف نہ ڪن. مطلب تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪوڙ ڪان بچڻ جي لاءِ وري وري تاڪيد پئي ڪيو.)

مفردات جو شرح: "أَلَا" همزه استفهام جو ۽ لانافيہ آهي. "أُحَدِّثُكُمْ " واحد متڪلم جو صيغو تحديث ڪان ورتل آهي. "مان اوهان کي حديث ٻڌايان. ڳالهہ ڪيان. " بِأَكْبَرِالْكَبَائِرِ"اَلْكَبَائِرِ ڪبيرة جو جمع آهي اي بجنس معصية هي اڪبر المعاصي يعني گناه جي جنس جيڪو گناهن ۾ وڏو گناه آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آيو "أَلاَ أُحَدِّثُكُمْ" ڇا مان اوهان سان ڳالهہ نہ ڪيان؟ ٻي صحيح روايت ۾ آيو "أَلاَ أَخْبِرُكُمْ" ڇا مان اوهان کي خبر نہ ڏيان؟ ٽين صحيح روايت ۾ آيو "أَلاَ أُنَبِّئُكُمْ" ڇا مان اوهان کي خبر نہ ڏيان؟ انهن سيني جي معنيٰ ۽ مراد هڪ آهي. صحابي ﷺ ٻُڌايو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا. ۽ ان حال ۾ اسان کي خطاب ڪندي فرمايائون تہ "مان اوهان کي وڏو گناه ٻُڌايان؟ اسان عرض ڪيو تہ هائو يا رسول الله ﷺ ! ٻُڌايو. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ "الله ﷻ سان شرڪ ڪرڻ. ۽ ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ." صحابي ﷺ فرمايو تہ پاڻ پهريان ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا. پوءِ سڌا ٿي ويهي فرمائڻ لڳا تہ "۽ ڪوڙي شاهدي يا ڪوڙي ڳالهہ ڪرڻ." ۽ پاڻ اهو ورائي، ورائي چوندا رهيا. تانجو اسان (سندن ذات جي تڪليف کي محسوس ڪندي) چيو تہ ڪاش! پاڻ ماٺ ڪرڻ فرمائن. وڏن گناهن جي متعلق علماء تفصيل سان ڪتاب لکيا آهن اهي پڙهڻ گهرجن

ٽيڪ ڏئي درس ڏيڻ يا ذڪر ڪرڻ جائز آهي: هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ٽيڪ ڏئي درس ڏيڻ يا ذڪر ڪرڻ جائز آهي ادب جي خلاف ناهي. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حضور ڪريم ﷺ جي بار بار چوڻ کي ان جي لاءِ برداشت نہ ٿي ڪيو تہ متان سندن طبيعت ۾ تڪليف پيدا ٿئي يا سندن زبان مان اهڙا الفاظ نہ نڪرن جيڪي عذاب نازل ٿيڻ جو سبب بنجن. (انوارِ غوثيہ ص 190) ۽ مرفوع، ضعيف حديث ۾ آيو آهي تہ "ڪبيره گناه اهو آهي جيڪو ڪنڌڙ کي باه (جهنم) ۾ داخل ڪري"

گناه جا ٻہ قسم آهن: ابن حجر رحمۃ اللہ علیہ فرمايو تہ "صحيح قول هي آهي تہ گناه بہ قسم آهن. (1) صغيره (2) ڪبيره ۽ ڪبيره گناه جي بہ حد آهي پوءِ هڪ قول مطابق ڪبيره گناه اهو آهي جنهن تي شرعي حد لڳائي وڃي. ٻيو قول مطابق تہ ڪبيره گناه اهو آهي جنهن جي لاءِ قرآن ۽ سنت ۾ سخت وعيد آيل آهي. يلي ان تي حد لڳايل نہ هجي علماء ڪجهہ ڪبيره گناه هي لکيا آهن. {1} قتل ڪرڻ {2} زنا ڪرڻ {3} لونڊي بازي ڪرڻ {4} شراب پيئڻ {5} چوري ڪرڻ {6} بهتان هڻڻ {7} ڪوڙي شاهدي ڏيڻ {8} سچي شاهدي لڪائڻ {9} ڪوڙو قسم کڻڻ. {10} ڪنهن جو حق غصب ڪرڻ {11} عذر کان سواءِ جنگ جي ميدان مان ڀڄي وڃڻ. {12} وياج کائڻ {13} يتيم جو مال لُٽڻ. {14} رشوت {15} ابي ڏاڏي جي بي فرماني ڪرڻ. {16} مائٽي مٽي ڇنڻ {17} نبي ڪريم ﷺ تي

ڪوڙ هڻڻ {18} هرويرو روزو پيڄڻ {19} ماپ، تور ۾ ڪوٽ ڪرڻ {20} زڪواة نہ ڏيڻ. {21} ڪنهن مسلمان يا ذمي ڪافر کي مارڻ ڏڪ هڻڻ. {22} صحابي ﷺ کي گار ڏيڻ. {23} ڪنهن عالم يا حافظ جي گلا ڪرڻ {24} ڪنهن ظالم جي مدد ڪرڻ {25} نيڪيءَ جي امر ۽ برائيءَ کان روڪڻ کي ڇڏڻ. {26} جادو پڙهڻ، پڙهائڻ ان تي عمل ڪرڻ {27} قرآن پاڪ جو هڪ حرف وسارڻ {28} ڪنهن جانور کي ساڙڻ {29} الله جلاله جي رحمت کان مايوس ٿيڻ . {30} زال جو مڙس کان هرويرو ٿهڻ {31} چغلخوري {32} کلا ڪرڻ. اها بالاجماع مطلقًا وڏو گناهہ آهي. ننڍن گناهن جو تہ شمار ئي ڪونہ آهي. جڏهن حضور ڪريم ﷺ فرمايو تہ "مان اوهان کي وڏا گناهہ ٻڌايان؟ تہ صحابہ ڪرام جواب ۾ صرف هائو نہ پر ان سان گڏ يا رسول الله ﷺ ! لفظ بہ عرض ڪيو ان ۾ سندن حڪم ڏانهن پورو متوجهہ هجڻ شريعت ۽ ڪمالاتِ عاليہ جي حصول لاءِ همہ تن حاضر هجڻ جو اظهار هو. "اَلْاِشْرَاکُ بِاللّٰه" جي مراد آهي ٻئي کي الله وانگر الله سمجهڻ ۽ ان ۾ ڪفر بہ داخل آهي ۽ والدين، ٻنهي جي يا انهن مان هڪ جي بي فرماني ڪرڻ بہ ان ۾ داخل آهي ۽ ان ۾ اجداد ڏاڏا يا نانا بہ داخل آهن ۽ عقوق مان مراد اهڙي فعل جو صادر ٿيڻ آهي جنهن سان والدين جي دل آزاري ٿئي ۽ قرآن مجيد جي آيت "وَاِنْ جَاهَدَاكَ عَلٰى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا" (۽ جيڪڏهن (تنهنجا ماءُ پيءُ) ڪوشش ڪن تہ مون سان ان کي شريڪ بناءِ جنهن جو توکي علم ناهي تہ انهن جو اهو چوڻ نہ مڃ ۽ انهن سان دنيا ۾ چڱو تي صحبت ڪر. ۾ متنبہ ڪيو ويو آهي تہ والدين ڪافر هجن تہ بہ انهن جي دل آزاري نہ ڪر ۽ حديث ۾ آهي تہ "خالق جي بي فرماني ۾ مخلوق جي تابعداري نہ ڪئي ويندي" ۽ ابنِ عطيه رحمه الله فرمايو تہ مباح ڪمن ۾ ڇڏڻ يا ڪرڻ ۾ والدين جي اطاعت فرض آهي ۽ مستحب ڪمن ۾ مستحب آهي ۽ فرض ڪفايہ ۾ فرض ڪفايہ آهي ۽ نبوي فرمان آهي تہ "رِضَا الرَّبِّ فِيْ رِضَا الْوَالِدِ وَسَخَطُ الرَّبِّ فِيْ سَخَطِ الْوَالِدِ" والد جي رضا ۾ رب راضي آهي ۽ والد جي ڪاوڙ ۾ رب جي ڪاوڙ آهي. (رواه الترمذي والحاكم عن ابن عمر والبزار عن ابن عمر) ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ڪوڙ هڻڻ يا ڪوڙي شاهدي ڏيڻ جي گناهہ کي بيان ڪرڻ وقت ٽيڪ ڇڏي سڌا ٿي ان جي ڪري وينا جو ڪوڙ هڻڻ جا اسباب گهڻا هوندا آهن جيئن دشمني، حسد وغيره ان جي ڪري ان کي اهميت ڏئي ٽيڪ ڇڏي سڌو ٿي ويهي بيان ڪيائون تہ ڪوڙ تي ڪيترا ٻيا گناهہ بہ ٿيندا آهن جيئن زنا وغيره ۽ ماءُ پيءُ جي بي فرماني ڪڏهن ڪفر کي پهچائيندي آهي. جيئن دار قطني ۽ شعب الايمان ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقي عبدالله بن ابي اوفيٰ کان روايت آندي آهي تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ هتي هڪ نوجوان آهي جنهن جي سڪرات جي ڪيفيت آهي ان کي چيو ٿو وڃي تہ "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" پڙهہ تہ پڙهي نہ ٿو سگهي. پاڻ فرمايائون تہ "ڇا حياتيءَ جي حالت ۾ ڪونہ پڙهندو هو؟ عرض ڪيو ويو تہ " حياتيءَ جي حالت ۾ پڙهندو هو." پاڻ فرمايائون تہ پوءِ ان کي هينئر ڪهڙي شيءِ روڪي ٿي؟ ان کان پوءِ پاڻ اٿيا ۽ اسين بہ ساڻن گڏ اٿياسين ۽ پاڻ ان نوجوان جي مٿان آيا ۽ ان کي فرمايائون تہ "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئو" ان عرض ڪيو تہ "نہ ٿو چئي سگهان" پاڻ ان کان پڇيائون تہ ڇاجي ڪري؟ ان عرض ڪيو تہ والده جي بي فرمان هجڻ جي ڪري" پاڻ فرمايائون تہ "اها جيئري آهي؟" عرض ڪيائين تہ "جيئري آهي" پاڻ فرمايائون تہ "ان ڏانهن ماڻهو موڪلي ان کي

گهرايو" پوءِ اها سندن خدمت ۾ آئي. پاڻ ان کي فرمايائون تہ "هي تنهنجو پُٽ آهي؟" ان عرض ڪيو تہ "هائو" پاڻ ان کي فرمايائون تہ " خبر ڏي جيڪڏهن باهہ ٻاري ان ۾ هن کي اڇلايو وڃي تہ ڇا تون ان جي نہ اڇلائڻ جي لاءِ سفارش ڪندينءَ؟ عرض ڪيائين تہ " هائو مان اهو عرض ڪنديس" پوءِ پاڻ ان کي فرمايائون تہ " الله کي شاهد بنائي ۽ اسان کي بہ شاهد بنائي ڇئو تہ تون هن کان راضي آهين" ان عرض ڪيو تہ "مان پنهنجي پُٽ کان راضي ٿي آهيان" پوءِ پاڻ ان نوجوان کي فرمايائون تہ "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ ڇئو تہ ان "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ " چيوءِ پاڻ فرمايائون تہ الله جي لاءِ حمد آهي جو هن کي منهنجي ڪري باهہ کان بچايائين. (ذكره السيوطي في شرح الصدور) ۽ ان کان پوءِ پاڻ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ ۽ ڪوڙ هڻڻ کي وڏو گناهہ قرار ڏنائون. قرطبي رحمة الله عليه فرمايو تہ "ڪوڙي شاهدي تمام خراب فعل آهي ان سان ڪيئي نقصان ٿين ٿا. مثال طور ڪنهن جو سر وڃائڻ يا مال لُٽڻ يا حرام کي حلال ڪرڻ يا حلال کي حرام ڪرڻ وغيره. ڪوڙي شاهدي ڏيڻ کان ڪابہ شيءِ وڌيڪ نقصان ڏيندڙ ناهي.

فائدو: هن حديث شريف مان ثابت ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جو ادب گهڻو ڪجي ۽ ساڻن محبت گهڻي رکجي ۽ کين تڪليف اچڻ گوارا نہ ڪجي. ۽ وعظ ڪندڙ جي لاءِ مناسب آهي تہ ڳالهہ کي ورائي ورائي مبالغي سان ڪري ۽ پاڻ کي ماڻهن جي فائدي ڏيڻ جي لاءِ ايتري تڪليف ڏي جو انهن کي مٿس رحم اچي. (جمع الوسائل ج 1 ص 183، 184)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الشهادات باب 10 ما قيل في شهادة الزور، رقم الحديث 2654 ج 5 ص 261 موصولاً و معلقًا {2} مسلم في كتاب الايمان باب 38 بيان الكبائر و اكبرها رقم الحديث 87 ج 1 ص 91 {3} احمد في المسند ج 5 ص 36، 37، 38 {4} البيهقي في سننه ج 10 ص 121.

{132} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ : حَدَّثَنَا شَرِيكٌ ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ الأَقْمَرِ، عَنْ أَبِي جُحَيْفَةَ قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَمَّا أَنَا فَلَا آكُلُ مُتَّكِئًا

با محاوره ترجمو: حضرت ابو جحيفة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله فرمايو: آءٌ ٽيڪ ڏئي ڪونہ کائيندو آهيان.

مفردات جو شرح: "أَمَّا" هتي مجرد تاڪيد جي لاءِ آهي. جيتوڻيڪ اها غالبًا تاڪيد سان گڏ تفصيل جي لاءِ ايندي آهي. جيئن چيو ويندو آهي. جاءَ القوم اما زيد فراكب" قوم آئي پر زيد سوار ٿي آيو هو. "أَنَا" ضمير واحد متڪلم "مُتَّكِئًا" ٽيڪ ڏيندڙ.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ رسول الله ﷺ جن اول پنهنجي ذات عالي صفات جي لاءِ فرمايو تہ "پر مان" اهو ان جي لاءِ فرمايائون تہ سندن پيروي ۽ اتباع ڪئي وڃي نہ تہ عام طرح ائين چوڻ مڪروه آهي ۽ ٽيڪ ڏئي کائڻ جي ڪراهت ۾ هيءَ حڪمت آهي تہ اهو هنيلن ۽ وڏائي ڪندڙن جو طريقو آهي ۽ ليٽي کائڻ تہ اڃان وڌيڪ ڪراهيت ۾ شامل آهي. ها پستا، بادام، ڪيلو وغيره ليٽي کائڻ مڪروه ناهي. جيئن حضرت علي رضي الله عنه کان اهڙي طرح کائڻ جي روايت آيل آهي. ۽ ويهي کائڻ افضل آهي ۽ حاجت کان سواءِ ٻيهي نہ کائجي ۽ پلٿ پچي ويهي کائڻ ۾ ڪراهت ناهي پر خلافِ اوليٰ آهي ۽ ان جو

مثال پٽ تي ٽيڪ ڏئي کائڻ آهي. سنت آهي تہ پيرن جي پنين تي گوڏن تي ويهي کاڌو کائجي يا ساڄو پير کڙو ڪري ۽ کاٻي پير تي ويهي کاڌو کائجي. ابن القيم رحمه الله فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن کاڌي کائڻ مهل گوڏن مبارڪن تي ويهي کاٻي پير جو ترو ساڄي پير جي پُٺيءَ جي هيٺان ڪندا هئا ۽ حسن سند سان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي لاءِ ٻڪري (رڌل يا پچايل) هديہ طور پيش ڪئي وئي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجن گوڏن مبارڪن تي ويهي کائڻ شروع ڪيائون. ڪين عرض ڪيو ويو تہ هي ڪهڙو ويهڻ آهي؟ تہ ارشاد فرمايائون "الله مون کي عبد ڪريم بنايو آهي مون کي سختي ڪندڙ ۽ سرڪش نہ بنايو آهي" ۽ هي کائڻ جو نمونو وڌيڪ نفعو ڏيندڙ آهي ڇو تہ ان ۾ عضوا پنهنجي اصلي هيئت تي هوندا آهن جنهن تي پيدا ڪيا ويا آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 248)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الاطعمة باب 17 باب ماجاء في الاڪل متڪئا رقم الحديث 3769 ج 3 ص 348 {2} النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبريٰ باب 6 الاڪل متڪئا رقم الحديث 6742 ج 4 ص 171 {3} ابن ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 6 الاڪل متڪئا رقم الحديث 3262 {4} احمد في المسند ج 4 ص 308 {5} الدارمي في ڪتاب الاطعمة باب 31 الاڪل متڪئا رقم الحديث 2071 ج 2 ص 145.

{133} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ الْأَقْمَرِ قَالَ: سَمِعْتُ أَبَا جُحَيْفَةَ يَقُولُ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا آكُلُ مُتَّكِئًا

با محاوره ترجمو: حضرت علي بن اقمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون ابو جُحيفه رضي الله عنه کان چوندي ٻڌو تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "آءٌ ٽيڪ ڏئي ڪونہ کائيندو آهيان."

مفردات جو شرح: ساڳيو اڳين حديث وارو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث جي متن ۾ اڳين حديث وارو لفظ "اما انا" ناهي سمجهاڻي ساڳي آهي. ٻنهي حديثن ۾ ڪجهہ سند جا راوي مٽ آهن ۽ متن ۾ ٿورو فرق آهي ۽ مقصد هن امر جو نبي ڪريم ﷺ جي طرفان تاڪيد آهي ابن حجر رحمه الله فرمايو تہ هن حديث ۽ هن کان اڳين حديث جي باب سان مناسبت اها آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کائڻ ۾ ٽيڪ نہ ڏيندا هئا. (جمع الوسائل ج 1 ص 186) " پر مان ٽيڪ ڏئي نہ ٿو کاوان" علم بديع جي قانون ۾ اهو صنعت "اڪتفاء" آهي يعني سمجهدار ماڻهو ان سان ٿورن اکرن ۾ سمجهي وڃي ٿو پر اصل ۾ اهو هيئن آهي تہ" کائڻ وارا ٻہ قسم آهن. هڪڙا کائڻ وقت ٽيڪ ڏئي نہ کائيندا آهن مان اهو آهيان ٻيا ٽيڪ ڏئي کائيندا آهن اهو حضرت نبي ڪريم ﷺ جي سنت جي خلاف آهي. مطلب تہ عذر کان سواءِ ٽيڪ ڏئي کائڻ تواضع جي خلاف متڪبرن جي عادت آهي ۽ ان حالت ۾ ماڻهو گهڻو ٻہ کائي سگهي ٿو. جنهن سان پيٽ جو وڏي وڃڻ، بدهاضمو ٿيڻ ۽ ٻين ڪيترن بيمارين جو خطرو هوندو آهي. مسلمان، مجاهد هوندو آهي ان کي هميشہ تندرست ۽ نيازمند هجڻ گهرجي ۽ ڪيس غذا يا خوراڪ اهڙي ريت يا اها کائڻ گهرجي جنهن سان ڪيس ۽ دين کي نفعو رَسي.

هيءَ حديث بين جن محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر اڳ ۾ لکيل آهي.

{134} حَدَّثَنَا يُوسُفُ بْنُ عِيسٰى قَالَ : حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ : حَدَّثَنَا إِسْرَائِيلُ ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ ، عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ : رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُتَّكِئًا عَلَى وِسَادَةٍ قَالَ أَبُو عِيسٰى : لَمْ يَذْكُرْ وَكِيعٌ عَلَى يَسَارِهِ ، وَهٰكَذَا رَوَى غَيْرُ وَاحِدٍ عَنْ إِسْرَائِيلَ نَحْوَ رِوَايَةِ وَكِيعٍ ، وَلَا نَعْلَمُ أَحَدًا رَوَى فِيهِ عَلَى يَسَارِهِ إِلَّا مَا رَوَاهُ إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ ، عَنْ إِسْرَائِيلَ

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر بن سمرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ جن کي وهاڻي تي ٽيڪ ڏيندي ڏٺو.

مفردات جو شرح: هتي هن جي ضرورت ناهي.

سمجهاڻي: هن باب جي پهرين حديث جيڪا حضرت جابر بن سمرة رضي الله عنه کان ئي روايت ڪيل آهي ان ۾ ذڪر ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ويهاڻي تي کاٻي پاسي ٽيڪ ڏئي ويٺا هئا. ۽ هن ۾ "کاٻي پاسي" جو ذڪر ناهي. حضرت ابو عيسیٰ "شمائل" جي لکندڙ فرمايو تہ هن روايت جي راوي "وڪيع" عَلٰى يَسَارِهٖ" ذڪر نہ ڪيو آهي ۽ وڪيع جي روايت وانگر ٻين ڪيترن راوين اسرائيل کان روايت آندي آهي ۽ جيتري اسان کي ڄاڻ آهي. "عَلٰى يَسَارِهٖ" جو لفظ صرف اسحاق بن منصور اسرائيل کان روايت ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪيفيت جو ذڪر آهي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر بہ اڳ ۾ حديث نمبر 130 جي تخريج ۾ لکيل آهي.

باب ٽيويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي اتِّكَاءِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ رسول الله ﷺ جن جي (ٻئي تي) ٽيڪ ڏئي هلڻ جي بيان ۾ آيل حديثن جو ذڪر آهي

سمجهاڻي: هن باب مان مقصود ڪنهن عارضي جي ڪري رسول الله ﷺ جن جو ڪنهن صحابي تي ٽيڪ ڏئي هلڻ جو ذڪر آهي. جيئن هن باب ۾ آندل حديثن مان واضح ٿي رهيو آهي ۽ بعض ماڻهن اهو فرق نہ سمجهڻ جي ڪري چيو تہ ظاهر هي آهي تہ اڳيون ۽ هي باب ٻئي هڪ هجن ها. هن باب ۾ ٻہ حديثون آهن.

{135} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ عَاصِمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ شَاكِيًا فَخَرَجَ يَتَوَكَّأُ عَلَى أُسَامَةَ بْنِ زَيْدٍ وَعَلَيْهِ ثَوْبٌ قِطْرِيٌّ قَدْ تَوَشَّحَ بِهِ فَصَلَّى بِهِمْ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن بيماريءَ جي حالت ۾ حضرت اسامہ رضي الله عنه تي ٽيڪ ڏئي گهر کان ٻاهر نڪتا. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪلهن مبارڪن تي يمني چادر ويڙهيل هئي. پوءِ پاڻ انهيءَ حالت ۾ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي نماز پڙهايائون.

مفردات جو شرح: "شَاكِيًا" بيمار، عليل. "يَتَوَكَّأُ" ٽيڪ ڏئي. "أُسَامَةَ" هي رسول الله ﷺ جي آزاد ڪيل غلام زيد جو پٽ هو. "تَوَشَّحَ" ويڙهجي نڪتو.

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن جنهن بيماريءَ جي دوران دنيا تان رحلت فرمائي هئي هن حديث ۾ ان جو ذڪر آهي. حضرت انس رضي الله عنه فرمايو تہ پاڻ ان بيماري دوران اسامہ بن زيد رضي الله عنه تي ٽيڪ ڏئي پنهنجي حجره مبارڪ مان ان حال ۾ نڪري آيا جو مٿن قطري چادر ويڙهيل هئي ۽ پاڻ اها سڄي ڪلهي جي هيٺان آڻي ٻئي ڪلهي تي رکي هيائون. ۽ پاڻ اصحابن سڳورن کي نماز پڙهايائون. (المواهب شرح الشمائل ص 252)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 8 باب ماجاء في لباس رسول الله ﷺ جي تخريج ۾ ذڪر ڪيل آهي.

{136} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُبَارَكِ قَالَ: حَدَّثَنَا عَطَاءُ بْنُ مُسْلِمٍ الْخَفَّافُ الْحَلَبِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا جَعْفَرُ بْنُ بُرْقَانَ، عَنْ عَطَاءِ بْنِ أَبِي رَبَاحٍ، عَنِ الْفَضْلِ بْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: دَخَلْتُ عَلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي مَرَضِهِ الَّذِي تُوُفِّيَ فِيهِ وَعَلَى رَأْسِهِ عِصَابَةٌ صَفْرَاءُ فَسَلَّمْتُ عَلَيْهِ، فَقَالَ: يَا فَضْلُ! قُلْتُ

لَبَّيْكَ يَا رَسُولَ اللهِ! قَالَ: اشْدُدْ بِهٰذِهِ الْعِصَابَةِ رَأْسِي قَالَ: فَفَعَلْتُ، ثُمَّ قَعَدَ فَوَضَعَ كَفَّهُ عَلَى مَنْكِبِي، ثُمَّ قَامَ فَدَخَلَ فِي الْمَسْجِدِ وَفِي الْحَدِيثِ قِصَّةٌ

با محاوره ترجمو: حضرت فضل بن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ مان رسول الله ﷺ جن وٽ انهيءَ بيماري جي حالت ۾ ويس. جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ وصال فرمايو. ان وقت سندن مٿي مبارڪ تي ڦڪي پٽي ٻڌل هئي. مون پاڻ سڳورن ﷺ تي سلام ورايو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اي فضل! مون عرض ڪيو يا رسول الله! ﷺ حاضر آهيان. پاڻ فرمايائون تہ منهنجي مٿي کي هن پٽيءَ سان چڪي ٻڌ. مون ائين ئي ڪيو. پاڻ سڳورا ﷺ اٿي ويٺا. پوءِ پنهنجي هٿ مبارڪ کي منهنجي ڪلهي تي رکي اٿيا ۽ مسجد شريف ۾ آيا. هن حديث ۾ ڊگهو قصو آهي.

مفردات جو شرح: "اَلْعِصَابَةِ" پٽي، رومال، پڳ. "تُوُفِّيَ فِيْهِ" مجهول جو صيغو آهي جنهن ۾ وفات ڪرايا ويا "صَفْرَاءُ" ڦڪي. "أُشْدُدْ" مضبوط ڪري ٻڌ.

سمجهاڻي: سيدنا رسول الله ﷺ جي سوٽ حضرت فضل بن عباس ﷺ جو فرمان آهي تہ مان سندن خدمت ۾ ان بيماريءَ جي حالت ۾ حاضر ٿيس جنهن ۾ پاڻ دنيا تان ظاهري رحلت فرمائي هيائون. سلام پيش ڪيم تہ حڪم ڪيائون" هن ڪپڙي ، رومال وغيره سان منهنجي مٿي مبارڪ کي مضبوط نموني سان ٻڌ. مون سندن حڪم جي تعميل ڪئي. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي ڪلهي تي رکي اُٿي مسجد ۾ داخل ٿيا. شمائل جي مصنف ﷺ فرمايو تہ هن حديث ۾ ڊگهو قصو آهي. شارحن ان جي هن طرح وضاحت ڪئي آهي تہ پاڻ منبر تي رونق افروز ٿيا ۽ مون کي فرمايائون تہ "ماڻهو گڏ ڪري وٺ. مان ماڻهو وٺي آيس تہ پاڻ حمد ۽ ثنا ڪري فرمايائون "منهنجو اوهان کان موڪلائي وڃڻ جو زمانو ويجهو اچي ويو آهي اوهان مان جيڪڏهن مون ڏانهن ڪنهن جو حق حساب رهجي ويو هجي تہ مون کان وصول ڪري يا معاف ڪري ڇڏي ۽ ڪنهن جي پُٺيءَ تي جيڪڏهن ڪو ڏڪ هنيو اٿم تہ منهنجي پُٺي حاضر آهي . ٻلي بدلو وٺي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جو مالي حق آهي تہ اهو ٻلي وصول ڪري وغيره ۽ اهو منهنجو هڪ پيرو نہ پر وري وري اعلان سمجهو ان کان پوءِ پاڻ منبر تان هيٺ لٿا ۽ ظهر جي نماز کان پوءِ وري منبر تي تشريف فرما ٿي ساڳيو اعلان ڪيائون ۽ فرمايائون تہ ڪنهن ڏانهن بہ ڪنهن جو ڪو حق حساب هجي تہ ادا ڪري ڇڏي. دنياوي خواريءَ جو خيال نہ ڪيو اها آخرت جي خواريءَ کان بلڪل گهٽ آهي . نيٺ هڪ شخص اٿي بيهنو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! منهنجا اوهان ڏانهن ٽي درهم آهن. پاڻ فرمايائون تہ" مان ڪنهن بہ مطالبي ڪندڙ کي ڪوڙو نہ ڪندس ۽ نہ ان کي سندس دعويٰ تي قسم کڻائيندس پر ايترو پڇان ٿو تہ اهي پيسا ڪيئن رهجي ويا آهن؟ ان عرض ڪيو تہ "هڪ سائل اوهان وٽ آيو هو اوهان مون کي حڪم فرمايو هو تہ "هن کي ٽي درهم ڏيو." پاڻ ﷺ جن حضرت فضل ﷺ کي فرمايو تہ "هن کي ٽي درهم ڏي" ان کان پوءِ ٻيو اٿيو ۽ ان عرض ڪيو تہ "مون ڏانهن بيت المال جا ٽي درهم آهن جيڪي مون کنيا هئا پاڻ ان کان انهن جي کڻڻ جو سبب معلوم ڪيائون. ان عرض ڪيو تہ مان ان وقت سخت محتاج هيس. پاڻ حضرت فضل ﷺ کي فرمايائون تہ هن کان اهي وصول ڪر. وري پاڻ فرمايائون تہ "جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي حال تي اطمينان نہ هجي تہ اهو دعا ڪرائي ڇڏي." اٿي

هڪڙي شخص اٿي عرض ڪيو تہ ”مون ۾ ڪوڙ هڻڻ جي عادت آهي گهٽي ننڊ ڪرڻ جو عادي آهيان مون ڪي دعا ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جي لاءِ دعا گهري تہ ”يا الله ! هن ڪي سچائي، ڪامل ايمان ۽ گهٽي ننڊ جي مرض ڪان شفا عطا فرماءِ.“ ان ڪان پوءِ هڪ ٻيو شخص اٿيو ان بہ اهڙو عرض ڪيو پر ان گهٽي ننڊ جي بجاءِ چيو تہ مان گناهگار آهيان. اتي حضرت عمر ﷺ ان ڪي چيو تہ هرويرو پاڻ ڪي گناهن سان نسبت پيو ڏين. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن حضرت عمر ﷺ ڪي فرمايو تہ ”تون چُپ ڪر. دنيا جي خواريءَ آخرت جي خواريءَ ڪان تمام گهٽ آهي.“ پوءِ ان شخص جي لاءِ پاڻ دعا فرمايائون. ان ڪان پوءِ حضرت عمر ﷺ ڪجهہ ڳالهايو تہ پاڻ فرمايائون ”عمر مون مان آهي ۽ مان عمر مان آهيان. مون ڪان پوءِ جيڏانهن بہ عمر ويندو تہ حق عمر سان گڏ هوندو.“ وري ٻيو شخص اٿيو ۽ ان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! مان دلير ناهيان ۽ نيندي آهيان. پاڻ ان جي لاءِ بہ دعا فرمايائون. حضرت فضل ﷺ فرمايو تہ ”حضور ڪريم ﷺ جي دعا ڪان پوءِ اهو ماٺهو گهڻو دلير بنجي ويو.“ انهن فرمانن ۽ دعائن ڪان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ جي رهڻ واري جاءِ تي تشريف فرما ٿيا. روايت ۾ اچي ٿو تہ حضور ڪريم ﷺ جن عورتن ۾ بہ اهڙو اعلان فرمايو هو. اتي هڪ عورت عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! مان پنهنجي زبان تي ڪنٽرول ڪري نہ ٿي سگهان مون لاءِ دعا گهرو پاڻ ان لاءِ دعا گهريائون. (خصائل نبوي ص 105 کان 110 حاشية الزمزلي ص 177، 178) سيدنا رسول الله ﷺ جو پنهنجي مٿي مبارڪ تي پٽي يا رومال وغيره ڪي چڪي ٻڌرائڻ الله ﷻ تي توڪل ڪرڻ جي خلاف ناهي ڇوتہ اهو هڪ قسم جو علاج آهي ۽ الله ﷻ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي عجز ۽ انڪساري جو اظهار آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 187) سيدنا رسول الله ﷺ گهڻو ڪري ڪنهن تي ٽيڪ نہ ڏيندا هئا. هن بيماريءَ جي حالت ۾ سندن ٽيڪ ڏيڻ ثابت آهي. (انوارِ غوثيہ ص 194)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 718 ج 18 ص 280، 281. {2} البيهقي في دلائل النبوة ج 7 ص 179، 180.

باب چوويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ أَكْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ رسول الله ﷺ جن جي کائڻ جي کيفيت سان واسطو رکندڙ حديثن جو ذکر آهي

سمجهاڻي: ڪجهه نسخن ۾ "ماجاء" لفظ ناهي، پر صحيح ان لفظ جو آڻڻ آهي. "الاَکل" (همزه جي زبر سان) جي معنيٰ آهي، طعام جو وات جي ذريعي پيٽ تائين پهچائڻ. پوءِ غذا کائڻ جي ارادي سان هجي يا لذت وٺڻ جي ارادي سان جيئن ميوا کائڻ وغيره. ۽ "الاُکل" (همزه جي پيش سان) کاڌي کي چيو ويندو آهي. هن باب ۾ سرورِ ڪونين ﷺ جي کاڌي کائڻ جي طريقي جو ذڪر آهي ته پاڻ کهڙي طرح ۽ ساڄي هٿ مبارڪ جي کهڙين آڱرين سان کاڌو کائيندا هئا. ۽ کائڻ کان پوءِ آڱرين کي ڪيئن صاف ڪرڻ فرمائيندا هئا. پاڻ کاڌي کان فارغ ٿي کاڌي ۾ استعمال ڪيل آڱريون چٽيندا هئا ان کان پوءِ ڪنهن ڪپڙي وغيره سان صاف ڪندا هئا جنهن مان دليل ملي ٿو ته کائڻ کان پوءِ ٽوال، توليه وغيره سان هٿ اگهڻ جائز آهي.

(انوارِ غوثيه ص 196، المواهب شرح الشمائل ص 254، شرح المناوي علىٰ حاشيه جمع الوسائل ج 1 ص 188)

{137} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنْ سَعْدِ بْنِ إِبْرَاهِيمَ، عَنِ ابْنٍ لِكَعْبِ بْنِ مَالِكٍ، عَنْ أَبِيهِ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَلْعَقُ أَصَابِعَهُ ثَلَاثًا. قَالَ أَبُو عِيسٰى: وَرَوَى غَيْرُ مُحَمَّدِ بْنِ بَشَّارٍ هَذَا الْحَدِيثَ قَالَ: يَلْعَقُ أَصَابِعَهُ الثَّلَاثَ

با محاوره ترجمو: حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه جو هڪ پٽ ڪانئس روايت ڪري ٿو ته نبي ڪريم ﷺ (کاڌي کائڻ کان پوءِ) پنهنجون آڱريون ٽي ڀيرا چٽيندا هئا.

مفردات جو شرح: "يَلْعَقُ" عين جي زبر سان. لَعِقَ ان جو ماضي آهي. چٽڻ هتي هن مان مراد آڱريون چٽڻ آهي. "ثَلَاثًا" ٽي آڱريون.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ صحابي سڳوري رضي الله عنه ٻڌايو آهي ته رسول الله ﷺ جن کاڌي کائڻ کان پوءِ ٽي آڱريون چٽيندا هئا. شارحن ان جو طريقو هي لکيو آهي ته پهريان وچين آڱر پوءِ اشهد واري آڱر پوءِ آڱوٺو چٽيندا هئا. ۽ هن روايت ۾ آيل لفظ ثَلَاثًا مان مراد ٽي آڱريون آهن. محبوب ڪريم ﷺ جن آڱريون چٽي ان کان پوءِ هٿ مبارڪ کي ڪپڙي سان اگهندا هئا. لغات الحديث ڪتاب جي مصنف وحيد الزمان لکيو آهي ته حديث مان ثابت آهي ته ڪپڙي سان هٿ اگهڻ درست آهي. بعض علماء "ثَلَاثًا" مان ٽي ڀيرا چٽڻ مراد ورتو آهي. علامه علي قاري رحمة الله عليه علامه عبدالجواد دومي رحمة الله عليه لکيو آهي ته ٽي آڱريون مراد آهن. (انوارِ غوثيه ص 197)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الاشربة باب 18 رقم الحديث 2032 ج 3ص 1605 {2} النسائي في السنن الكبريٰ في كتاب الوليمة باب 10 بكم اِصبَع ياكل؟ رقم الحديث 6752 ج 4ص 173 {3} احمد في المسند ج 3ص 454 {4} ابو داؤد, بنحوه في كتاب الاطعمة باب 52 في المنديل رقم الحديث 3848 ج 3ص 366 {5} الدارمي في كتاب الاطعمة باب 10 الاكل بثلاث اصابع رقم الحديث 2033 ج 2ص 133.

{138} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ عَلِيٍّ الْخَلَّالُ قَالَ : حَدَّثَنَا عَفَّانُ قَالَ : حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ ، عَنْ ثَابِتٍ ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ : كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا أَكَلَ طَعَامًا لَعِقَ أَصَابِعَهُ الثَّلاَثَ

با محاوره ترجمو: حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جڏهن کاڌو کائيندا هئا تہ پنهنجن ٽنهي آڱرين کي چٽيندا هئا.

مفردات جو شرح: ضروري ناهي.

سمجهاڻي: کاڌو کائڻ کان پوءِ ٽي آڱريون چٽڻ سنت آهي وچين آڱر, اشهد جي آڱر ۽ آڱوٺو. حضور ڪريم ﷺ جن انهن ٽن آڱرين سان کاڌو کائيندا هئا. پنجن ئي آڱرين سان کاڌو کائڻ حريص قسم جي ماڻهن جو ڪم آهي. (انوارِ غوثيه ص 199) **علامہ بيجوري** رحمة الله عليه لکيو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ ان کاڌي کان پوءِ آڱريون چٽيندا هئا جيڪو آڱرين کي چنبڙندڙ هوندو آهي ۽ احتمال آهي تہ هر کاڌي کان پوءِ پاڻ آڱريون چٽيندا هجن. ۽ آڱريون چٽڻ سنت مؤڪده آهي جيڪو سندن سنت تي عمل ڪندوان جي لاءِ برڪت آهي.

ٻئي کي آڱريون چٽرائڻ: جيڪڏهن آڱريون ڪنهن ٻئي کي چٽائي جيڪو ان کي عيب نہ ٿو سمجهي سندس عيال ۽ شاگرد ن مان تہ بہ برڪت آهي ۽ اها وضاحت نہ ملي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن هر هڪ آڱر کي ٽي ٽي ڀيرا لاڳيتو چٽيندا هئا يا هڪ ڀيرو ٽنهي کي چٽي وري ٻيو ڀيرو وري ٽيون ڀيرو ٽنهي کي چٽيندا هئا, ۽ ظاهر هي آهي تہ ٻنهي نمونن سان چٽيندا هئا, ۽ ظاهر هي آهي تہ ٻنهي نمونن مان سنت حاصل ٿيندي پر پهرين ڪيفيت وڌيڪ آهي ڇوتہ ان ۾ هڪ آڱر کي مڪمل صاف ڪري پوءِ ٻيء آڱر ڏانهن وڃڻو پوي ٿو ۽ ٽنهي آڱرين جي علت جي بيان ۾ روايت آهي تہ "جيڪڏهن اوهان مان ڪو کاڌو کائي تہ پنهنجيون ٽئي آڱريون چٽي اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ انهن مان ڪهڙي ۾ برڪت آهي." ۽ جنهن ٿانوَ ۾ کاڌو کائي ان جو چٽڻ بہ سنت آهي. امام احمد رحمة الله عليه جي روايت سان حديث ۾ آيو آهي. تہ "جنهن ڪنهن پيالي ۾ طعام کاڌوان کان پوءِ ان کي چٽيائين تہ اهو پيالوان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرندو." احياءُ العلوم ۾ حضرت امام غزالي رحمة الله عليه آندو آهي تہ "جنهن پيالو چٽي, ڌوئي اهو پاڻي پيتو تہ ان کي ٻانهي جي آزاد ڪرڻ جيترو ثواب ملندو." ابو الشيخ رحمة الله عليه روايت آندي آهي تہ "جنهن شخص دسترخوان تي ڪريل ذرا يا پيالي ۾ رهيل ذرا ڪٺي ڪاڌا تہ اهو سڃو هجڻ, ڪوڙهہ ۽ جذام جي مرض کان امن ۾ رهندو ۽ ان جو اولاد احمق هجڻ کان محفوظ رهندو." ۽ ديلمي رحمة الله عليه روايت آندي آهي تہ "دسترخوان تي ڪرندڙ ذرن مان جنهن کاڌو ان جو اولاد سهڻي منهن وارو ٿي ڄمندو ۽ ان کان سڃائي پري ڪئي ويندي."

ڪاڏي واري پليٽ چٽڻ: "الجامع الصغير" ۾ حديث آهي تہ "جنهن ڪاڏي واري پليٽ ۽ آڱرين کي چٽيو الله ﷻ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڍؤ ڪرائيندو." ۽ اڳ ۾ ذڪر ڪيل ترتيب هڪ حديث ۾ بہ آئي آهي. "الطبراني الاوسط" ۾ حديث آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٽن آڱرين وچين، شهادت واري ۽ آڱوٺي سان کائيندا هئا. ان کان پوءِ ٽنهي کي اڳهڻ کان اڳ ۾ چٽيندا هئا. ۽ حڪيم ترمذي ڪعب بن عجرة ﷜ کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو جنهن وقت هٿ اگهڻ جو ارادو فرمايائون تہ ٽنهي آڱرين اول وچين پوءِ شهادت واري پوءِ آڱوٺي کي چٽيائون ۽ وچين آڱر کان ان جي ڪري شروعات ڪيائون جو اها ڪاڏي ۾ گهڻو پرجندي آهي ڇوتہ ڊگهي هجڻ جي ڪري ڪاڏي تائين اول اها پهچندي آهي. علامہ عراقي ﷫ فرمايو تہ "سعيد بن منصور وٽ مرسل روايت ۾ آهي تہ "رسول الله ﷺ جن پنجن آڱرين سان کائيندا هئا. پوءِ انهن روايتن ۾ جمع هن طريقي سان ٿيندو تہ اهو مختلف حالات تي محمول آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 255، 256) ظاهر هي آهي تہ ٻنهي نمونن مان سنت حاصل ٿيندي، پر پهرين ڪيفيت وڌيڪ آهي ڇوتہ ان ۾ هڪ آڱر کي مڪمل صاف ڪري پوءِ ٻئي آڱر ڏانهن وڃڻو پوي ٿو ۽ ٽنهي آڱرين جي علت جي بيان ۾ روايت آهي تہ "جيڪڏهن اوهان مان ڪو ڪاڌو کائي تہ پنهنجيون ٽئي آڱريون چٽي اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ انهن مان ڪهڙي ۾ برڪت آهي." ۽ جنهن ٿانوَ ۾ ڪاڌو کائي ان جو چٽڻ بہ سنت آهي. امام احمد ﷫ جي روايت سان حديث ۾ آيو آهي. تہ "جنهن ڪنهن پيالي ۾ طعام کاڌو ان کان پوءِ ان کي چٽيائين تہ اهو پيالو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرندو." احياءُ العلوم ۾ حضرت امام غزالي ﷫ آندو آهي تہ "جنهن پيالو چٽي، ڌوئي اهو پاڻي پيتو تہ ان کي ٻانهي جي آزاد ڪرڻ جيترو ثواب ملندو." ابو الشيخ ﷫ روايت آندي آهي تہ "جنهن شخص دسترخوان تي ڪريل ذرا يا پيالي ۾ رهيل ذرا ڪٽي کاڌا تہ اهو سڃو هجڻ، ڪوڙهہ ۽ جذام جي مرض کان امن ۾ رهندو ۽ ان جو اولاد احمق هجڻ کان محفوظ رهندو." ۽ ديلمي ﷫ روايت آندي آهي تہ "دسترخوان تي ڪرندڙ ذرن مان جنهن کاڌو ان جو اولاد سهڻي منهن وارو ٿي ڄمندو ۽ ان کان سڃائي پري ڪئي ويندي."

۽ الجامع الصغير ۾ حديث آهي تہ "جنهن ڪاڏي واري پليٽ ۽ آڱرين کي چٽيو الله ﷻ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڍؤ ڪرائيندو." ۽ اڳ ۾ ذڪر ڪيل ترتيب هڪ حديث ۾ بہ آئي آهي. الطبراني الاوسط ۾ حديث آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٽن آڱرين وچين، شهادت واري ۽ آڱوٺي سان کائيندا هئا. ان کان پوءِ ٽنهي کي اگهڻ کان اڳ ۾ چٽيندا هئا. ۽ حڪيم ترمذي ڪعب بن عجرة ﷜ کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو جنهن وقت هٿ اگهڻ جو ارادو فرمايائون تہ ٽنهي آڱرين اول. وچين. پوءِ شهادت واري پوءِ آڱوٺي کي چٽيائون ۽ وچين آڱر کان ان جي ڪري شروعات ڪيائون جو اها ڪاڏي ۾ گهڻو پرجندي آهي ڇوتہ ڊگهي هجڻ جي ڪري ڪاڏي تائين اول اها پهچندي آهي. علامہ عراقي ﷫ فرمايو تہ "سعيد بن منصور وٽ مرسل روايت ۾ آهي تہ "رسول الله ﷺ جن پنجن آڱرين سان کائيندا هئا. پوءِ انهن روايتن ۾ جمع هن طريقي سان ٿيندو تہ اهو مختلف حالات تي محمول آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 255، 256)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: [1] مسلم في ڪتاب الاطعمة باب 18 استحباب لعق الاصابع والقصعة رقم الحديث 2034 ج 3 ص 1607 [2] النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه

الڪبريٰ ڪما في التحفة ج 1 ص 117 {3} احمد في المسند ج 3 ص 177 {4} الدارمي في كتاب الاطعمة باب 5 في لعق الاصابع رقم الحديث 2025 ج 2 ص 132 {5} البيهقي في سننه الڪبريٰ ج 7 ص 278 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5228 ج 7 ص 334.

{139} حَدَّثَنَا الْحُسَيْنُ بْنُ عَلِيِّ بْنِ يَزِيدَ الصُّدَائِيُّ الْبَغْدَادِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يَعْقُوبُ بْنُ إِسْحَاقَ يَعْنِي الْحَضْرَمِيَّ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ سُفْيَانَ الثَّوْرِيِّ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ الْأَقْمَرِ، عَنْ أَبِي جُحَيْفَةَ قَالَ: قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَمَّا أَنَا فَلَا آكُلُ مُتَّكِئًا.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو جُحيفه ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "آءٌ ٽيڪ ڏئي ڪاڌو نہ ڪائيندو آهيان."

مفردات جو شرح: اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

سمجھاڻي: هيءَ حديث باب الاتكاء ۾ بيان ٿي چڪي آهي ۽ هتي پيو پيروان جي ڪري آندي وئي آهي. جو هن ۾ ڪائڻ جو ذڪر آهي. ۽ ابن ابي شيبه جيڪا مجاهد کان روايت آندي آهي تہ "رسول الله ﷺ جن هڪ پيرو ٽيڪ ڏئي ڪاڌو هو." سو جواز بيان ڪرڻ جي لاءِ هو يا ٽيڪ ڏئي ڪائڻ جي منع کان پهريان هو. ۽ بئي قول جي تائيد ان روايت سان ٿئي ٿي جيڪا ابن شاهين عطاء کان آندي آهي تہ "جبريل پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏٺو تہ ٽيڪ ڏئي ڪائي رهيا هئا پوءِ ڪين عرض ڪيائين تہ "ٽيڪ ڏئي نہ ڪائو" ۽ ٽيڪ ڏئي ڪائڻ جي مڪروه هجڻ جي حڪمت مان هي بہ آهي تہ "ڪاڌو آساني سان نڙيءَ کان هيٺ نہ لهندو ۽ ڳهڻ بہ ڏکيو ٿيندو ۽ گهڻا وقت ٽيڪ ڏئي ڪائيندا هئا جو ان ۾ گرهہ (يعني لقمو) ننڍو ٿو اچي تان تہ زياده مقدار ۾ ڪاڌو نہ ڪائجي ۽ ٽن آڱرين سان ڪاڌو ڪائڻ مستحب آهي. ضرورت کان سواءِ چوٿين يا پنجين آڱر شامل نہ ڪري. ها جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿئي تہ پوءِ ملائي سگهي ٿو. لقمہ (گرهہ) وڏي ڪرڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪجي اهو مادي تي بار ٿيڻ جو سبب بنجندو آهي.

(خصائل نبوي ص 112 المواهب شرح الشمائل ص 57)

هيءَ حديث ٻين جن محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 132، 133 جي تخريج ۾ اچي چڪو آهي.

{140} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ الثورى، عَنْ عَلِيِّ بْنِ الْأَقْمَرِ نَحْوَهُ

راوين جو تعارف: هيءَ حديث مبارڪ اڳئين حديث جهڙي آهي.

{141} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ الْهَمْدَانِيُّ قَالَ حَدَّثَنَا عَبْدَةُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنِ ابْنٍ لِكَعْبِ بْنِ مَالِكٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ بِأَصَابِعِهِ الثَّلَاثِ وَيَلْعَقُهُنَّ

با محاوره ترجمو: حضرت ڪعب بن مالڪ ﷛ کان سندس پٽ روايت ڪئي آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽن آڱرين سان ماني ڪائيندا هئا ۽ آڱرين کي چٽيندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ" هتي "كَانَ" کي "يَأْكُلُ" سان ملائڻ جي ڪري ماضي استمراري جي معنيٰ ڏيندي "أَصَابِعِ" اصبع جو جمع آهي. آڳر "يَلْعَقُ" چٽيندو. "هُنَّ" جمع مؤنث جو ضمير جيڪو اصابع ڏانهن وري ٿو.

سمجهاڻي: ڪاڏي کائڻ کان پوءِ هٿ ڌوئڻ يا اگهڻ کان پهريان وچ واري آڱر ۽ شهادت جي ڪلمي واري آڱر ۽ آڱونو چٽڻ سنت آهي ۽ ان سنت کي (معاذ الله) برو سمجهڻ جي ڪري ڪفر جو خوف آهي ڇوته جنهن حضور ڪريم ﷺ جي ڪنهن به عمل کي ڄاڻي واڻي خراب سمجهيو اهو ڪافر آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 256)

کائڻ جا نمونا: امام غزالي رحمه الله احياءُ العلوم ۾ لکيو آهي ته کائڻ جا چار نمونا آهن. (1) هڪ آڱر سان کائڻ اهو ڪاوڙ جهڙو عمل آهي. (2) ٻن آڱرين سان کائڻ وڏائي آهي. (3)ٽن آڱرين سان کائڻ سنت آهي ۽ چئن يا پنجن آڱرين سان کائڻ حرص آهي ۽ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان مرفوع روايت ۾ آهي ته "هڪ آڱر سان کائڻ شيطان جو کائڻ آهي ٻن آڱرين سان کائڻ هنيلن جو طريقو آهي ٽن آڱرين سان کائڻ انبياء عليهم السلام جو طريقو آهي. ۽ ٽن آڱرين سان کائڻ ان جي ڪري مطلوب آهي جو اهو وڏيڪ نفعو ڏيندڙ آهي. هڪ آڱر سان کائڻ ۾ تڪبر سان گڏ کائڻ جي لذت به حاصل نه ٿيندي آهي ۽ پنجن آڱرين سان کائڻ ۾ گرهه وڏو ٿئي ٿو جيڪو نڙيءَ ۾ ڪاڏي کي ڦهڻ واري جاءِ کان ڏکيو اندر وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڦاسي پوندو آهي. مشڪل سان اندر لهندو آهي. ۽ جڏهن حديثن ۾ آڱرين سان کائڻ جو ذڪر آيو آهي تڏهن بعض سلف صالحن (اڳين بزرگن) چمچن سان کائڻ کان پاسو ڪيو آهي ۽ "الڪشاف" ۾ (خليفي هارون) رشيد جو واقعو آيو آهي ته ان وٽ جڏهن طعام لڳايو ويو ته ان کائڻ جي لاءِ چمچا گهرايا، ان وقت ان وٽ (حضرت امام) ابو يوسف رحمه الله موجود هو. ان هارون رشيد کي فرمايو ته تنهنجي ڏاڏي حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما جي تفسير ۾ آيت مبارڪ "وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِي آدَمَ" (اسان آدم جي اولاد کي عزت وارو بنايو.) مان مراد آهي ته اسان انهن کي هٿن ۾ آڱريون ڏنيون آهن. جن سان کائن ٿا. جڏهن چمچا آندا ويا ته هارون رشيد اهي موٽائي ڇڏيا ۽ هٿ جي آڱرين سان کاڌو کاڌائين. (المواهب شرح الشمائل ص 258)

هڪ پاسي تي ٽيڪ ڏئي کائڻ کان به پاسو ڪجي ڇوته اهو ڪاڏي کي معدي ڏانهن وڃڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندو آهي ۽ پلٽ پڃي ويهي کائڻ کان به پاسو ڪجي جو ان طريقي سان کائڻ ۾ گهڻو کائجي وڃي ٿو ۽ تڪبر جي علامت به آهي ۽ ضعيف سند سان روايت ۾ آيو آهي ته "کائڻ وقت کاٻي هٿ تي ٽيڪ ڏئي ويهڻ کان رسول الله ﷺ جن تنبيهه ڪندي روڪيو آهي" ۽ ابن ابي شيبه رحمه الله نخعي کان روايت آندي آهي ته "ٽيڪ ڏئي کائڻ کي ان جي ڪري به ڪراهت سمجهندا هئا جو ان سان پيٽ وڏو ٿيندو آهي." ۽ ابن القيم رحمه الله لکيو آهي ته "حضرت نبي ڪريم ﷺ جن الله جل جلاله جي اڳيان ادب ۽ نوڙت ڪندي ڪاڏي کائڻ وقت ٻن گوڏن تي ويهندا هئا ۽ کاٻي پير جو ترو ساڄي پير جي پُٺيءَ تي رکندا هئا ۽ اها کائڻ جي صورت افضل ۽ انفع آهي ڇوته ان ۾ هر عضوو ان هيئت تي رهي ٿو جنهن تي الله جل جلاله ان کي پيدا ڪيو آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 191)

"مشڪواة المصابيح" ۾ حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد

فرمايو ”جڏھن اوھان مان ڪو ھڪڙو ڪاڌو کائي تہ تيستائين ھٿ ڪي نہ اگھي جيستائين ان کي چٽي يا ٻئي کي چٽرائي“ ھن حديث ۾ ”چٽرائي“ لفظ جي وضاحت ڪندي مشڪواة المصابيح جي شرح ”مظاھر حق“ ۾ لکيو اٿس تہ اھڙي ماڻھو کي چٽرائي جيڪو ان کي عيب نہ سمجھي جيئن گھرواري يا ٻانھي يا خادم يا اولاد آھي ۽ ان حڪم ۾ شاگرد (۽ مريد) بہ جيڪي ان کي تبرڪ سمجھندا ھجن داخل آھن. (مظاھر الحق ج 3 ص 444)

ھيءَ حديث ٻين انھن محدثن آندي آھي: جيڪي اڳئين حديث جي تخريج ۾ مذڪور آھن.

{142} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا الْفَضْلُ بْنُ دُكَيْنٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُصْعَبُ بْنُ سُلَيْمٍ قَالَ: سَمِعْتُ أَنَسَ بْنَ مَالِكٍ يَقُولُ: أُتِيَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِتَمْرٍ فَرَأَيْتُهُ يَأْكُلُ وَهُوَ مُقْعٍ مِنَ الْجُوعِ

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آھي تہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڪارڪ آندي وئي. مون ڏٺو تہ پاڻ ڪريم ﷺ اھا ڪارڪ بُک جي ڪري اوڪڙو ويھي کائي رھيا ھئا.

مفردات جو شرح: ”مُقْعٍ“ الاقعاء کان ورتل اسم فاعل جو صيغو آھي. ڪمزور ھجڻ جي ڪري ڀُنيءَ جي پويان ڪا شيءِ رکي ان تي ٽيڪ ڏيڻ، اوڪڙو ويھڻ وغيره. ”اَلْجُوعِ“ بک.

سمجھاڻي: اڳ ۾ ذڪر ڪيل حديثن ۾ ٽيڪ ڏئي کائڻ کان منع جو ذڪر ھو ۽ ھن ۾ سندن ٽيڪ ڏئي کائڻ جو ذڪر آھي پر اھو بُک جي ڪري ڪمزور ۽ ضعيف ھجڻ جي حالت ۾ ھو. شمائل جي شارح علامہ بيجوري ﷫ لکيو آھي تہ ھن ۾ اھو دليل ناھي تہ ٽيڪ ڏئي کائڻ کاڌي جي آداب مان آھي. نبي ڪريم ﷺ جن ائين ضعف جي ڪري ڪيو ھو. ۽ ان ويھڻ مان مراد اھو مسنون ويھڻ ناھي جيڪو ٻن سجدن جي وچ ۾ ويھبو آھي ۽ نہ اھو مڪروھہ ويھڻ آھي جو رانون اڀيون ڪري چُتڙن تي ويھجي. علامہ مناوي ﷫ لکيو آھي تہ رسول الله ﷺ جن جي اھا بُک ۽ ان سان ضعف اختياري ھو ان سان پاڻ ھڪ اھو ثابت ڪيائون تہ جن ڪاڌن کي شريعت جائز ڪيو آھي اھي نہ کائڻ بہ جائز آھي ۽ ٻيو اھو طريقو اختيار فرمائي مسڪينن صحابن رضي الله عنهم کي تسلي ڏيڻ فرمايائون نہ تہ سندن فرمان آھي ” اَبِيتُ عِنْدَ رَبِّيْ يُطْعِمُنِيْ وَ يَسْقِيْنِيْ“ (مان رات رب وٽ گذاريندو آھيان اھو مون کي کارائيندو ۽ پياريندو آھي) (المواھب شرح الشمائل ص 258، سرح المناوي حاشية علي جمع الوسائل ص 192)

ھيءَ حديث ٻين ھنن محدثن آندي آھي: {1} البيهقي في الآداب رقم الحديث 673 ص 320 و في الشعب رقم الحديث 5973 ج 5 ص 107 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 232 {3} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 407 {4} مسلم واللفظ له في كتاب الاشربة باب 24 استحباب تواضع الاكل وصفة قعوده رقم الحديث 2044 ج 3 ص 1616 {5} البيهقي في سننه ج 7 ص 283.

باب پنجويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ خُبْزِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ رسول الله ﷺ جي ماني کائڻ جي صفت جو ذڪر آهي

سمجهاڻي: هن باب ۾ رسول الله ﷺ جي ماني کائڻ جي صفت بيان ڪيل آهي يعني ڪيئن کائيندا هئا ۽ سندن خاندان به قناعت ۽ صبر سان ڪيئن هوندو هو. ڪهڙي قسم جي ماني تناول فرمائيندا هئا. نه پاڻ ڪڏهن ٽيبل تي کاڌو کاڌائون نه ڪڏهن ميدي اٽي جي ماني کاڌائون. (انوارِ غوثيہ ص 203)

هن باب ۾ اٺ حديثون آهن.

{143} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى، وَمُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، قَالاَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ قَالَ: سَمِعْتُ عَبْدَ الرَّحْمٰنِ بْنَ يَزِيدَ، يُحَدِّثُ عَنِ الأَسْوَدِ بْنِ يَزِيدَ، عَنْ عَائِشَةَ، أَنَّهَا قَالَتْ: مَا شَبِعَ آلُ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ خُبْزِ الشَّعِيرِ يَوْمَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ حَتَّى قُبِضَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

با محاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي گهر ڀاتين جوَن جي ماني بہ ڏينهن لاڳيتو ڍؤ ڪري نہ کاڌي، تان جو رسول الله جن هن دنيا مان وصال ڪري ويا.

مفردات جو شرح: "مَاشَبِعَ" ڍؤ نہ ڪيائون. شَبْعٌ کان ورتل آهي. ڍؤ ڪري کائڻ. مجمع البحار ۾ آهي شَبْعٌ (با جي جزم سان) اهو کاڌو جنهن مان ڍؤ ٿئي ۽ شبع با جي زبر سان مصدر آهي يعني ڍاول هجڻ. "مُتَتَابِعَيْنِ" لاڳيتا، مسلسل يعني هڪ کان پوءِ ٻيو.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ رسول الله ﷺ جي آل جو ٻن ڏينهن تائين مسلسل ماني نہ کائڻ جو ذڪر آهي هڪ حديث ۾ ٽي ڏينهن ماني نہ کائڻ جو ذڪر آهي تہ هڪ ۾ ياجيءَ سان ماني نہ کائڻ جو ذڪر آهي ۽ هڪ حديث ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن ماني تہ هڪ ڏينهن کارڪ کائيندا هئا. جڏهن تہ سخاوت، بخشش، فقيرن، عاجزن، مسڪينن ۽ غريبن جي پرورش ڪرڻ، انهن کي کاڌو کارائڻ انهن جي حاجت پوري ڪرڻ، سرڪارِ دوعالم ﷺ جي گهراڻي جي خاص وصف هئي ۽ آهي ان جي ڪري نبوي اهلبيت انتهائي صبر ۽ قناعت جي زندگي گذاريندا هئا جيئن الله جل جلاله حضور ڪريم ﷺ کي هر قسم جي گندگي ۽ ڪثافت کان پاڪ ۽ صاف رکيو تيئن سندن اهلبيت کي بہ انهن گندگين ۽ غلاظتن کان بہ پاڪ رکڻ مقصود هو. دنياوي عيش عشرت ۽ فارغ البالي کي انهن مقدس وجودن پسند ئي نہ ڪيو هو. بلڪ بک ۽ مسڪيني واري زندگيءَ کي انهن سيني لذتن تي ترجيح ڏئي رسول الله ﷺ جي نقشِ قدم تي هلڻ کي باعثِ فخر سمجهيو هيائون. (انوارِ غوثيہ ص 204) علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ هن راويت ۾ "يومين" (يعني بہ ڏينهن) جو لفظ آهي پر انهن ۾ راتيون بہ داخل آهن ۽ هتي

جَوَن جي ماني جو ذڪر ۽ ٻي روايت ۾ ڪڻڪ جي مانيءَ جو ذڪر آهي ۽ روايت جي لفظ "تانجو رسول الله ﷺ جن ظاهري وصال فرمايو." مان ثابت ٿيو ته سندن مدينه منوره ۾ رهڻ واري ساري زندگي ان طرح گذري هئي. پر آخري دور ۾ هڪ سال جو قوت پنهنجي عيال وٽ رکندا هئا ۽ ان مان محتاج جي به حاجت پوري ڪرڻ فرمائيندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 260, جمع الوسائل ج 1 ص 193) هن حديث ۾ آل لفظ آيو آهي آل به قسم آهي (1) هڪڙي آل اها آهي جنهن کي هاشمي سڏيو ويندو آهي (2) ٻي اها آل آهي جن جو خرچ پکو رسول الله ﷺ جن ڪندا هئا. اهي سندن گهرواريون آهن ۽ هتي مراد به اهي آهن.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الزهد والرقائق في ترجمته رقم الحديث 2970 حديث الكتاب 22, ج 4 ص 2282 {2} ابن ماجه في كتاب الاطعمة باب 39 خبز الشعير رقم الحديث 3346 {3} احمد في المسند ج 6 ص 98 {4} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 401, 402 {5} ابو الشيخ ص 230, 231 {6} الطبري في تهذيب الآثار ج 1 ص 412 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4072 ج 14 ص 277.

{144} حَدَّثَنَا عَبَّاسُ بْنُ مُحَمَّدٍ الدُّورِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ أَبِي بُكَيْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَرِيزُ بْنُ عُثْمَانَ، عَنْ سُلَيْمِ بْنِ عَامِرٍ قَالَ: سَمِعْتُ أَبَا أُمَامَةَ الْبَاهِلِيَّ يَقُولُ: مَا كَانَ يَفْضُلُ عَنْ أَهْلِ بَيْتِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خُبْزُ الشَّعِيرِ

با محاوره ترجمو: حضرت سُليم بن عامر رحمه الله کان روايت آهي ته مون ابو امامة رضي الله عنه کان ٻڌو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي گهروارن وٽ جوَن جي ماني به ڪانه بچندي هئي. مطلب ته ماني ٿوري هوندي هئي. کائڻ کان پوءِ وڌيڪ ڪانه بچندي هئي.

مفردات جو شرح: "مَاكَانَ يَفْضُلُ" نفي ماضي استمراري آهي. "يَفْضُلُ" الفضل کان ورتل آهي ان جي معني بچڻ "اَلشَّعِيرِ" جوَ.

سمجهاڻي: مطلب ته جيڪڏهن ڪين جوَن جي ماني ميسر هوندي هئي ته اها به ٿوري هوندي هئي کائڻ کان پوءِ نه بچندي هئي. جيئن ام المؤمنين سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته "سندن وفات ڪرڻ تائين ڪڏهن به دسترخوان تان مانيءَ جو ٽڪر بچايل نه ڪنيو ويو. هن روايت ۾ اهل بيت رسول الله ﷺ جو ذڪر آهي يعني سندن گهرواريون پر ان مان سندن ذاتِ عالي صفات ﷺ جو به حال معلوم ٿي رهيو آهي ڇو ته جيڪو عزت ۽ عظمت وارو مڙس آهي اهو ائين نه ڪندو جو پاڻ عيش ۽ عشرت ۾ رهي ۽ گهروارا بُک ۾ هجن ۽ جوَن جي ماني گهر ۾ اٽپوري هجڻ جو هڪ سبب اهو به آهي جو سندن وٽ مهمانن جي ڪثرت سان گڏ علم جا خالص طالب اصحابِ صفه به هميشه موجود رهندا هئا جن کي ڪاڌو به پاڻ ڪارائيندا هئا. (خصائل نبوي ص 115)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 5 ص 260 {2} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 401 {3} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 7680 ج 8 ص 191 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4076 ج 14 ص 274.

{145} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ مُعَاوِيَةَ الْجُمَحِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا ثَابِتُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ هِلَالِ بْنِ خَبَّابٍ، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَبِيتُ اللَّيَالِيَ الْمُتَتَابِعَةَ طَاوِيًا هُوَ وَأَهْلُهُ لَا يَجِدُونَ عِشَاءً وَكَانَ أَكْثَرُ خُبْزِهِمْ خُبْزَ الشَّعِيرِ

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪيئي لاڳيتيون راتيون بُکارا رهندا هئا. پاڻ ۽ سندن ڪٽنب رات جي ماني نہ ڏسندا هئا. هوڏانهن ماني بہ گهڻو ڪري جوَن جي هوندي هئي.

مفردات جو شرح: "يَبِيتُ" رات گذاريندا "الْمُتَتَابِعَةَ" مسلسل, لاڳيتيون "طَاوِيًا" طوي کان ورتل. لغت وارن ان جي معنيٰ قصد سان بُکيو رهڻ بہ, ٿي ٿي, ڏينهن ڪجهہ نہ کائڻ ورتي آهي. چيو ويندو آهي طوىٰ فلان اذا جوع نفسہ. "عَشَاءً" (عين جي زبر سان) اهو کاڌو جيڪو سمهڻ وقت کائبو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ مذڪور مسلسل راتيون بنا کاڌي جي رهڻ حضور پاڪ ﷺ جو قصد ۽ اختيار سان هو ۽ ان معاملي ڪي پاڻ ۽ سندن خاندان سندن پاڪ ظاهري زندگي ۾ صبر جي ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ راز ۾ رکيو هيائون نہ تہ سندن صحابي شاهوڪار تہ شاهوڪار هئا پر غريب بہ سر ڌڙ جي محنت ڪري ڪين کاڌي جي لاءِ هر شيءِ مهيا ڪن ها. ۽ هن مان مسڪين هجڻ ۽ سوال ڪرڻ کان بچڻ جي پلائي ثابت ٿي رهي آهي ۽ هن راويت ۾ اهل مان مراد سندن گهرواريون آهن جن جي خرچ ڏيڻ سندن ذمي هو ۽ لغت جي ڪتاب "المغرب" جي صاحب لکيو آهي تہ "مڙس جو اهل ان جي زال, اولاد ۽ جن جو خرچ سندس ذمي آهي ۽ جيڪي سندس گهر ۾ کائڻ وارا پائر, پينرون, چاچا, سوٽ ۽ ٻيا بارسي آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 261 شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 195)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 49 خبز الشعير رقم الحديث 3347 {2} احمد في المسند ج 1 ص 255 {3} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 400 {4} الطبري في تهذيب الآثار ج 1 ص 389 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4077 ج 14 ص 274 {6} ابو الشيخ ص 221, 222.

{146} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الْمَجِيدِ الْحَنَفِيُّ، حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ عَبْدِ اللهِ بْنِ دِينَارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو حَازِمٍ، عَنْ سَهْلِ بْنِ سَعْدٍ، أَنَّهُ قِيلَ لَهُ: أَكَلَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ النَّقِيَّ؟ - يَعْنِي الْحُوَّارَى - فَقَالَ سَهْلٌ: مَا رَأَى رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ النَّقِيَّ حَتَّى لَقِيَ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ تَعَالَى، فَقِيلَ لَهُ: هَلْ كَانَتْ لَكُمْ مَنَاخِلُ عَلَى عَهْدِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَ: مَا كَانَتْ لَنَا مَنَاخِلُ قِيلَ: كَيْفَ كُنْتُمْ تَصْنَعُونَ بِالشَّعِيرِ؟ قَالَ: كُنَّا نَنْفُخُهُ فَيَطِيرُ مِنْهُ مَا طَارَ ثُمَّ نَعْجِنُهُ

با محاوره ترجمو: حضرت سهل بن سعد ﷺ کان پڇيائون تہ رسول الله ﷺ جن سنهي اٽي يا اڇي ميدي جي ماني کاڌي آهي؟ ان چيو تہ رسول الله ﷺ سنهو اٽو يا ميدو الله ﷻ سان ملڻ تائين نہ ڏٺو. حضرت سهل سڳوري ﷺ کان پڇيو ويو تہ پلا پاڻ ڪريمن ﷺ جي زماني ۾ توهان وٽ اٽي ڇاڻڻ جا پروڻ هوندا هئا؟ ان چيو تہ نہ. پوءِ ان کان پڇيائون تہ پلا پوءِ جوَن جو اٽو ڪيئن ڇاڻيندا ۽ صاف ڪندا هُيئو؟ ان چيو تہ جوَن جي اٽي کي ڦوڪ ڏيندا هئاسون. پوءِ ڪجهہ تہ اڏامي ويندا هئا. باقي

بچيل اٽي کي ماني پچائڻ لاءِ ڳوهيندا هئاسون.

مفردات جو شرح: "اَلنَّقِيَّ" ڇاڻيل اَٽو ميدو هن کي "اَلْحُوَّارَى" بہ چوندا آهن. "مَنَاخِلُ" جنهن سان اٽو ڇاڻيو وڃي. پرڻ "نَعْجِنُ" اسين اٽو ڳوهيندا هئاسون. "عَجِيْن" پاڻي سان ڳوهيل اٽو "عجن" کان ورتل معنيٰ اٽو ڳوهڻ.

سمجهاڻي: مذڪور حديث مان ثابت ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڇڻيل اٽي (يعني ميدي) جي ماني نہ کاڌي هئي. بلڪہ ٿلهي، اڻ ڇاڻيل ڦوڪ سان صاف ڪيل اٽي مان پڪل ماني تناول فرمائيندا هئا. هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن بعثت جي وقت کان دنيا تان رحلت ڪرڻ تائين ڇاڻيل اٽو ڏٺوئي نہ هو. طبي نقطہ نظر سان بہ اڻ ڇاڻيل اٽي مان پچايل ماني جلد هضم ٿيندي آهي ۽ ميدي واري ماني معده تي بار ۽ دير سان هضم ٿيندي آهي. (انوار غوثيہ ص 208)

سوال: سهل بن سعد کان سوال تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي ڇاڻيل اٽي کائڻ جي متعلق هو پوءِ ان جواب ۾ چو چيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڏٺو ئي نہ هو؟

جواب: نہ ڏسڻ سان نہ کائڻ جي مفهوم خودبخود واضح ٿي وئي چوتہ جيڪا شيءِ ڪنهن ڏٺي ناهي اها کاڌي ڪيئن هوندائين "تان جو الله ﷻ سان مليا" مطلب تہ دنيا کي (ظاهري) الوداع ڪيائون. جنهن جي روح جسم کان جدائي ڪئي اهو الله ﷻ جي بقا جو اهل ٿي ويو چوتہ ٻانهي ۽ الله ﷻ ۾ حائل جسماني تعلقات آهن. حضرت سهل کان اهو سوال بہ ڪيو ويو تہ ڇا اوهان اصحابن مهاجرن ۽ انصارن وٽ اٽي جي ڇاڻڻ وارا ڇَرڻ هئا؟ تہ ان فرمايو تہ نہ هئا حضرت سهل کان وري چيو ويو تہ "جوَن جي اٽي کي ڪيئن استعمال ڪندا هيئو؟ چوتہ ان ۾ ٿُهہ سخت هوندا آهن ان سان پچايل ماني ڳهڻ ۾ ڏکي لڳندي ۽ تڪليف ڏيندي آهي؟ ان جواب ڏنو تہ ان کي ڦوڪون ڏيندا هئاسين انهن سان جيترو صاف ٿيندو هو اهو ڳوهي پچائي کائيندا هئاسون. علامہ بيجوري ﷫ لکيو آهي تہ "پروڻ، رکڻ بدعت آهن پر مُباح آهن چوتہ انهن مان مقصد کاڌي کي صاف ڪرڻ آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 263)

بعض شارحن لکيو آهي تہ ڇَرڻ استعمال ڪرڻ بدعت آهي بلڪہ ان کي جديد رواج جي اعتماد سان بدعت سڏيو ويو آهي. پر ان جي جائز هجڻ ۾ ڪو مشڪل ناهي. (خصائل نبوي ص 116)

فائدو: حضور ڪريم ﷺ جن جو ڇاڻيل اٽي کي نہ ڏسڻ نبوت جي اظهار کان پوءِ آهي. نبوت جي اظهار کان ٻهريان پاڻ بہ ٻيرا تجارتن لاءِ شام ملڪ ڏانهن ويا هئا. ۽ بصري شهر ۾ بحيرا راهب وٽ مهمانيءَ جي دعوت ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ شام ملڪ ان وقت روم سان شامل هو. ۽ ڇاڻيل اٽي واري ماني انهن وٽ گهڻي مروج هئي. ظاهر آهي تہ پاڻ اها اٽي ڏٺي هونداءُون. پر نبوت جي اظهار کان پوءِ پاڻ مڪہ، طائف ۽ مدينہ منوره ۾ گهڻو وقت رهيا ۽ ان دوران سندن ذات عالي صفات ۽ اصحابن سڳورن تي تنگيءَ جي حالت رهي هئي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 5 ص 332 {2} البخاري في كتاب الاطعمة باب 22 النفخ في الشعير رقم الحديث 5413 ج 9 ص 549 {3} النسائي في كتاب الرقائق من سننه الكبرىٰ كما في التحفة ج 4 ص 127 {4} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 5999 ج 6 ص 200 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 233 {6} الطبري في تهذيب الآثار رقم الحديث 959 ج 1 ص 415.

{147} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاذُ بْنُ هِشَامٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ يُونُسَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: مَا أَكَلَ نَبِيُّ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى خِوَانٍ وَلاَ فِي سُكُرُّجَةٍ، وَلاَ خُبِزَ لَهُ مُرَقَّقٌ. قَالَ: فَقُلْتُ لِقَتَادَةَ: فَعَلاَمَ كَانُوا يَأْكُلُونَ؟ قَالَ: عَلَى هَذِهِ السُّفَرِ قَالَ مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ يُونُسُ هَذَا الَّذِي رَوَى عَنْ قَتَادَةَ هُوَ يُونُسُ الإِسْكَافُ

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ ڪاڌو نہ ميز تي رکي کاڌو ۽ نہ وري پيالن پليٽن ۾ ماني کاڌي. پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ اوڦراٽا بہ نہ پچايا ويا. راوي چيو تہ حضرت قتاده ﷛ کان پڇيم تہ پوءِ ماني ڇاتي رکي کائيندا هئا؟ چيائين تہ چمڙي جي سادي دسترخوان تي ماني کائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "خِوَانِ" شهر جا ماڻهو ٽيبل وغيره تي مٿي رکي ماني کائيندا آهن ان کي خوان سڏيندا آهن. "سكرجة" ننڍو ٿانُ جنهن ۾ چٽڻي، آچار سلاطو وغيره رکيو ويندو آهي. "مُرقق" سنهڙي ماني. "السفُر" دسترخوان، چمڙي جو هجي يا ڪپڙي جو. اصل ۾ "سفرة" مسافر جي کاڌي کي چوندا آهن جيڪو گول چمڙي ۾ ويڙهي سفر ۾ کڻبو آهي. هاڻي عُرف ۾ مطلق دسترخوان کي سفره سڏيو ويندو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن ٽيبل تي کاڌو نہ کائيندا هئا. "شمائل" جي شارحن علامہ علي القاري ﷫ ۽ علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ ٽيبل تي کاڌو کائڻ هميشہ متڪبرن ۽ هنيلن جو شيوو رهيو آهي." ۽ اسان جي دور ۾ جڏهن تہ اهو نصارن سان تشبہ آهي ان جي ڪري (عذر کان سواءِ) مڪروهِ تحريمي آهي مشابهت جو مسئلو نهايت ئي اهم آهي نبوي حديثن ۾ نهايت ڪثرت سان مختلف عنوانات سان ان تي تنبيہ ڪيل آهي کائڻ ۾، پيئڻ ۾، لباس ۾ تانجو عبادات ۾ بہ ان کان روڪيو ويو آهي، مگر افسوس جو هن دور ۾ مسلمان ان تشابهہ کان لاپرواهہ آهن. محبوب ڪريم ﷺ جن لاءِ سنهي ماني بہ نہ پچائي ويندي هئي. پاڻ ننڍين پليٽن ۽ پيالن ۾ گهڻن قسمن جا طعام وجهي بہ نہ کاڌا اٿن اهڙي طرح هڪ ئي وقت گهڻا طعام تيار ڪرائڻ حرص جي نشاني آهي ۽ گهڻي کائڻ جي ڪري تندرستي نہ ٿي رهي. ساڳي وقت ننڍي پليٽ ۾ کائڻ بخل جي نشاني آهي. مذڪور روايت ۾ آهي تہ يونس، قتادة (هي ٻئي راوي آهن) کان پُڇيو تہ "پوءِ ڇا تي کاڌو رکي کائيندا هئا؟" قتادة ﷛ فرمايو تہ "چم جي گول دسترخوانن يا کجيءَ جي پنن مان ٺهيل گول دسترخوانن تي کاڌو رکي کائيندا هئا." حضرت حسن بصري ﷫ فرمايو تہ ٽيبل تي کاڌو رکي کائڻ بادشاهن جو ڪم آهي ۽ رومال تي رکي کائڻ عجم جو ڪم آهي ۽ دسترخوان تي کاڌو رکي کائڻ عربن جو ڪم آهي ۽ اهو سنت آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 264) آخر ۾ شمائل جي مصنف وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ محمد بن بشار چيو تہ هتي روايت ڪندڙ يونس مان مراد يونس الاسڪاف (موچي، جُتيون ٺاهيندڙ) آهي.

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الاطعمة باب 8 الخبز المزفق والاكل علي الخوان والسفرة رقم الحديث 5386 ج 9 ص 530 {2} النسائي في كتاب الرقائق وفي كتاب الوليمة من سنن الكبري باب 9 السكرجات رقم الحديث 6634 ج 4 ص 149، 150 {3} ابن

ماجه في كتاب الاطعمه باب 20 الاكل علي الخوان والسفرة رقم الحديث 3292 ج 2 ص 1095 {4} احمد في المسند ج 3 ص 130 {5} البيهقي في سننه ج 7 ص 47.

{148} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبَّادُ بْنُ عَبَّادٍ الْمُهَلَّبِيُّ، عَنْ مُجَالِدٍ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنْ مَسْرُوقٍ قَالَ: دَخَلْتُ عَلَى عَائِشَةَ، فَدَعَتْ لِي بِطَعَامٍ وَقَالَتْ: مَا أَشْبَعُ مِنْ طَعَامٍ فَأَشَاءُ أَنْ أَبْكِيَ إِلَّا بَكَيْتُ. قَالَ: قُلْتُ لِمَ؟ قَالَتْ: أَذْكُرُ الْحَالَ الَّتِي فَارَقَ عَلَيْهَا رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الدُّنْيَا، وَاللهِ مَا شَبِعَ مِنْ خُبْزٍ وَلَحْمٍ مَرَّتَيْنِ فِي يَوْمٍ

با محاوره ترجمو: حضرت مسروق ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي آءُ سيده عائشہ صديقہ ﷺ وٽ ويس، تہ مون لاءِ ماني گهرايائين. پوءِ چيائين تہ آءُ جڏهن ماني ڍؤ ڪري کائيندي آهيان تہ ويهي روئندي آهيان. پُڇيومانس تہ ڇو روئندي آهين؟ چيائين تہ ان حال کي ياد ٿي ڪريان، جنهن تي رسول الله ﷺ دنيا کي ڇڏيو. الله ﷻ جو قسم! پاڻ سڳورن ﷺ هڪڙو ڏينهن بہ ٻہ دفعا گوشت ۽ ماني مان ڍؤ ڪري نہ کاڌو.

مفردات جو شرح: "اَشْبَعُ" ڍؤ ڪري کاوان، "اَبْكِي" بکاء کان ورتل. روئڻ، "لَحْم" گوشت.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سيده عائشہ ﷺ **جو آقاءِ نامدار ﷺ جي دور کي ياد ڪري روئڻ** جو ذڪر آهي تہ سندن کاڌي کان خالي رهڻ جي **اها ڪيفيت هئي جو دنيا کان** (ظاهري طرح) جدا ٿيڻ تائين ڏينهن ۾ ٻہ دفعا گوشت، ماني نہ کاڌو هيائون. **علامہ بيجوري ﷺ** لکيو آهي تہ کاڌي ۾ گهٽائي ڪرڻ مڪروهات مان آهي ۽ ٿورو کائڻ محمود ۽ محبوب آهي ڇوتہ ان سان نياز، نوڙت پيدا ٿين ٿا ۽ اهوئي مطلوب آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 266) **حضرت ام المؤمنين عائشہ ﷺ** جن خادم کي حڪم ڪري مسروق کي کاڌو کارايو هو. (جمع الوسائل ص 198)

هيءَ حديث هيٺين محدثن آندي آهي: {1} احمد في الزهد ص 205 {2} ابويعلي في مسنده رقم الحديث 4538 ج 8 ص 33 {3} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 401 {4} الطبري في تهذيب الآثار ج 1 ص 413 {5} ابو نعيم في الحلية ج 2 ص 46.

{149} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ قَالَ: سَمِعْتُ عَبْدَ الرَّحْمَنِ بْنَ يَزِيدَ، يُحَدِّثُ، عَنِ الْأَسْوَدِ بْنِ يَزِيدَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: مَا شَبِعَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ خُبْزِ الشَّعِيرِ يَوْمَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ حَتَّى قُبِضَ

با محاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن دنيا مان رحلت ڪرڻ تائين لاڳيتا ٻہ ڏينهن بہ جوَن جي ماني ڍؤ ڪري نہ کاڌي هئي.

مفردات جو شرح: مذڪور روايتن ۾ اچي چڪو آهي.

سمجهاڻي: هن باب جي پهرين حديث ۾ رسول الله ﷺ **جي خاندان جو معاش بيان ٿيو ۽ هتي سندن** ذات عالي صفات جي حالات مبارڪ بيان ٿيل آهي **ان جي ڪري تہ پاڻ** فرمايائون تہ "اَلْفَقْرُ فَخْرِيْ" (يعني مسڪيني تي مون کي فخر آهي) (انوارِ غوثيہ ص 212) **علامہ بيجوري ﷺ** لکيو آهي تہ اهو حال

پاڻ اختيار فرمايو هيائون.

{150} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَمْرٍو أَبُو مَعْمَرٍ، حَدَّثَنَا عَبْدُ الْوَارِثِ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ أَبِي عَرُوبَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ : مَا أَكَلَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى خِوَانٍ وَلاَ أَكَلَ خُبْزًا مُرَقَّقًا حَتّٰى مَاتَ

با محاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن دنيا مان موڪلائڻ تائين ميز تي ڪاڌو رکي نہ کاڌو ۽ نڪي سنهي ماني کاڌائون.

مفردات جو شرح: مذڪور حديثن وارو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ صراحت سان ذڪر آيل آهي تہ رسول الله ﷺ جن نہ ٽيبل يا ميز تي ڪاڌو تناول فرمايو ۽ نہ ساري زندگي مبارڪ ميدي اٽي جي ماني کاڌائون. هيءَ حديث هن باب جي نمبر 5 تي لکيل آهي، حديثن جي روايات مان هيءَ ڳالهہ تہ صراحت سان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مسڪيني جي حالت پاڻ پسند فرمائي هئي، ۽ جڏهن الله جل جلاله جي طرفان ڪنهن ملائڪ جي ذريعي سندن ذات کان مسڪيني ۽ شاهوڪاري مان ترجيح ڏيڻ جي متعلق سوال ڪيو ويندو هو. تہ پاڻ مسڪيني پسند ڪندا هئا اهڙي مضمون جون متعدد حديثون آهن پر هن ڳالهہ ۾ علماء جا ٻہ قول آهن (1) تہ سندن پسند ڪرڻ جي ڪري ملندو ئي ايترو هو جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي (2) تہ ملندو گهڻو ڪجهہ هو پر پاڻ تناول ايترو فرمائيندا هئا ۽ باقي تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا.

(خصائل نبوي ص 118)

هتي مذڪور ٻنهي حديثن ڪي جن ٻين محدثن آندو آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 143 ۽ حديث نمبر 147 ۾ بيان ڪيل آهي.

باب چويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ إِدَامِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

رسول الله ﷺ جي ٻوڙ جي باري ۾ آيل حديثون

سمجهاڻي: هن باب ۾ شمائل جي بعض نسخن ۾ "وَمَا اَكَلَ مِنَ الْاَلْوَانِ" الفاظ وڌيڪ آهن. "الادام" (همزه جي زير سان) ان کي چيو ويندو آهي جنهن سان ماني کائڻ ۾ آساني ڪئي ويندي آهي. رسول الله ﷺ جن جو فرمانِ عاليشان آهي ته "سَيِّدُ اِدَامِ اَهْلِ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ اَللَّحْمُ" "وَسَيِّدُ الشَّرَابِ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ الْمَاءُ وَسَيِّدُ الرَّيَاحِيْنَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ الْفَاغِيَةُ" دنيا ۽ آخرت جي ٻوڙن (ڀاڄين) جو سردار گوشت آهي پيئڻ وارين شين جو دنيا ۽ آخرت ۾ سردار پاڻي آهي ۽ خوشبودار شين جو سردار دنيا ۽ آخرت ۾ ميديءَ جا گل آهن." ۽ گوشت جو ٻوڙ هجڻ لغت جي اعتبار سان آهي ۽ عربي عرف جي اعتبار سان ان کي ٻوڙ نہ چيو ويندو آهي ان جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن قسم کنيو تہ ٻوڙ نہ کائيندو تہ گوشت کائڻ سان ان جو قسم نہ ڀڄندو. ۽ "الوان" مان مراد کاڌي جا قسم آهن ۽ سيدنا رسول الله ﷺ جو معمول غذا جي هڪ قسم کي عادت بنائڻ نہ هو. ڇوتہ اهو طبيعت جي لاءِ نقصان ڏيندڙ آهي پر گوشت ، ميون ، کارڪن وغيره مان جيڪو ميسر ٿيندو هو اهو کائيندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 268) علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "اَلْاُدُمُ" (همزه جي پيش سان) ان کي چئبو آهي جنهن سان ماني کاڌي وڃي پوءِ اهو پتڙي شيءِ هجي يا سڪل ۽ ادام جو جمع اُدم ۽ آدام آيو آهي ۽ بعض شارحن لکيو آهي تہ "جيڪڏهن ڪنهن قسم کنيو تہ ٻوڙ نہ کائيندو پوءِ گوشت کاڌائين تہ قسم ڀڄي پوندو."

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 199 ج 1)

{151} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ سَهْلِ بْنِ عَسْكَرٍ ، وَعَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ ، قَالَا : حَدَّثَنَا يَحْيٰى بْنُ حَسَّانَ قَالَ : حَدَّثَنَا سُلَيْمَانُ بْنُ بِلَالٍ ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ ، عَنْ أَبِيهِ ، عَنْ عَائِشَةَ ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ : نِعْمَ الْإِدَامُ الْخَلُّ. قَالَ عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ ، فِي حَدِيثِهِ : نِعْمَ الْإِدَامُ أَوِ الْأُدُمُ الْخَلُّ

با محاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ :" ٻوڙن مان سُنو ٻوڙ سُرڪو آهي."

حضرت عبدالله بن عبدالرحمان رضي الله عنه بہ پنهنجي روايت ۾ چيو تہ "سُنو ٻوڙ سرڪو آهي."

مفردات جو شرح : "اَلْاِدَامُ" جنهن سان ماني کائجي. "اَلْخَلُّ" سُرڪو.

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن جي اڳيان جڏهن سُرڪو پيش ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون :"سرڪو ڀلو ٻوڙ آهي" ۽ ان فرمان مان مراد ان وقت جي لحاظ سان سرڪي جي ڀلائي بيان ڪرڻ آهي. علامہ ابن القيم رحمه الله لکيو آهي تہ اهو فرمان سرڪي کي ٻين ٻوڙن کان ڀلو قرار ڏيڻ لاءِ نہ هو. ڇوتہ ان جو سبب اهو

هو جو جڏهن ڪين سندن اهل ماني پيش ڪئي تہ پاڻ انهن کان پڇيائون تہ ڇا ڪو ٻوڙ بہ آهي؟“ تہ انهن عرض ڪيو” اسان وٽ سُرڪو آهي“ پوءِ پاڻ سرڪي لاءِ فرمايائون تہ”اهو ڀلو ٻوڙ آهي“ تان تہ ان کي پيش ڪندڙ جي قلب ۾ ڏک پيدا نہ ٿئي ۽ ان جي دل خوش ٿئي ڇوتہ جيڪڏهن ان وقت گوشت يا ماکي يا کير حاضر هجي ها تہ اهو وڌيڪ مدح جو مستحق هجي ها ۽ حڪيم ترمذي رحمة الله عليه فرمايو تہ ”سرڪي ۾ ديني ۽ دنياوي نفعا آهن اهو گرمي جي اثر کي گهٽائي ٿو ۽ سندن فرمان تہ ”ڪو ٻوڙ آهي“ مان واضح ٿيو تہ اهو حفاظتِ صحت جي اسباب مان آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 269) محدث نووي رحمة الله عليه ۽ قاضي عياض رحمة الله عليه فرمايو تہ ” ان مان کائڻ ۾ وچٿرائي اختيار ڪرڻ ۽ نفس کي گهڻن طعامن جي لذتن حاصل ڪرڻ کان روڪڻ جي مدح ثابت آهي. علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ مذڪور ٻنهي بزرگن جو قول اعتماد جي قابل ناهي ڇوتہ اها ڳالهہ ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ جن نہ ڪنهن طعام جي گهٽي تعريف ۽ نہ ان جي تحقير ڪندا هئا. ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ کاڌي کارائڻ واري جي کائڻ جي دوران دل جو ئي ڪرڻ مستحب آهي. (جمع الوسائل ص 210) ۽ بعض شارحن لکيو آهي تہ سُرڪي ۾ دقت ۽ محنت زياده نہ هوندي بنا تڪلف جي ماني کاڌي ويندي آهي هر وقت ميسر آهي ان جو استعمال حياتيءَ لاءِ مفيد آهي. بلغم ۽ صفراء کي ختم ڪري ٿو کاڌي هضم ڪرڻ ۾ مددگار آهي. پيٽ جي ڪيڙن کي ختم ڪري ٿو. بک لڳائي ٿو سرد مزاج وارن کي مفيد آهي. هڪ حديث ۾ آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان ۾ برڪت جي لاءِ دعا فرمائي ۽ اهو بہ فرمايائون تہ ”هي اڳين نبين عليهم السلام جو بہ ٻوڙ رهيو آهي.“ ۽ هڪ حديث ۾ آيو آهي تہ :”جنهن گهر ۾ سرڪو هوندو اهو محتاج ناهي.“ (خصائل نبوي ص 119)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب الاشربة باب 30 فضيلة الخل والتادم بہ رقم الحديث 205 ج 3 ص 1621 {2} **ابن ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 3 باب الخل رقم الحديث** 3316 {3} **الدارمي في ڪتاب الاطعمة باب** 18 اي الآدام ڪان احب الي رسول الله ﷺ **رقم الحديث** 2049 ج 2 ص 138 {4} **الخطيب في تاريخہ** ج 10 ص 30

{152} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو الأَحْوَصِ ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ قَالَ : سَمِعْتُ النُّعْمَانَ بْنَ بَشِيرٍ يَقُولُ : أَلَسْتُمْ فِي طَعَامٍ وَشَرَابٍ مَا شِئْتُمْ ؟ لَقَدْ رَأَيْتُ نَبِيَّكُمْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَا يَجِدُ مِنَ الدَّقَلِ مَا يَمْلأُ بَطْنَهُ

با محاوره ترجمو: حضرت سماڪ بن حرب رضي الله عنه چوي ٿو تہ مون حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو تہ ڇا توهان پنهنجي کاڌي پيتي جون وڻندڙ شيون نہ ٿا کائو؟ بيشڪ مون (پنهنجي ۽) توهان جي نبي ﷺ جن کي ڏٺو جو پاڻ ڪريم ﷺ وٽ ايتري سُڪل کارڪ ڪانہ هئي جنهن مان پاڻ پيٽ ڀري کائن.

مفردات جو شرح : ”اَلَسْتُمْ“ ڇا اوهان ناهيو؟ انڪار ۽ توبيخ جو استفهام آهي هي تابعين سان يا حضور ڪريم ﷺ جي دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ صحابن سان خطاب آهي. ”مَا شِئْتُمْ“ اي اىُّ شيء شئتم“ جيڪي بہ اوهان گهرو. ”نَبِيُّكُمْ“ اوهان جي نبي(ﷺ) ۾ انهن ڏانهن اضافت ڪيائين حالانڪ حضور ڪريم ﷺ جن تہ سندس بہ نبي آهن سو ان جي ڪري جو انهن حضور ڪريم ﷺ جي دنيا ۽ ان جي لذت کان منهن موڙڻ ۾ اقتداء ڏي توجهہ گهٽايو هو.

سوال: مالڪ بن نويره جڏهن حضور ڪريم ﷺ جي لاءِ چيو ته "صَاحِبُكُم" (اوهان جو سائين) ته حضرت خالد بن وليد ان کي چيو ته ڇا اسان جو سائين آهي تنهنجو ناهي؟" ائين چوڻ ڪان پوءِ ان کي قتل ڪري ڇڏيائين ۽ حضرت نعمان بن بشير ﷺ جڏهن چيو ته اوهان جو نبي ته ان تي صحابن اعتراض ڇونه ڪيو؟

جواب: حضرت خالد ان کي صرف ان لفظ ٻڌڻ سان نه ان ڪان صراحت سان ڪفر جي ڪلمي ٻڌڻ جي ڪري قتل ڪيو هو. "الدقل" (دال ۽ قاف جي زبر سان) ڪجور. ڳتل جيڪا سڪي وڃڻ جي ڪري هڪ ٻئي ڪان جدا ٿي بيهندي آهي.

سمجهاڻي: حضرت نعمان بن بشير سماڪ بن حرب کي زهد. تقويٰ ۽ گهٽ ڪاڌي کائڻ جي ترغيب ڏياريندي مذڪور حالت بيان ڪئي هئي ۽ ان کي فرمايو ته "اوهان جو اهو حال آهي جو جيڪو گهرو ٿا کائو ۽ پيئو ٿا. حالانڪ اوهان کي پنهنجي مقتداء جي صبر ۽ عبادت واري زندگي اختيار ڪرڻ گهرجي."

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ابي شيبه ج 13 ص 224 {2} ابن حبان رقم الحديث 6340، 6341 {3} احمد في الزهد ص 115 {4} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 311 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 860.

{153} حَدَّثَنَا عَبْدَةُ بْنُ عَبْدِ اللهِ الْخُزَاعِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ هِشَامٍ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنْ مُحَارِبِ بْنِ دِثَارٍ، عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: نِعْمَ الإِدَامُ أَوِ الأُدُمُ الْخَلُّ

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر ﷺ ڪان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو ته :"سُنو ٻوڙ سُرڪو آهي."

مفردات جو شرح : مٿي مذڪور آهي.

سمجهاڻي: اها ٿي آهي جيڪا هن باب جي پهرين حديث ۾ آيل آهي. علامه علي القاري ﷺ لکيو آهي ته هيءَ حديث مشهور آهي ويجهي آهي ته متواتر هجي. (جمع الوسائل ج 1 ص 217)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابوداؤد في ڪتاب الاطعمة باب 40 في الخل رقم الحديث 3820 ج 3 ص 359، 360 {2} ابن ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 33 الائتدام بالخل رقم الحديث 3317 {3} احمد في المسند ج 3 ص 371 {4} الخطيب في تاريخه ج 2 ص 191.

{154} حَدَّثَنَا هَنَّادٌ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنْ أَبِي قِلَابَةَ، عَنْ زَهْدَمٍ الْجَرْمِيِّ قَالَ: كُنَّا عِنْدَ أَبِي مُوسَى الأَشْعَرِيِّ، فَأُتِيَ بِلَحْمِ دَجَاجٍ فَتَنَحَّى رَجُلٌ مِنَ الْقَوْمِ فَقَالَ: مَالَكَ؟ فَقَالَ: إِنِّي رَأَيْتُهَا تَأْكُلُ شَيْئًا فَحَلَفْتُ أَنْ لَا آكُلَهَا قَالَ: أُدْنُ فَإِنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ لَحْمَ دَجَاجٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت زهدم جرمي ﷺ ڪان روايت آهي ته اسان حضرت ابو موسيٰ اشعري ﷺ وٽ ويٺا هئاسون ته ان وٽ مانيءَ سان ڪڪڙ جو ٻوڙ آندو ويو. تنهن تي هڪ ماڻهو پوئتي هٽڻ لڳو. ابو موسيٰ اشعري ان ماڻهوءَ کي چيو ته توکي ڇا ٿيو آهي؟ ان ماڻهوءَ جواب ڏنو ته ڪڪڙ کي گندگي

کائيندي ڏٺو اٿم. ان ڪري ڪڪڙ نہ کائڻ جو قسم کنيو اٿم. پوءِ ابو موسيٰ سڳوري چيس، تہ ويجهو ٿيءُ. بيشڪ مون حبيب ڪريم ﷺ جن کي ڪڪڙ جو گوشت کائيندي ڏٺو آهي.

مفردات جو شرح: "لَحْم" گوشت "دَجاج" (دال جي زير سان بہ آهي پر فصيح زبر سان آهي) ڪڪڙ. "فَتَنَحَّی" پوءِ کسڪي پري ٿي ويو. **"نتنا"** نجاست، بدبوءِ، گندگي، پليدي، غلاظت "فَحلفت" ماضي جو صيغو آهي هن جي مصدر حلف، حِلف، حَلف ايندي آهي. "اُدن" ويجهو ٿيءُ. دُنو يا دناوة يا دناءة هن جون مصدرون آهن جنهن جي معنيٰ ويجهو ٿيڻ آهي.

سمجهاڻي: مذڪوره روايت مان ثابت ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جي صحابي حضرت ابو موسيٰ اشعري ﷺ وٽ ماڻهو گڏ ٿي ان کان محبوب ﷺ جي زندگي مبارڪ جون ڳالهيون پڇندا هئا ۽ اهڙي طرح اهل علم وٽ گڏ ٿيڻ ۽ انهن کان ديني معلومات حاصل ڪرڻ پلو ڪم آهي. ۽ حضرت ابو موسيٰ اشعري ﷺ جو ان شخص کان پڇڻ جنهن ڪڪڙ جو گوشت نہ کاڌو تہ"چونہ ٿو کائين" مان ثابت ٿيو تہ مهمان جيڪڏهن ڪا شيءِ نہ کائي تہ ميزبان کي مهمان کان پڇڻ گهرجي تہ ٿون هيءَ شيءِ چونہ ٿو کائين ۽ ان نہ کائڻ واري کي جيڪڏهن ڪا غلط فهمي آهي تہ اها دور ڪرڻ گهرجي جيئن ابو موسيٰ اشعري ﷺ ان شخص جي اعتراض تہ (ڪڪڙ گندگي کائي ٿو) کي دور ڪرڻ جي لاءِ فرمايو تہ "مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ پاڻ ڪڪڙ کائي رهيا هئا ۽ هن روايت مان اهو واضح ٿيو تہ مومن کي حضور ڪريم ﷺ جي هدايت ۽ اسوه حسنہ تي عمل ڪرڻ گهرجي جيڪا ڳالهہ محبوب ڪريم ﷺ جن کان واضح طور آيل آهي ان ۾ پنهنجي سوچ کي نہ هلائي ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ ڪڪڙ کائڻ حلال آهي ۽ ان تي اجماع آهي ۽ ڪڪڙ جو گوشت گرم، تازو، معده تي هلڪو جلد هضم ٿيڻ وارو آهي. دماغ ۽ مَني وڌائيندو آهي. آواز صاف ڪندو آهي رنگ سهڻو بنائيندو ۽ عقل کي قوت ڏيندو آهي ۽ بعض بزرگن جو قول آهي تہ ڪڪڙ هميشہ کائڻ جي ڪري پيرن جي جوڙن ۾ سوڄ پيدا ڪندو آهي.

(المواهب شرح الشمائل ص 272)

حضرت ابو موسيٰ اشعري ﷺ کي ان شخص عرض ڪيو تہ " مون قسم کنيو آهي تہ ڪڪڙ نہ کائيندس. " تہ پاڻ ان کي ويجهو ويهاري سمجهايائون. سندن سمجهاڻي جو مقصد هو تہ هي حلال آهي قسم ڀڃي کاءُ ۽ ان قسم جي ڀڃڻ جي ڪفارت ڏئي ڇڏ. " قسم جي ڪفارت ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا انهن کي وڳا پارائڻ يا ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي. جي اهو بہ نہ ڪري سگهين تہ لڳولڳ ٽي روزا رکي ڇڏ. (فضائل النبي ﷺ ص 90) ۽ ان نہ کائڻ واري ڪڪڙ کائڻ کي حرام نہ چيو ڇوتہ اهو يا صحابن مان هو يا تابعين مان ۽ اهو قطعي دليل کان سواءِ حلال کي حرام ڪيئن چوندو. خاص طور جڏهن اهو ڪڪڙ حضرت ابو موسيٰ اشعري ﷺ جي گهر ۾ رڌو ويو هو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ "لَايُؤمِنُ اَحَدُكُم حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ" اوهان مان ڪوهڪ تيستائين مومن ناهي جيستائين ان جي خواهش منهنجي آندل دين جي تابع نہ هوندي" نووي ﷺ اربعين ۾ لکيو آهي تہ "هيءَ حديث صحيح آهي ۽ ٻي حديث ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "إِذَا حَلَفْتَ عَلٰى يَمِيْنٍ فَرَاَيْتَ غَيْرَهَا خَيْرًا مِنْهَا فَائْتِ الَّذِیْ هُوَ خَيْرٌ وَ كَفِّرْ عَنْ يَمِيْنِكَ" (رواه الشيخان) جڏهن ڪنهن ڳالهہ تي قسم کڻي ۽ پوءِ ان جي غير کي ان کان پلو ڏسين تہ اهو پلو ڪم ڪر ۽ قسم جي ڪفارت ڏئي

چڏ." (جمع الوسائل ج 1 ص 200)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب فرض الخمس باب 15 رقم الحديث 3133 ج 6 ص 236، 237 {2} مسلم في كتاب الايمان باب 3 رقم الحديث 1649 حديث الكتاب 9، 10 ج 3 ص 1270 {3} احمد في المسند ج 4 ص 397، 398 {4} الدارمي في كتاب الاطعمة باب 22 رقم الحديث 2055 ج 2 ص 140 {5} البيهقي في سننہ ج 10 ص 31 {6} الحميدي في مسنده رقم الحديث 765 ج 2 ص 337، 338.

{155} حَدَّثَنَا الْفَضْلُ بْنُ سَهْلٍ الأَعْرَجُ الْبَغْدَادِيُّ قَالَ حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ مَهْدِيٍّ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ بْنِ عُمَرَ بْنِ سَفِينَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ جَدِّهِ قَالَ أَكَلْتُ مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَحْمَ حُبَارَى وفي الحديث دلالة على حل أكل الدجاج وأنه من الطيبات

با محاوره ترجمو: حضرت ابراهيم بن عمر پنهنجي پيءُ جي واسطي سان پنهنجي ڏاڏي سفينہ ﷺ کان روايت ڪئي آهي، تہ مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ تلور جو گوشت کاڌو آهي.

مفردات جو شرح: "حُبارى" تلور. هن جو واحد ۽ جمع برابر آهي هڪ مشهور پکي آهي هن جي ڳچي ڊگهي، رنگ خاڪي هوندو آهي گهڻو تيز اڏامندو آهي هن جو گوشت ڪڪڙ ۽ بدڪ جي وچ تي هوندو آهي، هنديءَ ۾ هن کي "چڪور" چوندا آهن.

سمجهاڻي: حضرت سفينہءِ سفر ۾ سامان گهڻو کنيو هو ان جي ڪري ان کي "سفينہ" ٻيڙي سڏيو ويو ۽ بعض بزرگن فرمايو تہ "حبارِيٰ" هڪ ننڍو پکي آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ "حبارِيٰ" انسان جا گناهہ ڏسي ڳرندي ڳرندي مري ويندو آهي." ۽ حديث جي بعض شارحن فرمايو تہ "حبارِيٰ داڻا چڳڻ جي لاءِ پري پري نڪري ويندو آهي." حبارِيٰ جي معنيٰ ۾ هي قول بہ آهن (1) تغدري (2) ٻٽيرو. سنڌيءَ ۾ هن کي تلور سڏيندا آهن مشهور پکي آهي جبل جي پاسي کان اچي ٿو. چيٽ جي موسم يا ٿورو اڳ سياري ۾ سرنهن جي ڦولار وقت پوکن ۾ لهندو آهي. ان جو رنگ ميرانهون، ميٽائون ٿئي ٿو. قد ۾ گهڻو ڪري ڪڪڙ جيڏو آهي. پيرن تي هلڻ ۾ تکو آهي چيڀڙ ۾ سادو آهي. بخاري شريف ۾ روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن گورخر ۽ سهي جو گوشت کاڌو آهي. (فضائل النبي ﷺ ص 90)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الاطعمة باب 29 في اكل لحم حبارِيٰ رقم الحديث 3797 ج 3 ص 354 {2} البيهقي في سننه ج 9 ص 322 {3} العقيلي في الضعفاء ج 1 ص 167، 168 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2808 ج 11 ص 251، 252 {5} المزي في تهذيب الكمال، ج 4 ص 57.

{156} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنِ الْقَاسِمِ التَّمِيمِيِّ، عَنْ زَهْدَمٍ الْجَرْمِيِّ قَالَ: كُنَّا عِنْدَ أَبِي مُوسٰى الأَشْعَرِيِّ قَالَ: فَقَدَّمَ طَعَامَهُ وَقَدَّمَ فِي طَعَامِهِ لَحْمَ دَجَاجٍ وَفِي الْقَوْمِ رَجُلٌ مِنْ بَنِي تَيْمِ اللهِ أَحْمَرُ كَأَنَّهُ مَوْلًى قَالَ: فَلَمْ يَدْنُ فَقَالَ لَهُ أَبُو مُوسٰى: أُدْنُ، فَإِنِّي قَدْ رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَكَلَ مِنْهُ، فَقَالَ: إِنِّي رَأَيْتُهُ يَأْكُلُ شَيْئًا فَقَذِرْتُهُ فَحَلَفْتُ أَنْ لَا أَطْعَمَهُ أَبَدًا.

با محاوره ترجمو: حضرت زهدم جرمي رضي الله عنه چيو تہ اسان حضرت ابو موسيٰ اشعري وٽ وينا هياسين تہ سندس کائڻ لاءِ ماني آنڌائون. ان ۾ ڪڪڙ جو گوشت بہ هو. ڪچهري وارن ۾ هڪ ماڻهو رنگ جو ڳاڙهو رومي غلامن جهڙو بني تيم الله قبيلي مان وينو هو. راوي چيو تہ اهو ماڻهو ماني ۾ ڪڪڙ جي ٻوڙ کي ويجهو بہ نہ ٿيو. پوءِ ابو موسيٰ سگوري چيس تہ ويجهو ٿي، (ڪڪڙ جو ٻوڙ کاءُ) ڇاڪاڻ تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڪڪڙ جو گوشست کائيندي ڏٺو آهي.

ان ماڻهو چيو تہ مون ڪڪڙ کي گندگي کائيندي ڏٺو آهي. ان جي ڪري مون ڪڪڙ کي ناپسند يا مڪروه سمجهي قسم کنيو آهي تہ هن کي هرگز نہ کائيندس.

مفردات جو شرح: "فَقَذِرْتُهُ" پوءِ پيش ڪيائين "فَقَذِرْتُهُ" پوءِ مان ان کان ڪراهيت ڪيان ٿو. "قَذِرْتُهُ" جو جمع قاذورات آهي. قذر يا قذرة مصدر آهي جنهن جي معنيٰ پليد هجڻ، پليد ڪرڻ، مڪروه ڄاڻڻ آهي.

سمجهاڻي: هن جي سمجهاڻي هن باب جي حديث ﷻ ۾ لکيل آهي وڌيڪ هي آهي تہ اهو شخص جنهن ڪڪڙ کائڻ کي نہ پسند ڪيو. سو تيم الله قبيلي مان هو. ان جو رنگ ڳاڙهو هو. "تيم الله" جي معنيٰ الله جو ٻانهو. (انوارِ غوثيہ ص 221) علامہ علي قاري ابن الجوزي جي ڪتاب "تلبيس ابليس" کان نقل ڪري لکيو آهي تہ "جاهل صوفي طعام گهٽ کائي، سٺي استعمال ڪندا آهن تان تہ سندن بدن سڪي پوندو آهي ۽ پنهنجي نفس کي اون جو ڪپڙو پائي عذاب ڪندا آهن ۽ ٿڌو پاڻي نہ پيئندا آهن پر اهو رسول الله ﷺ ۽ صحابن ۽ تابعين جو طريقو ناهي. انهن (پيارن) کي جيڪڏهن ڪا شيءِ نہ ملندي هئي تہ نہ کائيندا هئا پر جيڪڏهن ملندي هئي تہ کائيندا ۽ ان کي پسند ڪندا هئا ۽ ڪڪڙ کائيندا هئا ۽ ان کي پسند ڪندا هئا ۽ مٺي شيءِ کائڻ کي پسند ڪندا هئا ۽ ڪين ٿڌو پاڻي (شربت) ڪري پياريو ويندو هو ۽ يقيناً گرم پاڻي معده کي ايذائي ٿو ۽ حضرت سفيان ثوري رحمه الله جڏهن سفر تي نڪرندو هو تہ پاڻ سان گڏ پڳل گوشت ۽ فالوذج (مٺي شيءِ) کڻندو هو ۽ قرآن ڪريم مان اهو بہ ثابت آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي. "قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ" (سورة اعراف آيت 32) (فرماءِ تہ الله جي ان سينگار کي جيڪو ان پنهنجي ٻانهن لاءِ ڪڍيو آهي ۽ رزق مان پاڪ شين کي ڪنهن حرام ڪيو آهي) ٻي جاءِ تي مالڪ مٺي جو فرمان آهي: "يٰٓاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا" (سورة مومنون آيت 51) (اي پيغمبرو! پاڪ شين مان کائو ۽ صالح عمل ڪيو) ۽ رسول الله ﷺ جي دعا مبارڪ آهي تہ "اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ حُبُّكَ اَحَبَّ اِلَيَّ مِنَ الْمَاءِ الْبَارِدِ" اي منهنجا الله ! پنهنجي محبت مون لاءِ ٿڌي پاڻيءَ کان بہ وڌيڪ پياري بناءِ ۽ (الله ﷻ جي ڪامل، اڪمل ولي حضرت) ابو الحسن شاذلي رحمه الله فرمايو تہ :" ماڻهو ٿڌو پاڻي پيئڻ کان پوءِ دل جي وچان الله جو حمد ڪري ٿو اهو شڪر جو مرتبو. صبر جي حالت کان وڌيڪ آهي ڇوتہ اهو محبت پيدا ڪري ٿو ها جيڪڏهن نہ ٿو لڏو وجي تہ پوءِ ان جو مقام صبر آهي ۽ انهن ٻنهي سان رضا بالقضا جو مقام حاصل ٿئي ٿو. ۽ اهو الله جو اعظم دروازو آهي. "وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللهِ اَكْبَرُ" ۽ الله جي طرفان رضامندو وڏي شيءِ آهي. "يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ" انهن سان الله محبت رکي ٿو ۽ اهي ان سان محبت رکن ٿا. "وَرَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ" ۽ الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا. (جمع الوسائل ج 1 ص 204) علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه ان شخص کي وڌيڪ هي بہ ٻڌايو تہ اسين رسول الله ﷺ جي خدمت ۾

وفد جي صورت ۾ وياسين كائنن سواري لاءِ اُٺ پيا گهرون ۽ پاڻ ان وقت صدقي جا اُٺ ورهائي رهيا هئا ۽ ان وقت كنهن تي ناراض هئا پر مون اهو محسوس نه كيو پوءِ مون كين عرض كيو ته "يا رسول الله ﷺ ! منهنجي ساٿين مون كي اوهان جي خدمت ۾ سوارين گهرڻ جي لاءِ موكليو آهي اوهان انهن كي سواري ڏيندؤ؟ پاڻ (قسم جا لفظ استعمال كري) فرمايائون ته " الله جو قسم مان اوهان كي سواريءَ جي لاءِ كا شيءِ نه ڏيندس ۽ نه مون وٽ كا سواري آهي جو اوهان كي ڏيان" پوءِ مان ڏكويل موٽيس هڪ ان جي كري جو سواري نه ملي ٻيو ان فكر جي كري ته "حضور كريم ﷺ جن كجهه محسوس نه كيو هجي ۽ مون پنهنجي ساٿين كي اهو ٻڌايو. ٿوري دير كان پوءِ حضور كريم ﷺ جن وٽ اُٺ آيا ته پاڻ فرمايائون "هي اشعري كٿي آهي؟ ٻي روايت ۾ آهي ته حضرت بلال ﷺ سڏيو ته عبدالله بن قيس كٿي آهي؟ پوءِ مون ان كي جيءَ چيو ته ان فرمايو ته "رسول الله ﷺ جن توكي سڏين ٿا. جڏهن مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ته فرمايائون "هي ڇهه اٺ تولاءِ سعيد كان ورتا اٿم پنهنجي ساٿين ڏانهن كاهي وڃ. ۽ فرمايائون ته "بلاشڪ الله يا الله جي رسول ﷺ اوهان كي هي سواريون ڏنيون آهن انهن تي سوار ٿيو. پوءِ مون سندن حكم ادا كيو ۽ پنهنجن ساٿين كي چيم ته اوهان مان كجهه ساٿي مون سان انهن ڏانهن گڏجي هلو جن رسول الله ﷺ جو فرمان ٻڌو آهي متان اوهان گمان كيو ته مون اوهان كي صحيح ڳالهه نه ٻڌائي آهي پوءِ انهن چيو ته الله ﷻ جو قسم ته تون اسان وٽ سچو آهين پوءِ انهن مان كجهه حضرت ابو موسيٰ سان گڏجي انهن اصحابن وٽ آيا جن حضور كريم ﷺ جو فرمان مبارك ٻڌو هو. ته پهريان پاڻ انكار فرمايو هيائون پوءِ عطا فرمايائون. ابو موسيٰ فرمايو ته "اسين رسول الله ﷺ وٽ جڏهن پهريان عرض كٽي پهتا هياسين ته پاڻ قسم كٽي فرمايائون ته اسان كي سواري نه ڏيندا. ۽ هينئر سواري عطا فرمايائون. هلو ته كين قسم ياد ڏياريون پوءِ اسان موٽي كين قسم ياد ڏياريو ته فرمايائون ته "وڃو" اوهان كي الله سواري ڏني آهي. (شرح المناوي علي حاشيه جمع الوسائل ج 1 ص 204) علامه بيجوري ﷺ هي الفاظ وڌيڪ آندا آهن ته "مان كوبه قسم كٽندو آهيان ۽ پوءِ جيكڏهن ان كان ٻئي كي ڀلو ڏسندو آهيان ته جيكو ڀلو هوندو آهي اهو كندو آهيان ۽ قسم جي كفارت ڏئي ڇڏيندو آهيان." (المواهب شرح الشمائل ص 274)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذكر حديث 154 جي هيٺان لكيل آهي.

{157} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ الزُّبَيْرِيُّ، وَأَبُو نُعَيْمٍ، قَالَا: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عِيسَى، عَنْ رَجُلٍ مِنْ أَهْلِ الشَّامِ يُقَالُ: لَهُ عَطَاءٌ، عَنْ أَبِي أَسِيدٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كُلُوا الزَّيْتَ وَادَّهِنُوا بِهِ؛ فَإِنَّهُ مِنْ شَجَرَةٍ مُبَارَكَةٍ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو اسيد ﷺ كان روايت آهي. ته پاڻ كريمن ﷺ ارشاد فرمايو ته "زيتون جو تيل كائو ۽ ان كي مكيو يا مالش به كريو ڇاكاڻ ته اهو بركت واري وڻ جو تيل آهي."

مفردات جو شرح: "اَلزَّيْتَ" زيتون جو تيل. "وَادَّهِنُوابِهِ". ان سان مالش كيو. هن جي مصدر "دهن" آهي يعني تيل هڻڻ، آلو كرڻ، سٽيو كرڻ. جيكڏهن "دُهن" پيش سان هوندو ته پوءِ ان جي معنيٰ آهي مطلق تيل.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ هڪ ارشاد آهي تہ "زيتون جو تيل کائو" يعني ٻاجهيءَ طور استعمال ڪيو مانيءَ سان کائو. هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرت عبدالله بن عمر ﷛ زيتون جي تيل سان ماني کائيندو هو. ٻيو ارشاد آهي تہ "ان سان مالش ڪيو" يعني مٿي کي لڳايو ۽ جتي درد هجي اتي مالش ڪيو. "اتحافاتِ ربانيہ" جي صاحب لکيو آهي تہ گرم ملڪن ۾ ان جي مالش صحت لاءِ حفاظت جي اسباب مان آهي ۽ ٿڌن ملڪن ۾ نقصانڪار آهي، ۽ اهو امر استحبابي آهي. ٽيون ارشاد آهي تہ "اهو برڪت واري وڻ مان نڪتل آهي ۽ اهو وڻ زيتون جو آهي. شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ هن مان گهڻا فائدا ملن ٿا ان جي ڪري هن کي برڪت وارو وڻ سڏيو ويو آهي. علامہ بيجوري ﷫ لکيو آهي تہ "زيتون ۾ برڪت جي لاءِ ستر نبين عليهم السلام دعائون گهريون آهن. انهن مان حضرت ابراهيم ۽ حضور ڪريم عليهم الصلوة والسلام جن بہ آهن. پاڻ فرمايائون تہ " اَللّٰهُمَّ بَارِكْ فِي الزَّيْتِ وَ الزَّيْتُوْنِ مَرَّتَيْنِ." كذا في تفسير القرطبي. (يا الله ﷻ!! زيتون جي تيل ۽ زيتون ۾ برڪت پيدا فرماءِ) بہ ڀيرا فرمايائون ۽ ابو نعيم حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آندي آهي تہ "ان ۾ ستر مرضن کان شفا آهي جن مان هڪ جذام جي بيماري آهي." (جمع الوسائل ج 1 ص 205)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الاطعمة من سننه الكبرىٰ باب 49 الزيت رقم الحديث 6701 ج 4 ص 163 {2} احمد في المسند ج 3 ص 497 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2870 ج 11 ص 311، 312 {4} البخاري في الكنىٰ ص 6 وفي التاريخ ج 2 ص 469 {5} الحاكم في المستدرك ج 2 ص 397، 398 {6} الطبراني في الكبير رقم الحديث 596، 597 ج 19 ص 269، 270 {7} والبيهقي في الشعب رقم الحديث 5938 ج 5 ص 99، 100 {7} الدولابي في الكنىٰ ج 1 ص 15.

{158} حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْمَرٌ، عَنْ زَيْدِ بْنِ أَسْلَمَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: كُلُوا الزَّيْتَ وَادَّهِنُوا بِهِ؛ فَإِنَّهُ مِنْ شَجَرَةٍ مُبَارَكَةٍ. قَالَ أَبُو عِيسٰى: وَعَبْدُ الرَّزَّاقِ كَانَ يَضْطَرِبُ فِي هٰذَا الْحَدِيثِ فَرُبَّمَا أَسْنَدَهُ، وَرُبَّمَا أَرْسَلَهُ.

با محاوره ترجمو: حضرت عمر بن خطاب ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ: "زيتون جو تيل کائو ۽ مکيو بہ ڇوتہ اهو برڪت واري وڻ جو تيل آهي.

مفردات جو شرح: "كُلُوا" جمع جو صيغو آهي. کائو. هي امر مباح هجڻ يا مستحب هجڻ جي لاءِ آهي. "اَلزَّيْتَ" زيتون جو تيل "شَجَرَةٍ" وڻ. "مُبَارَكَةٍ" برڪت وارو.

سمجهاڻي: هي امر ان لاءِ آهي جنهن جي مزاج جي لاءِ زيتون جو تيل موافق هجي جيئن علامہ ابن القيم ﷫ لکيو آهي تہ " زيتون جو تيل گرم علائقن ۾ جيئن حجاز وغيره صحت لاءِ حفاظت جي اسباب مان آهي ۽ ٿڌن علائقن ۾ ان جو استعمال نقصان ڏيندڙ آهي ۽ ان کي مٿي تي گهڻو هڻڻ نظر جي لاءِ نقصان ڏيندڙ آهي. محدث ترمذي ﷫ فرمايو تہ "هن حديث جو راوي عبدالرزاق هن حديث ۾ مضطرب رهيو آهي ڪڏهن هن جي اسناد بيان ڪري هن کي مرفوع آڻي ٿو ۽ ڪڏهن هن کي " مرسل" روايت ڪري ٿو.

سوال: مضطرب ڇا آهي؟

جواب: مضطرب اها حديث آهي جنهن ۾ روايت ڪندڙن جو اختلاف هوندو آهي پوءِ ان ڪي هڪڙا هڪ سبب سان بيان ڪندا آهن ته ٻيا ٻئي سبب سان، جيڪو ٻئين جي خلاف هوندو آهي. ۽ اهو اضطراب ڪڏهن اسناد ۾ هوندو آهي ته ڪڏهن متن ۾ ۽ ڪڏهن ٻنهي ۾. هڪ راوي کان يا گهڻن کان. پوءِ جيڪڏهن هڪڙي روايت جي راوين جي حفظ سان يا جنهن کان روايت ڪئي وئي ان جي صحبت جي ڪثرت سان يا ڪنهن ٻي شيءِ سان ترجيح ممڪن آهي ته حڪم راجح کي ڏنو ويندو ۽ ان وقت اضطراب نه رهندو. ۽ جيڪڏهن نه ته پوءِ حديث مضطرب آهي جنهن ۾ ضعف لازم آهي. ۽ حاصل هي آهي ته اهو ٻن روايتن جو يا اڪثر جو اسناد جي متن ۾ اهڙو اختلاف آهي. جنهن ۾ جيستائين هڪ کي گهڻين واٽن سان روايت ٿيڻ جي ڪري ان جي اصح هجڻ يا مشهور هجڻ يا ان جي راوين جي مضبوط هجڻ ۽ انهن جي علم ۾ زياده هجڻ جي ڪري ترجيح نه ٿي ڏجي. ته انهن ۾ جمع ممڪن ناهي جيئن هتي آهي. بلاشڪ جنهن حديث جي اسناد بيان ڪئي وئي اها مرسل کان وڌيڪ آهي ۽ مرسل جي ٻئي پيري اسناد بيان ڪرڻ سان ان جي غير سان اسناد دائمًا موافق ٿي وئي. ۽ اهو اڳئين روايت ۾ آيل ابو اسيد آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 205، 206)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 34 الزيت رقم الحديث 3319 {2} ابنِ ابي حاتم في العلل ج 2 ص 15، 16. {3} الترمذي في ڪتاب الاطعمة باب 43 ماجاء في اڪل الزيت رقم الحديث 1851 ج 4 ص 285 {4} البيهقي في الآداب رقم الحديث 658 ص 314 وفي الشعب رقم الحديث 5939 ج 5 ص 100

{159} حَدَّثَنَا السِّنْجِيُّ وَهُوَ أَبُو دَاوُدَ سُلَيْمَانُ بْنُ مَعْبَدٍ السِّنْجِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنْ زَيْدِ بْنِ أَسْلَمَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَحْوَهُ وَلَمْ يَذْكُرْ فِيهِ عَنْ عُمَرَ.

مفردات جو شرح: ترجمو سمجهاڻي ۽ جن ٻين محدثن هيءَ روايت آندي آهي. سڀ ڪجهه حديث 158 وارو ساڳيو آهي.

{160} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، وَعَبْدُ الرَّحْمَنِ بْنُ مَهْدِيٍّ، قَالَا: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُعْجِبُهُ الدُّبَّاءُ فَأُتِيَ بِطَعَامٍ، أَوْ دُعِيَ لَهُ فَجَعَلْتُ أَتَتَبَّعُهُ فَأَضَعُهُ بَيْنَ يَدَيْهِ لِمَا أَعْلَمُ أَنَّهُ يُحِبُّهُ

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ کي ڪدو گهڻو وڻندو هو. پوءِ وٽن کاڌو آندو ويندو هو يا پاڻ سڳورن ﷺ کي دعوت ڏني ويندي هئي پوءِ آءٌ ڪدو ڳولي حضور ڪريم ﷺ جي اڳيان رکندو هيس. ڇاڪاڻ ته مون کي خبر هئي ته پاڻ ڪريم ﷺ کي ڪدو گهڻو وڻندو آهي.

مفردات جو شرح : "يُعْجِبُهُ" اعجاب کان ورتل آهي . معنيٰ خوش ٿيڻ، ڀلو لڳڻ، پسند هجڻ وغيره "اَلدُّبَّاءُ" (دال جي پيش ۽ زبر ٻنهي سان آيل آهي) ڪدو. "فَجَعَلْتُ أَتَتَبَّعُهُ" مون ان ٿانوَ مان ڪدوَ جا

تڪرا ڳولي ڳولي رکيا. "بَيْنَ يَدَيْهِ" سندن اڳيان.

سمجهاڻي: حضرت انس بن مالڪ جو فرمان تہ "رسول الله ﷺ جن کي ڪدو پسند هوندو هو." هن مان ڪدو کائڻ جي فضيلت ثابت ٿي رهي آهي. ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ رسول الله ﷺ جا صحابي سندن دل جوئي ڪندا هئا ان جي ڪري حضرت انس رضي الله عنه اهي ڪدو جا ٽڪرا ڳولي سندن اڳيان رکيا هئا. علامہ امير گيلاني لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي ان جي ڪري ڪدو پسند هو جو ان ۾ طبي فائدا بہ آهن. عقل کي وڌائي ٿو. دماغ کي معتدل رکڻ لاءِ جوهر آهي اچ لاهي ٿو. مرگهيءَ جي مرض جو علاج آهي بخار لاهي ٿو. هن حديث مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ "کاڌي ۾ گڏ ويهڻ واري جي پسند کي اهميت ڏيڻ ۽ ان کي ان جي پسند واري شيءِ ڏيڻ جائز آهي. هڪ روايت ۾ آهي تہ ياجي واري ٿانوَ جي پاسن مان ڪدو ڳولي ڳولي کائيندا هئا." حضرت امام اعظم رحمة الله عليه جي شاگرد امام ابو يوسف رحمة الله عليه جي اڳيان ڪنهن شخص چيو تہ "ڪدو شريف سيدنا رسول الله ﷺ جن کي پسند هو پر مون کي پسند ناهي." اهو ٻڌي حضرت امام ابو يوسف رحمة الله عليه فرمايو تہ هي مرتد آهي ان کي قتل ڪيو وڃي." (انوارِ غوثيہ ص 224)

ڪدوءَ کائڻ جا فائدا: علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن اهو راز بہ ملحوظ فرمايو هو جيڪو ڪدوءَ ۾ رکيل آهي. اهو ڪدو هو جيڪو الله جل جلاله حضرت يونس عليہ السلام تي ڄمائي ان کي سج جي گرميءَ کان ۽ سردي جي تڪليف کان بچايو. سندن جسم ڪدو جي ڇانوَ ۾ ائين سڪون حاصل ڪيو جيئن ننڍو ٻار ماءُ جي هنج ۾ سڪون حاصل ڪندو آهي.

(جمع الوسائل ج 1 ص 207)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الوليمة من سننه الكبريٰ باب 27 الدباء رقم الحديث 6664 ج 4 ص 157, 158 {2} احمد في المسند ج 3 ص 177 {3} ابو الشيخ ص 182 {4} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 391, 392 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2861 ج 11 305.

{161} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَفْصُ بْنُ غِيَاثٍ، عَنْ إِسْمَاعِيلَ بْنِ أَبِي خَالِدٍ، عَنْ حَكِيمِ بْنِ جَابِرٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: دَخَلْتُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَرَأَيْتُ عِنْدَهُ دُبَّاءً يُقَطَّعُ فَقُلْتُ: مَا هَذَا؟ قَالَ: نُكَثِّرُ بِهِ طَعَامَنَا. قَالَ أَبُو عِيسَى: وَجَابِرٌ هُوَ جَابِرُ بْنُ طَارِقٍ وَيُقَالُ: ابْنُ أَبِي طَارِقٍ، وَهُوَ رَجُلٌ مِنْ أَصْحَابِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلَا نَعْرِفُ لَهُ إِلَّا هَذَا الْحَدِيثَ الْوَاحِدَ، وَأَبُو خَالِدٍ اسْمُهُ: سَعْدٌ.

با محاوره ترجمو: حضرت حڪيم بن جابر رضي الله عنه پنهنجي پيءُ جابر رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو تہ آءُ نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ويس. اتي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڪدو ڏٺم. جنهن کي پاڻ سڳورا ﷺ ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيا هئا. مون عرض ڪيو تہ هي ڇا لاءِ آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ "هن سان ٻوڙ ۾ واڌارو ڪندا آهيون."

مفردات جو شرح: "عِنْدَهُ" ان وٽ "يُقَطَّعُ" ٽڪرا ٽڪرا. ڪيو ٿي ويو. "نُكَثِّرُ" گهڻو ٿا بنايون.

سمجهاڻي سيدنا رسول الله ﷺ جو صحابي حضرت جابر رضي الله عنه محبوب ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ ان وقت اتي ڪدو ٽڪرا ڪيو ٿي ويو ان اها حڪمت معلوم ڪرڻ جي لاءِ سوال

ڪيو تہ هي ڇا آهي؟ ڪيس جواب ۾ فرمايو ويو تہ "هن طريقي سان اسين طعام کي گهڻو ٿا بڻايون." سندن معمول هوندو هو تہ ڀاڄيءَ ۾ شوربو (رَهو پاڻي) گهڻو ڪرائيندا هئا تانت جيڪو مهمان اچي اهو بہ کائي ۽ پاڙي وارن کي بہ ڏنو وڃي. گهڻا وقت پاڻ ۽ سندن گهروارا ڪاڌي کان سواءِ رهي بہ ٻين کي کارائيندا هئا. ۽ جڏهن تہ جابر بن عبدالله ﷜ مشهور صحابي حديثون گهڻيون روايت ڪندڙ هو. ۽ پاڻ ۽ سندس پيءُ ٻئي جليل القدر صحابي هئا تہ محدث ترمذي ﷫ وضاحت ڪندي ٻڌايو تہ هن حديث جو راوي جابر بن طارق آهي ۽ جابر بن ابي طارق بہ چيو ويو آهي. هي هڪ مرد هو جنهن سيدنا رسول الله ﷺ جن جي صحبت جو شرف حاصل ڪيو هو ۽ اسين هن هڪ حديث کان سواءِ ان جي حديث نہ ٿا سڃاڻون ۽ علامہ مناوي هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ "هن جابر جي ٻي روايت ڪيل حديث آهي جيڪا ابن سڪن المعرفة ۾ ۽ الشيرازي "الالقاب" ۾ آندي آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 307, المواهب شرح الشمائل ص 280)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبريٰ باب 28 تڪثير الطعام رقم الحديث 6665 ج 5 ص 165 {2} ابن ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 26 الدباء رقم الحديث 3304 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 184 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث** 2862 ج 11 ص 305.

{162} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، عَنْ إِسْحَاقَ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ أَبِي طَلْحَةَ، أَنَّهُ سَمِعَ أَنَسَ بْنَ مَالِكٍ يَقُولُ: إِنَّ خَيَّاطًا دَعَا رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِطَعَامٍ صَنَعَهُ، قَالَ أَنَسٌ: فَذَهَبْتُ مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى ذَلِكَ الطَّعَامِ فَقَرَّبَ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خُبْزًا مِنْ شَعِيرٍ، وَمَرَقًا فِيهِ دُبَّاءٌ وَقَدِيدٌ، قَالَ أَنَسٌ: فَرَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَتَتَبَّعُ الدُّبَّاءَ حَوَالَيِ الْقَصْعَةِ فَلَمْ أَزَلْ أُحِبُّ الدُّبَّاءَ مِنْ يَوْمِئِذٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن ابو طلحه ﷜ چوي ٿو تہ مون حضرت انس بن مالڪ ﷜ کي چوندي ٻڌو تہ هڪ درزي رسول الله ﷺ جن کي دعوت ڏني. حضرت انس ﷜ چوي ٿو تہ آءُ بہ رسول الله ﷺ جن سان درزي جي دعوت تي گڏجي ويس. پوءِ هو پاڻ سڳورن ﷺ جي آڏو جوَن جي ماني ۽ ڀوڙ جنهن ۾ ڪدو ۽ سُڪل گوشت رڌل هو کڻي آيو. مون پاڻ سڳورن ﷺ جن کي ڏٺو تہ پيالي جي پاسن کان ڪدو کي ڳولي رهيا هئا. ان ڏينهن کان پوءِ آءُ بہ ڪدو کي گهڻو پسند ڪندو آهيان. (ان حضور ڪريم ﷺ کي دعوت ڪرائيندڙ درزيءَ جو نالو شعيب هو ۽ اهو حضور ﷺ جو آزاد ڪيل غلام هو.)

مفردات جو شرح : "خَيَّاطًا" درزي. "دَعَا" دعوت عرض ڪيائين "صَنَعَهُ" ان کي تيار ڪيائين "قرب" تقريب کان ورتل. ويجهو ڪري رکيائين. "مَرَقًا" شوربو "قَدِيدٌ" لوڻ ڏنل گوشت جيڪو سج يا ڪنهن ٻي شيءِ سان سڪايو وڃي. فعيل جي وزن تي. "يَتَتَبَّعُ" جاچي رهيا هئا.

سمجهاڻي: حضرت انس بن مالڪ ﷜ هن روايت ۾ هڪ دعوت جو ذڪر ڪيو آهي جيڪا هڪ درزيءَ ڪئي هئي. علامہ عسقلاني ﷫ فرمايو تہ "ان درزيءَ جو نالو مون کي معلوم نہ ٿيو آهي پر حضرت انس کان ثمامہ جي روايت ۾ آهي تہ اهو رسول الله ﷺ جو غلام هو ۽ ان جي لفظ ۾ آهي تہ آزاد ڪيل غلام, درزيءَ حضور ڪريم ﷺ جي دعوت ڪئي هئي. حضرت انس بہ ان دعوت ۾ دعوت ڏيندڙ

جي مخصوص طلب يا حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خادم هجڻ جي ڪري سندن پويان شريڪ ٿيو هو اتي پهچڻ کان پوءِ ڏنائين ته ان درزيءَ حبيب ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ جوَن جي ماني، ڪدو ۽ لوڻ ملايل سڪل گوشت جو شوربو پيش ڪيو مون ڏٺو ته پاڻ ان پيالي جي چئن ئي پاسن ۾ ڪدو جاچي رهيا هئا.

سوال: هڪ روايت جي مطابق حضور ڪريم ﷺ جن جي ائين ڪرڻ کان منع آيل آهي؟

جواب: اهو تڏهن جڏهن ائين ڪرڻ سان اها ٻاجي خراب ٿئي يا گڏ ڪائيندڙ ايذائجي ۽ سيدنا رسول الله ﷺ جن ۾ اها ڳالهه ڪير سوچي به نه ٿو سگهي. صحابه ڪرام ته سندن آثار سان برڪت حاصل ڪرڻ ڪي پسند ڪندا هئا. تان جو سندن زبان ۽ نڪ جو پاڻي پنهنجن منهن ڪي مهٿيندا هئا. ”جڏهن مون حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪي ائين ڪندي ڏٺو ته مون به ڪدو ڳولي سندن اڳيان رکيو ۽ مون پاڻ نه کاڌو“ ۽ هن ۾ هن ڳالهه جو دليل آهي ته ”جڏهن طعام مختلف هجي ته جائز آهي جو کائيندڙ پنهنجو هٿ ان ڏانهن ڏگهو ڪري جيڪو سندس پاسي سان ناهي جڏهن ساٿي ان ڪي خراب نه سمجهي ۽ حضرت انس ﷺ فرمايو ته ”ان ڏينهن کان مون ڪدو کائڻ سان محبت رکي. ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو ته مٿانهين شان واري ڪي ان کان گهٽ ماڻهو هنرمند وغيره جو طعام کائڻ ۽ ان جي دعوت قبول ڪرڻ، خادم ڪي گڏ کارائڻ جائز آهي ۽ هن مان نبي ڪريم ﷺ جي تواضع ۽ صحابن سان لطف ۽ انهن جي گهرن ۾ اچڻ انهن جي سنيال لهڻ به ثابت آهي ۽ هن مان طعام جي دعوت قبول ڪرڻ پلي اهو ٿورو ڇونه هجي ثابت آهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته ڪدو يا جنهن شيءِ جي نبي پاڪ ﷺ جن محبت رکن ان سان محبت رکجي ۽ درزيءَ جي ڪمائي گهٽ ناهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 208، 209) **بعض شارحن ان درزيءَ جو نالو شعيب لکيو آهي.** (انوار غوثيه ص 226) **علامه بيجوري** ﷺ **لکيو آهي ته ڪدو سان محبت رکڻ سنت آهي ڇوته ان سان سيدنا رسول الله** ﷺ **جن محبت رکندا هئا. ۽ جنهن سان مصطفيٰ** ﷺ **جن محبت رکن ان سان محبت رکڻ صريح ايمان آهي.**

(المواهب شرح الشمائل ص 281)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في كتاب البيوع باب 30 الخياط رقم الحديث 2092 ج 4 ص 318** {2} **مسلم في كتاب الاشربة باب 21 جواز اكل المرق رقم الحديث 2041 ج 3 ص 1615** {3} **ابو داؤد في كتاب الاطعمة باب 22 في اكل الدباء رقم الحديث 3782 ج 3 ص 350** {4} **مالک في الموطا في كتاب النكاح باب 21 ماجاء في الوليمة رقم الحديث 51 ج 2 546. 547.** {5} **ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 183 مختصرًا.**

{163} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ الدَّوْرَقِيُّ، وَسَلَمَةُ بْنُ شَبِيبٍ، وَمَحْمُودُ بْنُ غَيْلاَنَ، قَالُوا: حَدَّثَنَا أَبُو أُسَامَةَ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُحِبُّ الْحَلْوَاءَ وَالْعَسَلَ.

با محاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه ﷺ کان روايت آهي ته حبيب ڪريم ﷺ جن مناڻ ۽ ماکيءَ ڪي پسند ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: ”يُحِبُّ“ محبت رکي. ”اَلْحَلْوَاءَ“ حلوو. مني شيءِ ”اَلْعَسَلَ“ ماکي.

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشه ﷞ جي هن ارشاد ۾ رسول الله ﷺ جن جو حلوي ۽ ماکيءَ سان محبت ڪرڻ جو ذڪر آهي پر ان ۾ هر اها شيءِ داخل آهي جيڪا مِٺي آهي.

سوال: ڇا نبي ڪريم ﷺ جن ڪنڊ ڏٺي هئي؟

جواب: شيخ ابنِ حجر ﷫ فرمايو ته اها ڳالهه ثابت ناهي. علامه البيجوري ﷫ لکيو آهي ته اسلام ۾ سڀ کان پهريان حضرت عثمان غني ﷛ حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حلوو موڪليو هو ۽ اهو اٽو ۽ ماکي ملائي باهه تي پچائي تيار ڪيو هيائين. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اهو پسند فرمايو هو. علماء فرمايو ته "ان ۾ ڪنڊ نه هئي ۽ ان وقت مٺو حلوو وغيره ماکي يا کارڪ ملائي ناهيندا هئا. علامه بيجوري ﷫ لکيو آهي ته هن حديث مان ثابت ٿيو ته "پلن ڪاڻ سان محبت رکڻ زهد جي خلاف ناهي پر بغير قصد جي هجي. علامه بيجوري ﷫ لکيو آهي ته "جنهن حلوي سان رسول الله ﷺ جن محبت رکندا هئا اهو کارڪن ۽ کير مان ٺهندو هو جيئن ثعالبي ﷫ چيو آهي ۽ سندن ان سان محبت شهوت جي ڪثرت يا ان ڏانهن نفس جي گهڻي لاڙي جي ڪري نه هئي پر ان کي سنو سمجهڻ جي ڪري هئي ۽ ان جي ڪري جڏهن سندن خدمت ۾ اهو پيش ڪيو ويندو هو ته ان مان سنو حصو کائيندا هئا ۽ محسوس ڪيو ويندو هو ته اهو ڪين گهڻو وٽي ٿو. (المواهب شرح الشمائل ص 282) ۽ علامه علي قاري ﷫ لکيو آهي ته "هن حديث جي معنيٰ ۾ هر اها شيءِ داخل آهي جيڪا لذيذ ڪاڻ مان حلوي ۽ ماکيءَ سان مشابهه آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 209)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب الاطعمة باب 32 الحلويٰ والعسل رقم الحديث 5431 ج 9 ص 557 {2} مسلم في ڪتاب الطلاق باب 3 وجوب الڪفارة علي من حرم امرئته ولم ينو الطلاق رقم الحديث 1474 حديث الڪتاب رقم 21 ج 2 ص 1101، 1102 {3} ابو داؤد في ڪتاب الاشربة باب 11 في شراب العسل رقم الحديث 3715 ج 3 ص 335، 336 {4} النسائي في سننه الڪبريٰ ڪتاب الوليمة باب الاطعمة باب 51 العسل رقم الحديث 6704 ج 4 ص 163 {5} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 4741 ج 8 ص 186 {6} البيهقي في الآداب رقم الحديث 651 ص 311، 312.

{164} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ مُحَمَّدٍ الزَّعْفَرَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا الْحَجَّاجُ بْنُ مُحَمَّدٍ قَالَ: قَالَ ابْنُ جُرَيْجٍ: أَخْبَرَنِي مُحَمَّدُ بْنُ يُوسُفَ، أَنَّ عَطَاءَ بْنَ يَسَارٍ، أَخْبَرَهُ أَنَّ أُمَّ سَلَمَةَ، أَخْبَرَتْهُ أَنَّهَا قَرَّبَتْ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جَنْبًا مَشْوِيًّا فَأَكَلَ مِنْهُ، ثُمَّ قَامَ إِلَى الصَّلَاةِ وَمَا تَوَضَّأَ

با محاوره ترجمو: حضرت ام سلمه ﷞ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن جي اڳيان ٻڪريءَ جي ڀُڳل ران آڻي رکي. پوءِ پاڻ ان مان ڪجهه کائي، نماز لاءِ اٿيا ۽ وضو نه ڪيائون.

مفردات جو شرح: "جَنْبٌ" پاسو پاسي جو گوشت. "مَشْوِيًّا" ڀُڳل.

سمجهاڻي: حضرت ام المؤمنين ام سلمه ﷞ جي فرمان مان ثابت ٿيو ته "باهه تي پڪل يا رڌل شيءِ کائڻ سان وضو نه ٿو ٽٽي ڇو ته رسول الله ﷺ جن ڀُڳل گوشت کائي وضو نئون ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهي. علامه علي القاري لکيو آهي ته "هيءَ حديث ان حديث جي لاءِ ناسخ آهي جنهن ۾ باهه تي رڌل يا پڪل شيءِ کائڻ سان وضو نئون ڪرڻ جو حڪم هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جو آخري حڪم به اهو هو

محبوب ﷺ جا پسنديده کاڌا: محدث ترمذي رحمه الله حلوي ۽ ماکيءَ کان پوءِ هيءَ روايت ان جي ڪري آندي آهي جو ماکي، حلوو ۽ گوشت ٽئي رسول الله ﷺ جن کي گهڻو پسند هئا. اهي ٽئي غذائن ۾ پلا ۽ بدن ۽ جيري ۽ عضون جي لاءِ وڏيڪ نفعو ڏيندڙ آهن ۽ ان کان اهو نفرت ڪندو جنهن کي بيماري يا آفت هوندي ان ڳالهه جا هي شاهد آهن. (1) ابنِ ماجه وغيره ضعيف سند سان (جيڪا فضائل ۾ قبول هوندي آهي) روايت آندي آهي ته "اَللَّحْمَ سَيِّدُ الطَّعَامِ اِلاَهْلِ الدُّنْيَا وَالآخِرَةِ" گوشت دنيا ۽ آخرت وارن جي لاءِ طعامن جو سردار آهي. (2) ابو نعيم حضرت علي رضي الله عنه کان مرفوعًا روايت آندي آهي ته "دنياوارن جي طعام جو سرٌدار گوشت آهي ان کان پوءِ چانور. (3) ابو الشيخ ابي سمعان کان روايت آندي آهي ته مون پنهنجن عالمن کان ٻڌو چون پيا ته "رسول الله ﷺ جن کي وڏيڪ پسند طعام گوشت هو ۽ اهو ٻڌڻ جي طاقت وڌائي ٿو ۽ اهو دنيا ۽ آخرت جي طعامن جو سردار آهي" زهري رحمه الله فرمايو ته "ان جو کائڻ ستر قوتون وڌائي ٿو" ۽ امام شافعي رحمه الله فرمايو ته "گوشت کائڻ سان عقل وڌي ٿو" ۽ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته اهو رنگ کي صاف ڪري ٿو ۽ اخلاق کي سهڻو ٿو بڻائي ۽ جنهن چاليهه ڏينهن گوشت نه کاڌو ان جا اخلاق خراب ٿي ويندا. (جمع الوسائل ج 1 ص 210) علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته هن حديث مان باهه تي پڪل يا رڌل شيءِ جي کائڻ سان وضو نه ڀڄڻ ثابت ٿيو ۽ خلفاء راشدين ۽ چئن مجتهدن امامن جو به اهو قول آهي. ۽ جنهن حديث ۾ آيو ته باهه تي رڌل يا پڳل شيءِ کائڻ سان وضو ڀڄي ٿو پوي نئون وضو ڪرڻو آهي. اها منسوخ آهي. ابن القيم رحمه الله لکيو آهي ته گوشت کائڻ تي هميشگي نه ڪرڻ گهرجي هميشه گوشت کائڻ مرض پيدا ڪري ٿو ۽ بقراط حڪيم جو قول آهي ته "پنهنجي پيٽن کي حيوان (گوشت) جو مقبرو نه بنايو." (المواهب شرح الشمائل ص 283) بعض علماء فرمايو ته جنهن روايت ۾ آيو آهي ته "هٰذا الْوُضُوْءُ مِمَّا مَسَّتْهُ النَّارُ" هي وضو ان جي ڪري آهي جنهن کي باهه ڇُهيو. ان مان مراد آهي ته باهه تي پڪل شيءِ کائڻ کان پوءِ گرڙي ڪري ڇڏجي. (فضائل النبي ﷺ ص 93)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب المزارعة من سننه الڪبري باب 4 الشقاق بين الزوجين رقم الحديث 4690 ج 3 ص 113، 114 {2} احمد في المسند ج 6 ص 307 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2846 ج 11 ص 292 {4} ابنِ ماجه في ڪتاب الطهارة وسننها باب 166 الرخصة في ذالڪ رقم الحديث 491

{165} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ لَهِيعَةَ، عَنْ سُلَيْمَانَ بْنِ زِيَادٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الْحَارِثِ قَالَ: أَكَلْنَا مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شِوَاءً فِي الْمَسْجِدِ

با محاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن حارث رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسان رسول الله ﷺ جن سان گڏجي مسجد ۾ پڳل گوشت کاڌو.

مفردات جو شرح: "أَكَلْنَا" کاڌو اسان "شِوَاءً" پڳل گوشت.

سمجهاڻي: هن روايت مان ثابت ٿيو ته مسجد ۾ اڪيلو يا گڏجي کاڌو کائڻ جائز آهي ان شرط سان ته مسجد ان کاڌي سان ملوث نه ٿئي. ۽ جيڪڏهن نه ته پوءِ مسجد ۾ کاڌو کائڻ مڪروه يا حرام آهي يا هن مان مراد اعتڪاف جي حالت ۾ کاڌو کائڻ آهي ۽ هي به ممڪن آهي ته رسول الله ﷺ جن جواز

جي بيان لاءِ ڪاڏو هجي. ۽ ابن ماجہ جي روايت ۾ هي وڌيڪ آهي تہ "ڪاڏي ڪاٺ ڪان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن اٿي نماز پڙهي ۽ اسان بہ ساڻن گڏ نماز پڙهي ۽ اسان وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪيو صرف پٿرين سان هٿ اگهي صاف ڪيا.

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجہ في ڪتاب الاطعمة باب 29 الشواء رقم الحديث 3311 {2} احمد في المسند ج 4 ص 190, 191 {3} **ابو يعلىٰ في مسنده رقم الحديث** 1541 ج 3 ص 110, 111 {4} ابن حبان في صحيحہ رقم الحديث 1657 ج 4 ص 539, 540 {5} **الطحاوي في شرح المعاني** ج 1 ص 66 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2847 ج 11 ص 292, 293.

{166} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ : حَدَّثَنَا مِسْعَرٌ، عَنْ أَبِي صَخْرَةَ جَامِعِ بْنِ شَدَّادٍ، عَنِ الْمُغِيرَةِ بْنِ عَبْدِ اللهِ، عَنِ الْمُغِيرَةِ بْنِ شُعْبَةَ قَالَ : ضِفْتُ مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ لَيْلَةٍ فَأُتِيَ بِجَنْبٍ مَشْوِيٍّ، ثُمَّ أَخَذَ الشَّفْرَةَ فَجَعَلَ يَحُزُّ، فَحَزَّ لِي بِهَا مِنْهُ قَالَ : فَجَاءَ بِلَالٌ يُؤْذِنُهُ بِالصَّلَاةِ فَأَلْقَى الشَّفْرَةَ فَقَالَ : مَا لَهُ تَرِبَتْ يَدَاهُ؟ قَالَ : وَكَانَ شَارِبُهُ قَدْ وَفَى ، فَقَالَ لَهُ : أَقُصُّهُ لَكَ عَلَى سِوَاكٍ أَوْ قُصَّهُ عَلَى سِوَاكٍ

با محاوره ترجمو: حضرت مغيره بن شعبة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ رات آءُ رسول الله ﷺ جن سان گڏ (ضباعہ بنت زبير جي گهر) مهمان ٿيس. پوءِ اتي ڀُڳل گوشت جي ران آندي وئي. پاڻ ڪريم ﷺ ڇري کڻي ان ڀُڳل گوشت مان ڪتيائون ۽ مون لاءِ بہ گوشت ڪٽڻ لڳا. ايتري ۾ حضرت بلال رضي الله عنه اچي کين نماز جو اطلاع ڏنو. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ ڇري رکي فرمايو" هن کي ڇا ٿيو؟ سندس ٻئي هٿ مٽي هاڻا ٿين. يا مٽيءَ ۾ پرجن! (هي جملو عربن جو محاورو آهي ان مان پيار ۽ تنبيہ مراد آهي.)

راوي چوي ٿو تہ منهنجون (يا بلال) جون مڇون وڌيون هيون. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو" تنهنجي فائدي لاءِ انهن مُڇن کي ڏندڻ تي رکي ڪتري ڇڏيان يا پاڻ ڏندڻ تي انهن کي ڪتري ڇڏ."

مفردات جو شرح: "ضِفْتُ" مان مهمان ٿيس. "الشَّفْرَةَ" وڏي ڇري "يَحُزُّ" ڪاٽي رهيا هئا. حَز کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ مطلق ڪٽڻ يا گوشت ڪٽڻ آهي."شَارِبُ" مُڇون **"قُصَّ"** ڪترڻ. "وَفَىٰ" وڌيون ٿي ويون هيون.

سمجهاڻي: هن حديث جي راوي مغيرة بن شعبة رضي الله عنه **جو فرمان آهي تہ مان هڪ رات رسول الله ﷺ** جن سان گڏ مهمان ٿي ويس. اها مهماني ڪنهن وٽ هئي ان ۾ بہ قول آهن هڪ تہ اها سيدنا رسول الله ﷺ جن جي چاچي جي ڌيءَ (سوٽ) ضباعة بنت الزبير بن عبدالمطلب وٽ هئي. ٻيو قول آهي تہ اها مهماني سيدنا رسول الله ﷺ جي گهرواري ام المؤمنين ميمونہ رضي الله عنها جي گهر ۾ هئي. پوءِ سندن خدمت ۾ ڪُنل جانور جي پاسي جو گوشت ڀُڳل پيش ڪيو ويو ان مان ڇُريءَ سان ڪَٽي گڏ ويهڻ وارن کي عنايت ڪندا ويا ۽ حضرت مغيرة بن شعبہ رضي الله عنه جو قول آهي تہ مون کي بہ ان مان عنايت ڪيائون. جنهن مان مقصد حضرت مغيرة سان محبت ۽ شفقت جو اظهار هو ۽ ان جي اسلام قبول ڪرڻ کي ٿوري وقت گذرڻ جي ڪري ان جي دلجوئي ڪرڻ هو.) ۽ ٻين جي اڳيان اها ڳالهہ ثابت ڪرڻي هئي تہ جيتوڻيڪ سندن مرتبو بلند ۽ بالا هو پر ان هوندي بہ پنهنجن وڏن اصحابن ڇا بلڪ ننڍن جي لاءِ

بہ پاڻ مهربان هئا.

سوال: هن حديث ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪان ڇريءَ سان گوشت ڪٽڻ جو ثبوت ملي ٿو پر ٻي حديث مان جيڪا ابو داؤد ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت ام المؤمنين سيده عائشه ﷞ کان روايت ڪئي آهي تہ "رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "لَاتَقْطَعُوا اللَّحْمَ بِالسِّكِّيْنِ فَاِنَّهٗ مِنْ صَنِيْعِ الْاَعَاجِمِ وَانْهَشُوْهُ فَاِنَّهٗ اَهْنَأُ وَاَمْرَءُ" (يعني گوشت کي ڇريءَ سان نہ ڪٽيو ڇوتہ بلاشڪ اهو عجمين جو ڪم آهي ۽ ان کي چڪ هڻي کائو بلاشڪ اهو وڌيڪ مزيدار ۽ وڌيڪ ماٺيپي وارو آهي)

جواب: پهرين حديث ۾ ڇُريءَ سان گوشت ڪٽڻ کان منع سان ٻي روايت ڪيل حديث کي منسوخ ڪيو ويو آهي يا اهو جواز جي بيان ڪرڻ لاءِ هوتہ پهرين منع حرام ڪرڻ لاءِ ناهي پر ڪراهيت تنزيهي آهي. مراد هي آهي تہ ڇريءَ سان ڪٽڻ جي عادت نہ بڻايو جيڪڏهن گوشت صحيح رڌل آهي تہ چڪ هڻي کائو ۽ جيڪڏهن ايترو گهڻو رڌل ۽ نرم ناهي تہ ڇُريءَ سان ڪٽي کائو. حضرت مغيرة ﷜ فرمايو تہ پوءِ بلال آيو. (ان مان مراد حضرت بلال، مؤذن، آهي جنهن جي ڪنيت ابو عبدالرحمان آهي. الله جي واٽ ۾ عذاب ڪيو ويندو هو پوءِ ان کي حضرت ابو بڪر صديق ﷜ خريد ڪري آزاد ڪيو. ٻانهن مان اول ايمان ان آندو هو. بدر ۽ ان کان پوءِ وارين جنگين ۾ موجود هو. 63 سالن جي عمر ۾ سن 18 هہ ۾ پُٺيان ڪنهن اولاد ڇڏڻ کان سواءِ دمشق ۾ وفات ڪئي هيائين ۽ اتي باب الصغير واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. ۽ ان حضور ڪريم ﷺ کي نماز جي لاءِ عرض ڪيو. محبوب ڪريم ﷺ جن ڇُري اڇلائي ان کي فرمايائون تہ" هن کي ڇا آهي شال ان جا ٻئي هٿ مٽيءَ ۾ پرجن" اهو پاڻ ان جي ڪري فرمايائون جو اجان وقت ڪشادو هو. ۽ "تَرِبَتْ يَدَاهُ" مان مراد آهي تہ ان جي پلائي آهي ڪهڙو نہ منو آهي ۽ کاڌي جي موجود هجڻ دوران نماز لاءِ ڇوڙڻ مڪروهہ آهي. ڇوتہ دل جو خيال کاڌي ڏانهن هوندو جيئن هڪ حديث ۾ آهي تہ "جيڪڏهن کاڌي جي موجود هجڻ وقت نماز قائم ڪئي وڃي تہ اول کاڌو کائو." ٻي حديث ۾ آهي تہ "کاڌي جي موجودگي ۾ (کائڻ کان پهريان) نماز ناهي."

مُڇن ڪٽڻ جو حڪم: حضرت مغيره ﷜ فرمايو تہ "ان جون مڇون وڌيون ٿي ويون هيون پوءِ رسول الله ﷺ جن ان کي فرمايو تہ "مان تنهنجون مڇون ڏندڻ رکي ڪٽيان يا تون ڪٽ" اهي مڇون ڪنهنجون وڌيون ٿي ويون هيون. علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ حضرت بلال جون ۽ علي قاري ﷫ چيو تہ مغيره جون. ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ مڇون ڪترڻ سنت آهن ۽ مڇون ڪترڻ سنت آهن يا ڪوڙڻ؟ ان ۾ اختلاف آهي اڪثر جو قول آهي تہ ڪترڻ سنت آهن ۽ مڇن جون جوٽيون، ڇپن کان وڌيڪ حصا ڇڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي. حضرت عمر ﷜ جي ان ۾ اتباع آهي ۽ چپ ڍڪجن بہ ڪونہ ٿا ۽ نہ انهن سان طعام لڳي ٿو ۽ محدث زرڪشي ﷫ انهن کي بہ مڪروه چيو آهي ڇوتہ انهن ۾ مجوسين سان مشابهت ٿئي ٿي جنهن کان حديث ۾ منع آيل آهي ۽ بيهقي مرسل روايت آندي آهي تہ " نبي پاڪ ﷺ جن جمعي ڏينهن نماز لاءِ نڪرڻ کان اڳي مڇون بہ ڪٽيندا هئا تہ ننهن بہ لاهيندا هئا. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 212, 213)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الطهارة باب 75 ترك الوضوء ممامسته النار رقم الحديث 188, ج 1 ص 48 {2} النسائي في كتاب الوليمة من سننه الكبري باب

19 الجنب وقطع اللحم بالسكين رقم الحديث 6655 ج 4 ص 153 {3} احمد في المسند ج 4 ص 252، 253 {4} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 1058، 1059. ج 20 ص 435.

{167} حَدَّثَنَا وَاصِلُ بْنُ عَبْدِ الْأَعْلَى قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ فُضَيْلٍ، عَنْ أَبِي حَيَّانَ التَّيْمِيِّ، عَنْ أَبِي زُرْعَةَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: أُتِيَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِلَحْمٍ فَرُفِعَ إِلَيْهِ الذِّرَاعُ وَكَانَتْ تُعْجِبُهُ فَنَهَسَ مِنْهَا.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ چيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن کي پڪل گوشت مليو ۽ کين اڳئين ران ڏني وئي. پاڻ سڳورن ﷺ کي اهو گوشت وڻندو هو. پاڻ ان کي ڏندن سان پٽي کاڌائون.

مفردات جو شرح: "نَهَسَ" نهس کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڏندن سان پٽي کائڻ. "اَلذِّرَاعُ" اڳين ٽنگ گوڏن کان هيٺ "كَانَتْ تُعْجِبُهُ" کين گهڻو وڻندي هئي.

سمجهاڻي: هن حديث مان واضح ٿيو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پاڪ ڏندن سان گوشت پٽي کاڌو ۽ ڇُري استعمال نہ ڪيائون. علماء لکيو آهي تہ "اوليٰ هي آهي تہ گوشت ڏندن سان پٽي کائجي. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ "گوشت کي ڏندن سان پٽي کائو ان سان هضم بہ چڱي طرح ٿئي ٿو ۽ بدن سان موافق رهي ٿو." گويا ڏندن سان کائڻ جي ترغيب ڏياريائون. (انوارِ غوثيہ ص 213) **حضرت حبيب** ڪريم ﷺ کي اهو گوشت ان جي ڪري پسند هو جو جلدي رجهي ويندو آهي. ۽ ايذاءُ ڏيندڙ ناهي. نرم هوندو آهي ۽ ڏندن سان کائڻ ۾ تڪبر، تڪلف ۽ عجمين سان مشابهت کان دوري بہ آهي ۽ جن حديثن ۾ ڇريءَ سان ڪٽي کائڻ جو ذڪر آهي اهو ان جي ضرورت هجڻ وقت آهي ڏندن سان کائڻ ۾ ان جي لذت بہ محسوس ٿيندي آهي ۽ هن حديث ۾ آيل لفظ "منها" (ان مان) ۾ مِن تبعيضي مان واضح ٿيو تہ اهو سمورو نہ کاڌو هيائون. ڪجهہ حصو تناول فرمايو هيائون. (جمع الوسائل ج 1 ص 213)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الانبياء باب 3 قول الله جل جلاله "وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلَىٰ قَوْمِهِ (هود آيت 25) رقم الحديث 3340 ج 6 ص 371 بطوله {2} مسلم في كتاب الايمان باب 84 ادنيٰ اهل الجنة منزلة فيها رقم الحديث 194 ج 1 ص 184، 186، بطوله {3} النسائي في سننه الكبريٰ كتاب الوليمة باب 24 فضل لحم الذراع عليٰ غيرها رقم الحديث 6660 . 4 ص 155 بنحوه {4} احمد في المسند ج 2 ص 331 ببعضه {5} ابن ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 31674. ج 6 ص 307، 308 بطوله {6} ابوالشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 173.

{168} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ، عَنْ زُهَيْرٍ يَعْنِي ابْنَ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ سَعْدِ بْنِ عِيَاضٍ، عَنِ ابْنِ مَسْعُودٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُعْجِبُهُ الذِّرَاعُ قَالَ: وَسُمَّ فِي الذِّرَاعِ، وَكَانَ يَرَى أَنَّ الْيَهُودَ سَمُّوهُ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن کي (ٻڪري جي) ران وڻندي هئي. راوي چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي زهر بہ ان ۾ ڏنو ويو هو. اصحابن يا راوي جو گمان هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي يهودين زهر ڏنو هو.

مفردات جو شرح: "سُمَّ" زهر ڏنو ويو. "سُمُّ" زهر "كان يري" خيال ڪيو ويندو هو.

سمجهاڻي: خيبر جي فتح وقت سلام بن مشڪم يهودي جي زال زينب بنت الحارث ٻڪريءَ جي اڳئين ٽنگ جي هيٺين حصي ۾ گهڻو ۽ باقي گوشت ۾ به ٿورو زهر ملائي حضور ڪريم ﷺ کي دعوت ڏئي سندن خدمت ۾ کائڻ جي لاءِ پيش ڪيو پاڻ اهو پنهنجي وات مبارڪ ۾ وڌائون ۽ اجان نڙي مبارڪ کان هيٺ نه لٿو هو يا ٿورو لٿو هو ته اهو وات مبارڪ مان ڪڍي هيٺ اڇلايائون ۽ فرمايائون ته” هن گوشت مون کي ٻڌايو آهي ته هن ۾ زهر پيل آهي“ پر ٿورو حصو جيڪو اندر پاڪ ۾ ويو هو ان جو اثر ان مهل ته ڪونه ظاهر ٿيو پر پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ان جو اثر ظاهر ٿيندو هو ۽ آخر ۾ سندن وصال شريف وقت به ان جو اثر ظاهر ٿيو جيڪو سندن سري شهادت جو سبب بڻيو. هن حديث ۾ آهي ته گوشت خود کين عرض ڪيو ته ”مون ۾ زهر ملايل آهي“ ۽ بعض روايتن ۾ آهي ته جبريل سڳوري کين اهو عرض ڪيو هو پر انهن ٻنهي روايتن ۾ ڪو تعارض ناهي. جو اول کين معجزه طور گوشت ٻڌايو ۽ بعد ۾ جبريل ان جي تصديق طور عرض ڪيو. ان کان پوءِ محبوب ڪريم ﷺ جن پاڻ به نه کاڌو ۽ ساٿين کي منع ڪيائون. ان کان بعد ان عورت کي گهرايو ويو ۽ ان کان پڇيو ويو ته ان چيو ته واقعي مون هن ۾ زهر ملايو آهي پاڻ ان کان پڇيائون ته ”توائين ڇو ڪيو““ ان چيو ته ”مون (دل ۾) چيو ته جيڪڏهن نبي هوندو ته ان کي زهر نه ماريندو ۽ جيڪڏهن نبي نه هوندو ته اسين ان کان ڇٽي پونداسون پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن کي سگهي لڳائي وئي ۽ پاڻ ان کي معاف فرمايائون ڇو ته پاڻ ڪنهن کان پلاند نه وٺندا هئا. محدث زهري رحمه الله وغيره فرمايو ته پوءِ ان يهوديائيءَ اسلام قبول ڪيو پر ان گوشت کائڻ جي زهرَ جي ڪري حضرت بشر بن البراء شهيد ٿي ويو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان عورت کي ان جي وارثن جي حوالي ڪيو ته انهن جي مرضي آهي يا قصاص ۾ قتل ڪن يا معاف ڪن پر انهن معاف نه ڪيو ۽ ان عورت کي قتل ڪري ڇڏيائون ۽ حضرت ابنِ مسعود رضي الله عنه جو فرمان ته ”خيال ڪيو ٿي ويو ته يهودي اهو زهر ڏنو هو.“ اهو ان جو خيال هو. نه ته حقيقت اها هئي ته انهن زهر ڏنو هو ۽ اقراري هئا. جيئن ٻين حديثن مان واضح آهي ۽ ڏنو ته ان هڪ عورت هو پر يهودين ڏانهن نسبت ان جي ڪري ڪيل آهي جو ان عورت اهو ڪم انهن جي امر ۽ اتفاق سان ڪيو هو. (خصائل نبوي ص 129، 130 المواهب شرح الشمائل ص 287، 288)

هن حديث مان حاصل ٿيندڙ فائدا: علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته هن حديث مان هي فائدا حاصل ٿيا (1) ته هي حضور ڪريم ﷺ جو معجزو هو جو ٻي ساهه. رڌل گوشت ساڻن ڳالهايو (2) حضور ڪريم ﷺ جن کي اها شيءِ معلوم ٿي جيڪا شر سان تعلق رکي پئي حالانڪه اها حضور ڪريم ﷺ کان به ظاهر ۾ غائب هئي. (3) حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي اهو به علم هو ته زهر بذات ڪجهه نه ڪري سگهندو ۽ جيڪڏهن اهو ذاتي طور اثر انداز هجي ها ته ان مهل فورًا اثر ڪري ها. (4) زهر سان قتل ڪرڻ جڻ هٿيار سان قتل ڪرڻ آهي ان جي ڪري شرعي شرائط جي موجود هجڻ سان قصاص لازم آهي. (انوارِ غوثيه ص 233) علماء فرمايو ته ان زهر سان الله جل جلاله حضور ڪريم ﷺ کي نبوت سان گڏ شهادت جو مرتبو به عطا ڪيو.

سوال: الله جل جلاله حضور ڪريم ﷺ کي ”وَاللهُ يَعۡصِمُكَ مِنَ النَّاسِ“ (الله اوهان کي ماڻهن کان بچائيندو) سان بچائڻ جو وعدو ڪيو هو ته پوءِ زهر کين ڇو اثر ڪيو؟

جواب : هيءَ آيت جنگ تبوڪ واري سال ۾ لٿي هئي ۽ کين زهر ان کان اڳي خيبر جي فتح وقت ڏنو ويو هو. (المواهب شرح الشمائل ص 288)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} ابو داؤد في كتاب الاطعمة باب 21 في اكل اللحم رقم الحديث 3781 ج 3 ص 350 {2} احمد في المسند ج 1 ص 394 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 173 {4} البيهقي في الآداب رقم الحديث 646 ص 310 {5} المزي في تهذيب الكمال ج 10 ص 294 {6} البغوي في الشمائل رقم 948 ج 2 ص 617.

{169} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُسْلِمُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبَانُ بْنُ يَزِيدَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ شَهْرِ بْنِ حَوْشَبٍ، عَنْ أَبِي عُبَيْدٍ قَالَ: طَبَخْتُ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قِدْرًا وَقَدْ كَانَ يُعْجِبُهُ الذِّرَاعُ فَنَاوَلْتُهُ الذِّرَاعَ ثُمَّ قَالَ: نَاوِلْنِي الذِّرَاعَ، فَنَاوَلْتُهُ ثُمَّ قَالَ: نَاوِلْنِي الذِّرَاعَ فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللهِ، وَكَمْ لِلشَّاةِ مِنْ ذِرَاعٍ فَقَالَ: وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَوْ سَكَتَّ لَنَاوَلْتَنِي الذِّرَاعَ مَا دَعَوْتُ

با محاوره ترجمو: حضرت ابو عبيد ﷺ کان روايت آهي ته مون نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ ٻوڙ جو ديڳڙو رڌيو. پاڻ سڳورن ﷺ کي ران وڻندي هئي. ان ڪري کين اها ڏنم. پوءِ فرمايائون ته ٻي ران به ڏي. مون کين ٻي ران به ڪڍي ڏني. وري فرمايائون ته وري به ران ڏي مون عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ ! ٻڪريءَ جون گهڻيون رانون ٿينديون آهن؟ (يعني ٻه رانون ٿينديون آهن اهي اوهان کي ڏنيون اٿم) ان تي پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو:" مون کي ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن تون چُپ رهين ها ته جيستائين آءٌ توکي چوندو رهان ها، تون رانون ڏيندو رهين ها.

مفردات جو شرح: "طَبَخْتُ" طبخ کان ورتل. پچائڻ، رڌڻ، پچڻ، "قِدْرًا" ڪُنو ديڳڙي هن جو جمع قدور آهي. "فَنَاوَلْتُهُ" تناول کان ورتل، وني ڏيڻ، "المناولة" ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيڻ. هي ٻن مفعولن ڏانهن متعدي ٿيندو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾حضرت نبي ڪريم ﷺ جو معجزو بيان ٿيل آهي حضرت ابو عبيده ﷺ فرمايو ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ کي اڳئين ٽنگ (گوڏي کان هيٺ) وارو گوشت وڻندو هو ان جي ڪري مون ڪُني ۾ اهو رڌي کين هڪ اڳين ٽنگ پيش ڪئي پاڻ اها کائي ٻي گهريائون. مون پيش ڪئي ته وري پاڻ گهريائون مون کين عرض ڪيو ته "اڳيون ٽنگون ته ٻه هونديون آهن جيڪي مون پيش ڪيون پاڻ فرمايائون ته" ان ذات جو قسم جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهه آهي ته جيڪڏهن تون ماٺ ۾ رهين ها ته جيستائين مان گهرندو رهان ها تون ڏيندو رهين ها." شمائل جا شارح لکن ٿا ته " مسند امام احمد ۾ هن روايت جي معنيٰ واري روايت ابو رافع کان به آيل آهي. جنهن مان ظاهر آهي ته اهو واقعو ان کي به پيش آيو هو ۽ ان ۾ ڪوبه عجب نه آهي اهڙي قسم جا واقعا محبوب ڪريم ﷺ جي پاڪ ظاهري زندگي ۾ گهڻا ملن ٿا ۽ ڪجهه واقعا قاضي عياض رحمه الله شفا شريف ۾ بيان ڪيا آهن.

ڪاڏو وڌڻ جا واقعا: حضرت ابو ايوب انصاري ﷺ هڪ ڀيري نبي پاڪ ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي دعوت ڪئي ۽ صرف ٻن جو ڪاڏو تيار ڪيائين . محبوب ڪريم ﷺ جن ان کي

فرمايو تہ " انصارن مان تيهن ماڻهن کي وٺي آ ۽ اهو وٺي آيو ۽ انهن جي کائي فارغ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ان کي فرمايائون تہ " 60 ماڻهو بيا وٺي آ. ۽ انهن جي فارغ ٿيڻ کان پوءِ بين کي گهرايائون. الغرض تہ 180 ماڻهن کي اهو ٻن ڄڻن وارو کاڌو کافي ٿي ويو. حضرت سمره ﷺ فرمايو تہ "هڪ ڀيري حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ ڪٽان هڪ پيالي ۾ گوشت آيو ۽ صبح کان رات تائين ماڻهن جا ٽولا ايندا رهيا ۽ ان مان کائيندا رهيا. حضرت ابو هريره ﷺ وٽ هڪ ٿيلهيءَ ۾ ڏهن داڻن کان وڌيڪ ڪجھ ڪجور جون ڳڙيون هيون. نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي هٿ مبارڪ سان ان ٿيلهيءَ مان ٽوريون ڪڍي انهن کي ٿيڙي رکي انهن تي ڪجھ پڙهيو ۽ فرمايائون تہ "ڏهہ ڏهہ ڄڻا سڏي انهن کي کارائيندا رهو.اهڙي طرح اهي پوري لشڪر کي کافي ٿي ويون ۽ جيڪي بچيون اهي حضرت ابو هريره ﷺ کي واپس ڪري فرمايائون تہ هن ٿيلهيءَ مان ڪڍندو کائيندو رهنجان ان کي اونڌو ڪري خالي نہ ڪجان." اهڙي طرح اهو ان مان کائيندو رهيو. حضرت ابو هريره ﷺ فرمايو تہ "مان نبوي دور ۽ حضرت ابو بڪر حضرت عمر، حضرت عثمان رضي الله عنهم جي دور ۾ ان ٿيلهيءَ مان ڪجور ڪڍي کائيندو رهيس ۽ مختلف وقتن ۾ ان مان خيرات ۾ بہ ڏيندو رهيس. جنهن جو مقدار ڪئين مڻ ٿي ويو هوندو پر حضرت عثمان ﷺ جي شهادت جي وقت اها ٿيلهي مون کان ڪنهن ڪسي ورتي ۽ مون کان هلي وئي. حضرت انس ﷺ فرمايو تہ"حضرت رسول ڪريم ﷺ جي هڪ شاديءَ جي ڪاڌي کارائڻ ۾ منهنجي ماءَ ڪجھ ڪاڌو تيار ڪيو ۽ هڪ پيالي ۾ وجهي مون کي ڏنو ۽ فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ ڪٽي وڃ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ پهتس تہ پاڻ فرمايائون"اهو پيالو رک ۽ فلاڻي فلاڻي شخص کي وٺي آ ۽ بيو جيڪو بہ توکي ملي ان کي بہ سڏي پاڻ سان گڏ وٺي اچ. مان انهن نالي سان مقرر ڪيلن کي بہ وٺي آيس ۽ جيڪو بہ ملندو رهيو ان کي سندن خدمت ۾ موڪليندو رهيس. تان جو سڄو گهر ۽ اصحاب صُفہ جي رهڻ جي جاءِ ماڻهن سان پرجي وئي. پاڻ فرمايائون تہ "ڏهن ڏهن جو ٽولو ٺاهي ويهو ۽ هن پيالي مان کائيندا وڃو. جڏهن سيني کائي ڍؤ ڪيو تہ پاڻ فرمايائون تہ "هي پيالو کڻو" حضرت انس ﷺ فرمايو تہ "مان سمجهي نہ سگهيس تہ اهو پيالو جڏهن گهران کڻي نڪتو هيس تڏهن وڌيڪ ڀريل هو يا هاڻي." المقصد تہ اهڙي قسم جا گهڻا واقعا آهن. قاضي عياض ﷺ فرمايو تہ "اهي واقعا وڏن ، وڏن مجمعن ۾ پيش آيا آهن. اهڙا واقعا ائين هرويرو بيان نہ ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن اهي واقعا ائين صحيح نہ هجن ها تہ انهن ۾ جيڪي شريڪ هئا اهي ضرور ترديد ڪن ها خاموش نہ رهن ها. هتي شمائل جي آنڌل روايت ۾ حضرت ابو عبيد ﷺ جي هن چوڻ تہ ٻڪريءَ جون بہ اڳيون ٽنگون ئي هونديون آهن تي آئنده سلسلي جو بند ٿيڻ علامہ علي قاري ﷺ وٽ هن بناء تي هو جو معجزات.ڪرامات ۽ اهڙي قسم جي خوارق جو پيش اچڻ ڪامل فنائيت جي ڪري هوندو آهي ۽ هن جواب جي ڪري پاڻ ڪريمن ﷺ جو پورو توجھ جيڪو پهريان هو پوءِ نہ رهيو ۽ ان توجھ جي منقطع هجڻ جي ڪري اهي شيون بہ منقطع ٿي ويون. علامہ مناوي ﷺ لکيو آهي تہ هيءُ حقيقت ۾ هڪ الاهي انعام هو جيڪڏهن حضرت ابو عبيده ﷺ احتياط تام سان ارشاد جي تعميل ڪندو رهي ها تہ اهو بہ باقي رهي ها پر جڏهن ان تي اعتراض جي صورت پيش آئي جيڪا موقعي جي مناسب نہ هئي تہ اهو انعام منقطع ٿي ويو. (خصائل نبوي ص 132)

علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ ”ان ۾ حضور ڪريم ﷺ جي عظمت کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ سندن معجزه جو اظهار هو ڇوتہ معجزه جي اظهار وقت سيدنا رسول الله ﷺ جو الله جل جلاله ڏانهن توجهہ هو. ۽ اعتراض ڪرڻ جي صورت ۾ سندن توجهہ حضرت ابو عبيده رضي الله عنه جي جواب ڏانهن ٿيو تہ اهو معجزه بند ٿي ويو.

خرق عادات ڪيڏي مهل ظاهر ٿيندا آهن: غالبًا خارق عادات انبياء عليهم السلام ۽ اولياءِ ڪرام جي فنائيت ۽ غير ڏانهن متوجهہ نہ ٿيڻ جي حالت ۾ هوندو آهي ايتري قدر جو ان حالت ۾ پاڻ کي نہ سڃاڻندا آهن تہ غير ڪهڙي شيءِ آهي ۽ هيءَ ئي ان قدسي حديث جي معنيٰ آهي جنهن ۾ آيو آهي تہ ”أَوْلِيَائِي تَحْتَ قَبَائِي لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ.“ (منهنجا اولياء منهنجي قدرتي ڪڙتي جي هيٺان هوندا آهن انهن کي مون کان سواءِ ڪير نہ ٿو سڃاڻي) ۽ ان ڏانهن ان نبوي حديث ۾ اشارو آهي جنهن ۾ آيو آهي ”لِي مَعَ اللهِ وَقْتٌ لَا يَسَعُنِي فِيْهِ مَلَكٌ مُقَرَّبٌ وَلَا نَبِيٌّ مُرْسَلٌ“ (منهنجو الله سان هڪ اهڙو وقت بہ هوندو آهي جو ان ۾ مون کي ڪو مقرب ملائڪ ۽ نبي مرسل بہ ويجهو نہ ايندو آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 215) حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي پاڪ زندگي جو تہ هر لمحو معجزو آهي. اهڙن سوين معجزن جو سيرت تي لکيل ڪتابن ۾ ذڪر موجود آهي. علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ الله جل جلاله جي حبيب ﷺ جي اڳيان عقل نہ هلائجي. حضرت ابو عبيده رضي الله عنه عقل هلايو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي معجزه ڏسڻ کان محروم رهجي ويو ۽ اهو هي هو تہ ٻڪريءَ جي اڳين ٽنگ هڪ کان پوءِ ٻي ظاهر ٿيندي رهي ها ۽ حضور ڪريم ﷺ جن قسم کنيو تہ ”مون کي الله جل جلاله جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي.“ ان جو مطلب آهي تہ ”منهنجو روح الله جل جلاله جي هٿ ۾ آهي جيڪڏهن گهري تہ ان کي باقي رکي ۽ جيڪڏهن گهري تہ ان کي فنا ڪري ڇڏي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن گهڻو ڪري انهن لفظن سان قسم کڻندا هئا ۽ صحابي جلد بازي ڪري اهو عرض ڪيو ان جي ڪري ان معجزي جو ظهور بند ٿي ويو. (المواهب شرح الشمائل ص 289)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 484، 485 {2} الدارمي في المقدمة من سننه باب ما اكرم بہ النبي ﷺ في بركة طعامہ رقم الحديث 44 ج 1 ص 35 {3} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 842 ج 22 ص 335، 336 {4} البغوي في الشمائل رقم الحديث 949 ج 2 ص 618 {5} ابن حبان رقم الحديث 6484 ج 14 ص 403

{170} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ مُحَمَّدٍ الزَّعْفَرَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ عَبَّادٍ، عَنْ فُلَيْحِ بْنِ سُلَيْمَانَ قَالَ: حَدَّثَنِي رَجُلٌ، مِنْ بَنِي عَبَّادٍ يُقَالُ لَهُ: عَبْدُ الْوَهَّابِ بْنُ يَحْيَى بْنِ عَبَّادٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الزُّبَيْرِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: مَا كَانَتِ الذِّرَاعُ أَحَبَّ اللَّحْمِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلَكِنَّهُ كَانَ لَا يَجِدُ اللَّحْمَ إِلَّا غِبًّا، وَكَانَ يَعْجَلُ إِلَيْهَا لِأَنَّهَا أَعْجَلُهَا نُضْجًا

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ (سندس خيال مطابق) رسول الله ﷺ جن کي ران جو گوشت ڪونہ وڻندو هو پر گوشت دير سان هٿ ايندو هو ان ڪري ان گوشت لاءِ تڪڙ ڪندا هئا ڇاڪاڻ تہ اهو جلدي پچندو يا ٻرندو آهي.

مفردات جو شرح: "أَحَبَّ" گهڻو پسند "وَلَكِنَّهُ" ۽ پر پاڻ. "غِبًّا" دير، دير سان، ڪڏهن ڪڏهن "نُضجًا" پچڻ، رڌجڻ جي لحاظ سان.

سمجهاڻي: يعني ڪڏهن ڪڏهن گوشت خدمت ۾ حاضر ڪيو ويندو هو ۽ پاڻ اهو پسند ڪري تناول فرمائيندا هئا ۽ اڳئين ٽَنگ جو گوشت جڏهن ته جلد رجهي ويندو آهي ۽ نرم هوندو هو ان جي ڪري ان کي پسند فرمائيندا هئا ته ڪائڻ کان جلد فارغ ٿي بين اهم امور ۽ ڪمن کي سرانجام فرمائن. علامه بيجوري ﷫ لکيو آهي ته احاديث به هن ڳالهه تي دلالت ڪن ٿيون ته حضور ڪريم ﷺ جن جي اڳئين ٽنگ جي گوشت سان محبت طبعي هئي ۽ ان ۾ ڪا قباحت يا منع نه آهي ڇوته اها خلقت جي ڪمال مان آهي ڪمال جي خلاف ناهي. ڪمال جي خلاف اها ڳالهه آهي جنهن ۾ اهو نفس جي خواهش طور ڪيو وڃي ۽ نه ملڻ جي ڪري پريشاني ٿئي. ۽ اهو به ڪڏهن ڪڏهن حاضر ڪيو ويندو هو. ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷞ کان صحيحين ۾ روايت آهي ته. اسان تي سڄو سڄو مهينو گذري ويندو هو ته گهر ۾ باهه نه ٻاريندا هئاسون." غذا ۾ صرف کارکون ۽ پاڻي هوندو هو ۽ دير سان پيش ڪرڻ جي ڪري جڏهن حاضر ڪيو ويندو هو ته پاڻ انهن ڏانهن جلد متوجهه ٿيندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 290) ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي ڪنڌ جو گوشت به پسند هوندو هو. جيئن ضباعة بنت الزبير ﷞ کان روايت آهي ته ان ٻڪري ڪهرائي ته رسول الله ﷺ جن ان ڏانهن ماڻهو موڪليو ته اسان کي پنهنجي ٻڪري مان (گوشت) کاراءِ. ان عرض ڪري موڪليو ته "اسان وٽ ان مان صرف ڪنڌ جو گوشت بچيو آهي ۽ مون کي حياءُ ٿو اچي ته اهو اوهان ڏانهن موڪليان." پاڻ ان ماڻهوءَ کي فرمايائون ته "ان ڏانهن موٽي وڃ ۽ ان کي چئو ته اهو موڪل. بلاشڪ اهو ٻڪريءَ جو پلو گوشت آهي ۽ اهو گوشت پلائي ڏانهن ويجهو آهي ۽ گندگي کان پري آهي." اهو ٻڪريءَ جي اڳئين ٽنگ جي گوڏي کان هيٺانهين گوشت وانگر آهي ۽ اهو معدي تي هلڪو ۽ هضم ٿيڻ ۾ تيز آهي. ان جي ڪري مناسب آهي ته غذا ۾ اها شيءِ استعمال ڪجي جيڪا گهڻو نفعو ڏي ۽ قوت ڏيڻ ۾ جلد اثرائتي هجي ۽ معدي تي بار نه ڪري ۽ ان ۾ جلد (آندي ڏي) لهي وڃي. ۽ جلد هضم ٿئي. ۽ ضعيف سند سان حديث ۾ آيو آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جن خصين جي گوشت کي ڪراهيت سمجهندا هئا. ڇوته اهي پيشاب جي جاءِ آهن اهو ابن السني "الطب" ۾ حضرت ابنِ عباس ﷠ جي روايت سان آندو آهي ۽ طبراني الاوسط ۾ حضرت ابنِ عباس ﷠ کان ۽ بيهقي مجاهد کان مرسلًا ۽ بيهقي ۽ ابنِ عدي مجاهد کان ان حضرت ابنِ عباس ﷠ کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ٻڪري (نر يا مادي) مان ستن شين کي مڪروهه سمجهندا هئا. (1) ٻتو (2) مثانو (3) ماديءَ جي مخصوص اوگهڙ (4) نر جي مخصوص اوگهڙ (5) خصيا (6) غدود (7) سير وارو رت. ۽ ٻڪريءَ مان ڪين وڌيڪ پسند اڳئين جسم وارو گوشت هوندو هو ۽ خطيب ام المؤمنين سيده عائشه ﷞ کان روايت آندي آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ ڳوهه جي گوشت کي مڪروهه سمجهندا هئا."

(جمع الوسائل ج ا ص 217)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ترمذي جامع ترمذي جي ڪتاب الاطعمه ۾ باب 34 باب ماجاء اي اللحم کان احب الي رسول الله ﷺ رقم 1838 ج 4 ص 277 {2} البغوي في الشمائل رقم

الحديث 937 ج 2 ص 617.

{171} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ قَالَ: حَدَّثَنَا مِسْعَرٌ قَالَ: سَمِعْتُ شَيْخًا، مِنْ فَهْمٍ قَالَ: سَمِعْتُ عَبْدَ اللهِ بْنَ جَعْفَرٍ يَقُولُ: سَمِعْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ: إِنَّ أَطْيَبَ اللَّحْمِ لَحْمُ الظَّهْرِ

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن جعفر ﷺ کان روايت آهي تہ مون **رسول الله ﷺ** جن کي چوندي ٻڌو تہ "بيشڪ پُٺي يا ڪنڌي جو گوشت سنو هوندو آهي."

مفردات جو شرح: "أَطْيَبَ" وڌيڪ لذيذ. "اَللَّحْمِ" گوشت "اَلظَّهْرِ" پُٺي.

سمجهاڻي: پٺي جو گوشت هضم ٿيندو آهي. نقصان ڏيندڙ ناهي ۽ ان سان پيٽ ۾ ڳرائي پيدا نہ ٿيندي آهي ۽ هڏي واري هجڻ جي ڪري نمڪين بہ هوندو آهي. پاڻ سڳورا ﷺ ڪڏهن ڪڏهن اهو کائيندا هئا ۽ ان ۾ پٺيءَ کي قوت ڏيڻ جو اثر بہ هوندو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪشف جي ذريعي ڪين اها ڄاڻ ملي هجي. (جمع الوسائل ج 1 ص 217)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الوليمة من سننه الكبرىٰ الاطعمة باب (21) لحم الظهر رقم الحديث 6657 ج 4 ص 154 {2} **ابن ماجه في كتاب الاطعمة باب28** اطايب اللحم رقم الحديث 3308 {3} احمد في المسند ج 1 ص 203 {4} **الحاكم في المستدرڪ** ج 4 ص 111 الحميدي في مسنده رقم الحديث 539 ج 1 ص 247 {5} **ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ** ص 172 {6} **البغوي في شرح السنة** رقم الحديث 2853 ج 11 ص 299.

{172} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا زَيْدُ بْنُ الْحُبَابِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الْمُؤَمَّلِ، عَنِ ابْنِ أَبِي مُلَيْكَةَ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ نِعْمَ الْإِدَامُ الْخَلُّ.

با محاوره ترجمو: حضرت عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ **ارشاد فرمايو تہ:** "سرڪو سُٺو ٻوڙ آهي."

مفردات جو شرح: اڳ ۾ لکجي آيو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث جي تشريح هن باب جي پهرين حديث جي ضمن ۾ ڏسو.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 4445، ج 7 ص 423 {2} ابن ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 24615 ج 5 ص 148 {3} **ابن عدي في الڪامل** ج 4 ص 137.

{173} حَدَّثَنَا أَبُو كُرَيْبٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو بَكْرِ بْنُ عَيَّاشٍ، عَنْ ثَابِتٍ أَبِي حَمْزَةَ الثُّمَالِيِّ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنْ أُمِّ هَانِئٍ، قَالَتْ: دَخَلَ عَلَيَّ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ: أَعِنْدَكِ شَيْءٌ؟ فَقُلْتُ: لَا إِلَّا خُبْزٌ يَابِسٌ وَخَلٌّ، فَقَالَ: هَاتِي، مَا أَقْفَرَ بَيْتٌ مِنْ أُدْمٍ فِيهِ خَلٌّ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ام هاني ﷺ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن مون وٽ آيا ۽ فرمايائون تہ کائڻ لاءِ تو وٽ ڪا شيءِ آهي؟ عرض ڪيم تہ سڪل ماني ۽ سرڪي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ: "ڪٽي اچ. جنهن گهر ۾ سرڪو آهي اهو گهر ٻوڙ کان خالي ناهي."

مفردات جو شرح : "دَخَلَ عَلَيَّ" مون وٽ تشريف فرما ٿيا. مطلب تہ منهنجي گهر ۾ آيا. "أَعِنْدَكِ شَيْءٌ" همزه استفهام ڇا تو وٽ (کائڻ جي) کا شيءِ آهي. "خبز" ماني. "يابس"سڪل. "هَاتِي" اسم فعل ڏي تون. حاضر ڪر تون. "مَا أَقْفَرَ" خالي نہ آهي. "أُدْمٍ" ٻاجي، ٻوڙ. "خَلٌّ" سرڪو.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ جتي بي تڪلف ماٺهو هجي اتي سوال ڪرڻ ۾ ڪو عيب ناهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن امت کي ڪيتري سادي زندگي جو نمونو ڏنو آهي جو کاڌي پيتي ۾ جيڪو ميسر هجي ان تي اڪتفا ڪئي وڃي. حقيقت ۾ مومن جي زندگي اسلام جي تبليغ، جهاد، الله جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ ۽ الله جل جلاله جي ياد ۾ گذارڻ جي لاءِ آهي صرف کائڻ ۽ پيئڻ لاءِ نہ آهي. ۽ بيهقي حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "رسول الله ﷺ جن فتح مڪہ واري ڏينهن (حضرت بيبي) ام هاني رضي الله عنها وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ کين کاڌي جي اشتها هئي پوءِ ام هاني رضي الله عنها کي فرمايائون تہ "تو وٽ طعام آهي تہ مان کاوان؟ " ان عرض ڪيو تہ مون وٽ ماني جا سڪل ٽڪر آهن ۽ مون کي حياء ٿو اچي تہ اهي اوهان جي اڳيان پيش ڪيان پاڻ ان کي فرمايائون تہ "اهي کڻي آ" پوءِ اهي پيچي پاڻي ۾ وڌائون (تان تہ نرم ٿين) ۽ ام هاني رضي الله عنها لوڻ کڻي آئي تہ پاڻ ان کان پڇيائون تہ ڪو ٻوڙ (يعني ٻاجي) موجود ناهي؟ ان عرض ڪيو تہ "مون وٽ صرف سرڪو آهي" فرمايائون تہ "اهو کڻي آ" جڏهن اهو کڻي آئي تہ ان کي مانيءَ تي وجهي ان مان کاڌائون، ان کان بعد الله جل جلاله جو حمد، ثنا ڪري فرمايائون تہ "اي ام هاني سرڪو ڀلو ٻوڙ آهي جنهن گهر ۾ سرڪو آهي اهو ٻوڙ کان خالي نہ آهي." ۽ ام سعد کان ابن ماجہ روايت آندي آهي تہ " مان عائشہ وٽ ويٺي هيس تہ اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن تشريف فرما ٿيا ۽ ان کي فرمايائون تہ"ڇا صبح جو طعام آهي؟ تہ ان عرض ڪيو اسان وٽ ماني، کارڪون ۽ سُرڪو آهي. پوءِ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "سرڪو ڀلو ٻوڙ آهي يا الله! سرڪي ۾ برڪت وجهہ اهو مون کان اڳين نبين عليهم السلام جو ٻوڙ هو. ۽ اهو گهر ٻوڙ کان خالي نہ آهي جنهن ۾ سُرڪو آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 293)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البغوي في شرح السنه رقم الحديث 2869 ج 11 ص 310 {2} ابو نعيم في الحلية ج 8 ص 312، 313.

{174} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ : حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ : حَدَّثَنَا شُعْبَةُ ، عَنْ عَمْرِو بْنِ مُرَّةَ ، عَنْ مُرَّةَ الْهَمْدَانِيِّ ، عَنْ أَبِي مُوسَى الْأَشْعَرِيِّ ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ : فَضْلُ عَائِشَةَ عَلَى النِّسَاءِ كَفَضْلِ الثَّرِيدِ عَلَى سَائِرِ الطَّعَامِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه پاڻ ڪريم ﷺ کان روايت ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو: عائشہ جي فضيلت (پنهنجي وقت جي) عورتن تي ائين آهي جيئن سڀني کاڌن تي ثريد (چُوري يا ڪُٽي) جي آهي. (گوشت جو شوربو رَهو ۽ ماني گڏ ڪُٽي کائڻ کي ثريد چئبو آهي)

مفردات جو شرح : "فَضْلُ" ڀلائي "النِّسَاءِ" عورتون "الثَّرِيدِ" ٻوڙ جي رس ۾ ماني ڀوري کاڌو تيار ڪيو ويندو آهي يعني ڪُٽي. "ثرد" ان جي مصدر آهي.

سمجهاڻي: ثريد جي متعلق علماء لکيو آهي تہ "اهو شوربو يا رس آهي جنهن ۾ ماني ڀوري وڌي

ويندي آهي ۽ ڪاڏو تيار ڪيو ويجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ گوشت به هوندو آهي ۽ "النساء" عورتن مان هتي مراد حضور ڪريم ﷺ جون ازواج مطهرات آهن. بعض علماء جو اهو قول آهي ۽ بعض علماء جو قول آهي ته عورتن مان مُراد سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جون همعصر عورتون آهن. ڇوته ام المؤمنين سيده خديجه عائشه صديقه کان پلي آهي ۽ علامه ابنِ حجر رحمه الله فرمايو آهي ته سيده فاطمه زهراء رضي الله عنها سيده خديجه رضي الله عنها ۽ عائشه رضي الله عنها کان به پلي آهي ڇوته حضور ڪريم ﷺ جن سندس حق ۾ فرمايو آهي ته "فاطمه منهنجي (جسم) جو ٽڪرو آهي" پوءِ سندن جسم پاڪ جي ٽڪري سان ڪير به برابر ناهي. (انوارِ غوثيه ص 238) علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته سلف ۽ خلف مان عالمن جي جماعت جو قول آهي ته رسول الله ﷺ جي (پاڪ جسم) ٽڪري سان ڪوبه برابر ناهي ۽ ان مان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ٻئي اولاد جو شان به ظاهر ٿي رهيو آهي.

ثريد جون پلايون: {1} ابو داؤد جي روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کي طعام مان ثريد گهڻو پسند هوندو هو. {2} الطبراني ۽ البيهقي حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "ٽن ۾ برڪت آهي (1) جماعت ۾ (2) ثريد ۾ (3) سحري کائڻ ۾. ۽ بعض طبيبن فرمايو ته "هر ٻوڙ جي رس کان هر طعام جو ثريد پلو آهي. گوشت ۾ ثريد ان جي رس کان پلو آهيءِ جنهن ۾ گوشت ناهي ان جو به ثريد ان جي رس کان پلو آهي ۽ ثريد مان لذت حاصل ڪرڻ ۽ آسانيءَ سان کائڻ وغيره آهي. ۽ ان ۾ لذت ۽ قوت خالص گوشت کان به وڌيڪ آهي ۽ طبيبن فرمايو ته ثريد پوڙهي کي جوانيءَ ڏانهن ورائي ٿو. ۽ هن حديث ۾ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي فضيلتن جو بيان آهي. {1} هڪ ته اها افضل الانبياء (عليهم السلام) جي گهرواري آهي {2} پيو ته کين گهڻي پياري هئي. {3} وڌيڪ علم واري نسب جي وڌيڪ چاڻندڙ هئي. {4} سيرت ۽ صورت ۾ احسن هئي. {5} سندس ڳالهائڻ ۾ حلاوت هئي. {6} لهجي ۾ فصاحت {7} طبيعت ۾ سخاوت {8} راءِ ڏيڻ ۾ مضبوط {9} عقل ۾ بلند {10} پنهنجي مڙس سان محبت رکڻ ۾ اعليٰ. وڏي ڳالهه اها آهي ته ان حضور ڪريم ﷺ کان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو ۽ حديثون به گهڻيون روايت ڪيون اٿس. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 219) علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته سلف ۽ خلف مان علماء جي جماعت فرمايو آهي ته رسول الله ﷺ جي (پاڪ جسم) جي ٽڪري سان ڪنهن کي برابر نه ڪيو ويندو ۽ بعض فرمايو ته هن مان اهو به ثابت ٿيو ته حضور ڪريم ﷺ جو باقي اولاد به سيده فاطمه رضي الله عنها وانگر آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 294) ام المؤمنين سيده عائشه رضي الله عنها کي اڍائي هزار حديثون ياد هيون. (فضائل النبي ﷺ ص 98)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البخاري في ڪتاب احاديث الانبياء باب 32 رقم الحديث 2411 ج 6 ص 446 {2} مسلم في ڪتاب فضائل الصحابه باب 12 فضائل خديجه ام المؤمنين رضي الله عنها رقم الحديث 2431 ج 4 ص 1886، 1887. {3} ابنِ ماجه في ڪتاب الاطعمه باب 14 فضل الثريد علي الطعام رقم الحديث 3280.

{175} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ مَعْمَرٍ الْأَنْصَارِيُّ أَبُو طُوَالَةَ ، أَنَّهُ سَمِعَ أَنَسَ بْنَ مَالِكٍ يَقُولُ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَضْلُ عَائِشَةَ عَلَى

النِّسَاءِ كَفَضْلِ الثَّرِيدِ عَلَى سَائِرِ الطَّعَامِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :"عائشہ کي ٻين عورتن تي اهڙي فضيلت آهي جهڙي طرح ثريد کي ٻين طعامن تي فضيلت آهي."

مفردات جو شرح: هن کان اڳين حديث وارو آهي.

سمجهاڻي: تخريج هن کان اڳين حديث واري ساڳي آهي.

{176} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْعَزِيزِ بْنُ مُحَمَّدٍ، عَنْ سُهَيْلِ بْنِ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، أَنَّهُ رَأَى رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ تَوَضَّأَ مِنْ أَكْلِ ثَوْرِ أَقِطٍ، ثُمَّ رَآهُ أَكَلَ مِنْ كَتِفِ شَاةٍ، ثُمَّ صَلَّى وَلَمْ يَتَوَضَّأْ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي پنير جو ٽڪرو کائي وضو ڪندي ڏٺو ۽ ان کان پوءِ ٻي دفعي ڏٺو تہ ٻڪري جي پڪل ران کائي پوءِ نماز پڙهيائون ۽ وضو ڪون ڪيائون.

مفردات جو شرح: "ثَوْرِ" ٽڪرو. هن جو جمع "اثور" "ثيار" "ثيرة" ايندو آهي. "أَقِط" پنير. ڇميل کير جيڪو ڄمي، سڪي سخت ٿي ويندو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن پنير جي ٽڪري کائڻ کان پوءِ وضو فرمايو ۽ ٻڪري جي اڳئين ٽنگ جو گوشت کائي وضو نہ ڪيائون." بعض علماء فرمايو تہ پنير جي ٽڪري کائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ مان مُراد گرڙيون ڪرڻ ۽ ٻئي هٿ ڌوئڻ آهي ۽ اهڙي طرح کاڌي کائڻ کان پهريان هٿ ڌوئڻ مُستحب آهن جيڪڏهن هٿ صاف آهن تہ انهن جي نہ ڌوئڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر جيڪڏهن مسلمانن جي جماعت گڏجي کاڌو کائي تہ هٿن جي صاف هجڻ جي باوجود هٿ ڌوئڻ سنت مؤڪده آهي. تان تہ ٻين تي ٻرو نہ گذري ۽ "ٻڪري جي گوشت کائڻ کان پوءِ وضو نہ ڪرڻ واري حصي مان معلوم ٿيو تہ ٻيو پيرو وضو نہ ڪيائون. جمهور صحابہ ۽ جمهور محدثن جو مذهب هي آهي تہ کاڌي کائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ واجب ناهي حضرت جابر ؓ کان آيل روايت ۾ هيءَ ڳالهہ ثابت آهي تہ "سيدنا رسول الله ﷺ جن جو آخري عمل ان تي هو تہ "باهہ تي رڌل يا پڪل شيءِ کائڻ جي ڪري وضو نہ ڪندا هئا ان جي ڪري علماء ڪرام وضو ڪرڻ واري حديث کي منسوخ قرار ڏنو آهي. هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اهو حڪم تڏهن منسوخ چئبو جڏهن وضو مان مراد شرعي وضو ورتو ويندو. پر جيڪڏهن گرڙيون ڪرڻ ۽ هٿ ڌوئڻ مراد هوندو تہ پوءِ منسوخ نہ چيو ويندو. (انوار غوثيه ص 239، جمع الوسائل ج 1 ص 221)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 42 ج 1 ص 27 {2} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 1151 ج 3 ص 428، 429 {3} البيهقي في سننه ج 1 ص 156 {4} البزار برقم 297، ڪشف الاستار ج 1 ص 153 {5} ابنِ ماجه في ڪتاب الطهارة و سننها باب 66 الرخصة في ذالڪ رقم الحديث 493 {6} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2411 ص 317.

{177} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنْ وَائِلِ بْنِ دَاوُدَ، عَنِ ابْنِهِ وَهُوَ بَكْرُ بْنُ وَائِلٍ، عَنِ

الزُّهْرِيِّ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: أَوْلَمَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى صَفِيَّةَ بِتَمْرٍ وَسَوِيقٍ.

مفردات جو شرح: "أَوْلَمَ" ولم مان ورتل ان جي اصل معنيٰ آهي اجتماع. وليمہ ڪرڻ ۽ وليمہ جي اصطلاحي معنيٰ آهي اهو طعام جيڪو ناڪح جي لاءِ يا نڪاح کان بعد ڪارائڻ جي لاءِ ٺاهيو وڃي. ۽ ان جي عادتًا ان ڏانهن نسبت ڪئي ويندي آهي. ۽ ان کي عقيقہ جي طعام تي بہ ڳالهايو ويندو آهي. "صفية" بنت حيي (تصغير آهي) حُيي بن اخطب يهودي هو. ان جي نياڻي هئي. هي حضرت موسيٰ جي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام جي نسل مان هو. سيده صفيہ اول سلام بن ابي الحقيق (تصغير سان) خيبر جي اهم شخص جي گهرواري هئي. خيبر جي فتح وقت قيدياڻي ٿي آئي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ان کي پنهنجي لاءِ منتخب فرمايو ۽ ان کي سفر ۾ وٺيو آيا جڏهن مقام صهباء وٽ پهتا تہ ان سان شادي ڪري شاديءَ ۾ موجود صحابن رضي الله عنهم کي ڪاڏو ڪارايائون. اها سن 7 هـ محرم جي مهيني ۾ ڪيس قيدياڻي ٿي ملي هئي. حضور ڪريم ﷺ جن ان کي آزاد ڪري پوءِ ان سان شادي ڪئي هئي. هڪ ڀيري حضور ڪريم ﷺ جن ڪيس فرمايو تہ "جَدُّكِ نَبِيٌّ وَعَمُّكِ نَبِيٌّ وَ زَوْجُكِ نَبِيٌّ" تنهنجو ڏاڏو (حضرت هارون) نبي آهي ۽ تنهنجو چاچو (حضرت موسيٰ) نبي آهي ۽ تنهنجو مڙس (حضور ڪريم ﷺ) نبي آهي." ۽ صحيحين ۾ آهي تہ "حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان جي وليمي ۾ "حيس" ڪارائڻ جو انتظام ڪيو هو. حيس ڪارڪون، پنير ۽ گيهہ ملائي ٺاهيو ويندو آهي. ۽ ڪڏهن پنير جي عيوض ان ۾ اٽو ملايو ويندو آهي. سيده صفيا رضي الله عنها خواب ۾ ڏٺو هو تہ چنڊ سندس جهوليءَ ۾ لهي آيو آهي.

شادي جي وليمي ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم: قاضي عياض رحمه الله فرمايو تہ: علماء جو اتفاق آهي تہ شادي جي وليمي جي دعوت قبول ڪرڻ واجب آهي ۽ ٻي دعوت قبول ڪرڻ جي حڪم ۾ اختلاف آهي امام مالڪ رحمه الله ۽ جمهور علماء جو قول آهي تہ ان جو قبول ڪرڻ واجب ناهي ۽ اهل الظاهر جو قول آهي تہ شادي وغيره جي هر دعوت قبول ڪرڻ واجب آهي ۽ بعض سلف جو بہ اهو قول آهي پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن آهي جڏهن اتي ڪو شرعي يا عرفي مانع نہ هجي ۽ علامہ ابنِ حجر رحمه الله فرمايو تہ وليمو سنت موڪده آهي ۽ افضل آهي تہ مڙس ۽ زال جي پاڻ ۾ صحبت ڪرڻ کان پوءِ ڪيو وڃي چوتہ ان ۾ حضور ڪريم ﷺ جي اقتداء آهي ۽ وليمو شادي جي گهٽي مدت گذرڻ کان پوءِ بہ ڪري سگهجي ٿو جيئن عقيقہ ٻار جي بالغ ٿيڻ تائين پيءُ کي ڪرڻ گهرجي ۽ بالغ ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن پيءُ وفات ڪري ويو آهي تہ پاڻ پنهنجو عقيقو ڪري نبي ڪريم ﷺ جن جهڙو سيده زينب جي شادي ڪرڻ کان پوءِ وليمو ڪيو اهڙو ڪنهن ٻي سائڻ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ نہ ڪيو هو ۽ وليمو پنهنجي حيثيت آهر ڪرڻو آهي جيڪڏهن گوشت نہ ٿي سگهي تہ عام ڪاڌي سان بہ ڪري سگهجي ٿو. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن ڪجور ۽ سَتُن سان وليمو ڪرڻ فرمايو هو. هڪ سائڻ جو شادي کان پوءِ حيس سان وليمو ڪيائين تہ ٻئي جو ٻن مُدن (ان وقت ماپ جو ذريعو) سان ڪيائون. ۽ اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ وليمي جي دعوت امير، غريب هر قسم جي ماڻهو کي ڏيڻ ضروري آهي ائين نہ ٿئي جو سرمائيدارن، حڪمرانن، مالدارن، مرتبي وارن کي تہ دعوت ڏجي ۽ غريب، مفلس، مفلوڪ الحال ۽ نادار متعلقن کي وساري ڇڏجي. سيد المرسلين ﷺ جو فرمانِ عاليشان آهي" شَرُّ الطَّعَامِ طَعَامُ الْوَلِيْمَةِ يُدْعٰى لَهُ الاَغْنِيَاءُ وَيُتْرَكُ لَهُ الْفُقَرَاءُ." طعامن ۾ بُرو طعام اهو شاديءَ جو طعام آهي جنهن ۾ شاهوڪارن کي

دعوت ڏني وجي ۽ غريبن کي ڇڏيو وڃي.) حضور ڪريم ﷺ جن حضرت ام المؤمنين صفيه ﷞ سان شادي ڪان پوءِ ڪارڪن ۾ سٽُن مان تيار ڪيل ڪاڏو. چمڙي جي دسترخوان تي رکرائي حضرت انس صحابي ﷜ کي فرمايو هو تہ "پنهنجي چؤطرف موجود ماڻهن کي سڏي وٺ." بعض شارحن لکيو آهي تہ سيده صفيه ﷞ جي پهرين شادي سلام بن مشڪم سان ٿي هئي. ان ڪان پوءِ ڪناية بن الربيع بن ابي الحقيق سان ٿي هئي جيڪو خيبر جي جنگ ۾ ڪفر جي حال ۾ قتل ڪيو ويو هو ۽ حضرت صفيه ﷞ کي ٻنهي مان اولاد نہ ٿيو هو جڏهن قيد ٿي لشڪر وٽ پهتي تہ حضرت دحية ڪلبي جي حوالي ٿي پر ان حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ "هيءَ پنهنجي قوم جي سردار جي ڌيءَ آهي اها اوهان جي لائق ۽ مناسب آهي پوءِ پاڻ حضرت دحية ڪلبي ﷜ کي ان جي عيوض ست ٻانهيون ڏني اها ورتائون ۽ ڪيس آزاد ڪري ان جو مهر قرار ڏئي ان سان شادي ڪري ان جو وليمو ڪيائون ۽ سيده صفيه ﷞ ان ڪان اڳ ۾ خواب ڏٺو هو تہ سندس هنج ۾ چنڊ لهي آيو آهي. اهو خواب جڏهن پنهنجي پيءُ کي ٻڌايائين تہ ان ڪيس زور سان چماٽ هڻي چيو تہ تون پنهنجي ڳچي ڊگهي ڪري اها اميد ٿي رکين تہ عرب جي بادشاه سان شادي ڪنديءَ ۽ اهو چماٽ جو نشان امان سائڻ جي منهن مبارڪ تي حضور ڪريم ﷺ جن وٽ اچڻ تائين قائم هو. حضرت انس ﷜ کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن سيده صفيه ﷞ کي شاديءَ کان پوءِ پنهنجي چادر سان ڍڪي هليا ۽ اُٺ جي پر ۾ ويهي سيده صفيه کي فرمايائون تہ "منهنجي گوڏن مبارڪن تي پير رکي اُٺ تي سوار ٿي ۽ ان ائين ڪيو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 221. انوارِ غوثيہ ص 240. المواهب ص 296)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **ابو داؤد في ڪتاب الاطعمة** باب 2 في استحباب الوليمة عند النڪاح رقم الحديث 3744 ج 3 ص 341 {2} **النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبريٰ** باب 3 الوليمة من السفر رقم الحديث 6601 ج 4 ص 138 {3} **احمد في المسند** ج 3 ص 110 {4} **ابن ماجہ في ڪتاب النڪاح** باب 24 الوليمة رقم الحديث 2013 {5} **الحميدي في مسنده** رقم الحديث 1184 ج 2 ص 500 {6} **البيهقي في سننه** ج 7 ص 260.

{178} حَدَّثَنَا الْحُسَيْنُ بْنُ مُحَمَّدٍ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا الْفُضَيْلُ بْنُ سُلَيْمَانَ قَالَ: حَدَّثَنِي فَائِدٌ، مَوْلَى عُبَيْدِ اللهِ بْنِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي رَافِعٍ مَوْلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: حَدَّثَنِي عُبَيْدُ اللهِ بْنُ عَلِيٍّ، عَنْ جَدَّتِهِ سَلْمَى، أَنَّ الْحَسَنَ بْنَ عَلِيٍّ، وَابْنَ عَبَّاسٍ، وَابْنَ جَعْفَرٍ أَتَوْهَا فَقَالُوا لَهَا: اِصْنَعِي لَنَا طَعَامًا مِمَّا كَانَ يُعْجِبُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَيُحْسِنُ أَكْلَهُ. فَقَالَتْ: يَا بُنَيَّ لَا تَشْتَهِيهِ الْيَوْمَ قَالَ: بَلَى اِصْنَعِيهِ لَنَا. قَالَ: فَقَامَتْ فَأَخَذَتْ مِنْ شَعِيرٍ فَطَحَنَتْهُ، ثُمَّ جَعَلَتْهُ فِي قِدْرٍ، وَصَبَّتْ عَلَيْهِ شَيْئًا مِنْ زَيْتٍ وَدَقَّتِ الْفُلْفُلَ وَالتَّوَابِلَ فَقَرَّبَتْهُ إِلَيْهِمْ، فَقَالَتْ: هَذَا مِمَّا كَانَ يُعْجِبُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَيُحْسِنُ أَكْلَهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبيدالله بن علي ﷜ پنهنجي ڏاڏيءَ حضرت سلميٰ ﷞ کان روايت ڪري ٿو تہ امام حسن بن علي ﷣ ۽ عبدالله بن عباس ﷣ ۽ عبدالله بن جعفر ﷣ ان (حضرت بيبي سلميٰ) وٽ آيا ۽ چيائونس تہ اسان لاءِ اهو ڪاڌو ناهہ يا تيار ڪر. جيڪو رسول الله ﷺ کي وڻندو هو ۽ شوق سان کائيندا هئا.

پوءِ حضرت سلميٰ سڳوريءَ چيو تہ ”اي منهنجا پٽڙا! اهو اوهان اڄ هن زماني ۾ نہ کائيندؤ.“ چيائون تہ چونہ کائينداسون؟ اسان لاءِ ضرور تيار ڪر. پوءِ هوءَ اٿي ۽ ڪجهہ جوَ ڪٽي انهن کي پيٺائين پوءِ انهن کي ڪٽي ديڳڙي ۾ وجهي، مٿانئس زيتون جو تيل وڌائين ۽ ڪارا مرچ ۽ ٻيا ويگر ڪُٽي سَٽي ان ۾ وجهي رڌي ڪٽي اڳيان رکيائين ۽ پوءِ چوڻ لڳي تہ ”هي اهو ڪاڌو آهي جيڪو نبي پاڪ ﷺ جن کي ڏاڍو وڻندو هو.“

(حضرت بيبي سلميٰ رضي الله عنها حضرت ابو رافع اصحابي رضي الله عنه جي زال هئي ۽ رسول الله جي خدمتگار بورچياڻي هئي.)

مفردات جو شرح : ”اِصْنَعِي“ تيار ڪر. ”طحن“ ڳوهڻ. ”صبت“ مٿان پلٽايائين ”دَقَّتِ“ ڪٽيائين ”اَلْفُلْفُلَ“ ڪارا مرچ. ”التَّوَابِلَ“ گرم مصالحو جيڪو ان دور ۾ هند مان آندو ويندو هو.

سمجهاڻي: حضرت امام حسن ۽ هڪ قول جي مطابق حضرت حسين حضرت عبدالله بن عباس حضرت عبدالله بن جعفر رضوان الله عليهم اجمعين بيبي سلميٰ رضي الله عنها وٽ تشريف فرما ٿيا (چوتہ هيءَ اها سائڻ هئي جنهن کي سيدنا رسول الله ﷺ جي خادمہ ۽ بورچياڻي هجڻ جو شرف حاصل هو. ان مناسبت سان هنن ٻارڙن ان کان ڪيترو پيارو سوال ڪيو جنهن جي هڪ هڪ لفظ مان نبي ڪريم ﷺ جو عشق ۽ سندن محبت نمايان نظر اچي رهي آهي. سندن ارشاد اهو هو تہ اهو ڪاڌو تيار ڪري کارائي جيڪو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي کارايو هيائين ۽ اهو کين وڻندڙ ۽ پسند هو. ان کين چيو تہ اي منهنجا پُٽڙا! اهو هاڻي اوهان جي خواهش جي مطابق نہ رهندو. چوتہ هينئر قسمين قسمين نئين انداز سان ٺهيل کاڌا عام آهن. انهن مٿس زور ڏنو تہ تون اسان کي ضرور اهو ڪاڌو تيار ڪري ڏي پوءِ ان پلاريءَ ٿورن جوَن جو اٽو ڪٽي هنديءَ ۾ وجهي ان تي زيتون جو تيل ۽ ڪارا مرچ ۽ ٻيا ويگر وجهي تيار ڪري لاٿو ۽ تنهي ٻارڙن جي اڳيان رکي فرمايائين تہ هي آهي اهو ڪاڌو جيڪو حضور ڪريم ﷺ جي لاءِ تيار ڪيو ويندو هو ۽ پاڻ سهڻي نموني کائيندا هئا. علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ هن مان ثابت ٿيو تہ جيستائين ممڪن ۽ آسان هجي سنو ڪاڌو کائجي ۽ اهو زهد جي خلاف ناهي.

(المواهب شرح الشمائل ص 298)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} البغوي في الشمائل رقم الحديث 963 ج 2 ص 625 {2} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 759 ج 24 ص 299 {3} مجمع الزوائد ج 10 ص 325.

{179} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ قَالَ : حَدَّثَنَا سُفْيَانُ ، عَنِ الْأَسْوَدِ بْنِ قَيْسٍ ، عَنْ نُبَيْحٍ الْعَنَزِيِّ ، عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ : أَتَانَا النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي مَنْزِلِنَا فَذَبَحْنَا لَهُ شَاةً ، فَقَالَ : كَأَنَّهُمْ عَلِمُوا أَنَّا نُحِبُّ اللَّحْمَ وَفِي الْحَدِيثِ قِصَّةٌ

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه چيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن اسان جي گهر آيا اسان سندن لاءِ ٻڪري ڪُٺي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ”جڻ هنن سمجهيو تہ آءُ گوشت کي پسند ڪندو آهيان.“ انهيءَ حديث ۾ ڊگهو قصو آهي.

مفردات جو شرح : ”أَتَانَا“ اسان وٽ آيا، تشريف فرما ٿيا. ”مَنْزِلِنَا“ اسان جي گهر ۾ ”فَذَبَحْنَا“ پوءِ اسان

ڪني. "كَأَنَّهُمْ" گويا انهن. وفي الحديث قصة" ۽ حديث ۾ هڪ قصو آهي.
سمجهاڻي: محدث ترمذي شمائل جي مؤلف فرمايو تہ "هن حديث ۾ هڪ قصو آهي ۽ اهو هن طرح آهي.
حضرت جابر ﷛ جي دعوت ۽ معجزي جو اظهار: حضرت جابر بن عبدالله ﷛ فرمايو تہ "خندق واري غزوه ۾ جڏهن مون پاڻ ڪريمن ﷺ تي بُک جا آثار ڏٺا تہ پنهنجي گهر اچي پنهنجي گهرواريءَ سان مشورو ڪيم تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي بُک جي تڪليف محسوس ڪئي اٿم ڇا گهر ۾ ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ آهي؟ ان عرض ڪيو تہ "ٻوتري ۾ ڪجهہ جوَ آهن" پوءِ حضرت جابر ﷛ هڪ ڇيلو ذبح ڪيو ۽ گهرواريءَ کي اٽي پيهڻ جي لاءِ چيائين. ان ڪان پوءِ پاڻ وڃي پاڻ سڳورن ﷺ جن کي آهستي عرض ڪيائين تہ ڪجهہ طعام تيار ڪرايو اٿم ان جي اوهان کي دعوت آهي ۽ بہ چار ماڻهو پاڻ سان گڏ پلي وٺي هلو. حضور ڪريم ﷺ جن اهو ٻڌي خندق وارن سيني ماڻهن کي جيڪي هزار کن هئا اعلان ڪرائي فرمايو تہ "اج سيني کي جابر جي دعوت آهي سيئي هلڻ جي لاءِ تيار رهو." ۽ حضرت جابر ﷛ کي فرمايائون تہ جيستائين مان اچان تيستائين ديڳڙو چلهہ تان نہ لاهجو ۽ ماني بہ نہ پچائجو." جڏهن پاڻ حضرت جابر ﷛ جي گهر تشريف فرما ٿيا تہ پهريان ديڳڙي تي ان ڪان پوءِ اٽي تي ڪجهہ پڙهي دم ڪيائون ۽ فرمايائون تہ هاڻي ماڻهن کي کارائيندا وڃو." الله ﷻ جي ڪرم ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي برڪت سان ان ديڳڙي مان ٻوڙ نڪرندو رهيو ۽ اٽي مان مانيون پچنديون رهيون. اهي هڪ هزار کن ماڻهو ڪائي ڍؤ ڪري اٿيا پر اهو ٻوڙ اوتري جو اوترو ۽ اٽو بہ ساڳيو رهيو. (فضائل النبي ﷺ ص 100) ۽ بعض شارحن لکيو آهي تہ "رسول الله ﷺ جن ان ٻوڙ ۽ ڳوهيل اٽي ۾ پنهنجو لعاب دهن وِڌو. ۽ حضرت جابر ﷛ جي گهرواريءَ کي فرمايو هيائون تہ اهو ٻوڙ وارو ديڳڙو چلهہ تان نہ لاهجو." (انوارِ غوثيه ص 243) علامہ بيجوري ﷫ لکيو آهي تہ "حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمان تہ " كَأَنَّهُمْ عَلِمُوا أَنَّا نُحِبُّ اللَّحْمَ" گويا انهن ڄاتو هو تہ اسين گوشت سان محبت رکون ٿا" ۾ انهن جي دل جوئي ڪرڻ ۽ سندن روح کي راحت پهچائڻ جو ارادو هو ڇيلي جي گوشت سان گهڻي محبت رکڻ جي اظهار ۽ ان ۾ افراط جو ارادو نہ هو ۽ هن حديث مان اهو ثابت ٿي رهيو آهي تہ مهماني ڪندڙ کي جيڪڏهن علم آهي تہ مهمان کي هي کاڌو پسند آهي تہ مهمان کي حتي الامڪان اهو کاڌو کارائي ۽ مهمان کي بہ ٻڌائڻ گهرجي تہ مون کي هي پسند آهي جيستائين مهماني ڪندڙ کي تڪليف نہ اچي. علامہ موصوف لکيو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان ٻوڙ ۽ اٽي ۾ لعاب دهن ملائي برڪت وڌي هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 299) علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ "هي واقعو حضور ڪريم ﷺ جي معجزن مان آهي. ۽ پاڻ حضرت جابر ﷛ جي گهرواريءَ کي فرمايائون تہ "ڪنهن ٻئي پچائڻ واريءَ کي ماني پچائڻ تي ويهار." (جمع الوسائل ج 1 ص 223)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} الامام احمد في مسنده ج 35ص 398 واللفظ له و مختصرًا 31, 303 {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 364 الصلواة علي غير النبي ﷺ رقم الحديث 1533 ج 2ص 88, 89 {3} النسائي في عمل اليوم والليلة رقم الحديث 423ص 319

{180} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ مُحَمَّدِ بْنِ عَقِيلٍ، أَنَّهُ سمِعَ جَابِرًا، قَالَ

سُفْيَانُ: وَحَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُنْكَدِرِ، عَنْ جَابِرٍ قَالَ: خَرَجَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنَا مَعَهُ فَدَخَلَ عَلَى امْرَأَةٍ مِنَ الأَنْصَارِ، فَذَبَحَتْ لَهُ شَاةً فَأَكَلَ مِنْهَا، وَأَتَتْهُ بِقِنَاعٍ مِنْ رُطَبٍ، فَأَكَلَ مِنْهُ، ثُمَّ تَوَضَّأَ لِلظُّهْرِ وَصَلَّى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، ثُمَّ انْصَرَفَ، فَأَتَتْهُ بِعُلَالَةٍ مِنْ عُلَالَةِ الشَّاةِ، فَأَكَلَ ثُمَّ صَلَّى الْعَصْرَ وَلَمْ يَتَوَضَّأْ

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٻاهر نڪتا آءُ بہ ساڻن گڏجي هليس پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ هڪ انصاري عورت جي گهر آيا تہ ان عورت حضور ڪريم ﷺ جن لاءِ ٻڪري ڪُٺي. پاڻ سڳورن ﷺ انهن مان ڪجهہ کاڌو. پوءِ اها عورت کارڪن جي ڇلي کڻي آئي. پاڻ ان مان بہ کاڌائون پوءِ ٻيپهري نماز لاءِ وضو ڪيائون. پاڻ سڳورا ﷺ اڳئين نماز پڙهي موٽيا. تہ اها عورت بچيل گوشت کڻي آئي. پاڻ ان مان ڪجهہ کاڌائون ۽ ٽيپهري يا (وچين) نماز پڙهيائون ۽ ان نماز لاءِ وري ٻيهر وُضو ڪونہ ڪيائون.

مفردات جو شرح: "وَأَنَا مَعَهُ" ۽ مان ساڻن گڏ هوس. "فَذَبَحَتْ" پوءِ ڪُٺائين. "بِقِنَاعٍ" ڇڳو. "عُلَالَةٍ" بچيل گوشت.

سمجهاڻي: هن حديث مان ثابت ٿيو تہ باهہ تي رَڌل يا پَڪل شيءِ کائڻ سان وضو نہ ٽو ڇجي ڇوتہ حضور ڪريم ﷺ جن اهو گوشت ٻيو ڀيرو کائي وضو نہ ڪيو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ هڪ ڏينهن ۾ بہ ٻيرا کائڻ بہ جائز آهي ۽ جن روايتن مان بہ ٻيرا کائڻ جي ممانعت ملي ٿي ان مان مراد گهڻو ڍؤ ڪري کائڻ آهي. ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله ﷻ جي ڪنهن پلي ٻانهي جي لاءِ ٻڪري وغيره ڪُهڻ منع ناهي.

(انوارِ غوثيہ ص 244)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 307 {2} ابن ماجه في كتاب الطهارة و سننها باب 66 الرخصة في ذالک رقم الحديث 489 {3} البيهقي في سننه ج 1 ص 154 البغوي في الشمائل رقم الحديث 945 ج 2 ص 616 {4} الحاكم في المستدرک ج 3 ص 136 {5} الطحاوي في شرح المعاني ج 1 ص 65 {6} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 649 ج 1 ص 167 {7} ابنِ ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 521 ج 1 ص 51.

{181} حَدَّثَنَا الْعَبَّاسُ بْنُ مُحَمَّدٍ الدُّورِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا يُونُسُ بْنُ مُحَمَّدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا فُلَيْحُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ عُثْمَانَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، عَنْ يَعْقُوبَ بْنِ أَبِي يَعْقُوبَ، عَنْ أُمِّ الْمُنْذِرِ، قَالَتْ: دَخَلَ عَلَيَّ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَعَهُ عَلِيٌّ، وَلَنَا دَوَالٍ مُعَلَّقَةٌ، قَالَتْ: فَجَعَلَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ وَعَلِيٌّ مَعَهُ يَأْكُلُ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِعَلِيٍّ: مَهْ يَا عَلِيُّ، فَإِنَّكَ نَاقِهٌ، قَالَتْ: فَجَلَسَ عَلِيٌّ وَالنَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ، قَالَتْ: فَجَعَلْتُ لَهُمْ سِلْقًا وَشَعِيرًا، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِعَلِيٍّ: مِنْ هٰذَا فَأَصِبْ فَإِنَّ هٰذَا أَوْفَقُ لَكَ

با محاوره ترجمو: حضرت ام منذر ﷺ کان روايت آهي چيائين تہ رسول الله ﷺ جن مون وٽ آيا ۽ حضرت علي ﷺ بہ ساڻن گڏ هو. اسان وٽ ڪجيءَ جا ڪجهہ گوشا يا ڇُڳا هيٺ لڙڪيل هئا. پاڻ سڳورا ﷺ ان مان ڪجي کائڻ لڳا تہ حضرت علي ﷺ بہ کائڻ لڳو. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت علي کي فرمايو تہ اي علي! تون اجان هيڻون آهين يا بيماريءَ مان نئون اٿيو آهين يعني تون نہ کاءُ. پوءِ حضرت علي ﷺ بس ڪري ويهي رهيو.

پاڻ سڳورا ﷺ کارڪون کائيندا رهيا. بيبي ام منذر ؓ چيو تہ پوءِ مون چقندر ۽ جوَ ملائي رڀ ناهي، پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت علي ؓ کي فرمايو تہ"هن مان کاءُ جو تنهنجي طبيعت موافق آهي " يعني هلڪو کاڌو آهي.

مفردات جو شرح: "دَوَالٍ" کارڪن جو ڇڳو. هي جمع آهي هن جو واحد داليہ آهي هن کي "العذق" بہ چوندا آهن. "معلقہ " لٽڪايل، هن جي مصدر تعليق آهي، ان جي معنيٰ لٽڪائڻ، هڪ امر کي ٻئي امر سان وابستہ رکڻ، هڪ ڪم کي ڪرڻ کان سواءِ رهائي ڇڏڻ. "مه" ڇڏي ڏي "نَاقِهٌ" اجان ڪمزور آهين. "نَقِہٌ" بيماري کان تندرست ٿيڻ ڪمزوريءَ ۾ مبتلا رهڻ. "سلقا" چقندر "اَصبُ " کاءُ.

سمجهاڻي: جڏهن تہ حضرت علي ؓ بيماريءَ مان اٿيو هو ۽ ان ۾ اجان ڪمزوري هئي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن ان کي کجور کائڻ کان روڪيو. علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ (هن حديث جي لفظ " فجلس "(پوءِ ويهي رهيو) مان واضح ٿيو تہ پاڻ بيٺي کائي رهيا هئا.) ويهي کائڻ جائز آهي پر ويهي کائڻ افضل آهي. ام المنذر جي متعلق هڪ قول آهي تہ اها " العدوية" هئي. بني نجار قبيلي مان هئي ۽ چيو ويو تہ اها حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ماسين مان هئي. ان ٻلاري فرمايو تہ لٽڪيل کجور کان پوءِ مون حضور ڪريم ﷺ ۽ سندن ساٿين جي لاءِ چقندر ۽ جوَ ناهيا تہ پوءِ پاڻ (حضرت) علي ؓ کي فرمايائون تہ هن مان کاءُ اهو تنهنجي طبيعت جي موافق آهي. علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "جوَن جي ماني، رَبُ وغيره ڪمزور ماڻهو جي لاءِ وڏيڪ نفعي واري آهي. ۽ هڪ حديث ۾ آهي تہ "الله جل جلاله جيڪا بہ بيماري لاٿي ان جي شفا بہ لاٿائين پوءِ دوا ڪيو." ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ "جڏهن بيماري پيدا ڪيائين تہ ان جي دوا بہ پيدا ڪيائين پوءِ دواڪيو." ٽين صحيح روايت ۾ آيو آهي تہ " اي الله جا ٻانها دوا ڪندا ڪيو بيشڪ الله جل جلاله جڏهن بيماري پيدا ڪئي تہ دوا بہ پيدا ڪيائين مگر پوڙهائپ جي دوا ناهي." ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ "مگر موت" ان جي دوا ناهي ۽ هنن روايتن مان اها ڳالهہ بہ واضح ٿي تہ دوا ڪرڻ الله جل جلاله تي توڪل ڪرڻ جي خلاف ناهي جيئن بُک جي ڪري کاڌو کائڻ توڪل جي خلاف ناهي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو طبيعت کي نقصان ڏيندڙ شين جي استعمال کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 226) حارث بن ڪلده. عرب جي طبيب جو قول آهي تہ " پرهيز ڪرڻ دوا جو اصل آهي ۽ معده بيماريءَ جو گهر آهي ۽ هر جسم کي عادت ڪيل (طبيعت جي موافق) کاڌو کارايو. (المواهب شرح الشمائل ص 303)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الطب باب 2في الحمية رقم الحديث 3856 ج 4 ص 3. {2} ابنِ ماجه في ڪتاب الطب باب 3 ماجاء في الحمية رقم الحديث 3442 {3} احمد في المسند ج 6 ص 363. 364.

{182} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ السَّرِيِّ ، عَنْ سُفْيَانَ ، عَنْ طَلْحَةَ بْنِ يَحْيٰى ، عَنْ عَائِشَةَ بِنْتِ طَلْحَةَ ، عَنْ عَائِشَةَ ، أُمِّ الْمُؤْمِنِينَ قَالَتْ : كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْتِينِي فَيَقُولُ : أَعِنْدَكِ غَدَاءٌ ؟ فَأَقُولُ : لَا. قَالَتْ : فَيَقُولُ : إِنِّي صَائِمٌ. قَالَتْ : فَأَتَانِي يَوْمًا ، فَقُلْتُ : يَا رَسُولَ اللهِ ، إِنَّهُ أُهْدِيَتْ لَنَا هَدِيَّةٌ قَالَ : وَمَا هِيَ ؟ قُلْتُ : حَيْسٌ قَالَ : أَمَا إِنِّي أَصْبَحْتُ صَائِمًا قَالَتْ : ثُمَّ أَكَلَ

بامحاوره ترجمو: ام المؤمنين حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن مون وٽ ايندا هئا ۽ پڇندا هئا ته "تو وٽ نيرن جو ڪجهه کاڌو آهي؟" آءٌ عرض ڪندي هيس ته نه. پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا ته "مون (نفلي) روزي رکڻ جي نيت ڪئي آهي."

پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ هڪ ڏينهن مون وٽ آيا. مون عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ اسان کي ڪٿان سوکڙي ملي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو ته کارڪن جو حلوو. پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو ته "آءٌ صبح کان (نفلي) روزي سان آهيان." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حلوو کاڌو.

مفردات جو شرح: "غداء" صبح جو کاڌو. "هو الطعام الذي يوکل اول النهار . اقول لا" مان عرض ڪندي هيس ته نه (مگر اهو ڪڏهن ڪڏهن) صائم" روزو رکندڙ "اُهديت" هديه طور ڏنو ويو. "حيس" کارکون، گيهه ۽ پنير گڏي ناهيل کاڌو.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو ته سج جي لڙڻ کان پهريان روزي جي نيت ڪرڻ جائز آهي. ۽ اهو ئي حنفين جو مذهب آهي جيڪڏهن ڪو نفلي روزو رکي ته امام شافعي رحمه الله وٽ ان کي ٽوڙڻ جو اختيار آهي مگر حنفين وٽ روزو، نماز ڪوبه عمل ٽوڙڻ جائز ناهي مگر جيڪڏهن ڪنهن عذر جي ڪري نفلي روزو ٽوڙيو وڃي ته اهو قضا ڪرڻ واجب آهي. (انوارِ غوثيه ص 146) علامه علي القاري رحمه الله لکيو آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جن جي طرفان ٻڌائڻ ته "مان روزيدار آهيان" مان ظاهر ٿيو ته ڪنهن حاجت يا مصلحت مثال طور مسئلي جي تعليم لاءِ عبادت جو اظهار اهڙي طرح شرعي طور ڏينهن جي منجهند کان اڳ ۾ جيڪڏهن ڪجهه کاڌو پيتو نه اٿس ته نفلي روزو رکڻ به جائز آهي. ۽ مذڪور حديث ۾ آيو ته پاڻ فرمايائون "مون صبح جو روزي جي نيت ڪئي آهي" ۽ وري کاڌائون. سو عذر يا حاجت جي ڪري کاڌو هوندائون ان کان پوءِ قضا ڪيو هوندائون جيئن ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون نفلي روزو رکي پوءِ اهو ٽوڙي طعام کاڌو هو. ته نبي ڪريم ﷺ جن مون کي ان جي قضا ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو. (جمع الوسائل ج 1 ص ص 227)

هيءَ حديث هين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب الصيام باب 32 رقم الحديث 1154 ج 2 ص 808، 809 {2} ابو داؤد في ڪتاب الصيام باب 72 في الرخصة في ذالک رقم الحديث 2455 ج 2 ص 329. {3} النسائي في ڪتاب الصيام باب 64 النية في الصيام ج 4 ص 194، 195 {4} احمد في المسند ج 6 ص 49.

{183} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا عُمَرُ بْنُ حَفْصِ بْنِ غِيَاثٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ أَبِي يَحْيَى الْأَسْلَمِيِّ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبِي أُمَيَّةَ الْأَعْوَرِ، عَنْ يُوسُفَ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ سَلَامٍ قَالَ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَخَذَ كِسْرَةً مِنْ خُبْزِ الشَّعِيرِ فَوَضَعَ عَلَيْهَا تَمْرَةً وَقَالَ: هٰذِهِ إِدَامُ هٰذِهِ وَأَكَلَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون نبي پاڪ ﷺ کي ڏٺو ته جوَن جي مانيءَ جو ٽڪر کڻي ان تي کارڪ يا ڳتل رکي فرمايائون ته "کارڪ جوَن جي مانيءَ جو ٻوڙ آهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ان کي کاڌو.

مفردات جو شرح: "أَخَذَ" ورتائون. "كِسْرَةً" (ڪاف جي زبر ۽ سين جي جزم سان) ٽڪرو. "تَمْرَةً" کارڪ.

کجور جي ڳڙي "هَذِهِ" هن جو.

سمجهاڻي: کارڪ کي ڀاجي سمجهڻ متعارف نہ هو ۽ اها خود کاڌو آهي ان جي کري حضور ڪريم ﷺ جن واضح ڪندي فرمايو تہ "هي ڀاجي جو ڪم ڏي ٿي" ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو قسم کڻي تہ مان ڀاجي نہ کائيندس يا جيڪڏهن مون ڀاجي کاڌي تہ منهنجي گهرواريءَ کي طلاق آهي تہ کارڪ کائڻ سان ان جو حڪم ڪهڙو رهندو. ان ۾ علماء جو اختلاف آهي. علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ انهن ۾ عرف کي ڏٺو ويندو ۽ هن روايت مان غذا ۾ تدبير جو ثبوت بہ ملي ٿو جوَن جي ماني سڪل ۽ ٿڌي آهي ۽ کارڪ گرم ۽ تر آهي گڏي کائڻ سان ٻنهي ۾ اعتدال پيدا ٿئي ٿو. ۽ هن مان قناعت جو اظهار بہ ٿي رهيو آهي ۽ هي منشا بہ ٿي سگهي ٿي تہ زندگيءَ جون قيمتي گهڙيون قسم قسم جي لذيذ کاڌن ۾ نہ وڃائجن. اسلام جي تبليغ، في سبيل الله ڪجي جهاد، الله جل جلاله جي ڪلمہ جي اعلاء، الله جل جلاله جي عبادت ۽ ذڪر ۾ مشغول رهي رياضت ۽ مجاهدي واري زندگي گذارڻ گهرجي. هن فاني دنيا تي مغرور نہ ٿجي اچڻ واري حقيقي زندگي لاءِ سوچجي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الايمان والنذور باب 10 الرجل يحلف ان لاياتدم رقم الحديث 3259 ج 3 ص 225 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2886 ج 11 ص 323 {3} البخاري في ڪتاب التاريخ ج 8 ص 371، 372 {4} ابو نعيم في اخبار اصبهان ج 2 ص 169.

{184} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ عَبَّادِ بْنِ الْعَوَّامِ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسٍ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُعْجِبُهُ الثُّفْلُ قَالَ عَبْدُ اللهِ يَعْنِى مَا بَقِىَ مِنَ الطَّعَامِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي کرڙ وڻندي هئي. راوي چيو تہ کرڙ مان مراد ديڳڙي جي تري ۾ بچيل کاڌو آهي.

مفردات جو شرح: "كَانَ يُعْجِبُهُ" کين پسند هوندو هو. "الثُّفْلُ" ديڳ جي تري ۾ رهيل کاڌو.

سمجهاڻي: سيدنا رسول الله ﷺ جن جي ديڳ جي تري ۾ رهيل کاڌي يعني کرڙ کائڻ مان سندن تواضع، انڪساري ۽ ٿوري تي صبر ۽ قناعت جو ثبوت ملي رهيو آهي. ۽ هن ۾ سندن ان ارشاد مبارڪ ڏانهن بہ اشارو آهي جنهن ۾ فرمايو اٿن تہ "سَاقِى الْقَوْمِ آخِرُهُمْ شُرْبًا" (رواه الترمذي وغيره) ماڻهن کي پياريندڙ پاڻ آخر ۾ پيئندو آهي.

تواضع جو ڪمال: هي رسول الله ﷺ جي تواضع جو ڪمال آهي. پهريان پهريان اهل عيال مهمانن ۽ موجود حضرات کي مٺان مٺان کاڌو کارائيندا هئا ۽ پاڻ تري ۾ بچيل کاڌو تناول فرمائيندا هئا. اڪثر مشائخ ۽ علماء بہ ان سنت تي عمل ڪندي آخر ۾ رهيل کاڌو کائيندا آهن. اهو شخص خوش نصيب آهي جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي احوال، اقوال ۽ اعمال تي عمل ڪري انهن مان فائدو وٺي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 220 {2} الحاڪم في المستدرڪ ج 4 ص 115، 116 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2857 ج 11 ص 302 {4} البيهقي في الشعب ج 5 ص 96.

باب ستاويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ وُضُوْءِ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عِنْدَ الطَّعَامِ

هي باب انهن حديثن جي باري ۾ آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي کاڌي کائڻ وقت وضو (هٿن مبارڪن کي ڌوئڻ) جي باري ۾ آيل آهن

سمجهاڻي: هتي وضو مان مُراد شرعي ۽ لغوي ٻئي قسم وضو جا آهن جيئن ايندڙ حديثن مان واضح آهي. طعام هر ان شيءِ جو نالو آهي جيڪا کاڌي ويندي آهي.

{185} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنِ ابْنِ أَبِي مُلَيْكَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَرَجَ مِنَ الْخَلَاءِ فَقُرِّبَ إِلَيْهِ الطَّعَامُ فَقَالُوا: أَلَا نَأْتِيكَ بِوَضُوءٍ؟ قَالَ: إِنَّمَا أُمِرْتُ بِالْوُضُوءِ إِذَا قُمْتُ إِلَى الصَّلَاةِ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هڪ ڏينهن ضرورت پوري ڪرڻ جي جاءِ کان فارغ ٿي ٻاهر آيا تہ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماني ڪٺي آيا. اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ اوهان جي وضو ڪرڻ لاءِ پاڻي نہ آڻيون؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "مون کي وضو ڪرڻ جو حڪم ان وقت آهي جڏهن نماز جو ارادو ڪريان."

مفردات جو شرح: "اَلْخَلَاءِ" اصل ۾ الخلاء خالي جاءِ کي چيو ويندو آهي. "قُرِّبَ" ويجهو ڪيو ويو. "أَلَا نَأْتِيَ" ڇا اوهان وٽ نہ آڻيون؟ "وُضُوْءَ" (واو جي پيش سان) پاڪ ۽ خوبصورت ٿيڻ. منهن، هٿ ۽ پير ڌوئڻ. صرف هٿ ڌوئڻ ۽ ڳرڙي ڪرڻ کي بہ وضو سڏيو ويندو آهي. وضو جي اصطلاحي معنيٰ تہ معروف آهي يعني نماز جي لاءِ وضو ڪرڻ نماز ۾ فرض واجب، سنتون ۽ نوافل شامل آهن ۽ لغوي معنيٰ آهي صرف هٿ ڌوئڻ ۽ ڳرڙي ڪرڻ.

سمجهاڻي: حضور ڪريم ﷺ جن کي بيت الخلاء مان نڪرڻ کان پوءِ کاڌو ويجهو رکي هٿ ڌوئڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ جي پاڻي آڻڻ ۽ پيش ڪرڻ جي لاءِ ان جي ڪري عرض ڪيو ويو هو جو سندن معمول هو تہ گهڻو ڪري هٿ ڌوئڻ کان سواءِ کاڌو نہ کائيندا هئا هن ڀيري پاڻ انهن کي جواب ۾ فرمايائون تہ: "وضو تہ صرف نماز جي لاءِ ضروري آهي". ۽ اهو ان جي ڪري فرمايائون تہ متان ماڻهو کاڌو کائڻ وقت بہ وُضو کي فرض سمجهن. فقهاء ڪرام فرمايو تہ شرعي وضو پنجن نمازن، جنازي جي نماز، تلاوت جي سجدي، قرآن ڪريم کي هٿ لڳائڻ ۽ بيت الله جي طواف لاءِ ضروري آهي. ۽ کاڌي کائڻ کان پهريان ۽ پويان هٿ ڌوئڻ ۽ ڳرڙي ڪرڻ مستحب آهي. (انوارِ غوثيہ ص 249) علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "حديث مان اهو دليل ورتو ويو آهي تہ رسول الله ﷺ جن هر نماز جي لاءِ وضو پسند فرمائيندا هئا. وضو سان هجن يا وضو کان سواءِ هجن ۽ ائين ئي ڪندا رهندا هئا. پوءِ اهو مڪ

مڪرم ڪي فتح ڪرڻ واري ڏينهن ڇڏي ڏنائون. ۽ ان ڏينهن پنجئي نمازون هڪ وضوسان پڙهيون هيائون. اهو ڏسي حضرت عمر ﷺ کين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ مون اوهان کي اڄ اهڙو نمونو ڪندي ڏٺو آهي جيڪو اوهان اڳي نہ ڪيو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "مون ائين عمدًا ڪيو آهي." (المواهب شرح الشمائل ص 307) الغرض تہ هر وقت وضوسان رهڻ بهتر ۽ اولي آهي ڇوتہ ظاهر جي پاڪائي جو اثر باطن تي پوندو آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الاطعمة باب 11 في غسل اليدين عند الطعام رقم الحديث 3760 ج 3 ص 345 {2} النسائي في كتاب الطهارة باب 101 الوضوء لكل صلواة ج 1 ص 85، 86. {3} احمد في المسند ج 1 ص 282 {4} البيهقي في سننه ج 1 ص 42 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2835 ج 11 ص 283.

{186} حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْمَخْزُومِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنْ عَمْرِو بْنِ دِينَارٍ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ الْحُوَيْرِثِ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: خَرَجَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنَ الْغَائِطِ فَأُتِيَ بِطَعَامٍ، فَقِيلَ لَهُ: أَلَا تَتَوَضَّأُ؟ فَقَالَ: أَأُصَلِّي فَأَتَوَضَّأَ

با محاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس ﷺ کان ئي روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن حاجت جي خيال کان واندا ٿي ٻاهر آيا تہ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماني آندائون ۽ اصحابن عرض ڪيو تہ" اوهان وضو تہ نہ ڪندؤ؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو :"نماز پڙهندس تہ وضو ڪندس يا نماز تو پڙهان ڇا جو وضو ڪريان؟"

مفردات جو شرح: "اَلْغَائِط" صحت خانو غوط کان ورتل آهي هن جي معنيٰ داخل ٿيڻ، گهسي وڃڻ آهي، غائط نرم ۽ هموار زمين کي بہ چوندا آهن. "أَلَاتَتَوَضَّ" ڇا وضو نہ ٿا فرمايو؟ استفهام جو صيغو آهي. "أَأُصَلِّ" هي بہ استفهام جو صيغو آهي ڇا مان نماز ٿو پڙهان جو وضو ڪيان؟

سمجهاڻي: هن جي سمجهاڻي هن باب جي حديث نمبر 1 واري ساڳي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الحيض باب 31 جواز اكل المحدث الطعام رقم الحديث 374 ج 1 ص 282 {2} النسائي في كتاب آداب الاكل من سننه الكبريٰ باب 1 رقم الحديث 6736 ج 4 ص 170 {3} احمد في مسنده ج 1 ص 248 (3) الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2765 ص 361 {4} الدارمي في كتاب الاطعمة باب 35 في الاكل والشرب علي غير وضوء رقم الحديث 2076 ج 2 ص 146 {5} الحميدي في مسنده رقم الحديث 478 ج 1 ص 225

{187} حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ مُوسَى قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ نُمَيْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا قَيْسُ بْنُ الرَّبِيعِ، (ح) وَحَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْكَرِيمِ الْجُرْجَانِيُّ، عَنْ قَيْسِ بْنِ الرَّبِيعِ، عَنْ أَبِي هَاشِمٍ، عَنْ زَاذَانَ، عَنْ سَلْمَانَ قَالَ: قَرَأْتُ فِي التَّوْرَاةِ أَنَّ بَرَكَةَ الطَّعَامِ الْوُضُوءُ بَعْدَهُ، فَذَكَرْتُ ذٰلِكَ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَأَخْبَرْتُهُ بِمَا قَرَأْتُ فِي التَّوْرَاةِ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: بَرَكَةُ الطَّعَامِ الْوُضُوءُ قَبْلَهُ وَالْوُضُوءُ بَعْدَهُ

با محاوره ترجمو: حضرت سلمان (فارسي) ﷺ کان روايت آهي تہ مون تورات ۾ پڙهيو تہ کاڌي کائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ ۾ برڪت آهي پوءِ اها ڳالهہ مون پاڻ سڳورن ﷺ کي ڇئي ٻڌائي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو

تہ”ڪاڌي کائڻ کان اڳ ۽ ڪاڌي کائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ (يعني هٿ ڌوئڻ) ڪاڌي جي برڪت آهي.“

مفردات جو شرح : ”اَلْوُضُوْءُ“ هتي لغوي معنيٰ ۾ آيل آهي. هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ. ”بَرَكَةٌ“ ڪنهن شيءِ ۾ وڌڻ، واڌارو ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ ارشاد آهي تہ توراة ۾ لکيل آهي تہ کائڻ کان پوءِ هٿ ڌوئڻ سان ڪاڌي ۾ برڪت پوندي آهي پر حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ ”ڪاڌي کان پهريان هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙيون ڪرڻ سان اها برڪت آهي تہ ڪاڌي مان شيطان چوري ڪري نہ سگهندو ۽ اهو طعام وڌندو ۽ ڪاڌي کان پوءِ برڪت مان مراد آهي ان ڪاڌي جي کائڻ سان کائيندڙ ۾ قوت پيدا ٿيندي ۽ سُهڻا عزائم ۽ ڀلا اخلاق پيدا ٿيندا. (انوارِ غوثيہ ص 250)

اولياءِ ڪرام فرمايو آهي تہ ”هميشہ وضو سان رهڻ ۾ گهڻا فائدا آهن خاص طور تي رزق ۾ تنگي نہ رهندي، اولاد ۾ برڪت پوندي ۽ قرض جي ادا ڪرڻ جو ذريعو هوندو آهي. هڪ ڀيري هڪ شخص الله ﷻ جي ڪنهن ولي جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ ”ڪو اهڙو وظيفو ٻڌايو جنهن جي پڙهڻ سان الله ﷻ رزق جي تنگي دور ڪري. سچو ڏينهن ڪاروبار ڪيان ٿو پوءِ بہ برڪت ناهي.“ ان ڪيس فرمايو تہ ”هميشہ وضُو سان رهہ ۽ گهروارن کي چئو تہ ماني ۽ ڀاجي وضُو سان تيار ڪن ڇهن مهينن کان پوءِ مون کي اچي احوال ٻڌائجانءِ.“ ان ائين ڪيو ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ الله ﷻ جي ولي وٽ اچي عرض ڪيائين تہ ”الحمدلله ﷻ قرض بہ لهي ويو ۽ رزق ۾ برڪت بہ پئي آهي. رزق ۾ ڪشادگي ٿي وئي آهي.“ (انوارِ غوثيہ ص 250) علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ ڪاڌي کان پهريان ۽ پوءِ هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ الله ﷻ جي نعمت جو صفائي سان استقبال ڪرڻ ۽ مڪارم اخلاق جو ذريعو آهي ۽ ڪاڌي کائڻ کان پوءِ هٿ ڌوئڻ سان هٿ ۾ موجود ڪاڌي جو سٽپ وغيره بہ نڪري وڃي ٿو. رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ ”جيڪو رات جو سُمهي رهيو ۽ ان جي هٿن ۾ ڪاڌي جو اثر رهيل آهي جو ان کي نہ ڌوتائين پوءِ ان کي ڪا تڪليف پهتي تہ پوءِ پنهنجي نفس کان سواءِ ڪنهن کي ملامت نہ ڪري“ (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 232)

ڪاڌي کائڻ وقت سنت: علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ ”سنت آهي تہ ڪاڌي کائڻ وقت اول ننڍن ٻارن کي هٿ ڌئارجن پوءِ وڏن کي ڇوتہ ٻارن جا هٿ ميرا هوندا آهن. شيءِ وغيره سان ڀريل هوندا آهن ۽ ڪاڌي کائڻ کان پوءِ تعظيم ۽ اڪرام خاطر اول وڏن جا هٿ ڌئارجن ۽ اهو مهمانن جي لاءِ حڪم آهي ميزبان کائڻ کان اڳي پهريان پاڻ هٿ ڌوئي تہ کائڻ کان پوءِ بہ پهريان پاڻ هٿ ڌوئي ۽ ڪاڌي کائڻ کان پوءِ هٿ ڌوئي انهن کي سڪائڻ سنت آهي. ڪاڌي کان پهريان ڌوتل هٿ سڪائڻ سنت ناهن. رومال سان اگهڻ ۾ ممڪن آهي تہ رومال ميرو هجي ۽ ان جي ميرنهن هٿ کي لڳي وڃي.

(المواهب شرح الشمائل ص 309)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الاطعمة باب 12 رقم الحديث 3761 ج 3 ص 345 {2} احمد في المسند ج 5 ص 441 {3} الحاڪم في المستدرڪ ج 4 ص 106 {4} ابن عدي في الڪامل ج 6 ص 45.

باب اٺاويهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي قَوْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَبْلَ الطَّعَامِ وَبَعْدَ مَا يَفْرُغُ مِنْهُ

هي باب انهن حديثن جي باري ۾ آهي جن ۾ رسول الله ﷺ جي ان قول جو ذڪر آهي جيڪو طعام کان اڳي ۽ طعام کائڻ کان فارغ ٿي پوءِ چوندا هئا.

سمجهاڻي: ڪاڌي کان اڳ ۾ بسم الله پڙهندا هئا ۽ بعد ۾ الحمدلله چوندا هئا. پاڻ ﷺ پيئڻ به طعام کائڻ وارو حڪم رکي ٿو. هن باب ۾ ست حديثون آهن.

{188} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ لَهِيعَةَ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبِي حَبِيبٍ، عَنْ رَاشِدِ بْنِ جَنْدَلٍ الْيَافِعِيِّ، عَنْ حَبِيبِ بْنِ أَوْسٍ، عَنْ أَبِي أَيُّوبَ الْأَنْصَارِيِّ قَالَ: كُنَّا عِنْدَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمًا، فَقَرَّبَ طَعَامًا، فَلَمْ أَرَ طَعَامًا كَانَ أَعْظَمَ بَرَكَةً مِنْهُ، أَوَّلَ مَا أَكَلْنَا، وَلَا أَقَلَّ بَرَكَةً فِي آخِرِهِ، فَقُلْنَا: يَا رَسُولَ اللهِ، كَيْفَ هَذَا؟ قَالَ: إِنَّا ذَكَرْنَا اسْمَ اللهِ حِينَ أَكَلْنَا، ثُمَّ قَعَدَ مَنْ أَكَلَ وَلَمْ يُسَمِّ اللهَ تَعَالَى فَأَكَلَ مَعَهُ الشَّيْطَانُ.

مفردات جو شرح: "كُنَّا" هئاسون. "عِنْدَ" وٽ. "ثم" ان کان پوءِ "قَعَدَ" ويٺا. "أَقَلَّ" تورو.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسان هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن وٽ مجلس ۾ حاضر هياسون، ته پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڪاڌو آندو ويو مون اهڙو ڪاڌو ڪڏهن به ڪونه ڏٺو هو جو منڍ ۾ وڏي برڪت وارو هجي ۽ پڇاڙيءَ ۾ بي برڪت ٿي وڃي يا ڪُٽي پوي، ان ڪري اسان عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ اهو ڪيئن ٿيو؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته "جڏهن اسان کائڻ شروع ڪيو ته بسم الله يا الله جو نالو پڙهيوسون پوءِ ڪو اهڙو ماڻهو اچي ويٺو جنهن الله جو نالو نه ورتو يا بسم الله نه پڙهيائين ته ان سان گڏ شيطان کائي ويو يعني ڪاڌو ڪُٽي ويو.

فائدو: علامه بيجوري رحمه الله جي مذڪور لکت مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جي پيارن جي وفات کان پوءِ انهن جي وسيلي سان شفا حاصل ڪرڻ جي دعا جائز آهي ۽ ان دعا سان شفا ملڻ واقع ۽ ثابت آهي.

سمجهاڻي: مذڪور روايت ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جو قول آهي ته سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو ته "جنهن ڪاڌي ڪائڻ مهل "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" نه پڙهي ويندي ان مان شيطان کائي ٿو.

ڇا شيطان واقعي گڏ کائي ٿو: سلف، خلف، فقهاءِ، متڪلمين ۽ محدثن مان جمهور علماء جو قول اهو آهي ته "شيطان جو اهو کائڻ حقيقت تي مبني آهي. هڪ ته عقل ان کي محال نه ٿو سمجهي ٻيو ته شريعت ۾ ان جو ڪو مانع ناهي، بلڪ ان جو ثبوت موجود آهي. امام شافعي رحمه الله وٽ بسم الله پڙهڻ سنت ڪفايه آهي يعني ڪاڌي ۾ گهڻن ماڻهن جي موجود هجڻ وقت جيڪڏهن هڪ بسم الله پڙهي ته سيني جي سنت ادا ٿي وئي. ها جيڪو شخص ڪاڌي ڪائڻ جي وچ ۾ شريڪ ٿئي ان کي "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" پڙهڻ جدا سنت آهي. ۽ "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" وڏي آواز سان پڙهڻ بهتر آهي جو هڪ

کان پوءِ پيا پڙهندا. جڏهن تہ هن حديث ۾ صرف "بِسْمِ اللهِ" جو جملہ آيو آهي ان جي ڪري بعض علماء فرمايو تہ صرف "بِسْمِ اللهِ" چوڻ ئي سنت آهي ۽ "الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" چوڻ اڪمل ۽ افضل آهي مگر هيءَ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ "تسميہ" "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" پوري کي سڏيو ويندو آهي.

(انوارِ غوثيہ ص 253, 254)

علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "کاڌي کائڻ مهل" بسم الله" پڙهڻ استحبابي سنت آهي تان جو احتلام وارو حيض ۽ نفاس واري بہ "بسم الله" پڙهي کاڌو کائين پر ان سان قرآن پاڪ جي تلاوت جي نيت نہ کن. ان حالت ۾ اها نيت ڪرڻ حرام آهي ۽ هن حديث ۾ جيڪو ذڪر ٿيو آهي تہ کائڻ جي وچ ۾ شريڪ ٿيندڙ "بسم الله" نہ پڙهي هئي ان مان مراد آهي تہ اهو اول کائڻ وارن جي بسم الله پڙهڻ کان پوءِ بغير "بسم الله" پڙهڻ جي شروع ٿيو هو. (المواهب شرح الشمائل ص 311, 312) علامہ ابنِ حجر رحمة الله عليه فرمايو تہ "مڪروہ ۽ حرام ڪم ۾ "بسم الله" پڙهڻ مستحب ناهي. بلڪ جيڪڏهن شراب پيئڻ وقت "بسم الله" پڙهيائين تہ ڪافر ٿي ويندو. ۽ هن حديث مان حضور ڪريم ﷺ جي تواضع ۽ انڪساري ثابت آهي. جو پاڻ ﷺ ٻين سان گڏ کاڌو کاڌائون ۽ بعد ۾ اچڻ وارو بہ ساڻن گڏ کائڻ ۾ شريڪ ٿيو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 233)

هي حديث ٻين هن محدثن آندي آهي: {1} امام احمد في المسند ج ﷺ ص 415, 416 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2824 ج 11 ص 275.

{189} حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا هِشَامٌ الدَّسْتُوائِيُّ، عَنْ بُدَيْلٍ الْعُقَيْلِيِّ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُبَيْدِ بْنِ عُمَيْرٍ، عَنْ أُمِّ كُلْثُومٍ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِذَا أَكَلَ أَحَدُكُمْ فَنَسِيَ أَنْ يَذْكُرَ اللهَ تَعَالَى عَلَى طَعَامِهِ فَلْيَقُلْ: بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ

با محاوره ترجمو: حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "جڏهن توهان مان ڪو کاڌو کائڻ لڳي ۽ ان کان مُنڍ ۾ بسم الله پڙهڻ يا الله جو نالو وٺڻ وسري وڃي، ماني کائيندي جنهن مهل ياد اچي، تہ هي لفظ چوي: "بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ" مطلب تہ آءٌ هن کاڌي جي اول ۽ آخر ۾ الله جل جلاله جي نالي سان برڪت حاصل ڪريان ٿو.

مفردات جو شرح: "فَنَسِيَ" پوءِ وساري ڇڏيائين. "فَلْيَقُلْ" امر غائب جو صيغو. پوءِ جڳائي ٿو تہ چوي.

سمجهاڻي: المقصد تہ جيڪڏهن کاڌي کائڻ جي شروعات ۾ "بسم الله" چوڻ وسري وڃي تہ جنهن وقت بہ کائڻ جي دوران ياد اچي ڀلي آخري لقمو هجي تہ بہ "بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ" پڙهي، هي ان کي پهريان "بسم الله" پڙهڻ جي لاءِ ڪفايت ڪندو. ابو داؤد جي روايت آهي تہ "هڪ شخص کاڌو کائڻ مهل "بسم الله" نہ پڙهي تان جو آخري لقمو کائڻ وقت ان کي يادِ آئي تہ "بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ" پڙهيائين. رسول الله ﷺ جن اهو ٻڌي مُرڪيا ۽ ان کان پوءِ فرمايائون تہ" هن سان گڏ شيطان بہ کاڌو پئي جڏهن "بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ" پڙهيائين تہ شيطان کاڌل طعام بہ الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو." (انوارِ غوثيہ ص 254)

فائدو: "بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ" چوڻ ۾ وچ وارو حصو بہ داخل آهي اول ۽ آخر چوڻ سان عموم ثابت ٿيو. "اَوَّلَہ" مان مراد پهريون اڌ ۽ "آخره" مان مراد پويون اڌ آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 313) ۽ المحيط ۾

آهي تہ جيڪڏهن "بسم الله" جي بجاءِ "لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ" يا " اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" يا "اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ" چيائين تہ سنت ادا ٿي ويندي. وضوءَ جي اول ۾ اهڙي طرح کاڌي کائڻ جي اول ۾. بسم الله چوي

فائدو: "بِسْمِ اللهِ أَوَّلَهُ وَآخِرَهُ " ۾ زبر پڙهڻ پلو آهي ۽ اهو اصل ۾ "عِنْدَ أَوَّلِهِ وَعِنْدَ آخِرِهِ" آهي ۽ زير پڙهڻ بہ جائز آهي. پوءِ اصل ۾ "في اوله و في آخره" چيو ويندو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 234)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الاطعمة باب 15 التسمية على الطعام رقم الحديث 3767 ج 3 ص 347 {2} النسائي في عمل اليوم والليلة باب ما يقول اذا نسي التسمية ثم ذكر رقم الحديث 281 ص 261 {3} الدارمي في كتاب الاطعمة باب 1 في التسمية على الطعام رقم الحديث 2021 ج 2 ص 129.

{190} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الصَّبَّاحِ الْهَاشِمِيُّ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْأَعْلَى، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عُمَرَ بْنِ أَبِي سَلَمَةَ، أَنَّهُ دَخَلَ عَلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعِنْدَهُ طَعَامٌ فَقَالَ: أُدْنُ يَا بُنَيَّ فَسَمِّ اللهَ تَعَالَى وَكُلْ بِيَمِينِكَ وَكُلْ مِمَّا يَلِيكَ.

با محاوره ترجمو: حضرت عمر بن ابو سلمہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ آءٌ رسول ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ سندس اڳيان کاڌو موجود هو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اي منهنجا پُٽ! ويجهو ٿيءُ ۽ بسم الله چئي پوءِ ساڄي هٿ سان پنهنجي پاسي کان کاءُ.

مفردات جو شرح: "اُدْنُ" الدنو کان ورتل امر جو صيغو آهي اي قريب ۽ ويجهو ٿي وڃ. "يَابُنَيَّ" اي منهنجا پُٽڙا! "فَسَمِّ اللهَ" پوءِ الله جو نالو وٺ. بسم الله پڙهہ

سمجهاڻي: اي پُٽڙا ! لفظ جي وضاحت ڪندي شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ ان تصغير جي صيغي سان خطاب ڪرڻ ۾ ان ڪمال درجي جي شفقت ۽ نرمي جو اظهار آهي جيڪا حضور ڪريم ﷺ کي ننڍڙن ٻارن سان هوندي هئي. پاڻ ان کي فرمايائون تہ "الله جو نالو پڙهہ" هي استحبابي امر آهي ۽ بسم الله پڙهندڙ جي لاءِ وڏي آواز سان پڙهڻ سنت آهي تان تہ ٻيا بہ ٻڌي پڙهن. علامہ ابنِ حجر رحمه الله جو اهو قول آهي ۽ علامہ علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ ابنِ حجر رحمه الله وارن جو مذهب آهي تہ اها سنت علي الكفايہ آهي. ها وڏي آواز سان پڙهڻ ٻن سببن جي ڪري مستحب آهي (1) هڪ تہ پڙهندڙن کان شيطان پري ٿي ويندو. (2) ٻيو تہ اتي جيڪڏهن کائڻ ۾ سندس ڪو رفيق هوندو تہ اهو بہ ٻڌي ياد ڪري پڙهندو. "سڄي هٿ سان کاءُ" جمهور علماء جو قول آهي تہ هن حديث ۾ ٽئي امر استحبابي آهن. ۽ بعض علماء جو قول آهي تہ " سڄي هٿ سان کائڻ وارو امر وجوبي آهي ان جي تائيد کٻي هٿ سان کائيندڙ جي لاءِ وعيد (عذاب جي وعدي) واري امر سان ٿي رهي آهي. جيئن صحيح مسلم ۾ سلمة بن الاكوع کان روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن هڪ شخص کي کاٻي هٿ سان کائيندي ڏٺو تہ پاڻ ان کي فرمايائون "ساڄي هٿ سان کاءُ" ان چيو تہ نہ ٿو کائي سگهان پاڻ ان کي فرمايائون تہ "کائي بہ ڪونہ سگهندين" ان کان پوءِ اهو شخص سڄو هٿ مٿي کڻي نہ سگهيو." ۽ طبراني روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن "سبيعة الاسلمية" عورت کي کاٻي هٿ سان کائيندي ڏسي ان جي سزا لاءِ دعا گهري تہ ان کي وبا جي مرض ورتو ۽ ان ۾ مري وئي. ۽ جمهور علماء ان فرمان

کي تنبيہ طور چيو آهي ۽ هيءَ روايت بہ آئي آهي تہ "لَاتَاكُلُوْا بِالشِّمَالِ فَاِنَّ الشَّيْطَانَ يَاكُلُ بِشِمَالِهٖ" (رواه ابن ماجه عن جابر) حسن بن سفيان پنهنجي مسند ۾ حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "اِذَا اَكَلَ اَحَدُكُمْ فَلْيَاكُلْ بِيَمِيْنِهٖ وَيَشْرَبْ بِيَمِيْنِهٖ وَلْيَاخُذْ بِيَمِيْنِهٖ وَلْيُعْطِ بِيَمِيْنِهٖ فَاِنَّ الشَّيْطَانَ يَاكُلُ بِشِمَالِهٖ وَيَشْرَبُ بِشِمَالِهٖ وَيُعْطِيْ بِشِمَالِهٖ وَيَاخُذُ بِشِمَالِهٖ" (جڏهن اوهان مان کو کائي تہ ساڄي هٿ سان کائي، ساڄي هٿ سان پاڻي پيئي، ساڄي هٿ سان وٺي ۽ ساڄي هٿ سان ڏئي. بلاشڪ شيطان کابي هٿ سان کائيندو ۽ کابي سان پيئندو ۽ کابي سان ڏيندو ۽ کابي سان وٺندو آهي.) ۽ ظاهر آهي تہ هي شيطان سان تشبہ کان منع آهي ۽ اهو ان امر جي استحباب جو فائدو ڏي ٿو. "وَكُلْ مِمَّايَلِيْكَ" (۽ جيڪو پاسو توکي لڳي ٿو اتاهين کاءُ) مطلب تہ طعام جنهن ٿانوَ ۾ آهي ۽ ان جو جيڪو پاسو توڏانهن آهي اتاهين کاءُ هٿ وڌائي ٻئي جي پاسي کان نہ کاءُ. اصح قول مطابق اهو مستحب آهي ۽ هڪ قول مطابق اهو واجب آهي ڇوتہ ٻئي جي پاسي کان کڻي کائڻ ٻئي کي نقصان پهچائڻ ۽ حرص جي زيادتي آهي. علامہ ابن حجر ﷫ فرمايو تہ "ان جي تائيد علامہ سبڪي ﷫ ڪئي آهي ۽ امام شافعي ﷫ پنهنجي ڪتاب "الرسالة" ۾ نص لکيو آهي ۽ ڪتاب "الام" ۾ بہ مختلف جاين تي آندو آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن آهي جڏهن طعام تي گڏ ويٺل ساٿي ان جي پاسي کان کائڻ ۾ ناراض ٿئي پر جيڪڏهن ناراض نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ ان جي پاسي کان کڻي کائڻ ۾ ڪابہ قباحت يا ڪراهيت ناهي، ڇوتہ هن کان اڳي حديث گذري آهي تہ "رسول الله ﷺ جن "ٿانوَ مان ڪدو جا ٽڪرا ڳولي ڳولي کائيندا هئا." ساٿن گڏ ويٺل صحابي ان کي ناپسند نہ ڪرڻ جي بجاءِ باعث برڪت ۽ عزت سمجهندا هئا.

سوال: رسول الله ﷺ جن اڪيلا کائيندا هئا ان جي ڪري ان پيالي مان ڪدوءَ جا ٽڪرا ، ڳولي کائيندا هئا.

جواب: ائين ناهي حضرت انس ﷛ حضور ڪريم ﷺ جن سان گڏ کائي رهيو هو. اسان جي حنفي علماء جو قول آهي تہ اڪيلو کائڻ واري جي لاءِ بہ پنهنجي طرف کان کائڻ سنت آهي." (جمع الوسائل ص 235 ، المواهب شرح الشمائل ص 314)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الوليمة من سننه الكبري باب 13 الامر بالتسمية علي الطعام حديث رقم 6755، ج 4 ص 174 {2} ابن ماجہ في كتاب الاطعمة باب 7 التسمية عند الطعام حديث رقم 3265 {3} احمد في المسند ج 4 ص 26، 27 {4} الطبراني في الكبير حديث رقم 8302 ج 9 ص 13 {5} الطحاوي في شرح مشكل الآثار حديث رقم 153 ج 1 ص 145 {6} مسلم في كتاب الاشربة باب 13 آداب الطعام والشراب واحكامهما حديث رقم 2022 ج 3 ص 1599.

{191} حَدَّثَنَا مَحْمُوْدُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُوْ أَحْمَدَ الزُّبَيْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ الثَّوْرِيُّ، عَنْ أَبِيْ هَاشِمٍ، عَنْ إِسْمَاعِيْلَ بْنِ رِيَاحٍ، عَنْ أَبِيْهِ رِيَاحِ بْنِ عَبِيْدَةَ، عَنْ أَبِيْ سَعِيْدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ: كَانَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا فَرَغَ مِنْ طَعَامِهٖ قَالَ: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن کاڌي

کائڻ کان واندا ٿيندا هئا تہ هي دعا پڙهندا هئا: "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِی أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ" مطلب تہ سڀ ساراهہ الله ﷻ جي لاءِ آهي، جنهن اسان کي کاڌو کارايو ۽ پاڻي پياريو ۽ اسانکي مسلمان بنايو.

مفردات جو شرح: "فَرَغَ" فارغ ٿيو. فراغت کان ورتل. "مُسْلِمِیْنَ" مسلمان.

سمجهاڻي: کائڻ جي شروعات ۾ "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" پڙهڻ ۽ کاڌي جي اختتام تي "مذکور دعاء پڙهڻ سنت آهي. شمائل جي بعض نسخن ۾ "وَجَعَلَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ" آيو آهي. (انوارِ غوثيہ ص 252) علامہ علي قاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "اطعمنا" وغيره جمع جي صيغي آڻڻ ۾ پنهنجي اهل يا مهمانن يا جنهن وٽ مهمان ٿيندا هئا انهن کي شريڪ فرمائيندا هئا. ۽ اهو بہ ممکن آهي تہ پنهنجي ضعيف امت کي پاڻ سان شريڪ فرمايو اٿن. دعا ۾ کارائڻ پيئارڻ تي الله ﷻ جي حمد ڪرڻ سان گڏ اسلام نصيب ڪرڻ تي بہ حمد ڪيو ويو آهي تان تہ دنيوي نعمت ۽ ديني نعمت ٻنهي تي حمد گڏ ڪيو وڃي ۽ ان ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ "حمد ڪندڙ جي لاءِ مناسب ۽ لائق آهي. تہ صرف سنهين نعمتن تي نہ پر وڏين نعمتن تي بہ حمد ڪري. ڇوتہ انهن تي حمد ڪرڻ وڌيڪ آهي ۽ الله ﷻ جو حمد ڪرڻ اسلام جي نتائج مان آهي. (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ص 236) "مسلمين" جي معنيٰ موحد. دين جي سيني امرن ۾ فرمانبردار ۽ بعض علماء فرمايو تہ "طعام کان پوءِ حمد ڪرڻ جو فائدو منعم جي شڪر ۽ نعمت ۾ زيادتي جي طلب آهي. جيئن الله ﷻ جو فرمان آهي "لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ (سورة ابراهيم آيت 7) (جيڪڏهن شڪر ڪندؤ تہ مان اوهان کي ضرور وڌائيندس) ۽ هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ "جنهن شيءِ جي حصول جي انسان کي توقع هئي ان جي ملڻ يا جنهن تڪليف اچڻ جو خوف هو ان جي دفع ٿيڻ تي شڪر ڪرڻ مستحب آهي ۽ هتي جڏهن تہ حمد ڪرڻ جو سبب طعام هو تہ اول ان جو ذڪر ڪيو ويو ان جي اهتمام جي زيادتي جي ڪري ۽ پاڻي پيئڻ کي ان جي پورائي طور ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ ظاهري نعمتن کان باطني نعمت اسلام کي آندو ويو. (جمع الوسائل ج 1 ص 236)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الاطعمة باب 53 ما يقول الرجل اذ اطعم رقم الحديث 3850 ج 3 ص 366 {2} النسائي في عمل اليوم والليلة باب ما يقول اذ اشرب اللبن رقم الحديث 279 ص 265 {3} احمد في المسند ج 3 ص 32 {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 188 {5} البيهقي في الشعب ج 5 ص 123 {6} البغوي في الشمائل رقم الحديث 1036 ج 2 ص 662، 663.

{192} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيٰى بْنُ سَعِيْدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا ثَوْرُ بْنُ يَزِيْدَ، عَنْ خَالِدِ بْنِ مَعْدَانَ، عَنْ أَبِي أُمَامَةَ قَالَ: كَانَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا رُفِعَتِ الْمَائِدَةُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ يَقُوْلُ: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ غَيْرَ مُوَدَّعٍ وَلَا مُسْتَغْنًى عَنْهُ رَبَّنَا.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جنهن وقت رسول الله ﷺ جن جي اڳو دسترخوان کڻبو هو. تہ هيءَ دعا پڙهندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ غَيْرَ مُوَدَّعٍ وَلَا مُسْتَغْنًى عَنْهُ رَبَّنَا (ترجمو: سڀ ساراهہ خاص الله ﷻ کي سونهين ۽ اهڙي تعريف جنهن جي ڪا حد نہ آهي ۽ اها رياءَ کان پاڪ آهي. اهڙي برڪت واري آهي، جنهن ۾ سڀ تعريفون اچي وڃن ٿيون ۽ نہ اسان کي انهن تعريفن

ڪرڻ کان بي پرواهي نہ آهي. اي اسان جا پالڻهار! (اسان جو شڪر قبول فرماءِ!)

مفردات جو شرح: "المائدة" دسترخوان. "غَيْرَمُوَدَّعٍ" جيڪا شيءِ ڇڏڻ جهڙي نہ هجي. جيڪا شيءِ ختم ٿيڻ واري نہ هجي. "وَلاَ مُسْتَغْنًى عَنْهُ" جنهن کان استغناء، لاپرواهي نہ ڪئي وڃي.

سمجهاڻي: حضرت ابي امامہ ﷛ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان کاڌي کان فارغ ٿيڻ ۽ سندن اڳيان دسترخوان کڄڻ کان پوءِ هي دعا پڙهڻ روايت ڪئي آهي. "الحمد لله" سڀ ساراهہ الله جي لاءِ ثابت آهي، يعني سندس ذات، صفات ۽ افعال تي جن مان ڪاڏو ڪارائڻ بہ آهي. حمد ثابت آهي. "حَمْدًا كَثِيْرًا" گهڻو حمد. هتي "حمدا" جو لفظ اڳ ۾ آيل "الحمد" کان مفعول مطلق آهي يا ذات جي اعتبار سان يا فعل جي معنيٰ کي متضمن هجڻ جي ڪري يا ان جو فعل مقدر آهي. "كَثِيْرًا" مان مراد آهي تہ جيئن ان جي نعمتن جي نهايت ناهي تيئن ان جي حمد جي بہ نهايت ناهي. "طَيِّبًا" يعني ڏيکاءَ ۽ ٻين کي ٻڌائڻ جي سوچ کان پاڪ. "مُبَارَكًا فِيْهِ" ان ۾ برڪت پيل آهي، جيڪو هميشہ آهي ڪٽجندڙ ناهي ڇوتہ الله ﷻ جون نعمتون بہ ڪٽجندڙ ناهن. ۽ اهو حمد نيت ۾ هجي يا عقيدي ۾ هجي. "غَيْرَ مُوَدَّعٍ" غير کي معتمد قول تي نصب پڙهي ويندي ۽ "الله" جي لفظ کان حال آهي ۽ اهو قول وڌيڪ ويجهو آهي ۽ هڪ قول مطابق "مودع" ۾ دال کي زير پڙهي وئي آهي پوءِ معنيٰ ٿيندي، حمد نہ ڇڏيندڙ "وَلاَ مُسْتَغْنًى عَنْهُ" مطلب تہ ان کان لاپرواهي ڪيل ناهي انسان ان جو هميشہ محتاج آهي پوءِ اهو اڳ ۾ ذڪر ڪيل جو تاڪيد آهي. عطف تفسير جو ناهي. الله ﷻ جو حمد هر حال ۾ واجب آهي "ربنا" اي اسان جا رب! اسان جو حمد ٻڌيا اسان جي پڙهيل دعا ٻڌ. ۽ هڪ روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کان هيءَ دعا آيل آهي: "اَللّٰهُمَّ اَطْعَمْتَ وَ سَقَيْتَ وَاَغْنَيْتَ وَاَقْنَيْتَ وَهَدَيْتَ وَاَحْيَيْتَ فَلَكَ الْحَمْدُ عَلٰى مَا اَعْطَيْتَ" ۽ رسول الله ﷺ جن جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪاڌو کائيندا هئا تہ انهن جي حق ۾ دعا گهرڻ کان سواءِ نہ نڪرندا هئا. پاڻ حضرت عبدالله بن بسر ﷛ جي گهر ۾ دعا گهريائون. "اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَهُمْ فِيْمَا رَزَقْتَهُمْ وَاغْفِرْ لَهُمْ وَارْحَمْهُمْ" (رواه مسلم) اي الله! جيڪو تو هنن کي رزق ڏنو آهي ان ۾ هنن کي برڪت ڏي ۽ انهن کي مغفرت عطا ڪر ۽ انهن تي رحم ڪرڻ فرماءِ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت سعد ﷛ جي گهر ۾ هي دعا جا الفاظ فرمايا هيائون. "اَفْطَرَعِنْدَكُمُ الصَّائِمُوْنَ وَاَكَلَ طَعَامَكُمُ الْاَبْرَارُ وَصَلَّتْ عَلَيْكُمُ الْمَلَائِكَةُ" (رواه ابو داؤد) (اوهان وٽ روزيدارن روزو کوليو ۽ اوهان جو طعام نيڪوڪارن کاڌو ۽ اوهان تي ملائڪن رحمتون موڪليون، ۽ هڪ شخص رسول الله ﷺ جن کي کير پياريو تہ پاڻ ان کي هيءَ دعا ڪيائون" اَللّٰهُمَّ اَمْتِعْهُ بِشَبَابِهٖ" اي منهنجا الله! هن کي سندس جوانيءَ سان نفعو عطا ڪرڻ فرماءِ. ان جي دعا جي برڪت سان ان جي عمر اسي سال کي پهتي تہ بہ ان ۾ اڇو وار نظر نہ آيو. (رواه ابن السني) ۽ بيهقي وٽ مرسل روايت" ۾ آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جيڪڏهن ٻين سان گڏ ڪاڌو کائيندا هئا تہ پاڻ سيني کان آخر ۾ هٿ ڪڍندا هئا ۽ ابن ماجہ ۽ بيهقي مرفوع روايت آندي آهي تہ "جنهن وقت دسترخوان وڇايو وڃي تہ (اتي ويٺلن مان) ڪوبہ تيستائين نہ اٿي پلي ڪائي ڍؤ ڪيو هجيس جيستائين سڀ (گڏ ويٺل) کائي فارغ نہ ٿين اهو اٿڻ وارو (طريقو) ساٿيءَ کي شرمائي ٿو ۽ ممڪن آهي جو ان کائي ڍؤ نہ ڪيو هجي. (شرم کان اڌ ۾ بس ڪري ويهي) علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي تہ هر مڪلف (عاقل بالغ) تي حمد ڪرڻ واجب آهي ڇوتہ ڪوبہ الله ﷻ جي نعمت کان خالي نہ آهي

مطلب تہ الله ﷻ جي نعمت تي حمد ڪندڙ کي واجب ادا ڪندڙ وارو ثواب ڏنو ويندو. ابن العربي رحمہ اللہ فرمايو تہ "مون بعض علماء کان ٻڌو تہ ڪوبہ لقمو وات تي پوءِ رکيو ويندو آهي اهو اول 360 ملائڪن جي هٿن تي ايندو آهي پوءِ ان تي حمد چوڻ ڪيو وڃي.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 237, المواهب شرح الشمائل ص 316)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في ڪتاب الاطعمة باب 54 ما يقول اذا فرغ** من طعامہ رقم الحديث 5458 ج 9 ص 580 {2} **ابو داؤد في ڪتاب الاطعمة باب 53 ما يقول الرجل اذا** طعم رقم الحديث 3849 ج 3 ص 366 {3} **احمد في المسند** ج 5 ص 252 {4} **الحاڪم في المستدرڪ** ج 1 ص 528 {4} **البيهقي في سننه** ج 7 ص 286 {5} **الطبراني في الڪبير** ج 8 ص 110, 111.

{193} حَدَّثَنَا أَبُوْبَكْرٍ مُحَمَّدُ بْنُ أَبَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيْعٌ، عَنْ هِشَامٍ الدَّسْتُوَائِيِّ، عَنْ بُدَيْلِ بْنِ مَيْسَرَةَ الْعُقَيْلِيِّ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُبَيْدِ بْنِ عُمَيْرٍ، عَنْ أُمِّ كُلْثُوْمٍ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ الطَّعَامَ فِيْ سِتَّةٍ مِنْ أَصْحَابِهِ فَجَاءَ أَعْرَابِيٌّ فَأَكَلَهُ بِلُقْمَتَيْنِ، فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لَوْسَمّٰى لَكَفَاكُمْ.

با محاوره ترجمو: حضرت عائشه رضي الله عنها **کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ پنهنجن ڇهن اصحابن** سڳورن عليهم الرضوان **سان گڏ کاڌو کائي رهيا هئا تہ هڪ بدوي (يعني ٻهراڙيءَ جو رهاڪو) آيو ۽ ان** انهيءَ کاڌي کي بہ گرهہ **ڪيا يعني بہ گرهہ ڪري کائي ويو. تنهن تي حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد** فرمايو تہ **"جيڪڏهن (اهو بدوي) بسم الله پڙهي کائي ها تہ کاڌو توهان سيني کي پورو ٿئي ها."**

مفردات جو شرح: الطعام ۾ الف لام عهد ذهني جو آهي "فی ستة" في مع جي معنيٰ سان آهي ۽ هي بہ ٿي سگهي ٿو. "فی ستة" ظرف مستقر هجي. "ای کائنا فی ستة" ڇهن ۾ هوندڙ. "اعرابی" زبر سان انصاري وانگر. هن جو هن جي لفظ مان واحد ناهي. اعرابي، ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙن کي سڏيو ويندو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ ڪمال درجي جي تنبيه آهي تہ کاڌو بسم الله پڙهڻ کان سواءِ شروع نہ ڪيو وڃي. ڇوتہ بسم الله کان سواءِ انتها درجي جي بي برڪتي هوندي آهي ۽ کاڌي جي لذت نہ رهندي آهي ان جي ڪري اهو کاڌو پورو بہ نہ پوندو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ "جيڪڏهن بسم الله پڙهي ها تہ اهو کاڌو اوهان لاءِ ڪافي ٿي وڃي ها." مان ثابت ٿيو تہ بسم الله نہ پڙهڻ جي ڪري ان ۾ برڪت نہ پئي. **علامہ علي قاري** رحمہ اللہ لکيو آهي تہ اهڙي روايت حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه **کان بہ آيل آهي پوءِ احتمال آهي تہ اهو واقعو بہ دفعا ٿيو هجي.** ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها اهو پردي جي حڪم نازل ٿيڻ کان پهريان ڏٺو هجي يا پردي کان پوءِ ڏٺو هجي ۽ هي بہ احتمال آهي تہ هيءَ روايت مرسل آهي ۽ امان عائشہ رضي الله عنها اهو واقعو اتي مجلس ۾ موجود ڪنهن صحابي رضي الله عنه کان ٻڌو هجي. (جمع الوسائل ج 1 ص 238)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 189 جي بيان ۾ لکجي آيو آهي.

{194} حَدَّثَنَا هَنَّادٌ، وَمَحْمُوْدُ بْنُ غَيْلَانَ، قَالَا: حَدَّثَنَا أَبُوْ أُسَامَةَ، عَنْ زَكَرِيَّا بْنِ أَبِيْ زَائِدَةَ، عَنْ سَعِيْدِ بْنِ أَبِيْ بُرْدَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ اللهَ لَيَرْضٰى عَنِ الْعَبْدِ أَنْ يَأْكُلَ الْأَكْلَةَ، أَوْ

يَشْرَبَ الشَّرْبَةَ فَيَحْمَدَهُ عَلَيْهَا.

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :" بيشڪ الله جل جلاله ان ٻانهي کان راضي ٿئي ٿو جو مانيءَ جو گرهہ کائي يا پاڻيءَ جو ڍُڪ پي الله جل جلاله جو حمد پڙهي ٿو."

مفردات جو شرح: "لَيَرْضَىٰ" البت راضي ٿو ٿئي "اَلْعَبْدِ" ۾ الف. لام جنس يا استغراق جو آهي. "أَنْ يَأْكُلَ" ۾ ان سبب جي لاءِ آهي. اي بسبب ان ياڪل او لاجل ان ياڪل "اَلأَكْلَةَ" (همزه جي زير سان.) هڪ ڀيرو کائڻ. "الشَّرْبَةَ" هڪ ڀيرو پيئڻ ۽ هر هڪ هنن ٻنهي مان پنهنجي فعل جو مفعول مطلق آهي.

سمجهاڻي: هي حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان کائڻ پيئڻ کان پوءِ الله جل جلاله جو شڪر ڪرڻ تي ٻانهي کان الله جل جلاله جي راضي ٿيڻ جي خوشخبري آهي. "الاتحافات الربانية" جي صاحب رحمة الله عليه لکيو آهي ابو نعيم روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪاڌي کائڻ کان (فورن) پوءِ ننڊ ڪرڻ کان منع ڪئي آهي ۽ طبي اصول موافق رات جو ڪاڌي کائڻ کان پوءِ چهل قدمي ڪرڻ گهرجي. (انوارِ غوثيہ ص 259) شمائل جي هڪ شارح هيءَ دعا لکي آهي "اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ وَلَكَ الشُّكْرُ عَلٰى مَا اَنْعَمْتَ" اي منهنجا الله! تنهنجي لاءِ ان نعمت تي جيڪا (تو مون تي ڪئي آهي) حمد ۽ شڪر آهي.

(فضائل النبي ﷺ ص 106)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الذكر والدعاء والتوبة والاستغفار باب 24 رقم الحديث 2734 ج 4 ص 1602 {2} النسائي في كتاب الوليمة من سننه الكبرىٰ باب 6 ثواب الحمد لله رقم الحديث 6899 ج 4 ص 202. {3} احمد في المسند ج 3 ص 100، 117 {4} ابو يعلىٰ في سننه رقم الحديث 4332 ج 7 ص 298.

باب اٺٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي قَدَحِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آيل آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي (پاڻي واري) پيالي جي باري ۾ آهن

سمجهاڻي: "قدح" (قاف ۽ دال جي زبر سان) اهو ٿانءُ جنهن ۾ ڪجهه پيتو ويندو آهي ۽ اهو ٿانءُ نه ننڍو نه وڏو هوندو آهي (بلڪ وچٿرو هوندو آهي) قدح جو جمع "اقداح" آهي جيئن سبب ۽ اسباب. رسول الله ﷺ جن جو هڪ پيالو هوندو هو. جنهن کي "ريان" سڏيندا هئا. ۽ سندن ٻيو پيالو هوندو هو ان کي "مُغِيثُ" سڏيندا هئا. ۽ هڪ سندن پيالو ٽن جاين تي چانديءَ جي سنهي تند سان ڳنڍيل هوندو هو. ۽ هڪ پيالو شيشي جو هوندو ۽ هڪ "عيدان" مان ٺهيل هو. عيد ان عين جي زبر سان. عيدانت کجيءَ جي ڪاٺ کي چوندا آهن ۽ ضرورت وقت ان کي پنهنجي کٽ جي هيٺان رکرائيندا هئا ۽ ان ۾ پيشاب ڪرڻ فرمائيندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 319)

{195} حَدَّثَنَا الْحُسَيْنُ بْنُ الأَسْوَدِ الْبَغْدَادِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ مُحَمَّدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ طَهْمَانَ، عَنْ ثَابِتٍ قَالَ: أَخْرَجَ إِلَيْنَا أَنَسُ بْنُ مَالِكٍ، قَدَحَ خَشَبٍ غَلِيظًا مُضَبَّبًا بِحَدِيدٍ فَقَالَ: يَا ثَابِتُ، هَذَا قَدَحُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

با محاوره ترجمو: حضرت ثابت ﷛ کان روايت آهي ته حضرت انس بن مالڪ ﷛ اسان کي ڏيکارڻ لاءِ هڪ ڪاٺ جو ٿلهو پيالو لوهي ميخ لڳل ڪڍي آيو پوءِ چيائين ته اي ثابت! هيءُ رسول الله ﷺ جو پيالو آهي.

مفردات جو شرح: "قَدَحَ" پيالو "خَشَبٍ" ڪاٺي. "غَلِيظًا" سخت "مُضَبَّبًا" ميخون لڳل "بِحَدِيدٍ" لوهه.

سمجهاڻي: حضرت انس ﷛ ٻين کي حضور ڪريم ﷺ جو پيالو ڪڍي ڏيکاري فرمايو ته "اي ثابت! هي رسول الله ﷺ جو پيالو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته حضرات صحابه ڪرام عليهم الرضوان حضور شفيع المذنبين رحمة للعالمين ﷺ جي نسبت واري شيءِ کي اهتمام سان سنڀالي رکندا هئا ۽ عقيدت ۽ محبت سان ڏسندا هئا ٻين کي به ان جي زيارت ڪرائيندا هئا. ۽ ان سان پلائي ۽ برڪت حاصل ڪندا هئا.

پيالي پاڪ سان شفا حاصل ڪرڻ: شفا شريف ۾ علامه قاضي عياض آندو آهي ته امام ابن مامون ﷫ فرمايو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي پيالن مان هڪ پيالو اسان وٽ هو. "فَكُنَّا نَجْعَلُ فِيهَا الْمَاءَ لِلْمَرْضَى فَيَسْتَشْفُوْنَ بِهَا" اسين ان ۾ مريضن جي لاءِ پاڻي وجهندا هئاسين اهي اهو پيئڻ سان شفا حاصل ڪندا هئا. حضرت انس ﷛ وٽ ان پيالي کان سواءِ حضور ڪريم ﷺ جي هڪ جُتي مبارڪ به

هئي ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جو ڇتيون لڳل هڪ ڪمبل به هوءِ گوڏ مبارڪ به هئي. امام مالڪ رحمة الله عليه وٽ ٽي وار مبارڪ هئا. حضرت ابو عبدالله وٽ لحاف مبارڪ هو. اسماء بنت ابي بڪر صديق رضي الله عنها وٽ جُبو مبارڪ هو. امام بخاري رحمة الله عليه ان پيالي جي زيارت بصره ۾ ڪئي هئي ۽ ان ۾ پاڻي به پيتو هو. (انوارِ غوثيه ص 261) روايت آهي ته نضر بن انس جي ميراث مان اهو پيالو مبارڪ اٺن لکن درهمن ۾ وڪرو ٿيو هو. ۽ امام بخاري رحمة الله عليه به ان ۾ پاڻي پيتو هو. ۽ ڪي علماء چون ٿا ته امام بخاري رحمة الله عليه جنهن پيالي ۾ پاڻي پيتو هو اهو ٻيو پيالو هو. (فضائل النبي ﷺ ص 107, خصائل نبوي ص 148) ۽ صحيح روايت ۾ آيو آهي ته حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه پاڻ ڪريمن ﷺ جي پيالي مبارڪ ۾ لوهي ڪڙي جي بجاءِ سون يا چاندي جي ڪڙي هڻائي پوءِ ان کي سندس والده ام سليم جي مڙس ابو طلحة روڪي فرمايو ته جيڪا شيءِ رسول الله ﷺ جن ٺاهي آهي ان کي نه ڦيراءِ. حضرت انس رضي الله عنه فرمايو ته "مون هن پيالي ۾ رسول الله ﷺ جن کي ڪئين ڀيرا پاڻي پياريو هو." (جمع الوسائل ج 1 ص 239) هن حديث مان ثابت ٿيو ته نفعي واري شيءِ جي حفاظت ۽ ان جو اصلاح مستحب آهي ۽ ان جو ضايع ڪرڻ مڪروه آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 320, شرح المناوي علي جمع الوسائل ج 1 ص 239)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البغوي** في شرح السنة رقم الحديث 3033 ج 11 ص 370 {2} **البيهقي** في سننه ج 1 ص 29 {3} **البخاري** في كتاب فرض الخمس باب 5 ما ذكر من درع النبي ﷺ وعصاه وسيفه وقدحه وخاتمه رقم الحديث 3109 ج 6 ص 212.

{196} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: أَنْبَأَنَا عَمْرُو بْنُ عَاصِمٍ قَالَ: أَنْبَأَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ قَالَ: أَنْبَأَنَا حُمَيْدٌ، وَثَابِتٌ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ: لَقَدْ سَقَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِهٰذَا الْقَدَحِ الشَّرَابَ كُلَّهُ، الْمَاءَ وَالنَّبِيذَ وَالْعَسَلَ وَاللَّبَنَ

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه چيو ته آءُ رسول الله ﷺ جن کي ان پيالي ۾ هر قسم جي پيئڻ جون شيون, ڪارڪ جو شربت, ماکي ۽ کير پياريندو هوس.

مفردات جو شرح: "سقيت" پياريو مون. "بهذا القدح" هن پيالي سان, اي جيڪو سخت ڪاٺيءَ مان ٺهيل ۽ لوهه جون ميخون لڳل آهي. "الشراب كله" پيئڻ واريون سڀ شيون. پاڻي پيئڻ وارين شين جا سڀ قسم. هتي مجمل ڪان مفصل کي بدل ڪرڻ جي طور چار شيون بيان ڪيل آهن يا ڪل ڪان بعض بدل ڪيو ويو آهي ڇوته اهي قسم گهڻو مشهور آهن. "الماء" پاڻي. "النبيذ" نيوڙو. "العسل" ماکي. "اللبن" کير.

سمجهاڻي: حضرت انس رضي الله عنه جو هن جمله "بهذا القدح" (هن پيالي) ۾ ڪيترو پيار آهي ۽ ڪيس ان ڳالهه تي ڪيترو ناز آهي ته هي اهو پيالو آهي جنهن ۾ اهو پاڻ حضور ڪريم ﷺ جن کي هر پيئڻ واري شيءِ پياريندو هو ۽ ڪيترو خوش نصيب آهي حضرت انس رضي الله عنه جنهن کي حضور ڪريم ﷺ جي خدمت جو نادر موقعو مليو هو. "النبيذ" کجور, ڪشمش, ڪارڪن وغيره کي پاڻي ۾ پسايو وڃي ۽ جڏهن پاڻي ۾ ان جو اثر چڱي طرح اچي وڃي ته ان پاڻيءَ کي نبيذ چوندا آهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي لاءِ رات جو کجور پاڻيءَ ۾ پسائي ڇڏي ويندي هئي ۽ صبح جو اٿي پاڻ اهو پاڻي

پيئندا هئا. اهو طبيعت جي لاءِ نهايت مفرح هوندو آهي. (انوارِ غوثيہ ص 262) ان ۾ قوت جي زياده تيزي جو بہ نفعو هوندو اهي. (المواهب شرح الشمائل ص 321)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه مسلم في كتاب الاشربة باب 9 رقم الحديث 2008 ج 3 ص 1591 {2} احمد في المسند ج 3 ص 247 {3} البيهقي في سننه ج 8 ص 299 {4} ابو انشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 190 {5} البغوي في الشمائل رقم الحديث 1022 ج 2 ص 655 {6} الحاكم ج 4 ص 105

باب ٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي فَاكِهَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

انهن حديثن جو باب جن ۾ رسول الله ﷺ جي ميون واپرائڻ جو بيان آهي

سمجهاڻي: "الفاكهة" ان ميوي کي چيو ويندو آهي جنهن جي کائڻ سان لذت ۽ مزو حاصل ڪيو ويندو آهي تازو هجي يا سڪل. جيئن انجير، گدرو ڪشمش، تازي ڪجور (ڏوڏا يا ڏنگ) ڏاڙهون وغيره. (المواهب شرح الشمائل ص 321) **راغب اصفهاني** فرمايو ته فاڪهة سڀني ميون کي چيو ويندو آهي ۽ بعض جو قول آهي ته ڪجور ۽ ڏاڙهونءَ کان سواءِ باقي ميون کي فاڪهة سڏيو ويندو هو گويا انهن قرآن مجيد جي سورة الرحمن جي آيت نمبر 28 "فِيهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ" ڏانهن نظر ڪئي آهي. جو ڪجور ۽ ڏاڙهونءَ کي. فاڪهة" تي عطف ڪيو ويو آهي ۽ ان جي ڪري به جو ڪجور غذا آهي ۽ ڏاڙهون دوا آهي ۽ حضرت امام ابو حنيفہ جو به اهو قول آهي. (جمع الوسائل ص 240)

{197} حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ مُوسَى الْفَزَارِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ سَعْدٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْكُلُ الْقِثَّاءَ بِالرُّطَبِ.

با محاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن جعفر رضي الله عنه چيو ته نبي ڪريم ﷺ تازي ڪجور سان گڏ ونگو کائيندا هئا.

مفردات جو شرح : " القثاء" بادرنگ "الرطب" تازي ڪجور، ڏوڏا، ڏنگ.

سمجهاڻي: شارحن سڳورن هن حديث جي شرح ۾ طبي نقطہ نگاه سان گهڻا تبصرا ڪيا آهن جيڪي پنهنجي جاءِ تي درست ۽ صحيح آهن. هن حديث شريف سان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو بادرنگ (يعني ڪيري) کي تازي ڪجور سان ملائي کائڻ ثابت آهي بادرنگ ٿڌو ۽ ڪجور گرم هوندي آهي. بنهي ۾ اعتدال پيدا ڪرڻ جي لاءِ حبيب ڪريم ﷺ ملائي تناول فرمايو. علامہ بيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي ته بادرنگ ٿڌو، آلو اچ لاهيندڙ فطري قوتن کي برپا ڪندڙ گرمي ۽ حرارت کي وسائيندڙ ، مثاني وغيره جي سور کان نفعو ڏيندڙ آهي ۽ تازي ڪجور، گرم، معدي کي قوت ڏيندڙ آهي پر جلد بدبوءِ پيدا ڪندڙ آهي، ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته منهنجي ماءُ مون کي بدن ۾ ٿلهو ڪرڻ جو ارادو ڪيو جو مان رسول الله ﷺ وٽ ڪنوار ٿي وڃڻ واري هيس پوءِ ڪيس اهڙي ڪابہ شيءِ ميسر نہ ٿي تانجو مون کي بادرنگ ۽ تازي ڪجور کارايائين پوءِ مان وڻندڙ ٿولهہ واري ٿيس." الغرض تہ اهو صحت جو اصل ۽ علاج جو بنياد آهي. راويءَ کائڻ جي ڪيفيت بيان نہ ڪئي آهي. طبراني ضعيف سند سان حديث آندي آهي تہ عبدالله بن جعفر رضي الله عنه

فرمايو تہ "مون رسول الله ﷺ جي سڄي هٿ ۾ بادرنگ ۽ کابي هٿ ۾ تازي ڪجور ڏٺي. ۽ پاڻ هڪ ٻيري هِنَ مان تہ ٻئي ٻيري هُن مان ڪائي رهيا هئا ۽ حافظ عراقي روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن بادرنگ لوڻ سان ملائي ڪائيندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 322) علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "ڪائڻ مهل کابي هٿ واري بہ ساڄي هٿ ۾ آٽي ڪائيندا هئا. کابي سان نہ ڪائيندا هئا. طبراني واري مذڪور روايت جي اها مراد آهي. علامہ نووي رحمه الله لکيو تہ ان مان ثابت ٿيو تہ بہ طعام گڏي ڪائڻ يا ڪاڌي ۾ ڪشادگي ڪرڻ جائز آهي. ان جي جواز ۾ علماء ۾ اختلاف ناهي ۽ بعض علماء ڪان جو ان جي ڪراهيت نقل ڪيل آهي ان مان مراد اها عادت بنائڻ آهي ۽ قرطبي رحمه الله فرمايو تہ هن حديث مان اهو بہ ثابت آهي تہ ڪاڌي ڪائڻ ۾ ڪاڌل شين جي صفتن ۽ طبيعتن جي رعايت ڪرڻ ۽ انهن جو طبي اصول تي لائق نموني استعمال ڪرڻ جائز آهن ۽ بہ شيون هڪ وقت ڪائڻ هن حديث مان ثابت آهن جيڪا ابو داؤد ۽ ابن ماجه آندي آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تشريف فرما ٿيا تہ سندن خدمت ۾ مکڻ ۽ ڪجور پيش ڪيا ويا ۽ پاڻ انهن کي پسند ڪندا هئا. (جمع الوسائل ج 1 ص 240)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب الاطعمة باب 39 رقم الحديث 5440 ج 9 ص 564 {2} مسلم في ڪتاب الاشربة باب 23 اڪل القثاء بالرطب رقم الحديث 2043 ج 3 ص 1616 {3} ابن ماجه في ڪتاب الاطعمة باب 37 رقم الحديث 3325 {4} احمد في المسند ج 1 ص 203 {5} ابو يعلىٰ في مسنده رقم الحديث 6798 ج 12 ص 171.

{198} حَدَّثَنَا عَبْدَةُ بْنُ عَبْدِ اللهِ الْخُزَاعِيُّ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ هِشَامٍ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَأْكُلُ الْبِطِّيخَ بِالرُّطَبِ.

با محاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ تازي ڪارڪ سان گڏ ڇانهين (يعني هنداڻو) ڪائيندا هئا.

مفردات جو شرح : "البطيخ" گدرو (با جي زير سان صحيح آهي با جي زبر سان غلط آهي.

سمجهاڻي: بطيخ جي ترجمي ۾ اختلاف آهي بعض جو قول آهي تہ ان جي معنىٰ گدرو آهي ۽ بعض جو قول تہ ان مان مراد ڇانهين آهي. علامہ علي قاري رحمه الله فرمايو تہ صحيح معنىٰ ڇانهي (يعني هنداڻو) آهي ڇوتہ اها ٿڌي آهي ۽ ڪجور جي گرمي کي معتدل ڪري ٿي. ابو داؤد ۽ ترمذي روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ڇانهين کي رطب. تازي ڪجور سان ملائي ڪائيندا ۽ فرمائيندا هئا " هن جي گرمي هُن جي ٿڌاڻ کي ڪٽي ٿي ۽ هن جي ٿڌاڻ هِن جي گرمي کي ڪٽي ٿي. ۽ جيڪڏهن گدرو مراد ورتو ويندو تہ پوءِ اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ گدري جي ٿڌاڻ تيستائين آهي جيستائين اهو ڪچو آهي پڪي تيڻ کان پوءِ اهو بہ گرم ٿي وڃي ٿو." ۽ هن مان بہ اهو ثابت ٿئي ٿو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن ڪائڻ ۾ طعام جي صفات جو خيال رکندا هئا ۽ طب جي قانون ۽ اصول مطابق استعمال ڪندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 323)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبرىٰ باب 56 الرطب رقم الحديث 6723 ج 4 ص 166 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2894 ج 11 ص 329

{3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 186.

{199} حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ يَعْقُوبَ قَالَ: حَدَّثَنَا وَهْبُ بْنُ جَرِيرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي قَالَ: سَمِعْتُ حُمَيْدًا، أَوْ قَالَ: حَدَّثَنِي حُمَيْدٌ - قَالَ وَهْبٌ: وَكَانَ صَدِيقًا لَهُ - عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَجْمَعُ بَيْنَ الْخِرْبِزِ وَالرُّطَبِ

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ جن کي ڏنوتہ هنداڻو تازي کارڪ سان گڏ کائيندا هئا.

مفردات جو شرح: ساڳيو آهي.

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن کان بہ مٿيون شيون گرم مزاج ۽ سرد مزاج واريون ملائي کائڻ ثابت آهي. هتي بہ اهڙو ذڪر آهي. ٻيو تہ جيڪڏهن گدرو گهڻ مٺو هوندو تہ کجور جي ملائي کائڻ سان ان ۾ مٺاڻ پيدا ٿيندو ۽ کائڻ ۾ لذيذ لڳندو. جيئن اسان وٽ ڦڪي گدري ۾ کنڊ ملائي مٺو ڪري کائيندا آهن.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبريٰ باب 59 رقم الحديث 6726 ج 4 ص 167 {2} احمد في المسند ج 3 ص 142 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 185، 186 {4} البيهقي في الشعب ج 5 ص 112 {5} الضياء في المختارة ج 2 ص 86. {6} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 393.

{200} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَحْيَى قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ الْعَزِيزِ الرَّمْلِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ يَزِيدَ بْنِ الصَّلْتِ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِسْحَاقَ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ رُومَانَ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَكَلَ الْبِطِّيخَ بِالرُّطَبِ

با محاوره ترجمو: حضرت عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ بيشڪ پاڻ ڪريم ﷺ تازي کارڪ سان گڏ گدرو کائيندا هئا.

مفردات جو شرح: ساڳيو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث جي سمجهاڻي بہ مٿي مذڪور ساڳي آهي ۽ هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي انهن جو ذڪر حديث نمبر 198 جي تخريج ۾ لکيل آهي.

{201} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، (ح) وَحَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ سُهَيْلِ بْنِ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: كَانَ النَّاسُ إِذَا رَأَوْا أَوَّلَ الثَّمَرِ جَاءُوا بِهِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَإِذَا أَخَذَهُ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي ثِمَارِنَا، وَبَارِكْ لَنَا فِي مَدِينَتِنَا، وَبَارِكْ لَنَا فِي صَاعِنَا وَفِي مُدِّنَا، اللَّهُمَّ إِنَّ إِبْرَاهِيمَ عَبْدُكَ وَخَلِيلُكَ وَنَبِيُّكَ، وَإِنِّي عَبْدُكَ وَنَبِيُّكَ، وَإِنَّهُ دَعَاكَ لِمَكَّةَ، وَإِنِّي أَدْعُوكَ لِلْمَدِينَةِ بِمِثْلِ مَا دَعَاكَ بِهِ لِمَكَّةَ وَمِثْلِهِ مَعَهُ قَالَ: ثُمَّ يَدْعُو أَصْغَرَ وَلِيدٍ يَرَاهُ فَيُعْطِيهِ ذَلِكَ الثَّمَرَ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن ماڻهو ڪو نئون يا تازو آيل

موسمي ميوو ڏسندا هئا تہ اهو برڪت خاطر پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ کڻي ايندا هئا. تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اهو ميوو وٺي هي دعا گهرندا هئا.

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَافِي ثِمَارِنَا، وَبَارِكْ لَنَافِي مَدِينَتِنَا، وَبَارِكْ لَنَافِي صَاعِنَاوَفِي مُدِّنَا، اَللّٰهُمَّ إِنَّ إِبْرَاهِيمَ عَبْدُكَ وَخَلِيلُكَ وَنَبِيُّكَ، وَإِنِّي عَبْدُكَ وَنَبِيُّكَ، وَإِنَّهُ دَعَاكَ لِمَكَّةَ، وَإِنِّي أَدْعُوكَ لِلْمَدِينَةِ بِمِثْلِ مَا دَعَاكَ بِهِ لِمَكَّةَ وَمِثْلِهِ مَعَهُ

(ترجمو: اي الله! اسان لاءِ اسان جي ميون ۾ برڪت فرماءِ ۽ اسان جي شهر مديني ۾ برڪت فرماءِ ۽ اسان جي ماپ ٽوئي ۽ پاٽيءَ ۾ برڪت فرماءِ. اي الله! بيشڪ ابراهيم عليہ السلام تنهنجو ٻانهو تنهنجو دوست ۽ تنهنجو نبي هو ۽ بيشڪ آءُ بہ تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو نبي آهيان. اُن توکان مڪي شريف لاءِ دعا گهري هئي ۽ آءُ توکان مديني شريف لاءِ دعا گهران ٿو جيتري انهيءَ توکان مڪي شريف لاءِ دعا گهري هئي مان توکان مديني جي لاءِ اوتري دعا گهران ٿو ۽ اوتري ٻي دعا بہ گهران ٿو.)

راوي چوي ٿو تہ پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جنهن بہ ننڍي ٻار کي ڏسندا هئا تہ ان کي سڏي اهو نئون ميوو ڏئي ڇڏيندا هئا.

مفردات جو شرح: "صاع" ٽوپو. "مد" عرب ۾ ماپ ڪرڻ جو هڪ ذريعو "ح" سند جي تحويل جو نشان.

سمجهاڻي: حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمايو تہ "جڏهن بہ ڪو نئون ميوو لهندو هو تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم اهو پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ کڻي ايندا هئا تہ محبوب ڪريم ﷺ ان ۾ برڪت جي دعا ڪن. پاڻ سڳورا ﷺ ان ۾ برڪت جي لاءِ حديث ۾ مذڪور دعا ڪندا هئا ۽ هن مان معلوم ٿيو تہ حضرات صحابہ ڪرام رضي الله عنهم حضور ڪريم ﷺ جي دعا تي ڪيترو يقين رکندا هئا. نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي مڪہ مڪرمہ لاءِ گهريل دعا جو ذڪر ڪندي مدينہ منوره جي لاءِ ان کان ٻيڻي برڪت گهري. جيڪا اڄ تائين ظاهر آهي ۽ صحابہ ڪرام جي ان طريقي کي ذهن ۾ رکندي اڄ بہ سني، حنفي مسلمان حضرات اولياءِ ڪرام ۽ علماءِ عظام وٽ فروٽ وغيره دعا طلبي لاءِ کڻي ويندا آهن. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن نئين ميوات لهڻ ۽ سندن خدمت ۾ پيش ڪرڻ مهل الله جل جلاله حقيقي منعم ڏانهن متوجهہ ٿيندي مزيد انعام جي لاءِ برڪت جي گهري" اي الله! اسان جي ميون ۾ برڪت پيدا ڪر ۽ اسان جي لاءِ اسان جي مدينہ ۾ برڪت پيدا ڪر." جيڪا عام ان ۾ رهندڙن ۽ ميون ۽ سمورن نفعن تي مشتمل هجي (۽ اسان جي مُد ۾. هن مان مراد اهو طعام آهي جيڪو ماپ ڪيو ويندو هو. پوءِ ان مان مراد سندن عام قوت وارين شين ۾ برڪت آهي ڇو تہ اهي سندن معاشي امور ۾ اصل آهن ۽ ميون جو ذڪر اڳ ۾ ان جي ڪري ڪيائون جو وقت جي خواهش ۽ تقاضا اها هئي. ان ڪان پوءِ ان وقت ماپ ڪرڻ وارين شين جو ذڪر انهن جي اهميت جي ڪري ڪيو هيائون. علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ٽوپي ۽ مُد کي مدينہ منوره وارن ضايع ڪري ڇڏيو. الله ئي پنهنجي دين جو محافظ آهي. علامہ موصوف لکيو آهي تہ : مستحب آهي تہ جنهن کي تازو ميوو لڀي اهو الله جل جلاله جي بارگاهہ ۾ هن برڪت واري دعا سان دعا گهري. علامہ قاضي عياض رحمة الله عليه فرمايو تہ "برڪت وڌڻ ۽ زيادتي جي معنيٰ ۾ آهي ۽ ثبات ۽ لازم هجڻ جي معنيٰ ۾ بہ هوندي آهي. ۽ هي احتمال بہ آهي تہ حديث ۾ ذڪر ڪيل برڪت مان مراد ديني

برڪت هجي ۽ دنياوي برڪت بہ مراد ٿي سگهي ٿي. بلڪ حضور ڪريم ﷺ جي دعا سان مدينہ منوره ۾ سڀ برڪتون موجود هيون, آهن ۽ قيامت تائين هونديون. حبيب ڪريم ﷺ جن دعا ۾ عرض ڪيو تہ "اي منهنجا الله! بلاشڪ (حضرت) ابراهيم تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو خليل ۽ تنهنجو نبي آهي ۽ مان تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو نبي آهيان" (حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي لاءِ خليل يا حبيب جو لقب پنهنجي رب جي اڳيان تواضع ۽ پنهنجي ڏاڏي جي ادب کي ملحوظ رکي نہ چيو)" ۽ بلاشڪ ان (حضرت ابراهيم) توکان مڪہ مڪرمہ جي لاءِ دعا گهري ۽ مان توکان مدينہ جي لاءِ اهڙي دعا گهران ٿو جيڪا ان توکان مڪہ لاءِ گهري ۽ ان سان گڏ ان جو مثال بہ گهران ٿو." حضرت ابراهيم (على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي مڪہ مڪرمہ وارن لاءِ هيءَ دعا هئي." فَاجْعَلْ اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ." پوءِ ماڻهن مان انهن جي دلين کي اهڙو بڻاءِ جو انهن (مڪہ مڪرمہ وارن) ڏانهن خواهش رکن ۽ انهن کي ميون مان رزق ڏي تان تہ اهي شڪر ڪن." يعني انهن کي ميون مان اهڙو رزق ڏي جو انهن ڏانهن ٻر انهن شهرن کان ڇڪجي اچن تان تہ اهي ان نعمت جو شڪر ڪن جو انهن وٽ اهڙي وادي ۾ جتي نہ ول آ نہ وڻ آ نہ پاڻي آ ميوا ڇڪجي اچن ٿا. الله جل جلاله حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي دعا قبول ڪئي ۽ جيئن چيائين تيئن ٿيو. فرمانِ الاهي آهي "اَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰٓى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝" (سورة قصص آيت 57) (ڇا اسان انهن کي امن وارو حرم نہ ڏنو جنهن ڏانهن هر شيءِ جا ميوا ڇڪي آندا وڃن ٿا اسان جي طرفان رزق ٿي. ۽ پر انهن مان اڪثر نہ ٿا ڄاڻن.) علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "مون کي پنهنجي عمر جو قسم آهي مدينہ منوره لاءِ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي دعا قبول ٿي ۽ ان ۾ پلائي بيٺي ٿي. خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي دور ۾ زمين جي اوبرن ۽ اولهن کان هر نعمت ڇڪجي آئي. ڪسريٰ, قيصر ۽ خاقان جا خزانا ڳٽڙ کان متي آيا ۽ آخري دور ۾ دين مدينہ منوره ڏانهن ائين اچي پناه وٺندو جيئن نانگ پنهنجي ٻر ۾ لکي پناه وٺندو آهي ۽ اها ئي ان جي حصي مان مراد آهي. "ومثله معه" ان جا ٻئي ضمير لِمِثْلِ مَا دَعَاكَ ڏانهن ورن ٿا. ان کان پوءِ سمجهہ تہ "خليل" فاعل جي معنيٰ ۾ "الخلة" (خا جي پيش سان) مان ورتل آهي. الخلة. اها صداقت ۽ محبت آهي جيڪا دل کي چيري اندر داخل ٿي رهندي آهي. ۽ هي حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي دل جي لحاظ سان صحيح آهي جو ان ۾ الله جل جلاله جي محبت اندر ۾ قرار پذير هئي ۽ اها ئي الله جي فرمان "اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝" (سورة شعراء آيت 89) جي معنيٰ ۽ مراد آهي يعني اهڙو قلب جو غير الله جي محبت کان خالي هجي. ۽ هڪ قول آهي تہ "الخليل" الخلة (خا جي زبر سان) کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي حاجت خليل جي معنيٰ حاجتمند. جيڪو دنيا کان منقطع رهندي صرف الله جل جلاله سان حاجت جو اظهار ڪري ان تي ئي اعتماد ڪري پنهنجو وجود ان جي حوالي ڪري ڇڏي تان جو جڏهن باهہ ۾ اڇلائڻ وقت جبرائيل عليہ السلام ڪيس مدد جي پيشڪش ڪندي عرض ڪيو تہ "اَلَكَ حَاجَةٌ؟ ڇا تنهنجي ڪا حاجت آهي تہ ان کي جواب ۾ فرمايائين "اَمَّا اِلَيْكَ فَلَا" پر تو ڏانهن تہ ڪا حاجت ناهي. جبريل عليہ السلام وري ڪيس عرض ڪيو تہ "فَاسْاَلْ رَبَّكَ" پوءِ پنهنجي رب کي عرض ڪيو تہ پاڻ فرمايائون "كَفٰى عِلْمُهٗ بِالْحَالِ عَنِ السُّؤَالِ بِالْمَقَالِ" ان جو (منهنجي) حال کي ڄاڻڻ قول سان سوال ڪرڻ کان ڪافي آهي. ۽ حضرت

رسول الله ﷺ جن پنهنجي خليل هجڻ کي دعا ۾ بيان نہ ڪيو حالانڪ پاڻ بہ الله جَلَّ جَلالُہٗ جا خليل آهن (جيئن هن جاءِ کان سواءِ نص سان فرمايو اٿن (بلڪ پاڻ خليل کان بہ ارفع ۽ اعليٰ محبوبيت جي مقام سان مخصوص آهن جيڪو خليل کان بلند ۽ بالا آهي. ڇوتہ پاڻ دعا جي مقام ۾ هئا جنهن لاءِ تواضع ۽ انڪساري مناسب ۽ لائق آهي پاڻ تمدح ۽ افتخار جي مقام ۾ نہ هئا. پاڻ ڏاڍي سائين جو ادب ڪندي "وَمِثْلَهٗ مَعَهٗ" جي لفظ سان پنهنجي محبوبيت ڏانهن بہ اشارو ڪري ڇڏيو هيائون.

حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمايو تہ ان کان پوءِ پاڻ ڪنهن ننڍي ٻار کي ڏسندا هئا تہ اهو تازو ميوو ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا. ڇوتہ ٻار ان سان گهڻي رغبت رکندا آهن. ۽ پاڻ اهو ان جي ڪري نہ کائيندا هئا جو پاڪ نفس، صاف اخلاق جا صاحب هئا! هي عام ٽيڻ کان پوءِ کائيندا آهن تان تہ هر ڪو انهن سان محظوظ رهي.

فائدو: علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ امت جو ان تي اجماع آهي تہ مڪ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره دنيا جي ساري ڌرتي کان پلا آهن ۽ ٽن امامن، امام اعظم، امام احمد بن حنبل، امام شافعي عليهم الرحمہ وٽ مڪ مدينہ کان پلو آهي ۽ امام مالڪ وٽ مدينہ منوره پلو آهي پر اهو اختلاف ان زمين جي ٽڪري کان سواءِ آهي جنهن ۾ رسول الله ﷺ مزار مبارڪ ۾ آرام فرما آهي باقي اهو ٽڪرو مبارڪ تہ آسمانن، زمينن سيني کان پلو آهي ۽ مڪ مڪرمہ جي نالي جي خاصن مان هي بہ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي نڪ مان رت وهي (نڪهير اچي) تہ ان جي پيشاني تي لکجي "مَكَّةُ وَسْطُ الْبِلَادِ وَاللهُ رَؤُفٌ بِالْعِبَادِ" (مڪ مڪرمہ شهرن جو وچ آهي ۽ الله ٻانهن سان مهربان آهي) تہ رت وهڻ بند ٿي ويندو. (المواهب شرح الشمائل ص 326) **بعض علماء فرمايو تہ جنهن ننڍي ٻار کي حضور ڪريم ﷺ جن اهو ميوو ڏيندا هئا اهو سندن اهلبيت مان هوندو هو پر علامہ علي قاري رحمه الله فرمايو تہ اهو ضروري نہ هو. اهو ننڍو ٻار اهل بيت مان هوندو هو يا ٻين مان پاڻ ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا سندن اخلاقِ ڪريمہ ۽ مزاج مبارڪ لاءِ مناسب بہ اهو آهي.** (جمع الوسائل ج 1 ص 244) ترمذي شريف جي روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "جيڪڏهن مان ڪنهن کي خليل بڻايان ها تہ ابوبڪر کي بڻايان ها پر محبت ۽ ايمان واري ڀائپي آهي ۽ خبردار اوهان جو صاحب الله جَلَّ جَلالُہٗ جو خليل آهي" هن ارشاد مان واضح ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي پاڪ قلب ۾ حضرت ابوبڪر سان ايمان واري ڀائپي هئي. ياد رکڻ گهرجي تہ خلت سان محبت لازمي آهي محبت سان خلت جو هجڻ لازمي ناهي. ڇاڪاڻ تہ خلت قلب جي وچ ۾ پيهي وڃي ٿي ان جي ڪري ان جو اثر قلب جي ٻاهرين پردن تي پهچڻ لازمي آهي مگر محبت قلب جي چوڌاري گهيرو ڪري فقط ان جي ٻاهرين پردن ۾ رهي ٿي ان جي ڪري، ان جي اثر جو قلب جي اندر پهچڻ ضروري ناهي. محبت ۽ خلة ۾ اهوئي فرق آهي محبت وري بہ قسم آهي. (1) هڪ اها محبت جيڪا ٻاهران اچي صرف قلب جي پردن ۾ جاءِ وني ٿي. (2) ٻي اها محبت جيڪا خود خلت تہ ناهي پر ان جو خلت سان ايترو تعلق آهي جو اها قلب جي پردن ۾ ٻاهر رهندي بہ دل جي اندر اثر انداز رهي ٿي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابو بڪر، حضرت عمر، حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها، حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت سيده فاطمہ زهراء رضي الله عنها ۽ ڪيترن صحابن سان محبت جو اظهار فرمايو آهي حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان

عرض ڪري پڇيو تہ "مَنْ اَحَبُّ النَّاسِ اِلَيْكَ؟ قَالَ عَائِشَةُ قُلْتُ مِنَ الرِّجَالِ؟ قَالَ اَبُوْهَا قُلْتُ ثُمَّ مَنْ؟ قَالَ عُمَرُ فَعَدَّ رِجَالًا فَسَكَتُّ مَخَافَةَ اَنْ يَّجْعَلَنِيْ فِيْ اٰخِرِهِمْ" (بخاري) (اوهان کي ماڻهن مان وڌيڪ پيارو ڪير آهي؟ فرمايائون: "عائشہ" مون عرض ڪيو تہ مردن مان؟ فرمايائون تہ "ان جو پيءُ" مون عرض ڪيو تہ ان کان پوءِ ڪير؟ فرمايائون "عمر" پوءِ ڪجهہ شخص ڳڻي ٻڌايائون. پوءِ مون ان خوف کان چُپ ڪئي تہ متان مون کي آخر ۾ ڪن. بريدة ﷺ کان بہ روايت آهي تہ "حضرت رسول الله ﷺ جن جي عورتن مان وڌيڪ محبت فاطمہ ﷺ سان ۽ مردن مان حضرت علي ﷺ سان هئي." (ترمذي) ام المؤمنين سيده عائشہ کان بہ اهڙي روايت آيل آهي. انهن مختلف روايتن مان معلوم ٿيو تہ سردارِ دو جهان، نبي آخر الزمان ﷺ جي قلب اطهر ۾ انهن سيني ڀلارن، پاڳ وارن جي محبت پنهنجي پنهنجي نموني سان موجود هئي. مگر حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي محبت حضرت نبي ڪريم ﷺ جي قلب مبارڪ ۾ خُلت جي بدلي ۾ آهي باقي ٻين جي لاءِ سندن قلب مبارڪ ۾ صرف محبت آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جنهن جي ڪري حضرت ابو بڪر صديق ﷺ سيني کان بارگاهِ نبوت ۾ مقرب ۽ بلند درجي تي رهيو جيئن الله ﷻ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ "رؤف، رحيم (رافت ۽ رحمت وارو) فرمايو تيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي لاءِ فرمايو: "اَرْحَمُ اُمَّتِيْ بِاُمَّتِيْ اَبُوْ بَكْرٍ" منهنجي امت مان منهنجي امت لاءِ وڌيڪ رحم وارو (يعني مهربان) ابو بڪر آهي.) رب العزت جل و علاشانہ وري ارحم الراحمين (رحم ڪندڙن ۾ وڌيڪ رحم ڪندڙ) آهي سندس رحمت ٻانهن تي والدين جي رحم کان بہ وڌيڪ آهي. الله ﷻ جي رحمت ۾ "نقمة" ٻانهي کي تڪليف ڏيڻ ناهي پر والدين واري رحم ۾ ڪڏهن تڪليف بہ هوندي آهي جو اهي مهربان هجڻ سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن ٻار کي مارڪُٽ بہ ڪندا آهن پر ان جي لاءِ ٻي تڪليف کي برداشت بہ ڪندا آهن. ڀلي ان جي لاءِ ان ۾ ترقي ڇونہ هجي ان جي ڪري ڪيترن ٻارن جي تعليم ۽ ترقي ماءُ جي آرڪان اڻ پوري رهجي وڃي ٿي. ايڏو تدبير جو نقصان سڀ رحمت تي نقمة جي غلبي کان آهي، ساڳئي وقت پيءُ جي بہ اولاد سان محبت گهٽي هوندي آهي پر اهو اولاد جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪندڙ نظر اچي ٿو. پوءِ ڀلي ان ۾ ٻار کي دقت پهچندي رهي. ان مان معلوم ٿيو تہ پيءُ جي رحمت تي نقمة غالب آهي پر الله ﷻ اهڙو رحيم آهي جنهن جي رحمت نِقمَة کان بلڪل صاف آهي اهو ارحم الراحمين آهي ۽ هميشہ پنهنجن ٻانهن لاءِ ٻنهي جهانن جي ترقيءَ ۽ ڀلائيءَ جو اول کان وٺي آخر تائين انتظام ڪري ڇڏيو اٿس ان جي لاءِ ئي الله ﷻ انبياء ڪرام ۽ خاص طور تي حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي دنيا تي مبعوث فرمايو ۽ سندن شان ۾ فرمايائين "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ" (سورة الانبياء آيت 107) يعني اسان اوهان کي جهانن تي رحم ڪندڙ ڪري لاءِ موڪليو آهي، اها رحمت عام آهي ۽ ٻي خاص رحمت "بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ" ۾ بيان ٿيل آهي جيڪا خاص مؤمنن جي لاءِ آهي. اها ئي رحمت حضرت ابو بڪر ۾ سمايل هئي جنهن کي مذڪور حديث ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. رحمت هڪ اهڙي وصف آهي جيڪا الله ﷻ جي خاص صفتن مان نقمة کان سواءِ صفت آهي جنهن جو بيان پاڻ الله "ارحم الراحمين" لفظن سان ڪيو آهي ۽ ان پنهنجي رحمت کي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي صورت ۾ جهانن تي ظاهر ڪيو ۽ ان کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي وجود کي امت جي لاءِ "ارحم" وڌيڪ رحم

ڪندڙ بڻايو اها ئي ان ۾ موجود رحمت واري صفت هئي جنهن ان کي "خلة" جي صفت جي ويجهو ڪري ڇڏيو. جنهن سان حضور ڪريم ﷺ جن هڪ طرف الله ﷻ جا خليل آهن ته ٻئي طرف حضرت ابو بڪر صديق ﷛ کي رحمت واري فيض سان نوازي محبت سان مالامال ڪري خلة جي ويجهو رکن ٿا. هن مان حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خليل هجڻ ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ جو بلا فصل خليفه هجڻ جو راز به واضح ٿيو.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الحج باب 85 فضل المدينة رقم الحديث 1373 ج 2 ص 1000 {2} النسائي في (عمل اليوم والليلة) رقم الحديث 302 ص 270. {3} ابن السني في عمل الليوم والليلة رقم الحديث 280 ص 88 {4} مالک في المؤطا كتاب الجامع باب 1 الدعاء للمدينة واهلها رقم الحديث 2 ج 2 ص 885. {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 210 مختصرًا {6} البغوي في شرح السنة حديث رقم 2012 ج 7 ص 316.

{202} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ حُمَيْدٍ الرَّازِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ الْمُخْتَارِ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِسْحَاقَ، عَنْ أَبِي عُبَيْدَةَ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ عَمَّارِ بْنِ يَاسِرٍ، عَنِ الرُّبَيِّعِ بِنْتِ مُعَوِّذِ بْنِ عَفْرَاءَ، قَالَتْ: بَعَثَنِي مُعَاذُ بْنُ عَفْرَاءَ بِقِنَاعٍ مِنْ رُطَبٍ وَعَلَيْهِ أَجْرٌ مِنْ قِثَّاءٍ زُغْبٍ، وَكَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُحِبُّ الْقِثَّاءَ، فَأَتَيْتُهُ بِهِ وَعِنْدَهُ حِلْيَةٌ قَدْ قَدِمَتْ عَلَيْهِ مِنَ الْبَحْرَيْنِ، فَمَلَأَ يَدَهُ مِنْهَا فَأَعْطَانِيهِ.

با محاوره ترجمو: حضرت ربيع بنت معوذ ﷝ کان روايت آهي ته مون کي (منهنجي چاچي) معاذ بن عفراء ﷛ تازين ڪارڪن جو ٿانءُ پيري ڏئي ان جي مٿان تازيون ونگيون رکي نبي پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ موڪليو. پاڻ سڳورا ﷺ ونگين کي گهڻو پسند ڪندا هئا. پوءِ اهي سڀ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ کڻي آيس. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جي اڳيان بحرين کان آيل سون ۽ چانديءَ جا ڳهه رکيل هئا. پوءِ انهن زيورن مان هڪ مُٺ ڀري مون کي ڏنائون.

مفردات جو شرح: "معاذ بن عفراء" هي الربيع جو چاچو هو "بقناع" ۾ با متعدي ڪرڻ لاءِ آهي مصاحبت جي معنيٰ تي به مشتمل آهي. قناع قاف جي زير سان ان ٿانوَ کي چئبو آهي جنهن ۾ کاڌو رکي کائبو آهي. ۽ هڪ قول مطابق اهو ٿانءُ جنهن تي کائڻ جي شيءِ رکي هديو ڪري موڪلي ويندي آهي ان کي قناع سڏيو ويندو آهي. "اجر" (همزه جي زبر جيم جي سڪون را تنوين واري جي زير سان) ۽ ان جو اصل آجر افلس وانگر آهي پوءِ واو کي يا سان بدلايو ويو ڇوته اهو چوٿون نمبر حرف آهي ۽ پيش کي ياء جي مناسبت جي ڪري زير سان مٽايو ويو. پوءِ قاض واري قانون سان ياء کي ڪيرايو ويو ۽ اهو جرو جو جمع آهي هر قسم جي ننڍي شيءِ کي حيوان هجي يا ٻي ڪا شيءِ اجر سڏيو ويندو آهي. "ازغب" پيش سان ۽ غين جي جزم سان ازغب جو جمع آهي، ازغب زا ۽ غين جي زبر سان جسم مان نڪرڻ وقت ننڍڙا وار. ان سان انهن وارن وانگر نظر اچڻ وارن بادرنگ جي مٿان ذرن کي سڏيو ويندو آهي. شمائل جي هڪ نسخي ۾ "وعليه آخر" ۽ ان تي ٻيو آهي. يعني هڪ بادرنگ جي مٿان ٻيو بادرنگ رکيل هو. "حلية" (حا جي زبر سان يا زير سان ۽ لام جي جزم سان) سينگار جي سامان کي سڏيو ويندو آهي. چاندي هجي يا ڪا ٻي شيءِ "البحرين". بصره ۽ عمان جي

وچ ۾ ايريا آهي. نجد جي علائقي مان آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 328) **"قثاء" ڪچيون ونگيون.**

سمجهاڻي: هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو تہ حضرات صحابہ ڪرام عليهم الرضوان **حضرت رسول الله ﷺ** جي ذاتِ عالي صفات کي جيڪو ميوو پسند هوندو هو. نئون لهندو هو تہ سندن خدمتِ عاليہ ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا هئا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ انهن جي ٿانوَ کي خالي نہ موٽائيندا هئا. جيڪو ڪجهہ سندن خدمت ۾ موجود هوندو هو ان ٿانوَ تي وجهي پوءِ واپس ڪندا هئا. علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "وفيه دليل على كمال كرمه و مروته ﷺ و رعاية المناسبتة التامة" يعني ميون موڪلڻ واري عورت ڏانهن حضور ڪريم ﷺ جن جو ٿانوَ ۾ زيورن جو موڪلڻ سندن ڪرم جي ڪمال ۽ ماڻپي تي دليل آهي ۽ زيورن جو بدلي ۾ موڪلڻ عورت جي رعايت سان پورو مناسب آهي. علامہ مناوي رحمة الله عليه لکيو آهي تہ "فيه عظيم سخائه وجوده و رعايته كمال المناسبة" ان ۾ سندن وڏي سخا ۽ جود ۽ مناسب ڪمال جي رعايت آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 245) **الاتحافات الربانيه جي** مصنف علامہ احمد عبدالجواد الدومي بہ ائين لکيو آهي. (انوارِ الغوثيه ص 269)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ابي الدنيا في مكارم الاخلاق ص 217,96 {2} البغوي في الشمائل رقم الحديث 368 ج 1 ص 288 {3} وفي شرح السنة رقم الحديث 2895 ج 11 ص 330, 331.

{203} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شَرِيكٌ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ عَقِيلٍ، عَنِ الرُّبَيِّعِ بِنْتِ مُعَوِّذِ بْنِ عَفْرَاءَ، قَالَتْ: أَتَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِقِنَاعٍ مِنْ رُطَبٍ وَأَجْرٍ زُغْبٍ، فَأَعْطَانِي مِلْءَ كَفِّهِ حُلِيًّا أَوْ قَالَتْ: ذَهَبًا

با محاوره ترجمو: حضرت بيبي ربيع رضي الله عنها کان روايت آهي تہ آءُ نبي ڪريم ﷺ جن وٽ تازين کارڪن جو ٿانءُ ۽ ان جي مٿان تازيون ڪچڙيون ونگيون رکيل هيون کڻي ويس تہ پاڻ سڳورن ﷺ مون کي ڳهن يعني زيورن مان مُٺ ڀري ڏنائون يا چيائين تہ "سون مان مُٺ ڀري ڏنائون."

مفردات جو شرح: "ملاء" ڀرجڻ جو قدر. "كفه" پنهنجي تري, هٿ, **"حُلِيًّا"** حا جي پيش لام جي زير يا جي شد سان, "اوقالت" يا چيائين. او راوي جي طرفان شڪ آهي.

سمجهاڻي: هن حديث جي سمجهاڻي هن کان اڳئين حديث واري آهي جدا ناهي.

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 6 ص 259 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 185 {3} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 694 ج 4 ص 273 {4} البيهقي في شعب الايمان ج 5 ص 106 {5} البغوي في الشمائل رقم الحديث 990 ج 2 639.

باب ايڪٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ شَرَابِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب رسول الله ﷺ جي پيئڻ وارين شين جي بيان ۾ آهي

سمجهاڻي: الشراب مان مراد پيئڻ واريون شيون آهن ۽ هن باب ۾ ٻه حديثون آهن.

{204} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ أَحَبُّ الشَّرَابِ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْحُلْوَ الْبَارِدَ. قَالَ أَبُوعِيسَى: هَكَذَا رَوَى سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، هَذَا الْحَدِيثَ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ. وَرَوَاهُ عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارِكِ، وَعَبْدُ الرَّزَّاقِ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُرْسَلاً وَلَمْ يَذْكُرُوا فِيهِ عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ. وَهَكَذَا رَوَى يُونُسُ وَغَيْرُ وَاحِدٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُرْسَلاً. قَالَ أَبُوعِيسَى: إِنَّمَا أَسْنَدَهُ ابْنُ عُيَيْنَةَ مِنْ بَيْنِ النَّاسِ.

با محاوره ترجمو: حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي پيئڻ جي سيني شين ۾ منو ٺڌو پاڻي گهڻو وڻندو هو.

مفردات جو شرح: "الحلو" منو البارد. ٺڌو.

سمجهاڻي: هن حديث مان واضح ٿيو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن کي ٺڌو ۽ منو پاڻي گهڻو پسند هوندو هو. ابو داؤد روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جي پيئڻ لاءِ "بيوت السقياء" کان منو پاڻي آندو ويندو هو. "السقياء" مدينہ منوره کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هڪ چشمو هو. محدثن پلارن فرمايو تہ منو پاڻي گهرائڻ نہ عياشي آهي نہ زهد ۽ تقويٰ جي خلاف آهي پر پاڻي ۾ مشڪ وغيره ملائي ان کي خوشبودار بنائڻ کي امام مالڪ مکروه چيو آهي ڇوتہ ان ۾ اسراف آهي. ۽ الله جل جلاله جي صالحن ٻانهن منو پاڻي پيتو آهي ۽ ان جي طلب بہ ڪئي آهي باقي کاري پاڻي جي پيئڻ ۾ ڪا فضيلت ناهي ۽ ان ڏانهن الله سبحانه و تعالىٰ اشارو بہ فرمايو آهي. "وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرَانِ هَذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَائِغٌ شَرَابُهُ وَهَذَا مِلْحٌ أُجَاجٌ" (سورة فاطر آيت 12) ۽ ٻہ سمنڊ برابر نہ ٿا ٿين، هي منو آهي ان جو پيئڻ آسان آهي ۽ هي کارو ڪڙو آهي.) حضرت سيد ابو الحسن الشاذلي رحمه الله فرمائيندو هو تہ "مان جڏهن منو پاڻي پيئندو آهيان تہ دل جي وچ مان الله جو حمد ڪندو آهيان." ۽ هڪ قول آهي تہ مني پاڻيءَ مان ان جي مراد ماکيءَ سان مليل پاڻي هوندو." ڇوتہ رسول الله ﷺ جن ڪنڊ استعمال نہ ڪئي آهي.

ماکيءَ ۾ شفا: ماکيءَ ۾ شفا بہ آهي جيئن الله جل جلاله جو فرمان آهي "فِيهِ شِفَاءٌ لِّلنَّاسِ (سورة نحل آيت 69) (ان ۾ ماڻهن جي لاءِ شفا آهي) علامہ ابن القيم رحمه الله فرمايو تہ "ماکيءَ ۾ صحت جا اهي اصول آهن جنهن جي سڃاڻپ ماهرن طبيبن کان سواءِ ٻئي کي نہ هوندي آهي. بلاشڪ ماکيءَ جو پيئڻ ۽ آڱر سان چٽڻ

بلغم کي زائل ڪندو آهي ۽ ماکي معده کي ڌوئي صاف ڪندي آهي ان جي سٽ کي ظاهر ڪندي، ان مان فضلات ڪڍندي ان کي معتدل بنائيندي ۽ ان جا بند ٿيل جزء کوليندي آهي ۽ ٿڌو پاڻي معده جي گرمي ختم ڪندو آهي ۽ بدن جي حفاظت ڪندو آهي ۽ بعض علماء فرمايو تہ "پاڻ ڪڏهن خالص کير پيئندا هئا تہ ڪڏهن ان ۾ ٿڌو پاڻي ملائي پيئندا هئا ڇو تہ کير ڏهڻ مهل گرم هوندو آهي. ۽ اهي علائقا بہ گرم هئا تہ ٿڌي پاڻي ملائڻ سان کير جي حرارت ختم ٿي ويندي هئي. هن باب ۾ آيل روايتن جو حاصل هي آهي تہ "متو ٿڌو پاڻي رسول الله ﷺ جن کي پيئڻ وارين شين ۾ وڌيڪ پسند هوندو هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 246)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الوليمة من سننه الكبرىٰ باب 22 ذكر الاشربة المباحة رقم الحديث 6844 ج 4 ص 190 {2} احمد في المسند ج 6 ص 38، 40 {3} ابن ابي حاتم في العلل ج 2 ص 36 {4} ابو يعلىٰ في مسنده رقم الحديث 4516 ج 8 ص 14 {5} الحاكم في المستدرك ج 4 ص 137

{205} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ عُمَرَ هُوَ ابْنُ أَبِي حَرْمَلَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: دَخَلْتُ مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَا وَخَالِدُ بْنُ الْوَلِيدِ عَلَى مَيْمُونَةَ فَجَاءَتْنَا بِإِنَاءٍ مِنْ لَبَنٍ، فَشَرِبَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنَا عَلَى يَمِينِهِ وَخَالِدٌ عَلَى شِمَالِهِ، فَقَالَ لِي: الشَّرْبَةُ لَكَ، فَإِنْ شِئْتَ آثَرْتَ بِهَا خَالِدًا فَقُلْتُ: مَا كُنْتُ لِأُوثِرَ عَلَى سُؤْرِكَ أَحَدًا، ثُمَّ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ أَطْعَمَهُ اللهُ طَعَامًا، فَلْيَقُلِ: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَأَطْعِمْنَا خَيْرًا مِنْهُ، وَمَنْ سَقَاهُ اللهُ عَزَّ وَجَلَّ لَبَنًا، فَلْيَقُلِ: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَزِدْنَا مِنْهُ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ آءُ ۽ خالد بن وليد رضي الله عنه رسول الله ﷺ جن سان گڏجي (پنهنجي ماسي) ٻيبي ميمونہ رضي الله عنها جي گهر وياسون تہ ٻيبي ميمونہ رضي الله عنها کير جو ٿانءُ کڻي آئي. رسول الله ﷺ جن اهو کير پيتو. آءُ (ابن عباس رضي الله عنه) پاڻ سڳورن ﷺ جي ساڄي پاسي ۽ خالد بن وليد حضور ڪريم ﷺ جن جي کاٻي پاسي ويٺل هئاسون.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ کير پيئڻ جو حق تنهنجو يعني ساڄي پاسي واري جو آهي جيڪڏهن گهرين تہ اهو وارو خالد کي ڏين يا ان لاءِ قبول ڪرين. تنهن تي مون عرض ڪيو تہ اوهان جي اوبر مبارڪ بئي ڪنهن کي ڏيڻ قبول نہ ٿو ڪريان. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ الله جل جلاله جنهن کي کاڌو کارائي تہ هي دعا پڙهي:

"اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَأَطْعِمْنَا خَيْرًا مِنْهُ"

(ترجمو: اي الله! هن ۾ اسان لاءِ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان مان اسان کي ان کان بہ بهتر کاڌو کاراءِ) ۽ جنهن کي الله جل جلاله کير پياري تہ هيءَ دعا گهري:

"اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَزِدْنَا مِنْهُ"

(ترجمو: اي منهنجا الله! هن ۾ اسان لاءِ برڪت عطا فرماءِ ۽ هن کان گهڻو ڏي) پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "کير کان سواءِ ٻي اهڙي ڪا بہ شيءِ ڪانهي جيڪا کائڻ ۽ پيئڻ ٻنهي ۾ ڪم ڏئي."

مفردات جو شرح: "خالد بن وليد ﷛" مشهور صحابي آهي . "ميمونة" هي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي گهرواري مؤمنن جي ماءُ آهي "اناء" ٿانءُ. "يمينه" رسول الله ﷺ جن جي سڄي پاسي. "شماله" سندن کاٻي پاسي "الشربة" پيئڻ جو وارو. نمبر "آثَرْتَ" پنهنجو نمبر ٻئي کي ڏين.

سمجهاڻي: سيده ميمونہ مؤمنن جي ماءُ، سيدنا رسول الله ﷺ جي گهرواري، حارث جي نياڻي هئي. عبدالله بن عباس ۽ خالد بن الوليد ﷛ جي ماسي هئي. هي ٻئي پلارا سيدنا رسول الله ﷺ سان گڏ سيده ميمونہ جي گهر ويا تہ اها سائڻ جوَن جو ٿانءُ پري آئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان مان پاڻي پيئڻ کان پوءِ پنهنجي ساڄي پاسي ويٺل (حضرت) ابنِ عباس ﷛ کي فرمايو تہ "اول پيئڻ تنهنجو حق آهي." "چوتہ ساڄي پاسي کان ويٺل هو ۽ هر ستو ڪم ساڄي کان شروع ڪرڻ اوليٰ ، انسب ۽ افضل آهي پر جيڪڏهن تون ايثار ڪري پنهنجو وارو خالد کي ڏين تہ ڀلي ڏي" چوتہ اهو عمر ۾ توکان وڏو آهي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ائين فرمائي حضرت ابنِ عباس ﷛ کي درس ڏنو تہ حق تنهنجو آهي پر وڏن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ بہ نهايت ڀلي شيءِ آهي انهن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. حضرت ابنِ عباس ﷛ عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! مان اوهان جي بچايل شيءِ تي ٻئي کي ترجيح نہ ڏيندس." اوهان جو بچايل ڪير جيڪو مون کي هينئر ملي رهيو آهي اهو عظميٰ نعمت آهي اهو مان ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ڏيندس هي بچايل ڪير مون لاءِ بخت ۽ ڀاڳ آهي. حضرت ابنِ عباس ﷛ جو هي قول سندس عشق جي ڪمال ۽ غايت درجي جي محبت کي ظاهر ڪري رهيو آهي ۽ حقيقت ۾ ايمان نالو ئي حضور ڪريم ﷺ سان محبت ۽ پيار جو آهي. بعض شارحن لکيو آهي تہ حضرت ابنِ عباس ﷛ جو مقصد هو تہ مان ٿانوَ جي ان جاءِ تي چَپَ رکي پيان جنهن جاءِ تي حبيب ڪريم ﷺ جا پاڪ چپ مبارڪ لڳا هئا ۽ اتي لڳل سندن چپن پاڪن جي آلاڻ مان فيض ۽ برڪت حاصل ڪيان. علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ حضرت ابنِ عباس ﷛ ساڄي پاسي کان ويٺل هو. حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي "اَلَا يَمَنَ فَا الَايمَنَ" (رواه مالک واحمد واصحاب الستة عن انس) ساڄي کان پوءِ ساڄي کان (شروع ڪيو) ۽ هن حديث مان هي فائدو حاصل ٿئي ٿو تہ ساڄي کان شروع ڪرڻ مستحب آهي." علامہ بيجوري ﷫ لکيو آهي تہ ساڄي کان شروع ڪرڻ، پيئڻ کان سواءِ کائڻ، ڪپڙن پائڻ وغيره ۾ بہ سنت آهي مجلس ۾ موجود وڏي کان فارغ ٿي پوءِ ساڄي کان ويٺل کي ڏجي ڀلي اهو ننڍو هجي ۽ کاٻي پاسي ويٺل وڏو ۽ ڀلو هجي. ابن حزم تہ ان ترتيب کي واجب چيو آهي ۽ فرمايو اٿس تہ "ساڄي پاسي ويٺل جي اجازت کان سواءِ کاٻي پاسي ويٺل کي ڪجهہ پيارڻ جائز ئي ناهي. الغرض تہ نيڪيءَ جي ڪم ۾ ٻئي کي ترجيح نہ ڏجي تہ صحيح آهي. جيئن روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جهاد ۾ نڪرڻ جي لاءِ پيءُ ۽ پُٽ ۾ ڪُٺو وڌو. ڪُٺو پُٽ جي حق ۾ نڪتو، پيءُ پُٽ کي چيو تہ "تون ايثار ڪر، مون کي جهاد ۾ وڃڻ جي لاءِ پنهنجو وارو ڏي." پُٽ کيس عرض ڪيو تہ "اي منهنجا پيءَ! ڪير ڪنهن کي جنت ڏيڻ جي لاءِ ايثار نہ ڪندو." پوءِ رسول الله ﷺ جن ان جي ڳالهہ کي برقرار رکيو. حالانڪہ والدين سان نيڪي ڪرڻ جو ڪيترو تاڪيد ڪيل آهي هن حديث مان هي فائدو بہ حاصل ٿئي ٿو تہ "جيڪڏهن ڪو ڪنهن عالم يا وڏي جي مجلس ۾ اچي متاهين جاءِ تي ويهي رهيو تہ ان کي اتانهين ٻئي ڪنهن جي ويهڻ لاءِ نہ اٿاريو ويندو ۽ بعد ۾ اچڻ واري کي جتي جاءِ ملي اتي ويهاريو ويندو. حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمانِ عاليشان هي بہ آهي تہ

"جنهن کي الله ﷻ کاڌو کارائي ته اهو چوي " اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَأَطْعِمْنَا خَيْرًا مِنْهُ"، (اي الله ﷻ! اسان کي هن ۾ برڪت وجهي ڏي ۽ اسان کي هن کان به پلو کاراءِ) ظاهر آهي ته کائڻ وارو اهي الفاظ چوي ٿو نه اڪيلو هجي يا عورت هجي. حديث شريف ۾ آيل الفاظ جي رعايت ڪري ۽ جمع جو صيغو عام مسلمان پائرن جي لحاظ سان چوي. ته اهي به ان ۾ شامل رهن. ۽ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "جنهن کي الله ﷻ کير پياري اهو (دعا جا هي الفاظ چوي) اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَزِدْنَا مِنْهُ " (اي منهنجا الله! اسان جي لاءِ هن ۾ برڪت وجهه ۽ اسان کي ان مان وڌائي ڏي) ۽ هن ۾ ائين نه فرمايائون ته "وَاسْقِنَا خَيْرًا مِّنْهُ " (اسان کي ان کان پلو پيار) ڇوته کابه پيئڻ واري شيءِ کير کان وڌيڪ پلي ناهي. راوي فرمايو ته ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته :"کابه شيءِ کير کان سواءِ ناهي جيڪا کائڻ ۽ پيئڻ جي بنهي جي جاءِ تي هجي." کير بُک به لاهي ٿو ته اڃ به ختم ڪري ٿو. ۽ هن حديث مان اهو به ثابت ٿيو ته پيون پيئڻ واريون شيون کير جو مقام نه ٿيون رکن. ۽ کائڻ، پيئڻ مهل دعا ۾ حڪمت هيءَ آهي ته ظاهر ڪيو وڃي ته "هي سڀ الله ﷻ جو ڪرم آهي. ٻئي جو هن ۾ دخل ناهي."

حديث شريف جي سند تي ڪلام: هنن ٻن حديثن کي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ محدث ترمذي رحمه الله "قال ابو عيسيٰ " چئي هنن سان متعلق ڪجهه بحث لکيو آهي ته پهرين حديث هن نموني سفيان بن عيينه، معمر کان، نبي ڪريم ﷺ کان مرسلًا آندي آهي انهن عن عروة، عن عائشه کان به آندو آهي ۽ يونس وغيره به اهڙي طرح زهري کان، نبي ڪريم ﷺ کان مرسلًا آندي آهي. ابو عيسيٰ رحمه الله (پاڻ محدث ترمذي) فرمايو ته هيءَ حديث ماڻهن مان سند سان ابنِ عيينه رحمه الله آندي آهي. علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته هن مان معلوم ٿيو ته ابنِ عيينه واري روايت اسناد جي لحاظ سان غريب آهي جو اهو ان روايت ۾ منفرد آهي ۽ روايت جو غريب هجڻ ان جي لاءِ نقصان ڏيندڙ ناهي ۽ اهو حديث جي صحت ۽ حسن هجڻ جي منافي ناهي، ان جي ڪري جمهور محدثن جو مذهب آهي ته مرسل حديث حجت آهي ۽ امام شافعي رحمه الله جو مذهب به اهو آهي پر تڏهن جڏهن اها مرسل حديث متصل سان تائيد ڪيل هجي ۽ شمائل جي مصنف جي اشاري جو حاصل هي آهي ته "مرسل سند کان وڌيڪ صحيح (اصح) آهي جيئن جامع ترمذي ۾ آندو اٿس ته "والصحيح ماروي عن الزهري عن النبي ﷺ مرسلًا" انتهي. ۽ هن باب ۾ آندل ٻي حديث جي متعلق فرمايو اٿس. "ابو عيسيٰ رحمه الله چيو ته "ميمونه بنت الحارث، رسول الله ﷺ جي گهرواري، خالد بن وليد، ابنِ عباس " ۽ يزيد بن الاصم جي ماسي هئي. رضي الله عنهم ۽ هن حديث جي علي بن زيد بن جدعان کان روايت ۾ ماڻهن (محدثن) جو اختلاف آهي هن کي هڪڙن علي بن زيد کان، ان عمر بن ابي حرمله کان آندو آهي ۽ هن کي شعبة علي بن زيد کان آڻي فرمايو ته عمرو بن حرمله کان آهي ۽ صحيح هي آهي ته اها روايت عمر بن ابي حرمله کان آهي.

(المواهب شرح الشمائل ص 336, 337)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الاشربة باب 21 ما يقول اذا شرب اللبن رقم الحديث 3730 ج 3 ص 339 {2} النسائي في عمل الليوم والليلة باب ما يقول اذا شرب اللبن رقم الحديث 286, 287 ص 224, 225 بقصة الدعاء {3} ابنِ السني رقم الحديث 476 ص 139, 140 بقصة الدعاء فقط {4} احمد في المسند ج 1 ص 220 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 179

باب ٻٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ شُرْبِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ رسول الله ﷺ جي پيئڻ جي نموني کي بيان ڪرڻ وارين حديثن جو بيان آهي

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن جي پيئڻ جو نمونو يا طريقو ڇا هوندو هو. ويهي پيئندا هئا يا ويهي، هڪ ساهي سان پيئندا هئا يا ٻه ٽي ساهيون ڪٽندا هئا. هتي انهن بيانن تي مشتمل ڏهه حديثون مذڪور آهن.

{206} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا هُشَيْمٌ قَالَ: حَدَّثَنَا عَاصِمٌ الأَحْوَلُ، وَمُغِيرَةُ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَرِبَ مِنْ زَمْزَمَ وَهُوَ قَائِمٌ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن زم زم جو پاڻي بيهي پيتو.

مفردات جو شرح: "شَرِبَ" شرب کان ورتل آهي، ان جي معني آهي پيئڻ. "وهوقائم" هتي واو حال جي لاءِ آهي ۽ "زمزم" مشهور ۽ متبرڪ پاڻي آهي.

سمجهاڻي: مذڪور حديث ۾ آيو آهي ته رسول الله ﷺ جن بيٺي زم زم شريف پيتو. علماء لکيو آهي ته زم زم شريف بيهي پيئڻ افضل آهي ۽ زمزم پيئڻ وقت هيءَ دعا پڙهجي. "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ عِلْمًا نَافِعًا وَ رِزْقًا وَاسِعًا وَشِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَاءٍ." (اي الله! مان توکان نفعو ڏيندڙ علم ۽ ڪشادو رزق ۽ هر مرض کان شفاء گهران ٿو." ۽ گهڻين حديثن ۾ بيهي پاڻي پيئڻ کان به منع آيل آهي. جيئن ته مسلم شريف ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "لَايَشْرَبَنَّ اَحَدُكُمْ قَائِمًا فَمَنْ نَسِيَ فَلْيَسْتَقِ" (اوهان مان ڪو هڪ به هرگز بيهي پاڻي نه پيئي جنهن اهو حڪم وساريو (۽ بيٺي پاڻي پيتائين) اهو الٽي ڪري ڪڍي ڇڏي.) نبوي حديث (على قائلها الصلوة والسلام) جي شارحن لکيو آهي ته "ٻنهي قسمن جي حديثن ۾ موافقت هيئن ٿيندي ته بيهي پيئڻ کان منع وارين حديثن ۾ منع تنزيهي آهي ۽ حضرت رسول الله ﷺ جو بيهي پيئڻ ان جي جواز ثابت ڪرڻ جي لاءِ آهي. ۽ بعض علماء فرمايو آهي ته "ٻن جاين تي پاڻي بيهي پيئڻ منع ناهي اهو ان کان مستثني آهي. (1) زمزم پيئڻ (2) وضو کان فارغ ٿي هڪ ٻه ڍُڪ پاڻي بيهي پيئڻ گهرجي. (انوار غوثيه ص 275) علامه البيجوري رحمه الله لکيو آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن زمزم حجة الوداع جي موقعي تي بيهي پيتو هو. علامه ابن القيم رحمه الله فرمايو ته: بيهي پاڻي پيئڻ ۾ ڪيئي آفتون آهن (1) ته ائين پيئڻ سان پورو ڍؤ نه ٿو ٿئي. (2) ته اهو پاڻي معدي ۾ قرار نه ٿو وٺي تان جو جگر ان کي ٻين عضون ڏانهن تقسيم ڪري موڪلي ۽ معدي ۾

تڪڙو پهچي ان جي حرارت کي ٿڌو ڪري (3) اهو بدن جي هيٺين حصن ڏانهن تيزيءَ سان وڃي ٿو ۽ انهن کي نقصان پهچائي ٿو. ان جي ڪري ئي سنت آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص ويٺي پاڻي پي وينو ته الٽي ڪري ڪيڏي چڙي چوته بيهي پيتل پاڻي خلطن کي متحرڪ ڪري ٿو جن جو الٽي ڪرڻ سان دفاع ٿئي ٿو ۽ جيڪو بيهي پاڻي پيئي ٿو ان جي لاءِ سنت آهي ته هيءَ دعا پڙهي: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ الَّذِىْ شَرِبَ الْمَاءَ قَائِمًا وَّ قَاعِدًا" ان دعا سان بيهي پاڻي پيئندڙ کان ضرر دفع ٿي ويندو ۽ حڪيمن جو قول آهي ته ويٺي پاڻي پيئندڙ پنهنجن آڱوٺن کي چوريندو رهندو ته ويٺي پاڻي پيئڻ جي نقصانن کان بچي ويندو. (المواهب شرح الشمائل ص 339) شمائل جي شارحن لکيو آهي ته "زمزم گهڻو پيئڻ ثواب جو ڪم به آهي سو اهو مقصد بيهي پيئڻ سان حاصل ٿئي ٿو. حديث شريف ۾ آهي "مَاءُ زَمْزَمَ لِمَا شُرِبَ لَهٗ" (يعني زمزم جنهن نيت سان پيتو ويندو اها نيت حاصل ٿيندي) زمزم ۾ اهڙي برڪت آهي جو هڪ وقت اُڃ ۽ بک ۾ ڪافي هوندو آهي. جيئن حضرت ابو ذر غفاري ﷺ جو بيان آهي ته "مون پندرهن ڏينهن صرف زمزم پيئڻ تي گذر ڪيو هو جنهن ۾ غذائيت جي ڪابه ڪمي محسوس نه ٿي هئي ان پاڻي ۾ برڪتن سان گڏ معدني ملاوتن جي ڪري جسماني بيمارين کان شفا به حاصل ٿئي ٿي ۽ روحاني بيمارين لاءِ ته اهو واحد علاج آهي. (فضائل النبي ﷺ ص 113)

هي حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب الحج باب 76 ماجاء في زمزم رقم الحديث 1637 ج 3 ص 492 {2} مسلم في ڪتاب الاشربة باب 15 في الشرب من زمزم قائما رقم الحديث 2027 ج 3 ص 1601. {3} النسائي في ڪتاب الحج باب 165 الشرب من زمزم ج 5 ص 237 {4} ابن ماجه في ڪتاب الاشربہ باب 21 الشرب قائما رقم الحديث 3422

{207} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، عَنْ حُسَيْنٍ الْمُعَلِّمِ، عَنْ عَمْرِو بْنِ شُعَيْبٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ جَدِّهِ قَالَ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَشْرَبُ قَائِمًا وَقَاعِدًا.

با محاوره ترجمو: حضرت عمرو بن شعيب ﷺ پنهنجي پيءُ جي واسطي سان پنهنجي ڏاڏي (عبدالله) کان روايت ڪئي ان چيو ته مون رسول الله ﷺ جن کي بيٺي ۽ ويٺي (ٻنهي حالتن ۾) پاڻي پيئندي ڏٺو.

مفردات جو شرح: "رايت" مون ڏٺو "يشرب قائما وقاعدا" هن ۾ اختصار آهي اصل عبارت هيئن آهي. رايته يشرب قائما ورايته يشرب قاعدا، مطلب ته هڪ ڀيري بيٺي پي رهيا هئا ته هڪ ڀيري ويٺي پي رهيا هئا

سمجهاڻي: هن روايت مان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو بيهي پيئڻ ثابت ٿي رهيو آهي. اهو صرف جواز جي بيان ڪرڻ جي لاءِ نه ته ان ۾ ڪوبه اختلاف ناهي ته سندن احوال مان معروف ۽ مستقر هي آهي ته پاڻ ويهي پيئندا هئا بيهي پيئڻ نادر ۽ جواز جي بيان جي لاءِ هيو. ۽ هن روايت ۾ قيام جو اڳ ۾ ذڪر ڪرڻ ڪثرت جي ڪري نه پر ان جي اهتمام جي ڪري آهي ته پاڻ بيٺي به پاڻي پيتو اٿن.

سوال: بيهي پاڻي پيئڻ مڪروه آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن مڪروه ڪم ڪرڻ کان پاڪ آهن پوءِ بيهي ڪيئن پيتائون؟

جواب: بيهي پيئڻ جڏهن ان جي جواز بيان ڪرڻ لاءِ هو ته اهو ته واجب آهي. مڪروه ناهي. علامہ البيجوري رحمه الله لکيو آهي ته انسان هنن حالتن کان ٻاهر نہ هوندو آهي. (1) بيهندڙ (2) وهندڙ (3) پنڌ ڪندڙ (4) ٽيڪ ڏيندڙ (5) رکوع ڪندڙ (6) سجدو ڪندڙ (7) ليٽندڙ. ۽ هر حالت ۾ جيتوڻيڪ پاڻي پيئڻ ممڪن آهي پر گهڻو آسان ۽ گهڻو استعمال ويني آهي ۽ ان سان ملندڙ بيهي پيئڻ آهي پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن غالبًا ويني پيئندا هئا ۽ جواز بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن بيني پيئندا هئا ۽ جڏهن بيهي پيئڻ ڪڏهن ڪڏهن هوندو هو ته هن حديث ۾ ان کي اڳ ۾ ان جي ڪري بيان ڪيو ويو تان ته بيهي پيئڻ جي منڪر تي رد ڪيو وڃي.

(المواهب شرح الشمائل ص 341)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 2 ص 174 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3048 ج 11 ص 383 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 1100. ج 2 ص 645

{208} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ الْمُبَارِكِ، عَنْ عَاصِمٍ الْأَحْوَلِ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: سَقَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ زَمْزَمَ فَشَرِبَ وَهُوَ قَائِمٌ.

با محاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته مون نبي ڪريم ﷺ جن کي زم زم جو پاڻي ان حال ۾ پياريو جو. پاڻ سڳورا ﷺ بيٺا هئا.

مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.

سمجهاڻي: علماء ڪرام فرمايو ته: زمزم شريف بيهي پيئڻ افضل آهي ۽ تمام گهڻو وڌ ڪري پيئڻ گهرجي ۽ ڪعبة الله شريف ڏانهن منهن ڪري بسم الله شريف پڙهي پيئڻ گهرجي. علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته: هن حديث جي سياق ۾ هن طرف اشارو آهي ته رسول الله ﷺ جن زمزم ٻہ تي پيرا بيهي پيتو هو ۽ ان ۾ اهو بہ اشارو آهي ته انهن ٽن پيرن مان هڪ پيرو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي هٿ تي بہ هو. علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي ته ان بيهي پيئڻ جو هي تاويل بہ ڪيو ويو آهي ته سندن جي لاءِ رش جي ڪري ويهڻ جي جاءِ مناسب نہ هئي تڏهن بيهي پيئڻ فرمايو هيائون يا ويهڻ جي جاءِ تي گپ چڪ هئي. ۽ ابن حبان ۽ ابن شاهين حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "ان جڏهن بيهي پيئڻ واري روايت ٻڌي ته فرمايائين "مون بہ رسول الله ﷺ جن کي بيني پيئندي ڏٺو هو. پر پوءِ مون سندن (ذات عالي صفات) کان ٻڌو ته بيهي پيئڻ کان منع فرمايائون. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 251)

علامہ بيجوري رحمه الله فرمايو ته ابن حبان ۽ ابن شاهين واري روايت سان بيهي پيئڻ جو جواز منسوخ نہ ٿيندو (چو ته جمهور ان جي جواز جا قائل آهن) (المواهب شرح الشمائل ص 341)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: اهي حديث 206 جي تخريج ۾ مذڪور آهن.

{209} حَدَّثَنَا أَبُو كُرَيْبٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ، وَمُحَمَّدُ بْنُ طَرِيفٍ الْكُوفِيُّ، قَالَا: حَدَّثَنَا ابْنُ الْفُضَيْلِ، عَنِ الْأَعْمَشِ، عَنْ عَبْدِ الْمَلِكِ بْنِ مَيْسَرَةَ، عَنِ النَّزَّالِ بْنِ سَبْرَةَ قَالَ: أُتِيَ عَلِيٌّ، بِكُوزٍ مِنْ مَاءٍ وَهُوَ فِي الرَّحْبَةِ فَأَخَذَ مِنْهُ كَفًّا فَغَسَلَ يَدَيْهِ وَمَضْمَضَ وَاسْتَنْشَقَ وَمَسَحَ وَجْهَهُ وَذِرَاعَيْهِ وَرَأْسَهُ، ثُمَّ شَرِبَ وَهُوَ قَائِمٌ، ثُمَّ قَالَ: هَذَا وُضُوءُ مَنْ لَمْ يُحْدِثْ،

هَكَذَا رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَعَلَ.

با محاوره ترجمو: حضرت نزال بن سبره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ **حضرت علي** رضي الله عنه (ڪوفي جي مسجد جي اڱڻ) دارالقضا ۾ وينو هو. وٽس پاڻيءَ جو ڪوزو آندو ويو. پاڻ ان پاڻيءَ مان لپ ڀري ٻئي هٿ ڌوئي ڳرڙيون ڪري، نڪ کي پاڻي ڏئي. منهن، ٻنهي ٻانهن ۽ مٿي مبارڪ کي مسح ڪري بچيل پاڻي ويهي پيتائين پوءِ چيائين تہ هي ان ماڻهوءَ جو وضو آهي جنهن جو وضو نہ ڀڳو هجي. مون رسول الله ﷺ جن کي ائين ڪندي ڏٺو هو.

مفردات جو شرح: "ڪوز" ڪوزو. "الرحبة" مسجد جو صحن. هتي ڪوفي جي جامع مسجد جي وچ ۾ هڪ چبوترو هو. جنهن تي اميرالمؤمنين **حضرت علي** رضي الله عنه تشريف فرما ٿي وعظ ڪندو هو. اهو مراد آهي. "لم يحدث" بي وضو نہ ٿيو.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ مذڪور **حضرت علي** رضي الله عنه **جو وضو نئين ڪرڻ** ۽ صفائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هو. ۽ هن حديث کي هتي آڻڻ مان مقصد هي آهي تہ : **حضرت علي** رضي الله عنه وضو جو بچيل پاڻي ويهي پيتو هو ۽ وري سندن هي فرمان تہ: **مون رسول الله** ﷺ **کي ائين ڪندي ڏٺو**" ۾ دليل آهي تہ جيئن رسول الله ﷺ جا اقوال حجت آهن تيئن سندن **افعال بہ حجت** آهن. **علامہ بيجوري** رحمه الله لکيو آهي تہ حديث مان اهو دليل ورتو ويجي ٿو تہ **وضو جي بچيل پاڻي مان پيئڻ مستحب** آهي ۽ سندن ويهي پيئڻ ان جي جواز جو دليل آهي. (انوارِ غوثيہ ص 277)

هيءَ حديث هين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في كتاب الاشربة باب 16** الشرب قائما رقم الحديث 5616 ج 10 ص 81 {2} ابو داؤد **في كتاب الاشربة باب 13** في الشرب قائما رقم الحديث 3718 ج 3 ص 336 {3} **النسائي في كتاب الطهارة باب 100** صفة الوضو من غير حدث ج 1 ص 84، 85. {4} **احمد** في المسند ج 1 ص 139 {5} **الطيالسي** في مسنده رقم الحديث 148 ص 22 {6} **ابو يعلىٰ** في مسنده رقم الحديث 309 ج 1 ص 262.

{210} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، وَيُوسُفُ بْنُ حَمَّادٍ، قَالَا: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْوَارِثِ بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ أَبِي عِصَامٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: كَانَ يَتَنَفَّسُ فِي الْإِنَاءِ ثَلَاثًا إِذَا شَرِبَ، وَيَقُولُ: هُوَ أَمْرَأُ وَأَرْوَى.

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جڏهن پاڻي پيئندا هئا تہ ٽي دفعا ساهہ کڻندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ **هي طريقو وڻندڙ ۽ ڍءُ ڪرائيندڙ آهي.**

مفردات جو شرح: "كان يتنفس" ساهہ کڻندا هئا. "امرءُ" هضم ٿيندڙ وڌيڪ آسان "اروىٰ" وڌيڪ ڍءُ ڏياريندڙ.

سمجهاڻي: هن حديث مان واضح ٿيو تہ رسول الله ﷺ **پاڻي پيئڻ مهل ٽي ڀيرا ساهہ کڻندا هئا** ۽ هر دفعي پيالي کي منهن کان پري ڪري پوءِ ساهہ کڻندا **هئا ان طريقي سان** پاڻي آسانيءَ سان پي سگهجي ٿو ۽ ان طريقي سان معدي تي بار بہ گهٽ **پوي ٿو بلڪ ان طريقي سان** پاڻي پيئڻ ۾ فرحت بہ حاصل ٿئي ٿي. اڃ ختم ٿيڻ سان معدي تي خوشگوار اثر بہ پوي ٿو ۽ انسان خوب ڍءُ ڪري ٿو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن هڪ ساهيءَ سان **پاڻي پيئڻ کان منع** ڪيو آهي ۽ ان پيئڻ کي

شيطان جو پيئڻ سڏيو آهي. بيهقي ابن شهاب کان مرسلًا اهڙي روايت آندي آهي. حبيب ڪريم ﷺ جن جڏهن ٿانوَ کي پاڻي پيئڻ جي لاءِ منهن مبارڪ کي ويجهو ڪندا هئا ته بسم الله پڙهندا هئا ۽ جڏهن ٽن ساهين سان پاڻي پيئڻ کان فارغ ٿيندا هئا ته الحمدلله چوندا هئا. هر ڀيري ائين ڪندا هئا. (جمع الوسائل ج 1 ص 253) علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته رسول الله ﷺ جن ٽن ساهين کڻڻ مهل هر هڪ ڀيري اول بسم الله ۽ آخر ۾ الحمدلله چوندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 341)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب الاشربة باب 16 رقم الحديث 2028 حديث الڪتاب 123 ج 3 ص 1802 {2} ابو داؤد في ڪتاب الاشربة باب 19 رقم الحديث 3727 ج 3 ص 338 {3} النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبريٰ باب 35 رقم الحديث 6887 ج 4 ص 199 {4} احمد في المسند ج 3 ص 185 {5} الحاڪم في المستدرڪ ج 4 ص 138 {6} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2118 ص 283.

{211} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ خَشْرَمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ يُونُسَ، عَنْ رِشْدِينَ بْنِ كُرَيْبٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا شَرِبَ تَنَفَّسَ مَرَّتَيْنِ.

مفردات جو شرح: "تنفس" ساهه ڪنيائون، وقفه ڏنائون. "مرتين" ٻه ڀيرا.

با محاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن پاڻي پيئندا هئا ته (ڪڏهن) ٻه ڀيرا ساهه کڻندا هئا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آيو ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پاڻي پيئڻ ۾ ٻه ڀيرا ساهه کڻي وقفو ڪري پيئندا هئا. شارحن پلارن لکيو آهي ته اهو بعض وقتن ۾ هيو. علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته "لَا تَشْرَبُوا وَاحِدًا كَشُرْبِ الْبَعِيرِ وَلٰكِنِ اشْرَبُوا مَثْنٰى وَثُلَاثَ" پاڻي اُٺ وانگر هڪ ساهيءَ ۾ نه پيئو ۽ پر ٻن ساهين ۽ ٽن ساهين ۾ پيئو.) علماء ڪرام هڪ ساهيءَ سان پاڻي پيئڻ ۾ ڪيترا نقصان ٻڌايا آهن. اعصاب ۾ ڪمزوري ٿئي ٿي، معده جون بيماريون ٿين ٿيون ۽ جگر جي خراب ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. (انوارِ غوثيه ص 279) ۽ علامه علي قاري رحمه الله متين حديث ۾ هي لفظ وڌيڪ روايت ڪيا آهن. " وَسَمُّوا إِذَا أَنْتُمْ شَرِبْتُمْ وَاحْمَدُوا إِذَا أَنْتُمْ رَفَعْتُمْ" ۽ جڏهن پيئڻ شروع ڪيو ته بسم الله پڙهو ۽ جڏهن پيئڻ کان پوءِ ٿانءُ کڻو ته (الله جو) حمد ڪيو. علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته رسول الله ﷺ جن ٿانوَ ۾ (ٽي ڀيرا) ساهه کڻندا هئا چوته ڪين معلوم هو ته ماڻهو سندن ساهه ڪنيل پاڻيءَ کي پسند ڪندا هئا. پاڻيءَ جي ٿانوَ ۾ ساهه کڻڻ ان جي لاءِ مڪروه آهي جنهن جي پاڻيءَ جي ٿانوَ ۾ ساهه کڻڻ کي ماڻهو ناپسند ڪن ۽ هي وجه وڌيڪ صحيح آهي چوته عام فقهاءِ ڪرام جو ان ۾ ڪو اختلاف ناهي ته جيڪڏهن ڪنهن پاڻيءَ پيئڻ جي دوران ٿانوَ ۾ ساهه ڪنيو ته اهو حرام نه ٿيندو." (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 253) علامه بيجوري رحمه الله لکيو ته "پاڻي پيئڻ دوران ٻه دفعا ساهه کڻڻ سان اصل سنت حاصل ٿيندي ۽ ٽي ڀيرا ساهي کڻڻ سان سنت ڪامل ٿيندي. (المواهب شرح الشمائل ص 346)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في ڪتاب الاشربة باب 18 الشرب بثلاثة انفاسِ رقم الحديث 4417 {2} احمد في المسند ج 1 ص 2784 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص

191 {4} البغوي في الشمائل رقم الحديث ص 997 ج 2 643.

{212} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ يَزِيدَ بْنِ جَابِرٍ، عَنْ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ أَبِي عَمْرَةَ، عَنْ جَدَّتِهِ كَبْشَةَ، قَالَتْ: دَخَلَ عَلَيَّ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَشَرِبَ مِنْ قِرْبَةٍ مُعَلَّقَةٍ قَائِمًا، فَقُمْتُ إِلَى فِيهَا فَقَطَعْتُهُ.

با محاوره ترجمو: حضرت عبدالرحمان بن ابو عمرو ﷺ پنهنجي ڏاڏيءَ ڪبشه ﷺ کان روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ جن منهنجي گهر آيا اتي ٽنگيل کليءَ مان بيهي پاڻي پيتائون پوءِ مون اٿي کليءَ جو منهن برڪت خاطر پاڻ وٽ ڪپي رکيو.

مفردات جو شرح: "قربة" هن جو جمع "قِرب" ۽ "قِربات" آهي، "مُعلقة" ٽنگيل. لٽڪايل "قائما" بيٺي "فيها" ان جو منهن. "فقطعته" ڪٽيو مون ان کي.

سمجهاڻي: هن حديث جي روايت ڪندڙ صحابياڻي ﷺ فرمايو تہ :مون کليءَ جو اهو حصو ڪٽي رکيو جنهن تي سرڪارِ دو عالم ﷺ جا چپ مبارڪ لڳا هئا. علامہ علي قاري ﷺ لکيو آهي تہ ان ڪٽي رکڻ جا سبب ٻہ هئا. هڪ تہ هر شخص ان جاءِ تي پنهنجا چپ نہ رکي ٻيو تہ اهو ڪٽيل حصو ڌوئي بيمار کي پيارجي تہ اهو شفا حاصل ڪري.

فائدو: هن مان معلوم ٿيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنهن ڪم جو حڪم نہ بہ ڪندا هئا پر پوءِ بہ اصحابي سڳورا رضي الله عنهم عقيدت ۽ محبت سان سندن تبرڪات کي سنڀالي محفوظ ڪري رکندا هئا ۽ انهن مان شفا حاصل ڪرڻ ۽ شفا حاصل ٿيڻ جو عقيدو رکندا هئا. هن هلندڙ دور جي گستاخن وانگر بدعت جو بهانو ڪري حضور ڪريم ﷺ جي تبرڪات کي ڊاهڻ ۽ مٽائڻ جي سوچ نہ رکندا هئا. (اعاذنا الله وجميع المسلمين من شرورهم وعقائدهم الفاسدة الكاسدة الباطلة)

سوال: بخاري، ابو داؤد، ترمذي ۽ ابنِ ماجه حضرت انس ﷺ کان روايت ڪئي آهي تہ کليءَ کي اونڌو ڪري ان جي منهن مان پاڻي پيئڻ کان رسول الله ﷺ جن روڪيو هو. اهڙي معنيٰ واري روايت ابي سعيد کان امام احمد، شيخين، ابو داؤد، ترمذي ۽ ابن ماجہ بہ آندي آهي تہ پوءِ سيده بيبي ڪبشہ وٽ پاڻ بيهي کليءَ جي منهن مان پاڻي ڪيئن پيتائون؟

جواب: حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو روڪڻ تنزيهي طور افضل ۽ اڪمل جي بيان ڪرڻ لاءِ هو. ۽ سندن ان نموني سان پيئڻ جواز جي بيان ۽ ضرورت واري صورت جي لاءِ هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 254. المواهب شرح الشمائل ص 347)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في ڪتاب الاشربة باب 21 الشرب قائما رقم الحديث 3423 {2} احمد في المسند ج 6 ص 434 {4} البغوي ج 11 ص 378، 379 {5} البيهقي في الشعب ج 5 ص 118 {6} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 5295 ج 7 ص 358.

{213} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَزْرَةُ بْنُ ثَابِتٍ الْأَنْصَارِيُّ، عَنْ ثُمَامَةَ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ: كَانَ أَنَسُ بْنُ مَالِكٍ، يَتَنَفَّسُ فِي الْإِنَاءِ ثَلَاثًا، وَزَعَمَ أَنَسٌ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَتَنَفَّسُ فِي الْإِنَاءِ ثَلَاثًا.

با محاوره ترجمو: حضرت ثمامہ بن عبداللہ ؓ کان روايت آهي تہ حضرت انس بن مالک ؓ ٽانوَ مان ٽن ساهين سان پاڻي پيئندو هو ۽ چوندو هو تہ نبي ڪريم ﷺ جن بہ ائين ٽي ڀيرا ساهہ کڻندا هئا يعني ٽانءُ وات کان پري ڪري ٽي ڀيرا ساهہ کڻندا هئا.

مفردات جو شرح: "زعم" هي لفظ لغت اضداد مان آهي جيئن ڪوڙي ڳالهہ ڪرڻ کي زعم سڏيو ويندو آهي تيئن سچي ڳالهہ ڪرڻ کي بہ سڏيو ويندو آهي. ۽ هتي تحقيق جي معنيٰ ۾ آيل آهي.

(انوارِ غوثيہ ص 281)

سمجهاڻي: هن حديث مان بہ اڳ ۾ ذڪر ڪيل ڳالهہ معلوم ٿي رهي آهي. علامہ مناوي ؒ لکيو آهي تہ پاڻي پيئڻ مهل پاڻي واري ٽانوَ جو پاسو ڪنارو هيٺين چپ تي رکي ۽ اندر وات ۾ نہ وجهي، مٿين چپ سان پئي ۽ جڏهن ساهہ کڻي تہ ٽانءُ وات کان پري ڪري پوءِ ساهہ کڻي ۽ هيءَ حديث طبراني بہ آندي آهي پر ان ۾ هي الفاظ وڌيڪ آهن تہ رسول اللہ ﷺ جن پاڻي پيئڻ دوران ٽي ڀيرا ساهہ کڻندا هئا هر ساهہ کڻڻ کان پوءِ بسم اللہ پڙهندا ۽ آخر ۾ اللہ ﷻ جو شڪر ڪندا هئا.

(شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 254)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 210 جي تخريج ۾ لکي آيا آهيون.

{214} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُوعَاصِمٍ، عَنِ ابْنِ جُرَيْجٍ، عَنْ عَبْدِ الْكَرِيمِ، عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ زَيْدٍ ابْنِ ابْنَةِ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَخَلَ عَلَى أُمِّ سُلَيْمٍ وَقِرْبَةٌ مُعَلَّقَةٌ فَشَرِبَ مِنْ فَمِ الْقِرْبَةِ وَهُوَ قَائِمٌ، فَقَامَتْ أُمُّ سُلَيْمٍ إِلَى رَأْسِ الْقِرْبَةِ فَقَطَعَتْهَا.

با محاوره ترجمو: حضرت انس بن مالک ؓ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ام سليم ؓ جي گهر آيا. اتي هڪ کليءَ ٽنگيل هئي. پاڻ ان کليءَ جو منهن کولي، بيهي پاڻي پيتائون. پوءِ ام سليم برڪت لاءِ کليءَ جو منهن ڪپي رکيو.

مفردات جو شرح: "دخل" تشريف فرما ٿيو. "فم القربة" کليءَ جو منهن "ام سُليم" سُليم تصغير سان. هيءَ حضرت انس بن مالک جي ماءُ هئي. ان جي نالي ۾ اختلاف آهي "فقطعتها" پوءِ ان کي ڪٽيائين. ها مونث جو ضمير يا مضاف اليہ جي سبب جي ڪري آهي يا ان جي ڪري آهي جو اهو ڪتجڻ کان پوءِ هڪ قطعة (ٽڪرو) هو ۽ هڪ صحيح نسخي ۾ "فقطعتہ" مذڪر جي ضمير سان آيو آهي ۽ اهو ئي قياس بہ آهي.

سمجهاڻي: هن روايت مان بہ اهو معلوم ٿيو تہ صحابياڻي سڳوري ؓ کليءَ جي ان حصي کي ڪٽي تبرڪ جي طور پاڻ وٽ رکيو جنهن کي سرڪارِ دو عالم ﷺ جا چَپ مبارڪ لڳا هئا. ۽ ابو الشيخ پنهنجي ڪتاب اخلاق النبي ﷺ ۾ حضرت انس ؓ کان روايت آندي آهي تہ ام سُليم ؓ ان کليءَ جي منهن واري حصي کي ڪٽڻ کان پوءِ فرمايو هو تہ "حضرت رسول اللہ ﷺ جي پيئڻ کان پوءِ ان مان ڪير بيو نہ پيئي. (جمع الوسائل ج 1 ص 255, المواهب شرح الشمائل ص 349)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 119 {2} الطحاوي ج 4 ص 274 {3} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 307 ج 25 ص 126 {4} المزي في تهذيب

الڪمال ج 4 ص 34 {5} مجمع الزوائد ج 5 ص 79.

{215} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ نَصْرٍ النَّيْسَابُورِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُحَمَّدٍ الْفَرْوِيُّ قَالَ: حَدَّثَتْنَا عَبِيدَةُ بِنْتُ نَائِلٍ، عَنْ عَائِشَةَ بِنْتِ سَعْدِ بْنِ أَبِي وَقَّاصٍ، عَنْ أَبِيهَا، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَشْرَبُ قَائِمًا. قَالَ: أَبُو عِيسَى: وَقَالَ بَعْضُهُمْ: عُبَيْدَةُ بِنْتُ نَابِلٍ.

با محاوره ترجمو: عائشه بنت سعد ﷺ پنهنجي پيءُ سعد بن ابي وقاص ﷺ کان روايت ڪئي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن (ڪڏهن ڪڏهن) بيهي پاڻي پيئندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَانَ يَشْرَبُ" پيئندا هئا. "كَانَ" جو لفظ جمهور وٽ ان مان مراد هميشہ وارو عمل بہ آهي. علامہ مناوي ﷺ لکيو تہ هيءَ حديث حسن آهي, ۽ محدث ترمذي ﷺ فرمايو تہ هڪ قول مطابق هن حديث جي روايت ڪندڙ عبيدة بنت نابل آهي, ۽ علامہ ابنِ حجر عسقلاني "التقريب" ۾ عبيدة بنت نابل جو ذڪر ڪري فرمايو تہ روايت ۾ مقبول ۽ محدثن جي ستين طبقي مان آهي ۽ ان هن تي وڌيڪ بحث نہ ڪيو آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 255)

سمجهاڻي: هن روايت مان بہ سندن جواز بيان ڪرڻ جي لاءِ بيهي پيئڻ جو دليل ملي ٿو. پر سندن اڪثر معمول ويهي پيئڻ هو. شارحن پلارن فرمايو تہ بيهي پيئڻ منع تنزيهي آهي تحريمي ناهي ۽ علامہ علي قاري ﷺ لکيو آهي تہ " اى احيانا او بعد الفراغ من الوضوء او ماء زمزم" (يعني پاڻ ڪڏهن ڪڏهن وضو کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ يا زمزم شريف بيهي پيئندا هئا. (انوارِ غوثيه ص 283)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 193, 194 {2} الطحاوي في شرح المعاني ج 4 ص 273 {3} البزار رقم الحديث 2898 ج 3 ص 343 {4} الطبراني رقم الحديث 332 ج 1 ص 147

باب ٽيٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي تَعَطُّرِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ انهن روايتن جو ذڪر آهي جيڪي (سيدنا) رسول الله ﷺ جي خوشبوءِ لڳائڻ جي باري ۾ آهن

سمجهاڻي: يعني پاڻ العطر (عين جي زير سان) ڪيئن لڳائيندا هئا. البيجوري رحمه الله لکيو آهي ته وقد كان ﷺ طيب الرائحة وان لم يمس طيبا كما جاء ذالك فى الاخبار الصحيحة " (المواهب شرح الشمائل ص 351) علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته "واعلم انه ﷺ كان طيب الريح دائمًا وان لم يمس طيبا" ۽ علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي "وقد كان ﷺ طيب الرائحة دائما وان لم يمس طيبا كما جاء بِذالِكَ الْأَخْبَار الصحاح لكنه كان يحب الزيادة منه " (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 2) مذڪوره سڀني عبارتن جو مطلب هي آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن خوشبوءِ نه لڳائڻ جي باوجود خوشبودار هئا. جيئن صحيح احاديث ۾ آيل آهي پر ان هوندي به پاڻ عطر لڳائي ان خوشبوءِ ۾ واڌارو ڪرڻ فرمائيندا هئا. حضرت انس رضي الله عنه فرمايو آهي ته "مَا شَمِمْتُ رِيحًا قَطُّ وَلَا مِسْكًا وَلَا عَنْبَر، أَطْيَبَ مِنْ رِيحِ رَسُولِ اللهِ ﷺ رواه احمد والبخارى بلفظ. مِسْكًا وَلَا عَنْبَرًا " يعني مون ڪڏهن به ڪا خوشبوءِ نه مشڪ ۽ نه عنبر سنگهيو جيڪو رسول الله ﷺ جي پاڪ پگهر کان وڌيڪ خوشبودار هجي.

ٻين کي خوشبودار بنائڻ: الطبراني روايت آندي آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي پاڪ هٿ تي ٿوڪ ڏئي عقبه نالي صحابي جي پُٺي ۽ پيٽ تي گهمايو ته ان مان اهڙي خوشبوءِ ايندي هئي جو ان جون چار گهرواريون هيون سڀئي ڪوشش ڪنديون هيون ته ان سان خوشبوءِ ۾ برابر ٿين پر برابر نه ٿينديون هيون حالانڪ اهو پاڻ خوشبوءِ نه هڻندو هو طبراني ۽ ابو يعلي روايت آندي آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن ان عورت جي نياڻي لاءِ پنهنجو پاڪ پگهر آگر سان اگهي شيشي ۾ وڌو جنهن ڪائڻ پنهنجي نياڻيءَ جي ڏاج لاءِ مدد گهري ۽ ان عورت کي فرمايائون ته "پنهنجي نياڻيءَ کي امر ڪر ته ان سان خوشبوءِ هڻي" پوءِ اها نياڻي جڏهن هيءَ خوشبوءِ لڳائيندي هئي ته مديني جا رهاڪو اها خوشبوءِ (گهر ويٺي) سنگهندا هئا ۽ سندن گهر جو نالو "خوشبودارن جو گهر" رکيو ويو. دارمي، بيهقي ۽ ابو نعيم روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن جنهن رستي سان لنگهندا هئا ۽ ان سان ٻيو ڪو لنگهندو هو ته سندن خوشبوءِ ان رستي سان محسوس ڪري سمجهندو هو ته هن رستي سان پاڻ لنگهي ويا آهن ۽ پاڻ ڪنهن پٿر کان لنگهندا هئا ته اهو کين سجدو ڪندو هو ابو يعلي ۽ بزار به صحيح سند سان اهڙي روايت آندي آهي. ۽ صحيح مسلم شريف ۾ آهي ته رسول الله ﷺ جن (حضرت) انس جي ماءُ جي گهر ۾ ننڊ ڪرڻ فرمائي پوءِ کين پگهر آيو ته ان بيبي صاحبه سندن پگهر (ڪنهن طريقي سان) اگهي شيشي ۾ وڌو جڏهن پاڻ سجاڳ ٿيا ته پڇيائونس اي ام سُليم! هي ڇا پئي] ڪرين؟ ان عرض ڪيو ته هي اوهان

جو (پاڪ) پگهر اسين خوشبوءِ ۾ ملايون ٿا ۽ اهو وڌيڪ خوشودار آهي.“

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي
فضلات، پيشاب ۽ پيٽ مان نڪرڻ واري شيءِ جو حڪم

طبراني حسن يا صحيح سنَد سان روايت آندي آهي: ام المومنين سيده عائشہ رضي الله عنها عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! بلاشڪ مان اوهان کي ڏسان ٿي تہ اوهان بيت الخلاء ۾ وڃو ٿا ان کان پوءِ بيو ڪو اچي ٿو تہ اهو اوهان مان نڪرندڙ شيءِ جو ڪو اثر نہ ٿو ڏسي؟ پاڻ فرمايائون تہ ”ڇا توکي اهو علم ناهي تہ الله جل جلاله زمين کي امر ڪري ڇڏيو آهي تہ جيڪو ڪجھ نبين عليهم الصلواة والسلام مان نڪري اهو ڳهي ڇڏي“ ۽ اها روايت ابن سعد ۽ حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ جدا طريقن سان روايت ڪئي آهي. علامہ علي قاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ اهو سندن پيٽ مبارڪ مان نڪرڻ واري پائخاني جو معاملو هو. ۽ پر سندن پيشاب پوءِ ان کي هڪ کان وڌيڪ گهڻن مشاهدو ڪيو هو. ۽ سندن آزاد ڪيل ٻانهي برڪة، ام ايمن ۽ سندن گهرواري ام حبيبہ جي خادمہ برڪت، ام يوسف جيڪا سائڻ سان گڏ حبشہ کان آئي هئي انهن پيتو هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جو هڪ ڪاٺ جو پيالو سندن کٽ جي هيٺان رکيل هو پاڻ ان ۾ پيشاب ڪرڻ فرمائيندا هئا اهو پيشاب مذڪوره بيبي برڪت پيتو تہ موت واري مرض کان اڳي ڪڏهن بہ اها بيمار نہ ٿي. ۽ پهرين برڪت نالي خادمہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن رات جو اٿيا ۽ اتي پيل ٺڪر جي ٿانوَ ۾ پيشاب ڪرڻ فرمايائون. مون رات جو اٿي اهو پي ڇڏيو ۽ مون کي خبر نہ هئي. پوءِ صبح جو رسول الله ﷺ جن مون کي ارشاد فرمايو تہ اي ام ايمن! اٿي جيڪو هن ٺڪر جي ٿانوَ ۾ پيل آهي اهو هاري ڇڏ.“ مون ڪين عرض ڪيو تہ ”الله جل جلاله جو قسم ان ۾ جيڪو هو اهو تہ مون پي ڇڏيو.“ اهو ٻڌي پاڻ ايترو کِليا جو سندن ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ”اي ام ايمن! الله جل جلاله جو قسم تہ تنهنجي پيٽ ۾ ڪڏهن بہ درد نہ پوندو.“ علامہ ابنِ حجر رحمة الله عليه فرمايو تہ اسان جي متقدمن امامن وغيرهم هن سان حضور ڪريم ﷺ جي فضلات جي پاڪ هجڻ تي دليل ورتو آهي ۽ اهو متفق مختار قول آهي متاخرين جي هڪ جماعت وٽ ان جا ڪثير دلائل آهن ۽ ان ڳالھ کي (ديني علم جي) امامن حضور ڪريم ﷺ جي خصائص مان ڳڻيو آهي. ۽ بعض جو قول آهي تہ ان جو سبب سندن (پاڪ) پيٽ کي چيرڻ ۽ ان جو ڌوئڻ آهي. (جمع الوسائل شرح الشمائل ج 2 ص 3)

ڪهڙن موقعن تي تي خوشبوءِ لڳائڻ جو تاڪيد آهي: علامہ البيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ هنن موقعن تي مردن جي لاءِ خوشبوءِ لڳائڻ جو تاڪيد آهي (1) جمعہ جي ڏينهن (2) عيدين جي لاءِ (3) احرام جي وقت، (نيت ڪرڻ کان اڳ ۾) (4) جماعت ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ (5) محفلن ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ (6) قرآن ڪريم جي تلاوت وقت (7) علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي لاءِ (8) ذڪر ڪرڻ جي لاءِ. زال ۽ مڙس ٻنهي کي گڏ ٿيڻ وقت ۽ خوشبوءِ لڳائڻ. معاشري جي سونهن آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 351)

{216} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ رَافِعٍ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ الزُّبَيْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا شَيْبَانُ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ

الْمُخْتَارِ، عَنْ مُوسٰى بْنِ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: كَانَ لِرَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سُكَّةٌ يَتَطَيَّبُ مِنْهَا

با محاوره ترجمو: حضرت موسيٰ رحمه الله پنهنجي پيءُ انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ جن وٽ خوشبو (عطر جي) شيشي هئي، ان مان خوشبوءِ لڳائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "سُكَّةٌ" هڪ قسم جي خوشبوءِ يا اها دبي جنهن ۾ خوشبوءِ رکندا هئا. "يَتَطَيَّبُ" خوشبوءِ لڳائيندا هئا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حبيب ڪريم ﷺ جن جي خوشبوءِ لڳائڻ جو ذڪر آهي. اهڙي طرح نسائي ۽ پنهنجي تاريخ ۾ بخاري محمد بن علي کان روايت آندي آهي. ان چيو تہ مون ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها کان پڇيو تہ "ڇا نبي ڪريم ﷺ جن خوشبوء هڻندا هئا؟ ان فرمايو تہ "هائو رنگ کان خالي خوشبوء مشڪ ۽ عنبر هڻندا هئا. اهڙي طرح بعض روايتن مان عود لڳائڻ بہ ثابت آهي.

هيءَ حديث هين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الترجل باب 2 ماجاء في استحباب الطيب رقم الحديث 4162 ج 4 ص 76 {2} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 399 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 87 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3167 ج 12 ص 85.

{217} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَزْرَةُ بْنُ ثَابِتٍ، عَنْ ثُمَامَةَ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ: كَانَ أَنَسُ بْنُ مَالِكٍ، لَا يَرُدُّ الطِّيبَ، وَقَالَ أَنَسٌ: إِنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ لَا يَرُدُّ الطِّيبَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ثمامه بن عبدالله رحمه الله کان روايت آهي تہ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه خوشبوءِ نہ موٽائيندو هو ۽ چوندو هو تہ نبي ﷺ جن بہ خوشبوء يا سُرهي شيءِ نہ موٽائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "لَا يَرُدُّ" نہ موٽائيندا هئا، واپس نہ ڪندا هئا. "الطِّيبَ" خوشبوءِ کهڙي بہ قسم جي هجي.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ جيڪا خوشبوء هدية ۽ تحفة طور ملي اها نہ موٽائجي بلڪ قبول ڪجي. ڇوتہ رسول الله ﷺ جن اهڙي قسم جو تحفو قبول ڪرڻ فرمائيندا هئا, موٽائيندا نہ هئا. شارحن پلارن لکيو آهي تہ خوشبوءِ کي قبول ڪرڻ ۾ حڪمتون آهن. (1) هڪ هي تہ گهڻو ڪري اهو هديو ڳري قيمت وارو نہ هوندو آهي جو پيش ڪندڙ کي تڪليف محسوس ٿئي. (2) ٻيو تہ وٺڻ واري جي طبيعت کي بہ بار محسوس نہ ٿيندو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪنهن جي دل شڪني پسند نہ ڪندا هئا ۽ ان قسم جو تحفو قبول نہ ڪرڻ تحفي ڏيندڙ جي دل شڪني هوندي آهي ۽ خوشبوء تہ ڪين گهڻو پسند هئي ان جي ڪري هديہ جميلہ کي قبول ڪرڻ گهڻو سهڻو هو. علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ هيءَ حديث صحيح آهي ۽ هڪ حديث ۾ خوشبوءِ کي موٽائڻ کان منع ۽ ان جي حڪمت بہ بيان ٿيل آهي. حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان مرفوعًا روايت آهي تہ "جنهن کي خوشبوءِ پيش ڪئي وڃي اهو ان کي نہ موٽائي. بلاشڪ اها کڻڻ ۾ هلڪي ۽ سرهي بوءِ آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 4)

هيءَ حديث هين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الهبة باب 9 مالا يرد من الهدية رقم الحديث 2582 ج 5 ص 209 {2} النسائي في كتاب الزينة باب 72 الطيب ج 8 ص 189 {3} احمد في المسند ج 3 ص 133 {4} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 399 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 88 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3170 ج 12 ص 87,86

{218} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي فُدَيْكٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مُسْلِمِ بْنِ جُنْدُبٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ "ثَلَاثٌ لَا تُرَدُّ: الْوَسَائِدُ، وَالدُّهْنُ، وَاللَّبَنُ"

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ٽي شيون نہ موٽائجن (1) وهاڻو (2) خوشبوءِ وارو تيل (3) کير

مفردات جو شرح: "ثَلَاثٌ" ٽي. "اَلْوَسَائِدُ" وسادة (واو جي زير سان) جو جمع آهي. وهاڻو جيڪو ننڊ ڪرڻ جي وقت مٿي جي هيٺان رکيو ويندو آهي ۽ هن جو جمع "وسادات" بہ ايندو آهي ۽ الوساد "ة" کان سواءِ هر ان شيءِ کي سڏيو ويندو آهي جنهن تي ٽيڪ ڏني وڃي پوءِ اها مٿيءَ مان هجي يا ڪپڙي مان يا ٻي ڪنهن شيءِ مان ۽ ان جو جمع وُسد ايندو آهي جيئن ڪتاب جو جمع "ڪُتب" ايندو آهي ۽ هڪ قول آهي تہ الوساد. الوسادة ۾ هڪ لغت آهي ۽ هتي معنيٰ آهي تہ اهو جڏهن ويهڻ جي لاءِ وڇايو وڃي تہ ويهڻ جي لائق هجي. "اَلدُّهْنُ" (دال جي پيش سان) هر اها شيءِ تيل وغيرها جيڪا مکي وڃي، پر هتي مراد اها رکڻ واري شيءِ آهي، جيڪا خوشبودار هجي. "الطيب" خوشبوءِ هڪ نسخي مان "وَاللَّبَنُ" کير آيل آهي.

سمجهاڻي: هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ٽي شيون جيڪڏهن تحفي ۾ ملن تہ موٽايون نہ وينديون. (1) وهاڻا جن تي مٿو رکي ننڊ ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي "المخدة" ڳل جي رکڻ جي جاءِ بہ سڏيو ويندو آهي ڇوتہ ڪڏهن ڳل جي هيٺان بہ رکيو ويندو آهي. جيئن ان متعلق سنت وارد آهي. (2) ٻيو "الدهن" مکڻ واري خوشبودار، سٺيي شيءِ هتي اها مراد آهي ڪڏهن ان کي سرهو تيل سڏيو ويندو آهي تہ ڪڏهن ان کي "الطيب" سڏيو ويندو آهي. (3) ٽيون: خوشبوءِ اها بہ هديي ۾ تحفي ۾ ملي تہ نہ موٽائي ويندي ۽ هڪ نسخي ۾ "اللبن" کير آيو آهي.

نہ موٽائڻ وارين شين جو تعداد: "الاتحافات الربانية" جي صاحب علامہ جلال الدين سيوطي رحمه الله جي حوالي سان هڪ شعر لکيو آهي، جنهن ۾ نہ موٽائڻ وارين شين جو تعداد ست آهي. شعر هي آهي.

عَنِ الْمُصْطَفٰى سَبْعٌ يُسَنُّ قُبُوْلُهَا　اَذَا مَابِهَا قَدِ اتَّحَفَ الْمَرْءَ خُلَانَ
فَحَلْوٌ وَ اللَّبَنُ وَ دُهْنٌ وَّ وَسَادَةٌ وَّ رِزْقُ الْمُحْتَاجِ وَ طِيْبٌ وَ رَيْحَانَ

يعني سيدنا رسول الله ﷺ جن کان ست شيون آيل آهن جن جو قبول ڪرڻ سنت آهي، جڏهن ڪنهن شخص کي دوست اهي تحفي طور ڏين. (1) حلوو (2) کير (3) تيل (4) وهاڻو (5) محتاج جي روزي (6) خوشبوءِ (7) خوشبودار گل. (انوارِ غوثيه ص 289)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث 13279 ج 12 ص 336 {2} ابنِ حبان في الثقات ج 4 ص 110 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3173 ج 12 ص 88 {4} ابو نعيم في اخبار اصبهان ج 1 ص 99 {5} البيهقي في الشعب ج 5 ص 132.

{219} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الْحَفَرِيُّ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنِ الْجُرَيْرِيِّ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ، عَنْ رَجُلٍ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: طِيبُ الرِّجَالِ مَا ظَهَرَ رِيحُهُ وَخَفِيَ لَوْنُهُ، وَطِيبُ النِّسَاءِ مَا ظَهَرَ لَوْنُهُ وَخَفِيَ رِيحُهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: مردن جو عطر (خوشبوءِ) اهو آهي، جنهن جي خوشبوءِ ظاهر ۽ رنگ ظاهر نہ هجي ۽ عورتن لاءِ خوشبوءِ اها آهي جنهن جو رنگ ظاهر ۽ هبڪار مخفي هجي. (جيئن ميندي، مُساگ وغيره)

مفردات جو شرح: "طِيبُ الرِّجَالِ" مردن جي خوشبوء "اَلطِيبُ" جو لفظ مصدر ۽ اسم بنهي جي معنيٰ ۾ ايندو آهي ۽ هتي ان مان مراد اسم جي معنيٰ آهي. "معناه ما يتطيب به" جنهن سان خوشبوء ڪئي وڃي. (علي ما ذڪره الجوهري) هتي مصدري معنيٰ مراد وٺڻ بہ صحيح ۽ غير بعيد آهي جيتوڻيڪ علامہ ابن حجر رحمه الله ان کي بعيد چيو آهي. "رِيحُهُ" ان جي خوشبوء "لَوْنُهُ" رنگ "خَفِيَ" لڪل رهيو.

سمجهاڻي : سرڪارِ دو عالم ﷺ جي هن ارشاد مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ مردن کي گهرجي تہ اهڙي خوشبوء استعمال ڪن جنهن جي سرهاڻ ٻين کي محسوس ٿئي پر ان جو رنگ ظاهر نہ هجي. جيئن گلاب، مشڪ، عنبر يا اهڙي قسم جي ڪا ٻي سرهاڻ. پر عورتن جي لاءِ اهڙي خوشبوء هجي جنهن جو رنگ نمايان هجي پر سرهاڻ نهايت پوشيده. هلڪي هجي جيئن زعفران، ڪستوري ، ميندي يا اهڙي ڪا ٻي خوشبوء . علماء ڪرام فرمايو تہ هن وقت عورتن جي لاءِ نهايت ضروري آهي تہ جڏهن ڪا ٻاهر نڪري تہ قطعًا خوشبو استعمال نہ ڪري. حضرت نسائي ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي تہ " أَيُّمَا امْرَأَةٍ اسْتَعْطَرَتْ فَمَرَّتْ عَلَىٰ قَوْمٍ لِيَجِدَ رِيحَهَا فَهِيَ زَانِيَةٌ " يعني جنهن بہ عورت خوشبوء هنئي پوءِ ڪنهن قوم (ماڻهن) کان (ان ارادي سان) لنگهي تہ ان جي خوشبوء محسوس ڪن تہ اها زانياڻي آهي. احمد، مسلم ابو داؤد ۽ نسائي حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "أَيُّمَا امْرَأَةٍ أَصَابَتْ بُخُورًا فَلَا تَشْهَدْ مَعَنَا الْعِشَاءَ الْآخِرَةَ" (يعني جنهن بہ عورت بخور (يعني سرهاڻ) استعمال ڪئي اها اسان سان سومهڻي نماز تي حاضر نہ ٿئي.) عورت جنهن وقت پنهنجي گهر ۾ هجي تہ جنهن طرح مناسب سمجهي پاڻ کي معطر رکي سگهي ٿي. اڄ جي ماحول ۾ ڪيترو افسوس آهي جو مسلمان عورتون حضور ڪريم ﷺ جي پاڪيزه اخلاق واري تعليم کان بلڪل خالي آهن ۽ يورپي تهذيب جي پوئلڳ ٿي انڌا ڌُنڌ براين ۾ ڪاهي پيون آهن نہ حياء آهي نہ پردو، نہ غيرت نہ شرم. بلڪ قسمين قسمين جون سينٽون هڻي فخر سان بازارن ۾ هلن ٿيون حالانڪ ان سلسلي ۾ حضور ڪريم ﷺ جا واضح ارشادات موجود آهن. الله جل جلاله کان دعا آهي تہ اهو اسان جي مسلمان مائرن، ڀينن، نياڻين کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي عفت ۽ عصمت واري احڪام تي هلڻ جي توفيق نصيب فرمائي. (انوار غوثيہ ص 290، جمع الوسائل ج 2 ص 5) هيءَ حديث هڪ طويل حديث جو حصو آهي هتي مختصر بيان ٿيل آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} رواه ابوداؤد في ڪتاب النڪاح باب 50 مايڪره من ذڪر الرجل ما يڪون من اصابتہ اهلہ رقم الحديث 2174 ج 2 ص 252 {2} النسائي في ڪتاب الزينة باب 32 الفصل بين طيب الرجال و طيب النساء ج 8 ص 151 {3} احمد في المسند ج 2 ص 540 {4} البيهقي في الشعب ج 6 ص 169 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3162 ج 12 ص 80 بسند الشمائل و متنه.

{220} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ : أَنْبَأَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ ، عَنِ الْجُرَيْرِيِّ ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ ، عَنِ الطُّفَاوِيِّ ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِثْلَهُ بِمَعْنَاهُ

هن حديث جي معنيٰ ۽ مفهوم ساڳي اڳين حديث واري آهي. ۽ هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي اهي بہ ساڳيا اڳين حديث وارا آهن.

{221} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ خَلِيفَةَ ، وَعَمْرُو بْنُ عَلِيٍّ ، قَالاَ : حَدَّثَنَا يَزِيدُ بْنُ زُرَيْعٍ قَالَ : حَدَّثَنَا حَجَّاجٌ الصَّوَّافُ ، عَنْ حَنَانٍ ، عَنْ أَبِي عُثْمَانَ النَّهْدِيِّ قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ "إِذَا أُعْطِيَ أَحَدُكُمُ الرَّيْحَانَ فَلاَ يَرُدُّهُ ، فَإِنَّهُ خَرَجَ مِنَ الْجَنَّةِ.

قَالَ أَبُو عِيسَى : وَلاَ نَعْرِفُ لِحَنَانٍ غَيْرَ هَذَا الْحَدِيثَ. وَقَالَ عَبْدُ الرَّحْمَٰنِ ابْنُ أَبِي حَاتِمٍ فِي كِتَابِ الْجَرْحِ وَالتَّعْدِيلِ حَنَانُ الأَسَدِيُّ مِنْ بَنِي أَسَدِ بْنِ شَرِيكٍ وَهُوَ صَاحِبُ الرَّقِيقِ عَمُّ وَالِدِ مُسَدَّدٍ وَ رَوَى عَنْ أَبِي عُثْمَانَ النَّهْدِيِّ وَرَوَى عَنْهُ الْحَجَّاجُ بْنُ أَبِي عُثْمَانَ الصَّوَّافُ سَمِعْتُ أَبِي يَقُولُ ذَالِكَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو عثمان نهدي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: اوهان مان ڪنهن کي نازبوءِ ملي تہ نہ موٽائي ڇوتہ نازبوءِ بهشت مان آيل آهي.

ابو عيسيٰ فرمايو تہ : اسين حنان جي هن کان سواءِ ٻي حديث ڪونہ ٿا سڃاڻون ۽ عبدالرحمان بن ابي حاتم ڪتاب "الجرح والتعديل" ۾ فرمايو تہ : حنان اسدي بني اسد بن شريڪ مان آهي ۽ اهو الرقيق جو صاحب مسدد جي والد جو چاچو آهي ۽ ان ابي عثمان النهدي کان روايت آندي آهي ۽ ان کان حجاج بن ابي عثمان الصواف روايت ڪئي آهي. مون پنهنجي پيءُ کي ائين چوندي ٻڌو هو.

مفردات جو شرح : "الرَّيْحَانَ" هن جون مختلف معنائون آهن خوشبوءِ، رحمت، سڪون، آسائش، صاحب، دوست.

سمجهاڻي: هن حديث مان ثابت ٿيو تہ خوشبوءِ اصل جنت مان آيل آهي الله ﷻ جنت جي خوشبوئن جو نقل دنيا ۾ ان جي لاءِ پيدا فرمايو تہ هيءَ جنت ڏانهن رغبت ڏيارڻ جو سبب بنجي ۽ ان ڏانهن شوق جي زياده ڪرڻ جو ذريعو ٿئي. ڇوتہ خوشبوءِ ڏانهن طبعي طور رغبت هوندي آهي ۽ طبيعت کي اوڏانهن ڪشش هوندي آهي. پر دنيا جي خوشبوئن کي جنت جي خوشبوئن سان ڪهڙي نسبت؟ جو ان جي سرهاڻ ايتري پنڌ تي پهچي ٿي جو پنج سؤ سال ۾ اهو رستو طئي ڪري سگهجي ٿو. (خصائل نبوي ص 164) هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جنهن شيءِ جو اصل جنهن کان آيو آهي اها تحفة يا هدية ملي تہ نہ موٽائجي جو ان ۾ تحفي ڏيندڙ جي دل ڏکوئجي ٿي ۽ هن جو اصل جنت مان آهي." هن ڇوڻ سان ان ڳالهہ ڏانهن رغبت ۽ شوق ڏيارڻ بہ مقصود آهي تہ نيڪ ۽ صالح اعمال گهڻا ڪيو تان تہ جنت جي نعمتن سان مالا مال ٿي وڃو. اهل مغرب "ريحان" کي هڪ خاص وڻ سان مخصوص ڪن ٿا جنهن کي "آس" چوندا آهن. عراق ۽ شام وارا "رحيق" کي ريحان چوندا آهن. "رحيق" ڦودني کي چوندا آهن. (انوارِ غوثيہ ص 291) "ريحان" سنڌي ٻوليءَ ۾ نازبوءِ جي گل کي چوندا آهن هڪ مشهور خوشبودار ٻوٽو آهي. لغت ۾ هر قسم جي خوشبوءِ کي بہ "ريحان" چوندا آهن. الله ﷻ هر عمدي شيءِ اصل ۾ بهشت ۾ پيدا ڪئي آهي ان کان پوءِ دنيا ۾ انهن جهڙيون شيون ان لاءِ پيدا ڪيائين تہ جيئن

ماڻهن ۾ بهشت لاءِ شوق پيدا ٿئي. علامہ علي قاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "خوشبوءِ جنت مان آهي" جو مطلب تہ اها اصل جنت ۾ آهي هتي ان جو نمونو پيدا ڪيو ويو آهي، اها مراد ناهي تہ دنيا واري خوشبوءِ بعينه جنت واري خوشبوءِ آهي، جيڪا هيٺ آندي وئي آهي. (جمع الوسائل شرح الشمائل ج 2 ص 6)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في المراسيل باب 107 ماجاء في الريحان حديث رقم 501 ص 342، 343 {2} الترمذي في كتاب الادب باب 37 ماجاء في كراهية رد الطيب حديث رقم 2791 ج 5 ص 108.

{222} حَدَّثَنَا عُمَرُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ بْنِ مُجَالِدِ بْنِ سَعِيدٍ الْهَمْدَانِيُّ قَالَ :حَدَّثَنَا أَبِي ، عَنْ بَيَانٍ ، عَنْ قَيْسِ بْنِ أَبِي حَازِمٍ ، عَنْ جَرِيرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ : عُرِضْتُ بَيْنَ يَدَيْ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ ، فَأَلْقَى جَرِيرٌ رِدَاءَهُ وَمَشَى فِي إِزَارٍ ، فَقَالَ لَهُ : خُذْ رِدَاءَكَ فَقَالَ عُمَرُ لِلْقَوْمِ : مَا رَأَيْتُ رَجُلاً أَحْسَنَ صُورَةً مِنْ جَرِيرٍ إِلَّا مَا بَلَغَنَا مِنْ صُورَةِ يُوسُفَ عَلَيْهِ السَّلَامُ

بامحاوره ترجمو: حضرت جرير بن عبدالله رضي الله عنه چيو تہ مون کي **حضرت عمر بن خطاب** رضي الله عنه جي اڳيان آندو ويو. راوي چوي ٿو تہ پوءِ جرير پنهنجي چادر لاهي. گوڏ سان هلڻ لڳو. حضرت عمر رضي الله عنه ان کي چيو تہ پنهنجي چادر ڍڪ يا ويڙهہ ۽ پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه ڪچهري وارن ماڻهن کي چيو تہ مون (نبي ڪريم ﷺ جي صحابن مان) جرير جهڙو صورت ۾ سهڻو ماڻهو ڪونہ ڏٺو مگر (قرآن شريف ۾) جيڪا يوسف عليہ السلام جي سونهن جي خبر اسان کي ملي آهي تہ ان ۾ حسن وڌيڪ هو.

مفردات جو شرح: "عُرِضْتُ" مان پيش ڪيو ويس. "رِدَاءَهُ" پنهنجي چادر کي. "إِزَارٍ" گوڏ لنگي.

سمجهاڻي: شمائل جي بعض نسخن ۾ هيءَ حديث ناهي ان جي ڪري هن باب سان هن حديث شريف جي ظاهري مناسبت ناهي. پر بعض شارحن مناسبت جو سبب لکيو آهي تہ هن ۾ حضرت جرير جي حسن جو بيان آهي ۽ حسن واري لاءِ خوشبوءِ جو هجڻ ضروري آهي. علماء ڪرام فرمايو تہ هن حديث شريف ۾ حضرت يوسف جي حسن جي استثناء ڪيل آهي، حضور ڪريم ﷺ جي حسن جي استثناء ڪيل ناهي ان جي ڪري جو سندن حسن ڪائنات کان نرالو آهي ۽ جيئن حضرت يوسف علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جي پيراهڻ واري خوشبوءِ حضرت يعقوب علیٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام محسوس ڪئي هئي تيئن جن جا حواس ڪدورتن کان صاف آهن تن کي حضور ڪريم ﷺ جي خوشبوءِ محسوس ٿيندي پلي هزارين ميلن جي فاصلي تي هجن. علامہ سيوطي رحمۃ اللہ علیہ بيهقي جي حوالي سان خصائص ڪبريٰ ۾ ام المؤمنين ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ "جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ جو وصال مبارڪ ٿيو ان ڏينهن مون پنهنجو هٿ سندن سيني پاڪ تي رکيو هو. هاڻي ڪيترا جمعا گذريا آهن تہ مان ان هٿ سان کاوان ٿي ۽ ان کي ڌوئان ٿي پر اها خوشبوءِ منهنجي هٿ مان اڃان تائين نہ ٿي ختم ٿئي. (انوارِ غوثيه ص 293)

حضور ﷺ جو جمال : علامہ علي قاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "اسان جي نبي سڳوري ﷺ جو جمال غايت ڪمال ۾ هو ۽ سندن حسن جي صفائي ۽ گهڻي چمڪ مان آهي تہ سندن نور ڀت تي پوندو هو تہ اها آئيني وانگر صاف ٿي ويندي هئي اتاهين لگهندڙ ماڻهو ان ۾ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. پر الله جل جلاله سندن چمڪندڙ جمال ۽ حسن جي ڪمال کي گهڻن اصحابن کان ڍڪي ڇڏيو هو چوتہ جيڪڏهن اهو

انهن جي اڳيان ظاهر ٿئي ها تہ انهن لاءِ حضور ڪريم ﷺ ڏانهن نهارڻ ڏکيو ٿي پوي ها ۽ جيڪو روايت ۾ آيو آهي تہ ”حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي حسن جو اڌ ڏنو ويو.“ ان مان مراد ان زماني وارن جو حسن آهي.

سوال: هن روايت ۾ حضرت جرير جي حسن جي ڳالھ آهي پر حضرت دحية ڪلبي رضي الله عنه جي لاءِ روايت ۾ آهي تہ ”جڏهن ڪنهن شهر ۾ داخل ٿيندو هو تہ سندس ڏسڻ لاءِ شهر جون ڪنواريون عورتون بہ نڪري پونديون هيون ايڏو سهڻو هوندو هو.

جواب: حضرت دحية ڪلبي رضي الله عنه چهري ۾ وڌيڪ سهڻو هو ان جو دليل هي آهي جو حضرت عمر رضي الله عنه حضرت جرير رضي الله عنه لاءِ اهي الفاظ ان وقت چيا هئا جڏهن سندس جسم جو (دن کان مٿيون حصو) ڪپڙن کان خالي هو. (جمع الوسائل شرح المناوي ج 2 ص 7، 8) ۽ حضرت عمر رضي الله عنه جهاد جي موقعي تي لشڪر جو تفصيلي معائنو ڪرڻ ۽ هر هڪ جو امتحان وٺڻ وقت حضرت جرير رضي الله عنه کي پيش ٿيندي ڏسي اهو فرمايو هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جو ذڪر ان جي ڪري نہ ڪيائين جو سندن حسن حضرت يوسف کان گهڻو وڌيڪ هو. سندن حسن عام طور مستور هيو. (خصائل نبوي ص 165) هن حديث جي سند گهڻو ڪري ضعيف آهي ان ۾ ترمذي جو شيخ ، عمر بن اسماعيل، متروڪ آهي جيئن التقريب ج 2 ص 52 ۾ لکيل آهي ۽ الڪاشف جي صاحب فرمايو تہ ”متهم“ آهي.

باب چوٽيهون

بَابُ كَيفَ كَانَ كَلَامُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّمَ

هي باب رسول الله ﷺ جي گفتگو جي ڪيفيت بيان ڪرڻ بابت آهي

سمجهاڻي: الكلام التكلم ڳالهائڻ جي معنيٰ ۾ مصدر آهي. مطلب هي آهي ته رسول الله ﷺ جي گفتگو ڪهڙي هئي ۽ سندن ڳالهائڻ ۽ سمجهائڻ جو طريقو ڪيترو مناسب ۽ موزون هو؟ فصاحت ۽ بلاغت کي سندن ارشادات تي ناز هو. ۽ چونه هجي جڏهن ته سندن گفتگو کي "وَمَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ ۝ إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُوحَىٰ ۝" جو اعزاز حاصل هو.

{223} حَدَّثَنَا حُمَيدُ بنُ مَسعَدَةَ البَصرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا حُمَيدُ بنُ الأَسوَدِ، عَن أُسَامَةَ بنِ زَيدٍ، عَنِ الزُّهرِيِّ، عَن عُروَةَ، عَن عَائِشَةَ، قَالَت: مَا كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّمَ يَسرُدُ سَردَكُم هَذَا، وَلَكِنَّهُ كَانَ يَتَكَلَّمُ بِكَلَامٍ بَيِّنٍ فَصلٍ، يَحفَظُهُ مَن جَلَسَ إِلَيهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن اوهان وانگر تڪڙو ۽ لاڳيتو نه ڳالهائيندا هئا. پر صاف ۽ جدا جدا ڳالهائيندا هئا. جيڪو وٽن ويٺل هوندو هو اهو ان کي ياد ڪري وٺندو هو.

مفردات جو شرح : "سَردَ" جلدي جلدي تڪڙو ڳالهائڻ "فَصلٍ" آهستي، آهستي، چٽي چٽي الفاظ ڳالهائڻ.

سمجهاڻي: سرڪارِ دوعالم ﷺ جن نهايت سڪون، اطمينان ، انتهائي تسلي ۽ تشفي سان ڳالهائيندا هئا. پلي نموني ڳالهه سمجهائيندا هئا ۽ جيئن گهڻي قابل ۽ سنجيده فردن جو طريقو هوندو آهي ان کان به اعليٰ طريقي سان اهڙي پياري گفتگو فرمائيندا هئا جو جيترا به صحابه ڪرام رضي الله عنهم مجلس ۾ موجود هوندا هئا اهي سندن ان حڪمت واري ۽ غور و فڪر سان ڀرپور گفتگو کي آساني سان ياد ڪري وٺندا هئا پاڻ عام ماڻهن وانگر تڪڙو تڪڙو نه ڳالهائيندا هئا جو ٻڌڻ وارو ياد ته نه ڪري سگهي پر سمجهي به نه سگهي.

محبوب ڪريم ﷺ جي محبوب ٻولي: جيئن ته پاڻ ڪريمن ﷺ جي ذات عالي صفات الله جل جلاله کي سيني کان وڌيڪ محبوب ۽ پياري آهي تيئن سندن ٻولي، عربي به الله جل جلاله کي پياري آهي محدث حاڪم صحيح سند چوندي روايت آندي آهي ته " إِنَّ أَهلَ الجَنَّةِ يَتَكَلَّمُونَ بِلُغَةِ مُحَمَّدٍ ﷺ " يعني جنت وارا (حضرت) محمد (ﷺ) جي ٻولي عربي ڳالهائيندا. " ۽ جامع صغير ۾ روايت آهي ته سيد المرسلين ﷺ فرمايو" أَحِبُّوا العَرَبَ لِأَنِّي عَرَبِيٌّ وَالقُرآنُ عَرَبِيٌّ وَكَلَامُ أَهلِ الجَنَّةِ عَرَبِيٌّ" عرب سان محبت رکو ڇوته مان به يقينن عربي آهيان ۽ قرآن عربي آهي ۽ جنت وارن جي ٻولي به عربي آهي.) ۽ هيءَ حديث طبراني، حاڪم ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت ڪئي آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 8 اشرف الوسائل الي فهم الشمائل ص 303)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الادب باب (21) الهدي في الكلام حديث رقم 4839 ج 4 ص 261 {2} النسائي في عمل اليوم والليلة باب سرد الحديث رقم 413 ص 314 {3} احمد في المسند ج 6 ص 138 {4} البيهقي في سننه ج 3 ص 207 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 83 {6} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 375 {7} البغوي في الشمائل حديث رقم 333 ج 1 ص 265

{224} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَحْيَى قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو قُتَيْبَةَ سَلْمُ بْنُ قُتَيْبَةَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الْمُثَنَّى، عَنْ ثُمَامَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُعِيدُ الْكَلِمَةَ ثَلَاثًا لِتُعْقَلَ عَنْهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ **رسول الله ﷺ جن هر هڪ لفظ کي** ٽي دفعا ورائي چوندا هئا تہ جيئن ڳالهہ چڱي طرح سمجهي وڃي.

مفردات جو شرح: "يُعِيدُ" ورائي ڳالهائيندا هئا. دهرائيندا هئا, تڪرار ڪندا هئا. "ثَلَاثًا" محذوف جو معمول آهي, اي يتكلم بها ثلاثا ٽي ڀيرا ساڳيو جملو ڳالهائيندا هئا. "لِتُعْقَلَ عَنْهُ" مجهول جي صيغي سان. اي تان تہ اهو ڪلمو ڪانئن سمجهيو وڃي.

سمجهاڻي: مطلب تہ سرڪارِ دو عالم ﷺ, **محبوبِ معظم ﷺ جن نهايت دلجمعي, اطمينانِ** قلب ۽ پوري توجهہ سان سامعين سان خطاب فرمائيندا هئا تان تہ اعليٰ اوسط ۽ ادنيٰ ذهن وارو سنڌن سهڻي خطاب لاجواب کي ذهن نشين ڪري ۽ ان مان مستفيض ۽ مستفيد رهي ۽ سنڌن احڪام ۽ ارشادات کي ذهن نشين ڪري چڱيءَ طرح محفوظ رکي ياد ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري. اهڙي طرح هر جملي کي ٽي ڀيرا دُهرائڻ مان ثابت ٿيو تہ پاڻ پنهنجي امت تي ڪمال درجي جي شفقت ۽ عنايت فرمائيندا هئا. ۽ سنڌن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان هر هڪ حديث ياد ڪري بعد ۾ اڳتي وارن امتين تائين پهچائي ان کي انهن جي لاءِ مشعل هدايت بنايو آهي, بعض شارحن هي بہ لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جو ان طرح سان ڪلام فرمائڻ ان وقت تي محمول آهي جڏهن سنڌن مجلس ۾ گهڻي تعداد ۾ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان موجود هوندا هئا تان تہ سمورا چڱي طرح ياد ڪن ۽ سمجهن يا اهڙي وقت تي محمول آهي جو ان جي سمجهڻ ۾ اشتباه ۽ التباس ٿيو هجي تہ ان جملي کي ورائي ورائي چوڻ سان اهو دور ٿي ويندو هو. (انوارِ غوثيه ص 295)

فائدو: علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ هن ۽ هن کان اڳين حديث مان معلوم ٿيو تہ معلم (يعني پڙهائيندڙ) کي گهرجي تہ پنهنجي ڪلام ۾ آهستگي رکي ۽ سامعين کي سمجهائڻ, ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ۽ ضرورت پوي تہ اها ڳالهہ ٽي ڀيرا ورائي ورائي ڪري تان تہ ٻڌندڙ چڱيءَ طرح سمجهي ۽ ذهن نشين ڪري. (اشرف الوسائل ص 305) **علامہ علي قاري** رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ: پاڻ سڳورن ﷺ جو ٽن ڀيرن تي اقتصار ڪرڻ سمجهائڻ جي لاءِ هو ڇو تہ سمجهندڙن جا بہ ٽي درجا آهن اعليٰ, اوسط ۽ ادنيٰ ۽ جيڪو ٽن ڀيرن سمجهائڻ سان بہ نہ ٿو سمجهي اهو گهڻن ڀيرن سمجهائڻ سان بہ نہ سمجهندو. علامہ مناوي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ پهريون ڀيرو ٻڌائڻ جي لاءِ ٻيو خبردار ڪرڻ لاءِ ٽيون ان جي لاءِ تہ هي نهايت آهي وڌيڪ بيان نہ ڪيو ويندو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 9) **علامہ البيجوري** رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ ٽي ڀيرا ساڳيو ڪلمو تڪرار ڪرڻ مان مراد آهي جڏهن مقام جي تقاضا اها

هوندي هئي يا معنيٰ جي ڏکيائي جي ڪري يا معنيٰ جي غرابت، عجيب هجڻ جي ڪري يا سامعين جي ڪثرت جي ڪري پر هميشہ ائين نہ هوندو هو ڇوتہ ضرورت کان سواءِ ڪلام جو تڪرار بلاغت کان ناهي. (المواهب شرح الشمائل ص 362)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب العلم باب 30 من اعاد الحديث ليفهم منہ حديث رقم 94، 95 ج 1 ص 188 {2} الحاكم في المستدرك ج 4 ص 273 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 83 {4} البغوي في الشمائل رقم الحديث 334، 2661 1 {5} وفي شرح السنة رقم الحديث 141 ج 1 ص 204.

{225} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا جُمَيْعُ بْنُ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْعِجْلِيُّ قَالَ: حَدَّثَنِي رَجُلٌ مِنْ بَنِي تَمِيمٍ مِنْ وَلَدِ أَبِي هَالَةَ زَوْجِ خَدِيجَةَ يُكْنَى أَبَا عَبْدِ اللهِ، عَنِ ابْنٍ لِأَبِي هَالَةَ، عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ قَالَ: سَأَلْتُ خَالِي هِنْدَ بْنَ أَبِي هَالَةَ، وَكَانَ وَصَّافًا، فَقُلْتُ: صِفْ لِي مَنْطِقَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُتَوَاصِلَ الْأَحْزَانِ دَائِمَ الْفِكْرَةِ لَيْسَتْ لَهُ رَاحَةٌ، طَوِيلَ السَّكْتِ، لَا يَتَكَلَّمُ فِي غَيْرِ حَاجَةٍ، يَفْتَتِحُ الْكَلَامَ وَيَخْتِمُهُ بِاسْمِ اللهِ تَعَالَى وَيَتَكَلَّمُ بِجَوَامِعِ الْكَلِمِ، كَلَامُهُ فَصْلٌ، لَا فُضُولَ وَلَا تَقْصِيرَ، لَيْسَ بِالْجَافِي وَلَا الْمُهِينِ، يُعَظِّمُ النِّعْمَةَ، وَإِنْ دَقَّتْ لَا يَذُمُّ مِنْهَا شَيْئًا غَيْرَ أَنَّهُ لَمْ يَكُنْ يَذُمُّ ذَوَاقًا وَلَا يَمْدَحُهُ، وَلَا تُغْضِبُهُ الدُّنْيَا، وَلَا مَا كَانَ لَهَا، فَإِذَا تُعُدِّيَ الْحَقُّ لَمْ يَقُمْ لِغَضَبِهِ شَيْءٌ حَتَّى يَنْتَصِرَ لَهُ، وَلَا يَغْضَبُ لِنَفْسِهِ، وَلَا يَنْتَصِرُ لَهَا، إِذَا أَشَارَ أَشَارَ بِكَفِّهِ كُلِّهَا، وَإِذَا تَعَجَّبَ قَلَّبَهَا، وَإِذَا تَحَدَّثَ اتَّصَلَ بِهَا، وَضَرَبَ بِرَاحَتِهِ الْيُمْنَى بَطْنَ إِبْهَامِهِ الْيُسْرَى، وَإِذَا غَضِبَ أَعْرَضَ وَأَشَاحَ، وَإِذَا فَرِحَ غَضَّ طَرْفَهُ، جُلُّ ضَحِكِهِ التَّبَسُّمُ، يَفْتَرُّ عَنْ مِثْلِ حَبِّ الْغَمَامِ

بامحاوره ترجمو: حضرت حسن بن علي ﷺ چيو تہ مون پنهنجي مامي هند پُٽ ابو هالہ ﷺ کان جيڪو نبي پاڪ ﷺ جن جي سهڻي سيرت کان چڱي طرح واقف هو. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳالهائڻ جي باري ۾ پڇيو. ان چيو تہ رسول الله ﷺ جن هميشہ آخرت جي غم ۽ فڪر ۾ رهندا هئا. ڪين ڪا خوشي ڪانہ هئي. پاڻ سڳورا ﷺ گهڻو ڪري خاموش رهندا هئا ۽ ضرورت کان سواءِ نہ ڳالهائيندا هئا. ڳالهائڻ ۾ منڍ کان آخر تائين هڪ جهڙي صاف، چٽي ۽ جامع ڳالهہ ڪندا هئا. سندن ڳالهائڻ ۾ نہ ڊيگهہ هوندي هئي ۽ نہ اڻپورو ڳالهائيندا هئا. پاڻ سخت طبيعت بہ نہ هئا ۽ نہ وري ڪنهن کي جهڻڪيندا هئا ۽ نہ خوار ڪندا هئا الله جَلَّ جَلاله جي نعمت کي وڏو ڀائيندا هئا. توڙي ٿوري هجي تہ بہ برو نہ سمجهندا هئا. کاڌي پيتي جي شين مان عيب نہ ڪڍندا هئا ۽ اجائي نيڪي بہ نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي دنيا ۽ ان جي مال متاع جو نقصان بہ ڪين رنجائيندو هو. پر جڏهن ڪو حق ڇڏي يا حد کان لنگهي ويندو هو تہ سندن ڪاوڙ کي ڪابہ شيءِ ٿڌو ڪري نہ سگهندي هئي. جيسين پاڻ ان جو بدلو نہ وٺندا هئا. باقي پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي ذات لاءِ ناراض نہ ٿيندا هئا ۽ بدلو بہ نہ وٺندا هئا. ڳالهائڻ مهل سموري هٿ سان اشارو ڪندا هئا ۽ جي ڪنهن ڳالهہ تي اچرج ڪندا هئا تہ هٿ ڦيرائيندا هئا ۽ جي ڳالهائيندا هئا تہ ساڄي هٿ جي تري کابي هٿ جي آڱوٺي جي اندرئين پاسي تي هڻندا هئا. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڪاوڙبا هئا تہ منهن مبارڪ موڙيندا يا ڦيريندا هئا. جڏهن خوش ٿيندا هئا تہ اک مبارڪ پوريندا نظر، جهڪائيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جو کلڻ گهڻو ڪري مشڪڻ

هوندو هو. ان مرڪڻ سان سندن ڏند مبارڪ سفيد ۽ چمڪندڙ ڳڙن وانگر ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

مفردات جو شرح: "وصافا" گهڻي وصف بيان ڪندڙ "منطق" گفتگو ڳالهه ٻولهه "متواصل الاحزان، هميشه غمگين رهندڙ. "راحة" چين، آرام. "اشداق" ٻريل منهن "فصل" جدا جدا واضح واضح. "تقصير" ڪوتاهي يا ڪمي ڪرڻ "مُهِينٍ" حقير ، ڪمزور "دقت" ٿوري ٿي، سنهي ٿي. "ذَوَّاقًا" مزي وٺڻ لاءِ چکڻ "تعدیٰ" زيادتي ڪيو ويو، تجاوز ڪيو ويو. "اشاح" ڪاوڙ ڪيائين. "غض"، بند ڪيائين "جُلُّ" تعظيم ڪيل، بزرگ چيز، ڪمال "يَفْتَرُّ" ظاهر ٿئي، کلي پوي "حَبِّ" داڻو. "اَلْغَمَامِ "جهڙ، ڪڪر.

سمجهاڻي: هن حديث مان واضح ٿيو ته رسول الله ﷺ جن هميشه غمگين ۽ دائمي فڪر ۾ رهندا هئا غالبًا خاموش رهندا هئا ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهو سندن گهڻي تفڪر ۽ الله ﷻ جي جلال، ڪبريا ۽ عظمت جي شهود ۾ مستغرق هجڻ جي ڪري هو ۽ اها ڪيفيت هميشه مغموم رهڻ ۽ راحت ۾ نه هجڻ جي تقاضا ڪري ٿي ڇوته قلب ۾ مذڪور ڪيفيت جو هميشه رهڻ ان ڳالهه کي لازم ڪري وٺي ٿو ۽ هڪ قول آهي ته ڪين دنياوي امور ۽ دنيا جي لذتن ۾ دنيادارن وانگر راحت نه ملندي هئي جيئن هن مراد ڏانهن حديث مبارڪ "اَرِحْنَا يَابِلَالُ" (اي بلال اسان کي راحت ڏي) يا حديث شريف "قُرَّةُ عَيْنِيْ فِي الصَّلٰوةِ" (منهنجي اکين جو ٺار نماز ۾ آهي) ۾ اشارو آهي ۽ الطبراني ۽ حاڪم حضرت ابو الدرداء ﵁ کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "اِنَّ اللهَ يُحِبُّ كُلَّ قَلْبٍ حَزِيْنٍ" (الله هر غمگين قلب سان محبت رکندو آهي) ۽ بعض حديثن ۾ آهي ته "تَفَكُّرُ سَاعَةٍ خَيْرٌ مِّنْ عِبَادَةِ سَنَةٍ" وفي رواية "مِنْ عِبَادَةِ سِتِّيْنَ سَنَةً" هڪ گهڙي فڪر ڪرڻ سال جي عبادت ۽ ٻي روايت موجب "سٺ سال جي عبادت کان بهتر آهي) "طويل الصمت" (گهڻي ماٺ ڪرڻ وارا.) امام احمد ۽ ترمذي حضرت ابن عمر ﵄ کان صحيح روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "مَنْ صَمُتَ نَجَا" جنهن چُپ ڪئي ته ڇوٽڪاري وارو ٿيو. ۽ بخاري، احمد، ترمذي ۽ ابن ماجه ابي سريح کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: مَنْ كَانَ يُوْمِنُ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا اَوْلِيَسْكُتْ" (جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان لاءِ مناسب آهي ته ڀلو ڳالهائي يا چُپ رهي) ۽ حضرت ابوبڪر صديق ﵁ کان روايت آهي ته "يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ اَخْرَسَ اِلَّا عَنْ ذِكْرِ اللهِ" (اي ڪاش مان الله جي ذڪر کان سواءِ ٻي ڳالهائڻ کان گونگو هجان ها) مطلب ته دنياوي يا ديني ضرورت هوندي هئي ته ڳالهائيندا هئا نه ته نه حسي ۽ معنوي فائدي کان سواءِ گفتگو نه ڪندا هئا جيئن الله ﷻ جو فرمان آهي "وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ" (۽ اهي شخص جيڪي اجائي ڳالهه کان منهن موڙيندڙ آهن) ۽ محدثن جي جماعت حديث آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو " اِنَّ مِنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْكُهُ مَالَا يَعْنِيْهِ " (بلاشڪ مڙس جي اسلامي خوبين مان سهڻي ڳالهه هي آهي جو بي فائدي ڳالهه ڇڏي ڏي) ۽ ان ذات عالي صفات ﷺ کان ڪيئن ٿو تصور ڪري سگهجي جنهن جي شان ۾ "وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۝ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۝ ، (۽ سڌ جو ڪلام نه ٿو ڪري سندن ڪلام وحي آهي) آيو آهي ته اهو بي فائده ڳالهيون نه ٿو ڪري. "يَفْتَحُ الْكَلَامَ وَيَخْتِمُهُ بِاِسْمِ اللهِ " (ڪلام جي شروعات ۽ پورائي الله جي اسم سان ڪندا هئا) "باسم الله" ٻنهي مذڪور فعلن سان متعلق آهي مطلب ته سندن ڪلام جا ٻئي پاسا ابتدا ۽ انتها الله ﷻ جي ذڪر سان ۽ ان جي مدد وٺڻ سان ڍڪيل هئا ۽ ظاهر هي آهي ته سندن گفتگو جو هر لمحو الله

جل جلاله جي ذڪر سان روشن هو جيئن الله جل جلاله جي فرمان "وَسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَالْإِبْكَارِ" (سورة آل عمران آيت 41) (۽ صبح ۽ شام پنهنجي رب جي تسبيح پڙهه) ۽ الله جل جلاله جي فرمان "وَلَهُمْ فِيهَا رِزْقُهُمْ بُكْرَةً وَّعَشِيًّا" (۽ انهن جي لاءِ ان ۾ صبح ۽ شام سندن رزق آهي) چوته اهو يقين آهي ته سندن سيني شريف مان ڪوبه ڪلمو يا حرف نه نڪرندو هو مگر اهو الله جل جلاله جي ذڪر سان ڳنڍيل هوندو هو. جيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ڪنهن تابعدار جو قول آهي.

وَلَــوْخَـطَـرَتْ لِيْ فِيْ سِوَاكَ اِرَادَةٌ
عَلٰى خَاطِرِيْ سَهْوًا حَكَمْتُ بِرِدَّتِيْ

(۽ جيڪڏهن منهنجي دل ۾ توکان سواءِ ڪو ارادو چيڪي ها ته مان (ان مهل) پنهنجي لاءِ مرتد هجڻ جو حڪم ڏيان ها.) ۽ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "لَيْسَ يَتَحَسَّرُ اَهْلُ الْجَنَّةِ اِلَّا عَلٰى سَاعَةٍ مَرَّتْ بِهِمْ وَلَمْ يَذْكُرُوْا اللهَ فِيْهَا" (يعني جنت وارا ڪنهن به شيءِ تي افسوس نه ڪندا مگر ان گهڙيءَ تي جيڪا انهن جي الله جي ذڪر کان سواءِ گذري هوندي. مذڪور تشريح کان پوءِ علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته ان ذڪر مان مراد تسبيح ۽ تهليل وغيره ۾ منحصر ناهي بلڪ الله جل جلاله جو قول ۽ فعل ۾ هر مطيع ٻانهو الله سبحانه جو ذاڪر آهي. علامه موصوف اڳتي لکيو آهي ته "حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي ذات پاڪ جي اک مبارڪ بند ڪرڻ يا کولڻ جو لمحو به الله جل جلاله جي ذڪر کان خالي نه هو. سندن هر گفتگو ذڪر هو ۽ سندن خاموش رهڻ فڪر هو. ۽ سندن حال مبارڪ صبر ۽ شڪر جي وچ ۾ ڦرندڙ هو. "باشداقه" اشداق، شدقِ جو جمع آهي (شين جي زير سان) مطلب ته محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي ڪليل وات مبارڪ سان ڳالهائيندا هئا هنيلن ۽ متڪبرن وانگر نه ڳالهائيندا هئا. (اشرف الوسائل ص 306)

علامه علي قاري رحمه الله لکيو ته حاصل ڪلام هي آهي ته "سندن گفتگو وچٿري، صحيح، افراط ۽ تفريط کان خالي نهايت فصيح ۽ دل تي اثر انداز هئي ۽ پر ائين چوڻ ته سندن وات مبارڪ گهڻو ويڪرو هو ان جي ڪري اها گفتگو ڪندا هئا اهو بي سمجهه جو قول آهي. "ويتكلم بجوامع الكلم" جوامع جامعة جو جمع آهي ۽ "الكلم" الكلمة جو جمع آهي جيئن الله جل جلاله جو فرمان آهي: "اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ" (ان ڏانهن ئي پاڪ ڪلما چڙهن ٿا) ۽ علامه نورالدين الجامي قدس سره السامي. لکيو آهي ته "الكلم" جمع آهي جيڪو ٽن کان مٿي تعداد تي نه ڳالهايو ويندو آهي ۽ "الكلم الطيب" بعض الكلم سان تاويل ڪيو ويندو پر ان ۾ بحث ظاهر آهي چوته مٿي چڙهڻ بعض طيب ڪلمنِ سان مخصوص ناهي ائين نه چيو ويندو ته بعض طيب ڪلما مٿي ڪونه ٿا چڙهن ۽ ان کان پوءِ "جوامع الكلم" ڏانهن اضافت صفت جي موصوف ڏانهن اضافت آهي ۽ معنيٰ هيءَ آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن اهڙا ٿورا ڪلما ارشاد فرمائيندا هئا جن جي مراد ۽ مفهوم گهڻي هوندي هئي ۽ علامه ابنِ حجر رحمه الله ۽ بعض ٻين شارحن جو قول آهي ته "جوامع الكلم" مان مراد قرآن ڪريم آهي پر اهو غير مناسب آهي چوته سندن ڳالهائڻ جي لاءِ ائين نه چيو ويندو ته "پاڻ اهي جامعه ڪلما ڳالهائيندا هئا جيڪو قرآن هو. اظهر قول هي آهي ته ان مان مراد عام آهي بلاشڪ اها مدح اتم آهي مگر هي صحيح آهي جو چيو وڃي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن قرآن مان ڳالهائيندا هئا ۽ ان جو مطلب ته ان جون مرادون ۽ مفهومات بيان ڪندا هئا سندن گفتگو الله جل جلاله جي ڪلام کان ٻاهر نه هوندي هئي سندن هر امر ۽ نهي

الله ﷻ جي ڪلام جي مطابق هوندو هيو.“ جيئن ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته ان کان پڇيو ويو ته رسول الله ﷺ جن جو خُلق ڇا هيو؟ ته پاڻ فرمايائين ”سندن خلق قرآن ڪريم آهي.“ هن مذڪور تشريح کان پوءِ علامه علي قاري چاليهه حديثون آنديون آهن جيڪي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي جامع ڪلمات مان آهن.

جيڪو اهي پڙهڻ گهري ته جمع الوسائل ج 2 ص 11, 12 تي ڏسي. ”كَلَامُه فَصْلٌ“ يعني سندن گفتگو حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ آهي يا باطل کان جدا ڪيل يا بچايل آهي ۽ پنهنجي معنيٰ تي دلالت ڪرڻ ۾ ممتاز آهي جو ان جي معنيٰ ٻئي سان ملتبس نه ٿي ٿئي سندن ڪلام صريح حق آهي ان ۾ باطل جو امڪان ئي ڪونه آهي نه ان ۾ اهڙي صورت آهي جو ٻڌندڙ کي پريشان ڪري يا ان ۾ اجائي تڪڙ هجي ”لَا فَضْلَ وَلَا تَقْصِيرَ“ نه ان ۾ ضرورت کان زياده ڪلام آهي نه ان ۾ مراد ادا ڪرڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڪوتاهي آهي پر اهو مقام جي تقاضا جي عين مطابق آهي مقام ايجاز. اختصار جي تقاضا ڪندو هو ته سندن ڪلام مختصر هوندو هو ۽ جيڪڏهن مقام وڏيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت محسوس ڪندو هو ته وڌيڪ ارشاد فرمائيندا هئا. ڇوته فصيح جو شان اهو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن سڀني کان وڌيڪ فصيح هئا.

فائدو: علامه ابن حجر هيتمي رحمه الله به اهڙيون ڪجهه حديثون آنديون جيڪي جامع ڪلمن تي مشتمل آهن. (اشرف الوسائل ص 306, 312) ”ليس با لجافي“ نه شوخ ۽ سخت ڳالهائيندڙ هئا جو ڪنهن جي دل آزاري ٿئي بلڪ سندن ڪلام ڏارين توڙي پنهنجن جي لاءِ هڪجهڙو هو. ڇوته پاڻ الله ﷻ جي طرفان هديو ڏنل رحمت هئا. ”وَلَا بِمُهِيْنٍ“ ۽ نه پنهنجي ڪلام سان ڪنهن کي ذليل ۽ خوار ڪندڙ هئا. بلڪ نرم مزاج وڏي عزت وارا هئا جيڪو سندن خدمت ۾ ايندو هو. عزت ۽ مانُ حاصل ڪري ويندو هو. ها سندن متان وقار، هيبت ۽ جلالت جا اهي انوار هوندا هئا جو جابرن ۽ ظالم بدوين ۽ وڏن بادشاهن جا هڏ ڏڪندا هئا. ”يعظم النعمة و ان دقت“ جيتوڻيڪ ننڍي نعمت هوندي هئي پر پاڻ ان کي عظيم سمجهندا هئا. پوءِ اها نعمت ظاهري هجي يا باطني ننڍي هجي يا وڏي, دنياوي هجي يا اخروي ڇوته قليل به رب جليل جي طرفان وڏي نعمت آهي ۽ جنهن توري نعمت جو شڪر نه ڪيو ان گهڻي جو به نه ڪيو. ”وَلَا يَذُمُّ مِنْهَا شَيْئًا“ ۽ ان نعمت مان ڪنهن به شيءِ جي مذمت نه ڪندا هئا ان مان عيب نه ڪيندا هئا بلڪ ان نعمت جي تعريف ڪندا. ان تي الله ﷻ جو حمد ۽ شڪر ڪندا هئا ۽ اهو سندن اخلاق جي محاسن ۽ مڪارم مان هو بلڪ اهو اصول مان هڪ اصل هو جنهن تي ڪيترا فرع نڪتا هئا. انهن مان هڪ ڳالا کان نجات هئي ڇوته ڪنهن نعمت کي گهٽ سمجهڻ الله ﷻ جي نعمت جي تحقير ۽ توهين آهي. ڪين هر نعمت ۾ منعم (نعمت ڪندڙ) جي قدرت جي ڪمال جو مشاهدو حاصل هو. ”غَيْرَ اَنَّهٗ لَمْ يَكُنْ يَذُمُّ ذَوَاقًا وَلَا يَمْدَحُهٗ“ متي ذڪر ڪيل ”لايذم منها شيئا“ کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو ته پاڻ کائڻ پيئڻ واري شيءِ جي هنيلن وانگر مذمت به نه ڪندا هئا ته گهٽي کائيندڙن وانگر ان جي گهڻي تعريف به نه ڪندا هئا ڇوته دنيا جي ڪين ڪا پرواه ڪانه هئي. الله ﷻ جو فرمان ” وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ وَرِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿۱۳۱﴾ (سورة طه آيت 131) (۽ پنهنجون (پاڪ) اکيون (مبارڪ) ان ڏانهن ڏگهيون ڪري نه نهاريو

جيڪو اسان انهن کي ان مان نفعو ڏنو آهي قسمين قسمين انهن مان دنيا جي حياتيءَ جي تازگي تا ته اسين انهن کي ان سان آزمايون ۽ تنهنجي رب جو رزق پلو ۽ بقا وارو آهي. "وَلَا مَا كَانَ لَهَا" ۽ نه ان جي ڪري جيڪو ان جي لاءِ آهي. مطلب ته دنياوي سامان جي لاءِ به ڪا پريشاني نه ڪندا هئا. چوته اهو سڀ ڪجهه عزت ۾ گهٽ، فنا ٿيڻ ۾ تڪڙو ۽ خسيس آهي" فَإِذَا تُعُدِّيَ الْحَقُّ لَمْ يَقُمْ لِغَضَبِهِ شَيْءٌ" پوءِ جڏهن حق کان تجاوز ڪيو ويندو هو حق جو احترام نه ڪيو ويندو هو ته جيستائين ان جو بدلو نه ورتو ويندو هو ته سندن ڪاوڙ جي اڳيان ڪير به بيهي نه سگهندو ۽ پاڻ پنهنجي ذات جي لاءِ نه ڪاوڙ ڪندا هئا ۽ نه ان جو بدلو وٺندا هئا بلڪ ان وقت حلم ۽ ڪرم ظاهر ڪندا هئا. جيئن الله ﷻ جو فرمان آهي "خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجَاهِلِينَ ۝" (سورة اعراف آيت 199) (معاف ڪرڻ کي لازم ڪري وٺو ۽ نيڪيءَ جو امر ڪيو ۽ برائيءَ کان روڪيو ۽ جاهلن کان منهن موڙيو) جڏهن ڪنهن ڏانهن اشارو ڪندا هئا ته پنهنجي سڄي هٿ سان اشارو ڪندا هئا مطلب ته سموري هٿ سان اشارو ڪندا هئا صرف آڱر وغيرها سان اشارو نه ڪندا هئا جيئن هنيلا متڪبر ڪندا آهن ڪنهن ڳالهه تي عجب ڪندا هئا ته هٿ جي مٿئين پاسي کي هيٺ ڪندا هئا ۽ هيٺئين پاسي کي مٿي ڪندا هئا ۽ جڏهن ڳالهائيندا هئا ته پنهنجي هٿ کي به ان ۾ شامل ڪري سڄي هٿ جي تريءَ تي پنهنجي کابي هٿ جي آڱوٺي سان مڪ هڻندا هئا ۽ سندن مزاج ۾ اهو به هو ته ڪنهن سان ناراض ٿيندا هئا ته ان کان منهن مبارڪ موڙي ان ڏانهن توجهه نه ڪندا هئا يا ان کان درگذر ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ جڏهن خوش ٿيندا هئا ته پاڪ اکيون هيٺ ڪندا هئا. اهو ان جي ڪري ته متان ان خوشيءَ جي ڪري دل جو توجهه الله ﷻ جي ذڪر کان گهٽجي وڃي. ان وقت طبيعت تي ڪنٽرول ۽ ضابطو پيدا ڪرڻ جي لاءِ اکيون مبارڪ هيٺ ڪري متوجه الي الله رهندا هئا. " جُلُّ ضَحِكِهِ التَّبَسُّمُ" سندن سمورو کلڻ فقط مُرڪڻ هوندو هو کلڻ وقت اڇن ڳڙن جهڙن ڏندن (مبارڪن) کي ظاهر ڪندا هئا.

فائدو : کلڻ جا قسم: کلڻ ٽي قسم آهي. (1) تبسم، مرڪڻ (2) "ضحک" کلڻ (3) قهقهة ٽهڪ ڏيڻ. ٽهڪ ڏيڻ ۾ کلڻ جو آواز پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. مرڪڻ ۾ صرف ڏند ظاهر ٿيندا آهن. ضحک ۾ صرف پرواري کي خبر پوندي آهي ته هي کلي رهيو آهي. هتي ضحک مان مراد عام معنيٰ ورتل آهي جنهن ۾ کلڻ ۽ مرڪڻ برابر شامل آهي. علامه علي قاري رحمه الله لکيو آهي ته پاڻ خوشي وقت اکيون مبارڪ تواضع ۽ انکساري جي ڪري هيٺ ڪندا هئا ۽ ڪين جڏهن خوشي ٿيندي هئي ته سندن منهن مبارڪ آئيني وانگر چمڪندو هو جنهن ۾ (مدينه منوره جون) پٽيون نظر اينديون هيون ۽ سندن کلڻ مان مراد ڪڏهن ڪڏهن کلڻ آهي چوته امام بخاري رحمه الله "الادب المفرد" ۽ ابن ماجه سنن ۾ سندن فرمان آندو آهي ته " لَا تُكْثِرِ الضَّحِكَ فَإِنَّ كَثْرَةَ الضَّحِكِ تُمِيتُ الْقَلْبَ" (گهڻو نه کِل بلاشڪ گهڻو کلڻ دل کي ماري ٿو) هن حديث شريف جي شرح ۾ سيد امير گيلاني هيئن لکيو آهي ته" حضور ڪريم ﷺ جن اڪثر غمگين رهندا هئا. جو مطلب آهي ته پاڻ پنهنجي امت جي غم ۾ رهندا هئا ته اها ايمان جي نعمت کان محروم نه رهي ۽ انهن جي احوال ۽ ان فڪر ۾ به رهندا هئا ته انهن جي لاءِ حساب، ڪتاب آسان ٿئي ۽ بارگاهِ الاهي ۾ سجدو ڪري امت جي بخشش جي لاءِ دعائون گهرندا هئا ۽ اها هڪ حقيقت به آهي ته جيڪڏهن پاڻ اسان گنهگارن، سياهڪارن جي غمخواري نه ڪن

ها تہ ٻيو ڪير ڪري ها ۽ الله ﷻ ڪين پنهنجي طرفان غمخواري ۽ رحمة للعالمين جي شان ۽ مومنن تي راحت ۽ رحيميت جي صفت سان موصوف بنائي مبعوث فرمايو. هميشہ الله ﷻ جي ڪبريائي، عظمت ۽ جلال جي شهود ۾ متفڪر رهندا هئا. علامہ عبدالجواد الدومي المصري رحمه الله لکيو آهي تہ "پاڻ آسمان ۽ زمين جي خلقت ۽ ملڪوت عظيم جي ڀير ڦار ۾ متفڪر هوندا هئا جيئن هڪ روايت ۾ آهي تہ "هڪ گهڙي فڪر ڪرڻ ستر سالن جي عبادت کان ڀلو آهي. "ڪين راحت نہ ملي" ۾ سندن مڪي زندگيءَ ڏانهن اشارو آهي جيڪا پاڻ انتهائي تڪليفن ۽ مشقت ۾ گذاري هيائون ۽ وري مدني زندگي ڪافرن سان جهاد ۾ گذاريائون عبادات ۾ مصروف رهيا مجاهدات ۽ رياضت ۾ منهمڪ هيا. ۽ دين جي دعوت وارن امورن ۾ تہ نهايت مشغول رهيا جيئن علامہ عبدالجواد الدومي المصري لکيو آهي تہ "لايمضي وقت من غير طاعة لاشتغاله بوظائف العبادات وما اكثرها واهتمامه بمايصلح الامة ويرفع راية الحق ويرسي قواعد العزو المجد لدين الله فظاهره مشغول بذالك وباطنه موصول بذى الجلال والاكرام." (يعني سندن ڪوبہ وقت اطاعت کان سواءِ نہ گذرندو هو ڇو تہ پاڻ عبادات جي وظائف سان گهڻو مشغول هوندا هئا ۽ انهن ڪمن جو اهتمام ڪندا هئا جنهن سان امت جي اصلاح ٿئي ۽ حق جو جهنڊو بلند رهي ۽ الله جي دين لاءِ مجد ۽ عزت جو بنياد رکيو وڃي. پوءِ سندن ظاهر انهن پروگرامن سان مشغول هو ۽ سندن باطن الله ﷻ سان مشغول هو. ۽ پاڻ اڪثر ڪري خاموش رهندا هئا." اهو ان جي ڪري جو اڪثر ڪري الله ﷻ جي قدرتن، عجائب مخلوقات، عظيم دلائل، توحيد جي برهانن ۾ غور ۽ فڪر ڪندي ڪين ڳالهائڻ سان دلچسپي گهٽ هوندي هئي ضرورت کان سواءِ گفتگو نہ ڪندا هئا ڇو تہ گهڻو ڳالهائڻ وارو عام طور تي اجايون، لغو ڳالهيون ڪندو آهي. بي معنيٰ ۽ بي مقصد قصن ۾ مصروف رهندو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن تہ پنهنجي خواهش سان گفتگو نہ ڪندا هئا بلڪ سندن زبان مبارڪ جي ذريعي سندن طرف ڪيل وحي جو اظهار ڪيو ويندو آهي سندن گفتگو ۾ جامع ڪلمات هوندا هئا جن جا حرف ٿورا ۽ معنائون گهڻيون هونديون هيون. پاڻ "جافي" جفا ڏيندڙ نہ هئا نفعا ڏيندڙ هئا. صلہ رحمي، احسان، پنهنجن مِٽن، مائٽن ۽ احباب سان انتهائي ڀلائي، حليمي، نرمي ۽ رواداريءَ سان پيش ايندا هئا. پاڻ عالمين جي لاءِ رحمت هئا، آهن ۽ قيامت تائين بلڪ قيامت ۾ بہ رهندا. (انوارِ غوثيہ ص 300) علامہ البيجوري رحمه الله هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن لاڳيتو غم ۾ رهندا هئا، ان جي ڪري غم ۾ رهڻ قديم زماني کان نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي صفت آهي ڇوتہ اها خوف جي حالت هوندي آهي ۽ اهو خوف معرفت جي انداز تي هوندو آهي جيئن بعض جو قول آهي."

"عَلٰى قَدْرِ عِلْمِ الْمَرْءِ يَعْظُمُ خَوْفُهٗ فَلَا عَالِمَ اِلَّا هُوَمِنَ اللهِ خَائِفُ"

(ماڻهوءَ جي علم آهر ان ۾ خوف وڌو هوندو آهي پوءِ ڪو عالم ناهي مگر اهو الله کان خوف رکندڙ آهي) پر علامہ ابن القيم رحمه الله لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن هميشہ غم ۾ ڪيئن رهندا حالانڪ الله ﷻ ڪين حزن، غم کان ۽ دنيا ۽ ان جي اسباب ۾ غم ڪرڻ کان بچايو آهي ۽ الله ﷻ ڪين ڪافرن تي غم ڪرڻ کان بہ روڪيو آهي ۽ الله ﷻ ڪين معاف ڪري ڇڏيو آهي پوءِ ڪين ڏک ڪٿان ايندو؟ ۽ پاڻ غم ۽ حزن کان الله ﷻ جي بارگاهہ مان پناهہ گهري اٿن. بلڪ پاڻ هميشہ خوش ۽

مرڪندڙ هوندا هئا ان جي ڪري "متواصل الاحزان" واري حديث غير ثابت آهي ۽ هن جي سندن ۾ غير معروف راوي آهي ۽ ابن القيم جي استاد علامہ ابنِ تيميه بہ پهريان اهو ملحوظ ڪيو هو پر پوءِ ان جو رد ڪندي فرمايائين تہ هتي حزن مان مراد مطلوب جي فوت ٿيڻ يا مڪروه جي حصول تي ڏک ڪرڻ ناهي. پوءِ بلاشڪ پاڻ ان کان روڪيا ويا هئا ۽ نہ اهو سندن احوال مان هو. بلڪہ مراد ڪين پيش اچڻ وارن امرن جي لاءِ اهتمام ڪرڻ ۽ سجاڳ ٿيڻ هو. سندن غم جو هميشہ هجڻ پنهنجي رب جي جلال جي شهود جي ڪري هو ۽ ماڻهن جي منهن ۾ مرڪڻ جي ڪثرت انهن کي محبت ڏيڻ ۽ نرميءَ سان پيش اچڻ جي لاءِ هئي، ان جي ڪري طريقت وارن وٽ هيءَ ڳالهہ مشهور آهي تہ "عارف هشاش بشاش هوندو آهي يعني مرڪندڙ، ڪليل منهن ۽ "دائم الفكرة" جو مطلب آهي تہ مخلوقات جي مصلحتن لاءِ سوچڻ ۽ انهن جي ڀلائي جي لاءِ تدبر ۾ هوندا هئا "راحت نہ هوندي هين" ڇوتہ نماز، جهاد، تعليم، اسلام جي اظهار جو اهتمام مسلمانن جو بچاءُ ۽ حمايت ۾ سندن قلب مصروف رهندو هو. "جامع ڪلما ڳالهائيندا هئا" هن جي مراد ۾ هڪ قول هي آهي تہ پاڻ اهڙا ڪُلي قواعد بيان ڪندا هئا جيڪي جُزئي فروع کي جامع هوندا هئا. "يُعَظِّمُ النِّعْمَةَ" مان مراد آهي تہ "ظاهري، باطني، دنيوي اخروي نعمتن جو قدر ۽ عزت، قولًا. الله جي حمد سان، فعلًا رب جي تابعداريءَ سان ۽ ان جي رضا حاصل ڪرڻ سان ڪندا هئا. "اشار بكفه" پنهنجي سجي هٿ جي ترِيءَ سان اشارو ڪندا هئا. علامہ بيجوري رحمہ اللہ لکيو آهي تہ : سندن اشارو مختلف هو جيڪو توحيد جي شهادت جي لاءِ "المسبحة" اشهد واري آڱر سان هوندو هو ۽ باقي ٻئي ڪنهن ڪم جي لاءِ سجو هٿ کڻي اشارو ڪندا هئا تان تہ ٻنهي اشارن ۾ فرق رهي" ۽ سجي هٿ جي ترِي ڪٻي هٿ جي آڱوٺي کي هڻندا هئا." ڇوتہ اها عربن جي عادت هوندي هئي، ان ڳالهہ جي اهميت واضح ڪرڻ لاءِ ۽ نفس مان سستي ۽ ڪاهلي دفع ڪرڻ جي لاءِ. جيئن ماڻهو قرآن مجيد پڙهڻ مهل بدن يا مٿو چوريندو يا لوڏيندو آهي ۽ سجي هٿ جي پوري ترِي ۽ ڪٻي هٿ جو صرف آڱوٺو استعمال ڪرڻ ۾ حڪمت هيءَ هئي تہ وڌيڪ شرف وارو سجو هٿ پوري جو پورو استعمال ٿئي ۽ ٻئي جي بعض تي ڪفايت ڪئي وڃي ۽ آڱوٺي جو بہ پيٽ مخصوص ڪيو ويو ڇوتہ اهو دل جي رڳن کي ويجهو آهي، اهو سجاڳ رهي ۽ ان حديث ڏانهن ويجهو ۽ ان وٽ حاضر ٿئي "يفترعن مثل حب الغمام" مطلب تہ پاڻ اهڙو سهڻو کلندا هئا جو سندن ڏندن مبارڪن جي اڇائي، صفائي، روشني ۽ چمڪار ائين هئي جيئن مينهن وقت ڪڪر مان نڪرندڙ ڳڙا ظاهر ٿيندا هئا. جيئن هڪ روايت ۾ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن کِلندا هئا تہ ڀتين ۾ چمڪارا ٿيندا هئا. جيئن سج جي روشنيءَ جا چمڪارا هوندا آهن.

:(المواهب شرح الشمائل ص 364 کان 370 تائين)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 8 جي تخريج ۾ ڏسو.

باب پنجتيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي ضَحِكِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب رسول الله ﷺ جي کلڻ جي متعلق حديثن بابت آهي

سمجهاڻي: کِلڻ انسان جو خاصو آهي ۽ گهڻو ڪري اهو ان خوشيءَ جي ڪري هوندو آهي جيڪا قلب، دل کي حاصل ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن خوشي حاصل نہ ٿيڻ وارو بہ کِلندو آهي ۽ هن باب ۾ نوَ (9) حديثون آهن. (المواهب شرح الشمائل ص 371)

{226} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبَّادُ بْنُ الْعَوَّامِ قَالَ: أَخْبَرَنَا الْحَجَّاجُ وَهُوَ ابْنُ أَرْطَاةَ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ، عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ: كَانَ فِي سَاقِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حُمُوشَةٌ، وَكَانَ لَا يَضْحَكُ إِلَّا تَبَسُّمًا، فَكُنْتُ إِذَا نَظَرْتُ إِلَيْهِ قُلْتُ: أَكْحَلُ الْعَيْنَيْنِ وَلَيْسَ بِأَكْحَلَ

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر بن سمره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جون پنيون مبارڪ سنهيون (پر مضبوط) هيون. پاڻ سڳورا ﷺ مرڪڻ کان وڌيڪ نہ کلندا هئا پوءِ آءٌ جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن کي ڏسندو هوس. تہ ڪين اکين ۾ سرمو پاتل پائيندو هوس پر سرمو پاتل نہ هوندا هئا.

مفردات جو شرح: "سَاقِ" پني "حُمُوشَةٌ" سنهائي "أَكْحَلُ" سرمي پاتل.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن غالبا مرڪندا هئا. وڏي آواز سان کلڻ جي نوبت تمام گهٽ ايندي هئي ۽ جڏهن ڪڏهن کلندا هئا تہ ڏند مبارڪ نظر ايندا هئا. البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ "كان يضحك فى امور الآخرة ويتبسم فى امور الدنيا" يعني آخرت جي ڳالهين ۾ کلندا هئا ۽ دنيا جي امور ۾ مُرڪندا هئا. حضور سراپا حسن وجمال، سيد الڪائنات ﷺ جي ٻنهي پنبڻين جي ڪاراڻ تہ اصلي خلقت هئي.

حضور ﷺ جو جمال پيدائشي هو: "الاتحافات الربانية" جي صاحب لکيو آهي تہ "انما هو الجمال الخلقى الذى لا مثيل له" اهو سندن خلقت وارو جمال هيو جنهن جو مثال نہ آهي ان جي ڪري ڏسڻ وارو سمجهندو هو تہ جڻ پاڻ اکين ۾ سرمو پاتل آهن حالانڪ سرمو پاتل بہ نہ هوندا هئا بلڪ اها قدرتي ۽ ذاتي، خلقتي ڪاراڻ هوندي هئي جيڪا سرمي کان ڪئين درجا مٿي خوبصورت بهتر، سُٺي ۽ ديده زيب هوندي هئي ڇوتہ اها هميشگي ۽ زائل نہ ٿيڻ واري هوندي هئي ۽ اها نهايت مناسب ۽ انتهائي درجي جي پاڪيزه هئي ان جي برعڪس سرمي ۾ اهي خوبيون نہ آهن.

فائدو: هن مان اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ پاڻ ڪڏهن بہ سرمو نہ پائيندا هئا. تانت سرمي پائڻ واري حديث جي خلاف هجي. پر پاڻ بين مقصدن جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن سرمو پائيندا هئا. (انوارِ غوثيہ ص

302) علامہ ابن حجر هيتمي رحمه الله مڪي هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ پاڻ گھڻو ڪري نہ کلندا هئا جيئن بخاري ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي مڪمل طور اهڙو کلندو نہ ڏٺو جو سندن ڪاڪڙو نظر اچي. (اشرف الوسائل ص 318)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 5 ص 97, 105 {2} ابو يعلىٰ في مسنده رقم الحديث 7455 ج 13 ص 450 {3} الحاڪم في المستدرڪ ج 2 ص 606 {4} الطبراني في المعجم الڪبير رقم الحديث 2024 ج 2 ص 244 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3642 ج 13 ص 242 {6} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 372.

{227} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: أَخْبَرَنَا ابْنُ لَهِيعَةَ، عَنْ عُبَيْدِ اللهِ بْنِ الْمُغِيرَةِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الْحَارِثِ بْنِ جَزْءٍ، أَنَّهُ قَالَ: مَا رَأَيْتُ أَحَدًا أَكْثَرَ تَبَسُّمًا مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

بامحاوره ترجمو: عبدالله بن الحارث بن جزء کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان وڌيڪ مُرڪندڙ ڪنهن کي نہ ڏٺو.

مفردات جو شرح: "تبسم" مرڪڻ. هلڪو کلڻ جنهن ۾ فقط سامهون وارا ڏند نظر ايندا آهن. آواز نہ هوندو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث مان ظاهر ٿي رهيو آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کي منهن مبارڪ جي تازگيءَ ۽ خنده پيشانيءَ سان پيش ايندا هئا ڇوتہ سندن ان انداز سان صحابہ ڪرام رضي الله عنهم خوشي ۽ سڪون محسوس ڪندا هئا. علامہ البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ اهو ان جي ڪري جو ڪاملن جو شان آهي تہ جنهن جي دل جوئي ڪرڻ گهرندا آهن ان کي ان محبوب انداز سان پيش ايندا آهن ڀلي اندر ۾ غمگين هجن. پاڻ ڪريم ﷺ جن هميشہ غمگين هجڻ جي باوجود خنده پيشاني, کليل طبيعت سان نظر ايندا هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 373)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 30 {2} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 372, 373 {3} البيهقي في الشعب ج 6 ص 251 {4} البغوي في شرح السنہ رقم الحديث 3702 ج 13 ص 259, 260.

{228} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ خَالِدٍ الْخَلَّالُ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ إِسْحَاقَ السَّيْلَحَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا لَيْثُ بْنُ سَعْدٍ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبِي حَبِيبٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ الْحَارِثِ قَالَ: مَا كَانَ ضَحِكُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَّا تَبَسُّمًا. قَالَ أَبُو عِيسَى: هَذَا حَدِيثٌ غَرِيبٌ مِنْ حَدِيثِ لَيْثِ بْنِ سَعْدٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن الحارث رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جو کلڻ رڳو مرڪڻ هوندو هو.

مفردات جو شرح نئون نا هي.

سمجهاڻي: مطلب تہ محبوب آقا ﷺ جن جو کِلڻ مُرڪڻ جي صورت ۾ هوندو هو. وڏي آواز سان کلڻ جي صورت تمام گهٽ واقع ٿيندي هئي. محدث ترمذي رحمه الله جو قول آهي تہ هيءَ روايت هن راوي ليث

بن سعيد جي لحاظ سان غريب آهي. محدثن جي اصطلاح ۾ غريب اها حديث آهي، جنهن جو صرف هڪ ئي راوي هجي. هيءَ حديث هتي ليث بن سعيد راويءَ جي لحاظ سان غريب آهي، هن ۾ اها غرابت سند جي لحاظ سان آهي. حديث جي متن ۾ ناهي ۽ اها سند جي غرابت حديث جي صحت جي خلاف ناهي ان جي ڪري اهو شخص جيڪو هن سند ۾ منفرد آهي يعني ليث بن سعد . ان جي جلالت ۽ امامت ۾ ڪو شڪ ناهي بلڪ ان جي امامت تي اتفاق ۽ اجماع آهي. جيئن علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ "ان الغرابة فی السند لاتنافی صحته" (جمع الوسائل ج 2 ص 16)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: علامہ ابو عبدالله السيد بن احمد حموده رحمه الله لکيو آهي. {1} هن جي سند حسن آهي. رواه المصنف في جامعہ 3641 وقال حسن، غريب و نقل المزي قولہ : غريب {2} والبغوي 3702 {3} ابن المبارڪ في الزهد 145 {4} البيهقي في الشعب من طريقہ ص 8047 {5} ابو الشيخ ص 25 من طريق ابن المبارڪ عن ابن لهيعة بہ {6} الفسوي في المعرفة والتاريخ ج 2 ص 497 (حاشيه العلامه المذكور علي الشمائل ص 181)

{229} حَدَّثَنَا أَبُوعَمَّارٍ الْحُسَيْنُ بْنُ حُرَيْثٍ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا الأَعْمَشُ، عَنِ الْمَعْرُورِ بْنِ سُوَيْدٍ، عَنْ أَبِي ذَرٍّ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنِّي لَأَعْلَمُ أَوَّلَ رَجُلٍ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ وَآخِرَ رَجُلٍ يَخْرُجُ مِنَ النَّارِ، يُؤْتَى بِالرَّجُلِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فَيُقَالُ: اعْرِضُوا عَلَيْهِ صِغَارَ ذُنُوبِهِ وَيُخَبَّأُ عَنْهُ كِبَارُهَا، فَيُقَالُ لَهُ: عَمِلْتَ يَوْمَ كَذَا كَذَا وَكَذَا، وَهُوَ مُقِرٌّ لاَيُنْكِرُ، وَهُوَ مُشْفِقٌ مِنْ كِبَارِهَا فَيُقَالُ: أَعْطُوهُ مَكَانَ كُلِّ سَيِّئَةٍ عَمِلَهَا حَسَنَةً، فَيَقُولُ: إِنَّ لِي ذُنُوبًا مَا أَرَاهَا هَهُنَا. قَالَ أَبُو ذَرٍّ: فَلَقَدْ رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ضَحِكَ حَتَّى بَدَتْ نَوَاجِذُهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو ذر غفاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :" آءٌ سيني کان پهريان بهشت ۾ داخل ٿيندڙ ماڻهوءَ کي ڄاڻان ٿو ۽ ان کي بہ جيڪو دوزخ مان سيني کان پڇاڙيءَ ۾ نڪرندو. قيامت جي ڏينهن هڪ ماڻهو الله ﷻ جي دربار ۾ آندو ويندو. ملائڪن کي حڪم ڏيندو تہ سندس ننڍا ڏوهہ ظاهر ڪريو ۽ سندس وڏا گناهہ کانئس لڪائي ڇڏيو پوءِ ان کي چيو ويندو تہ توفلاڻي ڏينهن هي هي گناهہ ڪيا هئا؟ اهو شخص گناهہ مڃيندو ۽ انڪار نہ ڪندو ۽ پنهنجن وڏن گناهن ظاهر ٿيڻ کان ڊڄندو پوءِ حڪم ٿيندو تہ ان کي هر هڪ گناهہ جي عيوض نيڪي ڏيو. پوءِ اتي عرض ڪندو تہ منهنجا ٻيا بہ ڪيترا وڏا گناهہ آهن جي هتي نہ ٿو ڏسان.

حضرت ابو ذر رضي الله عنه چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ ان ڳالهہ تي ايترو کليا. جو سندن اڳيان ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا.

مفردات جو شرح: "لَأَعْلَمُ" البت ڄاڻان ٿو. "يُؤْتَى بِالرَّجُلِ" مرد آندو ويندو، پيش ڪيو ويندو. "اَعْرِضُوا" (همزه وصل سان ۽ را جي زير سان) العرض کان ورتل امر جو صيغو آهي. "صِغَارَ" ننڍا "يُخَبَّأُ" لڪايا ويندا "أَعْطُوهُ" ان کي عطا ڪيو.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ آقا ﷺ جو ارشاد آهي تہ مان ان شخص کي چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو جيڪو سڀ کان پهريان جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ آخري شخص کي بہ ڄاڻان ٿو جيڪو باهہ مان نڪرندو." علامہ علي قاري رحمه الله لکيو آهي تہ ان مان مراد اهو پهريون شخص آهي جيڪو دوزخ مان

نڪرڻ ڪان پوءِ اول جنت ۾ داخل ٿيندو چوته مطلقا اول جنت ۾ داخل ٿيندڙ ته حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ آهن ۽ اهو حضور ڪريم ﷺ جن کي علم وحي يا الهام يا سِڌو الله جل جلاله جي طرفان عطا ڪرڻ سان هو. اهو حضور ڪريم ﷺ جن تي مالڪ مٺي جو خاص فضل ۽ ڪرم آهي جو جنت ۾ اول داخل ٿيندڙ کي به ڄاڻن پيا ته جهنم مان آخر ۾ نڪرندڙ کي به ڄاڻن پيا.

حضور ﷺ کي عطا ڪيل علم: الله جل جلاله پنهنجي حبيب ﷺ کي ان علم سان نوازيو هو جنهن جي ذره تائين به ٻئي جي رسائي نه هئي. حضرت محدث ڪبير، فقيہ اعظم علامہ شاہ عبدالعزيز دهلوي رحمة الله عليه پنهنجي مشهور تفسير عزيزي ۾ آيت مبارڪ :"وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا" جي تفسير ۾ لکيو آهي ته يعني "وباشد رسول شما برشما گواه زيراڪه او مطلع است بنور نبوت بررتبہ هر متدين بدين خود ڪہ درڪدام درجہ ازدين من رسيده است و حقيقت ايمان او چيست و حجابي ڪہ بد ان از ترقي محجوب مانده است ڪدام است پس او مي شناسد گناهان شمارا و درجات ايمان شمارا واعمال نيڪ وبد شمارا و اخلاص و نفاق شمارا و لهذا شهادت او درد نيا برحڪم شرع درحق امت مقبول و واجب العمل است" يعني حضور ڪريم ﷺ نبوت جي نور سان پنهنجي دين تي هلندڙ هر ديندار جي رتبي کان با خبر آهن ته منهنجي دين مان ڪهڙي درجي تي پهتل آهي ۽ ان جي ايمان جي حقيقت ڇا آهي ۽ جنهن حجاب جي ڪري ترقيءَ کان محجوب آهي اهو ڪهڙو آهي پوءِ پاڻ اوهان جي گناهن کي سڃاڻن ٿا ۽ اوهان جي ايمان جي درجن ۽ نيڪ ۽ برن عملن ۽ اخلاص ۽ منافقي کي به سڃاڻن ٿا تنهن ڪري سندن شاهدي سندن امت جي باري ۾ شريعت جي حڪم مطابق مقبول ۽ واجب العمل آهي."

"الاتحافات الربانية" جي مصنف علامہ عبدالجواد الدومي المصري رحمة الله عليه لکيو آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ جي شخصيت ئي آهي جو اول جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ علامہ قاضي محمد عاقل، شمائل جو فارسي ۾ شرح لکندڙ بزرگ لکيو آهي ته "مقصد هي آهي ته پاڻ سيني کي ڄاڻن ٿا ۽ جيڪي واقعا پيش ايندا اهي به سندن علم ۾ آهن ۽ هتي بيان ٿيل واقعو انهن مان هڪ آهي پوءِ اڳتي ايندڙ ڪلام استيناف آهي. حضرت ابوذر رضي الله عنه جو اڳتي بيان آهي ته "پوءِ تحقيق مون ڏٺو ته پاڻ کِليا تانجو سندن هوڙون (يعني ڏاڻون) ظاهر ٿيون" مطلب ته پاڻ ان شخص تي حيرت ڪندي جو الله جل جلاله ان جي گناهن کي معاف ڪري ان کي نيڪيون عطا ڪيون. کِليا سندن کِلڻ تعجب جي ڪري هو ته جڏهن ان شخص ننڍن گناهن کي نيڪين سان بدلجندي ڏٺو ته ان ۾ حرص پيدا ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجي وڏن گناهن جي بدلي ۾ به مون کي نيڪيون ملن. (انوارِ غوثيہ ص 306) الله جل جلاله مرضيءَ جو مالڪ آهي جيڪڏهن ڪنهن ٻانهي تي راضي ٿي ان جي لاءِ بخشش جو اعلان ڪري ته ان جو اختيار آهي. "لَايُسْئَلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْئَلُوْنَ" (جيڪي ڪري ٿو ان جي باري ۾ پڇا نہ ڪيو ويندو ۽ اهي (ٻانها) پڇا ڪيا ويندا) جڏهن اسين عاجز ٻانها پنهنجي هن عارضي ملڪيت ۾ تصرف ڪري سگهون ٿا ته خالق الخلق , مالڪ الملڪ جل جلاله جيڪڏهن پنهنجي حقيقي ملڪيت ۾ اهڙو فضل ۽ ڪرم وارو تصرف ڪري ته ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو ۽ هي به ٿي سگهي ٿو ته ان ٻانهي کا اهڙي توبهہ ڪئي هجي جنهن جي ڪري ان تي "اُولٰئِكَ يُبَدِّلُ اللهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنَاتٍ" واري مهرباني ٿي هجي ۽ الله جل جلاله ان جي براين کي نيڪين سان بدلائي ڇڏي (فضائل النبي ﷺ ص 123) ۽ ٻانهو الله جل جلاله جي فضل ۽ ڪرم کي ڏسي پنهنجا ٻيا گناهہ به

ظاهر ڪندو تہ انهن جي بدلي ۾ بہ نيڪيون ملن ۽ ان موقعي تي حضور ڪريم ﷺ جن جي کلڻ جو سبب اهو هو تہ ٻانهو ڀهريان ڏنو تي ۽ هاڻي انهن سان گڏ ٻين گناهن جي جي بہ ظاهر ڪرڻ جو طلبگار ٿي بينو آهي. علامہ بيجوري رحمۃ اللہ عليہ لکيو آهي تہ حضور ڪريم جن جو اهڙي انداز سان کلڻ نادر ۽ اتفاقًا هيو. باقي اهڙي نموني گهڻو کلڻ مڪروه آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 377) علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمۃ اللہ عليہ لکيو آهي تہ "هن حديث ۾ هن ڳالھ تي دليل آهي تہ "تعجب وارين ڳالهين تي کلڻ جيئن هن ڳالھ ۾ حضور ڪريم ﷺ تعجب طور کليا هئا مڪروھ ناهي ۽ نہ اهو مروت ۽ ماڻهپي جي خلاف آهي جڏهن تہ ان سان عادت ڪيل حد کان تجاوز نہ ڪيو ويو آهي.

سوال: ام المؤمنين سيده عائشہ رضي اللہ عنها اهڙي کلڻ جي نفي ڪئي آهي جيئن گذريل روايت مان واضح ٿيو؟

جواب: امان سائڻ جي روايت ۾ نفي آهي ۽ حضرت ابو ذر رضي اللہ عنہ جي روايت ۾ اثبات آهي ۽ اصول آهي تہ مثبت نافي کان مقدم هوندو آهي ان جي ڪري هيءَ روايت مقدم آهي. ۽ حديثن جي مجموع مان حاصل (جيئن متاخرين محدثن مان بعض جو قول آهي) هي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن اڪثر ڪري مرڪندا هئا ۽ ڪڏهن جيڪڏهن ان کان وڌائيندا هئا تہ کلندا هئا ۽ هي ڳالھ اڳ ۾ بہ مذڪور ٿي آهي تہ "پاڻ جڏهن کلندا هئا تہ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪندا هئا." علامہ موصوف لکيو آهي تہ سندن پاڪ ڏندن جو نور سج وانگر روشني ڪندو هو ۽ پاڻ اوباسي کان محفوظ هئا جيئن تاريخ البخاري ۽ مصنف ابن ابي شيبہ مان ثابت آهي ۽ ابن ابي شيبہ آندو آهي تہ اوباسيءَ جو نہ اچڻ سڀني نبين ۾ عام آهي. (اشرف الوسائل ص 321)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب الايمان باب 84 ادنى اهل الجنة منزلة فيها رقم الحديث 190 ج 1 ص 177 {2} احمد في المسند ج 5 ص 157، 170 {3} البيهقي في سننه ج 10 ص 190 {4} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 7375 ج 16 ص 375 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4360 ج 15، ص 192.

{230} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ عَمْرٍو قَالَ: حَدَّثَنَا زَائِدَةُ، عَنْ بَيَانٍ، عَنْ قَيْسِ بْنِ أَبِي حَازِمٍ، عَنْ جَرِيرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ قَالَ: مَا حَجَبَنِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُنْذُ أَسْلَمْتُ وَلَا رَآنِي إِلَّا ضَحِكَ

بامحاوره ترجمو: حضرت جرير بن عبدالله رضي اللہ عنہ **کان روايت آهي تہ: جڏهن** کان مون اسلام قبول ڪيو تہ رسول الله ﷺ جن مون کان حجاب نہ ڪيو ۽ مون کي جڏهن بہ ڏسندا هئا تہ کلندا هئا.

مفردات جو شرح: "مُنْذُ" **جڏهن کان، جنهن وقت کان.** "أَسْلَمْتُ" **اسلام قبول** ڪيم، مسلمان ٿيس. "ضَحِكَ" کليا.

سمجهاڻي: حضرت جرير رضي اللہ عنہ فرمايو تہ: "مون کان حجاب نہ ڪيائون." مطلب تہ مون کي دربار ۾ اچڻ کان نہ روڪيائون. جڏهن بہ مان ويندو هوس تہ سندن خدمت ۾ ويهڻ نصيب ٿيندو هو. "مون کي ڏسي کلندا هئا" يعني جڏهن بہ مون ڏانهن نظرِ عنايت ڪندا هئا تہ انتهائي خوشي ۽ سرور سان نوازيندي مُرڪندا هئا. علامہ نبهاني "وسائل الوصول" ۾ لکيو آهي تہ: پاڻ جڏهن کِلندا ۽ مرڪندا هئا تہ سندن ڏند مبارڪ ائين چمڪندا هئا جڻ ڪڪرن مان ڪنوڻ تجليون ڏئي رهي آهي. (وسائل الوصول، انوارِ غوثيہ ص 307)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الجهاد باب 162 (بنحوه) حديث رقم 3035 ج 6 ص 161 {2} مسلم في كتاب فضائل الصحابہ باب 29 من فضائل جرير بن عبدالله ﷺ حديث رقم 2475 حديث الكتاب 134 ج 4 ص 1925 {3} النسائي في كتاب المناقب من سننه الكبريٰ باب 56 جرير بن عبدالله حديث رقم 8302 ج 5 ص 82 {4} ابنِ ماجه في المقدمة باب 11 حديث رقم 159 {5} احمد في المسند ج 4 ص 358

{231} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ عَمْرٍو قَالَ: حَدَّثَنَا زَائِدَةُ، عَنْ إِسْمَاعِيلَ بْنِ أَبِي خَالِدٍ، عَنْ قَيْسٍ، عَنْ جَرِيرٍ قَالَ: مَا حَجَبَنِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلَا رَآنِي مُنْذُ أَسْلَمْتُ إِلَّا تَبَسَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت جرير بن عبدالله کان روايت آهي تہ جڏهن کان آءُ مسلمان ٿيو آهيان مون کي رسول الله ﷺ (خاص مجلس ۾ حاضر ٿيڻ کان) نہ روڪيو. پاڻ سڳورا ﷺ مون کي جڏهن بہ ڏسندا هئا، تہ مُرڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "مَاحَجَبَنِي" مون کي نہ روڪيائين. "مُنْذُ" **جڏهن کان** "وَلَا رَآنِي" ۽ نہ ڏٺائون مون کي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ حضرت جرير بن عبدالله البجلي ﷺ تي حضور ڪريم ﷺ جن جي خصوصي ڪرم نوازي جو ذڪر آهي. صحابي سڳوري ﷺ فرمايو تہ "جڏهن کان مون اسلام قبول ڪري حضرت حبيب پاڪ ﷺ تي دل سان ايمان آندو تڏهن کان مون کي سندن خصوصي مجلس ۾ خصوصي ساٿين سان گڏ ويهڻ کان نہ روڪيندا هئا. يا پنهنجي پاڪ گهر ۾ اچڻ کان منع نہ ڪندا هئا. مقصد تہ مان موڪل وٺي اچڻ جو محتاج نہ هوندو هوس يا مراد آهي تہ مان ڪين جيڪو التماس ڪندو هوس تہ ان کان مون کي محروم نہ رکندا هئا بلڪ مون کي عطا ڪندا هئا. جڏهن کان اسلام آندو هيم, هن پلاري ان سال اسلام قبول ڪيو هو جنهن سال حضور ڪريم ﷺ جن دنيا تان ظاهري انتقال فرمايو هو ۽ سندس قول آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن جي ظاهري وفات کان چاليهہ ڏينهن اول اسلام قبول ڪيو هو. علامہ علي قاري ﷺ لکيو آهي تہ هن صحابي سڳوري ڪوفہ ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي ۽ اتاهين وري "قرقسيا" نالي شهر ڏانهن منتقل ٿيو هو. ۽ اتيئي سن 51 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. هن کان گهڻن ماڻهن حديث روايت ڪئي هئي. حضرت جرير ﷺ فرمايو تہ مون کي رسول الله ﷺ جن جڏهن بہ ڏسندا هئا تہ مُرڪندا هئا. هتي ضحڪ مان مراد تبسم آهي ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن جي طرفان ان تي اها مهرباني ان جي دل کي خوش ڪرڻ جي لاءِ هئي. ڇوتہ هي صحابي گهڻو سهڻو هيو جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون. علامہ البيجوري ﷺ لکيو آهي تہ "حضرت جرير ﷺ حضور پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو هو تہ "مان گهوڙي تي ويهي نہ ٿو سگهان". تہ پاڻ سڳورن ﷺ سندس سيني تي هٿ هڻي دعا فرمايائون. "اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْهُ وَاجْعَلْهُ هَادِيًا مَّهْدِيًا" اي منهنجا الله! هن کي ثابت رک ۽ هن کي هدايت ڪندڙ ۽ هدايت ڪيل بناءِ. (المواهب شرح الشمائل ص 378) علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي ﷺ لکيو آهي تہ ان بيان مان حضرت جرير ﷺ جو ارادو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ڪيس خصوصي طور نوازيندا هئا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ ان ۾ خصوصي فضيلت محسوس ڪندي مٿس خاص رحمت جي نظر عنايت ڪندا هئا. (اشرف الوسائل ص 322) علامہ يوسف نبهاني ﷺ وسائل الوصول ۾ لکيو

آهي ته "عبدالله بن حارث جو بيان آهي ته حبيب ڪريم ﷺ جو کلڻ مرڪڻ هوندو هو. پاڻ جڏهن گفتگو ڪندا هئا ته مُرڪندي خنده پيشانيءَ سان ڪندا هئا ۽ پاڻ جڏهن ڪنهن مجلس ۾ ويهندا هئا ته صحابي سندن اڳيان ايتري سنجيدگيءَ سان ويهندا هئا ڄڻ انهن جي مٿن تي پکي ويٺل آهن متان مٿي لوڏڻ جي ڪري اڏامي وڃن. اهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اڳيان نه ٽهڪ ڏئي کلندا هئا نه زور سان ڳالهائيندا هئا. پوريءَ مجلس تي خاموشي ڇانيل هوندي هئي. اتفاقًا جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن ڳالهه تي کل ايندي هئي ته اهو پنهنجي منهن تي هٿ يا ڪپڙو ڏيندو هو ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اڳيان کل جو آواز نه نڪري وڃي ۽ بي ادبي نه ٿي وڃي ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جو اهو حال ادب ۽ احترام جي ڪري هو. (وسائل الوصول، انوارِ غوثيه ص 307)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في **كتاب فضائل الصحابة** رضي الله عنهم باب 29 من فضائل جرير بن عبدالله رقم الحديث 2475 حديث **الكتاب** 134 ج 4 ص 1925 {2} النسائي في **كتاب المناقب** من سننه الكبرىٰ باب 56 جرير بن عبدالله 2 **رقم الحديث** 8302 ج 5 ص 82 {3} ابن ماجه في المقدمة باب 11 في فضائل اصحاب رسول الله ﷺ **رقم الحديث** 159 {4} احمد في المسند ج 4 ص 358 {5} الطبراني في الصغير رقم الحديث 239 ج 1 ص 155 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 7175 ج 16 ص 375 {7} البيهقي في الشعب ج 6 ص 250 {8} البغوي في الشمائل رقم الحديث 302 ج 1 247.

{231} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ عَمْرٍو قَالَ: حَدَّثَنَا زَائِدَةُ، عَنْ إِسْمَاعِيلَ بْنِ أَبِي خَالِدٍ، عَنْ قَيْسٍ، عَنْ جَرِيرٍ قَالَ: مَا حَجَبَنِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلَا رَآنِي مُنْذُ أَسْلَمْتُ إِلَّا تَبَسَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت جرير رضي الله عنه چيو ته جڏهن کان وٺي مون اسلام آندو ته مون کي رسول الله ﷺ (خاص مجلس ۾) اچڻ کان نه روڪيو ۽ مون کي جڏهن به ڏسندا هئا ته پاڻ سڳورا مرڪندا هئا.

مفردات جو شرح ڪو خاص نا هي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ به حضرت جرير بن عبدالله رضي الله عنه جو ساڳيوئي بيان آهي ته منهنجي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ محبوبن ڪريمن ﷺ جن مون تي ايترا مشفق ۽ مهربان هئا جو مون کي پاڻ وٽ اچڻ کان روڪيندا نه هئا.

هيءَ حديث ٻين انهن محدثن آندي آهي جن هن کان اڳين حديث آندي آهي.

{232} حَدَّثَنَا هَنَّادُ بْنُ السَّرِيِّ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو مُعَاوِيَةَ، عَنِ الْأَعْمَشِ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ عَبِيدَةَ السَّلْمَانِيِّ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مَسْعُودٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنِّي لَأَعْرِفُ آخِرَ أَهْلِ النَّارِ خُرُوجًا، رَجُلٌ يَخْرُجُ مِنْهَا زَحْفًا، فَيُقَالُ لَهُ: انْطَلِقْ فَادْخُلِ الْجَنَّةَ قَالَ: فَيَذْهَبُ لِيَدْخُلَ الْجَنَّةَ، فَيَجِدُ النَّاسَ قَدْ أَخَذُوا الْمَنَازِلَ، فَيَرْجِعُ فَيَقُولُ: يَا رَبِّ، قَدْ أَخَذَ النَّاسُ الْمَنَازِلَ، فَيُقَالُ لَهُ: أَتَذْكُرُ الزَّمَانَ الَّذِي كُنْتَ فِيهِ، فَيَقُولُ: نَعَمْ قَالَ: فَيُقَالُ لَهُ: تَمَنَّ قَالَ: فَيَتَمَنَّى، فَيُقَالُ لَهُ: فَإِنَّ لَكَ الَّذِي تَمَنَّيْتَ وَعَشَرَةَ أَضْعَافِ الدُّنْيَا قَالَ: فَيَقُولُ: تَسْخَرُ بِي وَأَنْتَ الْمَلِكُ قَالَ: فَلَقَدْ رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ضَحِكَ حَتَّى بَدَتْ نَوَاجِذُهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "آءُ دوزخ مان پڇاڙي ۾ نڪرڻ واري کي ڄاڻان ٿو. اهو ماڻهو دوزخ مان ٻانبڙا پائي ٻاهر نڪرندو. پوءِ ان کي الله ﷻ جو حڪم ٿيندو تہ وڃي بهشت ۾ رهہ." پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو"تہ اهو شخص جڏهن بهشت ۾ وڃڻ لاءِ هلندو، ڏسندو تہ ماڻهو جايون والاري ويا آهن. موٽي اچي چوندو تہ، اي منهنجا پالڻهار! ماڻهو جايون والاري ويا آهن. پوءِ کيس چيو ويندو، اهو زمانو ياد اٿئي، جيڪو دنيا ۾ تو گذاريو؟ چوندو تہ هائو. کيس چيو ويندو تہ، گهُر جيڪي گهرين. پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ"اهو جڏهن پنهنجي خواهش ظاهر ڪندو، ان کي حڪم ٿيندو تہ توکي سڀ ڪجهہ ملندو، جيڪو تو گهريو ۽ ان کان ڏهوڻ وڌيڪ بہ ملندو."

پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو تہ"اهو شخص تعجب مان چوندو، تہ تون بادشاهہ ٿي بہ مون سان چرچا ٿو ڪرين؟"

راويءَ چيو تہ "مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ ان ڳالهہ تي ايترو کِليا جو سندن اڳيان ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا."

مفردات جو شرح: "لَاَعْرِفُ" البت سڃاڻان ٿو. "خُرُوجًا" نڪرڻ ۾ "زَحْفًا" ريڙهيون ڏيندي. "انْطَلِقْ" وڃ تون. "تَمَنَّ" تمنا ڪر. "أَضْعَافِ" ٻيڻايون.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ جهنم مان ٻاهر ڪڍيل ٻانهي جي ڪيفيت ۽ سوچ بيان ڪئي وئي آهي. اهو جڏهن الله ﷻ جي فضل و ڪرم سان جنت کي ڀريل ڏسندو تہ ان کي ان ۾ پنهنجي لاءِ ڪا جاءِ نظر نہ ايندي پوءِ الله ﷻ کيس فرمائيندو تہ دنيا جي زندگيءَ وارو وقت ياد ڪر اتي توکي ڪيتري ڪشادگي هوندي هئي. اها هن آخرت جي جهان ۽ جنت جي وسعت جي مقابلي ۾ ڪجهہ نہ هئي. هتي هيڏي وڏي بهشت ۾ تولاءِ جاءِ ڪيئن نہ لڀندي؟ توکي هينئر جيڪو گهرڻو آهي اهو گهُرُ. اهو پنهنجون خواهشون الله ﷻ جي اڳيان پيش ڪندو تہ مالڪ منو کيس فرمائيندو "جيڪي تو گهريو اهو ۽ ان کان ڏهہ ڀاڱا وڌيڪ ٻيا بہ توکي عطا ڪجن ٿا." اهو ٻڌي اهو گهٽ همٿ وارو ٻانهو الله ﷻ جي طرفان ان کي ٻوڳ سمجهندو يا جهنم جي تڪليف کان پوءِ ايتري انعام ۽ اڪرام ملڻ تي خوشيءَ ۾ بي اختيار ٿي اهڙا جملا ڳالهائيندو پر الله ﷻ پنهنجي رحمت جو اظهار ڪندو ڇوتہ ان جي رحمت هر شيءِ کان ڪشادي آهي. حضور ڪريم ﷺ جن اها حديث بيان ڪرڻ تي ايترا کليا جو سندن اندريان ڏند مبارڪ بہ ڏسڻ وارن کي ڏسڻ ۾ آيا. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "اَتَسْخَرُبِيْ" ڇا تون مون سان ٺوڳ ٿو ڪرين. ٻانهي جي طرفان الله ﷻ کي ائين چوڻ جيئن عام مخلوق کي چيو ويندو آهي. ان جي گهڻي خوشيءَ ۾ اچڻ جي ڪري اختيار کان ٻاهر ٿيڻ هو. جيئن هڪ حديث ۾ آيو آهي تہ :"هڪ ٻانهي دعا ۾ خوش ٿيندي عرض ڪيو هو تہ "اَنْتَ عَبْدِیْ وَاَنَا رَبُّكَ" (تون منهنجو ٻانهو آهين ۽ مان تنهنجو رب آهيان) (اشرف الوسائل ص 322) ۽ علامہ البيجوري لکيو تہ "هي الفاظ چوندڙ کي خبر ئي نہ پئي تہ ڇا پيو چوي ۽ اهو ان جي خضوع جو ڪمال هيو جيڪو ان جي مٿان مالڪ جي سخاوت جي ڪمال جو سبب بڻيو هيو. حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ فرمايو "فَقَدْ رَأَيْتُ رَسُوْلَ اللهِ ﷺ" پوءِ الله جو قسم آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو پاڻ ايترو کليا جو سندن ڏاڙهون

مبارڪ ظاهر ٿيون. هتي "فلقد" کان اڳ ۾ قسم محذوف آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 382)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في ڪتاب الرقاق باب 51 صفة الجنة والنار رقم الحديث 6571 ج 11 ص 418، 419** {2} **مسلم في ڪتاب الايمان باب 83 آخر اهل النار خروجًا رقم الحديث 186 ج 1 ص 173** {3} **ابن ماجه في ڪتاب الزهد باب 39 صفة الجنة رقم الحديث 4339** {4} **احمد في المسند ج 1 ص 378، 379** {5} **ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 5139 ج 9 ص 72** {6} **ابن ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 34016 ج 7 ص 37.**

{233} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو الأَحْوَصِ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ رَبِيعَةَ قَالَ: شَهِدْتُ عَلِيًّا، أُتِيَ بِدَابَّةٍ لِيَرْكَبَهَا فَلَمَّا وَضَعَ رِجْلَهُ فِي الرِّكَابِ قَالَ بِسْمِ اللهِ، فَلَمَّا اسْتَوَى عَلَى ظَهْرِهَا قَالَ: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، ثُمَّ قَالَ: { سُبْحٰنَ الَّذِي سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهُ مُقْرِنِينَ } [الزخرف: آيت 13] { وَإِنَّا إِلَى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُونَ } [الزخرف آيت 14]. ثُمَّ قَالَ: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ثَلَاثًا، وَاللهُ أَكْبَرُ ثَلَاثًا، سُبْحٰنَكَ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي، فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ، ثُمَّ ضَحِكَ. فَقُلْتُ لَهُ: مِنْ أَيِّ شَيْءٍ ضَحِكْتَ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ؟ قَالَ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَنَعَ كَمَا صَنَعْتُ ثُمَّ ضَحِكَ فَقُلْتُ: مِنْ أَيِّ شَيْءٍ ضَحِكْتَ يَا رَسُولَ اللهِ؟ قَالَ: إِنَّ رَبَّكَ لَيَعْجَبُ مِنْ عَبْدِهِ إِذَا قَالَ: رَبِّ اغْفِرْ لِي ذُنُوبِي، إِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ غَيْرُكَ

بامحاوره ترجمو: حضرت علي بن ربيعه رضي الله عنه کان روايت آهي ته آءُ حضرت علي رضي الله عنه وٽ ويس. ته ان جي سواريءَ لاءِ وهٽ آندو ويو. پاڻ ان سواريءَ تي چڙهڻ مهل پنهنجو پير رڪيب ۾ رکيائين ته "بسم الله" پڙهيائين. جڏهن ان جي پُٺيءَ تي سڌو ٿي وينو ته "الحمدلله" چيائين. پوءِ هي دعا پڙهيائين.

{ سُبْحٰنَ الَّذِي سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهُ مُقْرِنِينَ } { وَإِنَّا إِلَى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُونَ } [الزخرف 13، 14].

(ترجمو: اهو الله پاڪ آهي، جنهن اسان لاءِ هن سواريءَ کي تابعدار بنايو ۽ اسان ان تي قوت رکندڙ نه هئاسون ۽ اسان کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻو آهي.)

ان کان پوءِ ٽي ڀيرا "الحمدلله" ۽ "الله اڪبر" پڙهيائين. پوءِ هي دعا پڙهيائين.

"سُبْحٰنَكَ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي، فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ."

(ترجمو: پاڪ آهي تنهنجي ذات، مون تنهنجي نعمتن تي شڪر ادا نه ڪرڻ ۾ پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي، سو مون کي بخش ڪر. ڇوته تو کان سواءِ ٻيو ڪو گناهه نه بخشيندو آهي.)

هي دعا پڙهي حضرت علي رضي الله عنه کِلي ڏنو. راوي چوي ٿو ته مون کين چيو ته: اي مومنن جا سردار! توهان ڇا تي کلئين؟ جواب ڏنائين ته مون رسول الله ﷺ جن کي ائين ڪندي ڏٺو هو. پوءِ مون پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! اوهان ڪهڙي ڳالهه تان کليا آهيو؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: بيشڪ منهنجو رب ٻانهي کان خوش ٿيندو آهي. جڏهن ٻانهو چوندو آهي: اي منهنجا پالڻهار! منهنجا گناهه بخش. اهو ڄاڻي ٿو ته مون کان سواءِ ٻيو ڪوبه گناهه نه بخشيندو آهي.

مفردات جو شرح: "شَهِدْتُ" مون علي کي ڏٺو ان وٽ حاضر ٿيس. "أُتِيَ" پيش ڪيو ويو. "دَابَّةٍ" جانور، گهوڙو، سواري. "اِسْتَوَىٰ" سڌو ٿي ويٺو. "ظَهْرِهَا" ان جي پٺيءَ تي. "لَيَعْجَبُ" **عجب ٿو ڪري.**

سمجهاڻي: هن روايت ۾ علي بن ربيعة حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جو سيدنا رسول الله ﷺ جي سنت

تي عمل ڪرڻ جي بيان ڪيو آهي. حضرت علي ﷛ سواري تي سوار ٿيڻ مهل اول بسم الله " پڙهي، ان تي ٽهي ويهڻ کان پوءِ "الحمدلله" پڙهيو. ان کان پوءِ سوار ٿي وڃڻ کان پوءِ مشهور دعا "سُبْحٰنَ الَّذِىْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَه مُقْرِنِيْنَ ۝ وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ۝" پڙهڻ کان پوءِ وري "الحمدلله" ٽي ڀيرا ، الله اڪبر " ٽي ڀيرا ۽ هيءَ مغفرت جي طلب لاءِ دعا "سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ فَاغْفِرْلِيْ فَاِنَّهٗ لَايَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ" پڙهي کِليو. علي بن ربيعه ﷛ چوي ٿو تہ پوءِ مون ڪيس عرض ڪيو تہ اي مؤمنن جا امير! اوهان کهڙي شيءِ جي ڪري کليو؟ تہ پاڻ فرمايائون :" مون رسول الله ﷺ جن کي ائين ڪندي ڏٺو هو ، جيئن مون ڪيو ۽ مون کانئن عرض ڪري پڇيو تہ پاڻ فرمايائون "تنهنجو رب پنهنجي ٻانهي کان راضي ٿئي ٿو جڏهن اهو الله ﷻ کي عرض ڪري ٿو تہ "اي منهنجا رب! مون کي منهنجا گناهہ بخش ڪر" ٻانهو ڄاڻي ٿو تہ الله کان سواءِ ان جا گناهہ ڪير بہ بخش نہ ڪندو."

حضور ﷺ جي اطاعت جي اهميت: هن روايت مان رسول الله ﷺ جي هر ادا ۾ اتباع جي اهميت واضح ٿي رهي آهي ۽ اتباع سنت سان صحابہ ڪرام خصوصًا خلفاءِ راشدين رضی اللہ عنهم جي محبت بہ روشن آهي. علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ حضرت علي جي "بسم الله" پڙهڻ گويا حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ وقت بسم الله پڙهڻ کان ورتل آهي. علامہ ابنِ حجر ﷫ ان قول جي لاءِ فرمايو تہ "اهو تاويل ڪرڻ درست ناهي. ڇوتہ حضرت علي ان ۾ رسول الله ﷺ جي اتباع ڪئي آهي حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اتباع نہ ڪئي آهي پر علامہ علي القاري ﷫ علامہ ابنِ حجر ﷫ جي ان قول تي بحث ڪندي فرمايو تہ "حضرت رسول الله ﷺ جو عمل جنهن جي بناء تي حضرت علي ﷛ ائين ڪيو سو الله ﷻ جي قول "وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا"(سورة هود آيت 41) مان ورتل آهي ۽ ان ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي ڇوتہ الله ﷻ جو ٻيو فرمان آهي "اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ" (سورة انعام آيت 90) اهي (انبياء) اهي آهن جن کي الله هدايت عطا ڪئي پوءِ انهن جي هدايت جي اقتداء ڪر" جيئن اڳتي اچڻ وارا اذڪار بہ الله ﷻ جي قول "وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَ الْاَنْعَامِ مَا تَرْكَبُوْنَ ۝ لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ(سورة زخرف آيت12، 13) (۽ الله ﷻ) اوهان جي لاءِ ٻيڙين ۽ چوپاين مان اهي پيدا ڪيا جن تي اوهان سوار ٿيندا آهيو تان تہ انهن جي پٺين تي سڌا ٿي ويهو ۽ ان کان پوءِ جڏهن سڌا ٿي ويهو تہ پنهنجي رب جي نعمت ياد ڪيو.) تي عمل آهي. علامہ موصوف لکيو آهي تہ حضرت علي ﷫ تہ حضور ڪريم ﷺ جي اتباع ۾ کليو هو پر حضور ڪريم ﷺ جن ٻن سببن جي ڪري کليا هئا. (1) هڪ تہ ڪين اهو علم هو تہ ٻانهي جي مغفرت طلب ڪرڻ سان الله ﷻ ان تي راضي ٿيو ۽ ان کي وڏو ثواب عطا فرمايائين (2) ٻيو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي امتي کي وڏو درجو مليو اهو سندن ذات جي لاءِ انتهائي خوشيءَ جو باعث هو جنهن تي پاڻ خوش ٿي کِلي رهيا هئا. (جمع الوسائل ج 2 ص 22)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد ڪتاب الجهاد باب (81) ما يقول الرجل اذا رکب حديث رقم 2602 ج 3 ص 34 ص 34 رقم الحديث 6571 ج 11 ص 418 {2} النسائي في ڪتاب السير من سننه الڪبريٰ باب 130 التسمية عند رکوب الدابة و في عمل اليوم والليلة رقم الحديث 7339 {3} احمد في المسند ج 1 ص 378 {4} الحاڪم في المستدرڪ ج 2 ص 98، 99 {4} الطبراني في

الدعاء حديث 784 ج 2 ص 163.

{234} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ الْأَنْصَارِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَوْنٍ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ الْأَسْوَدِ، عَنْ عَامِرِ بْنِ سَعْدٍ قَالَ: قَالَ سَعْدٌ: لَقَدْ رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ضَحِكَ يَوْمَ الْخَنْدَقِ حَتَّى بَدَتْ نَوَاجِذُهُ. قَالَ: قُلْتُ: كَيْفَ كَانَ؟ قَالَ: كَانَ رَجُلٌ مَعَهُ تُرْسٌ، وَكَانَ سَعْدٌ رَامِيًا، وَكَانَ يَقُولُ كَذَا وَكَذَا بِالتُّرْسِ يُغَطِّي جَبْهَتَهُ، فَنَزَعَ لَهُ سَعْدٌ بِسَهْمٍ، فَلَمَّا رَفَعَ رَأْسَهُ رَمَاهُ فَلَمْ يُخْطِئْ هَذِهِ مِنْهُ - يَعْنِي جَبْهَتَهُ - وَانْقَلَبَ الرَّجُلُ، وَشَالَ بِرِجْلِهِ فَضَحِكَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتَّى بَدَتْ نَوَاجِذُهُ. قَالَ: قُلْتُ: مِنْ أَيِّ شَيْءٍ ضَحِكَ؟ قَالَ: مِنْ فِعْلِهِ بِالرَّجُلِ

بامحاوره ترجمو: حضرت عامر بن سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت سعد رضي الله عنه چيو مون رسول الله ﷺ جن کي خندق جي ڏينهن ڏنو پاڻ سڳورا ﷺ ايترو کِليا، جو سندن اڳيان ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا.

حضرت عامر رضي الله عنه چيو مون حضرت سعد رضي الله عنه کان پڇيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ايترو ڪهڙي ڳالهہ تي کليا؟ ان چيو تہ هڪ ڪافر وٽ ڍال هئي ۽ اهو ڪافر پنهنجي اڳيان ڍال ڦيرائي سر جو بچاءُ ڪري رهيو هو. حضرت سعد رضي الله عنه ڏاڍو نشان باز تير انداز هو. ان پنهنجو هڪ تير ڪڍي نشاني لاءِ تيار ڪيو. جيئن ئي ان ڪافر پنهنجو مٿو مٿي ڪيو. تہ اهڙو تير ڇٽيائينس. جو سندس نراڙ ۾ وڃي لڳو. اهو ڪافر ڏڪ جي زور جي ڪري ٽنگ ڪٽي ابتو ٿي وڃي ڪريو. تنهن تي حضور ڪريم ﷺ جن ايترو کليا، جو سندن ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا. حضرت عامر رضي الله عنه پڇيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪهڙي ڳالهہ تان کليا؟ حضرت سعد رضي الله عنه چيو تہ منهنجي بهادري واري ڪم تي، جيڪو ڪافر سان تير ڇُٽڻ ذريعي ڪيم.

مفردات جو شرح: "تُرُسٌ" سِپَر، ڍال. "رَامِيًا" تير هڻندڙ "يُغَطِّي" ڇپائي رکي، ڍڪي ڇڏي "نَزَعَ" ڪڍيائين "سَهْمٌ" تير. "شَالَ" مٿي ڪيائين. بلند ڪيائين.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ عشره مبشره مان هڪ حضرت سعد رضي الله عنه جو بيان آهي تہ خندق جي جنگ واري ڏينهن مون رسول الله ﷺ جن کي ڏنو تہ پاڻ ايترو کِليا جو سندن اندريان ڏند (ڏاڙهون مبارڪ) ظاهر ٿيا. هن حديث جي راوي عامر رضي الله عنه جو بيان آهي تہ مون حضرت سعد رضي الله عنه کان پڇيو تہ پاڻ ايترو ڇو کِليا هئا؟ حضرت سعد رضي الله عنه فرمايو تہ جنگ جي ميدان ۾ هڪ (ڪافر) شخص کي ڍال هئي جيڪا هٿ ۾ کڻي تيرن کان بچاءُ ڪري پيو. پوءِ مون (حضرت سعد جيڪو وڏو تير انداز هيو) ان کي تاڙي جڏهن ان مٿو مٿي کنيو تہ اهڙو تير هنيو جو ان جي پيشانيءَ تي لڳو ۽ اهو ڪلٽيون کائي اونڌو ٿي اهڙي نموني ڪريو جو پير مٿي ڪجي ويس. منهنجي (حضرت سعد رضي الله عنه جي) ان تير هڻڻ کي ڏسي حضرت حبيب ڪريم ﷺ خوشيءَ ۾ ايترو کِليا هئا. هن روايت جي جملہ وَكَانَ الرَّجُلُ يَقُولُ كَذَا وَكَذَا بِالتُّرسِ جي هڪ معني آهي تہ هيڏي هوڏي ان ڍال سان اشارا ڪري پيو. يا قول مان مراد ان جا حضور ڪريم ﷺ جي شان ۾ گستاخي وارا ڪلما هئا جن کي قبيح سمجهندي حضرت سعد رضي الله عنه بيان نہ ڪيو آهي ۽ پوءِ ان صورت ۾ "با لترس" جار ۽ مجرور بڻي ما بعد سان متعلق آهن يعني "يغطي وجهہ" سان ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن حضرت سعد رضي الله عنه جي تير اندازي جي قابليت سان گڏ ان ڪافر جي ذليل ٿي مرڻ ۽ ڪفر جي باهہ وسائڻ تي خوش ٿي کليا هئا. پر ائين چوڻ تہ ان جي اونڌي ٿي

ڪرڻ، پير مٿي ڪجي وچڻ ۽ اگهاڙي ٿيڻ جي ڪري ڪليا هئا. صحيح ناهي ڇوته اهو نبي ڪريم ﷺ جي شان جي لائق ناهي. (المواهب شرح الشمائل ص 388. جمع الوسائل ج 2 ص 23, اشرف الوسائل ص 326)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} الامام احمد في المسند ج 1 ص 186 {2} ابن حبان (2698,2697) {3} ابو داؤد (2602) {4} الطيالسي (7134) {5} عبد بن حميد (89088) {6} الشريعة للآجري (635,636) {7} البزار (773)

باب چٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ مِزَاحِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ رسول الله ﷺ جي خوشطبعي ڪرڻ واري صفت بيان ڪندڙ حديثون آهن

سمجهاڻي: مزاح : ميم جي زير سان مصدر آهي. ان جي معنيٰ خوش طبعي ڪرڻ. جيئن القتال. المقاتلة جي معنيٰ ۾ ايندو آهي. مزاح جي (اصطلاحي) معنيٰ آهي ڪنهن سان منبسط ٿي اهڙي نموني پيش اچڻ جو ان جي دل آزاري بہ نہ ٿئي ۽ اجائي ڳالھ ۽ مسخري بہ نہ هجي. هتي "باب مزاح رسول الله ﷺ " لفظ آهن ۽ بعض علماء جو قول آهي تہ "باب جا الفاظ هيئن هجن ها" باب كيف كان كلام رسول الله ﷺ في المزاح" يعني رسول الله ﷺ جن جي خوش طبعي ۾ گفتگو ڪيئن هئي؟ پر ائين چوڻ صحيح ناهي ڇوتہ رسول الله ﷺ جن جي خوش طبعي صرف ڪلام سان نہ هئي بغير ڪلام جي بہ هوندي هئي جيئن پاڻ زاهر نالي صحابيءَ کي پنيان پاڪر پائي اهڙي طرح قابو ڪري جهليو هيائون جو پوئتي نهاري نہ پيو سگهي، ان جي ڪري هن باب ۾ ڪلام جو لفظ ذڪر نہ ڪرڻ گهرجي.

اڳئين باب سان تعلق: ان تعلق جو وجه هي آهي تہ خوشطبعي ڪرڻ سان غالبًا کِل ايندي آهي ان جي ڪري کِل واري باب جي ذڪر کان پوءِ مزاح جو باب آندو ويو آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن پنهنجي اهل، عيال اصحابن وغيرهم سان ۽ غريب ۽ قريب سان نهايت سيني جي ڪشادگي، هميشہ واري مرڪ، سهڻي اخلاق، سلام ورائڻ، بلڪ جنهن سان مليا ان تي سلام ورائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ ۽ جنهن کين بيهاريو ان سان بيهي وڃڻ ۽ جنهن کين سندن هٿ مبارڪ مان وني هلڻ لاءِ ڇيو پلي اهو پار ڇونہ هجي يا ڪا ٻانهي هجي ان سان گڏ هلڻ ۽ صحيح ۽ شريعت جي دائري ۾ رهندي ننڍي، وڏي سان ڪڏهن ڪڏهن خوش طبعي ڪرڻ، دعوت ڏيندڙ جي دعوت قبول ڪرڻ. پاڻ کي نرم رکڻ، تان جو سندن اصحابن مان هر صحابي ائين سمجهي تہ اهو کين وڌيڪ پيارو آهي. هي سندن مزاج مبارڪ هئي ۽ هي البت اهڙو ميدان آهي جنهن ۾ اها يا واجب آهي يا مستحب آهي ۽ سندن ان خوش مزاجيءَ مان جيڪڏهن پيو ڪجھ نہ صرف ماڻهن کي سندن نور مان چمڪڻ، هدايت حاصل ڪرڻ ۽ ان ۾ سندن اقتداء ڪرڻ ۽ انهن ۾ محبت پيدا ڪرڻ تانجو سندن جي لاءِ انهن جي دلين ۾ جيڪا هيبت هوندي هئي اها نڪري وڃي ۽ اهي سندن ذات عالي صفات وٽ ويهڻ ۽ علم ۽ فيض حاصل ڪرڻ جي قدرت رکن تہ اها بہ ڪمال جي وڏي نهايت آهي پوءِ ڪهڙي طرح نہ هجي حالانڪ ان سان سامهون ايندڙن کي وڏيون بشارتون نصيب ٿيون. انهن مان (١) هڪ هي آهي جو پاڻ ڪريم ﷺ جن پنجن سالن جي عمر واري محمود بن الربيع جي منهن ۾ خوشطبعي ڪري پاڻيءَ جو چنڊو هنيائون. پوءِ ان ۾ اها برڪت پيدا ٿي جو جڏهن وڏو ٿيو تہ سندس ذهن ۾ هن روايت

ڪان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ رهي ۽ ان جي برڪت سان صحابہ مان شمار ڪيو ويو. (2) پاڻ ام سلمہ ﷞ جي نياڻيءَ جي منهن ۾ پاڻيءَ جو ڇنڊو هنيائون تہ اها صفا ڪراڙي ٿي وئي تڏهن بہ سندس منهن ۾ جوانيءَ واري رونق قائم رهي. (اشرف الوسائل ص 327) علامہ البيجوري ﷫ لکيو آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن جي مزاح ڪرڻ ۾ اها حڪمت هئي جو پاڻ گهڻي هيبت وارا هئا جيڪڏهن ماڻهن سان خوشطبعي نہ ڪن ها تہ انهن کي سندن حضور ۾ ويهڻ جي طاقت نہ هئي ۽ ڪانئن ملاقات ڪري فائدو حاصل ڪري نہ سگهن ها. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﵂ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن خوش طبعي ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ " اِنَّ اللهَ لَا يُوَاخِذُ الْمَزَّاحَ الصَّادِقَ فِي مَزَاحِهِ" بلاشڪ الله مزاح ۾ سچ ڳالهائيندڙ مزاح ڪندڙ کي نہ پڪڙيندو." پر ان تي هميشگي نہ ڪجي ڇوتہ مزاح سان کِل ايندي آهي ۽ قلب تي ڪٽ چڙهندي آهي ۽ اها الله ﷻ جي ذڪر ۽ مهمات دين ۾ فڪر کان غافل ڪندي ۽ گهڻا وقت ان سان دل آزاري بہ ٿيندي آهي ڇوتہ اها حسد پيدا ڪري هيبت ختم ڪري ٿي ان ۾ افراط ڪرڻ کان منع آيل آهي. مزاح اها جائز آهي جيڪا انهن امرن کان خالي هجي بلڪہ جيڪڏهن اها مخاطب جي خوش ڪرڻ ۽ ان جي دل وندرائڻ جي لاءِ آهي تہ سنت آهي جيئن نبي ڪريم ﷺ جن ان ارادي سان ڪڏهن ڪڏهن خوش طبعي ڪندا هئا. هن موضوع تي حضرت امام شافعي ﷫ جو هي شعر تمام سهڻو آهي.

اَفِدْ طَبَعَكَ الْمَكْدُوْدَ بِالْجِدِّ رَاحَةً .... بِجِدٍّ وَعَلِّلْه بِشَيْءٍ مِنَ الْمَزَحِ

وَلٰكِنْ إِذَا اَعْطَيْتَهُ الْمَزَحَ فَلْيَكُنْ عَلٰى قَدْرِ مَا تُعْطِي الطَّعَامَ مِنَ الْمِلحِ

(پنهنجي ڏڪويل طبيعت کي ڪوشش ڪري راحت پهچاءِ. ڪوشش سان ۽ ان کي ٿوري خوش طبعي سان ريجهاءِ ۽ پر جڏهن ان کي خوش طبعي ڏئين تہ اها ايتري قدر هجي جيتري قدر طعام ۾ لوڻ وڌو ويندو آهي.)

علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ چٿر ۽ مسخري منع آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: " لَا تُمَارِ اَخَاكَ وَلَا تُمَازِحْهُ" پنهنجي ڀاءَ کي شڪي نہ بڻاءِ ۽ نہ ان سان (بيجا) خوشطبعي ڪر. علامہ نووي ﷫ لکيو آهي تہ منع ڪيل مزاح اها آهي جنهن ۾ افراط ۽ ان تي دوام هجي اها کِل قلب تي ڪٽ پيدا ڪري ٿي الله ﷻ جي ذڪر ۽ دين جي مهمات ۾ فڪر کان غافل ڪري ٿي. ۽ بسا اوقات ٻئي جي دل آزاري جو سبب بڻجي ٿي. حسد پيدا ڪري، هيبت ۽ وقار کي ختم ٿي ڪري پر جيڪا خوش طبعي انهن ڳالهين کان آزاد آهي ڪڏهن ڪڏهن مخاطب کي خوش رکڻ، ان جي دل وندرائڻ ان کي سڪون ڏيڻ جي لاءِ ڪئي وڃي ٿي اها جائز بلڪہ استحبابي سنت آهي. علامہ علي قاري ﷫ لکيو آهي تہ "هيءَ چاڻ رکڻ گهرجي تہ ان جي ضرورت آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 24) علامہ ابن قتيبة ﷫ چيو تہ: سيدنا رسول الله ﷺ جن ان جي ڪري خوش طبع هوندا هئا جو ماڻهن کي سندن اتباع ۽ اقتداء جو حڪم ڪيل آهي پوءِ جيڪڏهن پاڻ خنده پيشاني، مرڪندڙ چهري جي بجاءِ سخت منهن هجن ها تہ ماڻهو ڪانئن پري ٿين ها ۽ صحيح فائدو حاصل نہ ڪن ها ۽ سندن مزاح ۾ بہ سچ هوندو هو. (جيئن امان عائشہ صديقہ ﵂ جي روايت مٿي لکي آيا آهيون) (شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 24) محبوب ڪريم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي "اِنِّي لَا مَزَحُ وَلَا اَقُوْلُ اِلَّا الْحَقَّ" مان خوشطبعي ڪيان ٿو پر صرف حق چوان ٿو. علامہ يوسف النبهاني ﷫ لکيو آهي تہ سندن خوشطبعي ۾ ڪوڙ

بلڪل نه هو. خوش طبعي ڪرڻ وقت به سندن نظر مبارڪ هيٺ هوندي هئي. الاتحافات الربانية جي مصنف علامه عبدالجواد الدومي ص 276 تي لکيو آهي ته محدث عظيم حضرت سفيان بن عيينه رحمه الله کي چيو ويو ته خوش طبعي هڪ آفت آهي؟ ته پاڻ فرمايائين "اها سنت آهي ان شرط سان ته سهڻي نموني ۽ مناسب جاءِ تي ڪئي وڃي." (انوارِ غوثيه ص 312) هن باب ۾ ڇهه حديثون آهن.

{235} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلاَنَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أُسَامَةَ، عَنْ شَرِيكٍ، عَنْ عَاصِمٍ الأَحْوَلِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لَهُ: يَا ذَا الأُذُنَيْنِ. قَالَ مَحْمُودٌ: قَالَ أَبُو أُسَامَةَ يَعْنِي يُمَازِحُهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه چيو ته مون کي نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو: "اي ٻن ڪنن وارا!" محمود بن غيلان رحمه الله راوي چوي ٿو ته حضرت ابو اسامه رضي الله عنه راوي چيو ته نبي ڪريم ﷺ حضرت انس رضي الله عنه سان خوش طبعي ڪئي هئي.

مفردات جو شرح: "ذَا الأُذُنَيْنِ" ٻن ڪنن وارا. "اذن" جو تثنيه آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سرڪارِ دو عالم ﷺ جي طرفان حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه سان سچ تي ٻڌل خوشطبعي جو ذڪر آهي. علامه علي القاري رحمه الله لکيو آهي ته ان جي مراد سهڻي نموني ٻڌڻ ڏانهن حرص ڏيارڻ ۽ تنبيهه ڪرڻ آهي ڇو ته ٻڌڻ جو ڪم ٻڌڻ جي حاسه (ڪن) سان هوندو آهي ۽ جنهن ۾ الله جل جلاله ڪن پيدا ڪيا ۽ پوءِ غافل رهيو ته ان جو ڪوبه عذر قبول نه ڪيو ويندو ۽ هڪ قول آهي ته سرڪارِ مدينه ﷺ جو اهو قول سندن طرفان حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه جي دلجوئي ڪرڻ ۽ سندن سهڻي اخلاق جو اظهار هو. ۽ هتي اهو ٻيو قول وڌيڪ مناسب آهي ڇو ته حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ان وقت ننڍو ڏهن سالن جي عمر وارو هو سندن خدمت ۾ ويٺو هوندو هو ته ان وقت حبيب ڪريم ﷺ جي ان سان خوشطبعي ان جي دل کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ئي هوندي. حديث جو راوي ابو اسامه به هن مان مراد خوش طبعي ڪرڻ بيان ڪئي آهي. علامه مناوي هن روايت جو شرح ڪندي لکيو آهي ته " يَا ذَا الأُذُنَيْنِ " مان مراد آهي: اي انهن ٻن ڪنن جا صاحب! جيڪي ٻڌندڙ ياد ڪندڙ مضبوط رکندڙ آهن. حضرت انس رضي الله عنه جي ذڪاء، قابليت ۽ سهڻي ٻڌڻ جي ڪري ڪيس ان صفت سان خوش طبعي ڪندي سڏيو ويو. ۽ جڏهن حديث جي راوي ابو اسامه رضي الله عنه ان جي خوش طبعي سان وضاحت ڪئي. هن ۾ سندن خوش طبعي ڪرڻ سان گڏ سندن اخلاق جي حسن ۽ عظمت جو به اظهار آهي. جيئن پاڻ هڪ عورت کي سندس مڙس جي لاءِ فرمايائون ته "اهو جنهن جي اکين ۾ سفيدي آهي" (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 24) علامه ابنِ حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي ته ان مان مراد ان کي سهڻي نموني ٻڌڻ يا ياد ڪرڻ تي حرص ڏيارڻ آهي. (اشرف الوسائل ص 328)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الادب باب 92 ماجاء في المزاح رقم الحديث 5002 ج 4 ص 301 {2} احمد في المسند ج 3 ص 117 {3} ابن السني في عمل اليوم والليلة رقم الحديث 422 ص 124 {4} الطبراني رقم الحديث 663 ج 1 ص 240. {5} البيهقي في سننه ج 10 ص 248 وفي الآداب حديث رقم 540 ص 257

{236} حَدَّثَنَا هَنَّادُ بْنُ السَّرِيّ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ شُعْبَةَ، عَنْ أَبِي التَّيَّاحِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: إِنْ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَيُخَالِطُنَا حَتَّى يَقُولَ لِأَخٍ لِي صَغِيرٍ يَا أَبَا عُمَيْرٍ! مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ؟ قَالَ أَبُو عِيسَى: وَفِقْهُ هَذَا الْحَدِيثِ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُمَازِحُ وَفِيهِ أَنَّهُ كَنَّى غُلَامًا صَغِيرًا فَقَالَ لَهُ: يَا أَبَا عُمَيْرٍ! وَفِيهِ أَنَّهُ لَا بَأْسَ أَنْ يُعْطَى الصَّبِيُّ الطَّيْرَ لِيَلْعَبَ بِهِ. وَإِنَّمَا قَالَ لَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ يَا أَبَا عُمَيْرٍ! مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ؟ لِأَنَّهُ كَانَ لَهُ نُغَيْرٌ يَلْعَبُ بِهِ فَمَاتَ، فَحَزِنَ الْغُلَامُ عَلَيْهِ فَمَازَحَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: يَا أَبَا عُمَيْرٍ، مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ؟

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ اسان سان گهڻي ميل جول ڪندا هئا تان جو منهنجي ننڍي ڀاءُ کي فرمايائون : اي ابو عمير! تنهنجي بلبل کي ڇا ٿي ويو؟ (عمير وٽ بلبل جو هڪ ٻچڙو هو، تہ پاڻ سڳورن ﷺ ننڍڙي عمير کي خوش طبعي طور ائين چيو.

مفردات جو شرح: "ان" هيءَ ان مخففہ اصل ثقيلہ هئي. بلاشڪ "لَيُخَالِطُنَا" اسان سان ملي جلي ويندا هئا. هن جو ثلاثي خلط، يخلط آهي. "نغير" هي نغر جي تصغير آهي هن جو جمع "نغران" آهي. ڳاڙهي چهنب وارو هڪ پکي آهي. اردو ۾ هن کي "لال" ۽ سنڌي ۾ بلبل سڏيندا آهن.

سمجهاڻي: محدث ترمذي ﷫ هن حديث جو فقہ بيان ڪندي فرمايو هن حديث مان معلوم ٿيو تہ سرورِ ڪونين ﷺ جن صحابہ ڪرام رضي الله عنهم سان ميل جول رکندا هئا ۽ انهن سان خوش طبعي بہ ڪندا هئا يعني اهڙي خوش طبعي جنهن ۾ ڪا غير شرعي ڳالهہ نہ هجي ۽ هن روايت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ سرورِ ڪائنات ﷺ جن هڪ ننڍي ڇوڪري کي ڪنيت ابا عمير سان سڏيو. ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ان ۾ ڪا قباحت يا شرعي منع ناهي جو ننڍي ٻار کي راند ڪرڻ، دل وندرائڻ جي لاءِ پکي ڏنو وڃي ڇو تہ محبوب ڪريم ﷺ جن ان کي فرمايو "اي ابا عمير! نُغير ڇا ڪيو؟ هن مان معلوم ٿيو تہ ان ڇوڪري جي دل مغموم رهندي هئي ان سان پاڻ ڪريم ﷺ جن خوش طبعي ڪندي ائين فرمايو هو. علامہ البيجوري ﷫ لکيو آهي تہ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن اسم کي مصغر ڪري سڏڻ يلي اهو انسان نہ هجي جائز آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي خبر هئي تہ اهو پکي (بلبل) مري ويو آهي پوءِ ان کان ان انداز سان پڇڻ مان مقصد ان جي دل کي سرور بخشڻ هو ان جي ڪري خطاب جي شروعات ان ننڍي سان ڪرڻ فرمايائون ۽ عمير هڪ قول مطابق عمر جو مصغر آهي ۽ هن حديث مان ٿُڪ بندي تي لفظن جي ڳالهائڻ جو جواز بہ ملي ٿو.

اعتراض: ننڍي ٻار کي پکي ڏيڻ، ان پکيءَ جي لاءِ عذاب آهي پوءِ اهو ڪيئن جائز آهي؟

جواب: عذاب يقيني ناهي گهڻا وقت پکيءَ کي پيار ۽ نرميءَ سان پالي سنڀاليو ويندو آهي پر جيڪڏهن يقين آهي تہ اهو ٻار ان کي عذاب ڏيندو تہ پوءِ ان کي پکي ڏيڻ منع آهي. (المواهب ص 393)

علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ اهل مدينہ نغير کي بلبل سڏيندا آهن ۽ ابو عمير جو نالو "ڪبشہ" هو. هي حضرت انس بن مالڪ ﷺ جو مائيٽو ڀاءُ هو. هن جو پيءُ ابو طلحہ بن زيد بن سهل الانصاري هو. ۽ هن حديث مان اشارةً ثابت ٿيو تہ فاني شيءِ سان محبت نہ رکجي.

حڪايت: هڪ عاشق جو معشوق مري ويو تہ اهو ان جي لاءِ روئندو رهيو. هڪ عارف الله ﷫ جي صالح ٻانهي ان کي ڏسي فرمايو تہ "ان حيي، قيوم سان محبت ڇونہ ٿي رکيئي جيڪو مرڻ کان پاڪ آهي ۽

ان جو لطف بہ فنا ۽ فوت ٿيڻ وارو ناهي" ۽ ابا عمير! ممڪن آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان کي هن ڪيفيت سان سڏڻ جي شروعات ڪئي هجي. يا اڳ ۾ ئي ان ڪنيت سان سڏيو ويندو هجي. ٻئي احتمال آهن.

اعتراض: هن روايت مان ثابت ٿيو تہ "ڪنهن مرد جو ڪنهن عورت سان اڪيلائپ ۾ ويهڻ جائز آهي جيڪڏهن پاڻ تي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿو. ڇوتہ رسول الله ﷺ جن ابا عمير جي امڙ وٽ اڪيلا ويٺا هئا.

جواب: اهو چوڻ بالڪل غلط آهي هن حديث ۾ عورت سان ويهڻ جو ذڪر آهي ئي ڪونہ. عورت سان اڪيلو ويهڻ امت جي اجماع سان اهڙو حرام آهي جنهن ۾ ڪو اختلاف ناهي نہ سلف جو نہ خلف جو. پلي گڏ ويهندڙ سمجهي تہ مان فتني ۾ پوڻ کان امن ۾ آهيان. ائين چوڻ تہ اڪيلي عورت سان ويهڻ جيڪڏهن فتني کان امن ۾ رهي تہ جائز آهي. ملحدن, بي دينن ۽ گمراهن جو قول آهي. عارفن بزرگن جو قول آهي تہ "جيڪڏهن خلوت ۾ ويهندڙ, مرد حسن بصري رحمه الله هجي ۽ عورت رابعہ العدوية البصرية هجي تہ بہ جائز ناهي ڇوتہ شرعي احڪام مطلق وارد آهن. (جمع الوسائل ج 2 ص 26) علامہ علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان خوش طبعي ڪرڻ ان جي مستحب هجڻ جو دليل آهي. فقهاء ۽ اصولين جي ڪلام جي اها مقتضيٰ آهي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ۾ قدرتي طور اهڙي هيبت, رعب ۽ دٻدٻو رکيل هو جو سندن خوش طبعي ڪرڻ جي باوجود سندن وقار, عزت ۽ احترام ۾ فرق نہ پوندو هو. جيئن هڪ ڀيري هڪ شخص سندن اڳيان عرض ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺو تہ ان تي ڏڪڻي طاري ٿي پاڻ ان کي فرمايائون تہ "پاڻ تي آساني ڪر, (ڏڪ نہ, ڊپ نہ ڪر, ڏڄ نہ) مان بادشاهہ يا سختي ڪندڙ حاڪم ناهيان مان تہ قريش مان قديد (پنير) کائڻ واري هڪ عورت جو پٽ آهيان جيڪا مڪہ ۾ رهندي هئي." پوءِ ان ويچاري ڪين پنهنجي حاجت عرض ڪئي ان کان پوءِ اٿي بيهي پاڻ فرمايائون. "أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّيْ أُوْحِيَ إِلَيَّ أَنْ تَوَاضَعُوْا أَلَا فَتَوَاضَعُوْا حَتّٰى لَا يَبْغِيْ أَحَدٌ عَلٰى أَحَدٍ وَلَا يَفْخَرْ أَحَدٌ عَلٰى أَحَدٍ وَكُوْنُوْا عِبَادَ اللهِ إِخْوَانًا." (اي انسانو! بلاشڪ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تہ تواضع (هيٺانهين اختيار ڪيو خبردار پوءِ هيٺاهين اختيار ڪيو تانجو ڪو هڪڙو ٻئي تي زيادتي نہ ڪري ۽ نہ ڪو هڪڙو ٻئي تي فخر ڪري ۽ اي الله جا ٻانها ڀائر ٿي رهو. ۽ مسلم شريف ۾ حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آهي ان فرمايو تہ "مون رسول الله ﷺ سان صحبت ڪئي پر حياء ۽ تعظيم جي ڪري ڪڏهن بہ پنهنجي اک کي (سندن ديدار مان) ڍؤ نہ ڪرايم. (سندن تعظيم جو خيال ڪندو هيس) پوءِ جڏهن اهڙي جليل القدر صحابي جو هي حال هيو تہ ٻين جي باري ۾ تنهنجو گمان ڪهڙو آهي. اهوئي وجہ آهي جيڪو مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ جيڪڏهن پاڻ ڪنهن سان خوش مزاجي نہ ڪن ها تہ ڪير بہ سندن خدمت ۾ نہ ويهي سگهي ها ۽ نہ فائدو وٺي سگهي ها. خصوصًا ان کان پوءِ جڏهن سندن ذات تي قدرتي قرب جي مواهب جون تجليون پونديون هيون ۽ فضل عائد ٿيندو هو. ۽ ان ڪيفيت کي گهٽائڻ جي لاءِ پاڻ فجر جي سنت واريون بہ رڪعتون پڙهي ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها سان ڪجهہ ڪچهري ڪرڻ, ڳالهائڻ يا زمين تي ڪجهہ وقت سمهڻ کان سواءِ ٻاهر نہ نڪرندا هئا ڇوتہ جيڪڏهن ان ڪيفيت ۾ ٻاهر تشريف فرما ٿين ها جنهن قرب جي حال ۾ سينگاريل هئا ۽ جيڪا مناجات ۽ رب العزت جي

ڪلام ٻڌڻ وقت کين حاصل هئي جنهن جي حصي کي بيان ڪرڻ کان به انسان عاجز آهي ته ڪنهن بشر کي طاقت نه هئي جو ساڻن ملاقات ڪري سگهي. پاڻ ٻاهر اهڙي حال ۾ نڪرندا هئا جو ساڻن ملڻ وارا برداشت ڪري سگهن. اها انهن جي لاءِ سندن طرفان نرمي ۽ انهن تي سندن رحمت هئي. (جمع الوسائل ج 2 ص 27، 28) علامه ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي ته هن روايت مان هي فائدا ملن ٿا. (1) ته پکيءَ کي پڃري ۾ رکي ان جو رنگ ڏسڻ يا ان جي ٻولي ٻڌڻ يا مباح راند ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ جائز آهي ان شرط سان ته ان جي صحيح سنڀال ڪئي وڃي ان کي وقت تي کاڌو کارايو وڃي. (2) ڪڏهن ڄاڻ هوندي ڪا ڳالهه پڇڻ. جيئن حضور ڪريم ﷺ جن کي علم هو ته ابا عمير جو نغير پکي مري ويو آهي تڏهن به ان جي دل کي ٻهلائڻ لاءِ ۽ ان سان لطف و ڪرم ڪرڻ عطوفت، رافت، تواضع جي اظهار ڪرڻ خاطر ان کان ان نموني پڇيائون. (3) هن مان اهو به ثابت ٿيو ته ضعيفن جي رعايت ڪرڻ، انهن کي اُنس ڏيڻ، انهن کي سرور پهچائڻ محبوب مڪرم نبي معظم ﷺ جي اخلاق حسنه مان آهي. (4) "ليلعب به" لفظ مان مراد آهي ته ڪنهن به جانور کي (حلال جانور کي کائڻ جي لاءِ کهڻ کان سواءِ) ايذائڻ منع آهي پر راند ۾ استعمال ڪرڻ منع ناهي ڇوته ان ۾ ان سان دلچسپي هجڻ جي ڪري پکي رکندڙن جو گهڻو خيال ڪندو آهي. (5) "فَمَازَحَهُ" (پوءِ ان سان خوش طبعي ڪيائون) جو مطلب ته ان جي غمگين دل کي خوشي بخشيائون ڇوته ننڍڙن ٻارن جي مزاج آهي ته انهن کان جيڪڏهن ڪا راند، روند واري شيءِ وڃي آهي ته ڏکوئجندا آهن ۽ ابا عمير ننڍي عمر هوندي به ذڪاء جي قوت ۽ ذهانت وارو هو ان جي ڪري پاڻ ان سان اهو خطاب فرمايائون. (اشرف الوسائل ص 330)

هيءَ حديث هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في ڪتاب الادب باب 81 الانبساط الي الناس** رقم الحديث 6129 ج 10 ص 526 {2} **النسائي في** (عمل اليوم والليلة، باب التسليم علي الصبيان والدعاء لهم وممازحتهم رقم الحديث 333، 334، ص 286، 287 {3} **ابنِ ماجه في ڪتاب الادب باب 24** المزاح رقم الحديث 3720 {4} **احمد في المسند** ج 3 ص 119 وفيه قصة الصلواة {5} **ابن السني في** عمل الليوم والليلة رقم الحديث 409 ص 145.

{237} حَدَّثَنَا عَبَّاسُ بْنُ مُحَمَّدٍ الدُّورِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ الْحَسَنِ بْنِ شَقِيقٍ قَالَ: أَنبأَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ، عَنْ أُسَامَةَ بْنِ زَيْدٍ، عَنْ سَعِيدِ الْمَقْبُرِيِّ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: قَالُوا: يَا رَسُولَ اللهِ إِنَّكَ تُدَاعِبُنَا قَالَ: إِنِّي لَا أَقُولُ إِلَّا حَقًّا.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي. صحابه ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ ! اوهان اسان سان خوش طبعي ڪندا آهيو؟ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو. آءُ سچ کان سواءِ خوش طبعي نه ڪندو آهيان.

مفردات جو شرح: "اَلْمَقْبُرِيِّ" (ميم جي زبر، قاف جي جزم ۽ با جي پيش سان يا زير سان) المقبرة ڏانهن نسبت ڪيل آهي. اها نسبت ان جي ڪري ڏنو ويو جو مقبرن ۾ رهندو هو يا انهن جي قريب منزل هيس. "قَالَ" چيائين. اي حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمايو. "تُدَاعِبُنَا" (دال ۽ عين سان) اي تمازحُنا" اسان سان خوش طبعي ڪيو ٿا. "غير" مگر.

سمجهاڻي: علامہ البيجوري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي طرفان حضرت حبيب ڪريم ﷺ کان عرض ڪري پڇڻ تہ اوهان اسان سان خوش طبعي ڪيو ٿا؟ جو مقصد هو تہ اها خوش طبعي ڪرڻ اوهان جي خصائص مان آهي يا اسان جي لاءِ بہ اجازت آهي؟ حالانڪ پاڻ فرمايو هيائون تہ " لَاتُمَارِ اَخَاكَ وَلَا تُمَازِحهُ وَلَا تَعِدْهُ مَوْعِدًا فَتُخْلِفَهٗ " (پنهنجي ڀاءُ کي شڪ ۾ نہ وجهہ ۽ نہ ان سان خوش طبعي ڪر ۽ نہ ان سان وعدو ڪري پوءِ وعده برخلافي ڪر) ان سوال جي جواب ۾ حبيب ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو:" هائو مگر مان حق کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو چوان. يعني منهنجي خوش طبعي بہ سچ تي مبني آهي. پوءِ جيڪو سچ ڳالهائيندي پنهنجي هيبت، وقار ۽ عزت برقرار رکندي خوش طبعي ڪري تہ ڀلي ڪري پر جيڪو انهن ڳالهين جي حفاظت نہ ڪري سگهي اهو خوش طبعي ڪرڻ کان پاسو ڪري. علامہ موصوف اڳتي لکيو آهي تہ "خلاصو هي آهي تہ پاڻ نادر طور، ڪڏهن ڪڏهن خوش طبعي ڪندا هئا ۽ صرف حق ۽ سچ فرمائيندا هئا جيڪو ڪنهن مصلحت يا ڪنهن جي دل کي محبت ۾ آڻڻ جي لاءِ هوندو هيو. چوتہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي دلين ۾ محبت سان گڏ سندن هيبت ۽ رعب طاري هوندو هو. خوش طبعي سان انهن کي مانوس رکندا هئا. خصوصًا سندن مٿان جيڪي قدرتي تجليات وارد ٿينديون هيون انهن کان پوءِ. (المواهب ص 394) علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جو اهو سوال ٻن وجهن جي ڪري هو. (1) هڪ مذڪور حڪمت جي ڪري (2) ٻيو سندن ذات عالي صفات عليہ الصلواة والسلام کان سندن مرتبي جي بلنديءَ ۽ مانَ جي عظمت جي ڪري مزاح کي بعيد سمجهڻ خاطر. جڏهن تہ اها انهن جي نظر ۾ وڏي ڳالهہ هئي پوءِ پاڻ انهن کي سمجهايائون تہ خوش طبعي ڪرڻ ڪمال جي خلاف ناهي بلڪ اها جيڪڏهن شرعي قانون جي مطابق آهي تہ ڪمال جي توابع ۽ تتمات مان آهي ۽ ان ۾ افراط ۽ ان تي هميشگي ڪرڻ ممنوع آهي چوتہ ان ۾ ڪثرت ڪرڻ سان گهڻي کِل ۽ قلب جي قساوت ۽ الله جل جلالہ جي ذڪر کان منهن موڙڻ جهڙيون خرابيون پيدا ٿين ٿيون ۽ هيبت ۽ وقار کي ڌڪ ٿو لڳي. بلڪ گهڻا وقت ڪنهن جي دل آزاري ٿئي ٿي جيڪا عداوت ۽ بغض پيدا ڪري ٿي. ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن جي خوش طبعي انهن امرن کان پاڪ هئي. علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي رحمۃ اللہ علیہ بہ علامہ علي القاري رحمۃ اللہ علیہ واري ڳالهہ لکي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن تي جڏهن قرب جي مواهب ۽ فضل جي عوائد مان تجليات وارد ٿينديون هيون. تہ پاڻ فجر جي سنت واريون بہ رڪعتون پڙهي ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ يا زمين تي ٿورو وقت ليٽڻ کان پوءِ ٻاهر نڪرندا هئا چوتہ جيڪڏهن پاڻ ان حالت تي نڪرن ها جنهن تي مٿن قرب جون تجليون وارد ٿيون هيون تہ ڪنهن بشر کي طاقت نہ هئي جو سندن ذات سان ڳالهائي سگهي هاءِ زمين تي ان جي ڪري ليٽندا هئا جو زمين انسان جو اصل آهي ان سان نسبت پيدا ڪرڻ کان پوءِ انسان سان نسبت پيدا ڪرڻ آسان ٿيندي هئي. ان نسبت کي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان لاءِ آساني ۽ انهن تي شفقت ۽ نرمي ڪرڻ جي لاءِ قائم رکندا هئا. (اشرف الوسائل ص 332) علامہ مناوي رحمۃ اللہ علیہ بہ اهڙي طرح ئي لکيو آهي.

(شرح المناوي علي حاشيہ جمع الوسائل ج 2 ص 28):

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 2 ص 360 {2} ابن السني في عمل

اليوم والليلة رقم الحديث 418 ص 148 {3} **البيهقي في سننه** ج 10 ص 248 {4} و في الآداب رقم الحديث 537 ص 256 {5} **البغوي في شرح السنة** رقم الحديث 3602 ج 13 ص 179 {6} وفي الشمائل رقم الحديث 312 ج 1 ص 254

{238} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا خَالِدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَجُلاً اسْتَحْمَلَ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ: إِنِّي حَامِلُكَ عَلَى وَلَدِ نَاقَةٍ فَقَالَ: يَا رَسُولَ اللهِ، مَا أَصْنَعُ بِوَلَدِ النَّاقَةِ؟ فَقَالَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: وَهَلْ تَلِدُ الإِبِلَ إِلاَّ النُّوقُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي ته هڪ شخص رسول الله ﷺ جن کان سواريءَ لاءِ اٺ گهريو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "توکي ڏاچيءَ جي ڦر تي سوار ڪريان ٿو. ان ماڻهو عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ ! آءٌ ڏاچيءَ جي ڦر کي ڇا ڪندس؟ ته پاڻ فرمايائون "اٺ کي ڏاچيون ته ڄڻينديون آهن" (مطلب ته انن کي ڏاچيون ئي ڄڻينديون آهن)

مفردات جو شرح: "اِسْتَحْمَلَ" استفعال جي باب کان ورتل ماضي جو صيغو آهي. هن باب ۾ طلب جي معنيٰ هوندي آهي سواري طلب ڪيائين. "إِنِّي حَامِلُكَ" اي مُرِيدُ حَمْلِكَ. يعني توکي سواري ڏيڻ جو ارادو ڪندڙ آهيان. "وَلَدِ النَّاقَةِ" ڏاچيءَ جي ولد تي، ڦرتي. "هَلْ تَلِدُ" ڇا ڄڻي ٿي. "اَلإِبِلَ" اُٺ کي.

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن جو سائل کي فرمان ته "مان توکي ڏاچيءَ جي ڦر تي ڪڻڻ جو ارادو ڪندڙ آهيان" مان مراد ان سان نرمي ۽ خوش طبعي ڪرڻ سان گڏ ان کي فڪر ڏيڻ ۽ سمجهاڻڻ هو ۽ ان ۾ سادگيءَ کي ثابت ڪرڻ هو. حديث شريف ۾ آهي ته "اَكْثَرُ اَهْلِ الْجَنَّةِ الْبُلْهُ" (يعني جنتي گهڻا ماڻهو سادا هوندا.) پر انهن سادن مان مراد دنياوي امور ۾ سادا هوندا ۽ ديني امور ۾ ذهين هوندا. اهي ابرار هوندا. "مَا اَصْنَعُ بِوَلَدِ النَّاقَةِ" (مان ڏاچيءَ جي ڦر کي ڇا ڪندس) هي ان سائل جو عرض هو. ان ولد الناقه" مان مراد ننڍڙو گورڙو، توڏڙو سمجهيو هو. پر حبيب ڪريم ﷺ جن ان جي غلط فهميءَ کي دور ڪندي فرمايو ته "وَهَلْ تَلِدُ الإِبِلَ" ۽ ڇا اُٺ کي ڄڻڻ واري. الإبلَ زبر سان مفعول مقدم آهي ۽ الابل اسم جمع آهي جنهن جو ان جي لفظ مان جمع ناهي ۽ اهو الف ۽ با جي زبر سان آهي ۽ هلڪو ڪري پڙهڻ جي لاءِ با جي جزم به بڌي ويندي آهي ۽ اسماء مان پهرين ٻن حرفن جي زبر سان الابل ۽ الحبر کان سواءِ ٻڌو نه ويو آهي. الحبر (ڦکن ڏندن وارو) جي معنيٰ سان "الا النوق" ڏاچين کان سواءِ. "النوق" پيش سان فاعل مؤخر آهي پوءِ اٺ يلي وڏا هجن پر آهن ته اولاد ڏاچين جو پوءِ ننڍي ۽ وڏي ٻنهي تي ولد الناقه جو اطلاع سچو ۽ صحيح آهي. جڏهن ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ان کي ارشاد فرمايو "جيڪڏهن تدبر ڪرين ها ته ائين نه چوين ها". گويا ان ۾ سندن ارشاد آهي ته "ٻڌندڙ جڏهن ڪجهه ٻڌي ته ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ ان کي سوچڻ کان سواءِ رد نه ڪري (المواهب ص 396، خصائل نبوي ص 178)

علامه علي القاري رحمه الله لکيو آهي ته : اٺ جي لاءِ عرض ڪندڙ ۾ سادگي هئي ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ جي ارشاد مبارڪ ۾ ان جي سادگيءَ لاءِ شفا هئي ۽ سندن ان ارشاد ۾ نه صرف ان جي لاءِ پر ٻين جي لاءِ به هدايت هئي ته هر ڳالهه ۾ غور ڪري پوءِ جواب ڏنو وڃي. (جمع الوسائل ج 2 ص 29) علامه ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله به ائين ئي لکيو آهي. (اشرف الوسائل ص 332)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البغوي في شرح السنة رقم حديث 3605 ج 13 ص 181 {2} ابو داؤد في الادب باب 92 ماجاء في المزاح رقم الحديث 4998. ج 4 ص 300 {3} احمد في المسند ج 3 ص 267 {4} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 268 ص 102 {5} البيهقي في سننه ج 10 ص 248.

{239} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْمَرٌ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَجُلاً مِنْ أَهْلِ الْبَادِيَةِ كَانَ اسْمُهُ زَاهِرًا وَكَانَ يُهْدِي إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ هَدِيَّةً مِنَ الْبَادِيَةِ، فَيُجَهِّزُهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا أَرَادَ أَنْ يَخْرُجَ، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ زَاهِرًا بَادِيَتُنَا وَنَحْنُ حَاضِرُوهُ وَكَانَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُحِبُّهُ وَكَانَ رَجُلاً دَمِيمًا فَأَتَاهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمًا وَهُوَ يَبِيعُ مَتَاعَهُ فَاحْتَضَنَهُ مِنْ خَلْفِهِ وَهُوَ لاَ يُبْصِرُهُ، فَقَالَ: مَنْ هَذَا؟ أَرْسِلْنِي. فَالْتَفَتَ فَعَرَفَ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَجَعَلَ لاَ يَأْلُو مَا أَلْصَقَ ظَهْرَهُ بِصَدْرِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حِينَ عَرَفَهُ، فَجَعَلَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ: مَنْ يَشْتَرِي هَذَا الْعَبْدَ فَقَالَ: يَا رَسُولَ اللهِ، إِذًا وَاللهِ تَجِدُنِي كَاسِدًا، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لَكِنْ عِنْدَ اللهِ لَسْتَ بِكَاسِدٍ أَوْ قَالَ: أَنْتَ عِنْدَ اللهِ غَالٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ کان روايت آهي تہ زاهر نالي هڪ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو نبي ڪريم ﷺ جن وٽ جهنگ جون سوکڙيون کڻي ايندو هو. جڏهن اهو (يعني زاهر) موٽي وڃڻ جو ارادو ڪندو هو تہ نبي ڪريم ﷺ جن بہ ان کي (مديني پاڪ شهر جون) سوکڙيون پاکڙيون ڏئي اماڻيندا هئا ۽ پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ: "زاهر اسان جو ٻهراڙيءَ (وارو) آهي ۽ اسان ان جا شهر (وارا) آهيون." رسول الله ﷺ جن ان کي ڏاڍو پيائيندا هئا. جيتوڻيڪ هو ظاهري صورت ۾ ڪوجهو هو.

هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن (مديني جي بازار ۾) ان وٽ ويا، تہ اهو ان وقت پنهنجو سامان وڪڻي رهيو هو. حضور ڪريم ﷺ جن ان کي اوچتو پنيان اچي ياکر پاتو ۽ ان حضور ﷺ جن کي ڪونہ ڏٺو هو. ان ڪري چوڻ لڳو تہ "ڪير آهين؟ مون کي ڇڏ. ائين چئي واجهايائين، تہ حضور ڪريم ﷺ جن کي سڃاڻي ورتائين. سڃاڻڻ کان پوءِ تہ هي نبي ڪريم ﷺ جن آهن (برڪت خاطر) پنهنجي پٺي نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ سيني سان لڳائي مهٽڻ لڳو. نبي پاڪ ﷺ (خوش طبعي ڪري) چيو تہ، هيءُ ٻانهو ڪير وٺندو؟ ان تي (زاهر) چوڻ لڳو: اي الله ﷻ جا رسول ﷺ! خدا جو قسم! ائين تہ مون کي کوٽو لهنديون. ان تي رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ: "تون الله ﷻ وٽ سستو نہ آهين" يا پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو: "تون الله ﷻ وٽ مهانگو آهين" (هيءُ صحابي زاهر مديني منوره جي آسپاس ۾ ڪنهن ڳوٺ يا واديءَ جو رهاڪو هو. سندس پورو نالو زاهر بن حرام اشجعي هو. حضور ڪريم ﷺ جن سان گهڻي محبت هئس ۽ حضور ڪريم جن بہ کيس گهڻو پيائيندا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن وٽ ٻهراڙيءَ جون ساديون سوکڙيون کڻي ايندو هو. بدر ۾ بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هو.)

مفردات جو شرح: "بَادِيَةِ" ٻهراڙي. "فَيُجَهِّزُهُ" تيار ڪري رهيو هو. "دَمِيمًا" ڪوجهي صورت وارو. "اِحْتَضَنَهُ" الاحتضان مصدر کان ورتل آهي ان کي ياکر ۾ ورتائين. "لاَيَأْلُوا" ڪوتاهي نہ پيو ڪري. ڪمي نہ پيو ڪري. "اَلْصَقَ" چنبڙايائين، سيني سان لڳايائين. "کَاسِدًا" گهٽ قيمت وارو. کوٽو. "غَالٍ" مهانگو گهڻي قيمت وارو.

سمجهاڻي: هن روايت مان حضور پاڪ ﷺ جي انتهائي ڪريمانه اخلاق جو ظهور ٿي رهيو آهي. جڏهن زاهر نالي هڪ الله ﷻ جو ٻانهو سندن خدمت ۾ ٻهراڙيءَ جا ڦل، ڦروٽ تحفي طور پيش ڪندو هو ته پاڻ ان کان به بهتر ڪيس شهري تحفا ڏيندا هئا. پاڻ ارشاد فرمايائون ته " زاهر اسان جي ٻهراڙي آهي ۽ اسين ان جو شهر آهيون. " يعني ان جي ذريعي ٻهراڙيءَ ۾ ٿيندڙ سبزي، ميوا اسان وٽ پهچن ٿا اسان کي ٻهراڙيءَ ۾ ويڃڻو ڪونه ٿو پوي ۽ شهر جون شيون وري اسان جي ذريعي ان کي حاصل ٿين ٿيون انجي ضرورت پوري ٿئي ٿي. سيدنا رسول الله ﷺ جن ان سان محبت رکندا هئا. اهو ڀلارو ظاهري صورت ۾ حسين نه هو پر سرڪارِ مدينه ﷺ جن نظرِ ڪرم ان جي ظاهري صورت ۽ شڪل جي بجاء ان جي دل واري محبت ۽ سڪ تي متوجهه ٿيندي هئي ان سان نهايت پيار سان پيش ايندا هئا ان سان محبت ۽ پيار جو اظهار هڪ ڀيري حبيب ڪريم ﷺ جن هن طرح ڪيو جو زاهر بازار ۾ پنهنجو سامان ڪپائڻ ۾ مشغول هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان کي پوين اچي اهڙي طرح ڀاڪر ۾ ورتو جو اهو ڏسي نه پيو سگهي. اهو چوڻ لڳو ته " هي ڪير آهي؟ " مون کي ڇڏ " ۽ پوئتي واجهائي ڏٺائين ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن هئا. پوءِ اهو پنهنجا پٺا حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان گسائڻ، چنبڙائڻ ۽ مهٽڻ لڳو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن چوڻ لڳا ته "هن غلام کي ڪير خريد ڪندو؟ اهو ٻڌي اهو چوڻ لڳو ته : الله جو قسم! ان وقت اوهان مون کي کوٽو لهندؤ. " (وڏي قيمت وارو ناهيان) پوءِ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :"پر تون الله ﷻ وٽ کوٽو ناهين" يا فرمايائون ته "تون الله ﷻ وٽ وڏي قيمت وارو آهين. " ان کي ڀاڪر ۾ وٺڻ نهايت ئي پياري ۽ محبت واري خوش طبعي هئي ۽ ان عاشق جي طرفان سڃاڻڻ کان پوءِ پنهنجن پٺن کي نبي ڪريم ﷺ جن جي سيني اقدس سان مَلڻ، لڳائڻ، چنبڙائڻ ان جي عقيدت، محبت ۽ سرڪارِ دو عالم ﷺ جن کان برڪتون، رسالت جا انوار حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش هئي. سبحان الله ﷻ ! هيءَ خوش طبعي ڪيتري عجيب ۽ نفيس هئي جو پاڻ فرمائي رهيا هئا ته "هي غلام ڪير خريد ڪندو؟ ۽ جنهن تي محبوب ڪريم ﷺ جن ايترا مهربان آهن ان جي عاجزي، انڪساري ۽ هيٺاهين ايتري آهي جو عرض ٿو ڪري ته " هن کوٽي کي ڪير خريد ڪندو. مگر نبوي نگاهه ۽ رسالت جي نظر ۾ ان جي ڪيتري قيمت هئي ان جو اندازو لڳائڻ ناممڪن آهي ۽ ڪائنات جي آقا ﷺ جن ارشاد فرمايو ته "تون الله ﷻ وٽ وڏي قيمت وارو آهين. "ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ " بعض بزرگن جو قول آهي ته "هيءَ حديث ظاهر ۾ خوش طبعي لڳي ٿي پر ان ۾ وڏي حقيقت سمايل آهي ۽ اها هي ته جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن ان کي سامان ڪپائڻ ۾ مصروف ڏٺو ته پاڻ محسوس فرمايائون ته هن حالت ۾ هي الله ﷻ کان بي توجهه ٿي ويو آهي پوءِ ان کي متوجهه ڪرڻ جي لاءِ پهريان ڪيس ڀاڪر پائي دنياوي توجهه هٽائي ۽ فرمايائون ته هن خواهشات جي غلام کي ڪير خريد ڪندو؟ ۽ جڏهن سندن ڀاڪر پائڻ سان اهو متوجه الي الله ٿيو ته پنهنجي ڪمتري جو احساس رکندي عرض ڪرڻ لڳو ته هن کوٽي کي ڪير خريد ڪندو؟ " تڏهن ان تي پاڻ ڪيس بشارت ڏنائون ته "هن وقت الله ﷻ جي طرف متوجهه ٿيڻ جي ڪري هاڻي تون کوٽو ناهين تنهنجي الله ﷻ وٽ وڏي قيمت ۽ وڏو قدر آهي. " (فضائل النبي ﷺ ص 129) علامه البيجوري رحمه الله لکيو آهي ته هن حديث ۾ بلند حڪمتون ۽ روشن اسرار بيان ٿيل آهن چو ته جڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ان وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ ان کي سامان وڪڻڻ ۾ مصروف ڏٺائون ته

کين اهو خوف ٿيو ته ڪٿي اهو ان مشغولي جي ڪري حق کان پري نه ٿي وڃي ۽ الله جل جلاله کان غير متوجهه نه رهي. پوءِ ان کي اهڙو پاڪر پاتائون جهڙو خطري واري کي پاڪر پاتو ويندو آهي ۽ سامان کپائڻ جي دوران ان کي پهريان ته اهو ڏکيو لڳو جو سندس ڪاروبار ۾ رڪاوٽ ٿي پئي تڏهن چيو هيائين ته "ڪير آهين؟ مون کي ڇڏ." پر جڏهن حضرت عليه الصلوٰة والسلام جي جمال جو مشاهدو ڪيائين ته ڪوشش ڪري پنهنجا پُٺا سندن (پاڪ) سيني سان گسائڻ لڳو ته وڌيڪ (روحاني) امداد حاصل ڪري سگهي. پوءِ ان کي ادب جي تلقين ڪندي پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو "هن ٻانهي کي ڪير خريد ڪندو؟" جيڪو ان جي طرف اشارو هو ته "جيڪو الله جل جلاله جي غير ڏانهن متوجهه رهيو اهو پنهنجي خواهش جو ٻانهو آهي پوءِ ان محبوب ڪريم ﷺ جي برڪت سان ان کي انابت حاصل ٿي ۽ ان جي ڪري ئي حضور ڪريم جن ان کي سندس قدر جي علوءِ رتبي جي بلنديءَ جي بشارت ڏني. ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي خوش طبعي ان جي لاءِ بشارت فاضله ۽ ڪامل فائدو ٿي ۽ اها ظاهري صورت ۾ خوش طبعي هئي پر حقيقت ۾ روحاني ترقي جي غايت ۽ نهايت هئي. (المواهب ص 400، 401) ان حضرت زاهر جي پيءُ جو نالو حرام اشجعي هو. هي حضرت زاهر بدر جي جنگ ۾ موجود هو. ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو فرمان ته "اسين ان جو شهر آهيون" مان مراد آهي ته اهو شهر ۾ اسان جي ڪري اچي ٿو. ان جو اصل مقصد اسان جو ديدار آهي.

هديو ڏيڻ وٺڻ سان محبت وڌندي آهي: علامه ابن حجر هيتمي مڪي رحمة الله عليه لکيو آهي ته "ان هديي ڏيڻ وٺڻ سان محبت وڌندي آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمانِ عاليشان آهي "تَهَادُوا تَحَابُّوا" هديا ڏيو وٺو محبت ڪيو." ۽ حضور پُرنور ﷺ جن پنهنجون ٻانهون مبارڪ ان جي بغلن جي هيٺان ڪري ان کي پاڪر پاتو هيائون." ۽ ان کي ٻانهي سڏڻ جو وجهه واضح آهي ڇو ته اهو الله جل جلاله جو ٻانهو هو ۽ ان جي لاءِ "يشتري" اشتراء کان ورتل صيغو آڻڻ (جيڪو هڪ شيءِ ڏئي ٻي شيءِ وٺڻ تي ڳالهايو ويندو آ) مان مقصد اهو هو ته "هن ٻانهي جي اڪرام ۽ تعظيم ۾ ڪير مقابلو ڪندو يا مون وٽ اهڙو ٻانهو ڪير آڻيندو؟

فائدا: هن حديث مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. (1) ٻهراڙي وارن سان دوستي رکڻ ۽ انهن کي هديا ڏيڻ، وٺڻ. (2) بازار ۾ وڃڻ، داخل ٿيڻ (3) خوشطبعي طور پُٺيان پاڪر وجهڻ (4) آزاد کي ٻانهو سڏڻ (5) واپار ڪرڻ واري جاءِ تي آواز بلند ڪرڻ. (6) اعليٰ شخصيت جي ادنيٰ سان خوش طبعي ڪرڻ. (7) خوش طبعي جي ارادي سان پاڪر پائڻ (8) ۽ ڪن جي ير ۾ وڏو آواز ڪرڻ (9) ۽ دوست جي ان شان جي مناسب مدح ڪرڻ جيئن پاڻ حضرت زاهر رضي الله عنه جي لاءِ فرمايائون "اَنْتَ عِنْدَاللهِ غَالٍ" (تون الله جل جلاله وٽ قيمت وارو آهين) يا "لَسْتَ بِكَاسِدٍ" (تون الله جل جلاله وٽ کوٽو ناهين) (10) دوست کي ان سان محبت رکڻ جو ٻڌائڻ (11) هديو قبول ڪرڻ (12) ان جو سهڻو بدلو ڏيڻ (13) ۽ ان جو ذڪر ڪرڻ. اتي جتي نه ٿورو ڪيو وڃي نه احسان ڳڻايو وڃي نه ان جي دل آزاري ٿئي بلڪ دوست جو اخروي نفعو مقصود هجي. پوءِ جڏهن رسول الله ﷺ جن حضرت زاهر کي پنهنجي رب جل جلاله ڏانهن غير متوجهه ۽ سامان جي کپائڻ ۾ مصروف لڌو ته ان کي پاڪر پائي سجاڳ ڪري الله جل جلاله جي ربوبيت جي جمال ڏانهن متوجهه بنايو ۽ ان جي مٿان جڏهن پنهنجا معارف القاء فرمايائون ته ان صرف ان تي اڪتفاء نه ڪئي پر پُٺن

کي حضور ڪريم ﷺ جي پاڪ سيني سان چنبڙائي وڏيڪ امداد ۽ القاء جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.

فائدو: ابو يعليٰ روايت آندي آهي ته هڪ شخص حضرت نبي ڪريم ﷺ وٽ گهه يا ماکي کڻي ايندو هو ۽ جڏهن ان کان ان جا مالڪ پيسا گهرندا هئا ته ان کي حضور ڪريم ﷺ جن وٽ وٺي ايندو هو ۽ کين عرض ڪندو هو ته هن کي پئسا ڏيو پوءِ پاڻ ان جا پئسا مالڪ کي ڏيڻ جو حڪم ڪندا هئا ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته مديني منوره ۾ جيڪڏهن ڪا به شيءِ ڪجهي ايندي هئي ته اهو شخص ان مان ڪجهه وٺي سندن خدمت اقدس ۾ ايندو هو ۽ عرض ڪندو هو ته "هي اوهان جي لاءِ هديو آهي." پوءِ جڏهن ان شيءِ جو مالڪ ان کان ان جو ملهه گهرندو هو ته ان کي سرڪارِ دو جهان ﷺ جن وٽ وٺي ايندو هو ۽ کين عرض ڪندو هو ته هن کي ان شيءِ جو مُلهه ڏيو." پاڻ ڪريم ﷺ ان کي فرمائيندا هئا ته "ڇا تو اهو مون کي هديو ڪري نه ڏنو هو؟ ته اهو عرض ڪندو هو ته "مون وٽ ان جو ملهه ناهي." ته پوءِ پاڻ کِلندا هئا ۽ مالڪ کي ملهه ڏيڻ جو حڪم ڪندا هئا. (اشرف الوسائل ص 334) علامه علي القاري رحمه الله لکيو آهي ته "بَادِيَتُنَا" جي معنيٰ اسان جي ٻهراڙي ۾ رهندڙ ۽ "نَحْنُ حَاضِرُوْهُ" مان مراد اسين ان جي لاءِ مديني منوره ۾ موجود آهيون ان کي وڏيڪ مدني شين سان نوازيندڙ آهيون. نحن جمع متڪلم جو صيغو آهي ۽ ان مان مراد يا اهل بيت النبوة آهي يا تعظيم جو جمع آهي ۽ پهرئين قول جي تائيد جامع الاصول جي ان قول سان ٿئي ٿي ته حضرت زاهر رضي الله عنه حجازي هو، ٻهراڙيءَ ۾ رهندو هو ۽ جڏهن به حبيب ڪريم ﷺ وٽ ايندو هو ته ڪجهه نه ڪجهه کڻي ايندو هو. تڏهن پاڻ ارشاد فرمايائون ته "اِنَّ لِكُلِّ حَاضِرٍ بَادِيَةٌ وَبَادِيَةُ آلِ مُحَمَّدٍ زَاهِرُبْنُ حَرَامٍ" هر شهريءَ جي لاءِ ٻهراڙي وارو هوندو آهي ۽ محمد ﷺ جي آل جي لاءِ ٻهراڙي وارو زاهر بن حرام آهي." "وَكَانَ رَجُلًا" ۽ انهن مردن مان مرد هو جن جي لاءِ قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي." رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللهِ" (سورة نور آيت 37) مڙس، جن کي تجارت ۽ سامان جو وڪڻ الله جل جلاله جي ذڪر کان غافل نه ٿو ڪري. "دَمِيما" ظاهري صورت جو سادو، حسن کان خالي هو پر سيرت ۾ سهڻو هو. هن حديث مان اهو به معلوم ٿيو ته اصل مدار سيرت جي حسن تي آهي ان جي ڪري حديث ۾ وارد ٿيو آهي ته " اِنَّ اللهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ وَلٰكِن يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوبِكُمْ وَاَعْمَالِكُمْ" بيشڪ الله جل جلاله اوهان جي صورت ڏانهن نه ٿو ڏسي پر اوهان جي دلين ۽ عملن ڏانهن ٿو ڏسي. ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن جڏهن حضرت زاهر رضي الله عنه کي پاڪر پاتو ته ان جي اکين تي پنهنجا هٿ مبارڪ رکيا هيائون تان ته ڏسي نه وٺي ۽ حضرت زاهر رضي الله عنه جو چوڻ ته "ڇڏ مون کي" ظاهر آهي ته به ٿي پيرا ائين چيو هوندائين "فالتفت" پوءِ واجهايائين . مطلب ته اک جي ڪنڊ يا پاسي سان محبوب جو ڪو حصو ڏسي ورتائين ۽ ان سان حضور ڪريم ﷺ جن کي جمال جي صفت سان عليٰ وجه الڪمال ڏسي ورتائين ۽ پنهنجا پُٺا حضور نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ سيني سان گسائڻ لڳو چوته سندن سينو ان فيوض جي مصدر هو جيڪي ڪائنات ۾ موجود تي وارد ٿيندڙ آهن جيڪي سندن رحمة للعالمين هجڻ واري صفت سان مناسب آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه برڪت حاصل ڪرڻ ۽ محبت جي لذت وٺڻ ۽ سندن اڳيان انڪساري ظاهر ڪرڻ جي لاءِ هو ۽ ظاهر هي آهي ته اهو ان وقت حبيب ڪريم ﷺ جي هٿن مبارڪن ۾ قابو ۽ سُڪ ٿيل هو نه ته ادب جي تقاضا ته اها

هئي تہ سندن قدمن تي ڪري پنهنجن اکين جي تارن سان انهن کي چُمي سندن قدمن جي غبار سان برڪت وٺي ان کي پنهنجين اکين جو سرمو بنائي ها.

فائدو: علامہ علي القاري رحمه الله ابو يعليٰ واري مٿي روايت ڪيل ڳالهہ تہ "هڪ شخص شهر مان ڪا شيءِ خريد ڪري حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ هديو ڪري پيش ڪرڻ کان پوءِ وري مالڪ کي ان جو ملهہ بہ حضور ڪريم ﷺ جن کان وٺي ڏيندو هو." لکي پوءِ لکيو آهي تہ اهو پيارو حضور ڪريم ﷺ سان محبت رکڻ جي ڪري اهي شيون هديي طور پيش ڪندو هو پر جڏهن انهن جي ملهہ ادا ڪرڻ کان عاجز ٿيندو هو تہ مڪاتب بانهي وانگر پنهنجي آقا وٽ اچي حقيقت عرض ڪندو هو." ۽ حبيب پاڪ مرڪندي سندس عرض کي مڃيندا ۽ انهن شين جي ملهہ ادا ڪرڻ جو امر فرمائيندا هئا. اهو ئي حق سچ آهي جيڪو سچ واري خوش طبعي سان مليل آهي. علامہ مناوي رحمه الله هن حديث جي شرح ۾ مذڪور ڳالهيون لکڻ سان گڏ هي بہ لکيو آهي تہ هن مان ظاهر ٿيو تہ جنهن سان محبت هجي ان سان اها محبت ظاهر ڪرڻ سني شيءِ آهي ۽ اهڙي طرح اها خوش طبعي آهي جيڪا حضور ڪريم ﷺ جن حضرت ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها سان تيز هلڻ يا ڊوڙ پائڻ ۾ اڳتي وڌڻ سان ڪئي هئي. پاڻ پوئتي رهيا ۽ ام المؤمنين ڪائنات اڳتي وڌي وئي هئي. بلاشڪ هن ۾ نرمي ۽ دلجوئي سان گڏ جسم کي نفعو ڏيندڙ، رياضت ۽ غم لاهيندڙ تفريح آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 30)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 160 {2} ابو يعليٰ في مسنده رقم الحديث 3456 ج 6 ص 173، 174 {3} البزار في مسنده رقم الحديث 2735 ج 3 ص 274 {4} ابن حبان رقم الحديث 2276 موارد ص 565، 566 {5} البيهقي في سننه ج 10 ص 248 و في الآداب رقم الحديث 541، ص 257، 258 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3604 ج 13 ص 181 وفي الشمائل رقم الحديث 319 ج 1 ص 257

{240} حَدَّثَنَا عَبْدُ بْنُ حُمَيْدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُصْعَبُ بْنُ الْمِقْدَامِ قَالَ: حَدَّثَنَا الْمُبَارَكُ بْنُ فَضَالَةَ، عَنِ الْحَسَنِ قَالَ: أَتَتْ عَجُوزٌ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَتْ: يَا رَسُولَ اللهِ، اُدْعُ اللهَ أَنْ يُدْخِلَنِي الْجَنَّةَ، فَقَالَ: يَا أُمَّ فُلَانٍ، إِنَّ الْجَنَّةَ لَا تَدْخُلُهَا عَجُوزٌ قَالَ: فَوَلَّتْ تَبْكِي فَقَالَ: أَخْبِرُوهَا أَنَّهَا لَا تَدْخُلُهَا وَهِيَ عَجُوزٌ إِنَّ اللهَ تَعَالَى يَقُولُ: { إِنَّا أَنْشَأْنَاهُنَّ إِنْشَاءً فَجَعَلْنَاهُنَّ أَبْكَارًا عُرُبًا أَتْرَابًا } [الواقعه: آيت 35، 36، 37].

بامحاوره ترجمو: حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ پوڙهي عورت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ اي الله جل جلاله جا رسول ﷺ! دعا گهرو تہ الله جل جلاله مون کي بهشت ۾ موڪلي. پاڻ سڳورن ﷺ (خوش طبعي جي ڪري) فرمايو: " اي فلاڻي جي ماءُ! بهشت ۾ ڪابہ پوڙهي نہ ويندي " (راوي حضرت حسن بصري رضي الله عنه چيو تہ) اها پوڙهي عورت روئندي موٽڻ لڳي. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو: ان پوڙهيءَ کي وڃي ٻڌايو تہ ڪراڙپ جي حالت ۾ بهشت ۾ نہ ويندي. جيئن الله جل جلاله قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو:

ترجمو: بيشڪ اسان انهن عورتن کي نئين سر پيدا ڪيو ۽ انهن کي ڪنواريون بنايو.

مفردات جو شرح: "عَجُوزٌ" وڏي عمر واري عورت، پوڙهي. "يَا أُمَّ فُلَانٍ" اي فلاڻي جي ماءُ. "فَوَلَّتْ" پوءِ

واپس ٿي، موٽي، "تَبْكِي" روئي پئي.
سمجهاڻي: هن روايت ۾ جنهن پوڙهي عورت جي اچڻ جو ذڪر آهي ان جي لاءِ چيو ويو آهي ته اها حضرت زبير بن عوام جي ماءُ، سيدنا رسول الله ﷺ جي ڦڦي حضرت بيبي صفيه بنت عبدالمطلب هئي. ان محبوب ڪريم ﷺ کي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي دعا لاءِ عرض ڪيو. پاڻ ان کي "يا ام فلان" ڪري سڏي فرمايائون ته "بلاشڪ جنت ۾ پوڙهي عورت داخل نه ٿيندي. شارحن لکيو آهي ته يا ام فلان راوي جو قول آهي ان کان حضرت نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ زبان تي آيل پوڙهيءَ جو نالو وسري ويو تڏهن "يا ام فلان" سان بيان ڪيائين ۽ هن مان ثابت ٿيو ته يا ام فلان سان ڪنيت جائز آهي ۽ ان جي جواز جي لاءِ اولاد جي ماءُ هجڻ ضروري ناهي. حضرت ام المؤمنين عائشه ﷺ جي ڪنيت ام عبدالله هئي ۽ ڪنيت سان سڏڻ ڪنيت سان سڏيل جو اعزاز ۽ اڪرام آهي. " إِنَّ الْجَنَّةَ لَا تَدْخُلُهَا عَجُوزٌ" يقينن پوڙهي جنت ۾ داخل نه ٿيندي. جڏهن ته محبوب ڪريم ﷺ جن محسوس ڪيو ته اها پوڙهي ان صورت ۾ جنت داخل ٿيڻ گهري ٿي جنهن حال ۾ عرض ڪري رهي هئي. پوءِ پاڻ ان کي خوش طبعي جي انداز ۾ ارشاد فرمايائون جنهن کي اتي موجود هوندڙ خوش طبعي سمجهيو هجي. ۽ علامه علي القاري ﷫ لکيو آهي ته هن مان اها ڳالهه لازم ٿئي ٿي ته اها جنت جي بشارت ڏنل هئي. الله ﷻ جو فرمان آهي ته "إِنَّا أَنْشَأْنَاهُنَّ إِنْشَاءً" (اسان انهن کي نئون ناهيو نئون ناهڻ) يعني اسان انهن کي ابتداء کان ئي خصوصي طور ناهيو انهن جو ناهڻ بين وانگر ناهي. انهن جو ناهڻ دوام ۽ بقاء جي لحاظ سان آهي جنهن ۾ خلقت جو ڪمال، جسماني قوتون وافر آهن ۽ اهي نقص جي نشانن کان محفوظ هونديون. "فَجَعَلْنَاهُنَّ أَبْكَارًا" (پوءِ اسان انهن کي ڪنواريون بنايو) يعني جڏهن به انهن سان مڙس گڏ ٿيندا ته انهن کي ڪنواريون لهندا. ۽ هڪ نسخي ۾ "عُرُبًا أَتْرَابًا" به آيل آهي "عُرُب" (عين ۽ با جي پيش ۽ راء جي جزم سان) عروب جو جمع آهي جيئن الرسل، الرسول جو جمع آهي عرب جي معنيٰ عشق واريون. پنهنجن مڙسن کي پياريون ۽ هڪ قول آهي ته عروب جي معنيٰ محبت ۾ زياده رهندڙ ۽ هڪ قول ۾ ان جي معنيٰ ڳالهائڻ جون سهڻيون. ۽" اترابا" جي معنيٰ هم عمر. ٽيٽيهن سالن جون ۽ انهن جا مڙس به ان عمر جا هوندا. ۽ هڪ قول آهي ته ٽيهن سالن جون هونديون ڇوته اها دنيا جي عورتن جي اڪمل زندگي آهي ۽ هن حديث مان مراد اهي عورتون آهن جيڪي پوڙهائپ جي عمر ۾ وفات ڪري ويون قيامت ۾ الله ﷻ انهن کي نوجوان ڪري هڪ عمر تي اتاريندو. اهي حور عين (وڏين اکين وارين حورن) کان به ڀليون هونديون ۽ ابو الشيخ ڪتاب "اخلاق النبي ﷺ" ۾ مجاهد تائين پنهنجي سَنَد سان لکيو آهي ته رسول الله ﷺ جن بيبي عائشه صديقه ﷺ وٽ آيا ته ان وقت ان وٽ هڪ پوڙهي عورت ويٺي هئي پاڻ پڇيائون ته "هي ڪير آهي؟" سائڻ عرض ڪيو ته پوڙهي منهنجي ماسين مان آهي." پوءِ پاڻ فرمايائون ته "ان الْعُجزَ (بن پيشن سان) لَايَدْخُلْنَ الْجَنَّةَ" بيشڪ پوڙهيون بهشت ۾ داخل نه ٿينديون. اها ڳالهه ان (پوڙهي) عورت کي ڏکي لڳي. وري جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ آيا ته (سيده) عائشه صديقه ﷺ کين عرض ڪيو ته ان پوڙهيءَ کي اوهان جي ان فرمان مان سخت تڪليف پهتي هئي. پاڻ ارشاد فرمايائون ته "الله ﷻ انهن کي نئون ڪري پيدا ڪندو پراڻي خلقت ۾ نه هونديون." ۽ ابن الجوزي ﷫ ڪتاب "الوفا" ۾ پنهنجي سند سان حضرت انس بن مالڪ

ؓ کان روايت آندي آهي تہ هڪ پوڙهي عورت رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪا ڳالهہ پڇيائين تہ رسول الله ﷺ جن ان سان خوش طبعي ڪندي فرمايو "پوڙهي عورت جنت ۾ داخل نہ ٿيندي" ائين چوڻ کان پوءِ پاڻ نماز جي لاءِ (ٻاهر مسجد ڏانهن) نڪري ويا ۽ ان پوڙهيءَ تمام گهڻو رُنو. تانجو رسول الله ﷺ جن (نماز کان فارغ ٿي) موٽي آيا تہ (ام المؤمنين) عائشہ صديقہ ؓ کين عرض ڪيو تہ "هيءَ عورت (اوهان جو فرمان تہ پوڙهي جنت ۾ نہ ويندي) ٻڌي يڪو روئي رهي آهي پاڻ کِلي فرمايائون تہ "هائو پوڙهي جنت ۾ داخل نہ ٿيندي پر الله ﷻ انهن کي نوجوان ڪري پيدا ڪندو." ۽ بعض مفسرن "اَنْشَاْنَاهُنَّ" جو ضمير "حورعين" ڏانهن ورايو آهي ان مان مراد آهي تہ اسان انهن کي جمڻ جي واسطي کان سواءِ ڪامل ڪري پيدا ڪيو آهي. علامہ بيضاوي، علامہ حنفي ۽ علامہ ابن حجر هيمتي مڪي اها مراد ورتي آهي پر ان قول تي هن حديث ۽ آيت جي مطابقت جو وجهہ ظاهر ناهي. ان جي ڪري اظهر قول هي آهي تہ ان مان مراد جنت ۾ داخل ٿيڻ واريون عورتون آهن ۽ حاصل هي آهي تہ جنت ۾ داخل ٿيندڙ سڀ عورتون اهڙيون نوجوان ڪري آنديون وينديون جن ۾ دوام ۽ بقا هوندو. جنهن مان انهن جي خلقت جو ڪمال، بدني قوتن جو وافر هجڻ نقص ۽ زوال جي صفتن جو نفي هجڻ ثابت آهي ۽ جڏهن هيءَ انهن عورتن جي صفت آهي جيڪي مردن جي لاءِ پيدا ڪيون ويون هونديون تہ مردن جي قوت ۽ خلقت جي ڪمال جو ڇا رنگ هوندو؟ حضرت معاذ بن جبل ؓ کان روايت آهي تہ "نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو "يَدْخُلُ اَهْلُ الْجَنَّةِ الْجَنَّةَ جُرْدًا، مُرْدًا، مُكَحَّلِيْنَ، اَبْنَاءَ ثَلَاثِيْنَ اَوْ ثَلَاثٍ وَّ ثَلَاثِيْنَ" (يعني جنت وارا جنت ۾ ننڍي عمر وارا لاسڙاٽ، سرمو پاتل، ٽيهن يا ٽيٽيهن (روايت جو اختلاف) سالن جي عمر ۾ داخل ٿيندا) ۽ شايد حضور ڪريم ﷺ جن جو حديث پاڪ ۾ پوڙهين عورتن جي نوجوان ٿي داخل ٿيڻ جي ذڪر تي اقتصار ڪرڻ حديثن جي وارد ٿيڻ جي سبب (پوڙهي جي طرفان جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ دعا طلبي) جي ڪري هو. ۽ مردن جو ان ۾ شمار قياسًا آهي بلڪ بطريق اوليٰ آهي." علامہ مناوي رحمه الله هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ اهي عورتون اهڙيون ڪنواريون هونديون جو مڙس جڏهن بہ انهن سان صحبت ڪندو تہ انهن کي ڪنواريون لهندو. اهڙو اثر بہ وارد آهي ابن قتيبة ڪجهہ سلف مان اڪابر ۽ خلف مان اعاظم جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي مصطفيٰ ﷺ جي اخلاق جي اتباع ڪندي ڪوڙ ۽ فحش کان بچندي خوش طبعي ڪندا هئا. حضرت علي ؓ جن گهڻي خوشطبعي ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح ابن سيرين ۽ القزويني بہ گهڻي مزاح ڪندا هئا. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 32، المواهب ص 403)

فائدو: علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي فرمان کي جيئن صحابي سمجهندا هئا اهو ٻين جي سمجهہ کان مقدم آهي ڇوتہ اهي حالي ۽ مقالي قرائن کي هديو ڪري سمجهندا هئا. ٻين وٽ اهو مشاهدو ناهي. (اشرف الوسائل ص 335)

هيءَ حديث ٻين هنن مفسرن ۽ محدثن آندي آهي: {1} تفسير ابن ڪثير ج 4 ص 291 {2} الدر المنثور ج 6 ص 158 {3} البغوي في تفسيره ج 4 ص 283 {4} البيهقي في البعث والنشور ص 382 {5} ابو نعيم في اخبار اصبهان ج 2 ص 142.

باب ستٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صِفَةِ كَلَامِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الشِّعْرِ

هي باب رسول الله ﷺ جي انهن ارشادات جي متعلق آهي جيڪي شعر جي باري ۾ آيل آهن

سمجهاڻي: (1) شعر وزن ۽ قافيه تي ارادي سان چيل ڪلام جو نالو آهي. "ارادي" جي قيد سان اهو ڪلام نڪري ويو جيڪو وزن ۽ قافيه تي حضور ڪريم ﷺ جن کان بغير ارادي ۽ قصد جي صادر ٿيو هو. جيئن سندن فرمان آيل آهي.

اَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ   اَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ

(مان نبي آهيان، ڪوڙ ناهي... مان عبدالمطلب جو پُٽ آهيان)

چوته ان چوڻ مان شعر جو قصد نه هو. شعر جي مدح ۽ مذمت ۾ متعارض حديثون آيل آهن انهن ۾ تطبيق هن طرح ڏنل آهي ته سٺو شعر سٺو آهي ۽ خراب مضمون وارو خراب آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 404) شعر جي متعلق وڌيڪ وضاحت منهنجي لکيل مضمون "**شعر جي شرعي حيثيت**" ۾ ڏسو. (الفقير محمد ادريس الداهري عفي عنه) سيدنا رسول الله ﷺ جو شاعر نه هجڻ قطعي آهي قرآن ڪريم ۾ صاف طور مذڪور آهي بلڪ ڪافرن جي ان قول جو ته حضور ڪريم ﷺ شاعر آهي نهايت تعجب سان بيان ڪندي رد ڪيو ويو آهي. "وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ" (سورة يس آيت 29) ۽ نه اسان ان کي شعر جي تعليم ڏني آهي ۽ نه ان جي لاءِ مناسب آهي) حضور ڪريم ﷺ جي ڪلام ۾ ڪٿي قافيه ۽ وزن تي جملا ملن ٿا پر اهي بلا قصد تي محمول آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪلام ۾ بلا قصد موزونيت اچي وڃي ته اهو شعر نه بڻبو. حقيقت ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جو هيءُ به هڪ معجزو آهي جو سندن شاعر نه هجڻ شعر کان عاجز هجڻ جي ڪري نه هو چوته جنهن شخص جي ڪلام ۾ ارادي کان سواءِ وزن ۽ قافيه اچي وڃي اهو جيڪڏهن قصد ۽ ارادي سان ڪلام موزون بنائي ته ڪيتري قدر بي تڪلف ۽ بهتر بنائي سگهي ٿو پر الله جل جلاله سندن شان ان کان ارفع ۽ اعليٰ ڪيو آهي ان جي ڪري ان ڏانهن متوجهه نه رهيا. پاڻ هڪ اهڙي حقيقت جا ترجمان الله جل جلاله جي طرفان زمين جي خلافت جا صاحب آهن جنهن خلافت کي ڪنهن ڪوڙ ۽ مبالغي کان سواءِ بلڪل صحيح طور ساري دنيا جي اڳيان پيش ڪرڻو هون. سندن نبوت ۽ رسالت جو منصب اهو هو. اهي اعليٰ فرائض سرانجام ڏيڻ ڪنهن به شاعر جي جاءِ ناهي. شاعرانه مضمونن جي ڪمال، فصاحت ۽ دل فريبيءَ جو مدار گهڻو ڪري ڪوڙ يا مبالغي يا خيالي بلند پروازي يا فرضي نڪته آفريني تي ٻڌل هوندو آهي ان جي ڪري انهن جي تابعداريءَ مان دنيا کي ڪا به اهڙي هدايت نه ملندي جيئن رسول الله ﷺ جي هدايات ارشادات مان حاصل ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي شعر ۾ ڪا چڱي ڳالهه بيان ٿيل

آهي تہ ان جو اصل، مرجع ۽ ماخذ بہ الله ﷻ جو ڪلام قرآن ڪريم ۽ نبي ڪريم ﷺ جا ارشادات آهن ان جي ڪري اسان مسلمانن کي بہ اصل ڏانهن متوجهہ ٿيڻ ضروري آهي. اها بلڪل گمراهي، بي ديني ۽ بي حيائي آهي جو قرآن ۽ سنت کي ڇڏي يا انهن جي مقابلي ۾ شاعرن کي اهميت ڏجي. جيئن هلندڙ دور جا جاهل بي دين، صوفي سڏائڻ وارا پاڻ تہ گمراهہ ٿين پيا پر ٻين کي بہ گمراهہ ڪري عذاب الاهي جو حقدار بنائي پنهنجي خواهشات پوري ڪن ٿا. جيڪي روحاني، عظيم الشان ۽ لازوال عمارتون قرآن ڪريم جي تعليم، نبوي تهذيب ۽ احسن اخلاق سان قائم ٿيون ۽ غير مسلمن بہ انهن کي ڏسي اسلام قبول ڪيو اتي شاعرن جي مجال ناهي اهو ڪارناموتہ انبياء عظام خصوصًا سيد المرسلين عليهم الصلواة والسلام جو آهي جو روءِ زمين تان ظلم ۽ استبداد کي هٽائي الله ﷻ جي اها حقيقي حڪومت قائم ڪيائون. انهن جي ديني دعوت جو دارومدار الله ﷻ جي ڪلام قرآن ڪريم تي آهي جنهن جو سرچشمو لوح محفوظ آهي سيني جو مقصد الله ﷻ جي وحدانيت ۽ شرڪ جي نفي ۽ پاڙ پٽڻ آهي ان کان پوءِ ان مقصد ۾ رڪاوٽ بنجڻ وارن کي هٽائڻ جي لاءِ پياري جان کي قربان ڪرڻ انهن جو ئي انتهائي اهم فيصلو هو. يعني الله ﷻ جي موڪليل قانون کي دنيا جي سمورن قاعدن ۽ قانون کان مٿي ڪرڻ اهو انهن جو خاص عمل آهي. ايڏي وڏي ۽ اهم ڪارنامي کي سرانجام ڪرڻ ۾ شاعر ويچارو ڇا ٿو ڪري سگهي. ها شرعي اصول، حدود ۽ احڪام کي ملحوظ رکندي جيڪڏهن ڪنهن شاعر شعر چيو تہ اهو صحيح آهي پر ان جو مقام الله ﷻ ۽ محبوب پاڪ ﷺ جي فرمان جي برابر ناهي. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: شعر معروف لفظ آهي ۽ شاعر کي شاعر ان جي ذهانت ۽ هوشياري جي ڪري سڏيو ويو آهي ۽ اهو اصل ۾ دقيق علم جو نالو آهي. علامہ مناوي رحمه الله لکيو آهي تہ شعر قافيہ ۽ وزن تي قصد سان چيل ڪلام کي چئبو آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم جون آيتون "اَلَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ۙ وَ رَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ۭ" ۽ "وَقُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ" "جِفَانٍ كَالْجَوَابِ" ان ۾ داخل ناهن ڇو تہ اهي قصدًا شعر جي نيت سان آيل ناهن. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 33)

{241} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شَرِيكٌ، عَنِ الْمِقْدَامِ بْنِ شُرَيْحٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: قِيلَ لَهَا: هَلْ كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَتَمَثَّلُ بِشَيْءٍ مِنَ الشِّعْرِ؟ قَالَتْ: كَانَ يَتَمَثَّلُ بِشِعْرِ ابْنِ رَوَاحَةَ، وَيَتَمَثَّلُ بِقَوْلِهِ [من أشعار طرفة بن العبد - البحر الطويل] وَيَأْتِيكَ بِالأَخْبَارِ مَنْ لَمْ تُزَوِّدِ

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي، ان کان پڇيو ويو تہ، ڇا نبي ڪريم ﷺ جن شعر پڙهندا هئا؟ بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها چيو تہ، هائو پاڻ سڳورا ﷺ ڪڏهن عبدالله بن رواحه رضي الله عنه جا شعر پڙهندا هئا ۽ ڪڏهن (طرفہ بن عبد جو) هي مصرعو پڙهندا هئا. (ترجمو: مطلب تہ تو وٽ اهڙو شخص خبرون آڻيندو آهي جنهن کي تو ڪو عيوض ڪونہ ڏنو هو)

مفردات جو شرح: "قَالَتْ" چيائين مراد حضرت سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها آهي. "قِيلَ لَهَا" ان کي عرض ڪيو ويو. ظاهر جي تقاضا آهي تہ "لَهَا" جي جاءِ تي "لِي" هجي ها. مون کي چيو ويو. "لَهَا" ۾ ظاهر جي مخالفت آهي. "يَتَمَثَّلُ" شاهدي طور پيش ڪري يا چوي. بعض شارحن جو چوڻ تہ "چنبڙي ۽ شعر مان ڪنهن شيءِ سان تعلق رکي. ان چوڻ کي علامہ بيجوري رحمه الله رد ڪندي لکيو آهي تہ اهو مقصود

جي خلاف بلڪ اها معنيٰ مردود آهي. اها لغوي معنيٰ جي بہ مخالف آهي. "القاموس" لغت جي ڪتاب ۾ آهي " تَمثل" جي معنيٰ انشد بيتا و تمثل بہ. بيت پڙهي ان سان مثال ڏنائين ۽ علامہ مناوي جي قول "تمثل" جي معنيٰ بيت ناهيائين وري ناهيائين" مان وهم تو پيدا ٿئي تہ "تمثل" تڏهن سڏيو ويندو جڏهن تي پيرا بيت ناهيو وڃي. پر ائين آهي ڪونہ. القاموس ۾ آيل "بيتا" قيد ناهي. ان جو دليل سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جو قول آهي جنهن ۾ هڪ بيت پڙهڻ کي تمثل سڏيو ويو آهي ۽ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها عرب ۾ وڏي فصاحت واري هئي. " ابن رواحة": هن جو نالو عبدالله هو. هجرت جي پهرئين سال ۾ مسلمان ٿيو هو. انصاري، خزرجي هو. فتح مڪ کان سواءِ باقي بين سيني جنگين ۾ حاضر ٿيو هو. فتح مڪ کان پهريان جنگِ موتہ ۾ امير جي حالت ۾ وفات ڪئي هيائين. اسلام جي مثان ڪيل اعتراضن جا ائين جواب ڏيندو هو جيئن حضرت ڪعب بن مالڪ ۽ حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنهم شعرن ۾ جواب ڏيندا هئا. "يَتَمَثَّلُ بِقَوْلِهِ" ان جي قول سان هن شاعر مان مراد طرفة بن العبد آهي هن جو نالو "عمرو" هو پوءِ "قوله" وارو ضمير مٿي ذڪر نہ ڪيل ڏانهن وري ٿو. ۽ غير مذڪور ڏانهن ضمير ان جي مشهوريءَ تي اعتماد ڪندي آندو ويو آهي. "مَنْ لَمْ تُزَوِّدِ" "تُزَوِّدِ" تزويد کان ورتل آهي ان جي معنيٰ مسافر کي ثمر ڏيڻ, سامان ڏيڻ ۽ بيت جو شروعات وارو حصو هيئن آهي. "سَتُبْدِىْ لَكَ الْاَيَّامُ مَا كُنْتَ جَاهِلاً" جلد تنهنجي لاءِ ڏينهن اهو ڪجھ ظاهر ڪندا جيڪو تون نہ ڄاڻندو هئين. يعني جيڪا ڳالھ توکان لڪل هئي اها زماني وارا توکي ٻڌائيندا."

(المواهب ص 405)

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي هن فرمان مان واضح ٿيو تہ محبوب ڪريم ﷺ جن شاعر نہ هئا پر مثال طور شعر کي پڙهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن بين جا شعر بہ پڙهندا هئا. جيئن هي شعر جو حصو پڙهندا هئا.

"وَيَاتِيْكَ بِالْاَخْبَارِ مَنْ لَمْ تُزَوِّدِ"

۽ تو وٽ اهو خبرون آڻيندو جنهن کي تو ڪجھ بہ ثمر نہ ڏنو آهي يعني واقعات جي تحقيقات لاءِ ڪنهن جاءِ جي حالات معلوم ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن کي پگهار يا خرچ ڏيڻو پوندو آهي پر ڪڏهن ڪو ماڻهو گهر ويٺي پاڻهي اچي سڀ حال احوال ٻڌائيندو آهي. ان جي لاءِ ڪنهن قسم جو ڪو خرچ ڪرڻو نہ پوندو آهي. بعض علماء فرمايو تہ هي رسول الله ﷺ جن پنهنجو مثال ڏنو جو ڪنهن اجرت ۽ معاوضي وٺڻ کان سواءِ ٿي گهر ويٺي آخرت, جنت ۽ دوزخ جون خبرون, اڳين نبين جون حالتون ۽ آئنده اچڻ وارا واقعات ٻڌايائون. پوءِ بہ هي ڪافر قدر نہ ٿا ڪن. هتي ٻن شاعرن جو ذڪر آهي. (1) حضرت عبدالله بن رواحه جنهن جو احوال لکي آيا آهيون. (2) طرفہ : هي عرب جو مشهور شاعر آهي. ادب جي مشهور ڪتاب " سبعہ معلقات" ۾ ٻيو "معلقہ" ان جو آهي. ان اسلام جي دور کان اول دنيا ڇڏي هئي. (خصائل نبوي ص 182, 183) ۽ ابو الليث سمرقندي پنهنجي ڪتاب " البستان" ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ان کان پڇيو ويو تہ ڇا رسول الله ﷺ جن ڪو شعر مثال طور پيش ڪندا هئا؟ تہ ان فرمايو "رسول الله ﷺ جن کي شعر ناپسند هو پر پاڻ هڪ ڀيري قيس قبيلي جي شاعر طرفہ جي شعر کي اڳتي پوئتي ڪري پڙهيو هيائون ان جي هن شعر

سَتُبْدِي لَكَ الْاَيَّامُ مَا كُنْتَ جَاهِلاً
وَيَاتِيْكَ بِالْاَخْبَارِ مَــــن لَّمْ تُزَوِّدِ

۾ "وَيَاتِيْكَ مَنْ لَّمْ تُزَوِّدِ بِالْاَخْبَارِ" ڪري پڙهيائون اهو ٻڌي ڪين حضرت ابوبڪر صديق ﷺ عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! هيئن ناهي. پاڻ فرمايائون تہ "مان شاعر ناهيان. ابن ڪثير پنهنجي تفسير ۾ بہ هيئن آندو آهي. پوءِ جڻ تہ پاڻ ان جي معنيٰ سان مثال ڏنائون ۽ ان جا الفاظ بہ آندائون. پر جن جو اڳي ذڪر ڪرڻ حق هو اهي اڳي آندائون. مگر شاعر نظم جي تنگ هجڻ جي ڪري الفاظ اڳتي پوئتي ڪيا. پر جڏهن ڪين حضرت ابوبڪر صديق ﷺ عرض ڪيو تہ ان ڪي فرمايائون " مان شاعر ناهيان" اي نہ حقيقي طور ۽ نہ قصدًا. جنهن جي مراد ان مان فائدو ورتل معنيٰ هئي. ۽ اها عام آهي وزن تي هجي يا ان ڪان سواءِ هجي. (جمع الوسائل ج 2 ص 34)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} **النسائي في عمل اليوم و الليلة باب ما يقول اذا استراث الخبر رقم الحديث** 997 ص 549 {2} **احمد في المسند ج** 6 ص 138، 156 {3} **البغوي في الشمائل رقم الحديث** 349 ج 1 ص 276 {4} **البخاري في الادب المفرد حديث رقم** 794 ص 268.

{242} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ الثَّوْرِيُّ ، عَنْ عَبْدِ الْمَلِكِ بْنِ عُمَيْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو سَلَمَةَ ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ أَصْدَقَ كَلِمَةٍ قَالَهَا الشَّاعِرُ كَلِمَةُ لَبِيدٍ: [من أشعار لبيد بن ربيعة العامري - البحر الطويل] أَلَا كُلُّ شَيْءٍ مَا خَلَا اللهِ بَاطِلٌ ، وَكَادَ أُمَيَّةُ بْنُ أَبِي الصَّلْتِ أَنْ يُسْلِمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: بيشڪ سچي ڳالھ جيڪا ڪنهن شاعر چئي آهي، اهو لبيد بن ربيعه جو هي شعر آهي:

(ترجمو: خبردار! الله ﷻ ڪان سواءِ هر شيءِ باطل يا فاني آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ هي بہ فرمايو تہ: (شاعر) اميہ بن ابو الصلت مسلمان ٿيڻ تي هو.)

مفردات جو شرح: "أَصْدَقَ" وڌيڪ سچو. "كَلِمَةٍ" هتي ڪلمة مان مراد ڪلام جو ٽڪرو حصو آهي. "لَبِيد" هي ربيعة العامري جو پٽ هو. جنهن سال سندس قوم جو وفد سيدنا رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هو تہ هي بہ انهن سان گڏ آيو هو. جاهليت ۽ اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ واري دور ۾ شريف هو. ڪوفي ۾ رهيو هو عرب جي مشهور فصيح شاعرن مان هو. ۽ مسلمان ٿيڻ ڪان پوءِ شعر چوڻ بند ڪري ڇڏيو هيائين ۽ فرمايائين تہ " مون لاءِ قرآن ڪافي آهي " ۽ گويا ان الله ﷻ جي ڪلام ٻڌڻ ، ان جي معجزه هجڻ جي ظاهري ٿيڻ ڪان پوءِ شعر چوڻ ڪان حياءَ ڪيو. ۽ الله ﷻ جو فرمان سچو آهي. "اَوَلَمْ يَكْفِهِمْ اَنَّا اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ يُتْلٰى عَلَيْهِمْ" (ڇا انهن جي لاءِ ڪافي ناهي جو اسان انهن تي ڪتاب لاٿو جيڪو انهن تي پڙهيو وڃي ٿو) يا علم جي بحر جي موجن ۾ اهڙو لهي ويو جو ان جي لاءِ ان ڪان سواءِ ڪو شغل نہ رهيو جيئن رسول الله ﷺ جي سوٽ حضرت ابن عباس ﷺ جو قول آهي.

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْاٰنِ لٰكِنْ تَقَاصَرَ عَنْهُ اَفْهَامُ الرِّجَالِ

(سمورا علم قرآن ڪريم ۾ آهن پر ان ڪان ماڻهن جو سمجهون قاصر آهن)

سمجهاڻي: هن روايت ۾ لبيد بن ربيعہ ﷛ جي شعر

اَلَا كُلُّ شَيءٍ مَا خَلَا اللهَ بَاطِلٌ
وَكُلُّ نَعِيْمٍ لَا مَحَالَةَ زَائِلٌ

(خبردار الله کان سواءِ هر شيءِ باطل آهي ۽ هر نعمت ضرور وڃڻ واري آهي)

جي هن شعر کي پڙهڻ جو ذکر آهي ۽ ان کي وڏيک سچو ڪلمہ ان جي ڪري فرمايائون جو هن ۾ الله ﷻ جي ڪلام جي صحيح تصديق آهي. الله ﷻ جو ارشاد آهي: " كُلُّ شَيءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ" (ان جي ذات کان سواءِ هر شيءِ فاني آهي) ٻي آيت ۾ آهي. "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُوالْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾" (جيڪو ڪجهہ ان (زمين) تي آهي فنا ٿيندڙ آهي ۽ بقا واري ذات تنهنجي رب جلال ۽ اڪرام جي مالڪ جي آهي) علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ " اَلَا" تنبيه جو حرف آهي ۽ " باطل" مان مراد فاني، اجائي آهي ۽ " اَصْدَقُ كَلِمَةٍ" ان جي ڪري آهي جو اهو توحيد جي مسئلي جو مکڻ ۽ اهل تفريد جو عمده ڪلمہ آهي. جيئن عارفن مان ڪنهن جو قول آهي . " لَيْسَ فِي الدَّارِ غَيْرَهٗ دَيَّارٌ" (گهر ۾ (قلب ۾) ان کان سواءِ ڪير بہ ٽڪندڙ ناهي) ٻئي جو ٻول آهي. سِوَى اللهِ وَاللهِ مَا فِي الْوُجُوْدِ (الله جو قسم آهي تہ الله کان سواءِ وجود ۾ ڪير بہ ناهي) مذڪور شعر کان پوءِ سرڪارِ مدينہ ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "امية بن ابي الصلت، مسلمان ٿيڻ کي ويجهو هو) "امية" تصغير سان "الصلت" (صاد جي زبر، لام جي سڪون سان) هي شاعر جاهليت جي دور ۾ (اسلام کان اڳي) بہ عبادت ڪندو هو ۽ قيامت جي لاءِ قبرن مان اٿڻ تي بہ ايمان رکندو هو. اسلام جي دور کي پهتو هو پر اسلام آڻڻ جي توفيق نصيب نہ ٿي هيس. ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "اسلام آڻڻ کي ويجهو هو." جو پنهنجن شعرن ۾ حڪمت بديعہ بيان ڪندو هو. ان جي ڪري مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن ان جي شعر کي شاهد طور ذڪر فرمايو هو. جن ڏينهن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن طائف کي گهيري ۾ آندو هو انهن ڏينهن ۾ هي ڪفر جي حالت ۾ مري ويو هو. زندگيءَ دوران جنگ بدر ۾ قتل ٿيلن جا مرثيا ناهيا هيائين. (المواهب ص 407)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب مناقب الانصار باب 26 ايام الجاهلية رقم الحديث 3841 ج 6 ص 149 {2} مسلم في كتاب الشعر في ترجمته رقم الحديث 2256 حديث الكتاب 3، 4 ج 4 ص 1768 {3} ابن ماجه في كتاب الادب باب 41 الشعر رقم الحديث 3757 {4} احمد في المسند ج 2 ص 248 {5} ابويعلي في مسنده رقم الحديث 6015 ج 10 ص 409 {6} ابن حبان في صحيحہ رقم الحديث 5753 ج 7 ص 515 {7} البيهقي في سننه ج 10 ص 237 {8} البغوي في شرح السنه رقم الحديث 3399 ج 12 ص 369.

{243} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنِ الْأَسْوَدِ بْنِ قَيْسٍ، عَنْ جُنْدُبِ بْنِ سُفْيَانَ الْبَجَلِيِّ قَالَ: أَصَابَ حَجَرٌ إِصْبَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَدَمِيَتْ، فَقَالَ: هَلْ أَنْتِ إِلَّا أُصْبَعٌ دَمِيتِ، وَفِي سَبِيلِ اللهِ مَا لَقِيتِ "

بامحاوره ترجمو: حضرت جندب بن سفيان البجلي ﷛ کان روايت آهي تہ (جنگ احد جي ڏينهن)

هڪ ڀيرو رسول الله ﷺ جي آڱر کي لڳو تہ ان مان رت وهڻ لڳو ان تي پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو:
(ترجمو: تون اها آڱر آهين جو رت ۾ ٻريل آهين ۽ توکي اها تڪليف الله ﷻ جي راهہ ۾ پهتي آهي.
مفردات جو شرح: "أَصَابَ" پهتو لڳو. "اِصْبَعٌ" آڱر. "فَدُمِيْتَ" پوءِ ان مان رت وهي هليو. رت واري ٿي.
سمجهاڻي: هي واقعو اُحُدَ جي جنگ ۾ پيش آيو هو. جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن کي آڱر مبارڪ ۾ پٿر لڳو ۽ اها رت سان ڀرجي وئي تہ پاڻ ابي الدنيا جي قول مطابق ابن رواحہ جو هي شعر پڙهيو هيائون.

هَلْ أَنْتِ إِلَّا اِصْبَعٌ دُمِيتِ
وَفِي سَبِيلِ اللهِ مَا لَقِيتِ

(تون تہ هڪ آڱر آهين جيڪا رت سان ڀرجي وئي آهين. ۽ جيڪا تڪليف توکي پهتي آهي اها الله ﷻ جي واٽ ۾ آهي) اها سرفرازي ۽ بلنديءَ جو سبب آهي ان جو بدلو ڀلو آهي. (انوارِ غوثيہ ص 322)

علامہ البيجوري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ: اهو پٿر سندن پير مبارڪ جي آڱر کي لڳو هو. هڪ قول آهي تہ هجرت کان اڳي لڳو هو اڳتي لکيو اٿس تہ ابن رواحه رضي الله عنه جو آڱر سان خطاب ڪرڻ وارو شعر حضور ڪريم ﷺ جن پڙهي پنهنجي آڱر سان خطاب ان کي عاقل جي جاءِ تي بيهاري ڪيو آهي يا ممڪن آهي تہ الله ﷻ ان ۾ ادراڪ پيدا ڪيو هجي تڏهن ان سان خطاب ڪيو ويو ۽ اهو حضور ڪريم ﷺ جو معجزو هو ۽ ان مان مقصود تسلي ۽ آسان سمجهڻ هو. پوءِ گويا پاڻ ان کي فرمائي رهيا هئا تہ " ثابت قدم رهہ ۽ پاڻ کي مطمئن رک تون هڪ آڱر آهين جيڪا توکي تڪليف پهتي آهي اها تنهنجي لاءِ هلاڪت ناهي ڇوتہ جيڪو توکي پهتو آهي الله ﷻ جي واٽ ۾ آهي. ٿوري تڪليف آهي جنهن جو اجر ۽ بدلو وڏو آهي. (المواهب ص 409) ۽ علامہ علي القاري رحمة الله عليه لکيو آهي تہ بخاري جي روايت ۾ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن بعض جنگين ۾ هئا ۽ صحيح مسلم ۾ آهي تہ " غار ۾ هئا. ڪرماني جو قول آهي تہ " اُحد جي جنگ ۾ هئا. ۽ صحيح مسلم جيڪو غار جو لفظ آندو آهي ان مان مراد لشڪر آهي . لشڪر کي بہ غار سڏيو ويندو آهي. حضرت علي رضي الله عنه ٻن لشڪرن کي بہ غار سڏيو آهي ڇوتہ هر امير جو لشڪر ان جي لاءِ غار وانگر پناهہ جي جاءِ آهي. تحقيق اهو آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن اُحد جي غار ۾ هئا يا ڪنهن ٻئي جاءِ ۾ دشمنن کان حفاظت جي لاءِ هئا ۽ ان کان بہ ڪو مانع ناهي تہ اهو واقعو متعدد ڀيرا ٿيو آهي. ۽ ان ۾ شڪ ناهي تہ روايتن ۾ طعن ڪرڻ کان هي قول وڌيڪ احسن آهي. ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ گويا جڏهن سندن آڱر مبارڪ ۾ سور ٿيو تہ ان کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ " تون ڪنهن اهڙي وڏي تڪليف ۾ ڦاٿي ناهين ٿوري گهڻي تڪليف تي مايوس نہ ٿي تو لاءِ ان جو اجر وڏو ۽ ثواب گهڻو آهي ڇوتہ اها سڀ ڪجهہ الله ﷻ جي واٽ ۾ آهي ان تي خوش ٿي. ۽ علماء جو قول آهي تہ هن پڙهڻ ۾ سندن نيت ۽ قصد شعر جوڙ هو ان جي ڪري ان کي سندن شعر نہ چيو ويندو ۽ اهو " وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ " (سورة يس آيت 69) جي خلاف ناهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 36)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الجهاد باب 9 من ينكب في سبيل الله رقم الحديث 2802 ج 6 ص 19 {2} مسلم في كتاب الجهاد والسير باب 39 ما لقي النبي ﷺ من اذي المشركين والمنافقين رقم الحديث 1796 حديث الكتاب 112 ج 3 ص 1421 {3} النسائي في

عمل اليوم الليلة رقم الحديث 559 ص 376 {4} احمد في المسند ج 4 ص 312 {5} البيهقي في سننه ج 7 ص 43، 44 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6543 ج 8 ص 191.

{244} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنِ الْأَسْوَدِ بْنِ قَيْسٍ، عَنْ جُنْدُبِ بْنِ عَبْدِ اللهِ الْبَجَلِيِّ، نَحْوَهُ

معنيٰ مراد بہ ساڳي آهي ۽ هيءَ حديث متي مذڪور ساڳين محدثن آندي آهي.

{245} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ الثَّوْرِيُّ قَالَ: أَنْبَأَنَا أَبُو إِسْحَاقَ، عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ عَازِبٍ قَالَ: قَالَ لَهُ رَجُلٌ: أَفَرَرْتُمْ عَنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا أَبَا عُمَارَةَ؟ فَقَالَ: لَا وَاللهِ مَا وَلَّى رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَلَكِنْ وَلَّى سَرَعَانُ النَّاسِ تَلَقَّتْهُمْ هَوَازِنُ بِالنَّبْلِ وَرَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى بَغْلَتِهِ، وَأَبُو سُفْيَانَ بْنُ الْحَارِثِ بْنِ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ آخِذٌ بِلِجَامِهَا، وَرَسُولُ اللهِ يَقُولُ: أَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ، أَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ.

بامحاوره ترجمو: حضرت براء بن عازب ﷛ کان روايت آهي تہ مون کان هڪ شخص پڇيو: اي ابا عماره! ڇا توهان (حنين جي لڙائي ۾) رسول الله ﷺ کي ڇڏي ڀڄي ويا هئا؟ تنهن تي چيائين تہ نہ. خدا جو قسم! رسول الله ﷺ جن نہ هٽيا هئا. پر ڪي تکڙا ماڻهو جن تي هوازن قبيلي وارن تير هنيا(اهي ڀڄي ويا هئا) ان وقت رسول الله ﷺ جن خچر تي سوار هئا ۽ ابو سفيان بن حارث بن عبدالمطلب خچر جي لغام کان ورتو هو ۽ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمائي رهيا هئا:

(ترجمو: بيشڪ آءٌ نبي آهيان. ان ۾ ڪو شڪ شبهو نہ آهي ۽ آءٌ عبدالمطلب جو پٽ (يعني پوٽو) آهيان.)

مفردات جو شرح: " أَفَرَرْتُمْ " ڇا اوهان ڀڄي ويا هئا. "مَا وَلَّى" نہ پٺي ڏنائين ، نہ منهن ڦيرايائين. "سَرَعَانُ" تکڙا، تکڙ ڪندڙ. " تَلَقَّتْهُمْ "انهن جي سامهون آيا. " نَبل" تير. "بَغْلَتِهِ " خچر.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آهي تہ حضرت براء بن عازب ﷛ کان سوال ڪيو ويو تہ ڇا اوهان رسول الله ﷺ کي ڇڏي ڀڄي ويا هئا؟ تہ ان جواب ۾ فرمايو نہ. الله ﷻ جو قسم آهي تہ رسول الله ﷺ جن جنگ جي ميدان کان منهن نہ ڦيرايو هو. پر تکڙ ڪندڙ ماڻهن تي جڏهن هوازن قبيلي وارن تير وسايا هئا تہ اهي منهن ڦيرائي هيڏي هوڏي ٿيا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي خچر تي سوار هئا. سندن خچر جي واڳ سندن چاچي حارث بن عبدالمطلب جي پٽ ابو سفيان جي هٿ ۾ هئي. رسول الله ﷺ جن هي الفاظ ارشاد فرمائي رهيا هئا.

أَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ، أَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ

(مان نبي آهيان (اهو) ڪوڙ ناهي. مان عبدالمطلب جو پٽ (پوٽو) آهيان)

هتي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ کي پنهنجي پيءُ جي بجاءِ پنهنجي ڏاڏي عبدالمطلب ڏانهن نسبت ڪئي آهي ان جا هي سبب آهن (1) تہ ان قريشي ڪافرن کي ٻڌايو هو تہ حضور ڪريم ﷺ جن انهن تي غالب ٿيندا ۽ هي وقت گويا ان جي تصديق جو هو. (2) تہ جڏهن تہ سندن والد جي

وفات سندن حمل جي صورت ۾ هجڻ دوران ٿي هئي ان جي ڪري پاڻ ابن عبدالمطلب جي نسبت سان مشهور هئا. (3) ته عبدالمطلب مشهور سردار هو ان شهرت جي ڪري ان جو ذڪر ڪيو هيائون. (4) ته حافظ ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي ته ڪافرن ۾ هيءَ ڳالهه مشهور هئي ته عبدالمطلب جي اولاد مان هڪ شخص پيدا ٿيندو جنهن سان ماڻهن کي هدايت ٿيندي اهو خاتم النبيين هوندو. ان جي ڪري نبي ڪريم ﷺ جن ان نسبت سان ماڻهن کي اها مشهور شيءِ ياد ڏياري.

اصل واقعو: مذڪور ڳالهه سن 8 هجري ۾ حُنين واري جنگ ۾ ٿي هئي. ان جو مختصر بيان هن طرح آهي ته ڪيترا عرب قبيلا ان ڳالهه جا منتظر هئا ته جيڪڏهن حضور نبي ڪريم ﷺ جن مڪه فتح ڪري ان تي قبضو ڪيو ته سمجهو ته هاڻي پاڻ غالب رهندا ۽ بغير ڪنهن چون چرا جي ڪين مڃي سندن اطاعت ڪنداسون ۽ جيڪڏهن مڪه مڪرمه فتح نه ٿيو ته سمجهبو ته هي غالب نه ٿيندا. نيٺ جڏهن مڪه مڪرمه فتح ٿيو ته هوازن قبيلي وارا ۽ ڪجهه ٻيا پاڻ ۾ مليا. جُلي لڙائي جي ارادي سان حُنين نالي جاءِ تي گڏ ٿيا جيڪا مڪه مڪرمه کان طائف ۽ عرفات ڏانهن وڃڻ واري رستي تي تقريبًا ڏهن ميلن جي فاصلي تي هئي. ڪجهه تجربيڪار، پوڙهن ۽ وڏي عمر وارن انهن کي روڪيو پر انهن مان ڪجهه نوجوان، جوشيلن انهن کي نه مڃيو ۽ اهو چئي ته مسلمانن کي اڃان تائين تجربيڪار لڙندڙن سان واسطو نه پيو آهي ان جي ڪري غالب ٿيندا رهن ٿا. مبادا اسان تي به حملو ڪن ان جي ڪري پاڻ کي ٿي انهن سان جنگ جي ابتداء ڪرڻ گهرجي پوءِ انهن جو ويهن هزارن کان وڌيڪ لشڪر گڏ ٿي ويو. اها خبر جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن کي پئي ته ڏهن، ٻارهن هزارن جو لشڪر جنهن ۾ مهاجر، انصار ۽ مڪه مڪرمه جي فتح ٿيڻ کان پوءِ نوان مسلمان ٿيندڙ به شريڪ هئا ۽ ڪجهه ڪافر به گڏجي پيا هئا. هڪڙا غنيمت جي مال جي لالچ ۾ ٻيا جنگ جو منظر ڏسڻ جي لاءِ. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان لشڪر سان گڏ 9 شوال سن 8 هجري تي حُنين جي طرف روانا ٿيا. پر حُنين تائين پهچڻ جي لاءِ مسلمانن کي هڪ سوڙهي لڪ کان لنگهڻو ٿي پيو. جتي دشمنن پنهنجي لشڪر کي جبلن ۾ لڪائي ويهاري ڇڏيو هو. جيئن مسلمان اتاهين لنگهڻ وارا ٿيا ته انهن مٿان تيرن جا مينهن وسائي ڇڏيا ان بي خبري ۾ اوچتو ڪيل حملي کان مسلمان گهبرائي، پريشان ٿي هيڏي هوڏي پکڙجي ويا ۽ بخاريءَ جي روايت ۾ آهي ته ابتدا ۾ ڪافرن کي شڪست ملي هئي پر اهي جڏهن پوئتي پڳا ته هي غنيمت جي مال گڏ ڪرڻ ۾ مصروف ٿيا ته پوءِ اوچتو سندن مٿان جبلن ۾ لڪل ڪافرن چئني طرفن کان تير وسائي حملو ڪيو ۽ هي مجمع نهايت پريشاني جي حالت ۾ هيڏي هوڏي منتشر ٿيو. ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان ڪجهه وڏا صحابي وڃي گڏ رهيا حضرت ابوبڪر، حضرت عمر فاروق، حضرت علي، حضرت عباس وغيره وغيره ان پريشانيءَ جي حالت ۾ جن ماڻهن ظاهري طور اسلام قبول ڪيو هو انهن موتي مڪه مڪرمه ۾ رهيلن کي وڃي ٻڌايو ته مسلمان مغلوب ٿي ويا. اهو منظر ڏسي حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي سواري تان لهي، پيادل هلي. "أَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ، أَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ" چوندي دشمنن جي لشڪر ڏانهن وڌيا. اها ڪيفيت ڏسي حضرت عباس رضي الله عنه مهاجرين، انصارن وڻ هيٺان بيعت ڪندڙن کي جدا جدا سڏ ڪري فرمايو ته ڪيڏي تا وڃو هيڏي اچو. اهو آواز ٻڌڻ سان ئي پريشان حال، متفڪر لبيڪ چوندي اهڙو محبت جي جوش سان موٽيا جيئن ڏاچي

پنهنجي ڦر (گورڙي) ڏانهن موٽندي آهي. مسلمانن جو موٽڻ ٿيو تہ گهاٽي جنگ شروع ٿي وئي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن زمين تان ڪجهہ مٽي ۽ پٿريون کڻي "شَاهَتِ الْوُجُوهُ" فرمائيندي ڪافرن ڏانهن اڇلائي. ڪجهہ وقت جنگ جو اهو منظر رهيو ان کان پوءِ جنگ جو منهن اهڙو ڦريو جو جنهن ميدان ۾ مسلمان پريشان ۽ حيران هئا اتي بدحواس ڪافر ڀڄندي نظر آيا ۽ پنهنجو مال، متاع، اهل، عيال مسلمانن جي لاءِ غنيمت جو مال بنائي اهڙا ڀڳا جو پوئتي مُڙي نهاريائون بہ ڪونہ. هي مختصر قصو لکيو ويو آهي. وڌيڪ جيڪڏهن ڪو ڏسڻ گهري تہ وڏين تاريخن ۾ ڏسي سگهي ٿو.

ضروري گذارش: هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ واقعي جي متعلق صرف هڪ يا ٻہ روايت ڏسڻ سان ڪو اعتراض ڪرڻ اها علم جي ڪوتاهي آهي. ڪنهن هڪ يا ٻہ حديثن ۾ اڪثر ڪري واقعي جو پورو تفصيل اچي نہ سگهندو آهي نہ مقصود هوندو آهي. هر واقعي جي لاءِ اگر ڪا راءِ قائم ڪرڻي آهي تہ جيستائين ان واقعي جا پورا حالات سامهون نہ هوندا تہ راءِ ڏيڻ بي محل ۽ اجائي آهي. ان حُنين جي جنگ جي متعلق ڪنهن مختصر تاريخ کي ڏسي يا هڪ ٻن حديثن جو ترجمو ڏسي اهو خيال ڪرڻ تہ حضرات صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي سڄي جماعت يا هي ڏهن هزارن جو سمورو لشڪر ڀڄي ويو هو ۽ هڪ ٻن صحابن کان سواءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان ڪير بہ گڏ نہ هو حقيقي واقعي جي خلاف هجڻ سان گڏ عقل کان بہ پري آهي. ڪافرن جو لشڪر جيڪو ويهن هزارن کان بہ وڌيڪ هو انهن جي لاءِ ڪهڙو مشڪل هو جو انهن ٻن ٽن فردن کي گهيري ۾ آڻي ڇڏين ها. جڏهن تہ سڀ ڪجهہ ڇڏي ڀڄي ويا هئا بلڪ هڪ روايت ۾ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن اڪيلا هئا ڪير بہ ساڻن گڏ نہ هو. ۽ وڌيڪ عجب تہ انهن ماڻهن جو آهي جيڪي جنگي حالات کان باخبر هوندا آهن لشڪرن جي ترتيب ۽ حملي جي حالات تي بصيرت رکندا آهن اهي ڪنهن هڪ اهڙي روايت کان متاثر ٿين. لشڪر جي عام ترتيب جي مناسب حضور ڪريم ﷺ جن لشڪر کي بہ پنجن حصن تي ترتيب ڏنو هو. (1) مقدمة الجيش. لشڪر جو اڳيون حصو (2) ميمنہ سڄي پاسي وارو پاسو. (3) ميسره. کٻي پاسي وارو حصو. (4) قلب. وچ وارو حصو. جنهن ۾ لشڪر جي امير جي حيثيت سان نبي ڪريم ﷺ جن جلوه افروز هئا. (5) آخري حصو. ان کان هر جماعت جو مستقل حصو بہ هو جنهن جو هڪ امير مستقل جهنڊو ڪنيو ٿي هليو. ان جي جماعت ان سان گڏ هئي. مهاجرن جو جهنڊو حضرت عمر ﷺ جي هٿ ۾ هو ۽ حضرت علي ﷺ حضرت سعد بن ابي وقاص. حضرت اُسيد بن حُضير، حضرت خباب بن منذر وغيره وغيره حضرات هڪ هڪ جماعت جا امير بڻيل پنهنجي. پنهنجي جاءِ تي مقرر ٿيل هئا. مقدمة الجيش (لشڪرن جي اڳئين حصي) ۾ قبيلي بني سليم جي جماعت هئي جنهن جو جهنڊو حضرت خالد بن وليد جي هٿ ۾ هو. هيءَ جماعت لشڪر جو اڳيون حصو هو ان جماعت سان اهو واقعو پيش آيو هو. جو جڏهن هي جبلن جي لڪ مان نڪتا تہ دشمنن ڦهريان پوبان پير ڪيا جنهن جي ڪري انهن کي اڳتي وڌڻ ۽ پاڻ کي غالب سمجهي غنيمت جي مال ڏانهن متوجهہ رهڻ جو خيال پيدا ٿيو ۽ پوءِ انهن جي مٿان لڪل دشمنن چئن ئي طرفن کان تيرن جا مينهن وسائڻ شروع ڪيا. اهڙي حالت ۾ هنن جو منتشر ٿيڻ. پوئتي هٽڻ فطري ڪم هو ۽ انهن جي ان حالت کي ڏسي بيا بہ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا هئا پر ائين نہ هو

تہ سڀ حضور ڪريم ﷺ جن کي ڇڏي ويا هئا. اها ڳالهہ ڪرڻ بي سمجهائي ۽ بي وقوفي آهي. جيئن عبدالرحمان هڪ شخص جو بيان نقل ڪيو آهي جيڪو ان وقت ڪافر هو تہ اسان جڏهن مسلمانن تي حُنين ۾ حملو ڪيو ۽ انهن کي پوئتي هٽائڻ شروع ڪيوسين، تہ اهي اسان جي حملي جو تاب نہ رکندي پوئتي هٽڻ شروع ٿيا ۽ اسين انهن جي پويان اڳتي وڌڻ لڳاسين تہ هڪ شخص پهتو جيڪو سفيد خچر تي سوار نهايت حسين منهن وارو هو. ان اسان کي ڏسي "شاهتِ الوجوه" چيو اهو ان جو چوڻ ٿيڻديئي اسان مغلوب ٿيڻ شروع ٿياسين ۽ اها جماعت اسان تي غالب ٿي وئي. ان بناء تي حضرت براء بن عازب رضي الله عنه شمائل جي روايت ۾ (جيڪا مٿي لکي آيا آهيون) فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن منهن نہ ڦيرايو بلڪ ڪجهہ تکڙ ڪندڙن جيڪي دشمن جي تيرن کي برداشت ڪري نہ سگهيا منتشر ٿي ويا ان سان گڏ هي قصو بہ پيش آيو جو حضور ڪريم ﷺ جن جنهن رستي سان اڳتي وڌي رهيا هئا ان کي ڇڏي سڄي طرف کان وڌڻ شروع ڪيائون. غور ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ ان انتشار حي حالت ۾ جبلن جي وچ ۾ لشڪر جي اڪثر حصي کي ڪيئن معلوم ٿي سگهيو ٿي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان وقت کهڙي طرف ڏانهن وڌڻ کي اختيار فرمايو. اهڙي حالت ۾ حضور ڪريم ﷺ جي ويجهو هڪ سؤ ماڻهن جو هجڻ جيئن هڪ روايت ۾ وارد آهي ۽ هڪ موقعي تي اسي ڄڻن جو هجڻ جيئن ٻي روايت ۾ وارد آهي تانجو جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن خچر کي تيزيءَ سان اڳتي وڌايو تہ سندن اڳيان ماڻهو هٽندا ويا تانجو ٻارهن وڃي بچيا ۽ ان کان پوءِ صرف اهي چار وڃي رهيا جيڪي خچر جي واڳ ۽ رڪاب کي جهليو پي هليا تانجو جڏهن خچر بہ حضور ڪريم ﷺ جي منشا مطابق هلي نہ سگهيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن ان تان لهي اڪيلي سر پٿرن جي مُٺ ڀري انهن ڏانهن وڌي ويا اهو وقت آهي جنهن کي بخاري شريف جي روايت ۾ ان سان تعبير ڪيو ويو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ اڪيلا رهجي ويا هئا ڪير بہ ساڻن گڏ نہ رهيو هو ان سان گڏ هڪ مختصر مضمون پنهنجي ذهن ۾ اهو رکڻ تہ هن جنگ ۾ اهي اصحاب سڳورا ڀڄي ويا پوري واقعي تي نظر نہ رکڻ جي ڪري آهي. جڏهن تہ سڄي لشڪر ۾ انتشار هو ۽ يقينًا ماڻهو منتشر ٿي ويا هئا هڪڙن کي ٻين جي خبر ئي نہ هئي تہ ڪٿي آهن ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن حضرت عباس رضي الله عنه کان جيڪو بلند آواز وارو هو ماڻهن کي سڏ ڪرايو جنهن جي ٻڌڻ سان اهي سڀ حضور ڪريم ﷺ وٽ گڏ ٿي ويا هئا ۽ ٻئي حملي ۾ ميدان مسلمانن جي هٿ ۾ هو. بهرحال ان مضمون ۾ تہ پاڻ سڳورن ﷺ سان ان مهل ڪيترا گڏ هئا مختلف روايتون آهن ۽ هر روايت پنهنجي موقعي سان وابستہ آهي تانجو صحيح بخاري شريف جي روايت تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن اڪيلا رهجي ويا هئا ڪير بہ ساڻن گڏ نہ هو پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي تہ جڏهن پاڻ پنهنجي خچر تان لهي اڳتي وڌي انهن ڏانهن پٿريون اڇلائي رهيا هئا تہ ان وقت سڀ پوئتي رهجي ويا هئا ۽ پاڻ اڪيلا اڳتي وڌي رهيا هئا پر ڪنهن بہ روايت ۾ بہ هي ناهي تہ جيڪي ڪجهہ ان وقت سندن قريب هئا ان کان سواءِ باقي سڀ ڀڄي ويا هئا. (خصائل نبوي ص 185، 190) علامہ البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ: حُنين واري جنگ مشهور آهي پاڻ ڪريمن ﷺ جو اهو معجزو هو جو سندن هٿ مبارڪ مان اڇلايل پٿريون ۽ مٽي سيني جي منهن ۽ اکين ۾ پئي پوءِ سڀ ڀڄي ويا. "شاهتِ الوجوه" جي معنيٰ منهن خراب ٿيا. "عن رسول الله" هن عبارت جو تعلق

محذوف سان آهي. اصل عبارت هيئن چئي ويندي " تہ ڇا اوهان رسول الله ﷺ کي ڇڏي ڀڄي ويا هيئو؟ ڇوتہ اهي دشمن جي ڊپ کان منتشر ٿيا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن ڪان نہ ڀڳا هئا." يا ابا عُمارة" هي حضرت براء بن عازب ﷛ ڪي ان جي ڪنيت سان سڏ هو. ان جي ڪنيت آهي. عمارة. حذافہ" وانگر حضرت براء جواب ۾ فرمايو "لا" نہ. يعني سڀ صحابہ ڪونہ ٽڙيا پکڙيا يا منتشر ٿيا هئا. اڪابر صحابہ رضي الله عنهم پنهنجي محبوب نبي ڪريم ﷺ سان گڏ هئا. ڪي ٽڪڙا هئا جيڪي منتشر ٿي ويا هئا. "وَاللهِ ماولى رسول الله ﷺ " الله ﷻ جو قسم آهي تہ رسول الله ﷺ جن پٺي ڏئي نہ ويا هئا. قسم سان منڪر جي ترديد ۾ مبالغو مقصود آهي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جي پُٺي نہ ڏيڻ جو ذڪر ڪيو ويو حالانڪ سوال تہ صحابہ ڪرام جي منتشر ٿي وڃڻ جي متعلق هو. ڇوتہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو ثابت رهڻ وڌن. وڌن صحابہ جي ثابت رهڻ جو دليل آهي ڇوتہ اهي سندن ذات جي لاءِسر قربان ڪندڙ هئا ۽ انهن کي اهو علم هو تہ الله ﷻ پنهنجي محبوب ﷺ جو محافظ ۽ ڪين محفوظ رکندڙ آهي ۽ سوال ڀڄڻ جو هو پر جواب ۾ پٺي نہ ڏيڻ جو ذڪر ان جي ڪري ڪيو ويو جو هي بلند مقام بي ادبي واري لفظ آڻڻ کان مٿي هو ڇوتہ پٺي ڏيڻ ڪڏهن ڪڏهن جنگ جي فن لاءِ هوندي آهي يا جدا ٿيل جماعت کي پنهنجي ٻئي جماعت سان ڳنڍڻ يا ملڻ جي لاءِ هوندي آهي ۽ ڀڄڻ خوف ۽ ڊپ کان هوندو آهي گهڻو ڪري سستي جي ڪري ٿيندو آهي ۽ هن ڳالهہ تي اجماع آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کان ڀڄڻ نہ ٿيندو. جنهن اهو گمان ڪيو تہ پاڻ جنگ کان ڀڳا هئا جيڪڏهن ان سان تنقيص جو ارادو ڪري ٿو اهو ڪافر آهي نہ تہ بہ ان کي امام شافعي وٽ مار ڏئي ادب سيکاريو ويندو ۽ امام مالڪ ﷫ وٽ اهو قتل ڪيو ويندو. "وَلٰكِنْ وَلّٰى سَرَعَانُ النَّاسِ" پر ماڻهن مان تڪڙ ڪندڙن. ڪنهن شيءِ ڏانهن جلدي سان ويندڙن، ان جي خطري کان غافل رهندڙن جن جي دل ۾ اڃان ايمان پورو متمڪن نہ ٿيو هو انهن (غنيمت جي مال حاصل ڪرڻ جي لاءِ) جلدبازي ڪئي هئي. "تَلَقَّتْهُمْ هَوَازِنُ بِالنَّبْلِ" انهن کي هوازن قبيلي وارا تيرن سان سامهون ٿيا. يعني تير وسايائون. هوازن قبيلي وارا مشهور تيرانداز هئا انهن جو تير گهڻو ڪري گسندو نہ هو. اهي حُنين جي واديءَ ۾ لڪل هئا. حُنين عرفات واري رستي سان مڪ کان ٽن راتين جي پنڌ تي هو. ۽ جڏهن انهن تير وسايا تہ پهرئين ٽولي وارا پوئين ڏانهن ڀڳا ۽ الله ﷻ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ ۽ مؤمنن تي سڪون نازل فرمايو جيڪو انهن جي مدد ۽ ڪاميابي جو سبب بڻيو. "وَرَسُوْلُ اللهِ ﷺ عَلٰى بَغْلَتِهٖ" ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي خچر (مبارڪ) تي سوار رهيا. هي اهو خچر هو جيڪو سندن خدمت ۾ "مقوقس" بادشاهہ هديو ڪري موڪليو هو ان جو نالو " دلدل" هو. هي حضرت معاويہ ﷛ جي دور ۾ مري ويو هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو ٻيو خچر بہ هو جنهن کي "فضه" سڏيو ويندو هو. ۽ سندن هڪ گڏهہ بہ هو. جنهن کي "يعفور" سڏيندا هئا. جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن دنيا تان ظاهري رحلت فرمائي تہ ان پنهنجو پاڻ کوهہ ۾ اڇلايو ۽ مري ويو ۽ حضرت محبوب ڪريم ﷺ جن جو جنگ جي ميدان ۾ خچر تي سوار ٿيڻ حالانڪ اهو جنگ جي ميدان لاءِ مناسب نہ هو اهو تہ امن واري جاءِ جي لاءِ سواري هوندو آهي ان بڌائڻ جي لاءِ هو تہ پاڻ دشمن کي وڏي قوت نہ سمجهندا هئا جو سندن مدد آسماني ۽ ڪين رباني تائيد حاصل هئي. "ابو سفيان بن الحارث" هي سيدنا رسول الله ﷺ جن جو

سؤٹ ۽ سندن کير جو پياءُ هو هڪ قول مطابق هن جو نالو "المغيره" هو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نبوت جي اظهار کان پهريان ساڻن محبت رکندو هو ۽ اعلان نبوت کان پوءِ ڪين ايذائيندو هو پر جڏهن مسلمان ٿيو تہ پوءِ سچو ۽ مخلص رهيو. نبي پاڪ ﷺ جي خچر مبارڪ جي واڳ ان جي هٿ ۾ هئي ۽ بعض روايتن ۾ آهي تہ ان خچر مبارڪ جي واڳ حضرت عمر رضي الله عنه جي هٿ ۾ هئي. ۽ حضرت عباس رضي الله عنه ان جي رڪيب کي وٺيو ٿي هليو. حديث شريف ۾ "لجام" لفظ آيو آهي اهو اصل ۾ فارسي لفظ آهي جيڪو عربي ۾ استعمال ڪيل آهي. يا ان ۾ ٻنهي لغتون هڪ ٻئي جي موافق آهن. "لجام" جو جمع "لُجُمٌ" آهي جيئن ڪتاب جو جمع "ڪُتُب" آهي. "اَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبُ"جو مطلب تہ "مان الله جل جلاله جو برحق نبي آهيان جيڪو مان چوان ٿو تہ مون سان الله جل جلاله منهنجي مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي اهو سچو آهي ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪوڙ ناهي نہ مان جنگ جي ميدان مان ڀڄندس. نہ لڪندس. هن ارشاد ۾ دليل آهي تہ پاڻ قوت ۽ شجاعت جا صاحب هئا ان جي هوندي بہ جو صحابہ ڪرام دشمنن جي طرفان اوچتو حملو ڪرڻ جي ڪري ٽڙي، پکڙي ويا هئا ۽ ساڻن ٿورا ماڻهو وڃي رهيا هئا. تہ بہ دشمنن جي وچ ۾ اهو اعلان ڪرڻ سندن بي انتها دليري آهي. "اَنَا ابْنُ عَبْدُالْمُطَّلَبِ" مان عبدالمطلب جو پُٽ آهيان. جيڪو قريش جو سردار هو ۽ قريشين ۾ اها ڳالهہ مشهور ٿي چڪي هئي تہ بني عبدالمطلب مان اهڙي شخصيت ايندي جيڪا انهن قريشين تي غالب ٿيندي ان جي ڪري پاڻ کي ان ڏانهن نسبت ڪيائون حالانڪہ اهو سندن والد نہ هو بلڪہ ڏاڏو هو ۽ ڏاڏي ڏانهن سندن نسبت مشهور بہ هئي چوتہ سندن والد نوجوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو هو. پوءِ ڪين سندن ڏاڏي نپايو هو ۽ هنن لفظن چوڻ مان ثابت ٿيو تہ "مان فلاڻي جو پُٽ آهيان. چوڻ جائز آهي ان شرط سان جوان چوڻ ۾ وڏائي فخر ۽ غرور نہ هجي ۽ حضرت علي رضي الله عنه جو چوڻ "اَنَا الَّذِىْ سَمَّتْنِى اُمِّى حَيْدَرَهْ" مان اهو آهيان جنهن جو نالو امان حيدر رکيو آهي. بہ انهيءَ قسم مان آهي سلمة چيو هو. "اَنَا ابْنُ الْاَكْوَعَ." مان اڪوع جو پُٽ آهيان. پر جيئن جاهلن جي عادت آهي تہ اهڙا الفاظ غرور ۽ وڏائي طور چوندا آهن. اهو ناجائز آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 410، 412)

علامہ علي القاري رحمة الله عليه هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ حضرت براء بن عازب رضي الله عنه جو چوڻ تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڪونہ ڀڳا هئا. " هن طرف اشارو هو تہ رسول الله ﷺ جن شجاعت ۽ دليريءَ جي ڪري اتي جنگ جي ميدان ۾ موجود رهيا ۽ سندن جي لاءِ الله جل جلاله جو ارشاد بہ آهي " وَاللهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ" الله توکي ماڻهن کان محفوظ رکندو) پوءِ ان وقت صحابہ رضي الله عنهم جي ڀڄڻ جو تصور نہ ٿو ڪري سگهجي. چوتہ اهي سندن موافقت ۾ شديد هيا ۽ انهن کي اهو بہ علم هو تہ محبوب ڪريم ﷺ جن الاهي تائيدات سان تائيد ڪيل آهن ۽ اصحابن پلارن جي ڀڄڻ جو وهم تڏهن ٿئي ها جڏهن محبوب ڪريم جن (معاذ الله ثم معاذالله) ميدان مان ڀڄي وڃن ها ۽ اهو ناممڪن ۽ محال هو.

اعتراض: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ميدان مان نہ ڀڄڻ مان اهو لازم ناهي تہ اصحاب سڀورا نہ ڀڳا هجن؟

جواب: حضرت براء بن عازب رضي الله عنه جو جواب فضلاء جي ادب سان بديع آهي چوتہ اصل ڪلام هيئن آهي تہ ڇا اوهان سڀ ڀڄي ويا هيئو؟ پوءِ ان جي تقاضا هئي تہ رسول الله ﷺ جن ڀڄي ويا هجن.

حضرت براء بن عازب رضي الله عنه فرمايو تہ "نہ رسول الله ﷺ جن ڪونہ ڀڳا هئا." (۽ جڏهن پاڻ نہ ڀڳا هئا تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان بہ ڪونہ ڀڳا هئا پر ٿورو گهڻو منتشر ٿيا هئا سو جنگين ۾ اهڙي حالت ٿيندي رهندي ۽ صحابہ ڪرام تي طعن ڪرڻ جائز ناهي پر جڏهن محبوب ڪريم ﷺ موجود هئا تہ پوءِ سندن محب ڪيئن ڀڄندا. محدث طبراني رحمه الله لکيو آهي تہ جنگ ۾ منتشر ٿيڻ هيڏي هوڏي ڀڄڻ اُهو منع آهي جنهن ۾ واپس اچڻ جي نيت نہ هجي پر پاسي تي ٿي دشمن تي وري حملي جي لاءِ تياري ڪرڻ يا مجاهدن جي هڪ ٽولي جو ٻيجي ٻئي سان ملڻ منع نہ پر جنگ ۾ حڪمت عملي آهي جيڪو جنگ جي طريقي ۾ ڄاڻ ۽ قابليت جو دليل هوندو آهي ۽ حضرت براء بن عازب رضي الله عنه جو فرمان عام صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي نہ ڀڄڻ ۽ اڪابر صحابہ رضي الله عنهم نبي ڪريم ﷺ جن سان موجود هجڻ تي واضح حجت ۽ مضبوط دليل هجڻ ڏانهن اشارو آهي ڇوتہ اهي رسول الله ﷺ جن جي مٿان سر گهوريندا ۽ ساهہ صدقي ڪندا هئا ۽ انهن کي يقين هو تہ الله جل جلاله پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي حفاظت ۽ ماڻهن کان بچائڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ مسلمانن جو اجماع آهي تہ رسول الله ﷺ جن جو جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ ممڪن ئي ناهي. ۽ جيڪو چوندو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جنگ جي ميدان مان ڀڳا هئا تہ ان کي سزا ڏني ويندي پر جيڪڏهن ڪو سندن شان ۾ توهين ۽ تنقيص جي ارادي سان ائين چوندو تہ اهو ڪافر ٿي ويندو پوءِ اصح قول مطابق جيڪڏهن توبہ نہ ڪندو تہ حنفين وٽ شرعي حد لڳائي اهو قتل ڪيو ويندو ۽ امام مالڪ رحمه الله ۽ اسان حنفين جي بعض علماء وٽ مطلقًا قتل ڪيو ويندو ۽ بعض علماء تہ ان تي اجماع نقل ڪيو آهي تہ اهو مطلقًا قتل ڪيو ويندو.

علامہ علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ منهنجي ذهن ۾ حضرت براء بن عازب رحمه الله جي قول جي هيءَ معنيٰ آهي ۽ اصل ڪلام هيئن آهي تہ الله جل جلاله جو قسم آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڀڳا نہ هئا ۽ نہ سندن پويان موجود صحابہ رضي الله عنهم ڀڳا هئا. صرف اڳيئن دستي وارا اوچتو حملو ٿيڻ جي ڪري هيڏي هوڏي منتشر ٿيا اهي بہ حضرت عباس رضي الله عنه جي سڏ کي ٻڌي پهچي ويا هئا ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن پاڻ تہ موجود هيا ئي هيا.

منهنجو خيال: مون کي ائين محسوس ٿو ٿئي تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي مخالفن کي اهو وڏو درد آهي تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حڪمت عملي تي عمل ڪري پاڻ ڇو بچايو؟ سڀ دشمنن جي هٿان (شهيد) ختم ٿي وڃن ها نہ هجن ها نہ اسلام جو ڪم وڌي ها. جڏهن اها سندن خواهش پوري نہ ٿي تہ راڳ ڳائيندا ٿا وتن تہ ڀڄي ويا، نبي ڪريم ﷺ جن کي اڪيلو ڇڏي ويا. عقل جا ماريل، حق ۽ سچ جا ويري، دين جا دشمن اهو نہ ٿا سوچين تہ جيڪڏهن اهڙا بيڪار بي وفا هئا (معاذالله) تہ پوءِ حضرت رسول الله ﷺ جن انهن کي سزا ڇونہ ڏني، پنهنجي لشڪر کان جدا ڇونہ ڪيو حالانڪ مڪ مڪرمہ فتح ٿي ويو هو الله جل جلاله سندن حامي ۽ ناصر هو پاڻ نہ ڪنهن جا محتاج هئا نہ ضرورتمند. مگر ڇا ڪجي انڌي کي ڇا نظر ايندو، چمڙي کي سج سان ڪهڙي محبت رهندي. پاڻ سڳورا ﷺ جن جنهن خچر تي سوار هئا هڪ قول مطابق اهو "فضہ" نالي خچر هو جيڪو سندن جي لاءِ "فروه" هديي طور موڪليو هو. علامہ علي القاري رحمه الله وٽ اهو قول صحيح آهي ۽ علماء عظام فرمايو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو جنگ جي ميدان ۾ خچر تي سوار ٿيڻ (حالانڪ اهڙن ميدانن ۾

گھوڙو اهم هوندو آهي) سندن شجاعت جو ڪمال ۽ دليري جي انتها آهي ۽ ماڻهن ڪي جنگ دوران سندن ذات ڏانهن موٽڻ ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيڻ آسان رهندو هو ۽ تان ته پاڻ ٻين کان ممتاز رهن ۽ اهو پاڻ عمدًا ڪيو هيائون نه ته سندن پلا گھوڙا به هوندا هئا ۽ سندن جرئت ۽ شجاعت سان ميدان ۾ وڃڻ ۽ نبي هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ مالڪ مني جي مثان اعتقاد ۽ يقين جو اظهار هو ۽ ان دوران سندن چوڻ ته مان عبدالمطلب جو پُٽ آهيان ان جي ڪري هو جو قريش ۾ سندن تشريف آوري بلڪ ميلاد کان پهريان ئي اها ڳالهه مشهور ٿي چڪي هئي ته عبداللمطلب جي اولاد مان هڪ نبي ظاهر ٿيندو جيڪو دشمنن تي غالب رهندو. ۽ انهن مان ڪيترن سندن ڄمڻ کان پهريان ئي اهڙا خواب وغيره ڏٺا هئا جيڪي سندن نبوت جا دليل هئا ۽ سندن معجزن جي ظهور جا نشان هئا ۽ ان دور جي نجومين ۽ پوپن ٻڌايو هو ته هڪ نبي تشريف فرما ٿيڻ وارو آهي ۽ حضرت عبدالمطلب پاڻ به ٻڌايو هو ته سندس اولاد مان هڪ نبي اچي رهيو آهي جنهن جو وڏو شان هوندو ۽ حضرت عبدالمطلب اهڙو خواب به ڏٺو هو ته ان مان هڪ نور نڪتو آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪو لشڪر هوازن ۽ ثقيف قبيلي وارن ڏانهن ونئي ويا هئا انهن ۾ ڏهه هزار ته مدينه منوره کان آيل هئا به هزار مڪ مڪرمه فتح ٿيڻ کان پوءِ اتي جا نوان مسلمان, غلامي کان آزاد ٿيل هئا ۽ انهن سان گڏ اسي مشرڪ به نڪتا هئا انهن ۾ صفوان بن اميه به هو. ۽ حسن سند سان آيو آهي ته هڪ مرد جبل تي چڙهي هوازن وارن کي ڏسي عرض ڪيو ته اهي عورتن ۽ ٻڪرين سميت آيل آهن ته پاڻ مُرڪندي فرمايائون ته اهي انشاء الله العزيز سڀاڻي مسلمانن جي لاءِ غنيمت هونديون, ۽ حضرت عباس ﷺ کي پاڻ فرمايو هيائون ته منتشر صحابه رضي الله عنهم کي سڏ ڪر سو ان جي ڪري جوان جو سڏ ارڙهن ميلن تي پهچندو هو. ۽ اهو سڏ ٻڌڻ شرط اهي منتشر ٿيل صحابي ائين پجندا آيا جيئن چوپايا جانور پنهنجي ڦرن ڏانهن پجندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جي سواري پوئتي موٽڻ ۾ دير پئي ڪري يا نه پئي موٽي ته اهو ان کي ڇڏي پيادل ڊوڙندو تي آيو. جڏهن سڀ اچي ويا ته نبي ڪريم ﷺ جن ان کي گڏجي حملي جو حڪم ڪيو ۽ جڏهن گڏجي حملو ڪيائون ته پاڻ مٺي يا پٿرن جي مٺ پري ڪافرن ڏانهن اڇلايائون. اتي موجود ڪافرن کان سندن پُٺن بيان ورتو ته انهن چيو ته اسان سيني جي اکين ۽ وات ۾ مٺي پئجي وئي ۽ اسان آسمان کان ڪاتيءَ کي لوهه جي ٿالهيءَ تي ڇيري ڏيڻ ۽ تکي ڪرڻ جو آواز ٻڌو ۽ اسان تي مسلمانن اهڙو زوردار حملو ڪيو جو ٻڪريءَ ڏهڻ جي به فرصت نه ملي پوءِ اسان انهن جي اڳيان هلڻ لڳاسون تانجو اسين هڪ سفيد خچر جي سوار حضور ڪريم ﷺ وٽ پهتاسون اتي اسان کي ڪجهه چمڪدار چهرن وارا مرد سامهون آيا جن اسان کي چيو"شاهت الوجوه" موٽو. واپس ٿيو پوءِ اسين موٽياسون ته اهي اسانجي ڪلهن تي چڙهي ويا. اهي الله جَلَّ جَلَالُهُ جا ملائڪ هئا. هن جنگ ۾ چار مسلمان شهيد ٿيا ۽ ستر ڪافر قتل ٿيا. (جمع الوسائل ج 2 ص 37, 40)

علامه ابنِ حَجر هيتمي مَڪي رَحِمَهُ اللهُ لکيو آهي ته صفوان بن اميه جيڪو جنگ ۾ گڏجي نڪتو هو ان کان حضور ڪريم ﷺ جن هڪ سؤ زرهون ڪُندن ڪڙن سميت اوڌاريون ورتيون هيون.

(اشرف الوسائل ص 343)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: [1] البخاري ڪتاب المغازي باب 54 رقم الحديث 4315

ج 8 ص 27 {2} مسلم في كتاب الجهاد والسير باب 28 في غزوة حُنين رقم الحديث 1776 حديث الكتاب 80 ج 3 ص 1401 {3} احمد في المسند ج 4 ص 289 {4} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5741 ج 7 ص 510 {5} البيهقي في سننه ج 7 ص 43 {6} النسائي في كتاب السير من سننه الكبريٰ كما في التحفة ج 2 ص 53 {7} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 707 ص 96 {8} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 56.

{246} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ قَالَ: حَدَّثَنَا جَعْفَرُ بْنُ سُلَيْمَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا ثَابِتٌ، عَنْ أَنَسٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَخَلَ مَكَّةَ فِي عُمْرَةِ الْقَضَاءِ، وَابْنُ رَوَاحَةَ يَمْشِي بَيْنَ يَدَيْهِ، وَهُوَ يَقُولُ:

وَيُذْهِلُ الْخَلِيلَ عَنْ خَلِيلِهِ [من أشعار عبد الله بن رواحة ـ البحر الرجز]

خَلُّوا بَنِي الْكُفَّارِ عَنْ سَبِيلِهِ . . . الْيَوْمَ نَضْرِبُكُمْ عَلَى تَنْزِيلِهِ . . . ضَرْبًا يُزِيلُ الْهَامَ عَنْ مَقِيلِهِ

فَقَالَ لَهُ عُمَرُ: يَا ابْنَ رَوَاحَةَ، بَيْنَ يَدَيْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَفِي حَرَمِ اللهِ تَقُولُ الشِّعْرَ، فَقَالَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: خَلِّ عَنْهُ يَا عُمَرُ، فَلَهِيَ أَسْرَعُ فِيهِمْ مِنْ نَضْحِ النَّبْلِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن نبي پاڪ عمره جي قضا جي لاءِ مکي شريف ۾ داخل ٿيا تہ ان وقت عبدالله بن رواحه ﷺ پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان هلي رهيو هوءِ هي شعر پڙهي رهيو هو: (يعني : اي ڪافرن جا اولاد! حضور ڪريم ﷺ جي رستي کان پري هٽي وڃو. اڄ (قرآن شريف جي حڪم مطابق) اوهان تي اهڙو وار ڪنداسون.

(جو کوپري کي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندوءِ دوست کان دوست وسري ويندو.)

پوءِ حضرت عمر فاروق ﷺ انکي چيو: اي ابن رواحہ! تون رسول الله ﷺ جي آڏوءِ خدا جي حرم شريف ۾ شعر ٿو چوين؟ تنهن تي نبي پاڪ ﷺ فرمايو:" اي عمر! هن کي ڇڏي ڏي. ڇا لاءِ تہ اهي شعر ڪافرن تي تيرن وسائڻ کان بہ وڌيڪ سخت تيز تکا آهن."

مفردات جو شرح: "عُمْرَةِ الْقَضَاءِ" هن مان مراد اهو عمره آهي جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن ۽ مڪ مڪرمہ جي رهاڪو قريشين جي وچ ۾ صلح سان طئي ٿيو هو. هن کي عمرة القضاء سڏيو ويندو آهي. "وَهُوَيَقُولُ" هي واو حال جو آهي. حالانڪ اهو چوي پيو. جمل حاليہ آهي. "نَضْرِبُكُمْ" اسين اوهان کي قتل ڪنداسون. "اَلْهَامَ" متو. "مَقِيلِهِ" قيلوله ڪرڻ جي جاءِ. "يُذْهِلُ" وسارائي ڇڏيندو. ذهل. ذهول کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڇڏڻ، وسارڻ، ڌيان کان غافل ٿيڻ.

سمجهاڻي: سن 6 هہ ۾ حديبيہ جي مقام تي مڪ مڪرمہ جي ڪافرن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ صلح ٿيو. انهن شرطن تي سن 7 هہ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن ۽ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان عمره ڪيو. هن کي "عمرة القضاة" سڏيو ويو آهي. ان دوران حضرت نبي ڪريم ﷺ جڏهن مڪ مڪرمہ ۾ داخل ٿيا تہ سندن ڏاچي جي مهار حضرت عبدالله بن رواحه ﷺ جي هٿن ۾ هئي ۽ حضرت عبدالله بن رواحه ﷺ جي ڳچيءَ ۾ سندس تلوار لڙڪايل هئي. جڏهن ان مٿيون شعر پڙهيو تہ حضرت عمر ﷺ حضور ڪريم ﷺ جي ۽ بيت الله جي حرم جي احترام کي ذهن ۾ رکندي حضرت عبدالله بن رواحه ﷺ کي شعر پڙهڻ کان روڪيو پر حضرت نبي ڪريم جن وري حضرت عمر ﷺ کي روڪيو تہ تون عبدالله

بن رواحه ﷺ كي شعر كان منع نہ كر اهي شعر كافرن جي مٿان تيرن وسائڻ كان ڏكيا آهن. مذكور شعر جي وضاحت كندي علامہ علي القاري ﷫ لكيو آهي تہ اي كافرن جا فرزندؤ! اوهان هاڻي هميشہ جي لاءِ حضرت حبيب كريم ﷺ جو رستو خالي كري ڇڏيو وچ ۾ ركاوٽ نہ بڻجو ۽ اهو ان جي كري فرمائي رهيو هو جو مكہ مكرمہ جي فتح ٿيڻ واري ڏينهن كافر شهر مان نكري جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويا هئا. ۽ شهر خالي كري ڇڏيو هيائون. ۽ "اليوم" اج ۽ هن وقت ۾ اسين اوهان كي جيكڏهن اوهان عهد ڀڳو ۽ حضرت نبي كريم ﷺ جن كي مكہ مكرمہ ۾ اچڻ كان روكيوَ تہ اوهان تي اهڙيون تلوارون وسائينداسون جو اوهان جي مٿن جو كوپڙيون نہ رهنديون ۽ اها كيفيت ڏسي هڪ دوست ٻئي دوست كان غافل ٿي ويندو. كير كنهن كي ياد نہ رهندو. هر كو پنهنجي سر بچائڻ ۾ مشغول هوندو. حضرت عمر ﷛ اهو شعر ٻڌي حضرت ابن رواحه ﷛ كي مذمت جي انداز ۾ فرمايو تہ ڇا رسول الله ﷺ جي اڳيان ۽ الله ﷻ جي بيت جي حرم ۾ شعر چوندو تو هلين! مطلب تہ نہ چئو. تہ نبي كريم ﷺ جن حضرت عمر ﷛ كي فرمايو عمر ڇڏيس." اهي (اشعار) كافرن تي تيرن هڻڻ كان بہ وڌيك تكڙو اثر كندڙ آهن. حضرت عمر ﷛ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ادب احترام ۽ بيت الله جي تعظيم سان گڏ اهو بہ خيال ۾ آندو هوندو تہ اكثر شعرن جي الله ﷻ جي كلام ۽ حضرت نبي كريم ﷺ جي احاديث ۾ منع آيل آهي ۽ كڏهن كڏهن اهڙا شعر مخالف كي ڀڙكائيندا ۽ ڇڙ ڏياريندا آهن ان جي كري اهي نہ چوي تہ ڀلي سكون ۽ امن. امان سان عمره شريف ادا ٿي وڃي، پر حضرت محبوب آقا ﷺ جن ان جي حكمت بيان كندي حضرت عمر ﷛ كي روكيو ۽ ٻڌايو تہ اهي حكمت ڀريا ۽ كافرن تي وڌيك اثر انداز آهن جيئن چيو ويو آهي تہ:

جَرَاحَاتُ السِّنَانِ لَهَا الْتِيَامٌ
وَلَا يَلْتَامُ مَا جَرَحَ اللِّسَانُ

(يعني تيرن جا ڦٽ ڇٽي وڃن ٿا ۽ زبان جا ڦٽ نہ ٿا ڇٽن)

سٺو شعر چوڻ ۽ ٻڌڻ مستحب آهي: علامہ البيجوري ﷫ لكيو آهي تہ: هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اهڙا شعر چوڻ ۽ ٻڌڻ جائز بلك مستحب آهن جن ۾ اسلام جي مدح ۽ سِرَ الله ﷻ جي حوالي كرڻ ۽ ان جي ديدار جي سچائيءَ جو ثبوت ملي. علامہ ابن حجر مكي لكيو آهي تہ هن ۾ اهڙن شعرن جي چوڻ ۽ ٻڌڻ جي جواز بلك مستحب هجڻ جو ثبوت ملي ٿو جن ۾ مسلمانن جي جرئت ۽ دليري ۽ دشمن كان نہ ڊڄڻ ۽ ان جي پرواه نہ كرڻ جو بيان هجي. علامہ علي القاري هنن شعرن جي معنيٰ كندي لكيو آهي " مطلب تہ محبوب كريم ﷺ جن جي لاءِ حرم ۾ داخل ٿيڻ جو رستو هميشہ جي لاءِ خالي كري سندن دين متين ۾ داخل ٿيو. "عَلىٰ تَنْزِيْلِهٖ" جو مطلب تہ: ان بناء تي حضور كريم ﷺ جن رسول آهن جن تي الله ﷻ جو وحي نازل ٿيو آهي يا اوهان انهن سان مكہ مكرمہ ۾ منزل انداز ٿيڻ ۽ ان دوران امن امان سان رهڻ جو معاهدو كيو آهي. بهر صورت "سبيلہ" ۽ تنزيلہ" جا ضمير حضور كريم ﷺ جن ڏانهن موٽن ٿا. اڳتي لكيو اٿس تہ: جيئن قيامت جي ڏينهن هكڙو دوست ٻئي دوست كان غافل هوندو اوهان جو بہ هتي اهو حشر ٿيندو. ۽ حضرت حبيب كريم ﷺ جو حضرت عمر ﷛ كي فرمائڻ تہ "عمر ڇڏيس" جو مطلب آهي تہ: اي عمر (﷛) توتي واجب آهي تہ: شعر جي فردن ۾

فرق ڪرين. شعر به ٻئي ڪلام وانگر آهي ان مان سٺي مضمون وارو سٺو آهي ۽ خراب مضمون وارو خراب آهي ۽ مطلقًا شعر اهو ممنوع آهي جنهن جي ڪري علم ۽ عمل ڇڏيو وڃي نه ته شعر جو وڏو تاثير هوندو آهي خصوصًا جڏهن بلاغت ۽ فصاحت وارن جي طريقي تي چيو ويندو آهي. حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ان حضور ڪريم ﷺ جي خدمتِ اقدس ۾ عرض ڪيو ته "الله جل جلاله شعر جي باري ۾ نازل فرمايو آهي جيڪو نازل ٿيو." مقصد ته شعراء جي اتباع گمراه ڪندا." ته پوءِ شعر چوڻ ڇڏي ڏجي" حضرت رسول الله ﷺ جن ان کي فرمايو ته "اِنَّ الْمُؤْمِنَ يُجَاهِدُ بِسَيْفِهٖ وَلِسَانِهٖ وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ لَكَاَنَّمَا تَرْمُوْنَهُمْ نَضْحُ النَّبْلِ." (بلاشڪ مؤمن پنهنجي تلوار ۽ زبان سان جهاد ڪندو آهي (ان ذات جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساه آهي ته جڻ ته اوهان (انهن شعرن سان) انهن کي تير هڻي رهيا آهيو.) مطلب ته پلا شعر پلي چئو. محدث نووي رحمة الله عليه فرمايو ته حضرت انس جي روايت ۽ عبدالله بن رواحه رضي الله عنه جي شعرن مان ثابت ٿيو ته ڪافرن جي مذمت ۽ ايذاء ڏيڻ وارا شعر چوڻ جائز آهن جيڪڏهن انهن سان امن امان جو معاهدو ٿيل ناهي چوته الله جل جلاله ڪافرن سان جهاد ڪرڻ ۽ انهن تي سختي ڪرڻ جو امر ڪيو آهي انهن تي سختي ڪرڻ ۾ انهن جي عقيدي جي باطل هجڻ جو اظهار آهي پر جيڪڏهن ڪافر ڪا اهڙي شرارت نه ٿا ڪن ته انهن جي مذمت جي ابتداء مسلمان نه ڪن. چوته الله جل جلاله جو فرمان آهي:" وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ فَيَسُبُّوا اللهَ عَدْوًا بِغَيْرِ عِلْمٍ" (۽ انهن (بتن) کي گاريون نه ڏيو جن جي (ڪافر) علم کان سواءِ پوڄا ڪن ٿا پوءِ اهي علم کان سواءِ الله کي گاريون ڏيندا.) (جمع الوسائل ج 2 ص 41، 42، المواهب ص 413، 415 اشرف الوسائل ص 348) محدث ڪانڌلوي لکيو آهي ته : هي عمره عمرة القضاة به ان جي ڪري سڏيو وبو آهي. بعض امامن شافعيه وغيره جو ان ۾ اختلاف آهي، پر ان جو بحث فقهي ڪتابن ۾ تفصيل سان لکيل آهي ۽ هن سفر ۾ حضور ڪريم ﷺ جن سيده ميمونه رضي الله عنها سان نڪاح ڪيو هو ۽ عزت ۽ شوڪت سان عمره مان فارغ ٿي صلحنامه لکيل جي مطابق ٽي ڏينهن مڪه مڪرمه ۾ رهي مدينه منوره ڏانهن واپس ٿيا هئا. ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کي پاڻ وقتي ۽ مقامي مصلحت سان ته شعر به زباني جهاد آهي. شعر چوڻ جي جهلڻ کان روڪيو هيائون) شعر چوڻ زباني جهاد آهي مگر قواعد ۽ شرائط جو لحاظ ڪرڻ جيئن جهاد ۾ هوندو آهي تيئن هن ۾ به آهي. (خصائل نبوي ص 190)

فائدو: محدث ترمذي رحمة الله عليه فرمايو ته : اهل علم وٽ اصح قول هي آهي ته : مڪه مڪرمه جي فتح وقت حضور ڪريم ﷺ جن جي ڏاچيءَ جي مهار حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه جي هٿ ۾ هئي ۽ ابن رواحه جنگ "موته" ۾ شهيد ٿي ويو. عمرة القضاء ان کان پوءِ ڪيو ويو هو پر علامه فواز احمد زمزلي شمائل جي حاشيه ۾ ان قول کي رد ڪندي لکيو آهي ته "مشهور قول هي آهي ته "عمرة القضاء" سن ست هجري ۾ ڪيو ويو هو ۽ "موته" واري جنگ سن اٺ هه ۾ ٿي هئي. ان جي ڪري اها تعليل صحيح ناهي. والله ورسوله اعلم (حاشية الزمزلي ص 304)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الحج باب 109 ج 5 ص 203 {2} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 5758 ج 7 ص 517 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3404 ج 12 ص 374.

{247} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شَرِيكٌ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ، عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ: جَالَسْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَكْثَرَ مِنْ مِائَةِ مَرَّةٍ وَكَانَ أَصْحَابُهُ يَتَنَاشَدُونَ الشِّعْرَ وَيَتَذَاكَرُونَ أَشْيَاءَ مِنْ أَمْرِ الْجَاهِلِيَّةِ وَهُوَ سَاكِتٌ وَرُبَّمَا تَبَسَّمَ مَعَهُمْ.

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر بن سمره ﷺ چيو تہ: آءُ رسول الله ﷺ جن سان مجلس ۾ سؤ پيرن کان بہ وڌيڪ ويٺو آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ **جا اصحاب سڳورا** عليهم الرضوان (سندن آڏو) شعر پڙهندا ۽ (اسلام کان اڳ واري) جاهليت جي زماني جون ڳالهيون هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا (يعني چوندا هئا تہ الله ﷻ اسان تي احسان ڪيو جو حضور ڪريم ﷺ جن جي صدقي ڏوهہ بخشي، ايمان جو نور عطا ڪيائين. تہ حضور ڪريم ﷺ جن چپ ڪيو ويٺا رهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڻن مرڪندا بہ هئا.

مفردات جو شرح: "مَرَّةٍ" هڪ پيرو، هڪ دفعو. "يَتَنَاشَدُونَ" پڙهن ٿا، پڙهندا هئا. "يَتَذَاكَرُونَ" بيان ڪندا هئا.

سمجهاڻي: حضرت جابر بن سمرة ﷺ هن روايت ۾ ٻہ تي ڳالهيون بيان فرمايون آهن. (1) تہ پاڻ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۽ مجلس ۾ سوَ کان وڌيڪ پيرا حاضري ۽ ديدار جو شرف حاصل ڪيو هيائين. ۽ اها الله ﷻ جي وڏي نعمت آهي. اهڙي آقا ﷺ جي ديدار ڪرڻ جهڙي ٻي ڪابہ وڏي دولت ناهي. محب هميشہ محبوب سان گڏ رهڻ ۽ ديدار ڪرڻ جو شوق رکندو آهي. (2) تہ رسول الله ﷺ جي موجودگي ۾ سندن اصحاب سڳورا شعر پڙهندا ۽ جاهليت جي دور وارين ڳالهيون ڪندا هئا. شارحن ڀلارن لکيو آهي تہ اهي شعر اهڙا هئا جن ۾ اسلام ڏانهن ترغيب ۽ شوق ڏيارڻ ۽ ڪفر ۽ شرڪ جي قباحت ۽ خرابيءَ جو بيان هو ۽ جاهليت جي دور جون ڳالهيون ڪرڻ جو مقصد انهن جي تحقير، توهين ۽ انهن تي پشيماني هئي. "وَهُوَ سَاكِتٌ" ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ماٺ ۾ رهيا. علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ پاڻ گهڻو ڪري ان ڪيفيت ۾ رهندا هئا چوتہ الله ﷻ جي محبت ۾ محو ۽ دنيا ۽ آخرت جي امور ۾ متفڪر هوندا هئا يا معنيٰ ٿيندي تہ پاڻ خاموش رهندي انهن کي شعر چوڻ ۽ امورِ جاهليت جي ڳالهين ڪرڻ کان نہ روڪيندا هئا چوتہ انهن ۾ ڪا شريعت جي خلاف ڳالهہ نہ هوندي هئي پاڻ سهڻي اخلاق جا صاحب، پنهنجن صحابن عليهم الرضوان کي پيار ۽ محبت ڏيڻ وارا هوندا هئا انهن جي نيت جي حُسن ۽ محبت کي خيال ۾ رکندي انهن کي مباح ۽ جائز ڪمن کان منع نہ ڪندا هئا تان تہ اهي صحيح فائدو حاصل ڪن ۽ سندن ڳالهين ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ غلط هجي تہ ان کي درست ڪن. الله ﷻ جي ٻانهن عارفن ۾ بہ ان تي عمل ڪندي ائين ڏٺو ويو آهي. جيئن هڪ عربي شعر آهي.

فَفِيْ كُلِّ شَيْءٍ لَهُ شَاهِدٌ　　دَلِيْلٌ عَلٰى اَنَّهُ وَاحِدٌ

(يعني هر شيءِ ۾ ان جو شاهد آهي (جيڪو ان ڳالهہ تي) دليل آهي تہ بلاشڪ اهو هڪ آهي)

"مَعَهُم" يعني انهن اصحابن عليهم الرضوان سان گڏ. مطلب تہ ڪڏهن ڪڏهن اصحابن سڳورن سان گڏ انهن جي جائز حالات جي بيان ۽ شرعي حدود جي اندر روايات ۽ مقالات جي تحسين ڪرڻ خاطر انهن سان گڏ مرڪندا ۽ تبسم فرمائيندا هئا. جيئن هڪ صحابي ﷺ عرض ڪيو تہ "مون هڪ لومڙيءَ کي ڏٺو تہ منهنجي بُت جي مٿان چڙهي پيشاب ڪيائين جيڪو ان جي مٿي تان

وهي ان جي مصنوعي اکين ۾ پئجي ويو ۽ اهي ان سان پرجي ويون مون اها حالت ڏسي چيو تہ اهو کھڙو رب آهي جنهن جي هيءَ حالت تي آهي. علامہ ابنِ حجر هيتمي مکي رحمه الله فرمايو تہ : جنهن شعر جو ناجائز مضمون ناهي پلي ان ۾ جاهليت جي دور واريون ڳالهيون هجن اهو پڙهڻ جائز آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 42, المواهب شرح الشمائل ص 416) **حضرت زيد بن ثابت** رضي الله عنه کان روايت آهي تہ آءُ حضرت رسول الله ﷺ جي پاڙي ۾ رهندو هوس. قرآن ڪريم نازل ٿيندو هو تہ مون کي گھرائي لکائيندا هئا ۽ اسين ساڻن جيڪڏهن دنياوي ڳالهيون ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن کلڻ جهڙي ڳالهہ تي اسين کلندا هئاسون تہ پاڻ تبسم فرمائيندا هئا ۽ جيڪڏهن اسين آخرت جي متعلق عرض ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ آخرت جو ذڪر ڪندا هئا. پنهنجي محفل ۾ موجود محبن ۽ پروانن جي دلجوئي ڪندي انهن تي شفقت ۽ محبت جو هٿ رکندا هئا. هرويروائين ڪونہ هو تہ سندن مجلس ۾ رڳو آخرت جو ذڪر ٿيندو هو. جيڪڏهن ڪي ڏاريا ماڻهو رڳو دنيا جي ڪم ڪار لاءِ ايندا هئا تہ پاڻ انهن جي دلجوئي ڪندا انهن سان ان مطابق گفتگو ڪندا هئا ۽ ان سهڻي اخلاق کي ڏسي انهن جي سندن ذاتِ عالي صفات سان محبت ۽ الفت ٿيندي هئي. (خصائل نبوي ص 192)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 5 ص 86, 88 {2} البيهقي في سننه ج 10 ص 240 {3} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5751 ج 7 ص 515 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3411. ج 12 ص 379 {5} مسلم في كتاب المساجد و مواضع الصلواة باب 52 فضل الجلوس في مصلاه بعد الصبح وفضل المساجد رقم الحديث 670 ج 1 ص 463 {6} النسائي في كتاب السهو باب 99 ج 3 ص 80.

{248} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شَرِيكٌ، عَنْ عَبْدِ الْمَلِكِ بْنِ عُمَيْرٍ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: أَشْعَرُ كَلِمَةٍ تَكَلَّمَتْ بِهَا الْعَرَبُ كَلِمَةُ لَبِيدٍ: [من أشعار لبيد بن ربيعة العامري- البحر الطويل]

أَلَا كُلُّ شَيْءٍ مَا خَلَا اللهَ بَاطِلٌ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: عرب جي شاعرن جيڪي شعر چيا آهن, انهن مان سيني کان وڌيڪ عمدو سنو "لبيد" جو هي شعر آهي:

(**ترجمو:** خبردار! الله جل جلاله کان سواءِ هر شيءِ باطل ۽ فاني آهي. (لبيد شاعر جي هن شعر جو ٻيو مصرعو هي آهي: وَكُلُّ نَعِيمٍ لَا مَحَالَةَ زَائِلُ (**ترجمو:** دنيا جي هر نعمت نابود ۽ ختم ٿيڻ واري آهي.")

مفردات جو شرح: "أَشْعَرُ كَلِمَةٍ" سڀ کان عمدو, گھڻو پسند ڪيل شعر "تَكَلَّمَتْ" جيڪو ڳالهايو, چيو. "اَلْعَرَبُ " عربن. هن مان مراد انهن جا شاعر, بليغ ۽ فصيح آهن.

سمجھاڻي: "لبيد" جو ذڪر اڳم تي چڪو آهي. عرفان, يقين ۽ قرآن ڪريم جي لذت ۽ مٺاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ شعر چوڻ ڇڏي ڏنو هيائين. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن عرب جي شعراء, فصحاء ۽ بلغاء جي سيني ٻولن کان وڌيڪ هن جي ٻول کي پلو سهڻو ۽ پيارو قرار ڏنو ۽ هن لبيد جي قول تہ "هر نعمت وڃڻ واري ۽ فنا ٿيڻ واري آهي" تي اعتراض ڪيو ويو تہ اهو صحيح ناهي. ڇوتہ جنت جون نعمتون لازوال آهن لبيد جڏهن ان جي وضاحت ڪندي فرمايو تہ "نَعِيمُكَ فِي الدُّنْيَا

غُرُوْرٌ وَحَسْرَةٌ" (تنهنجي دنيا واري نعمت ڏوڪو ۽ افسوس آهي ۽ حضرت عثمان ﷛ اهو ٻڌو تہ فرمايائين. لبيد سچ چيو آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 44) ۽ علامہ البيجوري ﷫ لکيو آهي تہ: لبيد جو مذڪور شعر تہ "وَكُلُّ نَعِيْمٍ لَا مُحَالَةَ زَائِلٌ" ٻڌي حضرت عثمان ﷛ ٿي فرمايو هو تہ ڪوڙ ٿو هڻي جنت جون نعمتون زوال پذير ناهن ۽ جڏهن مذڪور بيت ٻڌائين جنهن ۾ آهي تہ دنياوي نعمتون ڏوڪو ۽ نڳي آهن تڏهن فرمايائين تہ "لبيد سچ چيو آهي" (المواهب شرح الشمائل ص 417)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي انهن جو ذڪر هن ڪان اڳئين حديث ۾ لکي آيا آهيون.

{249} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مَرْوَانُ بْنُ مُعَاوِيَةَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الطَّائِفِيِّ، عَنْ عَمْرِو بْنِ الشَّرِيدِ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: كُنْتُ رِدْفَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَأَنْشَدْتُهُ مِائَةَ قَافِيَةٍ مِنْ قَوْلِ أُمَيَّةَ بْنِ أَبِي الصَّلْتِ الثَّقَفِيِّ، كُلَّمَا أَنْشَدْتُهُ بَيْتًا قَالَ لِيَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: هِيهِ حَتَّى أَنْشَدْتُهُ مِائَةً - يَعْنِي بَيْتًا - فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنْ كَادَ لَيُسْلِمُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عمرو بن شريد ﷛ پنهنجي پيءُ کان روايت ٿو ڪري، ان چيو تہ آءٌ رسول الله ﷺ جن سان سواريءَ تي (پنيان) ٻيلهہ چڙهيل هوس، تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ کي اميہ بن ابي خلف جي ڪلام مان هڪ سؤ بيت يا شعر ٻڌايا. جڏهن مون هڪ شعر پڙهيو ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ٿي: اڃان ٻڌاءِ. نيٺ ائين سؤ بيت يا شعر چئي ويس, پوءِ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ "اهو (اميه شاعر) مسلمان ٿيڻ تي هو."

مفردات جو شرح: "كُنْتُ رِدْفَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ" "ردف" جي مراد لکندي علامہ مناوي ﷫ لکيو آهي. جنهن کي (سواريءَ تي) پنهنجي پُٺيان ويهاري ڪٿين. هن جو جمع "ارداف" آهي. "مِائَةَ قَافِيَةٍ" سؤ بيت. "هِيهِ" زياده ڪر. اڃان وڌيڪ ٻڌاءِ.

سمجهاڻي: حضرت شريد ﷛ فرمايو تہ مون محبوب ڪريم ﷺ جن کي امية بن ابي الصلت جا هڪ سؤ بيت پڙهي ٻڌايا. امية بن الصلت مشهور ۽ معروف شاعر هو. هن جا شعر توحيد, حقائق تي مبني, نصائح ۽ اخلاق جي تعليم تي مشتمل هئا. اهو ئي سبب هو جو حضور ڪريم ﷺ جن ان جا شعر ٻڌا هئا ۽ اهو ئي سبب ان جي اسلام کي ويجهي ٿيڻ جو آهي. بعض علماء فرمايو تہ: حضور ڪريم ﷺ جو ارشاد تہ اسلام کي ويجهو هو. هن شعر ٻڌڻ تي هو.

لَكَ الْحَمْدُ وَالنَّعْمَاءُ وَالْفَضْلُ رَبَّنَا
فَلَا شَيْءَ أَعْلَىٰ مِنْكَ حَمْدًا وَلَا مَجْدًا

(اي اسان جا رب! تولاءِ ئي سڀ تعريفون آهن ۽ تنهنجون ئي سڀ نعمتون عطا ڪيل آهن ۽ توکان ئي سڀ فضيلتون ثابت آهن نہ توکان وڌيڪ ڪو تعريف جي قابل آهي ۽ نہ توکان وڌيڪ ڪو وڏائي وارو آهي)

علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ: امية بن ابي الصلت ثقفي هو. جاهليت جي وڏن شاعرن مان اسلام جي ابتدائي دور کي پهتو هو ۽ ان جي لاءِ حضور ڪريم فرمايو تہ اسلام کي ويجهو هو سو ان جي ڪري جو زبان سان ايمان آندائين ۽ دل ۾ ڪافر رهيو ۽ اهو ان جي طرفان توحيد جي اقرار ۽

قيامت جي مچڻ جي ڪري هو. جاهليت جي دور ۾ به عبادت ڪندو هو ۽ قبر مان زنده ٿي نڪرڻ تي ايمان رکندي ان جي متعلق سهڻا شعر به لکندو هو. حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنه فرمايو ته آيت مبارڪ "نَبَأَ الَّذِي آتَيْنَاهُ آيَاتِنَا فَانسَلَخَ مِنْهَا" الآية (سورة آيت) ان جي باري ۾ نازل ٿي. توراة ۽ انجيل جاهليت جي دور ۾ پڙهيو هو. حضور ڪريم ﷺ جن جي بعثت جو ڪيس علم هو پر هن اميد رکي ته ڪيس نبوت ملندي مگر جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن مبعوث ڪيا ويا ته حسد جي ڪري انڪار ڪري ڪافر ٿي ويو ۽ اهو ئي پهريون شخص هو جنهن لکڻ ۾ "بِسمِكَ اَللّٰهُمَّ" (اي الله تنهنجي نالي سان) سان شروعات ڪئي هئي ۽ ان کان ئي اهو لکڻ قريشي سکيا هئا پوءِ جاهليت جي دور ۾ به اهو لکيو ويندو هو ۽ شريد رضي الله عنه کي سندن فرمان ته "هِيِ" (وڌيڪ چئي بڌاءِ) ان جي توحيد تي مشتمل شعرن کي پسند ڪرڻ جي ڪري هو. (جمع الوسائل ج 2 ص 44) علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته : حديث جي بعض حافظن انهن جو تعداد ناهيو آهي جيڪي حضور ڪريم ﷺ جي پنيان سندن سواريءَ تي ٻيلهه سوار ٿيا هئا ته اهي پنجيتاليهه 45 هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 418)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي : {1} مسلم في كتاب الشعر في ترجمته رقم الحديث 2255 ج 4 ص 1767 {2} النسائي في عمل اليوم والليلة رقم الحديث 998, ص 550 {3} ابنِ ماجه في كتاب الادب باب 41 الشعر رقم الحديث 3758 {4} احمد في المسند ج 4 ص 388 {5} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 801 ص 269 {6} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 5752 ج 7 ص 515.

{250} حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ مُوسَى الْفَزَارِيُّ، وَعَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ، وَالْمَعْنَى وَاحِدٌ، قَالَا: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ أَبِي الزِّنَادِ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَضَعُ لِحَسَّانَ بْنِ ثَابِتٍ مِنْبَرًا فِي الْمَسْجِدِ يَقُومُ عَلَيْهِ قَائِمًا يُفَاخِرُ عَنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ - أَوْ قَالَ: يُنَافِحُ عَنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ - وَيَقُولُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ اللهَ يُؤَيِّدُ حَسَّانَ بِرُوحِ الْقُدُسِ مَا يُنَافِحُ أَوْ يُفَاخِرُ عَنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها چيو ته رسول الله ﷺ جن حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه لاءِ مسجد (نبوي) ۾ منبر رکائيندا هئا ته اهو ان تي بيهي رسول الله ﷺ جي تعريف ڪندو هو. يا بيبي سڳوريءَ رضي الله عنها چيو ته حضرت حسان رضي الله عنه نبي پاڪ ﷺ جي ساراهه ۽ ڪافرن جي ڪڌن ڪرتوتن جو جواب ڏيندو هو. رسول الله ﷺ فرمائيندا هئا ته بيشڪ الله جل جلاله روح القدس (حضرت جبرائيل عليه السلام) جي ذريعي حسان بن ثابت رضي الله عنه جي مدد ڪندو آهي، جيستائين هو الله جل جلاله جي رسول ﷺ جي طرفان ڪافرن کي جواب ڏيندو آهي.

مفردات جو شرح: "يُفَاخِرُ" فخريہ ڪلمات چوي فخر ڪري "يُنَافِحُ" دفاع ڪري جوابي ڪلمات چوي "حَسَّانُ" هي حضرت حضور ڪريم ﷺ جو درباري شاعر هو. حسان بن ثابت بن المنذر بن عمرو بن حرام الانصاري رضي الله عنه 120 سال عمر هيس ان مان پهريون اڌ ڪفر ۾ ۽ پويون اڌ اسلام ۾ گذاريو هيائين ۽ اهڙي طرح سندس پيءُ ۽ پڙ ڏاڏي ۽ ڏاڏي به ايتري عمر گذاري هئي. سن 54 هه ۾ وفات ڪئي هيائين. هن کي ابو الوليد الانصاري الخزرجي سڏيندا هئا ۽ اهو شاعرن ۾ ٽڙ شاعر هو. عرب جوان تي

اجماع هو تہ ڏرتي تي رهندڙ ان دور جي شاعرن کان وڏو شاعر هو. هن کان حضرت عمر، حضرت ابو هريره ۽ ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها حديثون روايت ڪيون آهن. حضرت علي رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ وفات ڪئي هيائين.

سمجهاڻي: جڏهن ڪافر اسلام ۽ اسلام آڻيندڙ پيغمبر ﷺ جي متعلق توهين آميز شعر ٺاهيندا ۽ پڙهندا هئا تہ مسلمانن بہ انهن جي جواب ۾ ۽ انهن جي رد ۾ شعر چيا ۽ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي قول مطابق سيدنا رسول الله ﷺ جن پنهنجي مسجد (نبوي مسجد) ۾ منبر رکرائي حضرت حسان رضي الله عنه کي ان تي ويهاريندا هئا تہ مخالفن کي جواب ڏي ۽ اهو ان تي چڙهي ويهي رسول الله ﷺ جن جو شان فخر طور بيان ڪندو هو. جيئن سندس هي شعر آهن.

حضرت حسان رضي الله عنه جو شعر:

هَجَوْتَ مُحَمَّدًا فَاَجَبْتُ عَنْهُ .. وَعِنْدَاللهِ فِي ذَالِكَ الْجَزَاءُ
هَجَوْتَ مُطَهَّرًا بَرًّا حَنِيْفًا اَمِيْنَ اللهِ شِيْمَتُهُ الْوَفَاءُ
اَتَهْجُوْهُ وَكَسْتَ لَهُ بِكُفوٍ فَشَرُّ كُمَا لَخَيْرِ كُمَا الْفِدَاءُ
فَاِنَّ اَبِيْ وَ وَالِدَتِيْ وَعِرْضِيْ لِعِرْضِ مُحَمَّدٍ مِنْكُمْ وَقَاءُ

(ديوان حسان)

{1} يعني اي مخاطب! تو (معاذ الله) حضرت محمد ﷺ جي باري ۾ توهين آميز ڪلما چيا آهن تہ مان ان جي طرفان توکي جواب ڏيان ٿو ۽ ان جواب ڏيڻ جو الله جل جلاله وٽ ثواب آهي.

{2} تو هڪ اهڙي پاڪ، نيڪوڪار حق تي هلندڙ باطل کان منهن موڙيندڙ الله جي طرفان امين جي توهين ڪئي آهي جنهن جو مزاج وفاداري آهي.

{3} ڇا تون ان جي توهين ڪرين ٿو حالانڪ تون (ان معاملي ۾ حق تي ناهين) ۽ نہ ان جو مٽ يا برابر آهين پوءِ اوهان مان برا اوهان مان ڀلن جي لاءِ فديو (يعني قرباني) آهن. ڪجھ ڪري نہ سگهندا.

{4} بلاشڪ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ ۽ منهنجي عزت. حضرت محمد ﷺ جي عزت جو اوهان کي دفع ڪرڻ جي لاءِ بچاءُ آهن.

اهو ئي وجه هو جو حضور ڪريم ﷺ جي مدح سرائي ذريعي شان ۽ عزت حاصل ڪري سندن روبرو سندن امر سان منبر تي چڙهي ويهندو هو ۽ ان جي ڪري ئي رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: جيستائين حسان الله جي رسول ﷺ جي شان ۾ فخريہ شعر يا دشمنن کي دفع ڪرڻ جي لاءِ جوابي شعر چوندو رهندو تہ الله جل جلاله ان جي جبريل عليہ السلام سان تائيد ڪندو رهندو.“ ۽ هي شعر بہ حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه جا آهن.

خُلِقْتَ مُبَرَّاءً مِنْ كُلِّ عَيْبٍ
كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَاءُ
وَاَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيْنِيْ
وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ

(يعني يا رسول الله ﷺ ! اوهان هر عيب کان پاڪ ڪري پيدا ڪيا ويا آهيو. ائين پيو لڳي جڻ تہ

اوهان جيئن گهريو ٿي تيئن پيدا ڪيا ويا آهيو ۽ اوهان کان وڌيڪ حسين ڪڏهن ٻ منهنجي اک نہ ڏٺو آهي ۽ اوهان کان وڌيڪ جميل (دنيا جي) عورتن ڄڻيو ئي ناهي.)

اهوئي شان ۽ عزت هئي جو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ثناء ۽ مدح خواني حضرت حسان کي نصيب ٿي. علامہ البيجوري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ فرمايو تہ "الله جل جلالہ حسان جي روح القدس سان تائيد ڪري ٿو." روح القدس مان مراد جبريل عليہ السلام آهي.

روح القدس سڏڻ جو سبب: جبريل کي روح ان جي ڪري سڏيو ويو جو اهو قلب جي حياتيءَ جي مبدا آهي. انبياء عليهم السلام وٽ اهو الاهي پيغام آڻيندو آهي جنهن ۾ ابدي حياتي آهي جيئن اجسام جي حياتي روح سان آهي ۽ القدس، پاڪائي جي معنيٰ ۾ آهي الطهارة ڏانهن روح جي اضافت موصوف جي صفة ڏانهن اضافت آهي. اي الروح المقدسة. ڇوتہ اهو عيبن کان پاڪ ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. ۽ روح القدس سان تائيد جي مراد آهي تہ الله جل جلالہ جبريل امين کي امر فرمايو آهي تہ حسان جي بهترين جواب ڏيڻ ۾ مدد ڪري ۽ ان کي صحيح ڳالهہ الهام ڪري يا مراد آهي تہ اهو حسان کي دشمنن کان محفوظ رکندو ۽ تڪليف کان بچائيندو ۽ جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن حضرت حسان رضي اللہ عنہ جي لاءِ اها دعا فرمائي تہ : جبريل امين ستر بيت سندس دل ۾ القاء ڪري ان جي مدد فرمائي. (المواهب ص 420)

حضرت حسان رضي اللہ عنہ جي مخالف شاعرن کي شڪست ڏيڻ: علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ بني تميم جو وفد حضور ڪريم ﷺ جي خدمتِ عاليہ ۾ حاضر ٿيو انهن سان گڏ سندن شاعر اقرع بن حابس بہ هو. پوءِ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي سڏي چيائون تہ: اي محمد! ٻاهر نڪري اچو تہ اوهان سان فخر طور شاعريءَ ۾ مقابلو ڪيون. اسان جي طرفان ڪنهن جي تعريف ڪرڻ ان جو سينگار آهي ۽ اسان جي طرفان ڪنهن جي مذمت ڪرڻ ان جي لاءِ عيب آهي." حضرت حبيب ڪريم ﷺ ڪجهہ دير کان پوءِ انهن کي ارشاد فرمايو تہ : الله جل جلالہ جي طرفان تعريف ڪرڻ سينگار آهي ۽ مذمت ڪرڻ خواري آهي. مان نہ شعر سان موڪليو ويو آهيان ۽ نہ فخر ڪرڻ جو امر ڪيل آهيان پر پلي اچو پوءِ رسول الله ﷺ جن پنهنجي طرفان ثابت بن قيس کي حڪم ڪيو جنهن انهن جي خطيب کي جواب ڏئي ان تي غلبو حاصل ڪيو ۽ انهن جي شاعر اقرع بن حابس جي شعر جو جواب حضرت حسان ڏنو. تہ انهن مان اول اسلام سندن شاعر قبول ڪيو. حضرت ثابت بن قيس جي جنتي هجڻ جي لاءِ حضور ﷺ جن شاهدي ڏني هئي. سن 12 هہ ۾ جنگ يمامہ ۾ شهيد ٿي ويو هو. علامہ موصوف اڳتي لکيو آهي تہ "حديث ۾ جو آيو آهي تہ "ڪي شعر حڪمت آهن" ان مان مراد سچو شعر ۽ حق جي مطابق شعر آهي. شعر کي مطلقًا مڪروه سمجهڻ صحيح ناهي.

اعتراض: حضرت ابن مسعود رضي اللہ عنہ کان روايت آهي تہ "شعر شيطان جون شرنايون آهن".

جواب: ان مان مراد غلط موضوع وارا شعر آهن. (اشرف الوسائل ص 352) علامہ علي قاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ : حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي فرمان "اِنَّ اللهَ يُؤَيِّدُ حَسَّانَ بِرُوحِ الْقُدُسِ مَا يُنَافِحُ اَوْ يُفَاخِرُ" ۾ "ما" لفظ دوام جي لاءِ آهي. مطلب تہ هميشہ ان جي مدد ۾ رهي ٿو جيستائين حضور ڪريم ﷺ جي پاران جواب ڏئي دفاع ڪندو رهندو

مسجد ۾ شعر پڙهڻ: علامہ مناوي رحمۃ اللہ علیہ ۽ علامہ علي القاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ هن روايت مان ثابت ٿيو

تہ جنهن شعر ۾ (الله ﷻ جو حمد، حضور ڪريم ﷺ جي ثنا) اسلام ۽ مسلمانن جي مدح، ڪافرن جي توهين ۽ تحقير ۽ انهن سان جهاد ڪرڻ تي حرص ڏيارڻ جو بيان آهي اهو مسجد ۾ پڙهڻ جائز آهي.
(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 45)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ: هر دور ۽ هر زماني ۾ مختلف نمونن سان جهاد ڪيو ويندو آهي. حضور اڪرم ﷺ جي زماني ۾ هڪ جهاد تلوار سان هو تہ ٻيو جهاد زبان سان هو. جو شعر ناهي انهن سان ڪافرن کي جواب ڏنو ويندو هو جيئن حضور ڪريم ﷺ جو فرمان آهي تہ ڪافرن جي مذمت وارا شعر انهن جي مٿان تيرن وسائڻ کان بہ سخت هئا.“ مشڪواة شريف ۾ استيعاب کان نقل ڪيل آهي تہ حضرت ڪعب رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جن کان شعرن جي باري ۾ پڇيو تہ پاڻ فرمايائون ”مؤمن پنهنجي تلوار سان بہ جهاد ڪندو آهي تہ زبان سان بہ“ هڪ روايت ۾ آهي تہ ”الله ﷻ جو قسم هي شعر انهن کي ائين لڳن ٿا جيئن تير.“ (خصائل نبوي ص 194, 195)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الادب باب 95 ماجاء في الشعر رقم الحديث 5015 ج 4 ص 304. {2} احمد في المسند ج 6 ص 72 {3} ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 4591 ج 8 ص 67 {4} الحاڪم في المستدرڪ ج 3 ص 487 {5} الطبراني في المعجم الڪبير رقم الحديث 3580 ج 4 ص 37 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3408 ج 12 ص 377.

{251} حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ مُوسٰى، وَعَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ، قَالَا: حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي الزِّنَادِ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِثْلَهُ.

هن حديث ۾ ڀهرين حديث کان وڌيڪ ڪا بہ ڳالهہ ناهي ان جي ڪري محدث ترمذي رحمه الله **پاڻ فرمايو ”مِثله“**

الحمدلله جو اڄ بمورخہ 29 جمادي الاولىٰ جمعي جي ڏينهن صبح جو اٺ لڳي چاليهن منٽن تي پنهنجي غريباڻي گهر ۾ شمائل ترمذي جي شرح بنام ”الفيوضات المصطوية شرح الشمائل المحمدية“ جو ڀهريون جلد لکي پورو ڪيم. رب العزت جل مجده جي بارگاهِ عاليجاه ۾ انتهائي عجز سان التجا آهي تہ ٻيو جُلد بہ جَلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

(امين يا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ بِوَسِيْلَةِ حَبِيْبِكَ وَ نَبِيك رحمة للعٰلمين و سيد المرسلين عليه وعلىٰ اٰله و صحبه الصّلوٰة والسّلام الىٰ يوم الدين وانا الملتجى والمستغيث الى الله المغيث محمد ادريس الداهرى نسبا الحنفى مذهبا السنّى مسلكا، النقشبندى، الغفارى البخشى الطاهرى والقادرى مشربا غفر الله له ولوالديه اٰمين) 29-05-1431ھ

جامع محمديه

(رجسٽرڊ نمبر 1675)

شاهپور جهانيان ضلع شهيد بينظير آباد

هي عظيم الشان مدرسه تقريباً 40 سالن کان سنڌ جي مشهور محقق، مفتي، مصنف، مبلغ ۽ مفسرِ قرآن حضرت علامه مولانا الحاج محمد ادريس ڈاهري نقشبندي صاحب جي نگراني ۾ عظيم ديني علمي خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي.

هن وقت تائين هزارن جي تعداد ۾ علماء ۽ حافظ درسگاه مان فارغ التحصيل ٿي دين اسلام جي آبياري ڪري رهيا آهن اهل ثروت حضرات کي هن سان تعاون ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

هن سان گڏوگڏ جديد دنياوي تعليم ڏيڻ جي لاءِ

اسلامڪ ڪاليج

(انگلش ميڊيم)

جو قيام به عمل ۾ آندو ويو آهي. جيئن ته قوم جا نونهال ديني تعليم سان گڏوگڏ جديد دنياوي تعليم به حاصل ڪري سگهن.

www.babulmadina.com

